# ورق ورق گلاب

سنڌ جا ڪجهه ولي الله، ڪجهه تاريخي ماڳ مڪان، ڪجهه قديم شهر، ڳوٺ، ڪجهه مشهور خاندان، انتقال ڪري ويل ۽ حال حيات شخصيتون، ڪجهه مشهور اديب، شاعر سياسيتدان، سماج سڌراڪ، روحاني شخصيتون ۽ راڳي.

ليکڪ

**نور سنڌي**

**بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ، نوابشاهه**
**شهيد بينظيرآباد**

**ڊجيٽل ايڊيشن :**

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**







# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ورق ورق گلاب“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. سنڌ جي ماڳ مڪانن ۽ شخصيتن تي لکيل مضمونن ۽ لکڻين جي هن مجموعي جو ليکڪ **نور سنڌي** آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي ماڳ مڪانن، قديم شهرن، ڳوٺن جو تاريخي پس منظر، ماضي حال، صوفي سنتن، سنڌ جي ڪيترن ئي حال حيات، وصال ڪري ويل شخصيتن ، انوکن ڪردارن ۽ سول سوسائٽي ۾ ڪردار ادا ڪندڙن جي نجي زندگي ۽ سماجي خدمتن جو احوال شامل ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ هر رنگ شامل آهي.

هي ڪتاب **بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ، نوابشاهه** پاران 2016ع ۾ سمبارا پبليڪيشن وٽان ڇاپيو ويو. ٿورائتا آهيون مانواري نور سنڌي ۽ ساجد سنڌيءَ جا جن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين ۽ ساٿياڻين جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**





## ليکڪ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ورق ورق گلاب |
| ليکڪ: | نور سنڌي |
| ڇاپو: | پهريون 2016ع |
| ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: | شاهزيب ميمڻ ۽ جميل احمد پيٽي |
| ٽائيٽل: | رضوان گل |
| فوٽو گرافي: | سرواڻ سنڌي، اظهر سنڌي |
| پروف ريڊنگ: | فياض چنڊ ۽ عطاءُ الرحمان سهتو |
| ڇپائيندڙ: | بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ، نوابشاهه |
| ڇپيندڙ: | ساجد سنڌي، سمبارا پبليڪيشن سيد آرڪيڊ گاڏي کاتو، حيدرآباد |

قيمت: 600

### ڪتاب ملڻ جا هنڌ

**حيدرآباد :**پيٽائي ڪتاب گهر فڪشن هائوس، ڪنگ بوڪ هائوس لڳ پريس ڪلب، سنڌي ادبي بورڊ بڪ اسٽال، سنڌي لينگوئج اٿارٽي، بڪ اسٽال شاهه لطيف ڪتاب گهر. **ڪراچي :** ثقافت کاتي جو ڪتاب گهر سامهون ايم پي اي هاسٽل. **ڀٽ شاهه:-** شاهه لطيف بڪ اسٽال، درگاهه لطيف، مير بڪ اسٽال ، ميوزم ڀٽ شاهه. **سانگهڙ :** المهراڻ ڪتاب گهر ، زاهد بڪ ڊيپو سانگهڙ. **شهدادپور:** روشن بڪ ڊيپو نزد مئين پرائمري اسڪول شهدادپور. **اسلام آباد:** صمد بڪ بئنڪ. **خيرپور ميرس:** - تهذيب نيوز ايجنسي، نيشنل بوڪ اسٽال، حافظ بوڪ اسٽور. **سکر:** عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ. **جهول:** مسڪين محمد وارث خاصخيلي. **عمر ڪوٽ:** مهراڻ ڪتاب گهر، ماروئي بوڪ اسٽال. **ڪپرو:** حافظ ڪتاب گهر، دلاور ارباب بڪ اسٽور، عادل بڪ اسٽال. **قاضي احمد:** معشوق ڏاريجو. **ڪنڊيارو:** عثمانيه رلائبريري، قاسميه لائبريري . **شڪارپور:**گل ڪتاب گهر. **نوشهروفيروز:** ميمڻ بڪ اسٽور شاهي بازار نوشهروفيروز. **لاڙڪاڻو:** نيشنل بڪ اسٽور، نوراني بوڪ اسٽور بند روڊ، رابيل ڪتاب گهر اسيٽيشن روڊ. **مٺي:** ٿر بوڪ اسٽور. **مير پور خاص :** حرڪتاب گهر، نيوسنڌ ڪتاب گهر، شهباز ڪتاب گهر. **هالا:** الحسيني

# ارپنا

آئون هي پنهنجي ننڍڙي ڪاوش
ارپيان ٿو پنهنجي والد
الهہ بخش،
امڙ ڪريمت ”ڪريمان“
جن ساڃاهہ وند ڏرين سان
گڏ ويهڻ جي لائق بڻايو،
ارپيان ٿو پنهنجي جيون ساٿي
زاهده پروين،
سڀ گهر ڀاتين
۽
انهن دوستن کي
جيڪي مونکي سدائين
لکڻ لاءِ همٿائيندا رهيا آهن.

**نور سنڌي**
Email:
noor.sindhi17@gmial.com
موبائيل :
03342021806
03012672216





# فهرست

1. اداري پاران — شير محمد مهر — 10
2. پيش لفظ — نور سنڌي — 11
3. ٻہ اکر — پير سيد صبغت الله شاهہ — 14
4. مهاڳ — مخدوم جميل الزمان”جميل“ — 15
5. حق ۽ سچ جو ساٿاري — معشوق ڏاريجو — 17

**باب پهريون**

**سنڌ جا ڪجهہ مشهور وليٰ الله ۽ صوفي سنت**

1. حضرت غوث الحق مخدوم سرور نوح رح — 24
2. حضرت شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو — 29
3. دنيا جو عالمي شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح — 33
4. حضرت فقير نوح هوٿياڻي رح — 38
5. حضرت هوٿياڻي جون بزرگ هستيون — 44
6. نوح هوٿياڻي خاندان جا ولي الله ۽ انتقال ڪري ويل مشهور شخصيتون
7. حضرت سيد مدد علي شاهہ عرف جهنڊولو بادشاهہ رح — 49
8. حضرت سيد ثابت علي شاهہ لڪياري رح — 53
9. مشهور ولي الله ۽ ٻولين جو صوفي شاعرحضرت حسن بخش شاهہ هادي — 56
10. حضرت عالي شاهہ جراڙ پوٽو رح — 59
11. حضرت منٺار فقير راڄڙ رح — 65
12. صوفي شاعر ۽ ولي الله حضرت محمد فقير کٽياڻ رح — 70
13. حضرت سيد غازي علي گوهر شاهہ رح — 74
14. حضرت سيد ڪرم علي شاهہ ۽ سيد لطف علي شاهہ رح — 79
15. سيد لطف علي شاهہ لڪياري رح — 80
16. ڪامل ولي الله حضرت مسو پير رح — 81
17. مشهور ولي الله حضرت فقير دريا خان ڪپري رح — 83
18. حضرت جهنڊل فقير چانڊيو رح — 85
19. شهدادپور جا ڪجهہ مشهور ولي الله — 87
20. حال حيات روحاني شخصيت سائين علي نواز خاصخيلي — 93

21.هالا کان ابڙان تائين روحاني سفر 95
22.صوفي بزرگ ۽ شاعر محب فقير ٽالپر 101
23.حضرت بهادر فقير لغاري جي بزرگي ، شخصيت ۽ شاعري 104
24.سنت سوامي ڏيرج گر گرسوامي 108

**باب ٻيون**

**سنڌ جا ڪجهه تاريخي ماڳ مڪان**

1. خداآباد ۽ مائي گلان جو ڪوٽ 111
2. مير چاڪر خان جو ڪوٽ ۽ مير شهداد خان جا قبا 120
3. حيدرآباد جو پڪو قلعو 124
4. عشق جو لازوال داستان: سهڻي ميهار جا ماڳ مڪان 128
5. انگريزن خلاف وطن يا ڪفن تحريڪ جو مرڪز رهندڙ گڙنگ بنگلو 132
6. سوامي ٽيئو رام جو امراپور آستان 136
7. ڏامر ڪي شهر جو عروج، زوال ۽ کنڊرات 141
8. جهول ويجهو ڳوٺ ساڏوٽي ۾ ميرن جي صاحبي ۾ پيش ايندڙ تاريخي واقعو 143

**باب ٽيون**

**سنڌڙي تنهنجا شهر وسن**

**سنڌ جي ڪجهه قديمي شهرن ڳوٺن جو تاريخي پس منظر ۽ ماضي حال**

1. مير شهداد خان جو اڏايل شهر شهدادپور ۽ مشهور ماڻهو 149
2. ملدسي جو تاريخي پس منظر ماضي حال ۽ مشهور ماڻهو 160
3. ماضي ۾ شعوري ساڃاهه جو ڳڙهه تاريخي ڳوٺ باقر خان نظاماڻي 183
4. واديءِ ڪشمير جهڙو خوبصورت ننگرپارڪر 189
5. پاڪ- ڀارت سرحد تي آباد تاريخي شهر ڪوڪڙو پار 199
6. سنڌ جو قديمي ڳوٺ ابڙان ۽ ان جون مشهور شخصيتون 204
7. شاعرن ۽ سگهڙن جو ڳوٺ خدابخش دلواڻي 208
8. قديم ڳوٺ راوتياڻي 214
9. ضلعي سانگهڙ جو قديم ڳوٺ جلال نوناري 216
10.جهول جڳن کان تاريخي شهر سانگهڙ 220

**باب چوٿون**

**سنڌ جا ڪجهه مشهور خاندان ۽ انهن جون سياسي سماجي خدمتون**

1. ڄام ڪانڀو خان کان ڄام معشوق علي خان تائين 227









2. لطيف سائين تي سوني نيل چاڙهيندڙ شهدادپور جو وساڻ خاندان 234
3. جهول جو ڪيريا خاندان 243
4. جمال فقير کان فقير حسين بخش خاصخيلي تائين 263
5. حاجي امام بخش جوڻيجو کان عبدالعزيز جوڻيجو تائين 267
6. ملدسي جي سخي مرد وارث ڏنو ڏيرو"اول" کان بابل ڏيرو تائين 272
7. مياڻي ۽ دو آبي ۾ انگريز خلاف وڙهيل جنگ جو سالار 282
8. شهدادپور جي وڏيري سلطان ڀاٽوجو کان خدا بخش ڀاٽوجو تائين 289
9. جهول جو سخي خان محمد جلالاڻي ۽ جعفرجيم جلالاڻي 292

**باب پنجون**

1. شهيد ڀٽو ۽ شهيد راڻي جي لطيف سائين سان عقيدت 297

**باب ڇهون**

**سنڌ جون ڪجهه مشهور سياسي شخصيتون**

1. حُرن جو روحاني پيشوا مشهور سياستدان پير صبغت الله شاهه 300
2. محترم آصف علي زرداري 302
3. بلاول ڀٽو زرداري 306
4. سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان "جميل" 307
5. مشهور سماج سڌارڪ ۽ سياستدان عبدالله حسين هارون 110
6. مخدوم خاندان جو چشم و چراغ مخدوم سعيد الزمان "عاطف" 312
7. عوام دوست سياستدان فقير فدا حسين ڏيرو 316

**باب ستون**

**وياسي وينجهار**

**انتقال ڪري ويل ڪجهه مشهور سياسي سماجي روحاني ۽ ادبي صحافتي شخصيتون**

1. حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جون ساروڻيون 320
2. تحريڪ آزادي جو اڳواڻ حاجي سر عبدالله هارون 328
3. حضرت پير سائين پاڳارا (ستون) شاهه مردان شاهه جي شخصيت 312
4. مشهور سياستدان رئيس غلام محمد ڀرڳڙي 339
5. سيد غلام شبير شاهه لطيفي 343
6. حضرت مخدوم امين فهيم جون ياديون 345
7. مولانا غلام محمد گرامي 349
8. خاتون اول بيگم نصرت ڀٽو 351

9. معتبر سياستدان محمد خان جوڻيجو 354
10.سيد نثار حسين شاهه لطيفي 357
11.سيد عبدالله شاهه جون سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ خدمتون 362
12.سنڌ جو ڪلاسيڪل وڏيرو شاهنواز جوڻيجو 367
13.کرو ۽ سچو سياستدان مرحوم مير محمد وساڻ 374
14.خادم عوام عبدالسلام ٿهيم 376
15.مشهور شاعر، اديب سماج سڌارڪ سيد شاهنواز شاهه "عارف المولیٰ" 381
16.روحاني شخصيت فقير عبدالحڪيم هنگورو 383
17.بهترين قانوندان پير علي نواز قريشي 386
18.علمي، ادبي شخصيت پروفيسر اعجاز علي ميمڻ 389
19.سنڌي ادب جو روشن ستارو "ڪيرت ٻاٻاڻي" 392
20.سنڌيت جي جوت جلائڻ وارو شري موتي پرڪاش 396
21.بي باڪ صحافي شيخ علي محمد 399
22.آدرشي شاعر اياز جاني 402
23.صحافت جو مڻيادار ماڻهو شهيد فقير محمد رحيم مهر 404
24.سنڌ جو يگانو صحافي سائين لائق سنڌي 406
25.پنهنجي دور جو ارڏو ڪردار ميهار ملاح 409
26.صوفي منش سيد جمن شاهه جيلاني 412
27.رستمِ سنڌ شير ميربحر 414
28.لطيف سائين جو مشهور راڳي سيد غلام حيدر شاهه 417
29.صوفي محمد صفر ابڙو 420
30.ثقافتي روايتن جو امين زنوار غلام حيدر زرداري 424
31.برڪت بلوچ مشهور قانون دان ۽ منصف 430
32.شهدادپور جو مور ماڻهو شاهه محمد ميمڻ 433

## باب اٺون

## سنڌ جون ڪجهه مشهور علمي ادبي شخصيتون

1. سنڌ جو عظيم ڏاهو سائين محمد ابراهيم جويو 436
2. سدا بهار شخصيت ميڊم مهتاب اڪبر راشدي 440
3. مشهور ليکڪ، ڊراما نويس نور الهديٰ شاهه 443





ورق ورق گلاب

4. جهونو شاعر، صحافي ۽ ليکڪ پروانو ڀٽي 445
5. سنڌ جو جاکوڙي ڪردار تاج جويو 451
6. علم ادب جو گهڻگهرو غلام اڪبر لغاري 454
7. انمول شخصيت وينا شرنگي 456
8. تحقيقي ۽ تخليقي شخصيت پروفيسر محمد خان ٻرڙو 459
9. سنڌي ثقافت جو امين منظور احمد قناسرو 462
10.گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ قائم سولنگي 465
11.منفرد ڪالم نويس مير نادر علي ابڙو 469
12.خوبصورت جذبن واري شاعره نسرين الطاف قريشي 472
13.مشهور صحافي ۽ ڊراما نويس حيات علي شاهه بخاري 476
14.نرالي اسلوب وارو ليکڪ نواز ڪنير 478
15.گهڻ پاسائين شخصيت سيد ذوالقرنين شاهه 482
16.بهترين سماج سڌارڪ شاعر ۽ تعليمدان ولي محمد دانش جتوئي 485
17.بهترين استاد ، شاعر، ليکڪ ۽ ڪمپيئر معشوق ڏاريجو 489
18.هڪ معتبر ۽ محبوب انسان محمد عظيم ڪنڀار 491
19. شاعر،سماجي ڪارڪن ، صحافي ۽ هڪ کرو انسان محمد ظفر بخاري 493
20.سماج سڌارڪ ، صحافي ۽ ليکڪ عبدالوهاب منشي 496
21.شاعر ۽ سماج سڌارڪ عنايت بروهي 499
22.جاکوڙي انسان گل حسن گل لاکو 502
23.سچ گو صحافي ۽ ثقافت سان پيار ڪندڙ آچر خاصخيلي 504
24.جداگانه شخصيت ۽ ڪردار جو مالڪ فتح شاهه فراق 505
25.سنڌ جو عوامي شاعر مولا بخش ڪيريو 511
26.اعجاز ممنائي هڪ مخلص ڪردار 512
27.خوبصورت جذبن وارو شاعر رمضان رمزي 515
28.پلوڙ شاعر، ماڊل ۽ سماجي ورڪر رشيد مگسي 516

## باب نائون

## انتقال ڪري ويل ڪجهه مشهور ڪلاڪار ۽ موسيقي جي ڄاڻ رکندڙ

1. سنڌي موسيقي جو شهنشاهه خان صاحب استاد منظور علي خان 519
2. سنڌي موسيقي جو بهادر ۽ بيباڪ ڪردار فقير عبدالغفور 523
3. سنڌ جو امر آواز مائي ڀاڳي ۽ سندس خاندان ۾ راڳ جو تسلسل 526

4. سنڌي موسيقي جو موهيندڙ آواز صادق فقير 533
5. ڪلاسيڪل موسيقي جو ماهر سيد جُڙيل شاهه جيلاني 538

**باب ڏهون**

**سول سوسائٽي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ ڪجهه مشهور شخصيتون**

1. پٽ شاهه جو پورو پير ”نازڪ سائين“ 542
2. خدمتِ خلق جي جذبي سان شرشار سليمان جي ابڙو 547
3. ميگهواڙ ڪميونٽي جو پهريون ڊاڪٽر ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ 556
4. مسيحا جهڙو ڪردار ادا ڪندڙ سيد ميران شهاب 559
5. غريبن جو همدرد ۽ هڏ ڏوکي طارق محمود آرائين ايڊووڪيٽ 562
6. انساني حقن جو علمبردار فضل قادر ميمڻ ايڊووڪيٽ 564
7. عوام دوست آفيسر غلام مصطفيٰ ڏاهري 566
8. مدن فقير جو تسلسل ديوان گاگن داس مدناڻي 568
9. يارن جو يار ۽ با وقار آفيسر شير محمد مهر 572
10. ٻهار جي ٿڌڙي هير جهڙو شمن علي شاهه لطيفي 574
11. صوفي منش ۽ ادب دوست احمد خان ٽگڙ 577
12. انساني حقن ۽ انصاف لاءِ جاکوڙيندڙ غلام مصطفيٰ سومرو ايڊوڪيٽ 580
13. سماجي ورڪر محمد رفيق ٽالپر 581
14. مسيحا جهڙو ڪردار ادا ڪندڙ ڊاڪٽر مريم مجيد چٽو 582
15. سماج سڌارڪ خاتون راڌا ٻيل 584
16. عورتن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ ميڊم شهناز رانجهاڻي 588
17. سماج سڌارڪ ، علمي ادبي خاتون غلام سڪينہ چنا 590
18. سماج سڌارڪ شاهده سمون 593
19. جاکوڙي سماجي ورڪر خاتون مهر انساءَ ملاح 595
20. خدائي خدمتگار- نازيہ آرائين 598
21. سماج سڌارڪ سلميٰ قريشي 601
22. علم جي روشني پکيڙيندڙ غلام مصطفيٰ ۽ ميڊم نورالنساءَ نظاماڻي 603
23. ٿهڪن جو بادشاهه ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي 606
24. عوام جي خدمت کي عبادت سمجهندڙ ڊاڪٽر خالد حسين فراش 608
25. جهول جو جاکوڙي ڪردار مسڪين محمد وارث خاصخيلي 611
26. تعليمي شخصيت عبدالغفار راجپوت 614
27. ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ حبيب الله خاصخيلي 616
28. سماج سڌارڪ ۽ مثالي شخصيت عزيز احمد ڪاڪا 619
29. نوجوان سماجي ورڪر شهزاد خاصخيلي 622





# اداري پاران

بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نوابشاهه . ضلع شهيد بينظير آباد سنڌ پاڪستان، پنهنجي وَس ۽ وت آهر ٻوليءَ، ادب تاريخ ۽ ثقافت جي بقاء ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪم ڪيو آهي. خاص طور تي تاريخ جي حوالي سان ٽڙيل پکڙيل مواد کي گڏ ڪري شايع ڪرائڻ هن اداري جو اولين ۽ ترجيحي ڪم رهيو آهي ان حوالي سان ڇهه ماهي تحقيقي جرنل بلاول ۽ ڇپايل ڪتابن وارو ڪم عالم آشِڪار آهي.

نور سنڌي سنڌ جو بهترين صحافي، ڪالم نگار، محقق ۽ ڏاهو ڏات ڏڻي آهي جنهن سنڌ جي بزرگن، درويشن، اوليائن، درگاهن، قديم ۽ تاريخي ماڳن شهرن، ڳوٺن اهم ۽ مشهور شخصيتن جي حوالي سان جيڪو ڪم ڪيو آهي سو تاريخ جو اهم حصو آهي ۽ اهڙي شاندار تاريخي، تحقيقي ۽ تخليقي ڪم کي شايع ڪرائيندي اداري کي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي.

نور سنڌي پنهنجي قلم وسيلي سنڌ جي جنهن ٽڙيل پکڙيل تاريخ ۽ ڪم کي محفوظ ڪيو آهي ان لاءِ هو تمام گهڻي داد ۽ شاباس جو حقدار آهي اُميد تہ اهو اڳتي بہ پنهنجي تحقيقي، علمي ۽ ادبي ڪم کي ان ئي لگن ۽ لڳاءُ سان جاري رکندو.

بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نوابشاهه ملڪ جي ٻين تاريخدانن، محققن، ليکڪن کي دعوت ٿو ڏئي تہ اُهي پنهنجي اڻ ڇپيل تاريخي ۽ تحقيقي ڪتابن جو مواد اسان تائين ڪٽي اچن. اگر سندن ڪتاب معياري هوندا تہ ادارو ضرور انهن کي شايع ڪرائيندو.

مونکي پوري اُميد آهي تہ نور سنڌيءَ جو ڪتاب ”ورق ورق گلاب“ يقيناً تاريخ ، علم ۽ ادب سان دلچسپي رکڻ وارن دوستن کي ضرور پسند ايندو. اوهان جي اصلاحي راين، صلاحن ۽ مانائتيءَ موٽ جو شدت سان انتظار رهندو.

**دُعاگو**

**شير محمد مهر**

**ڊي.ڊي. او**

**بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نوابشاهه**

**ضلع شهيد بينظيرآباد، سنڌ، پاڪستان**

# پيش لفظ

مونکي ادب سان لڳاءُ ان وقت کان آهي جڏهن پنجين ڪلاس جو شاگرد هئس اسان جي گهر پرسان وارث ڏنو ڏيرو ۽ پير بخش ڏيرو جي اوطاق آهي جتي پير بخش ڏيرو جي ذاتي ننڍڙي لائبريري هئي، هاڻ هن اها گهر ۾ شفٽ ڪري ڇڏي آهي ”۽ اها اوطاق هاڻ ڪرڻ تي آهي“ اتي ڪتاب پڙهڻ جو موقعو ملندو هو ان زماني ۾ ڏيرا هائوس تي اخبارون به ايندیون هيون جن ۾ ٻارڙن جا صفحا پڙهڻ جو موقعو ملندو هو .مڊل اسڪول ملدسي ۾ اسان جي ڪلاس فيلو گل حسن گل لاکو جنهن کي پڻ ننڍي هوندي کان ادب سان لڳاءُ هو، ان سان دوستي جي ڪري مونکي به لکڻ جو شوق ٿيو ۽ مون ٻاراٽيون ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. جيڪي گل ڦل، هلال پاڪستان ۾ گلڙن جهڙا ٻارڙا، آفتاب، عبرت، جي ٻارڙن جي صفحن ۾ شايع ٿيون جنهن سان منهنجي همٿ افزائي ٿي.جڏهن 7 درجي ۾ آيس ته مختلف اخبارن ۾ علائقي جي اولياءُ اڪرام ۽ ٻين علائقي جي شخصيتن تي آرٽيڪل لکي شايع ڪرايا شهدادپور ۾ پڙهائي دوران سنيئر صحافي نثار بالادي سان واقفيت ٿي ۽ ان کان متاثر ٿي صحافت ڪرڻ جو شوق ٿيو ۽ الفقراء ۾ ان وقت سب ايڊيٽر طور ڪم ڪندڙ عاجز منگي سان الياس ابڙو شهدادپور جيڪو اڳوڻو صحافي ، ليکڪ، شاعر آهي جي معرفت ملاقات ٿي اهو زمانو 78ع جو هو ۽ مون ملدسي مان الفقراء جي نمائندگي حاصل ڪئي، بعد ۾ ناز سنائي معرفت روزانه آفتاب جي ايڊيٽر شيخ علي محمد سان ملاقات ڪري آفتاب ۾ ملدسي ۾ رپورٽر مقرر ٿيس، ان زماني ۾ روزانه سنڌ نيوز جي ايڊيٽر شيخ عزيز جي مهربانين سان ان اخبار ۾ ۽ عبدالغني درس جي مهربانين سان آڪاش ميگزين جيڪا بعد ۾ عبرت مئگزين جي نالي سان شايع ٿي. خير محمد کوکر محمود يوسفاڻي محمد حيات بلوچ غفور ڪريمي يعقوب جويو جي مهربانين سان روزانه عبرت ۾ حسام سومرو جي مهربانين سان روزانه هلال پاڪستان اخبارن ۾ آرٽيڪل لکڻ شروع ڪيا. هنن اخبارن ۾ علائقي ۾ ٿيندڙ علمي، ادبي، سياسي، سماجي، ثقافتي پروگرامن جا اکين ڏٺا احوال به لکڻ شروع ڪيا آفتاب اخبار سان گڏ مختلف اخبارن ۾ رپورٽر رهيو آهيان. روزانه سنڌو اخبار جو اسٽاف رپورٽر، عبرت گروپ ۾ سڄي سنڌ لاءِ نمائندو خصوصي





۽ اسٽوري رپورٽر به رهيس، اڃان تائين عبرت ۾ ڪالم نگار فري لانسر رپورٽر طور ڪم ڪريان پيو، جڏهن ته ڪيترن ئي هفتيوار اخبارن جن ۾ ميراپور، جيئي لطيف، شاهين سنڌ جو چيف ايڊيٽر به رهيو آهيان، پيچ پٽائي ميگزين، سروري ميگزين، سروري سرهاڻ ميگزين، سانگهڙ لائين ميگزين، مٽياري آن لائن ميگزين جو چيف ايڊيٽر پڻ آهيان. هن وقت تائين ٻين اخبارن ڪانسواءِ روزانه ڪوشش، روزانه شام، روزانه سوڀ، روزانه هلال پاڪستان، روزانه مهراڻ، روزانه مقدمو، روزانه الوحيد، روزانه سنڌ نيوز، روزانه آس، روزانه پاڪ، روزانه سنڌ سجاڳ، روزانه سنڌ مهراڻ، روزانه نجات، روزانه وفاء سنڌ، روزانه سرواڻ، روزانه بختاور، روزانه سوال، روزانه خلق، روزانه فاسٽ نيوز، روزانه هگوراٽا سنڌ، روزانه انڊس ٽربيون، روزانه ڪلياڻ، روزانه پاڪ سنڌ، روزانه سڪار، روزانه نروار، روزانه طلوع کان علاوه لاتعداد هفتيوار اخبارن ۽ عبرت مئگزين هفتيوار سنڌو ڊائجيسٽ، هلال ميگزين، سنڌ سجاڳ ميگزين عوامي آواز ميگزين ۽ ٻين رسالن ۾ هر موضوع تي وڏي تعداد ۾ آرٽيڪل ڇپيا آهن. ۽ ڇپجندا رهن ٿا. 1993ع کان لطيف سائين جي ڪلام پيغام عام ڪرڻ لاءِ پيچ پٽائي ميگزين شايع ڪريان پيو، جيڪو عرس مبارڪ ۾ هزارين ڪاپيون مفت ۾ ورهايون وڃن ٿيون. سنڌ جي تاريخي ماڳ مڪانن قديم شهرن ٻين تاريخي واقعن زنده ۽ انتقال ڪري ويل روحاني علمي، ادبي، سياسي، سماجي، ثقافتي، شخصيتن ، هنر مندن تي لکندو رهيو آهيان. پر گذريل 15 سالن کان وڏيڪ لکيو آهي. اخبارن جي زندگي هڪ ڏينهن جي هوندي آهي ان ڪري خواهش رهي ته منهنجي اڻ ڇپيل ۽ اخبارن ۾ ڇپيل مواد کي ڪٺي ڪري ڪتاب ڇپائي ان تاريخي مواد کي تاريخ جو حصو بنايان. پر اسان سست لڏو 5 سالن کان رڳو سوچيندو رهيس پر منهنجي دوستن خاص طور معشوق ڏاريجو، ۽ شير محمد مهر مونکي جاڳائيندا رهيا. جڏهن به ملاقات ٿئي ته اهي معلوم ڪن ته ڪتاب جو ڇا ٿيو ۽ نيٺ ڪتاب جو مواد سهيڙڻ شروع ڪيو ته ڪتاب جي نالي جو سوال اٿيو ڪيترائي نالا ذهن ۾ آيا پر نوجوان شاعر ليکڪ ۽ ڪمپئرنگ جي دنيا جي بادشاهه بخشڻ مهراڻوي جو تجويز ڪيل نالو ”ورق ورق گلاب“ بهتر لڳو ۽ اڄ ورق ورق گلاب اوهان جي هٿن ۾ آهي هن ڪم ۾ آئون پنهنجي دوستن مسڪين محمد وارث خاصخيلي، جيڪو پنهنجي

غريباڻي ڪار ۾ تيل سميت هر وقت پيش پيش هو ۽ هر موقعي تي زبردست چئي مونکي همٿائيندو رهيو جڏهن ته مهدي حسن پهنور، محمد صديق شيخ، لياقت ملاح به همٿائيندا رهيا آئون ٿورائتو آهيان بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نواب شاهه جي سرواڻ شير محمد مهر صاحب، آڪائونٽ آفيسر حاڪم علي لنڊ، لائبريرين عطاءُ الرحمان سهتو ۽ ڪمپيوٽر آپريٽر جميل پٽي جو، جن خاص دلچسپي وٺي هي ڪتاب سهڻي سٽاء سان مٿئين اداري پاران ڇپائي پڌرو ڪيو آهي ورنه اسين مولائي ماڻهو! ايترا مالي وسيلا نه هئا جو هيءُ ڪتاب اهڙي سهڻي انداز ۾ ڇپائي سگهان ها! هن ڪتاب ۾ وڌيڪ مواد ضلعي سانگهڙ جو آهي ان جو سبب اهو آهي جو سانگهڙ ضلعو منهنجو اباڻو ضلعو آهي انڪري هن ضلعي جو ڪافي مواد مون وٽ پهرين موجود هو، هن ڪتاب ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي ولين، سنت صوفين، سنڌ جي ڪجهه تاريخي ماڳ مڪانن، سنڌ جي ڪجهه مشهور شهرن ڳوٺن جو تاريخي پس منظر، سنڌ جي ڪجهه مشهور خاندانن، سنڌ جي ڪجهه مشهور زنده ۽ انتقال ڪري ويل، سياسي ،سماجي ،علمي ،ادبي، شخصيتن، فنڪارن موسيقي جي ڄاڻ رکندڙن ۽ سول سوسائٽي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ ڪجهه مشهور شخصيتن جو احوال شامل ڪيو ويو آهي. انشاء الله تحقيقي ڪم جاري رهندو آءُ هن موقعي تي پنهنجي ساٿين نثار بالادي، قمر الدين ملڪ، مجيب ناريجو، وفا رضا بلوچ، حميد ابڙو، ارشد شاهه، رمضان پنهور، ارشاد بخاري، اسلم خاصخيلي، قاسم ڪلوئي، رشيد مگسي، عبدالڪريم ميمڻ، عطا حسين خاصخيلي، رستم سمون ۽ محترم استاد سيد حسين شاهه، محمد طيب خاصخيلي، جو پڻ ٿورائتو آهيان جن جو سدائين ساٿ رهيو آهي. ” ورق ورق گلاب“ اوهان جي هٿن ۾ آهي پڙهندڙن جي راءِ جو انتظار رهندو . دعائن ۾ ياد رکندا.

**اوهان جو پنهنجو**
**نور سنڌي**
**سرواڻ هائوس پلاٽ نمبر 114 چاڪي پاڙو نزد گورنمينٽ**
**گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول شهدادپور ضلعو سانگهڙ**
**آگسٽ، 2016ع**
**موبائيل: 03012672216,03342021806**







# ٻه اکر

مون ڪتاب ورق ورق گلاب جو مسودو ڪونه پڙهيو آهي، پر ڪتاب جي نالي کان متاثر ٿي آئون سمجهان پيو ته يقينن هن ۾ دلچسپ، تاريخي، معلوماتي مواد هوندو، هي ڪتاب پڙهندڙن ۾ ڪيترو مقام حاصل ڪري ٿو اهو وقت پاڻ ثابت ڪندو.

مون کي جڏهن منهنجي چاهيندڙ عبدالوهاب منشي ٻڌايو ته ڪتاب جي ليکڪ نور سنڌي جي خواهش آهي ته آئون ان ڪتاب لاءِ ٻه اکر لکان ۽ عبدالوهاب منشي ڪتاب ۾ شامل جيڪو مواد ٻڌايو آهي يقين اهڙي مواد تي مبني ڪتاب شايع ٿيڻ سٺو عمل آهي. هن ڪتاب ذريعي آئون چوندس ته پنهنجي ذات مان ڪنهن کي نقصان نه ڏجي، هن جديد دور ۾ ترقي ڪرڻ لاءِ پنهنجي پٽن سان گڏ نياڻين کي به تعليم ڏياري وڃي، پنهنجي حصي جو ڪم ڪجي ته اسان پنهنجي تاريخ ۾ وطن عزيز پاڪستان ۾ سنڌ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهون ٿا.

**پير سيد صبغت الله شاهه**
**پير پاڳارو ”اٺون“**

# مهاڳ

نورسنڌي جو شمار سنڌ جي سينئر صحافين سان گڏ بهترين ليکڪن، تحقيق لاءِ جستجو ڪندڙن ۾ ٿئي ٿو، سندس شمار بهترين ڪالم نگارن ۾ پڻ آهي. مختلف اخبارن، رسالن ۾ مختلف عوامي مسلئن، ڪرنٽ اشوز تي بهترين انداز ۾ لکندو رهيو آهي. جڏهن ته ملڪ جي خاص طور تي سنڌ جي ولين، تاريخي ماڳ مڪانن، قديم شهرن، ڳوٺن، تاريخي واقعن تي تحقيقي مقالا لکڻ سان گڏ حال حيات ۽ وصال ڪري ويل روحاني، علمي،ادبي،سياسي سماجي،صحافتي، ثقافتي، هنرمند شخصيتن بابت مواد سهيڙيندو رهيو آهي. غوث الحق حضرت مخدوم سرور نوح رح حضرت شاهه عبدلطيف ڀٽائي رح ۽ ٻين ڪيترن ئي صوفي ولين جي عرس مبارڪن ۽ حضرت مخدوم محمد الزمان طالب الموليٰ جي هر ورسي تي سندس ادارت ۾ شايع ٿيندڙ مختلف نالن وارين مئگزينن پاران خصوصي ايڊيشن شايع ڪرڻ وارو سلسلو خدمت طور مستقل جاري رکندو اچي.

آئون نور سنڌي کي 1981ع کان مختلف اخبارن، رسالن ۾ پڙهندو اچان پيو، شروع کان سندس لکڻين ۾ پختگي شامل آهي، سندس لکڻيون تحقيقي مقالا ۽ آرٽيڪل ڪالم پڙهڻ سان اندازو ٿئي ٿو ته ڪيس لکڻ جو وڏو ڏانءُ آهي . سندس هي ڪتاب ورق ورق گلاب جيڪو بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نواب شاهه پاران ڇپايو ويو آهي اهو تاريخي ڪم آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي ماڳ مڪانن، قديم شهرن، ڳوٺن جو تاريخي پس منظر، ماضي حال، صوفي سنتن، سنڌ جي ڪيترن ئي حال حيات، وصال ڪري ويل شخصيتن ، انوکن ڪردارن ۽ سول سوسائٽي ۾ ڪردار ادا ڪندڙن جي نجي زندگي ۽ سماجي خدمتن جو احوال شامل ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ هر رنگ شامل آهي، اميد ته پڙهندڙن کي پسند ايندو.

هن ڪتاب جو جهڙو نالو آهي واقع ۾ به ڪتاب جي هر ورق مان گلاب جهڙي خوشبو محسوس ٿيندي، اهڙي قسم جو ڪم ايترو آسان نه





آهي ان لاءَ وڏي محنت، جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي . نور سنڌي جي اهڙيءَ جاکوڙ محنت، جدو جهد يقينن قابلِ تعريف آهي.

نور سنڌي سروي جماعت جو مريد آهي. ساڻس ڪافي عرصي کان ڄاڻ سڃاڻ آهي مون ڪيس ويجهڙ کان به ڏٺو آهي، پاڻ جاکوڙ ي محنتي، سادگي پسند، سچاجهڙو، سچو، ڪرو بهترين ليکڪ بيباڪ صحافي آهي. پاڻ زندگي جون 38 بهارون صحافت ۽ ادب کي ڏنيون آهن. ادب صحافت ۾ سندس قدبت انتهائي وڏو آهي. هن سچ لکڻ جي ڪري ڏاڍا ڏکيا ڏينهن به ڏٺا آهن.

ايم آر ڊي جي تحريڪن ۾ هڪ صحافي ۽ ليکڪ جي حيثيت سان سندس شاندار ڪردار رهيو آهي. سندس ادب ۽ صحافت ۾ خدمتون جاري آهن اميد ٿا ڪريون ته پاڻ قلمي پوڙهيو جاري رکندو.

**مخدوم جميل الزمان"جميل"**

**سجاد نيشين درگاهه حضرت مخدوم سرور نوح رح هالا شريف**

# حق ۽ سچ جو ساٿاري ليکڪ نور سنڌي

نوُر سنڌي سنڌ جو اُهو بي باڪ ۽ سچو صحافي آهي، جنهن جو قلم سدائين حق ۽ سچ جو ساٿاري رهيو آهي. هن نہ رڳو تازا ترين ۽ ٻرندڙ مسئلن تي بي باڪيءَ، بهادريءَ ۽ جرئت سان لکيو آهي. پر هن پنهنجي قلم کان هڪ محقق ۽ تاريخدانِ وارو ڪم ورتي، پنهنجي دؤرجي سچي ۽ حقيقي تاريخ بہ مرتب ڪئي آهي.

نور سنڌي مثبت ۽ هاڪاري سوچ جو مالڪ آهي. ان ڪري هي ”واندي ڪان ونگار ڀلي“ وانگر ، واندو ٿي ويهڻ بجاءِ سدائين عمل ۽ جاکوڙ جي ميدان ۾ رهيو آهي ۽ ”جو دَمُ غافل، سو دَمُ ڪافر“ وانگر ڪنهن نہ ڪنهن ڪرت سان لڳو رهيو آهي. سنڌ جي صحافين جي تنظيم سنڌ صحافي سنگت هجي يا حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جو ميلو هجي، حضرت مخدوم سرور نوح جو عرس مبارڪ هجي يا مخدوم طالب الموليٰ جي ورسي هجي، چيچ ڀٽائي مئگرين هجي، سروري مئگزين هجي يا وري ڪي سيمينار، ڪانفرنسون، ميلا ملاکڙا هجن يا سياسي، سماجي ۽ ادبي پروگرام، نور سنڌي هر هنڌ موجود ۽ اڳيرو نظر ايندو ۽ ائين محسوس ٿيندو ڄڻ تہ وٽس ”جادوءَ جي چڙي / لٺ“ يا ”علاءُ الدين وارو چراغ“ هجي. اهو سڀ ڪجھ هن جي مستقل مزاجيءَ، سچائيءَ، همٿ، جذبي، پيار ۽ سچائيءَ جو ڪرشمو ۽ ڪمال آهي، جو نور سنڌي هر هنڌ موجود ۽ هر تعميري ڪم ۾ اڳيرو هوندو آهي.

هِتان ڪٽي هُتِ، جن رکيون سي رسيون،
ساجن سونهن سرت، وکائي ويجهو گهٽو.“

شاهِ سائين جي مٿئين بيت وانگر نور سنڌي بہ پنهنجون وکون ۽ پنهنجا قدَمَ وڌائي ٿو. تڏهن ئي تہ ڪيس هر پنڌ، هر منزل، هر گس ۽ گام، ماڳ ۽ مڪان ”اڪين ڪان بہ اوڏو“ نظر اچي ٿو. نور سنڌي جيڪو شيرمحمد مهر سميت اسان سڀني دوستن جي اکين جو نور آهي، سو پنهنجي طبيعت ۽ مزاج ۾ بہ ماکيءَ جهڙو مٺڙو، صابرين، برد بار ۽ سهپ وارو آهي. ڀٽائيءَ جي سِٽ ”تتي ٿڌي ڪاھ ، ڪانهي ويل ويهڻ جي“ وانگر نور سنڌي تتيءَ ٿڌيءَ جاکوڙڻ وارو آهي ۽ سندس هيءُ ڪتاب ”ورق ورق گلاب“ بہ اُن ئي، جاکوڙ، جستجوءِ جدوجهد جو ”عرق“ آهي نور سنڌيءَ





جو هي ڪتاب موضوعاتي حساب سان هڪ گهڻ موضوعاتي ڪتاب آهي. جنهن ۾ هن سنڌ جي تاريخ، تاريخي ماڳن مڪانن ، بزرگن، درويشن، اوليائن، پيرن، فقيرن،درگاهن، شهرن، ڳوٺن، شخصيتن، محققن، شاعرن اديبن، ڪهاڻيڪارن، اداڪارن، سياستدانن، سماج سڌارڪن، استادن، فنڪارن سازيندڙن، ملھ پهلوانن عوام دوست آفيسرن، فنونِ لطيفہ سان وابستہ ماڻهن توڙي عام ڪردارن ۽ ادارن بابت ڏاڍي محبت، محنت ۽ خبرداريءَ سان لکيو آهي. ڇاڪاڻ موضوع تہ سندس وڏا ۽ اهم موضوع آهن پر انهن جي اندر نور سنڌيءَ ڄڻ تہ زندگيءَ جي هر شعبي ۽ هر موضوع تي لکي ورتو آهي.

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سورميءَ سهڻيءَ جي شهر شهدادپور جي پاڙيسري ڳوٺ ”ملدسيءَ“ جو ماڻهو نور سنڌي پنهنجي مزاج ۾ انسان دوست ۽ صوفي مزاج رکندڙ فقيراڻي طبيعت جو مالڪ آهي. سندس شخصيت ۽ ذات واري سادگي ۽ سچائي سندس تحرير، مضمونن ، ڪالمن ۽ ڪتاب ۾ بہ موجود آهي. وٽس نہ تہ ڏکين لفظن جي ڀرمار آهي ۽ نہ تہ مٺڙن لفظن واري ٺلهي ۽ سڪٽي لفاظي آهي. نور سنڌيءَ وٽ لکڻ جو سنئون سڌو، سادو سلوڻو انداز آهي اهوئي سبب آهي جو سندس ڪتاب کي پڙهندي وقت ٿڪاوٽ جو احساس نہ ٿو ٿئي.

نور سنڌي پنهنجي ڪتاب ۾ هر شعبي ۽ مڪتبِ فڪر جي ماڻهوءَ تي ڏاڍي ديانتداريءَ ۽ سچائيءَ سان لکيو آهي. اهوئي سبب آهي جو نہ رڳو سندس ڪتاب ”ورق ورق گلاب“ تاريخي حوالي سان اهميت جوڳو ڪتاب آهي پر سندس ڪتاب، ڪالم نگاري، خاڪا نويسيءَ ۽ سوانحي ادب جو بہ سهڻو نمونو آهي.

منهنجي خوشنصيبي آهي جو نور سنڌيءَ جهڙي ڀلوڙ ليکڪ ۽ صحافي مون جهڙي اديب ۽ ناچيز انسان کي بہ پنهنجي ڪتاب ۾ ياد ڪيو آهي ، اُهو سندس پيار آهي.

نور سنڌي شخصيتن تي مضمون لکندي وقت ڪٿي بہ ”تيليءَ کي ٿنڀ ۽ ٿنڀ کي تيلي“ ڪو نہ بنايو آهي پر هن هر هڪ شخصيت تي پوري پوري انصاف سان لکيو آهي. نور سنڌيءَ پنهنجي ڪتاب ”ورق ورق گلاب“ کي مختلف بابن ۾ ورهايو آهي.

**باب پهريون- سنڌ جا ڪجھ مشهور ولي ۽ صوفي سنت.**

هن باب ۾ نور سنڌي حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرورره، حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، دينا جو عالمي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ، حضرت فقير نوح هوٿياڻي، حضرت هوٿياڻي جون بزرگ هستيون ۽ مشهور شخصيتون، حضرت سيد مدد علي شاهه عرف جهنڊولو بادشاهه، حضرت ثابت علي شاهه لڪياري، مشهور ولي الله ۽ پولين جو صوفي حضرت حسن بخش شاهه هادي، حضرت عالي شاهه، حضرت منٺار فقير راڄڙ ، صوفي شاعر ۽ ولي الله حضرت محمد فقير کٽياڻ، حضرت سيد غازي گوهر شاهه ،، حضرت سيد ڪرم علي شاهه ، ۽ سيد لطف علي شاهه ،، ڪامل ولي الله حضرت مسو پير، مشهور ولي الله حضرت فقير دريا خان ڪپري ،حضرت جهنڊل فقير چانڊيو، شهدادپور جا ڪجھ مشهور ولي الله، حال حيات روحاني شخصيت سائين علي نواز خاصخيلي، هالا ڪان ابڙان تائين روحاني سفر، صوفي بزرگ ۽ شاعر محب فقير ٽالپر، حضرت بهادر فقير لغاري جي بزرگي، شخصيت ۽ شاعري ، سُست ڏيرج گرگر سوامي بابت لکيو.

**باب ٻيون- سنڌ جا ڪجھ تاريخي ماڳ مڪان**

نور سنڌي هن باب ۾ خداآباد ۽ مائي گلان جو ڪوٽ، مير چاڪر خان جو ڪوٽ ۽ مير شهداد خان جا قبا، حيدرآباد جو پڪو قلعو، عشق جو لازوال داستان سهڻي ميهار جا ماڳ مڪان، انگريزن خلاف وطن يا ڪفن تحريڪ جو مرڪز رهنڊڙ گڙنگ بنگلو، سوامي ٽيئورام جو امراپور آستان، جهول ويجهو ڳوٺ ساڏوٽي ۾ ميرن جي صاحبي ۾ پيش ايندڙ تاريخي واقعو.

**باب ٽيون- سنڌڙي تنهجا شهر وسن، سنڌ جي ڪجھ قديمي شهرن ڳوٺن تاريخي پس منظر ۽ ماضي حال.**

نور سنڌي هن باب ۾ مير شهدادخان جو اڏيل شهر شهدادپور ،ملدسي جو تاريخي پس منظر ماضي حال ۽ مشهور ماٺهو ۽ انتقال ڪري ويل مشهور شخصيتن جو مختصر ذڪر،ماضي ۾ شعوري ساجاهه جو ڳڙهه تاريخي ڳوٺ خاقر خان نظاماڻي، وادئي ڪشمير جهڙو خوبصورت ننگرپارڪر، پاڪ ڀارت سرحد تي آباد تاريخي شهر ڪوڪڙو ڀار، سنڌ جو قديمي ڳوٺ ابڙا ۽ ان جون مشهور شخصيتون، شاعرن ۽ سگهڙن جو ڳوٺ





خدا بخش دلواٽي، قديم ڳوٺ راوتياڻي،ضلعي سانگهڙ جو قديم ڳوٺ جلال نوناري ۽ جهول جڳن بابت لکيو آهي.

**باب چوٿون- سنڌ جا ڪجھ مشهور خاندان ۽ انهن جون سياسي ، سماجي خدمتون.**

نور سنڌي هن باب ۾ ڄام ڪانڀو خان ڪان ڄام معشوق علي خان تائين، لطيف سائين تي سوني نيل چاڙهيندڙ شهدادپور جو وساڻ خاندان، جهول جو ڪيريا خاندان سندس سياسي. سماجي، روحاني، علمي خدمتون، جمال فقير ڪان فقير محمد بخش خاصخيلي ۽ فقير حسين بخش خاصخيلي تائين، حاجي امام بخش جوٽيجو ڪان عبدالعزيز جوٽيجو تائين، ملدسي جي سخي مرد وارث ڏنو ڏيرو "اول" ڪان پير بخش ڏيرو ۽ بابل ڏيرو تائين،مياڻي ۽ دوآبي ۾ انگريز خلاف وڙهيل جنگ جو سالار شهيد شاهن رند ۽ سندس خاندان بابت لکيو آهي.

**باب پنجون- شهيد ڀٽو ۽ شهيد راڻي جي لطيف سائين سان عقيدت.**

نور سنڌي هن باب ۾ شهيد ڀٽو ۽ شهيد راڻي جي لطيف سائين سان عقيدت بابت لکيو آهي.

**باب ڇهون- سنڌ جون ڪجھ مشهور سياسي شخصيتون.**

نور سنڌي هن باب ۾ حُرن جو روحاني پيشوا مشهور سياستدان پير صبغت الله شاهه راجا سائين، آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري ،سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان "جميل"، مشهور سماج سڌارڪ عبدالله حسين هارون مخدوم خاندان جو سعيد زمان عاطف ۽ عوام دوست سياستدان فدا حسين ڏيرو بابت لکيو آهي.

**باب ستون- وياسي وينجهار. (انتقال ڪري ويل مشهور سياسي سماجي روحاني ۽ ادبي صحافي شخصيتون)**

نور سنڌي هن باب ۾ حضرت مخدوم طالب المولیٰ جون ساروٽيون، تحريڪ آزادي جو اڳواڻ حاجي سر عبدالله هارون، حضرت پير سائين پاڳارو (ستون) شاهه مردان شاهه "ثاني" جن جي شخصيت، مشهور سياستدان رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، سيد غلام شبير شاهه لطيفي، حضرت مخدوم امين فهيم جون يادون، مولانا غلام محمد گرامي، خاتون اول بيگم نصرت ڀٽو، معتبرسياستدان محمد خان جوٽيجو، سيد نثار حسين شاهه لطيفي، سيدعبدالله شاهه جون سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ خدمتون،

سنڌ جو ڪلاسيڪل وڏيرو شاهنواز جوڻيجو، ڪروڙ سچو سياستدان مرحوم مير محمد وساڻ، خادم العوام عبدالسلام ٿهيم،مشهور شاعر، اديب سماج سڌارڪ سيد شاهنواز ”عارف المولىٰ“، روحاني شخصيت فقير عبدالحڪيم هنگورو،بهترين قانوندان پير علي نواز قريشي، علمي، ادبي شخصيت پروفيسر اعجاز علي ميمڻ، سنڌي ادب جو روشن ستارو ڪيرت ٻاٻاڻي، سنڌيت جي جوت جلائڻ وارو شري موتي پرڪاش، بي باڪ صحافي شيخ علي محمد، آدرشي شاعر اياز جاني، صحافت جو مٽيادار ماڻهو شهيد فقير محمد رحيم مهر، سنڌ جو يگانو صحافي سائين لائق سنڌي،، پنهنجي دور جو ارڏو ڪردار ميهار ملاح، صوفي منش سيد جمن شاهه جيلاني ۽ رستم سنڌ شير ميربحر، لطيف سائين جو مشهور راڳي سيد غلام حيدر شاهه، صوفي محمد صفر ابڙو، ثقافتي روايتن جو امين زنوار غلام حيدر زرداري، برڪت بلوچ مشهور قانوندان ۽ مصنف ۽ شهدادپور جو مور ماڻهو شاهه محمد ميمڻ بابت لکيو آهي.

**باب اٺون. سنڌ جون ڪجهه مشهور علمي ادبي شخصيتون**

نور سنڌي هن باب ۾ سنڌ جي عظيم ڏاهو سائين محمد ابراهيم جويو، سدا بهار شخصيت ميڊم مهتاب اڪبر راشدي، جهونو شاعر، صحافي ۽ ليکڪ پروانو ڀٽي، سنڌ جو جاکوڙي ڪردار تاج جويو، علم ادب جو گهڻگهرو غلام اڪبر لغاري، انمول شخصيت وينا شرنگي، تحقيقي ۽ تخليقي شخصيت پروفيسر محمد خان پرڙو ،سنڌ ثقافت جوامين منظور احمد ڪناسرو، گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ قائم سولنگي، منفرد ڪالم نويس مير نادر علي ابڙو، خوبصورت جذبن واري شاعره نسرين الطاف قريشي، مشهور صحافي ۽ ڊرامي نويس حيات علي شاهه بخاري، نرالي اسلوب وارو ليکڪ نواز ڪنير، گهڻ پاسائين شخصيت سيد ذوالقرنين شاهه،، بهترين سماج سڌارڪ شاعر ۽ تعليمدان ولي محمد دانش جتوئي، بهترين استاد، شاعر، ليکڪ ۽ ڪمپيئر معشوق ڏاريجو، هڪ معتبر ۽ محبوب انسان محمد عظيم ڪنيار، شاعر ، سماجي ڪارڪن ، صحافي ڪرو انسان محمد ظفر بخاري، سماج سڌارڪ، صحافي ۽ ليکڪ عبدالوهاب منشي، شاعر ۽ سماج سڌارڪ عنايت بروهي، جاکوڙي انسان گل حسن گل لاڪو ، سچ گوءِ صحافي ۽ ثقافت سان پيار ڪندڙ آچر خاصخيلي، جداگانه شخصيت ۽ ڪردار جو مالڪ فتح شاهه فراق، سنڌ





جي عوامي شاعر مولا بخش ڪيريي بابت لکيو آهي.

**باب نائون انتقال ڪري ويل ڪجهه مشهور ڪلاڪار ۽ موسيقيءَ جي ڄاڻ رکندڙ.**

هن باب ۾ نور سنڌي ، سنڌي موسيقي جو خان صاحب استاد منظور علي خان، سنڌ موسيقي جو بهادر ۽ بيباڪ ڪردار فقير عبدالغفور، سنڌ جي امر آواز مائي ڀاڳي ۽ سندس خاندان جي فنڪارن ڪالو فقير، مائي سوني، برڪت فقير، حليما حيدري، رستم فقير، جيوڻي ڀائي، سنڌي موسيقي جو موهيندڙ آواز صادق فقير ۽ ڪلاسيڪل جو موسيقي جو ماهر سيد جڙيل شاهه جيلاني بابت لکيو آهي.

**باب ڏهون. سول سوسائٽيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ مشهور شخصيتون.**

هن باب ۾ نور سنڌيءَ پٽ شاهه جو پورو پير ”نازڻ سائين“، خدمت خلق جو جذبي سان سرشار سليمان جي ابڙو، مينگهواڙ ڪميونٽي جو پهريون ڊاڪٽر راڻاسي رانوڙ، مسيحا جهڙو ڪردار ادا ڪندڙ سيد ميران شهاب، غريبن جو همدرد ۽ هڏ ڏوڪي طارق محمود آرائين (ايڊووڪيٽ)، عوام دوست آفيسر غلام مصطفىٰ ڏاهري، مدن فقير جو تسلسل ديوان گاگن داس مدناڻي، يارن جو يار ۽ باوقار آفيسر سائين شير محمد مهر، بهار جي ٿڌڙي هير جهڙو شمن علي شاهه لطيفي، صوفي منش ۽ ادب دوست احمد خان نگڙ، انساني حق ۽ انصاف لاءِ جاکوڙيندڙ غلام مصطفىٰ سومرو( وڪيل)، سماجي ورڪر محمد رفيق ٽالپر، مسيحا جهڙو ڪردار ادا ڪندڙ ڊاڪٽر مريم مجيد چتو، سماج سڌارڪ خاتون راڌاپيل، عورتن جي حق لاءِ جدوجهد ڪندڙ ميڊم شهناز رانجهاڻي، سماج سڌارڪ، علمي ادبي خاتون غلام سڪينه چنا، سماج سڌارڪ شاهد سمون، جاکوڙي سماجي ورڪر خاتون مهرالنساء ملاح، خدائي خدمتگار نازيه آرائين، سماج سڌارڪ سلمىٰ قريشي، علم جي روشني پکيڙيندڙ غلام مصطفىٰ نظاماڻي ۽ ميڊم نور النساء نظاماڻي، ٿڪن جو بادشاهه ڊاڪٽر الهه ڏنو خاصخيلي، عوام جي خدمت کي عبادت سمجهندڙ ڊاڪٽر خالد حسين فراش، جهول جو جاکوڙي ڪردار مسڪين محمد وارث خاصخيلي، تعليمي شخصيت عبدالغفار راجپوت، ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ حبيب الله خاصخيلي، سماج سڌارڪ ۽ مثالي شخصيت عزير احمد ڪاڪا بابت لکيو آهي.

ان کان سواءِ نور سنڌي پنهنجي ڪتاب ” ورق ورق گلاب “ ۾ سدا بهار ليکڪ شاعره سماج سڌارڪ وينا شرنگي، سيد غلام شبير شاهه لطيفي، ڪاهوڙي ڪردار فتح شاهه فراڪ، جهونو شاعر ليکڪ پروانو ڀٽي، مولانا غلام محمد گرامي، شمن علي شاهه لطيفي، جهول علائقي جو سخي خان محمد جلالاڻي ۽ تاريخ ادب سان دلچسپي رکندڙ ليکڪ جعفر جيم جلالاڻي، سماج سڌارڪ ۽ مشهور مثالي تعليمي شخصيت عزيز احمد ڪاڪا. نور سنڌي جنهن اٺين درجي کان اخبارن ۾ ڪچا ڦڪا مضمون لکڻ ۽ ايڊيٽر جي ٽپال ۾ خط لکڻ جي شروعات ڪئي هئي ان صحافت جي دنيا ۾ ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد پير پاتو هو. اهوئي نور سنڌي پنهنجي محنت ۽ جدوجهد سان نه رڳو اڄ سڄي سنڌ ۾ سڃاتو ويندڙ بهترين صحافي، ڪالم نگار ۽ ليکڪ آهي، پر هن ڪتاب ۽ هن کان اڳ شايع ڪيل ڪتاب جهول جڳڻ کان خادم عوام وسيلي هڪ صاحبِ ڪتاب مصنف پڻ آهي. نور سنڌي صاف گو، منهن تي سچ چوڻ وارو ۽ نيڪ نيت انسان آهي. نور سنڌي پنهنجي سڄي ڪاب ۾ ڪٿي به ڏاڍ، ٻٽاڪ ۽ مبالغي آرائي کان ڪم نه ورتو آهي هن جي لکڻي ۾ ڪٿي به طنز، ٽوڪ ۽ چٽڙ وارو لفظ يا انداز نظر نٿو اچي.

نور سنڌي جي ڪتاب ”ورق ورق گلاب“ کي پڙهندي ڪيترين ئي حقيقتن جي خبر پوي ٿي. نور سنڌي سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، سنڌي صحافت جو سچو پچو خدمتگار آهي دعا آهي ته سندس ذات ۽ ڏات جا سپئي سهڻا رنگ سلامت هجن ۽ دُعا آهي ته نوو سنڌي ”ورق ورق گلاب“ کان پوءِ پيا به شاندار ڪتاب لکندو رهي.

**معشوق ڏاريجو**
**سومر 8 آگسٽ، 2016ع**
**الماس نگر، قاضي احمد**
**موبائيل: 03003093780**





# باب پهريون
# سنڌ جا ڪجهه مشهور وليٰ الله ۽ صوفي سنت

## حضرت غوث الحق مخدوم سرورنوح رح

عظيم بزرگ هستي صاحب ڪرامت وفتوح نامور شاعر حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور رح حضرت ابوبڪر صديق رضه جي اولاد مان آهن پاڻ 27 ماهه رمضان مبارڪ هجري سنه 910 آخري جمعي جي ٻلاري رات تولد ٿيا مخدوم نوح رح جو پڙ ڏاڏو حضرت شيخ فخر الدين ڪبير وڏو عرب ملڪ مان لڏي پنجاب جي مشهور شهر دره غازي خان جي پرسان ڪوٽ ڪروڙ پڪا ڳوٺ ۾ اچي رهيو ڪوٽ ڪروڙ هن وقت وڏو شهر بنجي ويو آهي هن شهر ۾ ڪيترن ئي بزرگن جون درگاهون آهن جتان بعد ۾ نڪري سفر ڪندي سنڌ جي ٻوبڪ شهر ۾ اچي رهيو سندن آخري آرامگاهه به اتي ئي آهي ڪافي عرصي بعد سندن پوٽو مخدوم فخر الدين صغير ڪوٽ ڪروڙ مان لڏي هالڪنڊي هالا ۾ اچي رهيو هالا ۾ ڪيترن ئي ڪرامتن جهڙا ڪم ڪيائين. حضرت مخدوم نوح رح جن جي ولادت باسعادت جون پيشنگويون به ڪيترن ئي درويشن ڪيون هيون سندن والد مخدوم نعمت الله رح جڏهن 25 سالن جي ڄمار جو هو اڃا سندس شادي به نه ٿي هئي ته ان وقت جي مشهور بزرگ حسو فقير چاڪي جو چاچو مجذوب فقير هوندو هو. اهو جڏهن به هالا شهر ۾ ايندو هو ته گهٽين بازارن ۾ چوندو وتندو هو ته هن شهر ۾ جلد ئي زماني جو غوث الله سائين خلق کي فيض بخشڻ واري بزرگ پيدا ٿيڻ وارو آهي جڏهن ته مشهور بزرگ حضرت فقير نوح هوٿياڻي جي پوٽي ننڍي فقير نوح هوٿياڻي جون به مخدوم نوح رح بابت بشارتون مشهور آهن مرزا قليچ بيگ جو سنڌ جو وڏو محقق ۽ ليکڪ ٿي گذريو آهي ان وري پرائمري ڪورس جي ڪتابن ۾ لکيو آهي ته ڪامل بزرگ فقير نوح هوٿياڻي مخدوم نعمت الله رح جن کي چيو ته منهنجي مئي پڇاڻي پنهنجي فرزند جو نالو ”نوح“ رکجو ۽ فقير جي رضا ڪرڻ بعد پنهنجي فرزند جو نالو مخدوم نوح رکيو. شيخ پڙڪيو ڪاتيار جيڪو مخدوم نعمت الله رح جن جي وقت ۾ هڪ وڏو ڪامل درويش هوندو هو. اهو درويش هر ماڻهو کي اهو ٻڌائيندو هو مخدوم نعمت الله کي لطف الله نالي هڪڙو فرزند پيدا ٿيندو آهي جنهن کي حق تعاليٰ جو دائمي ديدار

حاصل رهندو روايت آهي تہ حضرت مخدوم نوح رح پنجن ڏينهن جا هئا تہ ٻانگ ٻڌڻ کانپوءِ صاف زبان سان ڪلمون شهادت پڙهيائون جنهن کي سوين ماڻهن ٻڌو. سندن ديني تعليم قرآن پاڪ پڙهڻ وقت عمر بابت مختلف رايا آهن ڪن ڪتابن ان وقت سندن عمر ست سال ڪن ڏهہ سال ۽ ڪن ڪتاب چوڏهن سال لکي آهي سندن استاد مخدوم عربي عرف مخدوم شاهہ ڏنو هو جو ان وقت جو ڪامل عارف بزرگ هوندو هو ۽ قرآن پاڪ اهڙو تہ منڙي آواز سان پڙهندا هئا جو چون ٿا تہ پکي بہ قطارون ڪري اچيو ويهندا هئا واٽ ويندڙ ماڻهو بيهي رهندا هئا هي بزرگ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو نانو هو. حضرت مخدوم نوح رح صرف 25 سيپارا ياد پڙهيا. ڪن ڪتابن لکيو آهي تہ روايتون آهن تہ پاڻ ہہ تي فقہ جا ڪتاب بہ پڙهيائون روايتون آهن، قرآن شريف پڙهڻ واري زماني ۾ هڪ ڏينهن سنڌو ندي تي غسل ڪرڻ بعد پٽي ڦري ميساري رهيا هئا تہ اوچتو ڪشف واري حالت ۾ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن انهي ڦرهي تي ڪجهہ سٽون لکي ڏنس ۽ سبق ڏنائونس ان بعد سمورا علوم مٿن کلي پيا. انهي ڏينهن لاالله الاالله جي ذکر جي تلقين ڏيڻ جي اجازت بہ ملين حضرت مخدو نوح جي زندگي عشق محبت الاهي اعتراف راق ۾ گذرندي هئي ظاهري علم جي لحاظ کان فقط قرآن شريف پڙهيل هئا پر هر سوال جو جواب جدا جدا اهڙي علمي نموني ۾ ڏيندا هئا جو وڏا وڏا عالم علماء طلباء سندن علمي لياقت جي امتحان لاءِ اچي موجود ٿيندا هئا پاڻ ان موقعي تي هڪ آيت جون ايتريون تہ معنائون فرمائيندا هئا جو سڀ حيران ٿي ويندا هئا ٻي روايت آهي تہ هڪ دفعي مصالحين جي هڪ وڏي جماعت حضرت مخدوم صاحب جن کان قرآن پاڪ جي ڏکين آيتن جي معنيٰ سمجهڻ جو ارادو ڪري سندن خدمت ۾ آيا جن جي اچڻ کانپوءِ مخدوم نوح رح صاحب عالمن کي فرمايو تہ عالمن کي گهرجي تہ هو علم جو بيان ڪن تہ ٻين کي فائدو رسي ان کانپوءِ پاڻ زبان فصيح سان بيان ڪرڻ لڳا 34 تفسيرن جا نالا وٺندي فرمايائون تہ فلاڻ تفسير ۾ هن ريت آهي ۽ فلاڻ ۾ هن ريت آهي ان کانپوءِ حقيقت ۽ طريقت جون معنائون بيان فرمايون آخر ۾ عالمن عرض ڪيو تہ اسان جي حق ۾ دعا ڪرڻ فرمايو تہ پان فرمايائون تہ آئون الحمد ٿو پڙهان اوهان آمين چوندا وڃو. پاڻ فرمايائون تہ اهڙا بہ فقير آهن جي ساري ڄمار سورت الحمدالله جي





معنيٰ ڪندا رهن تہ پوري نہ ٿيندي، روايتون آهن تہ وقت جي حاڪمن مان مرزا محمد باقي جو مشهور زمانہ بہ هو سندن خدمت ۾ ٻہ دفعا مخدوم نوح رح جي مريدن وٽ روحاني سفر دوران نٽي ويو تہ هو اتي سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو مرزا باقي بہ سندن زماني ۾ گادي تي ويٺو مرزا باقي جو وڏو فرزند مرزا بابنده خان جيڪو چريو هو جنهن ڪري هو گادي تي نہ ويهاريو ويو پر سندس پٽ مرزا جاني گادي تي ويهاريو ويو هڪ ڪتاب ۾ آهي تہ مرزا بابنده خان کي مخدوم نوح رح جي خدمت ۾ دعا لاءِ آندو ويو تہ ڪيس بيماري کان شفا ٿئي مگر پاڻ ڪوبہ توجہ نہ ڏنائون چاڪاڻ جو ان شخص مخدوم، لعل شهباز جي مزار ۾ هڪ دفعي هڪ عورت سان هٿ چراند ڪئي هئي جنهن ڪري هن تي ديوانگي هميشہ لاءِ قائم رهندي آئي. مخدوم صاحب جن شريعت جا ايترا تہ پابند هئا جو ڪڏهن بہ نماز جماعت کانسواءِ ادا نہ ڪيائون. بهاءُ الدين گودڙي کان نقل آهي تہ هڪ دفعي مخدوم نوح صاحب نٽي جي جامع مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا. جمع جي نماز کانپوءِ اٽڪل هڪ هزار ماڻهو معرفت ۽ ولايت کي پهتا جن مان حضرت صابر سومرو شيخ تاجن شيخ حبيب ۽ سيد عبدالڪريم بلڙي وارو مشهور بزرگ هئا جن کي ڪشف ڪرامت سان سڄي سنڌ سڃاڻي ٿي انهن وٽان هزارين ماڻهن معرفت جو رستو سکي پنهنجي ڪماليت کي رسيا آهن حضرت مخدوم نوح رح جن فرمائيندا هئا مونکي حضرت پيغمبر ڪريم صہ جن وٽان چار شيون عطا ٿيون آهن هڪ ذکر جو سبق ٻي قرآن شريف جو تفسير ٽيون حديث جي سمجهاڻي چوٿون خواب جي تعبير.

حضرت مخدوم نوح جن جو اويسي طريقو هوجڏهن الله تعاليٰ پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي ڪنهن ظاهري مرشد جي وچ ۾ پوڻ دارن پنهنجي بي انتها فضل سان خاص خلوت ۾ لُدني تعليم عطا فرمائي تہ اهڙي فيض کي "اويسيت" چئبو آهي ڪين الله تعاليٰ ڪنهن ظاهري مرشد جي وسيلي بجاءِ پاڻ تعليم ۽ تلقين ڪرڻ فرمائي هئي تنهن ڪري پاڻ اويسي طريقي وارا ليکيا وڃن ٿا ڪتاب سراج العارفين ۾ لکيل آهي تہ حضرت مخدوم نوح رح جن ڪوبہ مرشد نہ ورتو هو ۽ رات ڏينهن رب سائين جي ذکر ۾ رهندا هئا. جيڪو بہ مريدٿيندو هو تنهن کي بہ ذکر لاالله الاالله ڏيندا هئا ۽ کين انهي ذکر ۾ مشغول رهڻ جي هدايت ڪندا هئا پاڻ انهي ذکر ۾ ايتري قدر مشغول رهندا هئا جو سندن چپ

مبارڪ ذڪر جي مشغولي سبب هميشہ پيا چرندا هئا روايت آهي تہ هڪ دفعي جڏهن حجام سندن سنوارت ڪري رهيو هو تڏهن شهپرن جي سنوارت وقت حضرت مخدوم نوح جن کي عرض ڪيو تہ سائين تيسين چپ نہ چوريو جيسين آئون شهپرن جي سنوارت ڪري وٺان تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ ابا! سج يا آسمان کي تون چرڻ کان روڪي سگهين تہ آئون پنهنجي زبان ۾ چپن کي الله سائين جي ذڪر کان روڪي ڇڏيان حضرت مخدوم نوح رح جي روحاني ۽ علمي طاقت جي خبر ملڪان ملڪ پکڙجي وئي تہ روزانو سوين نوان ماڻهون سندن خدمت ۾ حاضر ٿي سندن مريد ٿيندا هئا. ۽ جڏهن بہ روحاني سفر تي ڪنهن ڳوٺ شهر ۾ ويندا هئا تہ سوين ماڻهو ڪانئن ذڪر جي تلقين وٺندا هئا ۽ صدق دل سان سندن مريد ٿيندا هئا پاڻ ٻين بزرگن وانگر نئين مريد جي وارن جي چڳ ڪٽڻ يا مٿو ڪوڙڻ پسند نہ ڪندا هئا. عام طور تي هر وقت ۽ هر روز مسجد شريف ۾ مريدن ۽ معتقدن جا ميڙا سندن حاضري ۾ رهندا هئا پر سندن مقرر ڪيل دستور موجب سال ۾ هڪڙو ڀيرو ذوالحج مهيني جي 9 تاريخ يعني حج واري ڏينهن سڄي ملڪ جا مريد وڏي تعداد ۾ وٽڻ حاضر ٿيندا هئا ۽ عيد نماز ساڻن گڏ ادا ڪري پوءِ پنهنجي ڳوٺ هليا ويندا هئا سندن شادي بابت ”سڪينہ الروح“ ۾ لکيل آهي تہ جنهن ۾ سندن ارشاد آهي تہ حضرت عيسيٰ عليہ جو ڇڙو رهڻ ڏسي مون بہ پهرين ارادو ڪيو تہ شادي نہ ڪجي ۽ ڇڙو ڇانڊ رهجي پر جڏهن ڏٺم تہ قرآن شريف ۾ فرمايل آهي تہ دنيا جي تعلقات ٽوڙن يا دنيا جي فرض کان مُنهن موڙڻ اسلام ۾ روا نہ آهي ۽ جڏهن ڏٺم تہ اسان جي آقا ۽ حضور جن شاديون ڪيون آهن ۽ اولادي ٿيا آهن تڏهن مون بہ پيغمبري متابعت ڪرڻ عين ضروري ڳالهہ سمجهي ۽ شادي ڪيم پاڻ پٽ پاراتو ڏيڻ جي سخت خلاف هئا پاڻ چوندا هئا تہ ڪنهن ظالم کي بہ پٽ پاراتو ڪرڻ ناجائز ۽ نادرست آهي.ظالم جي حق ۾ هي دعا گهرڻ گهرجي اي منهنجا رب فلاڻي کي مخلوق کي رحمدل ڪر تہ خلق سان نرم دل ٿي هلي. سنڌ جي حاڪم مرزا محمد باقي تي مغل بادشاهہ اڪبر ڏاڍو ڏمريو هو سو مرزا کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ سنڌ تي لشڪر چاڙهي موڪليو اڪبري فوج سنڌ ۾ قتل غارت ڪندي اڳتي وڌي رهي هئي. ماڻهو حضرت نوح جن وٽ فريادي ٿي آيا. پاڻ فرمايائون تہ الله تعاليٰ عافيت بخيئر ڪندو آخر اها فوج هالا ويجهو اچي پهتي





جنهن ڪري شهر وارا ماڻهو وٽن اچي حاضر ٿيا ۽ سمورا حال اچي پيش ڪيائون پاڻ ٿورڙي مٿي چپٽي گهرائي تري تي رکي هڪ دعا پڙهي فوج ڏانهن ڪيائون جنهن سان اها فوج انهي وقت اتان پوئتي هٽجڻ لڳي ۽ اهڙي تہ ڀڄي جو پنهنجو ساهہ وڃي هندستان ۾ ڪنيائون بادشاهہ اڪبر لشڪر جي ڀاڄ جو سبب معلوم ڪرڻ گهريو جنهن تي فوج جي سربراهن چيو تہ هالن جي لڳ طوفان دهشت طاري ٿيو جنهن ڪري جانيون بچائي اچي هتي پهتا آهيون ان وقت شاهي درٻار ۾ ڪو درويش ويٺو هو ان عرض ڪيو تہ اهو ڪنهن ولي اللہ جي ڪرامت جو ڪرشمو آهي ان ڪانپوءِ اڪبر بادشاهہ پيهر فوج عبدالرحيم خان خانان جي سرڪردگي هيٺ موڪليو ۽ مخدوم نوح جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو بہ حڪم ڪيو ليڪن عبدالرحيم خانان جي هالا پهچڻ کان اڳ حضرت مخدوم نوح رح هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو . ان وقت سندن عمر 77 سال هئي. پاڻ پيرسن ٿي وڃڻ جي باوجود پاڻمرادو هلندا هئا، وصال وقت ڪين ڪا بہ بيماري نہ هئي، 27 ذوالقعد 998هہ بمطابق 1584ع تي جمع جي رات سوهماڻي جي نماز مسجد ۾ باجماعت ادا ڪيائون. ان بعد حرم سرا اسهيا، مسجد شريف جي دروازي جو ڪڙو هٿ ۾ جهلي هي بيت چيائون:

نہ سي جوڳي جوءِ ۾ نہ سا سکي چات
ڪاپڙين ڪنواٽ وڏي ويل پراٽا

حويلي ويجهو دروازي تي پهتا تہ هي بيت چيائون:

ابوبڪر آءُ، سامين سفر سنپاهيو
متان ٿي پنان، سارين سنياسين

اهڙا بيت ڏيندي بہ ڪنهن کي بہ اهو گمان نہ هو تہ پاڻ وصال ويجهو آهن، ڇو جو پاڻ وقت بہ وقت موقعن جي مناسبت سان پنهنجا بيت، ڏوهيڙا ائين پيا ڏيندا هئا، مگر ابوبڪر شاهہ لکياري رحہ هڪڙو الله جو بزرگ هو ۽ حضرت مخدوم نوح رحہ جو خاص ساٿاري ۽ پيارو هو. ان کي ڪشف ذريعي حقيقت معلوم ٿي وئي ۽ هي بيت چوندي ڳوٺان نڪتو ۽ اچي حاضر ٿيو، ”اچان ٿو اچان ڪج ذرو ڪا جتا،“ مخدوم نوح رحہ جي هدايت تي سندس وصال بعد روڄ راڙو ٿيڻ بجاءِ صبر ۽ سڪونت ۾ رهڻ ڪري رات گذري وئي، ڪنهن کي ڄاڻ نہ پئي پر صبح جو سندن وصال جي خبر باهہ وانگر پکڙجي وئي تہ هر طرف روڄ راڙو

شروع ٿي ويو. وصال کان اڳ پاڻ وصيت ڪئي هئي ته اسان کي غسل عبدو فقير ڏيندو جتي به هوندو صبح جو حاضر ٿيندو. غسل بعد تڪڙ نه ڪجو، ڪي غيبي جماعتون به اسان جي جنازي نمازون پڙهنديون. ان بعد اوهان جنازي نماز پڙهجو. صبح سوير عبدو فقير ڪيريو مسجد ۾ اچي پهتو ۽ فجر جي نماز جي تڪڙ مچائي ڏني، حالانڪ جماعت وارا ڪيس سڃاڻندا نه هئا، ته به پڪ ٿي وين ته عبدو فقير اهو آهي، عبدو فقير سندن جسم مبارڪ کي غسل ڏياريو ۽ جنازو سينگاري ميدان ۾ رکيو ويو ۽ سڀ حاضرين پري ٿي بيٺا ۽ قدرت جو رنگ ڏسڻ لڳا هڪٻئي پٺيان از غيبي جماعتون پي آيون، هڪڙيون جماعتون جنازي نماز پڙهنديون ويون ته ٻيون پيون جماعتون ٿي آيون، جڏهن اهي از غيبي جماعتون جنازي نماز ادا ڪري ويون ته حاضرين جنازي نماز پڙهي ان بعد سندس جسم خاڪي کي ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو، ڪين 12 فرزند هئا ڪجهه نياڻيون هيون، سندس 4 شاديون هيون.

## حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو

عظيم روحاني شاعر ولي الله، حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو، جيڪو لاڪيٽي لطيف جو پڙ ڏاڏو آهي. سندس شجرو حضرت امام حسين ع سان وڃي ملي ٿو، سندس وڏا اصل هرات جا هئا. شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو 20 شعبان 944هه مطابق 1538ع ۾ سيد ميان لعل محمد جن جي گهر ۾ تولد ٿيا. اڃا ننڍا هئا ته سندس والد بزرگوار هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، جنهن ڪري سندن تربيت ۽ پرگهور والده ماجده ۽ سندن وڏي ڀاءُ سيد جلال شاهه ڪئي، سندن ننڍپڻ جو ڪو خاص احوال نه ٿو ملي. سندس ڀاءُ جي خواهش هئي ته شاهه ڪريم پڙهي عالم، فاضل ٿئي، ليڪن شاهه ڪريم پڙهائي تي ڪو خاص ڌيان نه ڏنو، ڪيس 6 سالن جي ڄمار ۾ هڪ مڪتب ۾ موڪليو ويو، پر پاڻ سبق ياد ڪرڻ بجاءِ الله سائين جي نالي جو ورد ڪندو هو .مائيتن ۽ مولوي صاحب گهڻو ئي زور ڏنو ته پاڻ پڙهي پر ڪجهه به نه وريو. ننڍي هوندي کان سندس دل مولا ڏانهن مائل هئي، پاڻ ننڍي هوندي کان ئي سماع سان دل لڳائي. جواني ۾ به پاڻ سماءُ ۾ حصووٺندو هو، هڪ ڏينهن سماءُ جي محفل ۾ مشغول هو ته سندس ڀاءُ اتان وڃي اچي قاضي آڏو پيش ڪري سندس نڪاح پڙهايو، جيستائين سندس ڀاءُ جلال شاهه حيات هئا،





ايستائين شاهه ڪريم گهر ٻار جي بار کان آجو هو ۽ اڪثر سماءُ ۽ ذڪر فڪر جي محفلن ۾ گذاريندو هو. پاڻ سئر سفر جا به شوقين هئا، جتي سماءُ جو ٻڌندو هو ته اتي وڃي انهن محفلن ۾ شريڪ ٿيندو هو. پاڻ گجرات کان احمد آباد تائين به سفر ڪيو، سندن ڀاءُ جي وصال بعد پاڻ محنت، مشقت ۽ سخت پورهئي واري زندگي گذاري، زمين آباد ڪرڻ ڪانسواءِ پاڻ ڪڏهن ڪڏهن گهر جو ڪم ڪرڻ خاص طور ڪڏهن ڪڏهن چانور، ڀاڄي به ڪرڻ ۾ آر محسوس نه ڪندا هئا، پاڻ صوفي بزرگن مطابق عبادت ڪانسواءِ سخت رياضتون پڻ ڪيون. سندن سماع سان فطري ۽ غير معمولي لڳاءُ هئن، ڪنهن ذاڪر، عالم يا قوال کان ڪو اعليٰ معنيٰ وارو ڪلام ٻڌندا هئا ته متس وجد واري ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي، پاڻ اسلام جي اوائلي صوفين جي زهد، تقويٰ جو اعليٰ مثال هو، پاڻ ٿورو کائيندو هو، گهٽ ڳالهائيندو هو ۽ ٿورو سمهندو هو.

سندن زندگي اعليٰ انساني اخلاق ۽ آدرش جو مثال هئي، روايت آهي ته ان زماني جو دانشمند مخدوم ضياءُ الدين رح واعظ پئي ڪيو، شاهه ڪريم ان وقت اڃا صغير هو ۽ ڌيان سان ويهي واعظ ٻڌو ۽ واعظ ختم ٿيڻ بعد شاهه ڪريم جڏهن گهر وڃڻ لڳو ته ان بزرگ جي شاهه ڪريم تي نظر پئي ۽ ڏسڻ شرط فرمايائون ته سبحان الله هن ننڍڙي جي هن وهي ۾ ئي حضور پاڪ ﷺ سان محبت آهي، جيڪڏهن جواني ۾ ڪيس ڏسان ها ته ڇگو ٿئي ها. شاهه ڪريم جي زندگي اعليٰ انساني اخلاق ۽ آدرش جو مثال هئا، پاڻ اڪثر روزي يا فاقي ۾ رهندا هئا، سخاوت ۾ ايترا جو در تي آيل سواليءَ کي گهر ۾ پاتين لاءِ تيار ٿيل ڪاڌو ڏئي ڇڏيند اهئا. ان دور ۾ ارغونن ۽ ترخان جي ڏاڍ، ظلم جو زمانو هو، مقامي ماڻهن تي وڏا ظلم ٿيندا هئا. وٽن ڪو مظلوم دانهن ڪٽي ايندو هو ته پاڻ انهن جي داد رسي لاءِ ساڻن گڏجي حڪمرانن وٽ ويندا هئا، ڪڏهن به سڻي موٽ نه ٿي ملين، پر پاڻ مايوس ٿيڻ بجاءِ مظلومن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ضرور ڪندا هئا. حضرت شاهه عبدالڪريم رح جن جا پنهنجي وقت جي بزرگن عالمن سان سٺا ۽ ويجها تعلقات رهيا. حضرت غوث الحق، مخدوم نوح سرور جن سان وڏي عقيدت هئن، بيان العارفين موجب پاڻ ظاهري طور سلطان ابراهيم بهاري کان قادري طريقي ۽ ذڪر جي تلقين ورتي هئائين، پر اصل ۾ شاهه ڪريم اويسي طريقي جا بزرگ هئا. شاهه ڪريم جي زندگي بابت

احوال پڙهڻ سان خبر پوي ٿي تہ سندن همدردي ۽ اعليٰ اخلاق جا ڪيئي مثال موجود آهن، پاڻ صاحب ڪرامت هئڻ جي دعويٰ نہ ڪئي. پاڻ چوندا هئا تہ پيا ماڻهو دنيا جا پيا فن ۽ هنر سکيا، آئون ڪجهہ بہ نہ سکيس، سواءِ سماع جي. سماع ٻڌڻ وقت ڪيترائي پيرا بيت ٻڌڻ سان مٿن وجد طاري ٿي ويندو هو ۽ ڪجهہ دير بعد کين هوش ايندو هو. روايتون آهن تہ ان وقت سماع کي جنت جي نعمتن مان هڪ نعمت تصور ڪئي ويندي هئي ۽ اهو بہ چيو ويندو هو تہ الله سائين تائين پهچڻ جي اصل واٽ سماع آهي. ان ڪري شاهہ ڪريم پنهنجي مريدن کي بہ سماع ۾ حصو وٺڻ جي هدايت ڪندا هئا. کين اها ڳالهہ نہ وڻندي هئي تہ ڪو مريد سماع اڌ ۾ ڇڏي اٿي وڃي، سنڌ ۾ صوفياڻي سماع جي روايت شاهہ ڪريم وٽ ملي ٿي، جنهن کي شاهہ لطيف سائين نهايت منظم طريقي سان عروج ڏنو ۽ جاري رکيو.

بيان العارفين مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاه عبدالڪريم بنيادي طور فقير ۽ زهد جو صاحب هو، سندس شاعر يءِ قول اعليٰ درجي جا آهن، سندن قولن ۾ دنيا جي مڙني مسئلن جو جواب موجود آهي، پاڻ فجر جو اٿي اذان ڏئي جماعت گڏ ٿيڻ بعد نماز پڙهي مراقبي ۾ ويهندا هئا. ڪم ڪار ڪرڻ وقت بہ ذڪر الاهي ڪندا رهندا هئا. پاڻ انتهائي سادو کائيندا هئا، سادو پهريندا هئا، کين ننڊي هوندي کان شاعري جو شوق هوندو هو. شاعري سندن رڳ رڳ ۾ سمايل هئي، ڪانئن اڳ وارن ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام بہ کين ياد هوندو هو. سندن شاعري نج پراڻي سنڌي آهي، ان ۾ ڪجهہ لفظ عربي جا بہ شامل آهن. پاڻ سٺن اخلاقن عادتن جو روشن مينار هو، صبر، نهٺائي، تحمل جو گهر هئا، ڪو ڪجهہ چوندو هئن تہ ان کي ورائي ڪجهہ بہ نہ چوند اهئا. سندن اندر ۾ ڪاوڙ، ڪينو، بلڪل نہ هو، پاڻ وڏا رحمدل پڻ هئا، پاڻ ڪنهن ضعيف کي ڪم ڪندي ڏسندو هو تہ ان تي رحم ڪائي ان جي مدد ڪندو هو. انهن جو ڪم پاڻ ڪندو هو، رياضتن، فاقن، اوجاڳن ۽ عبادتن جي ڪري پاڻ زندگي جي آخري حصي ۾ انتهائي ضعيف ٿي ويا، ليڪن سندن روحاني طاقت پاڻ وڌيڪ هئي. زندگي جا آخري ڏينهن حجري ۾ اندر گذاريا، جتي اڌ رات جو اٿي پنهنجا ۽ ٻين شاعرن جا بيت چوندا هئا. پاڻ 88 ورهين جي ڄمار ۾ 7 ذوالقعد 1023هہ آچر رات مغرب جي نماز وقت هن فاني دنيا مان وصال ڪري ويا. سندن مبارڪ روح وڃي





حقيقي مالڪ کي پهتو، سندن وصال جي خبر باهہ وانگر جڏهن علائقي ۾ پکڙي تہ هزارين مريد، عقيدتمند گڏ ٿي ويا، کين سيد پور ۾ سپرد خاڪ ڪيو يوو. اهو سيدپور هاڻ شاهہ ڪريم بلڙي سڏجي ٿو. شاهہ ڪريم تي سندس پڙپوٽي دنيا جي عظيم روحاني شاعر ولي الله حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عظيم الشان قبي جو ڪم ڪرايو، ان لاءِ ڪاشي جون سرون ٻيڙين ذريعي ملتان مان گهرايون. شاهہ ڪريم جي درگاهہ تي شاهہ لطيف جو حجرو بہ آهي.

شاهہ ڪريم کي 8 پٽ ۽ 2 نياڻيون هيون، سندن پهريون گادي نشين سندن فرزند ميان دين محمد ٿيو، ماضي ۾ درگاه شاه ڪريم تي هر اسلامي مهيني جي پهرين سومر ڏينهن تي ميلو لڳندو هو، جتي سماع بہ ٿيندو هو پر هاڻ هر مهيني سهائو سومار ملهايو وڃي ٿو، باقي عرس مبارڪ هر سال 7 کان 9 ذوالقعد تي ملهايو وڃي ٿو، جتي نہ صرف سنڌ پر ڀارت مان بہ مريدن، عقيدتمندن جو وڏو تعداد شريڪ ٿئي ٿو. شاهہ ڪريم جو شجره نسب مبارڪ هن ريت حضرت علي عليه السلام، حضرت امام حسين عليه السلام، حضرت زين العابدين عيله السلام، حضرت محمد باقر عليه السلام، حضرت جعفر صادق عيله السلام، حضرت امام موسيٰ ڪاظم عيله السلام، حضرت سيد جعفر الجواري، حضرت سيد الجواري، حضرت سيد جعفر الجواري، حضرت سيد علي الجواري، حضرت سيد حسين الله اڪبر، حضرت سيد ابراهيم، حضرت سيد علي الجواري، حضرت سيد عرف حسين، حضرت ابراهيم، حضرت سيد يوسف، حضرت محمد عرف حسين، حضرت سيد علي، حضرت سيد محمد، حضرت سيد حسين، حضرت سيد امير حيدر هراوي، حضرت سيد امير علي، حضرت سيد امير علي، حضرت سيد جلال بجران، حصرت سيد شرف الدين، امير علي، حضرت سيد جلال بجران، حضرت سيد شرف الدين، حضرت سيد حاجي، حضرت سيد جلال، حضرت سيد هاشم، حضرت سيد حاجي، حضرت سيد جلال، حضرت سيد عبدالڪريم، جڏهن تہ حضرت شاهہ عبدالڪريم جي سجاده نشينن ۾ سيد دين محمد شاه، سيد لال محمد شاه، سيد شاهہ حسين شاهہ، سيد محمد دليل شاهہ، سيد عبدالغني شاهہ، سيد عبدالواصع شاهہ، سيد محمد زمان شاهہ، سيد محمد علي شاهہ، سيد محمد مقيم شاه، سيد واصع شاه، سيد محمد ميان صلاح شاهہ، سيد صاحب ڏنو

شاهہ سيد غلام حيدر شاهہ سيد اعجاز حسين شاهہ موجوده سجاده نشين سيد شاهد حسين شاهہ جن آهن، جيڪي ملڪ کان ٻاهر رهن ٿا، ان ڪري قائم مقام سجاده نشين سيد اسد علي شاهہ صاحب جن آهن.

## دنيا جو عالمي شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح

دنيا جو لافاني شاعر عظيم صوفي بزرگ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جن جو شجرو ٻنهي جهانن جي سردار حصرت محمد صہ جن سان ملي ٿو. سندن وڏا هرات جا هئا، جي نہ صرف زهد ۽ تقويٰ جي ڪري مشهور هئا، پر وڏي مال متاع جا بہ مالڪ هئا، هنن مان هڪ بزرگ مير حيدر شاهہ سير سياحت لاءِ هالن ۾ اچي نڪتو. جتي سندس هڪ بزرگ شاهہ محمد هالائي جي نياڻي سان شادي ٿي. ڪجهہ سالن بعد پنهنجي والد جي وفات جي خبر پوندي واپس وطن موٽيا. ان بعد سگهو ئي کين پٽ ڄائو، جنهن جي اولاد مان ناميارو شاعر ۽ اوليا شاهہ ڪريم بلڙي وارو بہ ٿي گذريو آهي. جيڪو لطيف سائين جو تڙ ڏاڏو هو.

شاهہ لطيف جو پڙ ڏاڏو سيد جمال شاهہ، شاه ڪريم بلڙي مان لڏي مٽياري ۾ اچي ويٺو، ڪن ڪتابن ۾ اچي ٿو تہ مٽياري ۾ عزيزن جي اڻ وڻت ڪري شاهہ حبيب جو والد سيد عبدالقدوس پنهنجي عزيز سخي هاشم شاهہ جن جي مشوري تي مٽياري مان لڏي ڳوٺ سئي ڪندر موجوده تعلقي ٽنڊو آدم ۾ آباد ٿيا، جتي ڏيرا برادري آباد هئي ۽ ڏيرن فقيرن ۾ ڪيترائي عالم درويش فقير هئا. ڊاڪٽر گربخشاني لکي ٿو تہ "اتي شاهہ حبيب جي شادي ڏيرا برادري جي عربي ڏياڻيءَ جي ڌيءَ سان ٿي." دين محمد وفائي اهو خيال ڏيکاريو آهي تہ "شاهہ حبيب سندس ئي خاندان جي مخدوم ڏياڻيءَ جي ڌ يءَ سان شادي ڪئي، جيڪو وڏو بزرگ بہ هو." ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي مضمون شاهہ حبيب جو ڪٽنب ۾ لکيو آهي تہ "شاهہ حبيب جي شادي سئي ڪندر ۾ ڏيرا فقيرن جي هڪ شاخ ثابت پوٽا مان عرس فقير ڏيرو جي نياڻي سان ٿي. شاهہ حبيب کي سئي ڪندر ڳوٺ ۾ بہ پٽ عبداللطيف ۽ عبدالرشيد پيدا ٿيا. جيڪي ننڍي هوندي وفات ڪري ويا. جن جا آخري آرام گاهہ اڄ بہ سئي ڪندر ڀرسان سنڌ جي مشهور وڏي قبرستان ساياتن جو قبرستان ۾ آهن. شاهہ حبيب کي اولاد نہ بچڻ ڪري کين





اتان جي بزرگ ماڻهن ٻڌايو تہ هتي اوهان جو اولاد نہ بچندو، جنهن ڪري هتان ٻئي ڪنهن هنڌ لڏي وڃو، جتان شاهہ حبيب لڏي هالا حويلي ۾ اچي ويٺا، جتي شاهہ لطيف پيدا ٿيو. هالا حويلي بابت مختلف روايتون آهن، ڪن جو چوڻ آهي تہ اها هالا ويجهو هئي، ڪن مورخن مٽياري وٽ ڄاڻائي آهي، پر تازو ڪجهہ نوجوان اديبن پاران ڪيل تحقيق مان ثابت ٿيو اهي تہ هالا حويلي ٽنڊوالهيار، ٽنڊوآدم روڊ تي عثمان شاهہ هڙي بس اسٽاپ کان اولهہ طرف آهي، جيڪا اڄ بہ هالا حويلي سڏجي ٿي. سيد غلام حيدر شاهہ مرحوم پير آف ڀٽ شاهہ جي ويجهو عزيز سيد مير شاهہ مرحوم جيڪو وڏو ڄاڻو هو ان بہ تصديق ڪئي تہ هالا حويلي عثمان شاه هڙي ويجهو آهي، جتي هر سال جشن ولادت شاهہ لطيف ملهايو وڃي ٿو، ليڪن ڪجهہ ليکڪن لطيف سائين جو جنم ڳوٺ سئي ڪندر لکيو آهي. شاهہ لطيف جي جنم تاريخ جو هتي پتو نہ ٿو پوي. شاهہ لطيف تي تحقيق ڪندڙن لطيف جي جنم تاريخ جدا جدا لکي آهي، پر سڀ کان وڌيڪ تحقيق ڪندڙن مان ڊاڪٽر ٽرمپ 1680ع، سگا 1660ع، مرزا قليچ بيگ 1687ع، مير علي شير ڪانهي 1667ع، ڪلياڻ آڏواڻي، 1689ع ۾ ڄاڻايو آهي.

شاهہ لطيف کي شروعاتي تعليم لاءِ آخوند نور محمد ڀٽي وٽ ويهاريو ويو. لطيف سرڪار جي تعليم بابت ڪيترائي مونجهارا پيدا ڪري ڇڏيا آهن، ڪي تہ لدني علم جي پالوٽ ٿا ٻڌائين، ڪن محققن جي خيال مطابق بزرگن سان ملاقاتون ۽ گهرو تربيت سندس دل جا پردا کولي ڇڏيا هئا، روايت آهي تہ آخوند نور محمد لطيف سرڪار کي الف پڙهائڻ بعد ب چيس تہ لطيف سرڪار جواب ڏنو تہ مون لاءِ الف ڪوڙ آهي، آخوند نور محمد وائي جو ڳوٺ موجوده اڏيرو ۽ هالا حويلي جي وچ تي هو. ان وقت اڏيري ۾ دائري شريف جو وڏو ديني درسگاهہ هو، جتي باطني ۽ ظاهري علم پڙهايا ويندا هئا. دائري وارن جي قرت مديني تائين مشهور هئي، امڪان آهي تہ شاهہ لطيف اتان علمي فيض پرايو هجي. ڇاڪاڻ تہ لطيف سرڪار جي فڪري انداز تاريخي ڳوڙهي اڀياس، عربي فارسي جي وڏي ڄاڻ، سنڌ جي وڏن عالمن سان رهاڻيون ظاهر ڪن ٿيون تہ پاڻ وڏو عالم ۽ مفڪر هو. پاڻ سدائين پاڻ سان گڏ قرآن شريف ۽ مثنوي مولانا رومي ۽ رسالو ڪريمي ڪٽي هلندا هئا، ڊاڪٽر ٽرمپ بہ سندس علمي ڄاڻ جي خيال بابت پٺڀرائي ڪن ٿا.

ڊاڪٽر ٽرمپ جو چوڻ آهي تہ “لطيف اڻ پڙهيل واري دعويٰ کي رد ڪرڻ لاءِ شاهہ جو ديوان ئي ڪافي آهي، جنهن ۾ هن فارسي، عربي زبانن جو اونهو محاورو ڏيکاريو آهي،” ڊاڪٽر گربخشاڻي جو چوڻ آهي تہ “شاهہ لطيف عربي، فارسي ۽ سنڌي جو وڏو عالم هو، ان ڪانسواءِ ٻين ٻولين بلوچي، پنجابي، هندي ۽ٻين جي بہ ڪافي ڄاڻ هئس” ڪن روايتن موجب سندن والد هالا حويلي مان لڏي ڪوٽڙي بيگ ۾ جيڪا ڪنڊو بس اسٽاپ ڪان اولهہ طرف هئي ۽ اتي مغلن جو ڪوٽ موجود هالا حيدرآباد روڊ تي اولهہ طرف هو، ڪوٽ جا نشان هاڻ ختم ٿي چڪا آهن، مغل، شاهہ حبيب جا مريد ٿيا، انهن ۾ مرزا بيگ نالي وڏي پهچ ۽ بااثر ماڻهو بہ رهندو هو، جنهن جي خاندان جو شجرو وڃي چنگيز خان سان لڳي ٿو، هن خاندان جو شاهہ حبيب ۾ وڏو عقيدو اعتماد هوندو هو، هو سندن وڏي عزت ڪندا هئا، هڪ ڀيري مرزا مغل بيگ جي نياڻي بيمار ٿي پئي ۽ دستور موجب تعويذ ڦل ۽ دعا ڦيڻي لاءِ شاهہ حبيب کي سڏايو ويو، ان ڏينهن شاهہ حبيب جي طبيعت ناساز هئڻ ڪري وڃي نہ سگهيا ۽ پنهنجي پٽ شاهہ لطيف کي اوڏانهن روانو ڪيائون، مغل نهايت سخت پردو ڪندا هئا ۽ حويلي ۾ ڪنهن بہ مرد ماڻهو کي اچڻ ڪونہ ڏيندا هئا ۽ بيمار ڇوڪري کي چادر ۾ ويڙهي ويهاريائون ۽ جيئن شاهہ کي ڇوڪريءَ جي آڱر ڦيڻي وجهڻ لاءِ هٿ ۾ ملي، تيئن عشق ڇپيون ڏيڻ لڳو ۽ مجازي عشق اري مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيس، پاڻ ڇوڪري کي دل ڏئي ويٺا ۽ چوڻ لڳو، “جنهن جي آڱر سيد هٿ ۾ تنهن کي لهر نڪو لوڏو.”

مشهور ليکڪ غلام نبي سڏايو آرٽيڪل علامت نگاري ۾ شاهہ لطيف ۾ مختلف اديبن جا حوالا ڏئي لکي ٿو تہ “اها روايت صحيح نہ آهي،” بهرحال اها ڳالهہ مغلن کي ناگوار لڳي ۽ ساداتن کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مجبورن هو ڪوٽڙي مان لڏي ويا. شاهہ لطيف عشق جي الفي ٻچيءَ ۾ وجهي اندر جي اڌمن ڪڍڻ لاءِ سندن لڪل شاعراڻو شعور پلٽجي پيو ۽ سندن عشق واري ڳالهہ ۽ اندر جي اڌمن وارن بيتن جو پوري علائقي ۾ چرچو وڌي ويو. شاهہ لطف کي عشق اهڙو تہ اري مان ڪڍي ڇڏيو جو تن من دنيا جو خيال نہ رهيس، جهرجنگ برپٽن ۾ ڏينهن جا ڏينهن پيو ڀٽڪندو هو، چون ٿا تہ هڪ دفعي لطيف سائين هڪ وڻ کي ٽيڪ ڏئي ويٺو هو ۽ محبوب جي خيال ۾ ايترو تہ ٻڏي ويو جو 3





ڏينهن لڳي ويس ۽ اڏامندڙ واريءَ کلهن تائين ڍڪي ڇڏيس.پٽ ڏٺي پنهنجي فقيرن لاءِ چوندا هئا تہ هو منهنجو اولاد آهن، شاهہ صاحب جن وٽ سدائين سماع لڳو پيو هوندو، آئي ويئي سان پاٻوهہ سان ملڻ ۽ محبت ونڊڻ ڪري سندن هاڪ هر هنڌ هلي پئي ۽ پري پري کان ماڻهو وٽن اچي حاضر ٿيڻ لڳا. ويجهو رهندڙ پيرن مشائخن کي اها ڳالهہ ڪانہ وڻي. شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ، شاهہ لطيف جي دشمنن جو احوال ڏيندي لکي ٿو:

“انهن مان هڪڙا هالن وارا پير مخدوم نوح جو اولاد ۽ ٻيا مٽيارين وارا سيد جي خود شاهہ جا ويجها عزيز هئا ۽ سنڌ جا حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙو انهن ڌرين لطيف کي گهڻو ستايو،” ليڪن مخدوم طالب المولىٰ جن جو لکيل ڪتاب جيڪو مخدوم جميل الزمان ڇپايو آهي، انهيءَ تاريخي، روايتن حوالن سان ان جي ترديد ڪئي آهي تہ مخدوم نوح جو اولاد شاهہ لطيف جا دشمن نہ هئا. ڪتابن ۾ اچي ٿو تہ شاهہ لطيف کي پنهنجي ڏاڏي شاهہ ڪريم بلڙي جو مقبرو ٺهرائڻ جو خيال ٿيو ۽ ڪاشيءَ جون سرون آڻڻ لاءِ پاڻ ملتان ويو، جتان واپس ورڻ تي خداآباد ڪلهوڙن جي گادي جي هنڌ وٽان لنگهيو تہ اتي ساهي پٽڻ لاءِ لنگر هنيائين، سندن اچڻ جو ٻڌي ماڻهن وڏي تعداد ۾ سندن حاضري لاءِ پهچڻ لڳا، ميان نور محمد ڪلهوڙو بہ پنهنجي قاصد هٿان موتين جي معجون جي دٻلي نذراني طور ڏياري موڪلي. شاهہ صاحب دٻلي وٺي درياءَ ۾ اڇلائي ۽ چيائين تہ ميان صاحب کي سلام ڏجو ۽ چئج تہ اوهان جي سوغات فقط اسين کائون ها تہ اسان کي فائدو پهچي ها پر هاڻ پل تہ عميق ۾ جيڪا مخلوق آهي اها بہ فيض حاصل ڪري چون ٿا تہ اوڏي مهل اتان مٿل مڇيون ترنديون ڏسڻ ۾ آيون!

روايتون آهن تہ شاهہ لطيف جي هاڪ ملڪان ملڪ ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي ۽ ڪيترائي استاد ڳائيندڙ گويا هندستان مان اچي نڪتا اٽل ۽ چنچل نالي دهليءَ جا ٻہ مشهور ڳائيڻا بہ اچي اتي پهتا، جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو مشهور گويئي تان سين جا پٽ هئا، ويرانيءَ ۾ آباد ڪيل نئين ڳوٺ ڀٽ شاهہ ۾ ميلي جيان سماءُ لڳو پيو هوندو هو. شاهہ سائين پنهنجا بيت پاڻ بہ ڳائنيدو هو، پڇاڙيءَ واري وقت ۾ کين ڪربلا جي زيارت ڪرڻ جو شوق جاڳيو، سنيري نڪتو تہ هڪ مريد گڏين ۽ چيائين تہ قبلا هي ڇا اوهان تہ چوندا آهيو تہ ڪفن دفن پٽ ۾ ٿيندو چون ٿا تہ

مريد الله جو پهتل هو ۽ ان حال پروڙي ورتو. شاهه سائين کي هي لفظ دل سان لڳا، موٽي پٽ تي آيو، ڪارو ويس ڪري سر ڪيڏارو جا بيت چوڻ لڳو ۽ فقيرن کي ٻه دنبوري تي ڪيڏارو ڳائڻ جو چيو، پاڻ هڪ ايڪيهون ڪڍيو، جنهن بعد وهنجي چادر ويڙهي مراقبي ۾ ٿي ويٺو ۽ فقيرن کي سماع ڪرڻ جو اشارو ڪيائون، ٽي ڏينهن سماع هلندو رهيو. آخر سماع بند ڪري فقير شاهه جي ويجهو وڃي ڏٺو ته پاڻ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪا هئا. سندن وفات 1752ع بمطابق 1125هه صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ تي ٿي ۽ انهيءَ تاريخ تي هر سال ڀٽ شاهه ۾ ٽي روزا ميلو لڳندو آهي.

مياں غلام شاهه ڪلهوڙو جيڪو لطيف سائين جي دعائن سان پئدا ٿيو ان سن 1127هه مطابق 1754ع ۾ ڀٽ ڏٽي جي آخري آرامگاه کي اڏايو ۽ دروازي تي ڪيترايون فارسي جي بيت واريون سرون لڳرايون. ڪتابن ۾ اچي ٿو ته شاهه لطيف جي ڇهري مان سدائين نور پيو ٻهڪندو هو ۽ اکيون وڏيون ۽ سدائين مشعل وانگر ٻيون ٻرنديون هيون. وڳنڌ نالي فقير ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي سان چرچو ڀوڳ نه ڪندا هئا، پاڻ سادو کائيندو سادو پائيندا هئا، بدن تي گيڙو ڪفني، مٿي تي ڊگهي جمني ٽوپي جنهن تي ٻه ٽي وارا ڪا ڪپڙي جا ويڙهيل هوندا هئا، پاڻ اڪثر پير اگهاڙا ڪري هلندو هٿ ۾ هڪ ڊگهي لٺ ڪٽندو هو، ڪاڏي پيتي لاءِ هڪ وڏو ڪشتو هوندو هو چون ٿا سندن ڪافي نشانيون اڄ درگاه تي رکيون هيون، ليڪن اهي هاڻ ڏسڻ ۾ ڪونه ٿيون اچن. پاڻ گهڻو وقت عبادت ۾ گذاريندو هو، هڪ دفعي فقيرن شڪايت ڪئي ته سائين ڀٽ تي مڇر ڏاڍا آهن، پاڻ جواب ڏنائون ته ابا مڇر اوهان جا سڄڻ آهن، جو اوهان کي غافل ٿي سمهڻ نٿا ڏين ۽ اوهان کي هدايت ٿا ڪن ته سستي ڇڏي الله جي عبادت ڪريو. روايتون آهن ته محرم مهيني ۾ پاڻ ڪربلا جي شهيدن لاءِ ماتم ڪندو هو، سر ڪيڏارو ۾ شهيد امامن لاءِ دانهون ۽ آهون ڪيون اٿس. شاهه لطيف جي شاعري انساني جذبن ۽ امنگن جي ترجماني ڪري ٿي ۽ انسان ذات جي ڀلائي بهتري لاءِ پيغام ڏئي ٿي. لطيف جي مشاهدي جي قوت تمام تيز آهي، هو هر شيءِ جي گهرائي ۾ وڃي بهتر نتيجا اسان جي آڏو پيش ڪري ٿو، سندس ڪلام ۾ انساني فطرت جو هر رخ ۽ انساني تجربي جو عڪس نمايان نظر ايندو. شاهه جي نظر ۾ ڪائنات جي سمورن رنگن ۾ وحدت





آهي، هن اسان کي سمجهايو آهي ته ڇو انڌا ٿيا آهيو، ڇو ڀيا پاڻ ۾ وڙهو، اوهان ته پاڻ ۾ هڪ آهيو، اوهان پاڻ کي هڪٻئي کان جدا سمجهڻ اوهان جي جهالت ۽ بي فڪري آهي.

پائي ڪان ڪمان ۾، ميان مار نه مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

يعني پنهنجي پاڻ کي الڳ سمجهڻ وڏي ناداني آهي، خودپرستي جي تصور ۽ اونچ نيچ رنگ نسل ۽ ذات پات جا ويڇا پيدا ڪري انسان کي الڳ الڳ ڪري ڇڏيو آهي. بغض، ڪينو، حسد، ساڙ، خودغرضي، تڪبر، تعصب ۽ انسان دشمني انهيءَ تصور جي پيداوار آهي، انهيءَ ڪري ملڪ ۾ انتشار فساد آهي، لطيف سرڪار پنهنجي بيتن ۾ سمجهائي ٿو ته زندگي جو مقصد رڳو مادي ترقي تائين محدود نه رکو، هتان ماديت ۾ مبتلا ٿيو ته خود غرضي ۾ نه ڦاسي پئبو، پنهنجي مفاد ۽ مقصد لاءِ ٻئي کي نقصان پهچائڻ ۾ ڪابه هٻڪ محسوس نه ٿا ڪريو. اهڙي حالت ۾ حقيقي مقصد هٿ نه ايندو. شاه سائين پنهنجي شاعري ۾ اهو پيغام ڏي ٿو ته پنهنجي ترقي ۽ خوشحالي جي تمنا ضرور رکو، پر ٻين جا حق غضب نه ڪريو، ٻين جي راهن ۾ رڪاوٽون پيدا نه ڪريو، پاڻ جيئو ۽ ٻين کي جيئڻ ڏيو. حقوق العباد تي مڪمل عمل ڪريو.

شاهه لطيف جو رسالو ۽ سندس وجود سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ قوم لاءِ هڪ اعليٰ آدرشي نمونو آهي، ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي لکي ٿو ته جڏهن ٻين شاعرن جي شاعري ٽڏي ٽانئري ٿي ويندي آهي، تڏهن به شاهه صاحب جي شاعري ساڳئي جلوي، زندگي ۽ دنيا جي منجهيل، ڪٺن ۽ ٻاٽ اونداهين وارن رستن کي روشن ڪندي رهندي. لطيف سنڌي ٻولي کي سلاست، بلاغت، فصاحت ڏيندڙ ڏٽي هو. نوان نياپا نوان طريقا نيون امنگون ۽ اظهار جا نوان طريقا ڏئي ويو، لطيف عظيم هو، ڀلا ڀاڳ آهن سنڌ جا لطيف جهڙو عظيم صوفي بزرگ ۽ لافاني شاعر هتي پيدا ٿيو.

## حضرت فقير نوح هوٿياڻي

سنڌ ڌرتي درويشن جو ديس سڏجي ٿي، هن ڌرتي ڪئين بزرگ هستيون، روحاني شاعر، عالم، اديب، دانشور پيدا ڪيا آهن، انهن ۾ حضرت فقير نوح هوٿياڻي جي شخصيت ۽ بزرگي اعليٰ مقام رکي ٿي، سندن شمار سنڌ جي مشهور بزرگ هستين ۽ اوائيلي روحاني شاعرن ۾

ٿئي ٿو. سندس درگاهہ هالا، مٽياري جي وچ تي ڳوٺ نوح هوٿياڻي ۾ آهي، جتي روزانو سڄي سنڌ مان عقيدتمندن جو وڏو تعداد حاضري ڀرڻ ۽ پنهنجون حاجتون پوريون ٿيڻ لاءِ باسون باسڻ لاءِ اچي ٿو. حضرت فقير نوح هوٿياڻي جي مزار تي هر وقت زائرين جو ميلو متل هوندو آهي. حضرت فقير نوح هوٿياڻي بابت تفصيلي معلومات بابت هن وقت تائين لکت ۾ نہ اچي سگهي آهي. ليڪن ڪافي ڪتابن ۾ سندن مختصر احوال آيو آهي، جنهن موجب پاڻ عربستان کان آيل آهن. روايتون آهن تہ جڏهن مولا مشڪل ڪشا حضرت علي ع جن خيبر قلعو فتح ڪيو تہ ان بعد لاتعداد ڪافر جيڪي باغي هئا، اهي اتان ڀڄي ڏکڻ ايشيا ۾ اچي پناهہ ورتي، ان وقت سنڌ ۾ راجائن جي حڪومت هئي، ان ڪري هنن پاڻ کي سنڌ ۾ محفوظ سمجهيو ٿي. روايتون آهن تہ ان وقت خيبر قلعي کان آيل باغين ڪنڊو ويجهو پنهنجو شهر آباد ڪيو، جيڪو انتهائي وڏو شهر هو. ڪن مورخين جو چوڻ آهي تہ اهو شهر موجوده ڪيبر وارو شهر آهي. روايتون آهن تہ حضرت فقير نوح هوٿياڻي کي خواب ۾ حضرت محمد صہ جن کان بشارت ملي تہ خيبر شهر وڃي اسلام جي تبليغ ڪر ۽ فقير نوح هوٿياڻي تبليغ جو قافلو وٺي عربستان کان ايران اتان افغانستان بعد ۾ لڪ خيبر کان اوچ شريف جتان ملتان شريف اتان ڪيبر پهتو، مٿين ملڪن ۾ پڻ ڪافي عرصو رهيو ۽ پاڻ دين اسلام ۽ انسانيت جي پرچار ڪئي، سندن تبليغ جو انداز اهڙو هو جو ان سان ڪيترائي غير مسلم مسلمان ٿيا. روايتون آهن تہ خيبر لڪ ۾ فقير صاحب جو اولاد آهي، جيڪو وري مخدوم سڏجي ٿو، هتي حضرت فقير نوح هوٿياڻي پنهنجي طريقي سان اسلام جي تبليغ ڪئي ۽ لاتعداد معجزا ڏيکاريا، جنهن سان ڪيترائي غير مسلم پاڻ مرادو مسلمان ٿيا. فقير صاحب جتي سندن مزار آهي، اتي پنهنجو آستانو قائم ڪيو، جتي ماڻهن جا ميڙا مچڻ لڳا، سندن دعائن جو اهڙو اثر هو جو جنهن لاءِ دعا گهرن انهن جا ٻيڙا پار ٿيڻ لڳا. سندن دعائن سان بي اولادن کي اولاد عطا ٿيڻ لڳو، بيمارن کي صحت ملڻ لڳي. پريشان حال ماڻهن جون پريشانيون ختم ٿيڻ لڳيون، هر حاجت مند جون حاجتون پوريون ٿيڻ لڳيون، اهڙي ريت فقير صاحب جي هاڪ پوري علائقي ۾ پکڙجڻ لڳي.

پاڻ انتهائي فقيراڻي طبيعت وارا سادو پائڻ سادو کائڻ ۽ سادگيءَ سان رهڻ وارا خاموش طبيعت رکندڙ گهڻو وقت ذڪر الاهي ۾





گذاريندا هئا، پاڻ ٻڪرين جا شوقين هئا، هنن وٽ ٻڪرين جو ڌڻ هو. حضرت مخدوم طالب الموليٰ جن سروري جماعت جو ڏهر اويسي طريقو مضمون ۾ مختلف ڪتابن جي حوالي سان لکي ٿو تہ "هي درويش فقير نوح هوٿياڻي 8 صدي هجري ۾ ٿي گذريو آهي. مخدوم صاحب هڪ ڪتاب جو حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ جڏهن ڄام تماچي ۽ ڄام صلاح دين دهلي قيد مان آزادي ماڻڻ بعد نٽي ويندي ڪيبر شهر وٽ پهتا تہ هڪ درويش ڏٺائون، جيڪو ٻڪرين جو ڌڻ چاري رهيو هو، ان موقعي تي ڪو شخص سندس ٻڪرين جي ڌڻ ڏانهن وڌيو تہ هن درويش چيو تہ ڄام تماچي جي حڪم سان منهنجي مال سان دست اندازي نہ ڪر، اهو ٻڌي هو تعجب ۾ پئجي ويا ۽ اڳتي وڌي اچي درويش کان پڇائون تہ ملڪ جو والي اڃا ڄام جوڻو آهي ۽ ڄام تماچي دارلخلافت دهلي ۾ نظر بند آهي، پوءِ تون ڪيئن ٿو چئين تہ ڄام تماچي جو حڪم آهي، ان تي درويش فرمايو تہ ڄام تماچي جي مون کي خبر ناهي باقي ٻن ٽن ڏينهن کان وڻ ٽڻ پکي پکڻ کان اها صدا ٻڌي رهيو آهيان تہ ڄام تماچي جو حڪم آهي، اها بشارت ٻڌي ڄام تماچي تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ درويش سان پنهنجو حال ڪيائين ۽ مقصد حاصل ڪرڻ خاطر پاڻ تي نذرانو مقرر ڪيائين، غالبا انهي موقعي تي درويش فقير نوح هوٿياڻي هن کي دعا ڪئي تہ فتح اوهان جي آهي ۽ فقير صاحب ان موقعي تي شعر جي انداز ۾ دعا ڪئي تہ:

جوڻو وڃي جهوري ماريو، ڄام تماچي وڃي شهرين چاڙهيو،

يعني: تہ ڄام جوڻو وڃي پورو ڪريو ۽ ڄام تماچي کي وڃي ملڪ جو بادشاهہ بڻايو. هڪ ٻي روايت موجب ڄام تماچي معذول ٿيڻ بعد ڄام جوڻو کي وڃي حڪمران بڻايو، جيڪو انتهائي ظالم هو، هن ڄام تماچي جهڙي انسان دوست ۽ سخي کي وڃي قيد ڪيو ۽ عوام تي ظلم ڪيا، ماڻهو ظلم کان تنگ اچي فقير نوح هوٿياڻي وٽ پهتا ۽ عرض ڪيائون تہ ڄام جوڻو جي ظالمانہ حڪومت جي ختم ٿيڻ ۽ ڄام تماچي جي آزادي ۽ سندس ٻيهر حڪمران ٿيڻ لاءِ دعا گهرو ۽ ان موقعي تي فقير صاحب مٿيون شعر پڙهي ڄام جوڻو کي پاراتو ڏنو ۽ ڄام تماچي لاءِ دعا ڪئي. روايتون آهن تہ فقير صاحب جي ايئن چوڻ بعد رعيت ظالم حڪمران ڄام جوڻو خلاف بغاوت شروع ڪري سندس حڪومت ختم ڪئي ۽ ڄام تماچي حڪومت جون ٻيهر واڳون سنڀالڻ بعد پنهنجن وزيرن ۽

اميرن ۽ پيو لشڪر ساڻ ڪري فقير نوح هوٿياڻي وٽ پهتو، قدم بوسي ڪري وزيرن اميرن سميت هن بزرگ جي هٿ بيعت ڪري مريد ٿيو ۽ فقير صاحب جي آستاني تي هڪ کوهه کوٽايائون. فقير صاحب جي وفات بعد سندن آخري آرام گاهه مٿان خوبصورت مقبرو تعمير ڪرايائون، جيڪو اڄ به موجود آهي. ڪتاب تذڪره مشاعر ۾ لکيل آهي ته حضرت فقير نوح هوٿياڻي حضرت مخدوم نوح سرور جن جي والد محترم مخدوم نعمت الله جن جي خدمت ۾ اچي ڪجهه نه ڪجهه نذرانو ڏيندو هو، جڏهن حضرت نوح والده صاحبه جن ڪي سر جو ته درويش فقير نوح هوٿياڻي اهو نذرانو مخدوم نعمت الله جن ڪي ڏيڻ بجاءِ حويلي تي اماڻي ڇڏيندو هو، حضرت مخدوم نوح سرور جن جي ولادت ڪانپوءِ فوري طور فقير صاحب اتي پهچي مخدوم نعمت الله ڪي مبارڪباد ڏني ۽ مخدوم نوح جن جي ڪن ۾ اذان ڏئي پنهنجي نالي جو اڌ لقب پڻ ان ڪي ڏنو ۽ فقير صاحب ان بعد سگهوئي وفات ڪري ويو، جڏهن ته نوح پوٽا فقيرن جي وڏن ڪان اها روايت پڌائي وڃي ٿي ته، "حضرت مخدوم نعمت الله جن ڪي اولاد نه ٿيندو هو، جڏهن ڪيس خبر پئي ته ڪيبر ڳوٺ ۾ ڪو وڏو بزرگ رهي ٿو ۽ پاڻ فقير صاحب جن وٽ پهچي پڌايو ته هو اولاد جهڙي نعمت ڪان محروم آهي ۽ درويش نوح هوٿياڻي ڪيس دعا ڪئي ۽ ڪين چيو ته الله سائين اوهان ڪي پٽ ڏيندو ۽ جيڪو حافظ قرآن ۽ بزرگ ٿيندو، سندس نالو منهنجي نالي سان نوح رکجو، ان دعا بعد مخدوم نعمت الله ڪي رب سائين پٽ عطا ڪيو، جنهن جي خبر درويش نوح هوٿياڻي ڪي بروقت پئجي وئي ۽ پاڻ اتي پهچي مخدوم نعمت الله ڪي چيو ته ننڍڙي ڪي ڪٺي اچو ۽ پاڻ ننڍڙي جي ساڄي هٿ جي ڇيچ جهلي ۽ اذان چئي ۽ عارضي طور سندن نالو مخدوم لطف الله رکيو ۽ سندس والد ڪي چيو ته منهنجي وصال بعد سندس نالو نوح رکجو ۽ پاڻ ڪين تحفي طور هڪ فقيراڻي گودڙي ڏنائون ۽ چيائون ته هي گودڙي هن ننڍڙي لاءِ ڀاڳن واري ٿيندي."

جڏهن ته سروري جماعت جو ڏهر ۽ اويسي طريقي واري مضمون ۾ مخدوم طالب المولىٰ لکيو آهي ته "حضرت مخدوم نوح سرور رح جي والد مخدوم نعمت الله جي خدمت ۾ هڪ فقير نوح هوٿياڻي رهندو هو، جيڪو هڪ ڏينهن مخدوم نعمت الله جن ڪي اهو چئي هليو ويو ته اوهان جي پيشاني ۾ جيڪو نور هو سو منتقل ٿي چڪو آهي،





جنهن ڏينهن حضرت مخدوم نوح سرور رح جن جنم ورتو ان ڏينهن درويش فقير نوح هوٿياڻي اتي پهچي ويو ۽ مخدوم نوح سرور رح جي بيعت ڪري مريد ٿيو ۽ ان جو ذڪر مشهور شاعر فقير منٺار راڄڙ ڏهر ۾ ڪيو آيو."

جڏهن ته درگاهه فقير نوح هوٿياڻي جي متولي فقير ڏٽي بخش نوح پوٽو مرحوم اڪثر پڌائيندو هو ته "اسان وڏڙن ڪان اهي ڳالهيون سيني به سيني پڌندا اچون ته حضرت مخدوم نوح سرور رحه فقير نوح هوٿياڻي جي دعائن سان پيدا ٿيو ۽ 9 لک مريد به فقير صاحب جي دعائن سان ٿيس، فقير ڏٽي بخش نوح پوٽو مرحوم پاران درگاهه ۾ اوطاري وٽ وڏا بورڊ لڪرائي هنيا جن مان هڪ تي لکيل هو ته حضرت مخدوم نوح جو هر سجاده نشين هتي پڳ پڌندو آهي ۽ پڳ جو پهريون ور فقير نوح هوٿياڻي جو سجاده نشين ڏيندو آهي، پڳ پڌڻ وارو سمورو خرچ مخدوم صاحب جن ڪندا آهن ۽ فقير نوح هوٿياڻي جي سجاده نشين ڪي مقرر ٿيل 7 ڪاريون ڳرهاڙيون (بسريون) جون ۽ هڪ ڪاري گهوڙي هڪ ڪاري ڦندر ڏيندا رهيا آهن. سندس چوڻ هو ته مخدوم امين فهيم سجاده نشين جي پڳ درگاهه حضرت مخدوم نوح سرور جن جي درگاهه تي پڌي هئي ۽ پڳ ڪان پئي ڏينهن درگاهه فقير نوح هوٿياڻي تي پهچي چادر چاڙهي قل پڙهيا. فقير نوح هوٿياڻي جون ڪئين ڪرامتون مختلف ڪتابن ۾ لکيون ويون آهن، پاڻ وقت جا صاحب ڪرامت ۽ سخي هئا، جڏهن ته سنڌي زبان جا اوائلي شاعرن مان هڪ هئا، ليڪن بدقسمتي سان سندن شاعري لکت ۾ نه اچي سگهي آهي. روايتون آهن ته فقير صاحب جا هزارين جن به مريد هئا، جيڪي انساني روپ ۾ فقير صاحب جن جي ڪچهري ۾ ويٺا هوندا هئا. فقير صاحب جن جي حال حيات ڪان وٺي هن وقت تائين سڄي سنڌ جون مختلف برادرين وارا عقيدت وچان باقاعده ڏن ڏيندا رهن ٿا، جن ۾ راٽيپور جا نوح پوٽا فاضلاڻي سيدن جا ڪيترائي پاڙا حيدرآباد جا سومرا، پاتولي ۽ سما، ٽنڊو آدم جي ڏيرن فقيرن ۽ ڪوسن جا ڪيترائي پاڙا، اجناڻي سيد مٽياري جا جراڙ پوٽا سيد، ميمڻ، ٽيپا، خيبر جوڳي ۽ ملاح، ملاڪاتيار جا پگهيا ۽ ٻيون ذاتيون شامل آهن، جڏهن ته فقير صاحب جا هندو به هزارن جي تعداد ۾ مريد آهن، جن مان 80 سيڪڙو ورهاڱي ڪان پوءِ ڀارت لڏي ويا. فقير صاحب جو عرس مبارڪ سندن وصال بعد سندس

فرزند شاهہ عقيق لڳائڻ شروع ڪيو، ماضي ۾ سهائو سومار بہ لڳندو هو، ان موقعي تي منو ڪير ۽ ڳڙ ۾ رڌل ڪٽڪ جو ڏارو ورهايو ويندو هو. فقير تاج محمد نوح پوٽو ٻڌائي ٿو تہ حضرت فقير نوح هوٿياڻي جي اولاد مان بہ ڪيترائي بزرگ پيدا ٿيا آهن، جيڪي پڻ صاحب ڪرامت هئا، انهن ۾ شاهہ عقيق آري سوپو آري گهوٽ حضرت سليمان فقير مخدوم عبدالمالڪ نوح پوٽو پڻ شامل آهن. حضرت فقير نوح هوٿياڻي جو ڪنڊي جي وڻ سان چاهہ هوندو هو ۽ پاڻ اڪثر ڪنڊي جي وڻ هيٺان ويهندا هئا ۽ پاڻ ماڻهن کي ڪنڊي جي وڻ کي وڍڻ کان منع ڪندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو فقير صاحب جو خاندان توڙي مريد ڪنڊي جو وڻ نہ وڍيندا آهن، ميلي جي وچين ڏينهن حضرت غوث بهاءُ الدين ذڪريا جو سچي گيهہ ۾ تيار ڪيل روٽ جون وڏي تعداد ۾ ديڳيون زائرين ۾ تبرڪ طور ورهايون وينديون آهن، سنڌ اندر لڳندڙ ميلن ۾ فقير نوح هوٿياڻي جو ميلو واحد ۽ انوکو ميلو آهي، جتي ماني جون هوٽلون نہ لڳنديون هيون. هتان جي فقيرن جون 30 کان وڌيڪ اوطاقن تي لنگر پيو هلندو آهي، جتي واقف اڻ واقف ديسي پرديسي لنگر اچي کائيندا آهن، هتي ميلي جا ٽئي ڏينهن شاندار ملاکڙو لڳندو آهي، جيڪو پٽ شاهہ ۽ سيوهڻ جي ملاکڙن کان پوءِ 3 نمبر تي ليکيو وڃي ٿو، هتي ملهن کي وڏا انعام ڏنا وڃن ٿا، ملاکڙي کي وڌائڻ ۾ فقير ولي محمد نوح پوٽي جو وڏو ڪردار آهي. فقير نوح هوٿياڻي جي درگاهہ توڙي شهر جي ترقي جو ذڪر ٿيندو تہ فقير ولي محمد نوح پوٽو جو نالو اڳيان هوندو. پاڻ ماضي ۾ يونين ڪائونسل پٽ شاهہ جي چيئرمين جي حيثيت سان هتي بيسڪ هيلٿ سينٽر مڊل اسڪول پرائمري اسڪول جون عمارتون ورتيون ۽ يونين ڪائونسل جي ناظم جي حيثيت سان ضلعي حڪومت مٽياري جي ناظم سيد محمد علي شاهہ جاموٽ کان درگاهہ تي مسافر خانو قبرستان جو ڪمپائونڊ وال ٽائيلس جي ڪم لاءِ 25 لک روپيا منظور ڪرائي ڪم ڪرايو، ملاکڙا اسٽيڊيم ٺهرايو، زائرين ۽ علائقي جي عوام کي صحت جون سهولتون ڏيڻ لاءِ بيسڪ هيلٿ سينٽر کي رورل هيلٿ سينٽر جو درجو ڏياري ڏيڍ ڪروڙ جا ترقياتي ڪم ڪرايا آهن. زائرين جي پيئڻ جي صاف پاڻي لاءِ تقريبن 50 لک روپين جي لاڳت سان واٽر پلانٽ لڳرايو آهي. جڏهن تہ درگاهہ کان ملاکڙا اسٽيڊيم تائين روڊ اسٽريٽ لائيٽ رهيل پاڙن کي بجلي







گهٽين جو سي سي بي بلاڪ سرڪل روڊ گرلس اسڪول جي بلڊنگ روشني لاءِ بہ ماس پول ٽاور يونين ڪائونسل جي آفيس ۽ ٻيا ترقياتي ڪم ڪرايا آهن. فقير ولي محمد جون درگاهہ ۽ ڳوٺ ۽ علائقي لاءِ اهي خدمتون قابل تعريف آهن. هن درگاهہ جي سار سنڀال لاءِ نوح پوٽا فقيرن پاران گڏيل راءِ سان متولي مقرر ڪيو ويندو آهي. هن وقت متولي عباس فقير نوح پوٽو آهي. حضرت فقير نوح هوٿياڻي جو ساليانو عرس مبارڪ هر سال صفر مهيني جي تي ملهايو ويندو آهي. ڳوٺ نوح هوٿياڻي ۾ سندس ابدي مڪان تي روايتي انداز ۾ ملهايو وڃي ٿو، سڄي سنڌ مان هزارين مريد ۽ عقيدتمند درگاهہ تي سلامي ڏيڻ لاءِ پهتل هوندا آهن.

## حضرت هوٿياڻي جون بزرگ هستيون

**شاهہ عقيق:** پاڻ حضرت نوح هوٿياڻي فقير جو پٽ هو. وڏو صاحبِ ڪرامت هو، آري سوپو ڪتاب تذڪره مشاهير ۾ ڪيس مخدوم سوپو ڪيبراڻي لکيو ويو آهي. ڪتاب ۾ آيل آهي تہ پاڻ حضرت مخدوم نوح سرور رح جن جا مريد هئا. ڪامل ڪرامت جو مالڪ هو. بلند آواز ذڪر ڪندو هو، هڪ ڏينهن ڪيبر پرسان ذڪر ڪري رهيو هو تہ سندن وات مبارڪ مان گف وهي پئي. جا گاهہ تي وڃي ڪري، اهو گاهہ هڪ ڍڳي کاڌو تہ ڍڳي ٻيچين ٿي دانهون ڪرڻ لڳي. ڍڳي جي مالڪ ڍڳي کي کهي ڇڏيو. گوشت ڪجهہ وڪرو ڪيو، ڪجهہ ورهايو، جن بہ ماڻهن اهو کاڌو انهن جي قلب مان ذڪر الاهي شروع ٿي ويو. اها حقيقت ماڻهن مخدوم نوح سرور رح جن کي ٻڌائي، تہ پاڻ فرمايو تہ جيڪي ماڻهو مخلص هوندا آهن، انهن جي ذڪر جو اثر باقي رهندو آهي.

ڪتاب دليل ذاڪرين جو ڪاتب فقير حاجي پنهور لکي ٿو تہ گوشت کائيندڙ مان جن ذڪر الاهي شروع ڪري ڏسن، انهن مان راهو فقير بہ شامل هو، جنهن اهو احوال مون سان اچي ڪيو، سندس مزار ڪنڊو روڊ پرسان آهي.

**آري گهوٽ:** هي مشهور بزرگ بہ شاهہ عقيق جو فرزند هو، پاڻ صاحب ڪرامت هو، ماضي کان هن علائقي جي روايت رهي آهي تہ جنهن جي فصل کي اڏوهي وڻندي آهي، ”فصل جي اڏوهي کي مورائي چيو ويندو آهي“، ان اڏوهي کي ختم ڪرڻ لاءِ آري گهوٽ جي مزار وٽان مٽي ڪٽي پي مٽي سان ملائي فصل ۾ ڇٽي ويندي آهي تہ اها اڏوهي ”مورائي“ ختم ٿي ويندي آهي. مخدوم طالب الموليٰ جن اڪثر سندن مزار تي ايندا

هئا. سندن مزار ڪنڊو روڊ پرسان سنگراسي ڳوٺ لڳ آهي، جتي روزانو وڏي تعداد ۾ مريد اچن ٿا.

**حضرت فقير آرالدين:** حضرت شاهه عقيق جو ٽيون نمبر فرزند هو، مشهور بزرگ هستي صاحب ڪرامت هو، سندس آخري آرام گاهه حضرت نوح هوٿياڻي جي مزار جي ڏکڻ طرف آهي، سندس آخري آرام گاهه تي مزار ٺهيل آهي.

**مرحوم عبدالمالڪ نوح پوٽو:** 1955ع ۾ رسالي نئين روشني ۾ فقير ولي محمد لغاري لکي ٿو ته ڪڙيو گهنور پرسان هڪ مشهور بزرگ جي مزار تي ويس، جنهن جي قبر جي قطبي تي عبدالمالڪ نوح پوٽو صديق و قريشي لکيل هو، ليڪن نوح پوٽا برادري جي معزز فقير تاج محمد فقير جو چوڻ آهي ته اسين جڏهن اتي پهتاسين ته قبر تي لڳل سر غائب هئي ۽ سر جي جاءِ تي سيمينٽ لڳايو ويو هو.

**مرحوم حضرت سلمان فقير نوح پوٽو:** وقت جو وڏو بزرگ هو، جن سندس مريد هئا، هڪ وظيفي ذريعي جنن کي مريد ڪيو، علائقي جي ماڻهن ٻه جنن کي ڏنو، بيمار ماڻهن کي دعا ڪرڻ سان هو صحتياب ٿي ويندا هئا، جڏهن ته ان بعد محمود فقير، دائود فقير ٻه وقت جا بزرگ هئا ۽ هنن بابت يا ان ڪانپُوءِ سندس اولاد ڇا هو، بزرگ هئا، صاحب ڪرامت هئا، ڪرامتون ڪهڙيون ڏيکاريون، ڪابه معلومات نه ملي سگهي آهي. هن خاندان بابت لائق فقير ۽ سندس پاءُ جمن فقير بابت مختصر احوال ملي سگهيو آهي. اهي ٻئي پائر برک زميندار، سخي مرد، مهمان نواز هئا. هر جمع تي وڏيون خيراتون ڪندا هئا. مخدوم آف هالا وارن جا ويجها ماڻهو هئا، جمن فقير 1970ع ۾ لائق فقير 1974ع ۾ گذاري ويا، هن خاندان جي انتقال ڪري ويلن ۾ پين ڪانپوءِ.

**مرحوم الهه بخش فقير:** سندس شمار علائقي جي وي آءِ پي ماڻهن ۾ ٿيندو هو، وڏا سخي، پرهيزگار هئا.

**مرحوم خان محمد فقير:** پٽ شاهه يو سي جو پهريون چيئرمين هو، انتهائي ذهين مشهور، سياسي سماجي شخصيت هو، ضلعي ڪائونسل حيدرآباد جو ميمبر به رهيو. قانون جووڏو ڄاڻو، گفتگو جو وڏن ڏانءُ هو.

**مرحوم مير محمد فقير:** مخدوم آف هالا وارن جي ويجهو رهيو، اتي ٿيندڙ فيصلن لاءِ امين مقرر ٿيل هو. فيصلن ڪرڻ جو وڏن فن هو.

**مرحوم يار محمد فقير نوح پوٽو:** پنهنجي وقت جو ايماندار،





فرض شناس باهمت ايس پي هو. جتي رهيو ڌوهارين خلاف آپريشن ڪيا، پنهنجي آفيس جا دروازا عوام لاءِ کليل رکيا. پوليس کاتي ۾ سندس فرض شناسي ۽ ايمانداري جا مثال ڏنا ويندا هئا. پاڻ يار ويس عوام دوست شخصيت هئا. 1998ع ۾ انتقال ڪري ويا. سندس فرض شناسي ۽ ايمانداري ڪري صدر ايوب مٿس مهربان هو. پاڻ لاهور، اسلام آباد، راولپنڊي، ڪراچي، سانگهڙ ۽ پين ضلعن جا ايس پي رهيا.

**مرحوم فقير غلام محمد نوح پوٽو:** مثالي زميندار هو، سخي مرد، سماجي شخصيت مخدوم طالب المولىٰ جن جو خاص ماڻهو هو.

**مرحوم ڏنل فقير نوح پوٽو:** مشهور زميندار، غريبن جو همدرد، يار ويس، سخي، مهمان نواز شريف النفس شخصيت هو.

**مرحوم محمد دائود فقير:** نيڪ نمازي، سچار، پرهيزگار، ايماندار، فيصلن جو ماهر، عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندڙ، وڏو مهمان نواز هو، ڪڏهن به ڪنهن سان منهن سچائي نه ڳالهايو. 1993ع ۾ وفات ڪري ويو.

**مرحوم روشن فقير:** مخدوم صاحب جو وڏو عقيدتمند پ پ اڳواڻ، پ پ پ ۾ سندس قربانيون اڻ وسرندڙ آهن، پارٽي لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ وارو، وڏو مهمان نواز ۽ سدا بهار شخصيت هو، 2002ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

**مرحوم حاجي محمد عالم فقير نوح پوٽو:** مشهور زميندار فقيراڻي طبيعت جو مالڪ هو، سندس گفتار جو انداز ڏاڍو پيارو، تصوف ۾ وڏي ڄاڻ رکندڙ، سخي مرد، هر ڪنهن کي منهن تي سچ چوڻ وارو هو. فقير نوح هوٿياڻي جي ميلي کي وڌائڻ ۾ سندس وڏو ڪردار رهيو.

**مراد علي فقير:** لکيل پڙهيل زميندار زنده دل ذهين شخصيت جو مالڪ هو.

**مرحوم جان محمد نوح پوٽو:** ماهر تعليم ۽ عالم دين هو، پاڻ تعليم کاتي ۾ هئا، نوڪري ڇڏي زمينداري ڏانهن ڌيان ڏيڻ لڳو، انتهائي ذهين شخصيت هئا، 1999ع ۾ گذاري ويا. فقير نوح هوٿياڻي ۾ علم جي روشني پکيڙڻ ۾ سندس هٿ هو.

**مرحوم فقير ڏٽي بخش نوح پوٽو:** حضرت فقير نوح هوٿياڻي درگاهه جو متولي هو. تاريخ سان گهري دلچسپي رکندڙ، فقيراڻي طبيعت جو مالڪ، ننڍي وڏي سان پيار واري انداز ۾ ڳالهائيندڙ، مثالي

زميندار، انتهائي ذهين شخصيت هئا. کين اسلامي ۽ تاريخي ڪتابن سان گهري دلچسپي هئي، پڻ وڏا سخي مرد، زنده دل، سچار، مهمان نواز، غريبن جا همدرد هئا. پاڻ 2001ع ۾ انتقال ڪري ويا.

**مرحوم عدر نوح پوٽو:** وقت جو مشهور سماجي ڪارڪن، عوام جو خدمتگار، برک زميندار هئڻ جي باوجود منجهس وڏائي اصل نہ، فقيراڻي طبيعت جو مالڪ، قانون جو ڄاڻُ، فلاحي ڪمن ۾ دلچسپي رکندو هو.

**مرحوم فقير محمد صالح نوح پوٽو:** پنهنجي وقت جو مثالي پوليس آفيسر، مختلف ٿاڻن تي ايس ايچ او رهيو، پاڻ بهترين زميندار بہ هئا. سندس اولاد ٽنڊو آدم ۾ رهي پيو.

**محروم سبب علي فقير:** پاڻ مشهور صحافي، ليکڪ ۽ سماجي ورکر هو، ماضي ۾ اڄ وانگر بيباڪي سان سچ لکڻ ڏاڍو ڏکيو هو، پر هي ان وقت بہ سچ لکندو هو، پاڻ مختلف اخبارن ۾ رپورٽر ۽ فري لانسر طور ڪم ڪيو. ڪنهن ماڻهو سان ڏاڍ ۽ زيادتي ٿيندي هئي تہ اٿي کڙو ٿيندو هو ۽ ان مظلوم ڪي وٽي واسطيدار حڪام جي آفيسن جا چڪر پيو لڳائيندو هو، پاڻ زنده دل، ذهين، يار ويس، مهمان نواز شخصيت هئا.

**مرحوم شفيع محمد فقير:** اها زنده دل ۽ سجاڳ ذهن واري شخصيت هئي، جنهن پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ڏياري ايس پي يار محمد فقير، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ فقير، الهبچايو فقير، ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ فقير، الهبچايو فقير، ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ فقير اڄ سٺي مقام تي پهتل آهن، پاڻ نيڪ نمازي، پرهيزگار، يار ويس مهمان نواز شخصيت هو.

**مرحوم محمد رفيق فقير:** انتهائي ذهين، علم ادب سان گهري دلچسپي رکندڙ، يار ويس نوجوان هو، نوجوانيءَ ۾ ئي گذاري ويو.

**مرحوم حاجي محمد فقير:** فقيراڻي طبيعت جو مالڪ، سٺو زميندار، غريبن جو همدرد ڪل مک انسان هو.

**فقير عبدالمجيد نوح پوٽو:** مر دلعزيز شخصيت ادب دوست غريبن جي ڪم اچڻ وارو بهترين استاد هو، غريب شاگردن جي مدد بہ ڪندو هو.

**مرحوم محمد شريف فقير نوح پوٽو:** پاڻ مشهور زميندار ٽرانسپورٽ ۽ النوح پيٽرول پمپ جا مالڪ آهن، پاڻ لکيل پڙهيل ذهين،





وڏامهمان نواز يار ويس آهن، سندس آفيسر طبقي سان دوستي آهي. سنڌ جا ڪافي وڏا آفسر سندس ڪلاس فيلو رهيا آهن، فيصلن ڪرڻ جا ماهر، زنده دل انسان دل ۾ رکڻ بجاءِ منهن تي چئي ڏيڻ، سچ ڳالهائڻ وارا سندن ويجها رهيا.

**رسول بخش فقير:** مشهور زميندار آهي. پلا گهوڙا، ڪڪڙ ڏارڻ سندس شوق آهي. انتهائي ذهين آهي، شاهنواز جوڻيجو جو ويجهو دوست رهيو.

**فقير غلام حيدر نوح پوٽو:** علائقي جو وڏو ۽ بهترين زميندار، سخي مرد، مهمان نواز، غريبن جو يار آهي. بي گهر غريبن کي بنا معاوضي پنهنجي زمين مان پلاٽ ڏنا آهن. ميلي ۾ روزانو وڏي ليول تي لنگر نياز ڪندو آهي، فقيراڻي طبيعت جو مالڪ هو.

فقير نوٽياڻي جي مشهور شخصيتن ۾ پين ڪان سواءِ فقير ولي محمد نوح پوٽو، فقير محمد اشرف نوح پوٽو، فقير فتح محمد نوح پوٽو، فقير رشيد نوح پوٽو، فقير تاج محمد نوح پوٽو، فقير عباس علي نوح پوٽو، فقير قمر الدين نوح پوٽو ايڊووڪيٽ، فقير امير نوح پوٽو، فقير عبدالقيوم نوح پوٽو، فقير محمد نوح پوٽو، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ نوح پوٽو، فقير نظير احمد نوح پوٽو، فقير محمد رحيم نوح پوٽو، فقير عبدالحميد نوح پوٽو، فقير عبداعزيز نوح پوٽو، فقير ذاڪر حسين نوح پوٽو، فقير ظهير احمد نوح پوٽو، فقير مير محمد نوح پوٽو، فقير محمد عثمان نوح پوٽو، فقير خالد نوح پوٽو، فقير نياز علي نوح پوٽو، فقير نبي بخش نوح پوٽو، فقير ارباب علي نوح پوٽو، فقير امين علي نوح پوٽو، فقير مبين موح پوٽو، فقير منثار نوح پوٽو، فقير شبير نوح پوٽو، فقير امداد نوح پوٽو، فقير محمد وارث نوح پوٽو، فقير محمد سليم نوح پوٽو، فقير عبدالجبار نوح پوٽو، فقير احمد نوح پوٽو، فقير هوندل نوح پوٽو، فقير دلدار نوح پوٽو، فقير عبدالغفور نوح پوٽو، فقير بشير احمد نوح پوٽو، فقير نجم الدين عرف نجو نوح پوٽو، فقير شعيب نوح پوٽو، فقير شيراز نوح پوٽو، فقير مظفر نوح پوٽو، فقير ڊاڪٽر مرتضيٰ نوح پوٽو، فقير منير نوح پوٽو، فقير منظور نوح پوٽو، فقير غلام حسين عرف نٿو فقير نوح پوٽو، فقير عبدالغفور نوح پوٽو، حاجي غلام محمد نوح پوٽو، فقير محسن نوح پوٽو، فقير نظام الدين نوح پوٽو بہ شامل آهن.

## حضرت سيد مدد علي شاهہ عرف جهنڊولو بادشاهہ

حضرت مدد مير علي شاهہ المعروف حضرت سيد جهنڊولو بادشاهہ 1100هہ ۾ سيوهڻ ۾ ڄائو. سندس وڏا. دين اسلام جي تبليغ لاءِ ايران کان هتي پهتا. پاڻ حضرت امام موسيٰ ڪاظم جو اولاد آهن. حضرت سيد جهنڊولو بادشاهہ جي والد جو نالو سيد غلام مرتضيٰ شاهہ هو. سندس سيوهڻ شريف پرسان آخري آرام گاهہ آهي، جتي سندس مزار آهي، سيد جهنڊولو بادشاهہ تعليم ۽ قرآن شريف سيوهڻ جي هڪ مدرسي ۾ حاصل ڪيو. روايتون آهن تہ ڪيس حضرت امام موسيٰ ڪاظم خواب ۾ آيو ۽ ڪيس اتان هجرت جو حڪم ڏنو ان بعد پاڻ پهرين پاٽوٽ بعد ۾ سلطان فراش ان بعد مختلف ڳوٺن ۾ رهائش اختيار ڪئي، ڪجهہ وقت ڪنري. ويجهو رهائش اختيار ڪئي بعد ۾ پاڻ جتي سندس آخري آرام گاهہ آهي موجوده ڳوٺ جهنڊولو شاهہ ۾ رهائش اختيار ڪئي. پاڻ هالا جي سيدن مان شادي ڪئي. پاڻ شهدادپور ويجهو جتي رهائش اختيار ڪئي اتي وڏو جهنگ هو. ان زماني ۾ اتان ڪوبہ رستو روڊ نہ هو. نہ وري ڪا ويجهي آبادي هئي. ان زماني ۾ هن جهنگ ۾ خطرناڪ جهنگلي جانور سائين جي آسپاس سرِعام پيا گهمندا هئا پر ڪنهن کي بہ نقصان نہ پهچائيندا هئا. پاڻ هتي چلا ڪڍيا. پاڻ هر وقت عبادت، ذڪر الاهي ۾ مصروف هوندا هئا. ان دور ۾ شاهہ لطيف جي خوشبو سڄي سنڌ ۾ پکڙيل هئي، روايتون آهن تہ پاڻ لطيف سائين سان ملاقات ڪئي اها ملاقات دوستي ۾ بدلجي وئي. اڪثر ڪري پاڻ لطيف سائين سان رهاڻيون ڪرڻ ويندا هئا ۽ لطيف سائين بہ سندس دعوتن تي فقراءَ سان گڏ وٽن ايندا هئا. روايت آهي تہ ڳاها ڳوٺ ۾ سئي گئس وچ ۾ جيڪا راول فقير جي مزار آهي اهو فقير لطيف سائين جو فقير هو. جنهن جو جهنڊو شاهہ وٽ اچڻ وڃڻ هوندو هو. جتي سندس مزار آهي اتي رهندو هو. لطيف سائين جڏهن پڇا ڪئي تہ ڪين خبر پئي تہ راول فقير جهنڊولو سائين جي ويجهو هڪ جهنگ ۾ رهي پيو آهي. لطيف سائين جڏهن اتي پهتو تہ اتي ماڻهن جو وڏو ميڙ متل هو. لطيف سائين پنهنجي فقير کي پاڻ سان هلڻ جو چيو تہ پاڻ چيو تہ هاڻ اسان جو مرڻ جيئڻ هتي آهي. روايتون آهن تہ لطيف سائين اتي رات رهيو آهي. ۽ جهنڊولو بادشاهہ بہ لطيف سائين جو ٻُڌي اتي لطيف سائين جي مهماني ڪئي ۽ اتي ساڻن گڏ رات رهي سار ڪانہ ۽ صوفيانہ رهاڻ ڪئي. اتي هڪ ڪبڙ







آهي چون ٿا تہ لطيف سائين اتي رهيو ان هنڌ کي لطيف جو تڪيو چيو وڃي ٿو. چون ٿا راول فقير صاحبِ ڪرامت هو. پاڻ اتي ئي وفات ڪيائون. ليڪن راول پير جو متولي مرحوم قبول فقير ڳاهو ان روايت کي نہ مڃيندو هو. هو چوندو هو تہ راول پير لطيف کان اڳ جو آهي. حضرت جهنڊولو بادشاهہ جن پيرين پنڌ سنڌ، سرائيڪي، پٽي ۽ بلوچستان ۾ پيرين پنڌ گهميا. پاڻ اتي وڃي دين اسلام انسانيت جي پرچار ڪئي. پاڻ صوفي ازم جا قائل هئا. سندن صوفي شاهہ عنايت سان بہ ملاقاتون ۽ رقابت هئي. صوفي شاهہ عنايت جي شهادت بعد پاڻ فقراءَ سان گڏ اتي بہ ويا هئا ۽ انسانيت جي اهڙي قتل عام تي ڪيترو وقت سوڳوار هئا. روايتون آهن تہ حضرت جهنڊولو بادشاهہ کي فيض وڏيون رياضتون ڪرڻ بعد حاصل ٿيو. ڪن روايتن ۾ ڪين حضرت قلندر لال شهباز وٽان فيض ملڻ جو ٻڌايو وڃي ٿو. حضرت جهنڊولو بادشاهہ جو حضرت مخدوم نوح رحہ پاڻ باطل خلاف جنگ ۾ حق تي سر ڏيڻ، سچ ڳالهائڻ سنت روسول صہ تي هلڻ اسلام جا فرض پورا ڪرڻ جي تلقين ڪندا هئا. هميشہ پاڻ سان گڏ قرآن شريف ۽ حضرت مولانہ رومي جو قلمي نسخو گڏ هوندو هو. پاڻ رومي جي شعرن جو ترجمو ڪري ٻڌائيندو هو. چون ٿا تہ ماڻهن سان گڏ جنات بہ سندن مريد هئا هڪ ڪمرو اهڙو هو جتي ڪنهن کي بہ وڃڻ جي اجازت نہ هئي اهو ڪمرو جنن لاءِ هوندو هو. اتي ڪوٺيل ڪوهہ بہ جنن کان کوٽايو هو اهو ڪوهہ اڄ بہ جهنڊولو پوليس چيڪ پوسٹ پويان موجود آهي. ان مان پاڻي پيئندڙ صحتياب ٿي ويندا هئا ان بعد ماڻهن جا اتي هجوم وڌڻ لڳا ۽ ماڻهو ڪوهہ تي پڙ ۽ گل وجهڻ لڳا. ان بعد موجوده سجاده نشين الحاج سيد علي گوهر شاهہ کي سائين جهنڊولو خواب ۾ آيو تہ ڪوهہ کي بند ڪريو. ان بعد سائين علي گوهر شاهہ ڪوهہ کي لوڙهو ڏئي بند ڪري ڇڏيو. روايت آهي تہ ٽنڊو پرسان هڪ ڳوٺ وارن کي جنن تنگ ڪيو. اهي ماڻهو سيد جهنڊولو شاهہ جا مريد هئا پاڻ اتي وڃي قرآن شريف جي تلاوت ڪئي ۽ پنهنجي جنن جي طاقت تي انهن جنن کي پڃائي ڪڍيو. اڄ بہ جن ماڻهن کي جن پون ٿا انهن کي درگاهہ تي آندو ويندو آهي جتي سائين علي گوهر شاهہ پاران پڙهائي ڪرڻ سان جن انهن کي ڇڏيو وڃن. انسان ڪانسواءِ جانور بہ سائين جهنڊولو شاهہ سان عقيدت ۽ پيار ڪندا هئا. هر وقت جهنگلي جانور نانگ بلائون سندس آسپاس ۾

رهنديون هيون.

حضرت سيد جهنڊولو شاهہ جا وار وڏا هوندا هئا. ان ڪري پاڻ جهنڊولو ”يعني وڏن وارن وارو“ جي نالي سان مشهور ٿيا. پاڻ پنهنجي هٿن سان مريدن جي مدد سان مسجد تعمير ڪرائي جيڪا 1996ع تائين زبون حالي ۾ هئي بعد ۾ مڪمل طور شهيد ٿي وئي ۽ پاڻ اتي موجود مريدن سان گڏ 5 ئي وقت نماز پڙهندا هئا. سمهاڻي واري نماز بعد پاڻ مريدن کي اوطاري تي وچڻ جو چوندا هئا ۽ پاڻ رات دير تائين اتي ويهي ذڪر الاهي ڪندا هئا. روايتون آهن تہ ڪجهہ مريد سمهاڻي جي نماز پڙهڻ بعد مرشد جي حڪم تي مسجد کان ٻاهر تہ هليا ويا هئا پر مسجد جي ٻاهر ڪئين ڪلاڪ ويهي مرشد جي اچڻ جو انتظار ڪندا هئا انهن ڪيترائي ڀيرا سونن سڱن وارو نانگ بہ مسجد ۾ ايندي ويندي ڏٺو ۽ هنن جڏهن سائين سان ذڪر ڪيو تہ پاڻ انهن مريدن تي ناراض ٿي پيا ۽ چيو تہ جڏهن آئون اوهان کي اوطاري تي وڃڻ جو فرمان ڏيان ٿو تہ اوهان اتي ڇو ٿا ويهي منهنجو انتظار ڪريو. جڏهن اها ڳالهہ عام ٿي تہ مريدن کين عرض ڪيو تہ سونن سڱن وارو نانگ جي ماجرا ڇا آهي تہ پاڻ ايترو چئي خاموش ٿي ويندا هئا تہ اها ڳالهہ راز ۾ رهڻ ڏيو پاڻ صاحب ڪرامت هئا. کين 4 فرزند سيد حيدر شاهہ، سيد يار محمد شاهہ، سيد لطف علي شاهہ، سيد مراد علي شاهہ هئا. سندن وصال بعد سيد حيدر شاهہ سندن پهريون گادي نشين ٿيو.ٻي پڳ سيد جان محمد شاهہ تي آئي پاڻ 2 شاديون ڪيون. پهرين مان کين هڪ پٽ سيد صالح شاهہ ٻي مان سيد علي اڪبر شاهہ ۽ الهہ بچايو شاهہ هئا. پڳ سيد علي اڪبر شاهہ تي آئي. سيد علي اڪبر شاهہ کي 4 پٽ ٿيا. امير علي شاهہ، سيد صالح شاهہ، سيد امام علي شاهہ، سيد علي گوهر شاهہ، جن مان سيد امير علي شاهہ کي ڳوٺ ڳپڙ ڳاهو ۾ 1963ع ۾ شهيد ڪيو ويو. امير علي شاهہ، صالح شاهہ، امام علي شاهہ شاديون نہ ڪيون پاڻ لنگ بند هئا. سندن وصال بعد پڳ سيد علي گوهر شاهہ تي آئي سيد علي گوهر شاهہ جو جنم 1939ع تي ٿيو. پاڻ سنڌي فائينل پاس آهن فارسي، عربي جا ابتدائي ڪتاب پڙهيا، مٿس پڳ 1964ع ۾ آئي. سيد علي گوهر شاهہ جي ڪوشش سان پ پ جي حڪومت ۾ 2013ع ۾ درگاهہ جي تعمير جو ڪم ٿيو آهي. جيڪو علائقي جي ايم پي اي مرحوم عبدالسلام ٿهيم جي ڪوشش سان سندس ترقياتي ڪمن





جي فنڊ مان ٿيو آهي. سيد علي گوهر شاهہ پنهنجي ڏاڏي مرشد سيد جهنڊولو شاهہ جي ميلي کي وڌايو آهي. ماضي ۾ هتي ادبي ثقافتي ڪانفرنسون بہ منعقد ڪيون ويون. درگاهہ جو پهريون ڪم ٽنڊو الهيار جي ثناءُ الله آرائين شروع ڪرائڻ لاءِ نقشو ٺهرايو پيڙهہ جو ڪم بہ ڪرايو پر هو وڌيڪ ڪم نہ ڪرائي سگهيو. بزرگن سان محبت رکندڙ ڪجهہ ماڻهن بہ درگاهہ جو ڪم پنهنجي طور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر چوندا آهن تہ جنهن جي خدمت قبول پوي ۽ اها خدمت عبدالسلام ٿهيم جي قبول پئي. سيد علي گوهر شاهہ هر دلعزيز يار ويس پنجتن پاڪ جي حب رکندڙ مولائي بندو آهي. پاڻ 5 وقت نماز ۽ ذڪر الاهي ڪندڙ آهي. کين 6 فرزند ۽ 3 نياڻيون آهن فرزندن ۾ سيد علي اڪبر شاهہ، سيد صالح شاهہ، علي اصغر شاهہ، جان محمد شاهہ، حيدر شاهہ، غلام عباس شاهہ آهن. جهنڊو سائين جي خاندان مان سيد امير حيدر شاهہ، سيد عنايت علي شاهہ بہ آهن جيڪي سيد جان محمد شاهہ جي فرزند سيد الهبچايو شاهہ جا فرزند آهن. الهہ بچايو شاهہ جو هڪ فرزند سيد جمن شاهہ انتقال ڪري ويو. حضرت جهنڊو شاهہ جي عرس مبارڪ جي پهرين رات مچ ٿيندو آهي جتي سڄي سنڌ مان هزارين مريد ۽ عورتون گڏ ٿينديون آهن چون ٿا تہ مچ ۾ ڪاٺي وجهي جيڪا بہ دعا گهربي اها پوري ٿئي ٿي. اها دعا قبول ٿيڻ بعد ٻئي سال ميلي ۾ درگاهہ تي پنهنجي حال سارو لنگر ڪيو ويندو آهي. ماضي ۾ عرس مبارڪ ۾ ڳڙ ۾ ڪٽڪ جي رب ڪئي ويندي هئي. مچ تي دعا گهرندڙ ڪيترن ئي ٻي اولاد ماڻهن کي اولاد ٿيو آهي. ڪيترن ئي ماڻهن جا جائز اڻ ٿيڻا ڪم ٿي وڃن ٿا.

**ڪرامتون:** حضرت سيد جهنڊولو بادشاهہ جون ڪئين ڪرامتيون مشهور آهن، سائين جن جي دور ۾ ٺٽي ضلعي جي ڳوٺ ڇڇ جهانيہ ۾ ناري قوم رهندي هئي، ڳوٺ ڀرسان جنن ديون جو بہ آستان هو ۽ ڳوٺ وارن کي ڏاڍو تنگ ڪيو، ڳوٺ وارا سائين جو نالو ٻڌي وٽس آيا سائين اتي وڃي دعا ڪئي ان بعد جنن ۽ ديون ماڻهن کي تنگ ڪرڻ ڇڏي ڏنو، ان بعد اهي ماڻهو سائين جا مريد ٿيا. سيد جهنڊولو بادشاهہ مهمان نواز بہ هو، گهڻو ڪري هٿ سان ماني کارائيندا هئا. ڪڏهن تہ سندن يا گهروارن لاءِ رکيل ماني بہ فقيرن، مسافرن مهمانن کي ڏيئي ڇڏيندا هئا. کين علائقي جا ماڻهو ۽ مريد جام ڏيندا هئا، پر پاڻ رکڻ بجاءِ ورهائي

چڙھيندا هئا.

**سائين جو سامان:** سائين جي حال وسيلن مان تسبيح، ٽوپي موجوده سجاده نشين وٽ موجود آهي. ان تسبيح جي اها ڪرامت ۽ خاصيت آهي تہ جنھن حاملہ عورت کي ٻار سولائي سان نہ ڄمي تہ تسبيح پاڻي ۾ وجهي اهو پاڻي ڪيس پيارجي تہ ٻار آساني سان ڄمندو. اهو بہ مشهور آهي تہ سائين جي دعا سان ڪيترن ئي بي اولادن کي اولاد ٿيو. اڄ بہ مڇ واري رات بي اولادي ٻاس ٻاسي اولاد لاءِ دعا گهرڻ تا تہ ڪين اولاد ٿئي ٿو.

سيد جهنڊولو باد شاهہ جو پٽ سيد مراد علي شاهہ بہ وڏو ڪاني ڪرامت وارو هو، سندس ڪرامتون نہ فقط علائقي پر سڄي سنڌ ۾ ٻڌڻ ۾ اينديون آهن. پاڻ ڪنهن کي پٽ پاراتو نہ ڏيندا هئا، سندن دعا منڊي تي ٽڪ هوندي هئي. حضرت سيد جهنڊولو باد شاهہ جو وصال 11 ذوالحج عيسوي مطابق 1762ع ۾ 64 سالن جي ڄمار ۾ ٿيو، سندن عرس مبارڪ هر سال 11 کان 14 ذوالحجه تي ملهايو ويندو آهي. شاندار ملاکڙو بہ ٿيندو آهي، ماضي ۾ ادبي ڪانفرنسون، صوفيانہ راڳ، سگهڙ ڪچهريون بہ ٿينديون هيون، جڏهن تہ هر مهيني جي چوڏهين بہ لڳندي آهي، ان ۾ فقير حصو وٺندا آهن.

## حضرت سيد ثابت علي شاهہ لڪياري

سانگهڙ ضلعي جي شهر جهول کان نئون آباد روڊ تي ڳوٺ ويجهو مشهور بزرگ حضرت سيد ثابت علي شاهہ جي مزار روشنين جو مينار بڻيل آهي، جتي نہ صرف علائقي پر سنڌ جي مختلف علائقن مان زائرين حاضري ڏيڻ لاءِ اچن ٿا، روزانو ڪيترائي حاجتمند پنهنجون حاجتون پوريون ڪرڻ لاءِ اچن ٿا ۽ حاجتون پوريون ٿيڻ بعد باسيل سکائون ڪٽي اچن ٿا، حضرت سيد ثابت علي شاهہ لڪياري مشهور بزرگ هستي حضرت لڪي شاهہ صدر جي اولاد مان آهي. حضرت ثابت علي شاهہ موجوده سجاده نشين سيد ناٿن شاهہ موجب حضرت لڪي شاهہ صدر جو فرزند سيد محمد شاهہ لڪياري جنهن جي آخري آرامگاهہ حضرت سيد لڪي شاهہ صدر جي آخري آرام گاهہ سان گڏ آهي،مريد شاهہ جو فرزند سيد محمد شاهہ ان جو فرزند محمد شجاع شاهہ ان جو فرزند محمد اشرف شاهہ ان جو فرزند سيد حسين شاهہ





آهي. انهن جون مزارون دادوضلعي ۾ ڦڪا شهر ۾ سيد حسين جي شاهہ قبرستان ۾ آهن، مٿان بزرگ صاحب ڪراهت، روحاني فيض ڏيڻ وارا هئا، سندن مزارن تي اڄ بہ ميڙا متل آهن، سيد حسين شاهہ کي بہ فرزند سيد بلند حسين شاهہ ۽ سيد ثابت علي شاهہ هئا، سيد ثابت علي شاهہ ڄمندي ڄام هو، ننڍي هوندي کان پرهيزگار پابندي سان نماز پڙهندڙ تهجد گذار صاحب ڪرامت هو، سندن ولادت جو سال ۽ تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي آهي، ليڪن پاڻ ڪلهوڙن جي دور جو ٻڌايو وڃي ٿو، ان زماني ۾ جهول پرسان ڏامرڪي نالي وڏو شهر آباد هو جيڪو واپار جي لحاظ کان وڏي اهميت رکندو هو، اتي واڻين جي اڪثريت هئي، ان زماني ۾ پاڻيڻ واهہ وهندو هو، ان کي پاڻيڻ درياءَ بہ سڏين جيڪو سنڌو درياءَ جو ڦاٽ هو، ان ۾ ٻيڙيون بہ هلنديون هيون جيڪي ماڻهن جي سفر ۽ ٻين ڳوٺن ۾ وڻج واپار جو ذريعو بہ هيون، روايتون آهن تہ جڏهن سسئي جي والدين کي نجومي ٻڌايو تہ هن جي شادي ڪنهن مسلمان سان ٿيندي تہ سسئي کي ڄمندي سندس والدين هڪ صندوق ۾ وجهي پاڻيڻ واهہ جي حوالي ڪيو جتان ترندي ڀنڀور پهتي ۽ ڪيس محمد نالي ڌوٻي ٻاهر ڪڍي نپايو.اهي روايتون لکت ۾ نہ آيون آهن ليڪن ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ سسئي شهدادپور سانگهڙ روڊ ويجهو ڳوٺ جعفر خان لغاري وٽ پاڻيڻ شهر هو ۽ پاڻيڻ واهہ شهر جي ويجهو وهندو هو، ان ڪري انهن ڳالهين تي وڏي تحقيق جي ضرورت آهي، ڏامرڪي شهر ڪيترن ئي ميلن ۾ آباد هو، اهي بہ روايتون آهن تہ ڏامرڪي بہ برهمڻ آباد جي دور جو آهي ۽ برهمڻ آباد سان گڏ تباهہ ٿيو هو ۽ وري پيهر آباد ٿيو ۽ وري ميرن جي دور ۾ تباهہ ٿيو، هاڻ ڏامرڪي نالي سان پراڻي شهر ويجهو ڳوٺ آباد آهي، هن علائقي ۾ سيد حسين شاهہ جا وڏي تعداد ۾ مريد هئا، جلالاڻي، چانديا، مجيداڻا، جانوري، جويا، خاصخيلي، ماڇي، ٽالپر ۽ ڪيترائي واڙيا بہ مريد هئا ۽ سيد ثابت علي شاهہ وقت بہ وقت مريدن وٽ ايندو هو، ان وقت سفري سهولتون نہ هيون، ان ڪري سيد ثابت علي شاهہ سال ۾ هڪ بہ دفعا روحاني سفر تي هتي ايندو هو ۽ هتان جا مريد بہ سال ۾ ڪيترائي دفعا مرشد جي سڪ ۾ ڦڪا شهر ۾ ويندا هئا ۽ بعد ۾ مريدن جي اسرار تي سيد ثابت علي شاهہ جتي سندن مزار آهي اتي اچي رهائش اختيار ڪئي بعد ۾ سندس ڪجهہ مٽ مائٽ بہ ساڻس گڏ اچي رهيا ۽ پاڻ هتي 35 ايڪڙ زمين بہ خريد ڪئي، پاڪستان ٺهڻ

بعد اها ڪوڙن ڪليمن ۾ هلي وئي هن وقت ڪجهه ايڪڙ زمين آهي جيڪا قبرستان لاءِ مخصوص آهي، پاڻ هتي ويهي علائقي ۾ روحاني فيض پهچايو، اڪثر وٽن مريدن ۽ عقيدتمندن جو هجوم رهندو هو، روحاني فيض سان بيمار ماڻهن جو علاج ماڻهن کي جنات کان ڇوٽڪارو ڏياريندو هو، پاڻ ذڪر الاهي ۾ مصروف رهندا هئا.صاحب ڪرامت هئڻ جي باوجود ڪنهن کي به پٽ پاراتو نه ڏنو، پاڻ دعائون جو گهر هئا پاڻ 17 رجب تي وصال ڪيو، سندس وصال جو سال معلوم نه ٿي سگهيو آهي. پاڻ وصال کان اڳ ۾ پنهنجي وصال جو ٻڌايو ته هاڻ اسان ڪجهه ڏينهن جا مهمان آهيون.درگاهه جي فقير الهه بخش جلالاڻي پنهنجي والد فقير يوسف جلالاڻي جي واتان ٻڌايل ڪرامت ٻڌائي ته هڪ ڏنار سائين ثابت علي شاهه تان پڙ چورايو ته اڪين کان انڌو ٿي ويو ۽ دانهون ڪيون، دانهن تي ماڻهو اچي گڏ ٿيا، بعد ۾ اهو پڙ واپس مزار تي رکيو ته هو اکين کان سڄو ٿي ويو. جڏهن چوپايو مال جون اسپتالون نه هيون ۽ ماڻهن جو عقيدو پختو هو تڏهن هن علائقي ۾ چوپايو مال ۾ بيماري ٿيندي هئي ته هو پنهنجو مال هتي مزار تي ڇڏي ويندا هئا ته نيڪ ٿي ويندو هو بعد ۾ مال ڪاهي ويندا هئا. فقير الهه بخش جلالاڻي ٻڌائي ٿو ته آئون ننڍو هئس ته سائين جي چوڪنڊي ٺهرائڻ لاءِ سندس سجاده نشين سيد صفر شاهه مونکي حڪم ڪيو ته سائين جو آخري آرام گاهه پڪو ڪرڻ لاءِ قبر جي ليول ڪري، جڏهن هو ليول ڪري رهيو هو ته اتي سوراخ ٿي ويو ۽ اندر جيئن روشني جي لاٽ اچي ائين محسوس ٿيو ۽ گلاب جي گلڙن جهڙي خوشبو اچڻ لڳي، انهن ڏينهن ۾ گرمي هئي، ان سوراخ مان ايئر ڪنڊيشن جهڙي ٿڌ اڻ محسوس ٿيڻ لڳي، مون اندر ڏٺو ته سائين جا پير مبارڪ نظر آيا ۽ پاڻ ان وقت جي سجاده نشين سيد صفر شاهه ۽ موجود فقراءَ به اها ڪرامت ڏٺي، بعد ۾ اهو سوراخ بند ٿي ويو. سيد ثابت علي شاهه جي وصال بعد سندن پاڻ سيد حسين شاهه جو فرزند سيد بلند حسين شاهه پهريون سجاده نشين ٿيو، ان جي وصال بعد سندس وڏو فرزند سيد غلام حيدر شاهه، ان بعد سيد ميرل شاهه، ان بعد سيد پيرل شاهه، ان بعد سيد غلام حيدر شاهه دوئم، ان بعد سيد ناٿن شاهه، ان بعد سيد صفر شاهه، ان بعد سيد پيرل شاهه، ان بعد سيد اصغر علي شاهه ان جو وصال 7 ڊسمبر 2008ع ۾ ٿيو، ان بعد موجوده سجاده نشين سيد ناٿن شاهه دوئم کي پڳ ٻڌائي وئي، سيد ناٿن شاهه جو جم 3







سيپٽمبر 1981ع ۾ ٿيو، سيد ثابت علي شاهه جي استعمال جو ڪجهه سامان ۽ حال وسيلا اڄ به موجود آهن، هر سال 17 رجب تي سندس ڏهاڙو روايتي انداز ۾ عقيدت احترام سان ملهايو ويندو آهي، جڏهن ته 3 روزه ميلو جون تاريخون تبديل ٿينديون رهن ٿيون. ان موقعي تي صوفيانه راڳ، ملاڪڙو، ڪبڊي، گهوڙن، اٺن جي ڊوڙ جا مقابلا ٿين ٿا، وڏي دڪانداري لڳي ٿي موجوده سجاده نشين سيد ناٿن شاهه جي پلاننگ ۾ ساليانه ميلي کي وڌائڻ، زائرين لاءِ رهائشگاهه ٺهرائڻ ۽ شاندار درگاهه ٺهرائڻ شامل آهي.موجوده سجاده نشين فقير منش پنهنجي وڏن وانگر صاحب ڪرامت آهي، پاڻ سادگي پسند آهي، چاهي ته مريدن جي مدد سان رهائش لاءِ عاليشان محل، يا بنگلو تعمير ڪرائي سگهي ٿو، پر پاڻ هڪ جهوپڙي نما لانڍي ۾ فقراءَ سان گڏ رهي ٿو، پاڻ ذهين، تاريخي، اسلامي چاڻ رکن ٿا.

سندس اوطاري تي ويندڙ هر ماڻهو وڏيون عزتون وٺي اچي ٿو، ويندڙن کي حال سارو فقيراڻو لنگر ڪانسواءِ نه ڇڏيندا آهن، جڏهن ته چانهه تڏي جي سبيل سڄو ڏينهن هلي سڄو سيارو، اونهاري ۾ مڇ ٻرندو آهي، جتي آسپاس جي ڳوٺن جا ماڻهو جن ۾ سائين وارن جا مريد، عقيدتمند به شامل آهن اچي گڏ ٿيندا آهن، جتي رات دير تائين علمي، ادبي، سياست، زماني جي حالات تي ڪچهريون هلن ٿيون، سيد ناٿن شاهه کي ٻه پائر مير سجاد حسين شاهه، سيد عابد حسين شاهه به هتي درگاهه تي ڊيوٽي ڏين ٿا، سيد ناٿن شاهه کي 2 فرزند سيد ثابت علي شاهه ۽ سيد غلام حيدر شاهه آهن.

## مشهور ولي اللهؒ ۽ 5 ٻولين جو صوفي شاعرحضرت حسن بخش شاهه هادي

سنڌ جو مشهور صوفي شاعر ۽ ولي الله سيد حسن بخش شاهه هادي جيلاني نه صرف سنڌ پر برصغير جو عظيم شاعر ۽ بزرگ هستي آهي. پاڻ 5 ٻولين: سنڌي، سرائيڪي، اردو، فارسي، هندي جو شاعرهو. سندس شاعري جو انداز عوامي هئڻ ڪري نه صرف لکيل پڙهيل پر عام ماڻهو به دلچسپي سان پڙهي ٿو ۽ مختلف فنڪارن پاران ڳايل شاعري ٻڌي ٿو، سندس شاعري نه صرف سنڌ پر آل انڊيا ريڊيو سروس تي به هلائي وڃي ٿي. سندن شاعري مڪمل طور صوفيانه ۽ توحيد واري رنگ ۾ رنگيل آهي، پاڻ 1262هه ڌاري سانگهڙ شهدادپور روڊ تي لانڊي

ويجهو ڏنڙو شريف وٽ ڳوٺ سبحان علي شاهه ۾ جنم ورتو. سندن وڏا برهان پور مان لڏي سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا هئا، پهرين مختلف علائقن ۾ رهڻ بعد قاضي احمد ڀرسان اچي رهيا، جتي سندن وڏن جون مزارون آهن، سندن والد جو نالو سيد گلزار شاهه هو، جيڪو حيدرآباد ڀرسان پير پاون شاهه جي ڳوٺ ۾ رهندو هو، پاڻ وقت جا وڏا عالم ۽ ولي الله هئا، سندن مزار بہ اتي آهي. حضرت سيد حسن بخش شاهه هادي جي تعليم تربيت پنهنجي ناني سيد سبحان علي شاه جي سرپرستي ۾ ٿي، پاڻ سنڌي، اردو، فارسي، هندي جي تعليم ڪانسواءِ قرآن شريف ننڍي عمر ۾ پڙهي پورو ڪيو. ننڍي هوندي کان ڪين ديني تاريخي، تصوف جي ڪتابن سان دلچسپي هئي، وٽن شاه لطيف جو رسالو، رومي جو رسالو، قرآن شريف، حديثن جا ڪتاب گڏ هوندا هئا. ننڍي هوندي کان فقيراڻي طبيعت وارا سادا، گهٽ ڳالهائڻ، رحم دل، سخي، مهمان نواز، سنجيده هئا، جڏهن ڦوهه جواني ۾ آيا تہ هڪ ڇوڪري سان پيار جو پيچ لڳي ويس، ليڪن ظالم سماج وچ ۾ ديوار بنجي ويو ۽ ڇوڪري کي سندس مائٽن جذبات ۾ اچي ماري ڇڏيو، پنهنجي محبوب جي موت هن جي دل تي وڏو اثر ڪيو ۽ محبوب جي دردناڪ قتل هن کي نهوڙي ڇڏيو ۽ مزاجي عشق حقيقي عشق ۾ تبديل ٿي ويو. جاني جي جدائي ۾ بي حال ٿي ويو ۽ اهڙي حالت، درد ڪيس رچي لال ڪري ڇڏيو ۽ اندر جا اڌما شاعري جي روپ ۾ الاپڻ لڳو، ان لاءِ پاڻ هڪ هنڌ فرمايو آهي تہ "عشق عقاب ستاب مون کي باز وانگر اچي جهٽيو آ". پاڻ ٻئي هنڌ فرمايو آهي تہ:

گهڙي منجهه عشق جي درياءَ هلڻ هن پار مشڪل آ،
لنگهي تنهن حد لاحد کان ٿيڻ مختار مشڪل آ،
ڪري دنيا ترڪ يارو ڪيڍي سي لنگ لانگوٽيا،
ڇڏي سر ساهه جو سانگو اچڻ اظهار مشڪل آ،
لاڳاپا لوڪ جا لاهي ڇني سڀ يار يارانہ،
ننگئون نڪري ٿيڻ نانگو نسنگ نروار مشڪل آ.

بدقسمتي سان سندس شاعري جو وڏو حصو ضايع ٿي ويو آهي، باقي بچيل شاعري 1956 ع ۾ سندس سابق سجاده نشين سيد شاهنواز شاهه عارف المولىٰ مرحوم ۽ محمد ابراهيم جويو گڏ ڪري سنڌي ادبي بورڊ حوالي ڪئي، جن سندس شاعري کي ديوان ڪلام سيد حسن





بخش شاهه جي نالي سان ڇپرايو، ڪافي وقت کان سندن ديوان اڻ لڀ ٿي ويو آهي، ڪافي وقت کان سنڌي ادبي بورڊ ان کي ٻيهر ڇپائڻ جا اعلان ڪرڻ جي باوجود اجا تائين ڀيو ڇاپو نہ ڇپجي سگهيو، ان ڪري هن خاندان جي سيد يار محمد شاهه ۽ ٻين عقيدتمندن گڏجي چونڊ شاعري جو مجموعو ٻيهر ڇپايو آهي. حضرت سيد حسن بخش شاهه پنهنجي اوطاق تي هر وقت صوفيانہ سگهڙن جون ڪچهريون، صوفيانہ راڳ ۽ ملاکڙو ڪرائيندو هو، صوفيانہ راڳ ٻڌڻ سان مٿن وحد طاري ٿي ويندو هو، پاڻ آڌي رات جو اٿي صبح تائين ذڪر الاهي ڪندا هئا، پاڻ صاحب ڪرامت هئا، ايندڙ سوالي فيض حاصل ڪري ويندا هئا. سخاوت ۾ ايترو تہ اڳتي جو الله جي نالي تي چوپايو مال ۽ زمين بہ ڏئي ڇڏيون، سندن ننگر خانو سڄي سنڌ ۾ مشهور هو. وٽن هر وقت مريد، سوالين، فنڪارن، سگهڙن، شاعرن، اديبن، ملهن جو وڏو حلقو موجود هوندو هو، سڀني کي ماني پنهنجي هٿن سان کارائيندا هئا، پاڻ وجد ۾ اچي شاعري چوندا هئا ۽ اتي موجود مريد اها لکي وٺندا هئا، سندن پهرين شادي پير علي بخش شاهه جي نياڻي سان ٿي، ان مان هڪ فرزند عطا ٿيو جو بعد ۾ گذاري ويو. ٻي شادي اڏيرو لال جي سيدن مان ٿي، ان مان ڪوبہ اولاد نہ ٿين، پاڻ پنهنجي ڀاڻيجي سيد ڏنل شاهه کي پٽ بنايو، جيڪو سندن پهريون سجاده نشين هو، هڪ ڏينهن ذڪر الاهي ۾ مصروف هئا تہ سنجهورو ڀرسان رندن جي هڪ ڳوٺ جي مائي روئندي کين عرض ڪيو تہ سندن اڪيلو ٻچڙو بيمار آهي، خدا جي واسطي هلي کيس دعا ڪريو، جڏهن پاڻ اتي پهتا تہ اهو ڇوڪرو ڪوما ۾ هو، پاڻ کين دعا ڪئي تہ ڇوڪرو اٿي ويهي رهيو، پر سائين بيمار ٿي پيو، پاڻ فرمايائون تہ الله جو نالو ڪٽي ايندڙ عورت جي پٽ تان پاڻ پنهنجي جان جو صدقو ڏنو آهي، پاڻ اتان پينگهي ۾ پاڻ ڪٽائي آيا ۽ چند ڏينهن اندر وصال ڪري ويا، کين وصيت موجب سندن اوطاق ۾ دفن ڪيو ويو، جتي سندس خاندان وارن ۽ مريدن خوبصورت مزار اڏائي، پاڻ 7 جمادي اول 1318هه ۾ وصال ڪيو. هر سال سندن 3 روزه عرس مبارڪ وڏي عقيدت احترام سان ملهايو وڃي ٿو. سندن وقت ۾ شاعري ۾ ڪافي جو عروج هو ۽ غزل جو دور هاڻ شروع ٿي رهيو هو، ان ڪري پاڻ غزل گهٽ ڪافيون وڌيڪ چيون آهن. ڪافي گوءِ شاعرن ۾ سندن اعلىٰ مقام آهي، جيڪو رنگ ۽ ميناس سندس ڪلام ۾ آهي اهو ان وقت جي ٻين شاعرن جي

شاعري ۾ نہ آهي، پان دعائن جا در هئا، پاڻ ڪيترن ئي غريبن ڪي نوازي ڇڏيو، اڄ انهن جا خاندان وڏا زميندار آهن، پاڻ دردمند دل رکندڙ درويش هئا، سندن هر شعر جي هر لفظ ۾ سوز سمايل آهي، سندن سجاده نشين سيد شاهنواز شاهہ عارف المولئ جي دور ۾ سندن عرس مبارڪ سنڌ ۾ لطيف، سچل، قلندر سائين جي عرس مبارڪ کان پوءِ چوٿين نمبر تي شمار ڪيو ويندو هو. شاندار ملاکڙا، ادبي ڪانفرنسون، صوفيانہ راڳ ۽ دڪانداري 30 ايڪڙن ۾ هوندي هئي.

ميلي ۾ سنڌ جا مشهور شاعر، اديب، سگهڙ، فنڪار شوق سان ايندا هئا، پاڻ ميلي جي دعوت ڪي هڪ وڏو اعزاز سمجهندا هئا، جڏهن تہ سنڌ ۾ ان دور ۾ ميلن ۾ جيڪو بہ ملاکڙو ٿيندو هو، انهن ۾ حضرت حسن بخش شاهہ جي ميلي وارو ملاکڙو تاريخي سڏيو ويندو هو. مشهور ملهہ هتي ملهہ وڙهيا، هن ميلي ۾ سائين جي ايم سيد، مخدوم طالب المولئ، مولانا غلام محمد گرامي جهڙيون شخصيتون بہ شريڪ ٿيون. عارف المولئ جي وفات بعد سندس فرزند سيد نبي بخش شاهہ ڪجهہ سالن تائين اهڙا ميلا مچايا پر اهو سلسلو برقرار رکي نہ سگهيو ۽ پوءِ آهستي اهڙو واءُ وريو جو حضرت حسن بخش شاهہ جو ميلو بس نالي جو ميلو وڃي بچيو. هي ميلو پنهنجو عروج وڃائي ويٺو وري بہ شابس آهي سيد شاهنواز شاهعارف المولئ جي فرزند سيد يار محمد شاهہ عابد مولا عرف مٺل شاه کي جو ميلي جون رونقون وري موٽايون آهن، ميلي ۾ ادبي ثقافتي پروگرام ڪرائڻ شروع ڪيا آهن، اسان جي خيال ۾ هن خاندان جا سڀ پير ميلي جي حوالي سان هڪ ٿي وڃن تہ ميلي ۾ ماضي واريون رونقون موٽي سگهن ٿيون.۽ ان ۾ سڀن جي عزت آهي.

## حضرت عالي شاهہ جراڙ پوٽو

ٽنڊو آدم وايہ ٽنڊوالهيار روڊ تي ٽنڊو آدم کان 9 ڪلوميٽر ٽنڊوالهيار کان تقريبن 24 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي قيصر گهوٽ بس اسٽاپ کان فرلانگ فاصلي تي ڳوٺ سيد عالئ شاهہ ۾ مشهور ولي الله حضرت عالي شاهہ جي مزار روشنين جي مينار بڻيل آهي، جتي روزانو وڏي تعداد ۾ عقيدتمند حاضري ڀرڻ اچن ٿا، جتي سوين سوالي من جون مرادون حاصل ڪرڻ لاءِ اچن ٿا، جتي سوين عاشق محبوب کي ماڻڻ جون دعائون گهرڻ اچن ٿا، جن جون حاجتون پوريون ٿين ٿيون، اهي





باسيل باس ڪٽي اچن ٿا، علائقي ۾ ٿيندڙ شادين بعد گهوٽ ڪنواريون بہ ڇڄ سان گڏ دهل شرنائيون وڄرائي جوڙي سلامت ۽ خوش رهڻ اولادي ٿيڻ جون دعائون گهرڻ اچن ٿا، درگاهہ تي سدائين ميلو متل هوندو آهي، سيد عالي شاهہ جا وڏا هرات جا هئا، تيمور بادشاهہ جي وقت ۾ سيد حيدر شاهہ هالا ڪنڊي "هالا" پرڳڻي ۾ اچي رهيو جتي هالا قوم سان اهڙا پال ڪيا جو هنن کين راضي ڪري شاهہ محمد ولد درياءُ خان جي نياڻي فاطمہ سان شادي ڪرائي، اڳتي هلي هن خاندانن جا سادات جيڪي مختلف پاڙن جا سڏجڻ لڳا، سيد عالي شاهہ جراڙ پوٽہ سيد هو، پاڻ حضرت سيد جلال شاهہ عرف جراڙ شاهہ جي اولاد مان آهي، هن خاندان مان بہ اڳتي هلي مختلف پاڙا سڏيا جن ۾ هاشمي، ڪريمہ پوٽہ، "حضرت شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو" جو اولاد ۽ دنيا جو مشهور شاعر ۽ ولي الله شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سخي هاشم شاهہ بہ هن ئي خاندان جا آهن، سيد عالي شاهہ جي تاريخ پيدائش معلوم نہ ٿي سگهي آهي، پاڻ حضرت مخدوم نوح رح جن جا هم عصر هئا، سندس والد ڪان سيد جلال جراڙ شاهہ تائين سندن شجرو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي، سندس والد جو نالو سيد ڏنو شاهہ ڏاڏي جو نالو ابراهيم شاهہ ٻڌايو وڃي ٿو، ڪن ڪتابن هن بزرگ کي متعلوي سيد ڪري لکيو آهي، اندازو آهي تہ اهو پيو ڪو عالي شاهہ ٿي سگهي ٿو، روايتون آهن تہ کين حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور رح وٽان روحاني فيض مليو جتان پاڻ روحاني منزلون طئہ ڪري رچي لال ٿيو، ڪتاب تاريخ مٽياري ۾ ليکڪ مقصود قاضي هن بزرگ بابت لکي ٿو تہ حضرت عالي شاهہ مهيني مهيني جو روزو رکندو هو، لاڳيتو چاليهہ سال جهنگن، بيابانن ۾ رهي رياضتون ڪري ان منزل تي پهتو، سندس بچائيل ڪاڏو ڪو انسان تہ ڇا پر ڪو جانور بہ نہ کائي سگهندو هو، کائيندو هو تہ هو تڙپي تڙپي مري ويندو هو ان ڪري سندس اوٻر زمين ۾ پوري ڇڏيندا هئا، هڪ جوڳي سندس رياضتن جو امتحان وٺڻ لاءِ وٽس آيو پاڻ هن جو ارادو معلوم ڪري چيائون تہ اچ تہ ڪي ڏينهن بندگي ۾ ويهي گذاريون ۽ توکي ڪاڏو تڏهن کائڻو پوندو جڏهن آئون کائيندس. هڪ جاءِ مقرر ڪري اتي اٿي ويهي بندگي شروع ڪئي، ڪجهہ ڏينهن بعد جوڳي کي اچي سخت اڃ لڳي ۽ هو اتان ڀڄي نڪتو، جڏهن تہ سيد عالي شاهہ بندگي ۾ محو هو ۽ اتي ڪافي عرصو ويهي رياضت ڪئي، روايتون آهن تہ مخدوم نوح سرور رح

مٿن ايترو تہ راضي هئا جو پنهنجي نياڻي جي فرض جي ادائگي سيد عالي شاهہ سان ڪئي، روايتون آهن تہ جتي سندن مزار آهي اتي پرسان سامي جو ڳوٺ هو جتي سامي مذهبي ڪٽر پٽي ڪري مسلمانن کي تنگ ڪندو هو، سامي وڏو طاقتور هو، ساڻس وڏو لشڪر بہ هوندو هو، ان علائقي ۾ سيد عالي شاهہ جا مريد بہ رهندا هئا. انهن پاران سامي لاءِ اهڙين شڪايتن تي پاڻ پنهنجي چاچو سيد شاهہ حسين شاهہ سان گڏ مٿياري مان لڏي اتي پرسان اچي ويٺا ساڻن گڏ وڏي تعداد ۾ فقير فقيراءَ بہ گڏ هو، پاڻ اتي حويلي، فقير فقراءِ لاءِ الڳ جايون ۽ هڪ وڏو اوطارو ٺهرايو جتي مسافرن ديسي پرديسي ۽ ايندڙ مريدن لاءِ لنگر عام هلندو هو، پاڻ ان علائقي ۾ انسانيت ۽ اسلام جي پرچار ڪئي تہ ان سامي کيس تنگ ڪرڻ شروع ڪيو، پاڻ سامي کي ڏاڍو سمجهايو پر هو نہ مڙيو تہ پاڻ کين چيو تہ نہ رهندي تون نہ رهندو تنهنجو شهر...! چون ٿا ڪجهہ ڏينهن بعد اتي اهڙو زلزلو آيو جو اهو شهر غرق ٿي ويو ۽ سامي مري ويو، سندس اهڙي ڪرامت بعد علائقي جون ڪيئن برادرين وارا توڙي هندو بہ مريد اچي ٿيا. ان غرق ٿيل شهر جا ويهہ سال اڳ تائين نشان باقي هئا. پر سنڌ جي ٻين اهڙن قديم آثارن وانگر هن غرق ٿيل شهر جا آثار بہ مٽجي ويا ۽ اتي غير قانوني ڪٽت ڪري زرعي آبادي ڪئي وئي، سيد عالي شاهہ جو ڏاچين سان پيار هوندو هو، وٽس انن ڏاچين جا وڳ هئا. سندس چڙهڻ لاءَ وندر نالي ڏاچي هئي، روايتون آهن تہ عالي شاهہ جا اٺ ۽ ڏاچيون سندس چاچا سيد شاهہ حسين شاهہ جي انبن جي باغ ۾ وڃي وڻن کي ڪائينديون هيون، ڪافي دفعا سندس چاچي کيس شڪايت ڏني پر اهو سلسلو بند نہ ٿيو هڪ ڏينهن اٺ ۽ ڏاچيون باغ ۾ وڻ ڪائي رهيون هيون تہ سندس چاچو وٽس شڪايت ڪٽي آيو تہ پاڻ جلالت ۾ اچي چيو تہ چاچا اٺ ۽ ڏاچيون تہ ڪنڊي جا وڻ ڪائي رهيون آهن ان تي سندس چاچي کي وڏيڪ ڪاوڙ لڳي ۽ کيس اتي هلي ڏسڻ لاءِ چيو ان تي سيد عالي شاهہ ۽ اتي ويٺل حاضرين اتي پهتا ڏسن تہ انبن جي وڻن بجاءِ ڪنڊين جا وڻ بيٺا آهن، اتي سندس چاچو جلال ۾ اچي هڪ تير ڏکڻ طرف اڇليو ۽ سيد عالي شاهہ کي چيائون تہ هاڻ پاڻ گڏ نہ ٿا رهي سگهون ان تي عالي شاهہ چيو تہ چاچا اوهان اتي رهو آئون هتان وڃان ٿو ۽ پاڻ ڪجهہ فقراءُ ۽ مريدساڻ ڪري اتان ڪڇ پيچ شهر ڏانهن روانا ٿيا. جتي سندن وڏي تعداد ۾ مريد





هئا ۽ اتي آستانو ٺاهي ويهي رهيا. اتي پاڻ مسجد بہ ٺهرائي، روايتون آهن تہ ڪجهہ عرصي بعد سندس چاچو اتي ويو ۽ کين راضي ڪري واپس وٺي آيا. پر عالي شاهہ جو پيچ ڪڇ ۾ اهڙو تہ روح ريجهي ويو جو پاڻ ڪافي عرصو اتي رهندا هئا ۽ سندن وصال بہ اتي ٿيو، سندس وصيت موجب سندس جسم مبارڪ کي تڙ ڏياري ڪفن پارائي هڪ ڪاٺ جي پيتي ۾ وڌو ويو، جنازي نماز بعد صندوق ڏاچي تي رکي وئي، سندس وصيت هئي تہ ڏاچي جتي ويهي اتي کيس سپرد خاڪ ڪيو وڃي، اڳيان ڏاچي پويان سندن فقيراءَ ۽ مريد ڏاچي منزلون طئہ ڪندي اتي اچي ويٺي جتي سندس مزار آهي، اهي بہ روايتون آهن تہ سندس وصيت هئي تہ کيس اتي جتي سندن مزار آهي اتي دفن ڪيو وڃي، جتي سندن مزار آهي اتي مٽي جو دڙو هو، روايتون آهن تہ پاڻ چاچي جي چوڻ تي اتان وڃڻ کان اڳ اهو فرمايو تہ چاچا ڪيڏانهن بہ ڪيو پر هونداسين اوهان جي سيراندي ۾ سندن وصال بعد جتي ڏاچي ويٺي اهو دڙو سندس چاچو جيڪو ڪائن اڳ وصال ڪري ويو ان جي مزار کان 4 ايڪڙن جي فاصلي تي سيراندي کان سپرد خاڪ ڪيو ويو، اهڙي ريت سندس چاچي کي چيل فرمان صحيح ثابت ٿيو، سندس وصال 1008هہ ربيع الاول مهيني جي پهرين جمع رات ٿيو، ان تاريخ تي هر سال سندن عرس مبارڪ وڏي عقيدت ۽ جوش خروش سان ملهايو ويندو آهي، تفريح لاءِ دوڪانداري شو لائين بہ لڳندي آهي، 3 ڏينهن شاندار ملاکڙو بہ ٿيندو آهي،صوفيانہ راڳ جون محفلون بہ ٿينديون آهن، پهرين رات روايتي مچ ٿيندو آهي، جنهن ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ٿين ٿا ان مچ لاءِ مشهور آهي تہ ان موقعي تي جيڪو ماڻهو 5 دفعا الحمد 5 دفعا قل هو الله سورت پڙهي جائيز دعا گهرندو تہ اها پوري ٿيندي، سندس وصال ڪانپوءِ ترت سندس مريدن سندن مزار ٺهرائي پر مٿان قبو نهي بس ٿيو تہ رات جو صرف مٿان قبي ڊهي وئي باقي مزار صحيح سلامت آهي، اها قبي ڊهڻ بعد وري ٺاهي وئي تيار ٿي تہ رات جو ڊهي وئي ۽ گادي نيشن کي قبي مٿان ڇت نہ ٺاهڻ جو اشارو مليو، ان بعد قبي ڇت نہ ٺاهي وئي سندن سجاده نيشن مان شاهہ محمد شاهہ ۽ فقير محمد شاهہ ڪامل ولي صاحب ڪرامت ٿي گذريا آهن، هنن وڏيون رياضيون ۽ عبادتون ڪيون چلا ڪڍيا. روايتون آهن تہ پير ۾ نوبت مري ڳوٺ ۾ هڪ هندو سيٺ رهندو هو، سيد فقير محمد شاهہ ان واڻئي سيٺ کان

سيڏو سامان وٺندو هو ۽ اهو واڻيو ڪين درگاهه ۾ لنگر نياز لاءِ في سبيل الله سامان به ڏيندو هو، هڪ ڏينهن پاڻ صبح جو ان ڳوٺ ڏانهن وڃڻ لڳو ڪنهن مريد ڪائن معلوم ڪيو ته سائين ڪيڏانهن ٿا وڃون پاڻ فرمايو ته سيٺ نيڻو مل ڪان سامان وٺڻ ٿو وڃان، مريد عرض ڪيو ته اهو سيٺ ته رات ديهانت ڪري ويو، سائين چيو اهو ڪوڙ آهي پاڻ ان ڳوٺ ويجهو پهتو ته ان واڻئي سيٺ جي ارٿي مساڻ ڏانهن ڪڍيون پئي ويا، پاڻ ماڻهن ڪان معلوم ڪيو ته خبر پئي ته سيٺ نيڻو مل جي ارٿي آهي، پاڻ جلال ۾ اچي چيو ته واهه ڙي سيٺ واهه اسين اچون پيا تو ڪان سامان وٺڻ تون وري وڃي پيو مسڻ ۾ سڙجڻ لاءِ پاڻ واڻين کي چيو ته ارٿي هيٺ رکو جڏهن ان جي ارٿي هيٺ رکي ته پاڻ جلال ۾ اچي چيو اٿ ڙي واڻيا هل مونکي هلي سامان ڏي ان تي نيڻو مل ۾ ساهه پئجي ويو ۽ هو اٿي ويٺو. اهو سيٺ پوءِ سيٺ پوءِ ڪيترائي سال زنده هو. هن درگاهه جا سڄي سنڌ ۾ مريد آهن انهن ۾ جوڻيجا، سهتا، بالادي، ڪوري، ملاح، سولنگي، خاصخيلي، شورا، سومرا، ڪنڀار، پناڻ، ڏاهري، راجپوت، جهانجهٽا، پيل، ميگهواڙ، ڪولهي، واڻيا به شامل آهن، سيد عالي شاهه جو موجود سجاده نشين سيد مصري شاهه ٻڌائي ٿو ته ننڍو هئس مخدوم طالب المولىٰ اسان وٽ آيا، صبح جو درگاهه تي حاضري ڏيڻ جو حڪم ٿيو، پاڻ ڪافي پنڌ پري گاڏي مان لهي پيادل مزار تي آيا، اتي والد سيد ٻهاول شاهه ڪان ڪجهه ڳالهيون معلوم ڪيون ڪجهه ٻڌايون ۽ چيو ته اوهان حضرت مخدوم نوح جي نياڻي جو اولاد آهيو ان ڪري اوهان کي به دنيا ۾ ان نظر سان رهڻو پوندو، سيد مصري شاهه چوي ٿو ته هڪ دفعي مخدوم طالب المولىٰ وٽ حاضري ٿي هالا ويس ته پاڻ فرمايو ته حضرت مخدوم نوح رح حضرت محمد صه جن جي سنت پوري ڪندي چاريار، ابوبڪر شاهه لڪياري، عمر عطار، عثمان بودلو، سيد علي شاهه ۽ اوهان ان عالي شاهه جو اولاد اوهان آهيو پر ان جو نالو غلطي سان عالي شاهه سڏجي ٿو ۽ ڪتابن ۾ غلطي سان علي شاهه شيرازي لکجي ويو آهي، سيد مصري شاهه جي دعوىٰ پنهنجي جاءِ تي پر جيڪڏهن واقع ۾ اها غلطي ٿي آهي ته پوءِ سوال ٿا اٿن ته پوءِ اڄ تائين ان جي تصديق ڇو نه ٿي آهي. سيد عاليٰ شاهه جو ذڪر ڪيترن ئي تاريخي ڪتابن ڪانسواءِ ڪتاب تحفت الڪرام ۾ به مختصر طور ملي ٿو، پر پروفيسر محبوب علي چنا سيوهاڻي جي مرتب ڪيل ڪتاب مخدوم نوح سرور رح جا







سهوگي ۾ ڪٿي به ذڪر نه ٿو ملي، پروفيسر چنه پاران هن بزرگ جو ڪتاب ۾ ذڪر نه ڪرڻ سمجهه ۾ نه ٿو اچي، سيد عالي شاهه جي حال وسيلن ۾ دستار مبارڪ، ڪاٺ جي مڻين جي تسبيع، لباس ۽ ٻيو سامان موجوده سجاده نيشن وٽ محفوظ آهي، عرس مبارڪ جي موقعي تي انهن جي زيارت ڪرائي ويندي آهي، ڪڇ ڀڄ ۾ سندن آستانو اڄ به موجود آهي، اتي سندن عرس مبارڪ تي اتي به سندن مريد ۽ عقيدتمند ڍاڙو ملهائيندا آهن، پاڪستان ٺهڻ ڪان اڳ ڪڇ ڀڄ مان سندن مريد عرس مبارڪ ۾ هتي ايندا هئا ۽ درگاهه جو سجاده نيشن به اتي روحاني سفر تي ويندا هئا، پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ به ڪجهه عرصو جاري رهيو پر بعد ۾ اهو سلسلو بند ٿي ويو، سيد عالي شاهه جو جت به سندن دعائن سان صاحب ڪرامت فقير هو، جنهن جي آخري آرام گاهه مٿان چوڪنڊي ٺهيل آهي، درگاهه ڪان 2 ڪلوميٽر روڊ تي طرف آهي ان کي ڏانو ٽيون پير سڏين ٿا، اتي قديم زماني ڪان ڪنڊي جو وڻ بيٺل آهي ان ڪري ڪنڊي وارو پير به سڏجي ٿو، هر سال سندس ميلو به لڳي ٿو، جيڪو خدا ڏنو هنگورو سيد نظر حسين شاهه ۽ ٻيا لڳرائين ٿا، هتي ماڻهو سڪان پوري ٿيڻ تي مڃايون، خير خيراتون ڪرڻ ڪانسواءِ ائن جا ڏاوڻ باسين ٿا ۽ سوال پورا ٿيڻ تي اهي ڪٽي اچن ٿا. حضرت عالي شاهه جا هن وقت تائين ٿيندڙ سجاده نيشن ۾ حضرت سيد يار محمد شاهه رح بن حضرت سيد عالي شاهه رحمة الله عليه، بن حضرت سيد بيگ محمد شاهه رح بن حضرت سيد يار محمد شاهه رح، بن حضرت سيد ڏاتر ڏنو شاهه رح بن حضرت سيد بيگ محمد شاهه رح، حضرت سيد پارپئو شاهه رح بن حضرت سيد ڏاتر ڏنو شاهه رح، حضرت سيد يار محمد شاهه رح بن حضرت سيد پارپئو شاهه رح، حضرت سيد بيگ محمد شاهه رح بن حضرت سيد يار محمد شاهه رح،حضرت سيد بهاول شاهه رح بن حضرت سيد بگ محمد شاهه رح حضرت سيد ڏاتر ڏنو شاهه رح بن حضرت سيد بهاول شاهه رح، حضرت سيد بيگ محمد شاهه رح بن حضرت سيد ڏاتر ڏنو شاهه رح، حضرت سيد يار محمد شاهه رح بن حضرت سيد بيگ محمد شاهه رح، حضرت سيد پارپئو شاهه رح بن حضرت سيد يار محمد شاهه رح،حضرت سيد بيگ محمد شاهه رح بن حضرت سيد پارپئو شاهه رح،حضرت سيد شاهه محمد شاهه رح بن حضرت سيد بيگ محمد شاهه رح، حضرت سيد فقير محمد شاهه رح بن حضرت سيد شاهه محمد شاهه

رح، حضرت سيد بهاول شاهہ رح بن حضرت سيد فقير محمد شاهہ، حضرت سيد يار محمد شاهہ رح بن حضرت سيد بهاول شاهہ رح، (پاڻيٽيو) حضرت سيد بهاول شاهہ رح بن حضرت سيد غلام، حيدر شاهہ عرف سيد مصري شاهہ رح، سيد غلام حيدر شاهہ عرف سيد مصري شاهہ بن حضرت سيد بهاول شاهہ رح ۽ موجوده سجاده نشين سيد بلاول عرف سيد مصري شاهہ کي ڇهہ فرزندسيد بهاول شاهہ، سيد ذوالفقار علي شاهہ، سيد ذاکر علي شاهہ، سيد شاکر علي شاهہ، سيد سجاد علي شاهہ، سيد نبن علي شاهہ آهن.

موجوده سجاده نشين سيد مصري شاهہ 15 مارچ 1956ع ۾ جنم ورتو، سندس تعليم بي اي آهي، سندس ادب، صوفيانہ راڳ سان دلچسپي رهي هئي، پاڻ علائقي جي مشهور سماجي شخصيت آهي، پاڻ مخدوم خاندان جي ڪري پ پ سان وابستہ آهي، شاهہ لطيف استاد بخاري، مخدوم طالب الموليٰ، مخدوم امين فهيم ، شيخ اياز ۽ ٻين شاعرن جي شاعري سان دلچسپي رهي آهي، پاڻ جواني ۾ بهترين گهوڙي سوار بہ هو، پاڻ سخي، مهمان نواز غريبن جو همدرد آهي.

## مشهور شاعر ۽ ولي اللهؒ حضرت منٺار فقير راڄڙ

منٺار فقير راڄڙ سنڌ جو مشهور ولي الله ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شاعري روح کي ڇهيندڙ آهي. راڄڙ برادري لاءِ روايت آهي تہ پاڻ سنڌ جي قديم سمان جي هڪ شاخ مان آهن. فقير جا وڏا جيسلمير رياست جا رهواسي هئا. جتي لاڳيتو ڪجهہ سال بارش نہ هئڻ ڪري اتي ڏڪار واريون حالتون هئڻ ڪي پنهنجي چوپائي مال سان ميرن جي حڪومت ۾ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. فقير منٺار راڄڙ جو خاندان حضرت مخدوم نوح جا مريد هئا. روايتون آهن تہ هن خاندان ۾ ڪجهہ مشهور بزرگ بہ ٿي گذريا آهن. انهن ۾ مهراڻ فقير راڄڙ، منٺار فقير ڪنگور وارو بہ شامل آهن، منٺار فقير راڄڙ تقريبن 1885ع ۾ قبول محمد راڄڙ جي گهر ۾ جنم ورتو،. ڪين ظاهر تعليم نہ هئي روايت آهي تہ منٺار فقير جي ولادت کان ڪجهہ وقت پوءِ چار درويش دروازي تي آيا ۽ اهي صدائون بلند ڪيون تہ جيجان اسان کي ڏاڏا جي زيارت ڪرايو. ان تي فقير صاحب جي امڙ کيس دروازي تي ڪٺي وئي. انهن درويشن مان هڪ ٻارڙي کي هنج ۾ ورتو ۽ پيار ڪيو ۽ پنهنجي پڪ سندن وات ۾





وڌي ۽ اهو چئي هليا ويا تہ منٺار فقير ڪنگوري هتي آيو آهي هي دنيا ۾ مشهور ٿيندو. هن جو ادب ڪجو، فقير صاحب والدين کي ننڍا فرزند هئڻ ڪري ڏاڍي لاڏ ڪوڏ ۾ پليا. پاڻ ڄمندي ڄام هئا. جڏهن جوان ٿيا تہ ان زماني ۾ سندن مرشد حضرت پکن ڏٽي راهوند ۾ چلو مڪمل ڪري هالا پهتا هئا ۽ جماعت وارا سندن زيارت لاءِ هالا ۾ اچي رهيا هئا. منٺار فقير بہ مرشد جي زيارت ڪرڻ ۽ بعيت وٺڻ لاءِ هالا پهتا. ان ڏينهن ذڪر ڏيڻ جو سلسلو بند هو پر جي حاضري واري کي فقير صاحب منٿ ڪئي تہ مٿس خاص مهرباني ٿئي، حاضري وارو جيڪو سيد هو ان فقير کان سندس باري ۾ حال احوال وٺي پکن ڏٽي کي عرض ڪيو تہ پکن ڏٽي کيس گهرائي نظرون ملايون ۽ ذڪر ڏنائون. ڪجهہ عرصي کانپوءِ پکن ڏٽي وصال ڪري ويا.

فقير منٺار جي ڳوٺ کاٽي تعلقو ڪپرو ۾ محنت مزدوري لاءِ پيل اچي وينا هئا. انهن ۾ هڪ سهڻي ڇوڪري هئي ان تي پاڻ عاشق ٿي پيا. ان ڇوڪري تي پيا بہ ڪيترائي عاشق هئا، فقير صاحب کي عشق آتش ڏاڍو تپايو ۽ پاڻ هٽي وڃي هنڌ ڪيو ۽ محبوب کي راضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو. رات جو هنن جي ملاقات ٿي ۽ پيار پرين ڪچهرين ۾ رات جا 3 ٿي ويا ۽ جڏهن ڪين نفساني خواهش ٿي تہ ڪين ائين محسوس ٿيو جهڙو اٺ گهوڙا هلي رهيا آهن ۽ مرشد جي آمد تي جيڪو ذڪر ٿيندو آهي اهڙو آواز اچڻ لڳو. پاڻ ان عورت کي چيائون تہ اڄ منهنجو مرشد اچي رهيو آهي، پاڻ وري سياٽي ملنداسين ۽ پاڻ جتان آواز اچي رهيا هئا اوڏانهن ويا پر اتي ڪجهہ بہ نہ هو. اهي آواز اچڻ بند ٿي ويا. واپسي تي پاڻ سوچيندا رهيا تہ پڪين ڏٽي جو تہ وصال ٿي ويو آهي، پوءِ هي ڇا هو؟ ٻي رات بہ جيڏي مهل نفساني خواهش ٿي تہ ساڳي طرح ڪلمي جي تنوار ٻڌڻ ۾ آين ۽ پاڻ وري اڳين رات ملڻ جو انجام ڪري هليا ويا ۽ پريشان حال ۾ سوچيندا رهيا تہ آخر هي ڇا آهي؟ ائين ڇو پيو محسوس ٿئي؟ رات جڏهن عورت سان مليو ۽ نفسائي خواهش اڀرڻ وقت هن سان وري بہ ائين ٿيو ۽ پاڻ عورت کان موڪلائي ايندڙ رات جو انجام ڪري گهر هليا ويا. ليڪن ٽئي ڏينهن پيل لڏو ڪٽي پنهنجي ملڪ روانا ٿيا فقير صاحب هنن جي پويان ويو. لڏي وارا رات گذارڻ جي لاءِ هڪ هنڌ ترسي پيا فقير صاحب هڪ ڪٻڙ هيٺان سمهي رهيو پر ڪوشش جي باوجود سندس محبوب سان ملاقات نہ ٿي ۽ لڏي

ناري واري علائقي مانِ ٿپي ٿر جي وارياسي علائقي ۾ روانا ٿيا. پاڻ نا اميد ٿي واپس ڳوٺ آيا. پاڻ سڄي رات نفساني خيالن ۽ محبوب سان ملڻ وقت ايندڙ آوازن تي سوچيندا رهيا. سوچيندي سوچيندي کين ننڊ اچي وئي تہ پاڻ خواب ڏٺائون حضرت مخدوم امين محمد پکن ڏڻي گهوڙي تي چڙهي اچي رهيو آهي، پاڻ گهوڙي جي واڳ ورتي آهي، پکن ڏڻي لهي کين سڏ ڪيو آهي ۽ کين هڪ ڪتاب ڏنو ۽ حڪم ڪن پيا تہ هي پڙهہ پاڻ عرض ڪيو تہ قبلہ سائين آئون پڙهيل نہ آهيان، پکن ڏڻي فرمايو تہ اسين اوهان کي پڙهايون ٿا ۽ پاڻ کي هڪ سٽ تي هٿ رکي پڙهائي، ۽ فرمايو تہ اسين اوهان سان گڏ آهيون ۽ پکن ڏڻي گهوڙي تي سوار ٿي فقير صاحب کي اتي ان هنڌ وٺي آيا جتي سندس مزار آهي ۽ فرمايو تہ اوهان جو هاڻ هي مڪان، مئخانو آهي ۽ فقير صاحب جي اک کلي وئي. تہ پاڻ پگهر ۾ شم هئا. صبح جو پاڻ لطيف سائين جو رسالو کڻي پڙهيو تہ پاڻ اکر شناس هئا رسالو رواني سان پڙهي رهيا هئا ۽ لطيف سائين جو شعر هڪ دفعو پڙهڻ بعد اهو شعر کين ياد ٿيڻ لڳو. مرشد جي خواب ۾ اچڻ بعد پاڻ فقيري ڏانهن مائل ٿيا ۽ شاعري ڪرڻ لڳا. پاڻ ذڪر الاهي ۾ مصروف هوندا هئا. جڏهن عبادت ۽ ذڪر الاهي کان فارغ ٿيندا هئا تہ شاعري ڪندا هئا. شاعري چوندي پاڻ مستي ۾ اچي ويندا هئا. پاڻ الهامي شاعر بنجي ويا.

فقير صاحب ڪجھ وقت بعد سودري پارت جو علائقو جتي سندس محبوبہ پيلڻ ۽ سندس خاندان وارا رهندا هئا. اهي پيل سندس طالب ٿيا. اتان کان اجمير شريف روانا ٿيا خواجہ غريب نواز جي مزار جي زيارت ڪيائون. اتان کان پاڻ هالا شريف پهتا جتي حضرت مخدوم نوح پکڻ ڏڻي ۽ ٻين جي مزارن تي حاضري ڀري ۽ پکن ڏڻي بعد گادي تي ويٺل مرشد حضرت مخدوم محمد الزمان جي زيارت ڪيائون. اتان سيوهڻ شريف ويا جتي کين قلندري سانگہ ڦهرايو ويو. فقير صاحب جي خاص طالبن ۾ احمد آباد انڊيا جو دائود فقير مگڻهار سيد روشن شاهہ هئا. جيڪي سندن خدمت ۾ هئا. دائود فقير لاءِ چون ٿا تہ پاڻ منٺار فقير جي دعائن سان رچي لال ٿيو. پاڻ فقير صاحب جي شاعري بہ ڳائيندا هئا ۽ پاڻ بہ شاعري ڪئي. سندس گهڻي شاعري منٺار فقير جي شان مان ۾ چيل آهي. دائود فقير جي شاعري جو ڪتاب تہ نہ ڇپيو پر لکت ۾ درگاهہ منٺار فقير تي محفوظ آهي. دائود فقيرجا مائٽ





وٽس آيا تہ واپس هلو تہ اوهان جي شادي ڪرايون تہ پاڻ چيو تہ نڪاح تي نڪاح نہ ٿيندو آهي. آئون ڪن جو پکي بڻجي ويو آهيان ان تي دائود فقير جي مائٽن منٺار فقير کي عرض ڪيو جنهن ڪيس سمجهايو تہ ابا نبي سڳوري صہ جي سنت کان انڪار نہ ڪر شادي ڪر. پاڻ اهڙو حڪم ملندي مائٽن سان گڏ روانو ٿيو. نڪاح کان اڳ پاڻ يڪتارو گهريو ۽ يڪتاري تي آهيان منجهہ غير جي دريا اڪارج يا رسول الله گناهن ڪيس غرقاني ڪر مشڪل آساني ڪلام ڳائيندي پاڻ وجد ۾ اچي ويو ڪلام ختم ڪرڻ سان سندس روح پرواز ڪري ويو. اها خبر جڏهن منٺار فقير کي پئي تہ کين وڏو صدمو پهتو ۽ پاڻ سندس ياد ۾ ڪيترائي شعر بہ چيا، دائود فقير کي سندس ڳوٺ احمدبڙودا ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو. اتي هر سال وڏي ليول تي ميلو لڳي ٿو. ان دور جو هڪڙو مشهور فنڪار ڇيڙ فقير پيل، فقير صاحب وٽ حاضر ٿيو ۽ اهڙو تہ متاثر ٿيو جو سڄي حياتي اتي رهي فقير صاحب جي شاعري ڳائي. منٺار فقير جي صحبت ۽ دعا سان ڪيترائي شاعر ٿيا. فقير صاحب جا سوين مدح، مولود، مناجات، مرثيو، ڏهر، حرفي لولي شامل آهي. موسيقي ۽ شاعري جو ڄاڻو غلام ڪريم شر،ڪلام منٺار فقير رسالو خدائي ترتيب ڏنو جيڪو ڇپايو ويو ۽ فقير صاحب جي شاعري تي نظر وجهبي تہ سچل سرمست ڪانپوءِ ٻيو نمبر منٺار فقير کي ڏبو تہ وڏاءُ نہ ٿيندو. سندس شاعري جا 4 رسالا، رسالو خدائي، رسالو مرتضاٽي ۽ رسالو رهنمائي رسالو صدا ئي ڇپيا آهن. رسالو مرتضائي ۽ رهنمائي بہ دفعا ڇپيا آهن. سندس ڪافي شاعري لکت ۾ نہ اچي سگهي آهي.

پاڻ حسن ۽ عشق کي تمام گهڻو ڳايو آهي، سندس شاعري پڙهڻ بعد اندازو ٿئي ٿو تہ ٻولي منٺار فقير جي محتاج آهي. پاڻ ڇئن زبانن سنڌي، هندي، اردو، سرائڪي ۾ شاعري ڪئي آهي. شاعري دل ۾ ڇُپي وڃڻ واري آهي،. سندس ڪافي شعرن ۾ قراني آيتون بہ ڪم آنديون آهن. سندس داستانن جون ڪافيون تہ سماج، ريتن، رسمن جي عڪاسي ڪن ٿيون، پاڻ موسيقي جو بہ ماهر هو. سندس راڳ ويراڳ سان تمام وڏي دلچسپي هئي. هر وقت سندس خدمت ۾ فنڪار هوندا هئا. تقريبن روزانو سندن آستاني تي فقير صاحب ۽ ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام ڳائيندا هئا. روايتون آهن تہ پاڻ 12 سالن تائين سفر بہ ڪيا. پاڻ روزي نماز جا پابند هئا. تسبيح تي ذڪر ڪندا هئا. پاڻ گهڻو ڪري

گيڙو يا فيروزي پهراڻ ۽ آسماني نيري رنگ جي شلوار پائيندا هئا. ڪاري ڪتي ساٽن گڏ هوندي هئي. پاڻ پٽڪو، گيڙو يا سائو ٻڌندا هئا. جڏهن تہ ڪندري، ٻيرا ڳچ، ناد، سنک، جهولي ۾ ڪشتي گڏ کڻندا هئا. سندن ڪيترئي ڪرامتون مشهور آهن. سندس دعائون مان ڪيترائي ماڻهو رڱجي ويا، سروري جماعت وارا مرشد جي آمدتي منٺار فقير جو ڏهر ڏيندا آهن .پاڻ مرشد جي مان شان ۾ ڪافي شاعري ڪئي اٿن. حضرت مخدوم طالب المولیٰ رسالو خدائي ۾ فقير صاحب بابت لکي ٿو تہ منٺار فقير جي شاعري جي زبان سنڌي لوڪ ادب جي زبان آهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس زبان ڪي هر شخص آساني سان پڙهي سگهي ٿو. اها ئي سندس ڪلام جي خاص خوبي آهي.مخدوم امين فهيم رسالي خدائي منٺار فقير لاءِ لکي ٿو تہ منٺار فقير سروري جماعت جي مکيہ فقيرن مان ۽ پنهنجي دور جو سريلو شاعر هو. سندس ڪلام ۾ عام فهم ۽ ڳوڻاٽي زبان استعمال ٿيل آهي. تصوف جي طالب جون مڙئي تقاضائون سندس ڪلام ۾ موجود آهن. سندس ڪلام ۾ موسيقي جو سپ ٽڪاءُ تال پڻ موجود آهين.

منٺار فقير پهرين شوال 1353هہ عيد الفطر جي نماز پڙهي مائيٽن ۽ فقراءَ ڪي وٺي پنهنجي آخري آرامگاهہ لاءِ جتي پاڻ پنهنجي لاءِ لحد ۽ قبو پهرين ٺهرايو هو اتي. ڪين چيو تہ منهنجي آخري آرام گاهہ پرسان 2 جايون ٺينديون اهي آئون پنهنجي پنهي پوٽن ڪي ڏيان ٿو. چاڪاڻ تہ سندن فرزند سندن حياتي ۾ وصال ڪري ويو هو. اتي سندس پائيتي حاجي مير حسن ڪين چيو تہ الله سائين اوهان ڪي وڏي ڄمار ڏيندو ان تي پاڻ فرمايائون تہ آئون اوهان وٽ صرف ڏهہ ڏينهن مهمان آهيان. مون گهري تہ محرم جي ڏهين تاريخ هئي پر ملي شوال جي ڏهين. پاڻ ڏهين محرم تي وصال واري خواهش ۾ شعر بہ چيو اٿن.

”ماهہ محرم جي ڏهين تاريخ ۾ شل دم ڏيان حب رکي حسين ڏي روئندي هتان راهي ٿيا.“پاڻ 10 شوال تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويا. سندس سجاده نشين، سندس فرزند سندس حياتي ۾وصال ڪري ويا. ان ڪري سندس پهريون سندس وڏو پوٽو فقير ولي بخش هو پاڻ 29 محرم 1404 تي وصال ڪري ويا ان بعد فقير ولي بخش جو فرزند فقير ولي محمد سجاده نشين ٿيا سندن وصال 26 رجب 1405هہ بمطابق 17 اپريل 1985ع تي ٿيو موجود سجاده نشين فقير محمد بخش





ضامن آهي. پاڻ درگاهہ تي ڪافي ڪم ڪرايو آهي. تقريبن هر رات جو راڳ ويراڳ ٿئي ٿو پاڻ درگاهہ تي ڪافي ڪم ڪرايو آهي. هر وقت درگاهہ منٺار فقير تي عقيدمندن جو ميڙو متل هوندو آهي. ڪيترائي سوالي اچن ٿا. سوال پورا ٿيڻ بعد باسون کڻي اچن ٿا. هر سال 10 شوال تي منٺار فقير جو هڪ روزه ساليانو عرس مبارڪ وڏي عقيدت سان ملهايو وڃي ٿو. شاندار ادبي ڪانفرنس مشاعرو ۽ صوفيانہ راڳ جي محفل ٿئي ٿي. جنهن ۾ سنڌ جا ناميارا فنڪار فن جو مظاهرو ڪن ٿا. درگاهہ تي فقير محمد بخش ضامن پاران لنگر بہ هلي ٿو. پاڻ فقير منش انسان آهي.

## صوفي شاعر ۽ ولي الله حضرت محمد فقير ڪٽياڻ

ڪٽياڻ قبيلي ۾ ڪيترائي ولي الله ٿي گذريا آهن، انهن ۾ حضرت محمد فقير ڪٽياڻ جو رنگ ئي نرالو آهي.پاڻ صوفي شاعر پڻ هئا. پاڻ پنهنجو ڪلام پنهنجي سنگ سان گڏ ڳائيندا هئا ۽ مستي ۾ اچي نچندا هئا، سندس وڏا سبي واري علائقي مان مير صاحبن سان گڏ آيا ۽ سنڌ ۾ آباد ٿيا. سندس وڏا ميرن جي حڪومت ۾ وڏي حيثيت وارا هئا، ڪيترا فوج جا سپهہ دالار بہ هئا. محمد فقير ڪٽياڻ تقريبن 1887ع بمطابق 1296هہ ۾ حيدر خان ولد عبدالله خان ڪٽياڻ جي گهر ۾ جنم ورتو، سندس نالو محمد رکيو ويو. ابتدائي تعليم فارسي، سنڌي ۽ قرآن شريف جي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪيس مڪتب ۾ ڇڏيو ويو. ترت ئي سندس والد وصال ڪري ويو ۽ پاڻ پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي گهر اچي ويا وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ جواني ۾ ڪم ڪار سان گڏ ڳوٺ جي ويجهو ڳوٺ ڪرناٽي سما ۾ مولوي حاجي عبدالرحمان سمون وٽ فارسي ۽ طب جي تعليم حاصل ڪئي، پاڻ پنهنجي مُرشد پير صاحب پاڳارو حضرت شاهہ مردان شاهہ عرف ڪوٽ ڌڻي کان توحيد جي تلقين ورتي، ان بعد سندس طبيعيت فقيراڻي ٿي وئي، پاڻ اٺ سال ڪن خدمت خلق جي جذبي تحت ڳوٺ ۾ طب ڪندو رهيو. محمد مگڻهار نالي هڪ چوڪر تي سندس نظارو هو ۽ ان مجازي عشق ۾ اچي رچي لال ٿيو ۽ پاڻ شاعري شروع ڪئي ۽ يڪتارو کڻي ڳائڻ بہ شروع ڪيو، حُر جماعت ۾ ساز تي ڳائڻ منع ٿيل آهي، پر پير صاحب پاڳارو سندس حال ڏسي ڪيس يڪتارو تي ڳائڻ جي اجازت ڏني، روزگار جي لحاظ کان پاڻ

مشهور زميندار رئيس غلام محمد پر ٻڙي جو مئنيجر ٿيو ۽ بعد ۾ سندس زمين تي عام مختيار ٿي رهيو، اُتي هن هڪ مجذوب فقير محمد هاشم وٽ اڪثر حاضري لاءِ ويندو هو ۽ کيس دعا لاءِ عرض ڪندو هو. هڪ ڏينهن فقير محمد هاشم کي جيئڻ دعا لاءِ عرض ڪيائون ته پاڻ محمد فقير ۾ نهاري چيو ته "پاڻ ڪان وڏيڪ گهري ڏائڻ" انهن لفظن هن تي گهرو اثر ڪيو اتفاق سان چند ڏينهن بعد رئيس غلام محمد پر ٻڙي جي اوطاق کي باهه لڳي پاڻ ان وقت موجود هو ۽ نوڪرن ۽ هارين کي چيائين ته پيو ڪجهه به نه ڪيو رڳو ڳائڻ جا ساز ڪيو، ان بابت جڏهن رئيس غلام محمد پر ٻڙي ڪائنس ان واقعي بابت معلومات ورتي ته پاڻ چيائون حق جي اها راءِ هئي ۽ ڏوهه ڪنهن جو نه آهي وس ڪنهن جو ڪو نه هو ۽ اوطاق سامان سوڌو سڙي وئي، انهي تي پر ٻڙي صاحب کيس نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو، ان تي فقير صاحب فرمايو ته اسين ته ان ڳالهه ۾ خوش هياسين.

نوڪري ڇڏڻ بعد ڳوٺ ۾ اچي رهيو سڄو توجهه راڳ ويراڳ ڏانهن ڏنائين، هر وقت ڳائڻ لڳو هڪ سندس شاعري سوز پري پيو سندس آواز ۾ مٺاس ۽ سوز اها خبر جڏهن نواب ولي محمد خان لغاري تاج پور وارو تائين پهتي ته پاڻ هڪ مجلس ۾ فرمايو ته هڪ درويش سهڻي شڪل شبيهه سنهي آواز وارو اسان جي دفتر جو سنڀاليندڙ ايندو. هوڏانهن محمد فقير ڪتياڻ به نواب صاحب جي فقيري جو ٻڌي پاڻ سندس حاضري ۾ حاضر ٿيو. نواب محمد فقير جو آواز ٻڌي پنهنجي وليعهد نواب غلام حيدر فقير کي چيو ته اسان جي دفتر جو سنڀاليندڙ اچي ويو آهي ۽ نواب صاحب پنهنجي ڪلام جو دفتر گهرائي فقير جي حوالي ڪيو ۽ اهو ڪلام پڙهي فقير صاحب جي دماغ ۽ دل جا تاڪ وڏيڪ کلي ويا. ان بعد فقير صاحب پنهنجي نفس کي نمائيڻ لاءِ جهد ڪٽيا پهرين ڳوٺ پرسان پرڏيهي پير جي قبرستان ۾ ان بعد پير صاحب پاڳارو جي جماعت سان وابسته صوفي بزرگ ميانداد لغاري جيڪو تاريڪ ٿي ڳوٺ جعفر وڳڻ ۾ اچي ويٺو هو ۽ فقير صاحب ان سان اُتي وڃي مليو ۽ سندن اشاري تي اُتي پرسان ڪيڙن جي ويڙهه ۾ جهد ڪاٽيا، انهي ڪيڙن جي جهنگ ۾ نانگ بلائون تمام گهڻا هوندا هئا ۽ ماڻهو اچي فقير صاحب کي سمجهايو ته پاڻ فرمايو ته ابا نانگ بلائون به مولا جون اسين به مولا جا آهيون، اسين ڪو نه اٽنداسين ۽ اها فقير ميانداد لغاري





پاران محمد فقير لاءِ آزمائش هئي، جنهن ۾ پاڻ ڪامياب ويا، ان بعد فقير صاحب مڪمل طور فقيري اختيار ڪئي ۽ واپس ڳوٺ اچي ڪم ڪاريون ڇڏي دنيا کان ڪناراڪش ٿي گيڙو ڪفني پائي مٿو اگهاڙو ڪري فقراءُ جو سنگ بنا ڇيريون پائي ساز ڪٽي پنهنجي صوفيانه ڪلامن ذريعي توحيد الاهي جي پرچار ڪرڻ لاءِ سڄي سنڌ ۾ پيرين پنڌ گهميو ڪٿي به آرام نه ڪيو ان وقت حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور جو سجاده نشين ظهير الدين عرف پرو ڇام هو، سندن وليعهد مخدوم غلام محمد صاحب جن هئا، جن سان فقير صاحب جو محبت جو انس قائم ٿيو. ۽ پاڻ اڪثر هالا اچڻ لڳا ۽ حضرت مخدوم نوح رضه جن جي گنبذ جي ڏکڻ ۾ هڪ مهينو مراقبو ڪيو. پير صاحب پاڳارو سيد صبغت الله شاهه سورهيه بادشاهه جن کي ڪن فقيرن ٻڌايو ته محمد فقير جماعت جو هوندي به شريعت خلاف ساز ڪٽي ڇيريون پائي ڳائيندو وتي، پير صاحب کيس حاضر ٿيڻ لاءِ حڪم موڪليو، مرشد جو حڪم ملندي پاڻ طالبن ۽ سازن سان گڏ درگاهه شريف تي پهچي مرشد وٽ حاضر ٿيو، پير صاحب دهل يڪتارا، باجا ۽ ٻيا ساز ڀڃائي فقير جي طالبن کي ٻوڙائي ڪڍيو ۽ فقير صاحب کي سزا طور هڪ ڪمري ۾ قيد ڪري ڇڏيائين، ليڪن سندس طالبن نوان ساز تيار ڪري شهر ۾ سنگ سان گڏ ڳائيڻ شروع ڪيو ته پير صاحب وري اهي ساز ڀڃايا ۽ فقيرن کي سخت سزائون ڏنيون ۽ ڳوٺ مان تڙي ڪڍڻ جو حڪم ڏنو ته طالبن عرض ڪيو ته قبلا محمد فقير اسان جو اڳواڻ آهي، ان ڪانسواءِ مري ويندا سين، پر هتان نه ويندا سين، پير صاحب وڏو داناءُ هو پاڻ ڳالهه سمجهي ويو ته هي طالب سچا آهن، هنن کي ڪفنيون پارائي ائين ڪو نه پيو وٺيو هلي ۽ هي ساڌس محبت جو انس رکن ٿا، راڳ هنن جي خوراڪ ۽ ورنه بنجي چُڪو آهي، پير صاحب پاڳارو کين معافي ڏني ۽ کين انعام اڪرام به ڏنا. محمد فقير ڪتياڻ جي شاعري جو پنهنجو رنگ آهي، پاڻ سنڌي ۽ سرائڪي ۾ شاعري ڪئي آهي، انهن ۾ عربي ۽ فارسي جا لفظ به ڪم آندا آهن. سندس شاعري توحيد ۽ صوفيانه رنگ ۾ رڱيل آهي، پاڻ صاحب ڪرامت به هئا، کين راڳ جي وڏي ڄاڻ هئي پاڻ ڳائيندي مستي ۾ اچي نچندو هو، پنهنجي شاعريءَ ۾ ئي پاڻ فرمايو اٿن ته:

ناچو ٿي نروار نچان ٿو،

پھرين برقعو بيک بشر جو، بره بازار نچان ٿو،
صورت وارو سانگ سراسر ڪري سرينگار نچان ٿو،
هٿن پيرين گهڻ گهڻ گنگهرو ڇيرن جي ڇمڪار نچان ٿو،
موتو قبلل موجان ماٺي مط ئي مهندار نچان ٿو.

فقير صاحب ڪي هڪ نياڻي ۽ هڪ فرزند گُل محمد فقير هو. نياڻي جي پنهنجي ڀائيٽي دوست علي خان ولد جان محمد خان سان شادي ڪرايائين. پٽ جي شادي برادري مان ڪرايائين، پر ان ڪي اولاد نہ ٿيو فقير صاحب پنهنجي فرزند گُل محمد فقير ڪي درگاهہ تاجپور جي پھرين سجاده نشين نواب غلام حيدر خان وٽ وٺي ويا ۽ ان جي هٿ تي دست بعيت ڪرائي جڏهن تہ ڀائيٽي ۽ نياڻي دوست علي خان جنهن جو اصل نالو عبدالله خان هو ان ڪي مخدوم غلام محمد صاحب جي خدمت ۾ وٺي ويو ۽ سندس هٿ تي دست بعيت ڪرائي. فقير گُل محمد جي حياتي ۾درگاهہ جو انتظام، ڪاروبار دوست علي خان ڪتياڻ هلائيندو هو. دوست علي خان ڪتياڻ محمد فقير ڪتياڻ جي محبت ۾ گهڻو وقت رهڻ ڪري فقيراڻي رنگ ۾ عشق جي سرمستي ۾ رنگيل هو. پاڻ وقت جا سماج سڌارک ۽ حڪيم بہ هئا ۽ پاڻ مخدوم طالب المولیٰ جي وقت ۾ سندن پاران مخدوم اسٽيٽ جا خودمختيار رهيا.پھرين شادي جيڪا محمد فقير ڪتياڻ جي گهران ڪئي، ڪين ان مان اولاد نہ ٿيو، ٻي شادي رئيس جان محمد خان ڪتياڻ جي نياڻي سان ڪيائين. ان مان بہ ڪين اولاد نہ ٿيو پاڻ مخدوم اسٽيٽ سنڀالڻ ڪري ڳوٺ ۾ گهٽ ايندا هئا ۽ پاڻ ڳوٺ درگاهہ جي سار سنڀال ۽ لنگر هلائڻ راڄ برادري ۾ اُٺڻ ويھڻ لاءِ ڳوٺ جي زمين جي سنڀال لاءِ پنهنجي سالي رئيس احمد خان ڪتياڻ ڪي مقرر ڪيو، احمد خان ڪتياڻ ڪي دوست علي خان ڪتياڻ، مخدوم صاحب المولیٰ جو دست بيعت مريد ڪيو. حضرت محمد فقير ڪتياڻ 1360هہ 7 محرم 1941ع فيبروري اڳاري ڏينهن هن فاني دنيا مان پيالو نوش ڪيو.

ٻاهر ڪيرو ڪل ۾ اندر ۾ آڙاهہ،
محمد بي پرواهہ ڪائي متوموت ڪي.

دوست علي خان ڪتياڻ 18 شعبان 1419هہ مطابق 27 مارچ 1989ع تي سيوهڻ شريف ۾ حضرت قلندر شهباز جي ميلي ۾ انتقال ڪيو.رئيس دوست علي خان جي وصال کان ڏيڍ مهينو بعد 3 شوال





1419هہ تي فقير گُل محمد خان ڪتياڻ بہ فالج جي حملي بعد راجپوتانہ اسپتال ۾ وصال ڪيو ۽ رئيس احمد خان ڪتياڻ ڪي درگاهہ ڪي حضرت محمد فقير ڪتياڻ جي سجاده نشين لاءِ منتخب ڪيو ويو ۽ ڪيس پڳ ٻڌرائي وئي. جنهن ۾ مخدوم طالب المولیٰ جي طبيعت ناساز هئڻ ڪري سندن حڪم تي مخدوم ۾ سعيد الزمان عاطف درگاهہ تاج پور جو سجاده نشين نواب غلام بشير خان ۽ ان خاندان جا ڪيترائي چشم چراغ ڪتياڻ برادري جي معززين مان پير محمد خان ڪتياڻ، محمد بخش ڪتياڻ بہ شريڪ ٿيا. رئيس احمد خان ڪتياڻ درگاهہ جون تمام رسمون، ڏھاڙا، عرس مبارڪ بهترين انداز ۾ ملهائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، محمد فقير ڪتياڻ جو عرس مبارڪ هرسال صفر مهيني ۾ ملهايو ويندو آهي،سڄي سنڌ جي درگاهن جا سجاده نشين يا سندن نمائنده شريڪ ٿيندا آهن، تي ڏينهن راتيون صوفيانہ راڳ هلندو آهي، جنهن ۾ سنڌ جا مشهور صوفي فنڪار فن جو مظاهرو ڪندا آهن، محمد فقير جي آخري آرام گاهہ تي مخدوم غلام محمد پنهنجي خرچ تي چوڪنڊي تعمير ڪرائي ۽ پھريان ٻہ سال عرس مبارڪ بہ پاڻ پنهنجي خرچ تي ڪرايا. جڏهن تہ رئيس دوست علي ڪتياڻ درگاهہ تعمير ڪرائي ان سان گڏ درگاهہ واري ايرئي ۾ ٻيون جڳهيون ٺھرايون. وڻ گُل ٻوٽا لڳرايا ۽ عرس مبارڪ ۽ ٻيا ڏھاڙا بہ شايان شان سان ملهايا.

## حضرت سيد غازي علي گوهر شاهہ

نوشهروفيروز ضلعي ۾ منياڻي ويجهو حضرت سيد غازي علي گوهر شاهہ جي مزار روشين جو مينار بڻيل آهي. جتي زائرين جو هر وقت ميلو متل هوندو آهي. پاڻ حضرت عبدالقادر شاهہ جيلاني جو اولاد آهن، سندن شجرو مبارڪ هن ريت آهي. سيد علي گوهر شاهہ بن امير شاهہ بن جعفر شاهہ بن حاجي پريل شاهہ بن حاجي جعفر شاهہ بن حاجي امير شاهہ بن گلاب شاهہ بن امير اعليٰ شاهہ بن نانگو شاهہ ، حضرت نانگو شاهہ مشهور ولي الله ٿي گذريو آهي. سندس مزار نوشهروفيروز ويجهو آهي. پاڻ صاحب ڪرامت هو. غازي علي گوهر شاهہ 1916ع ۾ تولد ٿيا، پاڻ ڄمندي ڄام هئا. پاڻ صرف ٻہ ٽي درجا سنڌي پاس ڪيا ۽ قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪئي. اجان ننڍڙا هئا تہ سندن والد وصال ڪري ويو. ۽ سندن پرورش سندن سئوٽ سيد جعفر شاهہ ڪئي. پاڻ اجان ستن سالن

جا هئا تہ امڙ ۽ پيڻ سان گڏ درگاهہ نانگو شاهہ پرسان ڳوٺ مان لڏي پراڻا ڪاريجا ۾ پنهنجي ماما سيد خوش محمد شاهہ جي گهر پرسان رهائش پذير ٿيا. غازي علي گوهر شاهہ ننڍي هوندي کان ذهين، اڪيلائي پسند، رحم دل، ٻاجهاري طبعيت جا مالڪ هئا. ان وقت ڪاريجا ڳوٺ پرسان سيد جمال شاهہ جي قبرستان ۾ هر جمع رات راڳ ٿيندو هو. هڪ دفعي سائين اتي راڳ ٻڌڻ ويا اتي هڪ الله واري فقير متي مان پاڻي پيري پيتو ۽ اتي ويٺل سيني ماڻهن جي طرف ڏنو ۽ سندس نظر سيد علي گوهر شاهہ تي پئي تہ بچائيل پاڻي ان کي پياري پاڻ اتي ئي گم ٿي ويو. ان بعد پاڻ فقيري ڏانهن مائيل ٿيا، پاڻ فرمائين، هئا تہ اسان کي پياريل آهي. قلندر پاڪ جي عميري "پيالو حضرت عشق جو" ان بعد پاڻ شاعري بہ شروع ڪئي ۽ پاڻ فقيري اختيار ڪئي، پاڻ پهرين شيعہ فرقي سان لاڳاپيل هئا. پاڻ ڪارو ويس ڪندا هئا. پاڻ 18 سالن جي ڄمار ۾ هڪ چلو ڪڍيو ۽ 40 ڏينهن مسلسل روزا رکيا، سحري ۽ افطاري وقت صرف هڪ ڪارڪ ڪائيندا هئا ۽ بعد ۾ 11 سالن تائين هڪ نہ پئي ڏينهن اهڙي نموني روزا رکيا، سندس چوڻ هو تہ اسان پنهنجي نفس کي ماري ان تي چڙهي ويناسين تہ نفس اسان کي ستين آسمان تي پهچايو. پاڻ ننڍي هوندي کان حضرت قلندر لال شهباز جا عقيدتمند رهيا ۽ وقت بہ وقت اتي حاضري لاءِ ويندا هئا ۽ پاڻ تقريبن 25 سالن جي ڄمار ۾ قلندر لال شهباز جي عرس تي "امير اولاد جي ڪافي مان طالبي جي مهر لڳائي سندن فقيرن ۾ شامل ٿيا. سندس طالبي جو نالو سجاد علي فقير هو. پاڻ جواني ۾ پنهنجي مرشد قلندر لال جي شان ۾ ڪيل شاعري خود ڳائيندا هئا ۽ پنهنجي فقراءَ سان گڏ سنگ جي صورت ۾ ڳائي وڄائي چادر چاڙهيندا هئا. جيڪو بہ سندن طالبي ۾ ايندو هو تہ انهن تي مهر هڻندا هئا. انهن جا پنهنجا نالا بہ رکندا هئا. سندن ڪيترن ئي صوفي بزرگن سان صحبت هئي. جن ۾ پين ڪانسواءِ محمد فقير ڪتياڻ، سيد مهدي شاهہ جهانيان دلمدار فقير لوڙهي وارو، گنبل شاهہ ٿلتي وارو، محمد فقير هيسباڻي، بہ شامل آهن روايتون آهن تہ انهن مان سڀ کان وڏيڪ صحبت محمد فقير ڪتياڻ سان هوندي هئن. محمد فقير ڪتياڻ جي صحبت ۾ اچڻ بعد پاڻ ڪارو ويس ڇڏي 30 سالن تائين گيڙو ويس پهريندا هئا. پاڻ وقت جا بهتر روحاني شاعر هئا. سندس شاعري ۾ پيار محبت، مناس،حقيقت معرفت ۽ فقيري جو عڪس ملي ٿو. پاڻ شاعري 36 راڳڻين ۾ چئي آهي. سندس شاعري ۾ حمد،





نعت، قصيدہ منقبت، غزل، وائي، ڪافيون، گيت شامل آهن. سندن شاعري سندن خليفا لکندا هئا پاڻ پنهنجي شاعري ان وقت جي مشهور فنڪار ڪان ڳارائيندا هئا. پاڻ بہ وجد ۾ اچي پنهنجو صوفيانہ ڪلام ڳائيندا هئا. چون ٿا تہ هڪ دفعي پاڻ پنهنجي خليفن سان گڏ حضرت قلندر لال شهباز جي درگاهہ تي خليفن ۽ فقراءَ سان گڏ سنگ ۾ ڳائي رهيا هئا تہ ان ميدان ۾ پرندڙ ڪاڻين جي شعلن جو مينهن وانگر وسڪارو ٿي ويو. ٻاهہ جي شعلن واريون ڪاڻيون اتي ويٺل ماڻهن تي ڪريون تہ اتي ويٺل فقير ۽ عام ماڻهو ڀڄي ويا پر محمد فقير ڪتياڻ ۽ سائين علي گوهر شاهہ ويٺا رهيا. بعد ۾ ڪنهن فقير ڪين عرض ڪيو تہ سائين سڀ فقير ۽ عام ماڻهو ڀڄي ويا، اوهان اتي ويٺا رهيا ان تي پاڻ فرمايو تہ ميدان مري ملهائبو آهي. ڀڄڻ اسان کي روا نہ آهي. روايتون آهن تہ پاڻ گهمڻ ڦرڻ جا وڏا شوقين هئا. گهمندي ڦرندي پاڻ مشاهدا ڪيا، سنڌ جي سرائيڪي پٽي جي ڪيترن ئي ولي الله جي مزارن ڪان سواءِ پاڻ هندستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ بہ ويا ۽ اتي ڪيترن ئي ولي الله جي مزارن تي بہ ويا علمي، ادبي ، روحاني، اسلامي، تاريخي، فلسفن وارا ڪتاب سندس مطالعي ۾ رهيا. پاڻ اڪيلائي پسند هئا خاص طور رات جو اڪيلا گذاريندا هئا. پاڻ رات جو ذڪر فڪر بہ ڪندا هئا. سندن چوپايو مال سان ڏاڍو پيار هو، وڻن ٻڪريون، مينهون، ڍڳيون وڏي تعداد ۾ هونديون هيون. پاڻ چوپايو مال کي "امان ڪري چوندا هئا، ڍڳن، پاڏن کي بابا سائين ڪري سڏيندا هئا. پاڻ انتهائي نرم ۽ حساس دل هوندا هئا. انسانيت سان پيار ڪندڙ هئا، ايتري قدر جو ڪڏهن نانگ، ٻلا، وڇون بہ نہ ماريندا هئا. ۽ فقير فقراءَ کي هنن کي مارڻ نہ ڏيندا هئا. پاڻ چوندا هئا تہ هي بہ مالڪ جي مخلوق آهي، وڻن ڪتا، ٻلا بہ جام هوندا هئا. پاڻ روزانو مغرب نماز ڪانپوءِ ڪين کير ڏيندا هئا. ان لاءِ باقائده ٿانوءَ هوندا هئا. جن کي سائين روزانہ ڏورائيندا هئا پاڻ پنهنجي زندگي ۾ 40 سالن تائين ساهہ واري شيءِ نہ ڪاڌي ۽ پاڻ پنهنجي فقيرن کي بہ ساهہ واريون شيون ڪائڻ ڪان منع ڪندا هئا. سيد علي گوهر شاهہ پنهنجي مريدن ڪان ڏن وغيره نہ وٺندا هئا پر جيڪڏهن ڪو ڏن وٺڻ تي اصرار ڪندو هو تہ ان جو اڌ رکندا هئا. اڌ واپس ڪندا هئا پاڻ وقت جا سخي هئا، خير خيراتون ڪندا هئا. غريبن جي مدد ڪندا هئا سائين وٽ هڪ اهڙو ڪتو هو جنهن جو نالو پاڻ ڪجل رکيو جيڪو ڪين ڏاڍو پيارو هو، ان ڪتي جي اها

ڊيوٽي هوندي هئي تہ ڏينهن جو سائين جي هجري ۾ ڊيوٽي ڏيندو هو، رات جو مال متاع تي پهرو ڏيندو هو، سندن جڏهن غفاري صاحب مٺا سائين رحمت پور لاڙڪاڻو سان ملاقاتون رهيون ۽ پاڻ ساڻس ملاقات لاءِ اڪثر ويندا هئا گهڻو ڪري هر جمع جي نماز اتي وڃي پڙهندا هئا. ان بعد سائين جي زندگي ۾ ڦيرو آيو پاڻ اڇي رنگ جا ڪپڙا پائڻ شروع ڪيا، راڳ ويراڳ جو سلسلو بہ بند ڪرايو ۽ پنهنجي شاعري سنڌو درياهہ جي حوالي ڪري ڇڏي. 1977ع ۾ سائين لڏي بچاءُ بند لڳ علي گوهر شاهہ نالي ڳوٺ آباد ڪري اتي اچي رهيا، جتي سندن مزار آهي، پاڻ اتي مريدن سندن حويلي فقيرن لاءِ اوطارا ۽ مسجد شريف ٺهرائي. پاڻ مريدن ، عقيدتمندن کي مٿو اگهاڙو ڪرڻ جي منع ڪندا هئا ڪو مريد مٿو اگهاڙو ڪندو هو تہ مٿن ناراض ٿيندا هئا. سندن ٺهرايل مسجد ۾ هر جمعي تي وڏي جماعت ٿيندي هئي پري پري کان ماڻهو سائين سان گڏ نماز پڙهڻ لاءِ ايندا هئا. پاڻ جمع نماز ختم ٿيڻ بعد قرآني آيت ترجمي سان ٻڌائيندا هئا. ان بعد درس ڏيندا هئا. ان بعد حديثون بيان ڪندا هئا. 1982ع ۾ پاڻ پنهنجو لباس گهرو گلابي پهرڻ شروع ڪيو. روايتون آهن تہ پاڻ حضرت امام حسين رحہ جن جي شهادت کان متاثر ٿي ان رنگ جو لباس پائڻ شروع ڪيو ۽ فقيرن کي بہ هدايت ڪيائون تہ اوهان بہ اهو لباس پايو، پاڻ صاحب ڪرامت هئا، نہ صرف مٺياڻي واري علائقي پر سڄي سنڌ م سندن ڪرامتون مشهور آهن. پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن کي پٺ پاراتو نہ ڏنو پاڻ سدائين خلق خدا کي فيض پهچايو. سندن پهرين شادي ڪاريجا اول جي جان محمد چانديو جي نياڻي بعد ۾ گهر واري کي طلاق ڏئي ڇڏي، پاڻ ٻي شادي دادو جي محمد ابراهيم سيال جي نياڻي سان ڪئي، ڪجهہ وقت بعد ان کي طلاق ڏئي ڇڏي پاڻ 3 شادي جيڪا آخري هئي اها پنهنجي هڪ فقير بيسر ڏهر جي نياڻي سان ڪئي، ان کي بہ ڪجهہ وقت بعد طلاق ڏني ڪين اولاد نہ هو، روايتون آهن تہ سائين والده جي گهڻي اسرار بعد 3 شاديون ڪيون پاڻ چوندا هئا تہ اسان فقير ماڻهو اسان جو ڇا دنياوي ريتن رسمن سان، سندن والده سان وڏو پيار هو ان جي وصال سان سندن زندگي تي گهرو اثر وڌو سائين جي همشيره جيڪا سائين کان ننڍي هئي پاڻ پاءُ جي خدمت ڪرڻ ڪري شادي نہ ڪئي، سائين علي گوهر شاهہ ڪافي سال حڪمت بہ ڪئي، جڙين ٻوٽين مان دوا تيار ڪرائيندا هئا. پاڻ في سبيل الله خلق خدا جو





مفت ۾ علاج ڪيو. سندن آخري ڏينهن ۾ ڪين فالج ٿي پيو پاڻ 6 رجب 1410 هہ جمعي ڏينهن هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو، سندن جسم خاڪي کي صوفياڻي انداز ۾ صوفي راڳ ويراڳ ڳائيڻ سان ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو، مريدن عقيدتمندن سندن شاندار روضو تعمير ڪرايو هر سال 6 کان 9 رجب تائين سندن عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي. سندن دعائن سان ڪيترائي پوڄارا پر ٿيا. اڄ بہ سندن آخري آرام گاهہ تي سڄي سنڌ مان خاص طور مٺياڻي واري علائقي مان ماڻهو اچي سلام ڪن ٿا ۽ پنهنجون مرادون پوريون ٿيڻ لاءِ باسون باسين ٿا. پاڻ سندن شاعري سنڌو درياهہ جي حوالي ڪرائي ڇڏي سندن وصال بعد سندن فقيرن کي جيڪا شاعري ياد هئي اها لکي وئي پر تمام گهٽ شاعري لکت ۾ اچي سگهي آهي، پاڻ عشق لاءِ چيو اٿن تہ:

ڏسو مثل ديو جي آهي عشق آدم خور،
ڪائي ماس ماڻهن جو شوق منجهان شهزور،
سٽل ڪٽي سيج تان ماڻهو ڳواهي مور،
گوهر شاهہ ٿيو گهور حسنات عشق جي نام تي.

عشق بابت ٻئي هنڌ فرمايو اٿن،

آهي عشق ميدان ۾ دهشت وارا ڏڄ،
پسي تهمت عشق جي پيچڙو آهين تہ پڄ،
نہ تہ گهڙ گوهر شاهہ انهي گهيڙ ۾ لوڪڻون لاهي لڄ،
جيڪي اٿئي اڄ چڏ سار سپاڻ جي.

سندس شاعري روحاني رمزون شامل آهن، مٿان شعر الله جي عشق ۾ چيا آهن، هن فاني دنيا لاءِ پاڻ فرمايو اٿن تہ:

سوا گهڙي جي گذارن لاءِ سارو زمانو ننگ،
ڪاڪا صورت قرب واري نہ تہ جوفي ۾ آهي سارو جڳ،
درويش ورتو دم ڏيان سان درد وارو دڳ،
سورهيہ ماري سڳ، گوهر شاهہ گلزار ٿيا.

پاڻ فاني دنيا لاءِ هڪ ٻئي شعر ۾ فرمايو جيڪو ڪيڏو نہ معنيٰ خيز شعر آهي.

سوا گهڙي جو ميلو آ، پوءِ هر ڪو دوست اڪيلو آ،
هن دنيا ۾ دم گذارڻ ساعت پلڪ جو ويلو آ،
انسان ڪوئي سلطان هجي ري عشق الله جي ليلو آ،

تن تي روز محبت ڇاميل ٻاريو ٻيائي جن پيلو آ،
ڇهرو سچن جو علي گوهر شاهه ڪوڙن جو رخ پيلو آ.

## حضرت سيد ڪرم علي شاهه ۽ سيد لطف علي شاهه

سنڌ سونهاري جي ڌرتي سدائين بزرگن، درويشن جو ديس رهي آهي. هتي ڪئين بزرگ هستيون پيدا ٿيون جن نه صرف دين اسلام جي تبليغ ڪئي پر وقت جي ڏاڍ ۽ ظلم کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي عام ماڻهن تائين تصوف ۽ صوفي ازم بابت ڄاڻ ڏني اهڙن بزرگن مان ضلع نوشهروفيروز جي تاريخي قديم ڳوٺ ابڙان ۾ به بزرگن درويشن حضرت سيد ڪرم علي شاهه ۽ سيد لطف علي شاهه سيد لعل محمد شاهه به آهن. سنڌ اندر ٻاغن وارو علائقو سڏجندڙ ابڙان شهرن جي سيد احمد شاهه لڪياري جي گهر ۾ جنم وٺندڙ سيد ڪرم علي شاهه سنڌ جي مشهور بزرگ هستي ٿي گذريو آهي. سندس نوشهروفيروز جي مشهور بزرگ هستي نول گهوٽ ۽ شاهه نصير درگاهه سان وابسته هئا. سيد ڪرم علي شاهه ڄمندي ڄام هو. پاڻ صاحب ڪرامت هئا. پاڻ گهڻو وقت مسجد شريف ۽ هجري ۾ عبادت ۾ مشغول هوندا هئا. وٽن هر وقت مريدن ۽ عام ماڻهن جو وڏو هجوم هوندو هو. پاڻ زندگي ۾ گهڻو ڪري پٽ پاراتو نه ڏيندا هئا. سندن دعا ۾ اهڙو اثر هوندو هو جو جيڪا دعا گهرندا هئا اها پوري ٿيندي هئي. مريد ۽ عام ماڻهن کان نذرانو نه وٺندا هئا پاڻ نذرانو ڏيندڙن کي منع ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته غريب، يتيمن جي مدد وجي ڪريو پر ڪي ڌريون ڪين زوري نذرانو ڏئي ويندا هئا ۽ اهو نذرانو پاڻ غريبن، فقراءُ ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. سندن هڪ عقيدتمند جو ذات جو دونگو هو اهو پنهنجي ڳوٺ ۾ وفات ڪري ويو ڪين اهڙو اطلاع ڪيو ويو ان موقعي تي پاڻ فرمايائون ته اسان جي موڪلائڻ ڪانسواءِ ڪيئن وفات ڪري ويو ۽ پاڻ ان طالب جي ڳوٺ پهچي سندس گهر ۾ ويو ڇپائين فقير اٿ ان تي اهو فوت ٿي ويل فقير اٿي ويهي رهيو ۽ هڪ سال تائين جيئرو رهيو. ليڪن سندس آواز گهٽجي ويو. حضرت سيد ڪرم علي شاهه جن جي چڙهڻ لاءِ وٽن مومل نالي هڪ گهوڙي هئي جا وقت جي حڪمران ٽالپرن کي وڻي وئي ۽ پنهنجو نوڪر اماڻي گهوڙي گهري پر سائين ڏيڻ کان انڪار ڪيو بعد ۾ مير صاحبن اها گهوڙي زبردستي ڪاهي ويا ليڪن گهوڙي اتي ڪاٺڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو اهڙي صورتحال ۾ مير صاحب اها گهوڙي واپس ڪري





ويا. روايت آهي ته سائين جن جي حياتي هر ماهه چوڏهين ٻبر شينهن وٽن ايندو هو سندن وفات بعد ۾ ڪافي وقت اهو ٻبر شينهن اتي وقت بوقت ايندو رهندو هو. هڪ دفعي سنڌو درياءَ جو ابڙان ويجهو آهي پيچي پيو پاڻي ابڙان کان هڪ ميل جي مفاصلي تي هو علائقي جا ماڻهو سائين ڪرم علي شاهه وٽ آيا ته دعا گهرو ته پاڻي هيٺ نه اچي. پاڻ فرمايو ته درياءَ بادشاهه اسان سان ملڻ اچي پيو پر هاڻ اسين اتي درياءَ بادشاهه سان ملڻ وڃون ٿا ۽ پاڻ اتي پهتا ته درياءَ جو پاڻي اتي بيهي رهيو اڄ به اهو مشهور آهي ته ڪنهن به شخص کي ڪاٻه تڪليف هوندي آهي ته هو سومر جي رات سندس درگاهه تي جاڳي ۽ قرآن شريف پڙهندو ته سندس تڪليف دور ٿي ويندي آهي ۽ ڪيس اشارو ملندو آهي ته اهو مسئلو هيئن حل ٿيندو. روايتون آهن ته حضرت سيد ڪرم علي شاهه هڪ دفعي درياءَ جي وچ ۾ ويو جتان ويو پئي اتان پاڻي سڪندو ويو پاڻ وچ درياءَ ۾ بيهي ۽ واري جي مٺ ڀري آيو ۽ ان مان پيالو ٺاهيائون. جيڪو اڄ به سجاده نشين وٽ موجود آهي.

انگريز دور ۾ حڪومت جو فرمان هو ته هٿيار جمع ڪرايو سائين پنهنجن ماڻهن کي وٽي هٿيار جمع ڪرائڻ لاءِ پهتو ليڪن انگريز سائين کي درويش ڏسي اهي هٿيار واپس ڪيا.

سيد ڪرم علي شاهه جو هر سال عرس مبارڪ ڌام ڌوم سان لڳندو آهي. سندس وفات بعد سندس پٽ سيد لعل محمد شاهه پڳ تي ويٺو ڪيس ٻه پٽ سيد احمد شاهه ۽ سيد حاجن شاهه هئا پڳ تي وڏو پٽ سيد احسان شاهه ويٺو ڪيس ٽي پٽ هئا جن مان هڪ نياز حسين شاهه وفات ڪري ويو باقي ٻن ۾ سيد ڪرم علي شاهه ۽ سيد لالا مريد حيدر شاهه آهن وڏو سيد ڪرم علي شاهه صاحب آهي جو سجاده نشين آهي، جڏهن ته سيد ڪرم علي شاهه سياست ۾ مصروف هئڻ ڪري درگاهه جو انتظام نندڍي ڀاءُ سيد لالا مريد حيدر شاهه وٽ رهيو آهي. حضرت سيد ڪرم علي شاهه جون ڪئين ڪرامتون مشهور آهن.

## سيد لطف علي شاهه لڪياري

سيد لطف علي شاهه لڪياري ولد ٻچل شاهه لڪياري نوشهروفيروز جي قديمي شهر ابڙان ۾ جنم ورتو پاڻ سنڌ جا مشهور درويش بزرگ ٿي گذريا آهن. پاڻ سائين بودلو سڪندر سيوهڻ شريف

واري جا طالب هئا. سائين سيد لطف علي شاهہ زميندار پڻ هئا، ليڪن زميندار ي سان سندس دلچسپي نہ هئي. سندس ظاهري نقشو وار وڏا، ڏاڙهي وڏي، اکيون وڏيون، چهرو نوراني، پاڻ چلم جا شوقين هئا. پاڻ هر سال سوين مڻ ڪڻڪ غريبن ۾ ورهائيندا هئا. علائقي ۾ ڪا چوري ٿيندي هئي تہ اها هر طرح سان ڪوشش ڪري ورائي ڏيندا هئا. پاڻ سخي مرد هئا. ڪوبہ سوالي وٽان خالي نہ ويو سندن بہ وڏا باغ هئا. جن سان سندن محبت هئي. هيڏا زميندار هئڻ جي باوجود جهڙو پاڻ مالهي هئا. پاڻ اڏ ڪان وڏيڪ فروٽ غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. پاڻ سيد محمد شاهہ ٽنڊو محمد خان واري جي صحبت ۾ فقيري ذڪر فڪر ورتائون، سيد محمد شاهہ وٽان ابڙان جي ٽن ماڻهن لطف علي شاهہ، فقير محمد يوسف ۽ سائين رکيو ٽگڙ کي ذڪر مليو. سائين رکيو ٽگڙ سيد احمد شاهہ ۽ ٻين سيدن جي صحبت ۾ رهيو ۽ سڀ ڪيس پنهنجو سمجهندا هئا. محمد بخش عرف ممن ٽگڙ محمد صالح، غلام مشوري، سيد لطف علي شاهہ جي محبت ۾ رهيا ۽ ڪافي پرايو، سيد لطف علي شاهہ کي 3 پٽ آهن جن ۾ سيد گدا حسين شاهہ سياست ۾، سيد فدا حسين شاهہ استاد ۽ زميندار، سيد منور علي شاهہ استاد ۽ استادن جي تنظيم جو اڳواڻ رهيو آهي. سياسي طور سندن تعلق جتوئي خاندان سان آهي. سيد لطف علي شاهہ جو آخري آرام گاهہ ابڙان شهر ۾ سيد ڪرم علي شاهہ جي درگاهہ جي پرسان آهي. سندن مٿان مقبرو اڏيل آهي.

(هي احوال ڳوٺ جي وڏي عمر وارن ۽ اتان جي ادب دوست صوفي احمد خان ٽگڙ ڪان معلوم ٿيو).

## ڪامل ولي اللہ حضرت مسو پير

هالا ويجهو ڳوٺ الهہ بخش ٻلال ۾ هڪ مشهور ولي الله حضرت مسو پير جي مزار آهي. پاڻ ميرن جي صاحبي جي دور جو بزرگ آهي، روايتون آهن تہ پاڻ ايران ڪان اسلام ۽ انسانيت جي پرچار لاءِ سنڌ ۾ آيا هئا ۽ هن ڳوٺ وٽان گذري ڪجهہ ڏينهن هتي رهيو ۽ اتي ئي بيمار ٿي دم ڏٽي جي حوالي ڪيو ۽ کيس ڳوٺ جي پرسان سپرد خاڪ ڪيو ويو، روايتون آهن تہ سندس چهرو نوراني هو، پاڻ هر وقت الله جو ورد ڪندا هئا، ان وقت علائقي جي ڪجهہ بيمار ماڻهن کي دعا لاءِ هن درويش وٽ آندو ويو تہ پاڻ الله سائين جي آڏو سجدي ۾ وڃي دعا گهري





ان بعد اهي بيمار ماڻهو صحتاب ٿي ويا.

روايتون آهن تہ هي ولي الله جڏهن هتي پهتو تہ ڪنهن ڳوٺ مان مينهون چوري ٿي ويون. پاڳيا پير ڪٽي اتان اچي گذريا تہ هن درويش کين سڏي چيو تہ اوهان گهر وڃو، مينهون اوهان وٽ گهر پهچي وينديون، چون ٿا تہ اهي پاڳيا هن درويش جي چوڻ تي اجا واپس وڃڻ يا نہ وڃڻ بابت سوچي رهيا هئا تہ ان ڳوٺ مان پاڳين جو مائٽ اٺ کي ڊوڙائي اتي اچي هنن کي ٻڌايو تہ مينهون پاڻهي گهر پهچي ويون آهن، اهڙي ريت مختصر ڏينهن ۾ هن درويش ڪيترين ئي ڪرامتون ڏيکاري علائقي وارن کي عقيدتمند بنائي ڇڏيو. 1975ع ۾ درويش مسو پير جي مزار تي ٺاهيل امام بارگاهہ ۾ 10 محرم تي حاجي مراد علي ٻلال شام غريبان جي مجلس پڙهي رهيو هو تہ علم پاڪ جي پرسان زمين مان رت ڦونهارا ڪري نڪتو، ڳوٺاڻن موجب زمين مان رت ڦوهارا ڪري نڪرڻ وارو سلسلو منٽ ڪن هليو، رت نڪرڻ واري هنڌ کي چوديواري ڏياري وئي ۽ اهو هنڌ اڄ بہ زيارت گاهہ بنيل آهي. مسو پير جي مزار تي ايندڙ پهرين رت وهڻ واري هنڌ جي زيارت ڪندا هئا، جتي اڄ بہ سڪل رت موجود آهي. اهڙو معجزو ٿيڻ بعد ڪيترو ئي وقت روزانو سوين ماڻهو اتي اچي ان هنڌ جي زيارت ڪرڻ لڳا ۽ اتي ميلا متل هئا.

هن بزرگ مسو پير لاءِ مشهور آهي تہ ڪو ٽريڪٽو وارو اتان ڪراس ڪندي ٽيپ وڄائيندو تہ ڊرائيور ٽريڪٽر کي نقصان پهچندو آهي، چون ٿا تہ پرواري هڪ ڳوٺ مصري ٻلال جو هڪ همراهہ علائقي ۾ ماڻهن کي تنگ ڪندو هو، ڪنهن جي چوري ڪنهن سان سينا زوري، ڪجهہ گهر ۾ گهڙڻ، ڪنهن واٽ ويندي کي مارڪٽ ڪرڻ، چون ٿا تہ علائقي وارن مسو پير جي مزار تي اچي ان همراهہ جي ڏاڍ مڙسي جي دانهن ڏني، ان بعد نہ صرف ان ماڻهو تي ڏکيا ڏينهن آيا پر ان همراهہ سميت سندس خاندان جو نالو نشان نہ رهيو، مسو پير جي مزار تي ماڻهو ڪئين مرادون کڻي اچن ٿا، انهن ۾ عشق جا ڦٽيل عاشق، بيمار، مالي پريشانين وارا ڪورٽن ۾ ڪيسن ۾ لوڙيندڙ، شاگردن پاران امتحان ۾ سٺا نمبر کڻڻ لاءِ، بي اولادي اولاد لاءِ جن والدين جو اولاد نافرمان آهي تہ انهن کي سڌارڻ جون مرادون کڻي اچن ٿا، مراد پوري ٿيڻ بعد باسيل باسون اتي ورهايون وينديون آهن. ڳوٺ الهہ بخش ٻلال ۽ آسپاس ۾ ويٺل ٻلالن ۽ ٻين برادرين جو قبرستان بہ اهو آهي، مسو پير تي هر وقت ميلا

متل هوندا آهن، مزار وٽ قائم ڪيل امام بارگاهہ ۾ باقاعده عزاداري ٿيندي آهي.

(نوٽ: حضرت مسو پير جو هي مختصر احوال مشهور سماجي سياسي شخصيت ڊاڪٽر ارباب ٻلال کان معلوم ٿيو)

## مشهور ولي الله حضرت فقير دريا خان ڪپري

سنڌ جو مشهور ولي الله صوفي بزرگ هستي حضرت فقير دريا خان ڪپري تقريبن 950هہ ۾ پيدا ٿيو، پاڻ ان دور جو مشهور بزرگ هستي ۽ درويش ٿي گذريو آهي. ڪين ولي الله جي ورچ ڪٿان ملي سندس وڏا اصل ڪٿان جا هئا، ان بابت فقير صاحب جي سوانح حيات لکت ۾ نہ اچي سگهي آهي. سندس مزار جي خدمت ڪندڙ گذريل 25 سالن کان سندس ميلو لڳرائيندڙ مشهور سماجي ۽ علمي شخصيت منير احمد ڪپري پنهنجي وڏڙن کان ٻڌايل روايتون ٻڌائيندي چوي ٿو تہ حضرت فقير دريا خان ڪپري اويسي طريقي جو صوفي فقير هو، جتي سندس مزار مبارڪ آهي، اتي وڏو جهنگ هوندو هو، جتي وڏي تعداد ۾ بگهڙ بہ رهندا هئا. فقير صاحب وٽ ٻڪرين جو وڏو ڌڻ هو.ليڪن بگهڙ ڪڏهن بہ فقير جي ٻڪرين کي نقصان نہ پهچايو. فقير دريا خان ڪپري وٽ سندس عقيدتمندن، مريدن، فقراءَ جو وڏو حلقو بہ رهندو هو. سندس آستاني تي ايندڙن توڙي مسافرن کي رات جو کير ماني ڏينهن جو مکڻ، ڌهي، لسي سان ماني کارائيندو هو. پاڻ سائي رنگ جو جبو ۽ ڪڏهن ڪاري رنگ ۽ ڪڏهن سفيد رنگ جي دستار پائيندو هو. هٿ ۾ ڪندري کڻندو هو. پاڻ صاحب ڪرامت هو، پر ڪڏهن بہ ڪنهن کي پٽ پاراتو نہ ڏنو. فقيري موج مستي ۾ اچي ماڻهن کي دعا ڪندو هو، جنهن ماڻهو کي دعا ڪندو هو ان جا ٻيڙا پار ٿي پوندا هئا. روايت آهي تہ هڪ دفعي ڄام ڏاتار جا سوڍڙا فقير جيڪي حضرت مخدوم نوح جا مريد هئا ۽ پنهنجي مرشد جي مزار تي حاضري تي وڃڻ لاءِ گهوڙن تي چڙهي اتان گذريا تہ فقير صاحب کين چيو ٻلي ڪري آيا، حضرت مخدوم نوح سرور جا فقيرو، ان تي سوڍڙا فقير حيران ٿي ويا تہ هن بزرگ سان نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ، هن کي ڪيئن خبر پئي. فقير صاحب کين چيو تہ حضرت مخدوم نوح رح جن جي مزار تي پهچي ڪيس منهنجي پاران نيازمندي ۽ نڙوت سان سلام ڪجو. آئون بہ سهائي سومار تي ايندس، ان





وقت فقير صاحب ٻڪرين مان کير ڏهي رهيو هو، جڏهن سوڍڙا فقير هالا پهچي ان وقت جي سجاده نشين مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿي فقير صاحب جا سلام ڏنا تہ حضرت مخدوم نوح رحہ جي سجاده نشين مخدوم ابو الخير عرف ابو الصمد صاحب جيڪو ٿيون سجاده نشين هو. مرڪندي فرمايو تہ فقير صاحب کير ڏئي حاضري ڀري واپس بہ هليو ويو آهي. جنهن تي سوڍڙا فقير حيران ٿي ويا ۽ ان بعد سوڍڙا فقير جڏهن بہ هالا ويندا هئا تہ فقير دريا خان ڪپري جي آستاني تي بہ ضرور ايندا هئا. فقير صاحب جي حضرت غوث الحق بهاءُ الدين ذڪريا سان بہ عقيدت هئي. پاڻ حضرت شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري سان بہ عقيدت رکندا هئا، فقير صاحب هر اسلامي مهيني جي 14 تاريخ مچ ٻاري پنهنجي عقيدتمندن سان گڏ الله هو، الله هو جو ذڪر ڪندا هئا. سندن وفات تقريبن 1602 ع ۾ ٿي. سندن وصيت موجب سندن آستاني تي ڪين ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو. سندن آخري آرام گاهہ مٿان ڪمري نما مزار ٺهيل آهي. اتي هاڻ وڏو قبرستان آهي، سندس وصال بعد سندس ڏهاڙو ملهايو ويندو هو. 1988 ع کان پهرين محمد هاشم ڪپري بعد ۾ سندس پاءُ منير احمد ڪپري پنهنجي ڪپري برادري جي سهڪار سان اتي 4 روزه ساليانہ ميلو لڳائڻ شروع ڪيو، جتي ادبي ثقافتي پروگرام ملاڪڙو، گهوڙن جي ڊوڙ جا مقابلا ڪرايا وڃن ٿا. گهوڙن جي ڊوڙ جو مقابلي جو انتظام حاجي خان محمد ڪپري ڪندو آهي.

حضرت فقير دريا خان جي ميلي لاءِ ڳوٺ خداداد ڪپري جي مشهور زميندار ۽ سماجي شخصيت رئيس علي نواز ڪپري 5 ايڪڙ زرعي زمين وقف ڪري ڇڏي، جيڪا سندس وڏي فراغ دلي، پنهنجي ڏاڏي سان عقيدت ۽ سنڌ جي ثقافت سان پيار جو مثال آهي، ڇاڪاڻ تہ ميلا ملاڪڙا سنڌ جي ثقافت ۽ سونهن آهن. هي ميلو بشير احمد ميمڻ آءِ جي پوليس جو سڏيو ويندو آهي. پاڻ شروع ۾ ملاڪڙي ۾ باقاعده اچي ملهن کي انعام ڏئي همٿ افزائي ڪندا هئا. هن ميلي کي شروع ڪرڻ ۾ منير احمد ڪپري جي پاءُ سائين محمد هاشم ڪپري جو وڏو ڪردار رهيو، جڏهن تہ مرحوم حاجي محمد عثمان ڪپري، مرحوم محمد قابل ڪپري جو بہ شاندار ڪردار رهيو. شروع ۾ فيروز ڪپري، علي دوست ڪپري بہ ميلي جي حوالي سان پاڻ ملهايو، جڏهن تہ ڏاڏو ڪپري، جاويد

ڪپري، مرحوم ڪارو لاشاري، مرحوم عنايت لاشاري، مظهر ڪپري ۽ ٻين جو بہ شاندار ڪردار رهيو آهي. ۽ هر سال ملاڪڙي ۾ ثقافتي پروگرام ۾ پاڻ ملهائيندا رهيا آهن. هن ميلي جي ثقافتي پروگرام ۾ سنڌي فنڪارن ۾ عابده پروين ڪانسواءِ باقي تقريبن مشهور فنڪار فن جو مظاهرو ڪري چڪا آهن. ثقافتي پروگرام جي حوالي سان فقير محمد بخش خاصخيلي، ڊاڪٽر عبدالمجيد چنو، فقير حسين بخش خاصخيلي جون بہ خدمتون قابل تعريف آهن، ڪتي بہ هجن پر ثقافتي پروگرام ۾ وقت ڪڍي شامل ٿي فنڪارن کي دل کولي انعام ڏين ٿا.

## حضرت جهنڊل فقير چانڊيو

هالا ويجهو تاريخي ماڳ خدا آباد جي آسپاس ۾ تہ ڪيترن ئي ولي الله جو مزارون آهن پر خداآباد جي قبرستان ۾ 2 ولي الله آهن. هڪ شاهہ سوائي سرڪار جنهن بابت ڪو احوال نہ ٿو ملي، سواءِ ان جي تہ پاڻ عامل بزرگ هئا. پاڻ ڪلهوڙا دور جو ٻڌايو وڃي ٿو. هن تاريخي ماڳ تي قبرستان ۾ داخل ٿيندي هڪ ولي الله جهنڊل فقير چانڊيو جي مزار آهي. هن فقير بابت ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل احوال نہ ٿو ملي. هن مزار جي متولي محمد پريل چانڊيو جيڪو هن تاريخي قبرستان جو سرڪاري طور رکوالو بہ آهي. سندس عمر 60 سال کن آهي. ٻڌائي ٿو تہ حضرت جهنڊل فقير صاحب ڪرامت هو. هو ٻڌائي ٿو تہ هن بزرگ تقريبن 70 سالن جي ڄمار ۾ 1913ع ۾ وصال ڪيو، سندس مزار تي لڳل ان وقت جي قطبي واري سر جيڪا ٽٽي پئي آهي. مزار تي پيل پڙن هيٺان رکيل آهي، ان تي سندس وصال جو رڳو متي ذڪر ڪيل سن لکيو ويو آهي. پاڻ ڪڏهن تولد ٿيا وصال ڪهڙي تاريخ ڪيو خبر ناهي. پر شروع کان وٺي سندس ساليانو عرس مبارڪ هر سال 14 کان 16 رجب تي ملهايو وڃي ٿو. ان مان لڳي ٿو تہ سندس وصال 14 رجب تي ٿيو آهي. محمد پريل چانڊيو ٻڌائي ٿو تہ هتي روزانو وڏي تعداد ۾ زائرين حاضري تي اچن ٿا، انهن ۾ مختلف ٻاسون ٻاسڻ وارا بہ شامل آهن، سندس ٻاسيل ٻاسون پوريون ٿيڻ بعد هو ٻاسون ڪٽي اچن ٿا. هن ٻڌايو تہ فقير جهنڊل حضرت مخدوم نوح رحہ جن جي 15 گادي نشين مخدوم ظهير الحق عرف ڄام پرو جي دور جو سندس صحبتي هو، هي ٻڌائي ٿو تہ هي فقير سروري جماعت جو مريد هو. ڳوٺ وارا جهنڊل



ورق ورق گلاب

فقير کي ورچ ملڻ بابت ۾ روايتون بيان ڪن ٿا، هڪڙا چون ٿا تہ ڪين پنهنجي مرشد حضرت مخدوم نوح جي مزار تي خدمتون ۾ رياضتون ڪرڻ ڪري اها ورچ مخدوم ڄام پرو وٽان ملي، هڪڙن جو خيال آهي تہ هن کي ٻاٽوٽ روڊ تي مشهور بزرگ جهانپو پير جي مزار تي حاضريون ڏيڻ، رياضت ڪرڻ چلا ڪيڻ ڪري اتان ڪان ملي، جڏهن تہ فقير جي هالا جي ولي الله سيد ابراهيم شاهہ سان بہ عقيدت هئي، ان بزرگ جي مزار تي بہ خدمت ڪئي ۽ پاڻ گهڻو وقت اتي گذاريندا هئا ۽ سندس وصال بہ ابراهيم شاهہ جي مزار تي فقراءَ سان ڪچهريون ڪندي ٿيو. فقير محمد پريل چانڊيو ٻڌائي ٿو تہ جهنڊل فقير جي وصال جو ٻڌندي مخدوم ڄام پرو سندس جسم خاڪي مخدوم هائوس تي ڪٺائي ويو جتي ڪين غسل ۽ ڪفن ڏنو ويو ۽ ڪيس درگاهہ حضرت مخدوم نوح جي درگاهہ جي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪرائڻ چاهيو ٿي پر فقير جي مائٽن عرض ۽ اسرار ڪيو تہ فقير صاحب جي وصيت هئي تہ ڪيس خدا آباد قبرستان ۾ داخلي رستي وٽ سپرد خاڪ ڪيو وڃي. بعد ۾ سندس جنازي نماز درگاهہ حضرت مخدوم سرور نوح رحہ جن تي ادا ڪئي وئي، محمد پريل چانڊيو ۽ پيا وڏي ڄمار وارا ٻڌائين ٿا تہ فقير جهنڊل صاحب ڪرامت هو، سندس دعائون سان راڄ رڱجي ويا ڳوٺ وارا ٻڌائين ٿا تہ هالا جو هڪ واڻيو هو، ان کي اولاد نہ هو، اهو فقير جي مزار تي اچي اولاد لاءِ دعا گهري تہ الله سائين ڪيس 2 جاڙا پٽ ڏنا، هي ٻڌائين ٿا تہ فقير صاحب حال حيات هئا تہ هڪ هندو سيٺ کي ڦاسي جي سزا اچي وئي ۽ واڻيو روپوش ٿي ويو ۽ هو فقير وٽ حاضر ٿي سندس پيرن تي ڪري پيو. فقير دعا ڪئي تہ ڪورٽ مان ڪيس وارا فائيل گم ٿي ويا، ، فقير جي مزار چون ٿا ان هندو سيٺ نهرائي جيستائين زنده هو تہ فقير جي مزار تي اچي ننگر نياز ڪندو هو. فقير صاحب جي عرس مبارڪ تي لنگر عام ٿئي ڏينهن جاري رهي ٿو. پهرين رات سنڌ مان ڪيترائي نڙ ٻيتائي اچن ٿا، جيڪي نڙ ٻيتن ۾ پنج تن پاڪ جي صفت ۽ لطيف جي سورمن ۽ سورمين جا قصا ڏاڍي دلچسپي سان ٻڌائين ٿا، ٻي رات سگهڙ ڪچهري ۽ آخري رات صوفيانہ راڳ ٿئي ٿو، عرس مبارڪ ۾ سڄي سنڌ مان وڏي تعداد ۾ ماڻهو اچن ٿا. فقير جو ميلو سنڌ جي ثقافت جي مڪمل عڪسائي هوندو آهي.

## شهدادپور جا ڪجھ مشهور ولي الله

جڏهن کان ڪائنات وجود ۾ آئي آهي تڏهن کان ئي حق ۽ باطل جو سلسلو آمهون سامهون نروار رهيو آهي. سنڌ ڌرتي پيرن، فقيرن، ولي الله جو آستانو رهيو آهي. سنڌ جي قديمي تاريخي شهر شهدادپور ۾ بہ ڪيترن ئي ولي الله جون مزارون روشني جو مينار بنيل آهن. جن تي روزانو وڏي تعداد ۾ ماڻهو حاضريون ڏين ٿا ۽ من جون مرادون پوريون ڪرڻ لاءِ دعا گهرن ٿا ۽ باسون باسين ٿا.

**شهدادپور جا 7 بخاري ولي الله:** هتي بخاري سيدن ۽ هڪ سندن پيڻ جون مزارون آهن،سندن حياتي جو مڪمل احوال لکت ۾ نہ اچي سگهيو آهي. هي بخاري سيد ڪٿان جا هئا شهدادپور ۾ ڪڏهن ۽ ڪيئن پهتا، سندن شجرو ڪهڙو آهي، تاريخ خاموش آهي. ليڪن هنن بابت پڌل ڳالهيون ۽ سيني بہ سينا آيل روايتون پڌايون وڃن ٿيون. روايتون آهن تہ 6 ڀائر هڪ ڀيڻ بخارا مان محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ شام ، عراق، ايران، افغانستان کان ٿيندي ملتان اوچ شريف کان ٿيندي سنڌ۾ آيا ۽ شهدادپور ۾ اچي آباد ٿيا، چون ٿا تہ ماضي ۾ شهدادپور ۾ ڪجھ ڪٽر پٽي جو ذهن رکندڙ هندو هتان جي مسلمانن کي بنا سبب ڏاڍو ستائيند هئا ۽ ڀائي جي مڙهي سندن مرڪز هئي، هتي ڪٽرپڻ رکندڙ بااثر هندو مسلمانن کي عبادت ڪرڻ نہ ڏيندا هئا نہ ڏڱي کهڻ ڏيندا هئا ۽ مسلمانن کي هندو مذهب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ سرگرم هوندا هئا. جڏهن هي بخاري سيد اوچ شريف کان ٿيندي هتان گذريا تہ ڪين هتان جي آبهوا وڻي وئي ۽ جڏهن هو هتي ئي آباد ٿيا ۽ پيار محبت صوفيانہ انداز ۾ انهن ڪٽرپڻ جو شڪار هندن سان ڪچهريون ڪيون ۽ هنن جي پنڊت پوڄارين سان بہ رهاڻيون ڪيون ۽ کين پيار محبت سان اهو سمجهايو تہ هر مذهب ۾ هر مذهب وارن کي سندن عقيدي موجب عبادتون ڪرڻ جو حق آهي. آزادي آهي، سڀ مذهب ڪنهن کي بہ ايزاءُ نہ ڏيڻ هڪ ٻئي سان پيار محبت سان رهڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي ۽ هنن بزرگن صوفيت جي پرچار عام ڪئي ۽ پنهنجون ڪرامتون بہ ظاهر ڪيون. 6 بخاري ڀائرن ۾ سيد فتح محمد شاهہ سڀني کان وڏو ڀڏايو وڃي ٿو، سندن ڀيڻ جو نالو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي پر روايتون آهن تہ پاڻ سگهوري عورتن ۾ دين اسلام، انسانيت ۽ صوفيت جي پرچار ڪندي هئي.





**فتح محمد شاهہ:** جي مزار شاهہ لطيف روڊ شهدادپور ۾ آهي، هي بخاري سيد ان وقت آيا جڏهن شهدادپور ڳوٺ هو ۽ ڪنهن ٻئي نالي سان مشهور هو، هن مزار ويجهو هڪ ڪنڊي جو وڻ آهي، روايتون آهن تہ لطيف سرڪار بہ هن مزار تي آيو هو تہ ان ڪنڊي جي وڻ هيٺان وينو ان کي لطيف سائين جو تڪيو سڏيو وڃي ٿو، سيد فتح محمد شاهہ جي مزار جي پرسان پارت مان آيل هڪ فقير مسڪين شاهہ جي چوڪنڊي آهي ان لاءِ مشهور آهي تہ هو پارت مان سيوهڻ ويو جتي حضرت قلندر لال شهباز جي مزار تي خدمت ڪئي ۽ بعد ۾ ڪيس خواب ۾ اشارو ٿيو تہ هو شهدادپور ۾ سيد فتح محمد شاهہ جي مزار تي وڃي خدمت ڪري، سيد فتح محمد شاهہ جو عرس مبارڪ 14 کان 16 شوال تي هر سال ملهايو ويندو هو. ان موقعي تي قوالي ۽ محفل موسيقي ٿيندي آهي.

**سيد جوتلي شاهہ:** سندس مزار ميمڻ پاڙو ۾ آهي، جتي پهرين بہ شاندار مزار ٺهيل هئي پر اها شهيد ڪري اتي نئين خوبصورت مزار جوڙائي وئي آهي هر سال 14 رجب تي ميلو لڳندو آهي. هن درگاهہ جي خدمتگارن ۾ هن بزرگ جي عرس مبارڪ ۾. راڳ رهاڻ پڻ ٿيندي آهي.

**سيد گل محمد شاهہ:** سندس مزار بخاري پاڙي ۾ آهي، درگاهہ جو متولي پهرين بہ سيد خاندان جا متولي ٿيندا آيا آهن، گل محمد شاهہ ويلفيئر ايسوسيئيشن بہ ٺهيل آهي، هتي هر سال تي عرس ملهايو ويندو آهي. راڳ رهاڻ جي محفل بہ ٿيندي آهي. خير خيراتون بہ ٿينديون آهن ۽ ڪافي عرصي کان منظور علي خاصخيلي جي تعاون شاهہ لطيف سائين جا راڳي هتي لطيف جو راڳ ڳائيندا آهن. سندس مزار ڪافي مٽي ٺهيل آهي. هن وقت متولي سيد.

**نانگو شاهہ بادشاهہ:** هي مزار مرحوم سيٺ اقبال قريشي جي ڪوشش سان ٺهي، پاڻ سڄي حياتي سار سنڀال ڪندا رهيا، هر سال تي 3 ڏينهن جو ميلو لڳايو ويندو آهي. راڳ رهاڻ ۽ قوالي جون محفلون ٿينديون آهن، هن وقت سندس متولي.

**سيف الله شاهہ بخاري:** هن جي مزار ماضي جي قاضي ڪاٽن فيڪٽري موجوده انصاف سٽي جي سامهون آهي، ماضي ۾ هن مزار جو خدمتگار مرحوم محمد ايوب چانڊيو ۽ مرحوم سچل لاهوتي هئا. هاڻ ڪافي وقت کان برڪت شاهہ ۽ پير امداد قريشي آهن، درگاهہ تي

ميخانو پير امداد قريشي جي ڪوشش سان ٺهيو ، مزار شهر جي عقدتمند ٺهرائي آهي. هن بزرگ جو ساليانو عرس مبارڪ 14 کان 16 ربيع الاول تي لڳندو آهي. راڳ رهاڻ لنگر نياز ٿيندو آهي. نعت خواني به ٿيندي آهي.

**سيد عاشق علي شاهه بخاري:** جناح پارڪ ويجهو سندس مزار آهي مزار ۾ سندس پرسان سندس خاص خليفو وساڙو فقير به دفن آهي. درگاهه اندر ننڍڙيون قبرون به آهن، جيڪي معصوم ٻيبين جي نالي سان سڏجن ٿيون. انهن جي نالن جي ڪابه خبر ناهي، درگاهه جو متولي ڏيتو آهي. هتي هر سال عرس مبارڪ لڳندو آهي. هنن 6 بخارين جي پيڻ جو آخري آرامگاهه ڊي ايس پي آفيس پويان جيڪا قبر آهي اها پڌائي وڃي ٿي، ان مٿان مزار ٺهيل آهن. 6 بخاري جون مزارون شهدادپور جي عقيدت رکندڙن ماڻهن جي مدد سان تعمير ٿيون آهن، هنن درگاهن جي ناهڻ ۾ مرحوم سيٺ اقبال قريشي ۽ ٻين قريشي برادري جي ماڻهن جو وڏو ڪردار رهيو آهي. هنن 6 ئي بخاري سيدن جي مزارن تي هر وقت خاص طور جمعي رات ۽ جمعي ڏينهن ميلو . هوندو آهي. ڪيترائي سوالي سوال اچي ڪن ٿا، جيڪي پوري ٿيڻ تي باسيل باسيون اچي ڪن ٿا. سڀ کان وڌيڪ زائرين جي رش جولڪي شاهه جي مزار نظر اچي ٿي. هنن مزارن واري هنڌ تي وڏا قبرستان پڻ آهن. سيني مزارن تي غازي عباس جا علم پاڪ به لڳل آهن، جتي محرم شريف جا 10 ئي ڏينهن عزاداري ٿئي ٿي.

**سيد بچل شاهه:** شهدادپور ۾ بخاري پاڙو ۾ مشهور بزرگ سيد بچل شاهه جي مزار به روحاني مرڪز بنيل آهي. جتي هر وقت زائرين جو هجوم هوندو آهي. هن بزرگ جا معجزا به ڏاڍا مشهور آهن. پاڻ 1750ع ڌاري بخارا مان پهرين ملتان پوءِ هتي اچي آباد ٿيو، اسلام جي تبليغ ۽ امن جو پيغام ماڻهن تائين پهچايو. پاڻ ظالم ماڻهو جي هٿ جي ڪابه شئي نه کائيندو هو. اهڙا ماڻهو ڏسندي ڪين روحانيت ذريعي پتو پئجي ويندو هو. پاڻ حضرت مخدوم سرور نوح رحه جن جي سروري جماعت سان وابسته هئا. پاڻ حياتي ۾ هالا ۽ مخدوم نوح رحه جي درگاهه تي باقائده ويندا هئا. خاص طور هر سهائي سومار تي جتي سندن مزار آهي اتي سندن اوطارو هوندو هو، جتي سندس مريدن ۽ عقدتمندن جو وڏو هجوم هر وقت موجود هوندو هو. بيمار ماڻهن کي قرآني آيتن ۽ پڙهيل







پاڻي سان شفا ڏيندا هئا. پريشان حال ماڻهو جون الله سائين کان دعا گهري سندن مسئلا حل ڪرائيندا هئا. قرآن شريف منڍي آواز ۾ قرت ڪندا هئا. هفتي ۾ به ٽي ڀيرا خير خيراتون ڪندا هئا. روايت آهي ته سندس هڪ سئوٽ کي اولاد نه هو، جنهن دعا لاءِ عرض ڪيو ته ڪين 7 پٽن جي دعا ڪئي جا الله جي حضور ۾ قبول پئي، پاڻ صاحب ڪرامت ۽ سخي هئا. پاڻ ڪڏهن ڄاوا ڪڏهن وصال ڪيو. خبر ناهي پئجي سگهي آهي، صرف ايتري خبر آهي ته پاڻ 14 ذوالقعد تي وصال ڪيو، سندس پهريون سجاده نشين سندن فرزند سيد اوپال شاهه ان جي وفات بعد سندس پاءِ سيد اميد علي شاهه بعد ۾ سندس فرزند سيد حاڪم علي شاهه سندس وصال بعد سندس فرزند سيد عطا محمد شاهه ان جي وصال بعد سندس پاءِ سيد اياز شاهه درگاهه جا سجاده نشين آهن، سيد اوپال شاهه سيد حاڪم علي شاهه سيد عطا محمد شاهه مشهور سماجي شخصيتون وڏا مهمان نواز سخي ٿي گذريا آهن، سيد بچل شاهه بخاري جي خاندان جو هڪ بزرگ سيد شاهه اپريو جي مزار مانجهند ضلعي ڄامشورو ۾ روحاني مرڪز بڻيل آهي، جتي علائقي جا ماڻهو حاضري ڏين ٿا. باسيل باسون ڏين ٿا، ان جو عرس مبارڪ هر سال 13 رجب تي ملهايو وڃي ٿو. هن خاندان ۾ اگر پٽ ڄمندو آهي ته هو مڇي ماني ۽ ڪڪڙ رڌي اتي ورهائيندا آهن، جنهن کي ڏاڏي جي ماني چوندا آهن، روايت آهي ته هڪ واپاري اٺ تي سامان رکي اتان اچي لنگهيو ان وقت اتي آبادي نه هئي، اتي اٺ کي ٿاٻو آيو ۽ ڪري پيو.ٽنگن ۾ ڪيس زخم ٿي ويو ۽ هلڻ کان لاچار ٿي ويو. ان وقت اتي آبادي نه هئي. جهنگ هو رات جي وقت ڪري واپاري پريشان ٿي ويو ته ڪو چور، سامان، ۽ ڏوڪڙ نه ڦري ۽ هن اتي هن بزرگ جو آخري آرام گاهه ڏٺو ۽ اتي خيريت سان ڏينهن ٿيڻ جي دعا گهري اتي ويٺي ڪيس ننڊ اچي وئي ۽ خواب ۾ ڪيس بزرگ نظر آيو ۽ چيو ته صبح ٿيندي تنهنجو اٺ ٺيڪ ٿي ويندو، اهو همراهه صبح جو ڏسي ته سندس اٺ جي ٽنگ ٺيڪ هئي۽ ان واپاري عقيدت وچان مٿس مزار اڏائي متولي انڙ فقير آهن، هر سال سيد بچل شاهه جي خاندان جو سجاده ۽ ٻيو خاندان اتي لڳندڙ عرس مبارڪ ۾ وڃي حاضري ڏيندو آهي ۽ لنگر نياز ڪندو آهي.

**رجب علي فقير:** شهدادپور کان ڏيڍ ڪلوميٽر پري ٽنڊو آدم روڊ تي رجب فقير جي مزار روشني جو مينار بنيل آهي، جتي روزانو وڏي تعداد

۾ زائرين حاضريون ڏين ٿا، دل جون مرادو پوريون ڪرڻ لاءِ باسون باسين ٿا روايتون آهن تہ فقير رجب اصل ۾ نئون آباد ويجهو مگڙاڙي ديهہ جي هڪ ڳوٺ جو هو، پاڻ لطيف سائين تي سوني نيل چاڙهيندڙ حاجي جان محمد وساڻ جو ذاتي ملازم هو، پاڻ وساڻ صاحب جي منگراڙي واري زمين واري بنگلي تي رهندو هو. روايتون آهن تہ جواني ۾ سندس ٽنبو چام پرسان هڪ ڳوٺ جي هڪڙا ذات جي هڪ حسين خاتون سان ننهن جو ناتو لڳي ويو پر پاڻ ان کي ماڻي نہ سگهيو، جڏهن ان خاتون صاحبہ جي شادي ٿي وئي تہ پاڻ دنياوي ڪم ڪارين فڪرن کي ڇڏي فقيري ڏانهن مائل ٿي ويو. هفتي ۾ ڪيترائي ڀيرا لطيف سائين جي مزار تي ويندو هو، جتي راڳ ٻڌي مٿس وجد طاري ٿي ويندو هو. ڪيس لطيف سائين جي شاعري ياد هئي ۽ پاڻ اها ڳائي ٻڌندڙن کي روئاڙي ڇڏيندو هو. ان وقت لطيف سائين جو سجاده نشين علڻ سائين هو. ان جڏهن پنهنجي هن مريد جي اهڙي حالت ڏني تہ ڪيس ڏک ٿيو ۽ پاڻ هن لاءِ دعا گهري ۽ فقيري ورچ ڏني ان بعد پاڻ مڪمل فقيري اختيار ڪري ڳوٺ جان محمد وساڻ جتي سندس مزار آهي اتي هڪ ڪبڙ هيٺان رهڻ لڳو، ڪيس فقيري حال ۾ ڏسي دعائون لاءِ علائقي جا ماڻهو اچڻ لڳا ۽ ايندڙ سوالين جون حاجتون پوريون ٿيڻ لڳيون،سندس دعائن سان ڪيترائي ماڻهو رڱجي ويا، سندس ڪرامتن ۽ دعائن جي اثر هن علائقي مان نڪري پري پري تائين پهتيون ۽ وٽس ايندڙ ماڻهن جو تعداد وڌڻ لڳو. فقير رجب ڪڏهن پنا اگهاڙا ۽ گوڏ ٻڌندو هو، ڪڏهن الف ننگو ويٺل هوندو هو. سندس هٿ ۾ هڪ آرسي هوندي هئي ان آرسي کي ڏسي ماڻهن کي ماضي حال ۽ مستقبل جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو. ۽ سندن افعال بيان ڪندو هو، ڪرامت ذريعي ڪوڙن، ظالم بد ڪردار، مطلبي ، ماڻهن جو پتو لڳائي انهن کي اٿي وڃڻ جو چوندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن چوندو هو تہ اچو تہ اوهان کي آرسي ۾ راڻي ڏيکاريان، سندس وصال جو سال ۽ تاريخ معلوم ناهي، سندس عرس مبارڪ هر سال ملهايو وڃي ٿو، مٿس عظيم الشان مزار اڏيل آهي.

**اويس فقير :** حضرت اويس فقير جي مزار ساٽي پاڙي ۾ امام بارگاهہ پرسان آهي، اهو بزرگ ڪٿان آيو، ڪڏهن آيو، سندس جنم ڪڏهن ٿيو، جنم ڀومي ڪهڙي آهي، ڪنهن کي بہ معلوم ناهي، سندس مزار پرسان رهندڙ مشهور استاد ۽ ادب سان گهري دلچسپي رکندڙ نظير سومرو





سندس وڏن کان ٻڌائيل روايتون هن ريت ٻڌايون تہ هي بزرگ ان دور جو آهي. جڏهن مير شهداد خان ٽالپر هي شهر اڏرايو جتي هن بزرگ جي مزار آهي، اتي هڪ آوي هوندي هئي ان کي چوڌاري لوڙهو آيل هوندو هو، هي بزرگ ڪنڀارڪو ڌنڌو ڪندو هو، ٺڪر جا ٿانوءَ ونڻ لاءِ ايندڙن کي لوڙهي جي اندر اچڻ نہ ڏيندو هو، چوندو هو پئسا اڇلائي ڏيو ۽ ڪين گهربل ٺڪر جا ٿانو بہ اڇلائي ڏيندو هو، اتفاق سان اگر ٿانوءَ زمين تي ڪري پوندا هئا تہ ڀڄندا نہ هئا. پاڻ سڄو ڏينهن سبحان الله، بسم الله جو ورد ڪندو هو، جنهنڪري شهدادپور جا هندو مسلمان ڪيس ڪنڀر سان گڏ ولي الله سمجهندا هئا. ساڻس وڏي عقيدت رکندا هئا. ٺڪرن جي ٿانون جا پئسا بہ پاڻ غريبن کي ڏئي ڇڏيندو هو يا لنگر نياز ڪري ڇڏيندو هو. پاڻ پنهنجو ڪاڏو پاڻ تيار ڪندو هو، ڪافي ماڻهن عقيدت وچان ڪيس ڪاڏو ڏيندا هئا تہ ڪين چوندو هو تہ غريبن کي ڏيو. پاڻ پابندي سان نماز پڙهندو هو، رات جو الله جو ذڪر فڪر ڪندو هو، الله هو الله هو جي لات الاپندو هو، جڏهن وصال ڪري ويو تہ سندس جسم خاڪي کي آوي جي گهٽي وٽ ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو. جتي سندس عقيدتمندن چوڌاري اوڏڪي ديوار ڏياري ڇڏي. پهرين سندس مزار ڪچن سرن سان ٻڌل هئي. جيڪا بعد ۾ ساٽي پاڙي جي هر دلعزيز شخصيت غلام محمد صبحپوٽو ٺهرائي، سندس مزار تي لڱل علم پاڪ بہ قديمي ٻڌايو وڃي ٿو، مزار وٽ هن درويش جي دور جو هڪ پير جو وڻ بہ هو، جنهن ۾ ڪنئور تمام گهڻو ٿيندو هو، جيڪو سندس مزار تي حاضري ڏيندڙ عقيدتمند عقيدت وچان تبرڪ طور ڪائيندا بہ هئا. ڪٽي بہ ويندا هئا. چون ٿا تہ اهو ڪنئور ان دوريش جي دعائن سان ڪائڻ سان بيمار صحتياب ٿي ويندا هئا. چون ٿا تہ حاجي غلام محمد صبحپوٽو کي بار بار هي درويش خواب ۾ ايندو رهيو تہ مٿس مزار ٺهرائي، اويس فقير جي مزار جي ساٽي پاڙي جا تقريب سڀ رهواسي خدمت ڪن ٿا. هر اسلامي مهيني جي 11 تاريخ تي سندس 11 شريف ملهائي وڃي ٿي، جنهن ۾ خيرات ٿيندي آهي ۽ نعت خواني بہ ڪرائي وڃي ٿي. هر سال 12 ربيع اول تي هن درويش جو ساليانو عرس ملهايو وڃي ٿو. سومرو فقير شهدادپور ۾ هر داس پوره ويجهو هن بزرگ ولي الله جي مزار آهي جنهن لاءِ مختلف روايتون آهن ڪي چون ٿا سيد هو ڪي چون ٿا ڪلهوڙو هو. شهدادپور جي ٻين ولين ۾ ميمڻ پاڙو ۾ حضرت علي

فقير ڳوٺ جلال نوناري ۾ حضرت چيڙ شاهه، حضرت الهه بچايو شاهه ۾ سيد محبوب شاهه جي مزارون پڻ آهن.

## حال حيات روحاني شخصيت سائين علي نواز خاصخيلي

قاضي احمد کان مورو روڊ جي ڪنڌي تي ڪريم آباد ڳوٺڙو اچي ٿو، سائين علي نواز صوفي فقير صفت انسان آهي، پاڻ 1968ع ۾ نواب ولي محمد اسٽيشن لڳ هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ جنم ورتو، ننڍي چمار کان ئي فقيري ڏانهن مائل رهيا، پاڻ مولا جي محبت ۾ مصروف هوندا هئا، راند روند، فضول ڳالهين، ڪچهرين کان کين نفرت رهي، عبادت ۾ کين سڪون ملندو هو، قرآن شريف جي تلاوت، شاهه لطيف ۽ ٻين صوفي بزرگن جو ڪلام پڙهڻ سان کين سڪون مليو، ڪجهه سمجهه پريا ٿيا ته طريقت ۾ پير پائڻ لاءِ هلڻ لڳا. پنجاب جي جهنگ ضلعي جي هڪ بزرگ سرڪار رياض حسين شاهه عرف رياضڻ ماهيءَ جي نظرن جي تير جو شڪار ٿي ويو، ان لاءِ اگهاڙين پيرين پنڌ ڪري اتي پهتا، اکين ۾ مولا جي محبت جا ڳوڙها ڳاڙيندي وڃي هادي جي قدمن لڳا، ان کان اڳ سرڪار سخي رياضڻ ماهيءَ محفل ۾ ويٺل حاضرين کي ٻڌايو ته .اسان جو عاشق پيرين پنڌ سنڌ کان اچي پيو ۽ سندس پيرن ۾ چالا پيا آهن“ اتي حاضر ٿيڻ تي مرشد فرمايو ته، توکي چا کپي، فقيريءَ جي سپني خزانن جون ڪنجيون اڄ کان تنهنجي حوالي آهن، سائين علي نواز فقير صرف رئندا ئي رهيا، سندن اها ادا اهڙي ته مقبول ٿي وئي جو مرشد جي هڪڙي نظر سان فقيريءَ ۽ طريقت جون سڀ منزلون طئه ڪري ورتائون، مجذوبي جي اهڙي ڪفيت طاري ٿي وين جو ڪائڻ پيئڻ به وسري وين ۽ پنهنجي پاڻ کان به بي خبر ٿي ويا.

اجا 18 سالن جا به نه ٿيا هئا ته مرشد جي مهرباني ۽ اجازت سان سرڪار غوث پاڪ جي روضي جي حاضري بغداد ۾ ڏنائون، ان بعد مڪي ۽ مديني جي زيارتن جو شرف حاصل ڪيو، ٻه سال کن مديني پاڪ ۾ رهي روضي اظهر جي حاضري ڏيندا رهيا، هي سفر بنا دنوي اسباب جي ڪيائون، مديني شريف ۾ پڪڙ ۾ به آيا، پر ٿيو ائين جو پوليس جي جنهن گاڏي ۾ کين ويهاريائون، اتي پاڻ روضي ڏي ڏسندي رئندا رهيا ۽ دل ۾ چوندا رهيا ته يا رسول الله دنيا جا ماڻهو هتي اچي آزاد ٿيندا، پر جي هتي ٻڌا ته ڪٿي ڇٽندا، نيٺ پڪڙيل ماڻهن سان گاڏيون ڀرجي ويون، پيون ته سڀ گاڏيون روانيون ٿي ويون پر جنهن





گاڏيءَ ۾ سائين جن ويٺل هئا اها بلڪل چري به ڪانه، اتي پوليس آفيسر ڪانئن معلوم ڪيو ته ”چو ٿو روئين؟“ پاڻ فرمايائون ته مٺي مرسل جي محبت ۾ جڏهن ته گهڻي ڪوشش باوجود به گاڏي نه هلي ته پوءِ کين لاٿائون ته گاڏي هلڻ لڳي، ان ڪانپوءِ ڪڏهن به پڪڙ ٿي به ته پاڻ پڪڙ ۾ نه آيا. اتي خواب ۾ مير مرسل پاران واپس وڃي اتي جي خلق جي رهبريءَ جو حڪم ڏنو، پاڻ اتان اچي قاضي احمد لڳ نواب ولي محمد ۾ خلق جي خدمت ڪرڻ لڳا، سندن دعائن سان ماڻهن جا مسئلا هڪدم حل ٿي ويندا هئا ۽ مولا جي طلب وارن کي هڪدم حضور پاڪ ۽ مولا سان ملائي ڇڏيندا هئا، سلسلو ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو، حق جي ڳولا ڪرڻ وارا حق سان واصل ٿي وڃن ٿا.

سندن آستاني جو نالو سندن مرشد رياضڻ ماهيءَ ”خانقاه فيض هاشمي“ رکيو، جيڪو ان وقت کان وٺي قائم ۽ آباد آهي، سندن مرشد جي اجازت سان سال 1988ع کان وٺي عيدميلادالنبي ﷺ هر سال شايانِ شان منعقد ٿيندي رهي ٿي، جيڪا نواب ولي محمد ۾ ننڍي پيماني تي شروع ٿي ۽ هاڻي ڪريم آباد ۾ وڏي ليول تي ملهايو وڃي ٿو، جنهن ۾ هڪ اندازي مطابق هڪ لک جي لڳ ڀڳ چئني صوبن جا ماڻهو شريڪ ٿين ٿيا. اسان سڄي ملڪ ۾ ملهائجندڙ جشن عيدميلاد النبي ﷺ ڏٺا آهن، پر هتي ملهائجندڙ ميلاد جو مثال نه ٿو ملي.

سندس خانقاه اڳ نواب ولي محمد ۾ ۽ هاڻ ڪريم آباد شريف ۾ آهي، اتي 24 ئي ڪلاڪ لنگر عام جام هلندڙ آهي. دعا خواه شفا، جسماني خواه روحاني علاج لاءِ ايندڙن جو هر وقت ميلو متل رهندو آهي، هتي جو سائل ڪڏهن به خالي نٿو موٽي، عيدميلادالنبي هر سال 11 ربيع الاول جي شام 12 ربيع الاول جي رات شاندار نموني ملهايو ويندو آهي. ميلاد ۾ غريب توڙي امير لاءِ هڪ جهڙو لنگر هلندو، محفل جي شروعات ذڪر سماع سان ٿيندي آهي، اها مهل اهڙي هوندي آهي جو حضور جي عاشقن جي اکين مان آنسو روان هوندا آهن.

پاڻ موقعي جي نسبت سان اهڙو ته آقا جو شان بيان ڪندا آهن ۽ محبت جو درس ڏيندا آهن جو هر اک اشڪبار هوندي آهي. عالم سڳورا مدني محبوب جو شان بيان ڪندا آهن ۽ نعت خوان به عيقدت جا گل نڇاور ڪندا آهن. اهڙي طرح هي محفل فجر جي اذان تائين هلندي رهندي آهي. صبح جو لنگر شريف بعد شاندار جلوس آقا مدني

جي آمد جي سلسلي ۾ ڪڍيو ويندو آهي، ان جي واپس اچڻ بعد وري ٻه لنگر هلايو ويندو آهي ۽ ان بعد خلق کي اجازت ڏني ويندي آهي.خانداهه جي عمارت جو ڪم هلندڙ آهي، مسجد شريف ٻه ٺهي رهي آهي، جيڪا ڪروڙين رپين جي لاڳت سان تيار ٿي رهي آهي. مسجد شريف جو نقشو مسجد نبويءَ جو رٿيل آهي، جنهن تي گنبذ خضريٰ ٻه ان سان گڏ 120 فوٽن جو مينار شامل آهي، سائين علي نواز فقير جن جو فرمان آهي ته جڏهن هيءَ مسجد ٺهي راس ٿيندي ته پري پري کان ماڻهو هلي اچي مسجد شريف جو ديدار ڪندا، ان ڪانسواءِ مسجد جي گرائونڊ ليول تي مدرسي جو ٻه انتظام رٿيل آهي، جتي علم جا پياسا شرعي ۽ روحاني علمن سان فيضياب ٿيندا، جشن عيد ميلاد النبي صه جي موقعي تي سائين صوفي علي نواز فقير قادري جن فرمائيندا آهن ته جنهن عقيدت ۽ محبت سان هن ميلاد ۾ شريڪ ٿيا آهيو، اهو سرڪار مديني جو حاضرين مجلس تي خاص ڪرم آهي، هن جشن جي صدقي مالڪ اوهان جون تقديرون بدلائي ڇڏيون ۽ سڀ قضائون، ادائون ٿي ويندون، هتان جي ٻڌل قيمتي ڳالهين کي ٻين تائين پهچائيندڙ اجر جا حقدار ٿيو، اسان جون سڀ رسمي خوشيون سڀ ڪوڙيون خوشيون آهن، پر سرڪار مديني جي آمد جي خوشي ئي حقيقي خوشي آهي، هن ۾ ڀرپور حصو وٺو ۽ پنهنجي دامن حقيقي خوشين سان ڀريو، اڄ محفل ۾ جيڪي ٻه شريڪ آهن، تن سان واعدو آهي ته جيڪا ٻه هڪ هڪ نيڪ خواهش دل ۾ هوندي، اها آقا مديني جي صدقي ۾ ضرور پوري ٿيندي. ان ڪري عقيدت ۽ محبت سان جاڳي پنهنجي دامن رحمت سان ڀريو ڇو ته اڄوڪي رات الله جي ذات جي رحمت جوش ۾ آهي.

## هالا ڪان ابڙان تائين روحاني سفر

ابڙان جي ولين سيد ڪرم علي شاهه، سيد لطف علي شاهه ۽ سيد لياقت علي شاهه بابت پيچ پٽائي ميگزين پاران خصوصي نمبر شايع ڪرڻ جي سلسلي ۾ ابڙان ۾ سندن آخري آرام گاهه جون تصويرون وٺڻ لاءِ 9-4-2006 آچر ڏينهن صبح جو 7 وڳي هالا ۾ حضرت مخدوم نوح سرور جي ۽ مخدوم طالب المولىٰ جي مزار تي حاضري ڀري هالا ڪان ابڙان ضلع نوشهروفيروز ڪار ۾ روانا ٿياسين، پروگرام ۾ صوفي بزرگن





سان محبت رکندڙ ادب دوست شخصيت صوفي احمد ٽڳڙ جيڪو اصل ابڙان شهر جو آهي ۽ ايريگيشن اسڪارپ جو هيڊ ڪلارڪ آهي، ان کي ۽ ڪامريڊ اياز ميمڻ کي گڏ هلڻو هو، پر صوفي احمد ٽڳڙ جو پروگرام عين وقت تبديل ٿي ويو، ڪيس آفيس جي ضروري ڪم سان وڃڻو هو، ان ڪري صوفي احمد ٽڳڙ بجاءِ صوفي راڳي سچڻ فقير سنبري پيو ۽ اسان ڪان اڳ ڪار جي اڳين سيٽ تي ويهي رهيو. مورو ڪراس ڪرڻ بعد خيال ٿيو ته نوان جتوئي جي مشهور بزرگ هستي سيد دلڻ شاهه ۽ شاگرد تحريڪ ۾ شهيد ٿيل سيد علي مردان شاهه جي مزارن تي حاضري ڏجي ۽ مشهور شاعر، اديب شاهه لطيف جي پارکو حافظ محمد بخش خاصخيلي جي اوطاق تي ڪن پل وڃجي ۽ سندس مزار تي قل پڙهجن ۽ اسان جي محسن دوست مشهور اديب صحافي محمد مٺل حيدري جي خدمت ۾ ٻه حاضر ٿجي. 10 وڳي ڌاري اسين نوان جتوئي پهتاسين، اسٽاپ تي اسان کي حافظ محمد بخش خاصخيلي جو پاٽيو ۽ ادبي وارث گدا حسين خاصخيلي مليو، جيڪو پرسان هڪ ڳوٺ ۾ سورهيه بادشاه سيد صبغت الله راشدي جي ملهائجندڙ ورسي ۾ وڃي رهيو هو، ساڻس ملياسين. حافظ محمد بخش خاصخيلي وانگر وڏي محبت، پيار پاٻوهه سان مليو، اسان کيس ڊسٽرپ ڪرڻ نه ٿي چاهيو، ڪيس سورهيه بادشاهه جي ورسي ۾ وڃڻ جي اجازت ڏني. پروگرام تبديل ڪري حافظ محمد بخش خاصخيلي جي اوطاق تي وڃڻ بجاءِ صرف سندس آخري آرام گاهه تي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. حضرت سيد دلڻ سائين جي مزار تي ويندي واٽ تي جتوئين جي قبرستان جي نالي سان قبرستان ۾ حافظ محمد بخش جي آخري آرام گاهه تي قل پڙهيا، جتان حضرت سيد دلڻ سائين جي مزار تي پهتاسين. سيد دلڻ سائين جي مزار تي ۽ شاگرد تحريڪ جي شهيد سيد علي مردان شاهه، مشهور صوفي بزرگ سيد محمد جڙيل شاهه، سيد فضل الله شاه ۽ سيد علي مردان شاهه جي مزار تي حاضري ڏنيسين.

سيد دلڻ سائين پنهنجي دور جو مشهور صوفي بزرگ هستي ٿي گذريو آهي، سندس راڳ ۽ ويراڳ سان وڏي دلچسپي هوندي هئي. پاڻ صاحب ڪرامت هئا، سندن زندگي رب سائين جي عبادت ۾ گذري، سيد جڙيل شاهه سندس ئي خاندان مان هو، سيد جڙيل شاه هڪ فقير صفت انسان هو، سڄي حياتي گيڙو لباس پهريندو هو. راڳ ويراڳ سان

وڏي دلچسپي هئي، جڏهن تہ سيد علي مردان شاهہ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ پڙهندو هو. پاڻ قومي تحريڪ سان لاڳاپيل هئا ۽ سنڌ ۽ سنڌ واسين جي پاسباني لاءِ شهيد ٿيا. سيد فضل الله شاه صوفي طريقي جو مالڪ هو، سڄي سنڌ ۾ درگاهن تي ويندو هو. راڳ ويراڳ سان ايڏي دلچسپي جو راڳ ٻڌڻ ڪانسواءِ هڪ منٽ بہ رهي نہ سگهندو هو. راڳ ٻڌڻ ڪانسواءِ ائين بي چين هوندو هو، ايئن تڙپندو هو جيئن مڇي پاڻي ڪانسواءِ تڙپندي آهي.

سيد دلڻ شاهہ، علي مردان شاهہ، سيد فضل الله شاهہ ۽ اتي پين بزرگن جي مزارن تي حاضري ڀرڻ بعد هنن مزارن جي ڀرسان مشهور بزرگ هستي سيد رڪيل شاهہ جي مزار تي حاضري ڀري دلڻ شاهہ جي سجاده نشين سيد عرفان علي شاهہ بابت درگاهہ تي ويٺل فقراءَ کان معلوم ڪيوسين تہ هنن ٻڌايو تہ سائين حويلي تي آهي، مون ڪيس پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ موڪليو، تقريباً 40 منٽن بعد وزيٽنگ ڪارڊ کڻي ويندڙ فقراءَ ٻڌايو تہ سائين سيد عرفان علي شاهہ نوان جتوئي نڪري ويو آهي. جڏهن تہ سيد رڪيل شاهہ جو سجاده نشين سيد ميرل شاهہ بابت شروع ۾ ٻڌايو ويو تہ هو دادو ويل آهي، اتان نوان جتوئي پهچي سيد عرفان علي شاهہ جي ويهڻ وارن تمام هنڌن تي ڪيس ڳوليوسين پر اتي ٻڌايو ويو تہ سائين ڳوٺان آيو ئي نہ آهي، حالانڪہ اسان جو سائين عرفان شاهہ ۾ ڪوبہ ڪم ڪار نہ هو، اسان چاهيو پئي تہ ساڻس ملاقات ڪري سيد دلڻ شاهہ ۽ اتي مدفون پين بزرگن بابت ڄاڻ وٺجي ۽ ڪائونس دعا وٺجي پر افسوس جو...!

سيد دلڻ شاهہ جي درگاهہ تي ويندي محمد مٿل حيدري چانڊيو جيڪو نوان جتوئي جو صحافي، ليکڪ، مثالي استاد، سماج سڌارڪ، وڏو مهمان نواز آهي، بابت پڇا ڪئي. اسان کي ٻڌايو ويو تہ هو سامهون واري ڪلينڪ تي ويهندو آهي. اتي پهتاسين تہ خبر پئي تہ پاڻ اڃان ڳوٺان آيا نہ آهن، ان ڪري حيدري چانڊيو لاءِ نياپو ڇڏي وياسين، واپس آياسين تہ هو اسان جو بي چيني سان انتظار ڪري رهيو هو. حيدري چانڊيو سان خط ڪتابت تہ سالن کان آهي، فون تي بہ ڳالهائيندا رهندا آهيون پر روبرو ملاقات صرف هڪ دفعو نوشهروفيروز ۾ سنڌ صحافي سنگت جي هڪ ڪنوينشن ۾ ٿي هئي، ان وقت سندن سونهاري شريف کي ڪارو رنگ آيل هو ۽ سونهاري مبارڪ ٿوري وڏي هئي، پر





هاڻ سونهاري بہ ننڍي ڪرائي ڇڏي اٿس ۽ رنگ روپ نہ ڪرڻ ڪري سونهاري سفيد ٿي ويئي اٿس. مون ڪيس سڃاڻي ورتو پر هن نہ سڃاتو، بعد ۾ تعارف ٿيو، پاڻ پيهر اٿي انتهائي پيار پاٻوهہ سان مليو، محمد مٿل حيدري چانڊيو وڏو محبتي ماڻهو آهي، سندس مهمان نوازي جي هاڪ بہ وڏي آهي. حيدري چانڊيو خوش خرابت بعد چيو تہ هلو تہ ڳوٺ هلون، اسان چيو تہ حيدري صاحب ڏاڍا ٿڪڙا آهيون، بس ديدار ڪيوسين هاڻ پيرن تي هٿ رکي موڪلايون ٿا، پر حيدري چانڊيو بگڙي پيو، چئي ائين ڪيئن ٿيندو، نوان جتوئي آيا آهيو ۽ منهنجي اوطاق تي هلڻ ۽ ماني ڪانسواءِ هليا ويندو تہ پوءِ مون تي لعنت هجي. ڪامريڊ اياز ۽ مون ڪيس منٿ ڪئي ۽ چيو تہ ٻئي دفعي رات اچي رهبي پر حيدري چانڊيو صفا پروچ ٿي بيهي رهيو، چئي تہ هلو نہ تہ آئون هتي روڊ تي ويهي بک هڙتال ڪندس. اسان چيو تہ اسان کي اجازت نہ ڏيندا تہ اسين بہ روڊ تي ويهي احتجاج ڪنداسين، بعد ۾ حيدري چانڊيو چيو تہ پلا اوطاق تي قرب جا پير ڀري پوءَ وڃو. مون چيو تہ صرف پاڻي پي واپس ايندا سين. حيدري چانڊيو چيو ٺيڪ آهي، نوان جتوئي کان 2 اڍائي ڪلوميٽر پري سندس ڳوٺ آهي، سندس اوطاق ۽ اسڪول گڏ آهن، حيدري چانڊيو مشهور استاد بہ رهيو آهي.

حيدري چانڊيو اسان کي اوطاق تي ويهاري پاڻ گهر هليو ويو ۽ سندس پٽ پاڻي کڻي آيو، 20 منٽ ويهڻ بعد سندس پٽ کي چيوسين تہ سائين حيدري چانڊيو کي وٺي اچو ليٽ پئي ٿئي. اڌ ڪلاڪ بعد حيدري چانڊيو ۽ سندس پٽ ماني کڻي آيا ۽ اسان کي حيرت ٿي تہ اڌ ڪلاڪ ۾ ماني ۽ اهي بہ 5 کن ڊش ڏاڍي حيرت ٿي. حيدري چانڊيو ڪچهرين جو وڏو ڪوڏيو، سندس وات مان نڪتل لفظ لفظ موتي برابر هئا. پٽ ڏٽي جي رسالي تي وڏو عبور حاصل آهي، ڳالهہ جي نسبت سان شاهہ لطيف جو شعر پڙهي. دل پئي چوي تہ هتي هفتو کن رهي حيدري چانڊيو سان ڪچهريون ڪري ڪجهہ پرائجي پر اسان وٽ وقت گهٽ ۽ شيڊول ٽائيٽ هو، ان ڪري حيدري چانڊيو جي ڳوٺ مان واپس نوان جتوئي اچي حيدري چانڊيو کان موڪلائي اٻڙان روانا ٿياسين. مٽياڻي شهر جي ٻاهران 20 صدي جي مشهور بزرگ هستي صاحب ڪرامت سيد علي گوهر شاهہ جي درگاهہ آهي، اسان اتي حاضريءَ لاءِ پهتاسين. حضرت سيد علي گوهر شاه نوشهروفيروز کان ٻہ ڪلوميٽر پري نانگو

شاهہ درگاه تي سندس حويلي هئي، پاڻ 20 صدي جا مشهور بزرگ هستي ۽ صاحب ڪرامت ٿي گذريا آهن. پاڻ بنيادي طور اهلسنت سان وابسطہ رهيا، بعد ۾ فقيري واري رنگ ۾ رڱجي ويا. سندن هالا، مٽياري، ٽنڊو ڄام تعلقن جي بزرگن سان صحبت ۾ 12 سال رهيا، سيد علي گوهر شاهہ اعليٰ پائي جا شاعر پڻ هئا، پاڻ بهترين حڪيم بہ هئا. پاڻ في سبيل الله ماڻهن جو علاج ڪندا هئا، بعد ۾ پاڻ منياٽي لڳ ڪار بچا ۾ آستانو قائم ڪيو ۽ اتي ئي وفات ڪئي ۽ سندن وصيت موجب اتي ئي ڪين سپردخاڪ ڪيو ويو. سندن آخري آرام گاه تي انتهائي وڏو ۽ خوبصورت قبو اڏيل آهي. پيج پٽائي ميگزين سٿ جو قافلو درگاهہ تي چادر چاڙهڻ ۽ دعا گهرڻ بعد سجاده نشين سيد زمان شاهہ سان ملاقات ڪئي، جيڪو روينيو بورڊ حيدرآباد ۾ ريڊر آهن، هردلعزيز مهمان نواز، فقير طبيعت انسان آهي. ياد رهي تہ حضرت سيد علي گوهر شاهہ جي سجاده نشين تي تڪرار هلندڙ هو. ڇاڪاڻ تہ سيد علي گوهر شاهہ کي اولاد نہ هو، سيد زمان شاهہ علي گوهر شاهہ جو پاڻيٽيو آهي، سندس چوڻ آهي تہ سجاده نشين جي دعوا ڪندڙ ٻيو شخص ڏاريو آهي. هن ٻڌايو تہ ڪورٽ سڳوري بہ 16 سال ڪيس هلائڻ بعد ڪيس سجاده نشين جي ڊگري ڏني، هن چيو تہ سجاده نشين جو ٻيو دعويدار سندس ۽ مٽ مائٽن خلاف لاتعداد ڪوڙا ڪيس ڪيا آهن، جيڪي اڃا بہ هلن پيا، سيد زمان شاهہ جا 4 فرزند آهن، جن ۾ سيد سجاد حسين شاهہ، سيد اعجاز شاهہ، سيد نويد شاهہ، سيد نور شاهہ عرف جاني شاهہ آهن. سيد زمان شاهہ سان گڏ سيد علي گوهر شاهہ جي آستاني تي وياسين جتي سندن استعمال جو سامان، کٽ، بسترو ۽ ٻيو سامان پيل هو. اتي سندس کٽي جي کٽ بہ رکيل آهي. سيد علي گوهر شاهہ جي مزار تي وڏي تعداد ۾ عقيدتمند آيل هئا، سيد زمان شاهہ کان دعا وٺي سيد علي گوهر شاهہ جي مزار تي ٻيهر سلام ڪري اڳتان پهتاسين جتي سيد لياقت علي شاهہ جي والد سيد علي حيدر شاهہ، پاڻٽي سيد لال محمد شاهہ سان ملاقات ڪئي. اتي اڳتان جي هردلعزيز شخصيت غلام مصطفيٰ خاصخيلي بہ اسان جي انتظار ۾ ويٺو هو، غلام مصطفيٰ خاصخيلي، حضرت سيد ڪرم علي شاه جي مزار جي فقير يوسف خاصخيلي جو پٽ آهي. جنهن اسان کي ريفريشمينٽ ڪرائي، سيد علي حيدر شاهہ ۽ سيد لال محمد شاهہ حال احوال ڪرڻ بعد سيد لياقت علي شاهہ جي مزار تي وياسين، جتي





گلن جي چادر ۽ ڪلمي واري چادر سندس ۽ ساٿس گڏ رکيل ٻين سيدن تي چاڙهي قل پڙهياسين، بعد ۾ سندس پاءُ سيد مشتاق شاهہ جي مزار تي گل رکياسين. لياقت علي شاهہ جي مزار صوفي احمد ٽڳڙ جوڙائي آهي، جنهن کي لياقت علي شاهہ بار بار خواب ۾ اچي سندس مٿان مزار ٺهرائڻ جو اشارو ڏنو. اتان کان اڳتان جي هردلعزيز شخصيت مشهور ليکڪ، شاعر، استاد ثاقب سومرو سان ملاقات ڪئي. ثاقب سومرو پيارو ماڻهو آهي، سندس چانهہ پي بعد ۾ حضرت سيد ڪرم علي شاهہ، سيد لال محمد شاهہ ۽ سيد لطف علي شاهہ جي درگاهہ ۽ يوسف فقير خاصخيلي جي آخري آرام گاه تي حاضري ڀري، بعد ۾ پيج پٽائي مگزين سٿ جو قافلو ڪاهي راهو ۾ درگاهہ سيد بچل شاهہ تي حاضري ڀري ۽ درگاهہ جي خدمتگار علي نواز لاڙڪ سان ملاقات ڪئي. اتان نوشهروفيروز پهتاسين جتي مشهور صوفي بزرگ حضرت صوفي شاهہ نصير ۽ نول گهوٽ جي مزار تي وياسين، قل پڙهڻ بعد ڪلهوڙا دور جي ٺهيل مسجد جيڪا زبون حالت ۾ آهي، اها ڏٺي، اها مسجد مخدوم شهاب الدين سير ڏٽي ٺهرائي هئي، بعد ۾ درگاهہ جي سجاده نشين صوفي شاهہ نصير نقشبندي سان ملاقات ڪري سائين حضرت شاهہ نصير صوفي بابت معلومات وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن چيو تہ سائين صوفي شاهہ نصير جون ڪرامتون، شاعري ۽ سندس شجرو لکت ۾ موجود هو، پر سندن وڏن ۾ ڪنهن ڳالهہ تان تڪرار ٿيو ۽ اهو شجرو، ڪلام ۽ ٻيو احوال ڪوهہ ۾ اڇلايو ويو، ان ڪري هو ڪو احوال نہ ٿو ڏئي سگهي. البت سندس چاچو پير رفيع الدين عرف اڪرام الدين وٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ معلومات آهي. اوهان ان سان ملاقات ڪريو، رات ٿي وئي هئي، ان ڪري سيد پير رفيع الدين صاحب سان چاهيندي بہ ملاقات نہ ڪري سگهياسين، اسان جي شيڊول ۾ مشهور صوفي بزرگ فقير علي نواز خاصخيلي سان ملاقات ۽ سيد مهدي شاهہ جي مزار تي وڃڻ، نوشهروفيروز جي صحافين سان ملاقات، هالاڻي ۾ سنڌ صحافي سنگت جي مرڪزي اڳواڻ محمد بچل هنگورو سان ملاقات جو ارادو بہ هو، پر رات ٿي وئي، واپس گهر پهچڻو هو ان ڪري اهو پروگرام ڪينسل ڪري واپس موٽياسين.

اسان جي ڪوشش هوندي تہ حضرت سيد علي گوهر شاهہ، سيد دلڻ شاهہ، سيد رکيل شاهہ، سيد فضل الله شاهہ، حضرت صوفي نصير،

سيد بچل شاهہ بابت الڳ ايڊيشن شايع ڪريون، ليڪن ان لاءِ شرط اهو آهي تہ سندس سجاده نشين اسان سان هر طرح جو سهڪار ڪن.

## صوفي بزرگ ۽ شاعر محب فقير ٽالپر

محب علي خان المعروف محب فقير ٽالپر جو شمار مشهور صوفي شاعرن ۽ روحاني رمزن ۾ رڱيل فقيرن ۾ ٿئي ٿو. سندس شاعري ۾ عشق مزاجي عشق الاهي شامل نظر اچي ٿو. پاڻ ڪامل صوفي درويش هئا. ننڍي ڄمار کان سندس طبيعت فقيري ڏانهن مائل هئي. پاڻ پنهنجي ڳوٺ مهر علي خان ٽالپر" تزد شهدادپور" ۾ ڪيترن ئي ايڪڙن ۾ مئخانو نالي او طارو قائم ڪيو. جنهن ۾ فقير فقراءَ مسافرن لاءِ ڇپر ڇهرايو، مئخاني ۾ انبن جا وڻ مختلف قسمن جا گل ٻوٽا رکيا. سندس مئخاني ۾ هر طرف گلن جي خوشبو مهڪي ٿي. سندس حياتي توڙي اڄ تائين مئخاني تي هر وقت فقير فقراءِ جون ڪچهروين راڳ ويراڳ جون محفلون متل آهن. محب فقير ننڍي عمر کان دل جا سخي حساس رحم دل خلق خدا جي خدمت ڪندڙ رهيو. سندس ڳوٺ جي صوفي فقير ۽ شاعر دلاور خاصخيلي سان محبت هئڻ ڪري ڪيس روحاني رمزن جي ڄاڻ ملي، پاڻ 19 سالن جي عمر ۾ شاعري ڪئي. سندس پهريون شعر:

منهنجو هوتن ڏي آهي حرف حفي،
ڇڏي ننڊ ۾ نماڻي ويا لال لڪي.

شاعري ۾ بہ سندس رهنمائي ۽ همٿ افزائي دلاور فقير ڪئي. بعد ۾ سندس صوفي بزرگن، فقيرن، شاعرن سان ملاقاتون ٿيون جنهن سان سندس روحاني ول ولو روحاني قوت ۽ شاعري وارو رجحان تيزي سان وڌيو. جڏهن سندس ملاقات حمزو ٽالپر ۾ حاجي عبدالڪريم ڪنپر جهڙِ بزرگ شخصيت سان ٿي تہ ان سندس نفسياتي اوڻائين تي گهرو اثر ڇڏيو ۽ محبت الاهي سان سرشار ٿيڻ لڳا. هڪ دفعي پاڻ عجيب خواب ڏٺو تہ ڪو بزرگ سندس سر گهري رهيو آهي. هن پنهنجو سر ان آڏو پيش ڪيو تہ ان سر ڪٽي ورتو ۽ پوءِ ڌڙ جي پٺي ٺپوري ڇپائين وڃ هاڻ تون بي سر آهين ان خواب هن کي بي چين ڪري وڌو، ڪجهہ سالن کان پوءِ خواب ۾ ڏٺل بزرگ وٽ سندن حاضري ٿي، جيڪو مشهور ولي الله حضرت محمد فقير گهوٽو "ڳوٺ حسين پيلي گهوٽڪي" هو ۽ پاڻ ان بزرگ جو طالب بنيو ۽ مرشد کان هم اوست ۽ هم از دوست سکيو ۽





مڪمل طور روحاني فقيري رنگ ۾ رڱجي ويو ۽ پاڻ بہ ڪيترن ئي ماڻهن کي فيض ڏنو سندس وڏي تعداد ۾ طالب ٿيا. پاڻ دعائن جو گهر هئا. سندس دعائون ڪيترن ئي ماڻهن کي رڱي ڇڏيو، پاڻ مئخاني تي فقير فقراءَ ديسي پرديسي جي دل جان سان خدمت ڪندا هئا. پاڻ سنڌي، اردو، هندي جا بهترين شاعر هئا. پاڻ سر سهڻي، سر سسئي، سر ليليٰ مجنون، سر مومل راڻو، سر عمر مارئي، سر ڪاموڏ، نوري ڄام تماچي، سر ڪاپائتي، سر سورٺ، سر هير رانجها، سر ڪيڏارو، سر رامڪلي، سر سريراڳ کان سواءِ ذڪر خداوندي، شان حضرت محمد صہ مصطفيٰ، شان علي، شان مرشد، الاهي عشق، سوز عشق، ڄام ساغر و مينا، نيڻ، اکيون، اسرار سارو اندر ۾ وحده ۾ الوجود، منصوري مام، شان مئخانہ، ملان ۽ منصور حيات ابدي، اظهار محبت ۽ عشق ۽ آذر تي خوبصورت شاعري ڪئي آهي. سندس شاعري ۾ روحاني رمزون شامل آهن. پاڻ فقيراڻي رنگ ۾ رڱيل هئا. انتهائي سادا سادگي پسند، مسڪين ۽ بيواهن، يتيمن جا همدرد رهيا، پيشي جي لحاظ کان پاڻ استاد هئا. ڪيترن ئي اسڪولن ۾ ماستر بعد ۾ هيڊ ماستر رهيا ان عهدي تي رٽائرڊ ٿيا، سندس شاگرد ۽ جن اسڪولن ۾ رهيا اتان جا ساڃاهہ وند ماڻهو ڪيس ذهين ۽ همدرد استاد چون ٿا. سندس پڙهائڻ جو طريقو دلچسپ ۽ پراثر هو. ڪيس سنڌي سان گڏ اردو، هندي، فارسي، عربي، زبانن تي بہ عبور حاصل هو. پاڻ بهترين حڪيم بہ هئا. ننڍي هوندي مشهور حڪيم عبدالحق جتوئي کان حڪمت سکي پاڻ ٻاهرين جراحي بہ ڪندا هئا. حڪمت ذريعي خلق خدا جي خدمت ڪندا هئا. پر انهن غريب مريضن جي رهائش کاڌي جو بہ انتظام ڪندا هئا. پاڻ ظاهري طور دنياوي ڪم ڪارين ۾ مشغول هوندا هئا. پر سندن دل ذڪر الاهي ۾ مشغُل هوندي هئي. پاڻ تصوف ۾ قادري طريقو رکندا هئا. پاڻ مذهبي متڀيد ۽ فرقن جي فرق کان هميشہ پري رهيا. پاڻ چوندا هئا تہ اسان جو مذهب صرف انسانيت آهي. پاڻ مذهبي مت ڀيد تي هڪ ڊگهو نظم بہ لکيو جنهن جو هڪ بند ۾ پاڻ چيو آهي تہ:

هر گز هندو ناهيان نڪي مسلمان،
سڪيو پاڻُ پريم جو ٿيڻ سچو انسان،
اسانجو ايمان، محبت آهي محب چوي.

ان ڊگهي نظم ۾ جيڪو مذهبن ملڪ منجهايو آهي. ان بابت

كليل بغاوت ڪئي آهي پاڻ الله سائين جي وحدانيت تي بہ ڪيترائي شعر چيا آهن. انهن مان هڪ شعر جون چند سٽون هيٺ ڏيون ٿا.

تون ذوالجلال و لاڪرام سائين سچو آ تنهنجو نام،
پيا سڀ نام پيائي و ارا واحد تون وريام،
تون ئي ظاهر تون ئي باطن اول تون ئي انجام،
ڪي الڪُ چون ڪي الله چون ڪي هري چون هرنام،
پنڊت پروهت پڊ ۾ پاوا جين پڙهن جئي رام ،
گردُواري ۾ گُرو پڙهايو سکن ڪي ست نام،
ڪُل ئي ڪتاب ڪمال تنهنجي جو پوتر ڏين پيغام،
مطلب ”محب مڙئي ٿين پورا ربُ ڪيو جن رام.

پاڻ حضرت محمد صہ جن جي شان ۾ بہ ڪيتري ئي شاعري ڪئي آهي. ظاهري طور سندس عشقيہ شاعري جون روحاني زمرون پيون آهن. پاڻ پنهنجي ڪيتري ئي شاعري ۾ قرآني آيتون بہ ڪم آنديون آهن. پاڻ حضرت امام حسين سندس اهل بيتن ۽ ڪربلا جي شهيدن تي بہ سر ڪيڏارو ۾ شاعري ڪئي اٿن. پاڻ شاعري ۾ ڏکيا لفظ گهٽ استعمال ڪيا آهن. عام ماڻهو بہ سندن شاعري آساني سان سمجهي وڃي ٿو. پاڻ پنهنجي طالبن، فقراءَ ۽ اولاد مت مائيٽن ڪي چوندا هئا تہ پاڻ ڪي سڃاڻو تہ اوهان جي هستي ڇا آهي. هتي ڪهڙي مقصد لاءِ آيا آهيو جيڪڏهن اوهان پنهنجي نفس ڪي سڃاڻو ۽ نفسياني خواهش تي ضابطو آندو تہ پوءِ اوهان خود اها شيءَ ٿي پوندو جنهن جي توهان ڪي تلاش آهي. ذڪر سان گڏ فڪر بہ ڪريو چو تہ فڪر، ذڪر ڪان بہ وڌيڪ آهي. پاڻ انسان جون 5 اندريون ”حواس“ ٻڌايون آهن جن ۾ ”ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ، اهنڪار انهن ڪي قابو ۾ آڻي نفس ڪي فنا ڪري سڀ ڪجهہ حاصل ڪرڻ بعد غرور ڪيائين تہ بہ طالب منزل تائين ڪري پوندو. اهي منزلون مرشد، جي مدد سان آسان ٿي وڃن ٿيون.محب فقير ٽالپر وحدت الوجود تي يقين رکندا هئا. پاڻ چوندا هئا تہ جيڏانهن بہ نظر ڪريون ٿا جيڪو ڪجهہ ڏسون ٿا اهو سڀ ڪجهہ هو پاڻ آهي. صرف رنگ روپ مختلف آهن. اها سائين اول آخر باطل هر رنگ ۾ موجود آهي جنهن جي بہ عين جي اڪ ڪليل آهي. اهو سندس جلوو ڏسي ٿو ان نور جو جلوو بي رنگ بي چون ۽ بيمثل آهي. ان ڪي ڪنهن بہ شيءَ سان تشبيہ نہ ٿي ڏئي سگهجي صرف اهل دل ان ڪي



ورق ورق گلاب

محسوس ڪري سگهي ٿو. فقير صاحب تصوف جي علم باطني ۽ ظاهري علم رکندا هئا. اڪثر وٽن ايندڙ طالبن، فقراءَ سان پر اثر ڪچهريون ڪندا هئا ۽ ڪين نصيحتون ڪندا هئا پاڻ ڪچهرين ۾ لطيف سائين، سچل، سامي، بيدل، ڪبير ڀڳت، مولانا رومي، علامہ اقبال، حافظ شيرازي جي شاعري جي شرح ۽ روحاني معنيٰ سمجهائيندا هئا. ڪين قرآن شريف، حديثن، گيتا، انجيل، جپ صاحب جي ڄاڻ بہ ڏيند اهئا. وٽن هر وقت سندن چاهيندڙن جو ميلو متل هوندو هو. پاڻ صاحب ڪرامت هئڻ جي باوجود ظاهري ڪرامتون نہ ڏيکاريون. سندس ڪلام ۾ ڪافي، بيت، ڏوهيڙا، غزل شامل آهن. سندس شاعري ۾ قوالي، حمد، ثنا جو بہ رنگ نظر اچي ٿو. سندس ڪلام سندس فرزند ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر محبت سندا موتي جي نالي سان ڇپرايو آهي. محب فقير ٽالپر جو وصال 6 جنوري 1999ع بمطابق 17 رمضان 1419هہ اربع ڏينهن فجر جو 4 وڳي ڌاري ٿيو آهي. ڪين سندن مئي خاني جي مٽي ۾ ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو. جتي هر سال 17 رمضان تي 2 روزه عرس مبارڪ ملهايو وڃي ٿو. جنهن ۾ سڄي رات راڳ ويراڳ ٿئي ٿو ۽ لنگر عام بہ هلايو وڃي ٿو. جنهن ۾ سڄي سنڌ مان سانٽس محبت رکندڙ وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿين ٿا. سندن جنم 12 سيپٽمبر 1923ع تي محمد علي خان ٽالپر جي گهر ۾ ٿيو. پاڻ سنڌي فائينل پاس هئا. پاڻ شروع ۾ سڪرنڊ زرعي فارم تي بہ ملازمت ڪئي، بعد ۾ ماستر ٿيا. پاڻ ان پيغمبري پيشي سان وابستہ ٿي مخلص استاد وارو ڪردار ادا ڪيو. هن وقت سندس مئخاني ڪي سندن فرزند فقير اعجاز علي ٽالپر جيڪو سندن سجاده نشين آهن اهي مڃايو وينا آهن. فقير اعجاز ٽالپر ڊاڪٽر حاتم ٽالپر بہ بهترين شاعر آهن. ڪتاب محبت سندا موتي ۾ سندن شاعري بہ ڇپيل آهي.

## حضرت بهادر فقير لغاري جي بزرگي، شخصيت ۽ شاعري

سنڌ درويشن جو ديس آهي، جن وڏا ڪشالا ڪڍي ان منزل تي پهتا پاڻ ڪي فنا ڪري امر ٿي ويا، انهن درويشن مان حضرت بهادر فقير لغاري بہ هڪ آهي، جنهن انتها پسندي جي حوصلہ شڪني ڪئي جنهن علائقي ۾ پيار امن جي خوشبو پکيڙي جنهن پنهنجي طالبن پنهنجي عقيدتمندن ڪي ڪنهن جي دل نہ ڏکائڻ، پاڻ ۾ سهپ پيدا

ڪرڻ، پاڻ ۾ خدمت جو جذبو پيدا ڪرڻ، مالڪ کي راضي ڪرڻ، مالڪ تي توڪل رکڻ، ضرورت ۾ ڪنهن آڏوهٽ نہ ٽنگڻ جو درس ڏنو، پاڻ صوفي شاعر بہ هئا، پر طالبن کي شاعري لکڻ منع ڪري ڇڏي هئي ڪڏهن ڪڏهن وجد ۾ اچي پنهنجا صوفياڻہ ڪلام خود ڳائيندا هئا، سندس وڏا ديرا غازي خان جا هئا ، فقير جو پڙڏاڏو ڪامل خان لغاري ڪلهوڙن جي دور ۾ اتان لڏي شهدادپور ويجهو پنهنجي نالي تي ڳوٺ آباد ڪيو پاڪستان جي وجود کان اڳ هي ڳوٺ ننڍڙو شهر ۽ واپار جو مرڪز هو ڪيتريون ئي ذاتيون آباد هيون . آزادي واري هلچل ۾ هي ڳوٺ " وطن يا ڪفن" واري تحريڪ جو مرڪز رهيو ۽ حرن جو پناهہ گاهہ بہ رهيو ۽ انگريز سرڪار هن ڳوٺ ۾ قهري ڪاروايون جاري رکيون ، ان ڪري ڀيا عام ماڻهو لڏي ويا ، انگريز سرڪار ڳوٺ جي مردن کي گرفتار ڪري ملڪ جي مختلف جيلن ۾ سخت پورهئي ۾ رکيو ۽ عورتن ۽ ٻارن کي لوڙهن ۾ رکي ڳوٺ کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيو ، پاڪستان ٺهڻ بعد ٻيهر آباد ڪيو ويو ، هن ئي ڳوٺ مان حضرت بهادر فقير جي خاندانن مان حضرت شاهہ مردان شاهہ اول شادي ڪئي هئي حضرت بهادر فقير لغاري 1897ع بمطابق 1316 هہ ۾ سانوڻ فقير بن شير محمد فقير لغاري جي گهر ۾جنم ورتو ننڍي هوندي کان سندس طبعيت فقيراڻي هئي ، دنيائي ڪمن ڪارين ۾ ڪا خاص دلچسپي نہ رهي ، سنڌي فائنل ، قرآن شريف ۽ فارسي عربي جي ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ بعد والدين جي اسرار تي روڊ ڪاتي ۾ داروغو ٿيو بعد ۾ اها نوڪري ڇڏي ڏني بعد ۾ پوسٽ آفيس ۾ ان بعد ريلوي ڪاتي ۾ ملازمت ڪئي پر ڪيس دل نہ لڳي ، ڇاڪاڻ تہ سندس دل الله سائين سان لڳل هئي، ۽ هر وقت عبادت الاهي ۾ گذاريندو هو ، 1920ع جڏهن سندس ڳوٺ ۾ اطلاع آيو تہ سندس مرشد شاهہ مردان شاهہ " اول" هن دنيا مان وڃڻ وارو آهي تہ پاڻ هڪ وڻ تي چڙهي پاڻ ڇڏيو تہ هو مرشد کان اڳ ان جهان ۾ هليو وڃي ، جتي مرشد اچڻ وارو هو پر زمين تي ڪرڻ کان اڳ ڪيس محسوس ٿيو تہ ڪنهن غيبي هٿن ڪيس جهپي ورتو آهي ۽ ڪيس رڳو هڪ ٽنگ ۾ ڏڪ لڳو ان بعد پاڻ مائٽن دوستن کي گڏ ڪري چيو هو تہ هاڻ " تاريڪ" ٿيڻ چاهي ٿو هن نوڪري ۽ ماڻهن کي خير آباد چئي ڪنهن ڪامل درويش جو طالب ٿيڻ لاءِ ريل جي پٽڙي وٺي اتر طرف روانو ٿيو پيرين پنڌ سفر ڪري واٽ تي درويشن جي مزارن تي





حاضري ڀريندو شڪار پور ۾ حضرت ٻڍل شاهہ جي حاضري ۾ پهتو جنهن پري کان ڪيس ايندو ڏسندي چيو تہ فقير صاحب جيڪا شيءِ گهرڻ لاءِ اوهان ڪشالا ڪڍي هتي پهتا آهيو اها منهنجي پهچ کان مٿي آهي اوهان خيرپور ميرس ۾ ڪوٽ مير محمد ڳوٺ ۾ وڃو درويش مياناداد فقير لغاري وٽ وڃي حاضري ٿيو اهو ئي اوهان کي پنهنجي منزل تي پهچائيندو .بهادر فقير اتان پيادو سفر ڪري فقير مياناداد لغاري وٽ پهتو، ڪيس ايندو ڏسي مياناداد فقير چيو بهادر فقير پلي ڪري آئين تو سر ڏنو پر ڏئي نہ ڇاتو خودڪشي حرام آهي ۽ تون مرشد جي محبت ۾ خودڪشي جي ڪوشش ڪئي مرشد وٽ تنهنجي قرباني قبول پئي ، پر اها فقيري منزل نہ آهي جيئري هوندي پاڻ کي فنا ڪرڻ ۾ مزو آهي ايترو بہ نہ آهي ، هاڻ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ بجاءِ هڪ هنڌ ويهي چلا ڪڍ ۽ عبادت الاهي ۾ مصروف رهہ اگر چاهين تہ مشهوري ملي تہ ڪراچي حيدر آباد جي وچ تي وڃي ويهہ چاهين تہ علائقي جي ماڻهن ۾ فيض ڏيان تہ ڳوٺ ٻاهر جهنگ ۾ وڃي ويهہ ۽ فقير صاحب درگاهہ پير ڳوٺ تي حاضري مرشد پير صبغت الله شاهہ راشدي جي زيارت ڪري پنهجي ڳوٺ آيو ڳوٺ ٻاهران جهنگ ۾ جتي نانگ بلائون جام هونديون هيون اتي ڪنڊي جي وڻ هيٺ ويهي چلا ڪڍيا بعد ۾ اتي کوهہ وانگر وڏي کڏ کوٽائي 6 مهينا بنا کائڻ پيئڻ جي ان ۾ چلو ڪڍيو ڪيس ان کوهہ مان مرشد پير صبغت الله شاهہ اچي ڪڍيو پاڻ هڏن جو پڃرو ٿي ويو هو . عبادت الاهي ۾ چلن بعد هو فقيري رنگ ۾ رچي لال ٿي ويو هو ، حاجت مندن جو وڏو هجوم هر وقت وٽن موجود هوندو هو پاڻ لا تعداد ماڻهن کي دعائون ڏئي رچائي ڇڏيو مسلمانن سان گڏ ڪيترائي هندو بہ سندس عقيدتمند ۾ شامل ٿي ويا ، سندس دعائن سان ڪيترن ئي بي اولاد ماڻهن کي اولاد عطا ٿيو غريب ماڻهو سرندي وارا ٿيڻ لڳا بيمارن کي شفا ملڻ لڳي ، سندس اهڙين ڪرامتين جي هاڪ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي وئي سندس هبڪاءَ هر هنڌ واسڻ لڳو اگر ڪي ماڻهو ڪين ڪجهہ ڏيندا هئا تہ پاڻ وٽ رکڻ بجاءِ انهيءَ ٽائيم غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا يا اتي ايندڙن لاءِ تيار ٿيندڙ لنگر ۾ هلائيندا هئا ، پاڻ قميص ۾ ڪيسو نہ هڻايو ، پير اگهاڙا ڪري هلندا هئا ، گهڻو وقت مراقبي ۾ ويهندا هئا هر وقت عبادت الاهي ۾ گذاريندا هئا ننڊ نہ هئڻ برابر ڪندا هئا ،ذڪر الاهي وقت سندس نيڻ اٿلي پوندا هئا سندس طالبن ۾

هندو بہ هئا انهن ۾ ڪهو پڳت سنت چولارام بہ سندس رنگ ۾ رچي لال ٿي ويا وصال کان هڪ ڏينهن اڳ فقير صاحب پنهنجي طالبن ، عقيدتمندن مائٽن کي گهرايو ۽ کين ٻڌايو تہ هاڻ هن دنيا ۾ سندس داڻو پاڻي بند ٿيڻ وارو آهي اسان اصل دنيا ڏانهن اُسهڻ وارا آهيون ، پاڻ پنهنجي وصال جي تاريخ ڏينهن ۾ پنهنجي طالبن جي وصال جو تاريخون ٻڌايون سندس وصال جو ٻڌائڻ بعد طالبن، عقيدتمندن، مٽن مائٽن ۾ ڪهرام مچي ويو پاڻ کين روئڻ کان منع ڪئي ان وقت سندس طالبن ۾ ڪيترن ئي عقيدتمندن وڻن تي چڙهي خودڪشي جو ارادو ڪيو پر فقير صاحب ڪشف ذريعي ڄاڻي ورتو ۽ سڀين کي سڏي گلي لڳايو ۽ کين سختي سان ائين ڪرڻ کان منع ڪيو ۽ چيو تہ اوهان پنهنجي نفس کي ماريو ، مالڪ جي ذڪر ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏيو ، پاڻ اتي سڀني ماڻهن کي هدايت ڪئي تہ غير شرعي عملن کان پاسو ڪيو، ڪوڙ سان نفرت سچ سان محبت ڪريو ، ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪريو ، ڇاڪاڻ تہ انسان جي اندر ۾ الله رهي ٿو ، الله جي رضا تي راضي رهو، پاڻ ۾ سهپ ۽ خدمت جو جذبو پيدا ڪيو ، نرم لهجي ۾ ڳالهايو، بهادر فقير لغاري پهرين ٻڌايل تاريخ 10 رمضان 1349ھ بمطابق جنوري 1931ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ، سندس وصال بعد فقير مياندان لغاري ، سنت چولا رام کي فقير صاحب جو سجاده نشين ۽ رحيم فقير لغاري کي لوڙهي اندر ويهڻ جو حڪم ڏنو ۽ هي پهريون مثال هو جو ڪنهن مسلمان جي درگاهہ جو سجاده نشين هندو هو، سنت چولارام فقير صاحب جي آخري آرام گاهہ مٿان عاليشان قبو ٺهرايو بعد ۾ مختلف عقيدتمندن درگاهہ جي توسيع جو ڪم ڪندا رهيا آهن، درگاهہ تي مرد عورت زائرين لاءِ الڳ الڳ وڏا ايوان ۽ لنگر خانو ٺهيل آهي فقير صاحب جنهن کوهہ نما کڏ وٽ ڀهي چلو ڪڍيو اتي بعد ۾ کوهہ کوٽايو ويو کوهہ جي پاڻي کي شفا ڏيندڙ پاڻي سمجهيو وڃي ٿو ، ان پاڻي مان تڙڪندڙ خارش جي مريضن کي شفا ملي ٿي ، موجوده سجاده نشين شير محمد فقير لغاري آهي ، هن درگاهہ جي سجاده نشين ٿيندڙن لاءِ لازمي آهي تہ هو دنيا جا سڀ لڳ لاڳاپا لاهي " تاريڪ " فقير ٿي ويهي رهي ڪيس درگاهہ جي حدن مان ٻاهر نڪرڻو نہ آهي درگاهہ تي هر اسلامي مهيني جي تاريخ 10 جي شام 11 جي رات راڳ ويراڳ جي وڏي محفل ۾ لنگر عام ٿئي ٿو هر جمع ڏينهن وڏو لنگر ٿئي ٿو. درگاهہ جي





خدمت توڙي سندس عرس مبارڪ کي وڌائيڻ ۾ شير محمد فقير جي پائرن محمد ٻچل لغاري ۽ عرضي محمد لغاري جو بہ وڏو ڪردار رهيو آهي درگاهہ تي روزانہ مسلمان هندو عقيدتمند وڏي تعداد ۾ اچن ٿا.

## سنت سوامي ڏيرج گر گرسوامي

سانگهڙ ضلعي جي جهول شهر کان ويجهو جهول نئون آباد روڊ تي پراڻي ڏامرڪي جي ڪنڌرن ويجهو قديم زماني کان سوامي ڏيرج گرسواحي درٻار آهي جتي سڄي سنڌ مان هندو سلام ڪرڻ اچن ٿا، روزانو سوين هندو سلامي پِرڻ سان گڏ پنهنجون مرادون ڪٽي اچن ٿا، جيڪي پوريون ٿيڻ بعد باسون ڪٽي اچن ٿا، هر وقت جهنگل ۾ منگل لڳو پيو آهي، سوامي ڏيرج گر ڪهڙي دور جو آهي ڪٿان آيو ، چولو ڪڏهن مٿايو ڪا بہ خبر نہ آهي نہ وري ڪنهن تاريخي ڪتاب ۾ ذڪر ملي ٿو پهريون پيرو هن جو ذڪر "جهول جڳن ڪان" ڪتاب ۾ ملي ٿو. هن علائقي جي وڏي ڄمار وارا ماڻهو چون ٿا تہ هي ميرن جي صاحبي جو آهي، اهي بہ روايتون آهن تہ هي هندستان کان آيو هو هن جا ڏامرڪي ۾ پائي بند مريد هئا ۽ انهن جي عقيدت ۽ پيار ڏسي اتي ئي رهي پيو ۽ ڏامرڪي "پراڻي" پرسان پنهنجو آشرم قائم ڪيو جتي هر وقت پانڌارو "لنگر نياز" پيو هلندو هو، آشرم ٻاهران جاءِ اندر مسافرن ۽ ايندڙن ويندڙ لاءِ پاڻي جا مٽ پرائي رکندو هو، ڪيترائي شيوادار اتي موجود هئڻ جي باوجود هو ماني پاڻ ڪارائيندو هو. مٺي شهر جو ادب دوست سندر گر هن کي ميرن جي دور جو ٻڌائي ٿو پرسان آباد ڳوٺ مدد علي جلالاڻي جو هڪ 92 سالن جو جهونو مدد علي عرف مدن ٻڌائي ٿو تہ هنن جيڪو وڏن کان ٻڌو آهي تہ ڏيرج سوامي ڪلهوڙن جي آخر دور جو آهي ۽ پراڻي ڏامرڪي ۾ واڻيا سندن مريد هئا، هر وقت سندس آشرم تي ماڻهن جو خاص طور هندن جو ميڙاڪو رهندو هو، هن وٽ هندو مسلم جو فرق نہ هو، هو صوفي سنت هو، سڀن مذهبن جو احترام ڪندڙ هو، اهي بہ روايتون آهن تہ پاڻ زندگي ۾ قبر جهڙي کڏ کوٽائي، چيلهہ تائين لوڻ وجهرائي تپشا "يوگا" ڪيو، 40 ڏينهن صرف چند ڪارڪون ۽ ننڍڙي سانڌاري ۾ پيل پاڻي تي گذاريو ڪيو، چولو مٽائڻ بعد بہ سندس سمادي ۾ لوڻ وڌو ويو، سوامي ڏيرج جا چمتڪار هندن سان گڏ مسلمان ۾ بہ مشهور آهن، پاڪستان ٺهڻ بعد هتان هندن جي لڏي وڃڻ ڪري هن

درٻار جو ڪو بہ شيواڪار نہ رهيو ۽ ڪنڌر ٻڄي وئي هي آشرم جيڪو سوامي جو چولو مٽائڻ بعد بہ آباد رهيو اهو ويران ٿي ويو، چون ٿا هڪ ٽالپر زميندار سمادي مان پنهنجي اوطاق لاءِ سرون ڪيرايون تہ رات جو ان کي ڏاڙيل ماري ويا، جڏهن هي رستو پڪو ٿي رهيو هو تہ رستو سڌو ڪرڻ لاءِ ڪنڌر ٻڌيل سمادي جي هڪ حصي تي ٽريڪٽر هلايو ويو تہ اهو خراب ٿي ويو ان بعد ٻيا ٽريڪٽر آندا ويا اهي بہ خراب ٿي ويا ۽ ٺيڪيدار کي ماڻهن سوامي ڏيرج سماندي جو ٻڌايو تہ پاڻ سماندي تي اچي معافي ورتي ۽ رستي کي موڙيو ويو، سوامي ڏيرج جا ڪيترائي چمتڪار اڄ بہ ماڻهن کي ڏسڻ ۾ اچن ٿا رستو هٽان ڪرڻ لاءِ هلايل ٽرڪيٽر خراب ٿيڻ وارن چمتارن کان پوءِ جهول جي ڪجهہ هندن سندس سمادي جو ڪم ڪرايو سوامي ڏيرج جي سمادي ويجهو سندس ٻن شيوڪارن جون سمانديون آهن جيڪي ڪاڪو نٿر ميگهواڙ جيڪو نيئن ڏامر کي جو هو ان ٺهرايون، ۽ هن سوامي ڏيرج جي سماندي مٿان ڪم ڪرايو ان بعد سيٺ ڪشچند هڪ عهدي ڪمري نما سماڌي ٺهرائي بعد ۾ اتي هندستان جي خوبصورت سمادين جي طرز تي سمادي ٺهرائڻ جو ڪم شروع ٿيو ۽ ان جو ڪم 2015ع ۾ مڪمل ڪيو ويو آهي، ان لاءِ شيواڪار نٿر مل ميگهواڙ جون ابتدائي ڪوشش ڪاوشون قابل تعريف آهن، هن درٻار ٺهرائڻ ۾ جهول جي نريش ڪمار جو تاريخي ڪردار هيو، عورتن لاءِ مسافر خانو سنجهورو جو ديوان پون داس، رسوئي هال هري رام، جڏهن تہ هن درٻار ۾ ڳوٺ ولي محمد ڪيريو جي پيرو ميگهواڙ جهول جي مهراج جي رام پورڻ پرتاب ڊاڪٽر ڏلارام ڳوٺ رشيدخان مري جو نارائڻ داس ڳوٺ جمع خان ٽالپر جو ڪانجي ميگهواڙ جو وڏو ڪردار رهيو آهي، نارائڻ جون هن درٻار جي حوالي سان شروع کان شيوا داري رهي آهي، هتي هنومان جو مندر شروع کان وني آهي، هاڻ نئين سر ٺاهيو ويو آهي، درٻار ۾ اندر ٻن شيوڪارن ساڄي هٿ تي ٻڌگر جيڪو سوامي جي ديهانت بعد پهريون شيوڪار هو، کاٻي هٿ تي وشن گرجي آهي، هن سمادي جي زمين جو 7 فارم ۾ وشن گر جو نالو آهي، نئين شيواڪار نٿر ميگهواڙ جي سماڌي ٻاهر مچ واري هنڌ تي آهي، ڪاڪا نٿرمل 28 جولاءِ 2013ع تي چولو مٽايو، سڀن شيواڪارن جون هتي وڏيون شيوائون رهيون هونديون پر ڪاڪا نٿرميگهواڙ جون شيوائون وڏيڪ آهن، درٻار ڪنڌر ٻڄڻ بعد هن نئين سر سمادي ٺاهرائي





درٻار پڪي ڪرائي چوديواري ڏياري هن وقت شيودار ڳوٺ جمع خان ٽالپر جو راوت رام ميگهواڙ آهي، جيڪو ڪاڪا نٿر جي وقت ۾ 2007ع ۾ مددگار شيوڪار طور رکيو ويو، درٻار تي پنڊارو صاحب هلي ٿو، هر سال چيٽ چنڊ هڪ ڏينهن وارو ميلو لڳي ٿو، مشهور ڀڳتي اچي ڀڳت ڪن ٿا، پنڊارو شريف سڄي رات هلي ٿو، سڄي سنڌ مان چاهيندڙ شريڪ ٿين ٿا، ڪتاب جهول چڱن کان ۾ هتي مسڪين محمد وارث خاصخيلي لکي ٿو تہ سوامي ڏيرج جي حياتي ۾ ڀڳتي بہ ٿيندي هئي، پاڻ وڏو سخي هو جيڪو ملندو هو غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو پنهنجي دور جو مشهور صوفي سنت هو، سمادي تان ملندڙ پراڻيون سرون جيڪو ميرن جي دور جون معلوم ٿين ٿيون ان تي ڳئون ماتا جو پير ٺهيل آهي، جڏهن تہ نئين سمادي ٺاهي پئي وئي تہ ڪوٽائي مان ڳئون ماتا جي پيرن واريون سرون، چمٽو جهاري ۽ ٻيو سامان بہ هٿ آيو آهي جيڪو سوامي جو ٻڌايو وڃي ٿو.

# باب ٻيون
# سنڌ جا ڪجهه تاريخي ماڳ مڪان

## خداآباد ۾ مائي گلان جو ڪوٽ

ڪلهوڙا دور ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙو ڪان وٺي سرفراز ڪلهوڙو تائين هالا ويجهو خدا آباد سنڌ جو تخت گاهه رهيو آهي، سنڌ جي تاريخ تي نظر وجهبي تہ ڪلهوڙن ۾ ميرن جي دورن ۾ سنڌ جا تخت گاهه جا هنڌ تبديل ٿيندا رهيا آهن، هنن حڪمرانن کي جيڪو علائقو وڻي ويندو هو اتي خوبصورت شهر آباد ڪرائي اتي پنهنجو تخت گاهه بہ ٺهرائيندا هئا، سنڌ ۾ ڪلهوڙا دور معاشي اقتصادي توڙي روحاني علمي ادبي طور سونهري دور ليکيو وڃي ٿو. ڪلهوڙا دور ۾ اديبن، عالمن، شاعرن توڙي روحاني شخصيتن جي سرپرستي ڪئي ويندي هئي، ساڳئي وقت ڪلهوڙا دور ۾ حق سچ جي ڳالهه ڪندڙ عوام ۾ شعوري جاگرتا پيدا ڪندڙ ولي الله، عالمن اديبن تي ڏاڍ بہ ڪيو ويو، صوفي شاهه عنايت جي شهادت بہ ان دور ۾ ٿي، شاهه لطيف کي بہ تنگ ڪيو ويو زهر ڏئي مارڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون، ڪلهوڙا دور ۾ ڪيترائي نوان واهه کوٽائي سنڌ جي زمينن کي آباد ڪيو ويو، هن ئي دور ۾ ڪيترائي شهر آباد ٿيا، ميان نصير محمد ڪلهوڙو ڳاڙهي شهر ۾ گهاري کي آبادڪيو ۾ گادي جو هنڌ بہ اتي بڻايو، سندس وصال 1622ع ۾ ٿيو ڪيس ڳاڙهي دڙي تي ڌرتي ماءُ جو هنج حوالي ڪيو ويو ان بعد ميان دين محمد بہ هنن شهرن کي گادي جو هنڌ بنايو، ميان يار محمد ڪلهوڙو پنهنجي دور ۾ شڪارپور شهر کي بنايو ۾ ان جو نالو خدا آباد رکيو، بعد ۾ وري شڪارپور سڏجڻ لڳو ۾ اتي گادي جو هنڌ ٺهرايو ان بعد دادو ويجهو خدا آباد شهر جو بنياد رکيو ۾ اتي گادي جو هنڌ بہ ٺهرايو، ڪلهوڙا دور ۾ حيدرآباد، عمرڪوٽ شاهپور چاڪر بہ حڪومت جا تخت گاهه رهيا، ڪلهوڙا دور ۾ هن خاندان جي رهندڙ حڪمرانن علائقي جي ڪيترن ئي ننڍين ڳوٺن کي وڏائي شهر بڻايو، هنن جي دور ۾ حيدرآباد، شهدادپور، شهدادڪوٽ، قمبر، وارهه، ميهڙ، خير پور ناٿن شاهه، نوشهروفيروز، جوهي، رتوديرو، وڳڻ، فتح ڳڙهه، خانگڙهه ۾ ٻين شهرن جو بنياد پيو، خدا آباد نالي سان هنن بہ شهر جوڙايا هڪ خداآباد ويجهو هالا ٻيو دادو ضلعي ۾ خدا آباد تاريخ ۾ اچي







ٿو تہ وچ ۾ ڪن سببن ڪري هنن شهرن مان تخت گاهه ختم ڪيا ويا ۾ حڪمرانن جي هتان لڏي وڃڻ ڪري اهي ويران ٿي ويا ۾ هنن هنڌ کي ٻيو دفعو آباد ڪيو، اسان هتي هالا ويجهو خدا آباد شهر جو ذڪر ڪنداسين، جيڪو هالا کان ڏيڍ ميل ڪن مفاصل تي آهي، ڳوٺ پرسان ڪلهوڙا ڪوٽ جنهن کي علائقي وارا گلان ڪوٽ بہ سڏين گلان ميان نور محمد ڪلهوڙو جي زال هئي، اهو ڪوٽ ڪيترن ئي ملين ۾ پکڙيل هو اتي خدا آباد نالي ڪيترن ئي ملين ۾ پکڙيل ان دور جو خوبصورت ۾ جديد عمارتن جو شهر هو، وقت جو ستم ظريفي اسان جي بي حسي ڪري ان تاريخي شهر ۾ ڪوٽ واري ماڳ جي اسان سار سنڀال تہ رهي پر علائقي جي ماڻهن انهن خوبصورت ڪنڊر ٿيل عمارتن کي ڍاهي پٽ ڪيو ۾ اتي زرعي آباد ڪرڻ شروع ڪئي، اسان وٽ تاريخي ماڳن جي وڏيڪ تباهي انگريز دور ۾ پاڪستان ٺهڻ بعد ٿي حالانڪ ان ڳالهه کي محسوس ڪندي اهڙن تاريخي ماڳن مڪانن کي تباهه ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ وفاقي حڪومت آثاري قديم کي قومي ورثو قرار ڏيندي ان جي حفاظت ۾ مرمت لاءِ آثار قديمہ ۾ کاتو قائم ڪيو پر ان جي بجيٽ نہ هئڻ برابر هئڻ ڪري انهن تاريخي ماڳ مڪانن کي بچائي نہ سگهيا اتي صرف هڪ لوهي بورڊ لڳايو ويو تہ هي آثار قديم جي ملڪيت آهي هي کي نقصان پهچائيندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ان جي باوجود سنڌ جي ڪيترن ئي اهڙن تاريخي ماڳن کي علائقي جي ماڻهن ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي اڄ سنڌ جي لاتعداد تاريخي ماڳ مڪانن جو ڪو بہ نشان نہ آهي، صرف تاريخ ۾ انهن جي شاندار ماضي جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو خدا آباد شهر جي ڪنڊرن ۾ ڪلهوڙن، گلان ڪوٽ جو بہ سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي اهڙن ماڳ مڪانن جهڙو ٿي ويو، شهر جو تہ نالو نشان نہ آهي، البت ڪوٽ جو ڪجهه حصو جيڪو 60 فوٽ مس ٿيندو اهو وڃي بچيو آهي ۾ ان ۾ هڪ ڪنگري بہ جري حالت ۾ آهي، ان شاندار ڪوٽ جو اهڃاڻ بنيل اهو ٽڪرو بہ زبون حال ۾ آهي، هي ڪوٽ اتي آباد ڪيل زرعي زمين ۾ پوندڙ برساتن جي ڪري تباهه ٿيو اسان جڏهن 1998ع ۾ اتي ويا هياسين تہ ڪوٽ جو ڪافي حصو موجود هو، اهو ڪوٽ مضبوط ويڪر ۾ 5 فوٽن کان وڌيڪ هو، ڪوٽ جو رهيل ٽڪرو بہ زرعي زمين کي ملندڙ پاڻي جي سيلاب ڪري پري رهيو آهي، شايد چند سالن بعد اهو ٽڪر بہ نہ رهندو ۾ ايندڙ نسل ان ڪوٽ جا

ڪجھ ڪتابن ۽ رسالن ۾ آيل فوٽوءَ ڪيل بيان پڙهي سگهندا، خدا آباد ۾ ميدان جو قبو ۽ چٽ واريون چوڪنڊيون بہ انتهائي زبون قبي حالت ۾ ٿي ويون هيون، آثار قديم ۾ شامل هئڻ جي باوجود سار سنڀال نہ هئڻ ڪري ڀڄي ڀري رهيا هئا. جس آهي مخدوم جميل الزمان جن کي جنهن جڏهن 2009ع واري پ پ حڪومت ۾ ڪيس آثار قديم کاتو ڏنو ويو تہ سندس ڪوشش سان سنڌ حڪومت خدا آباد ۾ ميرن جي زبون حالي قبي ۽ چوڪنڊين جي مرمت ڪري اصلوڪي حالت ۾ آڻڻ لاءِ تقريبن 7 ڪروڙ کان وڌيڪ رقم جو ٽينڊر ڪري ڪم شروع ڪرايو ۽ انهن کي تباھ ٿيڻ کان بچايو ويو ۽ اصلوڪي حالت ۾ آندو ويو، ۽ ان دور جي خستہ مسجد جي بہ مرمت ڪرائي ڪيس تباھ ٿيڻ کان بچايو ويو ۽ اصلوڪي حالت ۾ آندو ويو، مسجد ۾ خدا آباد ويجهو هڪ ڳوٺ جو مولوي رضاڪارانہ طور خدمتون سرانجام ڏئي ٿو مسجد کي آباد ڪرايو ويٺو آهي، خدا آباد ڪڏهن آباد ٿيو ڪنهن ڪرايو تاريخ جي ڪتابن ۾ ڪلهوڙا خاندان جي مختلف حڪمرانن جا نالا ۽ مختلف سن ٻڌايا وڃن ٿا، هر محقق پنهنجا انداز لڳايا آهن، تاريخ تي نظر وجهبي تہ خبر پوي ٿي تہ سمن کان پوءِ سنڌ تي ميان نصير محمد ڪلهوڙو حڪمراني ڪئي، ڪلهوڙن لاءِ اهو ٻڌايو وڃي ٿو تہ هو عباسي آهن ۽ عباسي خاندان جا بہ پائر قائم عباسي ۽ احمد عباسي عربستان مان 259هہ 873ع ڌاري سنڌ ۾ آيا، انهن کي اولاد ٿيو جيڪو وڌيو اها بہ روايت آهي تہ هن خاندان جو هڪ ولي الله محمد ابراهيم حيدرآباد ويجهو ڪلور جبل ۾ مراقبي ۾ ويٺو اتي عبادت ڪئي ان بعد اهو بزرگ ابراهيم ڪلورو جي نالي سان مشهور ٿيو، سندس روحانيت ۽ ڪرامتون سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيون، اهو ڪلور وارو لفظ آهستي بگڙجندي ڪلهوڙو بڻجي ويو، ان ڪري اهو خاندان ڪلهوڙا سڏجڻ لڳو، ان بعد ڪلهوڙا روحاني ڪامل ۽ فقير سڏيا وڃن ٿا، محمد ابراهيم کان پوءِ هن خاندان ۾ پيون بہ روحاني شخصيتون مشهور ٿيون اهو ڪلور وارو لفظ آهستي بگڙجندي ڪلهوڙو بڻجي ويو، ان ڪري اهو خاندان ڪلهوڙا سڏجڻ لڳو، هن خاندان جو ميان آدم خان پهريون شخص هو جنهن سياست ڪئي، ۽ اقتدار جو مزو ورتو، ان کان پوءِ ميان نصير محمد ڪلهوڙو ان کان پوءِ ميان دين محمد ان بعد ميان يار محمد ان بعد ميان نور محمد ان بعد ميان مراداياب ميان عطر ، ميان غلام شاھ، ميان سرفراز





ڪافي سالن تائين سنڌ تي حڪمراني ڪئي، جڏهن تہ ميان محمود خان ميان غلام نبي، ميان صادق علي ميان عبدالنبي، ٿورو ٿورو وقت حڪمراني ڪئي، سندن اعتماد ڀرين مير صاحبن ئي هنن خلاف بغاوت ڪئي ۽ سنڌ مان 1783ع ۾ ڪلهوڙا حڪومت هميشہ لاءِ ختم ٿي وئي ۽ ميرن جي حڪومت شروع ٿي تاريخي ڪتابن ۾ اچي ٿو تہ خدا آباد ميان نور محمد ڪلهوڙو آباد ڪرايو پرسان گلان ڪوٽ ٺهرايو، گلان هڪ ڀڳائڻي لطيف سرڪار وٽ هڪ دفعي دعا لاءِ حاضر ٿي ۽ عقيدت وچان اتي دل سان ڳايو ۽ بعد ۾ پٽ ڏٽي کي عرض ڪيائين تہ سائين دعا ڪريو تہ هن غلط ڏنڊي مان جان ڇڏايان عزت سان سٺي زندگي گذاريان ۽ لطيف سائين جي دعائون ڪيس رنجين ڇڏيو ۽ گلان جي سنڌ جي حڪمران ميان نور محمد ڪلهوڙو سان شادي ٿي ڪيس فرزند ميان غلام شاھ بہ پيدا ٿيو ۽ ميان نور محمد مائي گلان جي رهائش لاءِ عظيم عالشان ڪوٽ ٺهرائي ان اندر خوبصورت رهائشي جايون ۽ باغ باغيچا بہ ٺهرايا، ٻانهين لاءِ ڪواٽر ٺهرايا، ڪجھ روايتون ڪجھ تاريخي ڪتابن ۾ آيل آهن تہ خدا آباد ميان مراداياب ڪن وري سرفراز لاءِ لکيو آهي تہ انهن ٺهرايو، پر گلان جي ڪوٽ مان ثابت آهي تہ هو ميان نور محمد پيار مان ڪيل شادي بعد پنهنجي زال مائي گلان لاءِ شادي کانپوءِ جوڙايو هو، ڪجھ محققن خدا آباد جي آباد ٿيڻ جو سال 1188ع 1774ع ڊسمبر ڄاڻايو آهي تہ ميان سرفراز انهيءَ تاريخ تي خدا آباد کي تخت گاھ بنايو، ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ شهر پهرين آباد هو ۽ تخت گاھ بہ ميان نور محمد ۽ ميان غلام شاھ جي دور ۾ رهيو هجي ۽ بعد ۾ ڪنهن ٻئي شهر ۾ تخت گاھ بڻايو ويو هجي ۽ ميان سرفراز تخت تي ويهڻ بعد وڏن جي آباد ڪيل شهر کي اچي وسايو هجي ۽ اتي تخت گاھ بہ ٺهرايو هجي ۽ شهر کي بہ وڌايو هجي، آثار قديم پاران رکيل چوڪيدار محمد پريل چانديو ڳوٺ جي ڇيڙي تي هڪ اوطاق ڏيکاري جيڪي دڙي تي هئي هن ٻڌايو تہ ڪلهوڙن جو اتي تخت گاھ هو، اها ڳالھ هن پنهنجي وڏن کان ٻڌي هئي، هن خدا آباد ۾ ثاني بہ سڏين ٿا ان مان مظاهرو ٿيو تہ هي ٻيهر آباد ٿيو، جيڪو يقين ميان غلام شاھ ۽ ميان سرفراز آباد ڪيو. آثار قديم جي چوڪيدار ٻڌايو تہ گلان ڪوٽ کان ٿورو پري موجوده ڳوٺ جي اوڀر طرف خوبصورت ماڙيون ٺهيل هيون جيڪي ميرن جون ماڙيون سڏبيون هيون، مير صاحب

ڪلهوڙن جا وفادار، فوج ۾ اهم عهدن ڪان وٺي انتهائي اهم عهدن تي فائيز هئا ۽ جتي به نئون تخت گاهه ٺهرايو ويندو هو اتي مير صاحب به پرسان ئي پنهنجون حويليون ٺهرائي ويهندا هئا.

خدا آباد ثاني ان زماني ۾ واپار، آبادي ۽ خوبصورتي جي لحاظ ڪان حيدرآباد جهڙو ۽ سنڌ ۾ ٺٽي ڪان پوءِ ٻيو نمبر شهر هو، ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي پنهنجي ڪتاب ۾ هن شهر لاءِ لکي ٿو ته 1814ع تائين هي شهر وسندڙ آبادي هئي ان بعد خدا آباد ويران ٿي ويو ۽ هن وقت اهو هڪ قبرستان آهي، سنڌ جي مشهور تاريخدان مولائي شيدائي خدا آباد لاءِ لکي ٿو ته ميان سرفراز خان اباڻي تخت گاهه جي يادگار ۾ ٻيهر تعمير ڪرايو، مير بجار خان جڏهن مکي شريف مان موٽيو ته ان زماني ۾ مير صاحبان هن شهر ۾ رهندا هئا تاريخ ۾ خدا آباد جي ويران ٿيڻ جو سال 1814ع ۾ لکيل آهي مشهور ليکڪ مرزا عباس بيگ هن خدا آباد شهر بابت لکي ٿو ته ميان سرفراز خدا آباد جو نئون شهر ٻڌائي ان کي پنهنجو تخت گاهه بنايو، روايتون آهن ته هن خدا آباد جي ايراضي 7 ميلن ۾ هئي ان حساب سان ته ان وقت سنڌ ۾ هي سڀ ڪان وڏو شهر هو، خدا آباد ويران ۽ تباهه ڇو ٿيو تاريخ خاموش آهي مشهور ليکڪ اشتياق انصاري پنهنجي ڪتاب سنڌ جا ڪوٽ قلعا ۾ هن شهر بابت اقتصادي حوالي سان لکي ٿو ته سنڌ جا گهڻا شهر درياءُ جي وهڪرن جي تبديلي ڪري برباد ٿيا آهن، ان ڦير ڦار ڪري درياهه جي پاڻي ۾ لٽ جمع ٿيڻ شروع ٿي، درياءُ وسندين ڪان پاسيرو وهڻ لڳو، جنهن جي ڪري اهڙيون وسنديون آهستي آهستي دنيا جي نقشي تان مٽجڻ لڳيون، اشتياق انصاري وڌيڪ لکي ٿو ته اتفاق سان ڪي اهڙا شهر گهڻو عرصو درياءُ جي لٽ ۾ دٻجڻ ڪان بچيل رهيا آهن ته به آبپاشي ڪري پوکي نه ٿي سگهي. ساڳئي وقت جانورن جي لاءِ گاهه ٻوٽو نه هئڻ ڪري ماڻهن جون معاشي حالتون خراب ٿي وڃڻ جي ڪري اهڙين ڀريل آبادين ۾ بربادي آئي 17-18 صدي جي وچ ڌاري سنڌو پنهنجو هالن ويجهو پراڻو رخ تبديل ڪرڻ هالن جي آسپاس ۾ لکين ايڪڙ زمين غير آباد ٿي وئي.

هي لکي ٿو ته خدا آباد جي حوالي سان به اهي روايتون آهن ته 1758ع ۾ سنڌو درياءُ پنهنجو وهڪرو بدلايو انهي دور ۾ ڪلهوڙا ۽ ٽالپرن جي لڙائي شروع ٿي وئي ان ۾ قتل عام ٿيو ان ڪري خدا آباد مان ماڻهن جي لڏپلاڻ ڪرڻ ڪري هي شهر ويران ٿي ويو، اشتياق





انصاري 2 سبب ڄاڻان آهن لڙائي وارو سبب ته حقيقت لڳي ٿو. ليڪن ڀهريون ڪارڻ سمجهه ۾ نه آيو ڇاڪاڻ ته سنڌو درياءُ ته ان وقت به خدا آباد ويجهو وهندو هو ۽ هاڻ به ويجهو وهي ٿو، هتي ڪا ٻوڏ به نه آئي جنهن ڪري ماڻهن جي لڏي وڃڻ ڪري هي شهر برباد ۽ ويران ٿي ويو هجي، درياءَ ان دور ۾ به هتان وهندو هو بعد ۾ به وهي ٿو ان ڪري اهو به امڪان نه آهي ته ڪوهتان جون زمينون غير آباد ٿي ويون ۽ معاشي بدحالي جي ڪري ماڻهن لڏيو.سنڌ جي ٻين قديم تاريخن ماڳن وانگر وقت جي حڪمرانن جي لاپرواهي علائقي جي ماڻهن جي بي حسي جي ڪري خدا آباد شهر ۽ گلان جوڪوٽ هاڻ تاريخي ڪتابن ۾ ذڪر ڪرڻ تائين وڃي بچيو آهي، باقين سڀ ڪجهه تباهه ٿي ويو آهي، گلان جو ڪوٽ جو ٿورو حصو باقي وڃي بچيو آهي، گلان ڪير هئي ڪٿان جي هئي ان بابت به تاريخ ۾ ڪا خاص معلومات نه ٿي ملي بس لطيف سائين جي حوالي سان ڪجهه ڪتابن ۾ ذڪر ملي ٿو ان مان ايتري خبر پئي ٿي ته هو ٻانهڻي هئي لطيف سائين جي دعائون سان سندس شادي ميان نور محمد ڪلهوڙو سان ٿي، ميان نور محمد بابت روايتون آهن ته هو شاهه لطيف جو دشمن هوندو هو شاهه سائين کي زهر ڏئي مارڻ جون به سازشون ڪيون ٻين ڀهانن سان به تنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو، ليڪن سندس فرزند ميان غلام شاهه جيڪو پٽ ڏٽي جي دعائون سان ٿيو ۽ ميان غلام شاهه جي لطيف سائين سان وڏي عقيدت هئي، شاهه سائين جي وصال بعد مٿس خوبصورت مزار ۽ اتي مسجد تعمير ڪرائي ۽ اتي اچي لنگر نياز ڪندو هو، گلان جو ذڪر صرف مرزا قليچ بيگ ۽ مولانا دين محمد وفائي جي لطيف سائين بابت لکيل ڪتابن ۾ ملي ٿو اهي اگر ذڪر نه ڪن ها ته شايد مائي گلان بابت ڪا به ڄاڻ نه ملي سگهي ها. ميرن جي قبي وٽ هڪ کوهه به آهي، جو ان زماني جو آهي، مقامي ماڻهو گلان ڪوٽ ۾ هڪ ڪان وڌيڪ کوهن جو ٻڌائين ٿا پر هاڻ اتي زرعي آبادي ٿيڻ ڪري ڪو به نشان نه رهيو آهي، تاريخ ٻڌائي ٿي ته مير صاحبان ڪلهوڙن جا با اعتماد ۽ وفادار ماڻهو هئا، ان ڪري ڪلهوڙن ڪين فوج ۽ انتظامي اهم عهدن تي توڙي خاص صلاحڪار مقرر ڪيو هو پر ميان سرفراز ڪلهوڙو جي دور ۾ راجا ليکي جيڪو ميان صاحب جي ويجهو هو ان سازشن تحت مير بهرام خان ۽ ميان سرفراز جي وچ ۾ غلط بيانين ڪري اختلاف پيدا ڪيا، اهي اختلاف وڌي وڃڻ

ٿيا ۽ نفرتن ۾ تبديل ٿي ويا ۽ اعتماد وارا تعلق دشمني ۾ تبديل ٿي ويا ۽ هنن ۾ جنگ شروع ٿي وئي، ماضي ۾ ويجها رهندڙ هڪ ٻئي جي رت جا پياسي ٿي پيا، تاريخي ڪتابن ۾ لکت موجب، خدا آباد ۾ جڏهن مير بهرام خان جڏهن ڪچهري ۾ آيو تہ ميان سرفراز خان ڪيس ريشمي رومال ۾ ويڙهيل خط ڪيڏي ڏنو تہ هي مير بجار خان جو خط آهي، مير بهرام خان جڏهن اهو خط کولي پڙهڻ لڳو تہ پويان بيٺل ميان سرفراز جو خاص ماڻهو حسين درڙائي تلوار ڪيڏي مير کي قتل ڪيو، اِهو واقعو تاريخ 1189هہ-1775ع ۾ مير بهرام کي خدا آباد ۾ دفن ڪيو ويو، اهو واقعو ٿيندي مير بهرام خان جو پٽ مير صوبدار تلوار ڪڍي دربار ۾ پهتو ۽ وڙهيو ان ۾ مارجي ويو، ان بعد مير بهرام خان جي خاندان وارا ۽ سندن خير خواهہ گڏجي دربار ۾ ويٺل ميان سرفراز تي حملو ڪرڻ لاءِ اتي پهتا، جن جي اڳواڻي مير بهرام خان جو چاچو مير فتح علي خان ڪري رهيو هو، خدا آباد جي قلعي جي چوڪيدار کي قتل ڪري اندر گهڙيا تہ ان ڪان اڳ ميان سرفراز هڪ دري مان نڪري ويو ۽ پچندي سنڌو درياءُ تي پهتو، جتان هڪ ٻيڙي ۾ سوار ٿي حيدرآباد پهتو ۽ مير لشڪر وٺي حيدرآباد قلعي تي ڪاهي آيا ميان سرفراز وٽ لشڪر هو پر هو وڙهڻ جي همٿ نہ ڪري سگهيو ۽ ميرن حيدرآباد قلعو فتح ڪري ميان سرفراز ڪلهوڙو کي قيد ڪيو ۽ ميرن خدا آباد تخت تي بہ قبضو ڪري ورتو ان بعد سنڌ ۾ ٻنهي ڌرين جي گهرو لڙائي شروع ٿي وئي هر طرف مارا ماري هر طرف رت جي ڌپ، بدامني عروج تي پهتي ۽ مرڪزي حڪومت افغان کي مقرر رقم نہ ملڻ ڪري ناراض ٿي پيو، موقعي جو فائدو وٺندي غوث يار خان حڪومت جو پروانو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ لڳو، جيڪي ڪامياب ويون، ڪيس سنڌ حڪومت جو پروانو ملي ويو تہ مير بجار خان ۽ مير عبدالنبي وڏي تعداد ۾ فوج خدا آباد ۾ گڏ ڪري افغانستان مان ايندڙ لشڪر کي سنڌ ۾ اچڻ کان روڪڻ لاءِ روانا ٿيا. تاريخ ۾ اچي ٿو تہ ميرن روهڙي پهچي اتي ٻيڙين جي پل تيار ڪرائي ۽ افغانين ۽ ميرن جي لڙائي شڪارپور ۽ لکي جي وچ تي ٿي، سنڌ جي فوج افغان جي فوج کي تاريخي شڪست ڏني ان ۾ افغاني فوج جو وڏو نقصان ٿيو. ليڪن اوچتو مير بجار خان شهيد ٿيو ويو ۽ اها ڳالهہ مشهور ٿي وئي تہ ان قتل ۾ مير عبدالنبي جو هٿ آهي، اها خبر ٻڌندي مير بجار خان جو پٽ مير عبدالله ڪاهي آيو تہ مير



ورق ورق گلاب

عبدالنبي قلات فرار ٿي ويو ۽ افغان حڪومت کي مدد لاءَ درخواست ڪيائين، جتان مدد خان کي سندس مدد لاءِ فوج جو وڏو لشڪر ڏئي موڪليو ويو انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ مير عبدالله خان ۽ مير فتح علي ٽالپر خدا آباد ۾ فوج کي گڏ ڪيو، جڏهن تہ مير غلام علي ۽ مير سهراب علي بہ فوج جا لشڪر وٺي افغاني فوج سان مقابلو ڪرڻ لاءِ روانا ٿيا اها خبر جڏهن مدد خان کي پئي تہ چالاڪي ڪري صلح جون ڪوششون ڪيون ۽ مير عبدالله کي خط لکيو تہ اوهان بهادر آهيو جيڪي مير عبدالنبي ظلم ڪيا آهن اهي معلوم آهن، اوهان جنگ ڪرڻ بجاءِ پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي وڃو آئون هنن سان گڏ خدا آباد وڃڻ چاهيان ٿو ڇو تہ ميان عبدالنبي وارا چون ٿا تہ اسان جو خدا آباد ۾ وڏو خزانو پوريل آهي، جيڪڏهن اها دولت ملي وئي تہ بهتر نہ تہ بہ هي ماڻهو شاهہ جي نظر ۾ ڪوڙا ثابت ٿيندا، آئون اوهان جي دوستي جو خواهشمند آهيان، ان خط جي جواب ۾ مير عبدالله خط لکي ايلچي هٿان موڪليو تہ اسان مير ۽ اسان جا ساٿي شاهہ جا جانثار آهن پر مان قسم کنيو آهي تہ پلي ڪيترو بہ نقصان ٿئي پلي ڪيتري بہ وڏي فوج جو مقابلو ڪرڻو پوي تہ ڪندس اوهان مون کان قسم نہ ٽوڙايو خدا آباد وڃڻ گهرو ٿا تہ درياءُ رستي هليا وڃو، جڏهن اوهان جي فوج نڪري ويندي تہ منهنجو قسم پورو ٿي ويندو اسان سڀئي اوهان جي خوشنودي لاءِ عمرڪوٽ هليا ويندا سين، اسان جو سڀ ڪجهہ اتي آهي ۽ اتي ئي رهنداسين، اهڙو خط ملڻ بعد مدد خان لشڪر وٺي سنڌو درياءُ رستي خدا آباد پهتو. مدد خان جو لشڪر خدا آباد پهچي ڦرلٽ شروع ڪئي ۽ ماڻهن سان ظلم ڪيا اهڙيون خبرون ٻڌندي مير عبدالله پريشان ۽ پيشمان ٿيو ۽ وفادارن سان گڏ لشڪر وٺي خدا آباد لاءِ روانو ٿيو، ان جي پهچڻ کان اڳ مدد خان واپس موٽي ويو چاڪاڻ تہ اتي ڪو لڪل خزانو نہ هو عبدالغني ڪوڙو ۽ شرارتي ثابت ٿيو، مير عبدالله جڏهن خدا آباد پهتو تہ مير عبدالنبي سندس پيرن تي ڪري معافي ورتي ۽ آئينده اهڙيون حرڪتون نہ ڪرڻ جو قسم کاڌو مير عبدالله رحم دلي ڪري ڪيس معاف ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس خدا آباد جي گادي تي ويهاريو، خدا آباد قبرستان ۾ مير صاحبن جا آخري آرام گاهہ آهن، اتي مير فتح علي خان جي قبي ڪانسواءِ ڪجهہ چوڪنڊيون آهن، ڪجهہ ٿلهن تي بنا ڇت قبرون آهن، مير فتح علي خان جي مقبري مٿان فارسي ۾

هي ڪتبولڳل آهي، ”شب شهادت شاهہ شهيد رحلت ڪرد امير فتح علي خان خديو صاحب عصر بگفت ثابت زوار سال تاريخشن مڪين قصر بهشت و مڪان بهشتي قصرا قبي اندر هڪ ٿلهي تي 5 قبرن آهن جيڪي پٿر سان ٺهيل آهن، پهرين قبر مير غلام علي خان جي آهي، ان تي هي ڪتبو لڳل آهي ”تاريخ وصال جنت نشان مرحوم مير غلام علي خان عليہ رحمت الفران 8 جمادي الاول سنہ 1227 ع“ . ان جي پرسان مير فتح علي خان جي قبر آهي، ان جي قبي تي لکيل آهي ”مير فتح علي خان تاريخ وصال حضرت بند گان جنت نشان عليہ الرحمت والففران 10 محرم الحرام شهادت امام عليہ السلام 1217هہ. ٽئي قبر مير صوبدار خان جي آهي ان تي هڪ ڪتبو لکيل آهي ”وفات يافت حضرت جنت مڪان مير صوبدار خان عليہ الرحمت تاريخ جهار دهم 14 ماهہ رجب 1262هہ. چوٿين قبر تي ڪو بہ نالو نہ آهي صرف 1264هہ لکيل آهي، 5 قبر مير محمد علي خان جي آهي، جنهن جي قبر تي هي آڪريل آهي تہ هن اه القبر مرحوم مير محمد علي خان صاحب ٽالپر وفات او بتاريخ عزه ماهہ رجب 1278هہ مير فتح علي خان جي قبي جي سامهون اوڀر پاسي 3 چوڪنڊيون ٺهيل آهن، پهرين چوڪنڊي ۾ هڪ قبر مير بهرام خان جي آهي ان جي ڪتبي تي تاريخ رحلت مير بهرام عليہ الرحمت ونم 29 مرحم 1242هہ. هڪ قبر تي ڪتبو نہ آهي، ان جي اوڀر طرف چوڪنڊي ۾ بہ 2 قبرون آهن، هڪ تي ڪجهہ بہ لکيل نہ آهي هڪ تي آيت الڪرسي ۽ هي ڪتبو آهي ”رحلت مرحوم مير بجار عليہ الرحمت 1220هہ سامهون اوڀر اتر جي ڪنڊ وٽ هڪ تجر ٺهيل آهي، ان ۾ مائي خيري جيڪا مير فتح علي خان جي امڙ جي قبي جي ڏکڻ طرف پارڪ ۾ پڪي قبر آهي. جيڪا خبر نہ آهي ڪنهن جي آهي.قبي جي پويان هڪ ٿلهي تي قبرون آهن، ان جي سامهون هڪ ننڍي ٿلهي تي قبرون آهن، جڏهن تہ مسجد ويجهو ٻن چتين واريون چوڪنڊيون آهن، هن قبرستان ۾ ولي الله جون مزارون بہ آهن، اهي ڪٿان آيا ڪهڙي دور جو آهي، ڪٿان آيو، انهن جو حسب نسب ڪهڙو آهي، انهن جي سوانح حياتي بابت ڪجهہ بہ معلوم نہ آهي، ان قبرستان ۾ چٽي نما چوڪينديو ۽ هڪ ۾ مير صوبدار خان ۽ مير بهرام ثاني ان ڪان ٿورو پري چتري واري ٻي چوڪنڊي ۾ مير تاج محمد پرسان جون مزارون آهن. ميرن جون ماڙيون ٺهيل هيون، جيڪي هاڻ نہ رهيون آهن، اتي





نئون ڳوٺ آباد آهي.

”هي مضمون علائقي جي وڏڙن جي زباني ۽ هنن ڪتابن جي مدد سان تيار ڪيو ويو آهي، تاريخ سنڌ، غلام رسول مهر، ڪلهوڙن جا تحت گاهہ، غلام محمد لاکو، لطف الطيف حورانہ دين محمد وفائي، ٽالپرن جي مختصر تاريخ رحيم داد مولائي شيدائي، خدا يار جاني ميان سرفراز خان عباسي مرزا عباس بيگ، ”احوال شاهہ لطيف“ مرزا قليچ بيگ“ سنڌ جا ڪوٽ قلعا، اشتياق انصاري، سنڌ جو شاهہ نامون مير محمد حسين علي خان، هالا جا رنگ هزار، حبيب سنائي، خدا داد خان تاريخ سنڌ ”ايڊٽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، تاريخ سنڌ ”اعجاز الحق قد ونسي“ رجرڊ برٽن جي ڪتابن جو ترجمو ”سنڌ ۾ سنڌو ماٿري ۽ وسندڙ قومون، سنڌيڪار حنيف صديقي.“

## مير چاڪر خان جو ڪوٽ ۽ مير شهداد خان جا قبا

سانگهڙ ضلعي ۾ ڪيترائي تاريخي ماڳ مڪان آهن جيڪي محڪمہ آثار قديم جي لاپرواهي ۽ علائقي جي ماڻهن جي بي حسي ڪري ميسارجي ويا آهن، ڪيترائي ميسارجي رهيا آهن، سانگهڙ ضلعي ۾ ڪيترائي ڪوٽ قلعا تباهہ ٿيل شهرن جا آثار ختم ٿي ويا آهن.انهن مان شهدادپور تعلقي ۾ شاهپور چاڪر ويجهو مير چاڪر خان جو ڪوٽ ۽ مير شهداد خان جا قبا بہ شامل آهن، چاڪر خان جي ڪوٽ جا تہ آثار ئي ختم ٿي ويا آهن،اهو ڪوٽ جيڪو تقريبن 5 ايڪڙن ڪان وڌيڪ ايراضي تي هو اهو پاڪستان ٺهڻ بعد روينيو ڪاتي وارن غير قانوني طور هندستان مان آيل هڪ مهاجر کي ڏيئي ڇڏيو، جنهن آهستي آهستي ڪوٽ ڊاهي اتي فصل پوکڻ شروع ڪيو، ان ڪوٽ جا آثار تقريبن 1960 ع تائين موجود ڊڏايا وچن ٿا، مشهور محقق نبي بخش خان بلوچ خود وچي ڏٺو ۽ ڊاڪٽر صاحب وري هن ڪوٽ کي گنياٽ جو قلعو سڏيو آهي. 1960 ع ڪانپوءِ غير قانوني طور ڪٽت ڪٽندڙ ڪوٽ کي ڊاهي مڪمل طور زرعي آبادي هيٺ آڻي ڇڏيو ۽ هاڻ تہ هن تاريخي ڪوٽ جو نالو وچي رهيو آهي. مير چاڪر خان مير شهداد خان ٽالپر جو فرزند هو. مير شهداد خان شهدادپور شهر جو اڏيندڙ هو، پاڻ سنڌ جي حڪمران ميان يار محمد ڪلهوڙو جو با اعتماد ۽ ويجهو ساٿي هو، ميان نور محمد ڪلهوڙو جي دور ۾ فوج جو سپهہ سالار رهيو.ڪيترن ئي

جنگين ۾ حصو ورتو ۽ فتح حاصل ڪئي، روايتون آهن تہ شهدادپور ۾ پهرين هڪ ڳوٺ هو جنهن جو علي آباد نالو ٻڌايو وڃي ٿو، مير شهداد خان ان کي وڏايو ۽ شهدادپور نالو رکيو، چاڪر خان جو ڪوٽ ۽ شهداد خان جا قبا تقريبن 3 ڪلوميٽر ڪان وڌيڪ فاصلي تي آهن، چاڪر خان جو ڪوٽ شاهپور چاڪر جي ڏکڻ طرف تقريبن اڌ ڪلوميٽر مفاصلي تي هو، تاريخ ڪلهوڙا ۾ لکيل آهي تہ شاهپور چاڪر ميان غلام شاهہ آباد ڪرايو هو جيڪو چاڪر خان ڪوٽ جي ويجهو هو، اتي واري جا دڙا هئا جتان هوا لڳڻ تي واري اڏامي گهرن، اوطاقن، دڪانن ۾ ايندي هئي، ان ڪري بعد ۾ غلام شاهہ نئون شاهپور چاڪر اڏايو.هن وقت پراڻو شاهپور چاڪر ۽ نئون شاهپور چاڪر هڪ ٿي ويو آهي، ڪجهہ تاريخي ڪتابن ۾ آيو آهي تہ شاهپور چاڪر 1739ع صدي ۾ قائم ٿيو آهي، اهي بہ روايتون آهن تہ شاهپور چاڪر پراڻو ميان غلام شاهہ جي وقت ۾ وجود ۾ آيو، ليڪن ان جو بنياد غلام شاهہ نہ پر مير چاڪر خان وڌو ۽ ان جي پويان ان جو نالو شاهپور چاڪر پئجي ويو. اهي بہ روايتون آهن تہ مير شهداد خان 1739ع ۾ شهدادپور شهر جو بنياد وڌو ساڳي سال 1739ع ۾ سندس فرزند مير چاڪر خان ٽالپر شاهپور چاڪر جو بنياد وڌو، چيو وڃي ٿو تہ پراڻي شاهپور چاڪر کان اڳ اتي ننڍڙو ڳوٺ آباد هو، چاڪر خان جو ڪوٽ بابت روايتون آهن تہ پراڻي شاهپور چاڪر ويجهو چاڪر خان ٽالپر ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو جي رهائش لاءِ اتي شاندار ڪوٽ ٺهرائي اندر ان وقت جي حساب سان رهائش لاءِ خوبصورت جڳهيون ٺهرايون. اتي واري جون ڀون هيون، ان ڪري ميان غلام شاهہ ڪجهہ وقت تہ ان ڪوٽ ۾ جيئن تيئن گذاريو، پر واري مان تنگ ٿي موجوده نئين شاهپور چاڪر شهر جو بنياد وڌو ۽ اتي چاڪر خان پنهنجون رهائش گاهون ٺهرايون، اهو شاهپور چاڪر شهر ۾ ڪٿي هو.ڪيترو وڏو هو، ان ۾ ميان صاحب ڪيترو وقت رهيو خبر نہ پئجي سگهي آهي.ميان صاحب جي چاڪر ڪوٽ مان وڃڻ بعد ان ۾ مير چاڪر خان جو خاندان رهائش پذير ٿيو، ڪوٽ ۾ فوج جو وڏو تعداد بہ رهندو هو، جڏهن بہ جنگ لڳندي هئي تہ مير صاحب هتان فوج کي روانو ڪندو هو، هي ڪوٽ اوڏڪي مٽي جو ٺهيل هو، ڪوٽ ۾ ان دور جي حساب سان مضبوط رهائشي جايون جديد انداز ۾ ٺاهيون ويون هيون، دفاعي لحاظ کان بہ فل پروف هو.ڪوٽ جي چوڌاري دفاعي ديوار





جو بنياد 20 فوٽ ويڪرو هو، علائقي جي وڏي عمر جي ماڻهن جن هي ڪوٽ اڪين سان ڏٺو انهن پنهنجي پوئرن کي ٻڌايو تہ ڪوٽ ايترو تہ ويڪرو هو جو ان دور ۾ پهريدار گهوڙن تي چڙهي چونڪي ڏيندا هئا، ديوار ڊگهي 16 فوٽ ڪن هئي، سنڌ جا ڪوٽ قلعا جي لکيڪ مشهور محقق اشتياق انصاري پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ چاڪر ڪوٽ جي چئن ڪنڊن تي اتر ڏکڻ واريون ديوارون جيڪي ڊگهيون هيون اتي مورچا ٺهيل هئا، ڪل 7 برج"مورچا" هئا، انهن تي چڙهڻ لاءِ ڪوٽ اندران ڏاڪڻيون ٺهيل هيون. مارا چوديواري ڪان ٻاهر نڪتل هئا، اتي توبون رکڻ جا نشان بہ هئا. ڪوٽ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ 2 دروازا هئا. سانگهڙ ضلعي جي قديم ماڳ مڪانن تي تحقيق ڪندڙ پروفيسر محمد خان ٻرڙو ٻڌائي ٿو تہ، ڪوٽ اندر ڪنڊي جو وڏو وڻ بہ هو، جتي مير صاحب ڏوهارين ۽ باغين کي ٽنگي ڦاهي ڏيندا هئا. سندس چوڻ آهي تہ اتي ڪچيون پڪيون جڳهيون هيون، شاهپور چاڪر جو سينيئر صحافي اڪبر شر، جنهن اهو ڪوٽ اکين سان ڏٺو هو اهو ٻڌائي ٿو تہ، ٽالپرن جي هتان لڏڻ بعد هي ڪوٽ هندن وٽ رهيو، جن مساڻ ۽ ڪجهہ جڳهيون بہ ٺهرايون.اتي هندن مندر بہ ٺهرايو هو، جيڪو بعد ۾ ڊهي ويو، يا ڊاٺو ويو، ان مندر جي گواهي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ بہ ڏني آهي، ڊاڪٽر صاحب 1960ع ۾ اهو ڪوٽ ۽ مندر اکين سان ڏٺو ۽ اتي تحقيق ڪئي، مشهور محقق مرحوم عبدالله ورياهہ هڪ دفعي ان ڪوٽ بابت ڪچهري ڪندي ٻڌايو تہ، چاڪر قلعي پرسان 3 وڏا واهہ روڻو واهہ، عالي واهہ، يارو واهہ وهندا هئا، جيڪي سنڌو درياهہ مان نڪرندڙ داد واهہ مان نڪرندا هئا.صرف 6 مهينا وهندا هئا ان تي علائقي ۾ زرعي آبادي ٿيندي هئي، پروفيسر محمد خان ٻرڙو ٻڌائي ٿو تہ روايتون آهن تہ ڪوٽ جي آسپاس ۾ ڪيتريون ئي خوبصورت ڍنڍون بہ هونديون هيون، انگريز دور ۾ انگريز سياح اتي تفريح لاءِ ايندا هئا. ليڪن هاڻ تہ چاڪر خان ڪوٽ وانگر انهن خوبصورت ڍنڍن جو بہ ڪو وجود نہ آهي. هاڻ صرف تاريخ ڪتابن ۾ انهن بابت پڙهجي ٿو، روايتون آهن تہ ڪلهوڙا دور ۾ شاهپور چاڪر سنڌ جي راڄ ڌاني جو هند رهيو آهي. اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ ڪلهوڙا ۽ ٽالپر حڪمرانن جا جيڪي تخت گاهہ رهيا آهن اتي هنن سندن ۽ مٺ مائٽن وفادار ماڻهن لاءِ قبرستان بہ ٺهرايا آهن، شاهپور چاڪر ويجهو تقريبن 4 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي مير شهداد

خان جا قبا آهن، جيڪو ماضي ۾ 10 ايڪڙن تي پکڙيل هو. جيڪو ماضي ۾ 10 ايڪڙن تي پڌايو وڃي پيو، اهو هاڻ باقي وڃي بچيو آهي جتي فصل پوکيو وڃي ٿو، هنن تاريخي قبن ويجهو زرعي فصل پوکڻ ڪري سم ڪلر تيزي سان وڏي تاريخي قبرستان ۾ وقت جي حڪمرانن ۽ اعليٰ شخصيتن جي مزارن کي نقصان پهچائي رهي آهي.1997ع ۾ مشهور محقق اشتياق انصاري تحقيق لاءِ جڏهن اتي پهتو ته ڪوٽ جا آثار موجود هئا پر ڪوٽ اندر زمين تي آبادي ٿيل هئي،هن ڪوٽ جي بچيل حصي جا فوٽو به ڪڍيا هئا. وري هو 2009ع ۾ اتي ويو ته کيس اهو ڏسي ڏک ٿيو ته ان وقت ڪوٽ جي رهيل حصي کي ڊاهي پٽ ڪري اتي گهر ٺاهيا پئي ويا ۽ زرعي آبادي ڪئي وئي ۽ ڪوٽ مان ماڻهو مٽي ڪڍي وڃي رهيا هئا ۽ هاڻ ان تاريخي ڪوٽ جو ڪو نالو نشان نه بچو آهي، شاهپور چاڪر جا ساڃاهه وند ٻڌائين ٿا ته ڪوٽ اندر انساني ڍانچا به نڪتا، ڪوٽ واري زمين غير قانوني طور هندستان کان آيل هڪ مهاجر کي ليز ڪري ڏني وئي.جنهن ان ڪوٽ جو نالو نشان به نه ڇڏيو، ان جو ذميوار ان وقت جا روينيو آفيسر ۽ شاهپور چاڪر جون خاموش رهندڙ ساڃاهه وند ڌريون ۽ غير قانوني طور زمين ليز ڪرائي ڪوٽ کي ڊاهي پٽ ڪندڙ مهاجر آهي. شهداد جي قبن واري قبرستان ۾ هڪ پراڻي زماني جي اڌايل مسجد به اهي جيڪا زبون حالي ۾ آهي.قبرستان اندر ڪجهه دڙا به ملن ٿا ان مان لڳي ٿو ته ماضي ۾ جڏهن هي قبرستان نه هو تڏهن شايد هتي ڪا انساني آبادي هئي، مير شهداد خان جو آخري آرام گاهه سندس پاران ٺهرايل مسجد جي پوين اولهه ۾آهي، جيڪا چوڪنڊي وانگر ٺهيل آهي. قبر تي لڳل ڪتبو ۾ اهو الغفور اين تربت مرحوم مير شهداد خان ٽالپر بن ڄام ننده فقير ٽالپر تاريخ توز دهم سن 2010ع رمضان ”وفات ياخث“ سندس سيراندي کان الحي القيوم، افضل الذڪر ڪري لاالله الا الله محمد رسول الله يا محمد يا محمد يا محمد سلام قول من رب رحم لکيل آهي.ويجهو ئي سندس والد بزرگوار مير نصير محمد ڄام ننڍي جي مزار آهي، سندس آخري آرام گاهه تي آيت الڪرسي ميان نصير محمد ڄام ننده بن فيروز فقير ٽالپر لکيل آهي. ان جي ويجهو هڪ عورت جي قبر آهي، جنهن تي ميان نصير محمد مائي حوا بنت مير چاڪر خان لکيل آهي. ٽالپر جو آخري دور ۾ شهيد عبدالله شاهه ٽڳيو فقير ميان نصير محمد، مراد فقير جا آخري آرام گاهه پڻ آهن، شهيد عبدالله شاهه شهيد





ميرن جي دور جو وڏو بزرگ ۽ عالم هو. ميرن جي ساڻس وڏي عقيدت هئي. هو ڪيئن شهيد ٿيو معلوم نه ٿي سگهيو آهي. هن تاريخي قبرستان جي آثار قديم پاران سار سنڀال نه لهڻ ڪري تيزي سان تباهه ٿي رهيو آهي. هن تاريخي قبرستان کي بچائڻ لاءِ آثار قديمه پاران فوري طور نوٽيس نه ورتو ويو ته چاڪر ڪوٽ وانگر به ميسارجي ويندو.

## حيدرآباد جو پڪو قلعو

سنڌ جي ٻئي نمبر وڏي شهر حيدرآباد جي سڃاڻپ بنيل پڪو قلعو تباهه ٿي رهيو آهي. ان کي هنگامي بنيادن تي بچائڻ لاءِ اپاءُ نه ورتا ويا ته هي تاريخي قلعو مڪمل طور تباهه ۽ برباد ٿي ويندو نيرون ڪوٽ جو قلعو جو بعد ۾ حيدرآباد جو قلعو نالي سان مشهور ٿيو آهي. روايتون آهن ته هي نيرو نالي هڪ هندو ٻڌايو هو. اهي به روايتون آهن ته هي قلعو جبل جي جنهن ٽڪر تي آهي. اهو نيرون ٽڪر آهي ان ڪري هي قلعو نيرون ڪوٽ قلعو جي نالي سان مشهور ٿيو. هي قلعو ڪڏهن ٺهيو ان بابت به ڪئين روايتون آهن پر پڪي ثابتي نه ملي سگهي آهي. خيال آهي ته هي قلعو 600ع ڌاري ٺهيو هو. هي قلعو ماضي کان ميرن جي حڪومت تائين فوجي اهميت جو حامل رهندو آيو آهي. تاريخ ۾ اچي ٿو ته راءِ گهراڻي جي حڪومت ۾ راجا ڏاهر جو پٽ جئسينه پڻ مختلف وقتن تي هتي اچي رهيو آهي. محمد بن قاسم ديبل فتح ڪرڻ کانپوءِ جڏهن موجوده حيدرآباد واري علائقي ۾ پهتو ته ان وقت حيدرآباد ننڍي وستي هئي. تاريخي حوالن موجب نيرون قلعو ٻڌڙم جي پوئلڳن جي بستي هئي. هتان جي حاڪم جو نالو ڀهندرڪو هو. هن حاڪم عراق جي گورنر حجاج بن يوسف سان ٺاهه جو معاهدو ٿيل هو. ان ڪري محمد بن قاسم هن قلعي تي حملو نه ڪيو. ۽ محمد بن قاسم لاءِ قلعي جا دروازا کوليا ويا سندس شاندار استقبال ڪيو ويو. محمد بن قاسم پنهنجي سردارن سان گڏ قلعي جو دورو ڪيو ۽ اندر هڪ مسجد جي تعمير جو حڪم ڏنائين. 800ع کان 1600ع ۽ 1700ع ۾ ارغونن ترخانن، مغلن جي دور جو مختصر احوال تاريخ ۾ درج ٿيل آهي. مرزا محمد باقي نيرون ڪوٽ وارو علائقو مرزا محمد ترخان ۽ قاسم علي سلطان جي حوالي ڪيو. تحفة الڪرام ۾ آهي ته مرزا غازي بيگ جي دور ۾ ٺٽي جي نواب خسرو خان جو ڏوهٽو نيرون ڪوٽ جو حاڪم رهيو. اها به روايت آهي ته خواجه عبيدالله احرار جي اولاد مان خواجه ڪمال الدين جو

ارغونن سان گڏ آيو ۽ اچي ٺٽو ۾ رهيو ان جو پوٽو خواجہ امير ابوتراب اتي ئي وصال ڪيائين اتي ئي دفن ٿيو. 1800 ع ۾ ڪلهوڙا دور ۾ غلام شاھ ڪلهوڙو نيرون ڪوٽ واري هنڌ نئون قلعو جوڙايو ڇاڪاڻ تہ پراڻو قلعو زبون حالي ٿي ويو هو، روايتون آهن تہ مير ايوب تراب ڪان پوءِ ڪو حڪمران يا ڪو نواب ڪو سردار هن قلعي ۾ نہ رهيو هو. غلام شاھ جي حڪم تي 1789 ع جنوري، بمطابق 1182ھ ذوالفقده مهيني ۾ نيرون ڪوٽ قلعي جي هنڌ نئون قلعو ٻڌائڻ جو فيصلو ٿيو مشهور مورخ مير علي شير قانع پنهنجي ڪتاب تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو تہ ”مهيني ذوالقعده سنہ 1182ھ ۾ نيرون ڪوٽ سرزمين تي هڪ مضبوط جبل آهي. تختگاھ بنائڻ جي تجويز ٿي چڪي آهي. ٻن مهينن ۾ اهو قلعو هنگامي حالتن ۾ ٺهي راس ٿيو ۽ ان قلعي ۽ شهر جو نالو حيدرآباد رکيو ويو ۽ اتي جيڪو نئون شهر ٻڌايو ويو ان بابت روايتون آهن تہ اهو شهر موجوده شاهي بازار، طاهر بازار وارو علائقو هو.

غلام شاھ جي وصال بعد سندس پٽ ميان سرفراز پنهنجي گادي جو هنڌ هالا وٽ خدا آباد کي بنايو. ميرن سان ڪيل جنگ ۾ ميان عبدالنبي ميان سرفراز، ميان عطر خان ۽ ٻين کي گرفتار ڪري هن قلعي ۾ قيد ڪيو ويو. ۽ قيد خاني ۾ ئي قتل ڪرايو ويو. ميرن جي حڪومت ۾ بہ ڪجھ وقت سندن تخت گاھ خدا آباد رهيو. بعد ۾ فاتح سنڌ مير فتح علي خان 1789 ع ۾ خدا آباد کي ڇڏي هن قلعي ۾ اچي رهيو. ۽ حيدرآباد کي وسيع ڪيو ترقي ڏني. انگريز جي قبضي بعد هن تاريخي قلعي جو زوال شروع ٿيو. پاڪستان ٺهڻ بعد. ڀارت مان آيل مهاجر پائرن غير قانوني طور هن تاريخي قلعي ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ تاريخي يادگارن کي ڊاهي ان مان سرون ڪڍي وڏي تعداد ۾ گهر ۽ دوڪان ٺاهيا اهڙو عمل آثارِ قديمہ جي قانون جي ابتڙ آهي. ملڪ جي ڪنهن بہ صوبي ۾ اهڙو عمل نہ ٿيو تہ اتان جي تاريخي ڪوٽن قلعن اندر گهر ٺاهيا وڃن ۽ تاريخي يادگارن کي ڊاهي پٽ ڪري سرون ڪڍي اتي وڏي تعداد ۾ جڳهيون ٺاهيون وڃن جڏهن تہ ان قلعي مان ڪيتريون ئي نادر شيون ڪڇي ويون آهن. پاڪستان ٺهڻ کان هن وقت تائين حيدرآباد پڪي قلعي جي آثار قديم پاران سار سنڀال نہ لهڻ ڪري ڪابہ مرمت نہ ٿيڻ ڪري قلعي اندر رهائشي گهرن مان نڪرندڙ گٽر جي پاڻي ڪيترن ئي هنڌن تان قلعي جي ديوارن ۾ وهڻ ڪري ديوارن ۾ ڏار





پئجي ويا آهن قلعي جي مضبوط ديوار هنڌان هنڌان ڀري رهي آهي. قلعي جا حصا آهستي آهستي ڪري رهيا آهن. قلعي کي ائين تباھ ڪرڻ ۾ قلعي اندر رهندڙ ماڻهن جو وڏو هٿ آهي. پاڪستان ٺهڻ بعد 1947 ع ۾ هندستان مان آيل مهاجر پائرن کي آباد ڪرڻ لاءِ جوڙيل اداري سيٽلمنٽ وارن سنڌ جي هن تاريخي ثقافتي ورثي کي تباھ ڪرڻ لاءِ حيدرآباد جي هن تاريخي قلعي ۾ ماضي جي حڪمرانن جي رهائش گاھ. سندن حويلين، سندن فوجي سالارن، فوجين، نوڪرن لاءِ ٺاهيل گهرن ۽ گهوڙن لاءِ ٺاهيل جاين کي بہ الاٽ ڪري ڏنو. جيڪو قانوني اخلاقي طور غلط هو ۽ آهي غير قانوني عمل هو ۽ آهي ۽ هن تاريخي قلعي جو زوال اتان شروع ٿيو. ماضي ۾ ملڪ جا آثار قديم وفاقي حڪومت وٽ رهيا آهن ۽ وفاقي حڪومت آثار قديمہ کي بچائڻ لاءِ ڪي بہ اپاءُ نہ ورتا آهن. وفاقي حڪومت پاران سڀ کان وڏيڪ رقم پنجاب جي آثار قديمہ لاءِ رکي ويندي آهي، باقي صوبن خاص طور سنڌ جي تاريخي ماڳ مڪانن کي بچائڻ لاءِ ڪي بہ قدم نہ کنيا ويا آهن جنهن ڪري سنڌ جي تاريخ، تهذيب، تمدن جي عڪاسي ڪندڙ آثار متجي رهيا آهن ڪيترائي متجي ويا آهن. ڪيترائي تاريخي دڙا آثارن کي لينڊ مافيہ کي غير قانوني طور الاٽ ڪرائي ڇڏيا آهن.سابقہ پ پ پ حڪومت جو اهو هڪ ڪارنامو آهي تہ ملڪ جي اهڙن ڪوٽن، قلعن، تاريخي ماڳن کي بچائڻ انهن کي اصولوڪي حالت ۾ آڻڻ لاءِ آثارِ قديمہ هر صوبي جي ثقافت کاتي جي حوالي ڪيا آهن. ليڪن فنڊ نہ هئڻ ڪري اهڙن ماڳن مڪانن جي سروي ڪئي وئي آهي پر سروي وارن کان 51 کان وڏيڪ اهڙا ماڳ مڪان سروي کان رهجي ويا آهن. ليڪن مسئلو تہ جتي هو اتي آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي تاريخي ماڳ مڪانن کي بچائڻ لاءِ خصوصي فنڊ نہ ڏنا ويا آهن.فنڊ نہ ملڻ جي ڪري حيدرآباد جو پڪو قلعو کي بچائڻ ۽ ان کي ساڳي حالت ۾ آڻڻ ناممڪن آهي. ڇاڪاڻ تہ جيسين پڪو قلعو ۾ رهندڙن کي اتان ڪڍي ڪين متبادل رهائش ڏني وڃي. حيدرآباد جي پڪي قلعي جي تباهي ۽ هن کي فوري طور وڏيڪ نقصان پهچڻ کان بچائڻ لاءِ ثقافت کاتي جي سابقہ وزير ميڊم سسئي پليجو مئي 2010 ع ۾ سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ دانهون ڪيون تہ پڪي قلعي کي تباھ ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ قلعي اندر رهندڙن کي اتان ڪڍي انهن لاءِ رهائش جو جوڳو انتظام ڪيو وڃي.

قلعي جي بنا دير مرمت ڪرائي وڃي ۽ پاڪستان جي تاريخ ۾ هي پهريون ڀيرو هو جو ثقافت کاتي جي ڪنهن وزير اهڙي جرئت ڪئي. ليڪن ثقافت کاتي جي وزير سسئي پليجو جو هي آواز اسيمبلي جي فائيلن ۾ دٻجي ويو. اسيمبلي ۾ اٿاريل سندس هن آواز کي ڪئين سال گذري ويا آهن، يعني پ پ پ حڪومت ختم ٿيڻ تائين نه ته قلعي ۾ رهندڙن کي انساني همدردي تحت متبادل رهائش جو انتظام ڪيو ويو نه وري قلعي کي بچائڻ لاءِ ڪو هنگامي فنڊ رکي ماسٽر پلان جوڙيو ويو. ۽ هن وقت تائين ائين نه ڪيو ويو آهي، ثقافت کاتي جي موجوده وزير سيد سردار علي شاهه به پڪي قلعي مان رهائشي جايون ختم ڪري قلعي کي بحال ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي، سوال اهو ٿو اڀري ته ڇا هن قلعي کي انهي حال ۾ ڇڏيو ويندو؟؟ جيڪڏهن هن تاريخي قلعي کي بچائڻ لاءِ فوري طور ڪجهه نه ڪيو ويو ته هاڻ هي مڪمل تباهه برباد ٿي ويندو.

اسان کي يقين هو ته سسئي پليجو جي هن قلعي بابت اٿاريل آواز کي سنڌ جا علمي، ادبي، ثقافتي، سياسي، سماجي حلقا سگهارو بنائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا. اسان کي اها به اميد هئي ته متحده قومي مومينٽ وارا جن جو هر اقتدار ۾ شيئر رهيو، اهي به سنڌ جي هن قديم قلعي کي بچائڻ لاءِ سسئي پليجو جي ان موقوف جي حمايت ڪندا ۽ متحده جي اڳواڻن کان وٺي عام ڪارڪن تائين حيدرآباد جي سڃاڻپ واري هن قلعي کي بچائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪندا، ليڪن ائين نه ٿيو. اسين حڪمرانن کي گذارش ڪنداسين ته حيدرآباد جي قلعي کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي اتي غير قانوني طور رهندڙن کي انساني همدردي تحت متبادل رهائش ڏني وڃي ۽ هن قلعي کي اصلوڪي حالت ۾ آڻڻ لاءِ ماسٽر پلان جوڙي وڃي ۽ لاهور جي شاهي قلعي وانگر اهڙي انداز ۾ مرمت ڪرائي وڃي جو هن قلعي جي اصلوڪي سونهن برقرار رهي سگهي.

حواله: (روزانه عبرت تان ورتل)
سنڌ جي فتح ڪرنل آئوترام
ميرن جي دربار
سنڌ جا ڪوٽ قلعه.





## عشق جو لازوال داستان: سهڻي ميهار جا ماڳ مڪان

ڀلاري ڀٽ ڌڻي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جا لازوال عشقيه داستان سهڻي ميهار جون مزارون سنڌ جي تاريخي شهر شهدادپور ۾ آهن. سهڻي جي مزار شهدادپور شاهپورچاڪر روڊ تي ايڊيشنل سيشن جج شهدادپور جي ڪورٽ سامهون ويندڙ گهٽي ۾ آهي. هي علائقو سهڻي پاڙو سڏجي ٿو، محبتي ميهار جي مزار ڊيپٽي گلي ويجهو، سيد الهه اوڀايو شاهه جي پاڙي ۾ هڪ بند گهٽي ۾ آهي. سهڻي جي مزار جي ته ساڄاهه وند ڏرين کي ڄاڻ آهي پر محبتي ميهار جي مزار بابت ٻاهر جي ته تمام گهڻ ماڻهن کي خبر آهي پر شهدادپور جي شهر جي 60 سيڪڙو ماڻهن خاص طور نوجوان نسل کي خبر نه آهي ته مزار ڪٿي آهي. 1980ع کان اڳ سنڌ جي ڪجهه اديبن ۽ ساڄاهه وند ڏرين ڪانسواءِ باقي ماڻهن جي ذهن ۾ اهو هو ته سهڻي ميهار گجرات جا آهن. ليڪن 1980ع ڌاري سنڌ جي تاريخدانن، ليکڪن خاص طور لطيف جي رسالي جي پارکن تحقيقات ڪري اهو ثابت ڪيو ته لطيف سائين جي رسالي ۾ آيل سهڻي ميهار گجرات "پنجاب" جا نه پر سنڌ جا آهي ۽ عشق محبت جا ٻئي لازوال ڪردار شهدادپور ۾ مدفون آهن. ان حوالي سان پروفيسر محمد خان پرڙو، مرحوم عبدالله ورياهه ۽ ٻين ليکڪن جي ڪيل تحقيق قابل تعريف آهي. جڏهن ته پهريون دفعو 1981ع ڌاري ان وقت جي اسسٽنٽ ڪمشنر محمد ايوب ٻانيڻ ساڄاهه وند ڏرين سان گڏ سهڻي ميهار تي ميلو لڳرايو. ٽي روزه ميلي ۾ ملاڪڙو، سگهڙن جي ڪچهري، ادبي ڪانفرنس، مشاعرو، راڳ رهاڻ جي محفل ڪانسواءِ ماڻهن جي تفريح لاءِ مناني، مينارڪي، راند يڪن جا دڪان، هوٽل ۽ شو لائين لڳايو ويو. ادبي ڪانفرنس مشاعري ۾ مشهور اديب، شاعرن سهڻي ميهار تي تحقيقي مقالا پڙهيا. ميلي جي ميڊيا ڪوريج بعد سنڌ جي عام ماڻهن جي ذهن ۾ سوال اڀريو ته سهڻي ميهار گجرات "پنجاب" جا آهن؟ يا شهدادپور سنڌ جا؟ ۽ سهڻي ميهار تي سڄي سنڌ مان ساڄاهه وند ڏريون، ادب ثقافت سان دلچسپي رکندڙ ماڻهو هتي سندن مزارن تي اچڻ لڳا. محمد ايوب ٻانيڻ هڪ به ميلا ڪرايا بعد ۾ ميلا نه لڳايا، وري اسسٽنٽ ڪمشنر شهدادپور حاجي محمد ابراهيم ميمڻ ميلو لڳرايو، ان بعد اسسٽنٽ ڪمشنر محمد عثمان منگي به ميلو لڳرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ميلو نه لڳرائي

سگھيو ۽ هن سهڻي ميهار ادبي ثقافتي پروگرام نالي تي هڪ شاندار پروگرام ڪرايو، ان بعد سهڻي ميهار تي نہ ميلو لڳو نہ ڪو پروگرام ٿيو. پنجاب جي شهر گجرات واري سوهني، ميهوال جو قصو ڪهاڻي الڳ آهي، جنهن کي پنجاب جي ڪيترن ئي شاعرن ڳايو آهي، ليڪن لطيف جي رسالي ۾ آيل ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي آڳاٽي زماني جي شاعرن ڳايو آهي، اهي ڪردار سنڌ جي شهدادپور واري علائقي جا آهن. پنجاب جي سوهني مهينوال جو قصو سنڌ جي سهڻي ميهار جي قصي جي تقريبن هڪجهڙائي آهي، ليڪن ٻنهي جي ماڳ مڪانن ۾ فرق آهي ۽ قصي ۾ بہ ٿورو فرق آهي. پنجاب جي گجرات شهرواري سوهني مهيوال چناب درياءَ ۾ ٻڏي هئي، سنڌ واري سهڻي ميهار سنڌو درياءَ جنهن ڪي مهراڻ بہ سڏيو وڃي ٿو، ان مان نڪرندڙ لهاڻو جنهن کي سنڌو دريا جي ڦاٽ بہ چيو ويندو هو ان ۾ ٻڏي هئي، ان جي شاهدي ڀلاري ڀٽ ڌڻي پنهنجي رسالي ۾ هن ريت بہ ڏني آهي:

گهڙيا سي چڙهيا ائين اٿئي،
مئي مٿي مهراڻ ۾ پئو ٽپو ڏئي،
تہ ميهار ملئي، سنپورو سڻاءُ سين.

هي لوهاڻو درياءَ سڪرنڊ وٽان سنڌو درياءَ مان نڪري شهدادپور ڪان ٿيندو بدين ضلع ۾ سمنڊ تي وڃي شڪور ڍنڍ ڇوڙ ڪندو هو. هن مان ٻہ واهہ نڪرندا هئا. وقت جي حالتن ڪري ۽ روهڙي ڪئنال نڪرڻ بعد لهاڻو درياءَ سڪي ويو ۽ هاڻ لٽجي ويو آهي. سندس نشان باقي وڃي بچيا آهن، هاڻ هن کي مارڪ واهہ يا پڊو سڏيو وڃي ٿو ۽ هن علائقي ۾ جتان سهڻي ٻڏي هئي ۽ جتان سندس لاش هٿ ڪيو ويو. ان کي سهڻي ڍورو سڏيو وڃي ٿو. 2011ع وارين برساتن ۾ آيل تباهي بعد سابق وفاقي ڪابينہ سهڻي ڍوري جي بحالي جو اعلان ڪيو هو، يعني لهاڻو درياهہ کي اصل حالت ۾ آڻڻ جي اسڪيم منظور ڪئي وئي، ڪافي دفعا ان وقت جي صدر آصف علي زرداري ۽ ٻين وفاقي وزيرن بہ جڏهن بہ اسڪيم کي شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو، ليڪن اڃا تائين ان تي عمل نہ ڪيو ويو آهي.

سنڌ جي سهڻي جا مائٽ غريب مزدور طبقي جا هئا، گجرات واري سهڻي جا مائٽ ڪنڀارڪو ڌنڌو ڪرڻ سان گڏ مالوند ماڻهو هئا. شهدادپور واري سهڻي ذات جي ساميٽي هئي، جيڪا سنڌ جي سماٽ





جي ذات آهي، ميهار جو نالو ساهڙ هو، لطيف جي شاعري ۾ ڄام ساهڙ بہ آيو آهي. ڄام ڪنهن عزت دار ۽ وڏي ماڻهو جو لقب بہ آهي ۽ ميهار خود مالوند خوشحال ماڻهو هو، سندس لهاڻو درياءَ جي ڪنڌي تي مختلف هنڌن تي مال جا وٿاڻ هئا، سندس چوپايو مال سندس ملازم چاريندا ۽ سار سنڀال ڪندا هئا. ساهڙ ڄام "ميهار" فقط نگراني ڪندو هو، سهڻي جي جڏهن شادي ٿي تہ ميهار جي وٿاڻ وٽ ڄڄ پيڙي جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي. ريتن رسمن موجب گهوٽ ڪنوار جي ڪير پيارڻ واري رسم لاءِ ميهار کان ڪير گهريو، پر ميهار وٽ چئن يارن بزرگن جو اوٻاريل ڪير هو جيڪو هنن کي ڏنو ۽ اهو ڪير جڏهن سهڻي پيتو تہ انهن لمحن ۾ سهڻي جو ميهار سان پيار ٿي ويو، ليڪن سهڻي ميهار تي تحقيق ڪندڙ مشهور ليکڪ پروفيسر محمد خان ٻرڙو سهڻي ميهار بابت پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو تہ سهڻي جڏهن چئن يارن "چئن بزرگن" جو اوٻاريل ڪير پيتو تہ مٿس نينهن جي ڪيپ چڙهي ميهار کي الاهي عشق جو وسيلو سمجهي ميهار سان ملڻ ويندي هئي ۽ هنن جي پاڪ محبت هئي، پروفيسر محمد خان ٻرڙو هن قصي کي 7 هجري صديءَ جي اوائلي دور جو ڄاڻايو آهي ۽ سهڻي لهاڻو درياءَ ۾ ئي تري ميهار سان ملڻ لاءِ ويندي هئي ۽ اُن ۾ ئي ٻڏي مئي هئي، ان جي لطيف سائين هن بيت ۾ تصديق ڪري ٿو:

محبتي ميهار جون، دل اندر دونهيون،
آڏيو وجهي اُرَ ۾، لوهاڻو لُوهيون،
جي ساهڙ جون سونهيون، سير سراڙي تن ڪي.

گجرات پنجاب واري سوهني مهينوال ۾ مهينوال جونالو عزت بيگ هو، روايتون آهن تہ پاڻ بخارا جو سوداگر هو، گجرات ۾ واپار لاءِ آيل هو، جتي هن سوهني جي حسن جو چرچو ٻڌي جڏهن سوهني کي ڏٺو تہ سوهني مهينوال هڪٻئي تي عاشق ٿي پيا. ٻنهي کي عشق اري مان ڪيڏي ڇڏيو. عزت بيگ واپار ڇڏي هر وقت سوهني جي ديدار لاءِ آتو هو، سندس ذهن تي صرف سهڻي سوار هئي، اهڙي صورت ۾ سندس هٿ ۾ جيڪي پئسا هئا اهي ختم ٿي ويا، جڏهن صفا سڃو ٿي ويو تہ سوهني جي مائٽن وٽ نوڪر طور ڪم ڪيو ۽ انهن جا چناب درياءَ جي ٻي ڌر چوپايو مال چاريندو هو ۽ رات جو روزانو سوهني سان ملڻ لاءِ درياءَ تري گجرات ويندو هو. اوچتو بيمار ٿي پيو ۽ ڪمزور ٿيڻ ڪري هن ۾ درياءَ

ترڻ جي سگھہ نہ رهي تہ اهڙي صورتحال ۾ سوهڻي پنهنجي محبتي ميهار سان ملڻ لاءِ دلوَ ٻڏي درياءَ پار ڪري هن سان اچي ملندي هئي، هڪ رات درياءَ ۾ ٻڏڻ لڳي ۽ دانهون ڪيون، اهي دانهون ٻڌي ميهار بہ درياءَ ۾ گهڙي پيو ۽ سوهڻي کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندي پاڻ بہ سهڻي سان گڏ ٻڏي ويو، سندن مزارون گجرات ۾ آهن. سنڌ جي سهڻي جي مڙس جو نالو ڏم هو جيڪو سندس ئي ذات وارو هو ۽ سهڻي جو ميهار سان ملڻ جو راز جڏهن سندس سس وٽ کليو تہ هن سهڻي کي روڪيو، سختي ڪئي پر جڏهن سهڻي نہ مڙي تہ جنهن گهڙي تي سهڻي درياءَ پار ويندي هئي، اهو گهڙو لڪائي اتي اهڙو ئي اڌ پڪو ڪچو گهڙو رکي ڇڏيو ۽ جڏهن اهو گهڙو کڻي سهڻي درياءَ ۾ ڪاهي پئي ۽ ٿوري اڳتي وئي تہ اهو گهڙو ڳرڻ لڳو ۽ سهڻي ٻڏڻ لڳي تہ ميهار کي سڏ ڪرڻ لڳي، پر ميهار جي پهچڻ کان اڳ سهڻي ٻڏي وئي، روايتون آهن تہ سندس لاش ٽن ڏينهن بعد شهدادپور وٽان لهاٽو جي ڪناري مليو، جتي ميهار کيس دفنايو ۽ جيستائين حياتي هو، مجاور ٿي ويٺو، پروفيسر محمد خان ٻرڙو ۽ عبدالله ورياهہ موجب ميهار ملدسي ويجهو سون چڙي دڙي مان پاڏي تي سرون کڻي سهڻي جي قبر پڪي ڪرائي.

سهڻي ميهار جا ماڳ نيو سعيد آباد جي ديهہ ڪاڪا وٽ روهڙي ڪئنال وٽ بہ ٻڌايا وڃن ٿا، اتي پير ڇتو، جنهن کي شاهہ ڇتو بہ چون ٿا ان جي مزار بہ اتي آهي، روايتون آهن تہ شاهہ ڇتو آڌي ڪانپوءِ تحجد نماز پڙهندو هو تہ سهڻي ميهار سان ملڻ لاءِ سندس اڳيان گذرندي هئي تہ هو کيس ميهار سان ملڻ کان روڪيندو هو، جڏهن تہ ملدسي ويجهو شهدادپور ملدسي روڊ تي بہ ميهارڪو پڙو هو، جيڪو 1990ع تائين ڪيترن ئي ايڪڙن ۾ پکڙيل هو. جتان چاڏيون مٽ ۽ سڪا بہ هٿ ايندا هئا. زماني جي ستم ظريفي ڪري اهو تاريخي ماڳ ميسارجي ويو هاڻ اتي زرعي آبادي ٿئي ٿي،ان حصي کي اڄ بہ ميهارڪو نمبر سڏيو وڃي ٿو. مائي سهڻي جي خوبصورت مزار شهدادپور جي مشهور سماجي شخصيت حاجي محمد ابراهيم ڏيتو 1981ع ۾ ٺهرائي، جڏهن تہ ميهار جي مزار مدد علي شاهہ ٺهرائي، جيڪو شهدادپور تعلقي جو مختيارڪار ٿي آيو هو، سهڻي جي مزار وٽ وڏو قبرستان مائي سهڻي جي قبرستان نالي سان مشهرو آهي. 1980ع تائين سهڻي ڏانهن ايندڙ رستو ايترو ويڪرو هو جو بہ گاڏيون هڪ ئي وقت گڏ هلي سگهيون پئي





۽ مزار سامهون وسيع ميدان هو، ليڪن آهستي آهستي لينڊ مافيہ قبضو ڪندي 2 ايڪڙ کان وڌيڪ زمين تي قبضو ڪري بلڊنگون ٺاهي ڇڏيون آهن ۽ سهڻي جي مزار سامهون جيڪو ٿورو حصو بچيل آهي، اتي مال جا وٿاڻ ٺاهي ڇڏيا آهن، ساڳي صورتحال محبتي ميهار جي مزار سان آهي، جتي بہ آسپاس ۾ لينڊ مافيہ قبضہ ڪري گهر ٺاهي ڇڏيا آهن. جڏهن تہ سهڻي ۽ ميهار جون مزارون ڏينهون ڏينهن ضعيف حالت ۾ ٿينديون وڃن، هنن مزارن تي لينڊ مافيہ جي قبضن ۽ مزارن جي خراب حالت بابت ڪافي وقت کان ميڊيا تي مسلسل رپورٽون اچڻ جي باوجود ضلعي انتظاميہ ۽ ثقافت کاتو ڪوبہ توجهہ نہ ٿو ڏي. ثقافتي ماڳ مڪانن کي بچائڻ انهن کي بهتر حالت ۾ رکڻ ثقافت کاتي جي آثار قديم وارن جي ذميواري آهي، جيڪا اجا تائين پوري نہ ڪري سگهيا آهن، هئڻ تہ ايئن گهرجي تہ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ کي هر سال سهڻي ميهار جو ميلو لڳائڻ گهرجي ۽ ان موقعي تي ادبي ثقافتي ڪانفرنس پڻ منعقد ڪئي وڃي. سنڌ جي سابقہ صوبائي وزير ثقافت ميڊم سسئي پليجو ڪيترائي ڀيرا اهڙا اعلان بہ ڪيا تہ لطيف سائين جي رسالي ۾ آيل ڪردارن جي ماڳ مڪانن جو تحفظ ڪيو ويندو ۽ انهن کي بهتر بڻايو ويندو، ليڪن 5 سالن ۾ پاڻ سهڻي ميهار جي مزارن تي لڙي بہ نہ آئي.

## انگريزن خلاف وطن يا ڪفن تحريڪ جو مرڪز رهندڙگڙنگ بنگلو

سانگهڙ شهر کان ٿوري پنڌ تي سانگهڙ-ميرپورخاص روڊ تي ديهہ گڙنگ ۾ گڙنگ بنگلو آهي، جيڪو تاريخي اهميت جو حامل آهي. گڙنگ بنگلو تاريخي ماڳ آهي، هن ديهہ ۾ پير صاحب پاڳاري جن جي زرعي زمين آهي، جتي پير صبغت الله راشدي سورهيہ بادشاهہ پنهنجو عظيم الشان بنگلو ٺهرايو، جنهن کي گڙنگ بنگلو سڏيو وڃي ٿو، انگريز سامراج خلاف ”وطن يا ڪفن“ جي نالي سان جيڪا حر تحريڪ هلي، جنهن ۾ حر گوريلا جنگ لڙي وئي، ان جو مرڪز پڻ گڙنگ بنگلو رهيو، گڙنگ بنگلي ۾ ئي پير صبغت الله راشدي حرن کي گهرائي انگريز خلاف اعلان جنگ ڪيو.

جڏهن 27 رجب تي پير ڳوٺ ۾ زيارت لاءِ ايندر لکين مريدن کي زيارت ڪرائڻ بعد چيو تہ اسين اوهان مان اهي شخص طلب ڪري رهيا آهيون، جيڪي پنهنجو سر اسان لاءِ وقف ڪن. جڏهن بہ آواز ڏيون

تہ بنا هِڪ لبيڪ چئي پنهنجو سر پنهنجي هٿن سان لاهي اسان جي آڏو رکن. اسين اهو سر زوري نہ ٿا گهرون مرشدي رعب سان نہ ٿا گهرون هڪ يار، دوست بلڪ پيجل وانگر طلب ڪريون ٿا. جيڪو بہ اوهان مان راءِ ڏياچ بنجي، اسين انهن کي غازي سڏيندا سون. انهن غازين کي پنهنجو مال، اولاد، ڪاروبار، خواهشون ختم ڪري اشاري تي سر ڪپڻ ۾ دير نہ ڪندا. غازي بنجڻ لاءِ نہ مريد جو شرط آهي، نہ قوم نہ مذهب نہ عورت نہ مرد جو، صرف بالغ هجي، اوهان 40 ڏينهن سوچيو، اسين 7 شوال تي سانگهڙ واري گڙنگ بنگلي تي منزل انداز ٿينداسين، جنهن کي غازي بنجڻو هجي اهو اتي اچي نالو لکرائي، زور جبر نہ آهي، چاليهن ڏينهن بعد هن تاريخي گڙنگ بنگلي تي پاڻ پهرين زيارت ڪرايائون، ان بعد غازين کي پيش ٿيڻ جو حڪم مليو، غازين پاران نالا لکرائڻ بعد سورهيہ بادشاهہ غازين کي خطاب ڪندي چيو تہ "اوهان تي رحمتون هجن جو اوهان بنا ڪنهن پڇڻ جي پنهنجا سر پيش ڪيا، هاڻ اوهان کي ڪليل طرح ٻڌائجي ٿو تہ اهو سر ڏيڻ جو سڏ ڇو ۽ ڇالاءِ آهي. انسان آزاد پيدا ٿيو آهي ۽ آزادي سان رهڻ هن جو حق آهي، اهو حق فطرت سان ائين ڳنڍيل آهي، جيئن رڳن ۾ رت ڦڦڙن ۾ ساهہ ۽ دماغ ۾ هوش، اهو حق هن کان جيڪو بہ کسي ٿو سو ڪيس مارڻ کان بہ وڌو ظلم ڪري ٿو ۽ انهي ظالم کي ختم ڪرڻ هر هڪ آزاد فطرت انسان جو پهريون فرض آهي، جيڪو بہ شخص انهي فرض کي نہ ٿو سڃاڻي، انهيءَ فرض جي ادائيگيءَ واسطي جدوجهد نہ ٿو ڪري سو زنده نہ آهي، بلڪ هڪ لاش آهي، پر لاش کان بہ بدتر آهي، ڇو تہ لاش جي بدبوءِ کي پکڙجڻ کان روڪڻ لاءِ تہ هن کي دفن ڪبو آهي، يا ساڙبو آهي، پر هي بدو تہ پنهنجي بدبو هر هنڌ پکيڙيندو رهي ٿو. ٻين کي غلامي جي سلهہ ۾ گرفتار ڪندو رهي ٿو. عزيزو! اسان جو پيارو وطن آزاد هو، هو پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندو هو، هر طرح سان آزاد هو، ليڪن اوچتو ستن سمنڊن کان آيل جن کي پنهنجي ملڪن ۾ غنڊا سڏيو ويندو هو، سي ساموندي سورمن جو روپ وٺي سڄي دنيا سان گڏ اسان جي ملڪ ۾ بہ آيا، هنن جون قومون ڏار ڏار هيون، پر ڏنڊو سڀن جو ساڳيو، يعني غلام بنائڻ، اهي پاڻ ۾ وڙهندي آخرڪار هنن مان هڪ قوم وڃي بچي، جنهن کي انگريز سڏيو وڃي ٿو. هي طرح طرح جي فريبن سان اسان جي هن ننڍي کنڊ هندستان جي ڌار ڌار ملڪن جي بادشاهن کي اول دوست بنائي پوءِ





انهن ۾ اختلاف پيدا ڪرائي کين زيردست بنائيندا ويا. اسان جو ملڪ سنڌ بہ هميشہ کان هڪ آزاد ملڪ هو، هنن پهرين ان تي سکن کان قبضو ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اسان جي شير جهڙي دل رکندڙ ساٿي مجاهد اعظم سيد احمد شاهہ شهيد، مولانا اسماعيل رح جي اڳواڻي ۾ انهن کي اڳواٽ ئي روڪيو ۽ سندن برو حشر ڪيو، جنهن ڪري اسان جو ملڪ انهن وحشي ظالمن جي وڪڙ کان بچي ويو، پر چالاڪ انگريز هتي جي حاڪمن مير صاحبن ۾ ڦوٽ وڌي ۽ خيرپور ميرس جي ميرن کي پنهنجن سان غداري ڪري وطن فروشي لاءِ تيار ڪري ڇڏيو، جن انگريز وٽ وطن وڪٽي ڇڏيو، ليڪن اسان جي وڏن اهو وڪرو ڪڏهن بہ تسليم نہ ڪيو ۽ انهي رياست اندر اسان جي ديهہ ڪنگري جو ٽڪرو انهن وطن وڪڻندڙن جي تسلط کان هميشہ آزاد رهيو آهي، اسان جي بهادر بادشاهن ٽالپرن سان هنن ڌوڪيبازي سان اوچتو جنگ ڪئي، جنهن ۾ سنڌ جي وطن پرست سنڌي غيرتمند، شيرن جن ۾ اسان جا مريد بہ ڪافي هئا، سر جي بازي لڳائي وڙهيا ۽ سنڌ تان سر ڏنو، ان ريت انگريزن جي زيردست طاقت هن ملڪ تي قبضو ڄمايو، پر وقت بوقت اسان جا سنڌي شير انهي فرنگي غلامي مان نڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻندا رهيا آهن ۽ شاهہ لطيف جي هن شعر جي مصداق پئي رهيا آهن تہ:

پاٺي ايندم هوت، پر آءُ بہ اڳيري ٿيان،
متان چويم خان بلوچ، تہ هن کهيٽي مان کين ٿيو.

الحمد لله اڄ اهو وقت قريب اچي ويو آهي، جو اسين، اسان کي غلام بنائيندڙ انگريزن جي حڪمراني تي هڪ پيرو وار ڪريون، سندن پير هن زمين تان اکيڙي ڇڏيون ۽ پيو تہ دل دماغ کي غلامي جي زنجيرن مان آزاد ڪريون ڇو تہ انگريز بہ هن عظيم عالمگير جنگ ۾ غلطان آهي، ان ڪري هندستان جي سڀني ملڪن ۽ دنيا جي سندن ٻين ملڪن ۾ بہ آزادي جي جنگ جي لهر ڊوڙي وئي آهي. انهيءَ موقعي تي مان بہ چاهيان ٿو تہ سنڌ بہ پاڻ ملهائي ۽ سندن غلامي جون زنجيرون ڪٽڻ لاءِ ڪي سرفروش سورهيہ وڌي اڳتي اچن. انهن ئي سرفروشن جو نالو اسان غازي رکيو آهي ۽ انهن جو اهو ئي فرض ٿيندو تہ جڏهن بہ کين وطن جي آزادي جي جنگ لاءِ سڏ ٿئي تڏهن هڪدم اهو نعرو لڳائي اچي حاضر ٿين تہ "وطن يا ڪفن". مگر ان جي معنيٰ اها ڪانهي تہ اسين ڪو کين هڪدم انگريزن سان ڳلي پوڻ جو حڪم ٿا ڏيون، بلڪ

اهو وطن جي آزادي جو جهاد اسين مناسب موقعي تي مناسب طرز سان شروع ڪنداسين. تيستائين هر هڪ غازي لاءِ مناسب آهي ته هو هر طرح جو جنگي فن وڃي سکي، روزانه پريڊ ڪرڻ لازمي سمجهي ۽ پڻ تلوار بندوق پستول مشين گن دستي بم ۽ ٻيا سڀ موجود هٿيار هلائڻ سکي ۽ جيڪي غازي نه آهن تن کي به سيکارين، ڇو ته اهو به امڪان آهي ته انگريزن کي جرمني جي لڙائن جهڙي اهڙي ته شڪست اچي جو هو هن ملڪ جو انتظام سنڀالي نه سگهن. غندا گردي ۽ افراتفري جو دور اچي وڃي ته اهڙي وقت ۾ هر ڪنهن شخص کي پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿيڻو پوندو. تڏهن اها تعليم تربيت ڪين نهايت ڪارآمد ٿيندي. اسين عورتن کي به اهو حڪم ٿا ڪريون ته هو ڪاچ جون چوڙيون ڀڃي ڇڏين، ڪنهن به صورت موجوده زماني لاءِ موزون نه آهن، بلڪ هو به مردن وانگر ساڳيءَ طرح جنگي فن جي تربيت حاصل ڪن ته وقت سر پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪري سگهن. سورهيه بادشاهه پاران ”وطن يا ڪفن“ آزادي جي جنگ جي اعلان بعد جلد سائين جي ايم سيد جيڪو ان وقت سنڌ ۾ مسلم ليگ جو ان وقت روح روان هو پاڻ مسلم ليگ جو هڪ وفد وٺي گڙنگ بنگلي تي اچي پير صبغت الله راشدي سان ملاقات ڪيائين، سائين جي ايم سيد پير صاحب کي چيو ته اوهان مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو، پير صاحب مرڪي چيو ڇا لاءِ؟

سائين جي ايم سيد چيو ته وطن آزاد ڪرائجي، ان تي پير صاحب ٺهڪ ڏئي چيو ته مسلم ليگ ۽ وطن آزاد ڪرائيندي؟ شاهه صاحب مون ته اوهان کي وڏو سياستدان سمڊو هو، پر شايد اوهان سياست جي ابجد مان به واقف نه آهيو. سائين جي ايم سيد پير صاحب سان بي تڪلف هو، هن مرڪي چيو ته اوهين شايد مختلف جيلن ۾ رهي مختلف سياسي قيدين سان ملي سڄي سياست ازبر ڪري ويا آهيو، پير صاحب چيو ته اسين سياست جي ازبري جي دعويٰ ته ڪانه ٿا ڪريون پر جيڪا جماعت سڀ ڪجهه انگريزن جي مشورن سان ڪري جنهن ۾ سمورا سر، خانبهادر، وڏيرا، سيٺيون هجن سا به ڪري آزادي جي دعويٰ ته پوءِ ڏاڪئون ئي پڪو! سورهيه بادشاهه جي ايم سيد کي ڪا به موٽ نه ڏني. وطن يا ڪفن جي اعلان بعد ڪانگريس اڳواڻ پارت مان هتي گڙنگ بنگلي تي پهتا ۽ ڪوشش ڪئي ته پير سائين کي گوريلا جنگ تان هٿ ڪڍايون، ليڪن پاڻ دليلن سان انهن کي لاجواب ڪري ڇڏيو.





آزادي جي جنگ جو مرڪز بنيل گڙنگ بنگلي تي انگريز حڪومت بمبارمنٽ ڪرائي ان کي ڪنڊر بنائي ڇڏيو، اهو حملو ايئر مارشل اصغر خان ڪيو هو، پاڪستان ٺهڻ بعد آزادي واري تحريڪ جي حوالي سان جن ماڳ مڪانن جي اهميت رهي ان کي سرڪاري طور محفوظ ڪيو ويو، ليڪن گڙنگ بنگلي کي نظر انداز ڪيو ويو، انصاف ۽ اخلاق جي تقاضه ته اها آهي ته پاڪستان ٺهڻ بعد گڙنگ بنگلي کي تاريخي ورثو قرار ڏئي ساڳئي انداز ۾ نهرايو وڃي ها. عمارت ۾ ٻاهرين گيٽ وارا اهي هنڌ جيڪي گهٽ تباهه ٿيا، انهن جي مرمت ڪرائي وڃي ها ۽ گڙنگ بنگلي ۾ آرٽ گيلري ٺاهي اتي سورهيه بادشاهه ۽ حر تحريڪ جي شهيدن ۽ غازين جن مان جن جا به فوٽو هٿ اچن ها اهي وڏا ڪرائي ۽ حر تحريڪ جون خيالي تصويرون ٺاهي لڳايون وڃن ها ۽ حر گوريلا جنگ ۾ انگريزن خلاف حرن جا جيڪي هٿيار استعمال ٿيا هئا، اهي هٿ ڪري اتي ميوزم ٺاهي رکيا وڃن ها، ليڪن هن ملڪ جي حڪمرانن مان ڪهڙي اميد رکجي، هتي ته پاڪستان ٺهڻ بعد به آزادي جي جنگ وڙهندڙ حرن مٿان انگريز سامراج جا داخل ڪيس بغاوت جا ڪيس هلندا رهيا ۽ حرن لاءِ ناهيل لوڙهن ۾ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ به ڪافي وقت تائين حرن ۽ سندن گهر وارن کي رکيو ويو.

گڙنگ بنگلي ۾ اهي جايون جن کي گهٽ نقصان پهتو، انهن جي مرمت جيڪي جايون مڪمل طور تباهه ٿي ويون، اهي ساڳي طرز تي نئين سر فقير محمد اسماعيل مهر، سومر فقير مهر سنگت ۽ حر جماعت جي ڪجهه ٻين ڌرين سانگهڙ جي اڳوڻي ڊي سي او غلام حيدر مگريو جي سهڪار سان نهرايو ويو آهي، گڙنگ بنگلي تي هر سال 4 فيبروري تي جشن تاج پوشي ٿيندي آهي، جڏهن ته تاريخي ماڳ مڪانن سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن جو وڏو تعداد هتي گڙنگ بنگلو ڏسڻ اچن ٿا.

## سوامي ٽيئو رام جو امراپور آستان

سوامي ٽيئو رام هند سنڌ جو مشهور صوفي سنت، صوفي شاعر سنڌيت ۽ امن پيار محبت جو امين ٿي گذريو آهي. اڄ به سنڌس شاعري خاص طور هڪ دعائي شعر امر آهن جيڪي هر مذهب ۾ مقبول آهن. پاڻ امراپور درٻار ۽ پريم پرڪاش منڊل جو باني هو. سنڌس والد

چيلارام ماتا ڪرشنا ديوي وقت جا صوفي، سخي، مهمان نواز ۽ ڀڳتي هئا. ڪنڊو ۾ سندس شيوا منڊلي هئي جتي مسافرن جي سيوا ڪندي خوشي محسوس ڪندو هو. هڪ دفعي هندستان مان صوفين جو هڪ قافلو هنن وٽ مهمان اچي ٽيو ڀڳت چيلارام سندس دل سان خدمت ڪئي ۽ ڀڳتي جون محفلون ڪرايون. ان دوران چيلارام دعا گهرائي ۽ پاڻ بہ دعا گهري تہ مالڪ ڪيس اهڙو فرزند ڏي جيڪو وڏو صوفي سنت ٿي انسانيت ۽ ڌرم جي خدمت ڪري ان موقعي تي ڪرشنا ديوي پتي کان اجازت وٺي لاڳاتار 48 ڏينهن ورت رکيا انهن دعائن ۽ ورت رنگ لاتو مالڪ راضي ٿيو ۽ هڪ سال بعد اڱڻ تي خوشيون شادمانہ ٿي ويا ڪيس خوبصورت پٽڙو ڄائو جنهن جو نالو ٽيئورام رکيو ويو ڀڳتي گيتن ۽ ڌرمي ماحول ۾ وڏو ٿيو. ننڍي هوندي کان رحم دل، انسان دوست، سماج سڌارڪ ۽ ڀڳتي ڳائيندو هو ۽ پاڻ ننڍي هوندي کان مسافرن، صوفين، سنتن، سادن جي خدمت ڪيائين ڀڳتي اهڙي ڳائيندو هو جو واٽ ويندڙ پپ پهڻ وانگر بيهي سندس ڀڳتي ٻڌي پوءِ اڳتي وڌندا هئا. ننڍي هوندي سنت ۽ سادن سان گڏ تقريبن سنڌ گهمي ڏٺي اتي مسلمان بزرگن ۽ هندو سنتن جي مزارن، درٻارن، سمانڌين تي وڃي سر نمانو سندس چوڻ هو تہ گرو ڪانسواءِ گيان نہ ٿو ملي سگهي ۽ پاڻ 12 سالن جي ڄمار ۾ وقت جي وڏي سنت صوفي انسان آسر رام کي پنهنجو گرو مڃيائين ۽ هڪ ٻالڪي جي حيثيت ۾ ان کان ڪافي ڪجهہ سکيو. پاڻ 14 ورهين جو ٿيو تہ سندس والد ديهانت ڪري ويو. ان بعد پاڻ ڪجهہ عرصو والد جو ڇڏيل دوڪان بہ سنڀاليو. ۽ ست سنگ بہ جاري رکيائين. ان بعد ترت ئي پاڻ ”پريم پرڪاش منڊل“ جو بنياد وڌو جنهن جو مقصد انسانيت سان پيار بنا فرق جي خدمت، انسانيت جي پرچار ڪرڻ هو. سندس اهڙي عمل ڪري ڪيترائي نوجوان سندس پوئلڳ ٿيا مختصر عرصي ۾ سندس خوشبو هند سنڌ ۾ ڦهلجي وئي. هر وقت ڪيس چاهڻ وارن جا هن وٽ ميڙا مچڻ لڳا. پاڻ پنهنجي پوئلڳن کي هدايتون ڪندو هو تہ پنهنجي خوابن خيالن ڳالهين ۽ عملن ۾ ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪريو. ڪنهن لاءِ برو نہ سوچيو. هر ماڻهن جي دل ۾ مالڪ رهي ٿو. نفرت کان پري رهجو. هر انسان سان پيار ڪريو. ڀلائي ڪريو. بي عملي زندگي گهارڻ کان پاسو ڪريو. سچ ڳالهايو. ڪوڙ سان نفرت ڪريو. پاڻ کي گناهن کان بچايو. مالڪ کي ريجهايو. پيار جا گل پوکيو. سچ





سونهن مالڪ جا سلامي رهو. پاڻ باقائده ڪنهن اداري ۾ تعليم حاصل نہ ڪئي پر ڪيس اعليٰ تعليم وارن کان وڌيڪ ذات، عقل، فهم عطا ٿيل هو. پاڻ صرف روايتي سادو نہ پر انسانيت جو خدمتگار ۽ اعليٰ پائي جو صوفي شاعر پڻ هو. پاڻ سنڌي، هندي ۾ وڏي تعداد ۾ شاعري ڪئي. ۽ پاڻ عقيدتمندن کي ڳائي ٻڌائيندو هو.

1920ع ۾ پنهنجي چاهيندڙن سان سفر ڪندي ٽنڊو آدم جي ڏاڪيٽي پاسي واري جي وڏين پٽن تي پهتا ۽ اهو علائقو ڪين وٽي ويو ۽ پاڻ ڪنڊو کي الوداع ڪري اتي رهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پاڻ ان هنڌ تي صوفي سنتن حق جي ڳولائن مسافرن، ڌرمي پوڄارن، پوڄا پاٺ لاءِ هڪ عظيم الشان مرڪز قائم ڪيو. پاڻ اتي پاڻي جو کوهہ کوٽايو. واري جا دڙا ڪيڏي پنهنجي چاهيندڙن سان گڏ چيڪي مٽي وجهي اتي مسافرن، پنهنجي فقراءَ ۾ پنهنجي لاءِ گهر ٺهرايو. پاڻ اتي هاسٽل بہ ٺهرائي. اتي وٽن هند سنڌ مان روزانو وڏي تعداد ۾ ماڻهو سندس سهڻيون ڳالهيون ٻڌڻ ايندا هئا. پاڻ اتي باقائده ڀڄن بہ ڪرائيندا هئا خود بہ ڀڄن ڪندا هئا. سندس آستاني تي لنگر عام هلندو هو. ڪين جيڪو بہ ملندو هو اهو لنگر ۾ ۽ غريبن کي ڏئي ڇڏيندو هو. ڪيس چاهيندڙن ۾ ڪيترائي مسلمان بہ شامل هئا. پاڻ 1943ع ۾ دهانت ڪري ويو. سندس دهانت پريم پرڪاش آشرم حيدرآباد ۾ مختصر بيمار رهڻ بعد ٿيو. سندس جسم خاڪي کي ٽنڊو آدم ۾ آڻي سندس سنسڪار ڪري سندس رک ان جاءِ تي دفن ڪئي وئي جتي پاڻ ويهي پوئلڳن کي هدايتون ڏيندو هو ۽ ڀڄن ڳائيندو هو. سندس ڀائٽي سادو هيرا نند اتي خوبصورت قبو ٺهرايو. سندس پهريون گادي نشين سروانند جي مهاراج بڻيو جيڪو پٽ شاهہ جو هو.

ٻيو گادي نشين سوامي پرڪاش مهاراج بڻيو جيڪو شڪارپور جو هو. جنهن 1947ع ۾ جئپور ۾ پريم پرڪاش منڊل جو بنياد وڌو. ٽيون سجاده نشين پٽيل سوامي مريداس ضلع سانگهڙ جي ڳوٺ هنداڻ جو هو. موجوده سجاده نشين ڀڳت پرڪاش جي مهاراج آهي.

سنت ٽيئورام جي دهانت بعد ۾ بہ امراپور درٻار جو عروج رهيو. پر پاڪستان ٺهڻ بعد هندو مسلم فسادن ايترو تہ زور ورتو هو درٻار کي سنڀاليندڙ نہ چاهيندي بہ پنهنجي گهرن، جائداد سان گڏ امراپور درٻار کي پنل اڪين سان هميشہ لاءِ ڇڏي ڀارت هليا ويا. ان بعد آهستي

آهستي هن درٻار جو عروج ختم ٿيڻ لڳو. امراپور درٻار جي 300 ايڪڙن ڪان وڌيڪ زمين هئي. جتي پوءِ آهستي قبضا ٿيندا ويا. چون ٿا تہ اتي محمدي ڪالوني، ڳوٺ محمد علي راڄڙ ۽ ٻيون ڪالونيون ٺهيون. امراپور پرسان جامع طلبہ ڪاليج ٺهڻ بعد سنت ٽيئورام جي ٺاهيل سنگل روم واري هاسٽل ڪاليج جي شاگردن لاءِ هاسٽل ۾ تبديل ڪئي وئي. بعد ۾ درٻار وٽ گورنمنٽ ضياء الدين پرائمري اسڪول ٺاهيو ويو ۽ درٻار ۾ ٺاهيل تاريخي حيثيت رکندڙ گهرن تي اسڪول جي هڪ سابق هيڊ ماستر ۽ سندس مٽ مائٽن مالي غنيمت سمجهي اتي انهن گهرن تي قبضو ڪري ڇڏيو. سار سنڀال نہ هئڻ ڪري درٻار جي ورانڊي جو هڪ پاسو ڊهي پيو آهي. سوامي ٽيئورام جي سماڌي مٿان جوڙيل خوبصورت مقبرو جا دروازا بند هئڻ ڪري مقبري اندر چمڙن، نانگ، بلائن جو گهر بنجي ويو آهي. درٻار جي وڏي حصي تي قبضا ٿي ويا آهن جنهن ڪري ماضي جي شاندار امراپور درٻار جي هاڻ اها سونهن نہ رهي آهي. ليڪن سندس چاهيندڙن وٽ درٻار جي حيثيت اهميت عقيدت اهائي آهي. بدقسمتي سان هن درٻار کي آثار قديمہ جو درجو نہ ملڻ ڪري رهيل جايون ۽ تاريخي هنڌ ڏينهون ڏينهن مٽبا وڃن.

سوامي ٽيئورام جي پوئلڳن سندس تحريڪ، سندس ڪم، سندس ڪلام پيغام، سندس پيار امن، انسانيت جي خدمت واري پيغام کي ”پريم پرڪاش پون جي نالي سان مختلف ملڪن اسپين، آمريڪا، هانگ ڪانگ، جڪارتا، اٽلي ۽ ٻين ملڪن ۾ 60 کان وڌيڪ آشرم آهن. جن جو هيڊڪواٽر جئپور ۾ آهي. جتي سندس پيار امن محبت انسانيت جي خدمت واري پيغام مختلف طريقن سان عام ڪيو وڃي ٿو. ان اداري پاران سڄي دنيا ۾ سوين سنڌي اسڪول کليل آهن. ڪيترائي آشرم، مسافر خانہ خيراتي ادارا هلايا وڃن پيا. انهن ادارن ذريعي انسانيت جي خدمت ڪئي پئي وڃي، سنت ٽيئورام جو ڪلام پيغام عام ڪرڻ لاءِ هندي، سنڌي، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ڪتاب ڇپايا وڃن ٿا. سوامي ٽيئو رام جي سنڌي ۽ هندي شاعري جا 2 ڪتاب پارٽ ۾ ڇپايا ويا آهن جڏهن تہ سندس ڪلام جو مختلف ٻولين ۾ ترجمو پڻ ٿي رهيو آهي. سندس عورتون بابت لکيل ڪتاب اشتري اپ ديش ڪانسواءِ ڪيترائي ڪتاب ڇپايا ويا آهن. سندس لاتعداد دعائي شعر آهن جيڪي مسلم هندو ۾ هڪجهڙا مقبول آهن. انهن ۾ هڪ دعائي شعر





صبح سويئر هندو توڙي مسلمانن جي چپن تي هوندو آهي.

صبح جا سائين! ٻيڙا ٻني تون لائين،
پلئہ ٿا پايون اميدون پڄائين،
سمت ڏي سپن کي چپن نام تنهنجو،
ڪمت کي ڪڍين تون سمت ۾ رهائين،
پرين پيٽ سپ جو سڄڻ ڏي تون روٽي،
لٿا ڏئي تون ڏاتر! ننگن کي ڍڪائين،
رهڻ لاءِ گهرڙو سڄڻ! ڏي سپ کنهن سدائين،
ديا پال تن جا مرض کل مٽائين،
اٽي مهل انبرت چپن نام جيڪي،
کهي ”ٽيئو“ تن جا عرض کل اگهائين.

سندس شاعري ۾ مالڪ جي سار اهہ، مالڪ کان ٻاجهہ، ديا جون دعائون ۽ امن جي پيغام پيار جا سرها گل پکڙيل آهن. بنا رنگ نسل ۽ مذهب جي انسانيت جي خدمت جو درس ڏنل آهي، سندس شاعري جو پهريون مجموعو پاڪستان ٺهڻ کان اڳ شايع ٿيو هو.

سوامي سنت ٽيئورام جو جنم ڏينهن سڄي دنيا ۾ جتي بہ سندس پوئلڳ آهن اتي ۽ سندس جنم پومي کنڊو ۽ سندس امراپور درٻار تي ملهايو ويندو آهي. سندس جنم ڏينهن تي سڄي دنيا ۾ سندس پوئلڳ هتي پهچي سندس جنم هنڌ ۽ سماڌي تي گل رکن ٿا. سر نمائين ٿا ۽ اتي پڄن ڳائي وڃي ٿي. سندس ورسي پارٽ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ملهائي ويندي آهي.

افسوس جو آثار قديمہ، ثقافت کاتي پاران هن تاريخي ماڳ جي ڪابہ سار سنڀال نہ پئي لڌي وڃي. جنهن ڪري هي تاريخي هنڌ پرندو پڄندو وڃي. ڪجهہ سالن کان سوامي جي جنم ڏينهن تي سڄي دنيا مان ايندڙ سندس عقيدتمندن کي سندس درٻار تي ضياء الدين اسڪول جو هيڊ ماستر رستا روڪ ڪندو رهيو. هر سال ان خلاف ميڊيا تي رپورٽ اچڻ بعد حڪام هيڊ ماستر خلاف ڪاروائي ۽ درٻار جو گيٽ الڳ ڪرڻ جو اعلان ڪندا رهيا پر عمل نہ ٿيو. بعدم سوامي ٽيئو رام جي چاهيندڙن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو. ڪورٽ سڳوري پاران ڏنل فيصلي ۾ امراپور جو گيٽ الڳ ڪرڻ، امراپور تي غير قانوني طور ٿيل قبضو ختم ڪرڻ ۽ ثقافت کاتي پاران هن تاريخي

ماڳ جي بحالي لاءِ اقتدام ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. پر ان تي ڪم نہ ڪرايو ويو، بعدِ ۾ اهو ڪم سنت ٽئورام جا چاهيندڙ ڪرائي رهيا آهن.

حوالہ

سنڌي هندن جي تاريخ

ديوان گاگن داس کان روايتون

ٽنڊو آدم ميگزين

## ڊامرڪي شهر جو عروج ۽ زوال ۽ ڪنڊرات

سانگهڙ ضلعي ۾ جهول ويجهو جهول کان نئون آباد ويندي درٻار شري ڏيرج واري علائقي ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ هڪ ننڍڙو شهر ڊامرڪي آباد هو، جيڪو ان زماني ۾ خوبصورت رهائشي عمارتون، اوطاقون، مندرن جو شهر سڏيو ويندو هو. ان ڪانسواءِ هي ڪاروبار جو مرڪز پڻ رهيو، سونارڪي بازار بہ مشهور هئي، جڏهن تہ مٺائي، سنڌي جُتين جا دڪان ۽ جتيون ٺاهيندڙ موچي بہ رهندا هئا، چون ٿا تہ هن جو اصل نالو ڊرم رکي آهي، روايتون آهن تہ هي شهر هندن جو آباد ڪيل هو، ڪنهن آباد ڪيو، هندن جون ڪهڙيون شخصيتون رهنديون هيون انهن جي نالن جي خبر نہ پئجي سگهي آهي. هن ننڍڙي شهر ۾ جلالاڻي ۽ ڪجهہ ٻين قومن وارا بہ رهندا هئا. تاريخ سان دلچسپي رکندڙ هن علائقي جي مشهور شخصيت ۽ زميندار جعفر خان جيم جلالاڻي جيڪو ليکڪ ۽ شاعر بہ آهي ان جو چوڻ آهي تہ ڊامرڪي ڪنهن مائي جو نالو هو، هتي ٻوٺ ان آباد ڪيو، ان ڪري ان جي نالي پويان ٻوٺ سڏجڻ لڳو، اها مائي ڪير هئي ۽ ٻوٺ ڪڏهن آباد ٿيو تاريخ خاموش آهي. ليڪن ڪجهہ تاريخي ڪتابن ۾ ڊامرڪي جو مختصر احوال ضرور ملي ٿو تہ هتي هندن جي اڪثريت هئي ۽ واپار جو مرڪز هو، هتان کان ويجهو ٻانيڻ واهہ وهندو هو جتي پيڙا پيڙيون بہ ٺتي تائين هلندا هئا، جيڪي ماڻهن جي سواري طور ۽ سيڌو سامان آڻيندا هئا. چون ٿا تہ آسپاس ۾ واري جا دڙا هئا هوائون لڳندي اها واري هن شهر پرسان گڏ ٿي ويندي هئي جيڪا تيز هوائون لڳندي شهر وارن کي تنگ ڪري رکيو، ان ڪري واڻين اتان جي زميندار فضل خان جلالاڻي جيڪو علائقي جو بااثر هو ان وٽ آيا ۽ ڪيس نئون شهر آباد ڪرڻ لاءِ زمين





ڏيڻ لاءِ منٿ ڪئي ۽ ان ڪين موجوده ڊامرڪي ۾ 16 ايڪڙن کان وڌيڪ زمين ڏني، ان بعد اتي ويٺل هندو، مسلمانن اتان لڏي نئين ڊامرڪي جو خوبصورت شهر اڏيو ۽ اتي واپار شروع ڪيو نئين ڊامرڪي هندن پيئڻ جي پاڻي لاءِ ڪافي کوهہ کوٽايا، اتي ٽڪاڻا ۽ مندر بہ ٺهرايا، هتي روينيو وارن جو منزل گاهہ بہ هو، انگريز جي دور ۾ جڏهن هن علائقي ۾ حر تحريڪ شروع ۾ زور ورتو، چون ٿا تہ حرن ڪيترن ئي واڻين کي انگريز جي جاسوسي ڪرڻ جي شڪ ۾ ماريو، ان دور ۾ ڦرلٽ جون ڪارروايون بہ وڌي ويون، ان ڪري اتان ڪافي هندو عمرڪوٽ، ميرپورخاص، حيدرآباد، ٽنڊوآدم ۽ ٻين شهرن ۾ هليا ويا، رهيل هندو پاڪستان ٺهڻ بعد هندو مسلم فسادن جي ڪري ڊپ ۾ پنهنجا اباڻا گهر، ڪاروبار ڇڏي ڀارت لڏي ويا.هاڻ نئين ڊامرڪي ۾ جلالاڻي برادري وڏي تعداد ۾ رهي ٿي، ڪجهہ ٻيون ذاتيون بہ رهن ٿيون، واڻين جي لڏڻ بعد سندن خوبصورت رهائشي جايون ۽ دڪان آهستي جهري پيا ۽ ڪري پيا، انهن جا ڪنڊر ۽ دڙا باقين رهيل آهن، انگريز دور ۾ هتي پرائمري اسڪول بہ هو، بعد ۾ بند ٿي ويو، ڪمرن وارو پرائمري اسڪول هاڻ بہ آهي پر زبون حالي آهي. ماضي جو هي خوبصورت ۽ مشهور شهر هن وقت بنيادي سهولتن کان محروم آهي.حر تحريڪ دوران هتي بہ انگريز جي جاسوسي ڪرڻ جي الزام ۾ هندن تي حملا ٿيا هئا يا ڪنهن سبب جي ڪري بدامني ٿي هئي ان جو ذڪر ان وقت جي هڪ شاعر نبي بخش جلالاڻي جيڪو 1965ع ۾ وفات ڪري ويو ان جي شاعري مان ملي ٿو. سندس شاعري ٻوٺ وارن کي ياد آهي ڊامرڪي ۾ بدامني جو اندازو ان شاعر جي هن شعر مان بہ لڳائي سگهجي ٿو.

سارا هيان سچو ڏٽي صاحب رب ستار
هيل ڪٽيو اٿن گرو کي اڳتي ڪڍندا اپچاءِ ٻار
تنهن تي صلاح ڪري گهرايو چوڪيدار
وٺندي هت اسان جي يا ٿيندي مسلمانن جو پار
چوڪيدارن آئون هر حيلي اوهان جو آهيان گولو گنهگار
محبت اٿم مڙهي واري سان ۽ پئنچن سان اٿم پيار
ڪو ٻو مل خوش آجو اٿم ابي جي آچار
پوءِ پا پڙ پوريون ڪايو خوش گذارين ننڍا ٻار

وٺي پڪ پنجاري ڪان خلف پڳايون چار
ڪيون تار ڪماني ڪي آيو انسپيڪٽر هندو وهيڪار
چوڏهن سئو جي چوري ٿي پيو رات ڪاٺ لڳو آهي ڏار
ٻڌايون پير بهاري جا ڏنئون علي بخش ڪي مار
حالت ڪيائون حاڪو سان روئي جمعو وساڻ زاروزار
ويهي هاشم وڏي ڦار الائي چٽنداسين،
آيو جوش جلالاڻي ڪي جنهنجو ڳاڙهيون اکيون اپڙا چڙ هاوار،
هڪل ڪئي حيدر ڪي ان جا سڻا سڏ سردار،
پوءِ پرور پاڪ دگار ڀرن ڪان بچايو.

## جهول ويجهو ڳوٺ ساڏوٽي ۾ ميرن جي صاحبي ۾ پيش ايندڙ تاريخي واقعو

ميرن جي صاحبيءَ جي آخري دور ۾ جهول ويجهو ڳوٺ ساڏوٽي ۾ هڪ اهڙو واقعو ٿيو، جنهنجي نتيجي ۾ ان ڳوٺ ۾ پرپاسي رهندڙ جلالاڻي برادري جي سوين عورتن ڪي سندن وارث ڪهڻ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳا ۽ اهي غيرتمند عورتون پاڻ بہ ڪسجڻ لاءِ تيار ٿي ويون. اهو تاريخي واقعو ڪجھ هن ريت آهي: جيئن تہ روايتون آهن تہ سنڌ ۾ سرائيڪي ڳالهائيندڙ جيڪي بہ ذاتيون آهن، اهي ڪلهوڙن جي دور ۾ ميرن سان گڏ سنڌ ۾ آيون ۽ اهي ميرن جا خاص ماڻهو هئا. انهن ۾ جلالاڻي برادري بہ شامل آهي. روايتون آهن تہ جڏهن مير بجار خان جهول ويجهو پنهنجو ڪوٽ وجهايو ۽ اتي جهول واري علائقي ۾ پنهنجا ماڻهو آباد ڪيا تہ انهن سان گڏ جلالاڻي بہ هئا، جيڪي هن علائقي ۾ پنهنجا الڳ ڳوٺ قائم ڪري ويٺا. ميرن جي دور ۾ ڪين زمينون بہ مليون ميرن سان گڏ آيل جلالاڻي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ رهڻ لڳا. پر ان دور ۾ جلالاڻين جو وڏو انگ سانگهڙ ۽ خيرپور ميرس ۾ آباد هو. سانگهر ضلعي ۾ جهول ويجهو هنن جو انگ وڌيڪ هو. ۽ جهول وارا جلالاڻي ميرن جي وڌيڪ ويجها هئا. ان ڪري بااثر هئا. جهول واري پاسي ويٺل جلالاڻين جو ميرن جي آخري دور ۾ سردار نصير خان جلالاڻي هو. روايتون آهن تہ ان جا وڏا بہ بااثر هئا. ۽ ڪلهوڙن جي دور ڪان وٺي ميرن جي دور ۾ فوج جا سالار بہ رهيا ان وقت حڪمرانن جي ايڏي وڏي تعداد ۾ فوج نہ هئي ان ڪري جنگي حالتن ۾ مختلف برادرين جي بااثر ماڻهن







ڪان لشڪر گهرائيندا هئا، ۽ ان دور ۾ هر بااثر ماڻهو علائقي ۾ اثر وڌائڻ ۽ ڏيکاريو ڪرڻ لاءِ پنهنجو لشڪر رکندو هئا. ان وقت ساڏوٽي علائقي ۾ ويٺل جلالاڻين جي ڳوٺن جو هيڏ ڪواٽر هوندو هو. چون ٿا تہ ماضيءَ ۾ ڳوٺ هاٽوڪي ڳوٺ ڪان وڏو ۽ خوبصورت هوندو هو. ڳوٺ جي چوڌاري انبن جا باغ هئا. انهن ۾ پيا بہ وڻ ۽ هر طرح جا گل بہ هوندا هئا. ڳوٺ ۾ ايندڙ رستا انبن جي باغن مان هئا. ان ڪري هي ڳوٺ ان زماني ۾ يورپ جي ڳوٺن جهڙو خوبصورت لڳندو هو. نصير خان جلالاڻي ميرن جي صاحبيءَ ۾ بااثر شخصيت سان گڏ سماجي شخصيت، غريبن جو همدرد وڏو اوطاقي مهمان نواز هو. سندس پاءُ محمد موسيٰ سندس ٻانهن ٻيلي ۽ وقت جي مشهور شخصيت ٿي گذريو هو. ميرن جي دور جي آخري وقت ۾ مير صوبدار خان جو پرتاب نالي هڪ هندو منشي هو. جيڪو مختلف علائقن ۾ وڏي شان شوڪت سان سوين ماڻهن سان گڏ گهوڙن خچرن تي چڙهي ڏل اوڳاڙڻ ايندو هو. مسلمان زميندارن سان سندس رويو نيڪ نہ هو، هنن ڪان ڏنڊي جي زور تي وڌيڪ ڏل وٺندو هو، اتي ٻڪريون زوري ڪاهرائي کهي ڪائيندو هو. جهول واري علائقي ۾ هو ڏامر ڪي ويجهو تنبو هڻي ڪئمپ قائم ڪري ڪيترائي ڏينهن هتي رهندو هو ۽ هتي سندس ماڻهو غريبن جون ٻڪريون زوري ڪاهي اچي کهندا هئا. اهڙيون شڪايتون نصير خان جلالاڻي وٽ بہ وڏو هجڻ جي حيثيت ۾ پهتيون تہ هن پنهنجا ماڻهو موڪلي ڪيس ائين ڪرڻ ڪان روڪيو، پر هو نہ مڙندو هو، جنهن بعد نصير خان اهڙو خط مير صوبدار ڪي بہ موڪليو، پر ڪو اثر نہ ٿيو ان ڪي خط بعد انصاف ٿيڻ بجاءِ الٽو پرتاب جي حڪم تي سندس ماڻهو نصير خان جون ٻڪريون ڪاهي ويا. ۽ سندس ۽ ٻين زميندارن جي زرعي فصل ۾ گهوڙا ۽ خچر ڇوڙي ڇڏيا ۽ هارين ڪي بنا سبب مارڪٽ بہ ڪئي. اهڙي خبر پوندي نصير خان پنهنجو خاص ماڻهو اسحاق واڍو پرتاب ڏانهن موڪليو تہ سندس ٻڪريون واپس ڏئي، سندس ۽ ٻين زميندارن جو فصل پيلائڻ، علائقي ۾ غنڊا گردي ڦرمار بند ڪري، نہ تہ سنو نہ ٿيندو. اهڙو پيغام ملندي پرتاب تپي باھ ٿي ويو ۽ سندس حڪم تي اسحاق واڍي ڪي ڏاڍي مار ڏني وئي ۽ ان مارڪٽ۾ اسحاق واڍو ڪي ميراڻي پيل ٽوپي بہ لهي پئي پرتاب ان ڪي چيو تہ ”آئون جو ائين ڪندس توکي جيڪو وٺي اهو ڪر.“ اسحاق واڍي پاڻ سان ٿيل جٽ جڏهن بيان ڪئي تہ نصير خان تپي باھ

ٿي ويو. ۽ جلالاڻيڻ توڙي علائقي جي ٻين ذاتين جا ماڻهو گڏ ڪري تلوارن ۽ کهاڙين سان لشڪر تيار ڪري پرتاب جي ڪئمپ تي حملو ڪري پرتاب ۽ سندس لشڪر سان ويڙهه ڪري ڪيترن ئي ماڻهن کي ماري ڇڏيو. پرتاب جي مارجڻ بعد سندس ماڻهو پيش پيا، جن کي نصير خان معاف ڪري ڇڏيو. ٻئي ڏينهن ڏامر ڪي جو مکي تنومل ۽ ٻيا واڻيا نصير خان وٽ آيا ته سائين پرتاب واقعي گنهگار هو ۽ هو پنهنجي ڪئي جي ڪري بري انجام تي پهتو، پرتاب ۽ ٻيا مارجي ويل انسان آهن، سندن لاش بدبوءِ ڪري ويندا، اجازت ڏيو ته هندن جو اگني سنسڪار ڪريون ۽ مسلمانن کي اوهان دفن ڪرايو. ان تي نصير خان کين اجازت ڏني ۽ مارجي ويل مسلمانن کي پاڻ اسلامي طريقن سان دفن ڪرايو. اها خبر جڏهن مير صوبدار خان کي پئي ته هو تپي باهه ٿي ويو ۽ ساڏوٽي تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ هن وڏو لشڪر موڪليو. لشڪر جڏهن اپپور وٽ ماري جا ڪنڊا وٽ پهتو ته اها خبر نصير خان کي پئجي وئي ۽ انهن سان ويڙهه لاءِ هن به ماڻهو گڏ ڪيا. علائقي جي معززن جي ٿيل گڏجاڻي ۾ نصير خان چيو ته ”ميرن جو لشڪر وڏو آهي، پر اسان هار مڃي هنن وٽ پيش پئي قيدي بڻجڻ بجاءِ وڙهي مري سرها ٿينداسين. اسين حق تي آهيون، اسان وڙهي شهيد ٿينداسين، پر اسان جي مرڻ بعد ميرن جي لشڪر وارا اسان جي ننگن ۾ هٿ وجهندا ۽ کين پاڻ سان وٺي ويندا، ان ڪري اسان پنهنجي ننگن جون عزتون برباد ٿيڻ نه ڏينداسين.“ هن رٿ ڏني ته ڳوٺ پرسان هڪ وڏي کڏ کوٽي عورتن کي ماري ان ۾ دفن ڪيو وڃي. سڀني کان راءِ وٺي اتفاق ٿيڻ بعد کڏ کوٽڻ جو عمل شروع ڪيو ويو ۽ عورتن به ان فيصلي تي متفق ٿي لبيڪ ڪيو ۽ خوشي سان ڪُسجڻ لاءِ تيار ٿي ويون. ان کان اڳ هنن عبادت ڪرڻ شروع ڪئي. اها خبر جڏهن ميرن جي لشڪر جي سالار کي پئي جيڪو مسلمان هو روايتون آهن ته پريشان ٿي ويو ۽ هن تڪڙو ايلچي نصير خان ڏانهن موڪليو ته ”خدا جي واسطي ائين نه ڪريو، اهو وڏو گناهه ٿيندو، ان جو ڏوهه مون تي به ايندو. مون خبر ورتي آهي ته پرتاب غلط اوهان صحيح آهيو، پر مجبوري آهي، مير صاحبن جو حڪم آهي. ان تي هر حال ۾ عمل منهنجو فرض آهي، آئون سندن وفادار آهيان، اوهان کي اها رعايت ڏيان ٿو ته اوهان ٻار ٻچا وٺي ضروري سامان جيڪو کڻي سگهو کڻي رات وچ ۾ ڪنهن ٻئي پاسي هليا وڃو، اسان اوهان جي





ڳوٺن تي ڪاهي ايندا سين اوهان مان ڪير نه هوندو ته گهرن کي باهيون ڏئي واپس وينداسين ۽ مير صاحب کي عرض ڪنداسين ته جلالاڻي خبر نه آهي ڪيڏانهن هليا ويا آهن، اسان سندن ڳوٺن کي باهيون ڏئي واپس آيا آهيون.“ نصير خان اهڙو پيغام آڻيندڙ ايلچي سان گڏ پنهنجو ماڻهو موڪليو ته ڪيئن اعتبار ڪريون ته اوهان جيڪو چئو ٿا ان تي عمل ڪندؤ؟ دوکو ته نه ڪندؤ؟“ ان تي ميرن جي سالار نصير خان جي ماڻهوءَ سامهون قرآن شريف تي هٿ رکيو ته ”جيڪو واعدو ڪيو آهي، ان تي قائم رهندس.“ ان بعد نصير خان ۽ جلالاڻين جي ٻين ڳوٺن وارا رات وچ ۾ ٻار ٻچا ائن، گهوڙن ۽ ڏڳي گاڏين تي توڙي پنڌ ضروري سامان کڻي خيرپور ميرس هليا ويا. جتي سندن عزيز خيرپور ميرس رياست وارن ميرن جا خاص ماڻهو هئا. کين اميد جو ڪرڻو نظر آيو ته انهن معرفت اتي ميرن وٽ فرياد ڪنداسين ۽ اهي مير صاحب مير صوبدار کي چوندا ۽ پوءِ قصو ختم ٿي ويندو. پوپان ميرن جي لشڪر ٻئي ڏينهن ساڏوٽي ۽ جلالاڻين جي ڳوٺن تي هلان ڪري گهرن کي باهيون ڏنيون، اتي ڪٽڻ کان رهجي ويل سامان ۽ چوپايو مال ڪاهي ويا ۽ مير صاحب کي ٻڌايو ته ”جلالاڻين کي اسان جي خبر پئجي وئي ۽ اسان جي پهچڻ کان اڳ هو خيرپور ميرس طرف هليا ويا آهن. اسان جيستائين سندن پويان وڃون، تيستائين هو خيرپور وڃي پهچن ها، اوهان جي حڪم کانسواءِ خيرپور ميرس جي حدن ۾ وڃي حملو ڪرڻ صحيح نه هو، ان ڪري واپس موٽي آيا آهيون.“ ان بعد خيرپور جي مير علي مراد، مير صوبدار کي خط لکيو ته ”نصير خان جلالاڻي ۽ سندس خاندان وارا منهنجي امان ۾ آيا آهن، هنن جو ڪوبه ڏوهه نه آهي هنن کي معافي ملي.“ ان تي مير صوبدار خان خط جي جواب ۾ لکيو ته ”پرتاب منهنجو وفادار هو، ڏوهي اهو نه پر جلالاڻي آهن، اسان اوهان جي سفارش تي کين جان جي امان ڏيون ٿا، پر هو جيستائين اتي اوهان وٽ هوندا ته اسان کين ڪجهه به نه چونداسين، جيڪڏهن واپس آيا ته مٿن حملي لاءِ ٻيهر لشڪر موڪليو ويندو.“ ان بعد جلالاڻي اتي رهي پيا. جڏهن انگريز سنڌ تي قبضو ڪيو ته ميرن جي صاحبي ختم ٿي ته چئن سالن بعد نصير خان جلالاڻي ۽ جلالاڻين جا ٻيا ڪجهه ماڻهو واپس آيا، باقي واپس اچڻ جو سوچي رهيا هئا ته مير صوبدار خان جو منشي آوترا جيڪو سندس وفادار صلاحڪار رهڻ جي باوجود انگريزن سان مليل

هو. تنهن ۾ پرتاب جي مائٽن جيڪي شهدادپور ويجهو لانڊين جا ٻڏايا وڃن ٿا، انگريز سرڪار جي عملدارن وٽ دانهيو ته ”جلالاڻي واپس اچي اسان کي به مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. اسان سان انصاف ڪريو. پرتاب جي قاتلن خلاف قانوني ڪارروائي ڪريو.“ ان بعد انگريز سرڪار نصير خان ۽ سندس ٻين مائٽن کي گرفتار ڪري حيدرآباد ڪٽي وجي قيد ڪيو. بعد ۾ مير علي مراد خان جيڪو انگريزن جو وفادار هو، انگريزن جو هر حڪم اکين تي رکي ان تي عمل ڪري رهيو هو، جي خاص سفارش ۾ ان دليل جي ته هي قصو اوهان کان اڳ جو آهي ۽ پرتاب هنن سان ظلم ڪيو هو. اهي به روايتون آهن ته مير علي مراد کي هنن جلالاڻين جو ايترو لاچار هو جو پاڻ خيرپور ميرس مان منزلون ڪندي حيدرآباد پهتو، گوري نپيئر سان ملاقات ڪري خاص سفارش سان نصير خان جلالاڻي ۽ سندس عزيزن جي جان ڇڏائي ۽ جلالاڻي واپس ڳوٺ پهتا ۽ حيدرآباد مان 50 گهوڙي سوار جلالاڻين جي جلوس سان ڀرين شاهه لطيف جي مزار تي پهچي خير خيرات ڪرڻ بعد اتان واپس ساڏوٽي پهتا. مشهور ليکڪ محقق شمس العماءَ مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب سنڌ جا مشهور شهر ۾ ماڻهو ۾ لکي ٿو ته پرتاب راءِ مير صوبدار خان جو منشي ۽ خاص وفادار ماڻهو هو، جڏهن 1886ع ۾ مير صوبدار خان پنهنجي چاچن سان ملڪيت جي سلسلي ۾ رنج ٿي فساد ڪرڻ ۽ لشڪر گڏ ڪرڻ ۾ لڳو ته تڏهن خرچ لاءِ منشي پرتاب راءِ جي معرفت سون وڪٽي خرچ جي پورائي ڪئي، مير صوبدار خان جو هوش محمد هوشو شيدي ۽ پرتاب راءِ صلاحڪار به هئا.هن جي چاچن سان لڙائي به ٿي جنهنڪري گهڻا ماڻهو مير کي ڇڏي ويا ۽ لاچار ٿي پيش پيو، منشي پرتاب راءِ گهرجي مل جو پٽ ڪلياڻ داس جو پوٽو هو. شهدادپور ويجهو لانڊين ۾ رهندو هو، پڇاڙي ۾ ڪن جلالاڻي بلوچن هن کي ماري وڌو، هن کي 2 پٽ تخت راءِ ۽ گردر داس هو، ان جو پٽ گاگن داس هو، شمس العماءِ مرزاقليچ بيگ مٿي ذڪر ڪيل واقعي جو تفصيل نه لکيو آهي. ان وقت تاريخي واقعا لکڻ لاءِ اتي وجي تحقيق ڪرڻ، معلوم ڪرڻ جو رواج شايد گهٽ هو ۽ ان وقت جي اديبن ٻڌل ٻڌايل ڳالهين تي وڌيڪ زور ڏنو آهي. مرزا صاحب ڳوٺ ساڏوٽي وارو پورو واقعو لکڻ بجاءِ صرف پرتاب راءِ جو مختصر تعارف لکيو آهي، افسوس ان ڳالهه جو آهي ته هن اهم واقعي تي تاريخ خاموش





آهي.ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جيڪو خود ضلعي سانگهڙ جو هو ۽ هن سنڌ جي تاريخ تي وڏو ڪم ڪيو آهي ليڪن مٿي ذڪر ڪيل واقعو هن جي ڪنهن ڪتاب ۾ نظر نه آيو، ليڪن جهول ۽ ان علائقي جي هر ساڃاهه وند ماڻهو کي اهو واقعو بر زباني ياد آهي ۽ هو ان واقعي تي اهڙي انداز ۾ بيان ڪن ٿا جهڙو هو ان واقعي جا اکين ڏٺا شاهد هجن، بدقسمتي اها به آهي ته صرف مٿيون واقعو نه پر سنڌ ۾ ڪيترائي اهڙا تاريخي واقعا آهن، سنڌ جا ڪيترائي تاريخي شهر، ڳوٺ ۽ ان دور جون اهم شخصيتون جن جا ان دور ۾ وڏا ڪارناما رهيا، ليڪن ماضي جي تاريخدانن انهن جو ذڪر نه ڪيو آهي، جي ڪن جو ذڪر ڪيو آهي ته اهو به مختصر سمجهه ۾ نه ايندڙ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ ۾ تاريخ بابت کوجنا ڪندڙ نوجوانن محققن ليکڪن کي تاريخ کان رهجي ويندڙ اهڙن واقعن، شخصيتن ۽ تاريخي قديمي شهرن، ڳوٺن جو تاريخي پسمنظر ۾ ماضي حال بابت ڇنڊڇاڻ ڪري تفصيل سان لکڻ گهرجي ته جيئن اهو مواد سنڌ جي تاريخ جو حصو بڻجي وڃي،مٿيون واقعو اسانکي جلالاڻي برادري جي معزز شخصيت، ليکڪ، ادب دوست جعفر جيم جلالاڻي ٻڌايو آهي ته اهو قصو سندن وڏن کان سيني به سيني منتقل ٿيندو رهي ٿو، سندن هڪ ڪتاب شايع ٿيو آهي، ڪافي اڻ ڇپيل ڪتاب وٽس موجود آهن، ڪيس تاريخ بابت وڏي ڄاڻ آهي، نصير خان سندن پڙڏاڏو هو، پاڻ نصير خان خان جلالاڻي نالي سان جهول ويجهو آباد ڳوٺ ۾ رهي ٿو.

# باب ٽيون
# سنڌڙي تنھنجا شھر وسن
## سنڌ جي ڪجھہ قديمي شھرن ڳوٺن جو تاريخي پس منظر ۽ ماضي حال

### مير شھداد خان جو اڏايل شھر شھدادپور

سنڌ جو قديمي، تاريخي شھر شھدادپور جيڪو مير شھداد خان ٽالپر آباد ڪيو. روايتن موجب ان ڪان اڳ ھتي ڪلھوڙن جي اوائلي دور ۾ ھتي ھڪ آبادي ھئي، جتي ملاح رھندا ھئا ۽ ھتان وھندڙ لوھاٽو درياءَ تي پتڻ بہ ھوندو ھو، پر ھتي ميان يار محمد ڪلھوڙو جي دور ۾ سندس سپھہ سالار مير شھداد خان ٽالپر جيڪو سندس فوجي صلاحڪار بہ ھو، ان ھتي پنھنجي رھائش بہ اختيار ڪئي ۽ اھو ننڍڙو ڳوٺ وڏي شھر ٿيو ۽ مير شھداد خان ٽالپر جي نالي پويان شھدادپور سڏجڻ لڳو. مير شھدادخان ٽالپر جو وصال 1728ع ۾ ٿيو، ان ڪري يقين سان چئي سگھجي ٿو تہ ھي شھر ان ڪان اڳ جو آباد ٿيل آھي. ائين چئي سگھجي ٿو تہ مير شھداد خان ٽالپر ھتي آباد ننڍڙي شھر کي وڌايو ۽ ترقي وٺرائي، شھدادپور جي جھوني شاعر ۽ صوفي فقير عبدالله عبدابڙو جو چوڻ آھي تہ شھدادپور جو اصل نالو علي آباد آھي، جي وي سمٿ جي ڪتاب گزيٽيئر آف سنڌ نواب شاھہ ۾ ھن شھر جي آباد ٿيڻ وارو سال 1700ع ڄڻايو ويو آھي. ميان يار محمد ڪلھوڙو وٽ سيني ٽالپرن ۾ مير شھداد خان ٽالپر جي وڏيڪ حيثيت ھئي، ڪلھوڙن جو بااعتماد ۽ وفادار ھو، ڪلھوڙن جي دور ۾ اڳوٽي محمدي ڪاٽن فيڪٽري ھاٽوڪو محمدي ٽائون ۾ فوجي چانوٽي ھئي، جنھن کي مضبوط ڪچو ڪوٽ بہ آيل ھو. ميرن جي صاحبي ۾ بہ اھو قلعو فوجي چانوٽي طور استعمال ٿيو، ھن ڪوٽ کي ٻہ دروازا ھڪ اوڀر ھڪ ڏکڻ طرف ھو. دروازن مٿان مضبوط مورچا بہ ٺھيل ھئا. ميرن جي دور ۾ ڪوٽ اندر ميرن جون ڪيتريون ئي عمارتون بہ جڙيون ٽالپرن جي حڪمرانن جي فوج ۾ مري. لغاري، رند نظاماڻي وڏي تعداد ۾ ھوندا ھئا. جن مان ڪافي ميرن جي فوج جا سالار بہ ھئا. ھتي لغارين، نظاماڻي، مرين جا ڳوٺ آباد آھن، جن کي انعامن ۾ ميرن جاگيرون ورھائي ڏنيون، ڪلھوڙن جي دور ۾ سنڌو درياھہ مان لھاٽو وھندو ھو، جنھن کي مارڪ





واھہ بہ سڏيو وڃي ٿو، جنھن کي سنڌو درياءَ جو ڦاٽ بہ سڏيو ويندو ھو. سھڻي ميھار جو قصو بہ لھاٽو درياءَ سان وابستہ آھي. سھڻي لھاٽو مان تري پنھنجي محبوب ميھار سان ملڻ ويندي ھئي ۽ ان ئي درياءَ ۾ ٻڏي مري وئي. ميرن جي دور ۾ لھاٽو مان 2 واھہ ھڪ مير شھداد خان ٽالپر جي پاڻٽي جي نالي سان شاھو واھہ ٻيو سندس پٽ جي نالي سان ڄام واھہ کوٽايا ويا. شاھو واھہ موجوده ريلوي اسٽيشن ڪان اتر طرف نڪرندو ھو ۽ جھول تائين وھندو ھو، جتي مير بجار خان جي زمين آباد ڪندو ھو. ڄام واھہ موجوده محمدي ٽائون جي اوڀر طرف کان ٿيندي مڙھي ڪان نڪري ديھہ ڄام نندو تعلقہ سانگھڙ کي آباد ڪندو ھو. ڄام واھہ مان ننڍي شاخ راڄ واھہ شھدادپور جي اتر طرف کان نڪرندو ھو، جيڪو ديھہ قبو يگان کي آباد ڪندو ھو، ڄام واھہ ۽ راڄ واھہ تي شھدادپور ۾ اڇ وڃ لاءِ پليون ھونديون ھيون. ان وقت شھدادپور شھر موجوده ساڻي پاڙو، لوھارڪي گھٽي، سونارڪي بازار، ڪپڙا مارڪيٽ، واري علائقي جي تي مشتمل ھوندو ھو، انھن واھن جا ھاڻ نشان ختم ٿي ويا آھن، پاڪستان ٺھڻ کان اڳ سيٺ پرسومل اھا قلعي واري جاءِ ھٿ ڪئي ۽ اتي ڪپھہ جو ڪارخانو لڳايو، ان ڪوٽ ۽ قلعي جا نشان 1980ع تائين موجود ھئا پر محمدي ٽائون ٺھڻ بعد ان تاريخي ڪوٽ جا نشان بہ نہ رھيا آھن، ٽالپرن جي حڪومت اچڻ بعد شھدادپور شھر فوج جو مرڪز رھيو، جڏھن ڪلھوڙا حڪمرانن ۽ ميرن جي درميان دوستي دشمني ۾ بدلجي وئي تہ ھتي ڪلھوڙن ۽ ميرن جي درميان ڪيتريون ئي جنگيون بہ لڳيون، جڏھن نادر شاھہ سنڌ تي حملو ڪيو ۽ ميان نور محمد ڪلھوڙو ڀڄي وڃي، عمرڪوٽ پھتو نادر شاھہ ڪاھيندو شھدادپور اچي پھتو ۽ ھتي ھڪ رات رھڻ بعد پنھنجي لشڪر سان عمرڪوٽ روانو ٿيو تہ ميان نور محمد ڪلھوڙو جا ماڻھو نادر شاھہ کي راضي ڪرڻ لاءِ وٽس قيمتي تحفہ کڻي آيا، پر ھو راضي نہ ٿيو، اھڙي صورتحال ۾ شھدادپور جي سرزمين تي ميان نور محمد ڪلھوڙو جا عقيدتمند ماڇي برادري وارا نادر شاھہ جي سامھون ٿيا ۽ نادري لشڪر سان دليري سان مقابلو ڪيائون، ان ۾ وڏي رتوڇاڻ ٿي، نادر شاھہ جو لشڪر وڌيڪ ھئڻ ڪري وڏي تعداد ۾ ماڇي مارجي ويا، ميان نور محمد ڪلھوڙو جي وصال بعد سندس وڏو پٽ ميان مراد ياب خان نصرپور لڳ مراد آباد شھر آباد ڪيو ۽ اتي پنھنجي پرڳڻي جي گادي جو ھنڌ بنايو،

مرادياب خان جو عوام سان سنو ورتاءُ نہ ڪرڻ وارين شڪايتن عام ٿيڻ بعد ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو ڊرامائي انداز ۾ تخت تي ڇاپو هڻائي کيس گهر ڀاتين سميت شهدادپور جي ڪوٽ اندر قيد ڪيو.

ڪلهوڙن جي پوين دور ۾ ميان عبدالنبي ڪلهوڙو ۽ بجار خان جي وچ ۾ دلور پاسي وڏي جنگ لڳي جنهن ۾ ميان عبدالنبي شهيد ٿي ويو، ٽالپر اتان موٽي شهدادپور واري ڪوٽ ۾ اچي رهيا ۽ ان ڪوٽ ۾ ئي وڏو جشن ملهايو. انگريز جڏهن سنڌ تي قابض ٿيا تہ شير سنڌ مير شير محمد خان ٽالپر انگريزن جي خلاف جيڪي بہ وڏيون جنگيون وڙهيو، انهن مان هڪ جنگ شهدادپور ويجهو وڙهي هئي، جنهن ۾ مير شيرمحمد خان هارايو هو، انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي تہ سنڌ کي ٽن ڪمشنرين ۾ ورهايو ويو، انگريزن خلاف حضرت پير صبغت الله شاهہ راشدي ”سورهيہ بادشاهہ“ جي اعلانيل گوريلا جنگ ”وطن يا ڪفن“ ۾ بہ شهدادپور ۽ آسپاس ۾ حرن پاڻ ملهايو. هينئر جتي پي ٽي سي سامهون ينگي ڪالوني آهي، اتي ۽ جتي حر آباد ڳوٺ آهي، انگريزن حرن کي ٻارين ٻچين گرفتار ڪري لوڙهن ۾ بند ڪيو. شهدادپور ٿاڻي ۾ لاتعداد حرن کي تشدد ڪري ماري ٿاڻي پويان مٽي ماءُ حوالي ڪيو. ٿاڻي ۽ موجوده ڊي ايس پي آفيس جي پويان ڪجهہ عرصو اڳ کوٽائي دوران اجتماعي قبرون هٿ آيون، خيال آهي تہ اهي وطن يا ڪفن جنگ جي شهيدن جون قبرون آهن. پاڪستان ٺهڻ بعد بہ حر ئي ڪافي وقت لوڙهڻ ۾ قيد هئا. شهدادپور ويجهو پاڪستان ٺهڻ بعد حرن جا جتي لوڙها هئا، ڪافي حد اتي ئي ويهي رهيا، ڇاڪاڻ تہ انگريز سرڪار سندن گهر ڊاهي ڇڏيا هئا.

انگريز دور ۾ شهدادپور ترقي ڪئي ۽ شهر ۾ صفائي سترائي ۽ روشني جو بهترين انتظام هو. روزانہ ميونسپل ڪميٽي جا ڀشتي چمڙي جي ساندارن تي پاڻي ڀري رستن تي ڇنڪار ڪندا هئا. شام ٿيندي شهر ۾ روشني لاءِ تيل تي ٻرندڙ شمع دان ٻاريا ويندا هئا. شهر ۾ وڏي تعداد ۾ روڊن تي مختلف قسمن جا وڻ هوندا هئا، پاڻي لاءِ کوهہ کوٽيل هئا. پراڻن کوهن ۾ ميمڻ پاڙو ۾، هرداس پور چونڪ تي، ريلوي ٽڪيٽ گهر سامهون، اولڊ پريس ڪلب پرسان سوائي روڊ تي شهباز لائبريري وٽ ڪافي تعداد ۾ کوهہ هئا، جي هاڻ نہ رهيا آهن.

1954ع ۾ شهدادپور کي تعلقي جو درجو ڏئي حيدرآباد





ضلعي ۾ شامل ڪيو ويو. نواب شاهہ کي ضلعي جو درجو ملڻ بعد شهدادپور تعلقي کي ان ۾ شامل ڪيو ويو. بعد ۾ سانگهڙ کي ضلعو بنائڻ بعد شهدادپور کي ضلعي سانگهڙ ۾ شامل ڪيو ويو. ليڪن سانگهڙ ۾ ضلع آفيسرن لاءِ آفيسون ٺهڻ تائين ڪيترن ئي ڪاتن جون آفيسون شهدادپور ۾ قائم هيون. انگريز دور ۾ 1914ع ۾ شهدادپور ۾ ميونسپلٽي جو بنياد وڌو ويو. 1898ع ۾ پرائمري اسڪول جو بنياد وڌو ويو، جتي هي گورمينٽ مين پرائمري سنڌي اسڪول آهي، انگريز دور ۾ ٺاهيل اسڪول جي عمارت موجود هئي، جيڪا بعد ۾ ڊاهي موجوده ڊبل اسٽوري عمارت ٺهرائي وئي.

شهدادپور کي پهرين تعلقي بعد ۾ سب ڊويزن جو درجو ملڻ بعد هتي وڏي تعداد ۾ سرڪاري ڪاتن جون آفيسون ٺاهيون ويون. پاڪستان ٺهڻ بعد جڏهن هندو مسلم فساد شروع ٿيا تہ ان جو ايڏو وڏو اثر شهدادپور تي نہ پيو، پر تنهن هوندي بہ آسپاس ۾ ڪجهہ اڻ وڻندڙ واقعا ٿيا، جنهن ڪري هتان وڏي تعداد ۾ هندو لڏپلاڻ ڪري ڀارت هليا ويا. جتان وڏي تعداد ۾ مهاجر هتي پهتا، شهدادپور ۾ هندو مسلم فساد وڏي پيماني تي تہ نہ ٿيا، ليڪن پوءِ بہ هندو خوف وچان لڏي ويا. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ شهر جا رستا، گهٽيون ڪشاديون هيون ۽ آسپاس ميدان هئا. شهدادپور جو پراڻو بس اڏو پراڻي مير هاشم لائبريري کان اسٽيشن تائين هو ۽ هتي ٽرانسپورٽ تي سرهندي پيرن جو هولڊ هوندو هو. موجوده اسلام آباد پاڙي ۾ بسن جو گئراج هوندو هو. ماضي ۾ هتي ڪيترين ئي وڏيون ڪڏون هيون، هڪ ملدسي روڊ واري ڪڏ، جيڪا 6 ايڪڙن ۾ هئي ان ڪڏ کي 420 سڏيو ويندو هو. هڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول روڊ واري ڪڏ، ڇاڪي پاڙي ۾ ڊوبي گهاٽ واري ڪڏ بہ ايڪڙن ۾ پکڙيل هئي، سوائي روڊ واري ڪڏ بہ 17 ايڪڙن ۾ هئي. نانگو شاهہ واري ڪڏ، ابدال نگر پاڙي واري ڪڏ ۽ ٻيون ڪڏون شامل هيون، اتي بہ لينڊ مافيہ جا قبضا ٿي ويا، رهيل ڪڏن تي قبضا ٿي رهيا آهن. ساٿي پاڙي ۾ هندن جي معصوم ٻارن جو قبرستان هوندو هو، جتي لينڊ مافيہ بلڊنگون ٺاهي ڇڏيون آهن، اسلام آباد پاڙي جو پراڻو نالو پڳوان آباد جاني پوره جو پراڻو نالو جاني مل پاڙو، هو سوائي روڊ ڀن حصن ۾ ورهايل هو، ٻائو پاڙو ۽ ڪيشن پورا. شهر جي ڪپڙا مارڪيٽ موجوده ڪپڙا مارڪيٽ ۽ واڻ بازار، سوناري بازار، ٻي مارڪيٽ

چترا مارڪيٽ جيڪا صوفي بيڪري واري مارڪيٽ ۾ هئي، اهي ڪاروبار جا مرڪز هيا. هتي ڪيتل گهاٽ به هو ۽ موجوده شاهه لطيف پارڪ وٽ ٽانگي جي گهوڙن جي پيڻ جي پاڻي لاءِ سيمنٽ سان وڏو هود ٺاهيل هو، اتي به غير قانوني طور دوڪان ٺاهيا ويا آهن. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ ڪيترائي سال پوءِ اسلام آباد پاڙو پراڻو پکوان آباد ايئن هو، جيئن هن وقت شهدادپور ۾ انصاف ستي، محمدي ٽائون وارو علائقو آهي، موجوده انصاف ستي ۾ قاضي ڪاٽن فيڪٽري هوندي هئي. شهدادپور جي قديمي امام بارگاهه لوهارڪي گهٽي واري هئي، شهدادپور جو اٻڙا پاڙو به قديمي آهي. هي پاڙو ڪيترن ئي ايڪڙن تي هو، اٻڙا پاڙي جي ڪجهه حصي کي اٻڙا پاڙو ۽ ٻين پاڙن ۽ گهٽين کي مختلف نالن سان سڏيو وڃي ٿو.

شهدادپور جي ريلوي اسٽيشن 1873ع ۾ ٺهي. اها زمين بوداڻي خاندان جي هئي، موجوده سرڪاري اسپتال واري زمين به بوداڻي خاندان جي هئي. هن وقت شهدادپور ۾ تقريباً سرڪاري ڪاٽن جون آفيسون آهن. شهدادپور ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شهدادپور گورنمينٽ ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادپور نالي سان 2 بوائز هاءِ اسڪول گورنمينٽ ڊگري ڪاليج گورنمينٽ گرلس ڪاليج گورنمينٽ گرلز هائر سيڪنڊري اسڪول ۽ شهر ۾ ڪيترائي سرڪاري اردو سنڌي پرائمري بوائيز ۽ گرلس اسڪول ۽ وڏي تعداد ۾ پرائيويٽ اسڪول خانگي ڪاليج پڻ آهن. انگريز سرڪاري شهدادپور ۾ 1936ع ۾ پوليس ٽريننگ ڪاليج قائم ڪيو هو. ماضي ۾ سڄي پاڪستان ۾ پوليس جي ٽريننگ جو واحد اسڪول هو، هاڻ ترقي ڪندي پوليس ٽريننگ ڪاليج ٿي ويو آهي، جتي سپاهي کان وٺي ڊي ايس پي تائين ٽريننگ ڪن ٿا. شهدادپور ۾ عوام جي تفريح لاءِ 3 پارڪ آهن، شاهه لطيف پارڪ، جناح پارڪ ۽ چاڪي پاڙو ۾ شهيد بي نظير ڀٽو وومين ۽ چلڊرن پارڪ آهي، جيڪو 2012ع ۾ ٺهيو، اتي پراڻو ڌوٻي گهاٽ جي ڪڏ هئي، برساتن ۾ ڀرجي وڃڻ ڪري گهرن ۾ پاڻي ايندو هو. مون به 2006ع ۾ اتي گهر دادو مل کان خريد ڪيو، اتي گهرن ۾ ڪڏ مان گندي ڏپ ايندي هئي. مون رئيس عبدالسلام ٿهيم ۽ ان وقت جو ٽي ايم او سيد شفيق شاهه کي مشورو ڏنو ته هتي شهيد راڻي جي نالي سان ٻارن ۽ عورتن لاءِ پارڪ ٺهرايو، اهو مشورو هنن کي





پسند آيو ۽ ان تي عمل ٿيو ۽ بلديه جي بجيٽ مان 50 لکن کان وڌيڪ رقم منظور ٿي، بعد ۾ وڌيڪ رقم رکي وئي ۽ ان مان پارڪ ٺهرايو ويو، هتي پراڻي ميونسپل آفيس ايم سي بي بئنڪ سامهون واري گلي ۾ هئي، اها بلڊنگ بعد ۾ پريس ڪلب کي ڏني وئي، پريس ڪلب جي موجوده بلڊنگ ٺهڻ بعد اها جڳهه ڀڳڙن جي مٺ تي وڪرو ڪئي وئي، ان بلڊنگ مٿان انگريز دور ۾ گهنڊ لڳل هو. جتي موجوده ميونسپالٽي جي آفيس آهي، اتي ميونسپلٽي جي ڊسپينسري هلندي هئي. موجوده سرڪاري اسپتال 1970ع ۾ جڙي. سابق وزير اعليٰ سنڌ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم هن اسپتال کي تعلقي اسپتال مان وڌائي انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس جو درجو ڏنو ۽ هن وقت هن اسپتال جو شمار وڏن شهرن جي اسپتالن ۾ ٿئي ٿو. شهدادپور جي پراڻي هوٽل شهباز هوٽل جيڪا ايم سي بي بئنڪ سامهون هئي، هي هوٽل ناچو چوڪرن جو مرڪز رهي. هن وقت شهر ۾ 100 کان وڌيڪ هوٽلون آهن.

آچر هوٽل جيڪا ايم سي بي ويجهو هئي اتي هاڻ ڪريانه دوڪان آهي. ياسين هوٽل ننڍي بازار ويجهو، محمدي هوٽل جتي سياسي پروگرام به ٿيندا هئا، هن هوٽل تي سياسي سماجي شخصيتون راتين تائين ويهي ڪچهريون ڪندا هئا. غفار هوٽل جيڪا نٿوخان جي هئي، پراڻي پريس ڪلب ويجهو هئي، دلبهار هوٽل جيڪا شهر جي پراڻي کان پراڻي هوٽل هئي، هاڻ اها ڪافي سالن کان بند آهي. هي بوداڻن جي هئي، جيڪا ڪرائي تي ڏنل هئي، غفار هوٽل اسٽيشن ويجهو نور محمد مسجد سامهون هئي. شير خان هوٽل، محمدي هوٽل، شير خان هوٽل برابر هئي، زاهد هوٽل سئنيما ويجهو هئي، تاج هوٽل فيض سئنيما ويجهو هئي، سبحان الله هوٽل اسلام مٺائي واري دوڪان سامهون هئي.

شهدادپور جي ماضي جي مشهور اوطاقن ۾ پائي خان وساڻ جي اوطاق، محمد علي رند جي اوطاق، جلال خان وساڻ جي اوطاق، علي محمد واسو جي اوطاق، گل محمد خان ٿهيم جي اوطاق، راڻي صاحب ديا رام جي اوطاق، تيرٿ مل جي والد جي اوطاق، غلام علي شاهه جي اوطاق، حاڪم علي شاهه جي اوطاق، چنيسر پنهيرو جي اوطاق، الهه بچايو پنهيرو جي اوطاق، پير رسول بخش جي اوطاق ۽ ٻيون اوطاقون شامل هيون.

شهدادپور جي مٿي ذڪر ڪيل پاڙن ڪانسواءِ ميمڻ پاڙو، هرداس پور، سابقي پاڙو، راڻا مل گهٽي، بخاري پاڙو، بوداڻي پاڙو ۽ پراڻا پاڙا آهن. هن وٽ شهدادپور ۾ 100 کان وڌيڪ ڊاڪٽر آهن، ليڪن ماضي ۾ هتي جي مشهور ڊاڪٽرن ۾ ڊاڪٽر عباسي، ڊاڪٽر گل محمد شاهه، ڊاڪٽر غياث الدين بنگالي، ڊاڪٽر محمد حسن چانڊيو، ڊاڪٽر عبدالمجيد منڊو، ڊاڪٽر خانصاحب عبدالحق جتوئي، ڊاڪٽر ٻچل ۽ ٻيا هئا، جن ۾ چئن ڊاڪٽرن ڪانسواءِ باقي ايم بي بي ايس ڊاڪٽر نه هئا. ڊسپينسر هئا، ليڪن ڪين موجوده وقت جي بهترين ڊاڪٽرن جيتري ڄاڻ هئي، خانصاحب عبدالحق جتوئي جراح حڪيم هو. ماڻهن جا ڪاڪڙا وڍيندو هو، جڏهن ته بعد ۾ ڊاڪٽر مير بيگ، ڊاڪٽر حاجي خان ٽالپر، ڊاڪٽر قادر بخش ميمڻ ۽ ٻيا شامل آهن. محمد علي خان بهترين حڪيم هو، شهدادپور جي جهونن وڪيلن ۾ ڏٽي بخش، الهه وڏايو ڏاهري، ولي محمد ڏاريجو، محمد اسحاق آرائين، ڏنو ميمڻ" عبدالسلام انصاري، عبدالعزيز ميمڻ، سيد شبير حسين شاهه، عبدالواحد بروهي، غلام رسول انڙ، شهاب الدين ميمڻ، اشرف عمراڻي، پير علي نواز قريشي، احسان شاهه ۽ ٻيا شامل آهن. شهدادپور جي پهرين سئنيما گهر جيڪا ديوان هرچند راءِ ٺهرائي هئي، جيڪا لڪشمي ٽاڪيز سان سيٺ بولچند، بعد ۾ اها انڊيا مان آيلن کي ملي، انهن ان سئنيما جو نالو فيض ٽاڪيز رکيو، ٻي سئنيما شاهين جي نالي سان قاضي فيملي جي قاضي صدرالدين ٺهرائي، اتي هاڻ صائمه ميڊيڪل سينٽر ۽ گهر ٺهرايا ويا آهن. فيض ٽاڪيز سئنيما جي جاءِ تي شاپنگ سينٽر ٺهرايو پيو وڃي.

شهدادپور ۾ ڪيترائي مدرسا آهن، انهن ۾ وڏي کان وڏو مدرسو حسيني مدرسو آهي، جتي سوين شاگرد تعليم حاصل ڪن ٿا. هن مدرسي ۾ ڪيترن ئي ملڪن جا شاگرد به پڙهن ٿا. شهدادپور ۾ پهريون بس اسٽاپ اسٽيشن روڊ تي هو، ان بعد جتي سيد الهه بچايو شاهه جو گهر آهي، اتي هو، شهدادپور ۾ ڪيترن ئي بزرگن جون مزارون آهن، جن جو ذڪر الڳ باب پهرين ۾ آهي، هتي هندو صوفي سنت بائو سوائي، سنت چولارام، سنت گيهي ڀڳت، سنت اندر گر صاحب، جڏهن ته شهدادپور جي ويجهو پائي تولارام ۽ ڳسو ڀڳت جون مزارون آهن. جڏهن ته هندن جو ٽڪاڻو صاحب، گرومندر، ڌرمشالا، جهولي لال مندر،





شيوالو پڻ آهي، ماضي ۾ شهدادپور واسي عيدگاهه ۾ نماز پڙهندا هئا، هاڻ عيدگاهه ڪانسواءِ حسيني مدرسي، امام بارگاهه، ريلوي اسٽيشن لوهارڪي مسجد ۽ ٻين هندن تي پڻ عيد جي نماز پڙهي وڃي ٿي. شهدادپور ۾ ڪافي امام بارگاهون آهن جن ۾ مرڪزي امام بارگاهه، حسينه حيدر ڪرار امام بارگاهه، لوهارڪي گلي واري امام بارگاهه، عالي محمد امام بارگاهه، ذوالفقار حيدري امام بارگاهه، علي مرتضيٰ امام بارگاهه آهن. جڏهن ته وڏي تعداد ۾ پڙ پڻ آهن، جتي شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ عزاداري ۽ خيرخيراتون ٿين ٿيون.

شهداپور جي انتقال ڪري ويل تعليمي شخصيتن ۾ ٻين ڪانسواءِ پروفيسر اعجاز ميمڻ، پروفيسر گل محمد گلاٽي، محمد ٻچل ميمڻ، دين محمد راجپوت فقير محب علي ٽالپر، بنده علي ٽالپر، محمد خان پاٽوجو، محمد هاشم سومرو، محمد هاشم جمالي "ڳوٺ ماٽو جمالي"، هيمن داس واڻيو، محمد خان مستوئي، قمر الدين راجپوت، سيد مهتاب علي، سيد لائق علي، سيد اظهر علي، مقصود علي، شريف محمد، رحمت الله، اميرالدين، محمد ادريس ڪونڊر اترادي، عبدالرزاق پيرزادو "ڪنڊيارو"، محمد رمضان ميمڻ، فيض محمد شاهه "نوشهروفيروز" وارو، مظفر خان، قمر جنيدي، سليمان قريشي، علي محمد پلهه "ميرپورخاص"، مولا بخش لغاري "ڳوٺ غلام محمد لغاري، غلام محمد لغاري ڳوٺ غلام محمد لغاري، جان محمد خان ڏاهري"، شاهپور چاڪر، محمد ٻڍل ڪوسو، علي محمد ڪوسو، عبدالغفار ميمڻ، پير مولا داد قريشي، محمد سومر خاصخيلي ٻرهون روڊ، جمال پريو فقير، محمد علي سومرو، انور سومرو، مولا بخش ميمڻ، محمد صالح گوپانگ، لال محمد اڄڻ، سوائي خان جکرو، محمد اسماعيل ٻگهيو، سيد لائق علي، الطاف حسين قريشي، رمضان ميمڻ، عبدالغفار ميمڻ، سيد آل نبي شاهه، دادن پٽو، گهنور خان رند، روشن الدين پٺاڻ، امداد ملڪ، نجم الدين ميمڻ، قمرالدين سيال اترادي، آپا امير بانو، شبير سرهيو، عبدالخالق پنهيرو، مهتاب صاحب، عبدالرحمان ميمڻ، ماسي ساران خاصخيلي، لکمير ڏاهري، محمد انور گجر، عبدالغني مڱڻهار، گل محمد خاصخيلي به شامل آهن.

شهدادپور جي انتقال ڪري ويل مشهور سياسي سماجي شخصيتن ۾ ٻين ڪانسواءِ جان محمد خان وساڻ" پائي خان وساڻ "اول"،

پائي خان وساڻ دوئم ۾ گل محمد خان ٿهيم، عبدالسلام ٿهيم، عبدالواحد بروهي، عيسيٰ خان وساڻ ”اول“ ، موسيٰ خان وساڻ ”اول“ ، پائي خان وساڻ، مير محمد خان وساڻ، جمال فقير خاصخيلي، قاضي محمد تقي، ڄام قائم الدين ڪوريجو، شاهه محمد ميمڻ، حاجي محمد ابراهيم ڏيٿو، سردار الهه ڏنو خان ڏيٿو، ڏاڏو متارو ڏاهري، مرتضيٰ رند، ڊاڪٽر مير بيگ، پير رسول بخش قريشي، سيد عزيز الدين شاهه، غلام محمد جکرو، راڻا ولايت، سيٺ ڪشچند، خالق ڏنو دل ”جج“ ، سيٺ جاني مل، سيٺ هرداس مل، سيٺ حبيب، سيٺ ڏٽي بخش شيخ، پير علي نواز قريشي ايڊووڪيٽ، سيد در محمد شاهه، سيد نور محمد شاهه، الهه بچايو پنهيرو، چنيسر خان پنهيرو، زوار غلام حيدر زرداري، علي دوست زرداري، محمد صالح وساڻ، محمد آچر وساڻ، فيصل خان وساڻ، پير بخش بوداڻي، حاجي فيض محمد ڪيريو، پير محمد اعظم قريشي، مير هاشم ٽالپر، مولانا مرزا اختر، عبدالقدير، رحيم بخش غوري، غلام مصطفيٰ راجپوت، غلام محمد شيخ، حاجي ياسين نربان، محمد صديق نربان، حاجي ضلع دار، حڪيم عبدالستار خلجي، ديوان توتومل، ليمون فقير سنجراڻي، فقير عبدالحڪيم هنگورو، سردار نبي بخش سولنگي، سيد حسين شاهه ”پوليس انسپيڪٽر“ ، مير محمد شاهه، علي شير جوڻيجو، سيد محمد شاهه ”ڪينڪائي“ ، سيٺ فتح نصيب، ڊاڪٽر گل محمد شاهه، حاجي نظام الدين شيخ، سڪندر ڪيريو، سيد اوپال شاهه، سيد الهه بچايو شاهه، شهاب الدين ميمڻ ايڊووڪيٽ، سيد محمد شاهه، پير عبدالحسين صوفي، نظام الدين جنيدي، اظهر جعفري، مولوي عزيز يزداني، امير الحسن قريشي، پير غلام رضا قريشي، نور محمد خاصخيلي، مفتي عبدالحامد، صاحب ڏنو ٻگهيو، لڪاڏنو صبح پوٽو، شوڪت رام پوري، سيد غلام علي شاهه، جاويد سمون، غلام نبي ملاح سيٺ عبدالستار ميمڻ، مير عبدالڪريم ٽالپر، صلاح الدين قريشي، محمد يوسف ابڙو، عزيز الدين شاهه محمد صديق سچو سونارو، سيد حاڪم علي شاهه سيد عطا محمد شاهه، تاج حيدري ملاح، قابل ميراڻي، صوفي محمد صفر ابڙو، سيد عبدالوهاب شاهه، علي بخش سرهيو، رزاق مجاهد، محمد صديق دائودپوٽو، علي محمد واسو، فضڪر الله شاهه، حاجي واحد بخش پٽي، يار محمد خاصخيلي، مجاهد محمد ابراهيم، حاجي محمد اقبال قريشي، حاجي اسلام الدين راجپوت، پيرل مهيسر،





مولوي سيد شهاب الدين دائري وارو، محمد عثمان بخاري، ديوان بولچند، باقر خان لغاري، علي محمد واسو، حمزو خان وگڻ به شامل آهن.

انتقال ڪري ويل مشهور اديب شاعرن ۾ دادن پٽو، قادر بخش جمالي، محمد حسن سحر، ڪاڪا نثر مل آزاد، پائي خان ڪلوئي، مولانا محمد صادق، فاضل حميدي، فلڪ الهه آبادي، اسلام الدين آزاد، روشن پناڻ، مولوي شهاب الدين شاهه شامل آهن.

انتقال ڪري ويل صحافين ۾ مجاهد محمد اشرف دائودپوٽو، شڪيل پناڻ، محمد ايوب چانڊيو، يعقوب شورو، ناصر شيخ، سچل لاهوتي شاهه محمد ميمڻ شامل آهن.

انتقال ڪري ويل مشهور فنڪارن ۾ استاد طفيل قريشي، عطا محمد ڪنڀر، غلام رسول لوهار، قادر بخش ٿهيم ”هر فن مولا“ شامل آهن.

انتقال ڪري ويل مشهور اسٽيج اداڪارن ۾ غلام علي نظاماڻي، ماما رسول بخش راڄپر عرف شاهد خان، مقصود ڪوريجو، ماما يوسف خلجي، سيف گجر منشي فتح محمد تئمور، غلام جيلاني سومرو، اسماعيل شيخ، نور ميمڻ، مقصود ڪوريجو، فيصل قريشي، ماما نبي بخش لاشاري، عبدالغني مگڻهار، شڪيل ڪوريجو، فاصل حميدي، ناصر گجر، غني بلوچ.

شهدادپور جي سينئر ترين وڪيلن ۾ شير خان پناڻ، عبدالغني ميمڻ، عبدالعزيز ميمڻ، پير علي نواز قريشي، عبدالقدير بيگ، احسان علي شاهه، گلزار وڪيل، عبدالسلام انصاري، عبدالغني چانڊيو، ولي محمد ڏاريجو، هاشم خاصخيلي، صادق محمود آرائين، شهدادپور شهر جي حال حيات مشهور سياسي شخصن ۾ ماهي خان وساڻ، عبدالرحمان ٿهيم، فقير محمد بخش خاصخيلي، شاهد خان ٿهيم، غلام قادر ڪيريو، محمد علي خان وساڻ، فهد خان وساڻ، غلام قادر ڪيريو، اميد علي رند، تحسين نربان، فقير حسين بخش خاصخيلي، خادم حسين زرداري، ڊاڪٽر ايوب شيخ، لال بخش باگراڻي، ذوالفقار زرداري، مير ملوڪ ٽالپر، يار محمد لغاري، پير ڪوڙل قريشي، غلام سرور آرائين، طالب جکرو، ظفر بخاري، ارشاد بخاري، رمضان پنهور، سونو خان پنهيرو، ڊاڪٽر حاجي خان ٽالپر، پير خالد جان سرهندي، ايڊووڪيٽ پير محمد ايوب جان سرهندي، پير حبيب الله جان سرهندي، محمد انور زرداري، لقمان راجپوت، انور چانڊيو، ملڪ عبدالحميد ڪمال، ڊاڪٽر

چام سليم، فتح محمد شيخ، عارف شيخ، راڻا عبدالستار راجپوت، راڻا غلام رسول، رفيق جکرو، اسلم خاصخيلي، دائم منگي، پهلوان رند، منور خاصخيلي، ڊاڪٽر عبدالستار ڏيتو، نبي بخش سيال، نياز داڻي، اسحاق جکرو، منور ابڙو، فقير عبدالله ابڙو، راجا نور محمد ڏاهري، مشتاق قريشي، آفتاب بابو زرداري، محمد قاسم زرداري، جي رام داس، سيٺ رام چند، سردار نور محمد ڏيتو، مبورغوري، پنهل پاٽوجو، خدابخش پاٽوجو، آغا خداداد، چام پهوڙ، مراد علي پنهيرو، راڻا سردار راجپوت، علي مراد دزڪاٽي، خدابخش ڌرڪاڻو، يونس راجپوت، راڻا افضل، راڻا خالد راجپوت، محمد افضل، عبدالخالق شيخ، اصغري قريشي، حاجي سبحان قريشي، شفيق شاهد، شريف ڪلهوڙو، عزيز باگراڻي، شير تلهاڻي، فياض خاصخيلي، وزير ڪلهوڙو (جونيئر)، مير خادم حسين باگراڻي، غلام مصطفيٰ ٻگهيو، علي احمد رند، احمد علي عمراڻي، جبار ميمڻ ۽ ٻيا شامل آهن. شهدادپور شهر جي مشهور حال حيات شاعرن ۾ ڊاڪٽر عبدالرحمان دانش، ظفر بخاري، پير ڪوڙل قريشي، عاشق چانڊيو، محمد رمضان رمزي، انجم ٻگهيو، عبدالله چانڊيو، نديم گلاٽي، سيد غلام شاهه جيلاني، سجاد راشدي، محمد الياس ابڙو، فقير عبدالله ابڙو، ارباب عزم قمبراڻي، شاهنواز نوناري، قاسم انڙ، پيرل سولنگي، اصغر ڪنول، نسرين الطاف قريشي، سيد ميران شهاب ابو محمد سرمند، انعام نديم ڪاشميري، شهدادپور جي ليکڪ صحافين راقم المعروف نور سنڌي، نثار بالادي انجم ٻگهيو، قمرالدين ملڪ، مهدي حسن پنهور، ڊاڪٽر رفيق شيخ شامل آهن.

هتي شادي هال، بلال گارڊن، مجتبيٰ گارڊن، حسن علي گارڊن، سني گارڊن، قريشي شادي هال، ڌرم سالا شادي هال جي نالن سان آهن. شهدادپور شهر جي آبادي ۾ تيزي سان واڌ اچي رهي آهي، شهر شاهپورچاڪر، هالا، ملدسي، ٽنڊو آدم، ٻرهون، سانگهڙ، پيراني هنگورا روڊ تي تيزي سان وڌي رهيو آهي.

حوالا: سنڌ جا ڳوٺ ۽ شهر، سنڌي هندن جي تاريخ، سهڻي ميهار جي عرس مبارڪ تي شايع ڪيل سوينئر ۾ پروفيسر محمد خان ٻرڙو جو آرٽيڪل. ساجاهه وند ۽ جهونن ماڻهن عبدالله ابڙو، رمضان پنهور، احمد ظفر بخاري، قمرالدين ملڪ ۽ ٻين کان ورتل معلومات.





## ملدسي جو تاريخي پس منظر ماضي حال ۽ مشهور ماڻهو

سانگهڙ ضلع جي شهدادپور تعلقي ۾ شهدادپور کان اولهه طرف 9 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ماضي ۾ وهندڙ سنڌو درياءَ جي سير لوهاڻو "مارڪ واهه" ۽ روهڙي ڪئنال جي ڪپ تي هڪ ننڍڙو شهر ملدسي آباد آهي، هي ننڍڙي شهر نما ڳوٺ سنڌ جي تاريخي، قديم ڳوٺن مان هڪ آهي. ملدسي ڪڏهن آباد ٿيو، ڪنهن آباد ڪيو هن جو ماضي ڇا رهيو، اهڙو احوال سنڌ جي تاريخي ورقن ۾ نه اچي سگهيو آهي. ليڪن مشهور ليکڪ ڪاڪا ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي جي ڪتاب "سنڌ جي هندن جي تاريخ" جي صفحي نمبر 113 تي هن لکيو آهي ته، سنڌ جا ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن تي مهاڻن جا نالا آهن، شهدادپور تعلقي ۾ جما ۽ ملهه دسي اهي ٻئي ڳوٺ هڪبئي جي ويجهو آهن، اها جما مائي مهاڻي هئي ۽ ملهه وڏهڻ جي استاد هئي، هوءَ اتر کان آئي هئي ۽ گهڻن ڪي ملهه دسي وڏائين، نيٺ شهدادپور تعقلي ۾ ڪو اهڙو مڙس گڏيس جنهن ملهه دسيس، جنهن ڪري جنهن هنڌ تي ملهه دسيائين، ان هنڌ تي ملهه دسي نالو پئجي ويو ۽ هاڻي ملدسي سڏجي ٿو." ڪاڪا ڀيرومل مهرچند آڏواڻي کان اها ڳالهه رهجي وئي ته هن علائقي ۾ سون چڙي ۽ پراچڙي ڳوٺ به مهاڻين جي نالن تي آهن. سون چڙي جمان ۽ ملدسي جي وچ تي روهڙي ڪئنال جي ٻئي طرف آهي، جتي هڪ قتل ڳوٺ يا ننڍڙي شهر جو دڙو آهي، جيڪو ماضي ۾ ڪئين ايڪڙن ۾ ڦهليل هو، پر آسپاس ۽ بعد ۾ اتان جي ماڻهن پاران کوٽائي ڪري سرون ڪڍڻ ۽ مٽي ڪٽڻ ۽ بعد ۾ زرعي آبادي ڪرڻ ڪري هاڻ اهو قتل شهر جو پڙو ننڍو ٿي ويو آهي. اهو ڳوٺ هاڻ پڙو سڏجي ٿو: پراچڙي اتان ماڻهن کي سون به مليو. پر اچڙي شهدادپور ويجهو هالا روڊ تي واقع آهي. انهن ڳوٺن جي پنهنجي تاريخ آهي. روايتن موجب ملدسي ڳوٺ ڪلهوڙن جي دور جو آباد ٿيل آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ملدسي ٻن حصن ۾ ورهايل هو. هڪ ملدسي جتي هي ملدسي آهي، ٻيو حصو جتي ملدسي جو نئون ڳوٺ آباد ٿيو آهي، جتي هاءِ اسڪول آهي. جڏهن ته ملدسي جي چوطرف چڙوچڙ گهر به هئا، پر انگريز دور ۾ حر تحريڪ جي خوف ۾ چڙوچڙ گهرن کي سختي سان هدايت ڪئي وئي ته هو اتان لڏي هڪ هنڌ ويهن ڇاڪاڻ ته ان وقت حر جماعت پاران وطن يا ڪفن تحريڪ عروج تي هئي ۽ انگريز ان وقت هر علائقي ۾ چڙوچڙ گهرن کي هڪ هنڌ آباد

ڪيو، تہ جيئن اتي آساني سان نظر رکي سگهجي. ماضي ۾ اتر کان سنڌو درياءَ مان هڪ واهہ جنهن کي سنڌو جو ڦاٽ يا درياءَ جي سير ۽ لهاڻو درياءَ بہ چوندا هئا، ان کي هاڻ مارڪ واهہ بہ چون ٿا، جيڪو قدرتي طور سڄو سال وهندو هو، جيڪو زمين جي سطح کان هيٺ وهندو هو، پر ساوڻ جي مهيني ۾ ڦوڪجي وهندو هو ۽ آسپاس ڪئين ميلن جي علائقي کي ٻوڙي ڇڏيندو هو. ان لوهاڻو درياءَ جي ڦاٽ "سير" ۾ ٻيڙيون بہ هلنديون هيون. مڇي بہ جام هوندي هئي، ان سنڌو جي سير جا آثار اڄ بہ موجود آهن پر هاڻ 60 سيڪڙو لتجي ويو آهي. شايد هاڻ ان مارڪ واهہ جا آثار صفا متجي ويندا. 2011ع وارين قيامت خيز برساتن بعد حڪومت اهڙن پراڻن واهن جي کاٽي ڪرائي قدرتي وهڪرن کي بحال ڪرڻ جو اعلان ۽ پي سي ون نهڻ جي باوجود انهن قدرتي وهڪرن کي بحال نہ ڪيو ويو.

روايتون آهن تہ لطيف سائين جي رسالي جي لافاني ڪردار سهڻي ميهار جو تعلق بہ هن علائقي سان هو. ملدسي کان اوڀر طرف ملدسي شهدادپور روڊ کان فرلانگ پنڌ تي پير بخش ڏيرو ۽ بابل ڏيرو ايڊوڪيٽ وارن جي زمين وٽ ڪئين ايڪڙن ۾ هڪ دڙو هوندو هو، جيڪو اسان بہ ڏٺو هو، جنهن ۾ ٺڪراٺو هو، اهو ميهارڪو پڙو سڏبو هو. ميهارڪي پڙي کي ڏسڻ تي تحقيقات ڪرڻ لاءِ مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پروفيسر محمد خان پرڙو، عبدالله ورياهہ ۽ نواز ڪنير بہ هتي آيا هئا، جن مان پروفيسر محمد خان پرڙو کي ميهارڪي پڙي مان برساتن جي وقت ملدسي جي استاد محمد طيب خاصخيلي، سيد حسين شاهہ ۽ ٻين ماڻهن کان هٿ آيل سڪا بہ ڏنا، ليڪن اهي سڪا خراب حالت ۾ هئا. پروفيسر محمد خان پرڙو اهي سڪا- سڪن جي ماهر ڊاڪٽر عبدالله ورياهہ کي ڏنا هئا. روايتون آهن تہ مائي سهڻي بہ ان لوهاڻو جي سير مان تري ميهار سان ملڻ ويندي هئي، بهرحال اتي وڌيڪ تحقيقات جي ضرورت آهي. ميهارڪو پڙو بعد ۾ آبادي هيٺ اچي ويو. ماڻهن پاران دڙي جي کوٽائي مان ماڻهو جيڏا مٽ، وڏيون چاڏيون هٿ آيون، لوهاڻو جي سير تي ملاحن جا چند گهر هوندا هئا، ان ڳوٺ ۾ ملاح برادري جون 4 پيڙهيون رهنديون هيون، جن جا نالا جمان، پراڇڙي، سون چڙي، خانزادي هو، جيڪي انتهائي طاقتور هيون، مائي جمان، پراڇڙي جي نالن تي ڳوٺ آباد آهن. سون چڙي ديهہ آهي. جڏهن





تہ خانزادي مائي جنهن ڳوٺ ۾ هئي، ان جو نالو بعد ۾ ملدسي پئجي ويو. روايتون آهن تہ هيءَ ڪٽڪ جي هڪ ٻوري هڪ ڪلهي تي ٻي ٻئي ڪلهي تي کڻي ويندي هئي ۽ ڪنيل پورين سان ڪئين ميل پنڌ ڪري ويندي هئي، ان عورت کي ملهہ وڙهڻ جو شوق ٿيو ۽ پڙهو گهمرايائين تہ مون کان وڌيڪ ڪوبہ طاقتور نہ آهي، جي آهي تہ اهو جوان مون سان ملهہ وڙهي. هڪ ٻي روايت اها بہ آهي تہ اها مائي جڏهن جوان ٿي ۽ مائٽن ان جي شادي ڪرائڻ ٿي چاهي تہ هن شرط وڌو تہ آئون ان سان شادي ڪنديس، جيڪو مون کان وڌيڪ طاقتور هوندو ۽ طاقت جي خبر ملهہ وڙهڻ سان پوندي، جيڪو مون کي ملهہ دسيندو ان سان شادي ڪنديس ۽ شادي لاءِ ملهہ مارڻ جو شرط دلچسپي کان خالي نہ هو. اها خبر پري پري تائين هڪ ماڻهو کان ٻئي تائين ٻئي کان ٽئين، اهڙي ريت پري تائين اها خبر باهہ وانگر پکڙجي ويئي. چون ٿا تہ ڪئين عام طاقتور ماڻهن سان گڏ ملهہ پهلوان بہ قسمت آزمائي ڪرڻ لاءِ پهتا، پر مائي کي ڪير بہ ملهہ نہ پيو دسي سگهي، اهو سلسلو سالن تائين هلندو رهيو ۽ اهو چرچو نہ صرف هن علائقي پر پري پري وارن علائقن تائين وڃي پهتو ۽ هڪ ڏينهن هڪ فقير جنهن کي سائي رنگ جو جبو ۽ ڳچي ۾ چڙا پٽل هئا، ان بہ اچي مائي کي ملهہ وڙهڻ لاءِ چيو ۽ ملهہ ۾ عورت ملهہ دسجي پئي ۽ اها خبر پري پري تائين وڃي پهتي تہ مائي ملهہ دسجي وئي. ان بعد ملاحن جي هن چند گهرن تي پٽل ڳوٺ جو نالو ملهہ دسي بعدم هہ ختم ٿي وئيءِ ملدسي پئجي ويو. روايتون آهن تہ اهو فقير لاڙ جو ملاح هو. اها بہ روايت آهي تہ ملهہ وڙهندڙ مائي جو نالو جمان هو، جيڪا موجوده جمان ڳوٺ جي هئي، پر ملهہ مقابلو موجوده ملدسي جي ميدان تي ٿيو هو. ماضي ۾ ملاحن جي اها وستي ملدسي ترقي ڪندي هاڻ هڪ ننيڙي شهر واري حيثيت رکي ٿي. پاڪ- هند جي ورهاڱي کان اڳ ملدسي واپار جو مرڪز بہ رهي آهي. ملدسي جي هڪ حصي ۾ غريب رهندا هئا، جڏهن تہ جتي ملدسي آهي اتي ديوان ۽ علائقي جا زميندار ڏيرا فقير ۽ سيد رهندا هئا. هتان جي مشهور ديوان سنين ۽ سيٺ ديوان گيان، ديوان ريلو مل، ديوان وشنومل، ڪلياڻ ٻائو ۽ ٻيا هئا. منائي، ڪپڙي، سيڌي جا وڏا دڪان هئا. انهن عمارتن مان موجوده سيد بخت شاهہ وارو دڪان موجود آهي، جو اڄ بہ مرمت ۽ ضروري سار سنڀال ڪانسواءِ ملدسي جي جڳهن کان نمايان آهي. واڻين جي وقت ۾ ملدسي

۾ پاڻي جي نيڪال جو انڊر گرائونڊ ڊرينيج سسٽم، پيئڻ جي پاڻي لاءِ کوهه کوٽايل هئا. وچ شهر واري کوهه کي وڏو کوهه سڏيو ويندو هو، جيڪو 1982ع کان پوءِ ختم ڪري اتي گهر ٺهرايا ويا، اهو کوهه موجوده مرحوم فريد هوت ۽ ولي محمد هوت جي گهر جي وچ تي هو، هاڻ اتي ولي محمد هوت جا گهر آهن. 82-1981ع ڌاري اتان گهٽي به هئي، جتي ولي محمد هوت جا گهر آهن، اتي لونگ اوڏ وارن جا گهر هئا، جيڪي بعد ۾ ٽنڊو آدم لڏي ويا. ماضي ۾ هتي هالا برادري جا ماڻهو به هئا، جيڪي بعد ۾ هالا لڏي ويا. واڻين جو وڏو تعداد رحم دل غريبن کي ڏڪئي وقت ۾ ڪم اچڻ وارا هئا. ڪجهه واڻيا مذهبي جنوني هئا، انهن مان هڪ ديوان به هڪ هو جنهن جي چلم مان ڦوڪ ڀريندڙ مولا بخش ملاح کي ان ڏوهه ۾ 6 مهينا ٽيپ ڏياري ڇڏي. ملدسي جي زميندار وڏيرو وارث ڏنو ڏيرو (اول) جو وڏو دٻ دٻو هو، پاڻ نيڪ وڏيرو هو، سندس علائقي ۾ وڏيرڪو راڄ قائم هو، سولي سنڌي ۾ ائين ڪٺي ڇئجي ته سندس اجازت کانساوءِ جهرڪي به نه اڏامندي هئي. پاڻ مذهبي جنونيت رکندڙ ۽ غريب مسلمانن کي بنا سبب تنگ ڪندڙ هڪ ديوان کي وڏي کوهه وٽ مارائي ڇڏيو. جڏهن بندوقن جو رواج نه هو، تڏهن به وارث ڏيرو (اول) وٽ بندوقون هيون. کيس اولاد نه هو، ان ڪري سندس مال ملڪيت جنهن ۾ هڪ هزار ايڪڙ کان وڌيڪ زمين به آهي، اها سندس سئوٽ فقير محمد موسيٰ ڏيرو کي ملي ۽ بعد ۾ فقير محمد موسو ڏيرو کي علائقي جي چڱ مڙسي جي پڳ ٻڌائي وئي. ڏيرا خاندان جو ذڪر الڳ باب ۾ ڪيو ويو آهي. ملدسي ۾ 1915ع ڌاري آئوٽ پوسٽ پوليس قائم ٿي. هڪ جمعدار، 3 سپاهي مقرر ڪيا ويا. پهرين صرف هڪ مورچو هو، جتي پوليس جو اهو عملو موجود هوندو هو، هيٺ سنڌن گهوڙا ٻيڌل هوندا هئا. 1928ع ۾ 3 ڪمرن جي بلڊنگ ٺاهي وئي. بعد ۾ هن کي پوليس پوسٽ جو درجو ڏئي پوليس عملو وڌايو ويو. 1992ع ڌاري ٿاڻي جي زبون حالي بلڊنگ ڊاهي نئين بلڊنگ ٺاهي وئي. 1915ع ڌاري هتي پرائمري اسڪول کوليو ويو، جنهن لاءِ هڪ ديوان پنهنجي 2 ڪمرن واري اوطاق ڏني، اهو ملهار خاصخيلي جي موجوده گهر وٽ هو، بعد ۾ جتي خميسو شيخ وارن جي واڙ آهي، اتي قائم ٿيو، بعد ۾ سيد قاسم علي شاه جتي سيٺ مصري وارن جو پلاٽ آهي، اتي ٻن ڪمرن واري اوطاق اسڪول جي حوالي ڪئي وئي ۽ ان وقت سنڌن





ڪوششن سان 500 رپيا ضلع ڪائونسل ۾ جمع ڪرائي مڊل اسڪول جا اي پي سي ڪلاس کولرايا ۽ ان لاءِ هڪ ڪلاس وڌيڪ پنهنجي هڙان وڙان ٺهرائي ڏنا، بعد ۾ سيد قاسم شاهه جي ڪوشش سان ملدسي ۾ گرلز پرائمري اسڪول کوليو ويو، جيڪو پهرين هڪ گهر ۾ هلندو هو، ان بعد جتي شيخ پاڙي ۾ پرائمري اسڪول هلندو هو، اتي کوليو ويو. اها بلڊنگ ڪري پوڻ بعد گرلس اسڪول ڪجهه وقت ماسترياڻي جي گهر بعد ۾ مڊل اسڪول جي پراڻي بلڊنگ ۾ شروع ٿيو ۽ اڄ به اتي هلي پيو. جڏهن ته پرائمري اسڪول جي سيد قاسم علي شاهه پاران ڏنل عمارت برساتن ۾ ڪري پوڻ بعد جتي هاڻ پرائمري بوائيز اسڪول هلي پيو، اتي حڪومت پاران عظيم الشان عمارت ٺهرائي اسڪول کي شفٽ ڪيو ويو. ان اسڪول لاءِ پلاٽ وارث ڏنو ڏيرو، پير بخش ڏيرو وارن پنهنجي سروي نمبر مان ڏنو. 1990ع ۾ هاءِ اسڪول منظور ٿيو، جنهن جي بلڊنگ پراڻي ملدسي ۾ ٺهرائي وئي، جڏهن ته 1993ع ۾ نياڻين لاءِ گورنمينٽ مڊل اسڪول قائم ڪيو ويو، جنهن لاءِ درگاهه پير شاهه ڪنير پاڙي وٽ وارث ڏنو ڏيرو، پير بخش ڏيرو وارن پنهنجي سروي زمين مان پلاٽ ڏنو، جتي خوبصورت بلڊنگ ٺاهي وئي، ڪيترائي سال مقرر ڪيل عملو غائب رهيو، بعد ۾ مون پاران ان خلاف خبرون هلائڻ، درخواستون ڪرڻ ۽ پير بخش ڏيرو پاران به ڪوششون ڪرڻ بعد اڌ عملو اچڻ لڳو، پر گرلس مڊل اسڪول ان خوبصورت بلڊنگ ۾ هلڻ بجاءِ پرائمري اسڪول جي ٻن ڪمرن ۾ هلي رهيو آهي. مڊل اسڪول لاءِ آيل فرنيچر، الماريون، پکا، موٽر ۽ ٻيو سامان غائب آهي. 1962ع ۾ ملدسي ۾ يونين ڪائونسل جو بنياد رکيو ويو، پر اها سڏبي يونين ڪائونسل مهرعلي ٽالپر، ايٽ ملدسي هئي، ان وقت هن يو سي ۾ موجوده يو سي سومر فقير هنگورو به شامل هئي. بعد ۾ فقير عبدالحڪيم هنگورو جي ڪوششن سان هن يو سي جو اڌ ڪٽي يو سي سومر فقير هنگورو قائم ڪئي وئي ۽ ڳوٺ مهر علي ٽالپر ان ۾ شامل ٿيڻ بعد ملدسي واري يو سي کي يو سي ملدسي نالو ڏنو ويو. ملدسي سامهون روهڙي ڪئنال تي لانڍي ٺهيل آهي، اها ٻيٺ ملدسي جي داروغي جو هيڊڪوارٽر آهي. ٿاڻي ۽ يونين ڪائونسل وچ تي زراعت کاتي جي فيلڊ اسسٽنٽ جي آفيس 1985ع ۾ ٺهي، پر فيلڊ اسسٽنٽ هڪ ڏينهن لاءِ به نه وينو ۽ شروع کان ملدسي پوليس پوسٽ جو انچارج اتي رهائش ڪندو اچي.

1977ع ڌاري ضلع ڪائونسل پاران ميڊيڪل ڊسپينسري قائم ڪئي وئي، جيڪا پهرين حاجي محمود ملاح جي دڪان ۾ هئي، بعد ۾ مسجد واري دڪان ۾ بعد ۾ حاجي عبدالحق حاجي شيخ جي دڪان ۾ 1985ع ۾ ضلع ڪائونسل پاران ڊسپنسري لاءِ بلڊنگ ٺهرائي وئي، جنهن لاءِ پلاٽ وارث ڏنو ڏيرو، پير بخش ڏيرو وارن پنهنجي زرعي زمين مان ڏنو. ملدسي ڊسپينسري ۾ شروع کان هن وقت تائين ٻاهر جا جيڪي ڊسپينسر ايندا رهيا آهن، اهي وارث ڏنو ڏيرو مرحوم جي اوطاق تي رهندا آيا آهن، جتي کين گهرياتين جيان رهائش ۽ ماني جون سهولتون ملنديون رهيون آهن. ملدسي ڊسپينسري جو پهريون ڊسپينسر محمد ياسين چوڙري هو. هن ڊسپنسري ۾ وڏيڪ وقت ڊاڪٽر امداد لغاري ۽ ڊاڪٽر عزيز ميمڻ رهيا آهن. امداد لغاري ملدسي پرسان ڳوٺ غلام محمد لغاري جو ۽ عزيز ميمڻ ڄامشورو ضلعي جي ڳوٺ لاڪا جو آهي. عزيز ميمڻ جي رهڻ ڪري آڏي اسر جو به بيمار ٿيندڙ مريضن کي فرسٽ ايڊ ملي ويندي هئي، ان ڪري ڊاڪٽر عزيز سڄي شهر جي ماڻهن جو جهڙوڪ گهر ڀاتي ٿي ويو هاڻ پاڻ رٽائرڊ ٿي ويو آهي. ملدسي ڊسپينسري جيڪا زبون ٿي وئي هئي، ان جي مرمت، جڏهن پير بخش ڏيرو وقتي طور سانگهڙ ضلع حڪومت جو ناظم ٿيو ان جي ڪوشش سان ڪرائي وئي، هن وقت ميڊيڪل ڊسپينسري جو انچارج ڊاڪٽر عرفان ميمڻ آهي.

ملدسي ۾ ماضي ۾ حاڪم خاصخيلي وارن جي گهرن سامهون واهه جي پرسان وڏي قديم عيدگاه به هئي، جتي عيدنمازون ۽ جنازه نمازون پڙهيون وينديون هيون، بعد ۾ اتان روڊ نهڻ ڪري عيد جو ڪجهه حصو ان ۾ اچي ويو، باقي عيدگاه واري مٽي روڊ ۾ وڏي وئي ۽ اهڙي ريت قديم عيدگاهه هميشه لاءِ ختم ٿي وئي، وچ ۾ مرحوم وارث ڏنو ڏيرو ۽ پير بخش ڏيرو وارن اتي نئين عيدگاهه ٺهرائڻ جو فيصلو به ڪيو هو، پر خبر نه آهي ته ان تي عمل ڇو نه ٿي سگهيو 2013ع ۾ يو سي آفيس سامهون ڳوٺ وارن پنهنجي مدد پاڻ ڪريو اصول تحت نئين عيدگاهه ٺاهي آهي، ان ۾ سيٺ الهه بچايو خاصخيلي جو اهم ڪردار آهي. جڏهن ته اهلحديث جي سابق ملدسي جي امير علامه محمد طيب شيخ پنهجي فارم پرسان عيدگاه اهلحديث ٺهرائي، جتي اهلحديث سان وابسته ۽ ڪجهه فقهه کان آزاد ماڻهو عيدنماز پڙهن ٿا، جڏهن ته باقي ماڻهو نئين





عيدگاهه نهڻ کان اڳ جامع مسجد اهلسنت ۾ عيد نماز پڙهندا هئا، جنازه نمازون گهڻو ڪري روڊ تي يا قبرستان جي پرسان ٿين ٿيون، ملدسي ۾ ٻه وڏيون ۽ 3 ننڍيون مسجدون آهن، وڏين مسجدن ۾ جامع مسجد اهلسنت جامع مسجد الحديث، ننڍين مسجدن ۾ پوليس پوسٽ واري مسجد ۽ احمد فقير ڏيرو جي اوطاق واري مسجد آهن. 3 مسجد ماستر محمد صالح هوت پنهنجي گهرن ويجهو ٺهرائي آهي. اهلحديث واري مسجد ماضي ۾ سيد مسجد سڏبي هئي، جيڪا سيد نور محمد شاهه، سيد قاسم شاهه وارن ٺهرائي هئي، ننڍڙي ۽ ڪچي مسجد هئي، جتي ماضي ۾ حافظ نور محمد جلالاڻي روزانو ٻارن کي قرآن شريف پڙهائڻ ايندو هو، مون به قرآن شريف حافظ نور محمد وٽ انهي مسجد ۾ پڙهيو. بعد ۾ ان مسجد ۾ فقير سلمان ملاح شهيد جي ڪوشش سان شيعه نماز پڙهي ويندي هئي، خاص طور جمعي ڏينهن نه صرف ملدسي پر آسپاس مان فقهه جعفريه سان تعلق رکندڙ ماڻهو نماز پڙهڻ ايندا هئا، نماز پڙهائڻ ۽ خطبو ڏيڻ لاءِ ڳوٺ غلام محمد لعاري مان ماستر عاشق لغاري ايندو هو. ڪڏهن اهو نه ايندو هو ته فقير سلمان ملاح، ڪڏهن ڪامريڊ محمد خان ملاح به پيش امام جا فرض نڀائيندو هو. بعد ۾ اهو سلسلو بند ٿي ويو ۽ اهلحديث وارن سيدن کان اجازت وٺي اها مسجد شهيد ڪري نئين ٺهرائي، ان ۾ علامه محمد طيب شيخ، حيدر هوت مرحوم ۽ ٻين جو وڏو هٿ رهيو. جڏهن ته جامع مسجد اهلسنت جيڪا ننڍي مسجد هئي، جيڪا اتي هڪ وڏي ۽ عظيم الشان مسجد محمد صديق شيخ مئنيجر ڪوآپريٽو بئنڪ حيدرآباد جو اصل ملدسي جو رهائشي آهي، سندس ڀاءُ مولوي احمد شيخ ۽ ان جي تعاون ۽ ڳوٺ وارن جي مڪمل سهڪار سان ٺهي. شهدادپور کان ملدسي روڊ جنهن سان نه صرف ملدسي پر 50 کان وڌيڪ ڳوٺن جي عوام کي سهولت آهي. اهو مختلف دور حڪومتن ۾ منظور ٿيو پر وري رد ٿي ويو. نيٺ 88ع ۾ ان وقت جي ۽ موجوده وزير اعليٰ سيد قائم علي شاهه هر داس پور چونڪ تي ڪيل جلسي عام ۾ عوام جي مطالبي تي منظور ڪيو ۽ 89ع کان آهستي نهڻ شروع ٿيو، 93ع ۾ ٺهي پورو ٿيو. هن رستي جي دلچسپ ڳالهه اها ته روڊ نهڻ کان اڳ ئي ان وقت جي وفاقي وزير شاهنواز جوڻيجو، صوبائي وزير عبدالسلام ٿهيم الڳ الڳ پٿر لڳرائي افتتاح ڪيا. ملدسي کان گولو پير موري تائين روڊ 93ع ۾ عبدالسلام ٿهيم جي

اسڪيم مان ٺهيو، روڊ ۾ حاجي خالد ملاح وارن جي زمين آئي ٿي، پر انهن پاران نه ڏيڻ ڪري روڊ روهڙي ڪئنال تان ٺهرايو ويو. ملدسي عزاداري امام حسين عه جو پڻ مرڪز رهي آهي. هن وقت ملدسي ۾ 4 پڙ آهن. وڏو پڙ عارب فقير خاصخيلي جو سڏيو وڃي ٿو، جيڪو ملدسي جو قديم پڙ آهي، ان کي قائم ڪرڻ ۾ مرحوم بچل شاهه جو به هٿ هو، پين پڙن ۾ ملاحن جو پڙ تقريباً 1978ع ۾ اسان جي چاچي محمد فقير ملاح قائم ڪيو. ماضي ۾ شاندار اوطارو، علم جي چوڌاري موتيا گلاب جا گل خوشبو پکيڙيندا هئا. هن پڙ تي نغارا وڄندا هئا، ۽ 9 کان 10 محرم تائين ماتمي قافلو هتان ئي شروع ٿي وري هتي ئي ختم ٿيندو هو. اڄ تائين ائين آهي، چاچومحمد ملاح جي وفات بعد علم پاڪ جون جايون تبديل ٿينديون رهيون آهن. هاڻ نه اوطارو آهي نه الم جو اهو سينگار نه گل نه خوشبو آهي. چاچو محمد ملاح جي پڙ کي سندس فرزند الهجڙيو ملاح ان جي وفات بعد سندس ڀاءُ عبدالستار مخمور ملاح جيڪو شاعر به آهي، اهو سنڀاليو اچي، اڳ هن پڙ تي ديسي پرديسي فقير فقراءَ هر وقت ويٺل هوندو هو، هاڻ صرف عاشوره جا 10 ڏينهن مولائي اتي عزاداري ڪندا آ هن. هاڻ ان پڙ کي وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ فدا حسين ملاح، سرواڻ سنڌي، ارشاد ملاح ۽ پين ڪوششون ڪيون آهن. اسٽيل جو خوبصورت علم لڳايو ويو آهي. عارب فقير وارو پڙ به وسيع هوندو هو، جو بعد ۾ ڪجهه حصو وڪرو ڪيو ويو، ڪجهه حصي تي گهر ٺهي ويا. عارب فقير جي وصال بعد اهو پڙ سندس پٽ فقير علي بخش خاصخيلي سنڀاليو. هي پڙ وچ شهر ۾ آهي، ٽيون پڙ درگاهه حاجي پير تي درگاهه جي متولي اولادي فقير خاصخيلي لڳايو، ان پڙ جون جايون به تبديل ٿينديون رهيون آهن. اولادي فقير جي وفات بعد سندس پٽ استاد محمد طيب خاصخيلي، الهه ورايو، الهه بچايو خاصخيلي، پوٽو عبدالستار خاصخيلي، اختر خاصخيلي، اڪرم خاصخيلي ۽ ٻيا سنڀاليندا اچن. چوٿون پڙ ڏيرا هائوس ويجهو واٽر جي ڪپ تي ماما ولي محمد هوت جي پٽ غلام سرور هوت جو آهي. ماضي ۾ ملدسي جو وڏي کان وڏو پڙ سيد پيرل شاهه جو هو، جيڪو ڏيڍ ايڪڙن تي هو. جتي وڏو بهترين اوطارو، هر قسم جا وڻ، گل هوندا هئا. جتي وقت به وقت خيرخيراتون به ٿينديون هيون، سيد پيرل شاه کي پنهجي هڪ مائٽ سيد خان محمد شاهه معمولي ڳالهه تان شهيد ڪري وڌو، سندس وصيت موجب ڪيس الم





جي پرسان ڏرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو، اتي سيد قاسم علي شاه نغارا به وڄائيندو هو، بعد ۾ سيد قاسم شاه وڏي مذهبي شخصيت بنجي ويو. سيد پيرل شاه بعد سيد نور محمد شاه ڪافي عرصو سنڀاليو. ليڪن آهستي آهستري پيرل شاه پڙ جون رونقون ختم ٿينديون ويون ۽ سيد نور محمد شاه جي وفات بعد اتي عَلم ڪري پيو ۽ پيهر عَلم نه چڙهيو ۽ اهو پڙ ئي ختم ٿي ويو. بعد ۾ پڙ جي پرسان ويٺلن لاوارث ۽ مال غنيمت سمجهي لوڙها وڌائيندي ڪافي حصو اندر ڪري اتي اڏاوتون ڪري ڇڏيون. هاڻ ته لوڙهو ذري گهٽ سيد پيرل شاهه جي مزار تائين پهتو آهي. ڪٿي ائين نه ٿئي ته مستقبل ۾ مزار مٿان ڪو گهر نه اڏجي وڃي. ان ۾ سيد حسين شاهه جي سستي، به شامل آهي نه ته ائين نه ٿئي ها. ڪجهه عرصي کان اتي ڳوٺ جي وفات ڪندڙ معصوم ٻارن کي هتي دفن ڪيو ويندو آهي. ماضي جي عظيم امام بارگاهه نما پڙ ننڍڙو قبرستان بنجي ويو آهي. ماضي ۾ هتي هڪ گيدوڙي هوندي هئي، جنهن جا گيدوڙا لذيذ هوندا هئا، اها گيدوڙي ۽ ٻيا وڻ مافيا وڍي ڇڏيا. پيرل شاهه پڙ ۽ ڪنيرن جي گهرن جي وچ ۾ ڪنيرن جي آئي ”ٻني“ هوندي هئي. جتي قاضي ڪنير جي آئي هئي، جڏهن ته ماضي ۾ ملدسي ۾ ٻيا به پڙ مشهور هئا، جن ۾ جتي مرحوم ملوڪ خاصخيلي جو گهر آهي، اتي عيسو خاصخيلي جو پڙ هوندو هو، پڪي لانڍي به هئي، ان پڙ کي مچائڻ ۾ مرحوم سيدبچل شاهه جو به هٿ هو. ڪجهه عرصو سيد خان محمد شاهه به هن کي سنڀاليو، بعد ۾ عَلم ڪڍي پڙ ختم ڪري گهر ٺاهيا ويا. پيو پڙ حاجي احمد فقير جي اوطاق جيڪا هاڻ بابل ڏيرو جي اوطاق آهي، ان جي پرسان خاصخيلين جي پاڙي ۾ الهه بخش خاصخيلي وارن جو پڙ هو، ٽيو پڙ وارث ڏنو ڏيرو وارن جي اوطاق ويجهو جيئندي ”واڍو“ خاصخيلي جي انبن ليمن جي باغ ۾ هو، سندس وفات بعد ڪجهه وقت سندس پٽ ربڏنو خاصخيلي به سنڀاليو بعد ۾ اهو باغ ولي محمد هوت کي وڪرو ڪري ڏنو ويو، ان به ان پڙ جي سنڀاليو ۽ رياضت ڪئي بعد ۾ اهو باغ سڪي ويو. اتي سم وڌي وئي ۽ پڙبه ختم ٿي ويو. 2010ع ۾ ولي محمد هوت جي پٽ غلام سرور هوت ان هنڌ جي ويجهو الم لڳايو آهي. 1977ع ۾ صابن فقير خاصخيلي به پنهنجي ٻني تي مارڪ واهه جي ڪپ تي عَلم لڳايو، جتي ڪافي سالن تائين عزاداري به ٿيندي هئي، خير خيراتون به ٿينديون هيون، ليڪن بعد ۾ اهو پڙ ختم ٿي ويو، ملدسي

جي چاچا فقير مولا بخش ملاح ملدسي ۽ ڳوٺ لالا خان جلالاڻي جي وچ تي هارپي واري زمين وٽ جهنگ وڍي، اتي نہ صرف عَلم لڳايو، پر اتي وڏو اوتارو بہ ٺهرايو. پڙ جي پرسان مختلف قسم جا گل ۽ ٻير جا ٻيا ڪيترائي وڻ هوندا هئا. هن پڙ تي فقير فقراءَ ديسي پرديسي ايندا ويندا هئا، هر وقت اتي ڪچهريون قائم هونديون هيون. پاڻ وقت بہ وقت لنگر نياز ڪرائيندا هئا. سندس وفات بعد فقير سليمان ملاح ۽ فقير علي بخش ملاح ان پڙ کي سنڀاليو، پر ان انداز ۾ نہ سنڀالي سگهيا. فقير سلمان ملاح جي شهادت بعد اتي هاڻ عزاداري خيرخيراتن جو ماضي وارو سلسلو هاڻ نہ رهيو آهي. ان هوندي بہ فقير علي بخش ملاح، مصري ملاح عرف شينهن ملاح ۽ ٻيا وري بہ سنڀاليندا اچن. جڏهن تہ 1982ع ۾ درگاهہ دودو مشائخ ۾ ملدسي جي نثار خاصخيلي مرحوم عَلم لڳايو آهي. اتي عزاداري تہ نہ ٿيندي آهي، پر نثار خاصخيلي، مرحوم غازي عباس جو نشان قائم رکندو آيو، ڪڏهن نياز بہ ڪندو هو. ملدسي جي عثمان خاصخيلي ولد دين محمد ملنگ خاصخيلي ملدسي ويجهو، اهو چئي هڪ قبر ٺاهي تہ مون کي خواب ۾ بار بار اشارو ٿئي ٿو، جنهن ۾ هڪ سفيد سونهاري وارو بزرگ چوي ٿو تہ آئون سيد ولي محمد شاهہ آهيان، فلاڻي هنڌ منهجي قبر ٺاهہ. ان بعد ان هنڌ عثمان خاصخيلي قبر ٺهرائي ۽ اتي عَلم لڳايو آهي. هاڻ اتي ذوالفقار علي زرداري جي تعاون سان فقير مولا بخش ملاح جو ننڍو پٽ مصري ملاح اتي ان قبر تي چوڪنڊي ٺهرائي آهي ۽ لنگر نياز بہ ڪري رهيو آهي. ماضي ۾ اتي هر ماهہ چوڏهيون بہ لڳايون ويون. 1994ع ۾ عبدالڪريم ۽ عرف عدلو پٽ سيٺ اميد علي خاصخيلي پنهنجي گهر پرسان عَلم لڳايو، پر چند سالن بعد اهو ڪڍي ڇڏيو. ملدسي ۾ عاشوره ۾ 7 کان 10 محرم تائين ماتمي جلوس ڪڍيا ويندا آهن. ماضي ۾ ٻين علائقن مان بہ پڙ ايندا هئا، پر هاڻ اهو سلسلو گهٽبو وڃي. ماتمي قافلو ملدسي چونڪ تي زنجير زني ڪندو آهي. ماتمي جلوس ملاحن جي پڙ کان نڪري سيد پاڙي کان خاصخيلي پاڙو، شيخ پاڙو کان ٿيندي حاجي پير جي پڙ تي اتان يونين ڪائونسل آفيس کان شهر ۾ ويندڙ رستي کان مين بازار واپس فقير علي بخش خاصخيلي جي پڙ تي ايندو آهي، جتان کان ڳوٺ هاشم خاصخيلي، ملنگ ڳوٺ، ڳوٺ لال خان جلالاڻي ۽ ٻين ڳوٺن مان ايندڙ قافلا پنهنجي ڳوٺن جي پڙن ڏانهن هليا ويندا آهن ۽ ملدسي وارا عزادار





اتان کان ملاح پاڙي ڪنڀر پاڙي مان ٿيندي واپس ملاحن جي پڙ تي ختم ڪندا آهن. فقير علي بخش خاصخيلي مرحوم جي وفات بعد سندس پٽ شوڪت خاصخيلي، ابراهيم خاصخيلي ۽ سندس گهرواري فقيراڻي هن پڙ کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ پڙ تي هر وقت مولائي نوحہ ۽ مرثيہ خواني ڪندا رهندا آهن. ملدسي ۾ نوحہ خواني ڪندڙن ۾ ٻين کانسوءِ عبدالستار ملاح، نياز ملاح، جبار ملاح، عظيم ملاح، شوڪت خاصخيلي، ابراهيم خاصخيلي، غلام سرور هوت، نياز ملاح، پپو ڪنڀر، غلام شبير خاصخيلي، جبار، اڪرم عرف ملون خاصخيلي، سومر ڪنڀر، سڪندر ملاح، سيٺ عبدالرزاق خاصخيلي، در محمد مهر، زوهيب ملاح، فدا حسين ملاح ۽ ٻيا شامل آهن. 10 محرم تي مختلف گهرن مان قافلي لاءِ مٺيون سبيلون ۽ ڇٽا ايندا آهن. سيد حسين شاهہ جو نياز بہ مشهور آهي.

## ملدسي جون مشهور شخصتن جو مختصر ذڪر:

**سيد حسين شاهہ بخاري:** مشهور علمي شخصيت، ذهين، مذهبي شخصيت مهمان نواز، ڪنهن جي بہ دل نہ ڏکائيندڙ، ادب دوست، شهدادپور ۾ سنڌي ادبي سنگت قائم ڪري ادبي سرگرميون عروج تي پهچائيندڙ ماڻهن ۾ شامل آهي. پاڻ استاد هئا، مختلف هاءِ اسڪولن جا هيڊ ماستر رهيا، رٽائر ٿيڻ بعد هڪ پرائيويٽ اسڪول جو پرنسپل آهي. پاڻ قوم پرستي واري سياست بہ ڪئي.

**استاد محمد طيب خاصخيلي:** بهترين استاد، سماجي شخصيت يار ويس، وڏي عمر جو هئڻ جي باوجود پنهنجي هلندي هلندڙ رومانٽڪ شخصيت جو مالڪ، سماجي ڪمن ۾ دلچسپي رکندڙ، دوستن جي ڪاڄن ۾ ڪم ڪري ڪاڄ سرها ڪندڙ مهمان نواز، ذهين شخصيت جو مالڪ آهي، پاڻ جواني ۾ شاعري بہ ڪئي سندس تخلص ”قطب“ هو.

**سيد عالي شاهہ:** رٽائر استاد آهي، ڪجهہ وقت اباڻي شهرملدسي کان ٻاهر رهيو، ذهين، سماجي ڪارڪن واري سوچ رکندڙ، ڪنهن جي بہ دل آزاري ڪرڻ کان پاسو ڪندڙ، يارن جو يار، ادبي ڪتاب پڙهڻ جو شوق رکندڙ، ڏک سک ۾ سڀني جي ڪم ايندڙ، بهترين صلاحڪار، سندس صلاحون ڏاڍيون پليون ۽ وقت جي ضرورت هونديون آهن.

**پير بخش ڏيرو:** بابل ڏيرو سڪندر ڏيرو جو ذڪر هن ڪتاب ۾ الڳ باب آهي.

**سيد عبدالله شاهہ عرف بخت شاهہ:** پاڻ انتهائي وڏي علمي، مذهبي شخصيت سيد قاسم علي شاهہ جو فرزند آهي. يار ويس، ڳوٺ جي بجلي جا ٿنڀا ڪرندا هجن يا ڪو ٻيو مسئلو هجي، سندس ننڊ ڦٽي پوندي آهي.

**غلام محمد طيب شيخ:** پاڻ زميندار بہ آهي تہ هاءِ اسڪول ۾ استاد بہ، سماجي ڪمن ۾ دلچسپي رکندڙ، مهمان نواز، يار ويس، اوطاق تي هر وقت دوستن جو وڏو حلقو ويٺل هوندو آهي. ذهين، والد لڪاڏنو شيخ وانگر جنهن سان هڪ دفعو ملي تہ ان کي پنهنجو ڪريو ڇڏي. پاڻ 3 شاديون ڪيون آهن.

**استاد صالح هوٿ:** پاڻ بهترين استاد ادب سان شوق رکندڙ مذهبي روحاني شخصيت، اصول پرست، اصولن تي سودي بازي نہ ڪندڙ، اصولن ڪان هٽي ويندڙ سندس اوولاد هجي، مائٽ هجي يا يار سنگتي ان سان ڳنڍيجي ويندو، رٽائرڊ ٿيڻ بعد ترا ستورتر آهي.

**عبدالله ملاح:** ملدسي ۽ آسپاس جي ملاحن جي معزز شخصيت ۽ وڏو. غريب هئڻ جي باوجود مهمان نواز دل جو سخي.

**علي ڏنو ڪنير:** نوجوان سماجي ورڪر مختلف اين جي اوز ۾ ڪم ڪيو آهي، ذهين هردلعزيز يار ويس نوجوان آهي.

**سپاهي محمد اسماعيل خاصخيلي:** بهترين شاعر پوليس ۾ جمعدار آهي. سندس شاعري ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪيترن ئي فنڪارن جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل آهي. تقريباً سنڌي اخبارن رسالن ۾ سندس شاعري شايع ٿئي ٿي، سڄي سنڌ جي مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. يار ويس ۽ سدابهار ماڻهو رهڻ ڪان پوءِ انتقال ڪري ويو.

**منشي علي نواز ملاح:** اصل ڳوٺ لال خان جلالاڻي جو، ڪافي عرصي ڪان ملدسي واسي ٿي ويو آهي، سدابهار شخصيت، راڄائتو ماڻهو، ملاحن جو وڏيرو بہ سڏبو آهي. محنتي يار ويس، مهمان نواز، قربائتو انسان آهي.

**پروفيسر غلام شبير شيخ:** ذهين نوجوان، پنهنجي مڙسي تي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي، پهرين تاريخي تعليمي اداري ۾ ليڪچرار ٿيو، پاڻ پيهر ڪميشن پاس ڪري ليڪچرار ٿيو آهي. ادب سان دلچسپي رکندڙ، اسلامي تاريخ تي عبور اٿس. ذهني طور ملو پر هاڻ لبرل ملو ٿي





ويو آهي، ان ۾ سيد علي شاهہ ليڪچرار جو هٿ آهي. جنهن جي ڪچهرين هن تي اثر ڪيو آهي. هاڻ هالا ۾ رهي ٿو.

**ماما ولي محمد هوٿ:** مشهور سگهڙ، عزادار، يار ويس، مهمان نواز، ڪچهرين جو ڪوڏيو. وڏيرو محمد موسيٰ ڏيرو ڪانپوءِ ملدسي ۾ ڪافي سگهڙ ڪچهريون ڪرايون آهن، ڪيس ڳوٺ وارا بہ ماما ولو سڏين.

**علي بخش شيخ:** ملو محمد حسن شيخ جو فرزند تعليم کاتي ۾ ڪلرڪ آهي، هر دلعزيز يار ويس راڄائتو انسان آهي.

**حبيب الله خاصخيلي:** هن جو ذڪر ڪتاب ۾ الڳ سان ڏنل آهي.

**سيٺ عبدالرزاق خاصخيلي:** مرحوم سيٺ گلڻ جو موپي پٽ عزادار، يار ويس، مهمان نواز، تعميري سوچ رکندڙ، ٻين جي ڪم ايندڙ هر دلعزيز نوجوان.

**غلام مصطفيٰ خاصخيلي عرف سهٽو:** ننڍي هوندي ڪان سهٽو، اخلاق ادب جو بہ سهٽو آهي، ڪنهن کي بہ ڏي نہ ٿو تہ ڏکوئي بہ نہ ٿو. ملدسي پرائمري اسڪول جو هيڊماستر بہ رهيو آهي، سندس ڪوشش سان ملدسي اسڪول جو تعليمي معيار بهتر بڻيو آهي.

**رمضان شيخ:** پلو ماڻهو يارن جو يار غريب ٿي ڪري سڄي سنڌ ۾ رهائي وارو، ذهين، دوستي ۾ سر ڏيندڙ، پڪو ملون پر ايران عراق شام ۾ هڪ دوست جي معرفت زيارتون ڪرڻ بعد منجهس وڏي تبديلي آيل آهي. ڪنهن جي بہ دل نہ ڏکوئيندڙ انسان آهي.

**استاد محمد صديق خاصخيلي:** مشهور علمي شخصيت، پ پ جو نظرياتي ڪارڪن، شهيد ڀٽو جو وڏو شيدائي، بهترين ليڪڪ، پاڻ رٽائرڊ استاد آهي، سندس ڪوشش سان ملدسي ۾ ڪيتريون ئي تعليمي ڪانفرنسون بہ ٿيون. پاڻ سياسي صورتحال تي بهترين تجزيا بہ لکيا، پر شايع ڪرائڻ بجاءِ دوستن کي چانهہ جي ڪپ يا ماني تي گهرائي ٻڌائيدو هو. هاڻ دوستن کي نہ چانهہ جي ڪپ تي نہ ماني تي گهرائي ٿو.

**سيٺ الله بچايو خاصخيلي:** چاچو اولاد جي آخري فرزند پنهنجي محنت سان اڄ ملدسي جو وڏو سيٺ آهي. پر فقيراڻي طبيعت رکندڙ يار ويس، ڪنهن جي بہ دل نہ ڏکوئيندڙ. ديني ۽ سماجي ڪمن ۾ دلچسپي رکي ٿو.

**حاجي خالد ملاح:** ڪيترائي حج ڪري آيو آهي، ڪافي عرصو

سعودي عرب ۾ روزگار لاءِ بہ رهيو، ملدسي ۾ سابق هوٽلائي بہ رهيو آهي، ملدسي پهريون بيٽري تي گرام فوني ۽ TV آٽينڊڙ آهي. وڏو ڏاهو، پر مون کي ڊپ لڳندو آهي تہ ايترو ڏاهو بہ نہ ٿئي، جو لطيف سائين چواڻي تہ ”الله ڏاهي ۾ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن“.

**مصري ملاح عرف شينهن ملاح:** چاچو مولا بخش ملاح جو آخري پٽ وڏو يار ويس وڏي رهائي وارو، دوستي ۾ سر بہ ڏيڻ کان نہ گهبرائي،دلير مهمان نواز آهي. وڏي سهپ وارو سماجي ورکر آهي.

**مامون ملوڪ ملاح:** منهنجي والده جو سوٽ، ذهين، پاڻ نہ کنهن کي ڏي نہ ڏکوئي، ڳالهين جو ڳهير، سگهڙ بہ آهي، نصيحتن پريا نکتا بہ کيس هزارين ياد آهن. طبيعت جو سخت هڪ دفعو کنهن سان کاوڙجي تہ پوءِ اهو کيڏو بہ مائٽ يا ويجهو دوست هجي ان کان منهن ڦيري ڇڏيندو.

**فقير علي بخش ملاح:** عزادار، لطيف جي مٽي پريندڙ اشراف يار ويس مهمان نواز آهي.

**مسڪين کنير:** محمد بخش عرف مسڪين کنير وڏي عمر جو پر اڃا بہ جوانن کان بہ طاقتور اڄ بہ محنت مزدوري کندڙ، پٽن آڏو هٿ ٽنگڻ بجاءِ پنهنجو کمائي پنهنجو کائي، پاڻ پٽن جي مدد کري ٿو، طاقتور جواني ۾ هڪ سوئر هن تي حملو کيو، تہ ان کي ڏنڍي سان ماري وڌائين، چورن سان بہ مقابلا کيائين، کل پوڳ وارو ماڻهو آهي.

**محمد صديق شيخ:** پاڻ نوکري سانگي کافي عرصي کان حيدرآباد رهي پيو، ليکن ڳوٺ سان اهائي محبت پاڻ هر دلعزيز انسان آهي.

**مير محمد خاصخيلي، بادل خاصخيلي ۽ محمد خاصخيلي:** هي کمن خاصخيلي جا فرزند آهن، پنهنجي کمن کارين ۾ مصروف يار ويس مهمان نواز آهن، ننڍي وڏي کي عزت ڏيندڙ.

**عبدالحڪيم ملاح:** پائو صديق ملاح جو پٽ عزادار، مهمان نواز، ڏک سک ۾ سيني کي کم ايندڙ.

**عطا الله ملاح:** پاڻ مرحوم اسحاق ملاح جو پٽ اين جي اوز ۾ کم کري ٿو، ذهين يار ويس، سندس پاءُ فوجي فدا حسين ملاح بہ کل پوڳ وارو يار ويس نوجوان آهي، سچي سنڌ گهمي ٿو.

**فقير محمد عمراڻي عرف کارو عمراڻي:** پراڻو کامريڊ سائين جي ايم سيد جو عاشق، ماضي ۾ سندس تعاون سان قومي کچهريون





ٿينديون هيون، هاڻ مون وانگر ملدسي ڇڏي شهدادپور اچي وسائي آهي ۽ هاڻ عمر جي تقاضہ جي کري، هن ۾ اهو قومي جوش جذبو بہ نہ رهيو آهي.

**لال خان عمراڻي:** پراڻو کامريڊ سنڌ پرست، پاڻ استاد آهي، سماجي کارکن، يارن جو يار، مهمان نواز، هاڻ شهدادپور ۾ رهي ٿو. علي ڏنو عمراڻي، وڏو پوڳائي رڌ پچاءُ ۽ طهر سنت جو وڏو کاريگر، راڇن کي سونيون جهرکيون ڏيکاريون، تازو وصال کري ويو.

**غلام قادر شيرمحمد هوت ۽ عطا الله هوت:** غلام قادر عرف شيرمحمد هوت نيوي جو رٽائرڊ آفيسر يار ويس، کراچي ۾ بہ ڳوٺ وارن کي ڏسندو هو تہ ماڻهن کي وڏي عزت ڏيندو آهي، سندس پاءُ عطا الله هوت هردلعزيز نوجوان، يار ويس، کل مک. پاڻ اسپيشل ايجوکيشن ۾ ليکچرار آهي، علم ادب سان دلچسپي رکي ٿو.

**پيڙو فقير هوت:** وڏو عزادار يار ويس، ککڙ پکرين ۽ سير تفريح جو شوقين آهي.

**الطاف خاصخيلي:** سيٺ الهہ بچايو جو فرزند سماجي کمن ۾ دلچسپي رکندڙ، دکاندار ويلفيئر ايسوسيئيشن ملدسي جو عهديدار، يار ويس انسان آهي.

**علي ڏنو ملاح:** عبدالله ملاح جو فرزند آهي، پاڻ پي ٽي سي جي اسٽاف ۾ شامل آهي. يار ويس کل مک مهمان نواز آهي.

**ممتاز ملاح :** حاجي خالد ملاح جو پٽ پر والد کان مختلف ۽ تيز واٽر مئنجيمنٽ ۾ سب انجنيئر رهيو، هاڻ ٽيڪنيڪل کاليج ۾ ليکچرار آهي. ذهين يار ويس، ننڍي وڏي جي عزت کندڙ، ماضي ۾ عجيب غريب ملون رهيو، سندس ادب سان وڏو چاهہ آهي.

**ربڏنو واڍو خاصخيلي:** والد وانگر بهترين واڍو، ذهين جيکڏهن مالي حالتون صحيح هجنس تہ کاٺ مان کئين ايجادون کري سگهي ٿو.

**خميسو شيخ:** مثالي هاري يار ويس انسان آهي.

**هارون شيخ:** ايريگيشن ۾ ملازم هو، يارن جو يار، ذهين مهمان نواز آهي.

**محمد عثمان پپو کنير:** وڏو عزادار، سماجي کمن ۾ دلچسپي رکندڙ، يار ويس کنهن جي تکليف کي سهي نہ سگهندڙ انسان آهي.

**محمد ايوب خاصخيلي چاچي حامد خاصخيلي جو فرزند:** مزدورن جو اڳواڻ سٺو ماڻهو آهي، ننڍي وڏي جي عزت ڪندڙ آهي.

**جان محمد بروهي:** يار ويس علائقي ۾ هر ماڻهو جي ڏک سک ۾ شامل رهندڙ دوستن جي ڪاڄن ۾ نڀائيندڙ، موسيقي جو شوقين آهي، پاڻ پ پ ڪارڪن ۽ مشهور سماجي ڪارڪن ۽ ذهين آهي.

**ڪامريڊ اڪبر بروهي:** مشهور سياسي شخصيت، هارين مزدورن لاءِ جدوجهد ڪندڙ هر ڪنهن کي سچ چوندڙ، خوش طبع شخصيت اوڙي پاڙي وارن دوستن کي ڏک سک ۾ ڪم اچڻ وارو، سندس ڪوشش سان هارين، مزدورن جي قومي ڏيهاڙن تي ننڍڙا پروگرام بہ ٿيندا آهن.

**مامون محمد خاصخيلي مرحوم:** پاڻ پٽيوالو جي نالي سان مشهور هو. يونين ڪائونسل جو پٽيوالو هو، سڄي علائقي وارا کيس مامون سڏين ڪل ٻوڳ ۽ وڏي سهپ وارو، پاڻ گذراي ويو.

**محمد جمن خاصخيلي ولد انور خاصخيلي:** بااخلاق سماجي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندڙ نوجوان آهي، هر ننڍي وڏي جي عزت ڪري ٿو.

**محمد جمن خاصخيلي ولد مامون محمد خاصخيلي:** والد وانگر سدا بهار، کل مک يار ويس شخصيت آهي.

**ملهار خاصخيلي:** ملدسي جو پراڻو هوٽلائي، نہ ڪنهن کي ڏي نہ ڏکوئي، ڪڏهن بہ ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪئي آهي.

**ماستر اڪبر خاصخيلي:** يار ويس، اوکي سوکي ۾ ڪم اچڻ وارو بهترين انسان آهي. مثالي استاد پڻ آهي.

**لال محمد لالو خاصخيلي:** هن همراهہ هاڻ وڃي بلوچستان جا وڻ وسايا آهي، پهرين اٿل ۾ هاڻ لس ٻيلي ۾ رهي ٿو، هن لسٻيلو ضلعي ۾ ڪيلي جي پوکائي متعارف ڪرائي، سخي مهمان نواز، علائقي جا ماڻهو هن وٽان نہ صرف لکين عزتون وٺيو اچن پر پاڙا ڪرايا بہ وٺيو اچن. جڏهن تہ سندس ڀاءُ محمد موسيٰ خاصخيلي اهو بہ هاڻ ڪافي عرصي کان هن سان گڏ آهي، ملدسي وارن لاءِ هاڻ پرديسي آهن، الهہ بخش ڏيرو ولد سومار فقير جاٺو ۽ وڏو ملدسي ۾ ٿيو، هاڻ ٽنڊو آدم رهي ٿو، پي آءِ اي ۾ آفيسر آهي. ڳوٺ وارن کي اڄ بہ لکين عزتون ڏي، سندس ننڍو ڀاءُ بابو ڏيرو بہ وڃي ٽنڊو آدم وسايو، پاڻ ٿورو روڊ طبيعت وارو آهي.

**فيروز شيخ:** چاچا لڪاڏنو شيخ جو ٻيو نمبر پٽ يار ويس، سندس دوستن جو وسيع حلقو آهي، ٻلن ڪڪڙن، ٻڪرين، تترن جو شوقين،



89



علائقي ۾ دوستن جي ٿيندڙ ڪاڄن کي سرهو ڪندڙ، سندس ننڍا ڀائر اياز شيخ ۽ رياض شيخ، جيڪو واپڊا ۾ آهي، بااخلاق يار ويس آهي.

**خدا بخش ملاح ولد خميسو ملاح:** دوستن جو وسيع حلقو رکندڙ، وڏن جي دوستن سان نڀائڻ جواني ۾ ٻلا ڪڪڙ بہ ڏاريندو هو.مهمان نواز، نوجواني ۾ ڪٻڏي جو بهترين رانديگر رهيو.

**محمد هاشم ملاح:** ڪاوڙ جو تيز پر ڪاوڙ جلد ختم ڪريو ڇڏي، نہ ڪنهن کي ڏي نہ ڏکوئي، سندس پٽ ارشاد ملاح وري والد کان مختلف ٿڌي دماغ سهپ وارو، جذبات کان پري، محنتي يار ويس، شمس الدين ملاح، عبدالجبار ملاح، رزاق ملاح ڊرائيور، عزيز ملاح، عظيم ملاح، عبدالله ملاح جا پٽ سٺي سوچ رکندڙ نوجوان آهي، سڀن جي ڪم اچڻ وارا يار ويس آهن.

**حاجي عمراڻي:** بهترين يار ويس کل مک شخصيت جو مالڪ آهي. ملدسي ڇڏي شهدادپور رهي ٿو، ماستر آهي.

ملدسي جي انتقال ڪري ويل انهن عورتن جو ذڪر نہ ڪرڻ ناانصافي ٿيندي جيڪي هيون تہ عورتون پر مرد هيون. انهن ۾ حاجياڻي فاطمہ ڏيرو جنهن جي ڳالهائڻ جو انداز مردانو، گهوڙي تي چڙهي پنهنجون زمينون گهمندي هئي، سخي بہ هئي، وڏي رُعب تاب دٻدٻي واري خاتون هئي، دلير بہ هئي، عوامي خدمت خاطر دائپو بہ ڪندي هئي، سندس مڙس جو نالو لقمان ڏيرو هو، کيس ڪوبہ اولاد نہ هو. زندگي جي آخري ڏينهن ۾ سندس ذهني توازن بگڙي ويو، جنهن ڪري چيڙاڪ ٿي وئي، ڪڏهن ڪڏهن التيون سڌيون ڳالهيون ڪندي هئي.

**مائي ڦاپل ملاح:** چاچي عيدن ملاح جي زال هئي، سندس ڳوٺ لاڪا هو، جنهن زماني ۾ علائقي ۾ ڊاڪٽر ئي نہ هئا، تڏهن پيٽ جي سور،ڪاڪڙو لهڻ، گلي جون ڪليون سڄي پون، بخار ٿي پوي، چور بخار ٿئي التيون نہ بيهن تہ ان جو سنوڻ ساٽ ڪندي هئي، تہ اهي تڪليفون ختم ٿي وينديون هيون، اهڙا مريض نہ صرف ڳوٺ پر پوري علائقي جا هن وٽ ايندا هئا ۽ صحتياب ٿي ويندا هئا.

**مائي زينب عرف ماني زينا خاصخيلي:** ان وقت جي جهڙوڪ حڪيم بہ هئي، بيمارين جا سنوڻ ساٽ بہ ڪندي هئي، خاص طور ٻارڙن جي هر بيماري جون سٽيون ڦڪيون ڪندي هئي، سندس هٿ ۾ وڏي شفا هوندي هئي، بيمارين جون ڦڪيون ڏيڻ وقت توڙي سنوڻ ساٽ ڪرڻ

وقت چوندي هئي تہ هٿ منهنجو ازن سس ڪريمان سان مائي ڪريما سندس سس هوندي هئي.

**مائي جيئري خاصخيلي:** وڏيرو راڄ جي والده هئي نہ صرف ملدسي پر آسپاس جي ڪيترن ئي ڳوٺن جي دائي هئي، ملدسي ۾ 50 سالن کان وڏي ڄمار جا ماڻهو تقريباً سندس ڄڻايل آهن. روايتي داين وانگر لالچڻ بہ نہ هئي. مائي مريم ڪنڀار پاڻ محمد عمر شڪرانو فقير جي زال هئي، ڳوٺ ۾ ڪنهن جي شادي غمي جي ڪم ڪار ۾ ائين وچ ۾ بيٺل هوندي هئي، جهڙو اهي ماڻهو سندس مائٽ هجن. ڏڌ پيئڻ جي شوقين، لطيف سائين سان سندس وڏي عقيدت هئي، ان دور ۾ سواريون نہ هيون، پاڻ تقريباً هر جمعي هر سهائي سومار تي پيرين پنڌ مرشد جي مزار تي حاضر ڏيندي هئي، راڳ ٻڌندي هئي، پاڻ عزادار پڻ هئي. پاڻ ذهين ۽ هر دلعزيز عورت هئي.

## ملدسي جون انتقال ڪري ويل مشهور شخصيتون

ملدسي جي انتقال ڪري ويل مشهور شخصيتن ۾ وارث ڏنو ڏيرو (اول)، دوئم محمد موسيٰ ڏيرو الڳ باب ۾ شامل آهي.

**سليمان فقير ملاح:** پنهنجي دور جو مشهور شاعر، پاڻ شاعري جي هر صنف تي لکيو. پاڻ صرف قرآن شريف پڙهيل هئا. جواني ۾ مزاجي عشق ڪيائين، جو روحاني عشق بنجي ويس، عشق ڪيس اري مان ڪڍي چڙيو ۽ اندر جا اڌما شاعري ذريعي ظاهر ڪرڻ لڳو. پاڻ لطيف جا عقيدمند هئا ۽ لطيف وانگر سڄي سنڌ پيرين پنڌ گهمي ڏٺي ۽ اتي جيڪي لوڪ داستان ٻڌا انهن تي بہ شاعري ڪئي ۽ لطيف جن سورمن ۽ سورمين کي بہ شاعري ۾ آندو آهي، سندس شاعري لکت ۾ نہ اچي سگهي. سندس پٽ فقير مولا بخش ملاح کي تقريباً شاعري برزبان ياد هئي، بعد ۾ پاڻ اها شاعري ڪاپين تي بہ اتاري پر فقير صاحب جي وفات بعد اهي ڪاپيون بہ گم ٿي ويون.

**حاجي محمود ملاح:** سروري جماعت جو خليفو هو، سندن دعوت تي مخدوم طالب المولىٰ، مخدوم امين فهيم، مخدوم شفيق الزمان، مخدوم سعيد الزمان جن اڪثر ايندا رهيا. وڏي اثر رسوخ وارو، اوطاقي، مهمان نواز، يار ويس، ڀلن گهوڙن جو شوقين هو.

**احمد ملاح:** هي حاجي محمود ملاح جو اڪيلو پٽ هو آهي، جيڪو والد جي نقش قدم تي هلندي اوطاق کي هلائيندو آيو ۽ والد جي دوستن





سان نڀائڻ سان گڏ ڪيترائي سٺي حيثيت رکندڙ نوان دوست بہ ٺاهيا. دوستي ۾ سر ڏيڻ وارو 1994ع ۾ گذاري ويو. منهنجو سوٽ هو، هاڻ سندن اوطاق جون رونقون قائم دائم نہ رهي سگهيون آهن.

**سيد قاسم علي شاهہ:** جنهن جو ذڪر اسڪولن واري باب ۾ ڪري آيا آهيون، سندس ڪوشش سان ڪيترين ملدسي جون نياڻيون ۽ ڇوڪرا پڙهيا، پاڻ غريب شاگردن جي مدد بہ ڪندو هو، پاڻ مذهبي شخصيت هئا، طبيعت جا انتهائي سخت پراصول پرست هئا، بعد ۾ ماستري تان استعفيٰ ڏئي پنهنجون خدمتون منصوره مدرسي حوالي ڪيون، جتي بہ ملدسي ۽ آسپاس جا ڪيترائي ڇوڪرا پڙهي نوڪرين تي پهتا. 1980ع ۾ وفات ڪري ويا، سندن آخري آرام گاهہ بہ منصوره ۾ آهي.

**سيد غوث محمد شاهہ:** بهترين استاد نازڪ نفيس، ادبي ڪتاب پاڻ بہ پڙهندا هئا، ٻين کي بہ پڙهي ٻڌائيندا هئا، خاص طور لوڪ ادب جا ڪتاب، ٻارن کي مفت ٽيوشن ڏيندا هئا، رٽائرڊ ٿيڻ بعد ڪرياني ۽ ڪپڙي جو دڪان هلايو، پاڻ مثالي استاد هو، 1998ع ۾ وفات ڪيائون.

**سيد نور محمد شاهہ:** پاڻ مذهبي روحاني شخصيت ۽ عزادار هئا. غريب هئڻ جي باوجود مهمان نواز، غريبن جي مدد ڪندا هئا. 1969ع ۾ وفات ڪيائين.

**رحمت الله قاضي ڏيرو:** عالم قرآن جو حافظ تعويذن جو بادشاهہ، علم نجوم، علم رمل نوري علم جو ماهر، سندس تعويذ منديءَ تي ٽڪ هوندا هئا.

**ميهار ملاح:** سندس ذڪر هن ڪتاب ۾ الڳ ڪيل آهي.

**الهہ بخش ملاح:** منهنجو والد هو. سگهڙ، مهمان نواز، ڀلين مينهن جو شوقين، غريب هئڻ جي باوجود دل جو سخي، يار جو يار، 1989ع ڏاري گذاري ويو.

**قادر بخش خاصخيلي:** پاڻ استاد طبيب وارن جو ڏاڏو هو، وڏو سرندي نواز هو، يار ويس، مهمان نواز هو،

**اولادي خاصخيلي:** پاڻ قادر بخش خاصخيلي جو فرزند هو. پاڻ بہ والد وانگر سرندو وڄائڻ جو قابل، هو هاري پر دل جا سخي مهمان نواز هو.

**محمد سومار فقير ڏيرو:** نرالي شخصيت جو مالڪ نفيس، ننڍي

وڏي سان ادب اخلاق سان ملندڙ صوفيانہ راڳ جو شوقين حسن پرست ملدسي ۾ پهرين ٽيپ رڪارڊر پاڻ آندو. ڪچهرين جو ڪوڏيو، يار ويس، مهمان نواز، دوستي ۾ سر ڏيڻ وارو، علائقي ۾ ٿيندڙ ڪاچن ۾ ڪيس سربراهہ مقرر ڪيو ويندو هو، پنهنجا ماڻهو وٺي ڪاج سرها ڪندو هو. ڪاوڙ ۾ بہ مرڪندو هو، ٻين ڪي ڪم ايندي خوشي محسوس ڪندو هو.

**ڪمن فقير:** وڏو پوڳائي، راڄائتو، مزاحيہ ڪچهرين جو بادشاهہ. غريب هئڻ جي باوجود مهمان نواز، ڏکئي وقت ۾ دوستن جي ڪم اچڻ وارو هو.

**لڪاڏنو شيخ:** پنهنجي مڙسي سان ماني مڇي وارو ٿيو پاڻ سيٺ سڏبو هو. وڏو داناءُ فيصلن جو ماهر، ڏکيا فيصلا بہ جيڪي ٻين کان نہ ٿيندا هئا، اهي مکڻ مان وار ڪڍڻ جي چوٽي مطابق ڪڍي ڇڏيندو هو. مهمان نواز، يار ويس، پوليس ۽ بااثر ماڻهن سان تعلقات هئس.

**عيسو شيخ:** مشهور پڪوڙائي سندس پڪوڙا سڄي علائقي ۾ مشهور، چيڙاڪ بہ حد کان وڌيڪ، چڙي تہ پڪوڙن جي تئي هيٺان ٻرندڙ ٻنڊي بہ وهائي ڪڍي. پاڻ گهورڙيو بہ هو.

**محمد عمر شڪرانو فقير ڪنڀر:** وڏو دلير، ٻاجهہ ڀريو، مهمان نواز، نغارا وڄائڻ جو ماهر، وڏو عزادار، ڏک سک ۾ ٻين ڪي ڪم ايندڙ پاڻ 130 سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

**قاضي ڪنڀر:** مشهور ڪنڀر، سندس ٺاهيل ٿانوَ سڄي علائقي ۾ مشهور هئا. ٻين علائقن وارا بہ هن وٽان ٺڪر جا ٿانو وٺڻ يندا هئا.

**ڪمال عمراڻي:** مشهور حجام، انهيءَ ڌنڌي ۾ وڏي مهارت رکندڙ هو.

**مامون غازي غلام محمد خاصخيلي:** پاڻ يار ويس، سخي، دل جو ڪليل، مهمان نواز، سخاوت جي ڪري غازي سڏبو هو، فقير فقراءَ موالي سوالين جو ڏڻ سندس پٽيان هلندو هو.

**ملو محمد حسين شيخ:** پاڻ ڳوٺ جو ملو هو، سدابهار شخصيت، هر عيد ۽ جمعي جي نماز ۾ جتوئي وارو خطبو پڙهندو هو.

**سيٺ اميد علي خاصخيلي:** محنت جدوجهد سان مڇي ماني وارو ٿيو، دڪان بہ هلايائين، اوطاق بہ هو.

**حيدر هوٽ:** زندهہ دل هر دلعزيز مزاحيہ طبيعت رکندڙ مذهبي ماڻهو هو، گهڻو وقت ڪراچي جي هڪ مسجد ۾ گذاريائين، بعد ۾ عربي ٽيچر ٿيو. يار ويس، ذهين انسان هو.





**محمد عمر فقير ڏيرو:** درويش فقير منش انسان، ڏکئي مهل سڀني ڪي ڪم اچڻ وارو، گهوڙن جو شوقين هو. چوپايو مال جو شوقين هو.

**الهہ بچايو شيخ:** بهترين سگهڙ، يارن جو يار، پتي راند ۽ شترنج جو وڏو شوقين ۽ ماهر هو. ڪيترن ئي علائقن ۾ ٿيندڙ سگهڙ ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيندو هو.

**سيد بچل شاهہ:** اصل گمبٽ جو هو، سائين حسين شاه وارن جو مائٽ هو. وڏي دٻ دٻي وارو پوليس جمعدار هو. وردي پائڻ بجاءِ ملهہ وانگر وڏا ڪپڙا پائي وڏو بوسڪي جو پٽڪو ٻڌي هلندو هو. زمينداري بہ هيس، ملدسي ۾ عزاداري حسين جي روايت قائم ڪئي، اوائلي پڙن جي ڀرپور مالي مدد بہ ڪيائين، پهرين کان 10 محرم تي وڏيون خيرخيراتون ڪندو هو.

**خميسو ملاح:** منهنجو چاچو هو، روحاني شخصيت هو، سندس تعويذن ۾ ڦيٽن ۾ وڏو اثر هوندو هو. پرهيزگار بااخلاق هو.

**سيد عالم شاهہ:** وڏو داناءُ بهترين حڪيم، روحاني شخصيت هو، تعويذن جو ماهر، سندس مريد سڄي سنڌ ۾ هوندا هئا. پاڻ ذهين، مهمان نواز هئا، سيد لطف علي شاهہ سندس فرزند آهي.

**هارون خاصخيلي هوٽل وارو:** ملدسي جو مشهور هوٽلائي فقير طبيعت وارو لطيف سائين جو عقيدتمند، يار ويس هو، مهمان نواز هو.

**عبدالله شيخ:** پاڻ ملدسي جو بهترين هوٽلائي ڪڪڙن جو شوقين، سندس چانهہ مشهور هئي.

**اوستو بهادر لوهار:** ملدسي جو مشهور لوهار ٻلا ڏاٽا، ڪهاڙيون ٺاهيندڙ هو، شهدادپور جو هو، پر هن سڄي حياتي ملدسي ۾ گذاري ۽ هتي ئي وصال ڪيو ۽ ڳوٺ وارن سان نڀايو.

**سليمان واڍو خاصخيلي:** پاڻ سگهڙ يار ويس واڍڪي ڪم ۾ مشهور يار ويس مهمان، نواز ذهين هو.

**دين محمد خاصخيلي عرف ملنگ:** بهترين سگهڙ، وڏيرو محمد موسيٰ جو ساٿاري، ڪچهرين جو ڪوڏيو، يار ويس، لطيف سائين، سچل سائين، وڏيرو موسيٰ ڏيرو جي شاعري برزبان ياد هئس. سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ سگهڙ ڪچهرين ۾ ويندو هو. محمد ملاح فقير علي بخش خاصخيلي جو ذڪر عزاداري واري باب ۾ اچي چڪو آهي.

**محمد اسحاق ملاح:** يار ويس، مهمان نواز، محنتي ۽ صحبتي ماڻهو

هو، جڏهن تہ انتقال ڪري ويل ٻين شخصيتن ۾ عيدن ملاح، محمد صديق ملاح، محمد عمر هوت، ننگر هوت، محمد بخش هوت، مبارڪ هوت، الهہ رکيو مهر، مولا بخش خاصخيلي، ابراهيم هوت، الهہ بچايو ”بچو“ خاصخيلي، شهمير خاصخيلي، سرائي محمد سانوڻ خاصخيلي، ليمون هوت، الهہ ورايو خاصخيلي ٻڍاٽي، يوسف فقير ڏيرو، پانڌي فقير ڏيرو، محمد پريل خاصخيلي، پانڌي خاصخيلي، اميد علي هوت، انور خاصخيلي، ڏتل هوت، محمد هوت، منٺار منو خاصخيلي، ڏٽي بخش خاصخيلي، صابن خاصخيلي، لڪاڏنو خارباز خاصخيلي، پانڌي فقير ڏيرو، ارباب مهر، رسول بخش بروهي، محمد حجام، احسان فقير ڏيرو، ٽنبو ڪنڀر، حيدر شاهہ، قاسم ڪنڀر.

**وڏيرو راڄ خاصخيلي:** پنهنجي برادري جو وڏيرو، يار ويس، مهمان نواز هو.

**سيٺ مصري خاصخيلي ولد امير علي خاصخيلي:** نفيس، يار ويس، بعد ۾ مذهبي ماڻهو ٿي ويو، سماجي ڪارڪن هو.

**جان محمد خاصخيلي:** ملدسي جو هردلعزيزسماجي ڪارڪن بجلي جي ڪم جو ڄاڻو، تعليم يافتہ پاڻ گئس ڪاتي ۾ سب انجنيئر هئا، هڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويا. قادر بخش خاصخيلي ولد استاد طيب خاصخيلي جنهن ننڍي عمر ۾ دوستن جو وڏو حلقو ٺاهيو، پاڻ هڪ ٽي وي چئنل جو سنڌ لاءِ بيورو چيف هو. ڳوٺ وارن تي ساهہ ڇڏيندو هو. 2016ع ۾ وصال ڪري ويو.

**ڇٽو هوت:** پوليس پيري جو بهترين پيري يار ويس هو.

**خيرو سومرو ۽ سندس پٽ مصري سومرو:** جيڪي چاڪي بہ سڏبا هئا، پيءُ پٽ ڀلا انسان وڏا ڀوڳائي هئا. ملدسي ۾ برف ۽ ٿڌي جو پهريون دڪان هنن جو هو.

**محمد عرس سومرو:** پاڻ ملدسي جو بهترين درزي هو، ماين مردن جا ڪپڙا سبندو هو، سڄي ڳوٺ جي گهرن ۾ بنا سڏجي بہ هليو ويندو هو.

**شير محمد مهر:** ملدسي جو وڏو سيٺ وڏو دڪاندار، آخري وقت ۾ عشق ڪيائين، جنهن اري مان ڪڍي ڇڏيس بعد ۾ عشق ۾ ناڪام ويو ۽ دنياداري ڇڏي فقيري اختيار ڪيائين، سڄي سنڌ جي درگاهن تي ويندو هو. ۽ پڙ چوري ڪري انهن مان خيرخيراتون ڪندو. آخر ۾ شير شاهہ سڏائيندو هو. ٽنڊو محمد خان ۾ سندس مزار آهي، جيڪا شير





محمد شاهہ جي مزار سڏجي ٿي.

**سيد عثمان شاهہ:** پنهنجي وقت جو ريڊيو ٺاهڻ جو ماهر، ادبي ذوق رکندڙ، بادشاهن جون ڪهاڻيون ٻڌائيندڙ، دڪانداري بہ ڪيائين. فقير صيفل خاصخيلي، الهہ بخش پرين خاصخيلي، ڏاڏو گلڻ خاصخيلي ولد مرحوم سيٺ اميد علي خاصخيلي، ملدسي ۾ پهريون ٽريڪٽر ان آندو، مرحوم محنتي يار ويس ذهين زندهہ رل شخصيت هو.

**محمد ابراهيم شيخ:** پاڻ ملو محمد حسن شيخ جو موچي پٽ هو. پ پ جو جيالو هو، دڪاندار بہ هو، يار ويس انسان، مهل تي ڪم اچڻ وارو، پ پ پ ۾ سندس جدوجهد قابل تعريف هئي.

**الهہ رکيو ڪنڀر عرف منشي:** پاڻ ڏيرا اسٽيٽ جو منشي هو. ذهين سهپ رکندڙ، ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪندڙ ڪل مک انسان هو.

**شيرمحمد شيرل عمراڻي:** پنهنجي وقت جو بهترين حجام، ديني ۽ ڪل ڀوڳ وارو انسان هو، تعليم کاتي ۾ ملازم هو سندس فرزند بہ سندس نقش قدم تي هلن ٿا، ڪنڊو فقير خاصخيلي، فقير منش مشهور عامل، مٺي جي سور، وچون، نانگ بلا ڪائڻ جي جهاڙ جو عامل، پيٽ ۽ مٺي جي سور جا ڦيٽا رکڻ، بيمارين جا تعويذ لکڻ ۾ وڏي مشهوري رکندو هو. تعويذن لاءِ پري پري کان ماڻهو هن وٽ ايندا هئا.

**الهجڙيو ملاح :** يارن جو يار سڄي سنڌ ۾ دوستن جو وڏو حلقو رکندڙ هو. نانگ بلائون پاليندو هو. ٻين کي ان لاءِ تعويذ بہ ڏيندو هو.

**حاجي عثمان شيخ:** مذهبي شخصيت، محنتي هاري، حديثن ۽ اسلامي ڪتاب ڪٽي بازار ۾ هوٽلن، دڪانن تي وڃي ويٺلن کي پڙهي ٻڌائيندو هو ۽ ڪين الله ۽ الله جي رسول جي انهن ڏسيل ڳالهين تي عمل ڪرڻ لاءِ چوندو هو.

ملدستي جي انتقال ڪري ويل شخصيتن ۾ عارب خاصخيلي، عبدالغفور ملاح، صادق ملاح قاسم ملاح، ڏاڏو عارب ملاح ۽ ٻيون شخصيتون شامل آهن. دل تہ اهو چيو تہ انتقال ڪري ويل سڀني شخصيتن تي ٻہ ٻہ سٽون لکان پر اهو ممڪن نہ آهي. ڪوشش هوندي تہ ملدسي تي هڪ الڳ ڪتاب لکجي ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ انتقال ڪري ويل شخصيتن مان ڪي رهجي ويا هجن ان لاءِ سندن وارثن کان اڳواٽ معذرت ڪريون ٿا. جڏهن تہ حال حيات جن مشهور ماڻهن جو ذڪر نہ ڪري سگهيو آهيان، انهن کان بہ معذرت.

## ماضي ۾ شعوري ساجاھ جو ڳڙھ تاريخي ڳوٺ باقر خان نظاماڻي

شهدادپور- هالا روڊ تي روهڙي ڪئنال پرسان قديم زماني ۾ آوات واھ وهندو هو. جنهن جا نشان پڇي جي صورت ۾ اڄ به موجود آهن، اتي رئيس باقر خان نظاماڻي ولد قيصر خان نظاماڻي پنهنجي نالي سان ڳوٺ باقر خان نظاماڻي آباد ڪيو. هي ڳوٺ ڪلهوڙن جي دور حڪومت جي آخر ڏاري يا ميرن جي حڪومت جي شروعات دور ۾ آباد ٿيل سمجهجي ٿو. رئيس باقر خان نظاماڻي جي خاندان تي مبني هي ننڍڙو ڳوٺ هاڻ ننڍڙو شهر بڻجي ويو آهي ۽ هن ڳوٺ ۾ لکيل پڙهيل ماڻهن جو تعداد وڌيڪ آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪافي وقت کان ٻيون قومون به رهن ٿيون. هن وقت ڳوٺ ۾ نظاماڻين کانسواءِ سيد، خاصخيلي، لوهار، ڪنڀار، ابو پوٽا، ڪوري، ٻکيرا، ڏاهري، ماڇي، شيدي، مينگهواڙ، راجپوت ۽ ٻين ذاتين وارا رهن ٿا. نظاماڻي قبيلو جنهن لاءِ ڪيئي روايتون آهن، ڪن جو چوڻ آهي ته عرب قبيلن مان آهن ڪن تاريخدانن جو خيال آهي ته نظاماڻي ڪرد قبيلي مان آهن. اهي به روايتون آهن ته نظاماڻي اصل ۾ رند آهن. روايتون آهن ته نظاماڻي، نظام فقير جو اولاد آهن. نظام فقير صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. سنڌ جون ڪيتريون برادريون پنهنجي وڏن جي نالن سان پڌ آهن. ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ نظاماڻي قبيلي جي وڏي حيثيت رهي، ميرن جي دور حڪومت ۾ نظاماڻي قبيلي جون ڪيترون شخصيتون اعليٰ عهدن تي پڻ رهيون، انگريز سرڪار خلاف گوريلا جنگ وطن يا ڪفن ۾ ٻين حرن سان گڏ نظاماڻين به پاڻ ملهايو. انگريز خلاف ان گوريلا جنگ ۾ نظاماڻي قبيلي جا ڪيترائي ماڻهو شهيد ٿيا، ڪيترائي غازي ٿيا. رئيس باقر خان نظاماڻي جا وڏا ضلعي ڊيرا غازي خان جا هئا. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هن ڳوٺ ۾ وڏي تعداد ۾ واڻيا به رهندا هئا. جيڪي وڻج واپار ڪندا هئا ورهاڱي کان اڳ ڳوٺ باقر خان نظاماڻي واپار جي لحاظ کان وڏي حيثيت رکندو هو. ڳوٺ ۾ ڪيئن بازارون به هيون، جهڙوڪ سونارڪي بازار، لوهارڪي بازار موچڪي بازار به هيون. هتي ٺهندڙ سونا زيور مشهور هئا. پري پري جا ماڻهو سونا زيور ٺهرائڻ لاءِ هتي ايندا هئا. هتان جا لوهار به مشهور هئا. ڪهاڙيون، ڪوڏرون، ڏانٽا، هرن جا ڦار ۽ لوھ مان ٺهندڙ ٻيا اوزار ۽ مشنري به هتان جي مشهور هئي. روايتون آهن ته هتي ميرن جي صاحبي ۾ تلوارون، نيزا، ڀالا، زرهون به ٺهندا هئا. هتان جا موچي به مشهور هئا. سنڌي جتيون ،







گهوڙن جا تل سنج به ٺهندا هئا. جتين ۽ گهوڙن جي سنجن تي چاندي جو جڙاءُ به ٿيندو هو. هتان جا ڪنڀر به مشهور هئا. سنڌن ناهيل مٽيءَ مان ناهيل ٿانوءَ خوبصورت هوندا هئا. پاڪستان ٺهڻ بعد هتان جا ڪافي هندو مجبور ٿي ڀارت هليا ويا. باقين ڳوٺ ڪي ڇڏي مختلف شهرن ۾ هليا ويا. باقر خان نظاماڻي ڳوٺ ڪلهوڙن جي دور کان موجوده دور تائين سياست جو ڳڙھ رهيو آهي. هن ڳوٺ ۾ تقريبن هر سياسي پارٽي ۽ تنظيم سان وابسته ماڻهو آهن. جڏهن ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پ پ ٺاهي ته هتان جو معزز ۽ سماج سڌارڪ شخصيت رئيس لال ڏنو خان نظاماڻي پ پ ۾ شامل ٿيو، جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ جتي ملڪ اندر سياسي سرگرميون ٺپ هيون ان ڏکئي دور ۾ ڳوٺ باقر خان نظاماڻي سياسي سرگرمين جو ڳڙھ رهيو. خاص طور قوم پرست سياست جو ڳڙھ رهيو. رئيس لال ڏنو خان نظاماڻي جو فرزند عطا محمد نظاماڻي ”مرحوم“ قومپرست هو. هن شاگردي دور کان قومپرست سياست شروع ڪئي، بعد ۾ مير غوث بخش بزنجو جي پي اين پي ۾ سرگرم رهيو، ان دور ۾ رسم طهر سنت، شادين، عقيقن، سالگرھ، مري ويلن جي ٽيجهن، جماڻن، چاليهن ۽ ورسين جي بهاني هتي سياسي سرگرميون عروج تي رهيون. هتي سياسي ميڙاڪا ٿيندا هئا. ان دور ۾ قومپرستن جنرل ضياءُ جي ظلم خلاف پاڻ ملهايو. ۽ سنڌ ۾ جن به قومپرستن خلاف اهڙي ڏوھ ۾ ڪوڙا ڪيس داخل ٿيندا هئا ته انهن مان اڌ کان وڌيڪ هن ڳوٺ ۾ سياسي پناھ طور رهندا هئا. جنرل ضياءُ جي دور ۾ حڪومت خلاف هن ڳوٺ ۾ سري عام جلسا به ٿيا، ان دور ۾ عام ماڻهن خاص طور نوجوانن ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ اسٽيڊي سرڪل هلندي هئي، ان اسٽيڊي سرڪل جي حوالي سان مرحوم عطا محمد نظاماڻي، قاضي علي نواز نظاماڻي، عبدالرزاق نظاماڻي، ڪامريڊ صاحب ڏنو پنهاڻ، ڪامريڊ محمد خان ملاح، راقم العروف ”نور سنڌي“، وڏيرو مير سنگراسي، مشتاق لغاري، عظيم نظاماڻي، اسماعيل ڪنڀر، يعقوب ڪوسو، جان محمد ساند، عبدالهادي نظاماڻي، اختر حسين نظاماڻي، غلام مصطفيٰ نظاماڻي، نور الدين آهپن، ٻڍل خاصخيلي ۽ ليمون خاصخيلي ۽ ٻين جو ڪردار رهيو. جن اسٽيڊي سرڪلون هلايون. جنهن جون هفتيوار گڏجاڻيون ٿينديون هيون. انهن سان عام ماڻهن خاص طور نوجوانن ۾ وڏو شعور آيو، انهن اسٽيڊي سرڪلن ۾ نه صرف هن علائقي پر ٻين علائقن جا ساجاھ وند نوجوان به شرڪت ڪندا هئا.

رئيس لال ڏنو خان نظاماڻي هر طرح سان ان حوالي سان ڀرپور سهڪار ڪندو هو. رئيس لال ڏنو خان نظاماڻي هو تہ رئيس پر سندس سوچ رئيساڻي نہ هئي. هو غريبن جو يار باشعور سٺي سوچ رکندڙ انسان هو. علائقي ۾ خادم بڻجي عوامي خدمت ڪئي. ڳوٺ باقر خان نظاماڻي جي تعليم جي حوالي سان سندس ڪوششون خدمتون اڻ وسرندڙ آهن. هتي پرائمري اسڪول، مڊل اسڪول بعد ۾ ان ڪي هاءِ اسڪول بنائڻ ۾ ۽ نياڻين جو اسڪول قائم ڪرڻ ۾ سندس ڪردار رهيو. غريب ماڻهن ڪي همٿايو تہ هو اولاد کي تعليم ڏيارين. پاڻ غريب شاگردن جي هر طرح سان مدد ڪندو هو. ماضي ۾ پيار محبت، اتحاد ڀڏي جي حوالي سان هن ڳوٺ جي ماڻهن جو شاندار مثال رهيو. پر رئيس لال ڏنو خان نظاماڻي، عطا محمد نظاماڻي جي وفات بعد جهڙو هن ڳوٺ کي نظر لڳي وئي. ماضي وارو ماحول، پيار محبت ڀڏي واري فضا هاڻ نہ رهي آهي. سياسي ليول تي بہ هاڻ هن ڳوٺ جون اهي رونقون نہ رهيون آهن. هاڻ پراڻا ڪامريڊ هتي شادين، غمگين ۾ اڳي ماضي جي خوبصورت يادن ڳوٺ سان وابستہ ساروڻين کي سارين ٿا. هي ڳوٺ تہ ڪڏهن اهڙو ڳوٺ هو جو هن ڳوٺ جي کهڙي ڳالهہ ڪجي، ماضي ۾ اهڙو ڏينهن يا رات نہ هئي جو پري پري جا ساجاهہ وند ماڻهو هتي آيل نہ هجن ۽ ملڪي بين الاقوامي سياسي صورتحال تي بحث نہ ٿيندا هجن پر هاڻ ڳوٺ جي انهن چند اوطاقن جن ۾ رئيس لال ڏنو خان نظاماڻي ۽ الهہ ڏنو نظاماڻي جي اوطاق سرفهرست آهي، انهن ۾ اهي ماضي جون رونقون نہ رهيون آهن، ماضي ۾ رڳو رئيس لال ڏنو عطا محمد نظاماڻي جي ڪوشش سان هتي سياسي ميلا مچندا هئا. مچ ڪچهريون ٿينديون هيون هتان جي مهمان نوازي سڄي سنڌ ۾ مشهور هئي پر اڄ هتان جا ڪيترائي نوجوان اعليٰ تعليم يافتہ سٺين نوڪرين ۾ آهن باشعور آهن، ليڪن ان جي باوجود ماضي وارو باقر نظاماڻي هاڻ ماضي جي ڳالهين ۾ وڃي رهيو آهي. نظاماني فيملي جا ڪيترائي ماڻهو اعليٰ تعليم يافتہ آهن. سرڪاري نوڪرين ۽ اين جي اوز ۾ آهن پر هي رئيس لال ڏنو خان نظاماڻي، عطا محمد خان نظاماڻي جهڙو ڪردار ادا نہ ڪري سگهيا آهن. ڳوٺ جي سياسي، سماجي، علمي ادبي ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙن ۾ قاضي علي نواز نظاماڻي پاڻ هڪ انٽرنيشنل اين جي اوز ۾ زندگي ڏني آهي اڳ ۾ بہ اين جي اوز ۾ رهيا آهن. حيات نظاماڻي پاڻ زرعي بينڪ جا مينيجر آهن،





رسول بخش نظاماڻي پاڻ بلدياتي کاتي جا رٽائرڊ آفيسر آهن، سنڌ جي ڪيترن ئي ميونسپل ڪميٽين، ضلعي ڪائونسلن ۾ چيف آفيسر طور رهيا آهن، ممتاز نظاماڻي پاڻ لال ڏنو خان نظاماڻي جا فرزند آهن ڪسٽم ڪراچي ۾ آفيسر آهن. غلام مصطفيٰ نظاماڻي پاڻ پيراگن اسڪول جي نالي سان شهدادپور سميت مختلف شهرن ۾ پرائيويٽ تعليمي ادارا هلائي رهيا آهن، تاج محمد نظاماڻي ڪراچي ۾ آڊٽ ڊپارٽمينٽ ۾ آفيسر آهن، سيد علي محمد شاهہ پاڻ زرعي بينڪ ۾ ايم سي او آهن. اختر حسين نظاماڻي پاڻ گورنمينٽ پرائمري اسڪول باقر خان نظاماڻي جا هيڊ ماستر آهن، پاڻ سماج سڌارڪ بہ آهن. غلام بشير منصوري پاڻ هتان لاهور لڏي ويا، اتي پنجاب يونيورسٽي ۾ اسلامڪ ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين جي عهدي تان رٽائر ٿيا آهن،طاهر عطا نظاماڻي ايڊووڪيٽ پاڻ ڪراچي ۾ وڪالت ڪن ٿا، والد وانگر غريبن جا دوست ، يار ويس آهن. مختيار نظاماڻي مقبول نظاماڻي، عبدالرزاق نظاماڻي، محمد بچل خان نظاماڻي، ڳوٺ جون مشهور شخصيتون آهن، عبدالمجيد نظاماڻي پاڻ پوليس کاتي ۾ سب انسپيڪٽر جي ڪيترن ئي ٿاڻن تي ايس ايچ او رهيا آهن، علي بخش بابو نظاماڻي سماج سڌارڪ وڏن جي دوستن سان نڀائي پيو، فخر الدين نظاماڻي، عبدالهادي نظاماڻي، احمد علي نظاماڻي، غلام مرتضيٰ، آغا نظاماڻي. جڏهن تہ ٻين برادرين مان ارباب شيدي، محرم شيدي، اڪبر ڏاهري، محمد سليم خان ايڊووڪيٽ ڪراچي، سيد نور محمد شاهہ، خميسو شيدي، امداد شيدي، جمن عرف ڪارو شيدي، محمد عرس خاصخيلي، شفيع محمد قمبراڻي، غلام مرتضيٰ راجپوت، محمد حنيف راجپوت، محمد يوسف فضل، راڻو ميگهواڙ، باشعور آهن. هتان جي باشعور ماڻهن ڪي پنهنجي ڳوٺ تماچي مينگهواڙ باقر خان نظاماڻي جو ماضي موٽائيڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، هي هر دلعزيز باشعور ۽ بهار جي خوشبو جهڙا ماڻهو آهن. هن وقت باقر نظاماڻي ۾ گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول، زرعي آفيس گورنمينٽ ميڊيڪل ڊسپينسري برانچ پوسٽ آفيس ۽ ٻيا سرڪاري ادارا آهن. ماضي ۾ پيئڻ جي پاڻي لاءِ کوهہ هئا ڳوٺ ۾ پهرين مسجد رئيس باقر خان نظاماڻي نهرائي، ان جي نئين سر تعمير رئيس عبدالله جان ولد علي بخش نظاماڻي ڪرائي، امام بارگاهہ واري مسجد رئيس علي احمد خان نظاماڻي نهرائي هتان جي انتقال

ڪري ويل شخصيتن ۾ رئيس تاج محمد خان نظاماڻي پاڻ لطيف جو رسالو هٿ سان لکيو جيڪو فقير علي ڏنو نظاماڻي تازو ڇپايو آهي. جعفر علي خان نظاماڻي، اسڪولن لاءِ پاڻ زرعي زمين ڏني، لال ڏنو خان نظاماڻي ۽ سندس فرزند عطا محمد نظاماڻي جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون. الهه ڏنو خان نظاماڻي، سيد دريا خان شاهه، سيد آگيڏنو شاهه پاڻ تعليمي شخصيت هئا. عامل به هئا. نانگ به پاليندو هو. نانگ بلائون ڪي پڪڙڻ لاءِ تعويذ به ڏيندو هو.حاجي عبدالله خان نظاماڻي جماعت اسلامي جو اڳواڻ هو ۽ عشر زڪوات ٽنڊو آدم ۾ چيئرمين رهيو، يار محمد نظاماڻي، احمد علي نظاماڻي، پاڻ امام بارگاهه جو بنياد رکيو، شير محمد نظاماڻي استاد ۽ سماج ڪارڪن، منظور خان نظاماڻي سومار خاصخيلي، لونگ شيدي، وڏيرو رتو شيدي، بچايو فقير شيدي، محمد خان نظاماڻي ”مشهور تعليمي شخصيت“ الهه ڏنو نظاماڻي بهترين استاد محمد حسين خاصخيلي ”بهترين استاد“ لال محمد شيدي ۽ ٻيا شامل آهن، ڪو زمانو هو، جوهي ڳوٺ مذهبي فرقي کان پري هو ماضي ۾ هڪ ئي مسجد ۾ نماز پڙهي ويندي هئي، يوم عاشوره ۾ ڳوٺ جا سڀ ماڻهو اعزاداري ڪندا هئا. جن ۾ هندو به شامل هئا پر هاڻ ڳوٺ ۾ فرقه بندي تيزي سان وڌي رهي آهي . هتي 4 محرم کان ڏهين محرم تائين وڏي عزاداري ٿئي ٿي، ماضي ۾ ماسي گلابي شيدي ۽ سندس ڀيڻ جڏهن نوح خواني ڪنديون هيون ۽ پڙ چونديون هيون ته ماڻهو ڪربلا جي شهيدن جي ڏک ۾ نيڻن جا بند روڪي نه سگهندا هئا. ماضي ۾ خاص موقعن تي شيدي برادري مغرمان وڄائيندا هئا هتي شيدي برادري جون ڪيتريون ئي عورتون شادين ۽ خوشي جي موقعن تي لوڪ گيت ۽ سهرا ڳائين ٿيون، جن کي سنڌ جي مختلف شهر ۾ شادين ۽ ٻين خوشين جي موقعن تي خصوصي گهرايو ويندو آهي جتي هو لوڪ گيت ۽ سهرا منفرد انداز ۾ ڳائين ٿيون، هن ڳوٺ جي ماڻهن جو ايم آر ڊي تحريڪ ۾ وڏو ڪردار رهيو، هتي جلسا جلوس ڪيا ويندا هئا. روڊ بلاڪ ڪيو ويندو هو، ايم آر ڊي تحريڪن ۾ ڪيترائي ماڻهو جيل به ويا، جن ۾ ٻين ڪانسواءِ عبدالرزاق نظاماڻي، محمد اسماعيل ڪنڀر، عبدالهادي نظاماڻي، امير بخش نظاماڻي، يعقوب ڪوسو به شامل آهن. ماضي ۾ هتان جا سوٽهڙ جيڪي مشهور واڍا هئا، سندن سامان فرنيچر مشهور هو، بعد ۾ هو شهدادپور ۾ لڏي ويا، جتي سندن گهر هئا. اتي هاڻ لوهارن جا گهر آهن.





هتي پرائمري اسڪول 1948 ع ۾ قائم ٿيو، جيڪو پاڳو واڻيو جي چڏي ويل گهر ۾ هلندو هو. گرلس اسڪول صدر ايوب جي دور ۾ قائم ٿيو. 1970 ع ڌاري مڊل برانچ اسڪول قائم ٿيو. 1972 ع ۾ لال خان نظاماڻي جي ڪوشش سان اپ گريڊ ٿيو. 73 ع ۾ بلڊنگ ٺهي، 74 ع ۾ مڊل اسڪول پرسان پرائمري اسڪول جا 2 ڪمرا ٺهيا. 1976 ع ۾ پنهنجي مدد پاڻ ڪريو اصول تحت وڌيڪ 2 ڪمرا ٺهرايا ويا. سنگ بنياد وارو پٿر مخدوم خليق الزمان رکيو. ان ۾ باقر خان نظاماڻي جي واپارين سيٺ محمد سومر ساند ۽ سيٺ محمد صالح سيال جو ڪردار رهيو. 1980 ع ۾ وڌيڪ 2 ڪمرا پنهنجي مدد پاڻ ڪريو اصول تحت ٺهرايا ويا. سنگ بنياد ان وقت جو اي سي شهدادپور محمد ايوب ٻانڀڻ رکيو. 2000ع ۾ ان وقت جي ايس ڊي او ايجوڪيشن ورڪس پير علي احمد قريشي جي تعاون سان وڌيڪ ڪمرا تعمير ٿيا، ان ۾ اختر نظاماڻي جو نمايا ڪردار رهيو. 1980 ع ۾ مڊل اسڪول کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو، نئين بلڊنگ ٺاهي وئي، بعد ۾ ممتاز نظاماڻي جي ڪوشش سان هائر سيڪنڊري اسڪول جو درجو ڏنو ويو ۽ شاندار بلڊنگ تعمير ڪئي وئي. 2015ع ۾ هن اسڪول کي ڪيئمپس جو درجو ڏنو ويو آهي. گورنمينٽ گرلس مڊل اسڪول 1990 ع ۾ ٺهيو پر ڪامياب نه ويو. بلڊنگ بند پئي آهي. هتي سماجي تنظيمن به ڪم ڪيو. پهرين سک پريت جي نالي سان سماجي تنظيم ٺهي جنهن جو روح روان لال ڏنو خان نظاماڻي ۽ منير چانڊيو هئا. ان بعد سوشل ويلفيئر ايسوسييشن ٺهي. جيڪا رسول بخش نظاماڻي ۽ منير چانڊيو هلائي بعد ۾ عطا محمد نظاماڻي قاضي علي نواز نظاماڻي، اختر حسين نظاماڻي، باقر خان نظاماڻي ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جو بنياد رکيو، ان تحت غريب بيواهه عورتن کي روزگار لاءِ ٻڪريون وني ڏنيون، انوارمينٽ جي حوالي سان هڪ لک وڻ علائقي ۾ لڳايا ويا. 1995 ع ۾ گندي پاڻي جي نيڪال واري اسڪيم 50 لکن جي لاڳت سان ٺاهي وئي. فرشبندي ڪرائي وئي، گندي پاڻي جي نيڪال واري اسڪيم اختر حسين نظاماڻي جي ڪوشش سان اڄا تائين ڪاميابي سان هلي رهي آهي. ان حوالي سان اختر حسين نظاماڻي ذاتي طور به خرچ ڪندو رهيو آهي. هن ڳوٺ جي اڪثريتي ماڻهن جو قبرستان حاجي راول فقير جي قبرستان ۾ آهي. ڳوٺ پرسان حضرت حاجي فقير جي مزار به آهي. ڳوٺ جي هن وقت

اڍائي هزار کن آدمشماري آهي. گورنمينٽ هاءِ اسڪول باقر خان نظاماڻي جي حوالي سان اتي مقرر ٿيندڙ هيڊ ماسترن الهه بخش خاصخيلي، سيد حسين شاهه، ڄام ٻادل جکروءَ پرنسپال زاهد حسين ميمڻ جون خدمتون قابل تعريف آهن. ڳوٺ جي تعليمي ادارن جي ترقي جي حوالي سان ممتاز نظاماڻي جون ڪوششون قابل تعريف آهن.

## واديءَ ڪشمير جهڙو خوبصورت ننگرپارڪر

ٿر جنهن لاءِ عام چوڻي آهي ته وٺو ته ٿر، نه ته بر ۽ اها حقيقت به آهي، ڇو ته ٿر جي حسن کي برساتن بعد چار چنڊ لڳن ٿا ۽ ٿر جو حسن وڏيڪ نکري ٿو. پيو ته ٿر واسين جو گذر سفر برساتن بعد ٿيندڙ فصلن تي آهي. ٿر ۾ برسات جي خوشي اهڙي ٿئي ٿي جهڙي مسلمانن لاءِ عيد ۽ هندن لاءِ ڏياري جي خوشي. ڪتابن ۾ آيل آهي ته ٿر جو اصل نالو ٿل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٻيٺل نه وهندڙ معنيٰ خشڪ ملڪ ۽ ٿل لفظ مان ڦرندي هاڻ ٿر سڏجي ٿو. ضلع ٿرپارڪر ۾ تعلقي ننگرپارڪر جي ثقافتي، تهذيبي، تاريخي طور هڪ پنهنجي حيثيت آهي. هي تعلقو تقريبن 1617 چورس ميلن تي مشتمل آهي. ننگرپارڪر شهر جي ٿنهي پاسن کان ڪارونجهر جبل آهي، جيڪو هن شهر کي پنهنجي ڀاڪر ۾ جهليو بيٺو آهي. ڪارونجهر ڪڪڙ جي بيضي وانگر آهي. ڪارونجهر زميني سطح کان 1000 فوٽن جي اوچائي تي ڦهليو وڃي ٿو. جڏهن ته ٻاهرين گولائي 22 ميل ڦهلائي وڃي ٿي. سنڌ گزيٽيئر موجب 12 ميل آهي. روايتون آهن ته قديم وقت ۾ پارڪر وارو حصو ۽ ڪڇ جي ملڪ جي وچ ۾ ٻيٺل ڪڇ جي رڻ ۾ پاڻي هوندو هو، جنهن کي ڪاري چوندا هئا، ماڻهن کي اچ وڃ لاءِ اها پار ڪرڻي پوندي هئي، جنهن کي چوندا هئا پار ڪاري. بعد ۾ پارڪار سڏيو ويو، ان بعد پارڪار مان ڦري پارڪر ۽ هاڻ پارڪر سڏجي ٿو. اهي به روايتون آهن ته پارڪر لفظ جي معنيٰ آهي، پهڻ ۽ پٿر. ننگرپارڪر شهر ۾ واري جون ڀٽون نه آهن، باقي تعلقي ۾ واري جون ڀٽون به آهن. سڌي زمين به آهي. ڪارونجهر جي وچ ۾ ماٿريون آهن. ڪارونجهر جو پٿر ٻين جبلن کان مختلف آهي. ٻين جبلن جي پٿرن وانگر هتان جو پٿر سخت به نه آهي ۽ ڳاڙهو، اڇو، سليٽي رنگ ۽ ٻين رنگن وارو آهي. ڪارونجهر ۾ ۽ ننگرپارڪر تعلقي ۾ ڪيترائي هندن جا تيرٿ جا آستان آهن ۽ ڪيترائي روح کي وڻندڙ





قدرتي نظارا به موجود آهن. ڪارونجهر جي پٿر مان بهترين ماربل ٺهي ٿو، دنيا اندر ٺهندڙ ماربل کان بهترين آهي. ان ۾ شيشي جهڙي چمڪ به آهي. هتان روزانو وڏي مقدار ۾ پٿر ڪڍي مختلف شهرن ۾ ماربل ٺاهيندڙ ڪارخانن ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. هر دور ۾ حڪمران پنهنجن کي نوازڻ لاءِ ڪارونجهر ليز تي ڏنو وڃي ٿو ۽ ٺيڪيدار پٿر ڪڍن ٿا. اڳ هتان اهڙو به پٿر نڪتو، جيڪو مندرين جي قيمتي پٿرن وارو هو. اڳ هتي ڌماڪا ڪري پٿر ڪڍيو ويندو هو، ان سان ڪارونجهر ۾ رهندڙ مور ڌماڪن جي خوف کان مرڻ لڳا ۽ ڀارت جي سرحد ويجهي هئڻ ڪري ڌماڪن ذريعي پٿر ڪڍڻ وارو سلسلو بند ڪري هاڻ پٿرن کي ڪٽڻ وارين مشينن ذريعي پٿر ڪٽي ڪڍيو وڃي ٿو. روزانو نڪرندڙ پٿر مان ٺهندڙ ماربل جي لحاظ کان روزانو ڪروڙين رپين جي آمدني ڏي ٿو. جڏهن ته هتان اهڙو اڇو پٿر نڪري ٿو، جنهن مان چيني جا ٿانوَ ٺهن ٿا. انهن پٿرن کي پائوڊر ڪرڻ لاءِ ننگرپارڪر مٺي روڊ تي ٺيڪيدارن ڪيترائي ڪارخانا به ٺاهيا آهن. ماربل ٺاهڻ ۽ چيني جا ٿانوَ ٺاهڻ لاءِ ڪم ايندڙ پٿر جيڪو روزانو ڪروڙين رپين جي آمدني ڏي ٿو، پر بدقسمتي سان ننگرپار جا ماڻهو بنيادي سهولتن کان محروم آهن. ايتريقدر جو هو صاف پاڻي لاءِ به پريشان آهن. شابس هجي جماعت اسلامي جي خلق خدمت ۽ ڪجهه اين جي اوز وارن کي جن ننگر ۾ کوهه کوٽايا آهن، اونهاري ۾ جڏهن برساتون نه پونديون آهن ۽ پاڻي جي کوٽ ٿيندي آهي ۽ ڪجهه کوهه سڪي ويندا آهن ته هنن کوهن تي ڪجهه قانون نافذ ڪندڙ ادارن جا ماڻهو قبضو ڪري ويهي رهندا آهن، هن علائقي جي عوام جي اها به بدقسمتي آهي، ته هتان نڪرندڙ ڪوئلي لاءِ قائم ڪيل ڪول مائينر لاءِ به مقامي ماڻهن کي روزگار نه پيو ڏنو وڃي. ان لاءِ پنجاب مان وڏي تعداد ۾ ماڻهو آندا پيا وڃن.

تفريح جي لحاظ کان هي علائقو مالا مال آهي، هتي سياحت توڙي ثقافت ڪاتي پاران کي به سهولتون نه هئڻ جي باوجود سياحت سان دلچسپي رکندڙ ماڻهو وڏي تعداد ۾ پهچن ٿا. خاص طور برساتن بعد هتي سڄي سنڌ مان ماڻهو اچن ٿا، پر هتي سياحن توڙي تيرٿ جي آستانن ۽ قديم مندرن کي ڏسڻ لاءِ ايندڙ هندو زائرين جي رهڻ لاءِ ڪو به انتظام نه آهي. بدقسمتي اها آهي ته وفاقي ٽوئرازم ۽ سنڌ جي ٽوئر ازم ڪاتي جي نقشن ۾ ننگرپارڪر جا آثار قديم توڙي سياحت وارا هنڌ

چاڙهيل نہ آهن، جنهن ڪري پيپن صوبن توڙي غير ملڪي سياحن کي نگرپارڪر جي سياحتي هنڌن جي ڄاڻ نہ آهي. جيڪڏهن هتان جي سياحتي ماڳن کي انٽرنيٽ تي رکيو وڃي ۽ پيپن سياحتي ماڳن وارن نقشن ۾ بہ رکيو وڃي ۽ سياحت بابت مختلف ڪتابن ۾ هتان جي سياحتي مرڪزن جو ذڪر ڪيو وڃي تہ سمجهون ٿا تہ سڄي دنيا مان ماڻهو هتي ايندا ۽ ڪارونجهر جي حسن جو ذڪر ڏيهان ڏيهہ پهچندو. خاص طور برساتن بعد تہ هتي ملڪي غير ملڪي سياحن جي رش ڪنهن ميلي کان گهٽ نہ هوندي. پر افسوس جو سياحت کاتو، ثقافت کاتو توڙي ٿرپارڪر ضلعي حڪومت ڪڏهن بہ هن طرف توجهہ نہ ڏنو آهي. هن علائقي کي نظرانداز ڪرڻ تي نگرپارڪر جي ساڃاهہ وند ماڻهن کي حيرت ۽ افسوس آهي. نگرپارڪر ڪڏهن آباد ٿيو، ان بابت ڪتابن ۾ مختلف حوالا آهن. مختلف انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ڪيپٽن ريڪس جي لکڻ موجب موجوده نگرپارڪر ويجهو پاري ننگر نالي هڪ وڏو شهر آباد هو، جنهن جي آبادي 40 هزار هئي، ڪڇ جو رڻ ان وقت سمنڊ هو. وڏا جهاز هتي ايندا هئا. اهو شهر واپار جو مرڪز هو. اهي بہ روايتون آهن تہ راجپوتانا، ٿر ۽ ڪڇ جا ملڪ سمنڊ جي تري ۾ هئا. جتي ڪڇ جو رڻ آهي، اتي ڪڏهن سمنڊ ڇوليون هڻندو هو، اها زمين مٿي ڪيئن چڙهي آئي ان بابت ڪي ٺوس ثبوت نٿا ملن پر خيال ڪيو وڃي ٿو تہ زلزلي يا قدرتي طور زمين مٿي چڙهي آئي ۽ سمنڊ جو پاڻي هتي ويو. پر ماضي ۾ رڻ واري زمين اجا هيٺ هئي. ان وقت سنڌو ندي جي هڪ شاخ هاڪڙو پنجاب مان پنج ندي وٺان نڪري عمرڪوٽ کان ٿيندي ڪڇ جي رڻ وٽ ڇوڙ ڪندي هئي.

”ٽاڊ راجستان“ انگريزي جلد پهرين صفحي 13 ۾ لکيل آهي تہ عيسوي صدي کان 3 سؤ سال اڳ جڏهن سڪندر اعظم سنڌ مان لنگهيو، تڏهن اتي سمنڊ جي پاڻي ڇوليون پئي هنيون. ڪي صديون پوءِ بہ اتي سمنڊ جو پاڻي هو. 60 عيسوي صدي ۾ مشهور يوناني سياح پيپر پلس اتان لنگهيو هو، جنهن بہ ڪڇ جي رڻ جو ذڪر ڪيو آهي، تہ اتي پاڻي هو. الائسي ريڪلس لکي ٿو تہ رڻ چوٿين صدي تائين کليل سمنڊ هو ۽ پوءِ وڏن زلزلن ڪري زمين هيٺ مٿي ٿي وئي ۽ اتي رڻ ٺهي ويو. ”دي ارٿ ائنڊ اٽس انها پيٽئنس آر يونيورسل جاگرافي جلد 5 ۾ لکيل آهي تہ نگرپارڪر کان اتر طرف جيڪو ويرانو آهي، سو سامونڊي واپار





جو مرڪز هو، تاريخ فيروز شاهي ”هسٽري آف انڊيا“ جلد 3 ۾ لکيل آهي تہ سن 1024ع ۾ سلطان محمود غزنوي سومناٿ مندر تي حملو ڪرڻ بعد ڪڇ جي رڻ مان موٽيو تہ ڪيس اهو ڏپ ڏنو پئي ويو، هتي جون لهرون تنهنجي لشڪر کي لوڙهي ڇڏينديون. 1360ع ۾ سلطان فيروز شاهہ جو لشڪر ڪيترائي ڏينهن رڻ ۾ گذاريا آهن، ان وقت هتي پاڻي جو ذڪر نہ آهي، صرف چند حصن ۾ پاڻي هو. لڳي ٿو تہ سلطان محمود غزنوي جي هتي اچڻ کان پوءِ سگهو ئي پاڻي سڪو آهي. ٽاڊ راجستان موجب رڻ جي ڊيگهہ 150 ميل ويڪر پڇ کان ٻلهاري تائين 70 ميل آهي. جملي پکيڙ 7 هزار چورس ميل آهي. ڪيپٽن ريڪس جي لکڻ موجب هتي 100ع ۾ موجود ننگر جي ويجهو پاري ننگر نالي شهر هو. مشهور ليڪڪ اورين جي لکڻ موجب 200ع ۾ نربدا نديءَ جي وچئين پاڳي ۾ پاردو جو راڄ هوندو هو، جنهن جي گادي جو هنڌ مين گڊ هو، ڪرنل ٽاڊ مليچ پار دو ذات کي جاتي ڄاڻائي ٿو، پر سر ايلفنسٽس سابق گورنر بمبئي انهن کي پارسي لکيو آهي. ليڪڪ موجب پاردو نہ پر پارسي هئا ۽ ولپي پور جو راڄ هنن جي هٿ ۾ هو. بعد ۾ مين گڊ جو نالو پارسي ننگر رکيو ويو ۽ بعد ۾ پاري ننگر سان مشهور ٿيو. پاري ننگر موجوده نگرپارڪر کان 14 ميل کن ويرا واهہ کان اوڀر طرف 2 ميلن تي آهي، جتي جين ڌرم وارن جو وڏو راڄ هو، موجوده پالوا کان 2 ڪلوميٽر پري گوڙي جو مندر آهي. نگرپارڪر ۾ جين جو مندر آهي، اهي مندر وڏي نفاست سان ٺهيل آهن. مندرن جي ديوارن تي ڪيترين ئي مورتيون ٺهيل آهن، انهن مان ڪيترين ئي چورائجي وين آهن، ڪيترين پري پڇي پيون آهن. اتي ٺهيل پيون تاريخي عمارتون بہ ڊهي ويون آهن، ماڻهو عمارتن جون سرون پٿر کڻي کڻي ويا آهن. جيڪڏهن هنن تاريخي مندرن جي فوري طور سار سنڀال نہ لڌي وئي تہ هاڻ ڪري پوندا. هي مندر ڪڏهن ٺهيا، ڪنهن ٺهرايا، اهو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، پر گوڙي جي مندر جي مرمت 1376ع ۾ سوڍن جي حڪومت ۾ ٿي. انگريز دور ۾ انگريز کي اطلاع مليا تہ سوڍا گوڙي جي مندر ۾ لکيل آهن ۽ انگريز بارود سان حملو ڪيو، جنهن سان مندر کي نقصان پهتو. پاڪستان ٺهڻ بعد هنن قديم مندرن جي ڪابہ سار سنڀال نہ لڌي وئي آهي. 18 ترميم تحت جيڪي وفاقي کاتا صوبن جي حوالي ڪيا ويا آهن، انهن ۾ آثار قديمہ کاتو بہ شامل آهي، تہ جيئن انهن تاريخي آثارن

جي سار سنڀال لهي سگهجي، انهن کي اصلوڪي حالت ۾ آڻي سگهجي، سنڌ ۾ آرڪيالاجي کاتو ان ڏس ۾ ڪم شروع ته ڪيو آهي، پر فنڊن جي کوٽ ڪري ان ليول تي ڪم شروع نه ڪيو ويو آهي. آثار قديم تي ڪو خاص ڪم نه ٿيو آهي. ننگر جي هنن ٻنهي تاريخي مندرن کي تباهه ٿيڻ کان بچائڻ جي ضرورت آهي. ننگر پارڪر جي قدرتي نظارن ۾ هندن جي تيرٿ جي آثارن ۾ سارڏرو، گئو مکي، ڀيم ڪن، انچلشور، جهرڻو، ٻائن جو ڀيسٽو، چندڻ گي، ڀوڏيسر جي مسجد به آهن. سارڏرو ننگر شهر کان 2 ميلن جي مفاصلي تي ڪارونجهر جي پاڪر ۾ واقع آهي. جتي مها ديو جو مندر به آهي. اتي پاڻي جو هڪ ڪن به آهي، جيڪو اونهو آهي، هندن جو چوڻ اهي ته ان ڪن جو ويديا شاستر ۾ ذڪر آهي. هندن جو اهو عقيدو آهي ته جيڪڏهن مرڻ واري کي ساڙڻ بعد سندس رک هن ڪن ۾ وڌا ويندا ته چڻ گنگا ندي ۾ وڌا ويا. يعني مرڻ واري جا سارا پاپ ڌوپجي ويندا. اتي هڪ ديوي جو مندر به آهي. اتي شوَ جو لنگ به ٺهيل آهي، جتي هندو ڪرياڪرم ڪندا آهن. هر سال مارچ ۾ اتي هڪ ڏينهن جو ميلو به لڳي ٿو. سار ڏري کان مٿان پاراشر جو آستان آهي، جنهن لاءِ اها چوڻي مشهور آهي ته پاراشر رشي ڏهه هزار سال ٻيهي تپشيا ڪئي هئي، پير جي هڪ آڱر تي هڪ هڪ هزار سال بيٺو هو. آڱرين جا اهڃا نشان جبل تي موجود آهن.

**گئو مکي:** سارڏريءَ کان ڏکڻ طرف ڏيڍ ڪلوميٽر تي ڪارونجهر جي ٻن ٽڪرين جون چوٽيون اچي پاڻ ۾ ملن ٿيون. جتان برسات جو پاڻي آبشار جي صورت ۾25-30 فوٽ کن کان هيٺ ڪري ٿو. ٻن ٽڪرين جون چوٽيون گڏجڻ ڪري قدرتي طور پٿرن مان ڍڳي ٺهي وئي آهي، جنهن جي ٿڻن مان پاڻي کير جي گوهن وانگر وهي ٿو. هندو ان کي تيرٿ سمجهي زيارت لاءِ ايندا رهن ٿا.

**ڀيم ڪن:** ڳئو مکي ويجهو ئي پاڻي جو هڪ ڪن آهي، جو تمام اونهو آهي، جيڪو سدائين پاڻي سان ڀريل هوندو آهي.

**انچلشور:** هي ننگر مان 2 ڪلوميٽر ڪارونجهر جي هڪ ٽڪري تي آهي، جتي مسافرخانو به ٺهيل آهي، هتي مهاديوَ جو لنگ ٺهيل آهي، اتي پاڻي جا گڏوگڏ 3 چشما آهن. پاڻي پٿرن هيٺان نڪري ٿو.

**جهرڻو:** پراڻي ڪاسبي جي پرسان هڪ تلاءُ آهي، ان جي اڀرندي پاسي کان جبل جي پاڙ مان پاڻي ٻڙ ٻڙ ڪري نڪري ٿو.





**ٻائين جو ڀيمٽو:** پراڻي ڪاسبي پرسان اوڀر طرف هڪ چپ آهي، جنهن جي هيٺان خال آهي، مٿان چٽي وانگر آهي، ان هيٺان 20 کان 25 ماڻهو ويهي سگهن ٿا. ٽن پاسن کان بند آهي.

**چندڻ گڍ:** هي رائو چندر سنگهه جي فرزند گوبند راءِ جو ٺهرايل آهي. 1859ع ۾ جڏهن راڻن انگريز خلاف بعاوت ڪئي ته انگريز فوج هن قلعي کي توپن سان اڏائي ڇڏيو. ڪافي سال اڳ ڍٺل قلعو هو، هاڻ ان جو ڪوبه وجود نه رهيو آهي، ليڪن اتي ٽڪراٽو آهي.

**ڀوڏيسر مسجد:** جيڪا سلطان محمود بلگڙي ٺهرائي هئي، روايتون آهن ته ان دور ۾ مسلمانن جو هڪ قافلو حج تي روانو ٿيو، ان ۾ سلطان محمود جي والده به هئي، ان وقت ننگر تي سوڍن جو راڄ هو ۽ اهو حج وارو قافلو جڏهن ڀوڏيسر وٽ پهتو ته راڻن ڪين روڪي ڪجهه رقم وٺي پوءِ ڇڏيو. حج تان واپس ايندي سلطان محمود جي والده ڪيس اهڙي شڪايت ڪئي ته سلطان محمود تپي باهه ٿي ويو ۽ لشڪر وٺي سوڍن تي ڪاهه ڪئي. سوڍن کي شڪست ڏئي موٽيو، پاڻ اتي هڪ ننڍڙي خوبصورت مسجد ٺهرائي، اتي لڳل هڪ پٿر تي 1505ع لکيل اهي. ننگرپارڪر ۾ ماهر آبپاشي عبدالعزيز جوڻيجو جڏهن هتي گهمڻ آيو ته کيس خيال ٿيو ته هتي برساتي پاڻي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڊيم ٺهي سگهن ٿا ۽ پاڻ مرادو سروي ڪري فزيڪل رپورٽ ٺاهي سابق وزيراعليٰ سنڌ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم کي ڏني، جنهن تجويز کي پسند ڪيو ۽ هتي سمال ڊيم ٺاهڻ جي منظوري ڏني، ان بعد هتي سمال ڊيم ٺاهيا ويا آهن، ليڪن ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويو. ڪارونجهر تان ڪرندڙ برسات جو پاڻي نين ذريعي ٺاهيل ڪجهه ڊيم ۾ گڏ ٿئي ٿو، ان تي آبادي ڪئي وڃي ٿي، سمال ڊيم اسڪيم تحت ڪجهه علائقن ۾ ٽيوب ويل به لڳايا ويا آهن. انگريز حڪومت ۾ انهن جي غلامي قبول نه ڪندي هتان جو سوڍن انگريز خلاف وڏي ويڙهه ڪئي. رائو رتن سنگهه انگريز کي ٽوٽا چٻائي ڇڏيا. ان ڪري مٺي جي حاڪم ڪرنل تروٽ هن کي سندس خواهش موجب ڪيتريون ئي رعايتون ڏنيون. بعد ۾ رتن سنگهه کي مليل مقاطعو وڏيڪ ڏوڪڙن تي عمرڪوٽ تعلقي جي هڪ سيد محمد علي شاهه کي ڏنو ويو، جيڪو پنهنجي علائقي جو ڏاڍو مڙس هو. ان تي راڻو رتن کي خار لڳي ۽ ان سيد کي ماري پاڻ جوڌپور ڏانهن فرار ٿيڻ لڳو، اهڙو اطلاع ملندي تروٽ پوليس جا اٽالا سندس پويان موڪليا،

جنهن وقت راڻو گهوڙي تان لهي ٿورو آرام ڪرڻ لڳو تہ پوليس اتي پهچي ڪيس ننڊ ۾ ڪٽي قابو ڪيو. ڪيس عمرڪوٽ قلعي ۾ ڦاسي ڏني وئي. انگريز خلاف مهاڏوا ڏڪائيندڙن ۾ راڻو ڪرڻجي بہ هو، جڏهن ڪرنل تروٽ جي اڳواڻي ۾ ننگر تي ڪاهہ ڪئي وئي تہ راڻو ڪرڻجي وڙهيو ۽ شڪست کاڌي تہ سندس وزير ۽ ٻيا ماڻهو شهر ڇڏي ويا ۽ راڻو بہ ڪارونجهر جي ٽڪري ۾ پناهہ وٺي ورتي، جتي سندس وفادار خدمتگار روپلو ڪولهي کاڌي پيتي جو سامان ۽ ٻي خبر چار پهچائيندو هو ۽ روپلو ڪولهي لڪي لڪي انگريز جي فوج ۽ پوليس تي ڪاتر سان حملا ڪيا. ڪاتر سان حملن تي انگريز فوج ۽ پوليس نہ صرف پريشان ٿي پر حيرت ۾ هئي. جاسوسن جي چار وچائي روپلو ڪولهي کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس وڏيون لالچون ڏنيون ويون تہ راڻو ڪرڻجي کي گرفتار ڪراءِ پر روپلو ڪولهي انڪار ڪيو، جنهن تي مٿس تشدد ڪيو ويو، هٿ جي ترين تي تيل وجهي آڱرين کي ڪپهہ ويڙهي باهہ ڏني وئي، پر بهادر روپلو ڪولهي پنهنجي مالڪ جي بابت ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو ۽ ڪيس وڻ ۾ ٽنگي ڦاهي ڏني وئي، ان هنڌ تي عوامي تحريڪ وارن يادگار ٺهرايو آهي. بعد ۾ راڻو ڪرڻجي کي سندس خاص ماڻهو مهاوجي لالچ ۾ اچي گرفتار ڪرايو. 1860ع ۾ راڻو کي 14 سال ڪاري پاڻي جي سزا ڏني وئي، ٿر جو مشهور سماج سڌارڪ مسڪين جهان خان ڪوسو جو تعلق بہ تعلقي ننگر پارڪر سان آهي. مسڪين جهان خان ڪوسو جون سماجي خدمتون اڻ وسرندڙ آهن. هن علائقي جي ڪوسن ۾ رئيس ڪاپڙي خان ڪوسو بہ انتهائي وڏي شخصيت هو. پاڻ مهمان نواز سخي آزادي جي هلچل ۾ هڪ ڪردار ادا ڪندڙ هو. مشهور شخصيت حاجي آڳيڏنو دل ۽ ڪريم ڏنو دل جو تعلق بہ هن تعلقہ سان آهي، ننگرپارڪر تعلقي جي ٿر ۾ هرڻ ڦاڙا، روجهہ بہ جام آهن. ٿر ۾ مور بہ وڏي تعداد ۾ آهن. خاص طور ڪارونجهر جي وادين ۾ ڪاسبو جي مندر ۾ ۽ ڏانو ڏانڊل ۾ وڏي تعداد ۾ آهن. چوڏهين جي چوڏس ۾ هتي مورن جي ناچ جا منظر روح کي راحت ڏين ٿا. تعلقي ننگر ۾ 7 يو سي هاڙهو، ننگرپارڪر، ستو ڏيرا، تڳو سر، ويرا واهہ، پيلو، ڦيٽاپور، تعلقي ۾ تقريباً 584 ڳوٺ آهن. هن جديد دور ۾ بہ ننگر تعلقو بنيادي سهولتن کان محروم آهي.

ننگر ۽ چند ويجهن ننڍين شهرن ۽ ڳوٺن ڪانسواءِ باقي ڳوٺ





روڊن، بجلي، صحت مرڪزن کان محروم آهن. اڄ جي جديد دور ۾ ننگر تعلقي جي عوام جهڙوڪ پٿر واري دور ۾ هلي رهي آهي. پاڪستان ٺهڻ کان موجوده دور تائين هن علائقي جي عوام کي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي. تعلقي ۾ 500 کان وڌيڪ پرائمري اسڪول، 3 هاءِ اسڪول، 20 مڊل اسڪول تہ آهن پر ننگر شهر ڪانسواءِ باقي شهرن جي اسڪولن جي ڪارڪردگي نہ هئڻ برابر آهي. اسڪول ڳوٺ جي ٻااثر ماڻهن جون اوطاقون بڻيل آهن. گرلس پرائمري اسڪول تمام گهٽ آهن، جيڪي آهن انهن مان چند اسڪولن کي ڇڏي باقي ماسترياڻيون ڪانسواءِ هلي رهيا آهن. تعلقي اسپتال ننگر اهو لاڀ نہ ڏئي سگهي آهي، جيڪو ملڻ گهرجي. ٻهراڙين جون اسپتالون جهڙو آهن تهڙو نہ. اهي گهڻو ڪري لوئر اسٽاف هلائي رهيا آهن، ننگر جي تعلقي اسپتال سميت ٻهراڙين جي اسپتالن ۾ ميڊيسن نہ هئڻ برابر آهن، ريگستان ۾ صرف ڪيڪڙا، پوٽهار جيپون هلن ٿيون، ڪجهہ علائقن ۾ ننڍيون بسون بہ هلن ٿيون. هتي گاڏين وارا ڳاتي پڳا پاڙا وٺن ٿا. ريگستان واري 60 سيڪڙو عوام موبائل فون سروس کان محروم آهي. پاڻي ڪڙو ۽ کارو، وڏن ڳوٺن ۾ کوهہ آهن، ننڍين ڳوٺن جا ماڻهو پري کان پاڻي آڻين ٿا، سينيٽر گل محمد لاٽ جي ڪوشش سان ڪجهہ روڊ ٺهيا آهن، ڪجهہ ٺهي رهيا آهن. ڪجهہ ڳوٺن ۾ جنريٽر تي هلندڙ صاف پاڻي جا آر او پلانٽ لڳايا ويا. پ پ جي گڏريل ۽ موجوده حڪومت ۾ سولر توانائي ذريعي ڪجهہ ڳوٺن ۾ مٺي پاڻي جا آر او پلانٽ لڳايا ويا آهن، ڪجهہ ڳوٺن ۾ هاءِ اسڪول، مڊل اسڪول، مڊل برانچ اسڪول، ميڊيڪل ڊسپينسريون بہ ڏنيون آهن، ڪجهہ اين جي اوز ڪم ڪري رهيون آهن، پر ننگر ۽ چند وڏن ڳوٺن تائين محدود آهن. تعلقي اندر جانورن جي لاءِ ننگر پارڪر ۽ چند وڏن ڳوٺن ۾ قائم ڪيل اسپتالن جي ڪارڪردگي نہ هئڻ برابر آهي. ٻهراڙين ۾ چوپايو مال کي ويڪسن نہ ٿي ڪئي وڃي، جنهن ڪري چوپائي مال ۾ وچڙندڙ بيمارين سان وڏي تعداد ۾ چوپايو مال مرندو رهي ٿو. 98 سيڪڙو ڳوٺ بجلي کان محروم آهن. هتي ريڊيو پاڪستان جي ڪنهن بہ ريڊيو اسٽيشن جي نشريات ٻڌڻ ۾ نٿي اچي. ڊش اينٽينا ڪانسواءِ پي ٽي وي جي نشريات ڏسڻ ۾ نٿي اچي. هتي سرندي وارن ماڻهن وٽ سولر توانائي سسٽم ۽ بيٽري تي ڊش لڳايا ويا آهن. جڏهن تہ ريڊيو تي انڊيا جي ڪجهہ ايف ايم جي نشريات ٻڌڻ ۾

اڃي ٿي. خبرن سان دلچسپي رکندڙن وٽ ريڊيو آهن، جنهن تي هو اڄ بہ بي بي سي شوق سان ٻڌن ٿا. ننگر شهر ۾ اخبارون ٻئي ڏينهن پهچن ٿيون. عمرڪوٽ جي ويجهو وارن ڳوٺن ۾ انهي ڏينهن شام جو اخبارون پهچن ٿيون. ٻهراڙي ۾ 1 سيڪڙو کان بہ گهٽ ماڻهو اخبارون پڙهن ٿا. هتي ڪاروڪاري جا واقعا ٿين ئي ڪونہ، 75 سيڪڙو ماڻهن کي خبر بہ نہ آهي تہ ڪاروڪاري آهي ڇا؟ هتي شاديون والدين جي مرضي سان ٿين، پر هاڻ هتي پيار جي شادين جو رجحان بہ وڌيو آهي. هتي شادين ۾ پراڻيون رسمون هاڻ ختم ٿي رهيون آهن. هتي پردي جو رواج تمام گهٽ آهي. ٻهراڙين ۾ چوڙا جام آهن پر هاڻ اتي پڪين جاين وارو رواج عام ٿي رهيو آهي. هتي مينهون نہ آهن، گهوڙا تمام گهٽ آهن، باقي اٺ، گڏهہ، خچر جام آهن. چوپائي مال ۾ ٻڪريون، رڍون، ڏڳيون آهن. جهنگلي جانورن ۾ هرڻ، ڦاڙو، سهو، گدڙ، لوڪڙ، لومڙ، جهنگلي ٻلو، زهري جانورن ۾ واسينگ نانگ، ڪارو نانگ ڪونياريو نانگ، گورهيرو نانگ، گدو نانگ، تنگ، لنبڙي ڪپر، هڻ ڪڻ، پيڻ بلان، ٻوگهي، ڪوراڙ، گهوڙيل، ارڙ بلا، وڇون شامل آهن. جڏهن تہ هتي چندڻ گوهہ، عام گوهہ، نوريئڙو، نور، سانڊو، ڪاڪيندو، ڪئو، سانڊپي، ڏيڏر، ماڪوڙيون، اڏوهي، تڏيون، تيڙ، مڪڙ ۽ پيا بہ جام آهن. وڻن ۾ ڪنڊي، ڪونيٽ، پپر، ڪيڙ، ڄاريون، جهنگلي پير، نم، سرنگهو، روهيڙو، ليار، ڪرڙ، لئي. ننين وڻن ۾ ٿوهر، گهانگهيٽي، ارٽي، گگراڻ، ٻائوري، ٻوهہ، موراڙي، ڪانڪهہ، ڦوڳ، ڇموتي، هيرڻ، ڏاتورو، ٻوهہ، موراڙي ڪانڪهہ.

گاهہ ۽ ٻوٽن ۾ ٻيرڻ، مرٽ، سيڻ، گهامو، ڳنڌير، ڪوري، ڏامڻ، ڏڀ، لمپ، منڌيري، ملير منڌي، ڪريوڪڙ، سانتوڙو، ابت ڪنڊي، پٽ ڪنڊي، ڏوڏيلي، ويڪر، پنگري، ملير ڙو، ٻگرو، لڻر، ڪاني، سونيلي، جهل يا نبيلي، ڪرنگهو، سانئو، انڪرو، اير پال، ڪير ڪپ، سڻ، پاڻي جا باتيڻا، لائيوهہ لنب، وينجهل، جوڳيڙو، وسيرني، ڪرول، مانڌاٽي، مڪٽي، ڏاچوڙ، موگر، هرڻ ڇيڙي، جهرڪلي، گيٽ، ڇيهو، ڪومان، پرو، ڳمول، ڳرسڻ ۽ پيا. ولين ۾ گدريون، ڇيڙ، گدرا، ڄاهيون، ميها، ڪريلا، گولاڙا، اهي ميويدار آهن. جهنگلي ولين ۾ انڪرو، ڪان ڪوڏي، ڪيتال، منڌيري، ڪورڙو، ٻڪڙو، پيسوڙيال، اڦڙ، گهوڙاول، هزار داني، پگڙا ول، نور ول، نانگ ول، ڪڻ ويل، پٽ ترپا، سنهان، ٿوهہ.

پکين ۾ تتر، مور، جهرڪيون، پاريهر، باز، ڳجهہ، سرڻ، شڪرو،





هورهيو، ٻاٻيهو، تاڙو، ليلي، هڙبو، بلبل، پيئر، تيتيهر، ڊولر، مالهاري، ڪانءُ، ڪاري جهرڪي، ڳاڙهو ڳيرو، اڇو ڳيرو، چپرو، ڪانئرو، ڪپر، ڊوڏو، چمڙو، هُد هُد، سوتاريو، ڪار ڪٽڇي، تلوار، گوٽڙ، سگري. هتي ماڪي جام ٿئي ٿي. برساتن بعد کنڀيون جام ٿين. ننگرپارڪر شهر ننڍڙو ليڪن خوبصورت آهي. ننگر جي بيهڪ خوبصورتي جمون ڪشمير جي سري ننگر جهڙي آهي. وڏڪار تمام گهٽي آهي، هتي ٽائون ڪميٽي مختيارڪار آفيس، سمال ڊيم، پوليس ٿاڻو، پوسٽ آفيس، حيسڪو آفيس، پرائمري اسڪول، هاءِ اسڪول، تعلقي اسپتال جانورن جي اسپتال ۽ ٻيون سرڪاري آفيسون آهن.

ثقافتي ڪاتي ۽ سياحت ڪاتي کي هن علائقي ۾ توجهہ ڏيڻ گهرجي، هتي ڪارونجهر جي وادي ۾ هڪ واري جي پٽ آهي، اتي سياحن لاءِ ريست هائوس ۽ ريستورنٽ ٺهي سگهي ٿو. ان پٽ کان سار ڏرو تائين پل ٺهڻ گهرجي، ڇو تہ هتي سار ڏرو پٽ ڪان مها ديو جي مندر ۾ ڪن تائين ڪافي دفعا سي سي بلاڪ سان رستو ٺهيو آهي، پر برساتن ۾ اهي ٽٽي وڃي ٿو ۽ لکين رپيا ضايع ٿي وڃن ٿا. سياحت کاتي پاران اتي بجلي تي هلندڙ چيئرلفٽ بہ ناهڻ جي ضرورت آهي، ان سان سياحت وڌندي، جڏهن تہ سياحت کي ترقي وٺرائڻ ڪاسبو، انچلشور ۾ جتي هڪ مسافر خانو ٺهيل آهي، اتي سياحت ڪاتي، ثقافت ڪاتي پاران خوبصورت ريسٽ هائوس ناهڻ جي ضرورت آهي. ننگرپارڪر جا بنيادي مسئلا ٻهريون پيرو جڏهن مخدوم سعيدالزمان عاطف ايم پي اي ٿيو هو تہ ان اسيمبلي اندر ۽ ٻاهر ۽ ميڊيا تي آندا. ۽ اتي ماضي ۾ ٿيندڙ سياسي انتقامي ڪارروايا ڪي وائکو ڪيو، ان ڪري اتان جي عوام وٽ سندس هڪ مسيحا جهڙي حيثيت آهي.

حوالا:


تاڊ راجستان جلد ٻهريون، مترجم: رتن سنگهہ، ديپ سنگهہ.
تاريخ فيروز شاهي.
تاريخ ريگستان، مصنف: رائيچند هريجن.
قديم سنڌ، مصنف: مرزا قليچ بيگ.
سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ، مصنف: پيرومل مهرچند.
علائقي جي وڏي عمر جي ماڻهن کان ورتل معلومات.

## پاڪ- ڀارت سرحد تي آباد تاريخي شهر ڪوڪرو پار

ڀارت جي بارڊر تي واري جي ڀٽن جي وچ ۾ آباد سنڌ جو تاريخي، قديم شهر ڪوڪرا پار برساتن بعد ڪشمير جو ڏيک ڏي ٿو. شهر نماهي ڳوٺ ڪنهن وقت ٿر ۾ واپار جو وڏو مرڪز رهيو آهي. هي شهر ڪڏهن آباد ٿيو، ڪنهن آباد ڪيو، ان بابت تاريخ خاموش آهي. علائقي جي وڏڙن کان معلوم ڪيل ڳالهين موجب لڳي ٿو تہ هي شهر ڪلهوڙن جي اوائلي دور جو آباد ٿيل آهي. روايتن موجب ٽڪرن جي هڪ پاڙي ڪوڪر ذات وارن موجوده شهر کان 20 ڪلوميٽر پري چور ڏانهن ويندڙ روڊ تي آباد ڪيو، جيڪو بعد ۾ خبر نہ آهي، چو ورهاڱي کان اڳ ويران ٿي ويو اتي ڪريل جاين جي مٽي جا ڍير ۽ ٽڪرانو اڄ بہ نظر اچي ٿو. ٿري ٻولي ۾ پار 90 فوٽن واري کوهي کي سڏيو وڃي ٿو. شايد ان پويان اهو نالو پئجي ويو، ان وقت هن علائقي ۾ پيئڻ جو پاڻي وڏو مسئلو رهندو هو ۽ شايد هن علائقي ۾ ڪوڪرن واري کوهي ئي پاڻي جو واحد ذريعو هجي ۽ ان پويان اهو نالو پيو ۽ مشهور ٿيو هجي، انگريز حڪومت ۾ تقريباً 1893ع ۾ حيدرآباد کان جوڌپور تائين ريل جي پٽڙي وڇائي ڀاڦ واري راجا ريل گاڏي شروع ڪئي ويئي ۽ اُن سان هن علائقي جي عوام کي سفري سهوليتون ملي ويون. ڪوڪرا پار 1971ع تائين ٿر ۾ واپار جو مرڪز رهيو آهي، پر 71ع واري جنگ ۾ انڊيا جي فوج هن شهر کي کنڊرات بنائي ڇڏيو. واپارين جا سامان جا گدام لٽيا ويا، ان بعد اهي واپاري هتان لڏي عمرڪوٽ، ميرپورخاص ۽ ٻين شهرن ۾ پنهنجا دڪان کوليا. 71ع واري جنگ بعد هتان واپار جو مرڪز ختم ٿيڻ بعد عمرڪوٽ واپار جو مرڪز بڻيو. هتان جي ماڻهن اڪثريت جي روزگار جو ذريعو مال ۽ برسات ۾ ڪاهجندڙ فصل تي آهي. هتي برسات بعد ٻاجهري، تر، مڱ، گوار، ماش جي دال، گدرا، ڇاهيوون جا فصل ٿين ٿا. جڏهن تہ هن شهر توڙي علائقي جي 80 سيڪڙو ماڻهو روزگار لاءِ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص ۽ ٻين شهرن ۾ رهن ٿا.ا هي مهيني ڏيڍ گهر اچن ٿا رات بہ رهي وري وڃن ٿا انهن مان 10 سيڪڙو ماڻهو سرڪاري نوڪرين ۾ آهن. باقي ٻين شهرن ۾ دڪانداري ۽ مزدوري ڪن ٿا. ڪوڪراپار ۾ رهندڙ برادرين ۾ سومرا، راهمون، نهڙيا، سميجا، سپاء، مينگهواڙ ۽ ٻين ذاتين وارا شامل آهن. هر برادري جو پنهنجو پٽيل آهي. هتي اڪثريت سومرن جي آهي. ماضي ۾ واپار ۽ سفر انن ذريعي





ڪيو ويندو هو. راجا ريل گاڏي جڏهن بند ٿي تہ علائقي جي عوام تي جهڙو ڦهاڙ ڪري پيو. مرڪندڙ چهرن تي مايوسي ڇانئجي ويئي. ان بعد هتي چڪڙا هلڻ لڳا، جن ۾ اهڙي تہ ٻڪر ٻوسٽ ڪئي ويندي هئي جو بيمار ماڻهو مرڻ جهڙو ۽ صحتمند بيمار ٿي پوندو هو. چڪڙن ۾ اندر ماڻهن مٿان تہ ماڻهو سٽيا ويندا هئا، پر پاسن کان بہ رسن سان ٻڌي انهن کي ٻيهاريو ويندو هو تہ مٿان ڪو ڪري نہ پئي. 2005ع واري سال هن علائقي لاءِ خوشيون آنديون، جو ٿر ايڪسپريس شروع ڪئي ويئي ۽ روزانہ هڪ پيسنجر گاڏي هلائي ويئي. ٿر ايڪسپريس شروع ٿيڻ تي ڪوڪرا پار وارن کي خوشي ٿي تہ هاڻي مقامي ماڻهن کي بہ ننڍيون نوڪريون ملنديون. هوٽل کلندا، ريڙهين ڪيبن وارن جو بہ ڌنڌو ٿيندو، پر انڊيا ۽ پاڪستان جي ماڻهن کي ڪٽي اچڻ وڃڻ واري ٿر ايڪسپريس کي ڪوڪرا پار ٻيهارڻ بجاءِ زيرو پوائنٽ تي ٻيهارڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان جو ڪارڻ ڪوڪرا پار ۾ اها گاڏي ٻيهارڻ هاءِ رسڪ قرار ڏنو ويو. زيرو پوائنٽ تي هوٽلون، ڪيبن ڪولڊڪارنر، فروٽ ۽ ٻين دڪانن جو ٺيڪو بہ مقامي ماڻهن جي بجاءِ ميرپورخاص جي ماڻهن کي ڏنو ويو، جيڪي هر هفتي ٿر ايڪسپريس اچڻ واري ڏينهن تي زيرو پوائنٽ تي پهچندا آهن. ٿر ايڪسپريس هلڻ ڪري هتي چور کان روڊ ٺاهيو ويو آهي. واٽر سپلاءِ ڏنو ويو آهي، جنهن سان هتي صاف پاڻي جو ڳنڀير مسئو حل ٿي ويو آهي. جڏهن تہ حيدرآباد کان ڪوڪرو پار تائين روزانو مارئي ايڪسپريس ريل گاڏي هلائي وئي پر هاڻ ڀارت پاڪستان ۾ ڪشيدگي ڪري بند آهي، ڪوڪراپار ۾ سروري جماعت جي اڪثريت آهي. اهي هر اليڪشن ۾ پ پ کي ووٽ ڪن ٿا، پر ڪوڪرا پار ۾ وڏ کان وڏ ترقياتي ڪم پرويز مشرف جي دور ۾ ٿيڻ ڪري پرويز مشرف کي هتان جي عوام سٺو حڪمران طور مڃي ٿي ۽ ماڻهو پرويز مشرف جي پاران ڏنل سهولتن تي سندس تعريف بہ ڪئي وڃي ٿي. ڪوڪرا پار ۾ امن امان جي صورتحال بهتر آهي. هتي پيار محبت جي فضا آهي. هتي برادريون ڀلي الڳ هجن پر اهي ويجهن عزيزن وانگر رهن ٿا، هڪ ٻئي جي ڏک سک ۾ ڪم اچن ٿا. هتان جا ماڻهو وڏي سهپ وارا آهن، هتي جهيڙا نہ هئڻ برابر ٿين ٿا. اهي جهيڙا بہ برساتن بعد زمين جي دنگن تان ٿين ٿا. ڪوڪرا پار جي تاريخ ۾ پهريون قتل 2008ع ۾ زمين جي دنگ تان ٿيو. ان ۾ نهڙين پنهنجي ئي برادري جو ماڻهو ماري

وڏو ۽ ان پهرين قتل سان پوري علائقي ۾ خوف حراس ڇانيل هو ۽ ڪئين مهينن تائين اهو قتل هڪ بحث بڻيل رهيو، هتي ڪاروڪاري جو رواج نہ آهي، ڪاروڪاري بابت لکيل پڙهيل ماڻهن ڪانسواءِ ٻين کي خبر بہ نہ آهي تہ اهو آهي ڇا؟؟؟ جڏهن تہ هتي پيار جي پرڻي جو بہ رواج نہ آهي، ڇوڪرا ڇوڪريون والدين جي ڪيل رشتن کي خوشي سان قبول ڪندا آهن. هتي شاديون برادرين ۾ ئي ڪيون وڃن ٿيون، پر هاڻي ڪراچي حيدرآباد نوڪرين سان لڳل هن علائقي جي ڪجهہ نوجوانن اتان ميڊمن سان شاديون رچايون ۽ اهي خبرون جڏهن ڪوڪرا پار پهتيون تہ پنچائت گهرائي انهن جو سوشل بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو ويو. ان بعد اهو سلسلو وڌي نہ سگهيو، ڪوڪرا پار جا نوجوان چاهيندي بہ پسند جون شاديون نہ ٿا ڪري سگهن، هتي گهٽو ڪري ڏي وٺ واريون شاديون ٿين ۽ هتي زال مڙس ۾ جهيڙا نہ هئڻ جي برابر آهن. 2 سيڪڙو اهڙا جهيڙا بہ غربت جي ڪري ٿين ٿا. هتي اجتماعي شادين جو رواج آهي، سال ۾ هڪ بہ دفعا اجتماعي شاديون ٿين ٿيون، هڪ ئي وقت 20 کان وڌيڪ گهوٽن جون شاديون ٿين ٿيون. ماضي ۾ گهوٽ ڪنوار جا لانئون ڪانسواءِ هر قسم جا سنوڻ ساٺ ڪيا ويندا هئا، پر هاڻ اهو سلسلو ختم ٿي ويو آهي، سرگس انن تي ڪيو ويندو آهي، ماضي ۾ ٿر جي عورتن جو قومي لباس گج، پڙو، چنري، گندي وارو رواج بہ هاڻي ختم ٿيندو وڃي. هاڻي اهڙا ڪپڙا وڏي عمر جون عورتوهن پائين ٿيون، ماضي کان حال تائين هي شهر خوبصورت چنئورن جو شهر رهيو آهي. 1999ع کان هتي پڪيون جايون ٺهڻ شروع ٿيون آهن، پر پڪين جاين وارن گهرن ۾ بہ ٻہ ٻہ تي چنئورا ضرور ٺهيل هوندا آهن، يونين ڪائونسل ڪوڪراپار ۾ آهي پر ان جو هيڊڪوارٽر ڪنهن ٻئي هنڌ تي آهي، هن يوسي جي مکيہ ڳوٺن ۾ ڪوڪراپار، جالو جو چئورو، واحد تڙ پنلو، پٽارو، ڏوڏاريون، راهل، ٻانڌيون جمع سمون، ميت ري جو پار ۽ ٻيا ڳوٺ آهن. ماضي ۾ سدائين پ پ جو چيئرمين ۽ ناظم چونڊيو ويندو آهي. صرف ارباب رحيم جي دور ۾ سندس حمايت يافتہ يو سي ناظم چونڊرايو ويو، ماضي ۾ هتي وڏي وڻڪار هئي، ٻيلو ڪاتو سرگرم هو. هتان ٻيلو ڪاتو ختم ڪرڻ بعد وڻ وڍجي ويا، ڪٿي ڪٿي ڪا ڪنڊي ڪٻڙ ڪميٽ ۽ ٻيا وڻ نظر اچن ٿا، هاڻي هتي نم، سرهہ، ٿالهي جا وڻ بہ پوکيا وڃن پيا. ڪوڪرا پار مالوند ماڻهن جو علائقو آهي. هتي هر ماڻهو وٽ ٻڪريون رڍون،


www.sindhsalamat.com



انڙيون، اٺ، ڍڳيون آهن. هتي چوپايو مال يا عام چوري نہ آهي. مال صبح جو ٻنا ڏنار نڪري وڃي ٿو، شام جو پاڻ مرادو گهر پهچي ٿو. ڪوڪرا پار ۾ ٿي وي جو رواج بہ هاڻ پيو آهي ليڪن گهرن ۾ گهٽ، رات ۽ صبح جو بي بي سي جي اردو سروس شوق سان ٻڌن ٿا، ماضي ۾ خوشي جي موقعن خاص طور برسات بعد ڪٻڏي، ونجهہ وٽي، اٽي ڏڪر، ٻار ڦرڦر سونٽو، ٻلورن جي راند کيڏندا هئا، هاڻي اهي رانديون هتي ختم ٿي ويون آهن، هاڻي هتي ڪرڪيٽ شوق سان کيڏي وڃي ٿي. جڏهن تہ هتي تاش پتي ۽ لوڊئي واري راند جو رجحان وڌي رهيو آهي. ساڃاهہ وند ماڻهو انهن رانديون کي نياڳي راند سمجهن ٿا. هتي کير وڪرو ڪرڻ گناهہ سمجهيو ويندو آهي. مهمان اچڻ تي کين پاڙي وارا پاڻ مرادو کير ڏئي ويندا آهن. هتي هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪرڻ جو رواج نہ آهي، پر هاڻي اهو رواج هڪ همراهہ محمد صديق سومرو ٽوڙيو آهي ۽ ٻي شادي ڪئي آهي. برسات بعد ٻلائون خاص طور لنڊيون وڏي تعداد ۾ نڪري نروار ٿين ٿيون. هتي نانگ اٽلپ آهن. ماضي ۾ ڪوڪراپار جي پٽن ۾ تتر، مور، هرڻ جام هئا، جن تي مارا ماري ٿيڻ بعد اهي ختم ٿي ويا. هتي 2002ع کان پوءِ مچرن بہ منهن ڪڍيو آهي. هتي ماضي ۾ سروري تنظيم جو عروج هو، ان پليٽ فارم تان ماڻهن جا ننڍا وڏا ڪم ڪيا ويندا هئا. هتي ڪوڪرا پار ڪميونٽي سينٽر بہ ٺهيل آهي، اتي هر عيد تي پٽيل پاران سڄي شهر وارن کي ماني کارائي ويندي آهي. ڪوڪرا پار واري علائقي کي ڪاهوڙ ٿر سڏيو وڃي ٿو. هن جي هڪ طرف ڳنڊيڙو ٿر ٻئي پاسي اڇڙو ٿر آهن. هتي ڇوڪرين جي تعليم نہ هئڻ برابر آهي. هن جديد دور ۾ بہ 10 سيڪڙو کان گهٽ پڙهن ٿيون، اهو سلسلو بہ 2005ع کان شروع ٿيو آهي. انهن 10 سيڪڙو نياڻين مان 5 سيڪڙو 5 ڪلاس تائين، 3 سيڪڙو 8 ڪلاس تائين، باقي هڪ سيڪڙو مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪن ٿيون، هتان جي نوجوانن سماجي ورڪرن خاص طور غلام نبي سومرو، اصغر سومرو، فاروق احمد سومرو، مينداد احمد خان ۽ ٻين نياڻين کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪري رهيا آهن، ان جو بهتر نتيجو نڪرڻ جي اميد نظر اچي رهي آهي. هتي ڇوڪرين جي اسڪول جي عاليشان عمارت تہ آهي، پر ماستريائيون مقرر نہ آهن ۽ هتي نياڻين لاءِ هاءِ اسڪول قائم ڪيو وڃي ۽ ماستريائيون ڏنيون وڃن تہ شايد 3 سيڪڙو کان وڌيڪ ڪوڪرا پار جي مئٽرڪ پاس نيانين جو


www.sindhsalamat.com

انگ وڏي سگهي ٿو.

جڏهن تہ اين جي اوز کي بہ نياٽين جي تعليم لاءِ اڳتي اچڻ گهرجي. هتان جي عوام کي علاج معالج جون سهوليتون ڏيڻ لاءِ 1965 ع ۾ ڊسپنسري قائم ڪئي ويئي هئي. 1972 ع ۾ ان کي بي ايچ يو جو درجو ڏنو ويو. 2007 ع ۾ ان کي هيلٿ سينٽر جو درجو ڏنو ويو آهي. پر 3 ڊاڪٽرن جي پوسٽ جو درجو ملڻ جي باوجود هڪ ڊاڪٽر مقرر آهي، جنهن ڪري عوام کي هن اسپتال مان جيڪو لاڀ ملڻ گهرجي اهو نہ ملي رهيو آهي. موجود ڊاڪٽر اڪيلو اهو بہ ٻاهر جو هئڻ جي باوجود 92 ع ۾ مقرر ٿيڻ کان اڄ تائين 24 ڪلاڪ رهڻ ڪري عوام کي ڪجھ نہ ڪجھ فائدو پهچي ٿو، هڪ دائي مڊوائيف جي جاءِ تي ڪم ڪري ٿي، ڏکين ويم ۾ ماڻهن کي وڏين مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پئي ٿو. هر سال ڪيترين ئي ويم واريون عورتون مريو وڃن، ڇاڪاڻ تہ عمرڪوٽ جي سول اسپتال ڪانسواءِ ٻي ڪابہ وڏي اسپتال ويجهي نہ آهي. هتي ليڊي هيلٿ ورڪر بہ مقرر نہ آهن، جي هوندي تہ اها بہ رڪارڊ ۾ ماضي ۾ هيون پر بلڪل اڻ پڙهيل هئڻ ڪري ڪين هٽايو ويو، هيلٿ سينٽر ۾ ايمبولنس نہ هئڻ ڪري هزارين رپيا ڪرايو ڀرڻ جي سگھ نہ رکندڙ سخت بيمار ماڻهو فوري طور عمرڪوٽ سول اسپتال نہ پهچڻ ڪري الله کي پيارا ٿيو وڃن. مريضن جي حساب سان ميڊيسن بہ نہ ٿي ڏني وڃي. ڪوڪرا پار ۾ 4 پرائمري اسڪول آهن، جيڪي ٻارن جي بهتر تعليم واري سوچ بجاءِ سياسي سرسي ڏيکارڻ واري سوچ تحت ٺاهيا ويا آهن، انهن اسڪولن ۾ بہ پوسٽن جي حساب سان اڌ کان بہ گهٽ ماستر مقرر آهن. هتي هنن پرائمري اسڪول هيٺن حالن ۾ آهي. هتي 1962 ع ۾ پهريون پرائمري اسڪول کوليو ويو، ان لاءِ هڪ ڪمري واري عمارت 1980 ع ۾ ٺهرائي ويئي، ڪافي عرصي کان مڊل اسڪول قائم آهي، ان کي اپ گريڊ ڪري 2007 ع ۾ هاءِ اسڪول جو درجو ڏئي ان لاءِ نئين بلڊنگ ٺاهي ويئي، پر ڪم اهڙو تہ ناقص ڪيو ويو جو عمارت هيٺن حالن ۾ آهي، خاص طور برساتن ۾ ڇتيون وهن ٿيون. هن اسڪول ۾ بہ سؤ کان وڌيڪ شاگرد آهن. استادن جي 19 پوسٽن تي 14 استاد مقرر ٿيل آهن. سائنس هال، ڊرائنگ هال ۽ سائنسي تجربا ڪرڻ لاءِ سامان بہ نہ ڏنو ويو آهي. ڊي سي او پروگرام تحت 4 ڪمپيوٽر ڏنا ويا آهن، پر اهي جيئن آيا آهن ائين پيا آهن، ڪمپيوٽر آپريٽر نہ هئڻ ڪري







هتان جا شاگرد ڀاڻي مٿي جهوپڙا مورڪ اڄ مرن وانگر ڪمپيوٽر اسڪول ۾ اچڻ جي باوجود هو اهي سکي نہ ٿا سگهن، جڏهن تہ ايس ايم سي فنڊ بہ 50 هزار رپيا ملي رهيو آهي. ڪوڪرا پار ۾ مختلف پاڙا آهن، جتي ريلوي اسٽيشن ۽ روڊ کان انهن پاڙن تائين فرشبندي وارين گهٽين جي ضرورت آهي، ڪوڪرا پار واسين جو چوڻ آهي تہ هتي اڪثريت پ پ جي هئڻ جي باوجود هر پ پ دور ۾ بہ ڪوڪرا پار کي ترقياتي ڪمن ۽ نوڪرين ڏيڻ ۾ نظر انداز ڪيو وڃي ٿو. هتان جي ماڻهن کي مخدوم خاندان سان وڏي محبت آهي، ان جو مثال مخدوم طالب المولیٰ جن جي هر ورسي ۽ مخدوم امين فهيم جن جي هر سالگرهہ ملهائي وڃي ٿي. هتي انگريز دور جو سرڪٽ هائوس آهي، جنهن جي هاٿي سار سنڀال نہ هئڻ ڪري زبون حالي ۾ آهي.

## سنڌ جو قديمي ڳوٺ ابڙان ۽ ان جون مشهور شخصيتون

ضلع نوشهروفيروز ۾ نوشهرو کان 7 ڪلوميٽر اولهہ طرف مٺياڻي لنڪ روڊ تي آباد ڪيل شهر ابڙان هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿو. هن ڳوٺ ۾ ڪيترين بزرگ هستيون ڪيترين ئي سياسي، سماجي، علمي، ادبي شخصيتون بہ پيدا ٿيون آهن، جن پنهنجي شعبن ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو آهي. روايتون آهن تہ، سما دور ۾ هڪ ڪٽنب جا بہ ڀائر جيڪي ڄام خاندان سان تعلق رکندا هئا، اهي مال ڪاهي پنهنجي اصلي ماڳ تان اُسهيا، وسندي ۽ آبادي وارن علائقن جي تلاش ڪندا مختلف هنڌن تي اچي آباد ٿيا. ”انهن ٻنهي ڀائرن مان هڪ جو نالو ڄام ڏيڙان هو. جو موجوده شهر قاضي احمد جي اولهہ ۾ اچي آباد ٿيو، جوءِ ۾ اڄ بہ ڏيڙان لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو. اهو ڳوٺ ان وقت آباد ٿيو ۽ وڏو واپاري مرڪز ٻڻ ٿي ويو. ڏيڙان جي پرسان سنڌو درياهہ وهندو هو، ان سبب واپارين کي ٻيڙين جي بيهارڻ ۽ هڪلڻ جي سهوليت هئي، ان شهر جي اوج جي ڳالهہ اتان جي وڏڙن جي واتان بہ ٻڌبي هئي، ان وقت قاضي احمد شهر بجاءِ اتي هڪ ڳوٺ آباد هو. ان جي ٻئي ڀاءُ جو نالو ڄام ابڙان هو، جو اتر طرف کان اچي هن واهہ جي ڪپ تي آباد ٿيو ۽ ان جي نالي پٺيان ڳوٺ ابڙان وجود ۾ آيو، جو اڄ بہ ابڙان ئي سڏجي ٿو. هي شهر تاريخي لکتن موجب باغات، پيڙن ۽ انگورن جي ڪري تمام مشهور رهيو. هتان جي مٺائي خاص طور مائو اڄ بہ مشهور آهي، باقي ڀاڻي جي

ڪوٽ سبب هاڻ باغ بہ گهٽ آهن. هي شهر هن وقت دڙي تي ٻڌل سمجهي ٿو ۽ حافظ محمد بخش خاصخيلي جي گهڻي تحقيق بعد اها پروڙ پئي، جنهن ٻڌايو تہ انهن ٻنهي ڳوٺن ڏيڙان ۽ ابڙان جو وجود درياهہ ۽ واهہ جي ڪنڌيءَ تي ملي ٿو. ٻي ڳالهہ يا ثبوت اهو تہ سما خاندان سان لاڳاپيل انڙ خاندان، انهن ٻنهي شهرن ۾ پرسان جنهن جي اندر ۾ موجود ملندو جا ثابتي پختي ۽ ذهن قبولڻ جوڳي آهي. پراڻي تاريخي شهر ابڙان جي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيترو هي شهر مٿانهين تي آباد آهي تہ شايد هي ڳوٺ ڪن سببن ڪري تباهہ ٿيو هجي جو موجوده شهر دڙي تي ٻڌل ڏسجي ٿو.

(نوٽ: حوالہ سنڌي هندن جي تاريخ، مرحوم حافظ محمد بخش خاصخيلي ڪان ورتل، معلومات ابڙان جي شاعر، ثاقب سومرو جو پيج پتائي ميگزين ۾ شايع ٿيل آرٽيڪل. ڳوٺ جي ساجاهہ وند ڏرين ڪان ورتل معلومات)

## ابڙان جون مشهور شخصيتون

ابڙان ۾ ٿيهن ڪان وڌيڪ مختلف برادرين جا ماڻهو رهن ٿا. انهن برادين ۾ سيد، ڪلهوڙا، ٽٻڙ، خاصخيلي، ڪنڀر، مشوري، پٽي،سومرا، ميمڻ“ لاڪا، ڊُونگهہ، انڙ، حجام، ڇڄڙا، نائچ، قريشي، ملڪ، ماڇي، مڱڻهار، تارڙ، راجپوت، چانڊيہ، ڪوسا، اقليتن ۾ مينگهواڙ، باگڙي بہ شامل آهن. جڏهن تہ پاڪستان ڪان اڳ هتي وڏي تعداد ۾ هندو ديوان رهندا هئا، جيڪي پاڪستان ٺهڻ بعد ٿيل فسادن ڪري نہ چاهيندي بہ هتان لڏي ڀارت هليا ويا، انهن جون جوڙايل جڳهيون اڄ بہ موجود آهن، جن ۾ انڊيا مان آيسل مسلمان پائر رهن پيا.

ابڙان ۾ رهندڙ سيد برادري جي معززين ۾ سيد ڪرم علي شاهہ پاڻ 1993ع ۾ پ پ حڪومت ۾ وزيراعليٰ جا صلاحڪار بہ رهيا آهن. پ پ هاري ڪميٽي جا صدر رهيا آهن. سيد مريد حيدر شاهہ پاڻ ڪرم علي شاهہ جا پاءُ آهن. سيد سڪندر علي شاهہ ۽ سيد محبوب علي شاهہ، ايڊوڪيٽ بار ايسوسيئيشن سيشن ڪورٽ جا جنرل سيڪريٽري رهيا آهن. آغا حب علي شاهہ پاڻ زميندار آهن، سڪندر علي شاهہ پاڻ زميندار آهن. سيد منور علي شاهہ پاڻ پ ٽ الف ضلعي نوشهروفيروز جا اڳواڻ آهن. گدا حسين شاهہ پاڻ يو سي ابڙان جا نائب ناظم رهيا آهن.





سيد علي حيدر شاهہ پاڻ فقراءُ آهن. سيد موج درياهہ شاهہ پاڻ تعليم کاتي جا رٽائرڊ ايس ڊي اي او آهن، پاڻ پنهنجي پٽن سيد فيض درياءَ شاهہ ۽ حسن درياءَ شاهہ سان گڏ هن وقت ٺٽ ڳوراهو شهر ۾ رهائش پذير آهن. سيد سجاد علي شاهہ، لال محمد شاهم سيد صدرالدين شاهہ بہ شامل آهن. لطف علي شاهہ پاڻ ڪراچي ۾ سي اي ڪن پيا. ظفر علي شاهہ جڏهن تہ ابڙان شهر جي پرسان ڳوٺ خدا بخش شاهہ جو سيد اميد علي شاهہ، سيد علي رضا شاهہ، سيد درياءَ شاهہ پاڻ زميندار هئڻ جي باوجود فقير منش انسان آهن. سيد غلام رسول شاهہ، منظور علي شاهہ، سيد غلام مصطفيٰ شاهہ، سيد رڪيل شاهہ، پاڻ ايريگيشن اسڪارپ نوشهروفيروز ۾ پي ڊي آفس ۾ آفيس سپريڊنٽ آهن.

ڪلهوڙا برادري جي معزز ۽ هردلعزيز شخصيت ۾ الهبچايو ڪلهوڙو استاد آهي. قائم الدين ڪلهوڙو، عبداللطيف ڪلهوڙو، ارباب ڪلهوڙو، گل محمد ڪلهوڙو، حاڪم علي ڪلهوڙو پاڻ ننڍا زميندار آهن. ٽٻڙ برادري جي معزز شخصيت ۾ جلال ٽٻڙ پاڻ ڳوٺ جلال جا نيڪ مرد آهن. ڪمال ٽٻڙ، محمود ٽٻڙ، غلام محمد ٽٻڙ انگريزي جو استاد، محمد رمضان ٽٻڙ، محرم ٽٻڙ، مشتاق ٽٻڙ سنڌ يونيورسٽي جا شاگرد آهن. غلام علي ٽٻڙ، ارباب ٽٻڙ، جمع خان ٽٻڙ، حاجي محمد هاشم ٽٻڙ، بلاول ٽٻڙ، خاصخيلي براديري ۾ دودا خان خاصخيلي ڊاڪٽر، نيڪ محمد خاصخيلي، سڄڻ خاصخيلي هاءِ اسڪول گل محمد جتوئي ۾ هيڊ ماستر، غلام مصطفيٰ خاصخيلي، ڳاڳو خاصخيلي، ڏاڏو خاصخيلي، الهہ ڏنو خاصخيلي، جڏهن تہ ابڙان شهرجي پرسان ڳوٺ منو خان خاصخيلي آباد آهي،ا تان جي رهواسين جو تعلق پڻ ابڙان سان رهندو اچي. منو خاصخيلي، ڳوٺ جي معززين ۾ وڏيرو نجم الدين خاصخيلي، دوست محمد خاصخيلي، سردار غلام محمد خاصخيلي، ضمير حسين خاصخيلي گورنمينٽ ڪاليج نوشهروفيروز ۾ هيڊ ڪلارڪ آهي. غلام عباس خاصخيلي، نور محمد خاصخيلي، خادم حسين خاصخيلي، هيڊ ڪلارڪ گورنمينٽ ڪاليج ٽنڊو آدم، اياز خاصخيلي هيڊ ڪلارڪ گورنمينٽ گرلس ڪاليج نوشهروفيروز جو ڪلارڪ رياض حسين خاصخيلي، مورو گورنمينٽ ڪاليج مورو ۾ هيڊ ڪوارڪ آهي. جهنڊو خان خاصخيلي، ڊاڪٽر نيڪ محمد خاصخيلي، چنہ برادري جي معززين ۾ انور چنہ واپاري، بخشل چنا زميندار، رسول

بخش چنا واپاري، حاجي چنا، محرم چنا صحافي، ميوو چنا شعيہ اڳواڻ آهي. ڪنڀر برادري جي معززين ۾ محمد هاشم ڪنڀر، خالد ڪنڀر، احمد ڪنڀر. مشوري برادري جي معززين ۾ حاجي زميندار، مظهر مشوري، عبداللطيف مشوري، غلام شبير مشوري، سرائي امام الدين مشوري، عباس مشوري، پيٽي برادري جي معززين ۾ محبوب علي پيٽي، ڊي ڊي او روينيو ڪراچي، گلشير پيٽي واپاري، حاجي خان پيٽي، رحمت الله پيٽي، الله ڏنو پيٽي، سومرا برادري جي معزز شخصيت ۾ محمد صالح سومرو عرف ثاقب سومرو پاڻ بهترين ليک، شاعر پاڻ ڪيتري ئي شاعري ڪئي آهي. لاتعداد مقالا، تحقيقي مضمون، تجزيہ،ڪهاڻيون، افسانہ لکيا آهن. تارڙبخش خان زميندار، مجتبيٰ تارڙ، راڻو خان، مولا بخش جهنڊير ذات، پيارو خان اڪائونٽس آفيسر تعليم، محمد پريل، حاجي علي، مخدوم بهادر ۾ محمد علي، حامد علي، محمد حسن، غلام علي سومرو ماستر گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڳوٺ ڀوهيا، مشتاق احمد سومرو، واپڊا جو رٽائرڊ ڊائريڪٽر، گل محمد سومرو، غلام قادر سومرو، حاجي سومرو، روشن علي سومرو جيڪو نوشهروفيروز ۾ هيڊ ڪلارڪ آهي. غلام نبي سومرو، نصرالله سومرو، عبدالجبار سومرو. ميمڻ برادري جي معززين ۾ بابو ميمڻ، شمن علي ميمڻ، امان الله ميمڻ (ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڪسائيز حيدرآباد، پير بخش ميمڻ پوليس جمعدار سانگهڙ، نظام الدين ميمڻ، علي شير ميمڻ پوليس، جمعدار سانگهڙ“ نظام الدين ميمڻ، علي شير ميمڻ، منظور ميمڻ، لاڪا برادري جي معززين ۾ رئيس غلام رسول لاڪو، محمد ايوب لاڪو، ڊاڪٽر غلام محمدلاڪو، نبي بخش لاڪو. ڊونگهہ برادري جي معززين ۾ وڏيرو سلمان، انجنيئرمحمد رمضان پاڻ هاءِ وي ۾ انجنيئر آهن. غلام علي، راڻو خان تڳڙ، برادري جي معززين ۾ حاجي محمد تڳڙ پاڻ سنڌ جا مشهور مولودائي آهن. غلام مصطفيٰ تڳڙ، استاد محمد رمضان تڳڙ، جڏهن تہ انڙ برادري جي معززين ۾ زميندار، نصير انڙ، محمد مٺل انڙ، لقمان انڙ. ڇڄڙا برادري جي معززين ۾ مٺل ڇڄڙو، وڏيرو نصير الله ڇڄڙو، غلام حيدر ڇڄڙو، بخشل ڇڄڙو، نائچ برادري جي معززين ۾ استاد محمد هاشم نائچ، فقير سونو خان، پناڻ خان نائچ، علي نواز نائچ، قريشي برادري جي معززين ۾ غلام حسين قريشي، قمرالدين قريشي ۽ ٻيا ملڪ برادري جي معززين ۾ سلام الدين ملڪ، ليلو ملڪ، غلام قاسم ملڪ، غلام تقير ملڪ، گلزار ملڪ،





اڇو ملڪ، اردو ڳالهائيندڙ قريشين ۾ عاشق حسين قريشي، فياض قريشي، چانڊيہ برادري جي معززين ۾ محمد عثمان چانڊيو، محمد قاسم چانڊيو ۽ ٻيا. ڪوسا برادري جي معززين ۾ گنهور خان ڪوسو، حجام برادري جي معززين ۾ شفيع محمد، گل محمد عرف گل، نور محمد، دودو، پاڻ حجام ڪو ڏنڊو ڪندا آهن. استاد گل رڌ پچاءُ جو وڏو ماهر آهي. مگڻهار برادري ۾ حسين بخش مگڻهار، رجب علي، غلام علي، پير بخش مگڻهار، مرچ مگڻهار، شمن مگڻحار سامل آهن. رجب مگڻهار ۽ شمن مگڻهار دهل وڄائڻ ۽ مرچ مگڻهار وري توتاري وڄائڻ جو ماهر آهي. سولنگي برادري جي معززين ۾ در محمد سولنگي هيڊ ماستر گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺياڻي، محمد عثمان سولنگي، محمد ملوڪ، سومارہ شامل آهن. ڀوهين ۾ نصير الله، غلام قادر ڀوهيو، شفقت ڀوهيو، شاهہ نواز ڀوهيو شامل آهن. نوجوان شاعر وفا ڪوڙل چنہ جي جمڻ جو هنڌ ۽ اباڻو ڳوٺ بہ ابڙان آهي. (هي احوال ابڙان ڳوٺ جي ادب دوست احمد خان تڳڙ، مشهور اديب شاعر ثاقب سومرو ڪان ورتو ويو).

## شاعرن ۽ سگهڙن جو ڳوٺ خدابخش دلواڻي

عمرڪوٽ ضلعي ۾ يونين ڪائونسل مير ولي محمد ٽالپر ۾ ڳوٺ خدابخش دلواڻي آبادي آهي جيڪو سنڌ جي قديم ڳوٺن مان هڪ آهي، هي ڳوٺ شاعرن، سگهڙن، مهمان نوازن جو ڳوٺ طور بہ مشهور آهي. هن ڳوٺ وارن جي دعويٰ آهي تہ سندن خاندان جي ڪيترن ماڻهن انگريز خلاف ۽ شير سنڌ مير شير محمد ٽالپر پاران مياڻي ۽ دو آبہ واري جنگ ۾ انگريز سان وڙهي شهادت ماڻي، ڳوٺ وارن جو چوڻ آهي تہ دلواڻي اصل ۾ لغارين جو هڪ پاڙو آهي ۽ جيڪو علياڻي لغاري سڏجن ٿا. ڳوٺ جي مشهور سماجي شخصيت جانب دلواڻي جو چوڻ آهي تہ سندس خاندان جا وڏا ولي محمد علياڻي ۽ قربان علي علياڻي لغاري، پنهنجي ڀين مائٽن ۽ دوستن سان گڏ دو آبدي واري جنگ ۾ دليري سان وڙهي شهادت ماڻي، جانب جو چوڻ آهي تہ اسان ذات جا لغاري آهيون هن خاندان جي وڏي جو نالو دليل خان هو ان پويان خاندان وارا دلواڻي سڏجڻ لڳا. هنن جا وڏا اصل۾ ٽنڊو باگو ويجهو ساجن جي وسي ۾ آباد هئا وڏا مالوند ماڻهو هئا. هنن وٽ مينهون، ڍڳيون، ٻڪريون، رڍون، اٺ وڏي تعداد ۾هئا هنن وٽ پلا گهوڙا بہ هئا. بعد ۾ هن

خاندان جا ڪجھ فرد فتح محمد خان، دودو خان، دليل خان، ڪمال خان، يعقوب خان. اتان لڏي ڪنري ويجهو دڙ يلو موري وٽ اچي ويٺا جتي مال جو وڏو چارو هو. هي پنهنجي دور جا وڏا مهمان نواز، دل جا سخي ۽ سگهڙ هئا. هنن وٽ دڙيلو موري تي سگهڙن جون ڪچهريون بہ ٿينديون هيون. دودو خان اتي گذاري ويو. هي خاندان ڪن سببن ڪري اتان جتي ڳوٺ خدابخش دلواڻي آهي اتي اچي ويٺا جتان پرسان هاڪڙو 6 مهينا وهندو هو ۽ هتي 6 ماهي فصل بہ ٿيندو هو جتي هي خاندان اچي ويٺو سانوڻ جي مهيني ۾ جڏهن برساتون بہ پونديون هيون ۽ سنڌو درياءَ جو ڦاٽ هاڪڙو بہ ڦوڪجي وهندو هو تہ هي علائقو ٻڏي ويندو هو. ان ڪري هنن 8 فوٽ ڪن زمين کان مٿي واري جي دڙي تي ڳوٺ آباد ڪيو. جيڪو ڳوٺ خدابخش دلواڻي سڏجي ٿو. ڳوٺ وارا ٻڌائين ٿا تہ ميرن جي صاحبي ۾ ميرن هن ڳوٺ جي هڪ شخص نالي صاحب خان دلواڻي کي علائقي ۾ ڪوٽجندڙ هڪ نهر جي لاءِ مزدورن لاءِ ڏوڪڙ ڏنا پئسا هن کان ختم ٿي ويا ۽ اهو ڪم نہ ڪري سگهيو ۽ مٿس دٻاءُ پيو تہ پان علائقو ڇڏي لوڏاڻو واري علائقي ۾ هليو ويو. ان همراهہ جو پاءُ ميان بخش دلواڻي وقت جو وڏو سگهڙ ۽ شاعر هو. هن پاءُ جي فراق ۾ ڏاڍا درد سوز وارا شعر چيا ۽ هڪ ڏينهن اها شاعري عمرڪوٽ ۾ وڃي مير صاحبن وٽ وڏي سوز سان چئي تہ ميرن کي رحم اچي ويو ۽ انهن سندس پاءُ صاحب خان کي معاف ڪري ڇڏيو ان بعد هو واپس ڳوٺ آيو صاحب خان جو پاءُ جي فراق ۾ هڪ شعر اڄ بہ ڳوٺ وارن کي ياد آهي.

ٿر وڻو ٻر وڻو، وڻو لڏاڻو،
پرين وڃي پرديس ۾ ،ٿرڪيو ٿاڻو،
انهي تان ناڻو ،مير ڪٽي معاف ڪيو.

هن شاعر ميان بخش دلواڻي جي شاعري لکت ۾ نہ اچي سگهي آهي. ليڪن ڪجھ شعر ڳوٺ وارن کي برزباني ياد آهن. انگريز سرڪار جڏهن نارا ڪئنال کوٽايو تہ ان دور ۾ خدابخش دلواڻي جو ڳوٺ جي پرسان خوبصورت باغ هو. ڳوٺ وارا ٻڌائين ٿا تہ انگريز تروٽ کي ڪنهن هن باغ جي خوبصورتي بابت ٻڌايو تہ هو باغ گهمڻ آيو ۽ ان وقت ڳوٺ ۾ خدابخش دلواڻي لکيو پڙهيو لبرل سوچ رکندڙ نوجوان هو ۽ تر وٽ ان سان ڳالهائيندي متاثر ٿيو ۽ کيس اتي جاگير ڏني ۽





خدابخش کي گهوڙي سواري جي نوڪري ڏني. هڪ دفعي خدابخش وچين جي نماز پڙهي رهيو هو تہ سندس آفيسر کيس سڏايو تہ هن چيو تہ هو نماز پڙهي پوءِ ايندو اهو آفيسر انگريز هو ان کي هن جو اهو جواب نہ وڻيو ۽ جڏهن هي ان آفيسر وٽ حاضر ٿيو تہ ان انگريز آفيسر کيس چيو تہ اوهان نماز ڇڏي منهنجي سڏ تي اچڻو هو ان تي خدا بخش چيو تہ اوهان جي سڏ کان مون کي ان الله سائين جو سڏ وڌيڪ آهي. ان تي اهو انگريز آفيسر هن تي ناراض ٿيو تہ هن گهوڙي سواري تان استعيفيٰ ڏني. بعد ۾ کيس نارا ڪئنال تي داروغي جي نوڪري ڏني وئي. نارا ڪئنال بعد جڏهن علائقي جي زمين ان تي آباد ٿي تہ خدابخش ان باغ کي 60 ايڪڙن ۾ وڌايو اتي انب ۽ ٻين فروٽن جا وڻ هر قسم جا گل، ٻوٽا لڳايا. باغ واري پٽڙي تي نم جا وڻ لڳايا ۽ ڪيترائي انگريز ۽ ٻيا آفيسر پنهنجي گهر وارن سان گڏ اهو باغ گهمڻ ايندا هئا. چون ٿا تہ هڪ انگريز آفيسر ان باغ جي ڊل آبيانو معاف ڪري ڇڏيو هو بعد ۾ ايوب خان جي دور کان آبيانو ورتو ويو. اهو باغ 1985ع ڌاري پاڻي گهٽ ٿيڻ ڪري سڪي ويو. هاڻ رڳو ان خوبصورت باغ جون ڳالهيون وڃي رهيون آهن. سڪل وڻ وڍايا ويا. هاڻ وري اتي هن خاندان وارن باغ رکرايو. آهي 85ع کان وٺي هي علائقو سوڪڙ جو شڪار رهيو. زرعي آبادي وارو هي علائقو بڙپانگ ٿي ويو. ليڪن چوٽياروين ڊيم ٺهڻ بعد هي علائقو وري سرسبز ٿي ويو آهي. زرعي زمينون آباد ٿين پيون. خدابخش دلواڻي تقريبن 1826ع ۾ دودو خان جي گهر ۾ جنم ورتو. دودو خان جي والد جو نالو فتح محمد هو. هو پاڻ زراعت جو ماهر ۽ مهمان نواز ان وقت جو مشهور سگهڙ هئا ۽ سندس اوطاق تي هر وقت سگهڙن جون ڪچهروين متل هونديون هيون. سندس فرزند حاجي علي خان دلواڻي بہ پنهنجي دور جو وڏو شاعر ۽ سگهڙ ٿي گذريو آهي. ان وقت علائقي ۾ ٿيندڙ واقعن تي سندس خوبصورت ۽ دلچسپ انداز ۾ شاعري ڪيل آهي جيڪا بدقسمتي سان لکت ۾ نہ اچي سگهي آهي. ليڪن علائقي جي ماڻهن کي ڪجھ شاعري ياد آهي، خدابخش دلواڻي تقريبن 1931ع ڌاري وصال ڪيو. هن وقت هن ڳوٺ جي 1000 کان وڌيڪ آبادي آهي. مٿي واري جي دڙي تي ڳوٺ آباد هئڻ ڪري خوبصورت منظر پيش ڪري ٿو. 1962ع ۾ پرائمري اسڪول قائم ٿيو جنهن لاءِ ڳوٺ وارن پاران هڪ ڇپراٽو ڪمرو ٺاهي ڏنو، 1995ع ۾ پ

پ حڪومت ۾ 2 ڪمرن جي بلڊنگ ملي، ڳوٺ کي بجلي 2012ع ۾ ملي آهي. روڊ نہ هئڻ ڪري بارشن ۾ ڳوٺ وارن کي تڪليف ٿئي ٿي، ڳوٺ ۾ صرف دلواٽي رهن ٿا. هن ڳوٺ جي پرسان ڳوٺ الھ بخش دلواٽي بہ آهي جنهن جي وچ ۾ صرف واٽر ڪورس آهي. اهو ڳوٺ ڪڏهن وڏي آبادي وارو هو پر هتان جا رهواسي 85ع کان پوءِ لڏ پلاڻ ڪري ويا، انهن مان ڪافي ايران، ڪجھ سعودي عرب ۾ آهن. هاڻ چند گھر آباد آهن ڳوٺ ۾ پهرين خدابخش دلواٽي جي اوطاق هئي ڳوٺ ۾ ڪنهن جا مهمان ايندا هئا تہ اتي رهندا هئا هاڻ خدابخش واري اوطاق ڪري پئي اتي اوطاق جا ڪنڊرات آهن، هن وقت ڳوٺ ۾ 7 اوطاقون آهن جن ۾ فيض محمد، احمد خان، صفدر، قادر بخش، شمشير علي، جانب علي ۽ مولابخش شهيد جي اوطاقون شامل آهن. جتي اوطاق ڏٺي ديسي پرديسي کي ماني کارائين ٿا. جڏهن غربت هئي تڏهن بہ هن ڳوٺ وارا وڏا مهمان نواز رهيا آهن. ڪيترا بہ مهمان اچي وڃن ماني کارائيندا هئا. هنن اوطاقن ۾ سگهڙن جون ڪچهريون بہ ٿين ٿيون. ڳوٺ وارن وٽ پلا گھوڙا، اٺ، ڍڳا بہ آهن. جانب علي دلواٽي، احمد خان جي اوطاق تي سگهڙن جون ڪچهريون ٿين ٿيون. خاص طور سياريءَ ۾ هتي مشاعرہ سگهڙ، ڪچهريون ۽ صوفياڻہ راڳ بہ ٿئي ٿو. هي ڳوٺ سگهڙن ۽ شاعرن جو ڳوٺ سڏجي ٿو. ڳوٺ جي ڪجھ شاعرن جو هيٺ ذڪر ڪيل آهي.

**حاجي علي خان:** حاجي علي خان ولد خدابخش دلواٽي ڳوٺ خدابخش دلواٽي ۾ 1858ع ڌاري پيدا ٿيو خدابخش جو ننڍو فرزند هئڻ ڪري گھٽين ذميوارين کان آجو رهيو ان ڪري پاڻ گھمڻ ڦرڻ سنڌ جي مختلف علائقن جا سيئر ڪرڻ جو شوق رهيو. پاڻ شڪار جا بہ شوقين هئا گھمڻ ڦرڻ ۽ سير و سفر ڪرڻ سان گڏ شاعري بہ ڪندا هئا سنڌس شاعري ۾ ايترو تہ اثر هوندو هو جو چون ٿا جڏهن علي خان شعر چوڻ شروع ڪندو هو تہ بارش شروع ٿي ويندي هئي. ان ڪري ماڻهو چوندا هئا تہ علي خان کو شعر چيو تہ بارش اچي وئي سنڌس شاعري لکت ۾ نہ اچي سگھي آهي. پر نسل درنسل ان جي شاعري ماڻهن تائين پهچندي رهي پاڻ حج جي سعادت بہ حاصل ڪئي سنڌس وفات 1958ع ڌاري سئو سال جي ڄمار ۾ ٿي.

**نبي بخش نبن دلواٽي:** نبي بخش نبن ولد احمد خان دلواٽي





1945ع ڌاري جنم ورتو پاڻ حافظ احمد دلواٽي وٽ ديني تعليم حاصل ڪيائون، ان کان پوءِ زميندارِي سان گڏ گھوڙي سواري بہ ڪندو رهيو پاڻ گھوڙن تي ايتري تہ خفت ڪندا هئا جو سنڌس گھوڙو ٽر جي ڳوٺ پالوا ماروي جي ميلي ۾ پهريون نمبر ايندو هو، پاڻ بهترين شاعر بہ هئا اڪثر صوفيانہ شاعري ڪندا هئا. پاڻ غزل ڪافي ۽ وائي جي صنف تي وڌيڪ شاعري ڪئي. تقريبن هڪ ڪتاب جيترو مواد موجود آهي. پاڻ 8 آگسٽ 1999ع تي انتقال ڪري ويا.

**مولابخش دلواٽي:** مولابخش دلواٽي ولد غلام حسين 1949ع ڌاري پيدا ٿيو، پاڻ ننڍي وهي کان ئي حاضر جوابي ۽ شاعرانہ مزاج جا هئا. پاڻ پرائمري تعليم ڳوٺ خدابخش دلواٽي ۾ حاصل ڪيائون ان کان پوءِ ميرپورخاص ۾ تعليم حاصل ڪيائون. سنڌ يونيورسٽي ۾ گريجوئيٽ ڪيائون. پاڻ بهترين شاعر هئا. شاعري ۾ مجازي شاعري سان گڏ انقلابي ۽ اسلامي نظم ۽ گيت بہ لکيا. شاعري ۾ اڪثر غزل نظم ۽ ڪافي وڌيڪ لکي، علائقي ۾ پاٽي جي قلت هئڻ ڪري پاڻ ڊينگاڻ پرڳڙي ۾ هڪ مقامي زميندار وٽ ڊيوٽي ڪندا هئا اتي ئي نامعلوم چورن هٿان شهيد ٿي ويا. سنڌس هڪ شعري مجموعو ”گھول ڙي دل گھول“ ڇپيو آهي جيڪو غزل، نظم ۽ مناجاتن تي مشتمل آهي.

**استاد امام دين بيدار:** استاد امام دين ولد علي خان دلواٽي 1940ع ڌاري پيدا ٿيو پرائمري تعليم ڳوٺ خدابخش دلواٽي ۾ حاصل ڪئي. وڌيڪ باقائده تعليم تہ حاصل نہ ڪري سگھيا پر پوءِ بہ وسيع مطالعو ڪرڻ ڪري ڪافي ڄاڻ حاصل ڪيائون. پاڻ حڪمت جي ڪتابن جو ڪافي مطالعو ڪيو. حڪمت سکيائون حڪمت ۾ سنڌس ڪافي شاگرد ٿيا جنهن ڪري ڪيس استاد جو لقب مليو. پاڻ درويش صفت جا انسان هئا. پاڻ بهترين شاعر هئا. پاڻ شاعري لکندا نہ هئا زباني ماڻهن کي ٻڌائيندا رهندا هئا. ڪجھ پراڻن رسالن ۾ سنڌس شاعري شايع ٿي آهي پاڻ حڪمت ۾ ايترا تہ ماهر هئا جو جيستائين حياتي هئا تيستائين ڳوٺ يا علائقي ۾ ڪنهن ڊاڪٽر جي ضرورت نہ هوندي هئي. پاڻ 6 اپريل 1999ع تي هن فاني دنيا مان رحلت فرمائي ويا.

**فيض محمد ”فيض“:** فيض محمد خدابخش دلواٽي جي سڀ کان ننڍي فرزند غلام حسين دلواٽي جو وڏو پٽ هيو، سنڌس جنم 1938ع

ڏاري ٿيو، پرائمري تعليم ڳوٺ ۾ حافظ احمد دلواڻي نالي مولوي کان ورتائين، والد گرامي جي وفات بعد ننڍي عمر ۾ ئي ڪافي ذميواريون اچڻ ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نہ سگهيو. زمينداري سان گڏوگڏ اوطاق سنڀالڻ مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪرڻ، راڄن جا فيصلا ڪرڻ ڪيس ورثي ۾ مليا، گڏوگڏ شاعري بہ ڪيس ورثي ۾ ملي پاڻ بهترين شاعر هئا پاڻ مجازي شاعري بہ ڪيائون ۽ ان سان گڏ مذهبي سوچ بہ ساڻس گڏ گڏ هلي شاعري ۾ دعائون مناجاتون، نعتون، قصيدا لکيا ۽ ڪافي ۽ غزل بہ لکيا. پاڻ 25 مئي 2007ع تي لاڏاڻو ڪري ويا.

ڳوٺ جي تقريبن سڀني شاعرن جي شاعري ۾ عشقيہ شاعري سان گڏوگڏ معاشري ۽ حالاتن غريبن ۽ ڏتڙيل ماڻهن جي ترجماني بہ ٿيل آهي. هن ڳوٺ جي ٻين نوجوان شاعرن ۾ عباس علي دلواڻي ذوالفقار علي ظاهر، مولوي غلام حسين دلواڻي، جانب علي دلواڻي شامل آهن. جڏهن تہ ڳوٺ جي سگهڙن ۾ قادر بخش خيالي علي بخش دلواڻي، پير بخش دلواڻي عباس علي دلواڻي رضا علي دلواڻي، اخلاق حسين ۽ ٻيا بہ ڪيترائي شامل آهن.

سنڌ جو مشهور سماج سڌارڪ جانب علي دلواڻي جو تعلق بہ هن ڳوٺ سان آهي. پاڻ شاعري بہ ڪئي آهي. علائقن ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ سندس ڪوششون قابل تعريف آهن. جانب علي دلواڻي 21 فيبروري 1976ع تي ڳوٺ جي مشهور سماجي ورڪر قلندر بخش جي گهر ۾ جنم ورتو، سندس تعليم صرف پرائمري آهي. سنڌ جي ملالا يوسف زئي جو لقب ماڻيندڙ آسو ٻائي ڪولهڻ کي دنيا ليول تي نروار ڪرڻ ۽ سندس هر طرح سان همٿ افزائي ڪري ان مقام تي پهچائيڻ ۾ جانب جو ڪردار آهي. جانب آسو ٻائي جي همٿ افزائي نہ ڪري ها، ڪيس اسڪول ڪولرائي ڏيڻ اسڪول ۾ ٻارن جو تعداد وڌائڻ کان وٺي هر سطح جي مدد نہ ڪري ها ۽ ميڊيا آڏو هن جي ڪم کي نہ آڻي ها تہ اڄ دنيا ۾ آسو ٻائي مشهور نہ ٿئي ها. ڪيس ملالا يوسفزئي جو لقب نہ ملي ها. جانب علي ننڍي هوندي کان سماجي ڪم ڪري ٿو. علائقي ۾ بند پيل اسڪولن کي ڪولرائي ٻارن جي والدين سان ملاقات ڪري ڪين اسڪول ۾ موڪلڻ تي آماده ڪرڻ، علائقي ۾ اگر ڪنهن غريب سان ظلم زيادتي ٿئي تہ ان کي انصاف ڏيارڻ لاءِ هر طرح ڪوششون ڪري ٿو. آسو ٻائي جهڙو ڪردار ادا ڪندڙ ٻين نياڻين جي بہ همٿ افزائي





ڪري ٿو. غريبن جو ساٿ ڏيڻ، مظلومن جي مدد ڪرڻ علائقي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي علائقي جي ڪافي بااثر ماڻهن جي اک ۾ ڪنڊو آهي. مٿس ڪافي دفعا قاتلاڻا حملا بہ ٿيا آهن پر انهن ڌمڪين حملن جي پرواهہ نہ ڪندي خلق خدا جي خدمت ۾ لڳو پيو آهي. تعليم جي واڌاري ۽ سماجي ڪمن تي ڪيس مختلف ادارن پاران ڪافي ايوارڊ بہ مليا آهن. عمرڪوٽ ضلعي ۾ ڪنهن سان بہ ڪو ظلم ٿئي ٿو. نياڻين تي جنسي ڏاڍ ڪيو وڃي ٿو تہ هي ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا ذريعي ان خلاف آواز بلند ڪري ٿو. اهڙن مظلوم ماڻهن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ قانوني مدد ڪري ٿو.

پاڻ بهترين مڪينڪ بہ آهي پاڻ ڪيترين ئي ايجادون ڪيون آهن. پاڻ مرچ سڪائڻ جي مشين ايجاد ڪئي پر حڪومت ان جي مارڪيٽنگ ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني، پاڻ ٻيون ڪيتريون ئي ايجادون ڪيون پاڻ مرادو هنر سکيو پاڻ آمريڪا، ٽيڪنيڪل پروسيسر ۾ بہ ڪم ڪيو. بجلي پيدا ڪرڻ جي بوائيلر جي ايجاد بہ ڪئي جيڪڏهن حڪومتي سطح تي هن جي سرپرستي ڪئي وڃي تہ ڪيتريون ئي ايجادون ڪري سگهي ٿو.

## قديم ڳوٺ راوتياڻي

سانگهڙ – نوابشاهہ روڊ تي سانگهڙ کان تقريبن 12 ڪن ڪلوميٽر پري سنڌ جو قديم ڳوٺ راوتياڻي آباد آهي، ميرن جي صاحبي هتي چند واڻين، ملاح، ڪيرين ۽ وساڻن جا گهر هئا. ان دور ۾ سانگهڙ نوابشاهہ روڊ ڪچو رستو هو، هن ڳوٺ جا واڻيا نارو واهہ مان زمين جا ڪجهہ ٽڪر آباد ڪندا هئا. انگريز خلاف وطن يا ڪفن واري ويڙهہ جو مرڪز رهندڙ مکي ٻيلو هن ڳوٺ کان تقريبن 2 ڪلوميٽر تي هو جتي هاڻ آبادي ٿي وئي آهي. واڻين ۾ هڪ عورت راوتي نالي رهندي هئي جيڪا سخي ۽ مهمان نواز هئي، ڪچي رستي تان ويندڙ مسافرن کي مکڻ، ڌهي، لسي سان ماني ڪارائيندي هئي ۽ ان ڪچي رستي تي هڪ وڻ هيٺان پاڻي جا مٽ بہ ڀري رکندي هئي تہ اڃايل مسافر پاڻي پيئن ان رلوتياڻي عورت پويان هي ڳوٺ پهرين راوتي بعد ۾ راوتياڻي سڏجڻ لڳو، اها عورت ميرن جي دور جي ڀڏائي وڃي ٿي. هن ڳوٺ جي ملاح برادري جي بہ هڪ عورت ماسي حوا ملاح بہ انگريز دور ۾ وڏي سخي ۽

هلندي پچندي واري عورت تي گذري آهي. جيڪا ڳوٺ ۾ علائقي جا فيصلا به ڪندي هئي. ميرن جي دور جي پڇاڙي وقت هن ڳوٺ جي آبادي وڏي پيون برادرين به آباد ٿيون، ليڪن انگريز دور ۾ خاص طور حر تحريڪ دوران هن ڳوٺ ۾ رهندڙ حرن خلاف ڪارروايون ٿيڻ ڪري ڪجهه ماڻهو حر تحريڪ ۾ شامل هئا. ڪجهه روپوش ڪجهه لوڙهن ۾ هئا. پاڪستان ٺهڻ بعد خاص طور ايوب خان جي دور ۾ ڳوٺ وڏيو ۽ وڌندو رهيو، هاڻ ننڍڙو شهر بڻيل آهي. هن وقت راوتياڻي جي آبادي تقريبن 25000 ڪن آهي، هن وقت ڳوٺ ۾ سيد، وساڻ، هنگورا، مير جت، ملاح، جوٽيجا، چاڪراڻي، خاصخيلي، ڪيريا، جت ، آرائين، پيل ميگهواڙ ۽ پيون برادريون رهن ٿيون. ماضي ۾ هتي حاجي خير محمد چاڪراڻي، خان محمد هنگورو، وڏيرو مصري ملاح، اول مرحوم، چتو ملاح مرحوم، هتان جا وڏا اوطاقي ٿي گذريا آهن. مسافرن کي ماني کارائيندي خوشي محسوس ڪندا هئا. متي ذڪر ڪيل ماڻهو هن ڳوٺ جون هر دلعزيز شخصيتون هيون. ڳوٺ ۾ هاڻ به حاجي خير محمد چاڪراڻي مرحوم جو فرزند رئيس گلشير چاڪراڻي، علي خان هنگورو، ملاحن جي اوطاق سائين بخش ملاح هلائي رهيو آهي. ڳوٺ جي سماجي ورڪرن ۾ عطا محمد وساڻ، خان محمد هنگورو، فقير مير حسن هنگورو، مطلع الحق بخاري، رئيس گلشير خان چاڪراڻي، ناز ڪريم بخش چاڪراڻي، حاجي مصري ملاح، گل حسن ملاح ۽ پيا آهن. مشهور شاعر سونو سحر هنگورو، ناز چاڪراڻي جو تعلق به هن ڳوٺ سان آهي. هتان جي مشهور صحافين ۾ ناز چاڪراڻي، عبدالقادر شاهه شامل آهن. هتان جي استاد بشير احمد آرائين پاڻ هاڻ رٽائرڊ آهن ۽ استاد نظر هنگورو، علي خان هنگورو ۽ پين جو بهترين استاد طور نالو ورتو وڃي ٿو. راوتياڻي ۾ ڇوڪرن، ڇوڪرين لاءِ گورنمينٽ پرائمري ۽ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول آهن. سرڪاري طور ميڊيڪل ڊسپينسري به آهي. ڳوٺ ۾ عورتون هٿ جو هنر جي حوالي سان مشهور آهن. هتان جون رليون، سڳيون، اڳٺ، سنڌي پرت مشهور آهن. هتان جي رهواسين جو تقريبن هر گهر ۾ چوپايو مال آهي. جيڪو ڳوٺ وارن جو شوق سان گڏ روزگار جو ذريعو به آهي. هتي پرائيويٽ اسڪول به آهن. هن ڳوٺ ۾ حر جماعت جو اثر آهي. هتان جا ملاح سروري جماعت جا آهن، ليڪن ڳوٺ وارن ۾ اهو جماعتي فرق ناهي، ڳوٺ وارن جا پاڻ ۾ بهترين پائرن





جهڙا تعلقات آهن، سڀ ڳوٺ وارا ڏک سک ۾ گڏ هوندا آهن. ڳوٺ ۾ آسپاس جي مشهور اولياءِ حضرت سيد سلطان شاهه، سيد چن بادشاهه، سيد موليڏنو شاهه عرف سرهو پير جون مزارون آهن. جتي هر وقت زائرين اچن ٿا. سيد مولڏينو شاهه عرف سرهو پير جي قبرستان الله لوڪ فقير ۽ درويش فقير محمد رمضان ملاح جيڪو لطيف سائين جو فقير هو ۽ منهنجو نانو هو، ان جو به آخري آرام گاهه آهي. ماضي ۾ هن ڳوٺ ۾ سگهڙن جون ڪچهريون به ٿينديون هيون نڙ بيت وارن جون محفلون به ٿينديون هيون.

## ضلعي سانگهڙ جو قديم ڳوٺ جلال نوناري

سهڻي ميهار جي ديس شهدادپور جي لڳو لڳ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج کان چند فرلانگن تي آباد قديم ڳوٺ جلال نوناري جيڪو ميرن جي دور جو پڌايو وڃي ٿو، شروع کان هتان جي رهواسين جو معاشي ذريعو گڏهن جي مزدوري رهي آهي. ماضي ۾ شهدادپور ۾ ڇتن جي ليپائي لاءِ متي-بٺن تان سرون فرشن لاءِ واري ڪٽندا هئا پر ٽريڪٽر ٽرالين اچڻ بعد اهڙو ڪم گهٽجي ويو آهي ،هاڻ هتي سرن جي بٺن تان سرون ڪٽي ٻاهر رکڻ وارو ڪم ڪن ٿا، چند ماڻهو سرڪاري ۽ اين جي اوز ۾ نوڪرين سان لڳل آهن، ڳوٺ جون عوتون به گهرن تائين محدود رهڻ بجاءِ ڳوٺ جون ڪافي عورتون شهر ۾ گهرن ۾ ڪم ڪار ڪن ٿيون. ڪجهه سرن جي بٺن تي ڪم ڪن ٿيون چاڪاڻ ته معاشي طور هي ڳوٺ ڏاڍو پوئتي پيل آهي، ڳوٺ جا ماڻهو بهادر قربائتا همت وارا محنتي ننڍا وڏا سڀ مزدوري سان لڳل آهن، پاڻ ۾ اتحاد پڌي، پيار، محبت ڏک ۽ سک ۾ ڪم اچڻ جي حوالي سان هي مثالي ڳوٺ آهي. هن ڳوٺ وارا نشي سميت سيني براين کان پري آهن، ڳوٺ جا 100 کان وڌيڪ ڇوڪرا 50 کان وڌيڪ نياڻيون اعليٰ تعليم يافته آهن پين ڳوٺن وانگر هتان جا نوجوان به ڊگريون هٿ ۾ ڪٽي نوڪري لاءِ ڊوڙندا رهن ٿا. 1500 کان وڌيڪ آبادي واري هن ڳوٺ ۾ پهرين جلال نوناري نالي گڏهن تي مزدوري ڪندڙ جتي ڳوٺ آهي اتي روزگار لاءِ خاندان سان گڏ اچي وينو ۽ ڏنڊو ستو هئڻ ڪري بعد ۾ مختلف ڳوٺن مان پنهنجا مٽ مائٽ به گهرايا ۽ اتي جلال نوناري نالي ڳوٺ سرڪاري نقشي ۾ ايريو. اڄ مفاد پرستي ۽ نفسا نفسي واري دور ۾ جتي پياءُ جو پياءُ نه آهي، هڪ

گهر ۾ 2 پاءِ رهن ٿا تہ وچان ديوار ڏيو ڇڏين پر هن ڳوٺ وارن جا گهر اڄ بہ ماضي وانگر هڪ ويڙهي ۾ آهن، گهر الڳ صحيح پر اڱيان ايوان هڪ ئي آهي، هنن جي اهڙي محبت ڀڏي ڏسي لطيف سائين جون هي سٽون ذهن تي تري اچن ٿيون

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهن ميٺ گهڻو.

لطيف جي انهن سٽن تي اسان پاڻ کي سڄاڻ چوائڻ جي باوجود گهٽ عمل ڪري رهيا آهيون اتي هن ڳوٺ جا سڀاجهڙا ۽ سادا ماڻهو مڪمل طور عمل ڪري رهيا آهن، ڳوٺ وارا غريب لطيف چواڻي. آڻين ۽ چاڙهين ڏٿ ڏيهاڙي سومرا، وارو حال هوندي بہ دل جا سخي آهن، وٽن لڙي ايندڙ مهمانن کي لکين عزتون ۽ جيءَ ۾ جايون ڏين ٿا ۽ وڏي سهپ برداشت رکن ٿا، آسپاس جي ڳوٺن جي ماڻهن سان بہ سٺو ورتاءُ ڪن ٿا. ڪنهن جي دل ڪونہ ڏکوين پر جيڪڏهن ڪو ٻئي ڳوٺ جو هنن تي اوچاٽ ڪري تہ سڀ ڳوٺ وارا گڏجي پهرين اخلاقي طور سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن نہ سمجهن تہ انهن کي ياد رکڻ جهڙي سيکت ڏيو ڇڏين. ڪو نوجوان نشي يا ٻي سماجي برائي ۾ ڦاسن تہ انهيءَ کي بہ سڀ سمجهائين نہ سڌريو تہ ان جو سوشل بائيڪاٽ ڪن، ڳوٺ جي ماڻهن ۾ ننڍا ننڍا تڪرار تہ ٿين ٿا پر ڪڏهن بہ ڪو وڏو جهيڙو نہ ٿيو آهي. ننڍن تڪرارن کي بہ بروقت فيصلو ڪري ختم ڪيو ويندو آهي. هن ڳوٺ مان اڄ تائين ڪابہ نياڻي والدين جي مرضي کانسواءِ گهران نڪري ڪورٽ تي وڃي پيار جو پرڻو نہ ڪيو آهي. ڪڏهن بہ ڳوٺ ۾ ڪارو ڪاري جو واقعو پيش نہ آيو آهي. ان جو سبب ڳوٺ وارا نياڻين جي پسند کي سامهون رکي سندن شاديون ڪرائين ٿا. ڳوٺ ۾ ٿيندڙ ڪاڄن کي سڀ ڳوٺ وارا پنهنجو ڪاڄ سمجهي سر هو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڪو غريب بيمار ٿئي تہ پنهنجي مدد پاڻ ڪريو اصول تحت انهن جي مالي مدد بہ ڪن ٿا، ڳوٺ جي نرالي ڳالهہ اها آهي تہ سنڌ ۾ هي پهريون ڳوٺ آهي، جتي ڳوٺ ۽ آسپاس جي ڪالونين ۽ ڳوٺن جا فيصلا ڳوٺ جي خاتون ماسي پٽل نوناري مرحومہ ڪندي هئي، 2014ع ۾ سندن انتقال ٿي ويو آهي. ماسي پٽل بهترين شاعر بہ هئي سندس مولود نعتون ۽ مرشد حضرت مخدوم نوح رحہ مخدوم طالب الموليٰ، مخدوم امين فهيم جي شان ۾ ۽ ٻي شاعري مشهور





آهي. جيڪا ڳوٺ جون عورتون خاص موقعن تي ڳائين ٿيون، سندس شاعري لکت ۾ نہ اچي سگهي آهي. پر هتان جون عورتون خاص موقعن تي ڳائين ٿيون، سندس ڌيءُ سڪينا نوناري ۽ ٻين ڳيچ ڳائيندڙ عورتن کي ياد آهي. شاعري ۾ پاڻ بهترين ڳيچ بہ ٺاهيا آهن جيڪي ڳوٺ جي ڪاڄن ۾ عورتون ڳائين ٿيون. ماسي پٽل درياءُ دل هئي غريب هئڻ جي باوجود سخي دل وڏي مهمان نواز هئي، پاڻ نہ صرف ڳوٺ پر علائقي جي مشهور سماج سڌارڪ خاتون هئي. پاڻ ننڍي هوندي کان ذوالفقار علي ڀٽو کان متاثر ٿي ۽ سندس مرشد مخدوم طالب الموليٰ جي ڪري پاڻ پ پ ۾ شامل ٿي ۽ پارٽي لاءِ جدوجهد ڪئي قربانيون ڏنيون، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شاهنواز ڀٽو مير مرتضيٰ ڀٽو، محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت تي نہ صرف ماسي پٽل پنهنجي گهر ۾ تڏو وڇايو پر هن ڳوٺ جي هر گهر ۾ تڏو وڇايل هو. ڳوٺ وارن گڏجي ٽيجها، چاليها ، ٻارا ها بہ ڪيا ۽ ڳوٺ جي عورتن جي اڪثر شهيد راڻي جي شهادت تي چاليهہ ڏينهن تائين ڪارا ڪپڙا پاتا، ماسي پٽل ڳوٺ وارن لاءِ ڇپر ڇانوءَ هئي. سندس ڪوشش سان ڳوٺ کي بجلي، سئي گئس، اسڪول جي بلڊنگ، فرش بندي، ڪني پاڻي جي نيڪال جي اسڪيم ملي، سياسي طور بہ پاڻ ڳوٺ جي اڳواڻ هئي هن ڳوٺ جي عورتن ۾ هڪ ٻيو ڪردار قزبانو نوناري بہ آهي. جيڪا بہ ڳوٺ وارن لاءِ ڇپر ڇانوءَ آهي. ماسي پٽل جي وصال بعد ڳوٺ جي جهيڙي نبيري پٽل نوناري جي ننهن ميڊم بيبل عرف بولي ۽ قزبانو نوناري ڪن ٿيون هن ڳوٺ جي قزبانو جو والد قادر بخش مثالي ٽيچر هو، جنهن سڀ کان پهرين پنهنجي نياڻين قزبانو کي 8 ڪلاس بعد ۽ امير بانو نوناري کي نائين ڪلاس تائين تعليم ڏياري ان بعد ڳوٺ ۾ نياڻين جي تعليم جو رواج پيو. سنڌ جي هي واحد ڳوٺ آهي جتي عورتن کي آزادي مليل آهي. جتي مرد عورتن تي ظلم، تشدد نہ ٿا ڪن، گهر جو سڄو ڪاروهنوار ڪان وٽي اولاد جي شادي عورتن جي مرضي سان ٿئي ٿي. هن ڳوٺ جي عورتن سان غير امتيازي سلوڪ نہ ٿو ڪيو وڃي. هي واحد ڳوٺ آهي جتي مرد سان گڏ عورتون دڪان هلائين ٿيون. ريڙهين تي پاڇيون ، آئيس ڪريم، ڪنفيشنري جو سامان وڪرو ڪن ٿيون. هن ڳوٺ وارا ڏاڍا باذوق ماڻهو آهن، سندن موسيقي سان ڏاڍي دلچسپي آهن، هتي غريب ڪان بہ غريب ماڻهو بہ ڪاڄ ۾ فنڪار کي ضرور گهرائي ٿو، ڏاريا دعوتي جڏهن هليا وڃن ٿا تہ رات

جو گهوٽ يا ڪنوار جي گهر ۾ عورتون مرد گڏجي راڳ ٻڌن ٿا ۽ گهورون گهورين ٿا. ڳوٺ وارن جي شادين جا سر گس بہ منفرد آهن، هتي سر گسن ۾ بہ عورتون مرد گڏ هوندا آهن، سر گس ۾ نچندي گهورون گهوريندي خوش ٿيندا آهن. وقت جي حالت موجب شادين ۾ جيڪي ماضي ۾ سوٽ سنوڻ ٿيندا هئا. اهي هاڻ ختم ٿي ويا آهن، ليڪن هن ڳوٺ ۾ ڪاڄن ۾ ماضي ۾ ٿيندڙ سنوڻ ساٽ جيڪي سنڌ جي ثقافت جي عڪاسي ڪن ٿا، اهي ڪيا وڃن ٿا. شهيد بينظير ڀٽو سان ڳوٺ وارن جي ايڏي تہ عقيدت آهي جو تقريبن هر گهر ۾ سندس تصوير لڳل آهي، جنهن کي هفتي ۾ هڪ بہ دفعا گلاب جي گلن جون مالهائون وجهن ۽ ماسي پتل جي نياڻي سڪينا نوناري سافڪو جي سهڪار سان اسلام آباد، لاهور، ڪوئيٽا، ملتان، ڪراچي، حيدرآباد ۾ عورتن جي حقن، مسئلن، هٽ جي هنر، هارياڻين، عورت مزدورن جي حقن جي حوالي سان ٿيندڙ ملڪي سيمينار ڪنوينشن ڪان وٺي هارياڻين جي حقن لاءِ حيدرآباد کان ڪراچي تائين عورتن جي پيادل لانگ مارچ ۾ شريڪ ٿي. هنن ڪنوينشن، سيمينارن ۾سنڌ جي عورتن جي بنيادي مسئلن، حقن جي لاءِ زوردار تقريرون ڪيون، قزبانو نوناري سافڪو ۽ ٻين تنظيمن جي پروگرامن ۾ ويندي رهي آهي. ڳوٺ جون اڻ پڙهيل عورتون بہ باشعور آهن، سياست کان وٺي هر موضوع تي بهتر انداز ۾ هڪ ٻئي سان ڪچهريون ڪن ٿيون ڪين عورتن جي حقن بابت ڄاڻ آهي. هتان جون عورتون باشعور تہ آهن پر سندن شعور کي وڌائڻ ۾ سافڪو جي سرواڻ سليمان جي ابڙو جو وڏو ڪردار آهي. سافڪو هن ڳوٺ جي عورتن کي ننڍين ڪاروبارن لاءِ قرض ڏئي ڪين پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ڳوٺ جون عورتون جا ننڍا تڪرار بہ ٿين ٿا پر بعد ۾ پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ ٿيون وڃن. ڳوٺ جي عورتن کي فنڪارن ۾ عابده پروين، فوزيہ سومرو، رونا ليليٰ، مصري فقير، ڦوٽو زرداري، ماسٽر منظور پسند جا فنڪار ڳوٺ جا مرد ڏينهن جو مزدوري ڪن ، شام کان رات تائين هوٽلن تي فلمون ڏسن جمع ڏينهن تاش پتي راند ڪيڏن، ڳوٺ وارا ڏارين ماڻهن کي ضروري ڪم ڪار ڪانسواءِ ڳوٺ ۾ اچڻ ڪونہ ڏين، ڇاڪاڻ تہ ڳوٺ ۾ عورتون آزادي سان گهمن ٿيون ۽ دڪانداري هلائين ٿيون. آيل مهمانن کي ڪٽ تي رلي وڇائي ڏين ماني کان سواءِ نہ ڇڏين، ڳوٺ ۾ وڏي غربت آهي. ڳوٺ وارا معاشي طور مستحڪم ناهن پر دل جا





سخي آهن ۽ هر حال ۾ الله سائين جو شڪر ادا ڪن ٿا، قزبانو نوناري ڳوٺ جي ٻارن جي اسڪول ۾ موڪلڻ لاءِ ڳوٺ جي غريب مريضن کي اسپتال ۾ ڪٽي داخل ڪرائيڻ رت جي ضرورت وارن مريضن کي رت هٽ ڪري ڏي ٿي، سماج سڌارڪ جي حيثيت سان ڳوٺ يا آسپاس وارن بستين جي ڳوٺاڻن جو پوليس ۾ مسئلو هجي، مختيارڪار، اي سي، سئي گئس، حيسڪو کان وٺي ڪنهن بہ سرڪاري ڪاتي جي آفيسرن ۾ ڪم هوندو آهي تہ قزبانو شاندار ڪردار ادا ڪري ٿي. آڌي اسر جو بہ ڪووٽن ڪم لاءِ اچي ٿو تہ بنا دير انهن جي ڪمن لاءِ مسئلن جي حل لاءِ هر طرح سان ڪوششون ڪري ٿي. قزبانو نوناري جيڪا انساني حقن جي هڪ تنظيم جي سانگهڙ ضلع ۾ خواتين ونگ جي صدر پڻ آهي سڪينہ نوناري وومين ورڪرز آرگنائيزيشن فار رورل ڊولپمينٽ جلال نوناري جي صدر آهي. هن ڳوٺ جي عورتن جون ناهيل رليون، پرت، گنجيون، پرسون سنڌ ۾ مشهور آهن. هٽ جي هنر جي ٽريننگ سافڪو پاران ڏياري وئي. هن ڳوٺ جي بياد وجهندڙ جلال نوناري جي وصال بعد سندس فرزند چگل خان نوناري وڏيروبنيو هن وقت احمد بخش نوناري چگو مڙس آهي پر غريب هئڻ ڪري ۽ بيمار رهڻ ڪري سياست کان پري آهي.

## جهول جڳن کان سانگهڙ ضلع جو تاريخي شهر

ضلع سانگهڙ جو مشهور قديمي ۽ تاريخي شهر جهول جنهن لاءِ اهو پهاڪو مشهور آهي تہ جهول متان وڃي اتي ڪتا اٽئي، يعنيٰ جهول ڪتن جي حوالي سان بہ مشهور آهي. جهول جو نالو اهو ڪئين پيو، هي شهر ڪڏهن ۽ ڪيئن آباد ٿيو، سنڌ جي تاريخ خاموش آهي. 2001ع ۾ جهول جي ادبي علمي دوست مسڪين محمد وارث خاصخيلي حضور بخش ۽ مون پيچ پٽائي پبلڪيشن پاران هن تاريخي قديم شهر تي ”جهول جڳن کان“ نالي سان ڪتاب ڇپرايو، جنهن ۾ اسان شهر جي علمي ادبي ، سماجي ، سياسي شخصيتن کان جهول جي ماضي حال بابت انٽرويو ڪيا ۽ انهن روايتن کي ٿورو چنڊي ڇاٽي شايع ڪيو. معلوم ڪيل انهن روايتن موجب ڪلهوڙن جي اوائلي دور ۾ موجوده جهول جي ڀنهي پاسن کان جتي ايريگيشن بنگلو آهي ان وٽان خيرو واهہ ۽ ريلوي ڦاٽڪ ويجهو جيڪو رستو سانگهڙ ميرپور روڊ سان ملي ٿو اتان محمد

علي واهه وهندا هئا. جيڪي سنڌو درياءُ جا ڦاٽ ٻڌايا وڃن ٿا. جيڪي صرف 6 ماهي وهندا هئا. واهن جي اونهائي ايڏي وڏي نه هئي جڏهن تار ٿي وهندا هئا ته ماڻهو انهن مان گذري سگهندو هو. ان دور ۾ به سانگهڙ کان شهدادپور ٽنڊو آدم جهول ڪچا رستا هوندا هئا. جتان اٺ، گهوڙن، ڍاند گاڏيون ۽ پيادل ماڻهو ايندا ويندا ها. ۽ انهن ٻنهي واهن تي موجوده جهول سامهون وڏا گهيڙ هوندا هئا. جتان پيادل ماڻهو گهوڙي اٺ سوار ۽ ڍاند گاڏيون گذرنديون هيون. جتي جهول شهر آهي اهو ٻنهي واهن جي وچ تي ۽ هيٺ هوندو هو. ان ڪي ماڻهو جهول چوندا هئا. جيڪو نيٺ سنڌي لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ اهي ٿورو هيٺ. جهڪيل ۽ ٻنهي واهن جي وچ وارو اهو علائقو جنهن ۾ قدرتي گاهه وٽڪار به ڏاڍي هوندي هئي.ان وقت هن جي آسپاس ڳوٺ آباد هئا انهن ۾ ڇيرلو، ڏام رڪي، جمعو خان ٽالپر، ساڏوٽي، ڪيتو جان ، گهنڊڻ، لياري، اپپور ۽ ٻيا شامل آهن، ان دور ۾ لياري ۽ ڏام رڪي هن علائقي جا ننڍڙا شهر هئا. جيڪي واپار جا به مرڪز هئا. بعد ۾ جهول جي ٻنهي پاسن کان وهندڙ واهه خبر ناهي ڪهڙن سببن ڪري ڦٽي ويا. انهن جا نشان اڄ به موجود آهن. امڪان آهي ته هي واهه ڪلهوڙن جي دور ۾ ڦٽي ويا هئا. چاڪاڻ ته ڪلهوڙن جي دور جي آخري وقت ۾ سنڌو درياهه جي ڦاٽ لهاڻو مان شهدادپور کان شاهو واهه ۽ شهداد واهه بجر واهه ڪڍي ٽالپرن کي ڏنل جاگيرون آباد ڪيون ويون. ممڪن آهي ته خيرو واهه ۽ محمد علي واهه ڦٽڻ بعد ئي جهول آباد ٿيو، ميرن جي اوائلي دور ۾ جهول ۾ چند سيدن، واڻين، خاصخيلي ۽ پچارن جا گهر هئا. وڏي عمر جا ماڻهو پنهنجي وڏن کان جهول بابت معلوم ڪيل معلومات موجب جهول جڏهن آباد ٿيو ته ننڍڙو ڳوٺ هو جتي 6 کن واڻين جا دڪان هئا. انگريز دور ۾ جڏهن چانهه جا فري ۾ اسٽال لڳائي ماڻهن کي چانهه جو چسڪو وٺائي چانهه جو موالي بنايو ويو ته جهول ۾ به 3 هوٽلون کليون جن ۾ سيٺ ٻاون مل، ڪشنو مل، سيٺ بچو مل انهن کان ڪافي سال بعد سيد غلام شاهه به هوٽل کولي. جهول جا وڏڙا ٻڌائين ٿا ته هتي ماضي ۾ مکڻ خاصخيلي جي وڏي اوطاق هوندي هئي جتي سگهڙن جون ڪچهريون ٿينديون هيون . ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ ڪلهوڙا حڪمران ديره غازي خان مان جيڪي ٻروچ سنڌ ۾ آندا جيڪي فوج ۾ به اهم عهدي تي به رهيا، انهن مان ٽالپرن ۽ لغارين ڪي موجود اپپور





جلالاڻين ڪي آٽي ساڏوٽي ۽ ڏامر ڪي ۾ آباد ڪيو. 1716ع ۾ جڏهن مير بجار خان ۽ ڪلهوڙن وچ ۾ لياري ۾ جنگ لڳي جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ ٻنهي ڌرين جا ماڻهو مرڻ بعد بجار خان ٽالپر سوپ ماٽي ۽ جهول ۽ لياري ويجهو هڪ ڪچو قلعو تعمير ڪرايو جيڪو بجار خان جو ڪوٽ سڏيو ويو جتي پهرين مير بجار خان جي خاندان وارن مان ڪجهه ماڻهن رهائش اختيار ڪئي بعد ۾ اتي سندن خاص ماڻهو رهندا هئا ۽ هاڻ رڳو ڪوٽ جي پيڙهه وجي بچي آهي اهو تاريخي ماڳ هاڻ مڪمل طور متجي ويو آهي ميرن جي دور ختم ٿيڻ کان چند سال اڳ مير صوبدار خان جي دور ۾ مير صاحبن جو ڍلون اوڳاڙڻ لاءِ ايندڙ عملو ڏام رڪي ۾ ڪئمپ قائم ڪندو هو 1942ع ۾ جڏهن حُر تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ مارشلا لڳائي وئي ۽ مسلمانن کي حرن جي مدد ڪرڻ جي حوالي سان شڪي نگاهن سان ڏٺو ويو کين گرفتار ۽ تشدد ڪيو ويو ته جهول ۾ آباد ٿيندڙ ڪافي خاندان هتان لڏي ويا 1940ع ۾ جهول انسپيڪشن بنگلو ٺهرايو ويو جيڪو ايريگيشن بنگلي وٽ آهي جنهن جي عمارت به ٻري رهي آهي باقي رهيل عمارت جيڪا به ڪرڻ تي آهي ان بنگلي ۾ مارشلا ڪورٽ قائم ڪئي وئي جنهن ۾ تڪڙا ڪيس هلائي حرن ۽ سندن مدد ڪندڙ سپني ماڻهن کي سزائون ڏنيون ويون ان زماني ۾ جهول ويجهو ڳوٺ محمد خان چنڙ ۾ حرن لاءِ لوڙهو قائم ڪيو ويو آسپاس جي ڳوٺن جي حرن کي ٻارين ٻچين اتي نظر بند ڪيو ويو ان مارشل لا دور ۾ آسپاس جي ڳوٺن وارا به انگريز ملٽري جي عتاب هيٺ هئا جڏهن ته حر وري انگريز جي جاسوسي ڪرڻ جي شڪ ۾ ڪافي ماڻهو ماريا. انگريز جي دور جي پڄاڻي کان ڪجهه سال اڳ مير الله بخش ٽالپر ميرجان محمد خان ٽالپر مير غازي خان ٽالپر ۽ ٻيا مير صاحبان جهول ۾ رهائيش اختيار ڪئي. ان دور ۾ مير الهه بخش خان ٽالپر جيڪو ان دور جي مشهور تعليمي درسگاهه جهونا ڳڙهه ڪاليج جو پڙهيل هو. اهو جهول وارن لاءِ ڇپر ڇانو بنيو، بيگناهه سنڌي مسلمانن کي انگريز ملٽري پاران ظلم ڪرڻ خلاف قانوني مزاحمت ڪئي ۽ پاڻ جهول شهر کي ترقي وٺرائن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو انهي زماني ۾ گڙنگ ڳوٺ مان بااثر زميندار حبيب الله خان پنيرو سونو خان پنيرو، محمد صديق پنيرو به جهول ۾ لڏي آيا ۽ حبيب الله جي اوطاق تي ديسي پرديسي مسافر اچي رهندا هئا. جن جي مهمانن وانگر خاطر طوازي ڪئي ويندي هئي. مير

الھ بخش خان ٽالپر بہ وڏو اوطاقي ۽ مهمان نواز هو، ماضي ۾ جهول ۾ جيڪي خاصخيلي ويٺل هئا ان جو وڏو دلاور خان خاصخيلي هوندو هو. 1932ع ۾ جوڌپور جي هڪ سيٺ جنهن جو نالو پنڊت گور رام ٻڌايو وڃي ٿو ان جهول ۾ جتي رحمت فيڪريٽري آهي. اتي ڪپهہ ڌاڳي جو ڪارخانو لڳايو، ان لاءِ ميرپورخاص مان مڪراني مزدور وٺي آيو. غلام رسول ولد محمد صالح مڪراني جو چوڻ آهي تہ جهول ۾ آباد مڪرانين جا وڏا اصل ۾ بمبئي ويجهو انڌيرو ڳوٺ جا هئا اتان 6 گهر لڏي ميرپورخاص ۽ اتان جهول ۾ ڪپهہ ڌاڳي واري ڪارخاني ۾ مزدوري ڪرڻ سانگي آيا ۽ هتان جا ٿي ويا. 1912ع ۾ شروع ڪيل راجا ريل ميرپورخاص کان نوابشاھ تائين پنڙي وچائي هلائي وئي ان سان عوام کي سفري سهولتون ميسر ٿيون، مشهور ليکڪ سائين الھ ورايو ٻهڻ پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي تہ هي علائقو انگريز خلاف حر تحريڪ جو مرڪز رهيو.1942ع ۾ مارشل لا لڳڻ بعد جهول کي ملٽري جو مرڪز بڻايو ويو. هتي مارشل لا ڪورٽن ۾ 4 فوجي آفيسر جج مقرر ڪيا ويا. 3 ڄڻا ليفٽيننٽ جي عهدي کان وٺي مئنيجر جي عهدي تائين هڪ ڪرنل کي چيف جج جي حيثيت سان مقرر ڪيو ويو هو. ان مارشل لا ۾ لئمبرڪ جي چوڻ موجب تہ هندستان جي جنگ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو حرن خلاف جديد ترين هٿيارن سان گڏ آمريڪا کان ٻي جنگ عظيم وارا بمبار جهاز اوڌرا وٺي حرن وارن علائقن م بم وسايا ويا، حر تحريڪ جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ جهول واري علائقي ۾ حرن جي ڳوٺن ۾ انگريز ملٽري گهڙي عورتن، مردن تي تشدد ڪندا هئا ڦرلٽ بہ ڪندا هئا . ۽ کين گرفتار ڪري سندن گهرن کي باهيون ڏئي ڇڏيندا هئا. جهول کي ترقي ڏيارڻ جهول واسين لاءِ ڇپر ڇانو بڻيل مرحوم الھ بخش ٽالپر تحريڪ خلافت جي هلچل ۾ حصو ورتو ان دور ۾ پاڻ والد مير فيض محمد جي انتقال بعد ناناڻن وٽ ٽنڊو جان محمد ۾ وڃي رهيو هو ۽ پاڻ خلافت واري تحريڪ جو ضلعي ٿرپارڪر لاءِ جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو ان تحريڪ دوران 1920ع ۾ پاڻ ان وقت سنڌ جي قومي اخبار الوحيد جو 4 سال ايڊيٽر رهيو. علامہ عنايت الله مشرقي جي خاڪسار تحريڪ کان متاثر ٿي ان ۾ شامل رهيو ۽ پاڻ ماهوار خاڪسار رسالو شايع ڪيو. خاڪسار تحريڪ جي اڳواڻن سان گڏ بمبئي ۾ آل انڊيا خاڪسار اجتماع ۾ شريڪ ٿيو. جنهن ۾ گانڌي بہ





شريڪ هو.. جهول علائقي ۾ ڪنهن بہ غريب سان ڪير بہ زيادتي ڪندو تہ پاڻ اتي ڪڙو ٿيندو هو، غريبن جي همدرد ۽ مددگار رهيو پاڻ 21 جولاءِ 1953ع تي هڪ ڪار حادثي ۾ انتقال ڪري ويو، سندن وڏو فرزند مير ضعيم الدين ٽالپر ايڊووڪيٽ وڏي سياسي سماجي انسان دوست شخصيت ۽ وڏو ليکڪ ۽ شاعر بہ ٿي گذريو آهي. سندس فرزندن ۾ الھ بخش خان ٽالپر مير ناظم الدين مير افسرالدين جو ويجهو عزيز مير جان محمد خان ٽالپر بہ سندس ويجهو رهڻ ڪري ڪافي خوبين جو مالڪ، هر دلعزيز شخصيت هو. پاڻ 22 جولاءِ 1912ع ۾ جنم ورتو پاڻ سخي مرد ، يار ويس، مهمان نواز، غريبن جو همدر هو، 1939ع ۾ خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيو. جڏهن تہ آل انڊيا مسلم ليگ سنڌ جو سنجهورو شاخ جو صدر پڻ رهيو. ون يونٽ خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ سرگرم رهيو. 60ع ۾ ۽ جهول شهر ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا. 65ع ۾ پيهر شهر وارن ڪيس چيئرمين چونڊيو سندس وفات تي جهول واسين کي ائين لڳو جهڙو سندن عزيز انتقال ڪري ويو هجي. سندس وصال کانپوءِ جهول وارن سان ڪا زيادتي ٿيندي هئي يا ترقياتي ڪمن ۾ نظر انداز ڪيو ويندو هو تہ جهول وارا اکين ۾ لڙڪ آڻي چوندا هئا تہ مير جان محمد نہ مري ها تہ ائين نہ ٿئي ها، پاڻ 28 اپريل 1981ع تي وصال ڪري ويا سندن اولاد ۾ 6 فرزند مير مقصود عالم، مير مسعود عالم، مير منصور عالم، مير عرفان عالم، مير ريحان عرف مير رضوان ٽالپر، مير عمران عالم هنن مان مير عرفان عالم ۽ مير مقصود عالم وصال ڪري ويا آهن. جهول جا شر، لسڪاٽي بہ قديمي رهواسي آهن جهول جي موجوده جامع مسجد قديم مسجد آهي. روايتون آهن. مسجد ميرن جي دور جي آهي، جيڪا الھ بچايو چاڪي نالي هڪ نيڪ مرد تعمير ڪرائي هئي. جڏهن هو لڏي ويو تہ مسجد ڀري شهيد ٿي وئي. جڏهن حاجي محمد صالح شر وارا آباد ٿيا تہ کين ڪنهن ٻڌايو تہ جتي واڙيا مال جا ڇيڻا ۽ گند اڇلائين ٿا اتي مسجد شريف هئي اهو ٻڌندي محمد صالح وزير خان شر پنهنجي پٽن، پائيٽن کي وٺي اهو ڪچرو ڪٽائڻ شروع ڪيو تہ واڙين گوڙ ڪيو، واڙين سيٺ ڪلياڻ داس جي اڳواڻي ۾ تحريڪ هلائي ۽ انگريز سرڪار کي تارون ڪرڻ تي پوليس انڪوائري لاءِ پهتي، مير الھ بخش ٽالپر اهو ٻڌو تہ پاڻ مرادو اتي پهتو ۽ آفيسرن کي چيو تہ ان هنڌ گڏ ٿيل ڪچرو صاف ڪرايون ٿا اگر مسجد جا نشان

ظاهر ٿيا تہ پوءِ مسجد هئي. جڏهن ائين ڪيو ويو تہ مسجد جو محراب ظاهر ٿيو ان تي مير الهہ بخش پوليس آفيسر تي دٻاءُ وڌو تہ واٽيا مذهبي فساد ڪرائڻ چاهين ٿا، ان تي پوليس 5 مسلمانن ۽ 20 واٽين تي ڪيس داخل ڪيو ان بعد واٽيا مير الهہ بخس وٽ ميڙ وٺي آيا تہ معافي ڏيو، اسان کي مسجد جي خبر نہ هئي. بعد ۾ اتي شهر جي معززين گڏجي مسجد تعمير ڪرائي ماضي ۾ جهول ۾ 3 کوهہ هوندا هئا. جتان رهواسي پاڻي ڀريندا هئا مارڪيٽ وٽ کوهہ تي نار لڳل هوندو هو، زمين تي پاڻي جي ٽانڪي ٺهيل هوندي هئي. بعد ۾ مسجد لاءِ الڳ کوهہ کوٽايو ويو، محمد صالح شر مذهبي شخصيت سان گڏ وڏو سخي ۽ مهمان نواز هو. پاڻ غريبن کي رهائش لاءِ چار ايڪڙ زمين ڏني پرائمري اسڪول لاءِ پلاٽ ڏنو جتي سندن گهر آهن اهو اڄ بہ جهول شهر ۾ ڳوٺ محمد صالح شر جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. محمد صالح شر خاڪسار تحريڪ ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو سندس وڏا اوٻاڙو ضلعو گهوٽڪي جا هئا جتان لڏي باڪوڙو وٽ ڳوٺ خير محمد لغاري وٽ اچي ويٺا جتان 42ع کان اڳ اتان کان لڏي جهول ۾ اچي آباد ٿيا.ماضي واري زماني ۾ محمد صالح شر مير علي شر جون اوطاقون بہ مشهور هيون محمد صالح شر جو فرزند حاجي عبدالرحيم شر هر دلعزيز شخصيت سان گڏ وڏو تاريخي مذهبي ڪتابن سان دلچسپي رکندڙ آهي. سندس ٻيو فرزند حاجي عبدالرحمان شر روحاني شخصيت آهي، نوري علم جو ماهر آهي، پاڻ ديني ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺي ٿو سندس ڪجين جو باغ آهي پاڻ ڪجور وڪرو ڪرڻ جي بجاءِ غريبن ۽ معصوم ٻارن ۾ مفت ۾ ورهائيندو آهي جهول ۾ مير الهہ بخش ٽالپر جي ڪوشش سان ترقياتي ڪم ٿيا. پاڪستان ٺهڻ بعد وڏي تعداد م مهاجر هتي آباد ٿيا. ڪليمن ذريعي هندن جون زمينون، دڪان، گهر ۽ ٻيون ملڪيتون هنن کي ڏنيون ويون. هن وقت جهول ۾ ٽائون ڪميٽي، هيلٿ سينٽر، پوليس ٿاڻون، ايريگيشن بنگلو، جانورن جي اسپتال، فيميلي پلاننگ سينٽر، هائير سيڪنڊري اسڪول کان ڪافي پرائمري اسڪول، هنري اسڪول، گرلس هاءِ اسڪول ڪجهہ ڦٽين جا ڪارخانا، فلور مل آهي. ٽائون ڪميٽي جهول 08 واردن تي مشتمل آهي.هتان جي اديبن، شاعرن ۾ الهہ ورايو اداسي، عبدالقادر، معصوم سانگهڙائي مرحوم، نور چاڪراڻي، غلام حيدر خاصخيلي، حضور بخش ڀڙ، علي محمد اداسي، مير حضور





ٽالپر مرحوم، سيد علي ڏنو شاهہ مرحوم ۽ ٻيا آهن جهول ۾ خدا بخش ڪيريو جديد مارڪيٽون جوڙائي شهر جي خوبصورتي ۾ اضافو ڪيو . جهول جي مشهور ولي الله ۽ سيد مهر علي عرف نانگو شاهہ سندس مزار گٽنگ لنڪ روڊ تي آهي ميرن جي دور جو بزرگ ٻڌايو وڃي ٿو، هن بابت تفصيلي ڄاڻ نہ ٿي ملي، صرف ايترو معلوم ٿيو آهي تہ پاڻ مشهور بزرگ هو. پاڻ جيلاني سيد هو. ڪنڊو فقير، حضرت حاجي قادر بخش عرف ڪنڊو فقير ذات جو ٻنپرو سندس تعلق حضرت مخدوم نوح سرور رحہ سان هو. پاڻ هڪ دفعي مشهور ولي الله موهڙه شريف جي بزرگ حضرت محمد قاسم رحہ جن وٽ حاضر ٿيو. اتي رهي ان جي خدمت ڪئي. اتان کين فيض مليو، روايت آهي تہ حضرت قاسم فقير هن بزرگ لاءِ چيو تہ مون سڄي زندگي جيڪو ڪير ولوڙيو ان مان مکڻ هي سنڌي فقير کنيو ٻيو وڃي. باقين ٻين طالبن لاءِ لسي لپ اڻ ڪٺ، جڏهن فقير کي فيض مليو تہ کيس واپس ڳوٺ وڃڻ جي مليل حڪم تي واپس آيو ۽ پاڻ عام ماڻهن کي فيض ڏنو پاڻ صاحب ڪرامت هو پاڻ گهڻو وقت عبادت ۾ گذاريندو هو. چلا بہ ڪڍيا پاڻ 17 ربيع الاول 1277هہ ۾ وصال ڪري ويو. جهول جي ٻين ولي الله ، سيد هاشم شاهہ مسڪين شاهہ عرف ڀڏي وارو پير، سيد مهر شاهہ حاجي فرحان خان شاهہ عرف، بابا چراغ دين ۽ ٻين بزرگن جون مزارون آهن، جهول جي مشهور سياسي شخصيتن ۾ راڻا عبدالستار، محمد ايوب خاصخيلي، ڊاڪٽر هاشم خاصخيلي، اويس خاصخيلي، مير ريحان ٽالپر، نويد وساڻ، علي ڏنو خاصخيلي، رشيد خان مري بہ آهن، جهول ۾ ڪيريہ خاندان جو سياست ۾ وڏو ڪردار آهي، ان جو احوال الڳ باب ۾ شامل آهي.

# باب چوٿون

## سنڌ جا ڪجهه مشهور خاندان ۽ انهن جون سياسي سماجي خدمتون

### چام ڪانڀو خان کان چام معشوق علي خان تائين

سنڌ ۾ هڪ چوڻي ڏاڍي مشهور آهي تہ تون "چام ڪانڀو خان آهين ڇا يا تو چام ڪانڀو خان جو پٽ آهين ڇا"؟ واقعي ۾ بہ چام ڪانڀو خان چام ڪانڀو خان هو. چام ڪانڀو خان ڪير سڏائي؟ چام ڪانڀو خان سنڌ جو سخي سنڌ جو حاتم طائي هو. چام ڪانڀو خان وارا پاڻ ۾ 3 پائر هئا چام ڪانڀو خان، چام مٺا خان ۽ چام جان محمد خان، پاڻ وقت جي مشهور زميندار چام محمد شريف جي گهر ۾ 1305هہ ۾ جنم ورتو پاڻ ننڍي هوندي کان سنجيده، سچار، غريبن جو هڏڏوکي، غريبن، فقيرن، فقراءَ جي مدد ڪندي خوشي محسوس ڪندو هو. پاڻ وقت جو حاتم طائي هو. سندس سخاوت ان وقت سنڌ يعني ملتان ۽ بمبئي، بلوچستان تائين مشهور هئي، پاڻ روزانہ فجر جي نماز پڙهڻ، قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ بعد گهوڙي تي چڙهي جاگير تي وڃي فصل ڏسند هو صبح جو 10 وڳي ڊاري پنهنجي اوطاق تي ايندو هو جتي سوالي، فقير فقراءَ وڏي تعداد ۾ موجود هوندا هئا. سندس اچڻ کان اڳ سندس نوڪر ڪاٺ جي وڏي پيتي جيڪا چاندي جي رپين سان ڀريل هوندي هئي. سامهون رکي ايندڙ سوالين کي مٺ ڀري ڏيندو هو. ڪيترائي سوالي ٻڪ ڀريل پئسہ وٺڻ ڪانپوءِ بہ گهوڙن، مينهن، انن ۽ ٻئي چوپايو مال ڏيڻ جو سوال ڪندا هئا تہ انهن کي اهي ڏئي ڇڏيندو هو. سندس مهمان نوازي بہ مشهور هئي خاص و عام لاءِ تقريبن ساڳي ماني ڊاکن ۾ ڊڪجي ايندي هئي پاڻ صوفيانہ راڳ، پلن گهوڙن جو وڏو شوقين هو. 100 کان وڌيڪ گهوڙا وٽن هوندا هئا. جڏهن تہ ٻيلا اٺ، مينهون، ڍڳيون، ٻڪريون، هرڻ ڦاڙا بہ ڏاريا، ڪيترن ئي سوالين کي چاندي جي سنجن سميت گهوڙا ڏئي ڇڏيندو هو. پاڻ سياست کان پري رهيو سياست وارو ڪم پنهنجي پائرن چام مٺا خان ۽ چام جان محمد خان حوالي ڪيو.

چام مٺا خان ۽ چام جان محمد خان بمبئي اسيمبلي جا ميمبر بہ رهيا ان دور ۾ بمبئي اسيمبلي جو ميمبر هجڻ وڏو اعزاز هوندو هو. سندن حيثيت اڄ جي وزير اعليٰ جيتري هوندي هئي. چام ڪانڀو خان حضرت





شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو مريد هو. سندن لاءِ اهو مشهور هو تہ هونءَ تہ وقت بہ وقت پنهنجي مرشد جي مزار جي زيارت لاءِ ويندو هو پر هو لطيف سائين جي عرس مبارڪ ۾ بہ ڏينهن اڳ پهچي ويندو هو. ۽ زائرين لاءِ لنگر عام هلائيندو هو. لطيف جي ميلي لاءِ سوين اٺ سيڌي سامان جا ۽ سوين ٻڪر، ڍڳا گوشت لاءِ پاڻ سان آڻيندو هو. جڏهن تہ چاندي جي رپئن سان انن جا ٻورا ڀرائي ايندو هو ۽ اتي بہ فقير فقراءَ کي ٻڪ ڀري ڏيندو هو. ميلي ۽ ملاکڙي ۽ راڳ رهاڻ جي محفلن ۾ بہ وڏي سخاوت ڪندو هو. ملهن ۽ فنڪارن کي تہ چاندي جي رپئن جا ٻڪ ۽ جهوليون ڀري ڏيندو هو. سندس ٻين بزرگن سان بہ عقيدت هوندي هئي ۽ انهن جي مزارن تي بہ ويندو هو. گهوڙاٽيون ڪچهريون شوق سان ويهي ٻڌندو هو. سندس ويجهن دوستن ۾ سر شاهنواز ڀٽو، سيد محمد علي شاهہ چاموٽ آف متياري، نواب نبي بخش خان ڀٽو، نواب غيبي خان چانڊيو، مير بنده علي تالپر بہ شامل هئا. ڪيس بمبئي اسيمبلي پاران ڀلائي جا ڪم ڪرڻ جي خدمت جي اعتراف طور ايوارڊ ڏنو. سوين نوڪر چاڪر هئڻ جي باوجود مهمانن توڙي فقير فقراءَ کي ماني پنهنجي هٿن سان کارائيندا هئا. پنهنجي مرشد لطيف سائين سان عقيدتمند جي اها حد تہ پاڻ ڀٽ شاهہ کان ميل ڏيڍ پوئتي پنهنجي نوڪرن چاڪرن سان گڏ گهوڙن تان لهي اتان کان پير اگهاڙا ڪري پيرين پنڌ ايندا هئا ۽ وري ڀٽ شاهہ کان ميل ڏيڍ ٻاهر نڪري جتي پائي سوارين تي چڙهندا هئا. ڪين 2 فرزند چام صادق علي خان ۽ چام شير علي خان هئا. چام صادق علي خان ڊسمبر 1935ع ۾ جنم ورتو. چام صادق علي خان والد جي چند روايتن مهمان نوازي، غريبن جي مدد سخاوت کي قائم رکيو پر والد واري چوپائي مال سان دلچسپي، مرشد لطيف سان عقيدت برقرار نہ رکي سگهيو. ايتري قدر جو پاڻ سنڌ جي وڏ وزارت دوران مرشد جي درگاهہ توڙي ڀٽ شاهہ شهر ۾ ڪو خاص ترقياتي ڪم نہ ڪرائي سگهيو سواءِ ان جي تہ ميلي ۾ سرڪاري خرچ تي هڪ ڏينهن جي زائرين لاءِ مهماني ڪرڻ جي پاڻ ميلي ۾ وچن ڏينهن تي ايندڙ سيني زائرين کي پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ ڪاڏو ڏيڻ جو اعلان ڪيو پر سندس اها سرڪاري مهمان نوازي بيوروڪريٽ جي ڪرپشن جي ور چڙهيل هوندي هئي 20 هزار ڪن چانورن جون ٿيلهيون جن ۾ نالي ماتر گيهہ ۽ گوشت هو اتي ورهايون ۽ اهڙي بدنظمي سان چانورن جي ڳِرهہ

لاءِ ماڻهن تي پوليس ڏنڊا وسندا هئا. ڄام صادق کي ننڍي هوندي کان سياست جو شوق هو. ۽ پاڻ ذهين سياستدان ثابت ٿي گذريو آهي. پاڻ سنڌ جي وڏ وزارت دوران پاڻ پ پ جي ڪيترا ئي نامور جيالا لٽ ۽ چٽ ڏيکاري ڄام گروپ ۾ شامل ڪيا. ۽ پاڻ سرڪاري خزاني مان دوست نوازيا، ڄام ڪانپو خان ڪانپوءِ بہ سندس اوطاق تي مهمان نوازي وارو سلسلو جاري رهيو. ڄام صادق علي خان ڪئين خوبين جو مالڪ ۽ ڏکيو ماڻهو بہ هو. پاڻ باقائده سياسي زندگي جو آغاز 1954ع کان ڪيو. پاڻ حضرت پير سائين پاڳارو سان گڏ مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان سياست ڪئي. ايوب خان جي دور ۾ پارليامينٽ جو سيڪريٽري رهيو بعد ۾ آزاد اميدوار جي حيثيت سان سنڌ اسيمبلي تي وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي. بعد ۾ مخدوم طالب المولىٰ سان نيازمندي هئڻ ڪري انهن جي چوڻ تي پ پ ۾ شامل ٿيو ۽ پاڻ بلديات جو وزير ٿيو ۽ پاڻ صوبائي وزيرن ۾ هڪ پاور فل وزير رهيو. ان وقت پاڻ پنهنجي علائقي ۽ سنڌ ڌرتي جي ترقي لاءِ ڪم ڪيا. ماڻهن کي بنيادي سهوليتون ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪو بہ اعلان ڪندو هو تہ ان تي باقائده عمل ڪرائيندو هو. پاڻ سنڌ ۾ خاص طور ضلع سانگهڙ ۾ سياسي شاگرد پيدا ڪيا. سندس دعوىٰ هئي تہ پين ڪانسواءِ شاهنواز جوڻيجو، فدا حسين ڏيرو، عبدالسلام ٿهيم بہ سندس سياسي شاگرد آهن. جنرل ضياءَ الحق شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت ختم ڪري ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي پ پ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن تي ظلم جا جبل ڪيرايا ان ۾ ڄام صادق علي خان تي بہ لاتعداد ڪيس داخل ڪيا ويا جن ۾ 6 حرن جي قتل وارو ڪيس بہ شامل هو. پاڻ لنڊن ۽ دبئي ۾ رهڻ لڳو ۽ دبئي ۾ واندو ويهڻ بجاءِ ڪاروبار ڪيو. پاڻ لنڊن ۽ دبئي ۾ بہ پنهنجي رهائش گاهہ کي ڄام هائوس جو نالو ڏنو ۽ اتي بہ سنڌ مان ويندڙ واسطيدار ماڻهن جي مهمان نوازي ڪندو هو. 1988ع ۾ پ پ پ حڪومت اچڻ بعد پاڻ مرادي جلاوطني ختم ڪري وطن موٽيو تہ ڪراچي ۾ سندس استقبال ڪرڻ لاءِ ماڻهن جو سمنڊ اٿلي پيو. ڄام صادق علي خان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو سچو ساٿي ۽ ثابت قدم رهڻ وارو ۽ پ پ پ ۾ قربانيون ڏيندڙ هئڻ جي باوجود پ پ دور نامعلوم ڇو ڪيس اها اهميت نہ ڏني جيڪا هن کي ملڻ گهربي هئي پ پ ۾ قدر نہ ٿيڻ ڪري پاڻ پ پ پ کي الوداع ڪيو. صدر غلام اسحاق خان 5 سالن لاءِ چونڊيل پ پ پ





حڪومت کي ختم ڪري نگران حڪومت قائم ڪئي تہ سنڌ ۾ نگران حڪومت جو نگران وڏو وزير ڄام صادق علي خان کي بنايو ويو. 1990ع جي چونڊن ٽنڊو آدم جي صوبائي اسيمبلي جي سيٽ تان پ پ پ اميدوار فدا حسين ڏيرو کي هارائي پاڻ ڪامياب ٿيو ۽ پنهنجي ڏاهپ، سياسي دنيا جو وڏو ڪلاڙي هئڻ ڪري پاڻ سنڌ جو وڏو وزير بنايو ويو. ڄام صادق علي خان جي وڏ وزارت وارو دور سياسي انتقامي ڪاروائين جي دور سان گڏ سخاوت ۽ سنڌ جي ترقي وارو دور بہ سڏيو وڃي ٿو. ڄام صادق علي خان سان ڪنهن جا سوين اختلاف پنهنجي جڳهہ تي ليڪن هن جو اهو ڪارنامو آهي تہ ان وقت شهرن ۾ دهشتگردي ڀهراڙين ۾ ڌاڙيل راڄ ماڻهن جو جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو. شهرن ۾ ماڻهو سنڌي اجرڪ ٽوپي پٽڪو پائي نہ ٿي سگهيا. خاص طور ڪراچي ۾ سنڌين تي بنا ڏوهہ جي مارو ماري هئي ڀهراڙين ۾ ڌاڙيل ڏينهن ڏٺي جو اغوا جون وارداتون ڪرڻ لڳا. هن پنهنجي دور ۾ پنهنجي حڪمت عملي ذهانت سان شهرن ۾ دهشتگردن جو راڄ ختم ڪيو ڀهراڙين ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن ڪري هڪ سئو کان وڌيڪ بدنام انعام يافتہ ڌاڙيل مارائي سنڌ ۾ مڪمل امن امان بحال ڪرايو. ڄام دور ۾ سنڌي ماڻهو سنڌي ٽوپي، پٽڪو، اجرڪ پائي مچون وٽي ڪراچي ۾ بنا ڊپ جي گهمندا هئا. ڄام دور ۾ هزارين بي روزگارن کي روزگار مليو. سنڌ ۾ ترقياتي ڪم ٿيا. ڄام هائوس ڄام نواز علي ڪراچي تي ڪم ڪارين وارن ماڻهن جا ميلا متل هوندا هئا جن جا نہ صرف ڪم ڪاريون ٿيندا هئا پر ڪين ماني بہ کارائي ويندي هئي ڪيترائي غريب ڪرايو بہ وٺي ويندا هئا. هن بلا امتياز عوام جي خدمت ڪئي. پاڻ نواب زاده ۽ سنڌ جو وڏو وزير هئڻ جي باوجود فقيراڻي طبيعت جو مالڪ هو. ڪابہ وڏائي نہ هئن پاڻ يارن جو يار هو. جن سان دوستي هئن انهن کي انهن جي توقع کان وڌيڪ نوازيو. زندگي جا آخري ڏينهن پاڻ بيماري ۾ گذاريا ڪين ڪاري ڪامڻ "سائي" بہ لاعلاج بنجي وئي ۽ ان وقت ڪاري ڪامڻ جو ڪو بهتر علاج نہ هو. پاڻ 5 مارچ 1992ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. سندس آخري سفر ۾ لکين ماڻهن شرڪت ڪئي عوام ۾ سندس مقبوليت جو اندازو ان مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ سندس آخري سفر ۾ هر طرف روڄ راڙو هو.

ڪيس پنهنجي والد جي پير ۾ اباڻي قبرستان ۾ ڌرتي ماءُ جي

هنجَ حوالي ڪيو ويو. سندس وفات کان ڪجھ سال بعد سندس قبر تي ڪنهن دهشتگردي ۾ انساني سوز حرڪت جو مظاهرو ڪندي بم ڌماڪو ڪرايو. سندس پهرين ورسي سٺي نموني تي ان بعد سندس ورسيون وڏي ليول تي ملهائڻ جو سلسلو بند ٿي ويو.

ڄام صادق علي خان پويان نياڻين کانسواءِ 3 پٽ ڄام معشوق علي خان، ڄام عاشق علي خان، ڄام ذوالفقار علي خان سوڳوار ڇڏيا ۽ ڄام خاندان جي پڳ ڄام معشوق علي خان تي آئي، منهنجي ساڻس وڏي نياز مندي هئي، ساڻن ڪيترين ئي ساروڻيون وابسته آهن، انهن جو ذڪر ڪبو ته هي آرٽيڪل طويل ٿي ويندو، ڄام ڪانڀو خان جو ٻيو نمبر فرزند ڄام شير علي خان هو، سندن جنم 7-6-1937 تي ٿيو. پاڻ سياست کان پري رهيا پر سخاوت مهمان نوازي ۾ پنهنجي دور ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. والد وانگر پنهنجي مرشد لطيف سائين سان وڏي عقيدت رکندڙ سنڌ جي ميلن، ملاڪڙن ۾ شرڪت ڪرڻ اتي ملهن، فنڪارن کي انعام ڏيڻ پلا گهوڙا ڏارڻ گهوڙي سواري ڪرڻ جا شوقين هئا. ڳالهائڻ جو انداز ڏاڍو پيارو هوندو هئن ڳالهائڻ ۾ وڏو ميٺاس هئن. ڪچهرين جا ڪوڏيا. يارن جا يار غريبن جا همدرد ڪيترن ئي غريبن جي هڪ هٿ سان ڏي ته ٻئي هٿ کي خبر نه پوي وانگر مدد ڪندا هئا غريبن جي نياڻين کي ڏيج وٺي ڏيڻ غريب شاگردن جي مدد ڪندا هئا. ڪابه وڏائي نه، غريبن سان غريب، اميرن سان امير هوندا هئا. غريبن کي به اميرن جيتري عزت ڏيندا هئا. سندس وصال 7-7-2004 تي ٿيو. سندس اولاد ۾ ڄام نياز علي خان، ڄام نور علي خان، ڄام نفيس علي خان آهن. ڄام نور علي خان جو انداز ۽ ڪردار ڏاڍي ڄام ڪانڀو جهڙو آهي. ڄام دور ۾ ڄام هائوس تي صبح کان رات دير تائين ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ويٺا هوندا هئا. سخاوت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ ڪڏهن به ڪنهن به سوالي کي خالي نه موٽايو. ڪيس هن دور جو حاتم طائي يا ڄام ڪانڀو خان چئجي ته وڏاءُ نه ٿيندو. گهوڙن ۾ ڳوناٽيون ڪچهريون ٻڌڻ جا شوقين، سنڌ ۽ سنڌ جي ثقافت سان عشق ڪندڙ، وڏو مهمان نواز، ذهين شخصيت جو مالڪ آهي سندس وڏو پاءُ ڄام نياز علي خان زمينداري سنڀالي ٿو مهمان نواز يار ويس غريبن جو همدرد آهي. ڄام نفيس علي خان پاڻ سماجي ڪمن ۾ دلچسپي رکندڙ ذهين شخصيت جو مالڪ آهي. پاڻ تعلقه ميونسپل ڄام نواز علي جا تعلقه ناظم رهڻ





دوران تعلقه ۾ وڏا ترقياتي ڪم ڪرايا. ڄام ڪانڀو خان جا ٻه پائر ڄام مٺا خان ۽ ڄام جان محمد خان جن جو مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون، ته پاڻ پنهنجي دور جون مشهور سياسي ۽ سماجي شخصيتيون هيون. ڄام مٺا خان کي اولاد نه هو. جڏهن ته ڄام جان محمد خان کي 4 پٽ هئا ڄام امير علي خان، ڄام انور علي خان، ڄام سبب علي خان، ڄام ڪرم علي خان، ڄام امير علي خان مرحوم کي 4 پٽ. ڄام محبوب علي خان، ڄام مراد علي خان، ڄام سعادت علي خان، ڄام صداقت علي خان، ڄام امير علي خان غريبن جا همدرد مهمان نواز هئا. پاڻ بهترين ۽ ناميارا سياسي، سماجي شخصيت جا مالڪ به هئا. پاڻ ان وقت لوڪل باڊيز جا ميمبر به هئا. ان حيثيت سان علائقي ۾ ترقياتي ڪم به ڪرايا.

ڄام انور علي خان جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون، پنهنجي چاچا ڄام ڪانڀو خان وانگر مهمان نواز، غريبن جو هڏڏوڪي انتهائي نازڪ نفيس، يارن جو يار دوستن ۾ ڪم ڪارين لاءِ اوطاق تي ايندڙن کي پليون مانيون کارائي خوش ٿيندو هو. پاڻ مشهور سياسي شخصيت به هو. سندس اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ جو انداز باقائده نوابن وارو هو. سچار، مخلص، واعدي جو پڪو، ذهين، سنجيده شخصيت جو مالڪ هو. سندس فرزند ڄام حيدر علي خان، ڄام مدد علي خان، ڄام نظام الدين خان، ڄام سيف علي خان، ڄام شبير علي خان، ڄام طارق خان آهن. ڄام مدد علي خان سنڌ جي مشهور سياسي سماجي شخصيت آهي. سندس جنم ڊسمبر 1962ع تي ٿيو. باقائده سياست ۾ 1990ع کان آيا. 3 دفعا سنڌ اسيمبلي جا ميمبر چوندبيا آهن. 2008ع کان 2013ع تائين مختلف کاتن ۾ وزير به رهيو. پ پ جي حڪومت ۾ سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جو ليڊر به رهيو. ارباب رحيم دور ۾ پاڻ پبلڪ اڪائونٽ ڪميٽي جا چيئرمين رهيا پاڻ يار ويس، ڪل مک ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندڙ مهمان نواز، سادگي پسند روايتي سياستدانن وانگر ڪوڙا واعدا ڪرڻ جي خلاف تڪ ۾ ووٽرن کي وقت ڏيندڙ تڪ جي ماڻهن ۾ يارن دوستن، واقفڪارن وٽ غمين خوشين ۾ وقت تي پهچندڙ بنا فرق جي عوام جي خدمت ڪندڙ آهي. ڄام سبب علي کي پٽ جو اولاد نه هو ڪيس ٻه نياڻيون هيون. پاڻ خير خيراتون غريبن جي مدد ڪرڻ ۾ مشهور هو. ڄام ڪر علي خان، پاڻ مشهور سياسي شخصيت آهن. مختلف پارٽين ۾ رهيا آهن. پاڻ نگران

صوبائي وزير بہ رهيا آهن. پاڻ منفرد ۽ نرالي طبيعت جا مالڪ نازڪ نفيس آهن. سندس اولاد ۾ ڄام قائم علي خان، ڄام فاروق علي خان آهن. ڄام قائم علي خان پڻ سياست ڪري ٿو.

ڄام صادق علي خان جو پڳدار ڄام معشوق علي خان 2 دفعا وفاقي وزير بہ رهيو آهي. پاڻ گهڻو وقت ٻاهرين ملڪن ۾ خاص طور دبئي ۾ رهيا آهن. اليڪشن ۾ سندس ووٽر اهائي شڪايت ڪندا آهن تہ اوهان چونڊن بعد ڪٿيو يا هارايو ٿا پر ووٽرن کان پري رهو ٿا، هن وقت پاڻ وزير اعظم جا صلاحڪار آهن. ڄام ذوالفقار علي خان ذهانت اٿڻ ويهڻ ڳالهائڻ جو انداز بلڪل والد وانگر ۽ والد وانگر يارن جو يار اقتدار ۾ هجي يا حذب اختلاف ۾ عوام جي خدمت جاري رکندا اچن عوامي خدمت افضل عبادت سمجهي ڪندا رهن ٿا. ڏک سک ۾ پنهنجي حمايتين سان گڏ رهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي.

اها چوڻي عام آهي تہ فلاڻي ڏنو نہ آهي تہ ڏکويو بہ نہ آهي پر ڄام خاندان لاءِ اها چوڻي صحيح رهندي تہ ڄام خاندان ڏنو آهي پر ڏکويو نہ آهي. ڄام ڪانڀو خان کان ڄام صادق علي خان ۽ ڄام معشوق علي خان، ڄام ذوالفقار علي خان، ڄام مدد علي خان، ڄام نور علي خان ۽ ٻيا ڄام برادران جن کي نوازيو اهي وڏيون شخصيتون بنجي ويا آهن. ڄام خاندان خاص طور متي ذڪر ڪيل ڄام صاحبان لاءِ مشهور آهي تہ هو پنهنجن دوستن ۽ همدردن کي نوازيندا آهن. جڏهن تہ عوام جي خدمت جي حوالي سان بنا فرق جي خدمت ڪندا رهيا آهن. 93ع وارين چونڊن ۾ جتي عوام جي سيلاب پ پ اميدوارن کي اڪثريت سان ڪامياب ڪرايو اتي اين اي 181 کان ڄام معشوق علي خان تعلقہ سنجهورو مان ڄام مدد علي خان شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي ان مان ظاهر ٿيو تہ ڄام خاندان جي عوام ۾ مقبوليت آهي. 2009ع واري چونڊن ۾ مسلم ليگ (ن) جي مڪمل حمايت جي باوجود ڄام معشوق علي خان ۽ ڄام ذوالفقار علي خان جي ناڪامي جو سبب هڪ تہ شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو شهيد ٿيڻ ڪري عوام جون همدرديون شهيد راڻي جي پارٽي ۽ اميدوارن سان وڌي ويون ٻيو ڪارڻ ڄام صاحب مسلسل ملڪ کان ٻاهر رهڻ ۽ ملڪ ۾ هوندي خبر نہ آهي ڪهڙن سببن جي ڪري عوام کان ڪٽيل رهيا. چونڊن ۾ ڪٽڻ يا هارائڻ هڪ جدا ڳالهہ آهي ليڪن ڄام خاندان جون سياسي، سماجي خدمتون قابل





تعريف آهن هنن ڪڏهن بہ منافقي واري سياست نہ ڪئي آهي. ڄام صادق علي خان پنهنجي دور اقتدار ۾ پنهنجي ڳوٺ کي تعلقہ جو درجو ڏنو ۽ ڳوٺ ۾ ڪيڊٽ ڪاليج قائم ڪرايو، غريبن لاءِ گهر، ٺهرايا، گهر ۽ آفيسون ٺهڻ ڪري ڳوٺ خوبصورت ۽ شهر بڻجي ويو، ليڪن ڄام صادق علي خان جي وصال بعد هاڻ ڄام نواز علي شهر ٽوڙي ڄام هائوس جون اهي رونقون نہ رهيون آهن.

نوٽ: ڄام خاندان جي هر فرد جو تفصيل سان ذڪر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي باوجود مڪمل تفصيل نہ لکي سگهيا آهيون ۽ ڄام خاندان جي ٻين شخصيتن جا فوٽو نہ ملڻ ڪري شايع نہ ڪري سگهيا آهيون، اگر ڄام خاندان جي ٻين فردن جو ذڪر ڪرڻ رهجي ويو آهي جن جا فوٽو نہ هلائي سگهيا آهيون انهن کان معذرت خواهہ آهيون. هي مواد هٿ ڪرڻ لاءِ علائقي جي وڏي عمر جي ماڻهن ڄام نور علي خان ۽ ٻين جي مدد رهي، ڪوشس رهندي تہ هن خاندان تي هڪ ڪتاب لکجي.

## لطيف سائين تي سوني نيل چاڙيندڙ شهدادپور جو وساڻ خاندان

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي مزار تي سوني نيل چاڙهيندڙ شهدادپور جو وساڻ خاندان، شهدادپور ۾ اوائلي زماني ۾ آباد ٿيندڙ خاندانن مان هڪ آهي. هن خاندان عوام جي خدمت، سخاوت، مهمان نوازي ۾ وڏو نالو ڪڍائيندو رهيو آهي.

شروع ۾ هي خاندان سياست کان پري رهيو پر مرحوم رئيس پائي خان وساڻ بعد هي خاندان باقائده سياست ڪري رهيو آهي، سندن اصل ڳوٺ شهدادپور ٽنڊو آدم روڊ تي ڳوٺ خير محمد وساڻ آهي. هي وساڻ خاندان خير محمد وساڻ جو اولاد آهي. هي خاندان اصل ڪٿان جو آهي، خير محمد وساڻ کان اڳ هن خاندان جون ڪهڙيون شخصيتون ٿي گذريون آهن ان بابت ڪابہ ڄاڻ نہ ملي سگهي آهي، پر رئيس حاجي پائي خان وساڻ ”اول“ جان محمد وساڻ کان وٺي هن خاندان جو احوال ملي ٿو. پائي خان وساڻ اول، علائقي جو برک زميندار، سخي مرد، وڏو اوطاقي فقير منش انسان هو. هن خاندان جا وڏا لطيف سائين جا فقير بہ رهيا ۽ هنن کي درگاهہ جي پرسان جيڪا لاڙڪ فقيرن جي اوطاق آهي، اها هن خاندان کي مليل هئي ۽ هن خاندان جو هر پڳدار باقائده لطيف جي عرس مبارڪ ۾ لنگر هلائيندو هو ۽ 3 ڏينهن

ڊيوٽي ڏيندا هئا. لنگر نياز واري سلسلي کي پائي خان وساڻ اول وڏيڪ وڌايو ۽ لطيف سائين جي عرس مبارڪ کي وڌائڻ ۾ به هن جو ڪردار رهيو. جڏهن ته پائي خان وساڻ اول لطيف سائين تي سوني نيل چڙهائي. سوني نيل بابت 2 روايتون آهن، هڪ روايت اها ته هڪ دفعي پائي خان وساڻ گهر آيو ته ڪمري جي دروازي جي چائونٽ ٺپيو ته ڪيس ٺاپو آيو، جڏهن هن اهو ڏنو ته ٺاپو چو آيو ته هن کي هڪ ديڳ جو ڪنو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن ۾ هي وچڙي پيو هو. جڏهن کوٽائي ڪرائي ته 2 ديڳيون سونين گينين سان ڀريل هيون ۽ انهي مهل پاڻ لطيف سائين جي درٻار تي ويو ۽ ان وقت جي سجاده نشين سيد علڻ سائين وٽ حاضر ٿي سچي حقيقت ٻڌائي ۽ عرض ڪيو ته ان سون مان آئون مرشد لطيف سائين جي مزار تي سوني نيل چاڙهڻ چاهيان ٿو، اجازت ملي ۽ سجاده نشين پاران اجازت ملڻ بعد تقريباً 2 مڻ سون جي نيل مٽياري جي هڪ سوناري کان ٺهرائي چاڙهي. ٻي روايت اها آهي ته ڪيس اولاد نه پئي ٿيو ۽ پنهنجي مرشد لطيف جي مزار تي اچي دعا گهري ته ڪيس پٽ جو اولاد ٿئي ته هو سندس مزار تي سوني نيل چاڙهيندو ۽ سندس دعا قبول پئي ڪين فرزند عطا ٿيو ۽ پاڻ سندس نالو ڏاڏي پويان جان محمد خان وساڻ رکيو ۽ وڏي ڄڄ وٺي مزار تي سوني نيل چاڙهي. اها به روايت آهي ته پاڻ ان وقت جي سجاده نشين سيد علڻ سائين سان گڏ سون وٺڻ لاءِ بمبئي ويو، جتان 2 مڻ سون آڻي، مٽياري جي هڪ سوناري کان نيل ٺهرائي چڙهائي ۽ انهي روايت کي وڏيڪ مضبوط سمجهيو وڃي ٿو. سندس وصال 1911ع ۾ ٿيو، ڪيس مرشد لطيف جي پيراندي کان جيڪا هن وقت لاڙڪن جي اوطاق آهي ان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. سندس فرزند رئيس جان محمد خان وساڻ به والد وانگر سخي، مهمان نواز، فقير منش انسان هو. عوام جي خدمت ۽ غريبن جي مدد ڪندو هو. پاڻ ملاڪڙا ۽ مذهبي ڏينهن خاص طور تي حضرت محمد صہ جن جو جشن ولادت وڏي جوش خروش سان ملهائيندو هو، پاڻ ڀلين مينهن، ڍڳين، اٺن گهوڙن پالڻ جو شوقين هو. سندس دور ۾ لطيف سائين جي مزار تي لڳل سوني نيل مان هڪ سونو مٽ ڪو چور لاهي ويو. بعد ۾ اهو چور هٿ آيو پر پاڻ ڪيس گرفتار نه ڪرايو ۽ ان وٽان هٿ آيل 6 ڪلو کان وڏيڪ سون غريبن ۾ ورهايو ۽ چوري ٿيل سونو مٽ ٻيهر ٺهرائي نيل ۾ وڌو. انگريز دور ۾ سورهيه بادشاهه جي هلايل وطن يا ڪفن





تحريڪ، جنهن جو هيڊ ڪوارٽر موجوده سانگهڙ ضلعي ۾ هو، انگريز سرڪار علائقي جي بااثر ماڻهن تي هٿ رکي ڪين جاگيرون ۽ مراعتون ۽ خانبهادر، خانصاحب، سر جهڙا لقب ڏيڻ جي آسري ۾ سورهيه بادشاهه پير صبغت الله راشدي خلاف شاهديون ڏياريون ۽ انگريز سرڪار جي ڊپٽي ڪليڪٽر رئيس جان محمد وساڻ سان به ملاقات ڪري سورهيه بادشاهه تي شاهدي ڏيڻ تي زور ڀريو پر پاڻ صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اهو چيو ته اسين ڪٽي پير سائين جي جماعت جا نه آهيون پر هو وطن لاءِ وڙهي رهيو اهي. ڪيس سلام آهي. آئون مٿس ڪوڙي شاهدي ڏئي پنهنجي قيامت ڪاري نه ڪندس، ان بعد انگريز سرڪار جي آفيسرن مختلف بهانا بنائي حرن جي مدد ڪرڻ جا الزام لڳائي رئيس جان محمد خان وساڻ کي گرفتار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ڪيس ڪٿان اهڙو ڳجهو اطلاع مليو ته پاڻ ڳوٺ ڇڏي ڪافي وقت ڪراچي ۾ انڊر گرائونڊ رهيو، ڪيس 2 فرزند پائي خان وساڻ ”دوئم“ ۽ رئيس علي محمد خان وساڻ هئا. ڪيس والد جي پرسان لطيف جي درگاهه تي سپرد خاڪ ڪيو ويو. حاجي پائي خان وساڻ 1939ع تي جنم ورتو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد زميندار ي شروع ڪئي ۽ وساڻ خاندان جو پهريون فرد هو، جنهن سياست شروع ڪئي. پاڻ پنهنجي برادري جي وڏي خانبهادر غلام محمد وساڻ سان گڏ صدر ايوب جي مسلم ليگ ”ڪنوينشن“ پارٽي جي هڪ جلسي ۾ شريڪ ٿي پارٽي جي صدر ممتاز دولتانه ۽ ٻين مرڪزي اڳواڻن سان ملاقات ڪري ان پارٽي ۾ شامل ٿيو. شهدادپور ۾ جيم خانه جتي هاڻ ٽي ايم او جو رهائش گاهه ٺاهيو ويو آهي، ان جو بنياد وجهڻ ۾ اهم ڪردار آهي. پاڻ ڪيترائي سال مسلسل جيم خانه جو صدر به رهيو. بعد ۾ پاڻ مصروف رهڻ ڪري ڊاڪٽر ميربيگ کي صدر بنايو. 1966ع ۾ صدر هائوس اسلام آباد ۾ صدر پاڪستان محمد ايوب خان سانگهڙ ضلعي مان پائي خان وساڻ کي سماجي خدمتن جي اعتراف طور بيسٽ سٽيزن جو ايوارڊ ڏنو. 1973ع ۾ غلام حيدر خان وساڻ سان گڏ پ پ م شامل ٿيو ۽ پ پ ۾ انتهائي سرگرم رهيو.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت کان ڪجهه سال بعد ۾ پ پ جو اهم اڳواڻ غلام مصطفيٰ جتوئي پ پ ڇڏي پنهنجي پارٽي اين پي پي جو بنياد وڌو ته رئيس پائي خان وساڻ به جتوئي صاحب سان ذاتي دوستي جي بنيادن تي ان جي زور ڀرڻ تي پ پ ڇڏي اين پي پي ۾

شامل ٿيو، پر 3 مهينن بعد پنهنجي پائرن جهڙي دوست عبدالسلام ٿهيم جي ڪري واپس پ پ ۾ شامل ٿيو، پر پاڻ پهرين ۽ پوءِ پ پ ۾ ڪو عهدو نہ ونڻ جي باوجود ڪنهن عهديدار کان بہ وڌيڪ پ پ ۾ سرگرم رهيو ۽ پ پ ۾ قربانيون ڏنيون. شهدادپور ۾ ٿيندڙ پ پ جي پروگرامن، جلسن ۾ پاڻ دل کولي خرچ ڪندو هو. 1991ع وارين چوندن ۾ ميونسپل ڪميٽي واري پولنگ تي مٿس خوني حملو ڪري سخت زخمي ڪيو ويو. پاڻ پنهنجي وڏن وانگر وڏو اوطاقي، مهمان نواز، غريبن جو همدرد، غريبن جي مدد ڪندي خوشي محسوس ڪندو هو. پاڻ شڪار ڪرڻ، دنيا جا ملڪ گهمڻ، نئين ماڊل جون بهترين گاڏيون رکڻ جو شوقين هو. دوستن جون دعوتون ڪندي خوشي محسوس ڪندو هو. پاڻ اڌ دنيا گهمي ڏٺي، سٺو لباس پائڻ، هر قسم جي خاص طور صوفيانہ موسيقي ٻڌڻ جو شوقين رهيو. جواني ۾ فلمون شوق سان ڏسندو هو، ڪيس ترانہ فلم پسند هئي، مڪيش سندس وڻندڙ فنڪار هو. پاڻ خوش مزاج سهپ رکندڙ درگذر ڪرڻ وارو هو. سندس ٿهڪ دوستن ۾ مشهور هئا. پائي خان وساڻ لاءِ اهو بہ مشهور هو تہ ڪاوڙ ۾ بہ مرڪندو هو. ڪوشش ڪندو هو تہ ڪنهن جي دل نہ ڏکائجي. ڪو بہ سوالي هن وٽان خالي نہ ويو. ڪپڙا جوتا استعمال جو ٻيو سامان چند مهينن کان پوءِ تبديل ڪندو هو. سندس پير صاحب پاڳارو شاهہ مرادن شاهہ ”دوئم“ سان بہ قريبي واسطا ۽ عقيدت رهي. پنهنجي مگراڙي واري زمين تي پير صاحب پاڳارو جي وڏي ليول جي دعوت ڪندو هو. پير سائين کين پيٽ ۾ ڏک هٽي باجو سڏيندا هئا. محترمہ بي نظيرڀٽو 88ع ۾ شهدادپور ۾ پائي خان وساڻ جي استقباليہ ۾ شريڪ ٿي. پاڻ وڏن وانگر لطيف سائين سان وڏي عقيدت رکندو هو. سندس ويجهن دوستن ۾ مير فتح ٽالپر، شيخ ڏٽي بخش، علي محمد واسو، عبدالسلام ٿهيم، سيد غلام شير شاهہ آف حضرت قلندر شاهہ درگاهہ لطف علي وڳڻ، سائين ڏنو شاهہ، ڄام امام بخش، مير محمد وساڻ، رئيس علي احمد خان نظاماڻي ۽ ٻيا هئا. لطيف سائين جي خاندان سان وڏي عقيدت هئن، ليڪن سائين غلام شبير شاهہ سيد نثار حسين شاهہ شهزاده علي بخش شاهہ ناز لطيفي، مور سائين سان وڏي نياز مندي ۽ عقيدت هئن. پاڻ لطيف جي مزار تي ٻهاري ڏئي خوشي محسوس ڪندو هو. سندس خواهش رهي تہ سندس اولاد سرڪاري نوڪريون ڪرڻ بجاءِ هن وانگر





سياست ڪن. راڄ ڀاڳ سنڀالين. عوام جي خدمت ڪن، سندس 2 شاديون هيون، پهرين مائٽن جي مرضي سان ۽ ٻي شهدادپور جي دائري وارن مهدوي سيدن مان ڪيائون. پهرين گهرواري مان کين هڪ فرزند علي ڏنو وساڻ ٻي گهرواري مان 2 پٽ فيصل خان وساڻ، فهد خان وساڻ ۽ 6 نياڻيون آهن. سندس اولاد سان بي انتها محبت هئي، ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ فيصل وساڻ جي ضد تي ڪيس لنڊن جي هڪ يونيورسٽي ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ 2 لک رپيا داخلا في جمع ڪرائي آيو ۽ ڪيس لنڊن موڪلڻ لاءِ وٺي ويندي ڪراچي ۾ عين وقت تي فيصلو تبديل ڪري ڪيس واپس وٺي آيو. شهدادپور جي انٽرميڊيٽ ڪاليج ٺهڻ ۾ جتي ٻين شخصيتن جو ڪردار هو، اتي مرحوم رئيس پائي خان وساڻ جو بہ ڪردار هو. وڏن آفيسرن سان بهترين تعلقات هئڻ جي باوجود انهن کان ڪڏهن بہ ذاتي ڪم نہ ورتا. سياسي دنيا ۾ خرچ ڪرڻ، آفيسرن، دوستن جون دعوتون ڪرڻ، غريبن جي مدد ڪرڻ ڪنهن بہ سوالي کي خالي نہ موٽائڻ ڪري پاڻ مالي طور پوئتي ٿي ويو، پر ڪڏهن بہ پريشان نہ ٿيو ۽ نہ ئي اهڙو سلسلو گهٽايو، ڄام صادق علي خان سندس ويجهن دوستن مان هڪ هو. ڄام صادق علي وزيراعليٰ سنڌ جي حيثيت ۾ ڪيس ڄام گروپ ۾ آڻڻ جون ڪوششون ڪيون، ان بدلي ۾ مٿس ڪروڙين رپيا قرض معاف ڪرڻ، وڏي تعداد ۾ نوڪرين جا آرڊر ڏيڻ ۽ ٻيا ذاتي فائدا ڏيڻ جي آفر ڪئي، پر پاڻ پ پ کي ڇڏڻ کان انڪار ڪيو. پاڻ بااصول ۽ باضمير انسان هئا. موتين ۽ گلاب جهڙي خوشبو رکندڙ پائي خان وساڻ 24 آگسٽ 1995ع تي دل جو دورو پوڻ ڪري حقيقي خالق ڏانهن هليو ويو. ڪيس پنهنجي ڏاڏي ۽ والد جي پرسان ڏرتي ماءُ حوالي ڪيو ويو. پائي خان وساڻ جي ننڍي ڀاءُ رئيس علي محمد خان وساڻ پاڻ 1947ع ۾ جنم ورتو. پاڻ سياسي دنيا کان پري رهيا. پاڻ فقير منش، سخي، مهمان نواز، هٿ جا ڪليا، سٺيون گاڏيون رکڻ، سٺا ڪپڙا پائڻ جا شوقين رهيا. ڪچهرين جا ڪوڏيا، لطيف جي ڪيتري ئي شاعري کين ياد هئي. سٺا هٿيار رکڻ جا بہ شوقين هئا. وڏن وانگر لطيف سائين سان وڏي عقيدت هئن. پاڻ 13 آڪٽوبر 2004ع ۾ انتقال ڪري ويا، کين هڪ فرزند جان محمد وساڻ ۽ 2 نياڻيون آهن.

**علي ڏنو خان وساڻ:** پاڻ رئيس پائي خان وساڻ جي پهرين گهر مان 1968ع تي جنم ورتو. سندن تعليم مئٽرڪ آهي. پاڻ سياست کان

هٿي ڪري پنهنجي زمينداري سنڀاليندا اچن. يار ويس، فقير منش، سادو، پر ذهين انسان آهي، پنهنجي مرشد لطيف سائين سان وڏي عقيدت اٿس. تقريبن هر جمعي رات مرشد جي مزار تي ضرور ويندو آهي. فيصل خان وسڻ، مرحوم ڀائي خان وسڻ جي ٻي گهر مان آهي. پاڻ 1973ع تي جنم ورتو. ابتدائي تعليم ڪي جي اسڪول ڇهين ڪلاس تائين ميونسپل هاءِ اسڪول، وڌيڪ تعليم ڊگري ڪاليج شهدادپور مان حاصل ڪئي. پاڻ گريجوئيٽ هئا. پاڻ والد جي ويجهو رهڻ ڪري سياسي گر سکيا. پاڻ 1996ع ۾ سياست ۾ پير پاتو. ٻهريون دفعو يونين ڪائونسل 2 شهدادپور تان ناظم چونڊيا. ناظم جي حيثيت سان پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ ڪافي ترقياتي ڪم ڪرايا. فيصل وسڻ ننڍي عمر ۾ سياسي دنيا ۾ بهترين انداز سان اڀريو. فيصل وسڻ ۾ تمام اهي خوبيون موجود هيون جيڪي هڪ بهترين سياستدان ۾ سٺي انسان ۾ هونديون آهن. هن پنهنجي ڏاهپ ۽ بنا فرق جي عوامي ڪم ڪارين ڪرڻ ڪري شهدادپور ۾ مختصر عرصي ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. هر وقت سندس اوطاق تي ڪم ڪارين وارن ماڻهن جي رش هوندي هئي. پاڻ ڪڏهن اهو نہ ڏٺو تہ ڪم لاءِ ايندڙ پ پ جو آهي يا ڪنهن ٻي جماعت جو، ان ڪري ٻين پارٽين جا ماڻهو بہ سندس مداح هوندا هئا. ڪوبہ ماڻهو سندس گلا يا شڪايت نہ ڪندو هو. ڇاڪاڻ تہ فيصل وسڻ هر ماڻهو جي عزت ڪندو هو. ڪم ڪارين لاءِ ايندڙ ماڻهو کي اوبلائج ڪندو هو. هن آفيسرن سان بہ ايترا تہ تعلقات ٺاهيا جو پ پ مخالف دور ۾ بہ مختلف کاتن ۾ سندس سفارش تي عام ماڻهن جا ڪم ڪاريون آساني سان ٿي ويندا هئا. پنهنجن وڏن وانگر سندس اوطاق جو دسترخوان بہ وسيع هوندو هو. ماني جي وقت اوطاق تي ڪيترا بہ ماڻهو هوندا هئا، انهن کي ماني کارائي خوشي محسوس ڪندو هو. پاڻ ننڍي عمر ۾ بهترين امين طور بہ سڃاتو ويو. فيصلا ڪرڻ جو ماهر، ڏکئي ۾ ڏکيا فيصلا بہ آساني سان ڪري ڌرين کي پاڻ ۾ هڪ ڪري ڇڏيندو هو. سياسي دنيا ۾ پاڻ مرادو ايترو تہ اڳتي وڌي ويو جو پاڻ شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ، پ پ قيادت ۾ خورشيد شاهہ، سيد قائم علي شاهہ، منظور وسڻ، نثار کهڙو، رضا رباني، اعتزاز احسن ۽ ٻي قيادت تائين ڄاڻ سڃاڻ ڪئي ان جو اندازو سندس شادي مان لڳائي سگهجي ٿو، تہ ان ۾ سنڌ سان تعلق رکندڙ پ پ قيادت کانسواءِ مختلف پارٽين





جا اڳواڻ بہ شريڪ ٿيا. فيصل وسڻ وٽ ڌارين کي بہ پنهنجو ڪرڻ جو فن هو، سندس ڳالهائڻ، ڪچهري ڪرڻ جو انداز متاثر ڪندڙ هو. فيصل وسڻ جي عمر گهمڻ ڦرڻ، واري هئي پر پاڻ اجاين ڪمن ۾ وقت وڃائڻ بجاءِ عوام جي خدمت ڪم ڪارين ۾ مصروف رهيو. هٺ جو ڪليل، غريب ماڻهن ۽ ضرورت مند دوستن جي مدد ڪندي خوشي محسوس ڪندو هو. فيصل وسڻ عوام جي خدمت عين عبادت سمجهي ڪيا. جڏهن پير بخش ڏيرو ضلع حڪومت جو نگران ضلع ناظم ٿيو تہ فيصل خان وسڻ سندس ٻانهن ٻيلي رهيو. فيصل وسڻ جي مسلسل جدوجهد ۽ عوام جي خدمت ۽ عوام سان نيازمندي ڪري شهدادپور سٽي ۾ پ پ جو گراف وڌيو. ڪيترائي پ پ مخالف ووٽر بہ فيصل وسڻ جي شخصيت جي ڪري پ پ اميدوارن کي ووٽ ڪندا هئا. شاهنواز جوڻيجو سان سندس ذاتي تعلقات رهيا ۽ شاهنواز جوڻيجو بہ فيصل کي اولاد وانگر ڀائيندو هو. جڏهن تہ عبدالسلام ٿهيم جي پاڻ جهڙوڪ ساڄي ٻانهن هوندو هو. هر پروگرام هر احتجاج ۾ ساڻس گڏ رهيو. مون کي ذاتي طور خبر آهي تہ فيصل وسڻ ڪيترن ئي غريب شاگردن جي بہ مدد ڪندو هو. پاڻ شاهہ لطيف فائونڊيشن سانگهڙ ضلع جو صدر پڻ رهيو. پاڻ انتهائي ذهين نيڪ نيت انسان هئا. گلاب جهڙي خوشبو وارو هي نوجوان مختصر وقت ۾ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ مرض ۾ مبتلا رهڻ بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس 2 جنازي نماز هڪ شهدادپور ۾ ٻي لطيف جي درگاهہ تي ۽ سندس ڀلا ڀاڳ جو لطيف سائين جي گودڙي سندس جسد خاڪي تي وڌي هئي، ڪيس پنهنجي وڏن جي پرسان لطيف جي درگاهہ تي لطيف جي پيراندي کان ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو. شهدادپور ۾ سندس ادا ڪيل جنازي نماز ۾ عوام جون چوليون هڻندڙ سمنڊ هو. شهدادپور جي تاريخ ۾ ڪنهن جي بہ جنازي ۾ عوام جي ايڏي انگ شرڪت نہ ڪئي هوندي. جڏهن تہ سندس آخري سفر ۾ ماڻهو اوڇنگارون ڏئي روئي رهيا هئا ۽ فيصل خان وسڻ جي وصال بعد شهدادپور واسين کي اڄ بہ سندس ڪمي محسوس ٿئي ٿي. پاڻ سوڳوار خاندان سان گڏ بہ فرزند محمد ڪاظم وسڻ ۽ ريحان حيدر وسڻ سوڳوار ڇڏي ويو.

**فهد خان وسڻ:** مرحوم ڀائي خان وسڻ جو ننڍو فرزند رئيس فهد خان وسڻ 6 جولاءِ 1978ع ۾ جنم ورتو. پرائمري ڪي جي اسڪول

شهدادپور مان، ڇهين ڪان ڏهين ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادپور، انٽر ۽ ايم اي پوليٽيڪل سائنس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادپور مان حاصل ڪئي. شاگردي واري دور ۾ ڪرڪيٽ، والي بال، فوٽ بال، ونجهه وٽي، وانجهي ۽ ٻيون رانديون ڪيڏيون، فٽ بال جو اسڪول ۾ ڪيپٽن به رهيو. جيترو پڙهڻ ۾ ذهين ايترو وري راندين ۾ ذهين. شاگردي دور ۾ سندس ناپسنديده سبجيڪٽن ۾ فزڪس ۽ عربي رهيا. پاڻ ننڍي هوندي حسن پرست رهيو آهي.

وٽن بهترين گاڏيون هئڻ جي باوجود ننڍي هوندي بائيڪ تي هلندو هو. شهر ۾ چاڪليٽي هيرو به سڏبو هو. 2004ع ۾ ايم اي پوليٽيڪل سائنس جو امتحان پاس ڪرڻ بعد زمينداري سنڀالي، ڪيس شوق هو ته پاڻ ايڪسائيز ۾ اي ٽي او يا ايس پي پوليس ٿئي. پر وڏي ڀاءُ فيصل وساڻ جي وصال بعد اها خواهش اڌوري رهجي ويس. ڇاڪاڻ ته فيصل وساڻ جي وفات بعد زمينداري، راڄ ڀاڳ، فيصلا اهو سڄو بار سندس ڪلهن تي اچڻ ڪري پنهنجي خواهش کي ماري ڇڏيو. 2003ع ۾ جڏهن ميان محمد سومرو گورنر سنڌ هو ته ان وقت فهد خان وساڻ کي سرڪاري خرچ تي پڙهائڻ لاءِ آمريڪا موڪليو پئي ويو پر سندس والده کيس نه ڇڏيو. فهد وساڻ به والد ۽ ڀاءُ وانگر يار ويس، فقير منش، گهمڻ ڦرڻ جو شوقين، 30 کان وڌيڪ ملڪ گهميا آهن. پاڪستان جو هر تفريحي ماڳ گهميو آهي. سندس زندگي جا 2 وڏا ڏک سندس والد ڀائي خان وساڻ ۽ ڀاءُ فيصل خان وساڻ جو وصال آهي. سندس وڏي کان وڏي خوشي سندس ڀاءُ فيصل وساڻ جي شادي آهي ۽ ان دعوت جو سڄو انتظام هن ڪيو هو ۽ اها دعوت هڪ مثالي دعوت هئي. ننڍي عمر ۾ ذهين، عوام جو هڏ ڏوکي ماڻهن جا ڪم ڪاريون ڪندي خوشي محسوس ڪندڙ، ڳالهائڻ جو انداز متاثر ڪندڙ، تاريخ، سياست، اسلامي فقهن تي بهترين انداز ۾ ڳالهائڻ وارو، فهد خان وساڻ جو ادب سان به شوق رهيو آهي. ماضي ۾ سندس عشق جا چرچا به عام رهيا، پاڻ نازڪ نفيس طبيعت وارو آهي، پر وڏو بردبار، سهپ وارو آهي، ڀاءُ فيصل وساڻ بعد پاڻ کي اڪيلو ۽ اداس وياڪل سمجهي ٿو. سندس والد سندس ڀاءُ جي دوستن کي سنڀالڻ، راڄ ڀاڳ، زمينداري، سياست، فيصلا، عوام جي خدمت، شادين، غمين ۾ پهچڻ، ڀاءُ جي فرزندن جي سنڀال تربيت سڀ بار سندس ڪلهن تي آهي ۽ پاڻ بهتر انداز ۾ نه صرف





نڀائي رهيو آهي پر پنهنجي ڪردار، عوام دوستي هر ڪنهن سان پيار محبت، شفقت سان پيش اچڻ ڪري عوام ۾ مقبوليت به حاصل ڪري رهيو آهي. موسيقي سان لڳاءُ رکي ٿو. سندس خواهش آهي ته والد ۽ ڀاءُ جي روايتن کي برقرار رکي ۽ وڏن جون ڪي روايتون جيڪي والد صاحب ڪن مجبورين ڪري ختم ڪيون، انهن کي بحال ڪريان. خاص طور لطيف سائين جي عرس مبارڪ ۾ لنگر هلائڻ، مذهبي ڏينهن وڏي ليول تي ملهائين. فهد وساڻ جي پسند جو اداڪار عامر خان، فنڪارن ۾ محمد رفيق، نصرت فتح علي خان، سندس وڻندڙ گيتن ۾ سانو اڪ پل چين نه آئي سجنا تيري بنا آهي. سندس پسنديده شخصيت ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد بي نظير ڀٽو، مخدوم شاهه محمود قريشي، شاعرن ۾ لطيف سائين پروين شاڪر، علامه اقبال، پاڻ هن وقت شاهه لطيف فائونڊيشن ضلعي سانگهڙ جو صدر پڻ آهي. پاڻ پيار جي شادي ڪئي آهي. پاڻ پ پ قيادت سان اختلاف ڪري مسلم ليگ (ف) ۾ شامل ٿيو، سندس مسلم ليگ (ف) ۾ سٺي حيثيت آهي.

**جان محمد وساڻ:** جان محمد وساڻ 15 مئي 1970ع ۾ رئيس علي محمد وساڻ جي گهر ۾ جنم ورتو. اڪيلو پٽ هئڻ ڪري لاڏڪوڏسان نپنو، سندس تعليم بي اي آهي. ننڍي هوندي کان ذهين، همدرد، سچار، بااصول، يار ويس شخصيت جو مالڪ آهي. شاگردي دور کان وٺي انتهائي ذهين ڪرڪيٽ جو شوقين رهندو اچي، ڪرڪيٽ جو اڄ به شوقين آهي. ٽي وي تي ٻين تفريحي پروگرامن بجاءِ ڪرڪيٽ شوق سان ڏسي ٿو. ادب سان پڙهڻ جي حد تائين شوق رکي ٿو. ڪيترائي اسلامي، تاريخي، سياسي، ادبي ڪتاب سندس مطالعي هيٺ رهيا آهن. هر قسم جي موسيقي سان لڳاءُ رکي ٿو. سندس پسند جو فنڪار محمد رفيق، مهدي حسن، عابده پروين آهن، سندس پسند جو گيت دنيا کي رکوالي وڻندڙ آهي. پاڻ خوش مزاج آهي، پر ڪڏهن ڪنهن ڳالهه تي ڪاوڙجي ته پوءِ تمام گهٽي ڪاوڙ ايندي آهي، کيس گهڻو ڪري ڪاوڙ ڪوڙ ڳالهائڻ غلط ڳالهيون ڪرڻ تي ايندي اٿس. کيس 3 فرزند رضا علي، زين العابدين، حسنين عباس آهن. سندس خواهش آهي ته ڪين روايتي وڏيرو بنائڻ بجاءِ سرڪاري نوڪري ۾ آڻيان.

**محمد صالح وساڻ مرحوم :** پاڻ وڏيرو سنگهار خان جي گهر ۾ 21 مئي 49ع تي جنم ورتو. تعليم انٽر تائين حاصل ڪيائين، بعد ۾ اباڻي

زميداري سنڀالي. شاگردي دور ۾ سياست شروع ڪيائين، ايوب خان دور ۾ جڏهن شاگرد يونين جو رواج نہ هو تہ پاڻ ڪاليج ۾ وساڻ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو بنياد وڌو ۽ غريب شاگردن جي مدد ڪئي. پاڻ ڪاليج جي زماني ۾ ڊرامن ۾ اداڪاري بہ ڪئي. 1965ع ۾ نيشنل گارڊ شهدادپور جو ڪمانڊر رهيو. فوجي ٽريننگ ورتي 65 واري لڙائي ۾ هن جي ڪمان ۾ شهدادپور جا 400 نيشنل گارڊ جا رضاڪار عمرڪوٽ واري محاذ تي روانا ٿيا، اڃان حيدرآباد تائين پهتا تہ جنگ بندي جو اعلان ٿيڻ بعد هنن کي واپس ڪيو ويو. محمد صالح وساڻ صوفيانہ راڳ سان دلچسپي رکندو هو، لطيف سائين جي 70 سيڪڙو شاعري کيس ياد هئي، فنڪارن ۾ خان صاحب منظور علي خان، لتا، رفيق، محمد يوسف، شاعرن ۾ مرشد لطيف، سچل سرمست، حمل فقير، محمد فقير کتياڻ پسند جا شاعر رهيا. فلمن ڏسڻ جو شوق هيس سندس پسند جي فلم آواره هلاڪو آهي. مزاجي عشق ڪيا آهن پر ڪاميابي گهٽ ماٽي. سندس پسند جو شعر پروين شاڪر جو:

حادثي سي بڑهڪر سانحہ يہ هوا،
لوگ ٺهري نهين حادثا ديکهہ ڪر.

مرحوم 2012ع ۾ وفات ڪئي، سندس اولاد ۾ 4 پٽ محمد حسين وساڻ، امير علي وساڻ، سهيل احمد وساڻ ۽ نور علي وساڻ ۽ 6 نياڻيون آهن.

نوٽ: هن خاندان جون ٻيون بہ هردلعزيز شخصيتون ٿي گذريون آهن ۽ ڪافي حال حيات آهن، ليڪن انهن جي معلومات نہ ملي سگهي آهي، ورق ورق گلاب حصو 2 ۾ ڪوشش ڪري هن وساڻ خاندنا جي رهجي ويل شخصيتن جو ذڪر شامل ڪيو ويندو.

(هي معلومات اسان کي مرحوم محمد صالح وساڻ، فقير عبدالله ابڙو، مرحوم فيصل وساڻ، فهد وساڻ ۽ شهدادپور جي وڏي عمر جي ساڃاهہ وند ماڻهن کان ملي آهي.)

**جهول جو ڪيريا خاندان: سندن سياسي، سماجي، روحاني، علمي خدمتون**

جهول کان ٻوبي آئل فيلڊ ويندڙ رستي تان وڃبو تہ ڳوٺ ولي محمد ڪيريو تائين روڊ جي ٻنهي پاسن کان وڻ خوبصورت منظر جو ڏيکاءُ ڏين ٿا، جهول کان 2ڪلوميٽر جي فاصلي تي ڳوٺ ولي محمد





ڪيريو جيڪو ماڊرن ڳوٺ آهي، اهو ڳوٺ اسلام آباد جي ڪنهن خوبصورت علائقي جهڙو ڏيک ڏئي ٿو، جن هي ڳوٺ ڏٺو نہ آهي اهي يقينن هن ڳوٺ ۾ ٺهرايل خوبصورت عمارتون ڏسي حيرت ۾ اچي ويندا تہ آئون سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ آيو آهيان، يا يورپ جي ڪنهن ڳوٺ ۾؟ هتي ڪيترن ئي ايڪڙن تي ٺهيل جديد طرز جون اوطاقون جن جي اندر جديد ڪار پارڪنگ، ويهڻ، ماني کائڻ، سمهڻ لاءِ خوبصورت هال ٺهيل آهن، انهن ۾ قيمتي قالينن تي ٺهيل خوبصورت تصويرون ۽ انهن ڪمرن ۽ هالن کي وڌيڪ خوبصورت بڻائي ڇڏيو آهي. جديد عمارتن واري هن ڳوٺ ۾ رهڻي ڪهڻي، اٿڻ ويهڻ، کائڻ، ڪچهرين، ملڻ جلڻ جو انداز سنڌ جي قديم روايتن ۽ ثقافتي انداز ۾ آهي، هن ڳوٺ جي اوطاقن ۾ سياري، ۾ مچ ڪچهريون ٿينديون آهن جتي ملڪي، غير ملڪي صورتحال جي حال احوال وقت بہ وقت انهن مچن تي سگهڙن جون ڪچهريون، صوفيانہ راڳ ٿيندا آهن، سياري ۾ ان مچ ڪچهري تي ٻاجهري جي جاڻ پيل رٻ ڳڙ واري چانهہ جيڪا ڪٽلي ۾ ڪڙهي ۽ ايندڙ مهمانن کي ملي ٿي مهمانن کي چائينز ڊشن سان گڏ ديسي کاڌن خاص طور ساڳ جي ٻاجي بہ ملي تہ مکڻ ماکي سان ماني رات جو کير جو گلاس بہ ملي، هن ڳوٺ جي ڪيريا خاندان جا ڪافي فرد ڪراچي ۾ رهن پر هنن علائقي جي عوام سان ناتو نہ ٽوڙيو آهي، وقت بوقت هتي اچي ۽ ڪراچي ۾ ويهي عوام سان رابطي ۾ رهيا آهن. هن ڳوٺ جا سڀ ڪيريا وڏا زميندار آهن، ليڪن هنن جو ذهن وڏيرڪو نہ آهي. هو فقير منش ۽ پاڻ کي عوامي خدمتگار سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا، سنڌ جي مختلف ضلعن کان وڌيڪ سانگهڙ ضلعي ۾ هارين جي نجي جيلن جو پڙاڏو گونجندو رهي ٿو پر هنن تي ڪڏهن بہ اهڙو الزام نہ آيو آهي، ماضي کان حال تائين هن خاندان لاءِ مشهور آهي تہ هو هارين کي اولاد سمجهن ٿا، هارين جي ڏک سک ۾ شريڪ رهن ٿا.هنن جا هاري محنتي ۽ خوشحال آهن، ڪيريا خاندان زمينن تي اسڪول ٺهرايا آهن، ڪيريا برادري جي هر فرد جي زمين تي اسڪول روڊ بجلي ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي چوپايو مال لاءِ پاڻي جا تلاءَ آهن، هنن روايتي وڏيرن، رئيسن وانگر زمين تي اسڪول مال جو وٿاڻ، ٻج، ٻاڻ جي گدام يا زمين تي اوطاق طور استعمال نہ ڪيو آهي. انهن اسڪولن ۾ سندن زمين تي ويٺل هارين جو اولاد پڙهي ٿو ۽ اسڪولن جي نگراني ۽ مالڪي ڪن ٿا، وقت

بہ وقت اتي وچي تعليمي معيار ڏسن ٿا، استادن جا مسئلا معلوم ڪري حل ڪن ٿا، غريب هارين جو اعليٰ تعليم حاصل ڪندڙ اولاد جي مالي مدد ڪان وٺي انهن کي تعليم آهر نوڪريون وٺرائي ڏيڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪن ٿا، سنڌ جي وڏيرن جي اڪثريت هارين ۽ ڳوٺ وارن کي تعليم کان محروم رکڻ جي سوچ رکي پر هن ڳوٺ جو ڪيريا خاندان هارين جي اولاد کي لکيل، پڙهيل بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. عام طور تي وڏيرن جي اڪثريت هارين جي ڳوٺ علائقي جي غريبن ۽ هارين جي خوبصورت نياڻين تي بري نظر رکڻ ۽ سندن عزتون لٽڻ جي الزامن هيٺ ايندا رهيا آهن. ليڪن ڳوٺ ولي محمد ڪيريو جي ڪيريا خاندان تي اهڙا الزام ڪڏهن بہ نہ لڳا آهن، علائقي جا ماڻهو سندن هاري، سندن شرافت، انسان دوستي، همدردي جا ڳڻ ڳائين ٿا، هنن جي مهمان نوازي، سخاوت، غريبن جي مدد وارا عمل نہ صرف علائقي يا ضلعي پر سڄي سنڌ ۾ مشهور آهن.چوپائي مال سان سندن حد درجي جو عشق آهي، هر فرد وٽ چوپايو مال آهي، ليڪن ماضي کان حال تائين هن خاندان ۾ هڪ اهڙو فرد بہ هوندو آهي جنهن جو سڄو ڌيان، عشق چوپايو مال ۽ جهنگلي جيوت سان هوندو آهي، سوين هر نسل جون ٻڪريون، رڍون، مينهون، ڏڳيون، هرڻ، ڦاڙا، سها ۽ خوبصورت پکي پالين ٿا ۽ هنن وٽ ان لاءِ باقاعده فارم رهيا آهن، هن وقت اهو شوق مير حسن ڪيريو ۽ رب نواز ڪيريو کي جنون جي حد تائين آهي، ان جو تفصيل سان ذڪر اڳتي ڪنداسين. هي خاندان سنڌ ۾ جهول وارا ڪيريا سان مشهور آهن، هنن ڪيرين بابت ڪافي عرصي کان ٻڌو پئي پر جڏهن هنن سان ملاقات ٿي ۽ اتي عام کان، خاص ماڻهو تائين ملڻ، مهمان نوازي، اٿڻ، ويهڻ، ڳالهائڻ جا طور طريقا ۽ انداز ڏٺو تہ حيران ٿي ويس، هن دور ۾ چند ايڪڙ زمين رکندڙن ڪافي ماڻهو آپي مان نڪتل نظر ايندا آهن، پاڻ کي خبر نہ آهي ڇا سمجهندا آهن، ڪجهہ نہ هوندي بہ فني خان بڻجي ويندا آهن ليڪن ڳوٺ ولي محمد ڪيريو جي ڪيريا خاندان جي هر فرد جنهن سان بہ ملاقات ٿي ان جي فقير منشي حيران ڪري ڇڏيو، هيڏا وڏا زميندار هئڻ جي باوجود سادگي پسند فقير منش انسان لڳا.

هونءَ بہ هي خاندان ميان سڏجن ٿا، سنڌ ۾ اهي ماڻهو ميان سڏبا آهن جيڪي فقير منش، روحاني شخصيتون هوندا آهن، ذات تي ڏات






نہ آهي، جيڪو وهي سولهي وانگر هتي سنڌ ۾ ميان سڏجندڙ ڪلهوڙن ۽ڪيريا خاندان جا مريد بہ رهيا آهن، سندن روحاني، علمي خدمتون تاريخ جو حصو بڻيل آهن.تاريخ تي نظر وجهبي تہ سانگهڙ ۾ سرن واري، چوٽياريون ۽ نواب شاهہ ضلعي ۾ سڪرنڊ ويجهو ڳوٺ ملان ساند ڪيريو، نوابشاهہ لڳ ڳوٺ ڪپڙ لڪمير جا ڪيريا ميان سڏجن ٿا. انهن علائقن جي ڪيرين جون سماجي، علمي، روحاني خدمتون رهيون آهن.سمن جي اوائلي دور ۾ ڪيريا برادري جون مشهور بزرگ، روحاني شخصيتون ٿي گذريون آهن پر انهن بابت تفصيل سان معلومات ملي نہ سگهي آهي اگر باريڪي سان تحقيق ڪئي وڃي تہ تاريخي ڪتابن ۾ ڪٿي نہ ڪٿي هنن جي وڏن جو ذڪر ضرور ملندو.اهي بہ حقيقتون آهن تہ سنڌ جي تاريخ تي ماضي کان حال تائين ان انداز ۾ ڪم نہ ٿيو آهي، سنڌ جي ڪيترن ئي تاريخي، ماڳن مڪانن ولي الله، قديم ڳوٺ، ماضي جي اديبن، عالمن خاندانن جن جا قصا علائقي ۾ تہ مشهور آهن پر تاريخ خاموش آهي ۽ اسان جا محقق جيڪا تحقيق ڪن پيا اها بہ ان انداز ۾ ان ليول جي نہ ٿي رهي آهي، جنهن سان تاريخ کان رهجي ويل ماڳ، مڪانن ۽ شخصيتن بابت پروڙ پئجي سگهي، هن ڳوٺ ۾ ماضي ۾ ڪهڙين شخصيتن روحاني فيض ڏنو يا علم کي عام ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون اهو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، هتي صرف ولي محمد ڪيريو کان وٺي هن خاندان جو ذڪر ملي ٿو هن خاندان ۾ ولي محمد ڪيريو جو فرزند مريد خان ڪيريو، روحاني شخصيت هو جنهن 1883ع ۾ جنم ورتو ۽ 24 جنوري 1976ع ۾ بمطابق 12 محرم 1394ع تي انتقال ٿيو، سندس تعويذ،دعا،ڦيٽا دعائون ڪرامتون سڄي سنڌ ۾ مشهور آهن، ڪيترائي بيمار، حاجتمند وٽن ايندا هئا ۽ فيض وٺي ويندا هئا. سندس قرآن شريف جي قرات بہ مشهور آهي. پاڻ علمي، ادبي، تاريخن، اسلامي ڪتاب پڙهندو هو، پاڻ توحيد جو ذڪر ڪندو هو، سندس چهرو مبارڪ روحاني هو، سڄي سنڌ ۾ سندس عقيدتمند هئا، سندس وصال ڪانپوءِ روحاني فيض وارو اهو سلسلو هن ڳوٺ جي ڪيريا خاندان ۾ بند ٿي ويو، هن ڳوٺ جا ڪيريا اصل ڪٿان جا آهن؟ هتي ڇو آيا؟ ڪجهہ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، ليڪن هڪ روايت ملي ٿي تہ سڪرنڊ ويجهو ڳوٺ ملان ساند ڪيريو جو مسو خان ڪيريو ڪلهوڙو جي دور ۾ اتان لڏي هجرت ڪري موجود ڳوٺ ولي محمد ڪيريو ۾ آيو سندس اخري آرامگاهہ

ٺٽبو آدم روڊ تي دڙي وٽ آهي ليڪن سندس زندگي جو احوال معلوم نہ ٿي سگهيو آهي روايت آهي تہ جتي هي ڳوٺ آهي اتي زمين ورتي اتي گهر ٺاهيو ۽ زمينن کي آباد ڪيو ان جي فرزند ولي محمد ڪيريو کان وٺي تفصيل سان احوال ملي ٿو جنهن ڳوٺ جو بنياد رکيو. ۽ ان ڳوٺ جو نالو سندن نالي ولي محمد ڪيريو پويان پئجي ويو، ولي محمد ڪيريو ان وقت جي سانگهڙ جي مشهور خاندانن جهول جي ٽالپرن، ٿهيم، جلالاڻي، ڪنڊياري جي وساڻ خاندان سان گڏ سنڌ جي ٻين خاندانن سان ويجها تعلقات رهيا، پاڻ ان دور جي هر دلعزيز سماجي، عوامي خدمتگار شخصيت طور مشهور هو، ڳوٺ ۾ ايندڙ ديسي، پرديسي فقير فقراءَ کي هٿ سان ماني کارائيندو هو، وڏا خير خيراتون ڪندو هو، ڪيس 5 فرزند مسو خان، محمد مريد ڪيريو، پيراڻو خان ڪيريو، خدا بخش خان ڪيريو، محمد خان ڪيريو هئا.

## مسو خان ڪيريو ۽ ان جو خاندان

مسو خان ڪيريو 1886ع ۾ جنم ورتو، تقريبن 1944ع ۾ وصال ڪيو، پاڻ علائقي جا هر دلعزيز مشهور زميندار ۽ سماجي شخصيت هئا. ڪيس 2 فرزند حاجي ولي محمد ڪيريو ۽ رسول بخش ڪيريو ۽ 2 نياڻيون هيون.

حاجي ولي محمد ڪيريو "دوئم": جنم تقريبن 1927ع ۾ پاڻ مثالي زميندار سماجي شخصيت يار ويس، غريبن جو همدرد، علائقي ۾ ماڻهن جي ڏک سک ۾ شريڪ ٿيندڙ غريبن جي مدد ڪندڙ ذهين ۽ هر دلعزيز شخصيت جو مالڪ هو، پاڻ وڏو اوطاقي وڏو مهمان نواز هو. سندس جشن ميلاد جا ڏهاڙا ۽ ديني جلسا ڪرائڻ سان تمام گهڻو شوق رهيو. علماءَ سان تمام گهڻو تعلقات رکندڙ هو سنڌ ۾ ڪٿي بہ ديني جلسا ٿيندا هئا تہ اتي سڀ ڪم ڪار ڇڏي اتي شرڪت ڪندا هئا پنج وقت نماز جا پابند هئا جڏهن بہ ٻني تي صبح جي ٽائيم ويندا هئا ٻني تي هارين ۽ مزدورن جا معصوم ٻارڙا خرچي جي انتظار ۾ هوندا هئا ڇو جو حاجي ولي محمد ڪيريو ٻارڙن کي خرچي ڏيندو هو. فجر واري نماز پڙهي ٻاهر هڪ وڏي ٻاڳن واري ڪٽ هوندي هئي اتي ويهي رهندا هئا ايندڙن ويندڙن کي ڪلي ڪيڪاريندا هئا. سندس وصال 27 آگسٽ 2001ع ۾ بمطابق 7 ذوالقعد تي ٿيو، پاڻ 4 فرزند سوڳوار ڇڏيا، سندس







وڏو فرزند حاجي علي نواز ڪيريو آهي، جنهن 1 جنوري 1969ع تي جنم ورتو، پاڻ ايم اي پاس آهي، خوبصورت هئڻ ڪري شاگردي واري زماني ۾ هيرو بہ سڏبو هو، شاگردي زماني کان سياست ۾ پير پاتو، سپاف ضلعي سانگهڙ جو نائب صدر بہ رهيو،ضلعي اندر سپاف کي فعال بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، ان دور ۾ سانگهڙ شهر ۾ ڀٽو جو نالو وٺڻ وڏي ڳالهہ هئي پر هن سانگهڙ ڪاليج ۾ نہ صرف جيئي ڀٽو جو نعرو هنيو پر اتي سپاف جون سرگرميون جاري رکيون.83ع واري ايم آر ڊي تحريڪن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو، گرفتاري ڏني، ڏيڍ مهينو جيل رهيو ۽ بعد ۾ پارٽي پاليسي موجب ضمانت تي آزاد ٿيو وري ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو، جنرل ضياءَ جي دور ۾ مٿس ڪيترائي ڪوڙا ڪيس بہ ٿيا، شاگردي دور کان راندين سان گهري دلچسپي رهي اٿس، پاڻ بيڊمنٽن، اسڪواش ڪرڪيٽ جو بهترين رانديگر بہ رهيو آهي، راندين شاگردي دور کانپوءِ بہ جاري رکيون، پاڻ جيم خانہ سانگهڙ جو نائب صدر رهڻ دوران اتي راندين جون سرگرميون وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، سندس چوڻ آهي تہ رانديون صحتمند معاشري لاءِ ضروري آهن، ان لاءِ حڪومتي سطح تي ڪوششون ٿيڻ گهرجن، تعليمي ادارن مان هاڻ راندين ختم ٿينديون وڃن، ان لاءِ اسپورٽس ڪاتي ۽ تعليم ڪاتي کي راندين کي جاري رکڻ ۽ وڌائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، ننڍي هوندي کان گهمڻ ڦرڻ جو شوق اٿس، پاڻ معلوماتي ٽوئر ڪرڻ جو ننڍي هوندي کان شوقين رهيو آهي پاڪستان جا تقريبن تاريخي ماڳ مڪان ۽ شهر گهميا آهن، دنيا جا 40 کان وڌيڪ ملڪ گهميا آهن، سڄي دنيا جا مڙئي ملڪ گهمڻ جو شوق رکي ٿو، پاڻ پ پ ضلعي سانگهڙ ڪميٽي جو ميمبر بہ رهيو آهي. بعد ۾ ڪو بہ عهدو وٺڻ بنا پ پ ۾ سرگرم عمل آهي، پارٽي جي هر سڏ تي ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي، 2011ع وارين برساتي ٻوڏ ۾ جڏهن سانگهڙ ضلعو ٻڏي ويو تہ سندس زمينون ۽ ڳوٺ بہ ٻڏل هو، پاڻ روايتي وڏيرن وانگر پنهنجون زمينون بچائڻ لاءِ سرڪاري تيل ۽ پاڻي ڪيڊڻ جون مشينون وٺڻ بجاءِ مختلف ڳوٺن مان پنهنجي خرچ تي پاڻي ڪيڊائڻ ۽ متاثرين لاءِ ڪئمپون قائم ڪرڻ، جهول واري علائقي جي ٻڏي ويل علائقن جي غريبن جي سنڀال لڌي،هن پنهنجي خرچ تي خيمان، راشن ۽ روڪ مدد ڪئي، جڏهن سانگهڙ ۾ امدادي سامان متاثرين لٽي رهيا

هئا، ڊي سي امدادي ڪميٽي ۾ متاثرين جي مدد ڪندڙ اين جي اوز سامان ڪٿي رکجي، سامان کي محفوظ ڪيئن ڪجي ؟ ان لاءِ پريشان هئا تڏهن علي نواز ڪيريو پنهنجي ڳوٺ ۾ سندس ڪيترن ئي ايڪڙ ۾ پکڙيل بنگلو اتي نهيل وڏا هال ۽ گدام جيڪي مٿي هئڻ ڪري ٻوڏ کان بچيل هئا، اهي انهن حوالي ڪيا ۽ اين جي اوز وارن کي ڳوٺ وارو بنگلو، سانگهڙ وارو بنگلو رهڻ لاءِ ڏنو ٻڏي ويل ڳوٺن مان ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ ٽرانسپورٽ مهيا ڪئي، ڪيس غريبن جي مدد ڪندي خوشي محسوس ٿئي ٿي. پنهنجي زمين تي هارين جي اولاد لاءِ اسڪول قائم ڪري انهن اسڪولن جي سرپرستي ڪري رهيو آهي. اهي اسڪول مثالي اسڪول ٻڌيل آهن.هارين کي اولاد سمجهندڙ علي نواز ڪيريو نرالي ۽ منفرد شخصيت جو مالڪ آهي. ڪيس وڻن، گلن سان پيار آهي، زمين ۾ هر سال هزارين وڻ پوکائي ٿو، زمين ۾ گل ٻوٽا بہ لڳائي ٿو، 10 ايڪڙن کان وڌو مڇي فارم آهي مڇي وڪرو ڪرڻ بجاءِ دوستن، هارين کي مفت ۾ ڏيندو رهيو آهي. غريبن جي هر طرح مدد ڪندي خوشي محسوس ڪري ٿو، غريب هارين جي اولاد کي اعليٰ تعليم لاءِ ڀرپور مدد ڪندو رهيو آهي.پاڻ اولاد جي تعليم لاءِ گهڻو وقت ڪراچي رهي ٿو، جڏهن بہ ڳوٺ اچي ٿو يار دوستن، غريبن جو ميلو مچي وڃي ٿو. پاڻ وڏو مهمان نواز آهي، ڪراچي هجي يا ڳوٺ سندس تہ هجڻ جي صورت ۾ ايندڙن يار دوستن، مسافرن،فقير فقيراءَ کي سندس پائر لکين عزتون ڏين ٿا وڏي تعداد ۾ نوڪر هئڻ جي باوجود هٿ سان ماني کارائيندي خوشي محسوس ڪن ٿا، علي نواز ڪيريو وٽ ايندڙ هر ماڻهو کي لکين عزتون ڏئي ٿو ۽ ڪيس وڃڻ وقت ٻاهر تائين ڇڏي اچڻ جهڙو سندس فرض ۾ شامل هجي ٿو، ڪراچي ۾ بہ جهول ۽ ٻين علائقن مان ڪم کارين ۽ ملڻ لاءِ ايندڙ دوستن لاءِ الڳ فليٽ رکيو آهي، ڪراچي جهڙي مصروف شهر ۾ سندس مهمان نوازي مشهور آهي، سندس مشهور سياسي، سماجي شخصيتن اعليٰ بيوڪريٽ سان ذاتي تعلقات آهن، پر اهي تعلقات ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ بجاءِ علائقي جي عوام جي ڪم کارين لاءِ استعمال ڪري ٿو، سندس خواهش آهي تہ جهول ۾ ڪيريا ڪميونٽي پاران هڪ خيراتي اسپتال ٺهي جتي هر بيماري جو علاج ٿئي، ڪيس سنڌ جي ثقافت سان پيار رهيو آهي، جڏهن بہ ڳوٺ ايندو آهي تہ هارين سان ويهي ڪچهريون ڪري ٿو خاص طور سياري ۾ اوطاق








سامهون مچ ڪچهري لاءِ ٺاهيل لانڍي ۾ ٻاهہ جو وڏو مچ ٻاري اتي رات دير تائين مچ ڪچهري ۾ موجود هوندو آهي، جتي مچ ۾ گجرون پچايون وڃن ٿيون، ڳڙ واري چانهہ ۽ ٻاجهري جي رٻ جو ديڳڙو مچ تي هوندو آهي، ڪيس 2 نياڻيون هڪ فرزند ولي محمد ڪيريو آهي.

حاجي شاهنواز ڪيريو حاجي ولي محمد جو ٻيو نمبر فرزند آهي، جنم 28 آڪٽوبر 1975ع تعليم ايم اي، پاڻ مثالي آبادگار آهي، زراعت سان حد درجي تائين شوق ۽ زراعت جو ماهر پاڻ زراعت جي حوالي سان دنيا ۾ ٿيندڙ جديد تحقيق بابت باقاعده لٽريچر ۽ نيٽ تي پڙهي ٿو، ملڪ ۽ دنيا ۾ زراعت تي ٿيندڙ سيمينارن ۾ مدعو ڪيو وڃي ٿو، اتي جديد زراعت جي حوالي سان ليڪچر ڏي ٿو ۽ سنڌ ۾ زراعت جي مسئلن بابت ڳالهائيندو رهيو آهي، پاڻ سال ۾ ٽي فصل ڪڻڪ جي ڪوشش ڪري ٿو.زراعت ۾ ڪنهن زرعي ماهر وانگر ڪامياب تجربا ڪري ٿو،زرعي فصلن کي نقصان پهچائيندڙ جيتن کان بچائڻ لاءِ ديسي ڪامياب تجربا ڪيا آهن، پاڻ گهٽ زرعي دوائون ۽ پاڻ ڪانسواءِ بهتر فصل حاصل ڪري ٿو، اهڙا ڪامياب تجربا پاڻ تائين محدود رکڻ بجاءِ نہ صرف ضلعي اندر پر سنڌ ۾ ز ميندارن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي، گهڻو وقت زمين تي هوندو آهي، ڪانئس سنڌ جا زميندار زرعي مشورا وٺندا رهن ٿا، پوکائي جا جديد طريقا بہ ايجاد ڪيا آهن، مڇي جي پالنا تي گهٽ خرچ ۾ وڌيڪ منافعي حاصل ڪرڻ جا بہ ڪامياب تجربا ڪيا آهن، زمين تي وڻ ۽ گل لڳائڻ، ڪچو رستو ٺاهڻ جو شوقين هر سال زمين تي وڌيڪ وڻ ۽ گل لڳائي ٿو، يار ويس، همدرد، مهمان نواز سماجي ورڪر پڻ آهي. شاهنواز ڪيريو جي سماجي ڪمن ۾ اهو بہ شامل آهي تہ هن 2011ع واري برساتي ٻوڏ متاثرين جي وڏي پاءُ علي نواز خان سان گڏجي وڏي خدمت ڪئي سوين متاثرين ۾ را شن ۽ ٻيو امدادي سامان ورهايو پاڻ مشرف دور ۾ ٿيل لوڪل باڊيز جي چونڊن ۾ يونين ڪائونسل جا بنا مقابلي نائب ناظم پڻ چونڊيا ويا.

**مريد خان ڪيريو:** حاجي ولي محمد ڪيريو جو ٽيون نمبر فرزند آهي، سندس جنم 27 نومبر 1976ع تي ٿيو، بي اي پاس آهي، بهترين زميندار، نوجوان سماجي ورڪر آهي، پنهنجي پاءُ شاهنواز جو ٻني ٻاري ۾ هٿ ونڊائيندو آهي، سندس شوق ٻنين تي وڻ لڳائڻ ۽ وڻن جي پاڙن

ڪي رنگ ڪرائڻ، انبن. ليمن ۽ چڪُن جا باغ رکڻ شامل آهي سندس والد وانگر صبح جو سوير ٻنين تي وڃڻ ۽ معصوم ٻارن سان پيار ڪرڻ، غريب هارين مزدورن کي ڏک سک ۾ ڪم اچڻ وارو آهي.

رب نواز ڪيريو حاجي ولي محمد جو چوٿو نمبر فرزند آهي، جنهن جو جنم15 جون 1981ع تي ٿيو، انٽر ڪلاس پاس آهي، بهترين زميندار، چوپائي مال جو شوقين، يار ويس، هر دلعزيز شخصيت آهي سندن شوق سٺي نسلن جو مال جنهن ۾ مينهون، ڍڳيون، اٺ، گهوڙا رکڻ ان ڪانسواءِ ٻڪرين ۾ اڇيون، ٻريون، ڪاريون، تتريون، ٺوڙهيون، جهريون، پٽيريون ۽ رڍن جا اعليٰ نسل رکڻ جو شوق رکي ٿو. پاڻ هارين، مزدورن، نوڪرن چاڪرن سان انتهائي سٺو ورتاءُ ڪري ٿو، پاڻ پرپاسي جي بيواهه عورتن ۽ وڏي عمر وارن ماڻهن جون لسٽون تيار ڪري انهن تائين ڪٽڪ، انب ۽ بيمار غريبن جي سارسنڀال پڻ ڪري ٿو، اوطاق ۾ ايندڙ مهمانن جي خدمت ڪرڻ سندس ذمي آهي.

**محمد مريد خان ڪيريو اول ۽ سندس خاندان:** ولي محمد ڪيريو "اول" جو ٻيو نمبر فرزند محمد مريد خان ڪيريو کي 6 فرزند محمد شريف ڪيريو، محمد رمضان ڪيريو، اڪ خان ڪيريو، حاجي محمد حسين ڪيريو، سونو خان ڪيريو ، دين محمد ڪيريو ۽ 2 نياڻيون به شامل آهي.

**محمد شريف ڪيريو:** محمد مريد ڪيريو جو وڏو فرزند محمد شريف ڪيريو 1925ع ۾ جنم ورتو، پاڻ به ٽي سنڌي درجا پڙهيل آهي، ليڪن ڳالهائڻ جو انداز ڪنهن اعليٰ تعليم يافته کان گهٽ نه اٿس، يار ويس، ذهين، اوطاقي، مهمان نواز، مسلمان هارين جي اولاد کي قرآن شريف پڙهائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هارين کي اولاد وانگر سمجهي ٿو ، هر ننڍي وڏي غريب سان عزت احترام سان ڳالهائيندو آهي، کيس 7فرزند ۽ 6 نياڻيون آهن، کيس 2 شاديون اٿس.

**احمد خان ڪيريو:** جنم 1964ع پاڻ بهترين زميندار يار ويس هر دلعزيز شخصيت هئا، پاڻ گرنمينٽ هاءِ اسڪول جهول جا مثالي استاد پڻ هئا سندن ادب سان به گهرو تعلق رهيو، سندن وصال 26 مارچ 2014 تي ٿيو آهي،

**محمد خان ڪيريو:** محمد شريف ڪيريو جو پهريون نمبر وڏو پٽ





فرزند محمد خان ڪيريو ڪيريا برادري سان گڏ مشهور سماجي شخصيت، غريبن جو همدرد، راڄ ۾ اٿي ويٺي وارو، ذهين، سياسي جوڙ توڙ جو ماهر هو. سندس تعليم انٽر تائين هئي، شاگردي دور کان سياست ۾ سرگرم رهيو، جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو پ پ جو بنياد وڌو ته سانگهڙ ضلعي ۾ سانگهڙ ضلعي ۾ تعلقه سنجهورو، سانگهڙ ۾ پ پ جي پليٽ فارم تان ڪم ڪرڻ ايترو آسان نه هو ان دور ۾ جهول ۾ پير صاحب پاڳارو جي مريدن جو زور هو، ان وقت محمد خان ڪيريو پنهنجي برادري جي ڪجهه معززين سان گڏ پ پ ۾ شامل ٿيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن پهريون دفعو سانگهڙ وڃي رهيو هو ته محمد خان ڪيريو پنهنجي برادري جي ماڻهن سان گڏجي جهول ۾ سندس تاريخي استقبال ڪيو ۽ ان قافلي ۾ سانگهڙ ويو جتي ڀٽو تي قاتلاڻو حملو ٿيو، پاڻ جهول ۾ پ پ جو صدر بعد ۾ سندس بهتر ڪارڪردگي ڏسندي کيس تعلقه سنجهورو جو جنرل سيڪريٽري ڪيو ويو، پاڻ علائقي جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.پ پ دور ۾ ميرٽ تي نوجوانن کي نوڪريون ڏياريون، ترقياتي ڪم ڪرايا، پ پ مخالف دور ۾ به عوام جو آواز بڻيل رهيو، ڪم ڪارين لاءِ ايندڙ غريب ماڻهن کي پنهنجي گاڏي ۾ ڪٺي واسطيدار آفيسرن وٽ ويندو هو، غريبن جا ڪم ڪاريون ڪندي خوشي محسوس ڪندو هو.سندس وصال 28 اپريل 2008ع تي ٿيو، پ پ جي ضلعي قيادت سندس وصال کي پارٽي لاءِ وڏو خال قرار ڏنو، پاڻ غير شادي شده هو. سندن وفات تي سنڌ جو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه ۽ ڪيترائي صوبائي وزير پڻ تعزيت تي آيا.

**علي گل ڪيريو:** پهرين جنوري 1969ع ۾ جنم ورتو، تعليم بي اي بي ٽيڪ پاڻ ايريگيشن کاتي ۾ سب انجنيئر آهي، مثالي زميندار، سماجي ڪارڪن، همدرد، غريبن جو يار، مهمان نواز شخصيت آهي.

**محمد بخش ڪيريو:** پاڻ محمد شريف جو پهرين گهرواري مان چوٿو نمبر فرزند آهي، جنم 1973-10-15، تعليم انٽر پاس آهي، پاڻ بلڊنگ کاتي سانگهڙ ۾ ڪلارڪ آهي، زميندار به آهي، پاڻ يار ويس مهمان نواز ڪل مک آهي، کيس 2 فرزند جنيد ۽ جمشيد ۽ 2 نياڻيون آهن.

**علي رضا ڪيريو:** جنم 1982ع ۾ پاڻ گريجوئيٽ آهي لوڪل باڊيز ۾ آفيس سپريڊنٽ طور خدمتون سرانجام ڏين پيا، پاڻ زميندار، سماجي

ڪمن ۾ دلچسپي رکندڙ بہ آهن، ڪين هڪ نياڻي جو اولاد آهي.

**علي بخش ڪيريو:** محمد خان ڪيريو جي وفات بعد سنڌس خال تہ نہ پرجي سگهندو پر علي بخش ڪيريو پاڻ جو خال پرڻ جي لاءِ ڪوشش ضرور ڪري رهيو آهي، نوجوان سياسي سماجي شخصيت ، يار ويس، غريب عوام جو هڏ ڏوکي مثالي زميندار، لبرل هر دلعزيز غريبن جا ڪم ڪندي خوشي محسوس ڪري ٿو، علي بخش ڪيريو جو جنم 1 جنوري 1983ع تي ٿيو، پاڻ بي اي پاس ڪرڻ بعد زميندارِي سنڀالي شاگردي واري دور کان سياست ۾ حصو ورتو، عوام جي خدمت ڪري پيو. سنڌس ڪارڪردگي کي ڏسندي پ پ قيادت سنڌس پاڻ جي جاءِ تي پ پ تعلقہ سنجهورو ۾ 2006ع ۾ جنرل سيڪريٽري چونڊيو، ان حيثيت سان پارٽي کي فعال ڪرڻ لاءِ پارٽي جي هر سڏ تي لبيڪ چئي ٿو، ضلعي سانگهڙ ۾ خاص طور سنجهورو ۽ جهول ۾ پ پ پاران ٿيندڙ جلسن، احتجاجن جي ڪاميابي لاءِ پنهنجي دوستن سان گڏ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، مٿس ۽ سنڌس ڀائرن تي پ پ مخالف دورن ۾ انتقامي ڪارروايين تحت ڪوڙا ڪيس بہ ٿيا، 2007ع ۾ جهول ۾ احتجاج ڪرايو تہ ڪيس گرفتار ڪرايو پوليس مٿس تشدد ڪيو، ليڪن ڪوڙا ڪيس تشدد ڪيس جهڪائي نہ سگهيو، انتهائي همت حوصلي وارو نوجوان آهي. علائقي ۾ ڪيترن ئي نوجوانن کي ميرٽ جي بنيادن تي نوڪريون ڏياريون آهن.سنڌس ڪوشش سان علائقي ۾ ڪافي ترقياتي ڪم ٿيا آهن، پاڻ گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول جهول جي ايس ايم سي ڪميٽي جو ڪافي وقت کان چيئرمين آهي، جتي پاڻ ايندڙ فنڊ نہ ڪائي نہ کائڻ ڏي ٿو نہ وري آفيسرن کي ڪميشن وٺڻ ڏي ٿو، ان اسڪول کي مثالي اسڪول بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي.

**علي خان ڪيريو:** جنم 1986، تعليم 5 درجا پاس، مثالي زميندار، يار ويس، گهڻو وقت اوطاق ۽ زمين کي ڏي ٿو، وڏو اوطاقي آهي.مريد خان ڪيريو جو ٽيون نمبر فرزند اڪ خان ڪيريو جو 1946ع ۾ جنم ٿيو پاڻ زميندارِي سان گڏوگڏ مال ڌارڻ جو شوقين هو مال جي واڙي ۾ کٽ تي ويهي کير ڏهائي هارين ۽ ڌنارن کي کير ڏئي باقي کير گهر ڏياري موڪليندو هو. سادو فقير ماڻهو هو هارين سان زمين تي ويهي رهندو هو پاڻ 3 پٽ 7 نياڻيون سوڀوار ڇڏيون. حاجي يوسف ولد اڪ





خان، علي شير ولد اڪ خان، علي اڪبر ولد اڪ خان پاڻ سماجي ورڪر آهن مثالي زميندار بہ.

**محمد رمضان ڪيريو:** مريد خان ڪيريو جو چوٿون نمبر فرزند آهي، سنڌس جنم1939ع تي ٿيو، تعليم انٽر پاس، بهترين زميندار، يار ويس، همدرد انسان، سماجي ڪارڪن آهي، يونين ڪائونسل جهول جا ايوب خان جي دور ۾ ميمبر هئا ڪيس هڪ فرزند الهہ بخش خان ڪيريو آهي. الله بخش بهترين سماجي ورڪر مثالي زميندار چوپايو مال سان شوق رکندڙ هارين کي اولاد وانگر سمجهي ٿو.

حاجي محمد حسين ڪيريو سنڌن تعليم ايم اي پاس پاڻ مريد خان جا چوٿون نمبر فرزند هئا، يار ويس، نيڪ نمازي، هو، پاڻ اوطاقي مهمان نواز، هارين کي اولاد وانگر سمجهڻ وارا، غريبن جو همدرد هو، پاڻ 2013ع تي سعودي عرب حج جي سعادت حاصل ڪرڻ ويو، جتي انتقال ڪري ويو، ڪيس تاريخي قبرستان جنت البقيہ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو، ڪين 4 فرزند آهن، هُن 2 شاديون ڪيون. پهرين شادي مان 3 پٽ، 2 نياڻيون، ٻئي شادي مان هڪ فرزند ذوهيب حسين ڪيريو ۽ 3 نياڻيون.

**منور حسين ڪيريو ولد حاجي محمد حسين:** پاڻ گريجوئيشن ڪرڻ بعد زميندارِي سنڀالين ٿا، سنڌن دوستن جو وسيع حلقو آهي، پاڻ يار ويس، مهمان نواز، سماجي ورڪر، دوستن جو وسيع حلقو رکي ٿو.غريب ماڻهن جي لڪل هٿ سان مدد ڪندو رهيو آهي.

**صفدر حسين ڪيريو:** پاڻ حاجي محمد حسين ڪيريو جا ٻيو نمبر فرزند آهن، انٽر پاس آهن، زميندارِي سنڀالين ٿا، ذهين نوجوان آهن. سنڌس 3 نمبر فرزند مظفر حسين ڪيريو آهي، پاڻ زميندار آهن، ذوهيب حسين ڪيريو هر دلعزيز، ذهين، يار ويس، مهمان نواز نوجوان آهي، مسو خان جو ٻيو نمبر فرزند رسول بخش ڪيريو هر دلعزيز يار ويس سماجي ورڪر هو، ڪيس 2 فرزند محمد ابراهيم ۽ حاجي دين محمد هڪ نياڻي آهي، محمد ابراهيم 2008ع ۾ انتقال ڪري ويو دين محمد سماجي ورڪر آهي ڪراچي ۾ رهي ٿو. انٽر پاس ڪرڻ بعد زميندارِي ڪري ٿو، با اخلاق، همدرد، ذهين نوجوان آهي، ڪين هڪ فرزند شهباز ۽ 2 نياڻيون آهن ذوهيب حسين ڪيريو، ولد حاجي محمد حسين ڪيريو 18 سال تعليم انٽر پاڻ هر دلعزيز نوجوان سماجي ورڪر

آهي.

**پيراڻو خان ڪيريو ۽ سندس اولاد:** ولي محمد ڪيريو "اول" جو ٽيون نمبر فرزند پيراڻو خان ڪيريو تقريبن 1905ع ۾ جنم ورتو، پاڻ مشهور سماجي شخصيت هو، پاڻ مثالي زميندار، يارن جو يار، مهمان نواز اوطاقي، غريبن جو هڏ ڏوکي، سخي مرد، علائقي جي ماڻهن جي ڏک سک ۾ شريڪ ٿيندڙ هر ماڻهو جي ڪم ايندڙ هو، سندس خاص طور علائقي جي مشهور خاندانن سان ويجها، گهرا تعلقات رهيا، پاڻ 10 آڪٽوبر 1971ع بمطابق 19 شعبان تي فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، پاڻ پويان 9 فرزند، هڪ نياڻي سوڳوار ڇڏيا.

**حاجي محمد جمن ڪيريو:** پيراڻو خان ڪيريو جو وڏو فرزند، حاجي محمد جمن جو جنم 1946ع ۾ ٿيو پاڻ سنڌي فائنل پاس هو، مشهور مثالي زميندار، سماجي شخصيت، مهمان نواز، چوپائي مال جو شوقين آهي. سندن اولاد ۾ هڪ فرزند غلام مصطفيٰ ڪيريو ۽ ٻه نياڻيون آهن، غلام مصطفيٰ ڪيريو جو جنم 31 جولاءِ 1994ع تي ٿيو، پاڻ هر دلعزيز نوجوان آهن.

مسو خان ڪيريو (ٽيون نمبر) پيراڻو خان ڪيريو جو ٻيو فرزند هو، 1948ع ۾ جنم ورتو، مشهور زميندار، سماجي، سياسي شخصيت، غريبن جو همدرد هو، سندس سنڌ جي مشهور خاندانن سان ويجها تعلقات هئا، خاص طور حيدرآباد جي مير برادارن مير رسول بخش خان ٽالپر، مير علي احمد خان ٽالپر سان انتهائي ويجها تعلقات هئا. پ پ جو بنيادي ميمبر ۽ نظرياتي جيالو هو، علائقي ۾ پ پ کي فعال ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، سندن ڳوٺ جي علائقي ۾ بجلي لڳائڻ ۾ به سندن هٿ هو. سندس پ پ لاءِ جدوجهد ۽ قربانيون قابل تعريف ۽ اڻ وسرندڙ آهن، گهوڙي سواري جو شوقين، مثالي زميندار پڻ هو، والي بال جو شوقين نامور رانديگرن کي گهرائي ٽورنامينٽ ڪرائڻ اداڪار سيد شفيع محمد شاهه، محمد صديق کهڙو، سائين حبيب الله شاهه پنجاب جي سکرا برادري سان تمام وڏا واسطا هئا. سانگهڙ ضلعي ۾ وڏي هلندي پهچندي وارو هو، پاڻ 1985ع ۾ وصال ڪيو، 83 واري ايم آر ڊي تحريڪ ۾ به سندس ڪردار رهيو. پاڻ پويان 3 فرزند علي حسن ڪيريو، علي انور ڪيريو ۽ علي اصغر ڪيريو، 2 نياڻيون سوڳوار ڇڏيون آهن.





**علي حسن ڪيريو:** 1974ع ۾ جنم ورتو، پاڻ بي اي پاس آهي، مثالي زميندار، سماجي شخصيت، مهمان نواز، يار ويس، همدرد آهي، ڪيس هڪ فرزند آهي. مسو خان ڪيريو جو ٽيون نمبر فرزند علي انور ڪيريو1976ع ۾ جنم ورتو سندن تعليم انٽر آهي، پاڻ بهترين سماجي ڪارڪن، مثالي زميندار، چوپائي مال سان وڏو چاهه رکندڙ آهي.

**علي اصغر ڪيريو:** مسو خان، ٽيون جو آخري فرزند ننڍي هوندي والدين جو دادلو سندس جنم 2 ڊسمبر 1984ع تي ٿيو آهي. علي اصغر: سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي سوشيالاجي ڪئي آهي، بينظير ڀٽو يوٿ پروگرام مان سي آءِ ٽي جو ڊپلوما ڪورس ڪيو اٿس، پاڻ زميندار سنڀالڻ سان گڏ علمي، ادبي، ثقافتي تنظيمن ۾ به سرگرم رهيو آهي. سنڌي ادبي سنگت جهول جو ميمبر، ٻالڪ ادبي سنگت جهول جو صدر پڻ رهيو آهي، پاڻ شاگردي دور کان سياست به ڪري ٿو، سپاف جهول جو صدر به رهيو آهي، ان پليٽ فارم تان شاگردن لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي، ادب سان گهري دلچسپي رکي ٿو، بهترين ليکڪ پڻ آهي، ڪجهه اخبارن، رسالن ۾ ڪالم به شايع ٿيا اٿس، ٻالڪ ادبي فورم جي پليٽ فارم تان ڪافي ادبي، ثقافتي، علمي پروگرام ڪيا آهن، نوجوان سماجي ورڪر آهي، سماجي ڪمن ۾ سرگرم رهيو آهي. پاڻ انڊس ڪيريا سوشل فورم سانگهڙ جو صدر پڻ آهي.

**حاجي محمد حسن ڪيريو:** پيراڻو خان جو 3 نمبر فرزند آهي، سندس جنم25 جولاءِ 1952ع تي ٿيو، پرائمري تعليم ڳوٺ مان ڇهين ڪان ڏهين ڪلاس تائين جهول ۽ سانگهڙ ميٽرڪ، انٽر سانگهڙ ڪاليج مان، ايم اي سنڌ يونيورسٽي مان، ايل ايل بي لا ڪاليج حيدرآباد مان آخري سال رهجي وڃڻ ڪري وڪيل سڏجڻ کان رهجي ويو. شاگردي زماني ۾ ڪٻڊي جو بهترين رانديگر هو، ڪرڪيٽ به کيڏڻ جي ڪوشش ڪئي پر سٺو رانديگر نه ٿي سگهيو، پاڻ ڪٻڊي جي ڪيپٽن ٿي ميچن ۾ ٽيم جي ڪپتاني به ڪئي ۽ کيڏيو، سياست ۾ شاگردي دور کان سرگرم رهيو، پاڻ ضلع ڪميٽي جو ميمبر به رهيو آهي، پ پ ۾ ڪيس بهترين عهدن جون آفرون به ٿينديون رهيون، پر عهدا قبول نه ڪيا، ان جي باوجود ايم آر ڊي تحريڪن ڪان وٺي هر پ پ مخالف دور ۾ ٿيندڙ جلسن، جلوسن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ قربانيون ڏنيون، جوڻيجو دور ۾ سندس ۽ خاندان جو نهري پاڻي بند ڪيو ويو ۽ پاڻي

چوري جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪري جيل وڌو ويو، ايم آر ڊي تحريڪن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو، ڪيس گرفتار ڪرائي ڏيڍ مهينو جيل واڙيو ويو.جڏهن آصف علي زرداري ستار ڪيريو کي ڪيرين جو سردار بڻايو ۽ ڪيرين جي تنظيم جو بنياد رکرايو جنهن جو صدر ستار ڪيريو کي نامزد ڪيو ويو، نائب صدر حاجي محمد حسن ڪيريو کي نامزد ڪيو ويو.حاجي محمد حسن ڪيريو عوام دوست، غريبن جو هڏ ڏوکي، يارن جو يار، سچو، مخلص، هر دلعزيز شخصيت جو مالڪ رهيو آهي.سندس ڪوشش سان جهول واري علائقي ۾ ڪافي ترقياتي ڪم ٿيا، ڪافي ماڻهن کي نوڪريون وٺرائي ڏيندو رهيو آهي، پاڻ غريب ماڻهن ۽ غريب شاگردن جي لڪل هٿ سان مدد ڪندو رهيو آهي. ننڍي هوندي فلمن ڏسڻ جو شوقين رهيو، موسيقي سان سندس دلچسپي رهي آهي.سندس پسند جي فنڪارن ۾ محمد جمن، محمد ابراهيم، عابده پروين، سرمد سنڌي رهيا آهن، سرمد سنڌي سندس ويجهو ۽ پيارو دوست رهيو، سرمد جي حادثي ۾ شهادت بعد ان جي خاندان جي پرگهور به لڌي، دنيا جا 40 ڪان وڌيڪ ملڪ گهميا آهن، پاڻ 3 حج، لاتعداد عمره ڪيا آهن، ڪافي غريبن کي عمره ڪرايا آهن، پاڻ آصف علي زرداري جو ويجهو دوست رهيو آهي، ليڪن دوستي ۾ ڪي به ذاتي فائدا نه ورتا، ها جيڪڏهن فائدا ورتا ته علائقي جي ترقي جا، غريب بيروزگارن کي روزگار ڏيارڻ لاءِ، پاڻ سچو ۽ کرو انسان آهي، رکان رکان ڪرڻ سندس طبعيت ۾ شامل نه آهي، پاڻ عوامي خدمت عين عبادت سمجهي ڪن ٿا. پاڻ سنڌ جي ثقافت جا امين آهن، پاڻ پهرين شادي ڊاڪٽر ياسمين سان ڪئي ۽ کيس سرڪاري نوڪري ڪرڻ پرائيوٽ اسپتال هلائڻ جي اجازت ڏني. ڊاڪٽر ياسمين مسيحا وارو ڪردار ادا ڪندڙ ڊاڪترياڻي هئي، غريب ماڻهن جو مفت ۾ علاج ڪرڻ ڪانسواءِ کين دوائون به وٺي ڏيندي هئي، وڌيڪ بيمار مريضن کي وڏين اسپتالن ۾ داخل ڪرائي انهن جو علاج پنهنجي خرچ تي ڪرائيندي هئي. هٿ جي به سخي هئي، ڪيترن ئي غريبن جي مدد ڪندي هئي، غريب جي نياڻين جي شادين ۾ به مدد ڪندي هئي، سندس جنم 4 جنوري 1957ع ۽ وصال 9 مئي 99ع تي آمريڪا ۾ ٿيو، حاجي محمد حسن کي ڊاڪٽر ياسمين مان کيس هڪ فرزند سهل حسن آهي ڊاڪٽر ياسمين جي وفات بعد پاڻ ٻي شادي ڪئي، ٻي





گهرواري مان هڪ فرزند آهي. پاڻ فالج، ڇيله جي تڪليف ۽ دل جي بيماري جو مريض هئڻ باوجود سياسي سماجي دنيا ۾ سرگرم عمل رهيو.

**حاجي مير حسن ڪيريو:** حاجي مير حسن ڪيريو حاجي پيراڻو خان ڪيريو جو چوٿو نمبر فرزند آهي، سندس جنم 11جنوري1955ع ۾ ٿيو، تعليم سنڌي فائنل ڪئي، پاڻ ننڍي هوندي کان ذهين، همدرد، سماجي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندڙ، ننڍي هوندي والدين جو دادلو هئڻ ڪري ڀين ڀائرن وانگر اعليٰ تعليم حاصل ڪري نه سگهيو،. سندس والد کي چوپائي مال خاص طور ٻڪرين ڌارڻ جو شوق هوندو هو ۽ حاجي مير حسن کي به اهو شوق ٿيو ۽ جڏهن وڏو ٿيو ته ان شوق کي وڌايو، هر نسل جون ڍڳيون، مينهون، ٻڪريون، رڍون پاليون، جڏهن ته هرڻ، ڦاڙا، مور، رونجهون به پاليون، چوپايو مال ۽ جانورن لاءِ زمين تي وڏو فارم ٺاهيو. گهوڙا به ڌرايا، خود بهترين گهوڙي سوار به آهي. سنڌ ۾ ٿوري ٻڪري جو نسل تقريبن ختم ٿي ويو آهي، پر حاجي مير حسن ڪيريو وٽ اڄا تائين سڀني نسلن جون ٻڪريون موجود آهن ڪنهن ڪنهن امير وٽ ٿوري ٻڪرين جو نسل هوندو، حاجي مير حسن ڪيريو وٽ ٿوري ٻڪرين جو به نسل آهي، چوپايو مال جي حوالي سان نه صرف سنڌ پر پاڪستان ۾ مشهور آهي، سندس اها هاڪ جڏهن دنيا جي مختلف ملڪن جي چوپايو مال جي شوقين وٽ پهتي ته انهن به وٽس اچڻ شروع ڪيو آهي ۽ وٽس بهترين نسل جي چوپايو مال جي تعريف ڪن ٿا ۽ اهي غير ملڪي کيس اهو به چوندا رهن ٿا ته دنيا جي مختلف ملڪن ۾چوپايو مال جي لڳندڙ بين الاقوامي نمائش ۾ هو، هر چوپايو مال مان هڪ هڪ جانور ڪاهي اچي، اهي خرچ نمائش لڳائڻ وارا ڏيندا، پر هي ٻاهرين ملڪن ۾ لڳندڙ چوپايو مال جي نمائش ۾ نه ويو پر سنڌ ۽ ٻين صوبن ۾ لڳندڙ نمائش ۾ پنهنجو چوپايو مال ڪاهي ويندو رهيو آهي، کيس انهن نمائش ۾ بهترين نسل جي ٻڪرين تي لاتعداد ايوارڊ شيلڊون، ميڊل سرٽيفڪيٽ ۽ روڪ انعام مليا آهن، پاڻ مثالي زميندار آهي، سال ۾ 3 فصل ڪڍي ٿو، سياست به ڪري ٿو، علائقي ۾ سماجي ڪم به ڪري ٿو، سندس دوستن جو حلقو وسيع آهي، انهن کي به وقت ڏئي ٿو، پاڻ وڏو مهمان نواز، اوطاقي، يار ويس، غريبن جو هڏ ڏوکي، ڪچهرين جو ڪوڏيو، کرو، سچو انسان آهي. پاڻ ملڪ جا تقريبن شهر، تفريح هنڌ تاريخي ماڳ گهميا آهن، دنيا جا 15 کان وڌيڪ ملڪ

گهميا آهن، پاڻ ٻاهرين دنيا جي ڀيٽ ۾ سنڌ جي سياحت کي اهميت ڏي ٿو، سندس چوڻ آهي تہ سنڌ سياحت سان مالا مال آهي، سنڌ جي ثقافت دنيا جي ثقافت کان شاهوڪار آهي، پاڻ سنڌ جي ثقافت جو امين آهي، سنڌي لباس اصلي سنڌي جتي پائڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو هر سال ثقافتي ڏينهن تي جهول ۾ وڏي ليول جو ثقافتي پروگرام ملهائي ٿو، پاڻ جديد بنگلا ٺهرائڻ ۽ سٺي فرنيچر سان ڊيڪوريٽ ڪرڻ جو شوقين آهي، سندس ٺهرايل بنگلا خاص طور نواب شاهہ ۾ ٺهرائيل بنگلو يورپ جي بهترين خوبصورت عمارتن جو ڏيک ڏي ٿو. پاڻ فيصلن جو وڏو ماهر آهي سڄي سنڌ ۾ فيصلن ۾ امين طور ويندو آهي فيصلن ۾ انتهائي بردبار شخصيت طور سڃاتا وڃن ٿا، سڄي سنڌ ۾ ڪيريا برادري جي مرڻن، پرڻن، ڏکن، سکن ۾ هر وقت گڏ هوندو آهي ضلعي سانگهڙ ۾ جن سان بہ سندس واسطا آهن انهن سان ڏکن سکن ۾ پاڻ نڀائيندو اچي پيو، غريبن، بي پهچ ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪري ٿو، ڪيس چار فرزند ۽ نياڻيون آهن، حاجي مير حسن سان گڏ سندس ڀاءُ علي حسن بہ چانئو، جو 24 سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

**امير علي ڪيريو:** امير علي ڪيريو حاجي مير حسن جو وڏو فرزند آهي، امير علي جو جنم 20 اپريل 1982ع تي ٿيو، پاڻ بي اي تائين تعليم حاصل ڪرڻ بعد زميندارى، چوپائي مال جي فارمن ۾ والد جو مددگار آهي، پاڻ پ پ جو سرگرم ڪارڪن ۽ مشهور سماج سڌارڪ آهي، ننڍي هوندي کان سماجي ڪمن سان دلچسپي رکي ٿو، نہ صرف ضلعي پر سندس دوستن جو وسيع حلقو آهي، يار ويس، مهمان نواز، غريبن جو همدرد پاڻ غريبن جي مدد سماجي ڪم ڪندي خوش محسوس ڪري ٿو، عوام جي خدمت بنا فرق جي ڪندو رهيو آهي.2011ع جي ٻوڏن ۾ پنهنجي طور متاثرين جي خدمت ڪئي، ننڍي عمر ۾ سياسي سماجي دنيا ۾ سٺو نالو ڪمايو آهي.پاڻ 2015ع وارين لوڪل باڊيز جي چونڊن ۾ يونين ڪائونسل ولي محمد ڪيريو مان چيئرمين طور وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي آهي،ادب سان دلچسپي رکي ٿو، ادبي، تاريخي، اسلامي ڪتاب سندس مطالعي ۾ رهيا آهن، سنڌ جي ثقافت سان پيار ڪري ٿو، دنيا جا ڪافي ملڪ گهميا آهن، سندس والد پاران هر سال ملهائجندڙ ثقافتي ڏينهن ۾ والد جو ٻانهن ٻيلي ٻڌيل هوندو آهي.





**نور علي ڪيريو:** حاجي مير حسن جو ٻيو نمبر فرزند آهي، سندس جنم 1 جنوري 1983ع تي ٿيو، تعليم 8 ڪلاس تائين حاصل ڪري سگهيو آهي، زميندارى سنڀالي ٿو، پاڻ نوجوان سماجي ورڪر، يار ويس، ذهين همدرد آهي.

**ڪرم علي ڪيريو:** پاڻ حاجي مير حسن جو ٽيو نمبر فرزند آهي، سندس جنم 85-9-5 تي ٿيو، انٽر تائين تعليم حاصل ڪري سڄو توجهہ زميندارى تي ڏي ٿو، ڪافي ٽائيم زمينن تي رهي ٿو ۽ والد جي چوپايو مال جي فارمن جي سار سنڀال ڪري ٿو، هر دلعزيز نوجوان آهي.

**ذوالفقار علي ڪيريو:** حاجي مير حسن ڪيريو جو چوٿو نمبر فرزند آهي، سندس جنم 22 آڪٽوبر 1992 تي ٿيو، تعليم انٽر تائين، زميندارى سنڀالي ٿو، ذهين دلعزيز نوجوان آهي. سندس سماجي ڪمن سان بہ دلچسپي آهي.

**حاجي احمد حسن ڪيريو:** پير اڻو خان جو 6 نمبر فرزند آهي، جنم 14 مارچ 1956ع تي، تعليم ايم اي پوليٽڪل سائنس سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪئي، پاڻ انتهائي ذهين، ڪل مک، يارن جو يار، غريبن جو همدرد، فقير منش شخصيت جو مالڪ آهي، اجان ننڍو ٻار هو تہ هن جهول ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو آيو تہ سندن وڏي ڀاءُ مسو خان مٺي ڪٽي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان هٿ ملرايو پر جوش انداز ۾ جيئي ڀٽو جو نعرو هنيو، ان تي ڀٽو صاحب سندس ڳل تي ٿڦڪي ڏني، ان بعد پاڻ پنهنجي ڀاءُ مسو خان ڪيريو سان گڏ قافلي سان گڏ سانگهڙ ويو، جتي ڀٽو تي حملو ٿيو. پاڻ پ پ ۾ سرگرم آهي، ليڪن آفرون ملڻ جي باوجود ڪو بہ عهدو وٺڻ کانسواءِ انتهائي سرگرم رهيو آهي.پاڻ بلدياتي چونڊن ۾ جوڙ توڙ جو ماهر آهي، سندس گفتگو جو انداز انتهائي وڻندڙ ۽ متاثر ڪندڙ ڪاوڙ ۾ بہ پاڻ مرڪندي نظر ايندو آهي، ڪوشش ڪندو آهي تہ فيصلا ڪرڻ ۾ سندس ڪنهن عمل يا گفتگو سان ڪنهن جي دل آزاري نہ ٿئي.تاريخي ادبي، اسلامي ڪتاب سندس مطالعي ۾ رهيا آهن.جڏهن ٽي وي جو زمانو نہ هو تہ پاڻ ريڊيو شوق سان ٻڌندو هو.پاڻ بي بي سي، وائيس آف آمريڪا، وائيس آف جرمني ۽ ٻين ملڪن جي ريڊيو سروس تان اردو ۾ ايندڙ خبرون شوق سان ٻڌندو هو، هاڻ روزانو مختلف ٽي وي چئنلن تي خبرون ۽ سياسي ٽاڪ شو دلچسپي سان ڏسي ٿو، شاگرد دور ۾ راندين سان دلچسپي رهيس، پاڻ فوٽ بال، ڪرڪيٽ، ڪبڊي جو

بهترين  رانديگر رهيو.اسڪول ۾ ڊوڙ جي مقابلن ۾ سدائين پهريون نمبر حاصل ڪيو، صوفيانہ راڳ ٻڌڻ جو شوق رکي ٿو، زراعت ۾ چاڻ رکي ٿو.مثالي آبادگار طور مشهور آهي، پاڻ سياست کان وٺي تاريخي ماڳ مڪانن، مذهب، تعليم تي بهترين انداز ۾ ڳالهائي ٿو، سياسي تجزيہ بہ بهترين انداز ۾ ائين ڪري ٿو جهڙو هڪ بهترين تجزيہ نگار صحافي ڪن ٿا.غريب شاگردن، مريضن جي مدد ڪندڙ مسجدن جي تعمير ۽ مدرسن جي غريب بيواهہ عورتن جي لڪل هٿ سان مدد ڪري ٿو، کرو ۽ سچو انسان آهي. ڪنهن ڪي ڳالهہ وڻي نہ وڻي پر هو هر ماڻهو ڪي سچ چئي ڏي ٿو، پاڻ سدا بهار شخصيت آهي، ڪين 2 فرزند شڪيل حسن ڪيريو، جنم 29 فيبروري 2002ع ٻيو فرزند عقيل حسن ڪيريو: جنم 2007ع  ۾ئي نندڙا والد وانگر ذهين آهن، ڪين هڪ نياڻي پڻ آهي.

**گل حسن ڪيريو ايڊووڪيٽ:** پيراڻو خان جو 7 نمبر فرزند گل حسن ڪيريو ايڊووڪيٽ، جنم 7 مارچ 1964ع پاڻ ايم اي اڪنامنس ايم اي اسلامي ڪلچر، ايم اي پولٽيڪل سائنس ۽ ايل ايل بي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ڪئي اٿس، ننڍي هوندي کان ذهين، سماجي ڪمن ۾ دلچسپي رکندڙ هر دلعزيز، سٺي سوچ رکندڙ شخصيت آهي.پاڻ سانگهڙ جي سينيئر وڪيل امير علي لسڪاڻي سان گڏ پريڪٽس ڪئي، پاڻ هاءِ ڪورٽ جو وڪيل آهي.غريبن کان وڪالت جي في نٿو وٺي، ماڻهن کي مفت قانوني مشورا ڏي ٿو، پاڻ پ پ جي پليٽ فارم تان سياست بہ ڪري ٿو، شاگردي زماني ۾ ڪٻڊي جو بهترين رانديگر ۽ اسڪول ۾ ڪٻڊي ٽيم جو ڪپتان بہ رهيو، تعلقہ ضلعي ليول تي ڪٻڊي ٽورنامينٽون ڪيڏيون، ڪيترن ۾ ئي ڪاميابي ماڻي، ڪيترائي ڪپ حاصل ڪيا، ادب سان گهري  دلچسپي رکي ٿو، ڪچهرين جو ڪوڏيو، يار ويس، مهمان نواز شخصيت آهي، سماجي ڪمن ۾ دلچسپي رکي ٿو، سيئر تفريح ۾ 15 کان وڌيڪ ملڪن ۾ ويا آهن ٽي حج ۽ ڪيترائي عمرا ڪيل آهن، صوفيانہ راڳ چاهہ سان ٻڌي ٿو، ڪيس مانجهي فقير، سوڍل فقير، وزير علي شاهہ، اظهر دايو ۽ ٻيا صوفي راڳي جا ڳايل گيت پسند آهن، اڇي رنگ جا ڪپڙا شوق سان پائي ٿو، ڪيس 2 فرزند جميل حسن جنم 2014ع ۾ انصاف حسن جنم 2010ع ۾ئي پڙهن ٿا.

**غلام حسين ڪيريو:**  پيراڻو خان جو 8 نمبر فرزند پاڻ بهترين





زميندار، هر دلعزيز شخصيت جو مالڪ هو، 40 سالن جي ڄمار ۾ 2006ع ۾ انتقال ڪري ويو.

**الهوڏايو ڪيريو:** پيراڻو خان جو 9 نمبر فرزند هو، زميندار، سماجي ورڪر، بهترين انسان هو، 1998ع ۾ 30 سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

**حاجي خدا بخش خان ڪيريو:** ولي محمد ڪيريو جو 4 فرزند حاجي خدا بخش خان ڪيريو علائقي جي مشهور سياسي، سماجي ۽ هر دلعزيز شخصيت ٿي گذريو هو، ضلعي سانگهڙ جا ڪافي جهونا سياسي اڳواڻ ۽ نظرياتي ورڪر سياست ۾ سندس شاگرد آهن، پاڻ تقريبن 1922ع ۾ جنم ورتو. پاڻ پ پ جو بنياد ميمبر آهي.سندس پارٽي ڪي ضلعي ۾ فعال بڻائڻ ۾ اهم ڪردار رهيو، خوبصورت عمارتون ٺاهڻ جو شوقين هو، جهول ۾ خوبصورت مارڪيٽون ٺهرايون، ڳوٺ ۾ خوبصورت وسيع بنگلو ٺهرايو، گهر جي بہ خوبصورت عمارت ٺهرائي عمارتن جا نقشا اڄ جي ڪنهن بهتر انجنيئر جهڙا ٺاهيندو هو. سخي منش، مهمان نواز، غريبن جو هڏ ڏوکي، سنجيدهہ ڪرو، سچو انسان هو، جهول ۾ مارڪيٽ ٺاهي بي روزگارن کي روزگار لاءِ مفت ۾ يا معمولي مسواڙ تي دوڪان ڏنا، دوڪانداري لاءِ غريب ماڻهن جي مالي مرد ڪئي، تعميراتي ڪمن سان سندس حد درجي تائين شوق رهيو، جهول ۾ مارڪيٽ، جڳهن توڙي ڳوٺ ۾ پاڻ ۽ خاندان لاءِ جديد اوطاقون گهر ٺهرائڻ لاءِ خود نقشا تيار ڪيا ۽ پنهنجي نگراني ۾ اهو تعميراتي ڪم مڪمل ڪرايو، ڳوٺ لاءِ ٻن ايڪڙن کان وڌيڪ زمين تي ابراهيمي قبرستان نالي قبرستان ٺهرايو، قبرستان ۾ ايران جي قبرستانن وانگر پڪيو رستو ٺهرايو وڻ گل ٻوٽا رکرايا، پاڻ مشهور سياسي سماجي شخصيت هو، جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو پ پ ٺاهي تہ پاڻ پ پ ۾ شامل ٿيو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن سانگهڙ ويندي جهول مان گذيو تہ سندس والهانا استقبال ڪرايو ۽ بعد ۾ پنهنجي پائرن ۽ ٻين مائيٽن سان گڏ ڀٽو سان گڏ سانگهڙ ويو، جتي ذوالفقار علي ڀٽو تي حملو ٿيو، ان وقت خدا بخش ڪيريو، ڀٽو سان گڏ هو، پاڻ ڳوٺ ۾ اسڪول بہ قائم ڪرايو ۽ پنهنجي خاندان سان گڏ هارين ۽ علائقي جي غريبن جي اولاد کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ نہ صرف همٿايو پر سندن ڪتابن ۽ مالي مدد بہ ڪئي، علائقي ۾ ماڻهن جي ڏک سک ۾ شريڪ رهيو پاڻ جهول جي

بنيادي مسئلا حل ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ڪيو، 86ع ڌاري ٽائون ڪميٽي جهول جو چيئرمين رهيو ۽ جهول ۾ ڪافي بنيادي مسئلا حل ڪرايا ترقياتي ڪم ڪرايا، پاڻ وڏي ليول تي خير خيراتون ڪندو هو، مخفي انداز ۾ غريبن جي مالي مدد، هر عيد تي غريبن جي مددڪندو هو، پاڻ مثالي زميندار به هو، پاڻ ڪيترائي حج ۽ عمره به ڪيا، علائقي جي عوام جي ڏک سک ۾ بروقت شريڪ ٿيندو هو، غريب بيمار ماڻهن کي علاج لاءِ مالي مدد ڪندو هو، پاڻ علائقي ۾ سياسي جوڙ توڙ جو وڏو ماهر طور مڃيو ويندو هو، پاڻ ڪوشش ڪندو هو ته سندس ڪنهن عمل يا ڳالهين سان ڪنهن جي دل آزاري نه ٿئي، سندس گفتگو اديبانه هوندي هئي، سندس ڳالهائڻ ۾ مٺاس ۽ اثر هوندو هو، سندس ڪوڙ سان نفرت سچ سان محبت رهي، ڪچهرين جو ڪوڏيو هو، ڪيترن ئي صحافين جي به سرپرستي ڪندو هو، پاڻ لبرل مذهبي شخصيت هو، پاڻ 74 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي ڪين پٽ جو اولاد نه هو.

## جمال فقير کان فقير محمد بخش خاصخيلي ۽ فقير حسين بخش خاصخيلي تائين

سانگهڙ ضلعو خاص طور شهدادپور تعلقي واري علائقي ۾ عوام جي دلين تي راڄ ڪندڙ مشهور سياسي سماجي عوام دوست شخصيت جمال فقير خاصخيلي جون عوام جون خدمتون، علائقي جي عوام وٽ خوشين ۽ غمين جي لمحن ۾ بروقت شريڪ ٿيڻ ڪنهن کان ڳجهو نه آهي. پاڻ 1922ع ۾ حاجي وريام خاصخيلي جي گهر ۾ جنم ورتو. مرحوم جمال فقير جو شمار انتهائي ذهين ماڻهن ۾ ٿئي ٿو. سندس ذهانت تي پاڻ کي ذهين سڏائيندڙ ماڻهو دنگ رهجي ويندا هئا. وٽن ڪم ڪارين لاءِ ڪير به ايندو هو پهرين اهو واقف هجي يا اڻ واقف حر جماعت جو هجي يا ڪنهن به پير جو مريد مسلم ليگ جو هجي، پ پ جو يا ڪنهن ٻي پارٽي جو پر سندس ڪم ڪاريون سندن مسئلا حل ڪرائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. شهدادپور شهر ۾ اوطاق تي ويندڙن جي خدمت ڪرڻ مهمان نوازي ڪندي خوشي محسوس ڪندو هو. کڻ ته دور هجي پر جمال فقير جي اوطاق جون رونقون بحال رهيون ۽ بحال آهن. فيصلا ڪرڻ جو ماهر انصاف ڀريو فيصلو ڪندو هو، فيصلي ۾ اهو ڪونه ڏسندو هو ته هو ڪير آهن، هو الله کي حاضر ناظر





چاڙهي فيصلا ڪندو هو. پاڻ هڪ مثالي زميندار هو، صبح شام زمين تي وڃي فصل کي ڏسندو هو ۽ هارين کي زمين جا ڪم ڪار سمجهائيندو هو. پاڻ حر مجاهد فورس جو ڪمانڊر پڻ هو. 65ع ۽ 71ع وارين جنگين ۾ پنهنجي مرشد پير صاحب پاڳارو جي هدايتن تي پاڪ وطن جي حفاظت لاءِ سرحد جي حفاظت لاءِ اتي ڀارت جي فوج سان دليري سان وڙهيو. پاڻ پير سائين جي هدايتن تي ڌاڙيلن سان مقابلا ڪري کين ماريو، پاڻ اليڪشن ۾ جوڙتوڙ ۽ اليڪشن جي ٽيڪنڪ جو وڏو ماهر هو. پاڻ روايتي بااثر ماڻهن وانگر ڏوهارين لوفرن سان تعلقات وڌائڻ بجاءِ سدائين انهن جي خلاف رهيو. پاڻ ڏوهارين جو دشمن، شريف ماڻهن جو يار هو. پاڻ پنهنجي اولاد جي به بهترين تربيت ڪئي، اهوئي سبب آهي ته جمال فقير جي وصال بعد به سندس اوطاق وسي رهي آهي. سندس فرزند فقير محمد بخش خاصخيلي ۽ فقير حسين بخش خاصخيلي پنهنجي والد وانگر سخي، مهمان نواز، عوام جا هڏ ڏوکي، ذهين، فيصلن جا ماهر، فيصلو اهڙو انصاف ڀريو جو ڀين بااثر ماڻهن کان فيصلا نه ٿيندڙ فيصلن کي به اهڙي انداز ۾ ڪري رهيا آهن، جو ٻئي ڌريون ڪير ڪنڌ ٿيو وڃن، سندن وصال 30 اپريل 2002ع تي ٿيو.

**فقير محمد بخش خاصخيلي:** 22 آڪٽوبر 1957ع ۾ ڳوٺ ماڻو جمالي ۾ جنم ورتو. شهدادپور جي پرائمري تعليم مين پرائمري سنڌي سيڪنڊري گورنمينٽ هاءِ اسڪول بي اي ۽ ايم اي پرائيويٽ امتحان ڏئي پاس ڪئي. سياست جي شروعات 1980ع ۾ ضلع ڪائونسل جي يونين ڪائونسل ملدسي ۾ مير مراد علي ٽالپر جي وفات ڪري خالي ٿيل سيٽ تي پير بخش ڏيرو سان اليڪشن وڙهي سيٽ کٽڻ سان ڪئي. 83ع ۽ 87ع ۾ ميونسپل ڪميٽي شهدادپور ۾ ڪائونسلر جي سيٽ تي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو. 87ع ۾ ميونسپل ڪميٽي جو چيئرمين ٿيو. 1997ع ۾ شهدادپور جي صوبائي اسيمبلي جي سيٽ تي ڪامياب ٿي ايم پي اي ٿيو ۽ پاڻ پارليامينٽ سيڪريٽري به بنيو. پاڻ هردلعزيز زنده دل يار ويس بنا فرق جي عوام جي خدمت جو جذبو رکندڙ انتهائي سنجيده شخصيت آهي. اقتدار ۾ هجي يا نه پر بي پهچ ماڻهن جي خدمت کي افضل عبادت سمجهي ڪري ٿو، ڪنهن به پارٽي جو ماڻهو ڪم ڪارين لاءِ ايندو ته لڪ عزتون وٺي ويندو. ڪم ڪاريون پارٽي بنيادن تي نه پر انسانيت جي خدمت ڪرڻ واري جذبي تحت

ڪندو رهي ٿو. بقول سندس تہ اسان سياست مال ڪمائڻ نہ پر عزت ڪمائڻ لاءِ ڪري رهيا آهيون. اسان جو ماضي حال عوام سامهون آهي. سياست ۾ هڙان وڙان خرچ ڪندا رهون ٿا. سندس بلديہ جي چيئرميني وارو دور ۽ سندس پاءُ فقير حسين بخش خاصخيلي جو تعلقي ناظم شپ وارو دور بلديہ شهدادپور جي تاريخ ۾ سونهري دور ليکيو وڃي ٿو. شهدادپور ۾ رڪارڊ ٽوڙ ترقياتي ڪم، پارڪن جي خوبصورتي ڪان وٺي لائبريرين جي بهتري ٻنهي ڀائرن جي دور ۾ ٿي آهي. ٻنهي ڀائرن جي دور ۾ شاپنگ سينٽر ٺهيا. شهر جا روڊ رستا، گهٽيون ٺهيون، روشني جو بهترين انتظام ٿيو. پاڻ اداس لمحن ۾ سمهي ننڊ ڪندا آهن، خوشي جي لمحن ۾ الله سائين جو شڪر ادا ڪندا آهن. پاڻ وڏو مهمان نواز، سخي، غريبن جو هار، يارن جو يار آهي، ڪين ڪوڙو ۽ منافق انسان نہ وڻندو آهي، نيڪي جاڪم ڪندي خوشي محسوس ڪندو آهي. پاڻ ٻہ دفعا مسلم ليگ ”ف“ ضلع سانگهڙ جو صدر رهيو آهي، سندس ڪوشش سان ڪيترائي ٻين پارٽين وارا مسلم ليگ ”ف“ ۾ شامل ٿيا آهن.

**فقير حسين بخش خاصخيلي:** سندس شخصيت نرالي آهي، سچو کرو انسان آهي. پنهنجي والد وانگر ذهين عوام جي خدمت جو جذبو رکي ٿو. يارن جو يار آهي، ميونسپل ڪاميٽي شهدادپور جي تاريخ ۾ سڀ ڪان وڏيڪ ترقياتي ڪم سندس تعلقي ناظمي واري دور ۾ ٿيا. سهڻي ميهار جي شهدادپور شهر کي خوبصورت بنائڻ لاءِ شهدادپور- هالا، شهدادپور- شاهپورچاڪر، شهدادپور- سانگهڙ، شهدادپور- سومر فقير هنگورو رستن تي مختلف شخصيتن جي نالن تي خوبصورت گيٽ ٺهرايا. جڏهن تہ شاهپورچاڪر روڊ ڪان حضرت بهادر فقير، حضرت هاشم شاهہ شهدادپور سانگهڙ روڊ ڪان شير لغاري ۽ ٻين ڳوٺن ڏانهن ويندڙ روڊن تي گيٽ ٺهرايا ۽ شهدادپور شهر جي چونڪن تي پڻ مشهور شخصيتن جي نالن تي خوبصورت چونڪ ٺهرايا. شاهہ لطيف پارڪ کي ٻيهر جديد انداز ۾ ٺهرايو. لائبريرين جي مرمت ۽ وڏيڪ ڪتاب خريد ڪري ڏنا. شهر جي تقريبن روڊن جي بهترين مرمت، شهر ۾ ڪجهہ نوان روڊ بہ ٺهرايا. شهر جي تقريبن گهٽين ۾ سي سي بلاڪ ۽ فرشبندي ڪرائي. فقير حسين بخش خاصخيلي جي دور ۾ نہ صرف شهدادپور شهر پر مختلف يونين ڪائونسلن ۾ بہ ترقياتي ڪم ڪرايا. جڏهن تہ مختلف علائقن جي ڊرينيج جي شروعات ڪئي. هلندڙ





ڊرينيج سسٽم کي بهتر بنايو، مختلف ڪچن رستن تي پليون ٺهرايون، اسٽريٽ لائيٽ جو نظام بهتر بنائي شهدادپور کي روشنين وارو شهر بنايو، صفائي جو نظام بهتر بنايو. راندين کي فروغ ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪيون، سياسي جوڙ توڙ ۾ فقير حسين بخش خاصخيلي پنهنجو مٽ پاڻ آهي. فيصلا انصاف ڀريا سياسي جوڙ توڙ ۽ فيصلا پنهنجي والد جمال فقير ڪان سکيو.

پاڻ عوام جي خدمت کي افضل عبادت سمجهن ٿا. فقير حسين بخش خاصخيلي جو جنم 12-1-63 تي ٿيو. پرائمري تعليم، پرائمري اسڪول مان نائون ڏهون، ڪينٽ پبلڪ اسڪول ڪراچي مان، انٽر ڪان پوءِ ايم اي پوليٽيڪل سائنس تائين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادپور مان حاصل ڪئي. شاگرد واري دور ۾ 1978ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادپور ۾ ايم ايس ايف جي پليٽ فارم تي سرگرم رهيو. باقائده سياست ضلع ڪائونسل جو ميمبر ٿيڻ سان ڪئي. مسلم ليگ (ف) جو بنيادي طور ميمبر هئڻ جي باوجود ڪنهن بہ عهدي تي نہ رهيو آهي. ڪارڪن جي حيثيت سان ڪنهن عهديدار ڪان بہ وڏيڪ ڪم ڪري ٿو. سندن آئيڊيل شخصيت اعليٰ پير سائين پاڳارو آهن، فقير حسين بخش خاصخيلي طبيعت جي لحاظ ڪان خوش مزاج آهي. ادب سان گهري دلچسپي رکي ٿو. اسلامي، تاريخي، جنگين جا ڪتاب سندس مطالعي ۾ رهيا آهن. اهو چوڻ ۾ هيڪ محسوس ڪانہ ٿي ٿئي تہ فقير حسين بخش خاصخيلي عوامي خدمت، ٻاجهاري طبيعت جي ڪري علائقي ۾ وڏي مقبوليت ماڻي آهي. ڪم ڪارين جي حوالي سان عوام جي خدمت ۽ فيصلن جي حوالي سان مهمان نوازي جي حوالي سان سندن مخالف بہ تعريف ڪن ٿا. هنن ٻنهي ڀائرن جي عوام دوستي جي ڪري هر دور ۾ فقير هائوس ۾ ڪم ڪارين وارن ماڻهن جي رش هوندي آهي ۽ ٻئي ڀائر ڪڏهن بہ اهو نہ ڏسندا آهن تہ ڪم لاءِ آيل حر جماعت جو آهي، سندس پارٽي جو آهي يا ڪنهن ٻي پارٽي جو. علائقي جي اردو، پنجابي ڳالهائيندڙن توڙي هندو مذهب سان تعلق رکندڙ بہ هنن جي تعريف ڪندي نظر ايندا آهن. دعا آهي تہ ٻئي ڀائر سدا خوش رهن.

## حاجي امام بخش جوڻيجو کان عبدالعزيز جوڻيجو تائين

سنڌ جي قديم قبيلي جوڻيجن جو حسب نسب سنڌ جي اوائلي تاريخ ۾ ان ريت ملي ٿو تہ جوڻيجو، جوڻا مان نڪتل آهي. جوڻا ملاح، مهاڻا آهن. سندن شاخ سميجن، ابڙن ۽ سمن مان آهي. جوڻا ڏهر جي پٽ پينسين ۽ ساند جي پٽ هالوجي اولاد آهن. جيهو، جاکرو، هوٿي، هنگورو، ڏيرو ۽ پلي هنن جا پاڙا آهن. تاريخي حوالن ۽ سيني بہ سيني ايندڙ روايتن موجب ڄام جي اولاد مان ڏهر ۽ ان جي اولاد مان پينسين هو. جنهن جي پٽيان ذات جو نالو جوڻا پيو ۽ بعد ۾ جوڻيجا سڏجڻ لڳو. جوڻيجا ذات مختلف راڄن جي پاڙن مان هڪ آهي. ڪتاب سميجا راڄ ۾ لکيل آهي تہ "جوڻيجا" سميجا راڄ جي هڪ ذات جو نالو آهي تاريخ مظهر شاهہ جهانيءَ ۾ لکيل آهي تہ مغلن جي دور ۾ سميجا هڪ وڏي قوم هئي. جنهن ۾ جوڻيجا ذات وارا بہ شامل هئا. جڏهن تہ ايس صادق علي جي لکڻ موجب جوڻيجا، دلن جي هڪ پاڙي جو نالو آهي. جيڪي انڙن مان آهن. ڏاريجا ۽ چاچڙ جي احوال ۾ لکيل آهي تہ جوڻيجا انهن جو پاڙو آهن. هڪ ٻي روايت موجب جوڻيجا هوٿي ۽ ٿيبو بن انڙ ۽ بن سمون جي اولاد مان آهن. دادو ضلع ۾ ڪي اين شاهہ تعلقہ ۾ خانپور لڳ ڳوٺ علي بخش جوڻيجو ۾ جنم وٺندڙ الحاج امير بخش جوڻيجو، سنڌ جي مشهور سياسي، سماجي شخصيت سخي عوام جو خدمتگار سنڌ جي ثقافت جو امين ٿي گذريو آهي.

هي خاندان اصل ۾ ڳوٺ چوڪنڊي جا آهن. هنن جي وڏي امير بخش جوڻيجو جي ڏاڏي علي بخش جوڻيجو اتان لڏي هتي اچي ڳوٺ ٻڌو اهو ڳوٺ سندس نالي علي بخش جوڻيجو جي نالي تي سڏجي ٿو. هن خاندان جا وڏا پنهنجي علائقي جي راڄن جا پريا مڙس رهندا آيا آهن. حاجي امير بخش جوڻيجو جو والد حاجي امام بخش جوڻيجو برک زميندار هو. شوقيہ طور پوليس کاتي ۾ ڀرتي ٿيو ۽ صوبيدار طور رٽائرڊ ٿيو. ان وقت صوبيدار کي ايترا اختيار هئا جيترا هن دور ۾ ايس ايس پي کي. پوليس جو وڏو دٻ دٻو هوندو هو. پر حاجي امام بخش جوڻيجو پوليس ۾ رهي عوام جي خدمت ڪئي محافظ هئڻ وارو ڪردار ادا ڪيو. سخاوت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس گهر ۾ 1916ع ۾ امير بخش جوڻيجو جنم ورتو. جنهن اڳتي هلي. سنڌ ۾ بهترين سياستدان، سماج سڌارڪ، عوام دوست، سخي، سنڌ جي ثقافت جو امين طور نالو





ڪيڍرايو. پاڻ پرهيز گار نيڪ انسان ثابت ٿيو. جنهن تي نہ فقط سندس خاندان وارا پر سندس علائقو، دادو ضلع ۽ سنڌ جا ساڃاهہ وند ماڻهو هر طرح سان سارا هہ ڪن ٿا. پاڻ سڄي ڄمار عوام جي بي لوث خدمت ڪرڻ ڪري نہ صرف علائقي ۾ پر سڄي سنڌ ۾ سندس خوشبو پکڙي ۽ پاڻ عوامي خدمتگار ۽ سنڌ جي ثقافت جو امين سان مشهور ٿيو. امير بخش جوڻيجو اهو عظيم شخصيت هو جنهن بيماري واري حالت ۾ بہ عوام جي خدمت ڪئي. ڊاڪٽرن ۽ پنهنجي فيملي وارن جي گذارش تي عمل ڪري عوام کان پري نہ رهيو. آخري دم تائين عوام جي خدمت جاري رکي. سندس عوام ۾ مقبوليت جو اندازو سندس وصال بعد سندس آخري سفر ۽ چاليهي تائين خانپور جوڻيجو ويجهو سندس ڳوٺ علي بخش جوڻيجو ۾ تعزيت لاءِ ايندڙن جو تعداد ۽ انهن ماڻهن پاران سندس جدائي ۾ هنجون هارڻ ۽ مرحوم جون انهن تي شفقت انهن تي مهربانين جون ڳالهيون پئي ڳايون ۽ اهي ڳالهيون ڳائيندڙ پنهنجي نيڻن جا بند روڪي نہ سگهيا. سندن نيڻن مان نير وهڻ لڳا. پاڻ 5 ڀيرا پنهنجي تڪ مان ايم پي اي چونڊيو پر روايتي سياست سدائين وانگر پاڻ پنهنجن کي نوازڻ بجاءِ علائقي جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رهيو.

امير بخش جوڻيجو لاءِ اهو مشهور هو تہ پاڻ هن دور جو حاتم طائي جو تسلسل هو. هڪ هٿ سان ڏي تہ ٻئي هٿ کي خبر نہ پئي سندس مدد سان علائقي جا ڪيترائي غريب تعليم حاصل ڪري روزگار سان لڳا. پاڻ لطيف سائين جي هن ڌرتي جي ثقافت جا امين هئا. پاڻ روايتي وڏيرڪي سياست نہ ڪئي. پاڻ روايتي وڏيرا سياستدانن وانگر اسيمبلي ۾ نڀون نہ کيون پاڻ اسيمبلي ۾ پنهنجي علائقي ۽ سنڌ جي حقن سنڌ جي مسئلن تي اسيمبلي ۾ بيباڪ ٿي ڳالهايو. ڪراچي هجي يا حيدرآباد يا ڳوٺ ۾ هر وقت ڪم ڪارين لاءِ ايندڙن جا ميڙا هر ماڻهو جي ڪم ڪارين لاءِ دلي طرح ڪوشش ڪندا هئا. پاڻ عوام جي رش مان بيزار نہ ٿيندا هئا، عوام جي خدمت کي عين عبادت سمجهي ڪيو ۽ عوام جي خدمت ڪندي عوام جا مسئلا حل ڪرائيندي خوشي محسوس ڪندو هو. هن عظيم انسان جو وصال علائقي تي وڄ وانگر ڪريو. عام چوڻي تہ "پٽڙ پرايو سور سپڪا پنهنجي روئي" وانگر علائقي جي عوام سندس وصال کي ائين محسوس

ڪيو جهڙوڪ سنڌس سر تان ڇانورو ختم ٿي ويو آهي.

علائقي جي عوام جي حاجي امير بخش جوڻيجو سان اهڙي محبت چاهت، عقيدت، پيار ڏسي سنڌس فرزند عبدالعزيز جوڻيجو جيڪو ايريگيشن کاتي ۾ سپرنٽنڊنٽ انجنيئر جهڙي اهم پوسٽ تي هو ان کي احساس ٿيو ۽ هن فيصلو ڪيو تہ هو پنهنجي والد جي مشن کي پورو ڪرڻ لاءِ عوام جي بي لوث خدمت ڪرڻ واري جذبي تحت سپرنٽنڊنٽ انجنيئر جي پوسٽ ڇڏي سياست ڪندو. ڪجهہ دوستن سنڌس اهڙي فيصلي کي ساراهيو ڪن ڪيس اها پوسٽ ڇڏي سياست ڪرڻ کان روڪيو پر هن خاندان جي رت ۾ عوام جي خدمت وارو جذبو شامل آهي. جڏهن ميڊم فريال ٽالپر سنڌس ڳوٺ ۾ امير بخش جوڻيجو جي وصال تي تعزيت ڪرڻ آئي تہ ميڊم فريال ٽالپر بہ ڪيس نوڪري ڇڏي علائقي جي عوام جي خدمت خاطر سياست ڪرڻ جو چيو، ان بعد نوڪري ڇڏي سياست شروع ڪئي. عبدالعزيز جوڻيجو جو والد امير بخش جوڻيجو پ پ سان ئي وابستہ هو پر بعد ۾ پ پ قيادت سان ڪجهہ اصولي اختلافن ڪري پ پ ۾ رهي ڪري ڄام صادق علي جي دور ۾ چونڊن ۾ آزاد اميدوار طور فارم ڀرائي ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ پرويز مشرف دور ۾ گريجوئيٽ جي شرط جي ڪري پاڻ لياقت جتوئي وارن جي حمايت ڪئي ۽ سنڌس حمايت سان جتوئي گروپ جو قومي ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبر ڪامياب ٿيو. 2008ع وارين چونڊن ۾ مسلم ليگ (ق) جي ٽڪيٽ تي کي اين شاهہ مان صوبائي اسيمبلي تي فارم ڀرايو پر محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت بعد پاڻ ورڪ نہ ڪئي، جيڪڏهن ان ليول تي ورڪ ڪري ها تہ يقينن علائقي جي عوام ۾ مقبوليت جي ڪري اهڙي صورت ۾ بہ ذاتي حيثيت سان سيٽ کڻي وڃي ها.

عبدالعزيز جوڻيجو ايريگيشن جي سپرنٽنڊنٽ انجنيئر جي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سياست شروع ڪرڻ تي علائقي جي عوام ۾ خوشي جي لهر ڇائنجي وئي. ڪين محسوس ٿيو تہ سنڌن محسن امير بخش جوڻيجو جي وصال بعد سنڌس فرزند عبدالعزيز جوڻيجو علائقي جي عوام جي مالڪي ڪندو. علائقي جي عوام لاءِ ڇپر ڇانوَ بڻبو.

عبدالعزيز جوڻيجو جو ماضي جڏهن ايريگيشن جو آفيسر هو. ايس ڊي او کان سپرنٽنڊنٽ انجنيئر تائين هڪ مثالي آفيسر هو. ايس





ڊي او جي حيثيت ۾ جن بہ سب ڊويزنن ۾ انجنيئر جي حيثيت سان جن بہ ڊويزنن ۾ سپرنٽنڊنٽ انجنيئر جي حيثيت سان روهڙي سرڪل ۾ رهيو جنهن بہ حيثيت ۾ جتي بہ رهيو. آبادگارن جي دلين تي راڄ ڪيو. پاڻ باهمت فرض شناس، ايماندار، عوام دوست ۽ جدوجهد ڪندڙ آفيسر طور مشهوري ماڻي. پاڻ نصير ڊويزن، داد ڊويزن جهڙين ڊويزنن کي ڪاميابي سان هلايو. جتي پڇڙين ۾ پاڻي جي مسلسل ڪوٺ جون شڪايتون عروج تي هيون پر پاڻ نہ صرف انهن ڊويزنن پر جتي بہ رهيو ٽيل ۾ پاڻي پهچايو. پاڻ هڪ آفيسر جي حيثيت سان مال نہ پر عزت ٺاهي. عبدالعزيز جوڻيجو لاءِ مشهور آهي ۽ مون کي بہ ذاتي طور خبر آهي تہ پاڻ ڪڏهن ڪڏهن خرچ لاءِ گهران ڏوڪڙ گهرائيندو هو ۽ اهو انوکو مثال آهي تہ سٺيين پوسٽن تي رهندي گهران بہ خرچ ڪري ڇڏيندو هو. جهڙي ريت پاڻ ڪامياب عوام دوست آفيسر طور پاڻ ملهايو ۽ نالو ڪيرايو اهڙي ريت سياست ۾ اچڻ بعد عوامي خدمت ڪرڻ ڪري پاڻ کي بهترين سياستدان طور مڃرايو آهي. سياست ۾ اچڻ شرط پنهنجي ڪردار، پنهنجي عوام دوستي عوام جا ڪم ڪاريون ڪرڻ، عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ ڪري مختصر عرصي ۾ عوام جي دلين ۽ دماغ ۾ ڇائنجي ويو. حاجي امير بخش جوڻيجو جي شخصيت تہ نرالي هئي ان جي جاءِ تہ ڪير بہ والاري نہ سگهندو پر عبدالعزيز جوڻيجو عوام جي اعتماد تي لٿو آهي. حاجي امير بخش جوڻيجو جي وصال بعد عوام ۾ جيڪا مايوسي اڀري اها ختم ٿي وئي آهي عبدالعزيز جوڻيجو علائقي جي عوام جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مسلسل پاڻ پتوڙي رهيو آهي. پاڻ ننڍي چونڊ ۾ پي ايس کي اين شاهہ تان ڪامياب ٿيو آهي. جڏهن اسيمبلي ميمبر نہ هو تڏهن بہ هن تڪ ۾ وقت ڏنو ۽ هاڻ بہ پاڻ پنهنجي علائقي کي مسلسل ۽ مڪمل طور وقت ڏئي رهيو آهي. سنڌس ڪوشش سان ڪيترن ئي ڳوٺن کي روڊ رستا، بجلي، پيئڻ جو صاف پاڻي، اسڪولن جون بلڊنگون مليون آهن. مقامي ليول جا روينيو، پوليس، صحت، تعليم ۽ ٻين کاتن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جا ننڍا مسئلا جيڪي مسئلا تہ ننڍا آهن پر عام ماڻهوءَ لاءِ اهي ننڍا مسئلا انتهائي وڏا آهن جنهن ملڪ ۾ ڪرپشن، رشوت، اقربا پروري هجي. جنهن ملڪ ۾ عوام جي محافظ پوليس پنهنجي اسٽيٽ قائم ڪريو ويٺي هجي. جتي عوام جي خدمت لاءِ مقرر ڪيل ڪامورا

پاڻ کي بي تاج بادشاه محسوس ڪندي عوام کان پري رهڻ جي ڪوشش ڪن. پنهنجا دروازا عوام لاءِ بند رکن ساڻن ڪم ڪارين لاءِ ملڻ لاءِ عوام کي ڪئين ڪلاڪ انتظار ڪرڻو پئي ۽ عام ڪم ڪارين جا به اڳه مقرر ڪري ان لاءِ پنهنجا ايجنٽ مقرر ڪري ڇڏيا هجن اتي مسڪينن غريبن جا ننڍا مسئلا به وڏا مسئلا آهن ۽ هو پنهنجي جائز مسئلن جي حل لاءِ يا ته ايجنٽن کي ڏوڪڙ ڏين يا ته رلندا رهن مختلف بهانن سان ڪين شنوائي ڏنيون وڃن ٿيون، عبدالعزيز جوڻيجو جي ڪوششن سان عوام جا اهڙا جائز مسئلا بنا دير حل ٿي رهيا آهن. سندس اهڙي ڪوشش جي ڪري هن عوام ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي آهي، 2013ع چونڊن ۾ پ پ پ ڪيس ٽڪيٽ ڏني، پر ڪن ٽيڪنيڪل مسئلن ڪري سندس نامينيشن فارم رد ٿيو ته اها ٽڪيٽ سندس گهر واري پروين جوڻيجو کي ملي، جنهن کان بعد ۾ استعيفيٰ ورتي وئي ۽ نئين چونڊ ٿيڻ واري هئي پر لياقت جتوئي جي پٽيشن ڪري اها سيٽ ان کي ملي، بعد ۾ هن ڪيس ڪيو ۽ ڪٽيو، اتي نئين چونڊ ۾ ڪاميابي ماڻي. عبدالعزيز جوڻيجو جي اڪيلي فرزند فهد جوڻيجو جو ذڪر ڪرڻ کانسواءِ هي آرٽيڪل اڻ مڪمل ٿيندو. پيارو فهد جوڻيجو گلاب جي خوشبو جهڙو هڪ مسيحا ڪردار وارو هو. ننڍي هوندي کان ذهين، ماٺيڻو، ڪرڪيٽ کيڏڻ ڏسڻ جو شوقين رهيو. ننڍي عمر ۾ سنجيده غريب شاگردن جي مدد ڪندڙ هو. ڪيس پنهنجي خاندان جو سياسي وارث بنائڻ لاءِ والدين ڪيس آمريڪا ۾ پڙهائڻ جو سوچيو ته هو اتي پڙهي قانون جي ڊگري حاصل ڪري پر پاڻ وقت کان اڳ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو پاڻ فرسٽ ايئر جو امتحان پاس ڪرڻ بعد اي سي ڪي اي جو امتحان پاس ڪرڻ لاءِ داخل ڪيو ويو ان دوران پاڻ فيملي سان گڏ عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ سعودي عرب ويو. جتي ڪيس بخار، ڪنگهه، رت جون الٽيون اچڻ لڳيون واپس وطن ايندي آغا خان مان ڪرايل ٽيسٽن مائيٽن ۽ سندس دوستن کي ڇرڪائي وڌو جو ڪيس هڏي جي ڪينسر ظاهر ٿي. سندس علاج آمريڪا جي بهترين اسپتال مان ڪرايو ويو ڪوبه فائدو نه ٿيو. ڪيس آمريڪا جي شهر هوسٽن جي اسپتال مان به اعلاج ڪرايو ويو، جتي ڊاڪٽرن ٻڌايو ته هاڻ فهد کي دعائن جي ضرورت آهي. ۽ فهد جي ان اسرار تي آئون پنهنجي ڌرتي تي پنهنجي گهر ۾ پنهنجي ئي وچ ۾ مرڻ







چاهيان ٿو مون کي واپس وطن وٺي هلو سندس اسرار تي ڪيس واپس آندو ويو جتي 19 سالن جي ڄمار ۾ 9 نومبر 2010ع تي دم ڌڻي حوالي ڪيو. فهد سلڇڻو، ننڍي وڏي سان پيار ڪندڙ، غريب امير، نوڪرن کي هڪجهڙي عزت ڏيندڙ هر وقت سندس چپن تي مرڪ هوندي هئي ۽ بيماري دوران ۽ مرڻ تائين ايڏين تڪليفن اچڻ موت کي اکين سان ڏسڻ جي باوجود اها مرڪ جاري رهي. سندس وصال سندس والدين، ڀينرن ۽ مٽ مائٽن لاءِ قيامت کان گهٽ نه هو. فهد جاني جي وصال تي سندس دل تي ڇا گذريو هوندو؟ اهو اندازو هر حساس دل وارو لڳائي سگهي ٿو. دم ڌڻي حوالي ڪرڻ کان اڳ والدين کي گڏ نائيٽ ڇئي هميشه لاءِ ابدي ننڊ سمجهي رهيو.

حواله

تاريخ مظهر شاه جهاني.

ڪتاب سميجا راج.

ڪتاب سخي امير بخش جوڻيجو.

ڪي اين شاه علائقي مان ماڻهن کان ورتل معلومات.

## ملدسي جي سخي مرد وارث ڏنو ڏيرو ”اول“ کان پير بخش ڏيرو ۽ بابل ڏيرو تائين

شهدادپور کان 9 ڪلوميٽر اولهه طرف روهڙي ڪينال جي ڪناري تي آباد ننڍڙو شهر ملدسي جتان ماضي ۾ سنڌو درياءُ جو ڦاٽ لهاٽو وهندو هو. جنهن ۾ لطيف سائين جي سورمي سهڻي ميهار سان ملڻ ويندي ٻڏي وئي هي ڳوٺ هڪ عورت پاران ملهه وڙهڻ جي حوالي سان به مشهور آهي، ملدسي ۽ سهڻي ميهار جو تفصيل سان ذڪر هن ڪتاب ۾ الڳ سان شامل آهي. اسان هتي صرف هن ڳوٺ ۾ قديم زماني کان رهندڙ مشهور ڏيرا خاندان جو ذڪر ڪنداسين. هي خاندان ماضي ۾ سخاوت لوڪ ادب جي حوالي سان مشهور رهيو آهي. ملدسي ۾ رهندڙ ڏيرا جيڪي فقير سڏجن ٿا اصل ڪٿان ۽ ڪڏهن آيا؟ ڪابه معلومات نه آهي. اسان کي جيڪا معلومات ملي ٿي اها صرف وارث ڏنو خان ڏيرو اول کان ملي ٿي، هنن جو پاڙو ثابت پوٽا سڏيو وڃي ٿو. يعني هي خاندان شاه لطيف جي ناناڻي خاندان جي شاخ آهي. ماضي ۾ ملدسي ۾ هندو زميندارن ۽ واپارين جي بلي بلي هئي پر وارث ڏنو ڏيرو اول جو

علائقي ۾ وڏو دٻ دٻو هو، ان دور ۾ سنڌ ۾ اهڙو دٻ دٻو هڪڙو هندن جو پيو انگريز پاران سر خان صاحب خان بهادر ۽ ٻيا اهڙا لقب ماڻيندڙن جو هو. پر وارث ڏنو ڏيرو "اول" جو دٻ دٻو اثر پنهنجي ڪردار ۽ شخصيت جي ڪري هو. پاڻ ظاهري طور وڏو روعب تاب وارو پر اندر ۾ فقير منش انسان هو، غريبن جو مددگار علائقي ۾ لچ لوفر غريبن کي تنگ ڪندڙن جو دشمن هو، چون ٿا پاڻ عاشقانہ مزاج بہ هو. سندس اصول پرستي ڏاڍي مشهور آهي. اگر سندس ڪو ويجهو مائٽ بہ ڪا غلط حرڪتون ڪندو هو تہ ڪيس بہ بخش نہ ڪندو هو. سندس زرعي زمين هزارين ايڪڙ هئي. ڪيترائي واٽر ڪورس سندس زمين جا هئا، سندس زمين زهر پير مائينر ۽ ملدسي مائينر تي آباد هئي. چوپايو مال، پلن گهوڙن جو شوقين پاڻ وڏو اوطاقي هو. انگريز دور ۾ مسلمانن تي بنا سبب جي ظلم ڪندڙ بااثر هندن سان مهاڏا اٽڪايا ۽ هڪ هندو سيٺ کي بندوق هڻي ماري وڌو گرفتار بہ ٿيو پر شاهديون نہ هئڻ ڪري آزاد ٿي ويو، اهو هندو سيٺ مسلمانن کي تنگ ڪندو هو، وارث ڏنو ڏيرو "اول" سهڻو جوان هوندو هو. خوبصورت لباس خاص طور فل سوٽ پائيندو هو. پلا گهوڙا رکندو هو. عيدن ملاح ۽ حاجي ملاح سندس ويجهن خاص ماڻهن ۾ شامل هئا. پاڻ سئر تفريحي جو وڏو شوقين هو. سندس تقريبن وصال 1938ع ۾ 42 سالن جي ڄمار ۾ ٿيو، پاڻ پنهنجي دوست حاجي ملاح سان گڏ لاڙ ۾ دوستن وٽ گهمڻ ويو جتي پراسرار نموني وصال ڪري ويو. سندس لاش ڪاٺ جي پيٽي ۾ وجهي اٺ تي ڳوٺ ۾ آندو ويو. ڪيس اباڻي ساياتن جي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. هڪ دفعي وارث ڏنو ڏيرو "دوئم: ساياتن جي قبرسان ۾ سندس قبر بہ ڏيکاري هئي پر هاڻ خبر ناهي تہ سندس قبر ڪهڙي آهي. سندن ويجهن عزيزن ۾ فقير محمد موسيٰ ڏيرو هو جيڪو ڳوٺ جي وڏيري طور ان کي پڳ ٻڌائي وئي، فقير محمد موسيٰ جو جنم تقريبن 1900ع ۾ ٿيو، سندس والد جو نالو ولي محمد ڏيرو هو پاڻ صرف سنڌي جا چار درجا ۽ قرآن شريف پڙهيل هو، ننڍي هوندي کان سادگي پسند فقيراڻي طبعيت جو مالڪ هو، پنهنجي دور جو بهترين شاعر ۽ سگهڙ هو، سندس اوطاق جتي ماما غلام محمد غازي مرحوم وارن جو گهر آهي. اتي هئي موجوده اوطاق سندن گهر هو. فقير محمد موسيٰ ڏيرو جي اوطاق تي روزانو رات جو سگهڙن جون ڪچهريون ۽ صوفيانہ راڳ ويراڳ جون





محفلون ٿينديون هيون. اونهارو هجي يا سيارو اوطاق ۾ موسم موجب باهہ جو مچ ٻرندو هو. ڳوٺ جا ماڻهو بہ رات جو اوطاق تي اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ پنهنجي سوچ مطابق علائقي جو حال احوال ، ڏک سک جون ڳالهيون ڪندا هئا، لکيل پڙهيل ماڻهو ملڪي حال احوال بيان ڪندا هئا. اوطاق تي لنگر خانو 24 ڪلاڪ هلندو هو، مسافر ، مهمان پلي آڌي رات اچي ڪين ماني ۽ موسم آهر بسترو ملندو هو، فقير محمد موسيٰ گهڻو ڪري مهمانن ۽ مسافرن کي ماني پنهنجي هٿ سان کارائيندو هو، سندس اوطاق تي سگهڙن جون وڏيون ڪچهريون بہ وقت بہ وقت خاص طور سياري ۾ مچ تي ٿينديون هيون. جنهن ۾ سڄي سنڌ مان پري پري جا سگهڙ شريڪ ٿيندا هئا. غريب سگهڙن کي ڀاڙو بہ ڏيندا هئا. غريب سگهڙن، فنڪارن جي مالي مدد بہ ڪندا هئا. سگهڙن جي ڪچهرين ۾ سيد صالح محمد شاهہ عرف ڏاڏو فتح خان، ٻيڙو فقير ڪنڀار، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بہ شريڪ ٿيا هئا، ملدسي ۾ ٿيل انهن سگهڙن ڪچهرين ۽ محمد موسيٰ ڏيرو جي سخاوت، مهمان نوازي جو ذڪر سيد صالح محمد شاهہ عرف ڏاڏو فتح جان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڏاڏي فتح خان جي ڪچهري بہ پي ٽي وي جي پروگرام اوطاق ۾ بہ ڪيترائي ڀيرا ڪيو، سندس سخاوت ايتري تہ مشهور ٿي جو سنڌ جي ڏور انهن علائقن مان غريب، فقير فقراءُ سندس سخاوت جو ٻڌي ايندا هئا. ڪڏهن بہ سوالي کي خالي نہ موٽايو، ڪيس خوش ڪري موڪليندو هو. ڪيترائي سوالي مينهون، ڍڳيون ۽ پلا گهوڙا ڏيڻ لاءِ چوندا هئا تہ الله جي نالي اهي بہ ڏئي ڇڏيندو هو، ڳوٺ جي غريبن جي بہ مدد ڪندو هو. وٽن مينهن، ڍڳين، ٻڪرين ۽ ٻئي چوپائي مال جا ڌڻ هوندا هئا. ڳوٺ وارا جن وٽ مينهون، ڍڳيون نہ هونديون هيون، اهي رات جو کير ۽ صبح مهل لسي ۽ مکڻ وٺڻ لاءِ ايندا هئا. پاڻ سئر تفريح جا بہ شوقين هئا. سنڌ ۾ ٿيندڙ سگهڙن جي ڪچهرين ۾ باقاعده ويندا هئا پاڻ سان گڏ ڳوٺ جي سگهڙن کي بہ پنهنجي خرچ تي وٺي ويندا هئا، اوليائن سان سندس عقيدت هوندي هئي، پاڻ ان دور ۾ وڏو سخي هو، سندس سخاوت جي هاڪ سڄي سنڌ ۾ هئي، سنڌ جي ڪيترن ئي سگهڙن بيتن ۾ سندس سخاوت جو ذڪر ڪيو آهي. وٽن سنڌ جا مشهور نڙ بيتائي بہ ايندا هئا ۽ نڙن تي سگهڙن جا بيتن جي صورت ۾ مختلف واقعن جو قصو بيان ڪندا هئا.سوالين جي سوال مهل اگر وٽن ڏوڪڙ نہ هوندا هئا تہ چوپايو مال بہ

ڪپائي سوالين جو سوال پورو ڪندا هئا، بعد ۾ ان حوالي سان ڪجھ زمين بہ ڪپائي سندس مائٽ ڪمدار ۽ دوست زمين ڪپائڻ کان روڪيندا هئا تہ پاڻ انهن تي ناراض ٿي پوندا هئا ۽ چوندا هئا الله سائين ڏنو آهي الله جو آهي، ماڻهو الله سائين جي نالي تي گهرن ٿا ڪين مايوس نہ ٿو ڪري سگهان، پاڻ قد جا ڊگها، سانوري رنگ جا ننڍي ڏاڙهي هئن، ڳالهائڻ جا منڙا سندن زبان تي هر وقت بسم الله، سبحان الله جو ورد هوندو هو. لطيف سائين سان سندن وڏي عقيدت هئي، وقت بہ وقت سندس مزار تي حاضري ڏيندا هئا، پاڻ قرآن شريف ڏاڍي منڙي آواز ۾ پڙهندا هئا، ڪين حديثون ۽ لطيف جا لاتعداد بيت ياد هوندا هئا. پاڻ عيدن خاصخيلي جي نياڻي ماما غلام محمد غازي خاصخيلي جي ڀيڻ نور خاتون سان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس 4 فرزند محمود ڏيرو وارث ڏنو ثاني محمود "دوئم" ۽ پير بخش ڏيرو جو اولاد ٿيو محمود اول ۽ دوئم گذاري ويا، پاڻ تقريبن 64 سالن جي ڄمار ۾ تقريبن 1964ع ۾ وصال ڪيو، سندس وصال 15 رمضان شريف تي ٿيو، سندس آخري آرام گاھ اباڻي ساياتن جي قبرستان ۾ آهي، هن قبرستان ۾ لطيف سائين جا بہ پائرا بزرگ اولياءَ قندر فقير ۽ ڏاڏي سئي ۽ مخدوم بلاول جي تحريڪ ۾ شهيد ٿيندڙن جون مزارون پڻ آهن، فقير محمد موسيٰ ڏيرو جي وصال وقت سندس فرزند وارث ڏنو ڏيرو ثاني ۽ پير بخش ڏيرو، ننڍا هئا سندن وڏو فرزند محمود ڏيرو، سندن حياتي ۾ وصال ڪري ويو هو. وارث ڏنو ڏيرو دوئم پاڻ1950ع تي جنم ورتو پاڻ سنڌي 5 ڪلاس پڙهي سگهيو، کيس ننڍي هوندي کان سير تفريح، تاريخي ماڳ گهمڻ، راڳ ويراڳ، صوفيانا ۽ ڳوناڻن ڪچهرين سان دلچسپي رهي، وارث ڏنو ڏيرو ۽ پير بخش ڏيرو اڃا ننڍا هئا تہ والدين جي وصال ڪري سندن سائي کان محروم رهيا، سڀ ڪجھ هوندي بہ زماني جي گردش ۾ رهيا، وارث ڏنو ڏيرو کي ننڍي هوندي کان لطيف سائين سان وڏي عقيدت رهي، ننڍي هوندي کان سندن مزار تي حاضريون ڀريندا هئا ۽ راڳ ٻڌندا هئا. پاڻ تہ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيا پر پنهنجي ڀاءُ پير بخش ڏيرو کي اعليٰ تعليم ڏياري بعد ۾ علائقي جي چڱ مڙسي جي پڳ بہ جهڙوڪ ان جي حوالي ڪئي پاڻ سڄو وقت غريبن، فقير فقراءُ سان ڪچهرين ۾ گذاريندا هئا. تاريخي، اسلامي، فلسفي، ادب جا ڪتاب ۽ شاھ لطيف، سچل سرمست ، سيد وارث شاھ، ٻلي شاھ، سلطان باهو،





جي شاعري جا رسالا سندن مطالعي ۾ رهيا، پاڻ سنڌ ، پنجاب ۾ روحاني سفر ڪري اتان جي مشهور ولي الله جي مزارن تي حاضري ڏني، پاڻ لطيف جي رسالي ۾ آيل ڪردارن جي ماڳ مڪانن تي وڃي مشاهدو بہ ڪيو، ملدسي ۾ سندن 2 بنگلا هئڻ جي باوجود پاڻ گهرپرسان واري بنگلي جي سامهون هڪ سادو ڪمرو نهرائي اتي ويٺا هوندا هئا. کين لکڻ جو بہ شوق هو، پاڻ شاھ لطيف جي فلسفي ۽ ڪلام کان وٺي تاريخي ماڳ مڪانن تي بہ ڏاڍو سٺو لکيو پر ڇپايو نہ مون مٿس زور ڀريو پر پاڻ انڪار ڪندا هئا سندن تہ اهي لکڻيون شايع ٿين ها تہ سنڌي ادب ۾ هڪ اضافو ٿئي ها پر پاڻ شايد شهرت حاصل ڪرڻ نہ ٿي چاهي ياڪو ٻيو سبب هو؟ پاڻ والد وانگر وڏا سخي هر عيد تي غريبن کي ڪپڙا ۽ عيد جو سامان وٺي ڏيندا هئا. غريب ماڻهن جي اولاد کي تعليم ڏيارڻ لاءِ همٿائيندا هئا.ان حوالي سان سندن مدد بہ ڪندا هئا ڪڏهن بہ ڪو سوالي هن وٽان خالي نہ ويو. جيڪڏهن کين لک رپيا هوندو هو تہ شام جو سگريٽن جي پئسن لاءِ ڀاءُ کي چٺي موڪليندو هو،پاڻ علائقي جي غريب بيمار ماڻهن جو علاج ڪرائيندو هو. ڪيترن ئي غريبن کي ڪٽڪ لهندي ڪٽڪ ڏيندو هو. والد وانگر وٽن مينهون، ڍڳيون، ٻڪريون جا ڌڻ هئا پر صبح ۽ شام جو کير لاءِ ايترا تہ ماڻهو ايندا هئا جو ڪڏهن ڪڏهن تہ کين گهر لاءِ کير ڪٿان ڏوڪڙن تي وٺڻو پوندو هو. پاڻ وڏو ذهين ، همدرد، مخلص، غريبن جو يار هڪ کرو ۽ سچو انسان هو، اڻ واقف سان بہ ائين ملندا هئا جهڙو پراڻو واقف ڪار هجي، فقيراڻي طبعيت جو مالڪ سادگي پسند هو، ڏينهن جو گهڻو ڪري ڳوٺ سامهون روهڙي ڪينال تي ٻيڙي واري پتڻ وٽ وڻن جي ڇانوءَ ۾ فقراءَ سان ڪچهرين ۾ مشغول هوندو هو. ننڍي هوندي کان ريڊيو جو شوقين هو. جڏهن ڪيترائي ٽي وي چينل آيا پر پاڻ تڏهن بہ ريڊيو جو شوق رکيو. بي بي سي لنڊن، آل انڊيا ريڊيو سروس، وائيس آف جرمني، وائيس آف آمريڪا تي اردو سروس جي پروگرامن ۾ خبرون شوق سان ٻڌندو هو. راڳ ويراڳ سان وڏي دلچسپي رکندو هو. پاڻ خود بہ گنگنائيندو هو. سندس آواز ۾ وڏو مٺاس هو. پاڻ ريڊيو تي پراڻن گانن وارا جيڪي پروگرام هلندا هئا اهي شوق سان ٻڌندو هو، کيس محمد رفيع، لتا منگيشڪر، آشا، شمشا بيگم، جيوٽي ٻائي ، خانصاحب منظور علي خان پسند جا فنڪار هئا، جڏهن انهن جا ريڊيو تي گيت ٻڌندو هو

تہ انھن گيتن ۾ پاڻ بہ گم ٿي ويندو هو، پاڻ عارفانہ شاعري بہ ڪئي پر ڪڏهن نہ ڪنهن فنڪارن کان ڳارائي نہ ڪنهن اخبار يا ميگزين ۾ ڇپرائي هڪ دفعي ڳوٺ ۾ ڪنهن جي شادي ۾ سندس هڪ نوڪر سندس هڪ ڪلام فنڪار شريف لاشاري کي ڳائڻ لاءِ ڏنو تہ پاڻ حيرت ۾ پئجي ويو، بعد ۾ جاچ ڪرائي ۽ ان نوڪري تي ناراض ٿيو، آخري ڏينهن ۾ پاڻ نوٽ بڪن تي لکيل شاعري ۽ ٻيون لکڻيون بہ روهڙي ڪينال حوالي ڪري ڇڏي، پاڻ ڪچهرين جا ڪوڏيا هوندا هئا. تاريخي ۽ زماني جا پراڻا قصا ڪهاڻيون اهڙي تہ منفرد انداز ۾ ٻڌائيندو هو جو ٻڌندڙن جي دل اٿڻ لاءِ نہ چوندي هئي پاڻ هونءَ تہ هر ماڻهو سان پيار ڪندو هو پر پوڙهن ۽ ٻارن سان کيس وڌيڪ محبت هئي. چوندو هو ٻار ۽ پوڙهن جا ذهن برابر آهن. هنن کي وقت ڏيڻ گهرجي. هنن کي محبت ڏيڻ جي ضرورت آهي ڳوٺ جي ڪيترن ئي ٻارن کي روزانو خرچيون ڏيندو هو، ڳوٺ جي درويش ماڻهن سان بہ محبت ۽ ساڻن ڪچهريون ڪندو هو، ملدسي ۾ نور آرٽ ڪلچرل ويلفيئر اڪيڊمي پاران جيجي زرينا بلوچ، ڦوٽو زرداري، استاد صديق خاصخيلي، غلام رسول لوهار فنڪار سان رهاڻيون ۽ استاد بخاري ادبي ڪانفرنس ۽ ٻيا ادبي ثقافتي مذهبي پروگرامن جي حوالي سان سندس سهڪار رهيو، سندس تعاون سان ملدسي ۾ ڪيتريون ڪٻڏي ٽورناميٽون، والي بال ميچون بہ ٿيون پاڻ نہ صرف علائقي پر سڄي سنڌ ۾ واسطيدار غريب ماڻهن جي خوشي ۽ غمن جي موقعي تي مالي مدد ڪندو هو، انتقال ڪري ويل سندس والد جي ساٿارين مان ڪيترن ئي جون قبرون پڪيون ڪرايون، گولو پير جي قبرستان ۾ گولو پير ۽ لطيف سائين جي ڏاڏي سيد جمال شاهہ جون خستہ حال آخري آرام گاهہ بہ پڪا ڪرايا ۽ انهن جي آخري آرام گاهن تي سندس نالن وارا پٿر لڳرايا، سندس خواهش هئي تہ هنن ٻنهي ولي الله مٿان چوڪنڊيون ٺهرايان، وارث ڏنو ڏيرو کي موسيقي جي وڏي ڄاڻ هئي، پاڻ جانورن سان بہ پيار ڪندا هئا. ڪو گڏهہ، ڪتو، ٻلو زخمي ڏسندو هو تہ ان جو علاج ڪرائيندو هو. پاڻ روزانو سندس ڪمري آڏو چار، ڪٻڙ جي قديمي وڻن تي ويهندڙ پکين کي روزانو داڻو ڏيندو هو ۽ انهن جي پاڻي پيئڻ لاءِ وڏيون ڪونڊيون رکرائي ڇڏيون، ڪين مختلف نسلن جا ڪڪڙ، ٻڪريون پالڻ جو بہ شوق رهيو. جڏهن پيچ پٽائي





ميگزين سٽ کي لطيف سائين جي رسالي ۾ آيل ماڳ مڪانن تي تحقيق لاءِ وڃڻ جو خيال ٿيو تہ پاڻ نہ صرف اسان جي مالي مدد ڪئي پر پاڻ پنهنجي ڪار بہ اسان کي ڏيندو هو ۽ پاڻ بہ هلندو هو. سندس خواهش رهي تہ تاريخي قديمي ڳوٺ ملدسي تي ڪو ڪتاب ڇپائجي پر موت کيس اجازت نہ ڏني، مسيحا جهڙو ڪردار ادا ڪندڙ وارث ڏنو ڏيرو پهرين آگسٽ 2004ع تي دستور موجب روهڙي ڪينال تي وڻن جي ڇانوءَ ۾ ويٺو هو، جتان اوچتو غائب ٿي ويو. سندس مسلسل ڳولا ڪئي وئي پر هٿ نہ آيو. 10 آگسٽ 2004ع تي صبح جو 10 وڳي سندن جسم خاڪي روهڙي ڪينال مان نڪرندڙ سنگهر مائينر مان ڳوٺ راٽو مل وٽان مليو، سندس سڃاڻپ سندس ٻانهہ ۾ پيل گهڙي، ڪڙو، کيسي مان هٿ آيل عينڪ ۽ کيس پاتل ڪپڙن مان ٿي، سندس لاش 10 ڏينهن جو ٻڏل هو. کيس اباڻي سايات قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو ۽ علائقي جا ماڻهو هڪ محسن کان محروم ٿي ويا، سندن موت ڳجهارت بنجي ويو. کين هڪ فرزند الله نواز عرف بابل ڏيرو هڪ نياڻي آهن.

**پيربخش ڏيرو ايڊووڪيٽ:** پاڻ 20 آڪٽوبر 1955تي جنم ورتو. پرائمري کان مڊل تائين ملدسي ۾ سيڪنڊري شاهہ لطيف هاءِ اسڪول ٽنڊو آدم ۾ فرسٽ ايئر ۽ انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادپور بي اي ايم اي سنڌ يونيورسٽي مان ايل ايل بي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ڪري شهدادپور جي سينئر ترين وڪيل غلام رسول انڙ سان گڏ وڪالت جي پريڪٽس ڪئي ۽ وڪالت جي سند ورتي پر ٿورو وقت عملي وڪالت ڪئي بعد ۾ زميندراي ۽ سياست ڏانهن توجهہ ڏنو، شاگردي واري دور ۾ جيئي سنڌ تحريڪ سان رهيو، 4 مارچ واري واقعي خلاف ٿيل احتجاج ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. سنڌ يونيورسٽي ۾ شاگرد سياست ۾ سرگرم رهيو. خادم عوام عبدالسلام ٿهيم جي سياست ۽ ڪردار کان متاثر ٿي سندس محبت ۽ دوستي ۾ پ پ ۾ شامل ٿيو. 1979ع ۾ يو سي ملدسي ۾ ضلعي ڪائونسل جي ميمبر مير علي مراد جي انتقال سان خالي ٿيل سيٽ تي ٿيل چونڊ ۾ فقير محمد بخش خاصخيلي سان اليڪشن لڙيو پ پ سندس حمايت ڪئي. پر ان چونڊ ۾ هارائي ويو ۽ هنن مخالف ڌر تي ڌانڌلين جو الزام لڳايو. 1987ع ۾ يو سي ملدسي ۾ ڪائونسلر چونڊيو. 2001ع ۾ ملدسي يو سي مان ناظم چونڊيو، اپريل 2005ع ۾ سانگهڙ ضلعي جي ناظم روشن الدين

جوڻيجو خلاف عدم اعتماد واري تحريڪ بعد وقتي ناظم چونڊيو ويو. تقريبن 3 مهينا ضلعي ناظم رهيو. ضلعي حڪومت ۾ ڪي بہ فنڊ نہ هئڻ ڪري چاهيندي بہ ترقياتي ڪم نہ ڪرائي سگهيو. جنهنڪري پارٽي وارن ۽ دوستن جي اعتماد تي نہ لهي سگهيو، جنهنڪري ڪيترائي سندس ذاتي دوست هن ڪان ناراض رهيا. پاڻ پ پ ۾ جدوجهد ۽ قربانين ڪري اهم مقام حاصل ڪيو آهي. 1990ع وارين چونڊن ۾ چونڊن کان 2 ڏينهن اڳ ڪيس پ پ مخالف اميدوار لاڪ اپ ڪرائي ڇڏيو. شهدادپور ۾ ريلي ڪڍڻ جي الزام ۾ عبدالسلام ٿهيم ۽ ٻين پ پ اڳواڻن سان گڏ ڪيس گرفتار ڪري مختلف ٿاڻن بعد سب جيل شهدادپور ۾ بہ ٽي هفتا رکيو ويو. جڏهن شهدادپور ۾ ايس ڊي ايم حد دخليون جي هٽائڻ لاءِ شهر ۾ پيچ ڊاهہ ڪئي تہ عبدالسلام ٿهيم جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍڻ تي بہ عبدالسلام ٿهيم ٻين پ پ اڳواڻن سان گڏ پير بخش ڏيرو خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو. ضمانت ڪرائڻ ڪري گرفتاري کان بچي ويو اهو ڪيس ڪيترائي سال هليو بعد ۾ ڪوڙو ثابت ٿيو ۽ پير بخش ڏيرو جي ڪوشش سان ملدسي ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ٿيا، پاڻ هر دلعزيز يار ويس غريبن جو همدرد فقير منش شخصيت آهي. چوندا آهن تہ فلاڻي ڏنو نہ تہ ڏکويو بہ نہ پر پير بخش ڏيرو ڳوٺ ۽ علائقي ڏنو تہ آهي پر ڏکيو نہ آهي. ادب سان سندس گهري دلچسپي رهي آهي. وٽن ننڍڙي لائبريري آهي، اسلامي، تاريخي، فلفسي، ادب جا ڪتاب سندس مطالعي ۾ رهيا آهن. مون سميت ملدسي سان تعلق رکندڙ ڪافي ماڻهن کي جيڪو ادبي شوق آهي، اهو پير بخش ڏيرو جي ذاتي لائبريري جا ڪتاب پڙهڻ بعد ٿيو. پاڻ ڳوٺ جي غريب ماڻهن جي اولاد کي تعليم ڏيارڻ لاءِ همٿائيندو رهيو آهي. جواني ۾ ڪرڪيٽ، بيڊمنٽن ۽ والي بال جو بهترين رانديگر بہ رهيو آهي. ماضي ۾ ڪيس سرڪاري نوڪري جي بہ آفر ٿي پر هن سياست ذريعي عوام جي خدمت ڪرڻ کي اهميت ڏني، يونين ڪائونسل ملدسي هاڻ 3 حصن ۾ ورهايل آهي پر جڏهن هڪ يونين ڪائونسل هئي تڏهن بہ توڙي هاڻ يوسي اندر سندس عوام ۾ وڏي مقبوليت آهي، سندس ڪردار جي ڪري هتان پ پ وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي آهي، 2013ع وارين عام چونڊن ۾ پ پ جي قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن هتان 10000 ووٽ کنيا جيڪو هڪ رڪارڊ آهي پر ملندڙ ووٽن جي





حساب سان هن يو سي ۾ نہ ترقياتي ڪم ٿيا آهن نہ نوڪرين جا آرڊر مليا آهن، پير بخش ڏيرو ان ناانصافي خلاف بہ پ پ جي گڏجاڻين ۾ آواز اٿاريندو رهيو آهي پاڻ عبدالسلام ٿهيم جي چند بااعتماد ۽ ويجهن ماڻهن مان هڪ هو. جن سان عبدالسلام ٿهيم پارٽي جي حوالي سان مشورا ڪندو هو. ڪجهہ وقت اڳ پير بخش ڏيرو دل جو آپريشن ڪرائڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽرن پاران آرام جو مشورو ڏيڻ جي باوجود سياست ۽ عوام جي خدمت ڪندو رهي ٿو. ڪيس 3 فرزند سڪندر ڏيرو، منور ڏيرو، اظهر ڏيرو آهن.

**بابل ڏيرو:** پاڻ 3 مئي 1982ع ۾ جنم ورتو، بي اي پاس ڪرڻ بعد ايل ايل بي هالا لا ڪاليج مان ڪئي آهي. هاڻ وڪالت ڪري ٿو، پاڻ نوجوان سماجي شخصيت آهي. دوستن جو دوست آهي. پاڻ لڪل هٿ سان غريبن جي مدد ڪندو رهي ٿو. ادب سان بہ دلچسپي رکي ٿو، سيئر تفريحي جو شوق رکي ٿو. مثالي زميندار آهي. زمين تي باقاعده وڃي ٿو. 2016ع جي لوڪل باڊيز چونڊن ۾ وڏي اڪثريت سان يونين ڪائونسل ملدسي جو چيئرمين چونڊيو. پاڻ ڪافي وقت کان راڄ ۾ فيصلا بہ ڪري ٿو، جيڪي انصاف پريا هوندا آهن، بهتر سوچ رکندڙ غريبن جو همدرد آهي، پکين ۽ جانورن سان پيار ڪري ٿو. شاگردي واري دور ۾ ڪرڪيٽ جو بهترين رانديگر بہ رهيو آهي. علائقي ۾ راندين جي ٽورنامينٽ، ادبي ثقافتي پروگرامن جو سهڪاري رهيو آهي. خلق خدا جي خدمت جو جذبو رکي ٿو، پاڻ مهمان نواز بہ آهن، پاڻ پير بخش ڏيرو جو موپي فرزند آهي پاڻ هر دلعزيز تعليم يافتہ نوجوان آهي. زراعت سان دلچسپي رکڻ ڪري اڪثر زمين تي رهي ٿو پاڻ گريجوئيٽ آهي. ملدسي جي ڏيرا خاندان ۾ حاجي احمد فقير ڏيرو برک زميندار چوپايو مال جو شوقين مهمان نواز هو پاڻ ملدسي جو اوطاقي هو. جيڪا بابل ڏيرو جي روڊ ويجهو اوطاق آهي اها حاجي احمد فقير ڏيرو جي اوطاق هئي، پاڻ بابل ڏيرو جو نانو هو. گهوڙن جو وڏو شوقين هو جڏهن گاڏين جو رواج عام جام ٿيو تڏهن بہ پاڻ گهوڙي تي سفر ڪندا هئا ڳالهين جو وڏوو ڳهير يارويس شخصيت هو پاڻ وٽ ڪجهہ وقت بيمار رهڻ بعد وصال ڪري ويو سندس آخري آرامگاهہ اباڻي سادات قبرستان ۾ آهي چاچو حسين فقير ڏيرو پاڻ حاجي احمد فقير ڏيرو جو ڀاءُ هئا بادشاهي ڳالهين ٻڌائڻ جو شوقين فقير منش انسان هو سومار فقير ڏيرو حاجي احمد فقير ڏيرو جو ڀاءُ هو زراعت

سان وڏي دلچسپي رکندو هو علائقي ۾ ٿيندڙ شادين جي اڳواٽي ڪري ڪاڄ سرها ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو وڏو راڄائتو ماڻهو هو علائقي وارن سان ڏک سک ۾ گڏ رهندو هو ملدسي ۾ پهريون ٽيپ رڪارڊ هن آندو انتهائي ذهين يارويس هو .حاجي احمد فقير ڏيرو کي پٽ جو اولاد نہ هو هڪ نياڻي آهي جيڪا وارث ڏنو ڏيرو جي گهر واري آهي حسين فقير ڏيرو کي بہ هڪ ئي نياڻي آهي جيڪا پير بخش ڏيرو جي گهرواري آهي سومار فقير ڏيرو کي 3 فرزند يار محمد ڏيرو الله بخش ڏيرو اسماعيل بابو ڏيرو آهن يار محمد ڏيرو 2015ع ۾ جگر جي بيماري ۾ انتقال ڪري ويو يار محمد ڏيرو قوم پرست هو ڪيس علمي ادبي شوق رهيو پاڻ پ ٽ الف تعلقہ ٽنڊو آدم جو صدر بہ رهيو پاڻ اڌ زندگي ڳوٺ عبدالمجيد ڏيرو ۽ اڌ ملدسي ۾ گذاري ذهين يار ويس ڏک سک ۾ ڳوٺ وارن جي ڪم ايندڙ هو سائين جي ايم سيد بشير خان قريشي جو عاشق هو سندس پاءُ الله بخش ڏيرو پي آءِ اي ۾ آفيسر آهي هر دلعزيز يارويس ادب سان دلچسپي رکندڙ محمد اسماعيل بابو ڏيرو بہ والد وانگر بهترين انسان آهي پاڻ استاد آهي، ڏيرا برادري ۾. رحمت الله قاضي ڏيرو: پاڻ علم نجوم علم نوري جو ماهر هو سندس تعويز ۽ ڦيڻا هڪ ٽڪ هئا نہ صرف ملدسي پر آسپاس جي علائقي مان بيمار جنات جي اثر وارا جائز مسئلا حل ڪرڻ وارا هن وٽ تعويضن دعا وٺڻ لاءِ حاضر ٿيندا هئا خاص طور تي هن وٽ عورتون وڏي تعداد ۾ اينديون هيون جواني ۾ هڪ واڍياڻي سان محبت ٿي ويس ان کي مسلمان ڪري شادي بہ ڪئي پر وارث ڏنو ڏيرو ”اول“ اها عورت هن کان وٺي مائٽن کي ڏني ۽ هن کي ڳوٺ مان ڪڍي ڇڏيو عشق جو ماريل رحمت الله عرف قاضي ڏيرو اڪثر درگاهن تي رهڻ لڳو چون ٿا ان عشق جي چوٽ ۾ شاعري بہ ڪيائين ان بعد سندس پٽ شاهہ ۾ ڪنهن بزرگ سان ملاقات ٿيس ان جي صحبت محبت ۾ اچي فقيري ڏانهن مائل ٿي ويو اتي هڪ علم نوري واري کان اهي علم سکيو ۽ پاڻ ڇلابہ ڪڍيا پاڪستان ٺهڻ بعد جڏهن واڍيا لڏي ويا تہ پاڻ واپس ڳوٺ آيو ۽ پاڻ وارث ڏنو ڏيرو جي اوطاق ۾ رهڻ لڳو ۽ اتي ويهي ماڻهن کي فيض ڏنو. ڏيرا خاندان ۾ محمد عمر فقير، يوسف فقير پڻ هر دلعزيز شخصيت جا مالڪ هئا يوسف فقير جو فرزند گلڻ ۽ محمد عمر ڏيرو همٿ وارا ۽ هر دلعزيز شخصيت آهن .







## مياڻي ۽ دوآبي ۾ انگريز خلاف وڙهيل جنگ جو سالار شهيد شاهن رند ۽ سندس خاندان

ڪلهوڙن جي دور ۾ ننڍين رياستن تي قابض مختلف قومن وارن، ٻاهرين جنگين کي منهن ڏيڻ ۽ پنهنجون سرحدون وڌائڻ لاءِ مضبوط لشڪر جي ضرورت محسوس ٿي ۽ هنن سندن ويجها واسطيدار ميرن کي ملتان مان گهرايو، چاڪاڻ تہ هو دلير جنگجو هئا، ميرن پاڻ سان گڏ ٻين برادرين جا بلوچ جنگجو ۽ دلير ماڻهو گڏ آندا روايتون آهن تہ سرائيڪي ڳالهائيندڙ قومون ميرن سان گڏ سنڌ ۾ اچي مختلف شهرن ۾ آباد ٿيون ۽ کين لشڪر ۽ حڪومت ۾ ننڍا وڏا عهدا ڏنا ۽ ڪن کي ميرن پاران مليل جاگيرون سنڀال لاءِ ڏنيون ويون، لشڪر ۽ ٻين عهدن تي فائيز بلوچن کي وفاداري ۽ خدمتن جي عيوض جاگيرون بہ ڏنيون، اهو ئي سبب آهي تہ سنڌ ۾ سرائيڪي ڳالهائيندڙ برادرين جي ماڻهن وٽ ٿوري گهڻي زمين ضرور آهي، اها جدا ڳالهہ آهي تہ ڪيترن ئي زمينون وڪرو ڪري ڇڏيون، ميرن سان گڏ رند قبيلي جا ماڻهو بہ آيا، انهن ۾ امام بخش خان رند بہ شامل هو، جيڪو ميرن جو ويجهو بااعتماد هو ۽ لشڪر ۾ سالار هو ۽ ڪيترن ئي جنگين ۾ حصو ورتو، سندس وفات بعد سندس فرزند شاهن رند والد جي جاءِ تي سالار ٿيو، سندس خاندان جي رئيس محمد علي خان رند جيڪو سماج سڌارڪ ۽ شاعر ليڪ بہ آهي ٻڌائي ٿو تہ شاهن خان رند ٽر جي راڻن ۽ ٻين سان ۽ هالاڻي واري جنگ ۾ حصو ورتو هو، مير صوبيدار خان جو بااعتماد ماڻهو هو، مياڻي واري جنگ ۾ جنرل هوش محمد شيدي جي ڪمان ۾ انگريز خلاف جنگ ڪئي بعد ۾ 24 مارچ 1847ع تي دوآبي واري جنگ ۾ سورهياڻي سان وڙهي شهيد ٿيو، تاريخ لکي ٿي تہ ان جنگ ۾ مير صوبيدار خان پاسيرو رهيو پر شير سنڌ مير شير محمد خان مياڻي واري جنگ ۾ڪاميابي نہ ملڻ جي باوجود پنهنجو لشڪر ۽ مددي لشڪرن جا ماڻهو گڏ ڪري وڏي همٿ ۽ حوصلي سان انگريز فوج سان وڙهيو، هوشو شيدي مير صوبيدار جو خاص ماڻهو هئڻ جي باوجود ضمير موجب انگريز خلاف جنگ وڙهي مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون جا نعرا هڻي شهادت ماڻي هن جنگ ۾ ڪيترن ئي جوڌن جوانن انگريز سان وڙهندي شهادت ماڻي ليڪن تاريخ ۾ انهن سڀن جوڌن جا نالا شامل نہ ڪيا ويا آهن انهن شهيدن مان ڪيترن کي حيدرآباد کان 6 ميل پري

ڏکڻ اوڀر ۾ ناريجن جي ڳوٺ وٽ ڏرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو اهو قبرستان شهيدن جو قبرستان سڏجي ٿو. هوش محمد شيدي جي مزار بہ اتي آهي،ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب جنگ نام ۾ ان جنگ ۾ شهيد ٿيندڙن مان صرف مير غلام علي خان مهڪاٽي، مير علي خان مهڪاٽي،مير عبدالله خان مهڪاٽي ، گوهر خان مري پيراني وارو، دائود خان، ڪمال خان مري ٽنڊوآدم، نواب خان قربان علي خان علياڻي لغاري، جعفر خان ڏاهاڻي مري، مير بلوچ، علي خان سنڌيراڻي مري، مرزو خان بڊاڻي مري شادمان خان ڪپري، مير بلوچ خان خاناڻي ٽالپر، بالاچ خان ترڪ عنايت خان ترڪ، علي بڊاڻي، غلام محمد جان، قيصر خان قمبراڻي جا نالا لکيا آهن، شاهن خان رند جي خاندان جي رئيس محمد علي خان رند جي دعويٰ آهي تہ ان جنگ ۾ سنڌن تڙ ڏاڏو شاهن خان رند بہ دليري سان جنگ جي ميدان ۾ لڙي شهادت ماڻي سنڌس آخري آرام گاهہ مٿي ذڪر ڪيل شهيدن جي قبرستان ۾ آهي، ليڪن اتي ڪتبو نہ لڳل هئڻ ڪري ۽ پوين پاران اتي ڪافي عرصو نہ وڃڻ ڪري ان قبر جي خبر نہ آهي، محمد علي خان ٻڌائي ٿو تہ شهيد شاهن خان رند جو آخري آرام گاهہ هوش محمد شيدي جي آخري آرام گاهہ ويجهو هو، شاهن خان رند جو خاندان متهلي واري علائقي ۾ سنڌس ئي نالي سان آباد ڪيل ڳوٺ ۾ رهيل هو بعد ۾ ان خاندان جا رند ڪڏڙو، ٽنڊو ۽ ٻين علائقن ۾ وڃي رهيا، مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب جنگناماں ۾ لکي ٿو تہ ڳوٺ شاهن رند ۾ رندن جو راڄ هو، جن جو وڏو نهال خان رند هو، هنن حيدرآباد جي مير حڪمران گهراڻي ڪي سنگ ڏنو هو انهن سان ويجهي مٽي ڪري سنڌن مقامي اثر رسوخ ۽ طاقت ۾ اضافو ٿيو نهال خان رند پاڻ وڏو لائق انسان هو، پر ڪيس هڪ اوڏڻ زال مان گل محمد نالي پٽ هو، جيڪو نهايت سرڪش ٿي ساماڻو ۽ نہ رڳو پاڙيسري راڄن سان اهنج ڪيائين پر مير محمود خان واري ٻني ۾ پنهنجيون گهوڙيون ۽ ٻيو مال چوڙي ڇڏيندو هو، جيڪو ٻيو پيل ڪندو هو، انهي تي اتي جي هارين ۽ پاڳين حيدرآباد ۾ وڃي مير محمود خان وٽ دانهيون جنهن پنهنجا ماڻهو موڪليا ۽ نهال خان کي چوائي موڪليائين پر هن اڻ ٻڌو ڪري ڇڏي تڏهن مير محمود خان پڇا ڪرائي تہ انهي طرف ٻيو ڪو همٿ وارو مڙس آهي جيڪو رندن کي جهليندو تڏهن ڪيس ٻڌايائون تہ جعفر خان لغاري اهڙو آهي





جو اوهان جي طرفان ڪيس خاص پيغام ويندو تہ ان کي مان ڏيندو ۽ رندن کي منهن ڏيندو، جڏهن مير محمود جو وٽس خط آيو تہ سيڻي کي سڏي صلاح ڪيائين جن اها راءِ ڏني تہ اسان جو تعلق گادي وارن ميرن سان آهي جن سان رند سڱٽيا آهن انهي ڪري رندن سان مقابلو ڪرڻ ڇڻ خود ميرن سان مقابلو ڪرڻ جي برابر ٿيندو جعفر خان لغاري چيو تہ مير محمود خان کي اهو سڀ ڪجهہ معلوم هوندو پر انهي هوندي بہ هن مدد لاءِ لکيو آهي. مناسب نہ اهي جو مدد نہ ڪجي، ٻيو تہ نهال خان رند وڏو لائق آهي ۽ منهنجي ساڻس ڏيٺ ويٺ آهي ان سان ڳالهائيندا سون تہ معاملو صلح سانت سان نبيري ويندو، تڏهن سيڻ جي اها صلاح ٻيٺي ۽ جعفر خان لغاري پوءِ مير محمود خان ڏانهن لکي موڪليو تہ اوهان هجت ڪندي اسان ڏي لکيو آهي سو اسان ان جي تدارڪ ڪنداسين ۽ ڏٽي ڪندو تہ سڀ چڱي ٿيندي ۽ جعفر خان پوءِ نهال خان ڏي سلام موڪليا ۽ چيو تہ اسان تي مير محمود خان جو بار پيو آهي تہ سنڌس ٻني کي پيل کان بچايون، تون پاڻ لائق آهين ۽ پنهنجي ماڻهن کي منع ڪر تہ ٻني ۾ گهوڙيون مال نہ ڇڏين نهال خان سلامن جو مان رکيو ۽ پنهنجي ماڻهن کي زباني هدايت ڪئي پر گل محمد ڪونہ مڙيو، نبي بخش خان بلوچ اهو واقعو تفصيل سان بيان ڪيو آهي مختصر اهو تہ ان بعد رندن ۽ لغارين ۾ لڙائي ٿي ٻنهي ڌرين جا ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا ان ۾ نهال خان ۽ گل محمد خان خود ۽ جعفر خان لغاري جا ماڻهو مارجي ويا، ليڪن ڳوٺ شاهن رند جي خاندان جي ادب دوست شخصيت محمد علي خان رند چوي ٿو تہ رندن مير صاحبن جي خاندان ۾ سڱ نہ ڏنو هو ڊاڪٽر صاحب ٻڌل ٻڌائيل ڳالهيون بغير ڪنهن تصديق جي بيان ڪيون آهن هن ٻڌايو تہ مير صاحبن شاهن رند کان سڱ جي گهر ضرور ڪئي هئي پر شاهن خان سڱ نہ ڏنو سڀ ڪنواريون نياڻيون پنهنجي خاندان ۾ پرڻائي ڇڏيون هيون محمد علي خان رند اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ رند ۽ لغارين ۾ جهيڙو زمين جي پيل تان نہ ٿيو هو. لغارين جي اسان جي زمين پرسان زمين آهي جتي گل محمد خان رند انهن کي تنگ ڪندو هو اهڙي دانهن ملندي ڪيس ڳوٺ مان لڏايو ويو .لغارين ۽ رندن ۾ ڪا بہ جنگ نہ ٿي آهي اگر ايڏي وڏي جنگ ٿئي ها تہ اسان جا وڏا تہ اسان کي ضرور ٻڌائين ها محمد علي خان رند وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ ميرن شاهن خان رند کي موجوده ضلعي سانگهڙ ۾ ديهہ ڇراڙي، لاڪا، دوفاني،

43، 44 جمڙائو ڊيروءِ ٻين ديهن ۾ 8 هزار ايڪڙن کان وڌيڪ زرعي زمين جون جاگيرون عطاڪيون ۽ سندس خاندان مان هڪڙا پڪي قلعي حيدراباد ۾ ميرن سان گڏ ٻيو خاندان تعلقه سنجهورو ۾ ڳوٺ شاهن خان رند ۾ رهڻ لڳو، اهو ڳوٺ شاهن خان رند آباد ڪيو هو، شاهن خان رند کي مهرو خان رند نالي فرزند هو، جيڪو پهرين حيدرآباد ۾ ميرن وٽ هو والد جي شهادت بعد ان ڳوٺ ۾ اچي رهيو، پاڻ فقيراڻي طبيعت وارو سخي دل هو، کيس پنهنجي زمين ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو، اتي هاڻ وڏو قبرستان آهي جيڪو سندس ئي نالي مهرو خان رند قبرستان سڏجي ٿو، کيس 2 فرزند امام بخش خان ۽ نبي بخش خان هئا، ٻئي پائر راڄاڻيتا، مهمان نواز، سخي، وڏا اوطاقي هئا، امام بخش رند کي 3 فرزند هئا محمد علي خان، غازي خان، سعيد خان، جڏهن ته نبي بخش خان رند کي ڪيترا پٽ هئا ان جو خاندان ڪهڙو آهي خبر نه پئجي سگهي آهي، پر نبي بخش رند جو اولاد ڪڏڙو وارا رند سڏايا وڃن ٿا، محمد علي خان فقير منش بهترين انسان هو، غازي خان سخي مرد مهمان نواز سعيد خان رند مثالي زميندار ۽ سماجي ورڪر هو، محمد علي خان کي 3 فرزند غازي خان رند، اميد علي خان رند، سعيد خان رند هئا ٽئي پائر مثالي زميندار راڄائتا ۽ وڏا مهمان نواز هئا، غازي خان کي هڪ فرزند مبارڪ علي خان عرف ڏاڏو پورو هو، چون ٿا سهڻو جوان هو، رنگ جو ڳورو ان ڪري پورو سڏيو، سندس شادي ته ٿي پر اولاد نه ٿيو، اميد علي خان رند 3 شاديون ڪيون کيس ٻن گهر وارين مان هڪ هڪ فرزند محمد مراد خان رند مولا بخش رند ٿيا، ، سعيد خان کي ٻه پٽن ڏيئرن جو اولاد ٿيو جن جا نالا معلوم نه ٿي سگهيا اهي بعد ۾ اباڻي ڳوٺ مان لڏي ميران جي کوهي ڪڏڙو وجي ويٺا اتي سندن زميندري آهي. محمد مراد خان رند کي اولاد نه ٿيو پاڻ شادي کانپوءِ 3 سالن ۾ گذاري ويو پاڻ بهترين زميندارهو، دل ۽ هٿ جو سخي هو، رئيس شاهن خان رند جي مٿي ذڪر ڪيل خاندان جي فردن جو نه ته جنم نه وفات جون تاريخون نه سال معلوم ٿي سگهيا آهن نه وري سندن زندگي جو تفصيل سان احوال ملي سگهيو آهي، پر هن خاندان جو رئيس مولا بخش خان رند کان وٺي تفصيل ملي ٿو، اميد علي رند جو فرزند مولا بخش خان رندلڳ ڀڳ 1917ع ۾ ڳوٺ شاهن رند ۾ جنم ورتو، سنڌي فائيل پاس ڪرڻ بعد زمينداري سنڀالڻ سان گڏ خلق خدا جي خدمت ڪرڻ لڳو، ان دور





۾ تعليم حاصل ڪرڻ ڏکي ڳالهه هئي پاڻ ڳوٺ کان 5 ميل پري هڪ ڳوٺ ۾ قائم اسڪول ۾ پنڌ پڙهڻ ويندوهو، سندس شمار اسڪول جي ذهين شاگردن ۾ ٿيندو هو، پاڻ علائقي کانسواءِ شهدادپور شهر جي سماجي شخصيت هو، جڏهن حر تحريڪ عروج تي هئي ۽ هر سنڌي کي حر سمجهي انگريز ظلم ڪندو هو، خاص طور ٻهراڙين ۾ انگريز فوج ماڻهن خلاف رڻ ٻاري ڏنو ۽ رندن جي هن خاندان تي به ڏکيا ڏينهن آيا ان بعد رئيس مولا بخش خان 1942ع ۾ شهدادپور ۾ ابڙا پاڙي ۾ وڏو پلاٽ وٺي بلوچ منزل نالي گهر ۽ اوطاق ٺهرائي، پاڻ شهدادپور جي وڏي امام بارگاهه حسيني جي بنياد وجهڻ وارن مان هڪ هو امام بارگاهه کي وڌائڻ تائين ٻين ماڻهن سان گڏ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ پاڻ امام بارگاهه ۾ وڏا عالم گهرائي مجلسون به ڪرايون، شهدادپور ۾ عزاداري کي فروغ ڏيڻ ۾ به پنهنجو ڪردار ادا ڪيو، پاڻ غريب شاگردن جي ڀرپور مدد ڪندو هو، پاڻ مهمان نواز، سخي مرد، يارن جو يار ڪچهرين جو ڪوڏيو، ادب دوست شخصيت هو، اوڙي پاڙي غريب دوستن جي ڏکئي وقت ۾ مدد ڪندوهو، ان وقت شهدادپور ۾ اوطاقون ته ڪافي هيون پر صرف ٻه اوطاقون هڪ جان محمد خان وساڻ ۽ ٻي مولا بخش رند جي هئي هي ٻئي اوطاقون عوامي اوطاقون هيون، ٻهراڙين جي ماڻهن کي اگر دير ٿي ويندي هئي يا ڪنهن ڪم سانگي شهر ۾ ايندا هئا ۽ رات ٿي ويندي هئي ته ماڻهو يا جان محمد خان وساڻ يا مولا بخش رند جي اوطاق ۾ ترسندا هئا، واقف اڻ واقف جو فرق نه هوندو هو، مولا بخش رند اوطاق تي ترسندڙن جي مهمان نوازي ڪندي خوشي محسوس ڪندو هو، غريبن ۽ غريب شاگردن جي مدد ڪندي خوشي محسوس ڪندو هو، سياست کان پري رهيو ۽ سندس شمار شهدادپور جي معزز شخصيتن ۾ ٿيندو هو، هارين کي اولاد سمجهندو هو، هر عيد تي غريبن ۽ هارين کي ڪپڙا ۽ سامان وٺي ڏيندو هو، انتهائي ذهين لبرل سوچ رکندو هو، سنڌ جي مشهور شخصيتن خاص طور مخدوم خاندان، ڄام خاندان، وساڻ خاندان سان سندس ويجها واسطا رهيا، پاڻ 11 اپريل 1968ع 12 محرم الحرام تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو، سندس 2 شاديون هيون هڪ مان اولاد نه هو، هڪ مان 2 پٽ محمد علي رند ۽ مراد خان رند هڪ نياڻي سوڳوار ڇڏيا. رئيس محمد علي خان 7 جون 1937ع ۾ جنم ورتو، تعليم شهدادپور جي تعليمي ادارن مان حاصل

ڪئي، شاگردي واري دور ۾ ڪاليج جي ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪپتان به رهيو، والي بال ۽ هاڪي جو به مثالي رانديگر رهيو، پاڻ محمد علي بلوچ جي نالي سان مشهور هو، هر شاگرد جي خواهش هوندي هئي ته هو سندس هجتي دوست هجي، شاگرد يونين ۾ عهدو نه وٺڻ جي باوجود سرگرم ڪارڪن جي حيثيت سان هڪ ذميوار عهديدار ڪان وڌيڪ سرگرم رهيو، سندس ڪوشش سان ڪاليج ۾ راندين جون ٽورنامينٽون ۽ ٻيا فنڪشن به ٿيا، شاگردي دور ۾ ذاتي طور غريب شاگردن جي ڪتابن ۽ فيون جي حوالي سان مدد ڪندو هو، سندس دوستن جو ڪاليج اندر شاگردن ۽ ٻاهر هڪ وسيع حلقو هو، انٽر پاس ڪرڻ بعد زمينداري سنڀالي ۽ هڪ مثالي زميندار طور سڃاتو ويو، رئيساڻي خاندان جو هئڻ جي باوجود فقيراڻي طبيعت جو مالڪ رهيو آهي، پاڻ سماج سڌارڪ طور نه صرف شهدادپور پر پوري علائقي ۾ سماجي ڪم ڪرڻ جي حوالي سان مشهور ٿيو، غريبن جو همدرد پر غريبن جي لڪل هٿ سان مدد ڪندو رهيو آهي، جواني ۾ گهوڙن جي سواري ڀلا گهوڙا ڏارڻ جو شوق رهيس، چوپايو مال پالڻ جو به شوقين رهيو آهي، ننڍي هوندي ڪان ادب سان گهري دلچسپي رهي اٿس، فلمي دنيا جو وڏو شوقين رهيو آهي ننڍي هوندي ڪان فلمون شوق سان ڏسندو هو، مشهور فلمي اداڪار محمد علي، مصطفيٰ قريشي سندس حيدرآباد ۾ پڙهڻ دوران سٺا دوست رهيا پاڻ لاهور گهمڻ ويندو هو ته اداڪار محمد علي وٽ رهندو هو، ڪيس فلمون ٺاهڻ جو شوق ٿيو، فلمي ڪهاڻي به پاڻ ٺاهي ۽ محمد علي سان صلاح ڪئي ته ان ڪيس منع ڪئي، ادبي، تاريخي، اسلامي ڪتاب سندس مطالعي هيٺ رهيا آهن ناياب ڪتابن جي لائبريري موجود اٿن، سندس ڪلاسيڪل ۽ صوفيانه راڳ سان دلچسپي رهي آهي، ڪيس لطيف سائين جي شاعري ڪانسواءِ استاد بخاري جي شاعري گهرو اثر ڇڏيو، پاڻ لطيف جي رسالي جو پارکو به آهي، ڪيس اڄ به لطيف جو ڪافي ڪلام ياد آهي، شاگردي دور ۾ ڪهاڻيون به لکيون، 1996ع ۾ سندس جيون ساٿڻ جي وصال مٿس گهرو اثر ڇڏيو ۽ پاڻ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي، گيت، غزل، ڪافيون، بيت ۽ ٻين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، غزل وڌيڪ لکيا اٿس، شاعري ۾ قومي شاعري کي اهميت ڏني اٿس، ملڪي حالات واقعات معاشري جي براين ناانصافين تي به بهترين متاثر ڪندڙ شاعري ڪئي اٿس، دوستن جي مشورن ۽ اسرار تي





شاعري جي مجموعو شايع ڪرڻ جو خيال رکي ٿو، پاڻ اردو شاعري به ڪئي آهي، شاگردي دور ۾ اڌ سنڌي اڌ اردو زبان ۾ ڳالهائيندو هو بعد ۾ سندس اهو انداز ٻين به اختيار ڪيو بعد ۾ پي ٽي وي تي به ان لهجي ۾ ڊراما ٺهيا سندس دعويٰ آهي ته انهن ڪيس فالو ڪيو آهي، پاڻ شاگردي دور ۾ هڪ ڪلاس فيلو هندو ڇوڪري سان مزاجي عشق ڪيو، چند سالن ۾ ان ڇوڪري جي شادي ٿيڻ بعد جدائي ٿي وئي، پر خط ڪتابت جاري رهيو پر ان جو خاندان ڀارت لڏي وڃڻ بعد نه رابطو نه خط پٽ ۽ جڏهن ڪيس ان جي ياد اچي ٿي ته تڙپي اٿي ٿو سندس خواهش آهي ته هو مرڻ ڪان اڳ هڪ دفعو ڪيس ڏسي پر ڪيس خبر نه آهي ته هو جيئري آهي به يا نه جي جيئري اهي ته ڪٿي آهي، شاگردي دور ۾ سندس همدرديون مسلم ليگ سان رهيون جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو ايوب خان سان اختلاف ڪري پ پ جو بنياد وڌو ته محمد علي خان رند جا دوست عبدالواحد بروهي، شوڪت رامپوري، مير ضيغم ٽالپر جيڪي ضلعي سانگهڙ پ پ ۾ شامل ٿيندڙ پهريون شخصيتون هيون انهن جي ڪري پ پ ۾ شامل ٿيڻ ڪانسواءِ همدرد هو، ليڪن هڪ جيالي ڪارڪن وانگر مٿي ذڪر ڪيل دوستن سان گڏ پارٽي کي ضلعي ۾ فعال ڪرڻ لاءِ سرگرم هو، 1970ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن هڪ جيپ ۾ شهدادپور آيو ۽ ڪيس ڪارڪنن سان گڏ اهم گڏجاڻي ڪرڻي هئي جيڪا محمد علي خان رند جي اوطاق بلوچ منزل شهدادپور ۾ رٿيل هئي، ڪارڪنن به گڏ ٿي ويا ذوالفقار علي ڀٽو به آيو پر جيپ مان لهڻ ڪانسواءِ اتي ڪارڪنن سان مليو ۽ چيو ته سي آءِ اي پوليس منهنجي پويان آهي مونکي ته ڪجهه به نه ڪري سگهندي پر اوهان کي ۽ اوطاق ڏٽي بلوچ صاحب کي تنگ ڪندا آئون دوستن کي آزمائش ۾ نه ٿو وجهڻ چاهيان گڏجاڻي حالتون نيڪ ٿيڻ بعد ٻئي دفعي ڪنداسين ان اوطاق واري هنڌ هاڻ سليمان جي ابڙو جو گهر آهي، هي اوطاق مولا بخش خان ڪان وٺي سندس فرزند اميد علي خان رند تائين سياست جو مرڪز رهي آهي. هي اوطاق ماضي ۾ خاص طور جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ قومپرست سياست جو ڳڙهه رهي آهي، هي اوطاق رئيس مولا بخش خان رند ڪان وٺي اميد علي رند تائين مهمان خانو رهي آهي، هن اوطاق ۾ قوم پرستن جون گڏجاڻين ۽ شهدادپور مان ايندي ويندي، انهن جو مضبوط ٺڪاڻو رهي آهي، هتي ڪيترائي روپوش قومپرست به رهيا آهن.

اها تاريخي اوطاق بعد ۾ وڪرو ٿي وئي ۽ اها وڪرو ٿيڻ بعد اميد علي خان رند اسپتال روڊ وٽ رهائشي جڳهه وٺي اتي رهي پيو، پر هن اوطاق جي وڪري بعد مهمان خانو ختم ٿي ويو هن حوالي سان رات جي رهزن ڌاڙيلن هٿان شهدادپور، هالا روڊ تي حيدرآباد ڪان شهدادپور ايندي گاڏي تي فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويل اميد علي رند جي گهرواري ادي ببيل رند جون خدمتون قابل تعريف ۽ اڻ وسرندڙ آهن آڌي رات جو به ڪو مهمان ايندو هو، اميد علي هجي نه هجي مهمانن کي ماني ملندي هئي، اڄ به شهدادپور ۾ اميد علي رند هڪ سماجي ۽ سياسي شخصيت طور سڃاتو وڃي ٿو پر هاڻ هن جي اوطاق ماضي وانگر مهمان خانو نه رهيو آهي، ليڪن رئيس محمد علي خان رند جيڪو ڪافي عرصي ڪان سندس ئي نالي سان سانگهڙ، ٽنڊوآدم روڊ تي جهول ويجهو آباد ڳوٺ ۾ قائم سندس وسيع اوطاق مهمان خانو بڻيل آهي،پاڻ وڏي عمر جو هئڻ جي باوجود صبح ڪان رات دير تائين اوطاق تي ويهي مهمانن ڪم ڪارين وارن سان ملي ٿو، هر وقت اوطاق تي ڪچهري متل هوندي آهي هر وقت چانهه جي سبيل هلندي آهي، ماني وقت ماني ملي ٿي.

جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو پهريون دفعو سانگهڙ ويندي سانگهڙ پرسان مٿس قاتلانه حملو ٿيو هو ته ان وقت ڀٽو صاحب جي گاڏي جي هڪ سائيڊ ڪان محمد علي خان رند هڪ طرف دلورا جو محمد پناهه بوزدار مرحوم جيڪو سروري جماعت جو مريد هو، انهن جون جيپون هيون محمد علي خان رند موجب هو پ پ سان غير مشروط طور دوستن جي ڪري سرگرم هو محمد علي خان هاڻ سياست نه ٿو ڪري عام ۽ لوڪل باڊيز جي چونڊن ۾ جنهن کي بهتر سمجهي ٿو ان جي حمايت ۽ ورڪ ڪري ٿو، سياري ۾ سندس اوطاق ۾ مچ ڪچهريون متل هونديون آهن.

## شهدادپور جي وڏيري سلطان ڀاٽوجو ڪان خدا بخش ڀاٽوجو تائين

شهدادپور ڪان ڀرهون ڏانهن ويندڙ روڊ تي ڳوٺ سلطان ڀاٽوجو ۾ هڪ زميندار وڏيرو ابراهيم ڀاٽوجو جي گهر ۾ 1928ع ۾ جنم ورتندڙ، وڏيرو سلطان ڀاٽوجو 5 ڪلاس ۽ قرآن شريف پڙهڻ بعد پنهنجي زمينداري سنڀالڻ لڳو. ننڍي هوندي ڪان سلڇڻو، ذهين، ڪنهن جي تڪليف نه ڏسي سگهندڙ علائقي جي ماڻهن جي مهل تي هر طرح سان





مدد ڪندو هو. وڏيرو سلطان ڀاٽوجو مهمان نواز غريبن جو هڏڏوکي وڏي هلندي پڄندي وارو هو. پنهنجي برادري ۽ علائقي جي ماڻهن جا فيصلا به ڪندو هو. ڪو ڪم ڪار وارو سندس در تي آڌي رات جو آيو هوندو ۽ سڏ ڪيو هوندو ته پاڻ ٻاهر نڪري جنهن به قسم جي مدد لاءِ يا ڪنهن به ڪم ڪار لاءِ ايندڙن جي هر طرح سان مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ڪو بااثر ماڻهو علائقي جي ڪنهن غريب کي ستائيندو هو ته هي ان غريب مظلوم جي هر طرح سان مدد ڪندو هو. پاڻ سروري جماعت جي مکيه ڌر هو. تقريبن هر سومر تي خاص طور هر مهيني جي سهائي سومار تي حضرت مخدوم نوح سرور رحه جي مزار تي ۽ قبله مخدوم طالب المولىٰ جن جي حاضري تي ويندو هو. جڏهن ته مخدوم طالب المولىٰ يا مخدوم خاندان جو ڪوبه فرد سانگهڙ ضلع جي روحاني سفر تي ايندو هو ته پاڻ ان سفر ۾ گڏ هوندا هئا. سندس دور ۾ ميڊيا جو دور نه هو ۽ پاڻ ڪچهرين ۾ حضرت مخدوم نوح رحه جي سوانح حياتي مبارڪ انهن جا فرمان ٻڌائيندو هو. مذهبي طور تي به وڏي ڄاڻ رکندو هو. ذهين ۽ ڳالهين جو ايترو پلو جو ڳالهائيندو هو ته محفل ۾ خاموشي ڇانئجي ويندي هئي. انگريز دور ۾ وطن يا ڪفن تحريڪ ۾ انگريز خلاف جنگ لڙندڙ حرن مان ڪي غازي سندس ڳوٺ يا اوطاق تي اچي ويندا هئا ته ڪين لڪين عزتون ۽ مهمان نوازي سان گڏ هر طرح جي مدد به ڪندو هو.

وڏيرو سلطان ڀاٽوجو کي انگريز سرڪار جي هڪ آفيسر گهرائي چيو ته هو غازين کي گرفتار ڪرڻ ۾ سندن مدد ڪري ته ڪيس سرڪاري زمينون ۽ ٻيون مراعتون ڏنيون وينديون. پر پاڻ ٺپ انڪار ڪندي چيو ته اهو ذلت وارو ڪم نه ڪندس جو وطن لاءِ وڙهندڙ حر غازين کي گرفتار ڪرايان. هن ان تحريڪ کي جائز قرار ڏنو ۽ چيو ته، آئون انگريز سامراج جو نه وفادار آهيان نه ٿيندس اهڙا لفظ انگريز دور جي آفيسر کي ذهن تي هٿوڙو ٿي لڳا ۽ ان ڪيس حر غازين جي مدد ڪرڻ ۽ ٻين الزامن ۾ سينٽرل جيل موڪلي ڇڏيو. ۽ جيل ۾ به ڪافي دفعا ڪيس آفر ڏني وئي ته ڪيس ان شرط تي آزاد ڪيو ويندو ته هو غازين کي گرفتار ڪرائڻ ۾ مدد ڪندو. ليڪن پاڻ انڪار ڪيو جنهن تي جيل ۾ مٿس سختي به ڪئي وئي پر سندس حوصله بلند هئا. 83ع وارن ايم آر ڊي تحريڪ ۾ شهيد ٿيلن جي شهدادپور ۾ غائبانه جنازي نماز پڙهڻ جي الزام ۾ ڪيس گرفتار ڪيو ويو ڪافي عرصو جيل ۾ رهيو.

پاڻ 1986ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو سندس فرزندن ۾ وڏيرو محمد ابراهيم پاٽوجو سعيد خان پاٽوجو ۽ حمزو خان پاٽوجو شامل آهن. وڏيرو ابراهيم پاٽوجو جنم 1947ع تي ٿيو. والد جي وفات بعد اها پڳ وڏيري ابراهيم پاٽوجو تي آئي پاڻ والد جي نقش قدم تي هلڻ شروع ڪيو. اهائي مهمان نوازي، اهائي رحم دلي، اها ئي سچائي، اها ئي بي ڊپي، والد وانگر ماڻهن جي خدمت کي عين عبادت سمجهي ڪرڻ لڳو. ۽ والد وانگر درگاهه شريف حضرت مخدوم نوح رحه تي حاضري مرشدن وٽ حاضري، ڪم ڪارين لاءِ ويندڙن جا ڪم ڪاريون ڪرائڻ ۾ حال سارو مدد ڪندو هو. پاڻ مرشد مخدوم طالب الموليٰ جن جا جهڙا ته عاشق هئا ۽ مخدوم طالب الموليٰ جن به ڪين پائيندا هئا. ايم آر ڊي تحريڪن ۾ مخدوم سعيد الزمان جي حڪم تي سروري جماعت وارن جو پوري تحريڪ ۾ سروري جماعت جون گرفتاريون ڏياريندو رهيو جڏهن ته جام دور ۾ پارٽي نه بدلائڻ جي ڪري ڪيس گرفتار ڪري ملدسي، لنڊو شهدادپور ٿاڻي تي لاڪ اپ ڪيو ويو.

جڏهن به پ پ پارا ن کو احتجاج جو سڏ ٿيندو هو ۽ جنرل ضياء جي حڪومت ان احتجاجي سڏ کي ناڪام بنائڻ يا زور گهٽائڻ لاءِ پ پ ۽ ايم آر ڊي ۾ شامل سياسي پارٽين جي اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويندو هو ته شهدادپور مان وڏيرو محمد ابراهيم پاٽوجو کي به گرفتار ڪيو ويندو هو. پاڻ سروري جماعت جي اهم ڏر هئا. فيصلن ڪرڻ جا به ماهر هئا، دوستن جا دوست هئا. دوستن وٽ شادين غمن ۾ وقت تي پهچڻ جي ڪوشش ڪندا هئا علائقي ۾ سيڻ سان پائرن جهڙو هلندو هو. پين پارٽين وارا به سندس اهڙي ڪردار، بهتر عمل جي ڪري وڏي عزت ڪندا هئا. پاڻ ڪينسر جي موضي مرض ۾ ڪجهه عرصو مبتلا رهڻ بعد 28-03-2005 تي حقيقي خالق ڏانهن هميشه لاءِ هليا ويا. سندس آخري آرام گاهه اباڻي قبرستان سيد اسماعيل شاهه ۾ آهي. وڏيرو سلطان پاٽوجو جو پيو نمبر فرزند سعيد خان زميندار ۽ اوطاق سنڀاليو ويٺو آهي. ٽيون نمبر فرزند حمزو خان پاٽوجو جو به والد ۽ پاءِ وانگر يار ويس. هر دلعزيز آهي پاڻ پ پ پ يوسي اصغر آباد جا صدر به رهيا آهن.

وڏيرو محمد ابراهيم پاٽوجو پويان 5 پٽ سوڳوار ڇڏيا جن ۾ وڏيرو خدا بخش پاٽوجو، محمد علي پاٽوجو، بخش علي پاٽوجو، ڪرم







علي پاٽوجو، نياز علي پاٽوجو، وڏيرو خدا بخش پاٽوجو 02-05-1970 ۾ جنم ورتو. بي اي تائين تعليم حاصل ڪيائين ته والد انتقال ڪري ويو ۽ برادري جي پڳ مٿس اچڻ ۽ زميندار ي سنڀالڻ سروري جماعت کي وقت ڏيڻ ڪري وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. ڪيس برادري جي پڳ مخدوم امين فهيم جن جي حڪم تي مخدوم حبيب الله پڌرائي. پڳ پڌرائڻ واري انتهائي وڏي تقريب ٿي هئي.

وڏيرو خدا بخش پاٽوجو مختصر عرصي ۾ علائقي توڙي سروري جماعت ۾ پنهنجي ڪردار جي ڪري سٺي حيثيت ماڻي آهي. هن وقت پاڻ سروري جماعت جي اهم ڏرين ۾ شامل آهن، پاڻ نه صرف علائقي ۾ پر تعلقه شهدادپور جي غريب ماڻهن جي ڪم ڪارين ۾ مصروف نظر ايندو آهي. عام ماڻهن توڙي سروري جماعت جا غريب ماڻهو به روينيو، هيلٿ، پوليس ۽ پين کاتن ۾ سندن ڦاٿل ڪم ڪارين لاءِ وڏيرو خدا بخش پاٽوجو جي مدد وٺندا آهن. ڇاڪاڻ ته ڪين خبر آهي ته هي ذاتي ڪم ڇڏي به سندن ڪم ڪاريون ڪرائيندو تعلقه شهدادپور ڪانسواءِ ضلع سانگهڙ جي پين شهرن سان تعلق رکندڙ جماعت جا توڙي عام ماڻهو به ڪم ڪارين لاءِ هن وٽ اچن ٿا جن جا ڪم ڪاريون هڙان وڙان ڪرايا پاڙا خرچ ڪري پنهنجو وقت سيڙائي ڪم ڪاريون ڪرائيندي نظر ايندو آهي. پاڻ ڏاڏو ۽ والد وانگر ذهين، دلير، سچ ڳالهائيندڙ يارن جو يار سيڻ جو خير خواهه نيت جو صاف انسان آهي. ڪيس 3 پٽ معظم علي، اسد علي ۽ محمد ابراهيم آهن. پاڻ سروري تنظيم ضلع سانگهڙ جو صدر پڻ آهي.

## جهول جو سخي خان محمد جلالاڻي تاريخ ۽ ادب جو عاشق جعفر جيم جلالاڻي

جهول ويجهو تاريخي قديم ڳوٺ ساڏوي پرسان نصير خان جلالاڻي جو ڳوٺ ميرن جي صاحبي جي وقت آباد ڪيل آهي، نصير خان جلالاڻي جو ذڪر ۽ ڪارنامي بابت احوال هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل آهي، ڪيس کو به اولاد نه ٿيو سندس پاءُ موسيٰ خان جلالاڻي کي کي 2 فرزند جعفر خان جلالاڻي ۽ غلام حسين جلالاڻي هئا هي خاندان بنيادي طور هن علائقي جو زميندار سخي، مهمانن نواز، وڏو اوطاقي رهيو آهي، هي خاندان جلالاڻي برادري جا سردار به سڏبا آهن جعفر خان

”اول“ ۾ غلام حسين خان بہ وڏا انسان دوست، سخي غريبن جا همدرد هئا، غلام حسين کي اولاد نہ هو، جعفر خان کي هڪ فرزند نصير خان جلالاڻي هو، جيڪو بہ وڏن وانگر نيڪ انسان، سخي مهمان نواز، علائقي جي بااثر شخصيت سنڌ جي ڪيترن ئي خاندانن سان ويجها وسيع تعلقات رکندڙ هو، کيس هڪ فرزند خان محمد جلالاڻي هو، اهو بہ علائقي جي بااثر ۽ هر دلعزيز شخصيت هو، وڏو مهمان نواز بزرگن سان عقيدت رکندڙ سير تفريح جو شوقين هو سخاوت مهمان نوازي، فيصلن ۾ وڏو نالو ڪيرايو سندس جنم 1907ع تي ٿيو، پاڻ علائقي جي مشهور شخصيت هو. هر وقت سندس اوطاق تي راڳ رهاڻ، سگهڙن جون ڪچهريون ٿينديون هيون، مهمان ۽ مسافر جيڏي مهل بہ اچن کين ماني ملندي هئي ان وقت جيپون وڏن خاندانن وٽ هيون ۽ هن وٽ بہ ان دور ۾ وليز جيپ هئي، پلا گهوڙا، چوپايو مال پالڻ جو وڏو شوقين هو، ان دور ۾ هڪ روپيہ جي وڏي اهميت هئي پاڻ ان دور ۾ فقيرن کي 10 کان 50 روپين تائين خيرات ڏيندو هو، لطيف سائين سان وڏي عقيدت رکندڙ هو، وقت بہ وقت درگاهہ تي حاضريون ڏينديو هو، ۽ اتي بہ خيراتون ڪندو هو، وٽس 11 کان وڌيڪ پلا گهوڙا هوندا هئا، پٽائي پير سيد پير محمد جڙيل شاهہ سان عقيدت سان گڏ ذاتي ۽ گهرا واسطا هوندا هئا وقت بہ وقت پير محمد جڙيل هن وٽ ۽ هي پٽ شاهہ ۾ سندس اوطاق تي ويندو هو پير محمد جڙيل گهوڙي سواري بہ هن کان سکيو ۽ سندس گهوڙي سواري جي ڪچهرين ۾ تعريف ڪندو هو، وٽس وقت جا فنڪار فن جو مظاهرو ڪرڻ ايندا هئا انهن ۾ ٻين کانسواءِ جيوڻي ٻائي استاد منظور علي خان بہ شامل آهن. رات جو اونهاري سياري ٻاهہ جو مچ ٻرندو هو جتي ڏور بيت وارا سگهڙ اچي گڏ ٿيندا هئا، پاڻ 22 سيپٽمبر 1996ع تي وصال ڪيو کيس هڪ فرزند جعفر خان آهي جنهن 1940ع ۾ جنم ورتو پاڻ ننڍي هوندي کان ذهين سلڇڻو همدرد رهيو آهي، سنڌي فائيل پاس ڪرڻ بعد زمينداري ۽ راڄ سنڀالي ٿو، ان زماني ۾ هن علائقي ۾ويجهڙ ۾ اسڪول نہ هئا ۽ علائقي ۾ زميندارن گڏجي پنهنجي اولاد کي پڙهائڻ لاءِ پرائيويٽ طور اسڪول کولرايو جيڪو پهرين ساڏوٽي ۾ هلندو هو اتي محمد ابراهيم لاڙڪ نالي پرائيويٽ استاد 2 روپين جي پگهار تي رکيو ويو، ان بعد استاد تبديل ٿيندا رهيا، بعد ۾ خان محمد جلالاڻي پنهنجي خرچ تي ڳوٺ جي ٻارن لاءِ پنهنجي





اوطاق ۾ هڪ ڪمري ۾ اسڪول کوليو هڪ استاد مقرر ڪيو ۽ ان ڳوٺ ۾ عبدالله خان عرف مزار جيڪو زميندار هو 51ع ۾ ساڏوٽي ۾ سرڪاري اسڪول کولرايو پنهنجي خرچ تي 2 ڪمرا ورانڊو ٺهرايو ان اسڪول ۾ محمد ملوڪ نالي استاد ادب دوست هوندو هو جيڪو محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ٻين اديبن جا ڪتاب ۽ مشهور شاعرن جي شاعري جا ڪتاب پڙهندو هو، شاگردن کي بہ پڙهائيندو هو، اهي ڪتاب پڙهندي جعفر خان جلالاڻي کي ادب سان لڳاءُ ٿيو ۽ شاگردي دور کان ادبي، تاريخي، اسلامي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا جعفر خان جلالاڻي انسان دوست غريبن جو همدرد ڪچهرين جو ڪوڏيو لطيف سائين جي شاعري جو پارکو، تاريخ سان گهري دلچسپي رکندڙ وڏو اوطاقي مهمان نواز آهي، روايتي وڏيرن ۽ رئيسن کان مختلف ذهن رکي ٿو پلائي وارن ڪمن ۾ دلچسپي رکي ٿو، اسان کي علائقي جي ماڻهن کان معلوم ٿيندو رهيو آهي تہ جعفر جيم جلالاڻي شاگردي دور کان هن وقت تائين غريب شاگردن، غريب ماڻهن جي مدد ڪندو رهيو آهي، وڏن وانگر وڏو اوطاقي رهيو آهي واندڪائي ۾ ادبي ڪتاب پڙهڻ جو شوق رهيو آهي کيس سنڌ جي خاص طور علائقي جي تاريخ تي عبور حاصل آهي، کيس شهرن ۾سنڌي ٻولي جي ختم ٿيڻ ۽ سنڌي ٻولي ۾ ٻين ٻولين جا لفظ استعمال ٿيڻ تي پريشاني ۽ افسوس آهي، سندس چوڻ آهي تہ ائين نہ ٿئي اڳتي هلي ڪتابن ۾ پڙهجي تہ سنڌي ٻولي بہ ڪا هئي، پاڻ نج سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿو، سنڌي ٻولي ۾ ٻين ٻولين جا لفظ استعمال ڪندڙن کي ٽوڪيندو آهي ۽ کين سمجهائيندو آهي تہ انهن غير سنڌي لفظن بجاءِ سنڌي جا هي لفظ استعمال ڪريو، وٽس لطيف سائين جا مختلف ڇپيل 40 کن رسالن کانسواءِ 1200 کن تاريخي، اسلامي، ادبي، شاعري جا ڪتاب آهن، انهن ۾ ڪافي ناياب ڪتاب بہ آهن، ڪلاسيڪل ۽ صوفيانہ موسيقي سان لڳاءُ رهيو اٿس، ماضي ۾ جڏهن گرام فونا هئا، تڏهن هن بہ ورتو، جيڪو چاٻي تي هلندو هو اڄ بہ هن وٽ موجود آهي ۽ گرام فوني تي وڄندڙ رڪارڊن جو بہ وڏو تعداد موجود اٿس جڏهن ڪيسٽ جي دنيا عروج تي هئي تہ هن وٽ مختلف فنڪارن جون 500 کان وڌيڪ ڪيسٽون هيون کيس طلعت محمود، لتا منگيشڪر، محمد رفيع، ڪنور پڳت کيس ماستر چندر، جيوڻي ٻائي عابده پروين پسند جا فنڪار آهن سندس چوڻ آهي تہ ڪنور ڀڳت جو انداز موهيندڙ آهي. پاڻ هڪ شعر

۾ قوم لاءِ ڪيڏي نہ وڏي ڳالھ ڪئي آهي.سندس چوڻ آهي تہ قوم قائم رهندي ٻولي زبان سان زبان زنده رهندي تعليم سان سنڌي قوم ڪي کھڙي آزادي ملي غلامن جي غلامي ملي، انگريز جي غلامي هزار ڀيرا هئي ڀلي سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جي هڪڙي هئي ٻولي مال ملڪيت جي لٽ هئي گهٽ اٺ آنا ڏيندو هو، اٺ آنا سنڌ تي خرچ ڪندو هو، سندس شاعري ۾ سنڌ ۽ سنڌ واسين سان ظلم زيادتيون معاشري جي خرابين سسٽم جي خرابي بابت بہ بهترين شاعري ڪئي اٿس، ڪيس 2 فرزند عاشق حسين جلالاڻي ۽ عنايت حسين جلالاڻي آهن، عاشق حسين جلالاڻي فقير منشن والد وانگر ادب سان دلچسپي رکندڙ آهي، عنايت حسين ڀارويس ڪچهرين جو ڪوڏيو، زميندار ي وارو ڪم ڪار سندس حوالي آهي.

سندس خيال آهي تہ خوابن تي قبرون ٺاهي قوم ڪي گمراھ ڪيو پيو وڃي، پير پرستي وڌي وئي آهي، جن جي حسب نصب جي خير نہ آهي انهن تي مزارون اڏائي ميلا لڳايا پيا وڃن، اولياءِ اهو جنهن جو حسب نسب ۽ پيغام هجي قوم ڪي ٻڌل ٻڌائيل ڪرامتن جو قائل نہ ٿيڻ گھرجي پيغام ۽ هدايت ڪردار جو قائل ٿيڻ گھرجي،

جعفر خان پنهنجو تخلص جيم رکيو ۽ جعفر جيم جلالاڻي ڪافي وقت ڪان بهترين شاعري بہ ڪري پيو، ڪافي لکڻيون بہ لکيون آهن سندس سنڌي نج نالن تي هڪ ڪتاب نالو تري 2008ع ۾ شايع ٿيو آهي ان ۾ نالو تري سان گڏ آخري صفحن ۾ ڀرين حصي جي پڇاڙي ڪانپوءِ ڳوناڻي پريت جي ريت، روح جو سفر، سخن سنڌي عرف ڳالهين جا آهن ، سنڌ لاءِ پ جو اکر نحس نپاڳو، وير ونڻ سڪو، اسين قطع تعلق ڪنهن سان ڪريون بي قدري پنهنجن جي پريجن پراين جي ميجتا جناب شيخ اياز صاحب بابت ڀ اکر، سنڌ جو آبپاشي ڪاتو پاڻي وڪٽي ٿو، ڪاروڪاري، نقلي دوائن جي ناقت غير حقيقي نشان، سرڪاري سول اسپتال جي عملو آپريشن ٿيٽر ۾ قائيما سان زوري زنا پٺاڻ سرحد جا مالڪ سنڌ جي تعليم يافتہ نياڻين ڪي اپيل، نقلي دوائون سان، موت انگريزيدان سنڌي سڄڻن ڪي اپيل ايم ڪيو ايم جي الطاف حسين صاحب ڪي اپيل زباني بيان بازي وارو ڀائي چارو انهي نالوتري ڪتاب ۾ سندس ڪجھ شاعري بہ ڏنل آهي جنهن ۾ سنڌ، عشق جي شاعري بہ شامل آهي. ڪتاب ۾ ڪافي ڀ سٽا، چار سٽا تي سٽا بہ شايع ٿيل آهن،







ان ڪتاب ۾ سندس ڪيترائي قول بہ شايع ٿيل آهن انهن ۾ هڪ ۾ چيو اٿس حياتي عمر ساري چل ڀلا جو چٽڪو يا راند رئونشو يا هوا جو جهوٽو يا پاڻي تي ڦوٽو، پاڻ هڪ شعر ۾ چيو اٿس،

انسان ناتي انسان ٿيو، نہ مذهبي ڌر جي ناتي نادان ٿيو،
هيءَ جا حياتي آ هيرو جهيڙن ۾ وڃائي نہ زيان ڪيو.

هڪ ٻئي شعر ۾ چيو اٿس

قوم هوندي آهي ٻولي زبان سان
جهان ۾ جيئن آهي قومي تشخص سان
پيٽ تہ ڪتا بہ پيا پارين
پر ڪهڙو جئين غلامي جي زند ان سان
سنڌ ڌرتيءَ تان سنڌي وڃي سر ڪندي
واري وانگر وڃي گهر ڪندي
ماءُ جي جهولي ۾ جنهن ٻولي جي ملي لولي
تنهن ٻولي سان بي وفائي ڪندڙ سو ڦر نہ حلالي.

# باب پنجون

## شهيد ڀٽوءِ شهيد راڻي جي لطيف سائين سان عقيدت

چوندا آهن تہ جنهن جي خدمت قبول پوندي آهي ان جو ئي نالو لسٽ ۾ شامل لکجي ويندو آهي. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ابدي مقام ڀٽ شاهہ جي شهر جي ترقي ۽ تعمير لاءِ هر دور جا حاڪم هام هڻندا رهندا آهن پر بقول ڀٽ ڌڻي جي تہ ”آگهي تہ پاءُ نہ تہ مڻن ڪي بہ موٽ“ واري حساب سان ڀٽ شاهہ جي تاريخ م جڏهن بہ شهر جي ترقي لاءِ ذڪر نڪرندو تہ تمام گهٽ حاڪمن جا نالا ايندا جن ڀٽ شاهہ لاءِ ڪم ڪيو هوندو، اهڙن حڪمرانن ۾ ميران محمد شاهہ جو وڏو ڪردار رهيو، ليڪن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سندس نياڻي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ سڀ کان وڌيڪ ترقياتي ڪم ڪرايا ۽ ڀٽ ڌڻي جي ڪلام پيغام کي سڄي دنيا ۾ روشناس ڪرائڻ لاءِ روايت وڌي بعد ۾ سندس ڪوشش سان هتي ڪلچرل سينٽر جو بنياد وڌو ويو. پاڪستان ٺهڻ بعد سيد ميران محمد شاهہ مرحوم جي ڪوشش سان نيشنل هاءِ وي کان ڀٽ شاهہ تائين ہہ ميل ڪن ڪچو رستو پڪو ڪرايو، 1954ع ۾ مرحوم عبدالستار پيرزادو سنڌ جي وڏي وزير جي حيثيت سان ڀٽ شاهہ ۾ ڪلچرل سينٽر جو سنگ بنياد وڌو ۽ هڪ خوبصورت ريسٽ هائوس جوڙايو، ڪراڙ جي ڏکڻ ۾ آباد ماڻهن ڪي اٿاري اتي ڪلچرل سينٽر جون عظيم الشان عمارتون جوڙايون ويون جن ۾ آڊيٽوريم پراڻي لائبرري ميوزم بہ شامل آهن، ڪراڙ ڍنڍ ڪي ترقي وٺرائي وئي. 1958ع ۾ صدر ايوب جي مارشل لا لاڳو ٿي ۽ ڪم في الحال بند ٿي ويا. ليڪن ايوب خان جي ڪابينا ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جهڙو لطيف سرڪار جي عقيدتمند شامل هو. جنهن 1959ع ۾ صدر ايوب ڪي ڀٽائي جي ميلي ۾ آندو ۽ ڀٽو صاحب جي ڪوشش جي ڪري صدر ايوب نہ رڳو هلندڙ ڪم جاري رکڻ جي هدايت ڪئي پر وڏي رقم ڏيڻ جو بہ اعلان ڪيو. 1962ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو پيهر صدر ايوب ڪي وٺي آيو، ذوالفقار علي ڀٽو ذاتي طور ڪوششون جي ڪري ڀٽ شاهہ ۾ بجلي منظور ٿي، ڀٽ شاهہ کي يونين ڪائونسل جو درجو ڏنو ويو ۽ اهڙو اعلان بہ خود ڀٽي صاحب ميلي دوران ڪيو ۽ سندس ڪوشش سان مغربي پاڪستان ڪابينا جو اجلاس ڀٽ شاهہ ۾ ٿيو، 1964ع ۾ ڀٽو صاحب جي ڪوشش سان ڀٽ شاهہ ۾ فنڪارن لاءِ هاسٽل، ريلوي اسٽيشن ٺهي. 1974ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جو وزير اعظم ٿيو ۽ ترت ڀٽ شاهہ پهچي ترقياتي منصوبن جو سنگ بنياد رکيو، سندس خيال هو تہ ڀٽ شاهہ کي ٽيگور جي ڪيئن ۽ شيڪسپيئر جي اسٽيفن آن وانگر ترقي وٺرائي وڃي، ذوالفقار علي ڀٽو جو چوڻ هو تہ ٻئي شاعر لطيف سرڪار کان وڏا شاعر نہ آهن.

منصوبن تحت ڪم جو آغاز ڪيو ويو، ڀٽ شاهہ جي رهواسين کي معاوضو ڏنو ويو تہ هو درگاهہ جي آسپاس مان لڏين ، ڀٽو صاحب جي خواهش هئي تہ درگاهہ جي ڀرسان 50 ايڪڙن کان وڌيڪ زمين تي شاليمار لاهور جهڙي باغ کان بہ وڌيڪ سهڻو پارڪ ٺاهيو وڃي.

ڪراڙ ڍنڍ مٿان روهڙي سکر جهڙي خوبصورت پل ٺهرائي وڃي ۽ پل ڀرسان ننڍڙيون يورپين طرزجون جديد قسم جون سهڻيون ڪينٽين ٺهرايون وڃن. درگاهہ ڏانهن چئني ئي پاسن کان خوبصورت رستا ٺهرايا وڃن. تمام ترقياتي ڪمن جو نقشو ٺاهيو ويو. جنهن تحت واٽر سپلاءِ، هيلٿ سينٽر، ٻوناٽي ترقياتي پروگرام جو مرڪز، اجرڪ جنڊي، ڪاشي ٺاهڻ جا مرڪز ٻين هنرن جا اسڪول هنرمندن لاءِ پهرين مرحلي تحت هڪ سئو گهرن تي مشتمل ڪالوني، نيشنل هاءِ وي کان ڀٽ شاهہ تائين ڀٽو روڊ ۽ ايئرپورٽ ٺهي راس ٿي ويا. باقين 50 ايڪڙن وارو خوبصورت باغ، ڪراڙ ڍنڍ پل، ريسٽ هائوس ڪلچرل سينٽر، آڊيٽوريم جي توسيع ، هنرن مندن لاءِ وڌيڪ ڪوارٽر صحافي ڪالوني، عام ماڻهن لاءِ سستي اگهہ تي ڏيڻ لاءِ هڪ هزار گهر ۽ ٻيون ترقياتي اسڪيمون شامل هيون ۽ انهن ڪمن لاءِ ٽينڊر ٿيڻ وارو هو ليڪن ان کان اڳ جنرل ضياءُ الحق ڀٽوصاحب جو تختو اونڌو ڪيو ۽ ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي انهي سان گڏ مٿين ترقياتي ڪمن واريون اسڪيمون بہ ختم ڪيون ويون.1988ع ۾ پ پ چونڊن ۾ اڪثريت سان کٽي محترمہ بينظير ڀٽو ملڪ جي وزير اعظم ٿيندي انهي سال عرس مبارڪ جو افتتاح ڪيو. تہ درگاهہ تي ڀٽو شيهد جي وقت ۾ منظور ڪيل ترقياتي ڪم جيڪي جنرل ضياءُ جي دور ۾ ختم ڪيا ويا هئا اهي پيهر شروع ڪرائيڻ ۽ درگاهہ جي توسيع ۽ ترقي لاءِ بہ فوري طور ڀي سي ون ٺاهڻ جو حڪم ڏنو پر آفيسر شاهي سرد مهري ڪندا رهيا ۽ اسڪيمون اجا شروع ٿيڻ واريون هيون تہ محترمہ بينظير ڀٽو جي حڪومت ختم

ڪئي وئي ۽ اهي اسڪيمون وري سرد خاني ۾ هليون ويون ان بعد نواز شريف دور ۾ شاهه لطيف جو مريد سڏائيندڙ ڄام صادق علي خان سنڌ جو ڪرتا ڌرتا وڏو وزير ٿيو، جنهن ڄام ڳوٺ ۾ ته اربين رپين جا ترقياتي ڪم ڪرايا لاتعداد دوستن کي به خوب نوازيو پر پنهنجي مرشد حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي نگري توڙي لطيف مرشد جي درگاهه تي ڪوبه ڪم نه ڪرايو. 1994ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نياڻي محترمه بينظير ڀٽو ٻيهر ملڪ جي وزير اعظم ٿيندي هدايت ڪئي ته بنا دير جي درگاهه لطيف جي ترقي لاءِ جامع منصوبه بندي ڪري ڪيس رپورٽ موڪلي وڃي ۽ سندس ذاتي دلچسپي ڪري ان تي عمل شروع ٿي ويو. جنهن کي ڀٽ شاهه بيوٽيفڪيشن پلان جو نالو ڏنو ويو. جنهن تحت درگاهه جي اتر ۾ رهندڙن کي لکين رپيا ڏئي اتان لڏائي اتي ايوان لطيف جوڙڻ ڪراڙ ڍنڍ کي خوبصورت بنائڻ راڳي فقيرن لاءِ رهائشي ڪوارٽرن جو ڪم شروع ڪيو ويو ۽ ريسٽ هائوس ڪان اتر ۾ هڪ متبادل روڊ درگاهه تائين آندو ويو.ڀٽ شاهه بيوٽيفڪيشن پلان لاءِ 55 ڪروڙ رپيا منظور ڪيا ويا هئا اها جدا ڳالهه آهي ته 55 ڪروڙ رپين ۾ رڪارڊ ٽوڙ ڪرپشن ڪئي وئي، ڀٽو صاحب جي خواهش ۽ جوڙيل نقشي موجب ڪراڙ جي وچان سنڌو درياهه تي روهڙي سکر کي ملائڻ لاءِ ٺاهيل پل جهڙي پل به شامل هئي پر اهڙي پل ٺاهڻ بجاءِ اڌ ڪراڙ ڍنڍ ۾ مٽي وجهي اتي ڪراڙ پارڪ ٺاهيو ويو ۽ ڪراڙ کي سوئيمنگ پول جهڙو بنايو ويو. ڪني پاڻي جو نالو به اهڙو ٺاهيو ويو جو شهر جو پاڻي نيڪال ٿيڻ بجاءِ شهر کي ٻوڙڻ لڳو، انڪري نالي کي ختم ڪيو ويو. چوڻ جو مقصد اهو ته 55 ڪروڙن مان اڌ ڪان به گهٽ رقم خرچ ٿي باقي ڪوڙن ٻلن ذريعي ڪرپشن جي ور چڙهي وئي، محترمه بينظير ڀٽو جي حڪومت کي ختم ڪرڻ بعد اها اسڪيم به رولڙي جو شڪار بنجي وئي، حالانڪه تمام رقم ڪمشرن صاحب جي اڪائونٽ ۾ هئي، ڪافي وقت بعد ايوان لطيف جو ڪم شروع ڪيو ويو پر اهو ڪم به شيڊول مطابق نه ٿيو اهو ئي سبب آهي ته ايوان لطيف جي ديوارن ۾ ڏار پئجي ويا. تاريخ گواهه آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪان محترمه بينظير ڀٽو تائين ڀٽ شاهه ۾ رڪارڊ ٽوڙ ترقياتي ڪم ٿيا، شيهد ڀٽو توڙي سندس نياڻي ڀٽ شاهه جا عقيدتمند هئا.







# باب ڇهون
# سنڌ جون ڪجهه مشهور سياسي شخصيتون

## حُرن جو روحاني پيشوا مشهور سياستدان پير صبغت الله شاهه راجا سائين

حرن جو روحاني پيشوا حضرت پير صبغت الله شاهه راشدي راجا سائين 14 فيبروري 1957ع تي پير جو ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو، پاڻ روشنين جو شهر سڏجندڙ ڪراچي شهر مان تعليم حاصل ڪئي. ننڍي هوندي کان پيار مان راجا سائين سڏيو وڃي ٿو.مٿس سورهيه بادشاهه جي نالي جو وڏو اثر آهي. سورهيه بادشاهه سنڌ ڌرتي تان انگريز سامراج کي تڙي ڪڍڻ لاءِ وطن يا ڪفن واري حر تحريڪ هلائي نتيجي ۾ کين گرفتار ڪري حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ سولي تي چاڙهي شهيد ڪري سندن جسم خاڪي کي نامعلوم هنڌ تي سپرد خاڪ ڪيو ويو. راجا سائين به سنڌ پرست آهي، سندس طبعيت ۾ عاجزي ۽ درويش جون صفتون آهي پري ڪان حاضري زيارت لاءِ ايندڙن جا ٺٽ لهي وڃن ٿا. پاڻ ڪيترائي ڀيرا صوبائي وزير به رهيا آهن، سيد غوث علي شاهه جي دور ۾ پاڻ آبپاشي جا صوبائي وزير هئا ته سنڌ جي پاڻي جو ڪيس وڏي جرئتمندي سان وڙهيو ۽ پاڻ سنڌو درياءَ ۾ ڊائون اسٽريم، سمنڊ تائين پاڻي پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. جنهن جي سزا ڪيس ارسا جي اجلاس ۾ سنڌ جي حقن لاءِ ڳالهائڻ تي ملي پاڻ جڏهن ارسا جي اجلاس ۾ پاڻي واري مسئلي تي بيباڪي سان ڳالهايو ته" پنجاب وارن سدائين سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو هنيو آهي" ارسا جي پنجاب سان واسطو رکندڙ ميمبرن راجا سائين جا ڪپڙا ڦاڙهي ڇڏيا، راجا سائين نين گاڏين جو شوقين آهي، کين نين گاڏين ۽ گهوڙن جو ڪافي حد تائين شوق رهيو آهي پاڻ ضلعي ڪائونسل خيرپور ميرس جا 3 دفعا چيئرمين به رهيا آهن ۽ ضلعي اندر رڪارڊ ٽوڙ ترقياتي ڪم ڪرايا پاڻ 3 دفعا سيد غوث علي شاهه، ڄام صادق علي خان ۽ سيد مظفر علي شاهه جي دور ۾ صوبائي وزير رهيا آهن پاڻ حر جماعت وارن ۽ واسطيدار ماڻهن لاءِ ڇپر ڇانو رهيا آهن پاڻ يارن جا يار آهن. ڪيترين ئي غير جماعتي شخصيتون به سندن عقتدمند آهن، پاڻ زراعت جا ماهر آهن، شاهه عبداللطيف

يونيورسٽي خيرپور ميرس جيڪا پهرين سنڌ يونيورسٽي جي ڪئمپس هئي ان کي يونيورسٽي جو درجو ڏيارڻ ۾ بہ سندن ڪردار آهي. پاڻ محمد خان جوڻيجو جيڪو ان وقت وزير اعظم هو ان کي چئي اهو ڪم ڪرايو، ڄام صادق علي خان جي وڏ وزارت ۾ جڏهن پاڻ سنڌ جا وزير آبپاشي هئا ان بعد پاڻي جي حوالي سان هڪ ناهہ ٿي رهيو آهي. ان ۾ وڏو تڪرار ٿيو. سنڌ صوبي کي سڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي پر پاڻ انتهائي جرائتمندي پر خلوص جذبي سان اجلاس ۾ احتجاج ڪري سنڌ کي پاڻي جو حق ڏياريو پاڻ اقتدار ۾ هجن يا حزب اختلاف ۾ پر سنڌ سان نيهن نڀائڻ وارو ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن. جڏهن بہ سنڌ دشمني وارو ڪو مسئلو ڪر کڻي ٿو تہ پاڻ ان حوالي سان شاندار ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن پاڻ پاڪستان جو محافظ ۽ سنڌ جو پرجهلو آهن پير سائين شاهہ مردان شاهہ ثاني جي وصال بعد راجا سائين کي پير پاڳارو طور دستار بندي ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجي جماعت ۽ واسطيدار ماڻهن جي بهتري، ڀلائي لاءِ بهترين قدم کڻندو رهيو آهي. پاڻ مريدن کي پنهنجي اولاد کي وڌ کان وڌ تعليم ڏيارڻ خاص طور نياڻين کي تعليم ڏيارڻ 5 وقت نماز قائم ڪرڻ فضول خرچ کان پاسو ڪرڻ ڏکئي وقت ۾ هڪ ٻئي کي ڪم اچڻ لاءِ بچت ڪرڻ پاڙي وارن جو خيال رکڻ انهن سان بهترين لاڳاپا قائم ڪرڻ درود سلام جو ورد جاري رکڻ، لاقانونيت ۽ خراب ڪردار وارن ماڻهن جي صحبت کان بچڻ، قانون نافذ ڪندڙ ادارن سان سهڪار ڪرڻ جي هدايت ڪندا رهيا آهن. راجا سائين هر دلعزيز شخصيت جا مالڪ آهن، سنڌ جي حقن جا علمبردار آهن، جڏهن سنڌ ۾ اقليتن سان زيادتيون عروج تي پهتيون هندن جي دڪانن گهرن ۾ ڌاڙا لڳي رهيا هئا. هندن کي اغوا ڪرڻ جون وارداتون وڌي ويون. جڏهن مندر سڙڻ لڳا پير پاڳارو راجا سائين اهو اعلان ڪيو. اقليتي برادرين جو تحفظ سندس حر ڪندا. پاڻ اصول پرست، رحم دل، غريبن جا همدرد، قوم ۽ وطن جي حقن بابت سورهيہ بادشاهہ جي ڪردار وانگر ارڏي شخصيت جا مالڪ آهن، ڪين حر فورس جي جنرل هجڻ جو اعزاز پڻ حاصل آهي، مون جڏهن ڄام صادق علي خان جي دور ۾ پهريون دفعو ساڻن ملاقات ڪئي تہ پاڻ اهڙي تہ عزت ۽ پيار پاٻوهہ سان مليا جهڙو سالن کان سڃاڻن هجن، کين چار فرزند آهن، سيد محمد راشد شاهہ راشدي، سيد عثمان





شاهہ راشدي سيد عمر مصطفيٰ شاهہ راشدي سيدابوبڪر شاهہ راشدي آهن، پير صبغت الله شاهہ پير پاڳارو کي پنهنجي ذات ۾ هڪ وطن پرست ۽ سنڌ دوست انسان مون تڏهن ڏٺو جڏهن 2012ع واري دور ۾ سنڌ جو ورهاڱو ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي هئي تہ پاڻ سنڌ حڪومت کان عليحدگي اختيار ڪري سپر هاءِ وي حيدرآباد تي تاريخي جلسو ڪيو.

## محترم آصف علي زرداري

محترم آصف علي زرداري پاڪستان جي سياسي دنيا ۾ هڪ چمڪندڙ ستارو آهي. ماضي ۾ جمهوريت جي بحالي ۽ 5 سالن لاءِ ملڪ جي صدر مملڪت جي حيثيت سان ڪيترائي اهم فيصلا قوم ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ ڪيل ڪوششون ملڪ جي تاريخ جو سونهري باب جي حيثيت رکن ٿيون. محترم آصف علي زرداري 26 جولاءِ 1955ع تي مشهور سياسي سماجي شخصيت حاڪم علي زرداري جي گهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي شهر ۾ بعد ۾ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾، جڏهن تہ اعليٰ تعليم مختلف ادارن مان حاصل ڪئي. پاڻ پنهنجي وقت جي مشهور صوفي بزرگ هستي فقير بلاول عرف بالو فقير جي خاندان جو چشم چراغ آهي. آصف علي زرداري ننڍي هوندي کان سنجيده، غريبن جو همدرد مذهبي تاريخي، فلاسفي ۽ ٻين ڪتابن جو مطالعو ڪندڙ، بهترين گهوڙي سوار، پولو راند جو ماهر، ننڍي هوندي کان اڄ تائين صبح جو سوير اٿي نماز ۽ قرآن شريف پڙهڻ، ان بعد ورزش ڪرڻ، اخبارن جو مطالعو ڪندو رهيو آهي. 1987ع ڌاري آصف علي زرداري ۽ محترمہ بينظير ڀٽو جي شادي ٿي. 1988ع ۽ 1993ع ۾ چونڊيل حڪومت هٽائي ڊانڊلين ذريعي آيل غير جمهوري حڪومتن جي حڪمرانن محترمہ بينظير ڀٽو سان گڏ سندس ور آصف علي زرداري کي بہ انتقامي ڪاررواين جو شڪار بنايو، 1996ع ۾ پاڪستان جي صدر فاروق لغاري پنهنجي ئي پارٽي جي حڪومت کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ آصف علي زرداري کي پنجاب جي گورنر هائوس لاهور مان گرفتار ڪيو ويو. ان بعد آصف علي زرداري خلاف لاتعداد الزام لڳائي ٻين ڪيسن ڪانسواءِ خونن، ڪرپشن، منشيات جا ڪيس بہ داخل ڪيا ويا. سي آءِ اي سينٽر ڪراچي ۾ مٿس بي انتها تشدد ڪيو

ويو. سندس زبان ڪٽي وئي، ان بعد ايندڙ مختلف پ پ مخالف حڪومتون مٿس وڏيڪ ڪيس داخل ڪنديون رهيون. جيل اندر به مٿس ذهني جسماني تشدد ڪيو ويو، پر جيل ۾ تشدد ڪيس جهڪائڻ بجاءِ رچائي لعل ڪري ڇڏيو. تقريبن 8 مهينن جي قيد بعد سپريم ڪورٽ ڪيس ضمانت تي آزاد ڪيو ۽ ڪيس علاج لاءِ ضياءُ الدين اسپتال داخل ڪيو ويو. بعد ۾ پاڻ پنهنجي گهرواري ۽ ٻارن سان ملڻ لاءِ دبئي ويو. جتان علاج لاءِ لنڊن ويو، جتان جڏهن وطن موٽڻ جون تياريون ڪيون ته سندس رستا روڪ ڪئي وئي ۽ نه چاهيندي به مجبورن ڪيس جلاوطن رهڻو پيو. 2005ع ۾ رستا روڪ، حڪمرانن جي منع ڪرڻ جي باوجود لاهور اچڻ جو اعلان ڪيو ته سڄي ملڪ مان لکين ماڻهو سندس استقبال لاءِ لاهور پهچڻ شروع ٿي ويا. حڪمرانن جي توقع جي ابتڙ عوام جي اهڙي عمل حڪمرانن جون وايون بتال ڪري ڇڏيون. پنجاب جي سرحد سيل ڪئي وئي. لاهور پهتل هزارين ماڻهن کي گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو. لاهور پهچڻ بعد آصف علي زرداري سنڌ جو مختصر دورو پڻ ڪيو. جتي هر هنڌ سندس شاندار استقبال ڪيو ويو. آصف علي زرداري يارن جو يار، سچاٽپ واري اک رکندڙ خوش مزاج، خوش اخلاق، ذهين، حوصلي وارو، بردبار، سخي، سادگي پسند، سنجيده، غريبن، فقير فقراءَ سان محبت ڪندڙ، ولي الله صوفي بزرگن سان عقيدت رکندڙ پنهنجي سنڌ ڌرتي سان پيار ڪندڙ، هر دلعزيز ۽ سدا بهار شخصيت جو مالڪ آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت بعد سندس مشن کي سندس نياڻي محترمه بينظير ڀٽو وڌايو، محترمه جي شهادت بعد سڄي ملڪ مان نه کپي پاڪستان نه کپي جو نعرو گونجڻ لڳو، ملڪ جا ٽڪرا ٿيڻ جو خطرو وڌي ويو، تڏهن آصف علي زرداري شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو وانگر وفاق جي علامت بنجي پاڪستان کپي جو نعرو بلند ڪيو ۽ پاڪستان کي ٽٽڻ کان بچائي ورتو. شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت بعد اهو تاثر هو ته هاڻ پ پ جو الله حافظ آهي، پر آصف علي زرداري پنهنجي ذهانت سان نه صرف پ پ کي بچايو، پر اليڪشن ۾ شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ پ پ اقتدار ۾ اچڻ بعد سڀ کان پهرين غير قانوني طور صدارتي ڪرسي تي ويٺل پرويز مشرف کي هٽايو ويو. ان بعد گڏيل راءِ سان آصف علي زرداري کي ملڪ جو صدربنايو





ويو ۽ آصف علي زرداري نه صرف شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ڇڏيل مشن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پ پ حڪومت اچڻ بعد اهو تاثر هو ته هاڻ پ پ مخالف ڌرين سان سياسي انتقامي ڪارروايون ٿينديون، پر آصف علي زرداري، محترمه بينظير ڀٽو پاران ڏنل فارمولي تحت مفاهمت واري سياست کي عملي جامو پارايو ۽ سڀني سياسي پارٽين ويندي پرويز مشرف جي قائم ڪيل پارٽي مسلم ليگ (ق) کي به سندن کٽيل سيٽن جي حساب سان اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيوار بنايو. ان جا ملڪ ۽ قوم تي بهترين اثرات پيا. پرويز مشرف اقتدار دوران مڪا ڏيکاري طاقت جو مظاهرو ڪندو هو، پر سندس دور ۾ دهشتگردي وڌي خاص طور اتريان علائقا دهشتگردن جا مرڪز رهيا، جتي انهن جي جهڙوڪ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي، پر سڄي ملڪ ۾ دهشتگردي جو نيٽ ورڪ مضبوط ٿيو، پر آصف علي زرداري پاران دهشتگردن ۽ دهشتگردي خلاف اعلان جنگ جا بهتر نتيجا نڪتا. اين ايف سي ايوارڊ جيڪو ڪيترن ئي سالن ۾ حل نه ٿي سگهيو، اهو مسئلو آصف علي زرداري يڪراءِ سان حل ڪري ڇڏيو. هر دور ۾ تڪراري بنيل ڪالاباغ ڊيم منصوبو آصف علي زرداري هميشه لاءِ ختم ڪري ٽنهي صوبن جي عوام جون دليون کٽي ورتيون. صوبائي خودمختياري جيڪو پاڪستان جي آئين ۾ هئڻ جي باوجود ڪنهن به حڪمرانن نه پئي ڏني، آصف علي زرداري پاران صوبائي خودمختياري ڏيڻ وڏو ڪارنامو آهي، ان سان هر صوبي سان برابري وارو انصاف ٿيندو. ماضي ۾ بلوچستان جي عوام سان ٿيل ظلم زيادتين جي زخمن تي مرهم رکڻ لاءِ صدر پاڪستان ٿيندي پاڻ ماضي ۾ ساڻن ٿيل اهڙي ظالمانه ڪارروائين جي صدر پاڪستان جي حيثيت سان معافي ورتي، پر بلوچستان جي قسمت بدلائڻ لاءِ اربين رپين جي پروجيڪٽ جو سنگ بنياد رکيو ۽ صوبي جي قسمت بدلائڻ لاءِ رڪارڊ ٽوڙ ترقياتي ڪم ڪرايا.

نواز شريف دور ۾ سياسي انتقامي ڪارروائين تحت برطرف ڪيل سرڪاري ملازمن جي بحالي، ملڪ مان بک بي روزگاري جي خاتمي لاءِ لکيل پڙهيل نوجوان مردن عورتن کي هنرمند بنائي روزگار سان لڳائڻ لاءِ شهيد راڻي بينظير ڀٽو يوٿ سپورٽ پروگرام ۽ بينظير ڀٽو انڪم سپورٽ پروگرام تحت ملڪ جي لکين غريب عورتن جي مالي

مدد ڪرڻ، هزارين غريب عورتن جي انشورنس ڪرائڻ، عورتن کي ٽيڪنيڪل نوڪريون ڏيڻ، عورتن کي سرڪاري زمينون ڏيڻ، زمينون آباد ڪرڻ لاءِ ڪين آسان شرطن تي قرضن ذريعي ٽريڪٽر ۽ ٻي زرعي مشينري، سستي اگهن تي ڏيڻ سرڪاري ملازمن جون پگهارون 150 کان 250 سيڪڙو وڌائڻ، زرعي فصلن جا اگهه وڌائڻ ۽ عوام جي فلاح بهبود لاءِ شروع ڪيل ٻين ڪيترن ئي پروگرامن جا بهتر نتيجا نڪتا.

آصف علي زرداري گهڻ رخي شخصيت آهي، پاڻ انسان آهي ڪائنس غلطيون بہ ٿيون آهن ان جو اعتراف ڪري يا نہ، پر سندس خوبيون ايتريون تہ گهٽيون آهن جو ان ۾ سندس خاميون بہ لڪيو ٿيون وڃن، ڪمشنري نظام، پوليس جو پراڻو سسٽم بحال ڪرڻ، ٻوڏ دوران سرڪاري خزاني مان ٻوڏ متاثرين جي مدد ڪرڻ ۽ ايندڙ ٻوڏ کان بچڻ لاءِ بندن جي مرمت بہ سندس ڪارنامن ۾ شامل آهي، جنهن سان عوام کي بهتر فائدو پهتو، ملڪ ۾ ڏگهو عرصو غير جمهوري حڪومتن اقتدار ۾ رهڻ جي ڪري سرڪاري ادارن جو سڄو نظام ڏانوال ڏول بنيل هو، اهي مسئلا فوري طور حل ٿيڻ ناممڪن هئا، آصف علي زرداري عوام کي رليف ڏيڻ واري سوچ رکڻ جي باوجود هن وقت تائين عام ماڻهن سان گڏ پ پ جي عام ڪارڪن کان وٺي نظرياتي ڪارڪن تائين ملڪ ۾ وڌندڙ بک بيروزگاري ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهنگائي، بدامني، ڪرپشن، پوليس اسٽيٽ، سماجي برابرين جو آزار ختم نہ ڪرائي سگهيو، ملڪ جي صدر رهڻ دوران سڄي ملڪ جي نظام کي درهم برهم ڪندڙ بجلي جي شديد لوڊ شيڊنگ سي اين جي اسٽيشن کي هفتي ۾ بہ ڏينهن بند رکڻ، ريلوي، پي آءِ اي ۽ ٻين ادارن جو خساري ۾ وڃڻ، سرڪاري ادارن جي ناقص ڪارڪردگي خاص طور صحت، تعليم جو نظام خراب ٿي وڃڻ، نهري پاڻي جي کوٽ ۽ ٻيا ڪئين مسئلا حل نہ ڪري سگهيو، جنهن ڪري ساڃاهه وند ڌريون آصف علي زرداري تي تنقيد ڪن ٿيون، آصف علي زرداري جي دور کي موجوده دور کان بهتر دور تسليم ڪري رهيون آهن، موجوده وفاقي حڪومت خلاف پنجاب نوازڻ جون شڪايتون آهن، آصف زرداري عوام کي ظاهري طور ايترو رليف نہ ڏئي سگهيو جو عوام کي جمهوري ۽ غير جمهوري حڪومت ۾ فرق نظر نہ آيو، حقيقتون اهي بہ آهن جن مسئلن جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون، اهي مسئلا ڏگهو عرصو غير جمهوري حڪومت ۽ انهن پاران مستقبل جي ڪابہ پلاننگ





ڪرڻ بجاءِ پنهنجو الو سڌو ڪرڻ، سرڪاري خزاني مان شاهي خرچ ڪرڻ، حڪومتي ماڻهن کي ڏنل ڪروڙين روپين جا قرض معاف ڪرڻ، وڌيڪ ڪرنسي جاري ڪرڻ ۽ ٻيا پئدا ڪيل ٽيڪنيڪل مسئلا هئا. جڏهن پ پ کي اقتدار ڏنو ويو تہ ان وقت ملڪ جا خزانا خالي هئا، تہ ٻئي طرف ايم آءِ ايف پاران ڏنل قرضن جي واپسي بہ ڪرڻي هئي، تہ ٻئي طرف اسٽيبلشمينٽ پاران شروع کان عوامي حڪومت کي ناڪام بنائڻ پ پ مخالف سياستدان مان ڪيترائي جيڪي مفاهمت تحت اقتدار ۾ پاڳي پائيوار هئڻ جي باوجود ظاهري توڙي ڳجهي طور عوامي حڪومت خلاف ساز شون سٽيندا رهيا تہ ڪجهہ وري پ پ جا پنهنجا بہ لڪل نموني مير جعفر وارو ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. اهڙين سازشن ۽ عجيب غريب صورتحال جي باوجود آصف علي زرداري حڪمت عملي ۽ همت ۽ حوصلي سان هڪ طرف اهڙين سازشن، اهڙي صورتحال کي منهن ڏنو تہ ٻئي طرف ملڪ ۽ قوم جي بهتري لاءِ ڪم ڪيو. آصف علي زرداري پنهنجي خداداد صلاحيتن، ذهانت سان اين ايف سي ايوارڊ، ڪالاباغ ڊيم، صوبن جي خودمختياري، وڌندڙ دهشتگردي وارن ڳنڀير مسئلن کي حل ڪرڻ جي هر طرح سان ڪوشش ڪئي ۽ عوام جي بنيادي مسئلن کي بہ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پاڻ جمهوري غيرجمهوري حڪومتن ۾ فرق صاف ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندي بہ ان ليول تي ڪامياب نہ ٿي سگهيو.

(هي آرٽيڪل روزانہ عبرت ۾ 2014ع تي آصف زرداري جي جنم ڏينهن تي شايع ٿيو.)

## بلاول ڀٽو زرداري

آئون انهن خوشنصيب صحافين مان هڪ آهيان جنهن کي محترمہ بينظير ڀٽو جي آصف علي زرداري سان ڪڪري گرائونڊ ڪراچي ۾ ٿيل شادي جي شاندار تقريب جي اخباري ڪوريج ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ 21 سيپٽمبر 1988 تي محترمہ بينظير ڀٽو ڪراچي جي هڪ اسپتال ۾ بلاول کي جنم ڏنو تہ سڀ کان پهرين اها خبر سنڌي اخبارن مان روزانہ آفتاب ۾ مون رپورٽ ڪئي هئي، بلاول جو پهرين نالو اسد، شاهنواز، ذوالفقار علي رکڻ تي بہ ويچار ڪيو ويو، بعد ۾ آصف علي زرداري جي وڏي ۽ بزرگ بلاول پويان نالو رکيو ويو، بلاول جي جنم

تي 70 ڪلفٽن ۾ زرداري هائوس تي وڏا جشن ملهايا ويا هئا. بلاول شروعاتي تعليم ڪراچي گرامر اسڪول مان حاصل ڪئي. بعد ۾ فرو بيلنس انٽرنيشنل اسڪول اسلام آباد ۾ داخل ڪيو ويو، پ پ حڪومت برطرف ٿيڻ بعد محترمه ٻارڙن سميت پاڻ مرادو جلاوطن ٿي دبئي هلي وئي جتي بلاول کي راشد اسڪول فار بوائيز ۾ داخل ڪيو ويو، جتي پاڻ شاگرد يونين جو نائب صدر به چونڊيو ويو، بعد ۾ هُن آڪسفورڊ يونيورسٽي جي ڪرائسٽ چرچ ڪاليج ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي. شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت بعد سندس ٽيجهي تي ڪيس پ پ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو ۽ سندس والد آصف علي زرداري پنهنجي فرزند بلاول جي نالي پويان ڀٽو زرداري سڏڻ ۽ لکڻ جو اعلان ڪيو. بلاول ڀٽو زرداري ڪجهه وقت کان باقائده سياست ڪري رهيو آهي، سندس والد جو پاڻ مرادو جلاوطن ٿيڻ بعد 2015ع کان پاڻ باقائده پ پ جي قيادت سنڀالي سياسي سرگرميون شروع ڪيون آهن، نظر انداز ڪيل نظرياتي ڪارڪنن کي اهميت ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ ملڪ جي مختلف شهرن ۾ جلسا، پارٽي اجلاس ڪري رهيو آهي، پاڻ انگريزي ۾ مهارت رکي ٿو ان سان گڏ اردو ۽ عربي، سنڌي به ڳالهائي وڃي ٿو، اردو ۽ سنڌي سکڻ لاءِ باقائده ٽيوٽر رکيو آهي .

پاڻ ننڍي هوندي کان ذهين، ڪرڪيٽ جو شوق رکندڙ ۽ گهوڙي سوار به آهي. پاڻ دنيا جو ادب پڙهي ٿو، والد سان گڏ توڙي اڪيلي سر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا دورا به ڪيا آهن. سندس تقرير ڪرڻ جو انداز والده محترمه بينظير ڀٽو جهڙو جوش نانو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جهڙو آهي. ملڪي سياسي حلقن کي يقين آهي ته بلاول مستقبل جو بهترين سياستدان ثابت ٿيندو. پاڻ پنهنجي نانو ۽ امڙ جون سڪون لاهيندو. پ پ جي نئين سر تنظيم سازي نظر انداز ڪيل نظرياتي پارٽي اڳواڻن ڪارڪنن کي اهميت ڏيڻ، پارٽي جي رُٺلن کي پرچائي گڏ ڪٽي هلڻ سندس منشور ۾ شامل آهي.

## سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان "جميل"

مخدوم ظهير الدين المعروف مخدوم جميل الزمان 19 هين سجاده نشين سروري جماعت 27 جولاءِ 1961ع تي هالا ۾ مخدوم امين





فهيم جن جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ ننڍي هوندي کان ذهين ادب سان شوق رکندڙ آهن، پاڻ بنيادي تعليم هالا ۾ اعليٰ تعليم سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي.سياسي، سماجي ۽ ادبي شعور خانداني طور ورثي ۾ مليل آهي. پاڻ ايم آر ڊي تحريڪن کان سياسي زندگي جو آغاز ڪيو. 1997ع ۾ پاڻ پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو، ان بعد 2002ع، 2009ع ۽ 2013ع جي عام چونڊن ۾ هالا، نيو سعيد آباد واري صوبائي اسيمبلي جي سيٽ تي ايم پي اي چونڊيو ويو. 2009ع ۾ کين بين الصوبائي رابطن ۽ آثار قديما جي وزارت جو قلمدان ڏنو ويو.

پاڻ هالا ويجهو خدا آباد جي آثار قديم جي تاريخي ماڳن کي ڪروڙين رپين جي لاڳت سان مرمتي ڪم ڪرائي انهي قومي ورثي کي تباهه ٿيڻ کان بچايو. ٻين ڪيترن ئي قومي ورثن جي فوري بحاليءَ لاءِ پي سي ون تيار ڪرائي جڏهن 18 هين ترميم تحت وفاق جا ڪيترائي کاتا صوبن حوالي ڪيا ويا، انهن کاتن ۾ آثار قديما به شامل هو ۽ ان کاتي جو مخدوم جميل الزمان کي وزير بڻايو ويو ته هن قومي ورثي ۾ ورتل تقريبن 131 کان وڌيڪ سنڌ جا تاريخي ثقافتي ماڳ مڪان ڪوٽ قلعن آثارن کي بچائڻ لاءِ انهن جي بحالي لاءِ پاڻ پي سي ون ٺهرائي وئي ۽ سنڌ جي 2500 کان وڌيڪ قومي ورثي ۾ شامل نه هئا، انهن جي آثار قديما جي ماهرن کان سروي ڪرائي، انهن جون فلمون ۽ فوٽو ٺهرايا ته جيئن بچي ويل اهڙن آثارن کي قومي ورثي ۾ ورتو وڃي، انهن جي بچاءُ ۽ بحالي لاءِ حڪمت عملي جوڙي وڃي.

پاڻ بين الصوبائي رابطن وارو وزير رهڻ دوران به بهتر ڪارڪردگيءَ ڏيکاري، پاڻ سنڌ جي صحافين کي ٻين صوبن جا معلوماتي دورا ڪرايا، 2013ع وارين عام چونڊن بعد موجوده پ پ حڪومت ۾ کين روينيو ۽ رليف کاتي جو وزير بڻايو ويو. هن وقت روينيو جو وزير آهي. پاڻ روينيو رڪارڊ کي ڪمپيوٽرائزڊ ڪرائڻ جي حوالي سان اهم ڪردار ادا ڪيو. علم ادب ڪيس ورثي ۾ مليل آهي. پاڻ نامياري شاعر پڻ آهن. شاعري جو شوق ننڍي هوندي کان رهيو، پاڻ ننڍپڻ ۾ پنهنجي ڏاڏا قبلا مخدوم طالب المولىٰ کان شاعري جي اصلاح ڪرائي. سندس شاعري جو پهريون مجموعو ملاقات 1982ع ۾ شايع ٿيو. هن وقت تائين سندن شاعري جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيا آهن، جن ۾ اتر لڳ آءُ پرين، روح رچنديون، دلربا دلربا، محبت پائي من ۾ ۽

سچ وڙاءَ ۾ پيا شامل آهن. بهترين شاعر سان گڏ ناميارا ليکڪ بہ آهن، پاڻ لاتعداد مضمون ۽ مکالا بہ لکيا آهن، پاڻ سنڌ جي واقعاتي تذکرہ مخدومان هالا، گلشن صديق رحہ هڪ انگريزي ڪتاب The Days and Datesپڻ شايع ڪرايو آهي.

پاڻ بزم طالب الموليٰ پاران ڪيترائي ڪتاب ڇپايا آهن، جن ۾ قبلا مخدوم طالب الموليٰ جي شاعري جا مجموعا بہ شامل آهن.2010ع ۾ ڪين سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين بڻايو ويو، جتي پاڻ ڪيترائي ناياب بڻيل پراڻن ڪتابن کي ٻيهر ڇپايو، ڪيترائي نوان ڪتاب بہ ڇپرايا. 2014ع ۾ کيس سنڌي ادبي بورڊ جو ٻيهر چيئرمين مقرر ڪيو ويو، بہ سال اڳ پاڻ ان منصب تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي، جيڪا اڃا تائين منظور نہ ٿي آهي. مخدوم جميل الزمان سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين رهڻ دوران 255 ڪتاب ڇپايا آهن، سندس ڪوشش سان سنڌي ادبي بورڊ جي بلڊنگ ۾ ڪروڙين روپين جي لاڳت سان واڌارو آيو آهي، جنهن ۾ ايڊمنسٽريشن آفيس، آڊيٽوريم، سينٽرل لائبريري جون بلڊنگون شامل آهن، پاڻ مخدوم محمد الزمان طالب الموليٰ وانگر ملازمن کي ڪيتريون ئي مراعتون ڏنيون آهن جن ۾ ويلفيئر فنڊ، بونس، اديبن لاءِ ويلفيئر فنڊ هر سال بورڊ جي 3 ملازمن کي حج تي موڪلڻ، هر سال 10 ملازمن کي موٽر سائيڪل جو لون ڏيڻ جو سلسلو پڻ شروع ڪيو.

پاڻ 1997ع کان اڄ تائين ايم پي اي جي حيثيت سان پنهنجي تڪ ۾ رڪارڊ ٽوڙ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، جن ۾ مختلف ڳوٺن لاءِ نوان روڊ رستا، زبون حال روڊن جي مرمت، ڳوٺن ۾ فرش بنديون، سي سي گهٽيون، واٽر سپلاءِ، گندي پاڻي جي نيڪاليءَ جون اسڪيمون، بجلي، گئس، تعليمي ادارن جون نيون عمارتون، زبون حال عمارتن جي مرمت، اسپتالون ۽ ٻيا ترقياتي ڪم شامل اهن. پاڻ هر وقت علائقي جي عوام سان رابطي ۾ رهي ٿو. وقت بہ وقت تڪ جا دورا بہ ڪندو رهي ٿو. پاڻ هر دلعزيز شخصيت، سماج سڌارڪ ۽ غريبن جو همدرد آهي. پاڻ ڪيترن ئي غريب شاگردن جي لڪل هٿ سان مدد ڪري ٿو. ڪيترن ئي غريبن جي مدد ڪري ٿو، پاڻ جنهن سان بہ هڪ دفعو ملي ٿو تہ اهو ماڻهو ڪائنئن نہ ٿو وسري، سچاٽپ جي وڏي اک رکن ٿا. سنڌي، اردو، انگريزي ادب ۽ تاريخ جا ڪتاب سندن مطالعي ۾ رهيا







آهن.کين تاريخ، ثقافت ۽ تهذيب سان وڏو لڳاءُ آهي. سندن علمي، ادبي، ثقافتي، سياسي ۽ سماجي خدمتون قابل تعريف آهن، مخدوم جميل الزمان پنهنجي ذات ۾ انتهائي خوش اخلاق، برد بار، سهپ وارو، تڪبر وڏائي کان پري رهندڙ ۽ فقير منش شخصيت جو مالڪ آهي. اڻ واقف سان بہ اهڙي انداز ۾ ملندو جهڙو ان سان گهڻي عرصي کان واقفيت رکندو هجي. هر ماڻهو سان پيار محبت سان ملي ٿو، پاڻ مخدوم طالب الموليٰ سائين مخدوم امين فهيم سائين وانگر نہ رڳو مريدن پر علائقي جي غير مريدن جي دلين تي بہ راڄ ڪري ٿو. ماڻهو سندس شخصيت کان متاثر ٿي ساڻس پيار ڪن ٿا.

پاڻ پ پ ڊويزن حيدرآباد جو صدر پڻ رهيو آهي، درگاهہ حصرت مخدوم نوح رحہ جي مرمت ڪرائڻ وارو ڪم بہ سندن اسڪيمن مان ٿيو آهي. حضرت مخدوم امين فهيم جن جي وصال بعد 19 هين گادي نشين جو بار سندن ڪلهن تي پيو آهي، سندن پڳ واري رسم ۾ سندن حاضرين کي ڪيل خطاب ايترو پُر اثر هو جو حاضرين نيڻن جا بند روڪي نہ سگهيا، پاڻ سروري تنظيم کي جديد دور جي حساب سان وڌيڪ فعال ڪرڻ، جماعت جا مسئلا حل ڪرڻ جو عزم رکي ٿو.

بزم طالب الموليٰ جيڪا حضرت مخدوم طالب الموليٰ کان پوءِ غير سرگرم بڻجي وئي هئي، مخدوم جميل الزمان جن بزم طالب الموليٰ کي ٻيهر بهتر انداز ۾ سرگرم ڪري رهيو آهي، اميد تہ بزم طالب الموليٰ جو ماضي موٽي ايندو ۽ ان پليٽ فارم کان نہ رڳو هالا پر سڄي سنڌ ۾ مشاعره ۽ ادبي ڪچهريون منعقد ٿينديون. ادبي ڪتابي سلسلا جاري ٿيندا. حضرت مخدوم امين فهيم هالا ۾ جيڪو جديد ميڊيڪل اسپتال يونيورسٽي جو اعلان ڪيو هو، اهو بہ سندس ايجنڊا ۾ شامل آهي. اميد آهي تہ انهيءَ عظيم الشان اسپتال جو ٿيندڙ جلد ڪرائي ڪم شروع ڪيو ويندو. جنهن سان هتان ۽ پرپاسي واري علائقي جي عوام کي فائدو پهچندو.

## مشهور سماج سڌارڪ ۽ سياستدان عبدالله حسين هارون

عبدالله حسين هارون سنڌ جي مشهور سياسي، سماجي شخصيت آهي، سندس تعلق بنيادي طور ڪڇي ميمڻ خاندان سان آهي، سندس خاندان هارون فيملي اسلامي جمهوريہ پاڪستان ٺاهڻ وارن مان

هڪ آهي. سندس والد سعيد هارون سر حاجي هارون جو فرزند هو، سعيد هارون کي ٻه فرزند عبدالله حسين هارون ۽ حميد حسين هارون هڪ نياڻي جنهن جي لنڊن ۾ شادي ٿيل آهي. عبدالله حسين هارون نالي واري سياسي سماجي شخصيت آهي1982ع ۾ سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر رهيو. 2008ع پاڪستان پاران اقوام متحده ۾ ميمبر چونڊيو. جڏهن سنڌ ۾ 2010ع ۾ درياهي 2011ع ۾ برساتي ٻوڏ آئي ته ڪيترائي ماڻهو مئا لکين ماڻهو متاثر ٿيا ته پاڻ يو اين اي جي ٽيم وٺي بدين علائقن جو دورو ڪرايو ۽ متاثرين جي مدد ڪرائي، سندس ڏاڏو سر حاجي عبدالله هارون جون هن ڌرتي تان انگريز کي تڏي ڪڍڻ جي حوالي سان آزادي واري ان تحريڪ ۾ وڏو ڪردار رهيو آهي. ۽ آزادي واري تحريڪ ۾ پاڪستان ٺهڻ بعد پئسن جي ضرورت پئي ته پنهنجي تجوڙي جو در کولي وڏي مالي مدد ڪئي ۽ سندس گهر ميرٽ هوٽل سامهون نصرت هائوس کي اهو اعزاز حاصل آهي ته پاڪستان جو جهنڊو ان گهر جي ڊائينگ ٽيبل تي ٺهيو هو. نصرت هائوس کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته هن گهر ۾ باني پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح کان وٺي سائين جي ايم سيد تائين ۽ پاڪستان جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪندڙ سياستدان ايندا ويندا هئا ۽ هن گهر ۾ ملڪ جي آزادي بابت وڏا وڏا اجلاس به ٿيا، سر عبدالله هارون کي اهو به اعزاز حاصل رهيو ته لياري ۾ جڏهن بلوچن کي آباد ڪيو ويو، سر حاجي عبدالله هارون پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سکر بئراج جي انگريز سرڪار کي گرنٽي ڏني ته سنڌ جون بنجر زمينون آباد ڪرڻ لاءِ سکر بئراج ناهيو وڃي. جنهن جي جڏهن به مرمت جي ضرورت ٿي ته هو ڏوڪڙ ڏيندو. عبدالله حسين هارون انگريزي جو بهترين سحر انگريز مقرر آهي. پاڻ سنڌي ۾ ڇپيل ٻن ڪتابن "سنڌ جو حال" ۽ سنڌ جو احوال جو مصنف پڻ آهي. پاڻ ڪراچي جي سفيد پوش ماڻهن لاءِ سنڌ ڪلب جو بنياد وڌو. پاڻ ان جو صدر به رهيو آهي. عبدالله حسين هارون اقوام متحده ۾ شهيد راڻي محترمه بينظير جي شهادت جي جاچ جي ڪميٽي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو پر افسوس جو اها رپورٽ منظر عام تي نه اچي سگهي، عبدالله حسين هارون سنڌ جي حقن جي حوالي سان وڏو قومپرست آهي. سنڌ جي مسئلن ۽ سنڌ واسين جي حقن لاءِ هر طرح سان جاکوڙيندو رهيو آهي. ان لاءِ احتجاجي مظاهره ۽ ڌرڻا به هڻندو رهيو آهي. انگريز





طرز جو انسان عبدالله حسين هارون کي مون روحاني رنگ جو انسان ان وقت ان رنگ ۾ رتل ڏٺو. جڏهن اجمير شريف جو سجاده نشين پير سلمان چشتي جڏهن سندس گهر آيو ته ڪيس امير خسرو جي قوالي تي ڳاڙهن ڳانن ۾ مست رقص ڪندي ڏٺو. سندس شخصيت گهڻ رخي آهي. پاڻ اعليٰ ڪردار جو مالڪ آهي. پاڻ بي لوث انسان آهي. ڪالا باغ ڊيم جو مسئلو هجي سنڌ ۾ غيرن جي آبادڪاري جو مسئلو هجي يا ٻيو مسئلو ڪيس صف اول ۾ ڏٺو ويو آهي. پاڻ حضرت مولا علي ، پيران پير دستگير، قلندر لال شهباز، خواجا غريب نواز، شاهه لطيف ڀٽائي جو وڏو عقيدتمند آهي. پاڻ هنن ولين ڪانسواءِ ٻين درگاهن تي به حاضريون ڏيندو آهي. پاڻ لطيف جو پانڊيئڙو سڏائيڻ ۾ فخر محسوس ڪندو آهي. لطيف سائين جي عرس مبارڪ جي پهرين ڏينهن تي دوستن سان گڏ چادر چاڙهيندو آهي. ڀٽ شاهه ۾ ٺهندڙ مدن فقير ريسٽ هائوس لاءِ پاڻ يو اين او کان مالي مدد ڪرائي، پاڻ ڊان اخبارن جي مالڪن مان آهي، اسلامي تاريخ، فلسفي جا ڪتاب سندس مطالعي ۾ رهيا آهن. پاڻ ڪيترن ئي غريبن جي هڪ هٽ سان ڏي ته ٻئي هٽ کي خبر نه پوي تحت مدد ڪندو رهيو آهي. پاڻ تقريبن سڄي دنيا گهمي ڏٺي آهي.

## مخدوم خاندان جو چشمو چراغ مخدوم سعيد الزمان "عاطف"

سنڌ ڌرتي اهڙن سرويچن کي جنم ڏنو آهي جن بنا فرق جي خلق خدا جي خدمت ڪرڻ ڪري نه صرف اڳيون جهان سنوارين ٿا پر هن دنيا ۾ سندس ناموس ٿئي ٿي. مخدوم طالب المولیٰ پنهنجي هڪ شعر ۾ فرمايو آهي

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهي طاقت طالب المولیٰ،
ته پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب ته ڪونهي ڪو.

خلق خدا جي خدمت افضل عبادت وانگر آهي. مخدوم خاندان جون خلق خدا جون خدمتون سج جي روشني وانگر چٽيون آهن. مخدوم سعيد الزمان عاطف جون خلق خدا لاءِ ڪيل خدمتون ڪنهن کان لڪل ناهن، پاڻ بهترين شاعر، سماج سڌارڪ ۽ دلعزيز سياستدان آهي، پاڻ 16 آڪٽوبر 1962ع آچر ڏينهن حضرت مخدوم نوح سرور رحه جي 17 هين سجاده نشين مخدوم محمد الزمان طالب المولیٰ جن جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس اڏان جو نالو مخدوم غلام حيدر

صديقي و قريشي آهي. مخدوم غلام حيدر صديقي و قريشي پنهنجي دور جو وڏو سماج سڌارڪ هو، ان زماني ۾ سنڌ ۾ تعليمي ادارن جو وڏو فقدان هو. هن ان زماني ۾ هالا ۾ اسلاميه سروري ڪاليج ۽ مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول ۽ پين تعليمي ادارن جو قيام آندو، ٻاهرين شاگردن لاءِ هاسٽل ٺهرائي هئي رهندڙ شاگردن کي ماني، ڪپڙا ۽ خرچيون ڏيندو هو، چوندا آهن ته نالي جو به اثر پوي ٿو ۽ مخدوم سعيد الزمان عاطف تي به شايد مخدوم غلام حيدر نالي جو اثر آهي. پاڻ گريجوئيٽ آهي. مخدوم طالب المولىٰ جي شاعري کان متاثر ٿي شاعري شروع ڪئي،سندس ٻه شاعري جا مجموعا شايع ٿيل آهن. سندس شاعري ڪيترن ئي فنڪارن جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل آهي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڪراچي پي ٽي وي تي به ماضي ۾ ڪيترن ئي فنڪارن جي آواز ۾ سندس شاعري رڪارڊ ٿي،جيڪا اڄ به نشر ٿئي ٿي ننڍي هوندي کان سماجي ڪم ڪرڻ شروع ڪيا. پاڻ همدرد انسان دوست ، ذهين غريبن جو هڏ ڏوکي آهي. 1981ع کان سروري تنظيم جي پليٽ فارم تان نه صرف سروري جماعت پر انسان ذات جي خدمت ڪندو رهي ٿو. هن سروري جماعت جي مريدن ۾ اولاد کي تعليم جي زيور سان آراستا ڪرڻ جو اتساهه پيدا ڪيو، هن جماعت وارن کي پنهنجي مدد پاڻ ڪريو تحت سروري جماعت ۽ عام ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪيو، پاڻ سياسي زندگي جو آغاز ميونسپل ڪميٽي هالا جو چيئرمين ٿيڻ سان ڪيو. پاڻ هالا جو مثالي چيئرمين هو. هالا ۾ رڪارڊ توڙ ترقياتي ڪم ڪرايا ۽ ان وقت جي وفاقي ۽ سنڌ حڪومت سان ذاتي طور مسلسل رابطو ڪري ڪيترين ئي ترقياتي اسڪيمون ورتيون، ايم آر ڊي تحريڪن ۾ سندس شاندار ڪردار ڪنهن کان وسريو نه آهي، 1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ ۾ والد مخدوم طالب المولىٰ جي حڪم تي هر هفتي هالا ۾ 50 هزار کان وڌيڪ ماڻهن جو احتجاجي جلوس نڪرندو هو ۽ ڪيترائي ماڻهو گرفتاريون ڏيندا هئا. پاڻ سنڌ اندر به ايم آر ڊي تحريڪ کي زور وٺرائڻ لاءِ ڪوششون ڪندي سروري جماعت جي ماڻهن جا تقريبن هر شهر ۾ پ پ ڪارڪنن سان گڏ احتجاجي جلوس ڪيرايا ۽ سڄي سنڌ مان سروري جماعت جي هزارين ماڻهن جيل ڀريو تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. پاڻ گرفتاريون ڏيندڙ ماڻهن لاءِ حيدرآباد جي سينٽرل ۽ نارا جيل ۾ هر هفتي وڏي تعداد ۾ ضروري ميڊيسن، فروٽ، بسڪيٽ ۽ پيو سامان





موڪليندو رهيو. 1989ع ۾ حيدرآباد، ڪراچي ۾ لساني فسادن ۾ متاثر ماڻهن جي بحالي لاءِ انهن جي ڀرپور مدد ڪئي، ماضي ۾ ٿر ۾ متاثر ماڻهن جي بحالي لاءِ انهن جي ڀرپور مدد ڪئي، اناج، ڪپڙا، ڪاٺي جو سامان ۽ چوپايو مال لاءِ سڪل گاهه موڪليو ۽ پاڻ ٿر جا دورا به ڪيا ته جيئن ڏڪارين جي وڌيڪ بهتر انداز ۾ مدد ڪري سگهجي. ۽ ان وقت اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ صرف پي ٽي وي هئي انڪري پاڻ غير ملڪي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ ملڪي پرنٽ ميڊيا وارن کي ٿر جا دورا ڪرايا. 1997ع جي عام چونڊن ۾ ڪيس پ پ قيادت پاران ننگرپارڪر ۾ ٽڪيٽ ڏني وئي. ان دور ۾ ٿر ۾ پ پ وارن کي مضبوط اميدوار نه پئي مليا، بلڪه اتي اربابن خلاف ڪو به چونڊ لڙڻ لاءِ تيار نه هو. يا بس روايتي انداز ۾ چونڊ لڙندا هئا. مخدوم سعيد الزمان عاطف اتان سيٽ کٽي ڏيکاري، ليڪن مرڪز ۽ سنڌ ۾ پ پ جي حڪومت نه ٺهڻ ڪري لاتعداد ڪوشش جي باوجود ننگرپاڪر ۾ ترقياتي ڪم نه ڪرائي سگهيو، ڪيس ترقياتي اسڪيمون نه ڏنيون ويون، ليڪن پاڻ چونڊ تڪ ننگر پارڪر سميت سڄي ٿر جي مسئلن، پ پ جي ورڪرن ووٽرن سان پ پ مخالفن جي انتقامي ڪارروايئن خلاف اسيمبلي ۾ زوردار آواز اٿاريو ۽ ملڪي غير ملڪي ميڊيا کي ٿر وٺي دورو ڪرائي ٿر جي حالات کان سڄي دنيا کي آگاهه ڪيو ته ٿر ۾ نه روڊ، رستا، نه پاڻي نه اسپتالون، نه بجلي نه فون نه اسڪول آهن تعليم وارو عمل ٺپ ٿيل آهي ۽ اتي پ پ وارن سان لڳ ڪانداريندڙ انتقامي ڪارروايئن کان پڻ آگاهه ڪيو ته ٿر ۾ بااثر ماڻهن جو پنهنجو قانون هلي ٿو، ارباب اتي بي تاج بادشاهه ٻڌيل آهن، اڇي ڪاري جا ڌڻي ٻڌيل آهن، پاڻ ٿر جي عوام جا لوڪل مسئلا حل ڪرائڻ، ماڻهن سان ظلم بااثر پ پ مخالفن جي چوڻ تي ماڻهن سان انتقامي ڪارروايئن کي منهن ڏيڻ لاءِ هالا، حيدرآباد ۽ مٺي جي بهترين وڪيلن تي مبني ليگل فورم جوڙيو، وڪيلن کي في پاڻ ڏيندو هو ان جو بهتر نتيجو نڪتو، ان دور ۾ ننگر پارڪر ۾ روڊ ٺهڻ تي انڪري بندش وڌل هئي ته بارڊر ويجهو آهي، پاڻ مسلسل جدوجهد ڪري اها بندش ختم ڪرائي. 1997ع بعد پاڻ تڪ تان وري چونڊ نه لڙي پر پاڻ پنهنجي عملي ڪردار سان اتان جي عوام جي دلين تي اڄ به ائين راڄ ڪندو رهي ٿو ننگرپارڪر مان جيڪي به پ پ اميدوار ڪامياب ٿيا آهن. ان ۾ مخدوم سعيد الزمان جو ڪردار آهي. ٿر مان 2013ع وارين چونڊن ۾

پ پ اميدوار ڪامياب ٿيا آهن ان ۾ مخدوم سعيد الزمان جو ڪردار آهي. آهي.پاڻ 1997 ع ۾ ٿر جي عوام سان جوڙيل ناتو جوڙيندو اچي وقت به وقت پاڻ ٿر جا دورا ڪندو رهيو آهي. ٿر جي واسطيدار ماڻهن جي ڏک سک ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ٿر جي مسئلن تي ميڊيا تي آواز اٿاريندو رهيو آهي. اڄ تائين ٿر ۾ جيڪي به اَشو ٿيا آهن ان تي ميڊيا تي سندس زوردار بيان ايندا رهيا آهن. ٿر واسي مخدوم سعيد الزمان سان پيار ڪن ٿا ٿر ۾ سندس شخصيت هڪ مسيحا جهڙي آهي. مخدوم سعيد الزمان عاطف سنڌ دشمن عمل خلاف ميڊيا ذريعي جاڪوڙيندو رهيو آهي. پاڻ جڏهن بلديا هالا جو چيئرمين هو ته سنڌ ۾ ڪٿي به ڪنهن سان ظلم زيادتي ٿي يا سنڌ دشمن منصوبا مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته پاڻ بلديا جي گڏجاڻين ۾ ٺهراءُ بحال ڪري حڪمرانن کي موڪليا ۽ ميڊيا تي خبرون هلرايون. پاڻ ميونسپل ڪميٽي هالا جو ڳاڙهي رنگ جو جهنڊو پاس ڪرايو ان جي وچ ۾ ۽ سنڌ جو نقشو ان ۾ شمعدان جو مونو لڳايو ويو، ان زماني ۾ سندس هڪ پريس بيان ته جنهن صورت ۾ بهارين کي سنڌ ۾ آباد ڪيو وڃي ٿو ته سنڌ مان مجبورن لڏي ويل سنڌي هندن کي واپس گهرائي سندن ڇڏيل ملڪيتون کين واپس ڪيون وڃن. وڏي ٻاهه ٻاري سندس اهڙي بيان کي جڏهن ملڪي ميڊيا سان گڏ بي بي سي لنڊن ۽ آل انڊيا ريڊيو سروس نشر ڪيو ته ان خلاف قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ گوڙ ڪيو ويو ۽ سندس ان بيان تي هڪ مذهبي جماعت جي ترجمان اخبار ان خلاف مسلسل خبرون هلائڻ سان گڏ اداريو ۽ آرٽيڪل به لکيا ۽ اهڙي بيان تي احتجاج ڪيو ويو ۽ سندس خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو پر سنڌ جي ساڃاهه وند ڌرين پاران سندس اهڙي بيان جي آجيان ڪئي وئي. سندس ان بيان تي مخدوم سعيد الزمان خلاف هڪ مذهبي تنظيم جي شاگرد تنظيم پنجاب ۽ لاهور سميت ڪيترن شهرن جي ديوارن تي چاڪنگ به ڪرائي ميونسپل ڪميٽي جو پاس ڪيل جهنڊي جي ڦڙڪائڻ واري تقريب جون خبرون اخبارن ۾ اچڻ بعد ان تي اردو اخبارن، اردو ڳالهائيندڙن ۽ انهن جي تنظيم وڏو گوڙ ڪيو، زور ڀريو ويو ته اهو جهنڊو بلديه بلڊنگ تان لاٿو وڃي پر پاڻ انڪار ڪندي چيو ته اهو بلديه جي گڏجاڻي ۾ يڪراءُ سان پاس ڪيل آهي ٿر ۽ بااثر ماڻهن پاران رياست اندر الڳ رياست ٺاهي هئي، مخدوم سعيد الزمان عاطف اتي اهڙو وايو







منڊل تبديل ڪري ڇڏيو جو آهستي اتي ٿر جي پوتارن جو عوام ۾ جيڪو خوف هو اهو ختم ٿي ويو. ٿر جا ساڃاهه وند چون ٿا ته مخدوم سعيد الزمان اڄ به ٿر واسين لاءِ ڇپر ڇانو بڻيل آهي. سندن درد جو درمان هن کان وڌيڪ ڀيو ڪوبه نه آهي. مخدوم امين فهيم جي وصال بعد مٽياري واري قومي اسيمبلي جي سيٽ جي ٽڪيٽ کين ڏني وئي، جنهن تان پاڻ ڪاميابي ماڻي عوام جي خدمت ڪري رهيو آهي. چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻڻ بعد مخدوم هائوس تي نه صرف سندس آفيس جا دروازا عوام لاءِ کليل آهن پر پاڻ تڪ جي مختلف شهرن جي رابطه آفيسن ۾ ويهي عوام جا مسئلا حل ڪري ٿو ۽ وقت به وقت ضلعي جي آفيسرن سان گڏجاڻيون ڪري عوام جي خدمت ڪرڻ جي هدايت ڪندي ان کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي پاڻ نه صرف سروري جماعت، ٿر واسين پر هاڻ مٽياري جي عوام جي دلين تي به راڄ ڪري ٿو.

## عوام دوست سياستدان فقير فدا حسين ڏيرو

فدا حسين ڏيرو جو سياسي دنيا ۾ هڪ نالو آهي، پاڻ قوم پرست سياست کان وٺي وفاق پرست سياست تائين جدوجهد ڪئي آهي، پاڻ پنهنجي ساجهڙي طبيعت ۽ عوام دوستي ڪري شاگردي دور کان عوام جي دلين تي راڄ ڪري ٿو. مشهور سياسي، سماجي عوام دوست شخصيت فقير فدا حسين ڏيرو ٽنڊو آدم تعلقه جي تاريخي ڳوٺ ملان مڪڻ ۾ عوامي شخصيت محمد فقير ڏيرو جي گهر ۾ جنم ورتو. فقير محمد ڏيرو جو جهڙو نالو هو، تهڙو ئي فقير منش انسان هو. اوطاقي، مهمان نواز، سخي، غريبن جو همدرد هو، اڃان فدا حسين ننڍو هو ته سندس والد رات جي رهزنن هٿان ٽارگيٽ ڪلنگ تحت شهيد ڪيو ويو ۽ ان بعد فدا حسين ڏيرو ۽ سندس ڀاءُ انور ڏيرو جي پرورش سندس والده والد بنجي ڪئي. مٿس سندس چاچو فقير شير محمد ڏيرو جو به والد وانگر شفقت ڀريو هٿ رهيو.

فدا حسين ڏيرو ننڍي هوند کان ذهين، سماجي ڪمن سان دلچسپي رکندڙ، سخي، مهمان نواز، سلڇڻو هو، پرائمري ڳوٺ مان 6 کان 8 تائين گورنمينٽ مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا مان، 9 ۽ 10 گورنمينٽ شاهه عبداللطيف هاءِ اسڪول مان، انٽر ۽ بي اي نيو علي ڳڙهه ڪاليج ٽنڊو آدم مان پاس ڪيو. 1976 ع ۾ نيو علي ڳڙهه ڪاليج ۾

شاگرد يونين جو صدر بہ چونڊيو ويو. هن شاگردي دور ۾ سياست ۾ پير پاتو ۽ جيئي سنڌ جو همدرد رهيو، انهي پليٽ فارم تي سرگرم رهيو. ڪاليج ۾ هيرو طور سڃاتو ويندو هو، چاڪاڻ تہ سيني شاگردن سان هٿ جوڙ رهيس، جڏهن جنرل ضياءَ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي اقتدار کان هٽائي قيد ڪيو، اهو وقت پ پ لاءِ انتهائي ڏکيو وقت هو، پ پ جا ڪيترائي بااثر وڏيرا گهرن ۾ لڪي ويهي رهيا، ان ڏکئي دور ۾ فدا حسين ڏيرو پ پ ۾ شامل ٿيو. ايم آر ڊي جي 83 ۽ 86ع وارين تحريڪن ۾ سندس ڀرپور ڪردار رهيو. هن جمهوريت جي بحالي لاءِ جدوجهد ڪئي، ان ڏوهہ ۾ ڪيس ايم آر ڊي جي ٻنهي تحريڪن دوران گرفتار ڪيو ويو. 83ع ۾ هڪ سال 1986ع ۾ 7 مهينا سينٽرل جيل ۽ نارا جيل حيدرآباد ۾ رهيو. 1987ع ۾ ڪيس پ پ ضلع سانگهڙ جو صدر چونڊيو ويو، ان کان اڳ پ پ ضلع جو انفارميشن سيڪريٽري بہ رهيو. پ پ جو صدر ٿيڻ بعد پاڻ ضلع ۾ بهتر انداز ۾ تنظيم سازي ڪئي، پارٽي کي فعال بنايو، ڪارڪنن ۾ وڌندڙ اختلاف ۽ گروپ بندي ختم ڪرايون. 1988ع ۾ پ پ حڪومت ۾ ڪيس پيپلز ورڪس پروگرام جو سانگهڙ لاءِ چيئرمين مقرر ڪيو ويو. پاڻ بنا فرق جي عوام جي خدمت ڪئي. پ پ ورڪرن جي مشوري سان رڪارڊ ٽوڙ ترقياتي ڪم ڪرايا. 1990ع وارين عام چونڊن ۾ پي ايس ٽنڊو آدم تي نگران وزيراعليٰ ڄام صادق علي فارم ڀرايو تہ ان سامهون ڪير بہ چونڊ وڙهڻ لاءِ دل ٻڌي نہ سگهيو تہ فدا حسين ڏيرو کي پ پ پاران ڄام صادق علي خان جي سامهون چونڊ وڙهڻ لاءِ ٽڪيٽ ڏني وئي تہ هن لبيڪ ڪيو. چونڊ سرگرميون شروع ٿيندي ڄام صادق علي خان انتقامي ڪارروايون شروع ڪيون. فدا حسين ڏيرو جي جلسن، جلوسن، ڪارنر گڏجاڻين ۾ هر طرح سان رڪاوٽون وجهڻ لاءِ سرڪاري مشينري کي استعمال ڪيو ويو ۽ فدا حسين ڏيرو سندس دوستن، پ پ ورڪرن کي حراسان ڪيو ويو، پر هنن چونڊ سرگرميون جاري رکيون تہ ڄام ٺڪري ڪارروايون شروع ڪندي مرڪزي چونڊ آفيس مختيار شورو جي اوطاق تي پوليس فائرنگ ڪئي، ڪارڪنن ۽ ملازمن کي گرفتار ڪيو ويو، بعد ۾ فدا حسين ڏيرو جي حمايتن، دوستن جي گهرن تي ڇاپا هڻي ڪين ڪوڙن ڪيسن ۾ گرفتار ڪيو ويو. چونڊ ڏينهن پ پ جي ايجنٽن تي پوليس ۽ ڄام گروپ وارن لٺيون وسايون ۽ فدا ڏيرو کي پيغام ڏنو ويو تہ چونڊ





سرگرميون بند نہ ڪندو تہ ماريو ويندو، سندس ساٿي گرفتار ٿيڻ بعد فدا حسين ڏيرو اڪيلي سر ميدان ۾ لٿل هو. بعد ۾ چونڊ ڏينهن پارٽي جي فيصلي تي چونڊ بائيڪاٽ ڪيو ويو. 1995ع ۾ پارٽي ۾ سندس قربانين جي پيش نظر سينٽر بنايو ويو. 93ع وارين چونڊن ۾ اين اي 181 جي سيٽ تان ڪامياب ٿيندڙ ڄام معشوق علي خان خلاف ڊانڊلين جي شاهنواز خان جوڻيجو پاران پٽيشن تي فيصلو آيو، جنهن ۾ ڄام معشوق علي خان جي سيٽ رد ڪندي نئين سر چونڊ ڪرائي وئي، ان ننڍي چونڊ ۾ پ پ شهيد ڀٽو پارٽي پاران مخدوم خليق الزمان اميدوار هو ۽ پ پ پاران فدا حسين ڏيرو کي بيهاريو ويو ۽ فدا حسين ڏيرو 70 هزار کان وڌيڪ ووٽ کڻي ڪامياب ٿيو. ڄام صادق علي جو دور جيڪو سنڌ ۾ پ پ لاءِ جنرل ضياءَ جي دور کان وڌيڪ خطرناڪ دور سمجهيو وڃي ٿو، ان دور ۾ ڄام صادق علي جا جوهہ جلال نہ سهندي ڪيترائي پ پ اڳواڻ پاڻ مرادو يا صرف سندس نياپن تي پ پ ڇڏي ڄام گروپ ۾ شامل ٿيا، پر فدا حسين ڏيرو انڪار ڪيو تہ سندس خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪري ٽنڊو آدم، ڪپرو، ڦلهڏيون، ڪاهي ۽ ٻين ٿاڻن جي لاڪ اپ ۾ قيد ڪري ڪيس طرح طرح جا ذهني ٽارچر ڏنا ويا، پر فدا حسين ڏيرو نہ جهڪيو تہ ڄام ڪيس وزير اعليٰ هائوس تي آڻائي چيو تہ تنهنجي جواني تي رحم ٿو اچي، تون پنهنجو ويري نہ بڻج، توکي هڪ رات جي مهلت ڏيان ٿو يا پ پ کي پيارو ڪر يا پاڻ کي، ان بعد فدا حسين ڏيرو پ پ قيادت ۽ دوستن سان مشورو ڪيو، جن وقت جي حالات کي ڏسندي مشورو ڏنو تہ جان بچائڻ سنت آهي، ان ڪري في الحال ڄام گروپ ۾ شامل ٿي. ليڪن ان جي باوجود خفيہ طور پ پ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو، فدا حسين ڏيرو سچار مخلص يار ويس، مهمان نواز آهي، سندس اها خاصيت رهي آهي تہ هن سياست ۾ نہ پاڻ ٺاهيو آهي نہ دوستن جا ناجائز ڪم ڪيا آهن. سندس سياسي مخالف بہ اها ڳالهہ مڃين ٿا تہ هن ڪڏهن بہ قبضا گروپ، منشيات ۽ جوا هلائيندڙ، غلط ڪم ڪندڙن نہ تہ ڌاڙيلن چور پاٿاريدارن جي سرپرستي يا مدد ڪڏهن بہ نہ ڪئي آهي، نہ وري ڪوڙا دلاسا ڏيڻ واري سياست ڪري ٿو، ڪم نہ ٿيڻ جهڙو هوندو آهي تہ ٺڙڪ جواب ڏيندو آهي، پوءِ ڪير خوش رهي يا ناراض، سندس ڪوڙ سان نفرت سچ سان محبت آهي، ٽنڊو آدم جي غريب عوام کي اهي ڏينهن وسريا نہ آهن جڏهن فدا حسين ڏيرو جي

ڳوٺ ويجهو روهڙي ڪئنال ڪي گهارو پيو، جنهن ۾ فدا ڏيرو جو ڳوٺ ۽ زمينون ٻڏي ويون پر پاڻ ان جي پرواهه ڪرڻ بجاءِ ٻڏل ڳوٺن مان ماڻهن کي ڪڍيو، انهن کي گاڏيون فراهم ڪيون ته جيئن هو پنهنجا سامان ڪڍي محفوظ هنڌ تي پهچن، متاثرين کي محفوظ هنڌن تي پهچائڻ بعد هن متاثرين جي لاءِ قائم ڪيل ڪئمپن ۾ کاڌ خوراڪ، علاج معالج جو انتظام ڪيو. متاثرين کي ڪپڙا ۽ روڪڙا پئسا به ڏنا، پاڻ علائقي جي عوام سان مائٽن وانگر محبت ڪري ٿو، ان ڪري علائقي جا ماڻهو هن سان پيار ڪن ٿا ۽ فدا حسين ڏيرو علائقي جي عوام جي دلين جي ڌڙڪن بنيل آهي، اقتدار ۾ هجي يا نه، عوام جا هن وٽ ميڙا هوندا آهن. 2013ع وارين چونڊن ۾ ڪيس ضلع جي ڏکي سانگهڙ سنجهورو واري اين اي واري سيٽ جي ٽڪيٽ ڏني وئي، اتي چونڊن ۾ ڇا ٿيو، پولنگن تي ڇا ٿيو؟ اهو احوال ضلع جي عوام کان ڳجهو نه آهي ۽ اهو ميڊيا جي زينت به بنيو، پر ان هوندي به هن سٺي نموني مقابلو ڪيو، هن وقت پاڻ پ پ اڳواڻ جي حيثيت سان ۽ سندس ڀائٽيو فراز خان ڏيرو ٽنڊو آدم مان ايم پي اي جي سيٽ تان ڪامياب ٿي عوام جي بي لوث خدمت ڪري رهيا آهن. جڏهن ته فدا حسين ڏيرو جي فرزند پارس ڏيرو ۽ ڀائٽيو نويد ڏيرو جي عوامي خدمتن کي به نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي، سندس عوام ۾ مقبوليت ڏسندي سانگهڙ ۾ بلدياتي چونڊن جي ورڪ دوران مٿس قاتلانه حملو ڪرايو ويو، گاڏي بلٽ پروف هئڻ ڪري بچي ويو، پر سندس ڀائٽيو شير محمد ڏيرو ۽ ٻيا ساٿي زخمي ۽ 3 ساٿي شهيد ٿي ويا، ان جي باوجود ڊچي ويهڻ بجاءِ سياست ڪري رهيو آهي.

فدا حسين ڏيرو سان ڪيترن ئي ڳالهين تي اختلاف به رهيا آهن. ناراضگيون به رهيون آهن، پر هن سان گڏ رهڻ، هلڻ جو به موقعو مليو آهي. سندس شخصيت کان متاثر آهيان .پاڻ مهمان نواز، يار ويس ۽ همدرد انسان آهي. اها الڳ ڳالهه آهي ته ماضي ۾ فقير فقراءَ غريب دوستن جي لفافا ڪلچر ذريعي جيڪا سار لهندو هو، انب تحفي ۾ موڪليندو هو، اهو سلسلو ڪافي وقت کان بند يا گهٽائي ڇڏيو آهي. پاڻ ٽنڊوآدم ۾ پارس هائوس قائم ڪري اتي ويهي عوام جا مسئلا ٻڌي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.





# باب ستون
# وياسي وينجهار
# انتقال ڪري ويل ڪجهه مشهور سياسي سماجي روحاني ۽ ادبي صحافتي شخصيتون

## حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جون ساروڻيون

آئون جڏهن 7 ڪلاس جو شاگرد هئس، ان دور ۾ ريڊيو جو رواج عام هيو، ان وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي مخدوم طالب المولىٰ جا مختلف فنڪارن جي آواز ۾ ڳائيل ڪلامن جي ڌوم هئي ۽ آئون اهي ڪلام شوق سان ٻڌندو هئس. مخدوم طالب المولىٰ جا ڪلام ٻڌڻ جي شوق ۾ مون کي پنهنجو ريڊيو خريد ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي مهينن جون خرچيون گڏ ڪرڻيون پيون. ريڊيو جي دور بعد چينجر فونن جو دور شروع ٿيو، ان کان اڳ چاٻي تي هلندڙ گرام فونا هوندا هئا. چينجر سيلن تي به هلندو هو ته بيٽري تي به ان زماني ۾ منهنجي سؤٽ حاجي خالد ملاح جنهن جو ملدسي ڳوٺ ۾ هوٽل هو، جتي بيٽري تي وڄندڙ چينجر گرام فونو ۽ ايمپلي فائر آندو، مون ٻڪر ڪپائي شهدادپور مان رونا ليلىٰ جي آواز ۾ مخدوم طالب المولىٰ جي ڳائيل ڪلامن وارو فوني وارا وڏا رڪارڊ وٺي آيس، جنهن جي ٻنهي پاسي شايد 10 ڪلام پريل هوندا هئا ۽ روزانو شام جو هوٽل جي دخل تي ويهي اهو رڪارڊ هلائيندو هئس، ان وقت ايترو شعور نه هو، منهنجو ٻه ٻاراڻو ذهن هو، ان جي باوجود مخدوم طالب المولىٰ جي لافاني شاعري رونا ليلىٰ جي جادو واري آواز ۾ ڳائيل ڪلام ٻڌندي وجد طاري ٿي ويندو هو. مخدوم طالب المولىٰ جي ڪلامن جو لفظ لفظ معنىٰ خيز هو. مون تي مخدوم طالب المولىٰ جي شاعري جو ايترو ته جنون هو، جو رات جو سمهڻ وقت به سندس ڪلام ذهن ۾ پيا ڦرندا هئا ۽ ڪڏهن خواب ۾ به اهي ڪلام ٻڌندو هئس. مخدوم طالب المولىٰ جي ان امر ۽ دلڪش شاعري کي رونا ليلىٰ جي ڇپن وڏيڪ امر بنائي ڇڏيو. اهي ڪلام نه صرف ملدسي جي واسين ۾ مشهور ٿيا، پر آسپاس جي ڳوٺن جن ۾ ان وقت هوٽلون نه هونديون هيون، اهي به واندڪائي وارن ڏينهن يا ڪو مهمان هنن وٽ ايندو هو ته انهن کي وٺي ملدسي جي هوٽلن تي ايندا

161

هئا، انهن ۾ بہ مخدوم طالب المولىٰ جا ڪلام مشهور هئا ۽ اهي ماڻهو بہ مخدوم طالب المولىٰ جا اهي بت ۾ سؤڪاريون وجهندڙ دل دماغ تي ڇائنجي ويندڙ سدا بهار ڪلام وڄائڻ جي فرمائش ڪندا هئا. گرام فونن بعد جڏهن ٽيپ رڪارڊر آيا تہ بابا منهنجي ضد تي ٽيپ رڪارڊر وٺي ڏنو ۽ منهنجي ٽيپ رڪارڊر وٺڻ جو مقصد ئي مخدوم طالب المولىٰ جو ڪلام ٻڌڻ هو. ٽيپ رڪارڊر وٺڻ بعد وري خرچيون گڏ ڪري مخدوم طالب المولىٰ جا رونا ليليٰ، حسين بخش خادم، عابده پروين، فوٽو زرداري، مصري فقير جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل ڪيسٽون خريد ڪرڻ شروع ڪيون. اسڪول کان پوءِ ٻني ٻاري تي ويندي بہ ٽيپ رڪارڊر هٿ ۾ هوندو هو. انهي دؤر ۾ مخدوم طالب المولىٰ جا ڪتاب ياد رفتگان ۽ ڇپر ۾ ڇڙيون پڙهڻ لاءِ مليو ويو، اهي پڙهڻ بعد ان وقت منهنجي ڪچي ذهن تي مخدوم طالب المولىٰ جن جي شاعري ۽ لکڻين ايترو تہ اثر ڪيو جو وٽن حاضري ڪرڻ لاءِ دل ۾ چاهت پيدا ٿي ۽ ان جو اظهار والد صاحب سان ڪيم، جنهن منهنجي چاچا حاجي محمود ملاح جيڪو مخدوم طالب المولىٰ جن جو خاص ماڻهو هو، خليفو نہ هئڻ جي باوجود سندس مخدوم طالب المولىٰ جن وٽ خليفي يا خاص ماڻهو جيتري عزت هئي، ان سان گڏ زيارت لاءِ مخدوم هائوس تي پهتس پر بدقسمتي سان ان ڏينهن مخدوم طالب المولىٰ ڪجهہ مصروف هئا، ان ڪري حاضري نہ ٿي سگهي. ان بعد حصرت مخدوم سرور نوح رح جن جو ساليانو عرس مبارڪ يعني سهائو سومار هو ۽ بابا، چاچا ۽ آئون گڏجي گهوڙن تي هالا پهتاسين. حضرت مخدوم نوح سرور جي مزار تي حاضري ڏئي قل پڙهي دعا گهري، مخدوم هائوس تي پهتاسين، جتي بہ ميلو متل هو. مخدوم طالب المولىٰ جن جي زيارت ۽ حاضري لاءِ سڄي ملڪ مان ماڻهن جو وڏو انگ آيل هو، جن ۾ هزارين عورتون، ٻار ۽ پيرسن بہ شامل هئا ۽ مون اتي پهريون دفعو ڏهر ٻڌائيندي ٻڌو. ڊگهي انتظار بعد وڏي ڏک ڏکان بعد ماڻهن جي وڏي پيڙ ۾ مخدوم طالب المولىٰ جن جي پري کان زيارت ٿي، پر منٽ بہ نہ گذريا تہ اسان سميت اتي موجود ماڻهن کي هاڻ ٻاهر اچڻ جو چيو ويو تہ جيئن ٻيا ماڻهو حاضري لاءِ اچي سگهن. پهريون دفعو زيارت وقت جڏهن مون مخدوم طالب المولىٰ کي ڏٺو منجهن وڏي ڏياءَ ۽ چهري ۾ نور نظر آيو، اتان کان اناس بنگلي تي قبلہ مخدوم امين فهيم، خانگاه ۾ مخدوم خليق الزمان جن وٽ بہ حاضري





ڪري واپس ڳوٺ آياسين، ٻاراڻي ذهن مطابق ان حاضري تي خوشي بہ هئي تہ ڏک بہ خوشي اها تہ جنهن شخصيت جي شاعري ٻڌي ان کي آئيڊل بنايو هو، ان جي زيارت ٿي، پر ڏک ان ڳالهہ جو تہ آئون پنهنجي پر ۾ اهو ذهن ٺاهي ويو هئس تہ سائين جن کي سندن شاعري بيحد وڻڻ ۽ سندس ڪلام چاهہ سان ٻڌڻ بابت ٻڌائيندس ۽ اهو عرض ڪندس تہ آئون بہ شاعري ڪرڻ چاهيان ٿو، اوهان رهنمائي ڪريو، پر اهڙو موقعو ئي نہ مليو، جو دل ۾ سانڍيل ڳالهين جو اظهار ڪريان. ٻئي سال 1976ع ۾ سنڌو درياهہ ۾ خطرناڪ چاڙهہ آيو ۽ سڄي سنڌ ۾ ٻوڏ جو خطرو وڌي ويو ۽ مخدوم طالب المولىٰ جن سڄي سنڌ مان سروري جماعت جي ماڻهن کي بند جي حفاظت لاءِ حڪم ڏنو، جنهن تي هزارين مريد سعيد آباد کان مٽياري تائين بندن جي حفاظت لاءِ پهتا. منهنجو چاچو حاجي محمود ملاح بہ علائقي مان 60 کن ماڻهو وٺي مخدوم هائوس تي پهتو، جتان کيس پنهنجا ماڻهو سالارو پيلي وٽ بند تي وٺي وڃڻ جو حڪم مليو، انهن ۾ آئون بہ شامل هئس، ننڍي عمر جو هئڻ ڪري چاچا نہ ٿي وٺيو ويو پر، منهنجي ضد تي پاڻ وٺي هليو. آئون ان اميد سان آيس تہ بند تي مخدوم طالب المولىٰ جن بہ ضرور ايندا ويندا ۽ اتي سندن زيارت بہ ٿي ويندي ۽ اتي ڳالهائڻ جو موقعو بہ ملي ويندو. اتي 12 ڏينهن هياسين ۽ اتي مخدوم طالب المولىٰ جن ڪيترائي ڀيرا تشريف فرما ٿيا، پرسندن آمد تي اتي ماڻهن جا انبوهہ ٿي ويا ۽ ماڻهو سندن گاڏي کي ڦري ٿي ويا ۽ اتي صرف پري کان زيارت ٿي سگهي. اتان واپس اچڻ بعد 2 دفعا پاڻ مرادو مخدوم هائوس تي پهتس ۽ حاضري لاءِ ڪوشش ڪيم، پر اتي حاضري ڪرائيندڙن ٻار ڏسي بهانا بنائي حاضري نہ ڪرائي. انهن ڏينهن ۾ هڪ دوست کان ٽہ ماهي مهران رسالو ۽ ماهوار نئين زندگي مليو، جنهن ۾ مخدوم طالب المولىٰ جن جي شاعري بہ هئي، ان بعد مخدوم طالب المولىٰ جن جي شاعري پڙهڻ لاءِ اهي ٻئي رسالا گهرائڻ شروع ڪيم. 8 ڪلاس ۾ هئڻ دوران 78ع ۾ صحافت ۾ پير پاتم، هڪ نئين خواهش ٿي تہ مخدوم طالب المولىٰ جن جو انٽرويو ڪريان، پر مخدوم هائوس تي سائين جن جي حاضري وارن نوڪرن ۽ ٻين ملازمن سان ڄاڻ سڃاڻ نہ هئڻ ڪري اها خواهش اڌوري رهي. تقريبن 1980ع ۾ آفتاب اخبار ۾ خبرون ڏيڻ لاءِ پهتس تہ خبر پئي تہ اڄ رات هالا پراڻا ۾ سوز هالائي جي شاعري مجموعي "رنگ رتا

پيچرا“ جي مهورت آهي، مهورت مخدوم طالب المولىٰ جن ڪرڻ فرمائيندا. اسان جو پيارو محسن سائين لائق سنڌي بہ تياريون ڪري رهيو هو ۽ مخدوم طالب المولىٰ جن جو ٻڌي مون سائين لائق سنڌي کي منٿ ميڙ ڪئي تہ هو مون کي بہ وٺي هلي. شام جو نصير مرزا، حسن مجتبىٰ، نثار حسيني ۽ ٻيا دوست هالا پراڻا پهتاسين، رات جو مخدوم طالب المولىٰ جن بہ تقريب ۾ پهتا ۽ پروگرام ختم ٿيڻ تائين ويٺا رهيا. پروگرام ختم ٿيڻ بعد موقعو ملندي، اسٽيج تي پهتس جتي عرفان مهدي مخدوم طالب المولىٰ جن سان منهنجو تعارف ڪرايو، انهن ڏينهن ۾ مختلف شخصيتن کان آٽو گرافف وٺڻ جو جنون هو، هر وقت آٽوگراف ڪيسي ۾ هوندو هو ۽ مون آٽوگراف ڪيڍي کين ڏنو، پاڻ مختصر طور دعا وارا لفظ لکيائون. ان بعد 1982ع ڌاري سندن فرزند مخدوم سعيدالزمان سان جڏهن نيازمندي ٿي تہ سندن معرفت مخدوم طالب المولىٰ جن وٽ سهڻي نموني حاضري ٿي. مخدوم طالب المولىٰ جن سان ملاقات ڪرڻ تي پاڻ فرمايائون تہ سعيد سائين اوهان جي تعريف ڪندو آهي، اوهان جون سروري تنظيم بابت آرٽيڪل ۽ خبرون پڙهيون آهن. ان موقعي تي پاڻ مون کي هالا ۾ اچي صحافت ڪرڻ جو چيو ۽ سندس حڪم تي لبيڪ چئي هالا مان صحافت شروع ڪئي.

مخدوم سعيد الزمان جن سان بہ ملاقات ڪئي ۽ کين ٻڌايو تہ مون سائين جن جي حڪم تي هالا ۾ صحافت شروع ڪئي آهي، کين اهو ٻڌي خوشي ٿي، ان دوران مخدوم طالب المولىٰ جن وٽ 2 دفعا حاضري لاءِ ويس، پر سندن طبيعت ناساز هئڻ ڪري حاضري نہ ٿي سگهي. مون حاجن ابڙيجو کي فون ڪري سائين جن جي خواهش موجب هالا ۾ صحافت شروع ڪرڻ جو ٻڌايو ۽ حاجن ابڙيجو سائين جن کي ٻڌايو ۽ انهي هفتي ۾ حاضري لاءِ پيغام مليو ۽ حاضري ڪيم، پاڻ فرمايائون تہ حاجن ٻڌايو آهي تہ اوهان منهنجي چوڻ تي باقاعده هالا ۾ اچي ويا آهيو. رهو ڪٿي پيا، مون کين عرض ڪيو تہ اسان جي صحافي دوست عبدالڪريم ميمڻ وٽ، پاڻ فرمايائون تہ اهو بہ پنهنجو آهي، پر جي اتي رهڻ ۾ تڪليف محسوس ٿئي يا ڪا ٻي تڪليف محسوس ڪريو تہ بغير هجاب ٻڌائجو، پاڻ ان موقعي تي دعا بہ ڏنائون، هالا ۾ صحافت شروع ڪرڻ بعد مخدوم طالب المولىٰ جن ڪوبہ بيان وغيره جاري ڪندا هئا تہ حاجن ابڙيجو يا انور هلائي جي معرفت عبدالڪريم






ميمڻ، اڪرم قائم خاني مون ۽ يوسف وارثي ۽ ٻين صحافين کي گهرايو ويندو هو، يا پريس رليز ڏياري موڪليندا هئا.

ڪجهہ سالن بعد گورنمينٽ مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول ۾ سروري تنظيم جو مرڪزي ڪنوينشن ٿيو، ان ۾ ٻين شهرن پٽ شاهہ، سعيد آباد جي صحافين کي بہ رپورٽنگ لاءِ دعوت ڏني وئي هئي سڀ ڪان وڌيڪ منهنجي اخبار آفتاب ۾ ڪوريج لڳي جڏهن تہ ان بعد ان تقريب جو احوال مون ڪافي سنڌي اردو اخبارن ۾ هلايو، منهنجي ڪوشش سان ڪنوينشن کي هيڏي وڏي ڪوريج ملڻ تي مخدوم طالب المولىٰ جن بيحد خوش ٿيا ۽ حاضري لاءِ سڏايائون ۽ منهنجي اهڙي خدمتن تي خوشي جو اظهار ڪرڻ سان گڏ دعا بہ ڪيائون. ان وقت هالا ۾ پريس ڪلب نہ هئي، هڪ دفعي عبدالڪريم ميمڻ مون ۽ اڪرم قائم خاني سائين طالب المولىٰ جن کي عرض ڪيو تہ سائين جن مخدوم سعيدالزمان سائين جن کي چون تہ پاڻ اسان کي ميونسپل پاران پريس ڪلب لاءِ جاءِ ڏين ۽ سندن حڪم تي مارڪيٽ چونڪ تي ناڪي ۾ پريس ڪلب لاءِ هڪڙو ڪمرو مليو، ان دوران عبدالڪريم ۽ اسان جي گڏيل صلاح سان هالا ۾ اسان نوان صحافي پيدا ڪيا.

هالا ۾ صحافت ڪرڻ دوران قبلہ سائين جن جي ويجهو رهيس ۽ کين سمجهڻ جو موقعو مليو، پاڻ ايترا تہ حساس هئا جو ڪنهن جو بہ ڏک صحيح نہ سگهندا هئا. ٻين جو ڏک ڏسي سندن دل ڀرجي ويندي هئي ۽ ڪڏهن تہ ان ڏک ۾ سندن نيڻن مان ٻوندون وسڻ لڳنديون هيون ۽ سندن طبيعت ناساز ٿي ويندي هئي. 88ع ۾ شهرن ۾ لساني فسادن ۾ سنڌين سان ٿيندڙ ڪلورن، هاڃن ۾ سنڌي عورتن سان ٿيندڙ لڱ ڪانڊاريندڙ زيادتين جو شڪار اهي بدنصيب عورتون جڏهن جيجي زرينہ بلوچ، پروفيسر سعيده ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مخدوم طالب المولىٰ کي دانهن ڏيڻ لاءِ پهتيون ۽ انهن عورتن ساڻن ٿيل وحشياڻين زيادتين جو روئندي ذڪر ڪيو تہ مخدوم طالب المولىٰ جن بہ پنهنجا نيڻ روڪي نہ سگهيا ۽ پاڻ روئي ڏنو ۽ سندن طبيعت خراب ٿي پئي. طبيعت خراب هئڻ جي باوجود پاڻ ان وقت جي وزيراعظم شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو سان ملاقات ڪري سنڌي نياڻين سان حوا جي ڌيئرن سان ٿيل هيڏي هاڃي جو لڱ ڪانڊاريندڙ احوال روبرو ٻڌائڻ لاءِ اسلام آباد پهتا، ان بعد ئي دهشتگردي خلاف آپريشن شروع ڪيو ويو

۾ اهڙي آپريشن جي ڏوھ ۾ چونڊيل پ پ حڪومت کي هٽايو ويو.

مخدوم طالب المولىٰ جن کي سڃاڻپ جي اهڙي اک جو هڪ دفعو سٽي انداز ۾ ملاقات ڪندڙ کي وري ڪڏهن بہ ڏسندا هئا تہ سندن نالو وٺي خيريت معلوم ڪندا هئا. سندن طبيعت اڪثر ناساز رهندي هئي، ڪين شگر، هاءِ بلڊ پريشر، گردن جي تڪليف دل جي تڪليف هئي، پاڻ زندگي جا آخري سال ڊائيلسز تي هئا. ڊاڪٽرن پاران بار بار آرام ڪرڻ جي مشورن جي باوجود آرام ڪرڻ بجاءِ عوام جي خدمت ڪرڻ کي اهميت ڏني، ان حوالي سان پنهنجي شاعري ۾ هڪ هنڌ فرمايو اٿن تہ:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهي طاقت طالب المولىٰ،
تہ پوءِ مخدوم دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

عين ان شعر وانگر پاڻ طبيعت جي ناسازي جي باوجود بنگلي تي ويهي مريدن توڙي عام ماڻهن سان ملندا هئا، ماڻهن جي ڪم ڪارين لاءِ خط ڏيندا هئا، ضروري سمجهندا هئا تہ فون بہ ڪندا هئا. جڏهن تہ ڊاڪٽرن جي منع ڪرڻ جي باوجود ادبي پروگرامن ۾ شرڪت ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي رهندا هئا. پاڻ هڪ نرالي ۽ ٻاجهہ ڀري شخصيت جا مالڪ هئا. هڪ ئي وقت لاتعداد خوبين جا مالڪ هئا. پاڻ بين الاقوامي سطح جو شاعر، بهترين ليکڪ، مفڪر، سماج سڌارڪ، اديب، فن ثقافت صحافت جي سرپرستي ڪندڙ، غريب ماڻهن کي سندن اولاد کي تعليم ڏيارڻ لاءِ همٿائيندڙ ۽ سندن مالي مدد ڪندڙ هئا. سخاوت ۾ بہ مخدوم طالب المولىٰ جو نالو سج وانگر رهيو، پر سخاوت اهڙي انداز ۾ جو اها خبر هڪ ڪين ٻي وٺڻ واري کي خبر، سندن ڪوشش ۽ مالي مدد سان ڪيترن ئي غريبن جو اولاد پڙهي اعلىٰ عهدن تي پهتو. ننڍي وڏي سان پيار ڪندڙ سنڌ ڌرتي سان محبت ڪندڙ هئا. ون يونٽ کي ختم ڪرائڻ ۾ سندن هڪ سياسي اڳواڻ توڙي اديب، شاعر جي حيثيت سان وڏو ڪردار رهيو، سنڌي ٻولي قومي ٻولي واري تحريڪ ۾ پڻ سندن ڪردار نمايان رهيو.

پاڻ سنڌي ادب ۾ نوان لاڙا ڏنا، شاعري جي هر صنف تي ڪين عبور حاصل هو. پاڻ سروري جماعت جا 16 سجاده نشين هئا. 19 آڪٽوبر 1919ع مطابق 9 محرم الحرام 1338هہ تي هالا ۾ حضرت مخدوم نوح سرور جن جي 15 سجاده نشين مخدوم غلام محمد ”گل“







سائين جن جي گهر ۾ جنم ورتو. 19 سالن جا هئا تہ سندن والد وصال ڪري ويو ۽ ننڍي وهي ۾ سروري جماعت جي سجاده نشين جو بار سندن ڪلهن تي پيو.

مخدوم طالب المولىٰ جن جي مشغلن ۾ شاعري، مضمون نگاري، موسيقي، رانديون جن ۾ والي بال کي اهميت هئي، شعرو شاعري ڪين ورثي ۾ مليل هئي. هن خاندان ۾ مخدوم سرور نوح رح کان مخدوم غلام محمد گل سائين تائين ڪئين ناميارا شاعري ٿي گذريا آهن. پاڻ 10 سالن جي ڄمار ۾ شاعري شروع ڪئي. پاڻ مختلف وقتن تي مختلف تخلص رکيا، جن ۾ بيوس، فراقي، طالب ۽ آخر ۾ طالب المولىٰ تخلص پنهنجي شاعري ۾ ڪتب آندو. سندن شاعري خاص طور ڪافيون نہ صرف سنڌ ۾ پر سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن ۾ مقبول آهن، مختلف فنڪارن جي آواز ۾ شوق سان ٻڌيون وڃن ٿيون. سندن شاعري سڀ کان وڌيڪ مصري فقير، فقير خادم حسين، رونا ليلىٰ، ڦوٽو زرداري، فقير امير بخش، عابده پرين ڳايون آهن، انهن فنڪارن جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل سندن سدا حيات شاعري هئڻ ڪري اڄ بہ ايتري دلچسپي سان ٻڌي وڃي ٿي، جيتري ماضي ۾ جڏهن تہ آل انڊيا ريڊيو سروس تان اڄ بہ سندس ڪلام نشر ڪيو وڃي ٿو. مخدوم طالب المولىٰ موسيقي جا بہ مشتاق هئا، پاڻ بهترين ڳائيندا بہ هئا، هارمونيم بہ وڄائي ويندا هئا، پاڻ موسيقي جي ڄاڻ ڪلاڪار سيدو خان ولد هندي خان کان حاصل ڪئي، سندن سرپستي ۾ هفتيوار پاسبان، الزمان اخبارون ۽ ماهوار رسالو طالب المولىٰ، ماهوار شاعر، ماهوار روح ادب فردوس شايع ٿيندا هئا. اهي اخبارون ۽ رسالا ان دور ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. جڏهن تہ علمي، ادبي ثقافتي تنظيمن انجمن علم و ادب هالا، شعراءَ سنڌ، اداره روح روان ادب، بزم طالب المولىٰ جا پڻ سرپرست هئا. پاڻ زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پوٽا بہ لک کان وڌيڪ شعر لکيا، جن ۾ ڪافيون، غزل، گيت، نعتون، حمد، بيت، چار سٽا، ٽہ سٽا بہ شامل هئا. ڪين علمي، ادبي، ثقافتي، سماجي خدمتن جي اعتراف طور سرڪار پاران ۽ ڪيترن ئي سماجي، علمي، ادبي ثقافتي ادارن پاران ايوارڊ مليا. جن ۾ صدر ايوب جي دور ۾ صدارتي تمغہ پاڪستان، غلام اسحاق خان جي دور ۾ صدارتي هلال امتياز، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ پاران شاهہ لطيف ايوارڊ بہ شامل آهن. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جا 3 دفعا چيئرمين رهيا. پاڻ

بااصول سياستدان هئا. جنرل ضياءَ ۽ نواز شريف دور ۾ کين پ پ ڇڏڻ لاءِ وڏيون آفرون ڏنيون ويون. سندس خاندان جي فردن کي وفاق ۽ سنڌ ۾ اهم وزارتون ڏيڻ جون آڇون ڪيون ويون، پر پاڻ انهن لالچن کي ٺڪرائي ڇڏيو. جنرل ضياءَ جي دور ۾ اهڙي انڪار تي سندس پياري فرزند مخدوم خليق الزمان کي گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو، جڏهن تہ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سندن حڪم تي سندن خاندان ۽ سروري جماعت جي ماڻهن جو اهم ڪردار رهيو. هزارين سروري جماعت وارن گرفتاريون ڏنيون، سندن حڪم تي سندن فرزند مخدوم سعيدالزمان عاطف ايم آر ڊي تحريڪ دوران جيلن ۾ قيدين جي هر طرح سان مدد ڪئي. پاڻ پ پ پ جا بنيادي اڳواڻ هئا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، مخدوم طالب المولىٰ جي پنهنجي محسنن جهڙي عزت ڪندو هو ۽ وقت بہ وقت وٽن حاضر ٿيندو هو. شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو بہ کيس والد جيتري عزت ڏيندي هئي. پاڻ ڪيترن ئي تعليمي ادارن جا بہ سرپرست هئا، جن ۾ سروري اسلاميہ ڪاليج هالا، مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا، مخدوم طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادو، سنڌ طبيہ ڪاليج حيدرآباد شامل آهن. پاڻ غريب فنڪارن، سگهڙن، اديبن، شاعرن جي بہ دل کولي مدد ڪندا هئا. پاڻ لوڪ ادب جا بہ سرپرست هئا، سندن سرپرستي ۾ سندن شاعري ۽ ٻين لکڻين جا ڪتاب سندن زندگي ۾ شايع ٿيا، انهن ۾ بهار طالب، رباعيات طالب، خود شناسي، شيطان، اسلامي تصوف، امام عزالي جا خط، ياد رفتگارن، مثنوي عقل ۽ عشق، ڪچڪول، ڇپر ۾ ڇڙيون، ڪافي، ديوان طالب المولىٰ، شان سروري، بي پير اکيون، سنڌ جو شڪار، شان سروري حصو پهريون ۽ ٻيو، مصرين ٽڙيون، آب حيات ۽ ٻيا ڪتاب بہ شامل آهن. سندن وصال بعد ڪافي اڻ ڇپيل مواد ۽ جيڪي ڇپيل ڪتاب اڻ لڀ هئا اهي پيهر مخدوم جميل الزمان جن شايع ڪرايا آهن. سندن زندگي جي آخري 3 سال ۾ سندن طبيعت صفا نازساز رهي. ان جي باوجو عوام جي خدمت جاري رکي. پاڻ 11 جنوري 1993 ع تي اسان کان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويا. سندن آخري آرام گاهہ حضرت مخدوم نوح سرور جي مزار اندر آهي.

## تحريڪ آزادي جو اڳواڻ حاجي سر عبدالله هارون

حاجي سر عبدالله هارون جو شمار تحريڪ آزادي ۾ اهم





ڪردار ادا ڪندڙن ۽ پاڪستان ٺاهندڙن ۾ ٿئي ٿو، سندس وڏا سنڌ جي ساموندي علائقيءَ شاهہ بندر جا هئا. بنيادي طور هن جي خاندان جو تعلق ڪشمير ۽ تبت جي سرحديءِ علائقيءِ سان هو. روايتون آهن تہ سندس خاندان وارا محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيا جيڪي فوج ۾ اهم عهدي تي فائز هئا. سر حاجي عبدالله هارون 1872 ع ۾ ڪراچيءَ ۾ هارون جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس ڏاڏي جو نالو حسن ميان هو، ان جو فرزند ابوبڪر ڪاروبار لاءَ بمبئي ۾ رهيو، جتان پوءِ واپس آيو. انگريز جڏهن سنڌ ۾ قابض ٿيو تہ ڪراچي لڏي آيو، سندس خاندان ڪاٺيا واڙي ميمڻ آهن.

حاجي سر عبدالله هارون اجان چار سالن جو هو تہ سندس والد انتقال ڪري ويو، ان ڪري سندس پروش سندس والده ڪئي. ننڍي هوندي کان ذهين با اخلاق هو. پاڻ گجراتي جا چار ڪتاب ۽ انگريز جا بہ ڪتاب پڙهيءِ سگهيو ان بعد والده جو سهارو بڻجڻ لاءِ شام جو شيون مٿي تي کڻي کپائيندو هو. ان مان سندن گهر بهتر انداز ۾ هلندو هو، بعد ۾ هن هڪ ننڍڙو دوڪان کوليو جتان ترقيءِ ڪندي جوڙيا بازار ۾ ڪاروبارو کوليو پاڻ ٻنپهرن جو ڊينسو هال لائبيريريءِ ۾ وڃي اخبارون پڙهندو هو. ڪاروبار ۾ مسلسل محنت ڪرڻ ڪري هن ڪافي ڏوڪڙ گڏ ڪيا ۽ نپئر روڊ تي دوڪان ۽ بعد ۾ رڻڇوڙ لائين ۾ گهر خريد ڪيو. ترقي ڪندي وڪٽوريہ روڊ تي هڪ بنگلو خريد ڪيو.

ڪاروبار ۾ ترقي جو سبب ايمانداريءِ ۽ محنت فضول خرچ کان پري رهندو هو. پاڻ تقريبن 1910 ع ۾ سياسي زندگيءِ جو آغاز ڪيو ۽ مقاميءِ مسئلن جي حل ڪرائڻ ۾ دلچسپي ورتي.1911ع۾ اٽليءِ حڪومت طرابلس ۾ ترڪين سان جنگ ڪئي ۽ پوري ملڪ تي قبضو ڪري ورتو. ان ۾ طرابلس جي مسلمانن کي ڪافي جاني مالي نقصان پهتو ۽ سنڌ ۾ انهن جي مدد لاءِ "هلال احمر سنڌ" نالي ادارو قائم ڪيو ويو، جنهن جو سيڪريٽري ۽ خزانچيءِ حاجي سر عبدالله هارون کي چونڊيو ويو ۽ ڪيل چندي ۾ پاڻ پنجاهہ هزار ڏنا. سر حاجي عبدالله هارون سنڌ جي مسلمانن جي بهتري ۽ ڀلائيءِ لاءِ ڪتريو ن ئي تجويزون "ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيون" جن ۾ اهي تجويزون ڏنيون تہ سنڌ جي ڪنهن مرڪزي هنڌ تي عربي ۽ فارسي جو دارالعلوم قائم ٿيڻ گهرجي، انگريزي اسڪولن ۾ سنڌي ۽ فارسي کي ثانوي زبان طور پڙهايو وڃي ٿو

ان ۾ عربي زبان جو اضافو ڪيو ويو تہ جيئن مغربي تعلم سان گڏ ديني تعليم بہ حاصل ٿي سگهي، ڪاليجي تعليم حاصل ڪندڙ مسلمان شاگردن لاءِ هاسٽل بناٽي وجي، جنهن ۾ مسجد بہ هجي، يتيم مسلمان ٻارڙن لاءِ تعليم رهائش، يتيمخانو کوليو وڃي. تعليم جي لاءِ بل منظور ڪرايو وڃي، زميندارن ڪي زرعيءِ فصل لڳائڻ لاءِ ڏوڪڙن جي ضرورت ٿئي ٿي، جنهن ڪري هو وياج خوريءِ جي ور چڙهي معاشيءِ طور تباهہ ٿي وڃن ٿا، ان لاءِ صوبي ليول تي وسيع پيمانيءِ تي بغير وياج جي بئنڪ قائم ڪئي وڃي، سنڌي مسلمانن جي نمائندگي لاءِ سنڌي ۽ انگريزي روزانہ اخبارن جي اشد ضرورت آهي، جيڪي جوائينٽ اسٽاڪ ڪمپني جي اصولن تي جاري ڪيون وڃن. سندس تجويزن مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ سچيءِ ۽ وسيع سوچ رکندڙ، انسانيت سان پيار ڪندڙ، غريبن جو همدرد هو. انهن تجويزن مان ڪتيرن ئي تہ پاڻ بہ پنهنجي طور ڪم ڪيائين، جن ۾ ڪراچي ۾ جامعہ اسلامہ يتيم خانو قائم ڪيو، غريب شاگردن لاءِ اليڪٽريڪل انسٽيٽيوٽ قائم ڪيو، جنهن ۾ ٻارن ۽ نوجوانن کي هنر سيکاريا ويا.

بعد ۾ پاڻ ڪراچي ۾ جناح ڪورٽس ۽ يسي ولسن مسلم هاسٽل بہ ٺاهي ۽ پاڻ سنڌي، روزنامہ الوحيد، انگريز، هفتوار مسلم وائيس، سنڌ ايڊوڪيٽ ۽ اردو هفيتوار نصرت اخبارون، شايع ڪيون، ان سان گڏ ڪيترن ئي اخبارن، رسالن جي مالي، اخلاقي مدد ڪئي. پاڻ زڪوات جو الڳ شعبہ ٺاهيو ان سان گڏ وقف جي آمدنيءِ مان غريب شاگردن ۽ ضرورت مندن جي انگريز سامراج خلاف جڏهن 1914ع ۾ شيخ الهند مولانہ محمود الحسن جي حڪم تي مولانہ عبيدالله سنڌي ڪابل وڃڻ لاءِ تيار ٿيو تہ ان وقت ڏوڪڙن جو مسئلو پيدا ٿيو مولانہ ابوالڪلام آزاد ان مقصد لاءِ حاجي سر عبدالله هارون سان ملاقات ڪئي تہ پاڻ ان ڪم لاءِ پنج هزار ڏنا. اهڙن ٻين ڪمن لاءِ بہ پاڻ وقت بہ وقت مالي مدد ڪندو رهيو.

پاڻ 1912ع کان 1917ع ۽ 1921ع کان 1934تائين ڪراچيءِ ميونسپل ڪميٽيءِ جو ڪائونسلر چونڊيو ويو. ان زماني ۾ کي ايم سي کي ڪائونسلر جي وڏي حيثيت هئي ۽ پاڻ ان حيثيت سان بنا فرق عوام جي خدمت ڪئي. 1914ع ۾ پاڻ نصرت بيگم سان شادي ڪئي، ان بعد حاجي صاحب جي زندگي ۾ وڏيون بهتر تبديليون







آيون.

حاجي سر عبدالله هارون سياسي زندگيءِ جي شروعات ڪانگريس کان ڪئي، بعد ۾ آزادي واري تحريڪ ۾ سرگرم رهيو. بعد ۾ ڪانگريس پاران مسلمانن خلاف سرگرمين جي ڪري مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. پاڻ مسلم ليگ جي بانيءِ ۽ اهم اڳواٽن مان هڪ هو.

آڪٽوبر 1938ع ۾ مسلم ليگ سنڌ صوبي جو هڪ اجلاس سندس ڪوشش سان منعقد ٿيو جنهن جي صدارت قائداعظم محمد علي جناح ڪئي ۽ ان اجلاس ۾ هندستان کي هندن ۽ مسلمانن ۾ تقسيم ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو ۽ ان بعد سر عبدالله هارون ان لاءِ راهہ هموار ڪرڻ لاءِ تقريرن ۽ تحريرن ذريعي ڪوششون ڪيون ۽ قاعداعظم کي سنڌ جي مختلف شهرن جا دورا ڪرايا ۽ هندستان جي مختلف علائقن ۾ بہ عوامي رابطہ مهم هلائي سندس هند ۽ سنڌ جي مسلمانن جي حقن جي حاصلات سندن تحفظ ۽ تحريڪ پاڪستان ۾ سندس وڏي جدوجهد شامل آهي. پاڻ 1923ع ۾ بمبئي قانون ساز مجلس ۾ ڪراچي جي نمائندي جي حيثيت ۾ چونڊيو ويو. 1926ع ۾ مرڪزي قانون ساز اسيمبليءِ ۾ سنڌ جو نمائندو چونڊيو ويو. پاڻ محمد علي جناح جي آزاد پارٽي سان ملي ڪم ڪيو. سندس ڪوشش ۾ 7 جنوري 1931ع ۾ سندس صدارت ۾ جيڪو بعد ۾مسلمانن جي عظيم الشان سياسي ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ سنڌ کي بمبئي کان الڳ ڪري صوبو بنائڻ پولس کاتي کي روينيو کان الڳ ڪرڻ- بلوچستان ۾ آئيني اصلاحات نافذ ڪرڻ بلوچستان جي نصير آباد تعلقہ کي جيڪب آباد ۾ شامل ڪرڻ. فرنٽيئر ريگيوليشن جهڙا ڪارا قانون ختم ڪرڻ، چوپايو مال جون چوريون ختم ڪرائڻ لاءِ حڪومتي سطح تي سخت اقدام ڪرڻ جا ٺهراءُ بحال ڪيا، جنهن جو نتيجو بهتر نڪتو. پاڻ هڪ عيد تي سائين جي ايم سيد کي عيد مبارڪ جو ڪارڊ سان گڏ ڪجهہ تجويزون بہ ڏنيون جن ۾ سنڌ جي هر ڳوٺ ۾ انجمن جو بنياد وجهي خيرات ۽ صدقو گڏ ڪيو وڃي اهي رقمون انجمن جي معرفت غريبن جي ڀلائيءِ لاءِ خرچ ڪيون وڃن. مسلمانن کي قرضن کان بچائيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.مسلمانن کي دوڪان ڏنا وڃن تہ جيئن هو ڪاروبار ۾حصو وٺي معاشيءِ طور منتحڪم ٿين. شادين ۽ غمين ۾ فضول خرچ نہ ڪيو وڃي، ڪو آپريٽو سوسائٽيون قائم ڪيون وڃن. ٻارن کي تعليم ڏيارڻ

لاءِ انتظامات ڪيا وڃن. تعليمي بالغن لاءِ رات جو اهڙا مرڪز قائم ڪيا وڃن. پاڻ ۾ اختلاف ختم ڪيا وڃن. خرچ آمدني کان گهٽ ڪيو وڃي تہ جئين ڪجهہ بچت ٿي سگهي، جيڪا وقت تي ڪم اچي. ڳوٺن جي سمجهدار ماڻهن کي روزانہ شام جو مسجد يا ڪنهن هنڌ گڏ ڪري اخبارون پڙهايون وڃن ۽ ڳوٺن جي بهتري لاءِ صلاح مشورا ٿيڻ گهرجن ۽ انهن مان ڪافي تجريزن تي پاڻ عمل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس ڪردار غريب نواز، غريبن جي سرپرستي، عام ماڻهن لاءِ آواز اٿارڻ انهن جي بهتري جي ڳالهہ ۾ ڪوشش ڪرڻ . آزادي واري تحريڪ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ ڪري پاڻ نہ صرف سنڌ پر سڄي هند ۾ عوام جو پسنديده ليبر بڻجي ويو، مسلمانن ۾ تعليم جو رجهان پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ، هنڌ ۾ پنجاب جا بہ دورا ڪيا ۾ پاڻ شهري ۾ ڳوٺاڻي علائقن ۾ مسلمانن جا رابطا وڌايا. پاڻ سادگي پسند. فضول خرچي کان پري رهندڙ سخاوت ۾ وڏي شهريت ماڻي. ان وقت مسلمانن جي مختلف تعليمي ادارن جي دل کولي مدد ڪئي. ڪيترن ئي مسجدن جي تعمير ۾ مرمت ڪرائي، ديني مدرسا قائم ڪيا. رمضان شريف ۾ غريبن کي سحري، افطار ڪرائڻ سان گڏ هزارين غريبن کي ڪپڙا عيد جو سامان، عيد خرچي ڏيندو هو. آزادي واري تحريڪ ۾ سندس گهر نصرت هائوس مرڪز رهيو. ڪيترائي اهم اجلاس اتي ٿيا. قائداعظم محمد علي جناح سان گڏ آزادي واري تحريڪ جي مکيہ اڳواڻن جي اتي وچ رهندي هئي. پاڪستان جو جهنڊي سندس گهر جي ڊائينگ ٽيبل تي ٺاهيو ويو.

سندس موسيقي سان بہ شوق رهيو. پاڻ مختلف اخبارن لاءِ ڪالم لکندو هو. جيڪي مسلمانن تي ٿيندڙ ظلم نا انصافين مسلمانن ۾ ايڪو پيدا ٿيڻ کان وٺي ماڻهن ۾ آزادي واري تحريڪ لاءِ اتساهہ پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس راندين سان دلچسپي رهي. پاڻ ڪراچي ۾ مسلم جيم خانو قائم ڪيو.

پاڻ سنڌهند مسلم طلباءِ ڪانسواءِ ڪيترن ئي سماجي تنظيمن فلاحيءِ ادارن جو سرپرست تاحيات ميمبر رهيو. سندس ويجهن ساٿين ۾ محمد علي جناح، شيخ عبدالمجيد، سر غلام حسين هدايت الله، محمد هاشم گزور، سائين جي ايم سيد، ملڪ عبدالعزيز بٽ، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، ايم اي خالق، مير غلام علي ٽالپر، مولوي ثنا الله، مولوي عبدالحقاني، سيد محمد اسلم، آغا صاحب، حاجي عبدالعزيز، يوسف هارون، پير علي محمد راشدي ٻيا شامل هئا. 1938ع ۾ قائداعظم جي تقرير ۾ قرارداد جا نقل پاڻ سر سلطان محمد شاهہ آغا خان کي موڪليا ۾ ڪين اهو لکيو تہ مسلم ليگي حلقو مسلم رياستن ۾ صوبن تي مبني هڪ الڳ وفاق قائم ڪرڻ چاهي ٿو. ان جي آغا خان بهتر موٽ ڏني. تحريڪ آزادي جو هيرو، سنڌ جو قومي ڪارڪن، غريبن جو همدرد 27 اپريل 1942ع تي دل جو دورو پوڻ ڪري هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.





## حضرت پير سائين پاڳارا (ستون) شاهہ مردان شاهہ ”ثاني“ جن جي شخصيت

8 درجا پاس ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ شهداپور پهتس تہ اتي استادن روشن پٺاڻ، محمد دائود پٽو، سيد حسين شاهہ، حافظ مظهر سومرو، عفار ميمڻ ۾ ٻين اديب دوست استادن ۾ شاگردن سان ملاقاتن بعد ادب تي ڪچهريون ٿيڻ ڪري ادب سان شوق پيدا ٿيو ۾ اسڪول جي لائبريري مان حر تحريڪ وطن يا ڪفن بابت مشهور اديب محمد عثمان ڏيپلائي جو لکيل ناول سانگهڙ پڙهڻ لاءِ ورتو. سانگهڙ ڪتاب پڙهڻ بعد ذهن جا بند تاڪ کلي ويا ۾ سانگهڙ ناول ايترو تہ متاثر ڪيو جو اهو ڪتاب بار بار پڙهيو ۾ حرن لاءِ دل ۾ عقيدت محبت ۾ حر تحريڪ جي سرواڻ سورهيہ بادشاهہ پير صبغت الله شاهہ راشدي ۾ سندس خاندان لاءِ دل ۾ محبت ۾ عقيدت پيدا ٿي ۾ سورهيہ بادشاهہ منهنجو ائيڊيل بڻجي ويو.ان بعد مختلف اديبن جا پير صاحب پاڳارو ۾ سندس خاندان بابت لکيل ڪتابن ۾ حر تحريڪ ۾ سورهيہ بادشاهہ جو ذڪر پڙهن بعد ۾ دل ۾ خواهش اڀري تہ عظيم انقلابي سرويچ سورهيہ بادشاهہ جي پڳدار پير سائين پاڳارو جي خدمت ۾ حاضر ٿيان، زيارت ڪري دعائون وٺان پر پير ڳوٺ يا ڪنگري هائوس ڪراچي پهچڻ مسئلو هو، ننڍي عمر ڪري والدين اجازت نہ پيا ڏين، انهن وري ڪنهن کان ٻڌو هو تہ غير جماعتي جيڪڏهن درگاهہ تي ويندو تہ ان کي پڇايو ويندو آهي ۾ مارڪٽ ڪئي ويندي آهي، انڪري اهڙي خواهش اڌوري رهي ان دوران حر جماعت سان وابسطہ چاچو احمد ڏاهري، محمد عمر ڏاهري جن جا گهر اسان جي شهداپور واري جڳهہ جي

پرسان هئا، پڙهائي ڪري آئون اتي رهندو هئس انهن سان ڪچهريون ڪرڻ بعد اهو خوف بہ ختم ٿيو ۽ خبر پئي تہ ائين نہ آهي، اتي مريد نامريد هر ڪو وڃي سگهي ٿو پر درگاهہ تي ويندڙ لاءِ مٿو ڍڪي وڃڻ ۽ ڪجهہ ٻين ريتن ۽ روايتن تي عمل ڪرڻو پوندو ۽ منهنجي خواهش تي انهن 27 رجب تي جيڪو ٻہ هفتا بعد اچي رهيو هو ان تي ساڻن گڏ پير ڳوٺ مون کي وٺي هلڻ تي راضي ٿيا، 26 رجب تي ريل گاڏي ۾ خيرپور ميرس لهي پير ڳوٺ ويندڙ گاڏين ۾ چڙهي پير ڳوٺ پهتاسين، جتي ماڻهن جي وڏي رش هئي، هر طرف پيچ پاڳارا جا نعرا گونجي رهيا هئا. ان وقت درگاهہ تي مريدن لاءِ ايتريون سهولتون اجان نہ هيون، جيتريون هينئر آهن، صبح جو سوير پير سائين پاڳاري گيلري مان مريدن کي زيارت ڪرائي خطاب ڪرڻ وارو هنڌ تي لکين مريد گڏ ٿي زيارت لاءِ بيچين هئا، جڏهن پير سائين پاڳارو سوني ڪلنگي تاج مبارڪ پائي زيارت ڪرائڻ لاءِ جلوه افروز ٿيا هر طرف پيچ پاڳارا جا اپ ڏاريندڙ نعرا گونجڻ لڳا ۽ ذڪر ٿيڻ لڳو پير پاڳارو زيارت ڪرائڻ بعد پنهنجي خطاب ۾ مريدن کي نماز قائم ڪرڻ، پاڙيسرين سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ ۽ ٻيون هدايتون ڪيون پري کان ٿيل ديدار سان جهڙوڪ روحاني سڪون ملي ويو.

1978ع ۾ پرائيويٽ طور تعليم جاري رکڻ سان گڏ صحافت ۾ پير پاتم، ان دوران پير سائين جي مکيہ مريدن سان ڪچهريون ٿيون، جنهن کان پير سائين جي شخصيت جون ڳالهيون ٻڌي ساڻن وڏيڪ محبت ۽ عقيدت وڌي. 1996ع ڌاري پير سائين پاڳارا شهدادپور ۾ حر ڪمانڊر جمال فقير خاصخيلي جي دعوت تي ايندي شهدادپور ۾ راٺا سردار جي چانهہ پارٽي ۾ تشريف فرمان ٿيا، جتي نہ صرف سندن ويجهو ديدار نصيب ٿيو پر پهلا ڀاڳ جو ساڻن هٿ ملائڻ جو شرف مليو. دل چيو تہ ساڻن هٿ ملائڻ واريون گهڙيون سالن ۾ تبديل ٿي وڃن ۽ سندن هٿن مبارڪن ۾ منهنجو هٿ هجي ، ان بعد ڪافي دفعا پاڻ جڏهن بہ سانگهڙ ضلعي جي دعوتن تي تشريف فرما ٿيندا هئا تہ آئون بہ سندن زيارت کان پاڻ کي روڪي نہ سگهندو هيس ۽ جماعت جي ڪنهن نہ ڪنهن دوست سان گڏ ڪنهن نہ ڪنهن دعوت ۾ پهچي ويجهو ديدار ڪرڻ ۽ اتي موجود صحافين سان گڏ ڳالهيون ڪرڻ جا موقعا مليا.

پير سائين جي ڳالهائڻ جو انداز صحافين جي سوالن جا جواب





ڏيڻ جو انداز متاثر ڪندڙ هو، اهڙي ذهين شفيق شخصيت مون گهٽ ڏٺيون آهن، سندس روحاني چهري ۾ اهڙي ڪشش اهڙي روحانيت جو چند سيڪنڊن کان وڌيڪ مون سميت ڪير بہ يڪ ساهي نهاري نہ سگهندو هو. نہ وري ڪو ساڻن اکيون اکين سان ملائي سگهندو هو. 2002ع ۾ مون پيچ پٽائي ميگزين پاران 14 آگسٽ جو نمبر شايع ڪيو. ٽائيٽل تي سورهيہ بادشاهہ ۽ پير سائين پاڳارا جون وڏيون تصويرون هلايون ۽ اندر حر تحريڪ سورهيہ بادشاهہ ۽ پير سائين پاڳارا جي شخصيت تي آرٽيڪل هلايل هئا. دل چاهيو تہ ان ميگزين جون اعزازي ڪاپيون پير سائين پاڳارا تائين هٿو هٿ پهچايان اهو سوچي وڃي ڪنگري هائوس ڪراچي پهتس گيٽ تي بيٺلن کي تعارف ڪرايو. جن اندر ڊاڪٽر ڪريم سان ملڻ لاءِ چيو مون اسان جي علائقي جي حر جماعت جي اهم شخصيت ۽ خليفو انجنيئر عبدالباسط هنگورو جيڪو پڻ ڪنگري هائوس ۾ پير سائين جن جي خدمت ۾ هوندو هو ان جو معلوم ڪيو پر اهو انهن ڏينهن ۾ ڳوٺ آيل هو. اندر ڊاڪٽر ڪريم سان ملاقات تي ڪين احوال ٻڌايم، ڪنگري هائوس تي جهڙوڪ ميلو متل هو. مريدن کانسواءِ ڪافي غير مريد عقيدت مندن سان ڏاڍي شفقت پيار سان هٿ ملائي مليا، مون پنهنجو تعارف ڪرايو پاڻ فرمايو تہ پهرين بہ اوهان سان ملاقات آهي ۽ پاڻ فرمايو تہ اوهان ميگزين ڏيڻ آيا آهيو پر ميگزين پهرين ملي چڪي آهي. ان بعد مون کان ڪم ڪار جو معلوم ڪيو ۽ ڊاڪٽر ڪريم کي چيو تہ نور کي چانهہ پياري پوءِ ڇڏجو. ان بعد مون هر سال 14 آگسٽ تي پيچ پٽائي ميگزين جا جيڪي بہ شمارا ڪڍيا انهن جي ٽائيٽل تي مون سورهيہ بادشاهہ ۽ پير سائين پاڳارا ، راجا سائين سائين صدر الدين شاهہ جا فوٽو هلايا، اندر حر تحريڪ سورهيہ بادشاهہ ۽ سندن خاندان ۽ هنن سائين تي آرٽيڪل هلايا ۽ اهي ڪاپيون (پوسٽ ذريعي ڪين موڪلي ڏيندو هئس ۽ پنهنجي ۽ پيچ پٽائي ميگزين لاءِ دعا ڪرڻ لاءِ ٻہ اکر بہ لکي موڪليندو هئس پر دل ۾ خواهش اپري تہ سندس زيارت ڪجيءَ مون پنهنجي دوست فقير محمد بخش خاصخيلي کي بہ چيو تہ ڪنگري هائوس تي وٺي هلو ٻہ ٽي دفعا پروگرام بہ ٺاهيا پر ائين نہ ٿي سگهيو، جڏهن تہ سنڌ صحافي سنگت پاران 2 دفعا فيصلو ڪيو ويو تہ سنڌ جي صحافين جي مسئلن تي روحاني شخصيتن سان ملاقات ڪريو، شروعات پير سائين

پاڳاري کان ڪئي وڃي ۽ تي دفعا پروگرام ٻه ٿيا ڪن مجبورين ڪري ملتوي ڪيا ويا بعد ۾ هڪ ڏينهن. اڳ وانگر اڪيلو ڪنگري هائوس پهچي سندن حاضري ڪرڻ جي خيال سان ڪراچي پهتس پر خبر پئي ته پير سائين پاڳارا جي طبعيت ناساز آهي ۽ پاڻ آغا خان اسپتال ۾ داخل آهن، اسپتال پهتس پر صورتحال ڏسي حاضري نه ٿيڻ جا آثار ڏسي مايوس ٿي واپس موٽيس، سندن خيريت سان آپريشن به ڪاميابي سان ٿي ويو پر سندن طبعيت ۾ سڌارو نه آيو، دل بيچين هئي ته ڪيئن به ڪري سندن زيارت ڪريان پر خبر پوندي هئي ته عام ملاقاتون بند آهن، اوچتو مختلف ٽي وي چئنلن تي ان خبر چرڪائي وڌو ته پير سائين پاڳارا کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ علاج لاءِ لنڊن نيو پيو وڃي. چينلن تي پير سائين جا جيڪي فوٽيج هلايا ويا، تشويش ناڪ ۽ چرڪائيندڙ هئا، جنهن کي ڏسي ڌڪ پئي ٿيو پر راجا سائين ۽ سائين صدر الدين شاهه جي ميڊيا بيانن ٿوري آٿت ڏني ته پير سائين جي حالت خطري کان ٻاهر آهي، وڌيڪ آٿت لنڊن جي ڊاڪٽرن جي رپورٽ ڪانپوءِ ملي، جنهن ۾ سندن چيڪ اپ ڪندڙ ڊاڪٽرن جي ٽيم ٻڌايو ته پير سائين پاڳارا جي حالت خطري کان ٻاهر آهي.

آغا خان اسپتال ۾ غلط ميڊيسن جي ڪري ڪين ڦڦڙن ۾ انفيڪشن ٿيو آهي پر پاڻ جلد صحتياب ٿي ويندا پر 10 جنوري 2012ع جي رات شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس مبارڪ جي وچين رات آڊيٽوريم ۾ محفل موسيقي عروج تي پهتل هئي، راڳ جي راڻي عابده پروين وجد ۾ اچي صوفيانه ڪلام ڳائي رهي هئي ته شهدادپور جو دوست ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي فون ڪري پير سائين پاڳارا جي وصال جو اطلاع ڏنو، جنهن تي چرڪ نڪري ويو. اعتبار نه پيو اچي ته ڪو ائين هوندو خاطري ڪرڻ لاءِ هڪ ميڊيا اداري ۾ فون ڪرڻ تي جڏهن پير سائين پاڳارا جي وصال واري خبر جي تصديق ٿي ته جهڙوڪ ته جسم مان ساهه نڪري ويو. اکين ۾ لڙڪ لڙي پيا، اجا راڳ رهاڻ جي محفل مان بي چيني واري حالت ۾ ٻاهر نڪري رهيو هئس ته ثقافت کاتي پاران به پير سائين پاڳارو جي وصال جو ٻڌائيندي تمام تقريبات ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو.

پير سائين پاڳارا 22 ڊسمبر 1928ع تي سورهيه بادشاهه پير صبغت الله شاهه راشدي شهيد جي گهر ۾ ان وقت جنم ورتو جڏهن سنڌ







۾ انگريز سامراج جا پير ڪتل هئا ۽ سورهيه بادشاهه جي سرواڻي ۾ انگريز سامراج خلاف جنگ جوٽيل هئي ته جيئن انگريز کي هن ڌرتي تان ڀوڙائي ڪڍجي، پير سائين پاڳارا ابتدائي تعليم پير ڳوٺ مان حاصل ڪئي ان دوران سندس والد سورهيه بادشاهه کي انگريز سامراج گرفتار ڪري سوليءَ تي چاڙهي شهيد ڪري نامعلوم هنڌ تي سپرد خاڪ ڪري ڇڏيو ۽ پير سائين پاڳارو جي خاندان کي ڪراچي واري رهائشگاهه تي نظر بند ڪيوويو بعد ۾ پير سائين پاڳارا سندس ڀاءُ سيد نادر شاهه کي پڙهائڻ جي بهاني انگلينڊ موڪليو ويو ته جيئن اتي رهي پيري مريدي وساري ڇڏين ته جيئن حر تحريڪ هميشه لاءِ ختم ٿي وڃي. پاڪستان ٺهڻ بعد به 5 سالن تائين ڪين جلاوطن رکيو ويو. 1949ع ۾ هندستان جي وزير اعظم جواهر لال نهرو جيسلمير جي راجا جهار سنگهه جيڪو پير سائين پاڳارو جن جا مريد هئا، ان کي گهرائي چيو ته پير سائين پاڳارا جي گادي پاڪستان ۾ بحال نه ٿي سگهندي، ان ڪري جيسلمير ۾ گادي بحال ڪرائي سگهجي ٿي. تون اهڙي گهر ڪر راجا جهار سنگهه ان صورتحال کان حر جماعت جي مکيه ماڻهن غازي خان منگريو راڻو فقير ۽ ٻين کي آگاهه ڪيو. انهن فقيرن ٻي جماعت کي آگاهه ڪيو، اهڙي ڳالهه قبول نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، چاڪاڻ ته پير سائين پاڳارا وارن جي درگاهه ۽ خانگاهه سنڌ ۾ هئي ته پوءِ جيسلمير ۾ گادي بحال ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ صحيح نه هو، حر جماعت جي مکيه ماڻهن ان ڳالهه کان حڪومت سان ويجهو رهندڙ معرفت حڪومت کي اهڙي فيصلي کان آگاهه ڪيو، جڏهن ته سنڌ حڪومت ۾ شامل ڪيترن ئي وزيرن مشيرن اسيمبلي ميمبر سخت مخالف ڪئي ته پير صاحب پاڳارو کي ڪنهن به صورت ۾ پاڪستان نه آندو وڃي، چاڪاڻ ته مخالفت ڪندڙن جا هٿ حر تحريڪ کي ڪچلڻ کان وٺي سورهيه بادشاهه جي شهادت تائين سندن هٿ رڱيل هئا ۽ ان وقت وزير اعظم لياقت علي خان به اڻ سڌي طرح مخالفت ڪندڙ جو پاسو وٺي ڪيئن بهانا بڻائي ڪيئن مجبورين ڏيکاري اڻ سڌي طرح جهڙوڪ انڪار ڪري رهيو هو.

1951ع ڌاري ان وقت جي گورنر سنڌ دين محمد شيخ ذاتي دلچسپي وٺي اعتراض ڪندڙ ڌرين سان ڳالهايو، اعتراض ڪندڙن ڪيئن خدشا ڏيکاريا ڪين خوف هو ته پير سائين پاڳارا جي اچڻ بعد

حر وري طاقتور ٿي ويندا ۽ ڪانئن بدلا ورتا ويندا. گورنر سنڌ جو جماعت جي مکيه ماڻهن کي انهن خدشن کان آگاهه ڪيو، جن ڪين يقين ڏياريو ته هاڻ جڏهن انگريز سامراج هن ڌرتي تان هليو ويو آهي ته هاڻ ڪابه تحريڪ نه هلندي ۽ نه ئي ڪنهن کان انتقامي ڪارروايون ڪيون وينديون. 1952ع ۾ پير سائين پاڳارا ۽ سندس پياءُ سيد نادر شاهه کي وطن آندو ويو، ڪراچي ۾ سندن والهانه استقبال ڪيو ويو. جتان ڪين پير ڳوٺ آندو ويو، پير سائين روضي ڌڻي بادشاهه جي سجاده نشين پير شاهه مردان شاهه ثاني پير سائين پاڳارا جي تاجپوشي ڪئي ۽ جشن تاج پوشي ملهايو ويو. سورهيه بادشاه شهادت بعد حر جماعت ڊگهو عرصو درگاهه جي حاضري ۽ زيارت کان پري رهڻ بعد جڏهن حاضري ڀري ته ڏک ۽ خوشي جا مليل جليل ڳوڙهن کي روڪي نه سگهيا، پير سائين پاڳارو جي گادي بحال ٿيڻ بعد تاج پوشي واري جشن ۾ پاڻ مريدن کي حڪم فارمايو ته حر جماعت کي گهرجي هاڻ تلخ ماضي کي وساري نئين روشن مستقبل لاءِ سوچين، هن نئين وطن کي پنهنجو وطن سمجهي هن جي ترقي ۽ حفاظت لاءِ هر وقت تيار رهن ڪنهن سان به انتقامي ڪارروائي نه ڪئي وڃي،انگريز سامراج پاران پير ڳوٺ ۾ پير صاحب پاڳارا وارن جو بنگلو بمبارمينٽ ڪري مڪمل طور تي ڪنبرات بڻايو ويو، ان ڪري پير سائين پاڳارا جن پنهنجي پياءُ سان گڏ ان جاءِ تي لڳايل تنبو ۾ ويهندا هئا ۽ رات جو سرڪٽ هائوس سکر ۾ وڃي رهندا هئا. ڪهڙي نه حيرت ۽ افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته انگريز سامراج کي ڌرتي تان تڙي ڪڍڻ واري وطن يا ڪفن واري تحريڪ جان قربان ٿيندڙ سورهيه بادشاهه جي پڳدار خلاف پاڪستان ٺهڻ بعد به 5 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين سازشون ٿينديون رهيون ۽ ان جنگ ۾ وڙهندڙ هزارين حر پاڪستان وجود اچڻ بعد ۾ جيلن ۽ لوڙهن ۾ رهيا، پير سائين پاڳارا پنهنجي روپوش مريدن کي پيش پوڻ ۽ جيلن ۾ قيد حرن کي عدالتن ۾ ڪيسن کي منهن ڏيڻ جو حڪم ڏنو ۽ انهن ائين ڪري اتان بيگناهه ثابت ٿي باعزت آزادي ماڻي، ان وقت حر جماعت انتهائي هيٺي حال ۾ هئي، سندن معاشي حالت انتهائي خراب هئي ۽ پير سائين پاڳارا پنهنجي مريدن جو اهڙو حال ڏسي ڪين معاشي طور مضبوط ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ دنيا ڏنو ته پنهنجي اهڙي حڪمت عملي تي عمل ڪندي سندس ڪوشش ۽ دعائن سان اڄ حُر جماعت





معاشي طور مضبوط بڻيل آهي.

پير سائين پاڳارا انگريزن جي بمباري سان تباهه ڪيل بنگلي ۽ حويلي کي نئين سر تعمير ڪرايو،درگاهه تي ڪم ڪرايو. ان سان گڏ درگاهه تي ديني تعليم شروع ڪرڻ لاءِ جامع راشديه جي نالي سان عظيم عاليشان ديني مدرسو ۽ سوريه بادشاهه لائبيري جو قيام عمل ۾ آندو بعد ۾ درگاهه تي ايندڙ مريدن لاءِ جن ۾ عورتن ۽ مريدن جي رهڻ لاءِ الڳ وڏا ايوان جوڙايا جتي هڪ ئي وقت لکين ماڻهو رهي سگهن ٿا، پاڻ ٻاجهه ڀريا هئا پاڻ ڪنگ ميڪر جي نالي سان به مشهور ٿيا، هر دور جا صدر ، وزير اعظم، وزير ، مشير سياستدان وٽن حاضريون ڀرائيندا هئا ۽ دعائون وٺندا هئا پاڻ هڪ ئي وقت لاتعداد خوبين جا مالڪ هئا، پاڻ اڪثر جيڪي به پيش گويون ڪندا هئا اهي تقريبن سچ ثابت ٿينديون هيون، پاڻ بهترين گهوڙيسوار، جانور، پکين، وڻن گلن سان پيار ڪندا هئا، وٽن حاضري لاءِ ويندڙ هر غير مريد ماڻهو سان اٿي ۽ هٿ ملائي ملندا هئا. پاڻ آل رسول "سيدن" جي وڏي عزت ڪندا هئا، سيدن کي مائٽ ڪري سڏيندا هئا، پاڻ دعائن جا در هئا، زنده ولي الله هئا، سندن دعائن سان ڪيترائي غريب ۽ عام ماڻهو وڏيون شخصيتون وڏا زميندار ۽ وڏا آفيسر بڻجي ويا. جڏهن ميڊيا تي چار ۽ ڪٻڙ جا وڻ تيزي سان وڍڻ جون خبرون آيون ته پاڻ فوري طور تي مريدن کي حڪم فرمايو ڪوبه مريد نه صرف چار ۽ ڪٻڙ جا وڻ نه وڍي پر ڪوبه وڻ سواءِ ضرورت جي ڪير به نه وڍي ۽ روڊن، رستن، سرڪاري زمينن تي بيٺل وڻن جي حفاظت ڪريون، انهن کي وڍڻ نه ڏيو، سندس اهڙي حڪم بعد چار ۽ ڪٻڙ جا وڻ ناياب ٿيڻ کان بچي ويا.

سيد شاهه مردان شاهه ثاني پير سائين پاڳارو جن کي جهڪي ملڻ ۽ هٿ چمڻ وارا ماڻهو پسند نه هئا، سندن فرمان هو ته اسين سڀ انسان آهيون، انسان جو انسان اڳيان جهڪڻ صحيح نه آهي. 1965ع ۾ 1971ع وارين ڀارت پاڪستان لڙاين ۾ سندن حڪم تي حر فورس ۾ سندن هزارين مريد حر مجاهد طور ڀرتي ٿي، ملڪ جي سرحدن تي جنگ جي ميدان ۾ اڳئين محاذ تي دليري سان مقابلو ڪيو، جڏهن ته انهن جنگين دوران پير سائين پاڳارا خود عمرڪوٽ ۽ ٻين جنگي محاذن تي پهچي محاذ تي وڃي نگراني ڪئي، پاڻ سنت رسول صه سان بي انتها محبت ڪندا هئا، سموري زندگي عشق رسول صه ۾ گذاري پاڻ

پڪا محب وطن روشن خيال سخي ۽ هر ڪنهن جو احترام ڪرڻ وارا هئا. نظر وجهبي جڏهن تہ حر جماعت جي ڊسيپلين جهڙو ڊسيپلين ٻي ڪنهن جماعت ۾ نظر نہ ايندو، سيد شاهہ مردان شاهہ ثاني پير سائين پاڳارا جهڙي شخصيت وري پيدا نہ ٿيندي، سندس وصال سان پيدا ٿيل خال پرجڻ مشڪل آهي.

## مشهور سياستدان رئيس غلام محمد ڀرڳڙي

آزادي واري تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ميرپورخاص ويجهو ڳوٺ جيمس آباد "هاٽوڪو ڪوٺ غلام محمد" ويجهو ڳوٺ ڏينگاڻ ۾ 1857ع ۾ هڪ وڏي زميندار جي گهر ۾ جنم ورتو، اهو دور اهو هو جڏهن انگريز سرڪار دوکي سان سنڌ ۾ پير ڄمائي سنڌ تي قبضو ڪري سنڌ واسين کي غلام بڻائي ڇڏيو هو. پاڻ ڏهن سالن جي ڄمار جو ٿيو تہ سندس والد جو انتقال ٿي ويو ۽ سندس ملڪيت قانون موجب ڪورٽ آف لارڊس جي سنڀال هيٺ آئي. پاڻ قرآن شريف گهر ۾ ئي پڳهار تي رکيل مولوي وٽ پڙهيو. بعد ۾ ڪيس حيدرآباد جي اڪيڊمي هاءِ اسڪول ۾ موڪليو ويو. اتان ڪان سنڌ مدرسي ۾ پڙهيو جتي پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي علي ڳڙهہ هليو ويو. جتي مئٽرڪ پاس ڪري ڳوٺ واپس اچي زميندار ۾ راڄ سنڀالڻ لڳو.

هڪ دفعي پاڻ ٻاهران ريل گاڏي ۾ اچي ڳوٺ وڃڻ لاءِ شادي پلي ريلوي اسٽيشن تي لٿو پر ان وقت وڏي برسات پئي. جنهن ڪري ڳوٺ وڃڻ مشڪل هو ۽ پاڻ اتي ڊاڪ بنگلي ۾ رهي پيو.ڪجهہ دير بعد روينيو کاتي جو ڪوتار آيو ۽ چيو تہ ڊويزن جو اسسٽنٽ ڪليڪٽر صاحب اچي پيو ان ڪري بنگلو هاڻ جو هاڻ خالي ڪريو. ان تي رئيس غلام محمد ڀرڳڙي چيو تہ برسات پئجي رهي آهي. ٻار ٻچا گڏ آهن. بنگلو وڏو آهي. اسان تہ هڪ ڪمري ۾ آهيون اهڙو جواب انگريز آفيسر کي ڏکيو لڳو ۽ رئيس ڀرڳڙي خلاف سازشون شروع ڪيون ويون. چاڪاڻ تہ سنڌ ۾ وڏا وڏا ڏنگ زميندار، وڏيرا انگريز آفيسرن آڏو پير اگهاڙا ڪري ويهندا هئا ۽ اتي ڪنڌ جهڪائي غلام وانگر ويهندا هئا.

رئيس اهڙي صورتحال کي ڏسندي بئريسٽري پڙهڻ لاءِ لنڊن هليو ويو. جتي سندس ملاقات ان وقت هندستان جي آئين لاءِ جدوجهد ڪندڙ گوکلي سان ٿي ۽ ان سان ملاقات، ڪچهرين مان هن گهڻو





ڪجهہ حاصل ڪيو. رئيس ڀرڳڙي اتان ڪان 1908ع ۾ بئريسٽري پاس ڪري واپس موٽي آيو ۽ انهي زماني ۾ منٽو مارلي اصلاحن جي ڪري جيڪا اسيمبلي چونڊي ان ۾ رئيس زميندارن ۽ جاگيردارن جي سيٽ تي چونڊجي بمبئي ليجسليٽو اسيمبلي جو ميمبر ٿيو.

سندس ڪوشش ۾ شاندار ڪردار جي ڪري سنڌ کي سياسي طور سنڌ ۾ هندستان کي پاڻ ۾ ڳنڍي ڇڏيو. ان زماني ۾ رئيس ڀرڳڙي حڪمرانن تائين آواز پهچائڻ لاءِ الامين اخبار شايع ڪئي ۽ پاڻ هڪ ٻي اخبار سنڌواسي جي مالي مدد بہ ڪئي ۽ پاڻ بہ الامين اخبار ۾ ان وقت جي سياسي صورتحال عوام سان گورن پاران ٿيندڙ ظلم ، زيادتين خلاف ۽ عوام ۾ شعور ڏيڻ لاءِ مضمون لکڻ شروع ڪيا.

سنڌ جي بمبئي کان عليحدگي جي سڀ کان پهرين تحريڪ جو آغاز رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ۽ سيٺ هرچند راءِ ڪيو ۽ ان جو باقائده مطالبو 1913ع ۾ ڪراچي ۾ ٿيل آل انڊيا ڪانگريس ۾ ڪيو ويو. رئيس ڀرڳڙ ڪانگريس جي ٿيندڙ ساليانہ جلسن ۾ سنڌ مان وفد وٺي شريڪ ٿيندو هو. پاڻ قائداعظم محمد علي جناح جو گهرو دوست هو. 1917ع ۾ ايني بيسنت انڊين نيشنل ڪانگريس کي سرگرم ڪيو ۽ پاڻ ان جي صدر ۽ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي کي جنرل سيڪريٽري ڪيو ويو. هي تحريڪ صوفيانہ تحريڪ هئي. سندس خلافت تحريڪ ۾ شاندار جدوجهد ڪردار جي ڪري ڪيس خلافت تحريڪ جو يڪراءِ سان صدر چونڊيو ويو. سندس سياسي بصيرت ۾ وڏي مدبر، دانشوريءَ جو اندازو سندس مارچ 1993ع ۾ مسلم ليگ جي لکنوءَ واري ساليانی اجلاس ۾ سندس ڪيل تقرير مان لڳائي سگهجي ٿو. جتي پاڻ چيو تہ "ڪي ماڻهو مشرقي قومن جي ليگ جي خيال کي هڪ خواب ڪري ٿا سمجهن. پر مون جڏهن ايشيا آفريڪا تي يورپ جي ظلم ۽ ڏاڍ کي محسو ڪيو اڇي چمڙي وارن جو ڪارن ماڻهن سان ورتاءُ ڏٺو ۽ ڪن مغربي ملڪن ۾ مون کي رنگ ۽ نسل جي متڀيد جو تجربو ٿيو. تڏهن آئون چٽي طرح ڏسان ٿو تہ اهو خواب جلد ئي حقيقت جو روپ وٺندو. ايشيا ايشائي ماڻهن لاءِ جو خيال پڻ پيدا ٿي چڪو آهي. هندستان جي جاءِ بلاشڪ انهي برداري ۾ آهي ۽ آئون محسوس ڪريان ٿو تہ پنهنجي پکيڙ آبادي ۽ وسيلن جي ڪري هڪ ڏينهن انهن کي ان ۾ عزت واري جاءِ ملندي.

پاڻ سنڌ ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ هر طرح سان ڪوشئون ڪيون. ڇاڪاڻ تہ ان وقت سنڌ ۾ تعليم جي حوالي سان تمام گھٽو پوئتي پيل هئي. پاڻ مشهور ڪانگريس اڳواڻ فيروز مهتا سان گڏجي اسيمبلي ۾ رٿ رکي تہ سنڌ جي وڏيرن ڪان هڪ آنو ٽئڪس ورتو وڃي ان رقم مان سنڌ ۾ تعليمي ادارا کوليا وڃن تہ جيئن سنڌ بہ تعليم ماڻي باشعور ۽ سمجھہ ڀري ٿي پوي ۽ ويهن صدي جي نون فڪرن ۽ آسائشن کان واقفيت ماڻي خوشحال ۽ آزاد ٿي سگھي. سندس اهڙي رٿ تي هڪ ڪاميٽي جوڙي وئي پر پيرڳڙي صاحب جي اهڙي ڪوشش تي ڪجھہ وڏيرن پاڻي ڦيري ڇڏيو.

رئيس غلام محمد پيرڳڙي وڏيرن جي هارين ڪان ورتل بيگرن خلاف بہ رٿ پيش ڪري ڪميٽي جوڙائي وڏيرن جي ڇيڙن بيگرن کان جان ڇڏائي سنڌ ۾ اڪثريتي وڏيرن جو هن جديد دور ۾ بہ هارين، علائقي جي غريب عوام سان رويو نيڪ نہ آهي. اڄ بہ اڪثريتي وڏيرن جي ڪردارن تي آڱريون ڪڄن ٿيون پر ماضي ۾ وڏيرا اڇي ڪاري جا مالڪ هئا. انگريز آفيسرن جون دعوتون ڪرڻ، انهن جي غلامي ڪرڻ ڪري هنن انگريز سرڪار کان نہ صرف لقب ورتا پر جاگيرون ۽ پيون مراعتون ورتيون، ان ڪري سنڌ جي اڪثريتي عوام خاص طور ساڃاهہ وند ڏريون وٽ تصور صحيح نہ هو.

سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ رئيس غلام محمد پيرڳڙي بابت لکي ٿو تہ ”رئيس 20 صديءَ جي شروعات جو اهو مدبر اڳواڻ هو جنهن پنهنجي آئيني سياسي جدوجهد ذريعي نہ رڳو سنڌ کي سياسي طرح پوري هندستان سان ڳنڍي ڇڏيو پر پاڻ بہ هندستان جي سياست تي هڪ روشن ستارو ٿي اڀريو. سچ تہ اهو آهي تہ سنڌ جي داد رسي ڪرڻ لاءِ جڏهن پيو ڪو بہ نہ هو تڏهن رڳو رئيس غلام محمد پيرڳڙي هو. اهو بهادر اصول پرست دور انديش مدبر ۽ آزاد خيال انسان جيڪو ڪڏهن سياست کي مذهب سان گڏ ڪرڻ پسند نہ ڪندو هو. ان پنهنجي هڪ خط ۾ سيٺ عبدالله هارون کي نهايت صاف گوئي ۾ سمجهاڻي جي انداز ۾ مذهب ۽ سياست جي وچ ۾ واضح لڪير ڪيندي لکيو هو تہ ”سيلف گورنمينٽ حاصل ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو هجڻ گهرجي؟ منهنجي نظر ۾ هڪ دنيوي سياسي مسئلو آهي تنهن ڪري ڪنهن مذهبي مسئلي کي ان ۾ شامل ڪرڻ موقعي





پرستي ۽ اٽوٽندڙ حرڪت آهي.

رئيس غلام محمد پيرڳڙي وڏو سخي، مهمان نواز هو، هارين کي اولاد وانگر سمجهندو هو، ڳوٺ ايندو هو تہ هاري، علائقي جا عام ماڻهو ۽ دوستن جو ميڙو مچي ويندو هو، پاڻ مينگهواڙ، ڀيل، ڪولهي هارين سان بہ گڏ هيٺ پٽ تي ويهي رهاڻيون ڪندو هو.

16 سالا سياسي زندگي ۾ هن آزادي واري تحريڪ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هن سنڌ واسين جي حقن، مسئلن خاص طور تعيلم جي واڌاري لاءِ وڏيون شاندار ڪوششون ڪيون، پاڻ 19 مارچ 1924ع تي جواني ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. رئيس غلام محمد پيرڳڙي جهڙو جرئتمند ۽ مدبر سياستدان پاڪستان جي آزادي وقت حياتي هجي ها تہ ملڪ جو ورهاڱو ان عجيب انداز ۾ نہ ٿئي ها. سنڌ جي ڏاهي رسول بخش پليجو سميت مختلف دانشورن ، سياستدانن، رئيس غلام محمد پيرڳڙي بابت جيڪي آرٽيڪل لکيا آهن انهن ڇٽي طرح لکيو آهي تہ جيڪڏهن رئيس پيرڳڙي ملڪ جي ورهاڱي وقت زنده هجي ها تہ هن ملڪ جو نقشو ڪجھہ ٻيو هجي ها ۽ سنڌ جا هي حال نہ هجن ها. سندس آخري آرامگاهہ اباڻي ڳوٺ جي پيرڳڙي قبرستان ۾ آهي. 2004ع ڌاري سائين جي ايم سيد جي فرزند سين امداد محمد شاهہ سندس قبر ٽائيل سان خوبصورت انداز ۾ ٺهرائي. کيس 2 فرزند غلام رسول پيرڳڙي ۽ غلام مصطفيٰ پيرڳڙي هئا جيڪي وصال ڪري ويا آهن جن جو اولاد موجود آهي، رئيس غلام محمد پيرڳڙي بابت سنڌ جي تقريبن سڀن اديبن، دانشورن لکيو آهي سندس زندگي بابت ڪجھہ ڪتاب ۾ ڇپيا آهن جن ۾ سابق سيڪريٽري ايريگيشن محمد هاشم لغاري جامع ڪتاب لکيو آهي. افسوس ان ڳالهہ جو آهي تہ غلام محمد پيرڳڙي سميت تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ ڪيترن ئي سنڌ جي سڄڻ شخصيتن کان نئون نسل اڻ واقف آهي.

ماخن-پيغام رسالو، جني گذاريم جن سي، آفتاب اخبار، نئين زندگي فاني جڳ- لافاني ماڻهپو مرتب، حميد سبزوئي

## سيد غلام شبير شاهہ لطيفي

پٽ ڏٽي جي ميلي تي ننڍي هوندي کان بابا، چاچا ۽ مامن سان گڏ ويندو هيس پر ميلي جي آخري ڏينهن تي صبح جو دعا خير ۾ سجاده نشين پاران لطيفي حال وسيلا پائي درگاهہ تي اچي زيارت

ڪرائڻ واري رسم ۾ پهريون دفعو 1980ع ۾ ڀٽ شاهه جي صحافي دوست علي اڪبر سان گڏجي ويو هيس جتي پهريون دفعو لطيف سائين جي سجاده نشين سيد غلام شبير شاهه جو ديدار نصيب ٿيو. 1985ع کان صحافي جي حيثيت سان لطيف جي ميلي جي ڪوريج لاءِ وڃڻ شروع ڪيو ۽ اڄ تائين اهو عمل خدمت واري جذبي تحت جاري آهي. ميلي جي آخري ڏينهن تي دعا واري رسم ۾ هر سال ڪوشش ڪري شريڪ ٿيندو رهيو آهيان. انشا الله جيستائين حياتي آهي، ايستائين اهو سلسلو جاري رهندو. سائين غلام شبير شاهه سان منهنجو تعارف 1993ع ۾ لطيف سائين جو ڪلام پيغام عام ڪرڻ لاءِ شايع ٿيندڙ ميگزين جي اجازت وٺڻ لاءِ ٿي ملاقات پيچ پٽائي ميگزين جو پهريون شمارو کڻي علي اڪبر ساند سان گڏ وٽن، حاضر ٿي پيش ڪيم، اهو ڏينهن عرس مبارڪ وچين ڏينهن واري ڌمال وارو هو، مريدن جي رش هئي انڪري تفصيلي ملاقات نه ٿي سگهي، عرس مبارڪ کان هفتو بعد جڏهن ڀٽ شاهه پهتس ته علي اڪبر ساند ٻڌايو ته سائين غلام شبير شاهه اوهان کي ياد ڪري ٿو، مون کي حڪم ڪيو اٿن ته نور سنڌي هاڻ جڏهن به اچي ملاقات ڪرايو. ان ڏينهن اتفاق سان ريڊيو پاڪستان جو اشرف بلوچ ۽ جهول جو ليکڪ صحافي مسڪين محمد وارث خاصخيلي به اتي آيل هئا اسان گڏجي سائين وٽ حاضر ٿياسين پاڻ پيچ پٽائي ميگزين شايع ڪرڻ تي مبارڪ ڏني ۽ خوشي جو اظهار ڪندي چيو ته ان ميگزين جي ضرورت هئي پاڻ فرمايو ته ڪافي سال اڳ اللطيف ميگزين شايع ٿيندي هئي جيڪا بعد ۾ بند ٿي وئي پاڻ ڪوڙ ساريون دعائون ڏنيون ۽ اسان جي خواهش تي فوٽو به اسان سان گڏ ڪڍرايا ان بعد سائين وٽ حاضرين جو سلسلو شروع ٿيو، ڀٽ شاهه جڏهن به ايندو هيس ڪوشش هوندي هئي ته وٽن حاضري ڪريان سندس طبعيت ٺيڪ هوندي هئي ته ڪافي وقت مختلف موضوع تي ڪچهري ڪندا هئا. ڪافي دفعا سندس طبعيت صحيح نه هئڻ ڪري ملاقات نه ٿي سگهندي هئي لطيف سائين جي عرس مبارڪ جي آخري ڏينهن تي وٽن حاضري ضرور ڪندو هيس ۽ پيچ پٽائي ميگزين جون ڪاپيون سندن خدمت ۾ پيش ڪندو هئس پاڻ مريدن پاران ڏنل مٺاين مان چند مٺائي جا ڊٻا کڻي مون کي ميلي جي مٺاڻي طور ڏيندا هئا ۽ 500 کان 1000 رپيا تائين ميلي جي خرچي طور به ڏيندا هئا. شروع ۾





ميلي جي خرچي وٺڻ کان انڪار ڪيو ته پاڻ چيائيون ته هي دعا جا آهن، انڪار نه ڪندو ڪر پاڻ عام پيرن کان مختلف هئا. پاڻ فقير منش انسان هو. پاڻ فرشتي نما انسان هو. پاڻ اڪثر ڪارو ويس پائيندا هئا. پاڻ لطيف سائين جي 33 سال سجاده نشين رهيا، پاڻ شاهه لطيف فائونڊيشن به جوڙي ۽ ان کي رجسٽرڊ ڪرايو، ان جون سرگرميون نه صرف سنڌ، پاڪستان پر دنيا ۾ ڦهلايون خاص طور ڀارت ۾ پاڻ اتي وڃي لطيف جي عقيدتمندن سان ملاقات به ڪئي. پاڻ بهترين حڪيم به هئا. جڏهن کان سندس طبعيت ناساز رهي ان ڪانپوءِ شاهه لطيف فائونڊيشن جون سرگرميون گهٽائي ڇڏيون. روحاني سفر به گهٽ ڪندا هئا ۽ وڏي بنگلي تي به گهٽ ايندو هئا، هتي صرف 2 يا 3 دفعا ايندا هئا. جتي مريدن سان ملندا هئا ۽ ايندڙ بيمارن کي حڪمت جا نسخا به لکي ڏيندا هئا پاڻ راڳ جو وڏو ڄاڻو هو. ڪلاسيڪل نيم ڪلاسيڪل راڳ جي ڪين وڏي ڄاڻ هئي. پاڻ ڪيترائي ڀيرا زنواري به ڪئي، تاريخ، فلسفي ۽ مذهبي ڪتابن سان دلچسپي رکندا هئا. وٽن ننڍڙي لائبيري به هئي سندس ڳالهائڻ جو انداز متاثر ڪندڙ هو. پاڻ لطيف سائين جي ڪلام پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ هر طرح سان ڪوششون ڪيون پاڻ شروع ۾ درگاهه تي لطيف سائين جو جشن ولادت ملهايو پاڻ غريبن جا همدرد هئا، انتهائي پرهيز گار هئا. لطيف جي ڪلام تي عبور حاصل هئن، جڏهن فون جو دور نه هو ته وٽن مريدن دوستن جي خطن جا روزانو رات جو جواب لکائيندا هئا. مريدن علائقي جي ماڻهن جي ڏک سک ۾ باقاعده شرڪت ڪندا هئا. جيستائين سندن صحت اجازت ڏني پاڻ درگاهه جي ترقي توسيع جي حوالي سان به اهم ڪردار ادا ڪيو. 1963ع ۾ جڏهن صدر ايوب ڀٽ شاهه جي عرس مبارڪ تي آيو ته سيد غلام شبير شاهه جي چوڻ تي ڀٽ شاهه کي يونين ڪائونسل جو درجو ڏنو ۽ ترقياتي ڪمن لاءِ فنڊ جو پڻ اعلان ڪيو. 1954ع ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي قيام جي حوالي سان سندس ڪردار رهيو،سندس خواهش تي پيرزادو عبدالستار مرحوم ثقافتي مرڪز جي پيڙهه جو پٿر رکيو اهو مرڪز لطيف جو ڪلام پيغام عام ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. جتي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جو بنياد پيو. اتي ڪافي گهر هئا. جيڪي گهر ڏٺي خالي ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا ۽ اهو اهم مسئلو هو ليڪن سيد غلام شبير شاهه خوش اصلوبي سان حل ڪرايو پاڻ 54ع

کان 70ع تائين ثقافتي مرڪز جا ميمبر به رهيا. 54ع ۾ پاڻ هڪ ماهوار رسالو اللطيف جو اجراءُ به ڪيو. 1960ع ۾ ان جي ايڊيٽر سيد وڏل شاهه جي وفات بعد اهو رسالو بند ٿي ويو. پاڻ درگاهه تي مجلسون به پڙهندا هئا. جڏهن سندن طبعيت صحيح هوندي هئي لطيف سائين جي ملاکڙي ۾ ڪيترائي ڪلاڪ ويهي ملهن کي انعام ڏيندا هئا. پاڻ پٽ شاهه جي وچين پڙ جا سنپالينڊڙ به هئا. پاڻ وڏا اعزادار هئا. پنهنجي پڙ تي نغار به وڄايا ۽ سندن نغارا وڄائڻ واري وڄت پيو ڪونه ڪري سگهندو،درگاهه تي ڏکڻ طرف زائرين لاءِ مسافر خانو پنهنجي نگراني ۾ ٺهرايو پاڻ 19 اپريل 2003ع تي پاڻ لطيف جي عرس مبارڪ جي پڄاڻي واري ڏينهن تي ڏاڳن واري ۽ دعا واري رسم ۾ شريڪ ٿيا. رات جو سندن طبعيت خراب ٿي وئي۽ رات 12 وڳي سندن روح پرواز ڪري ويو، سندن آخري آرام گاهه شاهه حبيب جي مزار ۾ اندر آهي.

## حضرت مخدوم امين فهيم جون يادون

مونکي ان ڏينهن جا ڌنڌلا عڪس اڄان به ذهن جي پردي تي ڪنهن فلمي سين جيان هلن ٿا، جڏهن آئون 12 سالن جو هيس ته اسان جي ڳوٺ ملدسي ۾ منهنجي چاچي حاجي محمود جي اوطاق تي مخدوم امين فهيم روحاني سفر دوران تشريف فرمان ٿيا هئا ۽ منهنجي والد الهه بخش مون کي پير ڪوڙل قريشي معرفت سائين مخدوم امين فهيم سامهون ذکر ڏئي مريد ڪرڻ لاءِ پيش ڪيو هو. پاڻ منهنجي هٿن ۾ هٿ ڏئي ذکر ڏنو ته هر طرف مبارڪباد جاآواز اچڻ لڳا، ان بعد حضرت مخدوم نوح رحه جي ساليانه 6 ماهي ڪڏهن سهائي سومار تي والد سان ڪڏهن چاچا سان گڏ هالا وڃڻ ٿيندو هو جتي سندن ديدار ٿيندو هو. مون جڏهن مخدوم طالب المولیٰ جي حڪم تي هالا مان صحافت شروع ڪئي ته صحافين خاص طور عبدالڪريم ميمڻ، اڪرم قائمخاني، يوسف وارثي، انور هالائي، مشتاق ميمڻ ۽ ٻين سان گڏ ساڻن حاضري ٿيندي هئي، ساڻن پهريون تعارف عبدالڪريم ميمڻ صحافي ڪرايو. ان بعد سروري تنظيم جي ڪنوينشن ۾ مخدوم طالب المولیٰ امين سائين کي منهنجي هر طرح سان پارت ڪئي هئي جڏهن به سندس حاضري ٿيندي هئي يا ڪا پريس ڪانفرنس يا ڪو به پروگرام هوندو هو، جن ۾ پاڻ شريڪ ٿيندا هئا ته آئون ، ادب وچان پري کان هٿ ٻڌي سلام



ورق ورق گلاب

ڪندو هيس ته پاڻ هجت واري انداز ۾ حال احوال معلوم ڪندا هئا. مخدوم طالب المولیٰ جي هر ورسي تي سروري پبليڪشن پاران شايع ڪيل ميگزين کين ڏيندو هيس ته پاڻ منهنجي انهن خدمتن تي خوشي جو اظهار ڪندي دعا ڪندا هئا. پاڻ بيباڪ سياستدان، ملڪ جي اهم سياسي شخصيت، مشهور شاعر، سماج سڌارڪ هئا. پاڻ لکين مريدن جو روحاني پيشوا هئڻ جي باوجود فقير منش شخصيت هو. وڏي سهپ وارو وفا جو پيڪر ، عوام دوست، دشمن کي به معاف ڪري ڇڏڻ وارو هو پاڻ ڪيترن رنگن ۾ رڱيل هو، پاڻ 4 آگسٽ 1939ع مطابق 17 جمادي الثاني 1358هه جمع ڏينهن حضرت مخدوم نوح رحه جي 17 سجاده نشين مخدوم محمد الزمان طالب المولیٰ جي گهر ۾ جنم ورتو، پاڻ چار درجا سنڌي ۽ قرآن شريف خانگي طور گهر ۾ حاصل ڪيا، ڇهين کان ميٽرڪ تائين مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا مان انٽر سروري اسلاميه ڪاليج هالا ۾ بي اي پوليٽڪل سائنس ۽ ايل ايل بي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائون پاڻ شاعري والد کان متاثر ٿي 1952ع کان شروع ڪئي، شاعري ۾ تخلص پهرين امين استعمال ڪيو بعد ۾ کين والد گرامي جن کان فهيم تخلص مليو، پاڻ سياسي سفر جو آغاز 66ع ۾ ٽائون ڪميٽي هالا جي چيئرمين جي حيثيت سان شروع ڪئي، پاڻ 1970ع ۾ ايم پي اي ۽ 7 ڀيرا ايم اين اي چونڊيو پاڻ ايجوڪيشن سوسائٽي هالا جا وائيس پريزيڊنٽ، اورينٽل ڪاليج هالا جا وائيس پريڊنٽ به رهيا، پاڻ والد جي نالي سان بزم طالب المولیٰ جو بنياد رکي ان پليٽ فارم تان ادبي سرگرميون شروع ڪرايون هالا ڪانسواءِ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ مشاعرا، ادبي ڪانفرنسون ڪرايون، پاڻ بزم جا صدر رهيا، پاڻ شاعري ۾ وڏو نالو ڪيرايو. سندس شاعري جو هڪ مجموعو شايع ٿيل آهن، جنهن ۾ غزل ، ڪافيون شامل آهن. پاڻ لاتعداد ڪتابن جا مهاڳ ۽ مقدما به لکيا جڏهن ته اڻ ڇپيل شاعري به وڏي تعداد ۾ ڇڏي ويا آهن، سندن شوقن ۾ شاعري، ادب موسيقي، شڪار فوٽوگرافي شامل رهي ،سندن پهرين شادي اچ شريف ۾ 19 سالن جي ڄمار ۾ ٿي. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو ايوب خان سان اختلاف ڪري پ پ جو بنياد وڌو اهو دور 69ع جو هو ان زماني ۾ سندس ملاقات ذوالفقار علي ڀٽو سان ٿي ۽ ڀٽو صاحب کيس پ پ ۾ سياست ڪرڻ جو شوق جاڳايو ته پاڻ والد کي پ پ ۾ شامل ٿيڻ ۽ کين

سياست ڪرڻ جي اجازت لاءِ عرض ڪيو،سندس خواهش ڪي ڏسندي مخدوم طالب المولىٰ کين اجازت ڏني پر کين چيو تہ پٽ ثابت قدمي شرط آهي ۽ پاڻ والد جي ان شرط کي ذهن ۾ رکي سياسي سفر شروع ڪيو ۽ هڪ سال بعد هالا جي محفل سينيما ۾ پ پ جو پهريون 3 روزه ڪنوينشن گهرايو جنهن جي ذوالفقار علي ڀٽو صدارت ڪئي، پاڻ پارٽي ۾ نہ صرف ثابت قدم رهيو پر ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت جنرل ضياءُ جو پ پ کي ختم ڪرڻ وارو خواب ساڀيا ٿيڻ نہ ڏنو ان لاءِ سندس ۽ سندس خاندان جون قربانيون ياد رهنديون جو پارٽي کي بچائيندي مخدوم خليق الزمان جهڙو نازڪ نفيس ماڻهو ڪيترائي سال جيل ۾ رهيو، مخدوم امين فهيم ۽ سندس خاندان وارا نہ صرف پارٽي سان وفادار ثابت قدم رهيا پر عوام ۾ اتساهہ پيدا ڪيو پ پ جي شروعاتي ڏينهن ۾ مخدوم امين فهيم سڄي سنڌ ۽ سرائيڪي پٽي جا دورا ڪيا نہ صرف سروري جماعت جي لکين ماڻهن پر واسطيدار ماڻهن کي بہ پ پ ۾ شامل ڪيو، پاڻ 88ع ۾ مواصلات ڪاتي جا 93ع ۾ هائوسنگ تعميرات 2009ع ۾ واپار جو وفاقي وزير رهيا پاڻ وفاقي وزير رهڻ دوران نہ صرف مٽياري ضلعي پر سنڌ ۽ سڄي ملڪ جي هزارين نوجوانن کي تعليم لياقتن آهر نوڪريون ڏنيون. نواز شريف، پرويز مشرف جي دور ۾ پ پ جي وزيرن خلاف ڪرپشن، سرڪاري فنڊن جي غلط استعمال جا ثبوت هٿ ڪري سندن ڪاتن جا فائيل کوليا ويا. پر مخدوم امين فهيم خلاف ثبوت هٿ نہ آيا. نواز شريف دور ۾ مخدوم امين فهيم خلاف جيڪي ڪرپشن جا الزام لڳائي ڪيس داخل ڪيا ويا. سروري جماعت ۽ مخدوم خاندان ان کي مخدوم امين فهيم خلاف سازش قرار ڏين ٿا. جڏهن شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جلاوطن ٿي وئي اهو دور پ پ لاءِ ڏاڍو ڏکيو هو پر دنيا ڏٺو تہ پ پ کي بچائيڻ وارو مخدوم امين فهيم هو ۽ ان دور ۾ محترم بينظير ڀٽو پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرز رجسٽرڊ ڪرائي، مخدوم امين فهيم کي ان جو چيئرمين مقرر ڪيو. ڪيس مليل اها ذميواري پاڻ باقاعده نڀائي ۽ نہ صرف پارٽي کي بچايو پر سرگرم رکيو ۽ پ پ وارن جي مالڪي ڪئي ۽ اتساهہ پيدا ڪيو پرويز مشرف دور ۾ مشرف ڪيس ملڪ جو وزير اعظم بنائڻ جي آفر ڪئي، هيڏو وڏو منصب کي پاڻ ٺڪرائي ڇڏيو، پاڻ پارٽي سان غداري نہ ڪئي. شهيد راڻي جڏهن جلاوطني ختم ڪري ملڪ ۾ اچي





سياسي سرگرميون شروع ڪيون تہ مخدوم امين فهيم هر هنڌ ساڻس سائي وانگر گڏ هو. ڪراچي ڪارساز واقعي ۾ کين پٽن ۽ مٿي ۾ ڌماڪي واري مادي جا ٽڪرا لڳا، شهيد راڻي جي شهادت بعد سڀني کي اهو يقين هو تہ مخدوم امين فهيم کي پ پ جو چيئرمين بڻايو ويندو چاڪاڻ تہ هن کان وڏيڪ پارٽي ۾ ڪنهن جون بہ قربانيون جدوجهد نہ هئي. ان جو اعتراف خود محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ مختلف پريس ڪانفرنسن ۽ جلسن ۾ ڪندي رهي ۽ پاڻ 2008ع جي رٿيل چونڊن کان اڳ اينڊڙ وزير اعظم مخدوم امين فهيم بنائڻ جو فيصلو ڪندي اهڙو اعلان بہ ڪيو محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت بعد سندس وصيت کي سامهون آندو ويو. شهيد راڻي شهادت بعد مخدومن امين فهيم کان سواءِ ڪوبہ ايڏي ليول جو پارٽي ۾ ليڊر نہ هو. پر شهيد راڻي جي خواهش پوري ڪندي وزير اعظم نہ بنايو ويو ان صورتحال تي سياسي حلقن ۾ اهو خيال ڪيو پئي ويو تہ مخدوم امين فهيم هاڻ پارٽي کان پاسيرو ٿي ويندو يا پارٽي ڇڏي ويندو پر پاڻ شهيدن جي پارٽي سان غداري نہ ڪئي پاڻ ثابت قدم رهيو وچ ۾ اهڙو دور بہ آيو تہ مخدوم امين فهيم پارٽي کان ناراض ٿيو، پر پاڻ والد جي ثابت قدم وارو شرط ذهن ۽ ضمير ۾ رکي ثابت قدم رهيو، ڪار ساز واقعي ۾ دماغ ۽ پٽن ۾ لڳل ڌماڪن واري مادي سان کين ڪينسر ٿي پيو. ٻاهرين ملڪن مان بہ علاج جاري هو پر سندن خواهش موجب کين سنڌ آندو ويو. جتي سائوٿ سٽي هاسپيٽل ۾ داخل ڪيو ويو جتي آخري وقت ۾ ڪوما ۾ هليو ويو ۽ پاڻ 21 نومبر 2015ع ۾ بمطابق 8 صفر المنظر 1437هہ ڇنڇر ڏينهن 76 سالن جي ڄمار ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. پاڻ حضرت مخدوم سرور نوح رح جن جي مزار ۾ سندن پيراندي کان سائين مخدوم امين محمد پکن ڏٽي جي ڀر ۾ سندن والد مخدوم طالب المولىٰ جن جي ساڄي طرف ڌرتي ماءُ جي هنج ۾ ابدي آرامي آهي. مشهور صحافي ڪالم، شاعر مولانا غلام محمد گرامي جي راءِ مطابق مخدوم امين فهيم جي شاعري جماليات جي ڀرپور ترجماني ڪري ٿي، سياست ۾ اچڻ بعد پاڻ شاعري گهٽ ڪئي ائين چئي سگهجي ٿو تہ پاڻ شاعري کي سياست تي قربان ڪيو. پاڻ عابده پروين، محمد يوسف، استاد منظور علي خان، مهدي حسن، مصري فقير، رونا ليلىٰ جهڙن فنڪارن کي پسند ڪندو هو، صبح جو سوير ننڊ مان اٿي اخبارن جو مطالعو ڪندو هو، سفر

دوران ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو. ڪين چانڊوڪي رات، برسات جي موسم، چيڪي مٽي جي خوشبو هلڪا رنگ، پسند هوندا هئا. سندن شاعري ڪيترن ئي فنڪارن ڳائي آهي انهن ۾ پين ڪان سواءِ عابده پروين رونا ليلي مصري فقير پڻ به شامل آهن پاڻ سياست سماجيات جي سموري رمزن ڪان واقف هئا پاڻ ملڪي سياست جا امين هئا.

## مولانا غلام محمد گرامي

مولانا غلام محمد گرامي سنڌي ادب ۽ صحافت جو روشن ستارو هو، پاڻ هڪ ئي وقت لاتعداد خوبين جو مالڪ هو، پاڻ ناميارو صحافي ليکڪ شاعر، عالم هو پاڻ روشن خيال انقلابي نظرئي جو حامي رهيو. پاڻ 10 ڊسمبر 1920ع ۾ ميندي ۽ مائو جي حوالي سان سنڌ ۾ مشهوري رکندڙ ميهڙ شهر ۾ جاڙو خان بلوچ جي گهر ۾ جنم ورتو، مختلف تعليمي ادارن، درسگاهن مان تعليم حاصل ڪئي. ننڍي هوندي ڪان علم ادب سان چاهه رهيس، سندس ناناڻا پلي پوٽا خاندان جا هئا. سندس نانو رحيم فقير پلي پوٽو مشهور صوفي درويش هو، پاڻ شروعاتي تعليم ميهڙ مان حاصل ڪئي. ان دور ۾ ميهڙ شهر علم ادب جو مرڪز هو. ڪنهن زماني ۾ ميهڙ فارسي ادب جو به مرڪز رهيو آهي. مولانا گرامي سنڌي سان گڏ فارسي، عربي جي به تعليم به حاصل ڪئي. پاڻ خلافت تحريڪ جي اڳواڻ مرحوم الحاج سيد علي اڪبر شاهه جي پاران حيدرآباد ۾ قائم ڪيل جامعہ عربيہ حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو جتي سندس مشهور اديبن، شاعرن سان ڄاڻ سڃاڻ ٿي جيڪا دوستي ۾ تبديل ٿي وئي. سندس علم ادب کي ڏسندي ڪيس سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي مهراڻ رسالي جو ايڊيٽر بنايو ويو. سندس ڪوشش سان اهو رسالو وڌيڪ بهتر انداز ۾ شايع ٿيڻ لڳو. پاڻ سينيئر ليکڪن سان گڏ نون لکندڙن جي لکڻين، شاعرن جي شاعري کي رسالي ۾ جاءِ ڏني ۽ ڪيترن ئي لکڻين تي همٿايو. پاڻ لبرل عالم، مبلغ، علم، ادب، ثقافت، تصوف، فلسفي، سياست، راڳ تي بهترين انداز ۾ لکيو، مولانا ٿي ڪري ان بهتر جديد ۽ روشن خيالات سان لکڻ ڪيترن ئي ماڻهن کي هضم نہ ٿيو ۽ سندس لبرل انقلابي لکڻين سان اختلاف رکندڙن سندس خلاف ڪيترائي ڪتاب لکيا. رسالن، اخبارن ۾ قسط وار مضمون هلايا. هن خلاف فتوائون جا جهڙوڪ دفتر کوليا ويا ليڪن پاڻ پنهنجي مقصد تان نہ هٽيو، سندس





چوڻ هو تہ مقصد، تحقيق ۽ تصديق جي اهڙي مقام تي پهچڻ گهرجي جتي هماليہ هٿي سگهي پر عقيدي ۾ ڪو بہ فرق نہ اچڻ گهرجي.

سندس ٽماهي مهراڻ ۾ جيڪي ايڊيٽوريل لکيل آهن اهي سندس علمي گهري ڄاڻ جا عڪس آهن. سندس تحريرن ۾ فڪر انگيز خيال شامل آهن. سندس تحريرون پڙهڻ سان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ پاڻ ڪڏهن بہ جذباتي ٿي نہ لکيو آهي. سندس لکڻين ۾ تشبيهات، اشارات، وڌيڪ استعمال ڪيا آهن. پاڻ بهترين شاعر بہ هو. پاڻ جامع عربيہ ۾ استاد رهڻ بعد ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ فارسي جو استاد رهيو. پاڻ صحافت 43ع ۾ هلال پاڪستان ڪان شروع ڪيائين. عبرت ۾ ڪالم لکڻ سان گڏ رسالا آفتاب ڪراچي، عرفان لطيف حيدرآباد ۾ بہ لکيو. پاڻ مخدوم طالب المولىٰ پاران جاري ڪيل اخبارن، پاسبان، هالا، الزمان هالا ۽ ميرپورخاص مان شايع ٿيندڙ ترجمان اخبار جو ايڊيٽر بہ رهيو. بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ آيو ۽ رسالي مهراڻ جو مئنيجنگ ايڊيٽر ٿيو. جڏهن تہ پاڻ شاعر ۽ رسالي الرحيم جو بہ ايڊيٽر رهيو. پاڻ سڄي حياتي علم، ادب، صحافت جي دنيا ۾ نہ وسرندڙ خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ بي ڊپو دلير انسان هو.

سندس اديب شاعر دوستن ۾ مخدوم طالب المولىٰ، عثمان علي انصاري، شمشير الحيدري، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ بہ شامل آهن. پاڻ وياسي وينجهار ۽ هڪ ڏينهن جي ڳالهہ ۽ پين عنوانن سان خوبصورت ۽ منفرد ڪالم لکيا ۽ پاڻ جيڪا سنڌي شاعري ۾ نواڻ آندي ان تي اسان ترقي پسند نسل کي صدين تائين ناز رهندو. پاڻ فقير منش، ننڍي وڏي سان پيار ڪندڙ اڻ واقف سان بہ ان انداز ۾ ملندا هئا جهڙو پراڻو واقفڪار هجي. پاڻ ڪيترن ئي خوبين جا مالڪ هئا. پاڻ پنهنجي ذات ۾ مڪمل ادارو هئا. پاڻ فلسفي اخلاقيات معاشيات، سياست، مذهب، فقہ، علم، ادب جي مڙني ميدانن جو عظيم شهوار هو. 15 سيپٽمبر 1976ع ۾ پاڻ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

## خاتون اول بيگم نصرت ڀٽو

شهيدن جي وارث بيگم نصرت ڀٽو سان پهرين ملاقات سندس پياري پٽ شاهنواز ڀٽو جي شهادت تي المرتضيٰ هائوس لاڙڪاڻو تي تعزيت ڪرڻ وقت ٿي، پاڻ انتهائي ڏکويل هئي. پنهنجي ور جي

شهادت بعد سندس پٽ جي شهادت سندس جيءُ جهوري ڇڏيو هو، ساڻس ٻي ملاقات ٻڌراج ڪالوني حيدرآباد ۾ مخدوم جميل الزمان جي شادي جي مختصر تقريب، جنهن ۾ مخدوم خاندان جي انتهائي ويجها ماڻهو مدعو ڪيل هئا ان دعوت ۾ پاڻ شريڪ ٿيون ۽ مخدوم طالب المولیٰ ۽ مخدوم خاندان جي ٻين فردن کي مبارڪباد ڏني، ساڻس ٽي ملاقات مخدوم طالب المولیٰ جي وصال تي مخدوم هائوس هالا ۾ ٿي پاڻ محترمه بينظير ڀٽو سان گڏ تعزيت لاءِ آئي هئي. ان موقعي تي سندس نيڻ ان وقت آلا ٿي ويا، جڏهن محترمه بينظير پنهنجي والد جو ذڪر ڪيو ۽ اهو چيو ته والد جي شهادت بعد مخدوم طالب المولیٰ نه صرف پارٽي کي قائم رکڻ لاءِ سرگرم رکڻ لاءِ ڪوشسون ڪيون پر مون کي والد جهڙو پيار ڏنو. بيگم نصرت ڀٽو سان باقائيده واقفيت مير مرتضيٰ ڀٽو جي وطن ورڻ بعد 70 ڪلفٽن تي ٿي. ان دور ۾ پاڻ پريشاني ۾ روتل هئي. ڇاڪاڻ ته بينظير ڀٽو ۽ مرتضيٰ ڀٽو ۾ سازشن تحت اختلاف پيدا ڪيا ويا ۽ اها سندس لاءِ آزمائش وارا ڏينهن هئا. ته هو ڪنهن جو پاسو وٺي. هن ڪوششون به ڪيون ٻيڻ ڀاءُ کي ٺاهڻ جون پر ڪامياب نه ويون بيگم نصرت ڀٽو رحم دل، سخي، ٻاجهاري ذهين ۽ پاڪستان جي پهرين خاتون هئي، جنهن ڀٽو صاحب جي دور ۾ خاتون اول جو لقب ماڻيو. پاڻ ور ۽ بعد ۾ ٻن جوان پٽن جا لاش ڪنيا، سندس جيءُ جهري پيو هو. پر پاڻ همٿ نه هاري، جنرل ضياءُ جي آمريت واري دور ۾ نه صرف پارٽي جي قيادت سنڀالي پر آمريت خلاف جدوجهد ڪئي ۽ عوام ۾ وڏو اتساهه پيدا ڪيو. ڪڏهن به صبر جو دامن هٿان نه ڇڏيو، نصرت ڀٽو جو والد مرزا محمد عراق جو شهر شاهه نجف ۾ ڄائو هو، جيڪو واپاري هو. ۽ پاڻ ڪاروبار سانگي اصفهان جي تاريخي ثقافتي سونهن جي پيٽي نظر هن شهر کي يونيسڪو پاران ورلڊ هيريٽج قرار ڏنو، هن شهر کي تصف جهان به سڏيو ويو اتي اچي رهيو، جتي نصرت ڀٽو 23 مارچ 1929ع ۾ جنم ورتو. سندس والد جڏهن هندستان گهمڻ ويو ته بمبئي شهر سندس دل کي ڀائي ويو ۽ پاڻ اصفهان مان لڏي اتي اچي رهيا، جتي صابڻ جو ڪارخانو لڳايو، بيگم نصرت ڀٽو ابتدائي تعليم ڪان وٺي سنيئر ڪيمبرج پاس اتي ڪيائين ۽ انهي ڪاليج مان نصرت ڀٽو فوجي ٽريننگ به حاصل ڪئي، نصرت جڏهن پنهنجي پاڻيجي فخري بيگم سان گڏ بمبئي ۾ مشهور تفريح گاهه ڪنڊالا ۽ لوٽا گهمڻ وئي ته اتي





ذوالفقار علي ڀٽو جي پيڻ منور الاسلام ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٻيو خاندان ان تفريحي مقام تي گهمڻ آيا انهن ڏينهن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي فيملي به مبمئي ۾ رهندي هئي ان تفريح واري مقام تي منور جي نصرت ۽ فخري بيگم سان ملاقات ٿي ۽ هن کين ٻڌايو ته هو لاڙڪاڻي جي سر شاهنواز ڀٽو جي فيملي جا گهر ڀاتي آهن، هنن ٽنهي جي اها ملاقات دوستي ۾ بدلجي وئي. هي ٽئي پاڻ ۾ ساهيڙيون بڻجي ويون. ڪجهه عرصي بعد مرزا محمد بمبئي کان ڪراچي لڏي آيو، انهن ڏينهن ۾ منور اسلام جي شادي ٿي ۽ هن پنهنجي ٻنهي ساهڙين کي پنهنجي وليمي جي دعوت ڏني، نصرت جي ذوالفقار علي ڀٽو سان پهرين ملاقات ان وقت ٿي جڏهن نصرت وليمي جي دعوت ۾ وڃڻ لاءِ پنهنجي لاڪر ۾ رکيل سونا زيور ڪڍڻ آئي ذوالفقار علي ڀٽو به پنهنجي والده خورشيد سان گڏ ان بئنڪ ۾ آيو، جتي هنن جي ملاقات ٿي ۽ خورشيد نصرت کي ٻڌايو ته هي منهنجو پٽ زلفي آهي. ان ملاقات بعد هنن جي ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ ذلفي کيس شادي لاءِ راضي ڪري ورتو. سيپٽمبر 1951ع ۾ هنن جي شادي ٿي ۽ پاڻ مثالي جيون ساٿي وارو ڪردار ادا ڪيو. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو وڪالت ۽ پوءِ سياست شروع ڪئي ته بيگم نصرت ڀٽو سندس ٻانهه ٻيلي بڻيل هئي. ڀٽو جي صدر ايوب سان بغاوت ڪرڻ ڪري کيس نظر بند ڪرڻ کان وٺي احتجاجي تحريڪ هلائڻ تائين پ پ جي قيام کان وٺي اقتدار تائين بيگم نصرت ڀٽو پنهنجي ور جي باقاعده مددگار رهي. حڪومت دوران پاڻ ذوالفقار علي ڀٽو جي باقاعده صلاحڪار وارو ڪردار ادا ڪيو. کيس خاتون اول جو لقب ڏنو ويو. پاڻ عورتن جي حقن، سندن بنيادي مسئلا حل ڪرائڻ عوام جي خدمت جي حوالي سان ڀرپور ڪردار ادا ڪيو، پاڻ ڀٽو صاحب سان غير ملڪي دورن ۾ پاڪستان جي وفدن جي نمائندگي ڪئي جڏهن ملڪ جي پهرين چونڊيل وزير اعظم جي حڪومت جو تختو سندس وفادار سمجهو ويندڙ آمر جنرل ضياءُ اونڌو ڪري ذوالفقار علي ڀٽو کي جيل ۾ بند ڪيو ته بيگم نصرت ڀٽو هئي جنهن همٿ حوصلي سان پارٽي جي قيادت سنڀالي ۽ جنرل ضياءُ جي مارشل لا خلاف تحريڪ هلائي، احتجاجي مظاهرا ڪيا، ۽ قذافي اسٽيڊيم ۾ احتجاج دوران قانون نافذ ڪندڙ ادارن پاران لٺيون جهليون ۽ رت ۾ ڳاڙهي ٿي وئي پر همٿ حوصلو نه هاريو، 3 اپريل 1979ع تي بيگم نصرت ڀٽو ۽ محترمه بينظير

ڀٽو جي جيل اندر ذوالفقار علي ڀٽو سان آخري ملاقات ڪرائي وئي جيڪا 3 ڪلاڪ جاري رهي، انهي ڏينهن جنرل ضياءَ الحق ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاسي ڏيڻ واري فيصلي جي توثيق ڪري ڇڏي ۽ 4 اپريل 79ع تي سج اڀرڻ کان اڳ ذوالفقار علي ڀٽو کي دارجي تختي تي چاڙهيو ويو. انهي ڏينهن ڀٽو جو جسد خاڪي لاڙڪاڻو اماڻيو ويو. جتي ڏهين وڳي سخت پهري ۾ جنازي نماز پڙهائي وئي، جنهن ۾ صرف چند ويجهن ماڻهن کي جنازي نماز پڙهڻ جي اجازت ڏني وئي. بيگم نصرت ڀٽو ۽ محترمہ بينظير ڀٽو کي خصوصي جهاز ذريعي اباڻي ڳوٺ آڻي آخري ديدار لاءِ نيو ويو پر ان کان اڳ زلفي کي ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو ۽ پنهنجي ور جو آخري ديدار بہ ڪيس نصيب نہ ٿيو. اهو سلسلو اتي ختم نہ ٿيو پر بعد ۾ ان سازش جي ٻئي مرحلي ۾ 85ع ۾ شاهنواز ڀٽو، 96ع ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو ۽ هن خاندان ۾ بيگم نصرت ڀٽو ۽ محترمہ بينظير ڀٽو ئي جنازا کڻڻ لاءِ هيون، مون کي اهو ڏينهن ياد آهي تہ جڏهن بيگم نصرت ڀٽو مير مرتضيٰ ڀٽو جي چونڊ مهم دوران پيرن اگهاڙي گهر گهر وڃي ورڪ ڪئي ان ڏينهن بيگم نصرت ڀٽو شهيد ڀٽو جي شهادت بعد پهريون دفعو خوش نظر آئي، سندس چپن تي هلڪي مرڪ هئي سندس چهري تي رونق هئي جڏهن مير مرتضيٰ ڀٽو جلاوطني ختم ڪري وطن وري رهيو هو ٿوري وقت بعد 20 سيپٽمبر 1996ع تي مير مرتضيٰ ڀٽو کي ساٿين سان گڏ بيدردي سان شهيد ڪيو ويو. پاڻ جوان پٽ جو لاش ڪٽائي ڳڙهي خدا بخش پهتي ۽ لاش کي دفنايو اهي گهڙيون ڪيڏيون نہ پيڙا واريون هونديون پاڻ بهادر عورت هئي پاڻ شفيق، ڪارڪنن کي عزت ۽ پيار ڏيندڙ هئي، پاڻ مرتضيٰ ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو سان هڪ جيتري محبت ڪندي هئي پر جڏهن پيءُ ڀاءُ جا اختلاف وڌيا تہ پاڻ جهڙوڪ ٻہ اڌ ٿي پئي ڇاڪاڻ تہ سندس ور جي پارٽي ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي، پاڻ 4 ڀيرا قومي اسيمبلي جي ميمبر رهي، پاڻ عوام مان ڪڏهن بہ خفا نہ ٿي. پنهنجي ور جي شهادت بعد پٽ شاهنواز ڀٽو جي ان بعد مير مرتضيٰ جي شهادت ڪيس نهوڙي ڇڏيو، سندس يادا شت ختم ٿي وئي. جڏهن قذافي اسٽيڊيم ۾ سندس مٿي تي لٺيون لڳڻ ڪري گهرا گهاءُ ٿيا جن ڪيس ڪينسر جهڙو موضي مرض ڏيئي ڇڏيو. مرتضيٰ جي شهادت بعد ڪيس بيهوشي جا دورا پوڻ لڳا ۽ پاڻ ڪوما ۾ هلي وئي، ڪيس دبئي جي هڪ





اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي 15 سال موت سان جهڙيندي نيٺ 23 آڪٽوبر 2011ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي، ڪيس ڳڙهي خدا بخش ۾ شهيدن جي قبرستان ۾ ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو، سندس لاءِ ٻڌايو وڃي ٿو تہ گهر ۾ نوڪرن جي فوج هئڻ جي باوجود پنهنجي اولاد کي پاڻ نپايو. پوري توجهہ ڏيندي هئي. جڏهن پاڻ وصال ڪيو تہ پ پ ورڪرن روئي ڇيو تہ جهڙوڪ سندن امڙ گذاري وئي.

## معتبر سياستدان محمد خان جوڻيجو

سنڌ جي جوڻيجا خاندان ۾ وڏيون شخصيتون پيدا ٿيون آهن، جن ملڪ قوم لاءِ خدمتون سر انجام ڏنيون آهن. انهن مان محمد خان جوڻيجو هڪ آهي جو شريف النفس، لاتعداد خوبين جو مالڪ فقير منش انسان هو. جنرل ضياءُ الحق جي آمرانہ دور ۾ ٿيندڙ عام چونڊن جن ۾ پ پ بائيڪاٽ طور حصو نہ ورتو، ان ۾ پاڻ قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ۽ پير پاڳارو ”شاهہ مردان ثاني“ جي آشير وارد سان ملڪ جو وزير اعظم بڻيو. سندس وزارت اعظميٰ وارو دور بهتر سڏيو وڃي ٿو. پهريون دفعو ملڪ ۾ 5 نڪاتي پروگرام تحت روڊ، رستا، اسڪول، اسپتالون ٺهيون، ڪيترائي ڳوٺ بجلي سان روشن ٿيا، ان دور ۾ ٺهيل بلڊنگون اڄ بہ سندس يادگار آهن. سنڌ ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهن کي تعليم آهر نوڪريون ڏنيون ويون. پاڻ انتهائي ذهين، باضمير، عوام جي خدمت وارو جذبو رکندڙ بااصول شخصيت هو. پاڻ 1932ع آگسٽ ۾ موجوده تعلقہ سنڌڙي ۾ ڳوٺ دين محمد جوڻيجو ۾ مشهور زميندار سياسي سماجي شخصيت خان صاحب دين محمد جوڻيجو جي گهر ۾ جنم ورتو. شرافت ۽ عوام جي بنا فرق جي خدمت ڪرڻ واري حوالي سان سندس خاندان جو ماڻهو مثال ڏين ٿا. عوامي خدمت، شرافت فلاحي ڪم ڪرائڻ جي عيوض انگريز سرڪار دين محمد جوڻيجو کي خان صاحب جو لقب ڏنو. روايتون آهن تہ هي خاندان بنيادي طور سروري جماعت سان وابستہ هو بعد ۾ هي خاندان حر جماعت سان وابستہ ٿيو. خان صاحب دين محمد خان جوڻيجو جون 2 شاديون هيون. هڪ گهر واري مان محمد خان جوڻيجو پيدا ٿيو، ڏگهي عرصي بعد پٽ ڄمڻ تي وڏو شادمانو ٿيو، محمد خان جوڻيجو لاڏ ڪوڏ سان پليو. 1946ع ۾ جڏهن محمد خان جوڻيجو ڦوهہ جواني ڏانهن وڌي رهيو هو تہ سندس

والد وصال ڪري ويو. ۽ راڄ جي پڳ جو وزن مٿن آيو.۽ 14 سالن جي ڄمار ۾ ڪيس خاندان، علائقي جي ٻين راڄن پاران پڳ ٻڌرائي وئي. محمد خان جوڻيجو پرائمري تعليم سنڌڙي مان حاصل ڪئي. ان وقت حر تحريڪ وطن يا ڪفن عروج تي هئي، ان ڪري سنڌ ۾ مارشل لا لڳڻ ڪري سندس خاندان ميرپورخاص ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ محمد خان جوڻيجو ميرپورخاص ۾ سيڪنڊري تعليم ڪراچي جي مشهور تعليمي اداري پيٽراڪس اسڪول مان ايگريڪلچرل ۾ ڊپلوما هينگ يونيورسٽي انگلينڊ مان حاصل ڪئي، محمد خان جوڻيجو تعليم حاصل ڪرڻ بعد زمينداري ۽ راڄ ڀاڳ سنڀالڻ لڳو. 1954ع ڌاري پاڻ سياست ۾ قدم رکيو، ان وقت سندس عمر تقريبن 22 سال کن مس هئي، سانگهڙ ضلعي ۾ ڪيس مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو. 62ع ۾ ڪپرو تڪ مان اولهہ پاڪستان اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو، جولاءِ 63ع ۾ ڪيس صوبائي ڪابينا ۾ شامل ڪيو ويو. پاڻ پنهنجي ذهانت سان پاڻ کي بهترين وزير ثابت ڪيو، ڪيس وزارت ۾ صحت، لوڪل گورنمينٽ ليبر ڪو آپريٽو ورڪس ڪميونيڪشن جا قلمدان هئا پاڻ 1965ع وارين چونڊن ۾ ٻيهر ڪامياب ٿيو، ڪيس ٻيهر صوبائي ڪابينا ۾ شامل ڪيو ويو. 66ع ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن صدر ايوب خان سان اختلاف ڪري سياسي طور الڳ ٿي پ پ جو بنياد وڌو ۽ 70ع ۾ عام چونڊون ٿيون، جنهن ۾ ٻين مشهور شخصيتن سان گڏ محمد خان جوڻيجو بہ هارايو. جنرل ضياءَ جي دور ۾ سندس حمايت ڪرڻ تي محمد خان جوڻيجو کي وفاقي وزير بنايو ويو. ايم آر ڊي تحريڪ ذريعي جمهوريت جي بحالي لاءِ هلايل هلچل ۾ بين الاقوامي طور دٻاءُ تي جنرل ضياءُ الحق 85ع ۾ غير سياسي عام چونڊون ڪرايون ان ۾ پ پ پاران بائيڪاٽ ڪيو ويو. نتيجي ۾ ڪپرو مان محمد خان جوڻيجو قومي اسيمبلي جي سيٽ تي بنا مقابلي ڪامياب ٿيو، سندس ذهانت عوام دوستي واري ذهانت ڪري پير صاحب پاڳارو جي حمايت سان ڪيس ملڪ جو وزير اعظم بڻايو ويو. ۽ پير صاحب پاڳارو جي مدد سان هو بنا مقابلي ايم اين اي ٿيو هو. 23 مارچ 1985ع تي پاڻ وزير اعظم پاڪستان بڻيو، جنرل ضياءُ اهو سمجهندو هو تہ محمد خان جوڻيجو شريف سادو ماڻهو آهي ۽ سندس اشاري تي هلندو، ليڪن سندس اها سوچ غلط ثابت ٿي ۽ محمد خان جوڻيجو سندس اشاري تي هلڻ بجاءِ جمهوريت جي ڳالهہ ڪئي ۽





حلف کڻڻ بعد پهرين تقرير ۾ صاف لفظن ۾ اهو چيو تہ جمهوريت ۽ مارشلا گڏ نہ ٿا هلي سگهن. سندس اهڙي جرئت مند واري تقرير ۽ فيصلي جنرلن کي چرڪائي ڇڏيو،سندن خواب ۽ خيال ۾ بہ اهو نہ هو تہ محمد خان جوڻيجو جهڙو فقير منش ۽ شريف النفس ماڻهو مارشل لا جي ان انداز ۾ مخالفت ۽ جمهوريت جي حمايت ڪندو ۽ محمد خان جوڻيجو ان تقرير کي تقرير تائين محدود نہ رکيو پر ملڪ ۾ مڪمل طور جمهوريت جي بحالي لاءِ ڪوششون ۽ مارشل لا جي سخت مخالفت شروع ڪري ڏني ۽ پاڻ بين الاقوامي سطح تي بہ مخالفت شروع ڪري ڏني ۽ ملڪ ۾ جمهوريت هوندي مارشل لا جي مخالفت شروع ٿيڻ لڳي ۽ جنرل ضياءَ کي نيٺ هڪ صدارتي آرڊيننس جاري ڪري صدارتي آرڊيننس کي آئيني تحفظ ڏنو، جڏهن محمد خان جوڻيجو ان جي مخالفت ڪندي ان آرڊيننس کي مڃڻ کان انڪار ڪيو تہ جنرل ضياءُ الحق سينيٽ جي چيئرمين غلام اسحاق خان جي معرفت منٿ ميڙ ڪري اڻ سڌي طرح حمايت ڪرائي اهو بہ ان شرط تي تہ اهو آرڊيننس اڳتي هلي ختم ڪرايو ويندو. ليڪن بعد ۾ جڏهن ڪيل واعدي موجب اهو آرڊيننس ختم نہ ڪيو ويو تہ محمد خان جوڻيجو وري مخالفت شروع ڪئي، جنهن جنرل ضياءُ کي پريشان ڪري ڇڏيو ۽ ان محمد خان جوڻيجو کي منٿ واري انداز ۾ سمجهايو پر محمد خان باضمير هئڻ ڪري انڪار ڪري ڇڏيو. جنرل ضياءَ کي محمد خان جوڻيجو اک ۾ ڪنڊي وانگر محسوس ٿيو ۽ 29 مئي 88ع ۾ جڏهن محمد خان جوڻيجو فلپائين جي دوري تان واپس ڪراچي پهتو تہ ان کان اڳ سندس چونڊيل حڪومت کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ جوڻيجو کي ايئرپورٽ تي سندس حڪومت ختم ٿيڻ جو ٻڌايو ويو، محمد خان جوڻيجو اصول پرست سچار ، ذهين شخصيت جو مالڪ هو، پاڻ اصولن جي سوديبازي ڪرڻ بجاءِ اقتداري ڪرسي جي قرباني ڏني ۽ ڪيس اها خبر هئي تہ مارشل لا جي مخالفت ڪرڻ ڪري ڪنهن بہ وقت ڪيس اقتدار کان هٽايو ويندو. وزير اعظم ٿيڻ بعد اهائي فقيراڻي طبعيت، سادگي ، عوام دوستي، عوام سان اهوئي ميل جول، اهوئي عوامي انداز، پاڻ روايتي وزير اعظم بڻجڻ بجاءِ عوامي وزير اعظم ثابت ٿيو، ڳوٺ ڏين محمد جوڻيجو ۾ جڏهن بہ ايندو هو تہ عوام سان ڪليل طرح سان ملاقاتون ڪري سندس مسئلا معلوم ڪري حل ڪندو هو. جڏهن تہ

سڄي ملڪ ۾ خاص طور سنڌ ۾ مختلف شهرن ۾ کليل ڪچهريون ڪري عوام جا مسئلا ٻڌي بروقت حل ڪرڻ جا احڪامات جاري ڪندو هو. پاڻ پاڪستان جي تاريخ ۾ شريف النفس وزير اعظم سڏجي ٿو، هن وزير اعظم رهڻ دوران ڪي به ذاتي فائدا حاصل نہ ڪيا، پاڻ مختلف شهرن ۽ پنهنجي ڳوٺ ۾ کيل ڪچهرين ۾ عوام سان کليل طرح ملڻ تي خفيہ ايجنسين کيس منٿ ميڙ ڪنديون هيون تہ اهو طريقو سيڪيورٽي جي پوائنٽ کان دُرست نہ آهي ان ۾ خطرو موجود آهن، ليڪن ايجنسين جي منع ڪرڻ جي باوجود اُن طرف ڪوبہ توجهہ نہ ڏنو پاڻ آخري ڏينهن ۾ بيمار رهڻ بعد 18 مارچ 1993 ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس آخري آرام گاهہ ڳوٺ دين محمد جوڻيجو ۾ سندس باغ ۾ سپردخاڪ ڪيو، سندس فرزند اسد جوڻيجو ۽ نياڻيون فضا جوڻيجو ۽ صغرا جوڻيجو سياست ڪن ٿيون.

## سيد نثار حسين شاهہ لطيفي

عجيب اتفاق آهي تہ مهنجا ناناڻا لطيف سائين جا مريد آهن، ڏاڏاڻا وري حضرت مخدوم نوح سرور جا مريد آهن، مهنجو نانو فقير رمضان ملاح پهتل درويش هو. پاڻ ڪي لطيف سائين جو فقير سڏائيندو هو، سهائي سومار تي پيرين پنڌ لطيف سائين جي درگاهہ تي ويندو هو، جتي سڄي رات ذڪر فڪر ڪندو هو، ان وقت جي سجاده نشين سيد علي بخش شاهہ علڻ سائين سان قريبي واسطو رهيو، مهنجو ڏاڏو الهہ جڙيو ملاح جو حضرت مخدوم نوح جي سجاده نشين مخدوم غلام محمد گل سائين سان قريبي واسطو رهيو، منهنجي والده ڪريمت عرف مائي ڪريمان بہ فقيراڻي طبيت جي هئي ۽ پنهنجي والد سان ننڍي هوندي کان لطيف جي درگاهہ تي حاضري ڏيندي رهي والد جي وفات بعد والده سان گڏ هر سهائو سومار تي لطيف سائين جي جي درگاهہ تي ايندي هئي آئون جڏهن 40 ڏينهن جو هئس تہ والدين مونکي لطيف جي مزار تي ۽ درگاهہ حضرت نوح تي ڪٽي آيا ۽ ۽ اتي مٿن چانورن جي ديڳ لاٿي ان بعد هر سهائي سومار تي ۽ هر عيد تي والدين لطيف ۽ مخدوم سرور نوح تي ڪٽي ايندا هئا ، مون پاڻ مراد و لطيف سائين ۽ مخدوم نوح جي درگاهن تي جڏهن 7 ڪلاس جو شاگرد هئس تڏهن کان اچڻ شروع ڪيم ، هر سهائي سومار تي ٻنهي درگاهن تي باقائيده حاضرين ڏيڻ





شروع ڪيم ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪوشش ڪندو آهيان تہ حاضريون جو سلسلو جاري رهي 1983 ع کان صحافي جي حيثيت سان لطيف جي عرس مبارڪ تي اچڻ شروع ڪيو ۽ عقيدت وچان ميلي جي تقريبات جي ڪوريج ڪئي ۽ ميلي ۾ آخري ڏينهن تي درگاهہ جي سجاده نشين لطيف سائين جا حال وسيلا پائي درگاه تي دعا گهرڻ واري تقريب ڪي اخبارن ۾ فوٽن سان گڏ ڪوريج ڏيندڙ شايد پهريون صحافي آهيان ان کان اڳ نيوز ۾ صرف ہہ ستون لکيون وينديون هيون پر مون الڳ سان اهڙي نيوز فوٽو سان هلائيڻ شروع ڪيو

1993 ع کان مون لطيف سائين جي ڪلام پيغام عام ڪرڻ لاءِ پيج پٽائي مئگزين شايع ڪرڻ شروع ڪيم جيڪو اڄ ڏينهن تائين شايع ٿئي ٿو ۽ عرس مبارڪ ۾ زائرين ۾مفت ورهائڻ سان گڏ ملڪ جي مشهور سياستدان ، بيرو ڪريٽ ، تقريبن سنڌ جي درگاهن جي سجاده نشين ، مشهور لائبريرين ، ڀارت ، آمريڪا ، سعودي عريبہ ، دبئي عراق، ڪويت سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ رهندڙ سنڌ ڇاون جيڪي لطيف سائين سان عقيدت رکن ٿا ، انهن کي اعزازي ڪاپيون ٽپال جو خرچ بہ پاڻ ڪري موڪليندو رهان ٿو ، جڏهن 1993 ع ۾ پهريون شمارو شايع ڪرڻ کان اڳ مرحوم اڪبر ساند ، ”پٽ شاهہ جو صحافي“ سان گڏ ان وقت جي سجاده نشين سيد غلام شبير شاهہ جن کان اجازت ۽ دعا وٺڻ لاءِ سندس بنگلي تي ساڻن ملاقات ڪئي ۽ کين عرض ڪيو تہ اسان لطيف سائين جو ڪلام پيغام عام ڪرڻ لاءِ پيج پٽائي ميگزين نالي سان رسالو شايع ڪريون ٿا جيڪو عرس مبارڪ ۾ مفت ورهايو ويندو، پاڻ ان تي خوشي جو اظهار ڪيو ۽ چيو تہ اهڙي ميگزين جي ضرورت بہ آهي، سندن دعائن سان پيج پٽائي ميگزين جون هاڻ هزارين ڪاپيون شايع ٿين ٿيون، ڪڏهن تہ سئو صفحن کان وڌيڪ صفحا شايع ٿين ٿا، پيج پٽائي ميگزين جو اڄ پنهنجو منفرد مقام آهي، ان زماني ۾ هر سال ميگزين جي پهرين ڪاپي لطيف سائين جي زري مبارڪ ۾ وجهندا هئاسين، ٻي ڪاپي سائين غلام شبير شاهہ جي خدمت ۾ پيش ڪندا هئاسين، موٽ ۾ پاڻ دعا ڪندا هئا، سيد نثار حسين شاهہ جيڪو ان وقت درگاهہ لطيف سائين جو وليعهد هو، ان سان پهرين ملاقات 1995 ع ۾ سائين غلام شبير شاهہ وٽ ٿي ان ڏينهن لطيف جي عرس مبارڪ جو آخري ڏينهن هو ان ڏينهن سجاده نشين جي حال وسيلا جي دعا وارو

ڏينهن هو، مريدن ۽ عقيدت مندن جي رش هئي ان ڪري ڪچهري نہ ٿي سگهي، 2000ع ۾ مون لطيف سائين جي جشن ولادت تي پيج پٽائي ميگزين جو خصوصي ايڊيشن شايع ڪيو، انهن ڏينهن ۾ هاڻ وانگر ڪو پرروگرام نہ ٿيندو هو بس خير خيرات ۽ ذڪر فڪر ٿيندو هو، جشن ولادت جي شايع ٿيندڙ ميگزين جڏهن سائين غلام شبير شاهہ جن کي ڏيڻ لاءِ وٽن حاضر ٿيس تہ سائين نثار حسين شاهہ بہ ويٺل هئا، ڪين بہ ميگزين ڏنو تہ پاڻ بابا مهرباني چئي معلوم ڪيو تہ اوهان ڪير آهيو، ڪين ٻڌايم تہ نور سنڌي آهيان تہ پاڻ ڀيهر ڀاڪر پائي پيار سان مليو ۽ چيو تہ اوهان لطيف سائين جي ڪلام پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ پنهنجو فرض نڀائي رهيا آهيو، ان موقعي تي سائين غلام شبير شاهہ سائين سيد نثار حسين شاهہ کي منهنجو وڌيڪ تعارف ڪرايو تہ ابا نور سنڌي جا ڏاڏاڻا سروري جماعت جا مريد ۽ ناناڻا پنهنجا مريد آهن، نور لطيف جو ڪلام پيغام عام ڪرڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، ان ملاقات بعد سيد نثار حسين شاهہ سائين سان تفصيلي ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿينديون هيون، خاص طور لطيف جي عرس مبارڪ تي، سهائي سومار ۽ عيدن تي، چاڪاڻ تہ پاڻ ڪراچي ۾ رهندا هئا، جتي ايڪسورٽ جو ڪاروبار ڪندا هئا، ۽ اولاد کي تعليم ڏياريندا هئا، پاڻ پٽ شاهہ ۾ خاص موقعن تي نظر ايندا هئا، پاڻ والد صاحب سيد غلام شبير شاهہ جي وصال بعد درگاهہ جي سجاده نشين ٿيڻ بعد ڪراچي کي خيرآباد چئي هميشہ جي لاءِ پٽ شاهہ اچي ويا، پاڻ 11 سال لطيف سائين جي درگاهہ جا سجاده نشين رهيا، ان دوران والد صاحب جي ٺاهيل شاهہ لطيف فائونڊيشن جيڪا 1962ع ۾ رجسٽرڊ بہ ٿي هئي پر سائين غلام شبير شاهہ جي طبيعت ناساز رهڻ ڪري سرگرم نہ ٿي سگهي، سيد نثار حسين شاهہ شاهہ لطيف فائونڊيشن کي سرگرم ڪيو، لطيف سائين جي جشن ولادت تي درگاهہ تي شاندار پروگرام ڪرائڻ شروع ڪيو ۽ شاهہ لطيف فائونڊيشن کي سڄي ملڪ خاص طور سنڌ ۾ فعال ڪيو، تعلقي، يوسي، ڳوٺ سطح تي يونٽ قائم ڪيا ويا، مختلف ضلعن ۾ شاهہ لطيف فائونڊيشن پاران جشن لطيف ڪرايا . شاهہ لطيف بابت ويب سائيٽ ٺاهي وئي ۽ دنيا ۾ شاهہ لطيف جو ڪلام، پيغام عام ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي ملڪن ۾ شاهہ لطيف فائونڊيشن جا يونٽ قائم ڪيا ويا، جڏهن تہ لطيفي جماعت جو بہ بنياد وڌو ويو، سنڌن خواهش







هئي ۽ پاڻ هر طرح سان ڪوشش ڪندا رهيا تہ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ جشن لطيف ڪرائي لطيف سائين جو ڪلام پيغام پکيڙيو وڃي، سنڌن پيج پٽائي ميگزين جي حوالي سان شاندار سهڪار رهيو، پاڻ مريدن کان اشتهار بہ وٺرائي ڏيندا هئا، سيد نثار حسين شاهہ لطيف سائين جو ڀريون سجاده نشين هو جنهن هر جمعي تي ٻهارو ڪڍي درگاهہ تي ٻهارو ڏنو ۽ چيو تہ آئون سجاده نشين پنهنجي جاءِ تي پر هن در جو ٻهاري دار بہ آهيان، سيد نثار حسين شاهہ 20 جون 1947ع تي سومر جي ڏينهن جنم ورتو، پرائمري تعليم حيدرآباد ۾ مرحوم استاد آغا تاج محمد کان حاصل ڪئي، سيڪينڊري تعليم نوابشاهہ جي ڊي سي هاءِ اسڪول ۾ استاد خواجہ صاحب کان حاصل ڪئي، گريجوئيٽ نيشنل ڪاليج ڪراچي مان ڪيائون، ڪين لطيف جي رسالي تي عبور هو، ڪين لطيف سائين جو شعر الله ڏاهي م ٿيان ڏاهيون ڏک ڏسن ڏاڍو وڻندو هئو، سنڌن ادب سان بہ دلچسپي رهي خاص طور تي تاريخ، نفسيات ۽ شريعت جي موضوع وارا ڪتاب مطالعي هيٺ رهيا، ڪين ڪتابن ۾ لطيف سائين جو رسالو ۽ نهج ال بلاغہ بيحد پسند هئا جن جو بار بار مطالعو ڪندا هئا، ڪين فلمن ۾ گمراهہ، جان ادا ۽ اوتار فلمون پسند هيون، ڪين سنڌ جي اديبن ۾ مرزا قليچ بيگ، دين محمد وفائي، نسيم هجازي، حميد سنڌي، جمال ابڙو، نسيم کرل، امر جليل، عبدالقادر جوڻيجو، نورالهديٰ شاهہ پسند هئا، ڪين لطيف سائين کانپوءِ احمد فراز جي شاعري بہ وڻندي هئي، ڪين ڪوڙن، ظالم ۽ منافق ماڻهن کان نفرت هئي، ڪين سفيد رنگ، گهوڙي سواري ۽ سريلي موسيقي وڻندي هئي، ڪين سنڌي فنڪارن ۾ محمد جمن، محمد يوسف، عابده پروين، ڊول فقير، فقير امير بخش، مائي ڀاڳي، استاد سلامت علي خان، مهدي حسن ۽ استاد غلام علي خان بہ پسند هئا، پاڻ فقير منش حساس طبيعت، ڪنهن جي دل نہ آزارڻ وارا هئا، هر موضوع تي مفڪرانہ انداز ۾ ڳالهائيندا هئا، پاڻ سنڌ صحافي سنگت جا تا حيات اعزازي ميمبر پڻ هئا، سنڌ صحافي سنگت جي هر نئين باڊي لطيف سائين جي مزار تي حاضري ڀرڻ بعد وٽن حاضر ٿي دعا وٺندي هئي، لطيف سائين جي عرس مبارڪ جي آخري ڏينهن لطيف سائين جو ويس اوڍي درگاهہ تہ دعا گهرڻ مهل پنهنجي والد جي ياد ۾ روئي ڏيندا هئا، سجاده نشين ٿيڻ بعد تقريبن هر سهائي سومار تي وٽن حاضري ضرور ڪندو هئس، ڪلاڪن

جا ڪلاڪ ڪچهري ڪندا هئا ۽ سال جشن ولادت لطيف سائين جي پروگرامن ۾ ڪن مجبورين ڪري شريڪ نه ٿي سگهيس ته پاڻ ميار ڏني ۽ ناراض ٿيا، ڪين ڪجهه صحافين کان شڪايتون رهنديون هيون، ان جي شڪايت مونسان ڪندا هئا. شاهه لطيف فائونڊيشن جي ٻيهر سرگرمين واري شروعات توڙي لطيف سائين جو جشن ولادت بابت مون نا چيز سان مشورا ڪندا هئا. جڏهن به وٽن حاضري ٿيندي هئي ته پاڻ پيار پاٻوهه سان مرڪي پاڪر پائي ملندا هئا. زندگي جا آخري چند سال سندن طبيعت ناساز رهي، پاڻ پٽ تي ويهي نه سگهندا هئا. ڊاڪٽرن جي مشوري موجب کٽ تي ويهندا ۽ آرام ڪندا هئا. پاڻ حاضري تي ايندڙن کي اهو چوندا هئا. ته يار معاف ڪجئو پٽ تي ويهي نه ٿو سگهان، پاڻ وسيع دل سچ چوڻ وارا غريبن جا هڏ ڏوکي هئا. وصال کان چند ماهه اڳ پاڻ سخت بيمار هئا. ليڪن دل جي ڏڍ تي ويٺا هوندا هئا. 271 هين عرس مبارڪ تي پهريون دفعو طبيعت جي ناسازي ڪري دعا واري تقريب ۾ ويل چيئر تي آيا. پاڻ 29 ڊسمبر 2014ع تي صبح جو 5 وڳي ڌاري دل ٻيهي وڃڻ ڪري هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا.

سندن وصال جي خبر مختلف ٽي وي چينل تي بريڪ ٿيڻ بعد سڄي سنڌ مان لطيف سائين جا مريد، عقيدت مند ۽ واسطيدار ماڻهو ڀٽ شاهه پهتا. جتي شام جو 5 وڳي ڌاري سندن مڙهه ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪرڻ لاءِ ڪنيو ويو، سندن آخري سفر ۾ انسانن جو چوليون هڻندڙ سمنڊ هو، هر طرف روڄ راڙو هو، هڪ طرف قرآن شريف جي تلاوت، ته ٻي طرف مولائي مرثيه چئي رهيا هئا. لطيف جا ذاڪري فقير ذڪر ڪري رهيا هئا. لطيف جا راڳي لطيف جا ڏڪوئيندڙ شعر چئي رهيا هئا. هندو گيتا پڙهي رهيا هئا. جنازي نماز بعد ڪجهه دير لاءِ ڪين آخري ديدار لاءِ رکيو ويو اهو منظر ڪيڏو نه ڏڪائيندڙ هو، هر پاسي سڏڪا، آهون ۽ داهون هيون، آخري ديدار بعد سندن جسد خاڪي کي حضرت شاهه حبيب جي سيراندي کان ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو، سندن وصال بعد درگاهه شاهه لطيف جي سجاده نشين جو بار سندن ولي عهد سيد وقار حسين شاهه لطيفي تي اچي ويو ، سيد نثار حسين شاهه لطيفي جي نرالي شخصيت هئي، سندس وصال بعد وڏو خال پئدا ٿي ويو آهي، جيڪو ڪڏهن به پرجي به ٿو سگهجي، ساڻن ڪئين يادون وابسته آهن انهن ساروڻين جو ذڪر ڪبو ته هڪ الڳ ڪتاب جڙي





ورق ورق گلاب

ويندو، ڪوشش ڪندس انهن ساروڻين تي به هڪ الڳ ڪتاب لکان، هي مختصر مضمون لکڻ وقت ساڻن ملاقاتن، سندن شخصيت ۽ ڪيل ڪچهرين جون يادون فلم وانگر ذهن جي پردي تي هلي رهيون آهن، اهي يادون ايندي نيڻن جا بند اٿلي ٿا پون.

## سيد عبداللّٰه شاهه جون سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ خدمتون

سنڌ ۾ ڪيترائي وزير اعليٰ آيا پر سيد عبدالله شاهه جي شخصيت ئي نرالي هئي. پاڻ جيڪي دعوائون ۽ واعدا ڪندو هو اهي هر حال ۾ پورا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. سيد عبدالله شاهه جهڙيون سدا بهار عوام دوست ۽ هر دلعزيز شخصيتون صدين کان پوءِ پيدا ٿينديون آهن. لاڏاڻي بعد وڏو خال پيدا ڪري وينديون آهن، سيد عبدالله شاهه جي وصال بعد ملڪي سياست ۾ خاص طور پ پ ۾ اهڙو ته خال پيدا ڪري ويو آهي. جيڪو پرجڻ مشڪل آهي، سيد عبدالله شاهه روايتي سياستدان وانگر عوام سان سڪٽا واعدا نه ڪندو هو. پاڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مشن تي هلڻ جي ڪوشش ڪندي عوام جي ڏک سک ۾ گڏ رهندو هو. عوام جا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪندو رهيو، سنڌ جي وڏي وزير جي حيثيت سان روايتي عيش عشرتون ڪرڻ پاڻ کي وي آءِ پي ڪلچر ۾ رنگي ڇڏڻ بجاءِ اهو ڪردار ادا ڪيو جيڪو ڪنهن انصاف پسند ۽ عوام دوست حڪمران کي ادا ڪرڻو هوندو آهي. سنڌ جي وڏ وزارت جي دور دوران ڳالهيون گهٽ عملي ڪم وڌيڪ ڪيا پاڻ سنڌ جو هڪ مثالي وزير اعليٰ ٿي گذريو آهي. پاڪستان جي تاريخ ۾ سنڌ ۾ اهڙو بهترين وزير اعليٰ شايد ڪو ڀيو ٿئي هن ڌرتي ۽ ڌرتي وارن لاءِ ڪيل خدمتون تاريخ جو هڪ سنهري باب بڻيل آهن ۽ اهڙي عظيم آدرشي انسان تي سنڌ ڌرتي ۽ ڌرتي وارن کي فخر آهي. ڪيس ان وقت سنڌ جي وڏ وزارت ملي جڏهن ان کان اڳ ڊگهو عرصو غير جمهوريت حڪومت رهڻ ڪري سنڌ واسين انيڪ مسئلن جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل هئا. هر طرف افراتفري نفسا نفسي امن امان جي بدترين صورتحال ڪري هر طرف خوف ۽ بي چيني وارو ماحول جو ڌهڪاءُ هو شهرن ۾ دهشتگردي ، ٻهراڙين ۾ ڌاڙيلن ۽ چورن جو راڄ هو، هر طرف لاقانونيت جو راڪاس گهمي رهيو هو. عوام کي بنيادي حقن کان محروم رکيو ويو هر طرف مسئلا ئي مسئلا هئا هر

سرڪاري ڪاتو ڪرپشن ۽ ايڊمنسٽريشن جي حوالي سان تباهي جي ور چڙهيل هو، سوين سرڪاري اسڪيمون رڪيل هيون، لڪين نوجوان ڏگريون هٿ ۾ ڪٽي مختلف ادارن ۾ گهمي رهيا هئا ۽ ٻئي طرف سنڌ جا خزانا خالي هئا. 1993ع ۾ پ پ جي حڪومت ايندي سڄي ملڪ ۾ هر لحاظ کان حساس ٻٽيل سنڌ جي حالتن کي سامهون رکندي محترمه بينظير ڀٽو صاحبه گهري سوچ ويچار ڪرڻ ۽ پارٽي جي سينيئر اهم ماڻهن سان صلاح مشورو ڪرڻ بعد سيد عبدالله شاهه کي انهي اميد سان سنڌ جو وڏو وزير مقرر ڪيو ته شاهه صاحب ئي سنڌ کي ايڏي وڏي بحران مان ڪڍي سگهي ٿو. ماڻهن ڏٺو ته سيد عبدالله شاهه وڏو وزير ٿيڻ بعد نه صرف بينظير ڀٽو صاحبه جي اعتماد تي پورو پورو ثابت قدم رهڻ، نيڪ نيتي سان سچائي ۽ دل و جان عوام جي بي لوث خدمت ڪرڻ ڪري مختصر عرصي ۾ سنڌ واسين جي دلين جي ڌڙڪڻ بڻجي ويو. پاڻ روايتي وڏن وزيرن وانگر عوام کان پري رهڻ ۽ ڊرائنگ روم جي سياست ڪرڻ بجاءِ عوام جي ويجهو ٿيڻ لڳو، سڄي سنڌ ۾ کليل ڪچهريون ڪري عوام جا مسئلا حل ڪيا سيني ڏٺو ته کليل ڪچهرين ۾ پاڻ غريب مسڪينن ميرن ڦاٽل ڪپڙن پيرن اگهاڙن، گوڏ ٻڌل ماڻهن سان ائين ڀاڪر پائي ملندو هو جهڙو سندن پراڻو دوست يا واقف ڪار هجي، ايجنسين ۽ انتظاميا پاران حفاظتي انتظامن تحت ڪيس اهڙو ڪردار ادا ڪندي رسڪ کڻڻ کان روڪڻ جي باوجود هن عوام دوستي وارو ڪردار نڀايو ۽ عوام کي به احساس ٿيو ته اهڙو به ڪو وزير اعليٰ هوندو آهي؟ چو ته عوام لاءِ اها نئين ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه هئي، سندس کليل ڪچهريون ۽ عوامي جلسه روايتي نه هئا ان سان عوام کي فائدو ٿيو. سندن مسئلن لاءِ تڪڙو انصاف ٿيڻ لڳو، سيد عبدالله شاهه جي بهتر حڪمت عملي سان شهرن مان دهشتگرد راڄ ڀڄراڙين مان ڌاڙيل راڄ جو خاتمو آڻڻ تي هر پرامن ماڻهو بي انداز ساراهيندي هڪ ڪارنامو قرار ڏنو. دهشتگردي راڄ ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ڪيل جدوجهد ۽ ڪوشش کي اڄ به ڌرتي ڌڻي ياد ڪندي سيد عبدالله شاهه کي خراج تحسين پيش ڪن ٿا. دنيا ڏٺو ته سڄي دنيا ۾ روشنين جو شهر طور سڃاتو ويندڙ ڪراچي کان سواءِ حيدرآباد، سکر ۽ ٻين شهرن ۾ دهشتگرد رت جي راند ڪري رهيا هئا جتي موت رقص ڪري رهيو هو. بيگناهه ڌرتي ڌڻين جو قتل ڪيو ويو ۽ ان ڏڪئي





وقت ۾ سيد عبدالله شاهه سنڌ ڌرتي جي حلالي پٽ وارو ڪردار ادا ڪندي صوفين بزرگن، درويشن جي هن سدائين پر امن رهندڙ ڌرتي کي ماضي موٽائي ڏنو ۽ امن جو گهوارو بنايو، دهشتگرد راڄ کي ختم ڪيو. سيد عبدالله شاهه دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پنهنجي پياري پاءُ کي قربان ڪري ڇڏيو.

سيد عبدالله شاهه جو اهو ڪارنامو آهي ته سندس ڪوشش سان سفارشي ڪلچر ۽ ڪرپشن تي ڪجهه ڪنترول ٿيو عوام جي جائز ڪم ڪارين لاءِ هنن کان رشوت وٺڻ ۽ نه ڏيڻ جي صورت ۾ ڪين رلائي ذليل ڪرڻ وارين روايتن جو ڪنهن حد تائين خاتمو آڻڻ جي ڪوشش ۾ ڪامياب ويو. ميڊيا تي ايندڙ عوامي شڪايتن عوام سان ٿيندڙ ناانصافين وارين خبرن تي پاڻ مرادو نوٽيس وٺڻ جي روايت قائم ڪئي، عوام جا مسئلا بنا دير حل ڪرڻ هر قسم جون شڪايتون ٻڌڻ لاءِ شڪايتي سيل قائم ڪيو، جنهن جا بهتر نتيجا سامهون آيا. سندس اهو به ڪارنامو رهيو ته هن زميندارن جي نجي جيلن ۾ باندي بڻايل هارين وارين شڪايتن جو پڻ پاڻمرادو نوٽيس وٺي هارين کي آزاد ڪرايو. ۽ اهڙن زميندارن خلاف ڪارروايون ٿيون ۽ سيد عبدالله شاهه جي دور ۾ نجي جيلن وارو سلسلو ڪنهن حد تائين ختم ٿي ويو هو، پر سندس بعد اهو سلسلو وري شروع ٿي ويو. سيد عبدالله شاهه جي ذاتي ڪوشش سان هارين کي بنيادي حق ڏيڻ لاءِ ٽيننسي ايڪٽ تي عمل ٿيو ۽ هاري ڪورٽون قائم ٿيون ۽ اها ڳالهه به رڪارڊ تي موجود آهي ته سيد عبدالله شاهه جي دور ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين ۾ گهٽتائي آئي، سندس دور ۾ سندس ذاتي دلچسپي سان ڪافي ترقياتي ڪم ٿيا. سوين ڳوٺن جا روڊ نهيا، وڏي تعداد ۾ هنن روڊن جي مرمت ٿي، هزارين اسڪولن جون بلڊنگون جڙيون، ڳوٺاڻي عوام کي ميڊيڪل سهولتون ڏيڻ لاءِ ڳوٺن ۾ سرڪاري اسپتالون قائم ٿيون. هزارين ڳوٺن کي بجلي ڏئي روشن ڪيو . هزارين ڳوٺن ۾ فون گئس گهٽين جون فرش بنديون ، واٽر سپلاءِ جون سهوليتون ڏينون ويون ، شهرن ۾ ڪروڙين رپين جي لاڳت سان واٽر سپلاءِ ۽ ڪني پاڻي جي نيڪال واري اسڪيمن کي سڌاريو ويو. شهرن جي خسته حالت روڊن جي مرمت ڪرائي وئي، بيروزگارن کي نوڪريون ڏنيون ۽ رهجي ويل ۽ گهٽ پڙهيل نوجوانن کي روزگار سان لڳائڻ لاءِ سڄي سنڌ م صنعتي يونٽ لڳائڻ جون اسڪيمون جوڙيون

ويون، سرڪاري ڪاتن جي ڪارڪردگي ڪي سڌاريون ويون ۽ انهن جي ڪارڪردگي ڪي مانيٽرنگ ڪيو ويو. سيد عبدالله شاهه جو اهو سنهري دور آهي. جنهن ۾ آبپاشي انتظام ۾ بهتري آئي ٽيل تائين پاڻي پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، سرڪاري نيم سرڪاري ڪاتن ۾ غير ترقياتي فضول خرچ گهٽايا ويا. سيد عبدالله شاهه روايتي وڏن وزيرن وانگر بي تاج بادشاهه بنجڻ بجاءِ فقيراڻي طبيعت رکندو هو. سندس ڪوشش رهي ته سرڪاري اسپتالن ۽ تعليمي ادارن جي ڪارڪردگي بهتر هجي ڇو ته انهن ادارن سان غريب عوام جو ئي واسطو رهي ٿو، سندس ادب فن، ثقافت سان گهري دلچسپي رهي، پاڻ اهڙن پروگرامن ۾ شوق سان شرڪت ڪندو هو ۽ پروگرام ڪرائيندڙ جي هر طرح سان همٿ افزائي ڪندو رهيو، پاڻ وزير اعليٰ ٿيڻ بعد به سندن چوپائي مال توڙي گهوڙن سان دلچسپي رهي پاڻ سنڌ جي ثقافت جو امين بڻيل هو ميلن ملاڪڙن ۾ دلچسپي سان شريڪ ٿيندو هو، ميلن ۾ ملاڪڙا چوپائي مال جون نمائشون شوق سان ڏسندو هو. سندس صوفين درويشن بزرگن سان وڏي عقيدت هئي. پاڻ شاهه عبداللطيف ڀٽائي قلندر لال شهباز جا وڏا عقيدتمند هئا. سنڌ جي وڏ وزارت دوران مصروفيتن مان وقت ڪڍي هنن بزرگن جي عرس مبارڪ جي تقريبات ۾ عقيدت سان شرڪت ڪندو هو. لطيف سائين جي مزار تي حاضري ڀرڻ بعد عقيدت وچان روحاني سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه دير لاءِ درگاهه ۾ ويهي رهندو هو ۽ درگاهه ملاڪڙي ۽ نمائش ۾ عام ماڻهن سان ملندو هو. ڀٽ ڌڻي جي عرس مبارڪ جي ملاڪڙي ۾ ٻوسڪي جو پٽڪو ٻڌي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ملاڪڙو ڏسندو هو ۽ ملهن کي وڏا انعام پڻ ڏيندو هو. سندس خواهش هئي ته سنڌ جي قومي راند ملاڪڙي کي سڄي دنيا ۾ روشناس ڪرايان ڀٽ ڌڻي جي ميلي جي ايوارڊ تقريب جي راڳ رهاڻ واري محفل ۾ پڻ آخر تائين شريڪ هوندو هو، آخر ۾ فنڪارن کي وڏا انعام ۽ مالي امداد ڏيندو هو. پاڻ درگاهه جي توسيع ۽ ٻيا ترقيتي ڪم ڪرايا. سيد عبدالله شاهه جي لطيف سائين سان عقيدت جو اندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو ته سندن خصوصي هدايتن تي لطيف سائين جو ڪلام ڪيترن ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو ۽ ڀٽ ڌڻي بابت ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا ويا. سندس ادب سان گهري دلچسپي رهي، مختلف موضوع تي لکيل ڪتاب سندس مطالعي هيٺ آيا، پاڻ سنڌي ادب جي واڌاري





لاءِ پڻ ڪوششون ڪيون. سنڌ جي هٿ جي هنرن جي ترقي لاءِ به سندس ڪوششون رهيون، سيد عبدالله شاهه سنڌ جي صحافين سان ويجها ۽ بهتر تعلقات رهيا، صحافين ۽ پريس ڪلبن جي دل کولي مالي مدد ڪندو هو. پاڻ آزاد صحافت ۾ يقين رکندو هو، غريب فنڪارن، شاعرن، سگهڙن، اديبن ۽ صحافين جي بيماري بابت اخبارن ۾ خبرون اچڻ تي پرگهور لهندو هو، سندس ڪوشش رهي ته سنڌ مان بدعنوانيون ظلم زيادتين پوليس اسٽيٽ جو خاتمو اچي سنڌ ڌرتي جو هر ماڻهو روزگار سان هجي، خوشحال هجي ڪنهن سان به زيادتي ظلم نه ٿئي، ڪو به ڏاڍو ڪنهن غريب جي تذليل نه ڪري هر ڳوٺ ۾ شهرن واريون بنيادي سهوليتون هجن، هڪ انصاف ڀريو معاشرو هجي، هر ماڻهو کي تڪڙو انصاف ملي ٻي پهچ غريب مسڪين ماڻهن جو سرڪاري اسپتالن مان مفت علاج ملي هر ماڻهو جي اولاد کي بهترين تعليم ملي، تعليمي انتظاميا بهترين هجي هر ماڻهو کي بنيادي حق ملن، سنڌ جو ادب فن ثقافت ۽ هنر ترقي ڪري صحافت آزاد هجي، صحافين کي بنيادي سهولتون مليل هجن. صوفين ، بزرگن جي هي سر زمين امن جو گهوارو هجي ۽ پاڻ سنڌ سر زمين جي گدلاڻ واري سياسي فضا جي آبياري محبت جي آڪسيجن سان ڪئي، پاڻ ان لاءِ ڪافي ڪجهه ڪيو ۽ اڃا ڪافي ڪجهه ڪرڻ پئي گهريو چاڪاڻ ته سالن ڪان زنگجي ويل معاشري کي نيڪ ڪرڻ ۾ وقت گهربو هو، سندس اهي خواهشون پوريون ٿيڻ ڪان اڳ جمهوري ۽ عوامي حڪومت جو خاتمو آندو ويو جنهن سان سندس خواب رهجي ويا غير جمهوري حڪومت ايندي عبدالله شاهه جي عوامي خدمتن سنڌ کي امن جو گهوارو بنائڻ ۽ بنا فرق عوام جي خدمت ڪرڻ ۽ عوام دوست وزير اعليٰ ٿيڻ جي ڏوهه ۾ سياسي انتقامي ڪارروائين تحت سندس خلاف ڪوڙا ڪيس درج ڪيا ويا ۽ پاڻ نه چاهيندي به پاڻ مرادو جلاوطن ٿيو ۽ ڊگهو عرصو پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ماڻهن ڪان پري رهي وڏو عذاب ڀوڳيو ۽ آخري وقت ۾ سخت بيمار رهڻ بعد جڏهن ڪيس يقين ٿي ويو ته هاڻ هو ڊگهو عرصو زندهه نه رهي سگهندو ته هن سنڌ سان محبت هئڻ جو ثبوت ڏيندي زندگي جون آخري گهڙيون پنهنجي ڌرتي ڀومي ۽ ڌرتي وارن سان گڏ گذارڻ ۽ پنهنجي ڌرتي تي ئي دم ڌڻي حوالي ڪرڻ جي خواهش ڪئي ۽ ڪئين ڪوڙا ڪيس هئڻ ۽ دوستن جي جهلڻ باوجود پنهنجي ڌرتي ڀومي تي

اڇي ويو ۽ سنڌ پهچڻ تي سندس نيٽن مان لڙڪ لڙي پيا ۽ هتي پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجن ماڻهن سان مختصر وقت رهڻ بعد دم ڏٺي حوالي ڪري پنهنجون سوين يادون ڇڏي اسان کان ڏور هليو ويو اتي جتان ڪوبہ موٽڻو نہ آٽي سندس سنڌ واسين جا اهي پلا پاڳ آهن جو عبدالله شاهہ جو فرزند سيد مراد علي شاهہ اڄ سنڌ جي وڏي وزير جي حيثيت سان بلڪل پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلندي عوامي سياست ڪري رهيو آهي. پنهنجي والد وانگر بنا فرق جي عوام جي خدمت ڪرڻ جي ڪوشش رهيو آهي. والد وانگر ڪيل واعدا وچن وفا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. جڏهن پاڻ آبپاشي جو وزير هو ۽ سنڌ ۾ نهري پاڻي جو شديد بحران آيو، آبپاشي نظام درهم برهم ٿي ويو هر طرف پاڻي جي هترادو ڪوٽ ۽ ايريگيشن ۾ ڪرپشن جو پڙاڏو گونجڻ لڳو. اهڙي صورتحال ۾ ملڪ جي صدر مملڪت آصف علي زرداري سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهہ ڪي سيد مراد علي شاهہ ۾ اهڙيون اميدون نظر آيون، جيڪو پنهنجي صلاحيتن سان سنڌ ڪي پاڻي جي بحران مان ڪڍي سگهي ٿو ۽ سيد مراد علي شاهہ جو قلمدان تبديل ڪندي ڪيس سنڌ جي ايريگيشن جو قلمدان ڏنو ويو ۽ سيد مراد علي شاهہ ان چيلينج کي قبول ڪندي پاڻي جي شديد بحران تي ڪافي حد تائين قابو پائڻ ۽ ايريگيشن مان ڪرپشن کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون.

## سنڌ جو ڪلاسيڪل وڏيرو شاهنواز جوڻيجو

موت اٽل ۽ برحق آهي، ڪو مري ويندو آهي تہ اسين ڇئي ڏيندا آهيون تہ بس پڇي آيس هن جا ڏينهن ايترا هئا، ليڪن ڪي شخصيتون اهڙيون هونديون آهن، جن جي وفات جو ٻڌي دل جهري پوندي آهي، اکين مان لڙڪ لڙي پوندا آهن. ائين لڳندو آهي جهڙو اسان جو سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو هجي. اهڙين هردلعزيز شخصيتن مان چاچو شاهنواز جوڻيجو بہ هڪ هو. سنڌ ۾ ڪلاسيڪل بي تاج بادشاهہ وڏيري طور مشهوري ماڻيندڙ چاچو شاهنواز جوڻيجو جي وفات بعد اڃان تائين يقين نہ ٿو اچي تہ ڪو پاڻ هن فاني دنيا مان الاڏاڻو ڪري ڌرتي ماءُ جي هنج ۾ ابدي ننڊ سمهي رهيا آهن. پاڻ اڄ اسان جي وچ ۾ نہ آهي، پر سندس انيڪ ساروڻيون ۽ سندس ڪردار صدين تائين ياد رهندو. چاچو





شاهنواز جوڻيجو هڪ ننڍڙو ۽ عام زميندار هو، ليڪن سندس رهڻي ڪهڻي، روزانو فيصلن لاءِ ايندڙ سوين ماڻهن ڪي ماني ڪارائڻ ڪانسواءِ نہ ڇڏڻ واريون روايتون علائقي توڙي سنڌ واسين کان ڪڏهن بہ نہ وسرنديون، ڪير چاچا شاهنواز جوڻيجو مان ڪيتريون بہ خاميون ڪڍي پر منجهس جيڪي خوبيون هيون اهي ايتريون تہ وزن دار هيون جو شاهنواز جوڻيجو خلاف سخت پروپيگنڊه جي باوجود بہ هن تي اثرانداز ٿي نہ سگهيون. شاهنواز جوڻيجو هڪ بهادر بي باڪ، ارڏو ۽ ذهين شخصيت هو، هالا جي مخدوم خاندان سان سندس شروع کان وٺي نياز مندي رهي، پاڻ مخدوم طالب المولئ جن کان ڏاڍو متاثر هئا. جواني کان وٺي هفتي ۾ بہ ٽي دفعا مخدوم هائوس تي ضرور ويندا هئا. بعد ۾ پاڻ مخدوم هائوس تي ٿيندڙ فيصلا مخدوم طالب المولئ جن جي سربراهي ۾ ڪندو هو. سندس فيصلا ڪرڻ جي انداز مان مخدوم طالب المولئ بہ ڏاڍو متاثر ٿيندو هو ۽ چاچا شاهنواز جوڻيجو کي ڏاڍو پائيندو هو ۽ پنهنجي پيچيده ۽ منجهيل مسئلن بابت بہ شاهنواز جوڻيجو سان مشورا ڪندو هو. مختصر عرصي ۾ فيصلن جي حوالي سان نہ صرف سنڌ پر بلوچستان ۾ بہ مشهور ٿيڻ لڳو. مخدوم هائوس تي اچڻ وڃڻ دوران سندس مخدوم امين فهيم سان ويجهڙائپ گهري دوستي ۾ تبديل ٿي وئي. چاچو شاهنواز جوڻيجو فيصلا منصفانہ ۽ مکڻ مان وار ڪڍڻ واري چوٽي جيان ڪرڻ ڪري هر ماڻهو جي اها خواهش هوندي هئي تہ فيصلو چاچو شاهنواز جوڻيجو کان ئي ڪرايان ۽ سندس ڳوٺ سنجر جوڻيجو ۾ سندس اوطاق تي فيصلا ڪرائڻ وارن ماڻهن جا ميلا متل هوندا هئا. رب سائين چاچا شاهنواز جوڻيجو ۾ جيڪي خوبيون رکيون انهن ڪيس آسمان تي پهچائي ڇڏيو.

پاڻ سنڌ سنڌ جي غير روايتي وڏيرو هو، جنهن سنڌ جي ثقافت سان آخري دم تائين نڀائيندو آيو، جهن جي ڪري ڪيس ڪلاسيڪل وڏيري جو لقب مليو. شاهنواز جوڻيجو سنڌ جي روايتي وڏيرن جيان ڪڪڙن جو خفت کان وٺي رڇ ڪتي جي ويڙهہ پلن گهوڙن جي ڊوڙ، ملاکڙا ڏسڻ، بوسڪي يا اجرڪ جو پٽڪو ٻڌندو هو. مهمان نوازي جو اهو عالم هو تہ روزانو ڪم ڪارين لاءِ توڙي هر هفتي فيصلن لاءِ ايندڙ سوين ماڻهن کي ماني ڪارائڻ ڪانسواءِ ڪونہ ڇڏيندو هو. چاچو شاهنواز جوڻيجو جي ڳالهائڻ جو انداز ئي نرالو هو، پرائي کي بہ پنهنجو ڪري

چڏيندو هو، اهو ئي سبب هو جو نہ صرف علائقي جا پر سڄي سنڌ جا ماڻهو سندس عاشق هئا، هن پنهنجي عملن سان ڪئين ڀيرا اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ جيسين هو زنده آهي، ايستائين پنهنجي دوستن، واسطيدار ماڻهن کي ڪابہ تڪليف ڏيڻ نہ ڏيندو، هڪ دفعي هن دل جي ڳالهہ ٻڌائيندي چيو تہ مون زندگي ۾ عشق جي حد تائين ٽن ماڻهن سان محبت ڪئي آهي، جن ۾ مخدوم امين فهيم، ڄام صادق علي خان ۽ فدا حسين ڏيرو شامل آهن. هڪ دفعي فدا حسين ڏيرو جو چاچو شاهنواز جوڻيجو وٽ ذڪر نڪتو تہ پاڻ سنجيده ٿيندي چيو تہ فدا حسين ڏيرو منهنجو ٻچو آهي، منهنجو ۽ سندس ٿاهہ ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي، پر فدا حسين ڏيرو جو قد جيڪو منهنجي مخالفت ۾ بلند ٿيو آهي اهو مون سان ٿاهہ بعد ننڍڙو ٿي ويندو، جيڪو آئون نہ ٿو ڪرڻ چاهيان، شاهنواز جوڻيجو بابت هڪ دوست ٻڌايو تہ جڏهن سندس پهرين شادي ٿي تہ ڪيس ٻڌ جيڪا زناني گندي جي هوندي آهي، جيڪا گهوٽ کي پارائي ويندي آهي اها پائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيو تہ اهي گنديون عورتن کي پارايون وينديون آهن. هن ان جاءِ تي اجرڪ پائڻ پسند ڪئي، چاچو شاهنواز جوڻيجو 1932ع ۾ ڳوٺ سنجر جوڻيجو ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جي وفات بعد ڳوٺ، راڄ، زمين سنڀالڻ جون ذميواريون سندس ڪنڌ تي پيون پاڻ جيترو دلير هو ايترو اصول پرست، پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن جي سامهون جهڪڻ نہ سکيو هو. شاهنواز جوڻيجو جي مخالفن پاران غلط پروپيگنڊه ڪرڻ ڪري ٽنڊو آدم شهر جا ڪافي ماڻهو سندس نالي کان چڙندا هئا، انهن جي تصور ۾ اها ڳالهہ هئي تہ هو ڌوهارين جي سرپرستي ڪري ٿو، پر اڳتي هلي جڏهن 2001ع ۾ شاهنواز جوڻيجو پ پ کان ڌار ٿي شهري سياست ۾ حصو ورتو تہ شهر جون ڪجهہ معزز شخصيتون امام الدين شوقين، وهاب انصاري، حسن جميل، فريد طاهر ۽ ٻين شخصيتن سان ملي ٽنڊو آدم جي شهرين سان ويجهرائپ ڪئي تہ سندس عمل، محبت، مردانگي کي ڏسندي شهر وارن جون غلط فهميون دور ٿي ويون ۽ شهري ساڻس محبت ڪرڻ لڳا ۽ شهرين پاران کيس عوام دوست شخصيت، عوام جي بلاامتياز خدمت ڪرڻ جي اعتراف طور هڪ وڏي تقريب ۾ سونو تاج پارايو. چاچا شاهنواز جوڻيجو عملي سياست ۾ 1962ع ۾ پير پاتو، سياسي زندگي جو آغاز ضلع ڪائونسل جي ميمبر جي چونڊ وڙهي ڪامياب ٿيو، بعد ۾





جڏهن پ پ جو بنياد پيو تہ پاڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان متاثر ٿي پ پ ۾ شامل ٿيو. 1988ع وارين عام چونڊن ۾ اڳوڻي وزير اعظم محمد خان جوڻيجو جي سامهون قومي اسيمبلي جي سيٽ تي اليڪشن لڙي شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي. بعد ۾ لوڪل باڊيز کاتي جو وفاقي مملڪتي وزير ٿيو، ليڪن ان جي باوجود روايت موجب هر هفتي ڳوٺ اچي فيصلا ڪندو هو ۽ عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ مختلف هنڌن تي کليل ڪچهريون ڪندو هو. 1990ع ۾ ڄام صادق علي خان جي نگران وزيراعليٰ هئڻ دوران ٿيل عام چونڊن ۾ ڄام صادق علي خان جي پٽ ڄام معشوق علي خان جي سامهون قومي اسيمبلي سيٽ تي چونڊ لڙيو، ڄام معشوق علي خان ڪامياب ٿيو. بعد ۾ ڄام صادق علي خان جي وفات بعد خالي ٿيل سيٽ تي پ پ پاران شاهنواز جوڻيجو کي مضبوط ۽ دلير اميدوار محسوس ڪندي ڄام صادق علي خان جي پٽ ڄام عاشق علي خان جي سامهون بيهاريو ويو ۽ ان چونڊ ۾ بہ حڪمرانن ڏاڍ جي زور تي ڄام عاشق علي کي ڪامياب ڪرايو.

1993ع ۾ قومي اسيمبلي جي سيٽ تي ڄام معشوق علي خان جي سامهون کيس بيهاريو ويو، جتان ڄام معشوق ڪامياب ٿيو، ان بعد شاهنواز جوڻيجو اليڪشن ٽربيونل ۾ ڪيس داخل ڪري ڌانڌلين جا ثبوت ڏنا، ٽربيونل ڄام معشوق علي خان کي نااهل قرار ڏنو ۽ ان سيٽ تي ٻيهر ٿيل چونڊ ۾ پ پ پ پاران آصف علي زرداري معرفت فدا حسين ڏيرو کي ٽڪيٽ ڏني وئي، اتان کان پ پ پ ضلع قيادت ۽ شاهنواز جوڻيجو جا اختلاف شروع ٿي ويا، بعدم ۾ فدا حسين ڏيرو پاران سينيٽ جي خالي ڪيل سيٽ چاچا شاهنواز کي ڏني وئي. شاهنواز جوڻيجو جون پ پ ۾ وڏيون قربانيون رهيون، پارٽي ۾ سندس رت، ست ۽ ڏکي جدوجهد شامل هئي، پ پ ۾ ڏنل قربانين ۾ 6 سالن کان وڌيڪ عرصو جيل ۾ رهيو. 1977ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو خلاف سلطاني گواهہ بڻجڻ کان انڪار ڪرڻ تي ڪيس 6 حرن واري قتل ڪيس ۾ جيل موڪليو ويو. ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڀرپور نموني حصو وٺڻ ڪري کيس جيل موڪليو ويو، جڏهن ڄام صادق علي خان سنڌ جو وڏو وزير ٿيو تہ شاهنواز جوڻيجو کي پ پ کي ڇڏي ڄام گروپ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ وڏيون پرڪشش آفرون ڏنيون ويون، پر پاڻ پ پ سان سچو رهندي اُهي آفرون ٺڪرائي ڇڏيون تہ ڄام صادق علي خان انتقامي ڪارروائين تي

لهي آيو، ڪيس معاشي طور تباه ڪرڻ وارين ڪارروايين سان گڏ مٿس ايم ڪيو ايم جا ڪارڪن مارائڻ وارن ڪيسن ۾ ڦاسايو ويو ۽ ڪيس جيل موڪليو ويو. شاهنواز جوڻيجو نه جهڪڻ نه وڪامجڻ واري شخصيت هو، ڄام صادق علي حياتي جي آخري ڏينهن ۾ شاهنواز جوڻيجو سان ملاقات ڪري اهو اعتراف ڪيو ته شاهنواز جوڻيجو واقعي دلير، سورهيه مڙس ماڻهو اصول پرست، سچو سياستدان ۽ پنهنجي پارٽي سان سچو ۽ وفادار آهي، حالانڪ ڄام دور ۾ چڱا ڀلا پ پ جا وڏيرا ڄام صادق علي جا جوهه جلال جي ست نه سهي سگهيا ۽ پ پ ڇڏي ڄام گروپ م شامل ٿي ويا. ڄام صادق جي وفات بعد هو وري پاڻ ڪي پ پ جا سياسي وارث محسوس ڪندي پ پ ۾ واپس آيا، چاچو شاهنواز جوڻيجو هڪ سنڌ جي روايتي وڏيري ڪان هٽي ڪري پلوڙ سياستدان به هو، هن جي پنهنجي حيثيت به هئي، ان جو اندازو پ پ قيادت ڪان ناراض ٿي الڳ حيثيت ۾ بلديه چونڊن ۾ حصو وٺي ٽنڊو آدم جي 10 يوسيز مان 6 تي پنهنجا ناظم جوڙا ڪامياب ڪرايا، انهن چونڊن ۾ ٽنڊو آدم تعلقي جا سمورا وڏيرا هڪ طرف ۽ شاهنواز جوڻيجو اڪيلو هڪ طرف هو، جڏهن ته ڄام گروپ، جماعت اسلامي ۽ ٻيون ننڍيون پارٽيون به پ پ اميدوارن جي حمايت ڪري رهيون هيون، پر شاهنواز جوڻيجو جي سياسي بصيرت، حڪمت عملي ۽ پلاننگ جي سامهون بيهي نه سگهيا، عام چونڊن ۾ مسلم ليگ (ف) سان اتحاد ڪري ضلعي جون قومي، صوبائي تمام سيٽون حاصل ڪري ورتيون، سنڌس اهڙي حڪمت عملي ۽ سياسي بصيرت تي سنڌس سياسي مخالف به تعريف ڪرڻ لڳا. شاهنواز جوڻيجو ڪچهرين جو ڪوڏيو، محفلن جو مور، ڳالهين جو ڳهير، هڪ سچو ۽ سچ چوڻ وارو ڪرو انسان هو، منافقي سنڌس طبيعت ۾ شامل نه هئي، سنڌس انهن خوبين ڪي پير سائين پاڳارو، مخدوم امين فهيم، متحده جي قائد الطاف حسين ڪانسواءِ سنڌ ۽ بلوچستان جا سردار ۽ وڏيون سياسي ۽ سماجي شخصيتون به سارا هيندي ڪيس پسند ڪنديون هيون. شاهنواز جوڻيجو سنڌ ۽ بلوچستان 100+100 خونن، قبائلي جهيڙن ڪارڪاري ۽ ٻين تڪرارن جي نبيرن وارا فيصلا اهڙي خوبصورتي ۽ حڪمت عملي سان ڪيا جنهن ڪيس سڄي ملڪ ۾ مشهور ڪري ڇڏيو. شاهنواز جوڻيجو، پير صاحب پاڳارو، مخدوم طالب المولىٰ، مخدوم امين فهيم، بيگم





نصرت ڀٽو، ڄام صادق علي خان جي ويجهو رهيو، جڏهن ته مشهور شخصيتن، خان ولي خان مرحوم، مير رسول بخش ٽالپر، خير بخش مري، شهيد فاضل راهو، ممتاز علي ڀٽو، شير باز خان مزاري، پروفيسر غفور، سائين جي ايم سيد، حفيظ پيرزادو، عبدالواحد آريسر، رفيع شفي ۽ ٻين سان به ويجهو رهيو. انهن مان تقريبن شخصيتون سنڌس جيل جا ساٿي رهيا. چاچو شاهنواز جوڻيجو جي تعليم ٽن درجن ڪان به گهٽ هئي، پر پاڻ سنڌي، اردو، انگريزي اخبارون پڙهي ويندا هئا. ڪيس انگريزي جيل ۾ رفيع شفي ۽ رسول بخش پليجو سيکاري، ڪيس فارسي ٻولي تي به عبور حاصل هو، پاڻ تاريخي، نفسياتي ڪتاب دلچسپي سان پڙهندو هو، حضرت شاه لطيف جي ڪلام جو به پارکو هو. ڪيس لطيف سائين جا لاتعداد شعر ياد هوندا هئا. پاڻ لطيف سائين جي شعرن جي تشريح به اهڙي انداز ۾ ڪندو هو، جو ٻڌندڙ حيرت ۾ پئجي ويندا هئا. شاهنواز جوڻيجو صبح سوير اٿندو هو، ورزش ڪندو هو، بعد ۾ گهوڙا ڊوڙائيندو هو ۽ زمين تي ويندو هو. پاڻ پلوڙ ڪتن، بازن، ڪڪڙن پالڻ جو به شوقين هوندو هو. هنن جي سار سنڀال ۽ کاڌو خوراڪ جو انتظام به پنهنجي نگرانيءَ ۾ ڪرائيندو هو. هڪ جهوني مڙس هئڻ جي باوجود هن ۾ ڪفاليت جو ظرف برداشت جو مادو هوندو هو، فيصلن ۾ ايندڙ ڀهراڙي جي ماڻهن جي غير سليقي واري گفتار ڪي ڪڏهن به خراب نه سمجهندو هو، پر انهن ڪي ڪلندي مطمئن ڪري ڇڏيندو هو. پاڻ سياست ۾ اچڻ بعد رڇ ڪتن جي ويڙهه، سوئر تي ڪتن جي ڇڄ ۽ ڪڪڙن جي ويڙهه جو شوق ختم ڪري ڇڏيو، ليڪن گهوڙن جو شوق طبيعت صحيح هئڻ تائين جاري رکيو. پاڻ سنڌ جي بزرگن جي ميلن ۾ عيد جي ڏينهن تي ٽنڊو آدم، ريس ڪورس ڪراچي ۽ لاهور ۾ پنهنجا گهوڙا پاڻ ڊوڙائيندو هو، گهوڙي سواري ۾ پير سائين پاڳارو به سنڌس تعريف ڪندو هو. شاهنواز جوڻيجو جي شوقن ۾ تترن جو شڪار به شامل هو، پاڻ اڪثر مخدوم امين فهيم، مخدوم اعجاز مرحوم، مخدوم خليق الزمان ۽ ٻين سان گڏ تترن جا شڪار ڪيا ۽ جڏهن چاچو شاهنواز دوستن ۾ ويهي شڪار جون ڳالهيون ڪندو هو ته ٻڌندڙ ائين محسوس ڪندا هئا، جهڙو تترن جي شڪار تي هو ساڻس گڏ هجن. چاچو شاهنواز جوڻيجو سائين جي ايم سيد سنڌس پسنديده شخصيت هو. شاهنواز جوڻيجو سنڌ ۽ سنڌ واسين جي حقن جي حاصلات ۽ سنڌ واسين سان ٽيندڙ زيادين

خلاف قوم پرست پارٽين، تنظيمن پاران ٿيندڙ جلسن، جلوسن، احتجاجي مظاهرن، لانگ مارچ ۾ شريڪ ٿيندو هو. عوامي تحريڪ پاران ڪالاباغ ڊيم خلاف لانگ مارچ ۾ پٽ شاهه ۾ سچ تي مبني ڪڙي تقرير ڪرڻ ڪري جيل ۾ ويو. ايم آر ڊي جي تحريڪن ۾ سندس شاندار ڪردار رهيو. هن بهادر عوام دوست ڪلاسيڪل وڏيري شاهنواز جوڻيجو جي ساهه جي تند 14 جولاءِ تي صبح جو 4 وڳي ڌاري سنگاپور جي هڪ اسپتال ۾ ٽٽي پئي ۽ هو پنهنجي لکين چاهيندڙن کي ڇڏي حقيقي مالڪ ڏانهن هليو ويو. شاهنواز جوڻيجو دم ڏٽي حوالي ڪرڻ کان اڳ سندس طبيعت اوچتو خراب ٿي وئي، ڪراچي آغا خان اسپتال ۾ ٽيسٽن بعد خبر پئي ته کيس ڦڦڙن جو ڪينسر آهي، کيس مخدوم امين فهيم ضروري ٽيسٽن ۽ علاج لاءِ دبئي وٺي ويو، جتي به سندس وڌيڪ ٽيسٽون ڪري سنگاپور اسپتال جي هڪ اسپتال ڏانهن ريفر ڪيو ويو. دبئي مان به مخدوم امين فهيم کيس سنگاپور اسپتال وٺي ويو، جتي هن دم ڏٽي حوالي ڪيو. اهڙو اطلاع جڏهن هن علائقي ۾ پهتو ته اها ڳالهه باهه وانگر پکڙجي ويئي، ڪنهن کي به اعتبار نه پيو اچي، هر ماڻهو ان ڳالهه کي ڪوڙو قرار ڏئي رهيو هو ۽ سنجر جوڻيجو ۾ فون ڪري تصديق ڪرڻ لڳا، خاطري ٿيندي هزارين ماڻهو روڄ راڙو ماتم ڪندي سنجر جوڻيجو ۾ سندس اوطاق ي پهچڻ لڳا.

مخدوم امين فهيم، روشن جوڻيجو سندس جسد خاڪي کي هڪ خوبصورت تابوت ۾ سنگاپور کان ايئربس ۾ ڪراچي ۽ ڪراچي کان خصوصي ايمبولينس ۾ جڏهن سندس اباڻي ڳوٺ آندو ويو ته هزارين ماڻهو اکين مان لڙڪ روڪي نه سگهيا، ڪراچي کان سنجر جوڻيجو تائين رستي ۾ ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن پاهران سندس چاهيندڙن پاران جنهن ايمبولينس ۾ سندس مڙهه هو، ان مٿان گلن جي ورڪا ڪرڻ لڳا، خاص طور ٽول پلازه حيدرآباد باءِ پاس، طلب الموليٰ ڪالوني، مٽياري، ٻائو ديرو، سيڪاٽ، ڪيبر، شيرمحمد نوڙهاڻ، اڏيرو لال، راهو شاخ، ٽنڊو آدم ۾ رستي تي بيهي سوين ماڻهن مرحوم کي آخري سلامي ڏني ۽ سندس مڙهه واري ايمبولينس مٿان گلن جي ورڪا ڪئي. جڏهن مرحوم جو جسد خاڪي اباڻي ڳوٺ پهتو ته روڊ جي ٻنهي طرفن کان هزارين ماڻهو صفون ٻڌي بيهي رهيا، اهڙي ريت جهڙو ڪو VIP جي اچڻ تي سندس شاندار استقبال لاءِ ماڻهو بيهندا آهن، کيس اباڻي





قبرستان ساياتن جي قبرستان ۾ والد جي قبر پرسان ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو. هر سال سندس ورسي وڏي ليول تي ملهائي وڃي ٿي، سندس فرزند روشن دين جوڻيجو، محمد خان جوڻيجو ۽ سندس پوٽا پڻاٽيا سانگهڙ ضلع جي سياست تي حاوي آهن.

## کرو ۽ سچو سياستدان مرحوم مير محمد وساڻ

هي دنيا هڪ اسٽيج آهي ۽ اسين سڀ هڪ اداڪار مثل آهيون، هتي بهترين ڪردار ادا ڪندڙ ئي زنده هئڻ دوران توڙي مرڻ بعد عوام جي دلين تي ڇانيل رهي ٿو، شاهه لطيف چيو آهي ته:

روزه نمازون اي پڻ چڱو ڪم،
اهو ڪو پيو فهم جنهن سان پسين پرين کي.

اسان جي نظر ۾ اهو ڪم عوام جي بنا فرق جي خدمت ڪرڻ، مسڪين سوالين جا سوال پورا ڪرڻ ئي آهي. عوام جي خدمت ڪندڙ مرڻ بعد به عوام جي دلين ۾ رهندا آهن، اهڙا ماڻهو مري به مات نه ٿيندا آهن، اهڙين شخصيتن ۾ مير محمد وساڻ به هڪ هو. مير محمد وساڻ مرحوم شهدادپور جي هر دلعزيز بيباڪ سچار ۽ غريبن جو همدرد ۽ هڪ بهادر شخصيت هو، پاڻ شهدادپور جي مشهور شخصيت حاجي محمد عيسيٰ وساڻ جي گهر ۾ جنم ورتو، مير محمد وساڻ پرائمري کان اعليٰ تعليم تائين سڀ امتحان ذهانت سان پاس ڪيا، سندس تعليم ايم اي ۽ ايل ايل بي هئي، مير محمد وساڻ، عملي طور سياست ۾ پنهنجي والد حاجي محمد موسيٰ وساڻ جي وفات بعد پير پاتو، مير محمد وساڻ شهدادپور لوڪل گورنمينٽ (ميونسپل) جو چيئرمين ضلع ڪائونسل سانگهڙ جو چيئرمين 3 دفعا ايم پي اي ٿيو، پاڻ صوبائي وزير به رهيو. ايم پي اي رهڻ دوران تعلقي شهدادپور ۾ بنا فرق جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا، ضلع ڪائونسل جو چيئرمين هئڻ دوران به هن بنا فرق جي ترقياتي ڪم ڪرايا. مرحوم مير محمد وساڻ غريبن، مسڪينن جو همدرد ڏکئي وقت ۾ ماڻهن جي مدد ڪندڙ هو پر هن ڪڏهن به ڏيکا ويکاءُ نه ڪيو، هڪ هٿ سان ڏيو ته ٻئي هٿ کي خبر نه پوي وانگر غريبن جي اهڙي نموني مدد ڪندو هو جو هڪ هن کي ٻي جنهن جي مدد ڪندو هو ان کي خبر هوندي هئي، مير محمد وساڻ لاتعداد غريب ۽ ٻي پهچ شاگردن کي ذاتي خرچ تي پڙهايو، جن مان ڪيترائي سرڪاري

اعليٰ عهدن تي پهتا، مير محمد وساڻ اها عوام دوست رحم دل شخصيت هو، انهن ڪيترن ئي بيوه عورتن لاءِ ماهانه وظيفا مقرر ڪيا، ڪيترن ئي غريب عورتن کي ماهانه روزمره جو سامان وٺي ڏيندو هو، هن ڪيترن ئي غريب بي پهچ بيمار ماڻهن جا علاج ڪرايا، ايتريقدر جو ڪافي ماڻهن جو ٻاهرين ملڪن مان به علاج ڪرايو. مير محمد وساڻ نيڪ ۽ نرم طبيعت جو مالڪ هئڻ سان گڏ وڏو بهادر به هو، پير سائين پاڳارو جو مريد ۽ حر جماعت سان وابسته هئڻ ڪري مخالف دورن ۾ مٿس ڪيترائي ڏکيا ڏينهن به آيا، سندس ڪاروبار، زمينن کي ويران ڪيو ويو، ڪيس ڪيترن ئي ڪيسن ۾ جيل موڪليو ويو، سندس خاندان وارن کي به مختلف نمونن سان پريشان ۽ حراسان جي ڪوشش ڪئي وئي، پر هن جي همت مردانگي ۾ ڪوبه فرق نه آيو ۽ هن مرشد جو دامن نه ڇڏيو ۽ عارضي مشڪلاتن کي منهن ڏئي سرخرو ٿيو. دور تبديل ٿيڻ بعد به هن ڪنهن سان به انتقامي ڪارروائي نه ڪئي. مير محمد وساڻ 12 جون 2000ع جي ڏينهن هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، سندس وصيت موجب سندن خاندان وارا عوام جي خدمت جاري رکيو اچن، سندس خواهش هئي ته شهدادپور ۾ غريب ماڻهن لاءِ ڪا خيراتي اسپتال ٺهرائجي پر اها خواهش پوري ٿيڻ کان اڳ پاڻ وصال ڪري ويو ۽ سندس پونئرن، مير محمد وساڻ ساهه جي بيمارين جو يونٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس شهدادپور ۾ قائم ڪيو، غريبن لاءِ ميڊيسن ڊونٽ ڏيڻ شروع ڪيون، سندس خواهش هئي ته شهدادپور ۾ هڪ بهترين مدرسو ۽ غريب ماڻهن جو مفت علاج لاءِ بهترين اسپتال هجي. هن ان لاءِ زمين به خريد ڪئي ۽ نقشو به ٺهرايو، پر اهو ڪم پورو ڪرڻ کان اڳ ئي وصال ڪري ويو، سندس پوين سندس وصيت موجب جڏهن اسپتال ٺاهڻ لاءِ تياريون ڪيون ته مير محمد وساڻ سان پيار ڪندڙ ڊاڪٽر نياز حسين چنڙ کين صلاح ڏني ته الڳ اسپتال ٺاهڻ بجاءِ تعلقه اسپتال شهدادپور ۾ مير محمد وساڻ جي نالي تي ساهه ۽ دل جي بيمارين جو يونٽ ٺهرايو ۽ وساڻ خاندان کي اها صلاح سٺي لڳي ۽ ان تي عمل ڪيو ۽ لکين روپين جي لاڳت سان يونٽ قائم ڪيو ۽ اهو يونٽ آغا خان ۾ انهن بيمارين جي يونٽ کان گهٽ نه آهي، هن يونٽ جو افتتاح سنڌ جي اڳوٽي وڏي وزير ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم ڪيو، ۽ مير محمد وساڻ جي پونئرن جي مطالبي تي ارباب رحيم تعلقه اسپتال شهدادپور کي







انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس جو درجو ڏيڻ جو اعلان ڪيو. هن يونٽ ۾ ڪافي سالن تائين پيرا ميڊيڪل عملي جون پگهارون به وساڻ خاندان ڏنيون. هي يونٽ علائقي جي غريب عوام لاءِ وڏو فائديمند ثابت ٿي رهيو آهي. اها خوشي جهڙي ڳالهه آهي ته مرحوم مير محمد وساڻ جا فرزند محمد علي خان وساڻ، حاجي اسحاق علي وساڻ، سندس ڀاءُ ماهي خان وساڻ، ڀاڻيجو ڪليم الله خان وساڻ، نياڻو محمد عيسيٰ وساڻ ۽ ٻيا علائقي جي عوام جي خدمت ڪري رهيا آهن. عوام لاءِ سندن اوطاقن جا دروازا 24 ڪلاڪ کليل آهن. مير محمد وساڻ سان منهنجي ڪا هجت نه هئي، ليڪن هڪ صحافي جي حيثيت سان ساڻن ميل جول رهيو، خاص طور عيدن تي يا پير سائين پاڳارو جي دعوتن ۾ ملاقات ٿيندي هئي. هن ۾ اها خصوصيت ۽ سچائي هئي جو ڪم ڪارين لاءِ ايندڙ ماڻهن کي روايتي سياستدانن وانگر ڪڏهن به ڪوڙا دلاسا نه ڏنا، ڪم ٿيڻ جهڙا هوندا هئا ته وعدو ڪندو هو نه ته ٺڙڪ جواب ڏيندو هو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي سندس اهڙي سچائي نه وڻندي هئي، وزير رهڻ دوران هن ڪڏهن به پروٽوڪول نه ورتو نه ئي روايتي وزيرن وانگر ڪوڙا ٻل ٺهرايا. پاڻ سياست کي عين عبادت سمجهي ڪندو هو. روايتي وزير وانگر نه شوبازي نه ڪوڙا واعدا نه دلاسا، پاڻ نازڪ نفيس هو، ڪوڙ سان نفرت سچ سان محبت ڪندو هو.

## خادمِ العوام عبدالسلام ٿهيم

عبدالسلام ٿهيم سياسي دنيا جي قدآور شخصيت هو. سياست ذريعي سچي چمار عوام جي خدمت لاءِ ارپيندڙ عبدالسلام ٿهيم جا سياسي مخالف به سندس ساراهه ڪن ٿا. انڪري جو هن صاف سٿري سياست ڪري هڪ مثال قائم ڪيو، عوام جي بي لوث خدمت جي ڪري عوام ڪيس خادم عوام جو لقب ڏنو ۽ پاڻ ان لقب جو ڀرم رکيو. هي جيءَ جيارو انسان 1 جنوري 1950ع تي مشهور سماجي شخصيت رئيس گل محمد خان ٿهيم جي گهر ۾ جنم ورتو،سندس وڏا عربستان جا هئا، سندس خاندان جو وڏو طيب خان ٿهيم پهرين جيڪب آباد ضلعي ۾ رهائش پذير ٿيو بعد ۾ شهدادپور –سانگهڙ روڊ تي موجود لانڊي اسٽاپ ويجهو پنهنجي نالي سان ڳوٺ طيب ٿهيم آباد ڪيو، عبدالسلام ٿهيم پرائمري پنهنجي ڳوٺ ۾ سيڪنڊري ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادپور

ميٽرڪ ڊي سي هاءِ اسڪول نوابشاهه ۾ پاس ڪيو. گريجوئيشن ڪرڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي. جتي شاگرد سياست بہ ڪئي، انهن ڏينهن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو، ايوب خان ڪان ڌار ٿي پ پ جو بنياد وڌو تہ پاڻ ان ڪان متاثر ٿي. پ پ ۾ شامل ٿيو، ڪيس اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ پ پ جو ميمبر شپ فارم ذوالفقار علي ڀٽو سامهون ڀريو ۽ تعليم اڌ ۾ ڇڏي عملي سياست شروع ڪئي، جڏهن ڀٽو صاحب پهريون دفعو سانگهڙ وچي رهيو هو تہ نا شتو عبدالسلام ٿهيم جي ڀاءُ وٽ ڪيو. سانگهڙ ۾ ذوالفقار علي ڀٽو تي قاتلانہ حملي مهل عبد السلام ٿهيم نہ صرف گڏ هو پر اڳيان هو پاڻ نہ صرف تعلقہ شهدادپور پر ضلعي سانگهڙ ۾ پ پ کي فعال ڪيو، ڪيس پ پ تعلقہ جو صدر ڪيو ويو، بعد ۾ عبدالواحد بروهي کي پ پ تعلقہ جو صدر ڪيو ويو، مرحوم عبدالواحد بروهي جي وفات بعد ڪيس پيهر تعلقہ شهدادپور جو صدر بڻايو ويو. ان بعد ضلعي سانگهڙ جو ان بعد ڊويزن حيدرآباد جو صدر بعد ۾ پ پ سنڌ جو سيڪريٽري انفارميشن ٿيو، انهن عهدن تي سندس ڪارڪردگي قابل تعريف رهي. پ پ جي بنياد پوڻ ڪان وٺي ذوالفقار علي ڀٽو جي اقتدار ۾ اچڻ تائين سنڌ ۾ ٿيندڙ پروگرامن ۾ ساڻس گڏ رهيو، جنرل ضياءُ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو کي اقتدار تان هٽائي سولي تي چاڙهيو ان ڏکيئي وقت ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جا ڪيترائي اهم ساٿي ڪيس ڇڏي ويا. ڪيترا خاموش رهيا پر عبدالسلام ٿهيم ثابت قدم رهيو. هن پنهنجون سرگرميون جاري رکيون ۽ جنرل ضياءُ خلاف احتجاج بہ ڪيو، ان ڏوهہ ۾ جنرل ضياءُ جي دور ۾ 7 سال ٽاڻن جي لاڪپ ۽ سب جيل ، ڊسٽرڪٽ جيل ۽ سينٽرل جيل ۾ رهيو.جتي مٿس شختيون ٿيون . ايم آر ڊي تحريڪن ۾ ڀرپور ڪردار رهيو.1986ع ۾ ايم آر ڊي تحريڪ دوران سانگهڙ ضلعي اندر ايم آر ڊي تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ عبدالسلام ٿهيم جي ڳوٺ طيب ٿهيم تي آرمي آپريشن ڪيو. جنهن ۾ سندس 2 ذاتي ملازم ۽ هڪ معصوم نياڻي شهيد ٿي ويا. سندس ڪيترائي عزيز مائيٽ زخمي ٿيا ۽ انهن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو. جنرل ضياءُ جي دور ۾ عبدالسلام ٿهيم تي جيل ۾ ٽارچر ڏنا ويا. مٿس زور ڏنو ويو تہ پ پ ڇڏي ۽ معافي نامون لکي ڏي، ان جي عيوض ڪيس تصور ڪان وڏيڪ فائدو ڏيڻ نوازڻ جون آڇون ڪيون ويون پر پاڻ نہ جهڪيو نہ وڪيو اٽل رهيو. ڄام صادق علي خان جي دور ۾ پ پ جا نالي وارا ليڊر





پاڻ کي فني خان ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جا جانثار سڏائيندڙ وڏيرا ڄام جا جوهہ جلال جي سٽ نہ جهلي سگهيا ۽ ڄام گروپ ۾ شامل ٿيڻ جا اعلان ڪيا پر سلام آهي عبدالسلام ٿهيم تي جيڪو پهاڙ وانگر مضبوط رهيو. ۽ پ پ ۾ ثابت قدم رهيو. 88ع ۾ پهريون ڀيرو ايم پي اي چونڊيو ۽ ڪيس ايڪسائيز ٽئڪس جو وزير جو قلمدان ڏنو ويو پاڻ ان سوچ تحت بيرڪس واري سائيڊ تي آفيس ورتي تہ سندس ووٽر ۽ عوام انٽري پاس وٺڻ جي تڪليف ڪرڻ بجاءِ آساني سان هن وٽ پهچي سگهي. 90ع وارين چونڊن ۾ ڏنڊي جي زور تي هارايو. 93ع ۾ چونڊن ۾ ڪامياب ٿيو ۽ محترمہ بينظير ڀٽو عبدالسلام ٿهيم جهڙي وفادار ۽ پارٽي ۾ ثابت قدم رهندڙ کي وزير اعليٰ سنڌ بنائڻ پئي چاهيو پر گريجوئيٽ نہ هئڻ ڪري وزير اعليٰ سنڌ نہ ٿي سگهيو ۽ ڪيس تعليم کاتي وارو قلمدان ڏنو ويو ان بعد 2 چونڊن ۾ هارايو. 2008ع جي چونڊن ۾ ڪامياب ٿيو. 2009ع ۾ ڪيس ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن جو وزير بڻايو ويو. مرڻ تائين اهو قلمدان وٽس رهيو. 88- 93- 2009ع واري پ پ دور ۾ سڀني وزيرن ڪان وڌيڪ عوام ۾ مقبول رهيو. هن پنهنجي کاتن جي ڪارڪردگي کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، هي واحد وزير هو جنهن جي آفيس ۾ ٻين وزيرن جي آفيسن ڪان وڌيڪ رش هوندي هئي ۽ آفيس ٽائيم ڪانپوءِ گهر ويندو هو تہ اتي بہ عوام جا ميڙا لڳل هوندا هئا ان ڪري گهر ۾ بہ ڪيس آفيس قائم ڪرڻي پئي، آفيس مان ٿڪجي اچڻ جي باوجود گهر ۾ آرام ڪرڻ بجاءِ اتي قائم ڪيل آفيس ۾ ويهي عوام جا مسئلا حل ڪندو هو، پاڻ آفيس ۾ رات دير تائين عوام سان ملندي سندن ڪمن ڪارين لاءِ ڪوشسون ڪندو هو. ٻين علائقن جا پ پ ورڪر ٿهيم صاحب ۾ وڌيڪ اميد رکي ڪم ڪارين لاءِ ايندا هئا پاڻ انهن جي اعتماد تي لهڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پ پ مخالف پارٽين سان لاڳاپيل ماڻهو بہ وٽس ايندا هئا تہ انهن کي ڪڏهن بہ اهو احساس نہ ڏياريو تہ اوهان پ پ جا نہ آهيون،ا وهان جا ڪم ڇو ڪريان پر پاڻ انهن ماڻهن کي بہ لکين عزتون ڏيندو هو، سندن ڪم ڪارين لاءِ ڪوشٿون ڪندو هو، پاڻ بنا فرق جي عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ يقين رکندو هو، عوام جي خدمت عين عبادت سمجهي ڪندو هو، ايم پي اي هاسٽل تي ڪم ڪارين لاءِ ايندڙ تڪ جي ماڻهن کي رهائيندو هو. 3 دفعا وزير رهڻ دوران عوام جي بي لوث خدمت ڪئي، ٻين وزيرن ۾ جن ماڻهن جا ڪم

هوندا هئا تہ پاڻ ماڻهن جي انهن مسئلن ، ڪم ڪارين لاءِ گڏجي انهن وزيرن وٽ ويندو هو، ويهي ڪم ڪرائي پوءِ اٿندو هو. هن روايتي وزيرن وانگر مال نہ ٺاهيو پر عزت ٺاهي عوام جون دعائون حاصل ڪيون، عوام دوست ڪردار ادا ڪري عوام جي دلين تي راڄ ڪيو. بي داغ تہ رب سائين جي ذات آهي پر عبدالسلام ٿيهم جي سياسي، اقتداري زندگي بي داغ رهي پ پ مخالف دورن ۾ اها ڪوشش ڪئي ويندي هئي تہ سندس ڪرپشن، غير قانوني ڪم هٿ ڪري مٿس ڪرپشن جو ڪيس داخل ڪيو وڃي. پر مخالفن جي باوجود ڪوشش جي هن جو ڪوبہ اهڙو غير قانوني عمل ۽ ڪرپشن ملي نہ سگهي، ايترو بااصول جو غلط ڪم ڪرڻ تہ پري پر سوچيو بہ نہ. پاڻ بااصول انسان هئا. 3 دورن ۾ علائقي ۾ رڪارڊ ٽوڙ ڪم ڪرايا. 93ع ۾ تعليم جو زوير رهڻ دوران تڪ جو ڪو اهڙو ڳوٺ نہ رهايو جتي اسڪول ۽ بلڊنگ نہ ٺهرائي هجي، علائقي ۾ روڊ،ر ستا، بجلي، گئس، فون، واٽر سپلاءِ ، ڊرينيج اسڪيمون ۽ هزارين نوجوانن کي تعليم مطابق نوڪرين جا آرڊر ڏنا. شهدادپور جي پيئڻ جو پاڻي جيڪو زهريلو ٿي ويو آهي. پاڻ 50 ڪروڙ جي لاڳت سان شهدادپور کي صاف پاڻي ڏيڻ جي اسڪيم ڏياري ريلوي پل سندس خواهش هئي اها اسڪيم بہ منظور ڪرائي. راندين جو عظيم الشان اسٽيڊيم منظور ڪرايو. جيڪو سندس وفات بعد مڪمل ٿيو، پاڻ شهدادپور کي مثالي شهر بنائڻ ۽ انڊسٽريل زون قائم ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. 2011ع ۾ برساتن اڌ سنڌ ٻوڙي ڇڏي ان ۾ عبدالسلام ٿهيم جو تڪ بہ ٻڏي ويو. لکين ماڻهو بي گهر ٿيا، انهن ڏينهن ۾ سندس طبعيت ناساز هئي گردن جي تڪليف، شگر ، ساهہ جي تڪليف ۽ ٻيون بيماريون هيون.ڊاڪٽر آرام جو مشورو ڏيندا هئا پر پاڻ تڪ جي عوام تي آيل قدرتي مصيبت ۾ اڪيلو نہ ڇڏيو. طبعيت جي ناسازي جي پرواهہ نہ ڪندي تڪ جي ٻڏل هر شهر هر ڳوٺ ۾ پهتو، جتي ڦاٽل ماڻهن کي ڪيرائي ڪئمپن ۾ آندو، بنا فرق جي متاثرين جي هر طرح سان مدد ڪئي. امدادي ڪارروايون تيز ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي ۽ اين جي اوز سان بہ رابطو ڪيو. پ پ جي يو سي ليول تي گڏجاڻيون ڪيون، انتظاميا سان رابطي ۾ رهيو. جڏهن تہ ڪيس ضلعي جي رليف ڪميٽي جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو تہ هن پنهنجي تڪ سان گڏ ضلعي ليول تي متاثرين جي مدد لاءِ هر طرح سان ڪوششون ڪيون وزير اعليٰ





کي دورو ڪرائي ضلعي سانگهڙ کي متاثر علائقو قرار ڏياريو. مسلسل جدوجهد ڪرڻ جي ڪري وڏيڪ بيمار ٿي پيو ۽ اسپتال داخل ٿيو، ٻہ ٽي ڏينهن علاج ڪرائڻ بعد ڊاڪٽرن جي منع ڪرڻ جي باوجود اسپتال ۾ رهيا علاج ڪرائڻ بجاءِ واپس شهدادپور پهتو ۽ رليف واري ڪم ۾ لڳي ويو، چيلهہ جيڏي پاڻي ۾ گهڙي ڦاٽل ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ ڪوشش ڪندو هو. ان ٻوڏ ۾ شهدادپور کي ٻڏڻ کان بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، ليڪن پاڻ بيمار ٿيڻ جي صورت ۾ اسپتالن ۾ داخل ٿيڻ بجاءِ ٿهيم هائوس تي ڊاڪٽر گهرائي طبي امداد وٺڻ بعد وري دورا ڪندو هو ۽ سندس طبعيت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي وئي. بار بار نازڪ حالت ۾ اسپتال داخل ٿيڻ بعد وري نڪري ايندو هو، عوام جي محبت ۾ صحت جو خيال نہ ڪيو ۽ انتهائي نازڪ حالت ۾ اسپتال داخل ڪيو ويو، جتي 22 اپريل 2012ع ۾ دم ڏٽي حوالي ڪيو، اسپتال ۾ موت ۽ زندگي جي ڪشمڪش ۾ جتي موت نظر ايندو آهي تہ سڀ وسري ويندو آهي پر هن موت کي اکين سان ڏسڻ جي باوجود ڪيس تڪ جي عوام سان محبت رهي، پاڻ ٻوڏ متاثرين جي بحالي لاءِ پريشان هو هر وقت ڪيس متاثرين جي اون رهندي هئي ڳالهائڻ جهڙو ٿيڻ شرط فون تي ٻوڏ متاثرين جي چاڻ احوال معلوم ڪندو هو ۽ انتظاميا کي هدايتون ڏندو رهيو، جڏهن تہ روزانہ ڊائلاسس تي ويندو هو تڏهن بہ عوام جي خدمت جاري رکي تڪ لاءِ ڏنل ترقياتي اسڪيمن جي حوالي سان فون تي سيڪريٽرين ۽ ٻين سان رابطو جاري رکيو. آفيس عملي کي اسپتال ۾ گهرائي ضروري فائيلن تي صحيحون ڪندو هو، پاڻ سانگهڙ ضلعي جو ننڍڙو ذوالفقار علي ڀٽو هو سندس وصال بعد علائقي جي عوام جهڙو سياسي يتيم ٿي وئي آهي. سندس عوام ۾ مقبوليت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سندس آخري سفر ۾ هزارين ماڻهو روئي رهيا هئا. سندس خال ڪڏهن بہ نہ ٿو ڀرجي سگهي، دعا آهي تہ سندس مويي پٽ شاهد خان ٿهيم، ڀاءُ عبدالرحمان خان ٿهيم سندس نقش قدم تي هلن، عوام جي بي لوث خدمت ڪن. عبدالسلام ٿهيم وري پيدا نہ ٿيندو. غريب ميرن ڦاٽل ڪپڙن وارن کي بہ ڀاڪر پائي ملندو هو، دوستن جو دوست، غريبن جو يار هو، زندهہ دل انسان هو، سندس آخري آرام گاهہ، درگاهہ حضرت حسن بخش شاهہ جي مزار جي احاطي ۾ والد جي پيرن ۾ آهي. جتي پاڻ مٽين مٿي هيٺ ڏرتي ماءُ جي هنج حوالي آهي.

## مشهور شاعر، اديب سماج سڌارڪ سيد شاهنواز شاهہ ”عارف المولىٰ“

درگاهہ حضرت حسن بخش شاهہ هادي جو ٻيو نمبر سجاده نشين سيد شاهنواز شاهہ المعروف عارف المولىٰ سنڌ جو مشهور اديب، شاعر، سماج سڌارڪ، سنڌ جي ادب، فن ثقافت کي وڌائيندڙ سرپرستي ڪندڙ شخصيت هو. هڪ ئي وقت ڪيترن ئي خوبين جو مالڪ هو، سيد شاهنواز شاهہ عارف المولىٰ 20 آڪٽوبر 1922ع ۾ شهدادپور سانگهڙ روڊ تي لانڊي اسٽاپ ويجهو ڳوٺ سبحان شاهہ ۾ مشهور شاعر ۽ روحاني شخصيت درگاهہ حضرت حسن بخش شاهہ هادي جي سجاده نشين سيد ڏنل شاهہ جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو، پاڻ پنهنجي مرشد و هادي حضرت حسن بخش شاهہ جي شاعري کان متاثر ٿي شاگردي واري زماني کان شاعري شروع ڪئي. شاعري ۾ پنهنجو تخلص پهرين عاجز پوءِ عارف المولىٰ استعمال ڪيو. سندس حسب نسب پيران پير دستگير سان ملي ٿو، سندس وڏا عراق کان ملتان شريف، اتان پين هنڌن تي ۽ پوءِ ڊنڙو شريف لڳ اچي رهائيش اختيار ڪئي، ان کان اڳ قاضي احمد لڳ پڪرين ۾ بہ رهيا، سيد شاهنواز شاهہ عارف المولىٰ کي ننڍپڻ هوندي کان راڳ ويراڳ سان چاهہ رهيو. ان دور جا مشهور ڪلاڪار گهرائي درگاهہ تي راڳ ڪرائيندو هو. سندس ڪوشش سان حضرت حسن بخش شاهہ جو ميلو عروج تي پهتو، ان زماني ۾ هي ميلو حضرت قلندر لال شهباز ۽ لطيف سائين جي ميلي کان پوءِ سنڌ ۾ 3 نمبر تي هوندو هو، جتي 3 راتيون راڳ رهاڻ جون محفلون، ادبي ڪانفرنسون، مشاعره، سگهڙن جون ڪچهريون، تاريخي ملاکڙو، اٺن، گهوڙن، ڍڳن جي ڊوڙ جا مقابلا، پڃري ڪٽڻ جا مقابلا ٿيندا هئا. 3 ڏينهن راتيون درگاهہ تي لنگر عام هوندو هو. هن ميلي ۾ صوفيانہ راڳ ويراڳ مشهور هو، ملاکڙن ۾ لائوڊ اسپيڪر تي ڪامينٽري جو رواج پاڻ حضرت حسن بخش شاهہ جي ميلي جي ملاکڙي کان شروع ڪيو. پاڻ اديبن، شاعرن، فنڪارن، سگهڙن، ملهن جي بہ سرپرستي ڪندا هئا. ادبي دنيا ۾ پنهنجو ايڏو وڏو نالو ڪيرايو جو، سنڌ اندر ٿيندڙ ادبي ڪانفرنسون، مشاعره سندس شرڪت بنا اڌورا سمجهيا ويندا هئا، پاڻ اڪثر اهڙن پروگرامن ۾ مخدوم طالب المولىٰ جن سان گڏ شريڪ ٿيندا هئا. پاڻ بهترين افسانہ نگار پڻ هئا، ان





وقت جي مشهور رسالن ۽ اخبارن جي ادبي صفحن ۾ سندس افسانہ شايع ٿيا، ڪيترائي افسانہ اڻ ڇپيل آهن، اهي سڀ افسانہ گڏ ڪري حسن بخش شاهہ جيلاني اڪيڊمي پاران سندس 35 هين ورسي تي ڇپايا ويا آهن، سندس شاعري ۾ هر رنگ شامل هو. حمد، ثناءَ، منقبت، مرثيہ، مزاحيہ، صوفيانہ، عشقيہ صنفون شامل آهن. ان دور ۾ پي ٽي وي ۽ ريڊيو پاڪستان جي وڏي اهميت هئي ۽ عارف المولىٰ! جي اتي ٿيندڙ مشاعرن ۾ سندس شرڪت کي لازمي بنايو ويندو هو. پاڻ بهترين في البديح شاعر پڻ هئا، ڪافي مشاعرن ۾ ڏنل طرح تي اڳواٽ شعر لکڻ بجاءِ عين وقت تي شعر لکندا هئا، 1942ع ۾ انگريز سامراج خلاف حر تحريڪ عروج تي هئي، ان زماني ۾ انگريز سرڪار حرن خلاف رڻ ٻاري ڏنو، سيد شاهہ نواز شاهہ عارف المولىٰ وطن يا ڪفن واري ان ويڙهہ ۾ وڙهندڙ حرن کي پناهہ ڏيندو هو ۽ سندن هر طرح جي مدد ڪرڻ جي الزام ۾ ڪيس گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو. سندس هدايتن تي سندس پوين حرن جي هر طرح جي مدد جاري رکي، صدر ايوب خان جي دور ۾ جڏهن ون يونٽ مڙهيو ويو تہ پاڻ مزاحمتي شاعري شروع ڪئي ۽ اها شاعري مشاعرن ڪانسواءِ ون يونٽ خلاف سنڌ ۾ ٿيندڙ جلسن ۾ پڙهي ويندي هئي، هڪ مزاحمتي شعر هڪ اخبار ۾ شايع ٿيو تہ اها اخبار ضبط ڪئي وئي ۽ عارف المولىٰ جي گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪيا ويا ۽ پاڻ ڪيترو وقت انڊر گرائونڊ رهيو.

1965ع واري پاڪ ڀارت لڙائيءَ ۾ پنهنجي وطن جي فوجي جوانن کي همٿائڻ لاءِ قومي ترانہ ۽ گيت جيڪي مشهور فنڪارن جي آواز ۾ ريڊيو پاڪستان تي هر وقت نشر ٿيندا هئا. جنگ واري زماني ۾ انهن جنگي ترانن جي ڌوم متل هئي، پاڻ سنڌ ڌرتي جا قومي شاعر بہ هئا، سنڌي ماڻهن کي جاڳائڻ پاڻ ۾ اتحاد ڪرڻ، پنهنجا حق وڙهي وٺڻ حقن جي حاصلات لاءِ مزاحمت ڪرڻ واري شاعري بہ ڪئي. پاڻ وڏا سخي مرد سماج سڌارڪ شخصيت پڻ هئا. غريبن جي مدد ڪندي سڪون محسوس ڪندا هئا، پاڻ غريبن جا ڀر جهلا هئا. اگر ڪو بااثر غريبن کي تنگ ڪندو هو، ظلم ڪندو هو تہ پاڻ غريبن جا هر طرح سان مددگار بنجي ويندا هئا. پاڻ زندگي ۾ مال دولت گڏ ڪرڻ بجاءِ وڏي عزت ناهي، پاڻ وڏا مهمان نواز هئا، درگاهہ واري اوطاق ڪراچي جي گذري واري بنگلي تي ايندڙ هر ماڻهو کي پنهنجي هٿن سان ماني

ڪارائيندا هئا. ذوالفقار علي ڀٽو سان سندن ويجها تعلقات رهيا، ڀٽو دور ۾ ڪراچي واري بنگلي تي ڪم ڪارين وارن ماڻهن جي وڏي رش هوندي هئي، پاڻ نہ صرف انهن کي ماني ڪارائيندا هئا پر سندن ڪم ڪارين لاءِ هر طرح جي ڪوشش ڪندا هئا. پاڻ قرآن شريف جا قاري ۽ بهترين عالم بہ هئا. ڳوٺ ۾ درگاهہ واري مسجد ۾ جمعي ۽ عيد جي نماز پاڻ پڙهائيندا هئا ۽ پاڻ خطبو بہ ڏيند اهئا. ڪين وڏي اسلامي ڄاڻ هئي، پاڻ شاعري جي حوالي سان لطيف سائين، سچل، مولانا رومي ۽ حسن بخش شاهہ کان متاثر هئا. پاڻ انهن جي شان ۾ شاعري بہ چئي آهي. پاڻ لطيف سائين جي ڪلام جا پارکو هئا، پاڻ لطيف سرڪار جي عرس مبارڪ جي موقعي تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنسن ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ هئا. پاڻ مخدوم طالب المولیٰ جن جي ڪري پ پ سان وابستہ رهيا. جنرل ضياءَ جي دور ۾ ڪيس معاشي طور تباهہ ڪرڻ لاءِ زرعي زمين جا واٽر ڪورس بند ڪيا ويا، ڪيس سياسي ڪيسن ۾ ڦاسايو ويو، پر پاڻ جهڪيا نہ، ثابت قدم رهيا. وفات کان ڪجهہ وقت اڳ پاڻ پنهنجي وصال بابت ٻڌايو ۽ پاڻ پنهنجي هڪ شعر ۾ بہ اشارو ڏنو تہ:

اسين پنهنجا وارا وڃائي وڃون ٿا،
محبتن جا ميلا مچائي وڃون ٿا.

سندس وصال 23 جمادي الاول تي ڪراچي ويندي سپرهاءِ وي تي گاڏي جو ٽاءِ راڊ ٽٽڻ ڪري ٿيل حادثي ۾ ٿيو.

## روحاني شخصيت فقير عبدالحڪيم هنگورو

شهدادپور ويجهو ڳوٺ سومر فقير هنگورو ۾ درگاهہ حضرت سومر فقير هنگورو ۾ روشني جو مينار آهي، جتي روزانو وڏي تعداد ۾ عقيدتمند حاضري ڏيڻ اچن ٿا، ڪيترائي حاجتمند بہ حاضريون ڏين ٿا.

حضرت سومر فقير جي نياڻي مان 1938ع ۾ فقير عبدالحڪيم هنگورو پيدا ٿيو، سندس والد جو نالو مير محمد هنگورو هو، فقير عبدالحڪيم هنگورو ننڍي هوندي کان ذهين، همدرد، سخي، فقير منش شخصيت جو مالڪ رهيو. گهٽ ڳالهائڻ، ننڍي وڏي جي عزت ڪرڻ وارو، 5 ئي وقت نماز، تهجد، قرآن شريف ۽ هر وقت درود پاڪ پڙهندو هو ۽ زندگي جي آخري گهڙي تائين پڙهندو رهيو، ننڍي هوندي کان پنهنجي ناني حضرت سومر فقير جي صحبت ۾ رهيو، جنهن جي





نگراني ۾ ڪيس قرآن شريف، شريعت، طريقت، حرفت جون منزلون طئي ڪيون، ننڍي هوندي کان فقيري طبيعت وارو هو، پر والد جي اسرار تي هڪ بئنڪ ۾ نوڪري ورتي پر سندس دل نہ لڳي ۽ سندس نانا حضرت سومر فقير هنگورو کي بہ اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ ڪيس اها نوڪري ڇڏي اچڻ جو چيو ۽ چيو تہ ڪو وقت ايندو جو بئنڪن جي آفيسرن سان گڏ پين ڪاٽن جا آفيسر ۽ مشهور شخصيتن سان گڏ عام ماڻهو تو وٽ حاضر ٿيندا ۽ تو کان مال، ملڪيت ۽ سندن حاجتون پوريون ٿيڻ لاءِ دعائون گهرائڻ ايندا.

اها دعا اهڙي قبول پئي جو فقير عبدالحڪيم ڪماليت جي درجي تي پهتو ۽ بئنڪ جا آفيسر پين ڪاٽن جا آفيسر توڙي عام ماڻهن جو وٽن دعائن حاصل ڪرڻ لاءِ وڏو هجوم هوندو هو، هڪ دفعي فقير عبدالحڪيم هنگورو جي والد ڪنهن ڳالهہ تان ڪيس دڙڪا ڏنا تہ حضرت سومر فقير هنگورو ناراض ٿيو ۽ مير محمد هنگورو کي چيو تہ هن سان اهڙو رويو اختيار نہ ڪريو هن جو دل جان سان عزت احترام ڪريو، ڇاڪاڻ تہ هن وٽان راڄ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا، 21 نومبر 1955ع تي حضرت سومر فقير جو وصال ٿيو تہ ان جي پڳ جو وزن مٿس پيو. پاڻ مرشد حضرت پير صاحب پاڳارو جي عشق، عقيدت، محبت جي رنگ ۾ رنگيل هئا.پاڻ شروع ۾ يونين ڪائونسل ملدسي جا چيئرمين بہ رهيا، سياست سان دلچسپي نہ هئي،پاڻ پي اين پي لانگ مارچ ۾ پير صاحب پاڳارو جي نظربندي خلاف راولپنڊي ۾ احتجاج ۾ شريڪ ٿيندي ساٿين سميت گرفتار ٿيا ۽ ڪين ڊسٽرڪٽ جيل راولپنڊي ۾ 12 ڏينهن رکيو ويو، جڏهن راجا ظفرالحق ساڙس جيل ۾ ملڻ آيو تہ ان بعد فقير کي خطرناڪ قيدي قرار ڏئي اتان ڪڍي ميانوالي جيل ۾ آٽي سندس ساٿين سان گڏ ڦاسي گهاٽ ۾ رکيو ويو، پاڻ اتي بہ هميشہ وانگر عبادت جاري رکي ۽ جيل جو سپريڊنٽ ڪانئس ايترو تہ متاثر ٿيو ۽ چيائين تہ فقير صاحب حڪم ڪريو ڇا گهرجي، پاڻ قرآن شريف گهريو، جيل سپريڊنٽ فقير صاحب کي رات ڏينهن عبادت ۽ ذڪر الاهي ۾ ڏسي ڪيس عزت احترام سان آفيس ۾ گهرايو ۽ چيو تہ اوهان تہ روحاني شخصيت آهيو پوءِ سياست ۾ ڪيئن؟ هن لانگ مارچ ۾ ڇو حصو ورتو؟ ان تي فقير صاحب چيو تہ اسان جا امام حضرت پير سائين پاڳارو آهن، ان کي نظربند ڪيو ويو ۽ اسين ٻاهر رهون، اهو

اسان لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ ممڪن نہ آهي، اتي هڪ مهيني ڪان وڌيڪ عرصو رهيا ۽ پاڻ هڪ ڏينهن اڳ ساٿين کي ٻڌايو تہ سڀاڻي سڀ آزاد ٿينداسين ۽ واقعي ۾ اهو سچ ثابت ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن فقير صاحب ساٿين سميت آزاد ٿيو، پاڻ ڳوٺ ۾ علائقي جي ٻارن لاءِ جامعہ راشديہ جي برانچ مدرسہ صبغتہ الفيض نالي ديني مدرسو قائم ڪيو.ان جي شاندار ڪاميابي بعد سڪندريہ اورينٽل ڪاليج قائم ڪيو، جڏهن ان ۾ ٻين علائقن جا شاگرد پڙهڻ آيا تہ انهن جي رهائش لاءِ شاندار هاسٽل ٺهرائي مدرسہ توڙي ڪاليج ۾ پڙهندڙ شاگردن کي نہ صرف مفت ۾ تعليم ملي ٿي پر انهن شاگردن جي هر طرح سان مدد ڪئي وڃي ٿي، هاسٽل ۾ رهندڙن جي ماني جو انتظام پڻ ڪيو ويو، بعد ۾ پاڻ ڪاليج ۾ شاندار لائبريري بہ قائم ڪئي جتي اسلامي، تاريخي، ادبي ڪتابن ۾ وڏو ذخيرو ڪيل آهي. 21 نومبر 1955ع تي حضرت سومر فقير جي وصال ٿيو تہ پاڻ دنيوي ڪم ڪارين ڪان ڪناراڪش ٿي ويو، گهڻو وقت مسجد شريف ۽ حضرت سومر فقير جي مزار تي گذارڻ لڳو، پاڻ حضرت سومر فقير جي مزار ۽ زري مبارڪ بہ جوڙائي، محمد خان جوڻيجو جي دور ۾ ڪيس وڏي تعداد ۾ نوڪرين جا آرڊر مليا جيڪي بنا سفارش جي غريبن جي اولاد کي ڏنا، انهن مان ڪافي اعليٰ عهدن تي فائز آهن، پاڻ خلق خدا جي خدمت ڪندي خوشي محسوس ڪندا هئا، پاڻ باڪردار ۽ بااخلاق هر ڪنهن جي عزت ڪرڻ وارو، هر ماڻهو سان اٿي وڏي پاٻوهہ سان ٻاڪر پائي ملندو هو، هر وقت باوضو رهندو هو، شخاوت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، ڪو بہ سوالي خالي نہ ويو، پاڻ هميشہ مهمانن سان گڏ ماني کائيندا هئا، انتهائي سادگي پسند هئا، هميشہ اڇو پٽڪو يا اڇي ٽوپي پائيندا هئا، پاڻ وڏي سهپ وارا بربار هئا، ڪنهن جي دل نہ ڏکائي، درگذر ڪرڻ وارا، حياءَ شرم جا پيڪر، رحم دل، سچار، ڪوڙ سان نفرت ڪرڻ وارا هئا، پاڻ اڪثر چوندا هئا تہ جيڪو رحم نہ ٿو ڪائي ان تي رحم نہ ڪيو ويندو، تعليم سان گڏ تربيت ضروري آهي، پرهيزگار ماڻهوئي معاشري لاءِ فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿو، 5 وقت نماز بہ وقت ذڪر ۽ تلاوت قرآن شريف کي پنهنجي معمولات ۾ شامل ڪيو، استادن جو احترام ۽ ننڍڙن ٻارڙن سان پيار ۽ شفقت رکو،پاڙي وارن سان سهڻو سلوڪ رکو، دوکو ڏيندڙ ماڻهو سان دوستي نہ رکو ۽ هميشہ سٺن باڪردار ۽ علم وارن سان گڏ رهو، سخاوت سان الله سائين برڪت





عطا فرمائيندو آهي، ان ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ ڪريو، ٻارن کي دنياوي ۽ ديني تعليم تمام ضروري آهي.دين جي ڄاڻ کانسواءِ انسان اڌورو آهي، آهستي ۽ ٿورو بامقصد ڳالهائڻ جي پاڻ ۾ عادت وجهو، پاڻ ڪافي دفعا حج ۽ عمره جي سعادت حاصل ڪئي، پاڻ سچو عاشق رسول ﷺ وڏو مفتي پرهيزگار، دانا، درويش نياز نوڙت وارو هو، سندس دعائن جو ايترو اثر جو ڪيترائي سندس دعائن سان رڱجي ويا، پاڻ ضلع عشر زڪوات سانگهڙ جا چيئرمين بيت المال سانگهڙ جا چيئرمين بہ رهيا، پاڻ 7 شعبان 1429ع مطابق 10 آگسٽ 2008ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا ڪين حضرت سومر فقيرجي آخري آرامگاهہ ڀرسان سپرد خاڪ ڪيو ويو، سندن پڳ جو وزن سندن وڏو فرزند انجنيئر عبدالباسط هنگورو تي آيو جيڪو فقير عبدالحڪيم هنگورو جوئي ئي تسلسل آهي، هن ۾ والد واريون خوبيون موجود آهن، پاڻ والد جي سٺين سلسلن کي احسن انداز ۾ هلائي رهيو آهي ڪين اهو شرف حاصل آهي تہ پاڻ پير سائين پاڳارو شاهہ مردان شاهہ ثاني جي ڪيترن سالن تائين حاضري ۾ رهيا پاڻ يوسي سومر فقير جا چئرمين بہ رهيا آهن وڏين خوبين حقوق العباد تي عمل پيرا آهن ادب سان گهري دلچسپي رکن ٿا.

## بهترين قانوندان پير علي نواز قريشي

زندگي مختلف تجربن مشاهدن ۽ يادن جي آماجگاهہ آهي. اسين پنهنجي آسپاس نظر ڦيرائينداسين تہ ڪيترين ئي اهڙين شخصيتون نظر ڪان اوجهل ڏسندا آهيون جن ڪان اسان گهڻو ڪجهہ پرايو آهي. هي دنيا فاني آهي، هر ڪنهن کي ڏينهن پڄاڻي هتان هلڻو آهي، پر ڪي شخصيتون اهڙيون هونديون آهن، جي مرڻ ڪان پوءِ بہ زندهہ رهنديون آهن، هو مري بہ مات نہ ٿيندا آهن. اهڙين شخصيتن مان سائين پير علي نواز قريشي بہ هڪ هو. فقير صفت صوفي طبيعت رکندڙ هن انسان کي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪندي ڪيترائي سال گذري ويا آهن. ليڪن سندن يادون، سندن شخصيت، سندن زندهہ دلي اڄ بہ ياد آهي. اڄ بہ سندس ياد ايندي نيڻ آلا ٿي ويندا آهن. اڄ بہ، سندس جدائي تي دل اداس آهي. پاڻ ڪرمنل ڪيسن جا ماهر وڪيل هئا. سائين پير علي نواز قريشي جي زندگي جا ڪئين پهلو هئا. حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ اهي پهلو هڪٻئي جا متضاد هئا، پر پاڻ انهن ۾ توازن رکيو هڪ طرف قانون جي

پاسداري ۽ ماڻهن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ هر تڪليف برداشت ڪرڻ، ٻئي پاسي زندگي ۾ فقيري طبيعت، عاجزي ۽ انڪساري اولياءَ الله سان عشق، عقيدت ۽ انهن جي پيروي جي ڪوشش سندن ذات کي ممتاز ڪري ڇڏيو هو. پاڻ گهڻو وقت ياد الاهي ۾ گذاريندا هئا. سندن تصوف ڏانهن لاڙو هوندو هو. سندن پسنديده جاءِ مسجد شريف هوندي هئي. سندس پسنديده عمل تسبيح پڙهڻ هو. تصوف جي اصولن تي ڪاربند هئا، پاڻ انسان دوست هئا. پاڻ هر جاندار شيءِ سان محبت ڪندا هئا. پاڻ انسان ته پري پر جانور جي تڪليف به برداشت نه ڪندا هئا. ڪنهن کي تڪليف ۾ ڏسندا هئا ته سندن ڪيفيت اهڙي ٿي ويندي هئي جهڙو اها ڪيفيت پاڻ سان هجين. پاڻ پنهنجي گهر جي ڇت تي پاريهلن لاءِ گهر ٺهرايا. روزانو سوير اٿي نماز پڙهڻ بعد پکين کي داڻو ڏيندا هئا. بچيل ماني ذرا ذرا ڪري پکين کي ڏيند اهئا. بيمار يا زخمي ڪتن جو علاج ڪندا هئا. سائين پيرعلي نواز قريشي جو مخدوم طالب الموليٰ جن سان عشق هوندو هو. مخدوم طالب الموليٰ سندن آئيڊيل شخصيت هئا ته پسند جا شاعر به هئا. پاڻ مخدوم طالب الموليٰ سائين جن جي سيرت جي پيروي ڪندا هئا. مخدوم طالب الموليٰ جن جي لاڏاڻي تي سڄي زندگي غمگين رهيا. جڏهن ته مخدوم طالب الوليٰ جن جو ذڪر ايندو هو ته سندن اکين ۾ پاڻي ڀرجي ايندو هو. پاڻ بهترين ادب دوست شخصيت هئا. سندن گهر ۾ ننڍڙي لائبرري به هئي، جنهن ۾ سنڌي، اردو، انگريزي جا ۽ چونڊ اسلامي تاريخي، نفسيات ۽ قانون بابت سوين ڪتاب هئا. سائين پير علي نواز قريشي وٽ شاهه لطيف، سچل سرمست، بيدل، وارث شاهه، سلطان باهو، بابا بلي شاهه، مخدوم طالب الموليٰ ۽ ٻين بزرگ درويش شاعرن جي شاعري جا رسالا به موجود هئا. ڪين مٿين شاعرن جا لاتعداد شعر ياد هوندا هئا. سائين پير علي نواز قريشي کي ڪلاسيڪل موسيقي سان گهري دلچسپي هئي، وٽن هندستان پاڪستان جي سمورن مشهور فنڪارن جون آڊيو ڪيسٽون موجود هيون. واندڪائي ۾ انهن فنڪارن جون ڪيسٽون ٻڌندا هئا. پاڻ سياسي طور پ پ سان وابسته هئا، هڪ وڪيل جي حيثيت سان ايم آر ڊي تحريڪن ۾ سندن وڏو ڪردار رهيو. پاڻ پ پ لائيرز فورم جا سانگهڙ ضلعي صدر مقرر ڪيا ويا هئا. ان حيثيت سان هن ايم آر ڊي تحريڪ دوران ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائيل ماڻهن جي وڪالت ڪندا هئا. هڪ وڪيل جي حيثيت سان غريب ماڻهن جا به مفت ۾ ڪيس وڙهندا هئا.





ويندي اهڙن ڪيسن جي ڪاغذن جا پئسه به گهران ڏيندا هئا. پاڻ غريبن جا همدرد هئا. پاڙي جي غريبن جي وس آهر مدد ڪندا هئا. سائين پير علي نواز جو اهو رڪارڊ هو ته خونن جا ڪيس ڪٽڻ کان اڳ يقين ڪندو هو ته آيا جنهن جو ڪيس وڙهان ٿو ان اهو ڏوهه ته نه ڪيو آهي، پاڻ سروري جماعت جا مرڪزي عهديدار به رهيا. سندن ان حوالي سان به وڏيون خدمتون آهن. سائين پير علي نواز قريشي کي سندن مائٽن ان آس سان پڙهايو ته هو وڏو ٿي بيورو ڪريٽ ٿيندو پر سائين وڪالت کي اهميت ڏني، سندس چوڻ هو ته وڪيل جي حيثيت سان عوام جي خدمت ڪرڻ چاهيان ٿو. پاڻ نهايت سادو کائيندا هئا. سادو پائيندا هئا. پاڻ سائي رنگ کي پسند ڪندا هئا. پاڻ بار ايسوسيئيشن جا صدر به رهيا، ٻين عهدن تي به رهيا. پاڻ ان ڏينهن تمام گهڻو خوش هوندا هئا جنهن ڏينهن مخدوم طالب الموليٰ سائين جن وٽ حاضري ڪري ساڻن ڪچهري ڪري ايندا هئا. پاڻ پ پ پ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان متاثر ٿي شامل ٿيا. پاڻ پ پ جا بنيادي ميمبر هئا. جڏهن صوفيانه ڪلام ٻڌندا هئا ته پاڻ کي تصوف ۾ گم ڪري ڇڏيندا هئا. سائين پير علي نواز قريشي جهڙيون شخصيتون صدين کان پوءِ پئدا ٿينديون آهن. ۽ لاڏاڻي بعد وڏو خال پيدا ڪري وينديون آهن. ماڻهو پنهنجي مري ويل مائٽن کي وساري ڇڏيندا آهن، پر سائين پير علي نواز سان هڪ دفعو به مليندڙ ماڻهو سندس يار دوستن، مٽ مائٽن، پاڙي وارن کان پاڻ نه وساريان آهن. سندس پٽن پير امير حيدر، پير شبير حيدر، پير صفدر، پير ذوالفقار حيدر، جا نيڻ اڄ به سندس جدائي ۾ آلا آهن.

اگڻ اهي ئي جت نه پسان جوءِ ۾،
اوطاقون اونين جون سوجهيم سيئي،
اڪڙيون روئي ماڳ نهاري موٽيون.

اسان کي اها به خوشي آهي ته سندس ٻيو نمبر فرزند پير شبير حيدر پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلي رهيو آهي. پير شبير حيدر به تصوف ڏانهن لاڙو رکن ٿا. پاڻ بهترين هر دلعزيز، فرض شناس، باهمت عوام دوست پوليس آفيسر آهن، جتي به رهيا آهن عوام جي خدمت ڪئي آهي. هن جو ادب فن ثقافت ۽ پاڻ حقوق العباد ۾ يقين رکي ٿو ۽ سماجي ڪم ڪندو رهيو آهي، بزرگن درويشن سان عشق آهي.

## علمي، ادبي شخصيت پروفيسر اعجاز علي ميمڻ

پروفيسر اعجاز علي ميمڻ ضلع نوشهروفيروز ۾ خان بهادر الهندو شاهه جي شهر درٻيلو ۾ 1941ع ۾ هڪ ننڍڙي زميندار علي محمد ميمڻ جي گهر ۾ جنم ورتو. ان دور ۾ تعليم عام نه هئي غريب ته رهيا پري پر وچولي طبقي جا ماڻهو به تعليم حاصل ڪرڻ ڪان محروم هئا. اهڙي ماحول ۾ به پروفيسر اعجاز علي ميمڻ ڪي تعليم حاصل ڪري ڪجهه پنهنجي ڏرتي ۽ ڌرتي وارن جي خدمت واري جذبي تحت وڏا ڪشالا ڪڍي تعليم حاصل ڪئي پاڻ ايم اي اڪنامڪس، ايل ايل بي پاس ڪئي ته ڪيس ايچ ايس ٽي جو آرڊر مليو ۽ ڪيس ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادپور ۾ مقرر ڪيو ويو. پاڻ حقيقي استاد وارو ڪردار ادا ڪندي شاگردن ڪي پنهنجو اولاد سمجهي تعليم ڏني. پاڻ ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ مثالي استاد هئا. 1972ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ليڪچر شپ جو امتحان پاس ڪري سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار مقرر ٿيا. ليڪن پاڻ حيدرآباد ۾ رهڻ بجاءِ سهڻي ميهار جي شهر شهدادپور ۾ رهڻ ڪي اهميت ڏيندي مستقل طور هتي رهڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ آخري وقت تائين شهدادپور ۾ ئي رهيو. اسلامي تاريخي ۽ ادبي ڪتاب سندس مطالعي هيٺ رهيا. سندس لطيف سائين ۽ ٻين بزرگن اوليائن سان محبت ۽ عقيدت هئي لطيف سان ته سندس عشق هو. حيدرآباد مان شهدادپور ايندي لطيف جي مزار تي حاضري ڀريندو هو. جهڙوڪ هفتي ۾ هڪ ڀيرو دفعا لطيف جي آخري آرام گاهه تي سلامي ڀرڻ سندس فرض ۾ شامل هجي. ڪيس لطيف سائين جو تقريبن رسالو ياد هو. پاڻ درگاهه تي ٻهاري به ڏيندو هو. پاڻ سرڪاري ڊيوٽي ڪي عبادت سمجهي ڪندا هئا. سندس دوستن جو حلقو مختصر هو. شهدادپور ۾ سائين استاد دادن پتو، استاد ڄام بادل جکرو، حيدرآباد ۾ ليڪچرار قاضي صاحب، ليڪچرار چوهاڻ صاحب، ليڪچرار بوزدار صاحب سندس ويجها دوست رهيا.

پاڻ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪان ادب جي حوالي سان متاثر هئا ۽ ادب ۾ سندس آئيڊيل به ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو. ڊاڪٽر بلوچ جي ذاتي شخصيت مان به متاثر هئا. جو پنهنجي شهپرن جو اسٽائل به ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي شهپرن جهڙو ڪرايائين. پاڻ مخلص، سچو انسان هو ۽ اديبن، علم دوست، عالمن، مخلص ۽ سچن





انسانن سان ملندي خوشي محسوس ڪندو هو. سگهڙن جون ڪچهريون شوق سان ٻڌندو هو. سال ۾ ٻه دفعا پنهنجي جنم ڀومي درٻيلو ويندو هو ۽ اتي پنهنجي مٽ مائٽن ننڍپڻ جي دوستن سان ملندو هو. انهن سان ڪچهريون ڪندي خوشي محسوس ڪندو هو. پاڻ مائڪرو اڪنامنس ۽ مڊڪو اڪنامنس تي 20 ڪن شاندار ڪتاب لکيا جيڪي ڪورس ۾ پڙهايا وڃن ٿا ۽ ريفرنس بوڪ طور به استعمال ٿين ٿا. پاڻ زندگي جي آخري حصي ۾ مختلف موضوع تي پڻ شاندار ڪتاب لکي رهيو هو. پر زندگي ساڻن وفا نه ڪئي ۽ اهي ڪتاب مڪمل ڪرڻ ڪان اڳ پاڻ الله ڪي پيارو ٿي ويو. 1980ع ۾ پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي نيوز ڪاسٽر به ٿيو ۽ ريڊيو پاڪستان تي اقتصاديات تي هڪ پروگرام جو ميزبان به رهيو. خاص طور ملڪ جي ساليانه بجيٽ پيش ٿيڻ بعد بجيٽ تي پروفيسر اعجاز علي ميمڻ ڪان تبصرو ڪرايو ويندو هو. جيڪو قومي رابطي تحت پاڪستان جي سڀن ريڊيو اسٽيشنن تي نشر ٿيندو هو. پاڻ اڪنامڪس جو ماهر هو. ريڊيو پاڪستان تي سندس خبرن پڙهڻ جو انداز به ڏاڍو وڻندڙ هوندو هو. لاڪيٽي لطيف لاءِ سندس چوڻ هو ته لطيف اسان جي معرفت جو ذريعو آهي. سندس شاعري قرآن شريف جي سنڌي ۾ تشريح آهي. لطيف سائين روحاني شاعر آهي. جنهن دين دنيا جي مسئلن ڪي باريڪيءَ سان ڏٺو. پروفيسر اعجاز علي ميمڻ لطيف سائين جي شاعري ۽ فڪر تي به اخبارن ۾ ڪافي مضمون لکيا. پاڻ حيدرآباد مان شهدادپور ايندو هو ته فجر جي نماز بعد لطيف جي شاعري جي لازوال پيار محبت جي داستان سهڻي جي مزار تي وڃي ڪيترو ئي وقت اتي ويهي سڪون محسوس ڪندو هو. پاڻ فقير منش، سادگي پسند زندگي ۾ ڪنهن جي به دل آزاري نه ڪئي. ڪيس اڇي ۽ آسماني رنگ جا ڪپڙا گلاب جو گل ڏاڍو وڻندو هو ۽ اڪثر سندس هٿ ۾ گلاب جو گل هوندو هو. ڪيس زندگي ۾ ٻن ڏکن سندس دل دماغ تي گهرو اثر ڇڏيو. هڪ سندس اباڻو باغ وڪرو ٿي وڃڻ ٻيو سندس ننڍو ڀاءُ اياز محمد جيڪو ڊائريڪٽر زراعت هو. ان تي ڪيس ڏک هو ته ان ڪي پنهنجون خواهشون ماري ڪيس اعليٰ تعليم ڏياري پر هو وڏي عهدي جي ڪرسي تي پهچڻ بعد ڪيس وڏي ڀاءُ وارو درجو نه ڏنو. انهن ٻنهي ڏکن خاص طور ڀاءُ جي اهڙي رويي جي ڏک جون ڳالهيون دل وارن دوستن ۽ مٽ مائٽن سان ڪندي غمگين ٿي ويندو هو

ٻ روئي ڏيندو هو ۽ اهو ڏک قبر ۾ کڻي ويو. پاڻ پنهنجي شاگردن ۽ اولاد کي وقت وڃائڻ بجاءِ سچو توجهہ تعليم تي ڏيڻ لاءِ چوندو هو. سندس خواهش هئي تہ سندس وڏو پٽ سليم ميمڻ انجنيئر ٿئي يا سي ايس ايس ڪري آفيسر ٿئي، سندس اها خواهش تہ پوري ٿي پر سندس وصال بعد سندس فرزند سليم ميمڻ سي ايس ايس ڪري ڪسٽم ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر ٿيو ۽ هاڻ ڪليڪٽر آهي. يقينن پروفيسر اعجاز ميمڻ جو روح سندس خواهش پوري ٿيڻ تي ضرور خوش هوندو. پاڻ 8 سال کن شگر جهڙي موضي مرض ۾ گذارڻ بعد 97-8-19 ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. پاڻ بخاري قبرستان ۾ ڌرتي ماءُ جي هنج ۾ ابدي ننڊ ستل آهي. سندس وڏو فرزند محمد سليم ميمڻ 25 جولاءِ 1969 ع تي جنم ورتو. پاڻ پرائمري مين سنڌي پرائمري اسڪول شهدادپور مان ڇهين ڪان ڏهين ڪلاس تائين گورنمنٽ ميونسپل هاءِ اسڪول مان فرسٽ ايئر گورنمنٽ ڊگري ڪاليج شهدادپور مان سول انجنيئرنگ مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو مان ۽ ايم اي اڪنامڪس سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پاس ڪئي جڏهن تہ پاڻ بينڪنگ ڪميشن جي امتحان ۾ پاس ٿيو تہ ڪيس ايم سي بي ۾ آفيسر جو آرڊر مليو. پر 3 سالن جو بانڊ لکي ڏيڻ وارو شرط قبول نہ ڪندي اها نوڪري نہ ڪئي. ڇاڪاڻ تہ پاڻ سي ايس ايس جون تياريون ڪري رهيو هو.

1998 ع ۾ سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري اسسٽنٽ ڪليڪٽر ڪسٽم طور مقرر ٿيو. هاڻ پاڻ ڪليڪٽر آهي. پروفيسر اعجاز احمد ميمڻ جو ٻيو فرزند محمد حليم ميمڻ ايل ايل بي ڪرڻ بعد وڪالت ڪري رهيو آهي. هاڻ هي ٻئي ڀائر حيدرآباد رهن، پر شهدادپور وارو گهر بہ پاڻ وٽ ئي رکيو اٿن، شهدادپور توڙي شهر وارن سان ناتا ختم نہ ڪيا آهن، وقت بہ وقت شهدادپور ۾ ايندا رهن ٿا ۽ هتان جي مٽ مائٽن، دوست جي خوشين، غمن ۾ بروقت شرڪت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. والد وانگر لطيف سائين سان عقيدت رکندڙ، سٺن دوستن جو محدود حلقو رکن ٿا. انسان دوست ۽ ادب دوست، ذهين، سنجيده انسان آهن. محترم سليم ميمڻ جو لطيف سائين جو ڪلام پيغام عام ڪرڻ لاءِ شايع ٿيندڙ پيچ ڀٽائي ميگزين جي حوالي سان سندس وڏو ساٿ مالي مدد رهي آهي.

(هن مضمون لاءِ سائين محمد دادن ڀٽو مرحوم، ڄام بادل جکرو ۽ مرحوم





پروفيسر اعجاز جي فرزند سليم ميمڻ ۽ سندس پاڙي چاڪي پاڙو جي پراڻن پاڙيسرين کان معلومات ورتي ويئي هئي).

## سنڌي ادب جو روشن ستارو "ڪيرت ٻاٻاڻي"

سنڌي ٻولي جو مشهور اديب، شاعر، صحافي، نقاد ڀارت ۾ سنڌيت ۽ ثقافت کي قائم رکڻ، سنڌي ٻولي کي مان مرتبو ڏياريندڙ شري ڪيرت ٻاٻاڻي 7 مئي 2015 خميس ڏينهن صبح جو اسان کي هميشہ لاءِ وڇڙي ويو، شري ڪيرت ٻاٻاڻي جنهن جو پورو نالو ڪيرت چوئٿرام ٻاٻاڻي هو، پاڻ نواب شاهہ ضلعي جي تعلقہ سڪرنڊ جي تاريخي قديمي ڳوٺ موريو لاڪو ۾ 3جنوري 1922 ع تي هڪ واپاري سيٺ جي گهر ۾ جنم ورتو، پهريان 2 درجا مسجد جي ملان وٽ مسجد ۾ پڙهيو، ڪيرت ٻاٻاڻي اڃان 4 سالن جو هو تہ سندس والد ديهانت ڪري ويو ۽ سندس پالنا سندس چاچا والد وانگر ڪئي، اڃان 10 سالن جو هو تہ ڪن چورن سندس ٻن چاچن جيڪي اوطاق تي ستل هئا، انهن کي بي دردي سان قتل ڪري دوڪان مان سامان کڻي ويا باقين بچيل سامان کي باهہ ڏئي ويا، هن دل ڏاريندڙ واقعي هن ڳوٺ جي هندن ۾ وڏو ڏهڪاءُ پيدا ڪيو ۽ هو هتان لڏي مختلف هنڌن تي وڃي رهيا، شري ڪيرت ٻاٻاڻي جو خاندان پهرين صابو راهو ۾ جتي ڪيرت جا ناناڻا رهندا هئا بعد ۾ نواب شاهہ وڃي رهيا، هُو پرائمري صابو راهو ۾ پڙهيو مئٽرڪ تائين گورنمينٽ ايچ ايم خواجہ هاءِ اسڪول ۾ حاصل ڪئي، باقي تعليم بي اي، ايل ايل بي تائين ڪراچي ۾حاصل ڪئي، هي جڏهن 3 درجي ۾ پڙهندو هو تہ سندس استاد گوڇي رام ٿانواڻي جيڪو قومي ۽ روشن خيالن جو هو، سندس ليڪچرن، ڳالهين کان متاثر ٿي پاڻ ڪانگريس جي ويجهو هليو ويو، نواب شاهہ ۾ شاگردي واري زماني ۾ هن انگريز کي هن ڌرتي تان تڙي ڪڍڻ واري تحريڪ ۾ سرگرم رهيو، قومي ڀاونا ۾ هن ساٿين سان گڏ ڪاڌي جو ڪپڙو ڪلهن تي کڻي وڪرو ڪيو ۽ بيمار غريب ماڻهن کي دوائون وٺي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ هن فارويب اسٽوڊنٽس يونين بہ ٺاهي، ۽ ان نالي سان هڪ ماهوار خبر نامون هٿ سان لکي شاگردن ۾ ورهائي انهن ۾ قومي جاگرتا پيداڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، 1942 ع ۾ انگريز هندستان ڇڏي وڃو تحريڪ ۾ ڀرپور حصور ورتو نواب شاهہ هاءِ اسڪول مان ڪلاسن جو بائيڪاٽ

ڪرائي شاگردن ۾ شاگردياڻين جو جلوس ڪڍرايو، جڏهن جلوس وچ شهر ۾ پهتو ته ڪين اطلاع مليو ته پوليس اوهان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ اچي پئي ۽ پوءِ سڀ اتان نڪري ويا شري ڪيرت هڪ دوست جي گهر ۾ 3 ڏينهن انڊر گرائونڊ رهيو، چاڪاڻ ته جلوس ڪڍرائڻ جي ڏوهه ۾ پوليس ڪيس ٻڌولي رهي هئي، ان دوران هي بيمار به ٿي پيو ۽ دوست جي گهران نڪري پنهنجي گهر پهتو ته پوليس ڪيس گرفتار ڪري 11 مهينا جيل موڪلي ڇڏيو، جڏهن هن کي سکر جيل موڪليو ويو جتي جيل اندر سندس ملاقات سوڀو گيانچنداڻي سان ٿي جيڪو ڪميونسٽ پارٽي جو اڳواڻ هو، ڪاڪا ڪيرت سوڀو جي ڳالهين کان متاثر ٿي ڪانگريس کان ڪنارا ڪش ٿي ڪميونسٽ پارٽي ڏانهن مائل ٿيو اتي هن قومي انقلابي ڪتاب به پڙهيا، جيل مان آزاد ٿيڻ بعد هن ڪميونسٽ پارٽي لاءِ شاگردن ۽ مزدورن ۾ ڪم شروع ڪيو. ان دوران هن هفتيوار صداقت اخبار ۾ ايڊيٽر ٿيو، جڏهن ته نواب شاهه ڇڏي ڪراچي ۾ رهڻ لڳو ته ان وقت نئين دنيا پبليڪيشن گوبند مالهي جي نگراني ۾ شايع ٿيندو هو، ان پاران ڪهاڻي نمبر شايع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو ۽ گوبند مالهي، هن کي به ڪهاڻي لکڻ جو چيو ۽ هڪ ڪهاڻي ڳولڻ لاءِ ڪراچي شهر گهميو ته هڪ مٺائي جي دوڪان تي ماڻهن جو ميڙ ڏٺائين اتي وڃي ڏسي ته ماڻهو هڪ معصوم ٻار کي مارڪٽ ڪري رهيا آهن، معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته هن دوڪان تان جليبي چورائي آهي، هن پهرين ڪهاڻي ان واقع جي پس منظر ۾ ”جليبن جو چور“ لکي ٻي ڪهاڻي پنجاب ۾ ٿيندڙ فسادن جي پس منظر ۾ لکي، ان بعد هن لاتعداد ڪهاڻيون لکيون، ورهاڱي بعد هن جو خاندان ته سنڌ مان لڏي ويو پر هن نه صرف سنڌ کي ڇڏڻ کان انڪار ڪيو پر لڏي ويندڙ هندن کي روڪيو ته هو پنهنجي ڌرتي ماتا کي نه ڇڏين ورهاڱي بعد به هو ٻه سال سنڌ ۾ رهيو، ته ڪميونسٽ پارٽي جي ٻين ماڻهن سان گڏ هن کي پڪڙي ڪراچي جيل ۾ بند ڪيو ويو. يارهن مهينا جيل ڪاٽي آزاد ٿيو ته سي آءِ ڊي سندس پويان لڳائي وئي، هي ڪراچي مان حيدرآباد پهتو ۽ ڪامريڊ حيدر بخش خان جتوئي وٽ لکي رهڻ لڳو ۽ سندس هاري حقدار اخبار به سنڀالي پر سي آءِ ڊي اتي به پهچي وئي ۽ هن وٽ جيڪي دوست ايندا هئا انهن کي تنگ ڪيو ويندو هو ۽ هن لاءِ حالتون ايتريون ته تنگ ڪيون ويون، جو مجبورن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ ٻين





دوستن مشورو ڏنو ته هو ڪجهه وقت لاءِ ڀارت هليو وڃي اتان وري موٽي اچي اهڙي ريت نه چاهيندي به پنل نيڻن سان هن سنڌ ڇڏي جڏهن هندستان پهتو ته اتي سنڌ مان لڏي آيل سنڌي هندن جن کي ڪئمپن ۾ رهايو ويو انهن جي حالت زار ڏٺي پاڻ به ڪافي عرصو الهاس ننگر ۾ ڪئمپ ۾ رهيو ۽ پاڻ واپس سنڌ موٽڻ بجاءِ انهن ماڻهن جي شيوا ڪرڻ ۾ لڳي ويو، ڀارت ۾ سنڌي ٻولي، ثقافت ادب جي لاءِ پاڻ پتوڙيو پاڻ ٻين ساٿين سان گڏجي 16 سالن جي طويل جدوجهد کان پوءِ 1967ع ۾ سنڌي ٻولي کي سرڪاري ٻولي قرار ڏياريو، پاڻ سنڌي ادبي سنگت جو شروع واري دور ۾ ميمبر به رهيو آنجهاني ڪيرت ٻاٻاڻي جي ڇپيل ڪتابن ۾ هوءَ ”ڪهاڻيون ماءُ“ مڪسم گورڪي جي ناول جو ترجمو: ڪُولي ملڪ راج آنند جي ناول جو ترجمو، جو درد دل ۾ سمائجي نه سگهيو ” ڪهاڻيون، سوري سڏ ڪيو، ناٽڪ، ادب ۾ قدرن جو سوال، تنقيد، لينن دنيا جي عظيم، انقلابي شخصيت، اوڪ ڊوڪ، تنقيد، چونڊ سنڌي مضمون ”ترتيب“ جيڪو ڏنو مون “ايشيا سفر نامون، ٻول راڻي، لوڪ ڪهاڻيون، پيهي منجهه پاتال “ادبي مضمون“ ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي، جائزو، امن جي افق ڏانهن ”مضمون“ نه ليليٰ نه مجنو ”ڪهاڻيون“ چونڊ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ”ترتيب“ جيئي سنڌ سدا جيئي، ڪهاڻيون اوهان سڀ ننگا آهيو، ڪهاڻيون، ڪجهه ٻڌايو ڪجهه لڪايو، آتم ڪٿا جا 4 جلد، ليا ڪا ڀائين ڪاپائين، شاعري مراثي ادب جي تاريخ، ترجمو، سو سڏ سو پڙاڏو، خط ڌرتي جو سڏ، ناٽڪ، سو سڏ سو پڙاڏو، اڌ صدي جا خط. سنڌين جو سفر ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن، پاڻ هندستان مان سنڌي زبان ۾ سنڌ سجاڳ ماهوار رسالو ۽ سنڌ رائيز به شايع ڪيا، سندس اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ لهرون لک لباس جيون جي ڊيڪ تي آٽو بايو گرافيل ناول، آخر جيت اسان جي، ناٽڪ، اجهو ڏينهن ٿيو، ليک، تقديرون، انترويو، سنڌو ديش جون ڪهاڻيون ”سنڌ جو اتهاس“ پاڻ انگريزي ۾ ماهوار سياسي فمخزن به ڪڍي پاڻ 1981ع ۾ روس جو دورو اتان جي حڪومت جي دعوت تي ڪيو، 1983ع ۾ ورلڊ پيس ڪائونسل پاران چيڪو سلوا جو دورو ڪيو، پاڻ ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو 18 سال تائين صدر به رهيو، ساهيته اڪاڊمي جي سنڌي ٻولي جي صلاحڪار ڪائونسل جو ميمبر به رهيو، هو هڪ آدرشي انسان هو، هن سماج کي بهتر بڻائڻ لاءِ جدوجهد ڪئي، پاڻ وڪالت پاس ڪرڻ

جي باوجود ماستري ڪئي، سندس فرزند جو چوڻ آهي تہ هو جواهر لعل نهرو جي نعري ”آرام حرام آهي، مان اتساهہ پائيندي وس آهر قومي ڪم پاڻ تي کڻي سنڌين کي متحد ڪري پنهنجي سڄي ڄمار ان ڪم ۾ لڳائي ڇڏي سندس فرزند انوب ٻاٻاڻي جو چوڻ آهي تہ بابا جي خواهش رهي ۽ ان ڪارڻ جدوجهد رهي تہ اسان جو سماج بهتر بڻجي جنهن ۾ سڀ انسان هڪ مهذب جيون ماڻي، ان ڪان بہ وڌيڪ پيارو آدرش جيڪو ڪيس لوڏي رهيو هو سو هو پنهنجي اکڙيل سنڌي قوم جي ٻولي اساهت ۽ سنڪرتيءَ جي حفاظت رام بخشاڻي، هڪ هنڌ ڪيرت ٻاٻاڻي لاءِ چيو آهي تہ ملڪ جي آزادي بعد جن جوانن سنڌي ساهيتہ ۽ ثقافت جي بچاءَ لاءِ ڪمرڪشي پنهنجي روٽي روزي جي پرواهہ نہ ڪندي پنهنجي ڪٽنب جي سک چين جي قرباني ڪري ميدان ۾ ٽپي پوڻ جو ساهس ڪيو تن ۾ شري ڪيرت ٻاٻاڻي جو نالو وسرڻ جو نہ آهي، آڏي مانجهي تتي ٿڌي هن سنڌي ٻولي ساهتہ ۽ سڀيتا جي صدقي ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ جا دورا ڪيا . ماڻهن ۾ سنڌيت لاءِ پيار جاڳايو ڪيس ادبي خدمتن جي عيوض لاتعداد ايوارڊ مليا، جن ۾ ڀين ايوارڊن ڪانسواءِ ڪتاب لينن دنيا جي عظيم انقلابي شخصيت تي سوويت يونين ۾ نهرو امن ايوارڊ 1980ع ۾ ماسڪو ۾ مليو، اوڪ ڊوڪ ” تنقيدي ڪتاب“ تي تعليم کاتي پاران 1982ع ۾ دهلي ۾ مليو، پيهي منجهہ پاتال مضمونن جي ڪتاب تي آرميڪ ڇتا پتي جو پهريون انعام اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا پاران اعليٰ خدمتن جي مڃتا طور ايوارڊ 1986ع ۾ ممبئيءَ ۾، مهارا شٽر سنڌي ساهتيہ اڪيڊمي پاران 1989ع ۾ ادبي ايوارڊ، ورلڊ سنڌي ڪانگريس پاران 92ع ۾ جي ايم سيد ايوارڊ بہ شامل آهن، پاڻ 93 سالن جي ڄمار ۾ 2015ع ۾ ديهانت ڪري ويو، جڏهن ائون ادبي ۽ صحافتي دنيا ۾ نئون آيو هئس تہ ڀارت جي ساهتڪارن کي خط لکڻ جي جنون ڪري انهن جي ايڊرسون هٿ ڪري خط لکيا جن ساهتڪارن کي خط لکيا، انهن ۾ شري ڪيرت ٻاٻاڻي بہ شامل هو، شروع ۾ اسان جي خط و ڪتابت هلي پر اهو جنرل ضياءَ جو مار شلا وارو ڪارو دور هو، جنهن ۾ ڀارت مان ايندڙ ويندڙ خطن کي کولي پڙهيو ويندو هو ۽ خط لکندڙن کي تنگ ۽ حراسان ڪيو ويندو هو ان ڪري چاهيندي بہ ڀارت جي ڀين ساهتڪارن سڄڻ سان گڏ ڪيرت ٻاٻاڻي سان خط ڪتاب جو سلسلو بند ڪرڻو پيو، مون





جڏهن ڪان لطيف سائين جو ڪلام پيغام عام ڪرڻ لاءِ پيچ پٽائي ميگزين جو سلسلو جاري ڪيو تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني ڀين اديبن سان گڏ ڪيرت ٻاٻاڻي ڏانهن بہ ميگزين موڪلي پاڻ ان تي مهرباني طور بہ خط بہ لکيا، سنڌ جا اديب شاعر، دانشور، ساڃاهہ وند ڏريون ڪيرت ٻاٻاڻي جي ديهانت تي سوڳوار آهن .

## سنڌيت جي جوت جلائڻ وارو شري موتي پرڪاش

اڄان ڪاڪا لڇمڻ ڪومل، ڪاڪا ڪيرت ٻاٻاڻي جي وڇوڙي تي هند سنڌ جي علمي، ادبي، ساڃاهہ وند ڌرين جا نيڻ آلا هئا. هنن عظيم سنڌ ڄاون شخصيتن جي لاڏاڻي جا گهاوَ تازا هئا تہ وري اوچتو سنڌيت جي جوت جاڳائڻ وارو ”آنڌي ۾ جوت جاڳائڻ وارا سنڌي“ جهڙن خوبصورت گيتن جو سرجڻهار مشهور شاعر، اديب، ليکڪ، ڊراما نويس، تعليمدان، نقاد، شري موتي پرڪاش بہ لکين چاهيندڙن کي ڇڏي ڏور اتي هليو ويو آهي، جتي ويندڙ وري نہ موٽندا آهن.

موتي واقعي ۾ بہ سنڌي ٻولي جو خوبصورت موتي هو، پارس هو. موتي پرڪاش 18 مئي 1931ع تي سنڌ جي تاريخي ضلعي ٺٽي جي دڙو شهر ۾ هڪ پوسٽ ماستر سنگراس جي گهر ۾ جنم ورتو. سنڌي تعليم ۽ انگريز تعليم پهرين دڙو، بعد ۾ جاتي ۾ حاصل ڪئي. شاگردي دور ۾ شاعري جي ڪتابن پڙهڻ جي شوق ڪيس شاعري ڪرڻ جو شوق جاڳايو ۽ هن ٻارن لاءِ گيت لکڻ شروع ڪيا، جيڪي ان دور ۾ ادبي رسالن خاص طور ٻارڙن جي رسالن ۾ شايع ٿيڻ لڳا. جنهن ۾ گلستان رسالي جي هر شماري ۾ سندس شاعري شايع ٿي، جيڪا وڏن ۽ ٻارن ۾ هڪ جهڙي پسند ڪئي ويندي هئي. بعد ۾ پاڻ ٻارن ۾ ادب جو شوق جاڳائڻ لاءِ ٻال سنديش جي نالي سان رسالو ڪڍڻ شروع ڪيو. ملڪ جي ورهاڱي بعد هندو- مسلم فسادن سان پيدا ٿيل خوف هراس ۾ هن جي خاندان بہ نہ چاهيندي، روئيندي سنڌ ماتا جي ڌرتي کي الوداع چئي لڏپلاڻ ڪري انڊيا پهتا. جتي احمدآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ اتي هن بي اي آنرس، بي ايڊ جا امتحان پاس ڪيا ۽ ماستر ٿيو. ان سان گڏ آل انڊيا ريڊيو سروس جي سنڌي سروس ۾ ڪم شروع ڪيو. 81ع ۾ بمبئي يونيورسٽي مان ”سنڌي شاعريءَ ۾ عورت جو عڪس، موضوع

تي پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي، پاڻ مختلف تعليمي ادارن ۾ پرنسيپل رهيو. پاڻ 25 سال تعليمي ادارن ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏيڻ بعد رٽائرڊ ٿيو، ان بعد انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي آديپور ڪڇ جو ڊائريڪٽر رهيو. جڏهن سنڌي هندو اباڻي ڌرتي کي ڇڏي اوپري ڌرتي انڊيا جي مختلف علائقن ۾ پهتا تہ هڪ عذاب ۾ ورتل هئا. نئون ماحول، بک، بيروزگاري ۽ ٻيا ڪيترائي مسئلا درپيش هئا. سنڌي هندن جي درد کي شدت سان محسوس ڪندي سنڌي شاعر، اديب، نقاد جاڳيا ۽ اهو سوچي سنڌين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري بنيادي مسئلن تي جدوجهد شروع ڪئي وئي تہ جي ائين نہ ڪيوسين تہ اسين تباهہ برباد ٿي وينداسين. ان ڪري مايوسي واري ماحول مان نڪرڻ لاءِ ترقي پسند ادب کي وڌائڻ جي ضرورت، شدت سان محسوس ڪئي وئي ۽ ان ۾ جن اديبن، شاعرن ڪردار ادا ڪيو، انهن ۾ موتي پرڪاش اڳيان اڳيان هو. ان حوالي سان پارڪن، روڊن رستن تي گڏجاڻين بعد نئون ساهت منڊل جو بنياد وڌو ويو، بعد ۾ ان کي سنڌي ساهت منڊل نالو ڏنو ويو. موتي پرڪاش ۽ ٻين دوستن جي ڪوشش سان سنڌ مان هنن پاران نئين دنيا مئگزين جيڪو شايع ٿيندو هو، ان جو انڊيا ۾ ٻيهر اجراءُ ڪيو ويو، جيڪو اتان جو مقبول ترين رسالو بڻيو، ان ۾ ترقي پسند ادب ذريعي سنڌين ۾ نہ صرف سندن مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون ڪيون ويون، پر اتي سنڌيت، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، ثقافت ڪلا کي بچائڻ لاءِ اتساهہ پيدا ٿيو، انڊيا ۾ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي قرار ڏيارڻ لاءِ موتي پرڪاش جون پنهنجي ساٿين سان گڏ اڻ ٿڪ ڪوششون شامل رهيون، جڏهن ڪجهہ اديبن سنڌي ٻولي بجاءِ ديوناگري ٻولي آڻڻ لاءِ سازشون ڪيون تہ ان خلاف هر محاذ تي مخالفت ڪندي سنڌي ٻولي کي بچائڻ لاءِ موتي پرڪاش اڳيان رهيو ۽ انڊيا ۾ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿيا. سنڌي ادب، ثقافت، ڪلا، ٻولي کي بچائڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ ڏگهي جدوجهد ڪئي، جنهن ۾ سڄي انڊيا ۾ قافلو ويو ۽ سنڌين ۾ ان حوالي سان سجاڳي آندي. پاڻ هر دلعزيز شخصيت، سادگي پسند، سچو، کرو، ميٺاج واري طبيعت رکندڙ هو. ڪيس جيترو تعليم تي دسترس هئي، ايترو ئي شاعري ۽ نثر تي عبور حاصل هوس. هن لاءِ انڊيا جي ادبي حلقي ۾ مشهور رهيو تہ موتي عاشق مزاج شاعر آهي، پر هن هر موضوع تي





شاندار شاعري ڪئي آهي. بقول پريو وفا جي تہ موتي پرڪاش ساهتہ جي هر صنف کي نوازيو آهي. انڊيا جي سنڌي ادبي ڪيتر ۾ بہ سندس الڳ حيثيت هئي، ڪيس ورهاڱي کانپوءِ جيڪا ترقي پسند ساهت جي لهر هند ۾ هلي، ان ۾ ڪيس ڀرپور ڪوتا ڏٺي مڃيو وڃي ٿو. بقول سندس ساٿي ارجن حاسد جي تہ تخليق کي انساني سماج کي بدلائڻ ۽ سنڌ پرستي لاءِ موتي ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

موتي پرڪاش سنڌي ساهت منڊل، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتہ سڀا، مهاراشٽر اسٽيٽ ٽئڪس بوڪ پراڊڪشن جي ڀرين ڪان 9 درجي تائين درسي ڪتابن جوڙڻ واري ڪاميٽي، ايڊيٽر ٽيڪسٽ بوڪ "11 ۽ 12 ڪلاس" ڪائونسل سي بي ايس اي گلف ۽ ٻين ادارن ۾ بہ چيئرمين، سيڪريٽري ۽ ميمبر طور شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون. موتي پرڪاش 54ع ۾ مشهور ليکڪ ڪلاپرڪاش سان پرڻو ڪيو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ 'آءُ تہ ڇوريان ڇنگ' "شاعري" 'انڌيرو اجالو' "ناول" 'وقت ۽ ويچار' "مضمون" جيءَ اندر جهاتي، گلڙن جا گيت "ٻارن لاءِ" رات هڪ طوفان جي "ناٽڪ" دل جون ڳالهيون "يادگيريون" ادبي گل، پردي پويان پردي اڳيان، تنهنجي گلي جون ڳالهيون "شاعري" گومي بائي جو سنسار "ننڍا ناٽڪ" سنڌي شاعري ۾ استري چٽ "پي ايچ ڊي جي ٿيسز" ڇٽنگ وڄ ڇولي ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب شامل آهن. سندس سنڌي ادب، فن، ثقافت، ٻولي، تعليمي ۽ خدمتن جي پيش نظر مڃتا طور ڪيس ڪافي ايوارڊ، ٽرافيون، روڪ انعام مليا، جن ۾ ٻين ڪانسواءِ آل انڊيا ريڊيو سروس تي بهترين قومي نغمن جي مقابلي ۾ ڀريون انعام، ٻارن جي شاعري گلڙن جا گيت ڪتاب تي بهترين ٻالڪ ڪوي جو ايڊيوڪيشن منسٽري پاران انعام، ادب ڪلچر جي ميدان ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا پاران 20 هزار روڪ انعام، مرڪزي ساهتہ اڪيڊميءَ پاران سنڌ ايوارڊ 20 هزار روڪ انعام، سي سانڊيم ساهہ سين، سفرنامي تي انعام، تعليمي خدمتن تي نيشنل ايوارڊ، ادبي خدمتن تي پروفيسر رام پنجواڻي ڪلچرل ۽ لٽرري سينٽر پاران انعام، سهيوڳ فائونڊيشن پاران نارائڻ شيام ايوارڊ ۽ روڪ انعام، آل انڊيا ريڊيو لاءِ لکيل فيچرن، ناٽڪن تي انعام بہ شامل آهن.

سنڌ هند جو هي نامور شاعر، اديب، نقاد، ناٽڪ نويس، سماج سڌارڪ، تعليمي شخصيت ڊاڪٽر موتي پرڪاش 4 آگسٽ 2015ع

اربع ڏينهن اسان کان وڇڙي ويو. هميشہ لاءِ جتي پارت جا سنڌي سندس چولو متاثڻ تي غم ۾ ورتل آهن، اهڙي ريت سنڌ جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ ساجاهہ وند حلقن ۾ بہ ڏک جي لهر ڇانيل آهي. سنڌ وارا بہ سندس لاڏاڻي تي سوڳوار ٻڌيل آهن. ظاهري طور تي انڊيا جي احمدآباد ۾ سندس لاڏاڻي تي تڏو وڇايو ويو . تہ سنڌ جي ساڃاهہ وند ماڻهن پنهنجي دل ۾ تڏو وڇايو موتي اڄ اسان جي وچ ۾ نہ آهي، پر سندس ڳالهيون، ڳالهيون، لکڻيون، خاص طور سنڌيت جي جوت جلائڻ واريون ڪوششون صدين تائين ياد رهنديون.

”هي آرٽيڪل روزانہ عبرت ۾ شايع ٿيو جتان ورتو ويو“

**بي باڪ صحافي شيخ علي محمد**

1978ع جو زمانو هو جڏهن آئون ناز سنائي سان گڏجي آفتاب اخبار جي آفيس ۾ شيخ علي محمد سان ملاقات لاءِ ويس، ان زماني ۾ آئون الفقراء اخبار سانگهڙ جو ملدسي ۾ نمائندو هئس ۽ ان زماني ۾ آفتاب، عبرت، سنڌ نيوز، هلال پاڪستان اخبارن ۾ ايڊيٽر جي ٽيال ۾ ملدسي ۽ آسپاس واري علائقي جي ڳوٺن جا بنيادي مسئلا شايع ڪرائيندو هئس، ان دور ۾ اخبار جي نمائيندگي اڄ جي دور وانگر 10 اخبارون گهرائڻ 1000 رپيہ ڪارڊ جا ڏيڻ ۽ مختلف ڏينهن تي اشتهار وٺرائي ڏيڻ واري شرط تي نہ ملندي هئي، ان زماني ۾ جيئن نوڪرين جا انٽرويو ٿين ٿا باقائده انٽرويو ٿيندا هئا، خبرون لکرائي چيڪ ڪيون وينديون هيون ۽ آفتاب اخبار ۾ ملدسي مان رپورٽر ٿيڻ لاءِ مون کي بہ ان مرحلي مان گذرڻو پيو، پاس ٿيڻ جي باوجود ڪارڊ هڪ سال آزمائيش هيٺ رکڻ بعد اداري جي پاليسين تي پورو لهڻ واري شرط تي ڏيڻ جو ٻڌايو ويو.

جڏهن ناز سنائي سان گڏ شيخ علي محمد وٽ پهتس تہ پاڻ بهترين انداز ۾ مليو، ملدسي ۾ رپورٽر مقرر ٿيڻ بعد شيخ علي محمد سان ملاقاتن جا سلسلا شروع ٿي ويا، بعد ۾ مونکي بهترين ڪارڪردگي جي ڪري شهدادپور رپورٽر مقرر ڪيو ويو پاڻ ڏاڍا شفيق رحم دل هئا، آفتاب جي رپورٽرن کي اولاد وانگر سمجهندا هئا. پاڻ بيباڪ صحافي هئا.

جنرل ضياءَ جي مارشلا دؤر ۾ بہ پاڻ سنڌ واسين سان ٿيندڙ ظلم زيادتين 83ع ۽ 86ع واري ايم آر ڊي تحريڪن ۾ نہ صرف تحريڪ





واري هلچل کي اخبار ۾ اهميت ڏني پر پاڻ بہ ڀرپور انداز ۾ ايڊيٽوريل لکيا. شيخ علي محمد 15 فيبروري 1925ع تي شيخ پرڪيو ويجهو، موري منگر ۾ هڪ زميندار محمد خان شيخ جي گهر ۾ جنم ورتو، پاڻ پرائمري تعليم ڳوٺ ۾ پرائي ۽ وڌيڪ تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي، پاڻ صحافتي زندگي جي شروعات منشي عبدالشڪور جي اخبار روزانہ هلال پاڪستنا حيدرآباد کان ڪئي، ان بعد پاڻ ان زماني جي مشهور اخبار ڪاروان ۾ ڪم ڪيو، جڏهن قاضي عبدالمجيد عابد وارن محمد عثمان ڏيپلائي کان هفتيوار عبرت خريد ڪري ان کي روزانہ اخبار طور شايع ڪيو تہ قاضي صاحب شيخ علي محمد کي عبرت جو ايڊيٽر مقرر ڪيو، شيخ علي محمد جي جدوجهد، ڪوشش، محنت سان عبرت مختصر عرصي ۾ عوام جي مقبول ترين اخبار بڻجي وئي، سندس ايڊيٽوريل ڏاڍا مشهور ٿيا، جن کي هر مڪتب فڪر جي ماڻهن پسند ڪيو، پاڻ عبرت ۾ ٻارن جو صحفو ۽ ادبي صحفو بہ شروع ڪيو، جڏهن هلال پاڪستان اخبارن پ پ وارن خريد ڪري پارٽي ترجمان اخبار طور شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ شيخ علي محمد کي ايڊيٽر مقرر ڪيو، پاڻ ان شرط تي ايڊيٽر ٿيڻ قبول ڪيو تہ پارٽي جي خبرن کي اهميت ڏني ويندي پر ٻين خبرن کي بہ خبرن جي اهميت مطابق ڪوريج ڏني ويندي.

پاڻ اخبار لاءِ بهترين صحافين کي ٽيم ۾ شامل ڪيو، هلال جو نئين رنگ ڍنگ سان شايع ٿيڻ جو 69ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو افتتاح ڪيو، شيخ علي محمد جي بهترين پاليسي ۽ اخبار تي محنت ڪرڻ ڪري هلال اڳ کان بہ وڌيڪ مقبول ٿي، پاڻ عوامي مسئلن کي نہ صرف ڪوريج ڏني پر ان حوالي سان شاندار ايڊيٽوريل بہ لکيا ۽ پاڻ هر سياسي پارٽي کي بہ ڪوريج ڏني جيڪا ڳالهہ پ پ قيادت کي پسند نہ آئي ۽ جڏهن شيخ صاحب کي پابند بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، سندس آزادانہ پاليسي ۾ مداخلت ٿي تہ پاڻ هلال پاڪستان کي الوادع ڪري روزانہ آفتاب جو ڊيڪلريشن وٺي ان کي شايع ڪرڻ شروع ڪيو. پاڻ پيشورانہ صحافي هئڻ ڪري آفتاب کي نالي وانگر واقع ۾ بہ مختصر عرصي ۾ آفتاب بڻايو، ان وقت سنڌ مان ٻيون بہ ڪافي اخبارون شايع ٿي رهيون هيون، اهڙي صورتحال ۾ نيئن اخبار لاءِ مارڪيٽ ٺاهڻ ڏکيو مرحلو هو پر پاڻ مختصر عرصي ۾ آفتاب کي

مقبول بڻائي ڇڏيو، آفتاب اخبار نہ صرف اخبار هئي پر هي صحافت جي سکيا جو گھر بہ هو، کيترائي صحافت ۾ نوان آيل دوست آفتاب ۾ پروف ريڊر، سب ايڊيٽر طور رهي صحافت سکيا ۽ اڳتي هلي صحافت ۾ وڏو نالو ڪمايو. آفتاب اخبار جي آفيس ۽ پريس گول بلڊنگ جي سامهون هئي، جتي پاڻ هڪ ننڍڙي آفيس ۾ ويهندو هو، آفتاب جي آفيس اديبن شاعرن جو بہ مرڪز رهيو، پاڻ مجلس شورا ۽ سينٽ جا ميمبر ٿيڻ بعد بہ سياست سان گڏ صحافت کي بہ جاري رکيو، حيدرآباد ۾ هوندا هئا تہ آفتاب جي آفيس۾ ضرور اچبو هو جتي پاڻ ڪنهن نيوز ايڊيٽر کي گهٽو ڪري احمد خان شيخ يا محمد بخش جوهر "مرحوم" کي سڏي ايڊيٽوريل لکرائيندا هئا، پاڻ چوندا ويندا هئا، لکڻ وارو لکندو ويندو هو، مجلس شورا ۽ سينٽ جا ميمبر ٿيڻ بعد مختلف علائقن جا خاص طور سندس ڳوٺ ۽ آسپاس جا غريب ماڻهو ڪم ڪارين لاءِ وٽس ايندا رهندا هئا، ڪيترائي اديب، شاعر، سماجي ورڪر، صحافي بہ وٽن ڪمن لاءِ ايندا هئا تہ پاڻ بنا دير لاڳاپيل ادارن ۾ فون گهمائي انهن ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. رات جو سندس رهائشگاهہ صحافي ڪالوني حيدرآباد تي بہ ڪم ڪارين وارا ايندا هئا، ڪم ڪارين وارا کھڙا بہ ڏکيا ڪم ڪٽي اچن پر پاڻ انڪار ڪرڻ بجاءِ انهن جا ڪم ڪاريون ڪرائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا هئا، پاڻ مصروف رهڻ جي باوجود دوستن جي غمي خوشي ۾ شريڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. پاڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ موري منگر ۽ ٻين علائقن ۾ مجلس شورا ۽ سينٽ جي ميمبر طور ڪافي ترقياتي ڪم ڪرايا، انهن ۾ ڳوٺ موري منگر ۾ روڊ، اسپتال، هاءِ اسڪول بہ شامل آهي، سندس مير علي احمد ٽالپر، مير رسول بخش ٽالپر، پير حسام الدين راشدي، مولانا غلام محمد گرامي، عبدالڪريم ڀلي، الياس عشقي، غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد عثمان ڏيپلائي، غلام رباني آگرو ۽ ٻين شخصيتن سان ويجها تعلقات رهيا. پاڻ عبرت، هلال ۽ آفتاب ۾ ايڊيٽر هئڻ جي باوجود گهٽو ڪري پروف پاڻ پڙهندو هو، آفتاب اخبار جي مقبوليت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ آفتاب جا ننڍن ڳوٺن ۾ بہ رپورٽر هئا. آفتاب سنڌ جي هر وڏي ننڍي شهر، ڳوٺ، واهڻ، وستي ۾ پڙهي ويندي هئي، آفتاب تي وقت جي حڪمرانن جي پاليسين سان اختلاف ڪرڻ ڪري ان خلاف لکڻ جي ڪري ڏکيا ڏينهن بہ آيا، 



آفتاب ۾ عوامي مسئلن ٿيندڙ ظلم زيادتين بيوروڪريٽ، پوليس جي عوام سان اڏنگي رويي، سرڪاري آفيسن مان عوام کي لاڀ نہ ملڻ، عوام جا تعليم، صحت، زراعت جي مسئلن تي نہ صرف اهميت سان خبرون شايع ٿينديون هيون پر پاڻ انهن مسئلن تي ايڊيٽوريل لکيا. سنڌ جو هي ناميارو بيباڪ صحافي، سماج سڌارڪ 21 جنوري تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، سندس آخري آرام گاهہ موري منگر ۾ سندس ٺهرائيل هاءِ اسڪول جي اڱڻ تي آهي، سندس وفات کان پوءِ آفتاب سندس فرزند اعجاز شيخ بهترين انداز ۾ جاري رکي بعد ۾ اهڙو واءُ وريو جو آفتاب بند ٿي وئي.

آئون خوش نصيب آهيان جو شيخ علي محمد صاحب سان 78ع کان 91ع تائين مسلسل ملاقاتون رهيون، آئون صحافت ۾ جيڪو بہ ڪجهہ آهيان، شيخ علي محمد جي ڪري آهيان، مون شيخ صاحب مان گهٽو ڪجهہ سکيو ۽ پرايو، پاڻ انتهائي سادگي پسند ۽ نازڪ نفيس خوش اخلاق خوش مزاج شخصيت جو مالڪ هو، ڳالهين ڳالهين ۾ ڏاڍي سهڻي انداز ۾ مزاق بہ ڪري ويندو هو.

## آدرشي شاعر اياز جاني

سنڌ جو ڀلوڙ شاعر، ليکڪ، مقرر، استاد، اياز حسين جنهن ادبي دنيا ۾ اياز جاني جي نالي سان مشهوري ماڻي، سندس علمي، ادبي خدمتون اڻ وسرندڙ آهن جيڪي ادبي تاريخ ۾ هميشہ لاءِ ياد رهنديون سندس نالي پويان تخلص طور لڳايل لفظ جاني وانگر هو واقع ۾ بہ ادبي دنيا جو جاني هو ڪڏهن بہ ادبي دنيا ۾ متضاد نہ بنيو ادبي دنيا جي ڪجهہ دوستن هن کي تہ رنجايو پر هن ڪڏهن بہ ڪنهن کي نہ رنجايو هن پنهنجي زندگي ادبي دنيا کي ارپي ادبي دنيا جو روشن ستارو بنيل رهيو سندس وصال بعد سندس شخصيت ۾ پاڻ وڌيڪ نکار آيو آهي. جن سندس جيئري قدر نہ ڪيو انهن دوستن بہ سندس وصال تي روئي ڏنو جڏهن سندس شاعري مجموعو "دراوڙ دل جي تنهائي" ڇپيو تہ سندس خواهش هئي تہ ان جي مهورت ڪراچي ۾ ٿئي پر ان کان اڳ آرٽ ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻي جي ادب واري شعبي پاران ڀٽائي ادبي هال آرٽ ڪائونسل لاڙڪاڻي ۾ سندس ڪتاب جي مهورت 27 مارچ 2016ع تي ڪرائي وئي جنهن ۾ نہ صرف لاڙڪاڻي ڊويزن پر

ٻين علائقن جي اديبن شاعرن ادب دوستن سندس شاعريءِ شخصيت تي ڳالهايو انهي پروگرام کيس دل جي تڪليف محسوس ٿي تہ کيس مقامي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو جتان مشهور ليکڪ عوام دوست لاڙڪاڻي جي سابق ڪمشنر اڪبر لغاري جي ڪوشش سان کيس لاڙڪاڻي مان جناح اسپتال ڪراچي ۾ منتقل ڪيو ويو.جتي سندس دل جي اينجيو پلاسٽي ڪري سندس حياتي بچائي وئي. سندس علاج جي حوالي سان ثقافت کاتو حڪومت سنڌ بہ پاڻ مرادو سندس مالي مدد ڪئي، ڊي جي ثقافت منظور قناسرو بہ سندس عيادت لاءِ پهتو. اسپتال مان گهر شفٽ ٿيڻ بعد چند ڏينهن گهر ۾ آرام ڪرڻ بعد ڊاڪٽرن جي منع ڪرڻ جي باوجود سخت گرمي جي باوجود سنڌ اندر ٿيندڙ ادبي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سفر ڪيا ان ساڙيندڙ ماٺهو ڪي هوش مان ڪيندڙ گرمي ۾ حضرت قلندر لال شهباز جي عرس مبارڪ جي ادبي ڪانفرنس ۽ شڪارپور ۾ مشاعري ۾ شرڪت ڪانسواءِ مختلف شهرن ۾ ادبي دنيا جي دوستن وٽ بہ ويو. 6 جون 2016ع تي لاڙڪاڻو ۾ کيس ساهہ جي تڪليف ٿي ايمرجنسي ۾ کيس چانڊڪا اسپتال جي دل واري يونٽ ۾ داخل ڪيو ويو جتي سندن ساهہ جو سڳو ٽٽي پيو ۽ ادبي دنيا جو جاني هميشہ لاءِ هليو ويو اتي جتي ويندڙ وري نہ موٽيا آهن سندس بي وقتي لاڏاڻي تي ادبي دنيا ۽ ساڃاهہ وند دوستن ۾ ڏک جي لهر اڀري هنن حلقن سندس وفات ڪي ادبي دنيا لاءِ هاڃيڪار قرار ڏنو کيس گلشن حديد ڪراچي جي قبرستان ۾ ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو. اياز جاني سنڌي ادبي سنگت گلشن حديد جو بانيڪارن مان هو سندن ڪوشش سان گلشن حديد برانچ جون سرگرميون مثالي رهيون پاڻ نہ صرف آدرشي شاعر هو پر بهترين ڪهاڻيڪار مضمون نگار بهترين مقرر بہ هو پاڻ ڪيترائي تحقيقي مقالا بہ لکيا سندس اهڙو مواد مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيو. سندس شاعري ۾ رومانس، عشق، سنڌ پرستي، انقلاب بہ شامل هو تہ سماج جي ڪٽ ڪاڏل ريتن رسمن سماج جي نا انصافين خلاف بغاوت بہ شامل هُئي شاعري ۾ استعمال ڪيل ٻولي انتهائي پختي هئي سندس شاعري جو مجموعو سندس اتم ڪٿا آهي. جنهن ۾ زندگي جا سور درد بہ شامل آهن. سندس دوستن جي بي رخين ڏنل ڏکن زماني جي ستم کيس وڌيڪ حساس بنائي ڇڏيو ليکن پاڻ زماني ۾ وفا ڪري ويو. عشق کيس شاعري جي ان منزل تي





پهچايو پاڻ شاعري جي سمورين صنفن تي خوب نڀايو پر کيس غزل ۽ وائي تي ڪمال جي مهارت حاصل هئي. مختلف فنڪارن جي آواز ۾ رڪارڊ ڪيل ڪافيون ۽ وايون ٻڌندڙن جي اندر ۾ پيهي وڃن ٿيون سندس شاعري ٻڌندڙن ڪي سندن دلين جي ترجماني محسوس ٿئي ٿي بهترين شاعر جي اها ئي ڪماليت هوندي آهي. پاڻ سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ ادبي پروگرامن ۾ دعوت ملندي شوق سان شريڪ ٿيندو هو کيس ادبي خدمتن جي اعتراف طور مختلف تنظيمن پاران لاتعداد ايوارڊ مليا جن ۾ بهترين شاعر طور حضرت قلندر لال شهباز ۽ سچل سرمست جي عرس ۾ سرڪاري طور ايوارڊ بہ شامل آهن. اياز جاني لاءِ سڀ دوست دعوا ڪندا هئا تہ هو سڀن کان وڌيڪ منهنجو ويجهو دوست آهي اهو سندس شخصيت جو جادو هو اها سندس اخلاق پيار مخلصي هئي پاڻ سادو فقير منش ٻاجهاري ۽ هر دلعزيز شخصيت جو مالڪ هو اياز حسين عرف اياز جاني 1967ع ۾ قربان ميمڻ جي گهر ۾ جنم ورتو ننڍي هوندي کان سندس ادب سان شوق رهيو . ان جو سبب کيس ادبي ماحول ملڻ آهي پاڻ پرائمري تعليم ڪوٽڙي ٻاڍهہ ۽ نئون ديرو مان مئٽرڪ رتو ديرو هاءِ اسڪول مان ،شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور مان گريجوئيشن ڪئي. سندس شمار ذهين شاگردن ۾ ٿيندو هو. پاڻ ادب ۾ شروعات ٻاراڻو ادب لکڻ کان ڪئي سندس ٻاراڻيون لکڻيون گل ڦل ۽ سرهاڻ رسالن ۾ شايع ٿيون بعد ۾ شاعري شروع ڪئي پاڻ ٻارن جي ادب ڪي وڌائيڻ ۽ ٻارن ۾ ادبي سماجي سرگرميون وڌائڻ لاءِ دوستن سان گڏجي ٻارڙن جي دنيا سنگت جو بنياد وڌو ان پليٽ فارم تان ٻارڙن لاءِ ڪيترائي پروگرام ڪرايا پاڻ مشهور رسالن ماهوار سارس ماهوار لهرون ماهوار همرچو جو ايڊيٽر بہ رهيو.

## صحافت جو مڙيادار ماڻهو شهيد فقير محمد رحيم مهر

سانگهڙ ضلعي جي 3 صحافين شهادت ماڻي آهي. شهيد فقير محمد رحيم مهر جنهن کي سانگهڙ شهر ۾ شهيد ڪيو ويو، شهيد آفتاب نظاماڻي جنهن کي لساني فسادن ۾ حيدرآباد ۾ شهيد ڪيو ويو. سرهاڙي جو شهيد صحافي نظر بروهي کي گهر ۾ شهيد ڪيو ويو. شهيد محمد رحيم مهر سانگهڙ ضلعي جو دلير صحافي هو، جنهن صحافت ذريعي عوام جي خدمت ڪئي، مظلومن جو ساٿ ڏنو، حق سچ لکندو رهيو.

انگريز سامراج کي هن ڌرتي تان تڙي ڪڍڻ لاءِ شروع ڪيل حر تحريڪ وطن يا ڪفن جو مرڪز رهندڙ گڙنگ بنگلو تعيمر ڪرائيندڙ خليفي فقير محمد مهر جي گهر ۾ جنم ورتو. انگريز دور ۾ سندس سڄي خاندان کي شهيد ڪيو ويو. هن خاندان مان فقير محمد رحيم مهر ۽ سندس ڀاءُ فقير عبدالحيمد مهر ان ڪري بچي ويا جو هو گهر نہ هئا، ننڍي هوندي کان يتيمي واري زندگي گهاري پاڻ مختصر تعليم حاصل ڪري سگهيا، هوتچند آساڻي جي ادارت ۾ هفتيوار اخبار جنم ڀارت شايع ٿي تہ پاڻ ان اخبار جو سانگهڙ مان رپورٽر ۽ مضمون نگار جي حيثيت سان صحافت شروع ڪئي، ان سان گڏ پاڻ ان دور ۾ شايع ٿيندڙ سنڌي ، اردو اخبارن، روزانہ قرباني، روزانہ آزاد، روزانہ الوحيد، روزانہ سنڌ،روزانہ جنگ، روزانہ ڊان، روزانہ امروز، روزانہ منزل ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن جو رپورٽر ٿيو ۽ انهن اخبارن ۾ مضمون لکيا، ان دور ۾ ايترا صحافي نہ هئا فقير محمد رحيم مهر ان دور ۾ قلم جي نوڪ سان سچ لکيو، نتيجي ۾ مٿس ڪيترائي قاتلاڻہ حملا ٿيا، پوليس جو رويو اهو تہ ان نہ ڪيس ورتا نہ حملي آورن کي گرفتار ڪيو، هڪ دفعي تہ پوليس جي موجودگي ۾ مٿس حملو ڪيو ويو. سچ لکڻ ڪري ڪيس ڪيترائي ٻيرا ڪوڙن ڪيسن ۾ جيل موڪليو ويو. 1950ع ۾ فقير صاحب الفقراءَ نالي اخبار ميرپورخاص مان جاري ڪئي۽ ان ۾ بہ ڪڙو سچ لکڻ ڪري الفقراءَ جو ڊڪليئريشن رد ڪيو ويو تہ پاڻ خدمت نالي سان هفتيوار اخبار شايع ڪئي، الفقراءَ ۾ سندس ڪالم فقيراڻو ڏنبو وڏي مشهوري ماڻي، سچ ۽ حق تي مبني هن ڪالم جي ڪري ماڻهو اخبار جو انتظار ڪندا هئا. بعد ۾ الفقراءَ 70ع کان سانگهڙ مان شايع ڪئي. الفقراءَ ايتري تہ مقبوليت حاصل ڪئي جو ڪافي ماڻهو فقير صاحب کي الفقراءَ جي نالي سان سڏيندا هئا. مون سميت سانگهڙ ضلعي جا ڪيترائي صحافي الفقراءَ جي پيداوار آهن. فقير صاحب بيباڪ صحافي سان گڏ بهترين مضمون نگار هو، هر مسئلي، ظلم زيادتين، وڏيرا شاهي، غلط ريتن رسمن خلاف سندس مضمون ڏاڍا سخت هوندا هئا. ان دور ۾ سڄي سنڌ ۾ هفتيوار اخبارون ٽپال ذريعي موڪليون وينديون هيون۽ الفقراءَ جو ماڻهو انتظار ڪندا هئا. الفقراءَ جا هفتي ۾ ٻہ پرچا شايع ٿيندا هئا. انهن ۾ واري سان ادبي ۽ ٻارن جا صفحا بہ شامل ڪيا ويا، فقير محمد رحيم مهر وڏو ڏياءُ وارو هو. نوراني چهرو، اکيون





سهڻيون وڏيون، ڇاپايائين ڏاڙهي، سنڌي پٽڪو ٻڌندو هو، وليز جيپ ۾ گهمندو هو، ڳالهائڻ جو نرم هو، ڪوڙ نہ ڳالهائيندو هو نہ ٻڌندو هو، ڪوڙن ماڻهن سان اصل نہ پوندي هئن، 23 آگسٽ 1981ع اهو نياڳو ڏينهن هو، جنهن جي شام سانگهڙ ضلعي جي عوام، صحافين ۽ فقير محمد رحيم مهر جي خاندان دوستن لاءِ شام غريبا ٿي وئي جو ڪيس سانگهڙ جي وچ شهر ۾ مٿس ڪارتوسي پستول جا فائر ڪيا ويا، جنهن ۾ پاڻ شديد زخمي ٿي پيو. ڪيس سول اسپتال سانگهڙ پهچايو ويو پر اتي ڪوبہ ڊاڪٽر نہ هو تہ ڪيس حيدرآباد نيو ويو، مٿياري ويجهو پاڻ دم ڏٽي حوالي ڪري شهادت ماڻي. ڪيس مڪمل پلاننگ تحت شهيد ڪيو ويو، مٿس حملي بعد ٿاڻي تي ڪو پوليس آفيسر نہ هو، اسپتال ۾ ڊاڪٽر نہ هو. 24 آگسٽ تي شهدادپور مان نثار بالادي ۽ آئون سندس آخري سفر ۾ پهتاسين ۽ سندس فرزند فقير علي محمد مهر سان مشوري بعد نثار بالادي آئون ۽ ڪجهہ ٻيا دوست الفقراءَ پريس تي پهتاسين ۽هنگامي حالتن ۾ 25 آگسٽ تي الفقراءِ جو پرچو شايع ڪيو. فقير صاحب سان منهنجي ملاقات 1978 ڌاري عاجز منگي ڪرائي جڏهن تہ الفقراءَ ۾ عاجز جي معرفت ملدسي ۾ نمائندي طور صحافت شروع ڪئي، جڏهن تہ مٿس حملا ٿيندا هئا يا ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو ويندو هو تہ پاڻ الفقراءَ ۾ ان خلاف لکيل آرٽيڪل ۾ لکندو هو تہ ”هي سر ڪٽجي سگهي ٿو پر ڪڏهن سندن آڏو جهڪي نہ ٿو سگهي“، سندس شهادت بعد سندس پٽ فقير علي محمد مهر بخشڻ مهراڻوي ڪجهہ وقت الفقراء شايع ڪئي پر مستقل طور شايع نہ ٿي رهي آهي.

## سنڌ جو يگانو صحافي سائين لائق سنڌي

سائين لائق سنڌي جيڪو 16 جنوري تي سول اسپتال حيدرآباد ۾ بيماري جي بستري تي دم ڏٽي حوالي ڪيو سندس وڇوڙي جي خبر مختلف سنڌي ٽي وي چينلن تي هلڻ دوستن جي ميسج ذريعي ۽ اخبارن ذريعي جڏهن سندن دوستن کيس چاهيندڙن تائين پهتي تہ جهڙو انهن مٿان وڄ ڪري پيو هجي ڪنهن کي يقين نہ اچي سائين لائق سنڌي سدا بهار شخصيت اسان کان ائين وڇڙي ويندو پاڻ هڪ ئي وقت لاتعداد خوبين جو مالڪ هو. علمي، ادبي، صحافتي ۽ سماجي شخصيت هو لائق ڏنو ٽيبو جيڪو صحافتي ادبي دنيا ۾ لائق سنڌي جي

نالي سان مشهور ٿيو پاڻ حيدرآباد پرسان ڳوٺ موري منگر ۾ حاجي محمد اسماعيل ٽيپو جي گهر ۾ جنم ورتو. سنڌي فائينل پاس ڪرڻ بعد پرائمري استاد ٿيو جلد ئي هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ننڍي هوندي کان کيس ادب سان لڳاءُ هو سندس اکر موتين جهڙا هوندا هئا پاڻ روزانه آفتاب حيدرآباد جي ايڊيٽر شيخ علي محمد جي چوڻ تي اسڪول بعد آفتاب ۾ ڪتابت شروع ڪئي. ڪتابت وارو دور ختم ٿيڻ بعد پاڻ پروف ريڊر بعد ۾ سب ايڊيٽر رهيو ۽ آفتاب ۾ ادبي صفحو نوجوانن جو صفحو به ڪڍيو. آفتاب بند ٿيڻ بعد مختلف وقتن تي روزانه سنڌ، ڪاوش، ڪوشش، عبرت ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيو پاڻ مختلف موضوعن تي وڏي تعداد مضمون ۽ ڪالم به لکيا ادب سان ايتري دلچسپي هوندي جو سنڌ ۾ ڪٿي به ڪو ادبي ثقافتي پروگرام ٿيندو هو ته سائين لائق سنڌي هر حال ۾ اتي پهچڻ جي ڪوشش ڪندو هو پاڻ ادب ۾ فاضل سنڌي جي ڊگري به حاصل ڪئي هئي.پاڻ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جو وڏو پارکو ۽ سنڌي ٻولي جو وڏو ماهر هو. مشهور، اديب به ڪيترن ئي ٺيٺ سنڌي لفظن جي معنيٰ هن کان پڇندا هئا. هڪ دوست ٻڌايو ته شاهه لطيف جو پارکو ۽ سنڌي ٻولي جو ماهر سڏجندڙ سيد صالح محمد شاهه عرف ڏاڏو فتح خان به ڪيترن ئي سنڌي ٻولي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ سائين لائق سنڌي کان معلوم ڪندو هو پاڻ بهترين تعليمي ماهر پڻ هو سندس پڙهايل شاگرد سٺين پوسٽن تي آهن. پاڻ لطيف سائين جو ڪو به ميلو نه گسايو. بيمار هئڻ جي باوجود ڪوشش ڪري ادبي ڪانفرنس ۾ اچي نڪرندو هو. پاڻ شاعر ته نه هو پر شاعري سان بيحد لڳاءُ رکندو هو سندس پسند جي شاعرن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حضرت سچل سرمست، استاد بخاري، شيخ اياز، ابراهيم منشي، محمد خان مجيدي ۽ ٻيا شاعر هئا جن جا لاتعداد شعر کين بر زباني ياد هوندا هئا. شاهه لطيف جي رسالي جو ته پاڻ جهڙو حافظ هو. مون جڏهن 1979 ع ڌاري آفتاب ۾ رپورٽري ڪئي ته اتي سڀ کان پهرين ملاقات سائين لائق سنڌي سان ٿي هئي ان جي معرفت ادا احمد خان شيخ ۽ شيخ علي محمد سان ٿي پاڻ مون سميت ٻين رپورٽرن جون خبرون پڙهي سمجهائيندا هئا ته اوهان جي خبرن ۾ هي ڪوت اجا آهي. حيدرآباد جا ڪيترائي صحافي سندس شاگرد هئا. ڪيس سنڌي ميڊيا تي سنڌي ٻولي جي بگاڙ تي افسوس ٿيندو هو. ۽ انهن





ادارن ڪي ان حوالي سان خط به لکندو هو روحاني طور پاڻ حضرت مخدوم سرور نوح رح جن جو مريد هو سياسي طور پاڻ سائين جي ايم سيد ڪي پسند ڪندو هو ۽ سائين جي ايم سيد سندس سياسي آئيڊل هو ڪو زمانو هو جو اسان پنهنجي ڳوٺ ملدسي ۾ نور آرٽ ڪلچرل اڪيڊمي پاران ادبي، سماجي، ثقافتي سرگرميون شروع ڪيون. ۽ اسان پنهنجي ڳوٺ ملدسي ۾ جيجي زرينه بلوچ سان سرهي سانجهه ۽ استاد بخاري ادبي ڪانفرنس جا پروگرام وڏي ليول تي ڪرايا پاڻ انهن پروگرامن کي ڪامياب بنائڻ ۾ وڏو ساٿ ڏنو. پاڻ پنهنجي ڪردار ۽ جن شعبن سان وابسته هو انهن ۾ ايمانداري سان پاڻ ملهايو ان ڪري ساڃاهه وند ماڻهو سائين لائق سنڌي جي عزت ڪندا هئا. ڪيترائي وڏا وڏا آفيسر سماجي شخصيتون صحافي، اديب، شاعر ساڻن جهڪي ملندا هئا. ۽ هر ماڻهو کيس استاد لائق يا سائين لائق سڏيندو هو. شروع کان سندن عادت رهي ته روز تمام اخبارون گهڻو ڪري سنڌي سڀ اخبارون خريد ڪندو هو ڳوٺ ڪٽي وچي نوجوانن کي پڙهائيندو هو بعد ۾ فائيل ڪندو هو. پاڻ بهترين پروف ريڊر به هو. پاڻ نه صرف پروف ڪندو هو پر ايڊٽ به ڪندو هو سندس پروف ٿيل مواد ۾ سوال ئي نه ٿو پيدا ٿئي ته ڪا غلطي رهجي وڃي پاڻ گهڻو ڪري سنڌي ٽوپي پائيندو هو ۽ ڳچي ۾ اڇو ٽوال هوندو هو، سندس ڳالهائڻ جو انداز انتهائي منڊو هوندو هو. پاڻ گهٽ ڳالهائيندو هو پر سندس هر لفظ موتي هوندو هو سندس چهري تي ڪڏهن به ڪاوڙ نه ڏٺي ڪاوڙ ۾ به پاڻ ڪلندو هو سندس مرڪڻ جو انداز به نرالو هو. کيس ملڪي سياست تاريخ تي عبور حاصل هو ملڪي سياست ۽ سنڌ جي تاريخ تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بهترين انداز ۾ ڳلهائيندو هو.تقريبن هڪ سال کان سندس طبيعت سازگار نه هئي ڳلي ۾ تڪليف هئي ۽ پاڻ ڳالهائي نه سگهندو هو ان جي باوجود حيدرآباد جي اخبارن جي ادارن ۾ دوستن سان ملڻ ۽ حيدرآباد جي آسپاس ۾ ٿيندڙ ادبي پروگرامن ويندو هو ساڻن آخري ملاقات 2012ع احمد خان شيخ جي پٽ جي شهادت تي تعزيت ڪرڻ وقت ٿي پاڻ اسان سان گڏ مرحوم شيخ علي محمد جي مزار تي به هليو. سائين لائق سان هڪ دفعو ملندڙ ڪچهري ڪندڙ سندس مداح بنجي ويندو هو. وفا رضا بلوچ ۽ مون اهو طئه ڪيو هو ته ڪنهن ڏينهن شام جو موري منگر هلي سائين لائق سنڌي وٽ رات رهبي ۽ سائين سان دل کولي ڪچهري

ڪبي ۾ سنڌس مڪمل پروفائيل لکبو. ليڪن اسان کي کهڙي خبر نه پاڻ ايترو جلدي اسان کان رسي هليا ويندا. ڪجهه ڏينهن سنڌس طبيعت وڌيڪ خراب رهڻ بعد کيس سول اسپتال حيدرآباد ۾ داخل ڪيو ويو جتي پاڻ اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويا.

## پنهنجي دور جو ارڏو ڪردار ميهار ملاح

سنڌ جا ڪيترائي اهڙا ارڏا ڪردار رهيا آهن جن ارڏايون ته ڪيون پر غريبن کي نه ستايو غريبن جي مدد ڪئي ۽ اهڙن ماڻهن ارڏي ڪردار جو هئڻ جي باوجود عام ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪيو. هو ارڏو ڪردار قانون جي نظر ۾ ته ڏوهاري هئا، پر عام ماڻهن ۾ هيرو جي ڪردار جهڙا هئا ۽ لطيف سائين به ڪجهه اهڙن ڪيترن ئي ڪردارن کي پنهنجي شاعري ۾ آڻي امر بنائي ڇڏيو. ملدسي جو ميهار ملاح به پنهنجي دور جو هڪ ارڏو ڪردار رهيو. پاڻ تقريبن 1899ع ۾ هڪ غريب هاري سرهو ملاح جي گهر ۾ ملدسي ۽ ڳوٺ لال خان جلالاڻي جي وچ ۾ پانڌي ملاح جي انب وٽ ملاحن جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ جنم ورتو. پاڻ ننڍي هوندي کان اباڻي ڪرت هارپو ڪندو هو. هڪ دفعي ڪنهن بااثر ماڻهو سان ڪنهن اصولي ڳالهه تي اٽڪي پيو ته ان کيس ڪوڙي ڪيس ۾ چالان ڪرائي ڇڏيو. 3 مهينا جيل ۾ رهڻ دوران اتي ڏوهارين سان رهڻ ڪري آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڌاڙا هڻڻ ۽ چوريون ڪرڻ لڳو، پر هن غريبن بجاءِ شاهوڪار ماڻهن جون چوريون ڪيون ۽ ڌاڙا هنيا ۽ اتان سنڌس حصي ۾ جيڪو ايندو هو ان مان ڪجهه پاڻ رکندو هو باقي غريبن کي ڏئي ڇڏيندو هو. 1935ع ۾ پوليس کيس گرفتار ڪري چالان ڪيو. ڪورٽ 2 سال جي سزا ڏنس پاڻ نارا ۽ سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ رهيو ان دور ۾ سورهيه بادشاهه پير صبغت الله شاهه راشدي پاران انگريز سامراج خلاف ”وطن يا ڪفن“ تحريڪ عروج تي هئي ۽ انگريزن کي سنڌ ڌرتي تان تڙي ڪڍڻ لاءِ گوريلا جنگ ڪندڙ ڪيترائي حرن کي گرفتار ڪري سزائون ڏئي سينٽرل جيل موڪليو ويو. ميهار ملاح جون اتي جڏهن حرن سان اتي ڪچهريون ٿيون ته سنڌس ذهن تبديل ٿي ويو ۽ پاڻ پڪو پهه ڪيو ته آزاد ٿيڻ بعد هو به غازي ٿيندو ۽ انگريز سان مهاڏو اٽڪائيندو. پاڻ لطيف سائين جو مريد هو، پاڻ جيل ۾ قرآن شريف پڙهيو. سينٽرل جيل مان آزاد ٿيڻ بعد پاڻ





پنهنجي ڳوٺ مان لڏو ڪڻي راوتياڻي ويجهو حر جماعت جي سونو خان چڪراڻي وارن وٽ وڃي رهيو ۽ حر جماعت جي ڪجهه دوستن جي معرفت هو وطن يا ڪفن تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ ڦوٽو چانگ سان مليو ۽ کيس ٻڌايو ته هو پير سائين جي جماعت جو ته نه آهي پر غازي ٿيڻ چاهي ٿو ۽ هن جيل ۾ سنڌس غازين سان ٿيل ملاقات جو احوال به ٻڌايو. ۽ اهڙي ريت ميهار ملاح پير سائين پاڳارو جو مريد نه هئڻ جي باوجود غازي بنجي ويو ۽ هن ڪيترن ئي غازين سان گڏ انگريز جي ملٽري، پوليس ٿاڻن تي حملا ڪيا ۽ انگريز جي جاسوسي ڪندڙ مقامي غدارن کي ماريو. ڪجهه عرصي کانپوءِ راوتياڻي ويجهو ويٺل سونو خان چاڪراڻي جيڪو ميهار ملاح جو پڳ مٽ يار هو، ان تي حر جماعت وارن پاران الزام لڳو ته هو غداري ڪري رهيو آهي غازين جي ٺڪاڻن بابت پوليس کي اطلاع ڏي ٿو. ۽ ڦوٽو چانگ وارن سونو خان چاڪراڻي کي ماري ڇڏيو. ميهار ملاح جي سونو چاڪراڻي سان دوستي هئڻ ڪري ميهار ملاح جو گهر سونو خان چاڪراڻي وارن جي گهر سان گڏ هو ان ڪري ميهار ملاح کي به شڪي نگاهه سان ڏٺو ويو ۽ کيس حر تحريڪ کان ڌار ڪيو ويو ۽ کيس چيو ويو ته هو اتان لڏي وڃي ميهار ملاح جي گهرواري ادي جيئندي هڪ دفعي ٻڌايو ته سنڌس ور ميهار ملاح جي سونو خان چاڪراڻي سان دوستي ضرور هئي پر پاڻ سچائي سان وطن يا ڪفن تحريڪ ۾ ويڙهه وڙهي پر هن نئين صورتحال کيس منجهائي ڇڏيو. هن رحيم هنگورو جي معرفت سردار سان رابطو ڪيو پر ميهار ملاح کي اجازت نه ملي ۽ پاڻ انگريز کي تڙي ڪڍڻ تائين حر تحريڪ وڙهڻ واري خواهش دل ۾ رکي پنهنجي دوست رحيم هنگورو سان مليو پر ان به مجبوري ڏيکاري پاڻ اتان لڏي ڳوٺ لال خان جلالاڻي آيو ۽ پاڻ مايوس ٿي ڪجهه وقت خاموش رهڻ بعد پاڻ مرادو مسلمانن کي ستائيندڙ ۽ حرن جي جاسوسي ڪندڙ هندن جي گهرن، دڪانن ۾ ڌاڙا هنيا.

پاڪستان ٺهڻ بعد جڏهن رحيم هنگورو پاران هٿيار ڦٽا ڪرڻ بجاءِ جدوجهد جاري رکڻ تي اختلاف ڪري پنهنجي ساٿين سان گڏ حر تحريڪ جو ڳُڙهه رهندڙ مکي ٻيلو ڇڏي ويو ۽ پنهنجي منهن ساٿين سان گڏ گوريلا ويڙهه جاري رکي جيئن ته پاڪستان ٺهي ويو هو انگريز فوجون واپس ٿي ويون هيون، پر رحيم هنگورو حرن تي ظلم ڪرائيندڙ

۾ انگريزن جي جاسوسي ڪندڙن ڪي نشانو بنائڻ لڳو. جڏهن پير سائين پاڳارو جڏهن ولايت کان واپس آيو تہ پير صاحب ڪين هٿيار ڦٽا ڪرڻ جو حڪم ڏنو پر پاڻ اهو چئي هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان انڪار ڪيو تہ قبلہ سائين ڪجھ وقت مهلت گهرجي ڪجھ حرن جا دشمن مارٽا آهن ان تي پير سائين مٿن ناراض ٿيا. سگهو ئي رحيم هنگورو گرفتار ٿيو بعد ۾ سينٽرل جيل مان فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي بجلي جو شاڪ لڳڻ ڪري ديوار تان ڪري جڏو ٿي ويو ۽ مري ويو ليڪن اهو بہ ٻڌايو وڃي ٿو تہ رحيم هنگورو کي بعد ۾ ڦاهي ڏني وئي. ميهار ملاح رحيم هنگورو جو ساٿي هو ۽ رحيم هنگورو سان گڏ ڪاروايون ڪيون. جڏهن تہ رحيم هنگورو کي جيلن ۾ سندس جيل جي دوستن جيڪي ڪوسا هئا جيڪي نوري آباد واري علائقي جا هئا، انهن وٽ رهائيندو هو. رحيم هنگورو جي گرفتاري بعد ميهار ملاح بہ گرفتار ٿيو ۽ ڏيڍ سال سينٽرل جيل ۾ رهيو جيل ۾ ٺٽو ضلع جي هڪ اهڙي قيدي سان ميهار ملاح جي ملاقات ٿي جيڪو لطيف جو پارکو هو. ان کان لطيف جي شاعري ٻڌي ۽ ان شاعري اهڙو تہ اثر ڪيو جو جيل مان آزاد ٿيڻ بعد غلط ڪم ڇڏي مذهبي ماڻهو بنجي ويو. 5 وقت نماز هر وقت ذڪر الاهي، بعد ۾ پنهنجي ڳوٺ مان لڏي ملدسي ۾ مينگهواڙن پاران خالي ڪيل پاڙي ۾ سهري خميسو ملاح جي گهر پرسان رهائش اختيار ڪئي. پهرين مزودري ڪئي بعد ۾ حاجي فيض محمد ڪيريو جي زمين تي هارپو ڪيو. پاڻ صبح جو نماز بعد ذڪر الاهي ان بعد قرآن شريف جي تلاوت ۽ بعد ۾ لطيف جو رسالو پڙهندو هو. لطيف جي سر ڪيڏارو ۽ سر سامونڊي جا بيت ۽ وايون آلاپي روئي ڏيندو هو. جيستائين هلڻ جهڙو هو، تہ هر سهائي سومار رات لطيف تي ويندو هو. درگاھ تي مٿي پريندو هو. راڳ ٻڌندي مٿس وجد طاري ٿي ويندو هو. ماضي ۾ سندس ڪردار ارڏو رهيو. جنهن ڪري وڏا ڏوهاري ڪيس پيرين پئي استاد چئي ملندا هئا. تہ پاڻ ڪين شريفانہ زندگي گذارڻ جي تنبيھ ڪندو هو. ملدسي يا آسپاس مان ڪنهن غريب جي چوري ٿيندي هئي تہ فري ۾ واپس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. غريب هئڻ جي باوجود سخي هو. ڪيس اولاد نہ هو. ڪيس هڪ نياڻي ٿي جيڪا 2 سالن جي ڄمار ۾ مري وئي پاڻ سهري جي پاءُ محمد فقير ملاح جو پٽ الهڏنو ملاح کي پٽ ڪري نپايو. جيڪو ڦوھ جواني ۾ ڪينسر ۾ مري ويو. ان بعد پنهنجي سالي عبدالله ملاح جو پٽ شمس





الدين ملاح کي نپايو جو آخر تائين ساڻن گڏ رهيو ۽ پٽ ٿي نپايو. پاڻ غريب هئڻ باوجود ڀلا اٺ گهوڙا رکيا. چوپايو مال جو بہ شوقين هو. سفيد رنگ جا ڪپڙا ململ جو پٽڪو، شوق سان پائيندو هو، سورهيہ بادشاھ سندس آئيڊيل هو. ميهار ملاح 1996ع ۾ انتقال ڪري ويو. سندس آخري آرام گاھ گولو پير قبرستان ۾ گهر واري مائي جيندي جا ڪائونس پوءِ انتقال ڪيو ان جي قبر ۽ ميهار ملاح جون قبرون گڏ آهن

## صوفي منش سيد جمن شاھ جيلاني

مشهور صوفي شاعر ۽ ولي الله حضرت حسن بخش شاھ هادي جي پهرين سجاده نشين سيد ڏنل شاھ جو فرزند سيد جمن شاھ جيلاني پنهنجي دور جو صوفي منش فقيراڻي طبيعت جو مالڪ ۽ سدا بهار شخصيت هو. پاڻ بهترين آبادگار بهترين گهوڙي سوار، بهترين اٺ سوار سنڌ جي ثقافت جو امين مسڪينن غريبن جو مددگار، پرجهلو علائقي ۾ تعليم لاءِ اتساھ پيدا ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪندڙ مهمان نواز، يار ويس، علائقي ۾ مريدن جي ڏک سک ۾ بروقت پهچڻ وارو پين جي ڏکن کي پنهنجو ڏک ۽ پين جي خوشين کي پنهنجي خوشي محسوس ڪندڙ هو. پاڻ 1927ع ۾ ڳوٺ سبحان علي شاھ لڳ ڊنڙو شريف ۾ جنم ورتو. پاڻ سنڌي فائنل پاس ڪرڻ بعد زمينداري ۽ مريدي سنڀالڻ لڳو. چوپائي مال سان سندس عشق هو، پاڻ ڀلا ڍڳا، مينهون، ٻڪريون ۽ گهوڙا اٺ پاليا، نوڪرن جي هوندي چوپايو مال جي پاڻ خود بہ سار سنڀال ڪندو هو. پاڻ صوفي بزرگن سان عقيدت رکندڙ هو، صوفي بزرگن جي ميلن، ملاکڙن ۽ اتي ٿيندڙ پروگرامن ۾ باقاعده ويندو هو. سيد جمن شاھ جيلاني پاڻ خود بہ بهترين سگهڙ هو، سندس ڏور بيت، ڳجهارتون مشهور آهن. اڪثر پنهنجي اوطاق تي سگهڙن جون ڪچهريون ۽ راڳ رهاڻ جون محفلون ڪرائيندو هو. خاص طور سياري ۾ مچ ڪچهريون ڪرائيندو هو، جتي نڙ بيتائي بہ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي سان سندس عشق هوندو هو، واندڪائي ۾ لطيف جي شاعري پڙهندو هو، پاڻ لطيف سائين جي رسالي جو پارکو بہ هو. پاڻ ڪيترن ئي درگاهن تي خدمت بہ ڪئي، سندس خاندان سان وابستہ حضرت سيد ڪامل شاھ نزد قاضي احمد جي مزار جو ورانڊو ٺهرايو، سندس ئي خاندان جي بزرگ حضرت سيد جمن شاھ

ڳوٺ احمد آباد نزد شاهپورچاڪر جي درگاه تي ورسي ثقافتي ۽ صوفيانہ انداز ۾ ملهائڻ شروع ڪئي. بعد ۾ سندس ڪوشش سان اتي عرس مبارڪ ملهائجڻ شروع ٿي ويو. جتي پاڻ وڏي ليول تي خير خيراتون ڪندو هو، اتي هاڻ مرحوم سيد جمن شاهہ جو اولاد بہ ان انداز ۾ خيرخيراتون ڪري ٿو ۽ ان ليول ڪان بہ وڌيڪ عرس ملهائجي ٿو. حضرت حسن بخش شاهہ هادي جي مزار تي مسجد شريف جي نئين سر تعمير بہ سندس ڪوشش، مدد ۽ نگراني ۾ ٿي. پاڻ سدائين سفيد رنگ جا ڪپڙا ۽ سائي رنگ جو پٽڪو ٻڌندا هئا. سڄي حياتي پاڻ حضور صہ جن جي سنت سونهاري شريف نہ ڪوڙائي، پاڻ نماز، صوم صلوات جو پابند هو. سندس مريدن ۾ مسلمان ڪانسواءِ ڪيترائي هندو خاص طور پيل طالب آهن. پاڻ پنهنجي دور جا وڏا اوطاقي ۽ وڏا مهمان نواز هئا. گهڻو وقت اوطاق تي هوندا هئا، نوڪرن جي هوندي بہ ڪوشش ڪندا هئا تہ مهمانن جي هو پاڻ خدمت ڪري. مهمان، فقير فقراء مسافرن جي اچڻ تي خوش ٿيندا هئا. پاڻ ماني بہ مهمانن سان گڏ ڪائيندا هئا، ڪڏهن مهمان نہ ايندو هو تہ اداس ٿي ويندا هئا ۽ مهمانن جي واٽ نهاريندا هئا، مهمان نہ آيو تہ پاڻ بہ ماني نہ ڪائيندا هئا، پاڻ پ پ جا بنيادي ميمبر هئا، جڏهن پ پ جو بنياد پيو تہ پاڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شخصيت ڪردار ۽ روٽي ڪپڙا اور مڪان نعري ڪان متاثر ٿي پ پ ۾ شامل ٿيا ۽ آخر تائين پ پ ۾ رهيا، سندن اولاد بہ پ پ سان نڀائين پيا. راڳ ويراڳ سان وڏو شوق هوندو هئن، استاد منظور علي خان، دين محمد فقير، سندس پسند جا فنڪار هئا. پاڻ خود بہ سٺو ڳائي ويندا هئا، پاڻ درگاهہ حسن بخش شاهہ تي هر سال حضرت محمد صہ جن جو جشن ولادت وڏي ليول تي ملهائيندو هو. خيرخيراتون ڪندو هو، درگاهہ واري مسجد ۾ بہ هر جمعي تي خيرات ڪندو هو.پاڻ فقيري رنگ ۾ رچيل هئا، سندس گفتگو جو انداز متاثر ڪرڻ وارو هو، جنهن موضوع تي ڳالهائي تہ ٻڌندڙن تي سڪتو طاري ٿي ويندو هو، ڪيس حضرت حسن بخش شاهہ هادي جو ڪلام

بات بره جي سمجهڻ مشڪل،
بات بره جي پاري وي.

ڏاڍو وڻندو هو. راڳ رهاڻ جي محفل ۾ ان ڪلام جي ٻڌڻ جي فرمائش ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ گن گنائيندو هو، پاڻ 25





جون 2005ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا، ڪيس 5 پٽ آهن، سيد خير شاهہ زميندارِي سياست، سيد سوڍل شاهہ ايڪسائيز پوليس ۾ آفيسر، سيد امان الله شاهہ ايگريڪلچر ۾ آفيسر، سيد ڏنل ساه زميندارِي سياست، سيد منصور شاهہ ٽيچر آهي. 5 ئي پيائر پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هنن جي اها بہ روايت آهي تہ والد وانگر ڪابہ وڏائي نہ ڪنهن کي ڏين تہ ٿا پر ڏڪوين ڪونہ ٿا. سيد خير شاهہ پ پ تعلقي ٽنڊو آدم جو جنرل سيڪريٽري پڻ آهي، سيد ڏنل شاهہ پنهنجي ڏاڏي سيد ڏنل شاهہ جو نالو مٽس آهي ۽ ان نالي جو اثر بہ مٽس آهي ۽ پاڻ ڏاڏي وانگر فقير منش يار ويس مهمان نواز، سخي، هردلعزيز انسان آهي. پاڻ ضلع ڪائونسل سانگهڙ جي ميمبر طور خلق خدا جي خدمت ڪري رهيو آهي.

**نوٽ:** هي احوال سندس فرزند سيد خير شاهہ جيلاني ڪان معلوم ٿيو.

## رستمِ سنڌ شير ميربحر

منهنجي ملاکڙن سان ننڍي هوندي ڪان گهري دلچسپي رهي آهي، منهنجو والد الهہ بخش ملاح بہ ملاکڙن جو شوقين هوندو هو. شاهہ لطيف فقير نوح ٽياڻي فقير حسن بخش شاهہ هادي ڊنڙو شريف سيد قلندر شاهہ اڏ قلندر ، ڳوٺ غلام محمد لغاري جي ميلن ۾ ٿيندڙ ملاکڙن ۾ ويندو هو، مون کي بہ ميلو گهمائڻ لاءِ گڏ وٺي ويندو هو، مون ننڍي هوندي ڪان ملاکڙا ڏٺا ان ڪري اڄ تائين ملاکڙو سان دلچسپي رهي آهي. ملاکڙو سنڌ جي قومي راند آهي، ڪو زمانو هو جو ملاکڙي جي وڏي پذيرائي هوندي ئي. وڏا ماڻهو نہ صرف ملهن جي سرپرستي ڪندا هئا پر ملهن جي خدمت ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. مشهور ملهہ پهلوان غلام سرور جتوئي ”شهيد“ جيڪو پيائرن جهڙو دوست بہ هو، ان منهنجي جنم ڏينهن تي هڪ اخبار پاران شايع ڪيل خصوصي ايڊيشن ۾ مون تي جيڪو مضمون لکيو هو ان ۾ لکيو آهي تہ ملدسي جنهن جو نالو ملهہ تان پيو آهي. اتي هڪ عورت ملهہ پهلوان ملهہ وڙهندي هئي جيڪا پنهنجي دور جي طاقتور مشهور ملهہ پهلوانن کي شڪست ڏيندي هئي پر هڪ دفعي هڪ ملهہ پهلوان ان ملهہ عورت کي شڪست ڏني جڏهن مائي ملهہ دسي تہ پوري علائقي ۾ هل هلي پيو تہ ملهہ دسجي وئي ان بعد هن ڳوٺ جو نالو ملهہ دسي پيو، بعد ۾ ملدسي سڏجڻ لڳو، ملدسي ۾ جنم

وٺندڙ نور سنڌي بہ ان مٽي مان پيدا ٿيل آهي، شايد انڪري نور سنڌي جي ملھہ سان ايتري دلچسپي آهي. جو سنڌ ۾ مشهور اوليائن تي ٿيندڙ ملاکڙن ۾ باقاعده اچي ٿو، دلچسپي سان ملاکڙو ڏسي ٿو ۽ ملاکڙي جو اکين ڏٺو احوال هلائي ٿو، ملهن جي مسئلن تي ڪالم لکي ٿو. آئون جڏهن ڇهين ڪلاس جو شاگرد هيس ان وقت منهنجي عمر 14 سال کن هئي اهو زمانو تقريبن 1973ع جو هوندو لطيف سائين جي عرس واري ملاکڙي ۾ پهريون دفعو شير ميربحر کي ڏٺو آئون والد سان گڏ ميلو گهمڻ ويو هيس، انهن ڏينهن ۾ اتي ملاکڙي ۾ پيهون اڌي ٽڪيٽ ورتي ويندي هئي. مون کي ياد نہ ٿو اچي تہ شير ميربحر سان کهڙي ملھہ پهلوان سان مقابو ٿيو پر ايترو ياد آهي تہ ڪاميابي شير ميربحر ماٺي هئي. ۽ مٿس نوٽن جي برسات ٿي وئي هئي. ملاکڙو ختم ٿيڻ بعد بابا شير ميربحر سان مليو هو. بابا سان ذات واري حساب سان دعا سلام هئي. جڏهن 8 ڪلاس پاس ڪري اخبارون ۾ ڪچا ڦڪا مضمون ايڊيٽر جي ٽپال و خط لکڻ شروع ڪيا تہ مون کي خواهش ٿي تہ شير ميربحر جو انٽرويو ڪريان پر چاهيندي بہ انٽرويو نہ ڪري سگهي، ڏهين ڪلاس پاس ڪرڻ بعد تعليم جو سلسلو جاي رکڻ سان گڏ صحافت شروع ڪئي، تقريبن 1978ع ۾ لطيف جي ميلي جي ملاکڙي ۾ پهتس انهن ڏينهن ۾ شير ميربحر ملھہ نہ وڙهندو هو پر ملاکڙن ۾ ضرور ايندو هو. ۽ ملاکڙن جي سربراهي ڪندو هو. ساڻن ملاکڙي ۾ ملاقات ٿي ۽ ساڻن گڏ فوٽو بہ ڪڍرايا پر بدقسمي سان زماني جي لاهين چاڙهين ۾ اهي فوٽو گم ٿي ويا. . 1984ع ۾ جنرل ضياءُ جي دور ۾ اخبارن ۾ پڙهيو تہ شير ميربحر گردن جي بيماري ۾ سول اسپتال داخل ، ڪجھہ ڏينهن بعد اخبارن م خبر لڳي تہ پاڪستان اسپورٽس بورڊ اسلام آباد پاران سندس ملازمت ختم ڪئي وئي آهي. خبر جي تفصيل ۾ لکيو هو تہ مشهور ملھہ پهلوان شير ميربحر کي ذوالفقار علي ڀٽو 1974ع ۾ ڪيس ملھہ جو ڪوچ مقرر ڪيو هو. هن 10 سال ملھہ جي ڪوچ جي حيثيت سان شاندار ڪردار ادا ڪيو، هڪ سال بعد مارچ 1985ع تي اخبارن ۾ اها افسوسناڪ خبر پڙهي تہ مشهور ملھہ پهلوان شير ميربحر لاڏاڻو ڪري ويو.ا ها خبر مون سميت ملھہ جي شوقينن تي وڄ وانگر ڪري پر مونکي وڌيڪ افسوس ٿيو تہ شايد ان ڪري جو هو ذات وارو ۽ والد جي دعا سلام وارو هو. انهن ڏينهن ۾ شير ميربحر بابت ڪا وڌيڪ ڄاڻ نہ





هئي. بس اها خبر هئي تہ هو مشهور پهلوان آهي. ۽ ڪيس رستم سنڌ بہ سڏيو وڃي ٿو. سندس وفات بعد سنڌي اخبارن م مٿس لکيل ايڊيٽوريل ۽ آرٽيڪلن مان خبر پئي تہ هن ملھہ راند کي فروغ لاءِ سدائين هر طرح سان ڪوششون ڪيون. هن 25 سالن تائين ملھہ وڙهندي ڪيترن ئي پاڪستان ۽ غير ملڪي پهلوانن سان مقابلا ڪيا سندس وفات سان ملھہ راند کي وڏو نقصان پهتو آهي. مون جڏهن هالا ۾ صحافت شروع ڪئي تہ مخدوم طالب الموليٰ جن هڪ دفعي ڪن مهمانن سان پاڻ ملھہ جو ذڪر ڇيڙيو ان ذڪر ۾ شير ميربحر جو بہ ذڪر شامل هو. پاڻ فرمايو تہ شير ميربحر پنهنجو مٿ پاڻ هو جهڙو سهڻو جوان ملھہ بہ اهڙي سهڻي وڙهندو هو. ان ڪچهري ۾ 1962ع ڌاري مخدوم طالب الموليٰ پاران ڪرايل ملاکڙي جو ذڪر بہ نڪتو تہ ان مقابلي ۾ شير ميربحر چيڪو سلاويا جي مشهور پهلوان زيبسبڪو کي ملھہ دسي ۽ ڪيس رستم سنڌ جو لقب بہ اتي مليو.

شير ميربحر تي مختلف اخبارن ۾ لکيل مضمون ليکڪ مولائي ملاح پاران شايع ڪرايل ڪتاب ”شير ميربحر“ فن ۽ شخصيت، پڙهڻ مان پتو پئي ٿو تہ شير ميربحر روايتي ماڻهو نہ هو، بهترين ملھہ سان گڏ بهترين انسان، وڏو مهمان نواز، اوطاقي، سخي مرد بہ هو. جڏهن شير ميربحر وصال ڪيو تہ دل چاهيو تہ سندس تعزيت تي وڃان پر نہ وڃي سگهيس ليڪن مون ان وقت عبرت ۽ آفتاب اخبار ۾ سندس وفات تي پنهنجي پاران تعزيتي خبر هلائي ۽ سندس فرزند شهاب الدين ملاح کي تعزيتي خط بہ لکيو هو. اڄ بہ جڏهن بہ ملاکڙن ۾ ويهندو آهيان تہ شير ميربحر جي ياد ضرور ايندي اٿم. ملھہ پهلوانن بہ سندس شخصيت ۽ پهلواني جي اڄ بہ ساراھہ ڪن ٿا، اسان جي دوست غلام سرور جتوئي، ڪريم بخش شيدي سان جڏهن بہ ملھہ بابت ڪچهري ٿيندي هئي تہ شير ميربحر جو ذڪر بہ نڪرندو هو، غلام سرور جتوئي چوندو هو تہ مرحوم شير ميربحر ملھہ راند کي ڳوٺن مان ڪڍي شهرن ۾ آندو، ڪيس سدائين اهو فڪر رهندو هو تہ ملھہ راند کي اڃان وڌيڪ ترقي وٺرائي. حڪومت ملھہ جي سرپستي ڪري ملھہ پهلوان الهجڙيو سمون هڪ دفعو ٻڌايو تہ شير ميربحر ملھہ جي شوقينن ۾ ايترو تہ مقبول هو جو جنهن ملاکڙي ۾ شير ميربحر ايندو هو تہ اتي ماڻهن جو وڏو ميڙو مچي ويندو هو. اڄ شير ميربحر اسان ۾ موجود ناهي پر سندس ڳالهيون ڳائي رهيا

آهيون، شير ميربحر ڪانپوءِ ڪيترائي مشهور ملهه گذاري ويا آهن پر مرڻ بعد انهن ايتري مڃتا نه ماڻي جيتري شير ميربحر ماڻي. زندهه دل قومون پنهنجي محسنن پنهنجي امرڪردار پنهنجي هيروز کي جيئري مانائتو ڪنديون آهن ۽ وصال بعد ڪيس مڃتا ڏينديون آهن. ڪيس ياد رکندا آهن. شير ميربحر جو نيڪ فرزند شهاب الدين ملاح نه صرف والد جي هر ورسي تي ڪيس ياد رکندي سندس ساروڻيون سارڻ لاءِ ميڙاڪا ڪوٺائي ٿو پر پنهنجي والد جي ياد ۾ ملاکڙا به ڪرائي ٿو. اڄ جيڪا ملهه ترقي ڪئي آهي ان ۾ شير ميربحر جون ڪوششون ڪاوشون، محنتون شامل آهن. جيستائين ملهه راند زندهه آهي، ايستائين شير ميربحر جو نالو به زندهه رهندو.

## لطيف سائين جو مشهور راڳي سيد غلام حيدر شاهه

سيد غلام حيدر شاهه لطيفي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو مشهور راڳي شاعري جو پارکو هو. سخاوت ۽ مهمان نوازي ۾ والد پير محمد جڙيل شاهه جي نقش قدم تي هليو. مون ڪيس پهريون دفعو 1980 ع ۾ درگاهه لطيف تي راڳ ڳائيندي ٻڌو ڇا ته سندس آواز ۾ سوز هو. ساڻس باقاعده نياز مندي وارا تعلقات 1993 ع کان ان وقت ٿيا، جڏهن آئون ڀٽائي خاندان جي مشهور شخصيت سائين سيد مظهر علي نازڻ سائين جي معرفت پيج ڀٽائي ميگزين لاءِ اشتهار جي صورت ۾ سهڪار لاءِ وٽن پهتس ۽ پاڻ نه صرف ان عرس مبارڪ واري ايڊيشن پر جيستائين حياتي هئا سهڪار جاري رکيو. پهريون دفعو جڏهن ساڻس مليس ته پاڻ ڳوٺ معلوم ڪيو. جڏهن ڪيس ٻڌايم ته ملدسي جو ته پاڻ منهنجي وڏن جن مان تقريبن انتقال ڪري ويل هئا انهن جا نالا ورتا جن ۾ منهنجو نانو، چاچا شامل هئا. پاڻ خوش ٿي چيو ته ابا انهن سان ته وڏن ڪان واسطا آهن پر وڏن جي وفات بعد اهي رابطا ختم ٿي ويا آهن. سنو ٿيو جو ڪنهن نه ڪنهن بهاني آيو آهين، هاڻ اچڻ وڃڻ جو سلسلو جاري رهڻ گهرجي. پاڻ جيڪا عزت پيار ڏنو ان سندس مداح ڪري ڇڏيو. ان بعد جڏهن به ڀٽ شاهه اچڻ ٿيندو هو ته وٽن حاضري ضرور پربي هئي.. جڏهن به ويجهو هو ته سندس اوطاق تي مريد ۽ شهر علائقي جو ماڻهن جو وڏو انگ موجود هوندو هو. پاڻ سخاوت جي حوالي سان سڄي ملڪ ۾ مشهور سيد محمد بخش عرف جڙيل شاهه جو فرزند هو. پاڻ لطيف





سائين جي خاندان جو چشم چراغ هو. سيد غلام حيدر شاهه کي پيار مان گلڻ سائين به سڏيندا هئا. درگاهه جي اولهه طرف لڳو لڳ سندن حويلي آهي. ان جي لڳ سندن وڏو عاليشان بنگلو آهي. اتان گذريو هو ته دنبوري جي تار جو آواز ۽ سندس سريلي آواز جو ميلاپ ٻڌجي ماحول ۾ عجيب ڪيفيت پيدا ڪندو هو. هن دور ۾ لطيف سائين جي مشهور راڳي سيد غلام شاهه ڪانپوءِ وڏي ڪان وڏو ڄاڻو سيد غلام حيدر شاهه کي مڃيو ويندو هو. شاهه سائين جي ڪلام جو پارکو ۽ راڳ جي مڪمل ڄاڻ رکندڙ هو. اهو ئي سبب آهي ته لطيف جا ڪيترائي راڳي ڪانئس راڳ جي سکيا وٺندا هئا. پاڻ لطيف جو راڳ جديد انداز ۾ پيش ڪيو، پاڻ ڪلاسيڪل نيم ڪلاسيڪل موسيقي جي وڏي ڄاڻ رکندا هئا. پاڻ سازن تي بهترين انداز ۾ ڳائيندا به هئا. پاڻ هارمونيم به بهترين انداز ۾ وڄائيندا هئا. ڪنهن لطيف جي راڳي فقير کي لطيف سرڪار جي وائي سمجهه ۾ نه ايندي هئي ته اهي سائين غلام حيدر شاهه وٽ ايندا هئا پاڻ ان کي سهڻي انداز ۾ ڄاڻ ڏيندا هئا. پاڻ لطيف جي هر بيت ، وائي جي معنيٰ ڏاڍي سهڻي ۽ سادي نموني سمجهائيندا هئا. پاڻ لطيف سائين جي رسالي جا حافظ موسيقي جي هر راڳ جا ڄاڻو هئا. وٽن وقت جا ناميارا فنڪار حاضري تي ايندا هئا. خاص طور لطيف جي عرس تي اچي سندن بنگلي تي ڳائيندا هئا ۽ راڳ بابت ڄاڻ به حاصل ڪندا هئا. سينگار علي سليم جي ته غلام حيدر شاهه سان دلي، عقيدت هوندي هئي وقت به وقت وٽن حاضر ٿي راڳن تي ڪچهريون ڪندا هئا ۽ فن جو مظاهرو به ڪندا هئا. راڳ ويراڳ ۾ ڀٽائي گهوٽ جو راڳ جهڙوڪ غلام حيدر شاهه جي روح جي غذا هو. فنڪارن ۾ استاد غلام علي، روشن آرا بيگم، استاد عبدالڪريم، پروين سلطانه، سلامت علي، لتا منگيشڪر، ملڪه ترنم نورجهان، سهراب فقير، عابده پروين، استاد عاشق علي خان، انهن فنڪارن جي آڊيو ڪيسٽن جو وڏو تعداد وٽن هوندو هو. اڪيلائي ۾ انهن پسند جي فنڪارن جون ڪيسٽون ٻڌاندا هئا. جڏهن جديد دور آيو ٽي وي چينل ڪليا سندن اوطاق ۾ ٽي وي به هئي پر پاڻ ريڊيو شوق سان ٻڌندا هئا. جيستائين سيد صالح محمد شاهه حياتي هو ايستائين ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان فتح خان جي ڪچهري شوق سان ٻڌندو هو. ڪين لطيف سائين ڪانپوءِ پسند جو شاعر مولانه رومي هو. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ لطيف جو

راڳ ڳائيندي ۽ شعر چوندي روئي ڏيندا هئا. پاڻ وڏا زميندار هزارين مريد وڏي تعداد ۾ ملازم هوندي بہ فقير منش، سادا انسان هئا، پاڻ زندگي سادگي سان گذاري اڪثر لطيفي رنگ بلو ۽ ڪاري رنگ جا ڪپڙا پائيندا هئا. پاڻ صاف گوءِ منهن تي سچ چوڻ وارا، نيت جا صاف انسان هئا. سندن وندر ۾ فقراءِ فنڪارن سان ڪچهريون هوندي هئي. پاڻ وڏا مهمان نواز، سخي غريب جي مدد ڪندڙ پر ظاهري دنيا داري ۽ نمود نمائش جا قائل نہ هوندا هئا. سندن اوطاق تي لنگر هلندو هو، لطيف جي عرس جا 3 ڏينهن لنگر عام هلندو هو، شطرنج راند جا شوقين ۽ ماهر هوندا هئا. ڪين هن راند ۾ شڪست ڏيڻ مشڪل هوندو هو، غلام حيدر شاهہ جي آواز ۾ مختلف ڪمپنين پاران شاهہ سائين جي راڳ جون ڪيتريون ئي آڊيو ڪيسٽون رڪارڊ ٿيون، جيڪي عوام ۾ مقبول ويون ۽ وڪرو جا رڪارڊ قائم ڪيا، پاڻ غير سياسي ماڻهو هو ليڪن سندن تعلق خانداني طور مخدوم آف هالا مخدوم طالب المولىٰ سان سندن قريبي تعلقات هئا، سندس آئيڊل شاهہ لطيف سندن والد پير محمد جڙيل شاهہ پسند جي شخصيتن ۾ مخدوم غلام حيدر صديقي و قريشي، سائين جي ايم سيد، سيد غلام رسول شاهہ جيلاني، ڄام ڪانڀو خان، سردار محمد علي شاهہ ڄاموٽ (اول)، سيد ميران محمد شاهہ، سيد غلام شاهہ، سيد غلام حيدر شاهہ، شاهہ ڪريم بلڙي وارو، عبدالستار پيرزادو، حاجي جان محمد مري، سندس ڇاڇو ولي محمد شاهہ، پسنديده اديبن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي هو، سندن ادب سان بہ گهري دلچسپي رهي. تاريخ، فلسفي، اسلامي ڪتاب بہ سندن مطالعي ۾ رهيا. تمام گهٽ ماڻهن کي خبر هوندي تہ پاڻ شاعري بہ ڪندا هئا. تاريخ جي ڪين وڏي ڄاڻ هئي. فقير فقراءَ لاءِ هڪ وڏو هال نهرايو، جتي بہ ٽي هزار ماڻهو هڪ ئي وقت ويهي سگهن ٿا. هڪ دفعي ڪائن معلوم ڪيم تہ سائين زندگي ۾ عشق گهڻا ڪيا، پاڻ مرڪندي چيو تہ زندگي ۾ جنهن سان عشق ڪيو ان کي جيون ساٿي بنايو، پر مرحيات ساٿ ڇڏي حقيقي مالڪ ڏانهن هلي وئي، مون کي سدائين ڳلن ۽ ڪلهي تي ٿڦڪي ڏئي دعا ڪندا هئا تہ تون پيج پٽائي ميگزين ذريعي لطيف سائين جو ڪلام پيغام عام ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪوشش ڪئي آهي ۽ ميگزين ميلي ۾ مفت ورهائڻ اهو ننڍڙو ڪم ناهي، جيڪو ڪم وقت جون حڪومتون ادارا نہ ڪري سگهيا آهن،ا هو ڪم تو جهڙو غريب ماڻهو ڪري رهيو آهي پاڻ







اڪثر چوندا هئا تہ اتر سنڌ ۾ اسان جي مريدن ڏانهن بہ اشتهار لاءِ وچ تو کي خط ۽ پنهنجو ملازم گڏي ڏيان ٿو تہ ۽ ڀاڙو خرچ بہ ڏيان ٿو پر چاهيندي بہ ڪجهہ مجبورين ڪري سندن خواهش تي نہ وڃي سگهيس، سيد غلام حيدر شاهہ جن وٽ ڪچهري ڳالهہ ٻولهہ جو وڏو ڏانءُ هو ڪچهري ۾ ويٺل جي اٿڻ تي دل نہ چوندي هئي. اڻ واقف سان بہ اهڙو شفقت سان ملندو هو جهڙو پراڻو واقف ڪار هجي، پاڻ ڪربلا جي شهيدن جو وڏو عزادار هو. پاڻ ڪيتريون ئي مجسلون ڪرايون. ڏهن ڏينهن ۾ خير خيراتون لنگر نياز دل کولي ڪندو هو

## صوفي محمد صفر ابڙو

هي دنيا فاني آهي فاني دنيا مان اسان سڀن کي ڏينهن پڄاڻي هلڻو آهي، رهندو وڃي نالو الله جو، موت اٽل ۽ برحق آهي ، ليڪن اهي ماڻهن وصال بعد ۾ زنده رهندا جن حقوق العباد تي عمل ڪيو جن زندگيون ٻين لاءِ ارپيون، ها اهڙن زندهہ دل، هر دلعزيز ماڻهن کي موت بہ نہ ٿو ماري سگهي، ظاهري طور هو اسان کان دور هليا وڃن ٿا پر اسان جي دلين ۾ هميشہ ياد رهندا، هو اسان جي سوچن، خيالن ۾ زندهہ هوندا، صوفين جو عقيدو آهي تہ جسم روح جي سواري آهي، روح بقا واري دنيا مان اچي ٿو ۽ مقرر ڏينهن تي واپس بقا واري دنيا روح ارواح ڏانهن وڃي ٿو، ڪامياب زندگي گذاريندڙ جو روح آزاد هوندو آهي وڃيس تہ روح ارواح ۾ ويٺو هجي وڃيس تہ هن دنيا ۾ آزادي سان گهمي پيو ڪجهہ مسلمان صوفين جو چوڻ هندن واري مٽ وارو رايو آهي تہ انسان جو روح وري ٻئي جسم ۾ وڃي ٿو سنڌ جي تاريخي شاهہ لطيف جي رسالي ۾ آيل پيار محبت جي لازوال داستان سهڻي ميهار جي ابدي مقام واري شهر شهدادپور سان تعلق رکندڙ صوفي محمد صفر ابڙو فقير 15 جنوري 2016ع تي رات جو پنهنجي گهر ۾ دل جو دورو پوڻ ڪري لاڏاڻو ڪري ويو، سندس عمر 65 سال هئي، صوفي محمد صفر ابڙو سچو صوفي هو، هن حقوق العباد تي عمل ڪيو هن ماڻهن سان پيار ڪيو، غريبن سان همدرديون ڪيون، هن صوفي ازم ۽ صوفين جي پيار محبت واري فلسفي کي پکيڙيو، هن دنيا ۾ محبت جا ميلا مچايا، پاڻ شهدادپور جي ابڙا پاڙي جي فقير منش انسان گل محمد ابڙو ”روينيو ڪاتي جو ڪوٽار“ جي گهر ۾ جنم ورتو، ننڍي هوندي کان ادبي تاريخي ڪتاب پڙهڻ جو شوق

رکندڙ هو، ننڍي هوندي کان ذهين راڳ ويراڳ سان شوق رکندڙ ، انسانن سان پيار ڪندڙ هو، پاڻ بي اي ڪرڻ بعد بئنڪ ۾ اڪائونٽنٽ ٿيو اهڙو ٿف جاب هئڻ جي باوجود صوفين جي محفلن سنڌ جي صوفي بزرگن جي ميلن ۾ ويندو هو، 2001ع ۾ پاڻ صوفين جي رنگ ۾ ايترو تہ رڱجي ويو جو وقت کان گهٽو اڳ گولڊن هئينڊ شيڪ تحت رٽائرڊ ٿي ويو ۽ پاڻ سنڌ جي مشهور صوفين وٽ حاصريون پريون ۽ صوفين جي حوالي سان ڪتاب پڙهيا ۽ بعد ۾ مشهور صوفي ولي الله فقير علي مراد زرداري جي طالب صوفي خدا بخش جو طالب ٿيو ۽ ابڙا پاڙو ۾ پنهنجي گهر پرسان آشرم قائم ڪيو، جيڪو شهدادپور ۽ آسپاس جي صوفين جو مرڪز رهيو، جتي هر وقت راڳ ويراڳ ۽ صوفين جي پرچار ٿيڻ لڳي، ٻاهر جا صوفي جڏهن شهدادپور مان گذرندا هئا تہ هتي هن آشرم تي ضرور ايندا هئا، چانهہ پاڻي ماني ۽ آرام بعد ويندا هئا، صوفي محمدصفر ابڙو پنهنجي خاندان جي مشهور صوفي بزرگ پيڙو فقير جنهن جي مزار ڳوٺ شير لغاري ويجهو لوهاڻو واهہ جي ڪنڌي تي آهي، اتي بہ صوفين جا راڳ ويراڳ ، سگهڙن جي ڪچهرين جا ميلا مچايا، هر مهيني ڏهاڙو ملهائڻ ڪانسواءِ ساليانو عرس مبارڪ بہ ملهائڻ شروع ڪيو، خير خيراتون بہ ڪيون، اتي ٿيندڙ راڳ ويراڳ جي محفلن ۾ مشهور صوفي فنڪارن بہ ڊيوٽيون ڏنيون، پاڻ هر سال ابڙا پاڙو ۾ جشن عيدميلادالنبي صہ جي حوالي سان 14 ربيع الاول تي وڏي ليول تي صوفيانہ راڳ ويراڳ جي محفل ڪرائيندو هو، ان محفل ۾ سڄي سنڌ مان سوين صوفي شريڪ ٿيندا هئا، اتي صوفين جي پرچار ڪئي ويندي هئي، ذڪر فڪر بہ هلندو هو، 2002ع ۾ پاڻ شاعري بہ شروع ڪئي پر بعد ۾ شاعري سان دلچسپي ختم ڪري ڇڏي، پاڻ شهدادپور ۾ هڪ ادبي فورم بہ قائم ڪبو، ان پاران بخاري پاڙو، ابڙا پاڙو ۾ ڪچهريون ڪرايون، پاڻ صوفيانہ راڳ بہ سکيو، مختلف درگاهن تي ۽ حضرت پيڙو فقير ابڙو جي عرس مبارڪ تي سنگ فقيرن سان سنگ ۾ شامل ٿي ڳائيندو بہ هو، سندس آواز ۾ وڏو سوز هو ۽ ڪڏهن شهدادپور واري آشرم تي يڪتارو ڪٽي لطيف سائين، اعجاز سائين، سچل سائين، بلي شاهہ، وارث شاهہ، فقير نواب ولي محمد ، فقير محمد ڪٽاڻ، منٺار فقير راڄڙ، مخدوم طالب المولىٰ ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام وڏي سوز آواز سان ڳائيندو هو، ڪيس اعجاز سائين جو ڪلام”اسان تي قرب محبت جي عنايت ڪئي تہ





حيدر ڪئي، نواب ولي محمد جو ڪلام ”ڪاجا روح رهاڻ جيڏيون ڙي ڪيئن، مون پيرين سان ويهي ڪيون“ ، مانجهي فقير جو ڪلام”اوهان جا عاشق هزار آهن اسان جي ياري قبول پوي شل“. پاڻ شهدادپور جي مشهور صوفي فنڪار آچر فقير سولنگي سان گڏ صوفي سيد نور محمد شاهہ جو ڪلام، داتاري تم داتا تيرا ديا هم ڪاتا ري مولا، قائم فقير جو ڪلام، واهڙي واهہ ڍوليا تيڏي ياري تيڏي ياري هي برهہ بهاري، سچل سرمست جو ڪلام، ننگڙا نماڻي داجيوين تيوين پالڻا ڳائيندو هو، پاڻ سڄي سنڌ ۾ تقريبن صوفي بزرگن جي عرس مبارڪن ۾ خاص طور چادر چاڙهڻ وارين تقريبات ۾ شريڪ ٿيندو هو، عرس مبارڪن ڪانسواءِ بہ پاڻ پنهنجي طالبن سان گڏ گڏ صوفين بزرگن جي مزارن تي ويندو هو ۽ خير خيراتون ڪندو هو.

ڪجهہ وقت کان پيڙو فقير جي مزار تي بہ آشرم قائم ڪيو اتي بہ ميلو متل هوندو هو، اتي بہ خيراتون ڪندو هو، شهدادپور واري آشرم تي چانهہ جي سبيل ۽ لنگر عام هلندو هو، پاڻ خوش اخلاق، حليم طبيت، همدرد، ننڍي وڏي جي عزت ڪندو هو، ادب اخلاق جو گهوارو هو، صوفي ازم تي ڪيس عبور حاصل هو، صوفي ازم تي ڪيترائي ڪلاڪ ڳالهائي ويندو هو، پاڻ سدائين انسانيت جي پرچار ڪئي، طالبن، دوستن، عزيزن کي امن شانتي پيار محبت ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪرڻ انسانيت جي خدمت، حقوق العباد تي عمل ڪرڻ، جو درس ڏيند هو، ڪجهہ سال پهرين عمري جي سعادت بہ حاصل ڪئي، سنڌ ۾ سندس وڏي تعداد ۾ طالب ۽ هزارين چاهيندڙ رهيا، جتي بہ ويندو هو، ماڻهن جي هجوم ۾ رهندو هو، ڳالهائڻ جو وتس وڏو ڏانءُ هو، جڏهن ڪنهن بہ موضوع تي ڳالهائيندو هو تہ ويٺلن ۾ خاموشي ڇائنجي ويندي هئي، سندس لفظ لفظ موتين داڻو هوندي هو، مختصر ۽ جامع ڳالهائيندو هو، انتهائي حساس دل ڪنهن جو ڏک سهي نہ سگهندو هو ، سندس خواهش هئي تہ شهدادپور شهر ۾ڪو اهڙو ڪو وڏو آشرم هجي جتي فقير فقراءِ پرديسي مسافر اچي ٽڪ پچن رات جو آرام ڪن، سندن لاءِ لنگر، چانهہ پاڻي جو انتظام هجي پر چاهيندي بہ مالي وسيلا نہ هئڻ ڪري سندس خواهش پوري نہ ٿي سگهي، پاڻ شاهہ لطيف جي ڪلام جو پارکو هو، لاتعداد صوفي شاعرن جو ڪلام ڪيس ياد هوندو هو، پاڻ دل ۽ هٿ جو سخي هوندو هو، وڏو مهمان نواز هو، سئير سفر جو شوقين هو

پنهنجي طالبن سان گڏ روحاني سفر بہ ڪيا، پاڻ 15 جنوري تي حضرت پيڙو فقيرو جي مزارتان شهدادپور واري آشرم تان آيو رات جو 8 وڳي گهر پهتو، ماني ڪائي ڪن پل لاءِ آرام لاءِ لتيو تہ دل جو دورو پوڻ ڪري سندس روح پرواز ڪري حقيقي ماڳ ڏانهن هميشہ لاءِ روانو ٿي ويو ۽ پاڻ وڃي حقيقي مالڪ سان مليو، سندس وصال جو ٻڌي سڄي سنڌ مان سندس طالب ۽ هزارين چاهيندڙ ۽ شهدادپور واسي بابلي هائوس تي پهچي ويا، 16 جنوري تي جنازيءَ نماز پڙهڻ بعد جيئن سندس چهري تان ڪفن هٽايو ويو تہ ان وقت سندس وصيت موجب مشهور صوفي فنڪار مانجهي فقير سنگ سان گڏ ساز ڪٽي صوفيانہ راڳ ڳائڻ شروع ڪيو، مانجهي فقير جڏهن "دنيا دور چل ڦل جو هڪڙا ايندا پيا ويندا، سڄڻ جي پيار جا ميلا هميشہ يار پيا لڳندا" ڳايو تہ اتي موجود هزارين ماڻهو پنهنجي نيڻن جا بند روڪي نہ سگهيا، هر طرف روڄ راڙو شروع ٿي ويو هر طرف اوڇنگارن آهن. دانهن جو پڙاڏو هو هر طرف قيامت خيز منظر هو، هر ماڻهو ڏکيارو هو ڪيترائي ماڻهو بي حال ٿي ويا، ڪيترائي سندس چاهيندڙ بي هوش ٿي ويا، سندس ٽيجهي تي بہ دعا کانپوءِ مانجهي فقير سنگ سان گڏ صوفي صفر فقير جي پسند جا صوفيانہ ڪلام چئي ماحول سوڳوار بڻائي ڇڏيو، اسان ڪيس پنهنجي هٿن سان حضرت فتح محمد شاهہ جي قبرستان ۾ ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪري آيا آهيون پر الائي ڇو يقين نٿو اچي تہ ڪو صوفي محمد صفر ابڙو اسان کان وڇڙي ويو آهي، سندس وڇوڙي جو يقين نہ ٿو اچي، اسان کي يقين آهي تہ سندس روح اڄ بہ سندس آشرم تي ايندو هوندو ۽ اڄ بہ پيڙو فقير جي مزار تي بہ ويندو هوندو. اڄ بہ نہ صرف سندس پٽ سليمان جي ابڙو، محمد رفيق ابڙو، بشير گل، ابڙو، فقير محمد جي ابڙو، مراد جي ابڙو، شوڪت حسين ابڙو فرزند غلام رسول ابڙو ۽ ٻيا سؤٿ ماسات ٻيا عزيز سوڳوار آهن پر سندس طالب سندس چاهيندڙ هزارين ماڻهو سوڳوار آهن يقين سندس آشرم بہ سوڳوار هوندا، ابڙا پاڙو سوڳوار هوندو.

صوفي صفر ابڙو جيءَ جيارو انسان هو، سندس وڇوڙو وڏو نقصان آهي ۽ يقين لطيف سائين جو هي شعر سندس چاهيندڙن جي دل جي ترجماني ڪندو.

نيڻ نهاري منهنجا روئي رت ٿيا،



213



جي هتان هوت وياسي اچن تہ آجي ٿيا.

جڏهن بہ ابڙا پاڙو مان سندس آشرم وٽان گذر ٿيندو آهي ۽ سندس آشرم بند ٿيل ڏسندو آهيان تہ اکين جا بند روڪي نہ سگهندو آهيان نيڻن مان نير وهڻ لڳندو آهي، هن آشرم تي ساڻس ڪيترائي ڪلاڪ رهاڻيون ٿينديون هيون، ساڻس رهاڻ ڪري سڪون ملندو هو، سندس مرڪ سندس انداز سندس محبتون ڪڏهن بہ نہ ٿا وساري سگهون، سندس آشرم وٽان جڏهن بہ گذر ٿئي ٿو تہ لطيف سائين جو هي شعر ذهن تي تري اچي ٿو.

اڳڻ اهي ئي جت ۾ پسان جوءَ ۾،
اوطاقون اوتين جون سو جهيم سپوئي،
اکڙيون روئي ماڳ نهاري موٽيون.

اسان کي اميد آهي تہ سندس آشرم پيهر آباد ٿيندو، جيڪي روايتون صوفي محمد صفر فقير ابڙو وڌيون اهي قائم رهنديون، پيڙو فقير جو ميلو بہ مچندو رهندو، صوفين جا ميلا بہ قائم رهندا، ان حوالي سان اميد تہ سليمان جي ابڙو پنهنجي وڏي پاءُ جي روايتن کي قائم رکڻ لاءِ ڪوششون ڪندو ۽ آشرم تي صوفين جا ميلا، محبت جا ميلا، راڳ ويراڳ جون محفلون جاري رکندو.

## ثقافتي روايتن جو امين زنوار غلام حيدر زرداري

ماضي ۾ لنڊو فارم تي ٿيل تڪرار جي حوالي سان زنوار غلام حيدر زرداري جو نالو ان وقت ٻڌو جڏهن اخبار پڙهندو هئس، زنوار غلام حيدر زرداري سان منهنجي چاچا حاجي محمود ملاح جي نياز مندي هئي. جنرل ضياءُ جي دور ۾ ياد نہ ٿو اچي تہ ڪهڙو سال هو منهنجو چاچو والد سان گڏجي سينٽرل جيل ۾ ساڻس ملاقات ٿي. ان بعد ساڻس ملاقات نہ ٿي ٻي ملاقات 1993ع وارين چونڊن ۾ ٿي پاڻ آزاد اميدوار طور نامينيشن فارم ڀرائڻ آيو هو. 3 ملاقات پ پ دور ايندي غلط فهمي سان زنوار غلام حيدر زرداري خلاف خبر هلائڻ بعد ساڻس ٿيل ملاقات ۾ ساڻس دوستي ٿي وئي، ڪنهن جي غلط بياني تي زنوار خلاف هلايل خبر بعد اسان جو دوست ڊاڪٽر الهہ ڏنو خاصخيلي چيو تہ تو زنوار جي خلاف خبر هلائي آهي ان جي تصديق تہ ڪر تصديق ڪرڻ بعد خبر پئي تہ خبر غلط فهمي جي بنياد تي ۽ زنوار جي مخالفن جي سوچيل

سازش تحت مون کان هلرائي وئي آهي. صحافت ۾ منهنجو شروع کان هڪ طريقو رهيو آهي تہ جيڪڏهن حقيقت آهي تہ پنهنجي دوستن کي بہ بخش نہ ڪبو، پوءِ نتيجا ڪهڙا بہ نڪرن. زنوار غلام حيدر زرداري جو طاقتور شخصيتن ۾ نالو شمار ٿيندو رهيو آهي. زنوار غلام حيدر زرداري خلاف خبر اها بہ پ پ دور ۾ اها بہ غلط فهمين ڪري هلڻ دوستن چيو پٽ لاهہ نڪري ويندئي. زنوار غلام حيدر زرداري ڏکيو ماڻهو آهي زنوار غلام حيدر زرداري خلاف خبر هلائي تو چڙ نانگ تي پير ڏنو آهي. دوستن جي اهڙين ڳالهين تي مون کي پر غلط فهمين ۾ غلط خبر هلڻ تي ضمير ملامت ڪئي جنهن ڏينهن خبر لڳي ان ڏينهن رات جو زنوار غلام حيدر زرداري وٽ معذرت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو پر ڪجهہ دوستن ڊيڄاريو تہ هينئر هو تتل هوندو ڪجهہ ڏينهن بعد سندس ويجهن دوستن سان گڏجي پوءِ وڃ ۾ مون بہ وقت جي مناسبت سان دوستن جي صلاح تي عمل ڪرڻ جو سوچيو پر شام ٿيندي الائي ڪهڙو خيال آيو ٽانگي ۾ چڙهي سڌو اسٽيشن روڊ تي زرداري هائوس تي پهتس، اتي وينل سندس همراهن کي چيم تہ زنوار سان ملڻو آهي. ٻڌايو ويو تہ ٻاهران آيو آهي ٿڪل آهي. آرام ڪرڻ لاءِ گهر ويل آهي. مون نوڪر کي چيو تہ ان کي ٻڌايو تہ نور سنڌي آيو آهي. منهنجو نالو ٻڌندي اتي وينل ڪجهہ زردارين ۽ زنوار جي ملازمن جي چهرن تي غصي واريون لڪيرون ابري آيو ۽ دل ۾ سوچيم تہ دوستن صحيح پئي چيو ڳالهہ ٻگري آهي، اوطاق تي وينل سندس ماڻهن جا چهرا ڦري ويا آهن، ائين لڳي ٿو تہ هو مون کي ڪچو ڪائي ويندا ترت ئي نوڪر واپس ماني کڻي آيو جنهن ۾ دال چانور کير جو گلاس شامل هو نوڪر چيو تہ زنوار ماني پيو ڪائي اوهان جي لاءِ بہ ماني موڪلي اٿس چئي ٿو ماني کائو تہ ملون ٿا. مون کي حيرت لڳي تہ جنهن شخص خلاف غلط فهمين ۾ مون خبر لڳائي ان سنڌ جي قديم مهمان نوازي کي قائم رکندي ماني جي وقت سندس خلاف خبر لڳائيندڙ کي ملڻ کان اڳ ماني کارائي رهيو آهي ۽ ذهن ۾ زنوار غلام حيدر زرداري لاءِ ناهيل تصور پڄي پور ٿي پيو. اڌ ڪلاڪ بعد زنوار غلام حيدر زرداري اوطاق تي پهتو عزت ۽ پيار سان ڀاڪر پائي مليو ۽ چيائين چاچا منهنجي خلاف خبر اها بہ غلط منهنجو ڏوهہ..؟ شرمندو ٿي چيم چاچا غلط فهيمن ۾ لڳي وئي آهي. ان جي ترديد هلايان ٿو ڪلندي چيائين تہ نہ چاچا ترديد جي ضرورت نہ آهي.






ترديدي بيان معنيٰ جنهن نہ پڙهيو اهو بہ پڙهي زنوار جي اهڙي ڪردار سوچ ۽ اهڙي شخصيت مون تي گهرو اثر ڇڏيو ۽ ساڻس ويجهڙائپ ۽ دوستي ٿي وئي. انهن ڏينهن ۾ ڪيس عشر زڪوات سانگهڙ ضلعي جي چيئرمين جو نوٽيفڪيشن مليو پر زنوار غلام حيدر زرداري عشر زڪوات جي چيئرميني قبول نہ ڪئي چئي اسان مولائي ماڻهو اسين فقير ماڻهو اسان جو ڇا وڃي اهڙين ڪرسين ۾ اسان کان جيڪا بہ خدمت پهچي ٿي غريبن جي ڪريون پيا. اهو اهڙو منصب هو جو چڱا ڀلا ماڻهو اهڙو منصب سٽيپي ڪرسي ماڻڻ لاءِ ڇا ڇا ڪندا آهن. جڏهن تہ زنوار اهڙي ڪرسي جيڪا پاڻهي وٽس هلي آئي ان منصب جو قلمدان سنڀالڻ کان انڪار ڪري رهيو هو. اسان دوستن مون ڏاڏو متارو ڏاهري، طالب جکرو، ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي ۽ ٻين ڪيس سمجهايو تہ چاچا عشر زڪوات جي چيئرمين شپ نڪرايو نہ ان سان اوهان غريب ماڻهن جي خدمت ڪري سگهو ٿا. پ پ قيادت اوهان کي ان جي لائق سمجهيو آهي. انڪري اوهان کي گهر ويٺي نوٽيفڪيشن مليو آهي. دوستن جي ڊگهي بحث بعد پاڻ راضي ٿيو ان شرط سان تہ اوهان دوست هن ڪم ۾ منهنجي ٻانهن ٻيلي ٿيندا تہ جيئن غريبن کي فائدو پهچائي سگهون حقدارن کي حق ڏئي سگهون. عشر زڪوات سانگهڙ ضلعي جي چيئرمين شپ جي چارج وٺڻ بعد عشر زڪوات شهدادپور تعلقہ جي چيئرمين لاءِ منهنجا لاءِ نوٽيفڪيشن ڪڍرايو مون سندس ٿورو مڃڻ سان گڏ صاف انڪار ڪيو تہ چاچا مون وٽ ايترو وقت ڪٿان ۽ اهو منصب مون کان زور آهي، پاڻ ڪاوڙجي پيو چئي مون کي ڦاسايو آهي ۽ اوهان پاڻ ڪنڌ ڪڍرائي رهيا آهيو، مون ڪيس چيو تہ چاچا آئون اوهان سان گڏ هوندس بعد ۾ سندس خواهش تي ملدسي ۾ عشر زڪوات جي چيئرمين شپ قبول ڪئي.ڪير ڪيئن بہ چوي پر مونکي ذاتي طور خبر آهي تہ زنوار غلام حيدر زرداري اتان ڪجهہ نہ ناهيو ها هن غريب دوستن کي نوازيو. غريبن وٽ عزت ناهي، غريبن جي دلين تي راڄ ڪيو، هن اتان غريبن جون دعائون حاصل ڪيون، سانگهڙ ضلعي ۾ شل نہ ڪنهن ڳوٺ ۾ باهہ لڳي ۽ غريبن جا گهر سڙن، شل نہ ڪٿي واهہ کي شاخ کي گهارو پوي زنوار غلام حيدر زرداري فوري طور اتي پهچي متاثرين جي بروقت هر طرح سان مدد ڪندو هو زنوار اهڙن متاثر هنڌن تي بہ پهتو جتي گاڏي جو رستو نہ هوندو هو اتي ڪيترو ئي پنڌ ڪري

اتي پھتو. زنوار غلام حيدر زرداري 1951ع ۾ سڪرنڊ ويجهو ڳوٺ علي بخش زرداري جي گهر ۾ جنم ورتو. ڪيس ننڍي هوندي کان غريبن جي خدمت ڪرڻ هر ماڻهو سان هٿ جوڙي ڪندو هو. 1971ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شخصيت، سياسي بصيرت کان متاثر ٿي پ پ ۾ شامل ٿيو ۽ پ پ ۾ ڪارڪنن جي حيثيت سان هڪ اڳواڻ جيترو ڪم ڪيو. پاڻ پ پ دور ۾ سرهاڙي کي تعلقہ جو درجو ملڻ بعد پ پ تعلقہ سرهاڙي جو صدر پڻ ٿيو. سرهاڙي تعلقہ ختم ٿيڻ بعد پاڻ يو سي سومر فقير هنگورو ۾ پ پ جو صدر رهيو. جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ ڪيس انتقامي ڪارروايين تحت مٿ مائٽن سان گڏ ڪوڙن ڪيسن ۾ گرفتار ڪري 10 سال جيل موڪليو ويو. ڇام دور توڙي نواز شريف دور ۾ بہ سياسي انتقامي ڪارروايين جو شڪار رهيو. 1995ع ۾ پ پ حڪومت ختم ٿيڻ بعد عالم بلوچ قتل ڪيس ۾ زنوار غلام حيدر زرداري کي گرفتار ڪيو ويو ۽ جيل ۾ مٿس بي انتها تشدد ڪيوويو تہ هو آصف علي زرداري تي سلطاني گواهہ بنجي تہ اهو قتل آصف علي زرداري ڪرايو آهي پر زنوار غلام حيدر زرداري آصف علي زرداري مٿان سلطاني گواهہ بنجڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. پھرين ڪيس لالچ ڏني وئي تہ جيڪڏهن سلطاني گواهہ ٻڻبو تہ ڪيس سندس توقع کان وڌيڪ مالي فائدا ڏنا ويندا پر زنوار جي انڪار بعد مٿس بي انتها تشدد ڪيو ويو ايترو جو ڪيس مرٽينگ حالت ۾ پھرين جيل اسپتال ۾ بعد ۾ ڄامشورو اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. جتي ڪيترو ئي عرصو سندس علاج هليو، حالانڪہ 93ع ۾ پ پ حڪومت هوندي پ پ ضلعي سانگھڙ جي قيادت سان زنوار جا اختلاف شروع ٿي ويا ۽ ميڊم فريال جي سختي سان هدايتن جي باوجود اهو چئي اهي اختلاف جاري رکيا تہ آئون حق تي آهيان اهڙي صورتحال ۾ زنوار تي آصف علي زرداري پڻ ناراض هو ۽ نواز شريف حڪومت انِ جو فائدو وٺندي عالم بلوچ ڪيس ۾ زنوار کي ڦاسايو ۽ بعد ۾ ڪيس آصف زرداري تي سلطاني گواهہ بنائڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندس اهڙيون ڪوششون ناڪام ويون ۽ زنوار ان ڪيس مان بي ڏوهي ٿي باعزت طور آزاد ٿيو. پ پ ضلعي قيادت سان زنوار جا اختلاف ايترا وڌي ويا جو 93ع بعد ٿيندڙ عام بلدياتي چونڊن ۾ زنوار پنهنجا اميدوار بيهاريا، بلدياتي چونڊن ۾ سندس بيهاريل ڪائونسلرن مان ڪافي شاندار نموني اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي پ





پ جي ضلعي قيادت سان اختلافن جي هوندي بہ پاڻ پ پ جو ادنيٰ ڪارڪن ۽ شهيد ڀٽو جو سپاهي سڏائيندو هو ۽ شهدادپور واري رهائشگاهہ لنڊو فارم واري اوطاق تي پ پ جو جهنڊو ڦڙڪندو هو. شهيد راڻي جي شهادت بعد پاڻ مخدوم امين فهيم جي شهدادپور واري جلسي ۾ پ پ ضلعي قيادت سان اختلاف ختم ڪرڻ جو اعلان ڪندي ۽ پ پ اميدوارن جي ڀرپور ورڪ ڪيو.

زنوار غلام حيدر زرداري سنڌ جي ثقافتي روايتن جو امين هو. ڀلا گهوڙا ڀلا ڊوڙ وارا ڏڳا، چوپايو مال آخر تائين رکيو پاڻ بھترين گھوڙي سوار هئا. ميلن ۾ گھوڙن جي ڊوڙن واري پروگرامن ۾ بوسڪي جو پٽڪو ٻڌي گھوڙو ڊوڙائيندو هو. پاڻ ڏڳن جي ڊوڙ واري ثقافتي روايت کي بہ برقرار رکيو وٽس ڊوڙ جي مقابلن وارا ڀلا ڏڳا هوندا هئا. پاڻ لنڊو ۽ ٻين علائقن ۾ ڏڳن جي ڊوڙ وارا ميل ڪرائيندو هو. جنهن سان هڪ طرف ڏڳن جي ميلن جي شوقينن کي پنهنجا ڏڳا ڊوڙائڻ جو موقعو ملندو هو ۽ عام ماڻهن کي هڪ بھترين تفريح ملندي هئي. زنوار غلام حيدر زرداري جي مھمان نوازي مشهور هئي. شهدادپور واري اوطاق هجي يا لنڊو فارم واري اوطاق تي لنگر عام هلندو هو. پاڻ مولائي بندو هو. پاڻ ڪربلا جي شهيدن جو عزادار هو. پاڻ لنڊو ۾ عظيم الشان امام بارگاهہ ٺھرائي جتي هر محرم الحرام جي 8 تاريخ تي وڏو نياز ڪندو هو. جڏهن تہ ڪيترن ئي امام بارگاهن ۾ ٿيندڙ ڪمن ۾ مدد ڪندو رهيو. لنڊو فارم تي روزانو هارين ۽ علائقي جي ماڻهن سان ڪچهريون ڪندو هو. زنوار غلام حيدر زرداري وٽ ڏڳن، ٻڪرين، مينهن جو وڏو ڌڻ هوندو هو. پاڻ کير نہ کپائيندو هو، علائقي جي غريب ماڻهن کي مفت ۾ کير ڏيندو هو. سخاوت جي اها انتها تہ ڪيترائي علائقي جا غريب سندس هاري کير پيئڻ لاءِ مينهون ڏڳيون ڪاهي ويندا هئا جن مان ڪافي ماڻهو اهي کپائي ڏوڪڙ پنهنجي غرض ۾ آڻي پوءِ اچي زنوار کي ٻڌائيندا هئا تہ اسان فلاڻي مجبوري جي ڪري ائين ڪيو آهي پر پاڻ انهن تي ڪڏهن بہ ناراض نہ ٿيو چوپايو مال کپائيندڙن مان ڪجھہ ماڻهو انهن جا ڏوڪڙ آهستي آهستي قسطن ۾ ڏيڻ جو واعدو ڪرڻ جي باوجود بہ ٽي هزار ڏيڻ بعد ڪيئن بھانا بنائي باقي رقم نہ ڏيندڙن کي ڪجھہ بہ نہ چوندو هو. غريبن کي پنهنجو اولاد پڙهائڻ لاءِ همٿائيندو هو. وڏي تعداد ۾ غريبن جي پڙهندڙ ٻارن کي ڪتاب،

ڪاپيون، پينون، فيون ڏيندو هو. پ پ جي 88ع-93ع دور ۾ ڪيترن ئي غريب ماڻهن کي تعليمي اهليت مطابق نوڪريون وٺي ڏنيون ۽ ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ بجلي، اسڪول، روڊ ٺهرائي ڏنا. ڪم ڪارين لاءِ ايندڙ ماڻهن جا ڪم ڪرائڻ لاءِ هر طرح سان ڪوششون ڪندو هو. ايتري قدر جو انهن جا ڪم ڪرائڻ لاءِ هڙان وڙان خرچ ڪندو هو. ڪو بي پهچ، ڪو غريب ماڻهو ڪنهن لچ لوفر ڪنهن مٿي ڦريل بااثر ماڻهو جي دانهن ڪٺي ايندو هو ته پهرين ته قانوني طور ان کي انصاف ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو هو پر قانون انهن مظلومن کي انصاف نه ڏيندو هو يا ڏيڻ ۾ دير ڪندو هو ته پاڻ ان کي پين طريقن سان تڪڙو انصاف ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو هو. سندس چوڻ هو ته هو ڪنهن غريب جو ڏک ڪنهن مظلوم تي ٿيندڙ ظلم، زيادتيون ڏسي نه ٿو سگهي، غريبن، مظلومن جي اهڙي مدد ڪرڻ ڪري ڪيترن ئي بااثر ماڻهن سان سندس ذاتي دشمنيون ٿي وينديون هيون پر پاڻ انهن ڳالهين جي ڪڏهن به پرواهه نه ڪندي غريبن، مظلومن جي خدمت مرڻ گهڙي تائين جاري رکي، زنوار غلام حيدر زرداري راڄوڻي فيصلن جو به ماهر هو. ڪيترائي اهڙا ڏکيا فيصلا به ڪيا جيڪي پين بهترين طور فيصلا ڪندڙن کان حل نه ٿيا پر زنوار پنهنجي خدا داد صلاحيتن، ذهانت سان الله کي حاضر ناظر ڄاڻي انصاف پريا ۽ اهڙي انداز ۾ فيصلا ڪيا جو ڪيئن سالن کان ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار ختم ٿي ويا ٻئي ڌريون ڪير ڪنڌ ٿي ويون. زنوار غلام حيدر زرداري ڪنهن کي به سچ چوندي نه مڙندو هو. سچ چوڻ ڪري سندس ڪيترائي دوست مٽ مائٽ به ڪانئس ناراض ٿي ويندا هئا. پاڻ ولي الله درويشن سان عقتدت رکندڙ هئا. بزرگن جي مزارن تي اڪثر حاضريون پريندو هو. اتي ترقياتي ڪم ڪرائيندو هو. صوفيانه راڳ سان دلچسپي رکندو هو. انتهائي سادي طبعيت رکندڙ فقير منش انسان هو. جيلن ۾ قوم پرستن سان ملاقاتون ڪچهريون ٿيڻ ڪري پاڻ وفاق جي علامت پ پ سان وابسته هئڻ جي باوجود سنڌ پرست به هو. علائقي ۾ قوم پرستن جي ٿيندڙ پروگرامن ۾ باقائدگي سان شريڪ ٿيندو هو. سندس تعاون سان شهدادپور تعلقه ۾ ڪيتريون ئي هارين، مزدورن جي عالمي ڏينهن تي شاندار پروگرام ٿيا،پاڻ علائقي ۾ ٿيندڙ ادبي ثقافتي پروگرامن جو سهڪاري رهيو. لطيف سائين سان عقيدت هئي لطيف جا ڪيترائي شعر به ياد هئس. زنوار غلام حيدر زرداري زرعي ماهر به هو،





روايتي رئيس، وڏيرن وانگر زمين ڪمدارن، منشين جي آسري ۾ ڇڏڻ بجاءِ روزانه زمين تي ويندو هو. سندس غريب ماڻهن زمينن، مال متاع سان عشق هو، سندس پسند جو گيت" اي دل تجهي قسم هي تو همٿ نه هارنا" لطيف جي شاعري مان "تتي ٿڌي کا ڪانهي ويل ويهڻ جي" هئا. پاڻ 21 فيبروري تي رات جو اڍائي وڳي ڏاري دل جو دورو پوڻ ڪري مٽ مائٽن، چاهيندڙن کي ڇڏي هليو ويو ان جهان ۾ جتي ويندڙ اڄ ڏينهن تائين نه موٽيو آهي.

مون پنهنجي زندگي ۾ پهريون دفعو اهو ڏٺو ته زنوار جي آخري سفر ۾ شهدادپور کان لنڊو ۽ لنڊو کان بلالي قبرستان تائين ڪيترن ئي ڳوٺن وٽ جهونيون عورتون وڏي تعداد ۾ وچ روڊ تي بيهي رهيون ته زنوار جو آخري ديدار ڪرايو ۽ اهي عورتون زارو زار روئي رهيون هيون، زنوار غلام حيدر زرداري جو هر ڪانڌي سوڳوار ٻڍيل هو. هر ماڻهو جي اک آلي هئي ، هر ماڻهو اها دعوا ڪري رهيو هو ته زنوار ڪيس سڀني کان وڌيڪ پيائيندو هو. زنوار غلام حيدر زرداري جي اسان دوستن جي اها دعا ۽ خواهش آهي ته سندس اولاد زنوار وانگر علائقي جي عوام جي خدمت ڪري رهيا آهن. عوام جي بي لوث خدمت ڪن، غريبن جا همدرد بنجن، زنوار جي دوستن سان باقاعده نڀائين زنوار واريون ثقافتي روايتون برقرار رکن، علائقي جي عوام لاءِ ڇپر ڇانو بنجن، زنوار جي شهدادپور واري اوطاق ۽ لنڊو فارم جون رونقون بحال ٿين سندس اولاد علائقي خاص طور لنڊو جي عوام لاءِ ڇپر ڇانو بنجن غريبن جو سهارو بنجن.

## برڪت بلوچ مشهور قانون دان ۽ منصف

سنڌ ڌرتي هميشه عظيم شخصين کي جنم ڏنو آهي، جن اعليٰ عهدن تي پهچڻ جي باوجود عوام دوستي قائم رکي آهي، پنهنجي اختيارن جو ناجائز استعمال ڪرڻ بجاءِ اهڙا ڪم ڪيا جيڪي تاريخ جو حصو بڻجي ويا، اهڙين سخصيتن ۾مشهور قانوندان، سماج سڌارڪ برڪت علي جاگيراڻي به هڪ آهي. جنهن جو اهڙو ڪردار هئو جو رٽائرڊ ٿيڻ بعد به، وقت جي حڪمرانن سندس صلاحيتن مان فائدو ورتو، اهم منصبن تي مقرر ڪيو ۽ پاڻ اهي منصب ملڪ ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ قبول ڪيا.

1935ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي قمبر شهر ويجهو هڪ ننڍڙي ڳوٺ ٻانهو خان جاگيراڻيءَ ۾ هڪ غريب جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس والد کيس اسڪول ۾ داخل ڪيو بعد ۾ کيس هالا ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏيو ويو. برڪت علي جاگيراڻيءَ ننڍپڻ جا ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذاريا، پر هن دل لڳائي تعليم حاصل ڪئي. انٽر ڪرڻ بعد ڪورٽ جو بيلف ۽ بعد ۾ پرائمري ماستر ٿيو. ان بعد پاڻ بي اي ۽ ايل ايل بي ڪئي، ان بعد سي ايس پي جو امتحان ڏنو.سرڪار کيس بنگلاديش ۾ مقرر ڪيو پر سنڌ جي محبت کيس اتي وڃڻ نہ ڏنو ۽ اهو آرڊر ٺڪرائي ڇڏيو ۽ پاڻ جيڪب آباد ۾ وڪالت شروع ڪئي ۽ مختصر عرصي ۾ بهترين وڪيل طور اُڀريو. پاڻ غريب، مسڪين، بي پهچ ماڻهن جا مفت ۾ ڪيس وڙهندو هو نہ صرف ايترو پر پاڻ غريبن جي ڪمن لاءِ انهن سان گڏ آفيسن ۾ بہ ويندو هو. سندس ننڍپڻ کان جوانيءَ تائين انتهائي غربت وارا ڏينهن گذاريا ان ڪري کيس غريبن جو وڏو احساس هو.

ساڳئي وقت پاڻ غريب شاگردن جي خاموشيءَ ۾ مدد بہ ڪندو هو، پاڻ بهترين سماج سڌارڪ بہ هو. 1985ع ۾ سندس اعليٰ صلاحيتن کي محسوس ڪندي کيس سيشن جج مقرر ڪيو ويو.سيشن جج وارو عرصو بلوچستان جي مختلف ضلعن ۾ گذاريو. تمام ڪيسن جا سندس ڪيل فيصلا قانوني دنيا ۾ ياد رکيا ويندا. پاڻ هر فيصلو ڪرڻ کان اڳ ڪيس جا سڀئي پاسا گهرائيءَ سان جانچڻ بعد سوچي سمجهي فيصلو ڏيندو هو.1993ع ۾ پاڻ ٻاهرين ملڪن جي دوري دوران مصر جي الازهر يونيورسٽيءَ ۾ اسلامي فلسفي تي دليل سان ڀرپور ليڪچر ڏنو، ان جي عيوض يونيورسٽيءَ پاران کيس سَند ڏني وئي.

پاڻ چيمبر آف سروس ٽربيونل جي جج هئڻ جي حيثيت سان ڪئين تاريخي فيصلا ڏنا، انهن ۾ پاڻ حڪومتي دٻاءُ قبول نہ ڪندي هڪ اهڙو تاريخي فيصلو ڏنو جيڪو سنڌ جي تاريخي ۾ صدين تائين ياد رکيو ويندو.پاڻ ميان نواز شريف جي دؤر ۾ ڪيترن ئي وفاقي کاتن جي سوين برطرف ڪيل ملازمن کي بحال ڪيو . فيصلي جي ججمنٽ اهڙي انداز ۾ لکي جو حڪمران ڪيترين ئي ڪوشش جي باوجود ان فيصلي کي سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج نہ ڪري سگهيا.

پاڻ سدائين انسانيت ۽ انصاف جو مان مٿاهون رکيو، پاڻ انتهائي سادا فقير منش، صوفي منش پر ذهين ايترا جو سندس فيصلا





ٻُڌي ڏسي پاڻ کي وڏا داناءُ سڏائيندڙن جا عقل دنگ رهجي ويندا هئا، پاڻ جتي بہ رهيا مختصر ضروري سامان لطيف سائين جو رسالو، هيرالڊ مئگزين جا تازا شمارا، تاريخي فلسلي ۽ اسلامي ڪتاب گڏ رکندا هئا، پاڻ ڪيترن ئي هنڌن تي محتسب اعليٰ رهيا جتي عام ماڻهن کي انصاف ڏنو.

سنڌ جي هر صوفي شاعرن خاص طور ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ سان سندن بيحد عقيدت هئي پاڻ جڏهن مذهب، قانون صوفين ، فلسفي اسلامي تاريخي ۽ ٻين موضوعن تي ڳالهائيندو هو تہ چڱا ڀلا تايخدان فلاسافر، عام اديب، دانشور دنگ رهجي ويندا هئا. مهمان نوازي ۽ سخاوت ۾ بہ پنهنجو مَٽ پاڻ هو. سندس دستر خوان وسيع هو پاڻ مهمانن کي هٿ سان ماني کارائڻ ۾خوشي محسوس ڪندا هئا.

پاڻ سرداري، جاگير دار نہ نظام سماج جي ڪٽ لڳل ريتن رسمن واري نظام خلاف هو، ايترو سادو جو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي زمين تي پاڻ وڃي پاٽي ڏيڻ گند ڪيڻ، اسپري ڪرڻ وارا ڪم بہ پاڻ ڪندو هو. پاڻ غريبن جو همدرد هو، سندس ڪوشش ۽ مدد سان سندس خاندان جي 100 کان وڌيڪ ۽ ٻين غريبن جا سوين ٻار اعليٰ تعليم حاصل ڪري سٺين پوسٽن تي ويٺا آهن. پاڻ 2 مئي 2010ع تي ڪراچيءَ ۾ دل جو دورو پوڻ ڪري هنن فاني دنيا مان هليا ويا. سندس شخصيت جي عوام ۾ مقبوليت جو اندازو سندس وفات تي سندس جسد خاڪي ڪڇڻ کان ڌرتي ماءُ جي هن جي هنج حوالي ٿيڻ تائين قيامت خيز منظرن مان هو. هر طرف روج راڙي، دانهن، آهن مان لڳائي سگهجي ٿو. کيس سندن خواهش موجب دعائن جي ديس هالا ويجهو درگاهہ بلاولي تي ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو. ان علائقي سان مرحوم جون ڪيئي يادون وابستہ هيون.

گلاب جي گلن جهڙي خوشبوءِ جهڙي شخصيت رکندڙ برڪت علي جاگيراڻي جي ياد ۾ اڄ سندس پٽن ۽سندس نياڻين، پوٽن ۽ پوٽين ۽ ٻين سوڳوار مٽ مائٽن سان گڏ اسين بہ سوڳوار آهن.

## شهدادپور جو مور ماڻهو شاهہ محمد ميمڻ

شهداپور جي ماضي جي صحافتي دنيا تي نظر وجهبي تہ هتان شروعاتي چند صحافين ۾ سيٺ شاهہ محمد ميمڻ جو نالو سرفهرست آهي. پاڻ شهدادپور جي مشهور سياسي، سماجي، ادب دوست شخصيت

هو. پاڻ لطيف سائين جو عقيدتمند هو. پاڻ 1936ع ۾ سنڌ جي تاريخي ۽ ماضي ۾ سنڌ جو پئرس سڏجندڙ شهر شڪارپور جي واڳون در ۾ مشهور بزنس مئن حاجي محمد حسن ميمڻ جي گهر ۾ جنم ورتو حاجي سيٺ محمد حسن ميمڻ جو ڪاروبار بلوچستان تائين هلندو هو. شاهه محمد ميمڻ پنهنجي وڏي ڀاءُ حبيب الله ميمڻ جيڪو روينيو جو ڪلرڪ هو ان جي بدلي جڏهن شهدادپور ۾ ٿي هئي ته ڀاءُ سان گڏ شهدادپور آيو پاڻ مئٽرڪ تائين تعليم شهدادپور ۾ ئي حاصل ڪئي ڪيس ننڍي هوندي کان سياست جو شوق هو. پاڻ سياسي زندگي جي شروعات عوامي ليگ پارٽي ۾ شامل ٿيڻ سان ڪئي. بعد ۾ مشهور سياسي، سماجي شخصيت حاجي فيض محمد ڪيريو سان دوستي جي ڪري مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو مسلم ليگ ۾ رهڻ دوران سندس قائد اعظم محمد علي جناح سان ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون. پاڻ نيشنل گارڊ جو سالار به هو مختلف موقعن تي مختلف شهرن ۾ پاڻ قائد اعظم جي آمد تي ڪين سلامي به ڏني. قائد اعظم محمد علي جناح جي وصال بعد شاهه محمد ميمڻ ڪجهه وقت سياسي دنيا ۾ خاموش رهيو. 1954ع ۾ پاڻ ريپبليڪ پارٽي ۾ شامل ٿيو ۽ سانگهڙ ضلع جو صدر چونڊيو ويو. ايوب خان جي دور ۾ چام انور علي خان جي ذاتي دوستي جي ڪري ان جي معرفت صدر ايوب خان سان ملاقات ٿي ان بعد پاڻ صدر ايوب خان جي پارٽي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ سانگهڙ ضلع جو نائب صدر چونڊيو. پر پاڻ اڳتي هلي ڪن سببن ۽ پارٽي سان ڪجهه اصولي اختلافن ڪري شير سنڌ مير رسول بخش خان ٽالپر جي معرفت پ پ ۾ شامل ٿيو. ان وقت پ پ جي جوڙجڪ هلي رهي هئي ۽ مير رسول بخش ٽالپر هن کي سانگهڙ ضلع جو صدر نامزد ڪرڻ جي سفارش ڪئي ليڪن شاهه محمد ميمڻ زميندارِي، سماجي ڪم ڪارين، پين ذاتي مصروفيتن ۽ ڪن سببن ڪري عهدو وٺڻ بجاءِ ڪارڪن ٿي ڪم ڪرڻ جو عزم ڪيو. شاهه محمد ميمڻ مرحوم هڪ دفعي اهو به ٻڌايو ته عبدالواحد بروهي جو پ پ ضلع سانگهڙ جي صدر طور هن ئي نالو ڏنو هو. ۽ سندس سفارش تي عبدالواحد بروهي صدر ٿيو. عبدالواحد بروهي سان شاهه محمد ميمڻ جي خانداني طور نياز مندي هئي ۽ ماضي ۾ هنن گڏجي سياست به ڪئي هئي عبدالواحد بروهي شهدادپور مان ايم پي اي به چونڊيو هو. پاڻ مشهور قانوندان پڻ هو. جڏهن ته ان کان اڳ شاهه





محمد ميمڻ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ ڪامريڊ حيدر بخش خان جتوئي جي سنڌ هاري ڪميٽي ۾ به سرگرم رهيو.

شاهه محمد ميمڻ بهترين سماجي، سياسي شخصيت هئڻ جي ناتي عوام جي خدمت ڪرڻ سان گڏ عوام جو آواز حڪمرانن ۽ حڪام تائين پهچائڻ لاءِ 1955ع ۾ سانگهڙ مان هفتيوار قائد اخبار ڪڍي جيڪا هڪ ئي وقت اردو ۽ سنڌي ۾ شايع ٿيندي هئي اخبار جو سڄو ڪم ان وقت حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ عبدالشڪور منشي جي اخبار روزانه هلال پاڪستان وٽان ڪرائي اتان ئي ڇپائيندو هو. 6 سال کن هفتيوار قائد وڏي پئماني تي شايع ٿي ۽ سنڌ ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. بعد ۾ شاهه محمد ميمڻ وٽ مڪمل ٽيم نه هئڻ ۽ ڪيس ذاتي مصروفيتون هيون ان ڪري اخبار کي بند ڪيو. پاڻ هفتيوار قائد اخبار ذريعي علائقي جي عوام جو آواز، عوام جا مسئلا، ٿيندڙ ظلم زيادتين کي حڪمرانن ۽ حڪام تائين پهچايو، جڏهن ته اخبار ۾ ادبي محفل ذريعي ادب جي واڌاري لاءِ ڪم ڪيو، پاڻ بهترين ليکڪ ۽ شاعر به هو. شاهه محمد ميمڻ هڪ دفعي اها دعويٰ ڪئي ته شهدادپور ۾ پريس لڳائيندڙ مجاهد اخبار ڪڍندڙ مجاهد محمد اشرف دائودپوٽو کي جيڪب آباد مان پاڻ هتي وٺي آيو هو. شاهه محمد ميمڻ اردو ۽ سنڌي جو بهترين شاعر به هو. سندس سوين شعر سندس اخبار ڪانسواءِ ٻين اخبارن ۾ به شايع ٿيا. پاڻ افسانه به لکيا. سندس هڪ اردو شعر.

جلتي هي شمع واقع هم ڪيسي يقين ڪرلين،
فانوس کي گردش ۾ انڌيرا نظر آتا هي،
ورنه هر پرواني ڪو خطره نظر آتا هي.

ڏاڍو مشهور ٿيو. شاهه محمد ميمڻ علائقي جي ڪافي نوجوانن کي سياست ۾ به آندو. سياسي دنيا ۾ هن جون باقائده خدمتون رهيون هن سياست عوام جي بهتر انداز م خدمت ڪرڻ خاطر ڪئي. ايوب خان جي دور ۾ توڙي پ پ ۾ غريب ماڻهن جا مسئلا حل ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. دوستن ۽ عام ماڻهن کي فائدا وٺرائي ڏنا، ليڪن پاڻ ذاتي فائدا حاصل نه ڪيا.

سانگهڙ ضلع ۾ خاص طور شهدادپور ۾ شاهه محمد ميمڻ جو نالو بهترين سياسي سماجي شخصيت طور نوٽ ايبل شخصيتن ۾ شامل رهيو. سنڌي ۾ چواڻي موجب پاڻ باقائده هلندي پڄندي وارو هو.

زندگي ۾ سندس ڪوشش رهي تہ هن جي ڪري ڪنهن جي دل آزاري نہ ٿئي. هو عوام جي خدمت ڪري خوشي محسوس ڪندو هو. پاڻ ڪيترن ئي سماجي تنظيمن جو بہ عهديدار رهيو. آبادگار بورڊ جي اڳواڻ جي حيثيت سان آبادگارن جي مسئلن، آبادگارن سان ڪاٽن فيڪٽرين وارن جي زيادتين خلاف هر فورم تي باقائده آواز اٿاريو. هن زندگي ۾ هڪ ئي عشق ڪيو، پر باوجود ڪوشش جي سندس اها پريميڪا جيون ساٿي نہ بنجي سگهي. ان ڇوڪري ڪيل واعدي موجب زندگي ڀر شادي نہ ڪئي. شاهہ محمد ميمڻ جي آئيڊيل شخصيت پير سراج آف جهنگ شريف، مخدوم طالب المولىٰ سياستدانن ۾ سندس پسند جا سياستدان قاضي فضل الله، مير غلام علي ٽالپر آف ٽنڊو محمد خان ڪيس ڪاڏي ۾ پڪل گوشت، سيخ ڪباب پسند هئا. سندس زندگي جو وڏو ڏک مشرقي پاڪستان ٽٽڻ هو. سندس لطيف سان عقيدت هئي، پيرسني ۾ بہ هفتي ۾ ٻہ ٽي ڀيرا حاضري تي ويندو هو. اتي لنگر ۾ حال سارو مدد بہ ڪندو هو. ٽنڊو آدم، شهدادپور روڊ تي بزرگ رجب فقير جي مزار جي ڪم ۾ پڻ مدد ڪئي ۽ شروع ۾ ميلا لڳائڻ ۾ بہ سندس ڪردار رهيو. پاڻ هڪ هٿ سان ڏي تہ ٻئي هٿ کي خبر نہ پوي واري حديث تي عمل ڪندي ڪيترن ئي بيوهہ يتيمن، غريبن شاگردن جي مدد ڪندو رهيو ۽ سندس مدد سان تعليم حاصل ڪندڙ ڪيترائي نوڪرين سان لڳي ويا. پاڻ ڪچهرين جو ڪوڏيو، يار ويس، نفيس، سچو، باضمير انسان هو، پاڻ 2011ع ۾ وصال ڪيو.





# باب اٺون
# سنڌ جون ڪجهہ مشهور علمي ادبي شخصيتون

## سنڌ جو عظيم ڏاهوسائين محمد ابراهيم جويو

محترم محمد ابراهيم جويو سنڌ جو عظيم ڏاهو، علمي ادبي، شخصيت، دانشور آهي. سندس علمي ادبي دنيا ۾ ڪيل خدمتون اڻ وسرندڙ آهن. پاڻ سنڌ جو قومي سرمايو آهي، سندس شخصيت اسان سنڌ واسين لاءِ هڪ يونيورسٽي جي حيثيت رکي ٿي. پاڻ تعليمي ماهر، شفيق استاد، اديب، دانشور، ترجما نگار آهي. پاڻ سنڌي ٻولي لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي، جڏهن پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌي ٻولي کي ڪاپاري ڌڪ لڳو تہ پاڻ ان خلاف سراپا احتجاج بنجي ويو. سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان احتجاجي مهم جي اڳواڻي ڪئي ۽ ان خلاف اخبارن ۾ مضمون لکيا، سنڌي ٻولي کي صوبي سنڌ جي سرڪاري ٻولي قرار ڏنو ويو. 1946ع ۾ پاڻ انگريزي ۾ ڪتاب "سيو سنڌ سيو دي ڪانٽيننٽ" سنڌ بچايو ننڍي کنڊ کي بچايو لکي ڀنيور کي باهہ ڏيڻ وارو مثال قائم ڪيو. ان ڪتاب جو ٽائيٽل ڏاڍو خوبصورت ۽ معنيٰ خيز هو. ٽائيٽل تي سنڌ جو نقشو جنهن مٿان ڳئون جي تصوير جنهن کي پگڙيون پاتل واٽيان جيڪي ڳئون کي ڏهي بالٽيون پاسيريون ڪندا اوڀر طرف انڊيا طرف ڀڳا ويا. هڪ ٻي قطار ۾ پنجابي ڳئون کي ڏهڻ لاءِ پهتل هئا، حقيقت تي مبني مواد واري اهڙي ڪتاب تي وقت جا حڪمران مٿس ناراض ٿيا جويو صاحب ان وقت سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ استاد هو ۽ کيس ان ڪتاب لکڻ جي ڏوهہ ۾ سنڌ مدرسي جي ان وقت جي صدر پير الاهي بخش ملازمت تان هٽائي ڇڏيو. ون يونٽ خلاف سندس وڏي جدوجهد رهي ۽ ان ڏوهہ ۾ کيس 2 سالن لاءِ صوبي بدر ڪيو ويو. پاڻ لاتعداد مختلف ٻولين جي ڪتابن کي سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي. جيڪو سندس وڏو ڪارنامو آهي. پاڻ سنڌي ادبي سنگت جي بانيڪارن مان هڪ آهي، پاڻ ڪراچي ۾ سنڌي ادبي سنگت جون سرگرميون جاري رکيون. ان کان اڳ پاڻ مشهور اديب ڊاڪٽر گربخشاڻي جي سرپرستي هيٺ هلندڙ سنڌي ادبي سرڪل ۾ سرگرم رهيو. 1953ع چونڊيل اسيمبلي ۾ جيڪي سنڌي ٻولي لاءِ انگريزي ۾ پيش ڪيل ٺهراءَ جي نظرثاني ڪندڙن ۾ سائين جي ايم سيد، علي محمد

راشدي، عبدالستار پيرزادو، محمد ابراهيم جويو هو. نوان ليکڪ پيدا ڪرڻ ۽ ايرنڊڙ ليکڪن جي همٿ افزائي ۽ ڪين اڳتي آڻڻ ۾ سندس شاندار ڪردار رهيو آهي. سنڌ ڌرتي ۽ سنڌ واسين سان ٿيندڙ ويساهه گهاتين، سنڌ جي حقن، سنڌ جي ٻولي ثقافت جي حفاظت لاءِ هر دور ۾ محمد ابراهيم جويو جو هڪ ليکڪ هڪ دانشور هڪ ڏاهي جي حيثيت سان شاندار ڪردار رهيو آهي. ان حوالي سان پاڻ لاتعداد مضمون لکيا آهن، ڪيس سنڌي ٻولي جي ترقي، سڌاري جو فڪر رهيو آهي. ان حوالي سان مختلف اخبارن، رسالن ۾ سندس مضمون شايع ٿيندا رهيا آهن. پاڻ جڏهن پاڪستان ٽيڪسٽ بورڊ سنڌ لاءِ انچارج مقرر ڪيو ويو، ساڳئي وقت پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري طور ادب لاءِ پاڻ پتوڙيو ساڳئي وقت پاڻ سليم احمد جي فرضي نالي سان انگريزي ۾ هڪ وال بروشر "لينگويج پرابلم ان ويسٽ پاڪستان" لکيو جنهن ۾ جويو صاحب پاڪستان جي قومي زبانن جي اهميت ۽ تاريخ بابت ملڪ اندر ٻولي جي مسئلي ڪي بهترين حل ڏنو. جڏهن اهو راز راز نه رهيو ۽ ڳالهه کلي ته اهو پمفليٽ محمد ابراهيم جويو جو لکيل آهي ته وقت جي حڪمرانن ڪيس بدلي ڪري سزا طور جيڪب آباد هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ڪيو. ته جيئن هو گهر ڪان پري رهي پيلي پريشان ٿئي پر پاڻ اتي رهي به پنهنجو قومي ادبي ڪم جاري رکيو. شيخ اياز جي معرفت ترقي پسند اديبن، دانشورن لاءِ پاڪستان ادبي انجمن نالي تنظيم جو قيام آندو. ان جو پٽرنامو اردو، انگريزي، بنگالي، پشتو، سنڌي ۾ ڇپايو ويو. جنهن وڏي هلچل مچائي ڇڏي، ۽ اها ڳالهه راز نه رهي۽ حڪمرانن مٿس وڏيڪ نارض ٿي سزا طور ڪيس پشاور موڪليو ۽ آرڊر ۾ لکيو ويو ته ڪيس جتي ماڻهن سان سندس رابطو گهٽ رهي اتي رکيو وڃي ۽ ڪيس ڪوهاٽ ٽريننگ ڪاليج ۾ پرنسيپل طور مقرر ڪيو ويو.

محمد ابراهيم جويو سن ويجهو ڳوٺ آباد ۾ 1915ع ۾ ڄائو، ننڍڙي ڄمار ۾ پهرين سندس والد پوءِ امڙ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. سندس پالنا سار سنڀال سندس ڏاڏي ڪئي. 4 درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ 5 درجو ڳوٺ تيرٿ لکي ۾ فائينل، اي وي هاءِ اسڪول سن ۾ ڪئي. جتي سندسن ملاقات سائين جي ايم سيد سان ٿي ۽ هنن جي دوستي ٿي وئي. ميٽرڪ 1930ع ۾ سنڌ مدرسو ڪراچي مان پاس ڪيائين جتي سندس





استادن ۾ ان دور جون مشهور علمي ادبي شخصيتون، ڊاڪٽر گر بخشاڻي، پروفيسر منگهارام، پروفيسر ٽي ايم آڏواڻي، ڊاڪٽر ڊيو آرٽ، ڪاڪا پيرو مل ، مهر چند ۽ ٻيا هئا. اتان بي اي پاس ڪري 1938ع ۾ انهيءَ اداري ۾ استاد طور مقرر ٿيو. سندس سيو سنڌ سيو دي ڪانٽيننٽ لکڻ جي ڏوهه ۾ نوڪري ختم ٿيڻ بعد ڪجهه سال بيروزگار رهيو ۽ 1949ع ۾ ڪيس ميونسپل هاءِ اسڪول ٺٽو ۾ هيڊ ماستر طور مقرر ڪيو ويو. جتي شاگردن ۾ غير نصابي سرگرميون شروع ڪيون ٺٽو ۽ جيڪب آباد جي ان وقت جي اسڪولن جي استادن ۽ شاگردن جو چوڻ آهي ته پاڻ شفيق استاد هو. والدين جهڙو پيار ڏيندو هو، ڪڏهن به شاگردن ڪي مار نه ڏني، بي عزتو نه ڪيو. هر ڳالهه پيار سان سمجهائيندو هو. شاگردن کي اولاد وانگر سمجهندو هو، سندس پڙهائڻ جو طريقو اهڙو ته پر اثر هو جو شاگرد چاهيندا هئا ته سندس پيرڊ ختم ئي نه ٿئي.انهن اسڪولن ۾ شاگردن جا ڊراما، ڊبيٽ پروگرام به ڪرايا. ۽ شام جو اسڪول جي گرائونڊ تي شاگردن سان گڏ راند روند به رهندو هو. 1954ع ۾ هاءِ پاور ايگزيڪيوٽو ڪميٽي فار سنڌي لٽريچر ۾ نالو ڏنو ويو ان جو 10 سال سيڪريٽري مقرر رهيو. ان دوران به پاڻ سنڌي ادب جي بي مثال خدمت ڪئي. 3 ماهي مهراڻ رسالي جو ايڊيٽر به رهيو. 1961ع ۾ ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊيوڪيشن حيدرآباد ۾ پبليڪيشن آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي مقرر ڪيو ويو. ان بعد ساڳئي بورڊ جو حيدرآباد، ڪراچي، ڪوئيٽا ريجن جو انچارج رهيو. 1968ع گورنمنٽ ٽريننگ ڪاليج ڪوهاٽ جو پرنسيپل، 1970ع ۾ حيدرآباد ڊويزن تعليم کاتي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر رهيو. ساڳئي سال ڪيس سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. 1971ع ۾ تعليم کاتو خيرپور ڊويزن ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر رهيو. پاڻ 1973ع ۾ بيورو آف ڪريڪرلم اينڊ ايڪٽينشن سروس سنڌ ۾ ڊائريڪٽر ٿيو ۽ انهيءَ سال ان عهدي تان ريٽائرڊ ٿيو.

سندس اهم ادبي ۽ نصابي ڪتاب ۾ روسو جي ايملي جو ترجمو بليو ٽارچ مضمون ٻارن جي تعليم جو ترجمو، سنڌي پهريون ڪتاب سنڌي بالغن جي تعليم جا 3 ڪتاب، سنڌي ريڊر درجو چوٿون، سنڌي سپليمينٽري، درجو ڇهون، سنڌي اختياري درجو ڇهون، پاڪستان جي تاريخ لازمي درجو نائون ۽ ڏهون، دنيا جي تاريخ جو ترجمو، درجو نائون

۽ ڏهون، ٽيچرس گائيڊ ٽوٽيچنگ آف سائنس درجو پيون ۽ ٽيون، ٽيچرس گائيڊ ٽوٽيچنگ آف سائنس درجو چوٿون ۽ پنجون، فلسفي جو بنيادي ڪورس، ترجمو گئليلو، ترجمو، پارن جو مسيح، ترجمو فڪر جي آزادي، ترجمو شاهہ سچل سامي، هوءَ جا ٽمڪي ٻاهڙي، وحشي جيوت جا نشان ترجمو، محڪري جا مضمون ترجمو، ڳالهيون، ڪتابن جون، ٻولي ادب تعليم، اسلام جو تاريخ نامون ترجمو، اسان جي ٻولي اسان جي تعليم، ماڻهو جو پاڳ، خط ٻن استادن جا، مٺ مٺ موتين، عورت زاد، علم تدريس مظلومن لاءِ ترجمو”فرينچ انقلاب ترجمو، سيو سنڌ، سيو دي ڪانٽيننٽ، دي نيشن ان چينس ترجمو، پاڻ شاعري تي بہ عبور رکي ٿو. سنڌي شاعري جو بهترين پارکو آهي. پاڻ شيخ اياز جي ڪيترن ئي شاعري جي مجموعن جا خوبصورت مهاڳ لکيا. هر اديب، هر شاعر چاهي ٿو تہ سندس ڪتاب جا مهاڳ سائين محمد ابراهيم جويو صاحب لکي.سنڌي ادبي بورڊ جي مهراڻ رسالي جي ايڊيٽري دوران رسالو سرڪاري هئڻ باوجود ڪليل طرح سنڌيت جي پرچار ڪئي. پاڻ سچو قومپرست آهي. مهان شاعر شيخ اياز پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ محمد ابراهيم جويو سنڌي شاعري جو وڏو پارکو آهي، هو لکي ٿو تہ سوڀو گيانچنداڻي، حشو ڪيولرماڻي ۽ محمد ابراهيم جويو اهي 3 شخصيتيون آهن جن منهنجي ننڍڙي عمر ۾ تربيت ڪئي آهي. جي مان انهن سان نہ ملان هان تہ مان، مان نہ هجان هان، انهن سان منهنجي عقيدت ۽ محبت ائين رهي آهي جيئن رومي جي شمس تبريز سان رهي اهي. مشهور شاعر ليکڪ تاج جويو، محمد ابراهيم جويو بابت لکيل هڪ مضمون ۾ لکي ٿو تہ محمد ابراهيم جويو ۽ شيخ اياز جي دوستي ۽ رفاقت فڪري رهي آهي، ان دوستي جو محور ۽ محرڪ فقط سنڌ رهي آهي. ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو تہ، سنڌ جا ناميارا اديب حفيظ شيخ، سراج ميمڻ، رشيد آخوندي، خواجہ سليم، اياز قادري ۽ ٻيا ڪيترائي محمد ابراهيم جويو جي ميزباني ۾ سنڌ ادبي سنگت جون ڪراچي ۾ ٿيندڙ گڏجاڻين ۾ نپجي وڏا عالم ۽ اديب ٿي نڪتا آهن. پاڻ ڪيترن ئي اديبن جي ڪچين ڦڪين لکڻين کي درست ڪري سنواري مهراڻ رسالي ۾ شايع ڪيو. شيخ اياز کي همٿائڻ ۽ مٿي آڻڻ ۾ پڻ سندس جاکوڙ ۽ ڪردار آهي.محمد ابراهيم جويو صاحب مارڪست آهي، پاڻ سياسي ڄاڻ





رکندڙ شريف انسان تقرير، ۽ گفتگو جو جادو ئي انداز هر ڳالهہ دليلن سان مڃائيندڙ پاڻ وڏا سهپ وارا گهڻ سهو. پاڻ ڪچهريون جو ڪوڏيو. هر ساجاهہ وند ماڻهو جي خواهش رهي ٿي تہ هو جويو صاحب سان ملي ۽ ڪچهري ڀڏي. سندس لفظ موتين جي مالها وانگر آهن پاڻ سچ چوندڙ صاف دل ۽ هر ننڍي وڏي جي عزت ڪندڙ آهي. پاڻ دنيا جو ترقي پسند ادب پڙهيو آهي. منهنجي ساڻن پهريون دفعو زيارت 1986ع ۾ عبرت اخبار ۾ ٿي 1988ع ۾ سگا هالا ٻاران اکين جي مفت ڪيمپ لڳائي وئي جتي سندس آمد ٿي انهن ڏينهن ۾ مونکي سنڌ جي نقشي وارو سونو ڏورو ڳچي ۾ هوندو هو. ڪلهن تي اجرڪ مٿي تي سنڌي ٽوپي هوندي هئي، ساڻن مليس تہ پيار ۽ پاٻوهہ سان مليو ۽ ڳچيءَ ۾ پيل سوني ڏوري ۾ سنڌ جي نقشي کي هٿ وجهي ڏٺو ۽ خوشي وچان منهنجي نرڙ تي چمي ڏني. ان بعد ساڻس ڄاڻ سڃاڻ ٿي وئي سنڌ اندر حيدرآباد ۾ ٿيندڙ علمي، ادبي، ثقافتي پروگرامن ۾ ساڻس ملاقات ٿيندي هئي. شيخ اياز جي ورسي ديوان گاگن داس مدناڻي جي سهڪار سان ڀٽ شاهہ ۾ شيخ اياز جي آخري آرامگاهہ تي سنڌ صحافي سنگت ٻاران ملهائي پي وئي. پاڻ اسان جي دعوت تي پروگرام ۾ شريڪ ٿيا ۽ اسان جي ڪوشش جي ساراهہ ڪئي. لطيف سائين جي عرس مبارڪ ۾ ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ جڏهن ڪيس لطيف سائين جو پيغام عام ڪرڻ لاءِ پيچ پتائي ميگزين جو خاص شمارو شايع ڪري مفت ورهايو ويندو آهي ان ميگزين جي اعزازي ڪاپي ڏيندو آهيان تہ پاڻ خوش ٿيندا آهن. اڪثر چوندا آهن تہ جيڪو ڪم سرڪاري ادارا نہ ڪري سگهيا آهن اهو نور سنڌي اوهان ڪري رهيا آهيو. پاڻ پروف ريڊنگ ڏانهن توجهہ ڏيڻ لاءِ چوندا آهن. ڪجهہ سالن کان سندس طبيعت خراب هئڻ جي باوجود ڪيترن ئي پروگرامن ۾ شامل ٿيندا رهيا آهن.

## سدا بهار شخصيت ميڊم مهتاب اڪبر راشدي

ثقافت کاتي حڪومت سنڌ جي سابق سيڪريٽري مشهور سياسي، سماجي شخصيت، ليکڪا، ڪمپيئر ميڊم مهتاب اڪبر راشدي 14 آگسٽ 1947ع تي ضلعي لاڙڪاڻي جي شهر نئون ديرو ۾ علمي شخصيت محمد عيسيٰ چنہ جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس والد تعليم کاتي سان وابستہ هئڻ ڪري سندس خاندان حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو.

مهتاب اڪبر راشدي جو اصل نالو بدرالنساء آهي، پر پاڻ مهتاب جي نالي سان مشهور ٿي، مهتاب اڪبر راشدي مئٽرڪ 63ع ۽ 67ع ۾ بي اي سيڪنڊ پوزيشن ۾، 69ع ۾ ايم اي سياست سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪرڻ بعد آمريڪا جي يونيورسٽي آف ماچسٽن مان بہ ايم اي سياست 1978ع ۾ پاس ڪئي. مهتاب اڪبر راشدي 1971ع ۾ سينيٽ ميريز اسڪول ۾ ٽيچر مقرر ٿي. 1973ع ۾ انٽرنيشنل رليشن ۾ ليڪچرار طور مقرر ٿي. 1971ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر بعد ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر ٿي. 1978ع کان 1980ع تائين چيئرپرسن ڊپارٽمينٽ آف انٽرنيشنل رليشن جي عهدي تي ڪم ڪيو. 1983ع کان 1985ع تائين ڊائريڪٽر سنڌ الاجي ان بعد ڊائريڪٽر لياقت لائبريري ڪراچي رهي. 1988ع ۾ ان وقت جي وزيرِ اعظم محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي هدايتن تي ميڊم مهتاب اڪبر راشدي کي سياحت ثقافت کاتي حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ ڪيس انوائرمينٽ پروٽيڪشن ايجنسي ۾ ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو ويو. 1997ع تائين سيڪريٽري سوشل ويلفيئر بعدم تعليم کاتي ۾ سيڪريٽري، بعد ۾ ڊائريڪٽر جنرل محتسب اعليٰ، جڏهن تہ گورنر راڄ دوران هن وٽ وزير تعليم جا اختيار بہ رهيا آهن. پاڻ سياحت ثقافت کاتي جي مثالي سيڪريٽري بہ رهي آهي. مهتاب اڪبر راشدي ڪيترن ئي ادارن جي بورڊ يا گورننگ باڊي جي ميمبر بہ رهي آهي. مهتاب اڪبر راشدي صاحبہ بهترين ڊرامہ آرٽسٽ بہ رهي آهي. پاڻ 1958ع کان 1965ع تائين پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تي سنڌي اردو پروگرامن ۾ ڪمپيئرنگ ۽ ميزباني ڪيائين. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي بہ ڪمپيئر ۽ ڊرامن ۾ ڪردار ادا ڪيا. بعد ۾ جنرل ضياءَ جي دور اقتدار ۾ ٽي وي تي رؤ پائي اچڻ وارو حڪم نہ مڃڻ ڪري پي ٽي وي جا دروازا هن لاءِ بند ڪيا ويا ۽ ان اشو جي حوالي سان سڄي دنيا ۾ وڏي شهريت ماڻي. مهتاب اڪبر راشدي سياحت ثقافت کاتو، سوشل ويلفيئر تعليم کاتو ۽ ٻين کاتن ۾ مختلف عهدن تي رهي، مختلف ادارن ۾ بورڊ ۽ گورننگ بورڊ جي ميمبر جي حيثيت سان سندس ڪارڪردگي شاندار رهي ۽ مهتاب اڪبر راشدي ذاتي طرح سرڪاري حيثيت ۾ ڪانفرنس، سيمينارن، يا وفدن سان شرڪت جي سلسلي ۾ ڪيترائي ملڪ گهميا آهن. مهتاب اڪبر راشدي بهترين





ليکڪ جي حيثيت سان لاتعداد آرٽيڪل ۽ مختلف موضوع تي بهترين ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ انگريزي ٻولي ۾ ڪائوزمي تنگ تابنگ، آن امپيل ازم، بگ پاورس، ايٽيٽيووروڊس، انڊيا پاڪستان، بوڪ رپورٽ آن فور جاپانيز، آئيلڊ ميڪاولينر ڪنيسپٽ آف..... تاشقند اينڊ سلا ايگريمنٽ، اي ڪمپيوٽر ٽيو اسٽڊي ۽ انڊيا پاڪستان رليشن ۽ ٻيا ڪافي ڪتاب شامل آهن.

سياحت ثقافت کاتي جي تاريخ حميد آخوند ۽ مهتاب اڪبر راشدي جون سيڪريٽري جي حيثيت ۾ هن کاتي کي سنوارڻ، سڌارڻ، انقلابي سڌارا آڻڻ ۾ وڏو ڪردار رهيو آهي. مهتاب اڪبر راشدي، راشدي خاندان جي خوبصورت اعليٰ تعليم يافتہ نوجوان انجنيئر سيد اڪبر حسين شاهہ راشدي سان 26 فيبروري 1981ع تي شادي جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي وئي. مهتاب جي اڪبر شاهہ سان لوميرج هئي. سندس ور سيد اڪبر حسين راشدي، مهتاب اڪبر راشدي جي آزادي، خودمختياري جو احترام ڪندو رهيو آهي. مهتاب اڪبر راشدي جي ٻاهرين سرگرمين ڪڏهن بہ گهريلو زندگي کي متاثر نہ ڪيو. ميڊم مهتاب اڪبر راشدي ڪمپيئرنگ کان ليکڪ تائين استاد کان آفيسر تائين تعليمي ماهر بهترين ايڊمنسٽريٽر کان مختلف کاتن ۾ سيڪريٽري ۽ سياستدان طور تائين منهنجي آئيڊيل شخصيت رهي آهي. جڏهن اڪبر راشدي سان سندس شادي ٿي، ان وقت منهنجي عمر 19 سال هئي ۽ مون کي صحافت ۾ آئي بہ سال ٿيا هئا ۽ آئون پنهنجي محسن صحافي سائين مرحوم نثار چنہ سان گڏ ميڊم جي شادي ۾ بنا دعوت جي شريڪ ٿيو هئس. شادي واري تقريب هڪ مثالي تقريب هئي. شادي جي تقريب ۾ سياسي، سماجي، علمي، ادبي شخصيتن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، جن ۾ ٻين کانسواءِ محترمہ بينظير ڀٽو بہ شامل هئي.

1988ع ۾ ميڊم مهتاب اڪبر راشدي کي پٽ شاهہ جي عرس مبارڪ ۾ ويجهو ڏسڻ ۽ ملڻ جو موقعو مليو ۽ سندس ڪارڪردگي ۽ عرس مبارڪ جي موقعي تي ادبي ثقافتي پروگرامن جي انتظام جي حوالي سان ۽ پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز کي ترقي وٺرائڻ لاءِ هن جي ورتل ڪوشش مان متاثر ٿيس ۽ ان وقت روزانہ آفتاب، هلال پاڪستان ۾ مون ميڊم جي ڪارڪردگي ۽ اهڙين ڪوشش ڪاوشن تي ڀرپور

آرٽيڪل لکيا. ان بعد سيڪريٽري تعليم هئڻ دوران سندس ڪارڪردگي مان متاثر ٿي تعليم جي واڌاري لاءِ تعليمي ادارن جي ڪارڪردگي سڌارڻ لاءِ سندس ڪوشش، حڪمت عملي تي آرٽيڪل لکيو هو. پٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي گولڊن جوبلي ملهائڻ جي حوالي سان بہ مون ميڊم جي اهڙي ڪوشش تي عبرت، سنڌو، تعمير سنڌ، عوامي آواز، هلال پاڪستان، پاڪ، سنڌ سڄاڳ، شاهين سنڌ، ميرانپور، هفتيوار سنڌو ڊائيجسٽ ۽ ٻين اخبارن ۽ ميگزينن ۾ آرٽيڪل لکيو، جڏهن تہ 1993ع کان جيئن پيج پٽائي ميگزين شروع ڪيو تہ هر شماري ۾ ميڊم مهتاب اڪبر راشدي بابت ٻہ اکر لکڻ پنهنجو فرض سمجهندو رهيو آهيان. اهڙي ريت ڪيس سندس ڪارڪردگي ادب دوستي تي تحسين ۽ عقيدت جي ٻيٽا ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان. منهنجي اها ڪمزوري رهي آهي تہ پنهنجي آئيڊل شخصيت سان تعارف نہ ڪرائيندو آهيان نہ وري انهن سان گهرو ٿيندو آهيان ۽ مون ميڊم اڪبر راشدي سان بہ اڄ تائين تعارف نہ ڪرايو آهي، حالانڪہ ساڻس مختلف پروگرامن ۾ ڪوڙ سارين ملاقاتون ٿينديون رهيون آهن، باقي خطن، فيس بوڪ ۽ فون ميسيج ذريعي ميڊم سان حال احوال جو سلسلو ڪافي عرصي ڪان جاري آهي. پاڻ 2013ع وارين چونڊن ۾ عورتن واري مخصوص سيٽ تان ايم پي اي ٿي ۽ پاڻ سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ ۽ سنڌ واسين جي مسئلن جي حوالي سان وڏو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. خاص طور صحافت جي آزادي صحافين جي مسئلن صحافين سان ٿيندڙ ڏاڍ تي ڪافي دفعا ڪليل طرح سان ڳالهايو آهي.دعا آهي تہ سدا خوش رهي.

## مشهور ليکڪ، ڊراما نويس نور الهديٰ شاهه

نورالهديٰ شاهه هن ملڪ جي مشهور ليکڪ ۽ ڊراما نويس آهي، هن معاشري جي ڪيترن ئي حساس مسئلن تي لکيو آهي، پاڻ حقيقت پسند ليکڪ آهي، جنهن سماج جي ڪٽ ڪاڏل ريتن، رسمن، معاشري جي حساس مسئلن تي دليري سان لکيو آهي. سندس شهريت پي ٽي وي جي ڊرامن ”جهنگل، تپش، حوا ڪي بيٽي، آسمان تڪ ديوار، ماروي، آدم زادي، عجائب خانہ، بي باڪ، ميري اڌوري محبت، اڌورا وطن، فاصلي، عشق گم شده جهڙيون يادگار سيريلز لکي سڄي ملڪ ۾





شهريت حاصل ڪئي آهي. هن عورتن تي ٿيندڙ ظلم، جاگيردارن، ڀوتارڪي سماج جي چهري تان پردو هٽايو آهي. هن ڊرامن ذريعي ڪمزور ماڻهن خاص طور ڪمزور عورتن کي حوصلو ڏنو آهي. انهن ۾ پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جو اتساهہ پيدا ڪيو آهي. خاص طور جهنگل ڊراما، سيريل وڏو تهلڪو مچائي ڇڏيو، هن ڀوتارڪي سماجي نظام کي بي نقاب ڪيو، سندس هر ڊراما سيريل ڪاميابي جا رڪارڊ ٽوڙيا، عوام ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي، مٿيان ڊراما سيريل کان سواءِ هن ٻيا بہ ڪيترائي ڊراما لکيا آهن. پي ٽي وي تي نشر ٿيندڙ سندس سڀن ئي ڊراما سيريل مارڪنگ جا بہ رڪارڊ ٽوڙيا، شهري توڙي ٻهراڙي جي عوام ۾ سندس ڊرامان يڪسان مقبول رهيا، جڏهن نجي چينل قائم ٿيا تہ پاڻ انهن لاءِ بہ ڊراما سيريل لکيا آهن. نورالهديٰ شاهه کي پي ٽي وي تي 1980ع ڌاري ان وقت جي جنرل مئنيجر عبدالڪريم بلوچ متعارف ڪرايو، پاڻ پي ٽي وي تي ٻهرين ناٽڪ رنگ لاءِ ڊراما لکيا، انهن بہ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي، سندس لکيل ڪهاڻيون بہ غضب جون آهن، سندس ڪهاڻيون بہ ڪٽ ڪاڏل معاشري سماج جي عڪاسي ڪندڙ آهن، سندس ڪهاڻين ۾ مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا آهن جن ۾ جلاوطن، ڪربلا، ڪيڏارو، چند قيدياڻي جون اکيون، وڏي مقبوليت حاصل ڪئي آهي. ڪيترن ئي ڪتابن جا هڪ کان وڌيڪ ڇاپا آيا آهن. نورالهديٰ شاهه جا ڪيترائي ناول مختلف ڊائجسٽن ۾ شايع ٿيا آهن. مختلف ڊائجسٽن ۾ شايع ٿيندڙ ڏکهن ناولن ۾ ٻين کان سواءِ چاندني، گنگناني لڳي، ڪلهي هي گل يهان، چاهت ڪي جيت، عجيب هي يہ سلسلہ بہ شامل آهن. سندس هر لکڻي ۾ سچائي شامل رهي آهي.

ڪجهہ وقت کان پاڻ گهٽ لکي رهيون آهن، ان جو سبب هڪ نجي ٽي وي چينل جي سي اي او مقرر ٿيڻ ڪري سڄي توجهہ اتي ڏيڻ ٻڌايو وڃي پيو. پاڻ ”نورالهديٰ شاهه پروڊڪشن بہ هلائي رهي آهي“ جنهن پاران مختلف ٽي وي چينلن لاءِ ڊراما سيريل تيار ڪندي رهي آهي. اهي حقيقتون آهن تہ نورالهديٰ شاهه کان اڳ ۽ پوءِ ڪيترائي ڊراما نويس ميدان ۾ آيا، پر هن جيتري مقبوليت حاصل نہ ڪري سگهيا آهن. نورالهديٰ ساهہ 22 جولاءِ 1957ع ۾ سنڌ جي تاريخي قديمي شهر حيدرآباد ۾ زميندار گهراڻي ۾ سيد عبدالهادي شاهه جي گهر ۾ جنم

ورتو، ننڍي هوندي کان پاڻ ذهين آهي، ڪيس لکڻ پڙهڻ سان شوق هو، ننڍي هوندي کان شاگردي واري دور ۾ هن ڪهاڻيون، مضمون لکڻ شروع ڪيا ۽ شاعري بہ ڪئي. جيڪي مختلف اخبارن، رسالن ۾ شايع ٿيا ڏسندي ڏسندي پاڻ پختگي سان لکڻ لڳي ڊرامن کان اڳ پاڻ بهترين ڪهاڻيڪار طور پاڻ مڃائي چڪي هئي. اڄ ملڪ جي ادبي ميدان توڙي ڊراما نويسي ۾ نورالهديٰ شاهہ جو هڪ وڏو نالو آهي، سندس ڪوششون آهن تہ جن ليکڪن جي ڪهاڻين تي ڊراما نہ ٺهي سگهيا آهن انهن تي ڊراما لکيا وڃن ان سان گڏ نون اديبن جي همت افزائي ڪندي انهن جي ڪهاڻين تي بہ ڊراما ٺاهيا وڃن. سندس پسنديده ليکڪن ۾ بانو قدوساءِ اشفاق احمد آهن.

## جهونو شاعر، صحافي ۽ ليکڪ پروانو ڀٽي

پروانو ڀٽي جو شمار سنڌي جي جهونن شاعرن، ليکڪن ۾ ٿئي ٿو، پاڻ زندگي جو وڏو حصو صحافت کي بہ ڏنو آهي. پاڻ سماج سڌارڪ پڻ آهن. پاڻ ماضي ۾ شفيق استاد بہ رهيا، پاڻ انسانيت سان محبت ڪرڻ وارو پيار ۽ امن جا گل چٽيندڙ پڻ آهي. سندس اصل نالو ميوو خان ڀٽي پاڻ 1934ع ۾ دادو ضلعي جي پيارو خان ڳوٺ ۾ پوليس جي سپاهي گل محمد خان ڀٽي جي گهر ۾ جنم ورتو سندس تعليم سنڌي فائيل آهي. شاگردي دور ۾ ڪرڪيٽ والي بال جو بهترين رانديگر رهيو، سندس والد لطيف سائين جو عاشق هو، روزانو قرآن شريف بعد لطيف سائين جو رسالو ترنم ۾ پڙهندو هو. پروانو ڀٽي کي بہ لطيف جو رسالو پڙهائيندو هو ۽ بيتن جي معنيٰ ٻڌائيندو هو. لطيف جي پر اثر شاعري پروانو ڀٽي تي وڏو اثر ڇڏيو ۽ جڏهن ستين درجي جو شاگرد هو تہ پاڻ شاعري شروع ڪئي، پاڻ پهريون شعر اسڪول جي اسيمبلي ۾ هڪ قومي گيت ”پيارو پاڪستان پيارو پاڪستان “ ترنم ۾ ٻڌايو ان تي اسڪول جي هيڊ ماستر فريد خان چانڊيو کيس انعام ڏنو، شاعري تي سندس استادن، دوستن، مائٽن بہ همت افزائي ڪئي، جنهن منجهن وڏيڪ اتساهہ پيدا ڪيو. پاڻ 1948ع کان 1952ع تائين استاد رهيا. استاد جي حيثيت سان پاڻ ڳوٺ الهہ ورايو دل، ٽنڊو محمد خان ۾ نانگو شاهہ اسڪول، ٻلال اسڪول، الهہ ڏنو سانڊ، تاجو لغاري ۽ ٻين اسڪولن ۾ استاد رهيو. ان بعد پاڻ ٽريننگ لاءِ چونڊيو ويو، حيدرآباد ۾ ٽريننگ





دوران محمد عثمان ڏيپلائي سان سندس ملاقات ٿي جيڪو ان وقت هفتيوار عبرت شايع ڪندو هو. محمد عثمان ڏيپلائي پروانو ڀٽي ۾ ٽيلينٽ ڏسندي کيس اخبار ۾ ڪم ڪرڻ جي آفر ڏني ۽ پاڻ ماستري ڇڏي صحافت شروع ڪئي ۽ اخبار ۾ 30 رپيا پگهار تي سب ايڊيٽر طور مقرر ٿيو، سگهوئي عبرت اخبار قاضي عبدالمجيد عابد خريد ڪئي ۽ هفتيوار مان روزانہ طور شايع ڪيو ۽ پروانو بدستور سب ايڊيٽر طور لڳو رهيو، بعد ۾ ڪجهہ وقت عبرت ڇڏي روزانہ هلال پاڪستان حيدرآباد ۾ سب ايڊيٽر ۽ ايڊيشن انچارج ٿيو، ان دور ۾ هلال پاڪستان پاران ماهوار هلال پاڪستان ايڊيشن شايع ٿيندو هو، جنهن جا صفحا 200 کان 300 تائين هوندا هئا. پروانو جي ڪوشش، محنت سان ماهوار ايڊيشنن پاران شاعر نمبر ، افسانو نمبر، ڪهاڻي نمبر، ڊراما نمبر بہ شايع ڪيا، انهن ايڊيشنن وڏي مڃتا ماڻي، 58ع کان 1980ع تائين پيهر عبرت ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيو. شاعري ۾ سندس پهرين ميول تخلص هو، بعد ۾ شاعري ۾ سندس استاد شيخ محمد ابراهيم خليل کيس پروانو جو تخلص ڏنو ۽ پاڻ سنڌ ۾ پروانو ڀٽي جي نالي سان مشهور ٿي ويو. انهن ڏينهن ۾ عبرت ۾ شيخ عزيز ٻارڙن جي ٻاري صفحو ڪيندو هو، جنهن سان ٻارن ۾ لکڻ جو اتساهہ پيدا ٿيو بعد ۾ شيخ عزيز اخبار جو ڪم وڌي وڃڻ ڪري ٻارڙن جي ٻاري صفحو پروانو ڀٽي حوالي ڪيو تہ پروانو نہ صرف ٻارڙن جي ٻاري کي بهترين طور شايع ڪيو پر انهي نالي سان ٻارڙن جي آرگنائيزيشن قائم ڪئي ۽ ان جون سڄي سنڌ ۾ شاخون قائم ڪري ان پاران سڄي سنڌ ۾ ٻارڙن جا ڪنوينشن، جلسا ڪرائي ٻارڙن ۾ علمي، ادبي سرگرمين ۽ لکڻ جي جاڳرتا ۽ اتساهہ پيدا ڪيو، ڪيترن ئي شهرن ۾ لائبريريون قائم ڪرايون. 1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پاران ٻارن جو پروگرام ٻارڙن جي ٻاري شروع ڪيو، اهو پروگرام مصطفيٰ قريشي، عبدالڪريم بلوچ ۽ پروانو ڀٽي گڏجي هلائيندا هئا، اهو پروگرام لائيو هلندو هو. جنهن کي ٻار شوق سان ٻڌندا هئا ۽ هر هفتيوار پروگرام ۾ ٻار وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيندا هئا. ان وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد هوم اسٽيڊيم ۾ قائم هو پروانو ڀٽي شاعري جي هر صنف تي لکيو آهي، سندس وايون، غزل، ڪافيون، نظم، ٽيڙو، قطعہ عبرت، مهراڻ رسالو، بادل رسالو، نئين زندگي، امرتا، هلال پاڪستان ۽ ٻين رسالن اخبارن ۾ شايع ٿيا آهن. پاڻ ماضي ۾

عبرت ۾ روزانو هڪ قطعو لکندو هو، عبرت ۾ سندس 5 هزارن کان وڌيڪ قطعا شايع ٿيا جيڪو هڪ رڪارڊ آهي پروانو ڀٽي پاڻ پنهنجي شاعري ريڊيو ٽي وي تي رڪارڊ نہ ڪرائي نہ وري فنڪارن کي ڳائڻ لاءِ ڏني، بقول سندس تہ عابده پروين، سينگار علي سليم، محمد يوسف، وحيد علي، استاد ابراهيم، محمد جمن، وحيد علي ۽ ٻين مشهور فنڪارن هن کان شاعري گهري، پروانو ڀٽي جو چوڻ آهي تہ اهو شوق سرندي وارن شاعرن جو آهي تہ هو فنڪارن کان پنهنجي شاعري ڳارائي پوءِ ڪنڌلوڏين، بقول سندس تہ اهو سندس جذباتي فيصلو هو. جيڪو صحيح نہ هو. ان جو کيس احساس آهي. پاڻ بهترين شاعر سان گڏ بهترين ليکڪ بہ آهي، عبرت، هلال پاڪستان، خبرون ۽ ٻين اخبارن ۾ سندس مضمون ۽ هفتيوار ڪالم شايع ٿيا آهن. ماضي ۾ 1970ع ڌاري عبرت ۾ هفتيوار ڪالم جاني جي نالي سان ڪيترائي سال هفتيوار ڪالم لکيو. 1969 ۾ صحافين جي وفد سان ايسٽ پاڪستان جي دوري تي ويو. جتي هن شيخ مجيب الرحمان سان ملاقات ڪئي. پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي 20 کان وڌيڪ ڊرامن ۾ منظور قريشي، مصطفيٰ قريشي، عبدالحق ابڙو، مشتاق مغل، نصرت چنا، نسرين فضل جهڙن ناميارن صداڪارن سان گڏ صداڪاري ڪئي. پاڻ سنڌي فلم محبوب مٺا فلم ۾ وڏيري جو ڪردار بہ ادا ڪيو. کيس ان دور ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اسڪرپٽ رائيٽر جي نوڪري ڪرڻ جي آفر ٿي پر هن قبول نہ ڪئي پاڻ ان کي بہ جذباتي غلط فيصلو سمجهي ٿو، سندس چوڻ آهي تہ ان دور ۾ کيس صحافت جو شوق هو، ريڊيو تي نوڪري وٺي پاڻ کي ريڊيو تائين محدود رکڻ نہ ٿي چاهيو. پاڻ بزم خليل، بزم طالب المولىٰ، سنڌي ادبي سنگت، بزم روح رهاڻ ۽ ٻين تنظيمن جو بنيادي ميمبر ۽ مختلف عهدن تي رهي سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ نوجوانن ۾ ادبي رجحان پيدا ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي آهي. پاڻ شاهہ لطيف فائونڊيشن جو بہ بنيادي ميمبر ۽ مختلف عهدن تي رهيو آهي. پاڻ در محمد ڪمال سان گڏجي سنڌ ڪلچرل ڪائونسل بہ قائم ڪري ان پليٽ فارم تان مختلف شهرن ۾ علمي ادبي ثقافتي شاندار پروگرام ڪرايا. پاڻ لطيف جو پانڌيئڙو آهي. لطيف سائين جي ڪلام پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندو رهيو آهي.1950ع کان لطيف سائين جي عرس جي ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندو رهيو آهي. پڻ





ادبي ڪانفرنسن کي زور وٺرائڻ لاءِ پڻ شاندار ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. کيس موسيقي سان بہ دلچسپي رهي آهي. کيس جواني ۾ راڳ سکڻ جو شوق رهيو ۽ پاڻ ان دور ۾ ڪاهي روڊ تي استاد اميد علي خان جي موسيقي جي سکيا واري اسڪول ۾ وڃي راڳ سکيو بعد ۾ 1953ع ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچي تي فنڪار طور آڊيشن بہ ڏنو جيڪو ايم ڊي انصاري ورتو ۽ ان کيس چيو تہ اوهان راڳ کي معاف ڪريو، ان بعد هن مٿان فنڪار ٿيڻ جو جنون ختم ٿي ويو. پروانو ڀٽي ٻڌائي ٿو تہ علڻ فقير کي هو ريڊيو پاڪستان تي وٺي آيو ۽ سندس پهريون انٽرويو ڪيو، ان بعد هن کي ريڊيو تي پروگرام وٺرائي ڏنا. جن وسيلي هن سڄي سنڌ ۾ مڃتا ماڻي، سندس اها بہ دعوا آهي تہ مشهور فنڪار ممتاز لاشاري کي 71ع ۾ ريڊيو پاڪستان تي وٺي آيو هن کيس ميهڙ ۾ شاعر اسحاق راهي جي هڪ پروگرام ۾ ٻڌو هو ۽ سندس ڳائڻ جي انداز کيس متاثر ڪيو، پروانو ڀٽي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪيترائي پروگرام ڪيا، جن ۾ ٻين ڪانسواءِ ادبي پروگرام، ساٿ ڏٽي سرواڻ وڏي مقبوليت ماڻي، جڏهن مهتاب اڪبر راشدي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪافي رنگ پروگرام ڪندي هئي تہ پروانو ڀٽي جن شاعرن جون ڪافيون هونديون هيون انهن جا تعارف ڪرائيندو هو. پاڻ ماضي ۾ جڏهن صرف سرڪاري ٽي وي چينل پي ٽي وي هوندي هئي تہ اتي پاڻ واءُ سواءُ پروگرام جو ميزبان رهيو. ماضي ۾ سئنيما تي فلمون هلڻ کان اڳ اطلاعات کاتي پاران حڪومت جي ڪارڪردگي تي سڌ سماءُ پروگرام هلندو هو، سنڌي ۾ اهڙي پروگرام جي ڪمپيئرنگ پروانو ڀٽي ڪندو هو. اطلاعات کاتي پاران سنڌ صدين کان سٽي سکر دستاويزي فلمون جي بيڪ گرائونڊ ۾ پروانو ڀٽي جو خوبصورت آواز شامل هو. پاڻ 16 سال پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي ڪانٽريڪٽ تي پبلڪ رليشن آفيسر بہ رهيو. اتي ايڪسٽرا طور استاد جا فرض بہ ادا ڪيا. پاڻ انيس حسن اسڪول حيدرآباد ۾ بہ استاد رهيو اتي سندس اهو بہ ڪارنامو رهيو تہ صبح جو اسيمبلي ۾ قرآن شريف جي آيت، حديث شريف سان گڏ شاهہ لطيف جو شعر ٻارن کان ترنم ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو ۽ پاڻ ان جو اردو ۾ ترجمو ڪندو هو. پاڻ هڪ ادبي تنظيم پاران حيدرآباد ۾ شام لطيف جي حوالي سان پروگرام سلسلو شروع ڪيو، بعد ۾ ٻين شهرن جي مختلف تعليمي ادارن جي شاگردن کي شريڪ ڪري هنن کان

لطيف سائين جي شاعري ترنم ۾ ڳارائي ويندي هئي ۽ انهن ٻارن کي لطيف سائين جو رسالو تحفي ۾ ڏنو ويندو هو. هنن 6 لک کان وڌيڪ ٻارن کي لطيف سائين جا رسالا انعام طور ڏنا. سندس هم عصر شاعرن ۾ مخدوم طالب المولئ، شيخ اياز، استاد بخاري، سيد شاهنواز شاهه، عارف المولئ، اسحاق راهي، تنوير عباسي، سرويچ سجاولي، محمد خان مجيدي، احمد خان مدهوش، لقمان حڪيم، حبيب الله ڀٽو، مخدوم امين فهيم، عبدالقيوم، مولوي احمد ملاح، فيض بخشا پوري، محمد علي جوهر ۽ ٻيا شامل آهن، جيڪي سندس هم عمر شاعر سان گڏ هنن سان پروانو ڀٽي جا انتهائي قريبي ۽ نياز مندي جا واسطا رهيا. هنن سان گڏ سنڌ اندر ٿيندڙ مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو هو. پاڻ زندگي ۾ 6 سئو کان وڌيڪ مشاعرن ۾ شعر پڙهيا. 400 کان وڌيڪ ادبي ڪانفرنسن، شاعرن سان رهاڻين، ورسين جنم ڏينهن جي پروگرامن ۾ مقالا پڙهيا آهن، ماضي ۾ جڏهن عبرت اخبار ۾ صحافت ڪندو هو. اهڙن ادبي ثقافتي پروگرامن، مشاعرن جا اکين ڏٺا احوال هلائيندو هو. جن جو تعداد هزارين آهي، سندس دعوا آهي تہ 100 کان وڌيڪ نوجوان سندس ڪوشش ۽ رهنمائي ڪري اديب شاعر ٿيا آهن، پاڻ پنهنجي زندگي جو احوال نظم جي صورت ۾ امرتا رسالي ۾ شروع ڪيو. 20 ڪن قسطون هليون پر ان تي ڪيترائي اديب شاعر چڙي پيا، انڪري هن اهو سلسلو بند ڪيو. خبرون اخبار ۾ سندس هفتيوار ڪالم، سچ ٿا مرد چون ڏاڍو مقبول ٿيو،سندس ادبي خدمتن جي مڃتا طور 20 کان وڌيڪ رهاڻيون شامون ملهايون ويون آهن ۽ ڪيس مختلف تنظيمن پاران ايوارڊ بہ ڏنا ويا آهن پر ڪيس ڪنهن سرڪاري ادبي ثقافتي اداري پاران ايوارڊ نہ مليا آهن، سندس چوڻ آهي تہ اگر پاڻ 22 هين گريڊ جو رٽائرڊ بيورو ڪريٽ اديب شاعر هجي ها تہ ڪيس سرڪاري طور وڏي مڃتا ملي ها.
پروانو ڀٽي کي 3 فرزند، 4 نياڻيون آهن سندس جيون ساٿياڻي 2012ع ۾ انتقال ڪري وئي، سندس هڪ جوان فرزند گل ڀٽي جيڪو قومپرست پارٽي جو ڪارڪن هو ان کي دهشتگردن حيدرآباد ۾ گوليون هڻي ماري ڇڏيو. گلاب جي خوشبو جهڙو نوجوان پٽ جي اهڙي نانگهاني موت سندس اندر کي اڌ ڪري ڇڏيو. سندس زندگي جو اهو وڏي کان وڏو ڏک هو، پروانو ڀٽي جا هيٺيان 2 شعر سندس زندگي جي عڪاسي ڪن ٿا.





نہ گهر ٺاهيم نہ زر ٺاهيم،
ٿيس سيد سنڌ جو عاشق،
ائين کلندي ائين روئيندي،
82 سال گذري ويا.
حياتي وئي گذري سفر در سفر،
ڪٿي ڪين ٺاهي سگهيس پنهنجو گهر،
اهو پڻ اوهان جي ڪرم جو مثال،
مٺي مرڪ سان ٿا ڪريون در گذر،

پاڻ زندگي ۾ مال ٺاهڻ بجاءِ وڏي عزت مرتبو ٺاهيو،سندس ڪيترائي شاگرد وزير، مشير، اسيمبلي ميمبر ۽ اعلئ بيورو ڪريٽ ٿيا پر پاڻ ڪڏهن بہ ذاتي فائدو وٺڻ واري سوچ نہ رکي ۽ اهو سچ آهي تہ اڄ سندس گهر نہ آهي. پاڻ پنهنجي فرزند جي گهر ۾ رهيو. پاڻ ڪافي عرصي کان بيمار هيو پر اهڙو بردبار جو ثقافتي کاتي کي سندس علاج يا مالي مدد لاءِ اپيل نہ ڪئي، بقول سندس سموري زندگي منهنجي گذري،

ڪيم جا شاعري تولئہ سان گم ٿي ڪاغذن ۾ وئي
ڪتابي زندگي جا ورق وينو هاڻ اٿلايان
ڪمائي هيتري ساري سا کهڙن سلسلن ۾ وئي

پاڻ لطيف سائين جي رسالي ۽ لطيف راڳ جو پارکو هُو، پاڻ ڪلاسيڪل نيم ڪلاسيڪل راڳ جو بہ ڄاڻو هو. پاڻ لطيف سائين جو شعر

جي پائين جوڳي ٿيان تہ طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿي غلام،
صبر جي شمشير سان، ڪر ڪيني کي قتلام،
تہ نانگا تنهنجو نام ،لکجي لاهوتن ۾.

پاڻ هر پروگرام ۾ تقرير جي شروعات يا پڄاڻي ان شعر سان ڪندو رهيو. سندس سيني ۾ پنهنجي دور جا ڪيترائي واقعا موجود آهن پر هيٺو ٿي وڃڻ ڪري لکڻ کان قاصر رهيو، ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ادبي ثقافتي ادارا سندس اهي ڳالهيون زندگي جا يادگار واقعا رڪارڊ ڪري يا لکي ڪتابي صورت ۾ آڻين، پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر بہ رهيو ۽ بورڊ جي گڏجاڻين ۾ سندس شاعري شايع ڪرڻ جي رٿ ڏني پر سندس اهڙي خواهش پوري نہ ٿي سگهي. سنڌي ٻولي جي

خودمختيار اداري پاران سندس ادبي صحافتي زندگي ۾ ساروٽيون جي حوالي سان ڊگهو انٽرويو رڪارڊ ڪيو ويو آهي، جيڪو سنڌ عمل آهي.
(نوٽ: هي خاڪو پروانو ڀٽي جي حياتي ۾ لکيو ويو.)

## سنڌ جو جاکوڙي ڪردار تاج جويو

تاج جويو جو شمار سنڌ جي ناميارن شاعرن ، ليکڪن ۾ تعليم ڪارن ۾ ٿئي ٿو، پاڻ سڄي حياتي علم ادب جي خدمت ۾ گذاري آهي. اديب، شاعرن سان گڏ سندس سڃاڻپ بهترين استاد طور بہ آهي. پاڻ پرائمري استاد کان وٺي اسسٽنٽ پروفيسر تائين. شاگردن کي بهترين انداز ۾ پڙهايو. تاج محمد ”تاج جويو“ جو جنم 6 سيپٽمبر 1954ع تي قاضي احمد ويجهو ڳوٺ پير ڪولاچي ۾ ٿيو. پاڻ پرائمري جو پهريون درجو سن ۾ پئي ڪان پنجين درجي تائين پير ڪولاچي ۾ ڏهين ڪلاس قاضي احمد مان پاس ڪري بعد ۾ ٽريننگ ڪاليج مان ايس وي ڪورس پاس ڪري پرائمري ٽيچر مقرر ٿيو. ساڳئي وقت پرائيويٽ طور تعليم جاري رکندي انٽر، بي اي بعد ۾ ايم اي سنڌي جو امتحان فسٽ ڪلاس فسٽ ۾ پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيو. پرائمري ٽيچر مان ترقي ڪندي سيڪنڊري ٽيچر بعد ۾ ليڪچرار ٿيو، ليڪچرار طور سندس پهرين پوسٽنگ ميرپور خاص ۾ ٿي اتان کان مختلف وقتن تي سندس پوسٽنگ گورنمينٽ ڪاليج مٺي، گورنمينٽ سٽي ڪاليج حيدرآباد، گورنيمنٽ ڪاليج ڪوٽڙي، گورمينٽ ڪاليج قاسم آباد ۾ هيو، هاڻ پاڻ رٽائرڊ آهي. تاج جويو سنڌي ٻولي جي خودمختيار اداري ۾ بہ دفعا سيڪريٽري رهيو آهي بعد ۾ سنڌي ٻولي جي خود مختيار اداري ۾ سنڌي ڊڪشنري بورڊ جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر طور سنڌي ٻولي لاءِ پاڻ پتوڙي 2016ع ۾ سنڌي ڊڪشنري ۾ سندس نالو شامل نہ ڪرڻ تي ان عهدي تان استعفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. تاج جويو کي ننڍي هوندي کان ادب ڏانهن لاڙو رهيو. 1966ع ۾ جڏهن اڃا ڇهين درجي جو شاگرد هو تہ پاڻ شاعري شروع ڪئي، شاعري ۾ سندس رهنمائي سنڌ جي مشهور شاعر سائين راشد مورائي ڪئي. پاڻ گيت، نظم، بيت، وائي تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعري عوامي رنگ ۾ رتل آهي، پاڻ شاعري ۾ سنڌي جا آسان لفظ استعمال ڪيا آهن. سندس شاعري ۾ سنڌ ۽ سنڌ واسين جو درد، معاشراتي مسئلا، سنڌ جي ثقافتي عڪاسي بہ شامل





آهي. سندس شاعري تقريبن سنڌي رسالن، اخبارن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي. سندس شعري مجموعو ”سوچون سرها گل، 1978ع ۾ اياز گل سان گڏ شايع ٿيو. تاج جويو بهترين ليکڪ بہ آهي. سندس مختلف اشوز ڪانسواءِ شخصيتن، سنڌ جي صوفي بزرگن تي لاتعداد آرٽيڪل شايع ٿيا آهن. پاڻ لطيف سائين جي رسالي جو پارکو آهي. لطيف سائين جي شاعري تي تحقيق ڪندو رهيو آهي. لطيف سائين جي شخصيت، شاعري تي سندس لاتعداد آرٽيڪل شايع ٿيا آهن. پاڻ بهترين ترجمانگار بہ آهي. سندس ترتيب ڏنل ڪتابن ۾ انصاف جو گهنڊ، ڏيئا ڏات جا، (عبدالحڪيم ارشد جو شعري مجموعو) پريم نگر، سامي خاص نمبر، ولي رام ولڀ سان گڏ ڪجھ خط جي ايم سيد اهي پڻ چڪيم چاڪ ”جي ايم سيد“ سنڌ ڳالهائي ٿي ”سائين جي ايم سيد جو عدالتي بيان عبدالواحد آريسر سان گڏ ترتيب ڏنل قاليچ بيگ ترتيب سامي تي هڪ نظر، ترتيب ڊاڪٽر بلوچ هڪ مثالي انسان 2 حصا ترتيب، سپاجهو ساجھ وند محمد ابراهيم جويو، ترتيب، ڏاهو ڏات ڏٽي ”نئين ترتيب، موجد شاعر حاجي احمد ملاح ”ترتيب“ وڏو ڪهاڻيڪار وڏو انسان نسيم ڪرل ترتيب، سڪل وڻ آئون صحرا جو ”احسن الهاشمي جو ڪلام ”ترتيب“ دل ۾ ڌرتي جا گيت نياز همايوجي شاعري ترتيب سنڌ جو ديومالائي ڪردار، سراج ميمڻ شخصيت فن ترتيب، هو جو سراپا عشق هو، عبدالواحد آريسر بابت مضمون ترتيب تاريخ سان تعزيت، عبدالواحد آريسر بابت مضمون، تاثرات ترتيب، شاهہ لطيف ڀٽائي جي عرس مبارڪن تي ٿيل ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالن جا ثقافت کاتو حڪومت سنڌ پاران ڇاپايل ڪتابن سر رپ، شاهہ لطيف ۾ تحريڪ، ديسي سيڻ ڪچن، سر سورٺ، حسيني جي هاڪ، سر مومل راڻو ۾ پيا ترتيب ڏنا. سندس ڇپيل ٻين ڪتابن ۾ سوچون سرها گل، شاعري اياز گل سان گڏ، جنهن تي سنڌ الاجي پاران انعام ڏنو ويو. دنيا جون انقلابي عورتون ترجمو، سنڌي گيت ايم اي سنڌي لاءِ لکيل مونو گراف، سنڌ الاجي پاران ڇپايو ويو. نيڻ مهتي خيال جاڳيا،(جديد سنڌي شاعري جو مطالعو) تلسين جي سرهاڻ (جديد سنڌي شاعري جو مطالعو جلد 2) جر ۾ ٿو جرڪان ( شيخ اياز ۽ شاهہ لطيف ڀٽائي کي نثر ۾ شاعري ۾ خراج تحسين) سنڌ جي تاريخ جو مطالعو، اڃان رچ مان رڻ اڇي ٿي، ڪالمن جو مجموعو مان ورٽو هان مان ورٽو ها ( شيخ اياز جي

شاعري جي اڀياس) سامي تي هڪ نئين نظر آءِ درازا هل (شيخ اياز جو سچل سرمست کي نثر ۽ شاعري ۾ خراج تحسين، سنڌي آيا سنڌ گهمڻ سندس ڇپيا ڪافي ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾ آهن. سنڌي ٻولي جي خود مختاري اداري ۾ 2 دفعا سيڪريٽري رهڻ دوران سنڌي ٻولي جي فروغ لاءِ سندس ورتل ڪوششون قابل تعريف آهن. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا جي ڇپايل 9 جلدن ۾ ڇپائي جي حوالي سان سندس وڏي خدمت آهي. تاج جويو 4 پيرا سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل رهيو آهي. تاج جويو جي همت افزائي سان ڪيترائي نوجوان ادب جي ميدان ۾ آيا آهن. جن ٻه سنڌي ادب ۾ وڏو نالو ڪمايو آهي، پاڻ انتهائي مصروف رهڻ جي باوجود سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ ادبي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو آهي. صبح کان رات تائين سنڌي ادب جي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. جڏهن تہ سنڌ جي اديبن، شاعرن، ادب دوستن، ذاتي دوستن جي خوشين، غمين ۾ شريڪ ٿيندو رهي ٿو حضرت شاهہ لطيف ڀٽائي جي عرس مبارڪ ۾ ادبي ڪانفرنس جي حوالي سان سندس ڪوششون ساراهہ جوڳيون رهيون آهن. ڪيس ادبي دنيا ۾ خدمتن جي اعتراف طور 20 کان وڌيڪ ايوارڊ مليا آهن. ڪيترن ئي شهرن ۾ ساڻس رهاڻيون رچايون ويون آهن. پاڻ پ ت الف تعلقہ سڪرنڊ جا صدر، پ ت الف ضلعي نوابشاهہ جا خزانچي،سگا سڪرنڊ جو صدر ، سگا مرڪز جو جوائنٽ سيڪريٽري، سنڌ پروفيسر ليڪچرس ايسوسيئيشن مرڪز جو جوائنٽ سيڪريٽري ڪلچرل سيڪريٽري، سنڌالاجي جو صلاحڪار، لوڪ ورثو اسلام آباد جو ميمبر بورڊ آف گورنرس ۽ ٻين تنظيمن ۾ ادارن جي صلاحڪارن ۽ بورڊ آف گورنرس ۽ ٻين عهدن تي رهيو آهي. جتي سندس ڪارڪردگي قابل تعريف رهي آهي. پاڻ سنڌ ۾ ٿيندڙ سوين علمي ، ادبي ثقافتي پروگرامن ساهتڪارن، ڪلاڪارن سان ملهائيل، شامن، رهاڻين، ورسين جي سوين پروگرامن ۾ صدر مجلس مک مهمان طور شريڪ ٿيو آهي. پاڻ بهترين مقرر آهي. تاج جويو ادبي دنيا جي هيڏي وڏي شخصيت هئڻ جي باوجود سادو ، سپاجهڙو، فقير منش شخصيت جو مالڪ آهي. هر ماڻهو کي عزت مان ڏيڻ وارو آهي. سنڌ ۾ ڪٿي بہ ادبي ثقافتي پروگرامن جون دعوتون ملڻ تي ڪوشش ڪري انهن ۾ شريڪ ٿيندو آهي. سنڌ جي هر اديب شاعر جي خواهش رهي آهي تہ سندن ڪتابن جو مهاڳ تاج جويو لکي.







## علم ادب جو گهڻگهرو غلام اڪبر لغاري

جڏهن بہ سنڌ جي ادب دوست، عوام دوست آفيسرن جو ذڪر ايندو تہ ان ۾ غلام اڪبر لغاري سرفهرست هوندو. سندن عوام دوستي، فرض شناسي جو پڙاڏو سڄي سنڌ ۾ گونجي ٿو. پاڻ هالا تعلقي جي ڳوٺ تالهو خان لغاري نزد ڀاڻوٺ ۾ هڪ غريب هاري جي گهر ۾ 63-11-30 تي جنم ورتو. ننڍي هوندي کان ذهين ادب سان دلچسپي رکندڙ ۽ سماجي ڪمن ۾ اڳڀرو رهيو، ننڍي هوندي کان ڪنهن غريب جي تڪليف برداشت نہ ڪري سگهندو هو، گهران ملندڙ خرچي مان ڪڏهن ڪڏهن غريب شاگردن کي ٻين ڪاپيون وٺي ڏيندو هو، ننڍي هوندي کان ذهين، تعليم سان دلچسپي رکندڙ هو، غريب هئڻ جي باوجود رات ڏينهن محنت ڪري ڪميشن پاس ڪئي، هن پرائمري کان ڪميشن پاس ڪرڻ تائين تعليم ڪيئن حاصل ڪئي، ان لاءِ ڇا ڇا ڪيو، سندس والدين ڪيئن پيٽ تي پٿر رکيا. اها وري الڳ ڪهاڻي آهي.

پاڻ پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ تالهيو خان لغاري 6 کان 10 تائين ڳوٺ سعيد خان لغاري، مئٽرڪ Aگريڊ ۾ پاس ڪيائون، فرسٽ ايئر انٽر سروري اسلاميہ ڊگري ڪاليج هالا نوان مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين، گريجوئيشن ۽ پوسٽ گريجوئيشن يعني M.A اڪنامڪس سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين، ان بعدڪيس جونيئر اسڪول ٽيچر جو آرڊر مليو. ۽ مختلف اسڪولن ۾ پڙهايو. 1989-1990ع ۾ ٻہ دفعا سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري. 1992ع ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جي ٽريننگ مڪمل ڪري 1993ع ۾ مورو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. 1994ع ۾ ريلوي مئجسٽريٽ حيدرآباد ۾ 95ع ۾ ايس ڊي ايم مٽي ٿيو، اتي مسڪين ترين جي باقاعدي خدمت ڪئي. 96ع ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر دادو 1997ع ۾ SDMڊگهڙي، 98ع ۾ سيڪريٽري آر ٽي اي حيدرآباد، 99ع ۾ SDMميرپورخاص، 2000ع ۾ سٽي مئجسٽريٽ ڪراچي سائوٿ، 2001ع ۾ ڊي او فنانس سانگهڙ ۽ ٽي ايم او ڪورنگي ڪراچي 2003ع ۾ ڊائريڪٽر ٽوئرزم، 2007ع ۾ ڊپٽي سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، 2004ع ۾ اي ڊي او روينيو دادو، 2005ع ۾ ضلع ڄامشورو ۾ اي ڊي او روينيو طور خدمتون سرانجام ڏنيون،

چامشورو ۾ رهڻ دوران رني ڪوٽ قلعي تي سيمينار ڪرايو. 2008ع کان 2010ع تائين ڊي سي او عمرڪوٽ رهڻ دوران عمرڪوٽ جي تاريخ ثقافت تي ٽن ڏينهن جو سيمينار ڪرايو، ضلع حڪومت پاران 3 ڪتاب "عمرڪوٽ ايامن کان"، "ڪوي عمرڪوٽ جا"، "مهراڻي جا مور" شايع ڪرايا. 2011ع ۾ ڊائريڪٽر فش هاربر اٿارٽي، ان بعد ڊائريڪٽر فيڊرل پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ طور به خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. جڏهن ته لاڙڪاڻي ۾ ڪمشنر به رهيو آهي. جتي ماضي وانگر عوام جي خدمت ڪئي. سندس تصنيفن ۾ پين ڪانسواءِ تاريخ ادب جو مختصر جائزو، 92ع ۾ فلسفي جي مختصر تاريخ، 2003ع ۾ شايع ٿيا. سندس لاتعداد ادبي، تاريخي، تنقيد وارا مضمون ڪاوش ۽ پين اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. پاڻ بهترين ڪهاڻيڪار به آهي. شاگردي واري زماني کان ڪيس ادب، فن ۽ ثقافت سان گهري دلچسپي رهي آهي، شاگردي واري دور ۾ اسٽيج ڊرامن ۾ به ڪم ڪيو، پاڻ اسٽيج ڊرامن جو هدايتڪار ۽ ڊراما نويس به رهيو. آمريڪن سينٽر ۾ ٽيوٽر طور پڙهائڻ بعد هن اتي انگريزي ۾ ڊراما به ڪرايا. ڪجهه ڪو ته شاگردي دور کان لکندو اچي ٿو پر باقاعده لکڻ 1988ع کان شروع ڪيو، هن وقت تائين مختلف موضوعن تي لاتعداد مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيا آهن. پاڻ انگريزي اخبارن لاءِ به لکندو آهي، سندس ڪتاب انٽرنيشنل افيئرس جيڪو 11 دفعا وري وري شايع ٿيو آهي ۽ هٿو هٿ وڪرو ٿيو آهي، ڪيس شاعري سان پڙهڻ جي حد تائين شوق آهي، سندس گهر ۾ بهترين ڪتابن جي لائبريري آهي، پاڻ سرڪاري نوڪري ۾ اچڻ بعد مصروفيت وڌي وڃڻ جي باوجود لکڻ پڙهڻ لاءِ باقاعده وقت ڪڍي وٺي ٿو. تاريخي، اسلامي، فلسفي جي ڪتاب پڙهڻ سان وڏيڪ دلچسپي رکي ٿو. موسيقي سان سندس لڳاءُ آهي، شايد پاڻ راڳ کي روح جي غذا سمجهي ٻڌي ٿو، پاڻ لطيف سائين جو عقيدتمند آهي، شاهه جو راڳ عبادت سمجهي ٻڌي ٿو، پاڻ لطيف جي رسالي جو پارکو آهي، مصروفيتن مان وقت ڪڍي لطيف سائين جي مزار تي حاضري ڏيڻ ۽ راڳ ٻڌڻ لاءِ حاضريون ڏيندو رهي ٿو ۽ شاهه سائين جي رسالي کي پنهنجي زندگي فن ۽ راڳ کي زندگي جو حصو سمجهي ٿو، پاڻ جنهن به عهدي تي رهيو آهي، عوام جي خدمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، آفيس جا دروازا عوام لاءِ ڪليل رکيا آهن، ڪم





ڪارين لاءِ ايندڙن کي تڪڙو انصاف ڏيندو رهيو آهي، پاڻ عوام جي خدمت کي افضل عبادت سمجهي ڪري ٿو، جتي رهيو آهي جنهن به عهدي تي رهيو آهي اتي سندس ڪارڪردگي ساراهه جوڳي رهي آهي، پاڻ ڪي ٺيٺ بيوروڪريٽ سمجهڻ بجاءِ عوام جو خادم سمجهي ٿو. جتي رهيو آهي جنهن ڪاتي ۾ رهيو آهي اتي پاڻ ڪيترائي مثال ڇڏيا آهن ۽ جتي به رهي بدلي ٿيو آهي اتان جي عوام سندس بدلي روڪائڻ لاءِ ڪوشش ڪندي آهي، جتي رهيو آهي، عوام جي خدمت ڪرڻ ڪري عوام جي دلين تي راڄ ڪيو آهي.پاڻ ثقافت ڪاتي ۾ ڊپٽي سيڪريٽري رهڻ دوران بهترين ڪارڪردگي ڏيکاري، ڪيس انگريزي ادب ۾ برٽن رسد اردو ۾ محمد الياس، ڪرشن چندر، بيدي، سنڌي ادب ۾ آغا سليم، سراج ميمڻ، حيدر لغاري وڻندڙ آهن. پاڻ فقير منش سادو انسان آهي، کابه وڏائي نه اٿس سادو پهري، سادو کائي، ڪيس توري، پيئندي وڻنديون آهن، زندگي ۾ جنهن سان عشق ڪيو ان کي جيون ساٿي بنايو. دعا آهي ته غلام اڪبر لغاري وڌيڪ ترقي ڪري ۽ الله سائين ڪيس توفيق ڏي ته عوام جي خدمت وارو جذبو جاري رکي، سنڌ جي ادب فن ثقافت جي سرپرستي ڪري، غلام اڪبر لغاري بهار جهڙي خوشبو جهڙو انسان آهي.پنهنجي ڳوٺ ۾ جتي رهيو اتي ڪافي لائبريريون قائم ڪيون. پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪميونٽي سينٽر قائم ڪيو آهي.

## انمول شخصيت وينا شرنگي

ورهاڱي ڪانپوءِ نه چاهيندي روئيندڙ اکين سان سنڌ ڀومي کي مجبورن الوداع ڪري ڀارت ويندڙ سنڌي هندو سنڌ کي نه وساري سگهيا آهن ۽ هنن سنڌي ادب، فن، ثقافت، سنڌي ٻولي کي اتي به زندهه رکڻ ۽ ان جي واڌ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڀارت ۾ سنڌي ٻولي قومي ٻولين ۾ شامل ٿي ۽ سنڌي ادب، فن ، ثقافت کي زنده رکڻ لاءِ نئين ٽهي کي جاڳرتا ڏيڻ لاءِ اتي ادارا قائم ڪيا، اڄ به لڏي ويل سنڌي هندن جون دليون سنڌ لاءِ ڌڙڪن ٿيون،سنڌي ادب فن ثقافت کي هندوستان ۾ زندهه رکڻ لاءِ ڪوششون ڪندڙن ۾ وينا شرنگي به نمايان آهي، 16 جنوري 48ع تي شهدادڪوٽ ۾ مشهور سياسي، سماجي ۽ واپاري شخصيت گوپي ڪرشن جي گهر ۾ جنم ورتو، سندس ڏاڏو به مشهور سماج سڌارڪ هو،ا ن 1889ع ۾ اتي شيوالو مندر ٺهرايو

جيڪو اڃ بہ قائم آهي. 1944ع ۾ وينا شرنگي جو والد ميونسپل ڪائونسل جو پريذيڊنٽ رهيو، سنڌس چاچو مهاراج رامي سنڌ جي قومي راند ملاکڙي کي وڌائيڻ لاءِ ڪوشسون ڪندڙن ۾ شامل آهي، جيڪو سال ۾ ڪيترائي ملاکڙا ڪرائيندو هو. هن ڪيترن ئي ملھہ پھلوان جي سرپرستي ڪئي، پروفيسر عبدالستار بلوچ پنھنجي ڪتاب سنڌ جون سون ورنيون دليون ۾ لکيو آهي تہ وينا شرنگي جي ڏاڏو جو نالو شهداد خان هو، شهدادڪوٽ سندس نالي سان منسوب آهي، ليڪن شهدادڪوٽ جا ليکڪ ان راءِ کي رد ڪن ٿا چون ٿا تہ شهدادڪوٽ جنهن جو پهرين نالو شهدادپور هو، 1711ع تائين هي ننڍڙو ڳوٺ هو، ڪلهوڙن جي دور ۾ ترقي ڪري شهر ٿيو ۽ 1914ع ۾ هن جو نالو شهدادپور مان تبديل ڪري شهدادڪوٽ رکيو ويو ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ موجوده سانگھڙ ضلعي ۾ پهرين شهدادپور موجود هو، شهدادڪوٽ تي اهو نالو پوڻ هڪ تڪراري مسئلو بينل آهي، ٻيون بہ 4 ذريون اهو شهر سندن ڏاڏو جي نالي پويان نالو مشهور ٿيڻ جي دعوا ڪن ٿيون. هڪ شهداد خان ڪلهوڙو، شهداد خان بروهي، شهداد خان سيوڙو، شهداد خان کهاوڙ جا پوئنر ليڪن اتان جو ليکڪ صحافي ڪامريڊ ولي محمد مگھڻهار مرحوم جي وري اها راءِ هئي تہ هي شهر شهداد خان کهاوڙ جيڪو علائقي جو وڏو زميندار هو ان جي نالي سان هي شهر منصوب آهي، جڏهن ملڪ جو ورهاڱو ٿيو تہ وينا شرنگي جي خاندان سنڌ نہ ڇڏي ۽ حالتن کي منهن ڏنو، 1970 کان اهڙو ماحول پيدا ٿيو، اهڙيون حالتون پيدا ٿيون جو وينا جو اڌ خاندان 1971ع ۾ نہ چاهيندي سنڌ ڇڏي ڀارت جي گادي واري شهر نئين دهلي ۾ رهائش اختيار ڪئي وينا شرنگي کي شاگردي واري دور کان ادب جو شوق هو، اسڪولن جي پروگرامن ۾ ڪمپيئرنگ بہ ڪندي هئي، سنڌس آواز منڙو هئڻ ڪري اهڙن پروگرامن جي ڪمپيئرنگ هن کان ڪرائي ويندي هئي ۽ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڇهين کان ڏهين درجي تائين ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ تعليم حاصل ڪئي، ان بعد ريگيولر تعليم حاصل نہ ڪري سگهي ۽ بي اي تائين پرائيويٽ طور امتحان ڏنو. 1971ع ۾ آل انڊيا ريڊيو سنڌي سروس شروع ڪئي تہ هن اتي اناؤسر طور انٽرويو ڏنو ۽ تہ ڪيس اناؤنسر طور ملازمت ڏني وئي. 96ع ۾ ترقي ڪندي پروگرام پروڊيوسر مقرر ٿي ان سان گڏ هن ڪهاڻيون لکڻ ۽





شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. پاڻ ڪيترائي اسٽيج ناٽڪ بہ پيش ڪيا، پان اتي سنڌي ٻولي ادب فن ثقافت کي نہ صرف زندھہ رکڻ پر اجاگر ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي، ڪيترن ئي علمي، ادبي، ثقافتي، سماجي تنظيمن جي ميمبر ۽ عهديدار پڻ آهي، جڏهن تہ سنڌي عورتن ۾ سنڌي ادب فن سماجي ڪمن جو شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ عورتن لاءِ مارئي تنظيم جو بنياد وجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ پاڻ شروع کان اڄ تائين جنرل سيڪريٽري آهي، مارئي تنظيم پاران ڪيترائي سيمينار ڪنوينشن ادبي ثقافتي پروگرام ڪندي رهي آهي، پاڻ خوبصورت جذبن واري شاعره بہ آهي ۽ شاعري جي هر صنف تي شاعري ڪئي آهي جڏهن سنڌ ۾ ايم آر ڊي ۽ ٻيون تحريڪون هلي رهيون هيون انهن ۾ سنڌ واسين تي جيڪي ظلم ٿي رهيا هئا اهي رپورٽون اخبارن کان ڪٽي سچڻ توکي خبر کهڙي عنوان سان شروع ڪيل پروگرام ۾ هلايون. سنڌس اهڙي عمل سنڌ جي ساڃاهہ وندن ۾ وڏي مڃتا ماڻي آهي، سنڌ مان ڀارت ويندڙ اديبن شاعرن صحافين کي لکين عزتون ڏيندي رهي آهي، آل انڊيا ريڊيو سروس تي سنڌس ڪمپيئرنگ وارا پروگرام 76ع کان جڏهن آئون 5 ڪلاس جو شاگرد هيس تڏهن کان ٻڌڻ شروع ڪيو. ۽ روزانو شوق سان ٻڌندو هئس، 1998ع کان پوءِ مصروفيتون وڌي وڃڻ ڪري پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ٻڌندو هيس، سنڌس رٽائرڊ ٿيڻ تائين صرف وينا شرنگي جي ڪري آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس خاص طور اهي پروگرام جن ۾ هو ڪمپيئر هئي اهي ٻڌندو هيس، پاڻ جڏهن سگا پاران ڪراچي ۾ ڪانفرنس ڪرائڻ بعد ٻاهرين ملڪن مان آيل سنڌين کي سنڌ ياترا ڪرائي وئي ۽ هي قافلو جڏهن لطيف سائين جي درگاهہ ۽ هالا ۾ مخدوم نوح جي درگاهہ تي پهتو تہ مان هڪ صحافي جي حيثيت سان شامل هيس ان موقعي تي وينا شرنگي سان ملاقات ڪئي، ڪيس اجرڪ ، آفتاب عبرت ميگزين ۽ سنڌو ڊائجسٽ ۽ عبرت اخبار جون اهي ڪاپيون جن ۾ سچل ڪانفرنس جي ڪوريج هئي ڏنم ۽ ڪيس ٻڌايو تہ اوهان جي جادو ڀرئي آواز ڪري آئون آل انڊيا ريڊيو تان سنڌي سروس جا پروگرام ٻڌندو رهيو آهيان جنهن تي ڪيس انتهائي خوشي ٿي بعد ۾ مون سنڌس ڀٽ شاهہ، هالا دوري ۾ ڪڍيل يادگار تصويرون موڪلي ڏنيون، جڏهن بہ شاهہ لطيف جي عرس مبارڪ جي موقعي تي ثقافت کاتي پاران ادبي ڪانفرنس ۾ ڀارت مان سنڌي اديب

شاعر شريڪ ٿيندا آهن تہ پيچ پٽائي ميگزين جون اعزازي ڪاپيون ڏيڻ سان گڏ وينا شرنگي لاءِ بہ اعزازي ڪاپيون ڏيندو آهيان. 2010ع ۾ سندن خط مليو، جنهن ۾ پيچ پٽائي ميگزين تي تفصيل سان تبصرو ٿيل هو. اهو خط مون ميگزين ۾ ڇاپيو ۽ مهرباني طور ڪيس خط بہ لکيو وينا شرنگي جي خاندان جا ڪجھ فرد اڄ بہ شهدادڪوٽ ۾ رهن ٿا. پاڻ ڪافي دفعا سنڌ ۾ آئي آهي. ليڪن ساڻس ملاقاتون نہ ٿي سگهيون، وينا شرنگي جي ڇپيل ڪتابن ۾ ڪيئن وساريا ويڙهيچن. يادگيرون منهنجي پيشي جا گل ۽ خار ملازمت جا تجربا پڪا ۽ پنهوار ڏني مون ڏينهن ٿيا، "سفرنامو" زندگي هڪ ناٽڪ منهنجا معصوم سجڻ ۽ ناول اجنتا جي مورت شعري مجموعو، گيسٽ ايڊيٽر مقالا اڌ ڪليون اڪيون "ڪهاڻيون "ڪچان تان ڪافر غيرت بي غيرت "ڪهاڻي" بختاور ڪهاڻي، بدلو "ڪهاڻي" نيٺ سوچڻو پيو ڪهاڻي پڇتاءُ ڪهاڻي ڏاهيون ڏک ڏسن، ڪهاڻي وارث لاوارث ڪهاڻي آهہ غريبا قهر خدائي ڪهاڻي رن ذاتيون ڪهاڻي، مهاتما گانڌي جي جيون جون ڪهاڻيون، بهشت جي بهار ڪهاڻي، ريڪا جي ريڪا ڪهاڻي بابو جي جيون مان آڪاڻي ترجمو سنڌو جوت "ايڊيٽ ڪيل شامل آهن "دعا آهي تہ وينا شرنگي اڃا وڌيڪ سنڌي ثقافت لاءِ خدمتون سر انجام ڏي ۽ شل وڌيڪ ڪاميابيون ماڻي.

## تحقيقي ۽ تخليقي شخصيت پروفيسر محمد خان ٻرڙو

پروفيسر محمد خان ٻرڙو نہ صرف سانگهڙ ضلعي پر سنڌ جي ساڃاهہ وندن لاءِ لکيل نالو نہ آهي پاڻ پنهنجي علمي، ادبي خدمتن جي ڪري سڄي سنڌ ۾ نالو ڪيرايو آهي.علمي ادبي دنيا ۾ سندس وڏو ادب احترام آهي، پاڻ 2 اپريل 1942ع ۾ شهدادپور ٽنڊوآدم روڊ تي ڳوٺ ڪرڙ ٻرڙي ۾ معزز شخصيت احمد خان ٻرڙي جي گهر ۾ جنم ورتو، پرائمري تعليم جلال مري مان سيڪينڊري ،شاهہ عبدالطيف هاءِ اسڪول ٽنڊو آدم انٽر نيو علي ڳڙهہ ڪاليج ٽنڊوآدم مان، بي اي حيدرآباد مان، ايم اي سنڌي ادب يونيورسٽي مان حاصل ڪئي، مارچ 1973ع ۾ ميرٽ تي سنڌي سبجيڪٽ جو ليڪچرار ٿيو، پهرين پوسٽنگ ڊگري ڪاليج ٽنڊوجان محمد ۾ ٽيس جتي سال رهڻ بعد ڪيس گورمنينٽ ڊگري ڪاليج شهدادپور ۾ مقرر ڪيو ويو، سڄي







حياتي شهدادپور ڪاليج ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏنيون، 1993ع ان ئي ڪاليج ۾ پرنسپل مقرر ٿيو ۽ اتان ئي رٽائرڊ ٿيو. لکڻ پڙهڻ سان شاگردي واري دور کان سندس دلچسپي رهي ليڪن سانگهڙ ۾ ٽريننگ ڪاليج ۾ ٽريننگ دوران استاد سکيو خان چنا جيڪو عربي ۽ فارسي جو وڏو ڄاڻو، بهترين شاعر ۽ ليکڪ هو، ان جي صحبت ۾ رهي ان کان متاثر ٿي هن شاعري شروع ڪئي، شاگردي واري دور ۾ حڪومت سنڌ پاران ان دور ۾ شايع ٿيندڙ رسالو ڳوٺ سڌار، نئين زندگي جي مطالعي جو بہ مٿس اثر ٿيو .ٽنڊوجان محمد ڪاليج ۾ رهڻ دوران ڪنهن نازني سان سندس نيڻن جا ناتا لڳا، جن دل جي تار ڇوري ڪئي ۽ عشق مٿس ايترو تہ اثر ڇڏيو جو پاڻ بهترين شاعر طور پاڻ مڃائڻ لڳو.سندس شاعري "نئين زندگي" 3 ماهي مهراڻ ، پيغام رسالن ڪانسواءِ مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيڻ لڳي ۽ ان دور جي هڪ سريلي صوفي فنڪار موتي مينگهواڙ سندس شاعري ڳائي هن کي مشهور ڪري ڇڏيو پاڻ ان فنڪار کان راڳ جي سکيا بہ ورتي ۽ هارمونيم وڄائڻ سکيو.جڏهن عبد الله ورياهہ سان گڏ هن جي ملاقات مخدوم طالب المولىٰ سان ٿي ۽ ڪين سندس چند ڪافيون پڌايون تہ مخدوم طالب المولىٰ هن جي ڪافي کي پسند ڪيو ۽ ان جي رهيل خامين بابت پڻ آگاهہ ڪيو. ان بعد پروفيسر جي خواهش تي ڪافين جي اصلاح مخدوم طالب المولىٰ ڪئي، پاڻ شاعري ۾ ڪافين کان علاوه غزل ۽ بيت بہ لکيا پاڻ نجي محفلن ۾ پنهنجون ڪافيون خوبصورت انداز ۾ ڳايون بہ. ٽنڊوجان محمد ۾ پروفيسر محمد خان ٻرڙو جي ڪوشش سان باب السلام سوينيئر 1979ع ۾ شهدادپور ڪاليج پاران مهراڻ ميگزين نالي سوينيئر شايع ڪيو، جنهن جو مرتب پاڻ هو. جنهن جو مقصد شاگردن، استادن ۾ ادب طرف دلچسپي وڌائڻ هيو، پروفيسر محمد خان ٻرڙو، تاريخ، سماجيات، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، سنڌي لوڪ ادب ۽ سانگهڙ ضلعي جي تاريخي ماڳ مڪانن آثار قديمہ جي اڻ سڃاتل ڏڙن تي تحقيق ڪئي.انهن ڪي نروار ڪيو، پاڻ سانگهڙ ضلعي جي ڪاڪ ڏڙو لڳ شاهپور چاڪر، سميرو پڙو نزد مقصودو رند، جعفر خان لغاري وٽ ڏڙو، برهمڻ آباد ۽ آسپاس وارا ڏڙا،سون چڙي ڏڙو، ميهارڪو ڏڙو، لاکن وارو ڏڙو، يگان جا قبا، ٽنڊو مٺا خان روڊ تي پراڻو ڏڙو، تعلقي ڪپري ۽ ناري ڍوري جي ڪپ تي وڏو قلعو، مير شهداد خان جا قبا، شهداد پور

واروقلعو، راول فقير جي قبرستان ۾ قديم قبرون ۽ ٻين تاريخي ماڳن ڪانسواءِ سهڻي ميهار تي تحقيق ڪئي ۽ تاريخي حوالن سان ظاهر ڪيو ته سهڻي ميهار جو قصو پنجاب جو الڳ ۽ سنڌ جو الڳ آهي ان ڪان اڳ شهدادپور م سهڻي ميهار جون مزارون صدين ڪان هئڻ باوجود سنڌ ۾ تمام گهٽ ماڻهن کي ڄاڻ هئي ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سميت سنڌ جي ڪيترن ئي محققن سهڻي ميهار کي پنجاب جي شهر گجرات سان ملايو هو نه صرف ايترو پر شهدادپور ۾ سهڻي ميهار جو ميلو لڳرائڻ ۾ پروفيسر محمد خان برڙو جو شاندار ڪردار رهيو ،اهو ميلو ٽي دفعا لڳو جنهن ۾ادبي ڪانفرنس، سگهڙ ڪانفرنس، مشاعرو، راڳ رهاڻ، ايوارڊ، ملاکڙو، ديسي راندين جا مقابلا به ٿيا، پاڻ سهڻي ميهار ميلا ڪميٽي جو بنيادي ميمبر به رهيو ۽ ميلي تي سونئير ڇپائڻ ۾ سندس ڪردار رهيو، پروفيسر محمد خان ٻرڙو شهداپور ۾ سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وجهندڙ ۾ شامل هو ان ڪانسواءِ شهدادپور ۾ سگا قائم ڪري ان پاران ثقافتي ميلو ۽ ميڊيڪل ڪيئمپون لڳرائڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو پاڻ سگا جو جنرل سيڪريٽري ۽ ڊاڪٽر مير بيگ صدر رهيو، جنرل ضياءَ پاران سگا تي پابندي هڻڻ تائين سگا کي سرگرم رکيو، پاڻ عبدالله ورياه سان گڏجي سانگهڙ هسٽاريڪل سوسائٽي جو بنياد وڌو جنهن جو مقصد ضلعي سانگهڙ جي آثار قديمه کي فوڪس ڪرڻ هو ان تنظيم پاران برهمڻ آباد تي هڪ ڏينهن وارو بين القوامي سيمينار ڪرايو ويو جنهن جو افتتاح سنڌ جي گورنر ايس ايم عباسي ڪيو ،ڪيترن ئي ملڪن جي اسڪالرن ، محققن برهمڻ آباد تي پنهنجا مقالا پڙهيا 2 دفعا سانگهڙ ۾ ثقافتي ميلو ٿيو، ان ۾ سانگهڙ جي تاريخ،ثقافت، تاريخي واقعن، آثار قديمه تي ملڪي ۽ غير ملڪي اديبن مقالا پڙهيا ٽنڊي آدم ۾ ڪل سنڌ سگهڙ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي ،پاڻ سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جي قيام ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو ،سندس علمي ،ادبي ۽ تاريخي لکڻين کي سامهون رکندي پاڪستان اڪيڊمي تي ڪيس ميمبر ڪنيو ويو . سانگهڙ ضلعي جي آثار قديمه تي سندس مقالا مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن ،سندس لکڻين جو ڪو ڪتاب اڃا نه سگهيو آهي ،اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ سر سهڻي جو مطالعو ،حسن منصور حلاج جي شخصيت ۽ شاعري ،محبت جي مراد حقيقت ، ”عربي مان ترجمو ٿيل“ سانگهڙ ضلعي جا قديم دڙا شامل آهن سندس





سنڌ پرستي ڏانهن لاڙو رهيو آهي پاڻ شهداد پور ڪاليج جو مثالي ليڪچرار ۽ پرنسپل رهيو آهي ، پنهنجي سڀاجهڙي طبيعت، ليڪچر ڏيڻ جي منفرد انداز شاگردن سان اولاد جهڙو رويو رکڻ ، ڪاليج ۾ علمي ادبي سرگرمين لاءِ ڪوششون ڪرڻ ، شاگردن جو ادب ۽ سماجي ڪمن ڏانهن رجحان وڌائڻ لاءِ ڪوشش جي ڪري ڪاليج جي شاگردن ۾ هيرو جيترو مقبول رهيو سندس ليڪچر ڏيڻ جو انداز اهو هو ته جڏهن ليڪچر ڏيندو هو ڪلاس ۾ خاموشي ڇائنجي ويندي هئي تقرير ڪرڻ جو به وڏو فن رکندڙ سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان ٿيندڙ سيمينارن ۾ سندس شرڪت کي يقيني بنايو ويندو رهيو آهي. رٽائر ٿيڻ بعد پاڻ سماجي ڪمن ۾ ڪردار ادا ڪري رهيا آهن ڪجهه وقت ڪان طبعيت ناساز هئڻ جي باوجود پاڻ ادب ۽ علم لاءِ ڪم ڪن ٿا وٽس شاندار ڪتب خانو به آهي جنهن ۾ هر موضوع جا ڪتاب موجود آهن جيڪي سندس مطالعي هيٺ رهيا آهن.

## سنڌي ثقافت جو امين منظور احمد قناسرو

سنڌ ڌرتي پنهنجي ڪک مان ڪئين سپوت پيدا ڪيا آهن، جن پنهنجي فيلڊن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي نه صرف سنڌ ڌرتيءَ وارن جي خدمت ڪندي پنهنجو فرض ادا ڪيو آهي، پر پنهنجو نالو به ڪڍرايو آهي. اهڙن عظيم شخصيتن ۾ اڳوڻو ڊائريڪٽر جنرل سياحت کاتو حڪومت سنڌ منظور احمد قناسرو به هڪ آهي، پاڻ ثقافت کاتي ۾ ذهين، باصلاحيت، خوددار، جفاڪش، باهمت، فرض شناس آفيسر طور سڃاتو وڃي ٿو. پاڻ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سياحت ثقافت ڪان وٺي ڊي جي ثقافت، چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف ۽ ڊي جي سياحت تائين ايئرڪنڊيشن آفيسن ۾ ويهي آرام ڪرڻ بجاءِ کاتن ۾ بهتر تبديليون آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ڪوششون ڪامياب ويون آهن. پاڻ بهترين پلاننگ ڪندڙ عوام دوست آفيسر آهي. منظور احمد قناسرو 1-5-65 تي لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ قناسرا ۾ سائين محمد صفر قناسرو جي گهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾، اعليٰ تعليم لاءِ شاه عبداللطيف يونيورسٽي مان حاصل ڪئي. پاڻ 1986ع ۾ سرڪاري کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪئي، جيڪا اڃان سوڌو هلندڙ آهي. سندن بهترين ڪارڪردگي کي سامهون رکندي سنڌ سرڪار ڪيس

اوقاف کاتي جو چيف ايڊمنسٽريٽر پڻ مقرر ڪيو هو. پاڻ ثقافت کاتي ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، ڊپٽي ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽر لياقت ميموريل لائبريري ڪراچي به رهيا آهن. انهن مختلف عهدن تي رهڻ دوران سندن ڪارڪردگي نمايان رهي. ڊي جي ثقافت جي حيثيت سان سندس ذميوارين ۾ سنڌ جي تهذيب، ثقافت کي اجاگر ڪرڻ سوڌو ٻولي علم، ادب جي خدمت جهڙا موضوع شامل آهن. پاڻ نه صرف ادب دوست ۽ فنون لطيفه سان چاهه رکندڙ آهي، پر ان سان گڏ لکڻ پڙهڻ سان پڻ چاهه رهيو اٿس. بهترين ليکڪ هئڻ جي باوجود ڪڏهن به پاڻ کي بهترين ليکڪ نه سڏايو آهي، پر زميني حقيقتون اهي آهن ته پاڻ بهترين ليکڪ به آهي، هڪ ڪتاب ڀٽائي جو ثقافتي ورثو لکيو. هي ڪتاب بنيادي طور تي Compilation Work آهي. هن ڪتاب ۾ درگاهه تي ٿيندڙ ريتون رسمون، درگاهه ۽ لطف سان وابسته هنڌن جو مختصر پر جامع احوال آيل آهي. جڏهن ته ڪتاب ۾ ڪجهه اهڙا فوٽوگرافس شامل ڪيا ويا آهن، جن جو ماضي ۾ ڪوبه مثال نٿو ملي. هن ڪتاب جي لطيف سائين جي پارکن ۽ مشهور اديبن ساراهيو. هن ڪتاب جي اهميت افاديت کي نظر ۾ رکندي ثقافت کاتي پاران ڪيس هڪ لک رپيا انعام به ڏنو ويو ۽ ثقافت کاتي جي ان وقت جي صوبائي وزير قمر منصور ۽ سيڪريٽري مهتاب اڪبر راشدي وڏي تعريف ڪئي. بعد ۾ ان ڪتاب جو انگريزي ۾ ترجمو ڪري ڇپايو ويو. جڏهن ته منظور قناسرو ڪيترن ئي ڪتابن جو مرتب پڻ آهي. سندس ترتيب ڏنل ڪتابن ۾ ڀٽائي جو آدرشي انسان، سرڪوهياري، سرڪيڏارو، شاهه لطيف حيات و افڪار ۽ ٻيا لاتعداد ڪتاب شامل آهن. هڪ دفعي ڪچهري ۾ سندس ثقافت کاتي ۾ ڪارڪردگي بابت معلوم ڪيم ته هن چيو ته ثقافت کاتو ٻين کاتن جي ڀيٽ ۾ حساس آهي. جنهن جو سڌو سنئون تعلق اسان جي ثقافت سان آهي، جنهن ۾ اسان جي اٿڻي ويهڻي کان وٺي لباس، اسان جا ماڳ مڪان مطلب ته هر اها شيءِ جيڪا سنڌ سان لاڳاپيل آهي، ان ڪري اسان کي ڪوبه عمل ڪرڻ کان اڳ تمام گهڻي سوچ ويچار ڪرڻي پوي ٿي، ته جيئن ماڻهن ۽ ميڊيا جي تنقيد جو نشانو نه ٿيڻو پوي ۽ ثقافت کي صحيح رخ ۾ اڳتي وٺي هلجي. منظور قناسرو روايتي آفيسر نه آهي. سياحت کاتي ۾ ڊي جي ٿيڻ بعد سنڌ جي سياحت کي ترقي وٺرائڻ لاءِ ڪوششون قابل تعريف آهن. سندس ڪوشش رهي آهي ته



ورق ورق گلاب

کاتي جي ڪارڪردگي کي بهتر بنائجي، ماضي کان حال تائين ثقافت کاتي جي پروگرامن خاص طور لطيف سائين جي عرس مبارڪ ۽ حضرت قلندر لال شهباز ۽ ٻين بزرگن جي عرس مبارڪن ۾ ٿيندڙ محفل موسيقي ۽ ادبي، سگهڙ ڪانفرنس کي شاندار ڪامياب بنائڻ لاءِ نه صرف بهترين پلاننگ ڪندو رهيو آهي، پر پروگرامن جي ڪاميابي لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪندو آهي. اهوئي سبب آهي ته ثقافت کاتي ۾ سندس وڏي حيثيت آهي. جهڙي ريت ماضي ۾ حميد آخوند کي ثقافت کاتي جي جان سڏيو ويندو هو، ان ڪري جو هو خود ثقافتي ماڻهو هو، سنڌ جي ثقافت سان ان جو پيار هو، اهڙي ريت منظور قناسرو کي به ثقافت کاتي جي جان سڏيو وڃي ٿو. پاڻ ثقافت کاتي جي بهتري لاءِ پروگرامن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ايڪسترا ڪم ڪرڻ جهڙوڪ سندس فرض ۾ شامل هجي. سندس ڪوشش ۽ نيڪ صلاحن سان قمر منصور جي صوبائي وزير ۽ مهتاب اڪبر راشدي جي کاتي جي سيڪريٽري دوران، ساهتڪارن، ڪلاڪارن جي وظيفن ۾ به رڳو اضافو آندو ويو پر مالي سهائتا واري عمل کي پڻ آسان بنايو ويو ۽ مختلف شعبن لاءِ جدا جدا فنڊ رکيا ويا. جن ۾ ڪتابن جي اشاعت، ميلا ملاکڙا، ٻيون ثقافتي سرگرميون شامل آهن. ڀٽ شاهه ثقافت مرڪز جي ترقي توسيع ويجهه واڌ لاءِ وقت به وقت بهترين پلان جوڙي کاتي جي وزيرن، سيڪريٽرين کي ڏيندو رهي ٿو. سندس لطيف سائين سان حد درجي جي عقيدت به آهي. منظور قناسرو 2010ع ۾ اوقاف کاتي جو چيف ايڊمنسٽريٽر به ٿيو، ان وقت اوقات کاتي جو ڏيوالو نڪرڻ وارو هو. ملازمن جون ڪيترن ئي مهينن کان پگهارون بند هيون، ان وقت حڪومت سنڌ هن کاتي کي بچائڻ لاءِ منظور قناسرو کي روشني جو ڪرڻو سمجهي ان اميد سان چيف ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ۽ واقعي به هن ڪري ڏيکاريو. هن پنهنجي ذهانت محنت ڪوشش جدوجهد سان نه صرف درگاهن خاص طور ڀٽائي ۽ قلندر جي درگاهن جي نذراني جي آمدني وڌي پر هن لطيف جي درگاهه ۽ قلندر تي لنگر عام جو سلسلو شروع ڪيو. هن قلندر جي درگاهه تي وڏي تعداد ۾ اتي ٻيٺل بااثر ماڻهن جا ڏنبڙا ماڻهو جيڪي درگاهه جي خادمن جي روپ ۾ ويهندا هئا ۽ اتي زائرين کان نذراني جا ڏوڪڙ وٺندا هئا ۽ مزار تي پوندڙ سون ۽ وڏيون رقمون ڪٽي ويندا هئا، انهن کي هٽايو ۽ نذراني ۾ ٿيندڙ ڪرپشن ختم ڪئي، لطيف

جي درگاھ جي ڪتھڙي ۾ پونڌڙ سون ۽ وڏيون رقمون جيڪي هڙپ ڪيون وينديون هيون ۽ اتان آفيسرن جي لاءِ ملندڙ خرچ جي آڙ ۾ خردبرد ٿيندا هئا، هن اهو سلسلو ختم ڪرايو ۽ درگاهن تي صفائي سٿائي جو نظام بهتر بڻايو. جڏهن ڪرپشن ختم ٿي ته آمدني رڪارڊ ٽوڙ وڌي منظور قناسرو چاهي ها ته ماضي جي ڪجھ چيف ايڊمنسٽريٽرن وانگر مالا مال ٿي وڃي ها. اجان ڪرپشن جي خبر لهڻ ۽ ڪافي ڪرپشن هٽ ڪرڻ وارو سلسلو جاري رکيو ته خبر پئي ته جيڪڏهن اوقاف جي آمدني جو اڌ حصو به جمع ٿئي ته هي کاتو بچت ۾ هوندو. اهو سلسلو جاري هو ته ڪورٽ پاران پين ڪاتن ۾ ڪم ڪندڙ آفيسرن کي هٽائي پنهنجي ڪاتن ۾ موڪلڻ واري آرڊر اچڻ ڪري منظور قناسرو کي واپس ثقافت کاتو ۾ موڪليو ويو، جنهن ڪري اوقاف کاتي ۾ ڪرپشن ختم ڪرڻ ۽ ڪرپشن جا ڳجها طريقا هٽ ڪرڻ وارو سلسلو بند ٿي ويو ۽ اوقاف کاتو وري خساري ڏانهن وڌي ويو. اوقاف کاتي ۾ چيف ايڊمنسٽريٽري وارو سندس مختصر طور سونهري دور ليکيو ويندو. پاڻ هن وقت ڊي جي ثقافت جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، سندس اڻ ٿڪ محنتن ڪوششن سان کاتي جي ڪارڪردگي بهتر ٿي. منظور قناسرو پنهنجي ديس واسين جي خدمت ڪندي ۽ محنت کان پوءِ ملندڙ نتيجن تي خوش ۽ اهي ڳالهيون جيڪي ڪوبہ مقصد نہ ڏئي سگهن ۽ فضول ڳالهين تي بور ٿيندو آهي، واندڪائي ۾ تاريخ، ادب ثقافت بابت ڪتابن جو مطالعو ڪندو آهي. موسيقي سان سندس گهري دلچسپي رهي آهي. موسيقي شوق سان ٻڌندو آهي ۽ ان مان لطف اندوز ٿيندو آهي. سندس پسند جي فنڪارن ۾ استاد منظور علي خان، عابده پروين، محمد رفيع آهن. پاڻ خوش مزاج، سنجيده، رحم دل انسان آهن. دعا آهي تہ منظور قناسرو اجان وڌيڪ ترقي ڪري ۽ سنڌ جي ثقافت ۽ ان سان لاڳاپيل ڌرين جي خدمت ڪري. (آمين)

## گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ قائم سولنگي

ڪي گُل بيابانن ۾ ڦٽندا آهن ۽ بعضي اتي ئي گونچ ۽ پنکڙيون ڇاڻي ڇڏين، پر ڪي گُل پنهنجي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سان آسپاس جي ماحول کي معطر ڪري ڇڏين ٿا، سنڌ جي سرزمين مردم خيز رهي آهي، هتي ڪيئن رتن ۽ هيرا پيدا ٿيا، جن مان ڪي ڏٺاسين، ڪن سان جنم





گذارڻ جي ڪوشش ڪئي سين، هونئن بہ شخصيتون تاريخ جا پير ٿينديون آهن، هن ورقن ۾ گهڻ رخي شخصيت، فقير صفت ۽ جهانديد انسان "قائم سولنگيءَ" جو ذڪر ڪندس، جنهن جي زندگي پين لاءِ ٽڏي چانو مثل رهي آهي، جيڪو تاريخ جاگرافي، لطيف شناسي، قديم آثارن توڙي ٿر ۽ ميرپورخاص جي تاريخي ماڳن ۽ ثقافت تي هڪ اٿارٽي آهي.

جيئن جرمني ۾ سماج سڌارڪ "مارٽن لُوٿر" هاليند ۾ "آراسمس" ۽ فرانس ۾ مجاهد خاتون "جون آف آرڪ جي سماجي ۽ علمي خدمتن تي کين خراج تحسين پيش ڪيو وڃي ٿو، ائين ڊگهي عرصي کان مسلسل ميرپورخاص، عمرڪوٽ ضلعن ۽ ڏاڪٽي ٿر ۾ بي لوث ادبي، سماجي ۽ ثقافتي خدمتون سرانجام ڏيڻ تي ڪيس مختلف ڪميونٽيز جا ساڃاھ وند آديش ۽ جَسُ ڏيندا رهيا آهن.ايم آر ڊي تحريڪ وقت جمهوريت لاءِ هلچل هجي، پٺتي پيل طبقن جي انساني حقن جي ڳالھ هجي.سنڌ ۾ ڪڏهن ڏاڙيل فيڪٽر ان لاءِ قائم سولنگي قلم ذريعي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي.اهڙو ليکاري جنهن ادب جي مختلف صنفن ۽ موضوعن تي مضمون، مقالا ۽ اخباري ڪالم لکيا هجن، سندس نہ رڳو پنهنجا تحرير ڪيل ڪتاب "سامايل سوچ" پل پل پچارون ۽ پري پين پرو" ڇپيل آهن، ليڪن پين ليکڪن ۽ شاعرن جا مجموعا ڇپائڻ ۾ مرتب ۽ معاون رهيو آهي.جيئن "سمن جي سوچ" آشائن جا ديپ، يار خاطر، ڏاڙيل ڪئمپ، ٽنڊوالهيار جو سياستڪار "پورل شاھ" پبلڪ اسڪول ميرپورخاص ۽ زرعي ريسرچ کاتي پاران ميرپورخاص ۾ مينگو فيسٽول لاءِ سووينئر ڇپائڻ وغيره شامل آهن.

تعليمي رڪارڊ موجب قائم سولنگيءَ جو جنم 5 فيبروري 1958ع ۾ ڳوٺ سچيڏنو ورياھ، ديھ ماراني وايا ٽنڊوآدم هڪ پورهيت پليڏنو سولنگي جي گهر ۾ ٿيو، سندس ٻانگ جو نالو محمد حسين رکيو ويو جو پوءِ اڳتي هلي ادبي، سماجي ۽ صحافتي کيتر ۾ تخلص قائم سان مشهور ٿي ويو، پاڻ پرائمري پنج درجا ۽ ساڳئي ڳوٺ جي مدرسي ۾ مفتي فقير منٺار خاصخيلي وٽ قرآن شريف ۽ فارسي بہ پڙهيو، جڏهن تہ اٺين ڪلاس تائين گورنمينٽ شاھ عبداللطيف هاءِ اسڪول ٽنڊوآدم ۽ مئٽرڪ پروانشلائيزڊ هاءِ اسڪول (جيئندو هاليپوٽا وايا حيدرآباد) مان

1976 ۾ پاس ڪري انٽر تائين سٽي ڪاليج حيدرآباد ۽ بعد ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان فلسفي جي سبجيڪٽ ۾ ايم اي پاس ڪئي، بحيثيت پوزيشن هولڊر ڪيس ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ ٻن سالن لاءِ اعزازي ليڪچرار لاءِ آفر ٿي جتي پاڻ ”نفسيات “ جو سبجيڪٽ پڙهايائين.اهڙي طرح هن ايل ايل بي جي ڊگري بہ حاصل ڪئي. پاڻ ڳوٺ جو پهريون ٻار هو جنهن انگريزي تعليم حاصل ڪئي.هيءُ سنڌ ايمپلائيز سوشل سيڪيورٽي ۾ لطيف آباد ۽ پوءِ ميرپورخاص ۾ سينيئر ڪلارڪ رهيو ۽ بعد ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٿرپارڪر ۾ ايڪسپورٽ ٽيڪس شعبي ۾ انسپيڪٽر رهيو، ساڳي طرح پاڻ 98-1997 ۾ پبلڪ اسڪول ميرپورخاص ۾ پبلڪ رليشن آفيسر ٿيو.سولنگي صاحب اعزازي طور بيورو آف ڪيرا ڪيولم ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ طور بہ هڪ سال خدمتون سرانجام ڏيندو رهو.جنهن کي پوءِ خيرباد چئي، آل پاڪستان فيڊريشن آف ليبر ڪراچيءَ جي وفد سان ايران جي شهر تهران ۾ منعقد ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري مقالو پڙهيائين ۽ واپسيءَ تي اٽڪل ٻہ سال ڪراچي ۾ ئي رهيو ۽ ڪڏهن ٽيليوزن سينٽر تي پروگرام ڪچهري پارڪو ۽ ڪتڦار ۾ حصو وٺندي نظر ايندو هو.

قائم سولنگي ڪجھ عرصو صحافتي سٽ ۾ بہ رهيو، 1987ع ۾ هفتيوار اخبار”تعمير“ ميرپورخاص 1990 ۾ اخبار”عالم“ عمرڪوٽ ۽ 1993ع ۾ اخبار عوامي هلچل ڪوٽڙيءَ جو اعزاز ايڊيٽر پڻ رهيو ۽ گڏوگڏ روزانہ هلال پاڪستان ۾ چا ڏنم چا ٻڌم، عبرت اخبار ۾ ڳجھ ڳجهانڊر ڳالهڙيون“ روزانہ مهراڻ ۾ پچار ۽ سنڌ نيوز ۾ سيلانيءَ جي ڊائري عنوان سان ڪالم بہ لکندو هو ۽ وقت بوقت سندس لکڻيون روزاني آفتاب حيدرآباد ۽ اردو اخبار جنگ ڪراچي جي مدويڪ ميگزين ۾ پڙهڻ لاءِ ملنديون هيون.ان ڪانسواءِ 1980ع جي ڏهاڪي ۾ محقق معمور يوسفاڻي ۽ شاعر ولي سروريءَ سان ادبي قافلي ۾ رهڻ ۽ ڊاڪٽر هرچند راءِ عمر ڪوٽيءَ سان ٻانهن ٻيلي رهي ميرپورخاص ۾ ڊسٽرڪٽ ڪلچرل ايسوسيئيشن جي ميوزم لاءِ ثقافتي نشانيون سهيڙڻ ۾ هٿ ونڊائڻ ۾ برک زميندار ۽ محقق عبدالله ورياھ جي”پي ايچ ڊي“ لاءِ ٿيسز بعنوان سنڌ ۾ رائج قديم سڪا لاءِ ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ گڏجي سفر ڪرڻ ۽ ڄاڻ ۾ اضافو ڪرڻ، ڀٽ شاھ لطيف سائين جي عرس مبارڪ ۾ منعقد ادبي ڪانفرنس ۾شرڪت ۽ ڪڏهن مقالو پڙهڻ،


www.sindhsalamat.com



جيڪي ثقافت کاتي پاران ڇپايل ڪتابن ۾ موجود آهن، قائم سولنگيءَ اوائلي ڏينهن ۾ شاعريءَ تي بہ طبع آزمائي ڪئي ۽ شعرن ۾ پروفيسر محبوب”سروري“ کان اصلاح بہ وٺندو هو، هاڻ شايد وٿانئس شاعري وارو پڪي اڏامي ويو آهي.ميرپورخاص جي مشهور لائبريري يوسفيہ جنهن ۾ اٽڪل 42 هزار ڪتاب موجود ڇپيا وڃن ٿا. جي سرواڻ ڊاڪٽر يوسف ميمڻ جو هڪ تقريب ۾ برملا چيل جملو تہ” هن لائبريريءَ کي يادگار بڻائڻ ۾ محترم قائم سولنگي جو ساٿ رهيو، ويتر سندس وسيع مطالعي ۽ مشاهدي ماڻڻ جي ڪري هن جو شمار علمي اڪابرن تصوف ۽ سماجيات جي ڄاڻن ۾ ٿيڻ لڳو. اهو ئي سبب آهي جو ڪيس اسلام آباد ۾ اهل قلم ڪانفرنس هجي يا مشاهير علماءَ ڪانفرنس ۾ بحيثيت اديب ۽ محقق جي مدعو ڪيو ويندو آهي.ساڳي طرح هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي 86-1985ع دوران پروگرام سگهڙين سٿ، محفل شب، وحدت واري وائيءَ ۽ روح رهاڻ لاءِ اسڪرپٽ بہ لکيا، مختلف ادبي ۽ سماجي تنظيمن جو عهديدار رهي ادبي ميڙاڪا، مشاعرا ڪوٺائڻ، ثقافتي نمائشون ۽ ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ بہ سندس مشغلا رهيا آهن. اهو ئي سبب جو ڪيس ميجتا طور سرٽيفڪيٽ ۽ ايوارڊ بہ ملندا رهيا.هينئر بہ پاڻ عمرڪوٽ جي ”گلوبل“ ويلفيئر فائونڊيشن سان لاڳاپيل آهي، تازو سنڌ ثقافت کاتي جي تجويز سان ميرپورخاص ۾ آرڪيالاجي جي سوسائٽي جوڙي تاريخي ماڳن، ميوزم ۽ لائبريرين جي حفاظت ۽ واڌاري لاءِ ڪميٽي ۾ ڪيس بہ ميمبر نامزد ڪيو ويو آهي.جنهن جو چيئرمين ڪمشنر ميرپورخاص ڊويزن آهي.محمد حسين عرف قائم سولنگيءَ جي اها ڳالھ بہ قابل ستائش آهي تہ پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ناهي رهيو ۽ هو هميشہ غير متنازعہ رهيو آهي، البتہ ڪڏهن پاڪستان پيپلزپارٽيءَ تہ بعضي فنڪشنل مسلم ليگ توڙي مذهبي پارٽين جي جلسن ۾ اسٽيج سيڪريٽري طور ڪمپيئرنگ ڪندي نظر آيو، هن خود دار طبيعت رکندڙ يگاني انسان ڪيترن موقعن تي ڪي سٽيون لالچون قبول ڪرڻ بجاءِ حال مست رهڻ کي پسند ڪيوآهي. قائم سولنگي جيڪو سنڌي مارواڙي، سرائيڪي، اردو ، ٿري، ڍاٽڪي ۽ انگريزي ٻوليون ڳالهائي ٿو، شجري ۾ سندس ڏاڏو ميرل سولنگي، پڙڏاڏو تڳيو سولنگي ۽ پنجين پيڙهيءَ ۾ ٻُولو سولنڪي جو نالو ملي ٿو.

www.sindhsalamat.com

قائم سولنگي سان منهنجو پيار جو ناتو 1982ع کان رهيو آهي پاڻ محسن جهڙي عزت ڪري ٿو سنڌ ۾ ٿيندڙ ڪيترن ئي ادبي ثقافتي پروگرامن ۾ به گڏ ويندا رهيا آهيون. اسان جو هي دوست حسن پرست آهي. ڳالهائڻ جو وڏو ڏانءُ اٿس. پهرين ملاقات شهدادپور ۾ ٿي جيڪا دوستي ۾ بدلجي وئي.

## منفرد ڪالم نويس مير نادر علي ابڙو

لاڙڪاڻي ضلعي تي نظر وجهون ٿا ته مختلف شعبن ۾ ڪارناما سرانجام ڏيندڙ بيشمار شخصيتون جن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، بئريسٽر جان محمد جوڻيجو، محترمه شهيد بينظير ڀٽو، مولانا جان محمد عباسي، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي ۽ ٻيون بي شمار شخصيات جن جا نالا لکجن ته ڪتابن جا ڪتاب ڀرجي وڃن اهڙين ئي شخصيتن منجهان سنڌ جو نامور اديب دانشور، جج، سياستدان، سماج سڌارڪ تعليمدان ۽ بيباڪ صحافي ڪامريڊ تاج محمد ابڙو به هو، سندس خدمتون سنڌ واسين کان لڪيل نه آهن، سندن فرزند مير نادر علي ابڙو هوندي ته ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن آهي پر انهي کان علاوه سندس ڪردار سنڌ ۾ سماجي ورڪر، اديب ۽ ڪالم نويس طور مشهور آهي، مير نادر علي ابڙو جي پيدائش15 مئي 1970عتي لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿي سندس جي جمڻ کانپوءِ جلد ئي سندس والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ٿيو ۽ هو والد جي نوڪري سبب پهرئين درجي کان ميٽرڪ تائين مختلف اسڪولن ۾ پڙهيو ۽ پوءِ 1985ع ۾ سندس والد جي رٽائر ٿيڻ تي لاڙڪاڻي (ڳوٺ) واپس آيا ۽ باقي تعليم يعني ايم اي، (آءِ آر)، ايم اي پوليٽيڪل سائينس ۽ ايل ايل بي ڪري 1993ع ۾ وڪالت شروع ڪيائين، شروع ۾ مشهور وڪيل عبدالرزاق سومري جو جونيئر ٿيو بعد ۾ عبدالرزاق سومري جي دبئي ۾ سفير ٿيڻ ڪري برصغير جي ڏاهي ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي جي وڪالت ۾ پارٽنر ٿيو ڪيس سول جج ٿيڻ جو ڏاڍو شوق رهيو پر ڪن سببن جي ڪري سول جج ٿيڻ بجاءِ اينٽي ڪرپشن ڊپارٽمينٽ ۾ سرڪل آفيسر ٿي ويو، مير نادر علي ابڙو جڏهن ميٽرڪ پئي پڙهيو ته سندس والد وفات ڪري ويو والد جي وفات کانپوءِ باقي جيڪا به سندس تربيت ٿي ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي جي هٿ ۽ ڇانوءَ هيٺ ٿي. هي مرد مجاهد آهي ته





ايس پي اينٽي ڪرپشن پر اسان جي سنڌ جي روايتي پوليس ته شروع کان مشهور رهي آهي هتي ته سپاهي به ڪنڌ ۾ ڪلي لڳل، مغرور، آدم بوءِ هوندا آهن وري جڏهن هن پوليس آفيسر کي ڏسجي ٿو ته محسوس ٿئي ٿو ته جهڙوڪ ڪانءُ ۾ ڪبوتر ڦاٿو هجي جتي به سندس مقرري ٿي اتي ادبي ميلا مچايائين ۽ سماجي ڪمن ۾ مسڪين جهان خان ڪوسي وانگر ميدان تي لهي پئي ٿو مونکي اهو ڏينهن ياد اچي جڏهن ميرپورخاص ۾ مها ٻوڏ آئي ۽ شهر ۾ مهينن تائين پاڻي بيٺل رهيو انهن ڏينهن ۾ سنڌي اردو انگريزي اخبارن جي فرنٽ پيج تي هڪ گڏهه گاڏي تي ويٺل همراهه تي نظر پئي انتهائي حيرت ٿي انهي گڏهه گاڏي تي ڪو ٻيو نه بلڪه مير نادر علي ابڙو پنهنجي اسٽاف سان گڏ پاڻي سان ڀريل روڊ تي گڏهه گاڏي ۾ آفيس وڃي رهيو هو ڪجهه ڏينهن کانپوءِ فون تي انهيءَ جو سبب پڇيو مانس ته سنجيده ٿي چيائين ته يار ميرپورخاص ۾ ٻن ٽن مهينن کان روڊن، رستن، دڪانن، گهرن ۽ اسپتالن ۾ پاڻي ئي پاڻي هيو ميرپورخاص واسين جون فونن جي مٿان فونون هيون ته اوهان ڊويزن جا اينٽي ڪرپشن آفيسر آهيو اسان جي مدد ڪيو ۽ پاڻي ڪيرائي ڏيو منهنجي بار بار فونون ڪرڻ تي انتظاميه ڪا به دلچسپي ڪو نه ورتي پر جڏهن گڏهه گاڏي تي چڙهيم اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ پرنٽ ميڊيا تي آيس تي اعليٰ ايوانن ۾ ويٺل اهڙي خطرناڪ صورتحال ڏسي انتظاميا تي اهڙو ته ڏندو ڪينو جو مهينن وارو ڪم چند ڏينهن ۾ ٿيو. جڏهن ٿر ۾ ننڍين ٻارڙن جون اسپتال ۾ فوتگيون پئي ٿيون ته هن مرد مجاهد ميرپورخاص جي سيني اين جي اوز سان گڏجي پوسٽ آفيس چوڪ تي ٽينٽ هڻي امداد لاءِ ويهي رهيو. 2003 ۾ سندس ڪيل وصيت ته منهنجي مرڻ کانپوءِ منهنجون ٻئي اکيون، ٻئي گردا ۽ جگر ڪنهن غريب مسڪين پيرن اگهاڙن انسانن کي ڏنا وڃن ۽ باقي بچيل لاش ڪنهن ميڊيڪل يونيورسٽي کي ڏنو وڃي جتي ميڊيڪل جا شاگرد لاش جي چير ڦاڙ ڪري ڪجهه سکن ۽ انسان ذات جي خدمت ڪن سندس اهڙي وصيت ته مرڻ کانپوءِ به انسان ذات جي خدمت ڪيان، سچ پچ ته سندس هڏ ڪاٺ مٿانهون ڪري ٿي. ٿر جي ڏور انهين علائقي ننگر پارڪر ۾ قد مسڪين جهان خان ڪوسي جي نالي سان لائبريري قائم ڪري ٿو ۽ ان جو افتتاح پڻ ڪري ٿو. نري ميرواهه جهڙي پسمانده علائقي ۾ به لائبريري قائم ڪري ٿو ۽ ان جو افتتاح پڻ ڪري ٿو، ادبي ڪتابي ميلا

لڳرائي ٿو ان جا افتتاح ڪري ٿو، بزم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي پليٽ فارم تان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نامور ادبي، سماجي، مذهبي شخصيتن جون ورسيون ملهائي ٿو. 2001ع ۾ جڏهن عمرڪوٽ جو سرڪل آفيسر ٿي وڃي ٿو تہ ان وقت عمرڪوٽ ضلعو ختم ٿيڻ سبب سراپا احتجاج هو، ڪاروبار بند، روڊن تي جلسا جلوس، روڊ بلاڪ ۾ ٿائرن کي باهيون تہ هن حساس اديب پنهنجو قلم کڻي ٿو ۽ وزيراعظم پاڪستان مير ظفر الله خان جمالي سان مخاطب ٿيندي سنڌي، اردو اخبارن ۾ لکي ٿو تہ عمرڪوٽ ضلعو ڪڏهن بحال ٿيندو؟ جڏهن عمرڪوٽ ضلعو بحال ٿئي ٿو تہ جشن ضلعي بحالي عمرڪوٽ ۾ ضلعي بحالي جي جدوجهد ڪندڙن کي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد مظفر حسين شاهہ هن واحد ٻاهرين ضلعي لاڙڪاڻي جي پوليس آفيسر کي بہ ايوارڊ سرٽيفڪيٽ سان نوازي ٿو مها ٻوڏ ۾ حيدرآباد ڊويزن ۾ پڻ فقير صفت پوليس آفيسر ٻوڏ متاثرن جي مدد لاءِ ميدان تي سندرا ٻڌي نڪري ٿو ۽ ڪيس ميجتا ۾ پير مظفر الحق ان وقت جو سينيئر صوبائي وزير سنڌ ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ سان ڪيس نوازي ٿو. ڪيس سماجي ۽ ادبي خدمتن تي بي شمار ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽس سان نوازو ويو آهي پاڻ سنڌ صحافي سنگت سنڌ سان گڏ پاڪستان جي 150 کن سماجي ادبي ۽ صحافتي تنظيمن جو تاحيات اعزازي ميمبر بہ آهي سندس والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي ذاتي لائبريري سنڌ صوبي جي وڏين لائبريرين منجهان هڪ هئي باوجود لکين روپيا آڇ ٿيڻ تي بہ هن لائبريري ڪو نہ وڪي ۽ اڌ ڪتاب سر شاهنواز خان ڀٽو ميموريل لائبريري لاڙڪاڻي کي، عطيئي ۾ ڏئي ٿو ڇو جو انهي لائبريري جو بنياد وجهڻ ۾ سندس والد مرحوم جون تمام وڏيون ڪوششون ۽ ڪاوشون هيون ۽ اڌ ڪتاب سنڌ الاجي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو کي ڏئي ٿو تہ جيئن انهن ناياب ڪتابن منجهان سنڌ واسي فيضياب ٿين هن سنڌ جي منفرد شخصيت کي مون معزورن جي پيرن ۾ ويٺل ڏٺو، پينو فقيرن کي چميون ڏيندي ڏٺم، اسپتالن ۾ غريبن، مسڪينن جا آپريشنز ڪرائيندي ڏٺم، دوا رمل وٺرائيندي ڏٺم، غريب مسڪين نوجوانن کي پڙهائيندي ۽ سرڪاري نوڪريون وٺرائيندي ڏٺو هميشہ وڏي بيورو ڪرپٽ هوندي بہ هٿ ٻڌندي نوڙت مان ملندي ڏٺم ڪپڙو لٽو سادو پهريندي ڏٺم ۽ هن جي جيڪا خاص ڳالهہ جيڪا هن کي عام آفيسرن کان منفرد ٿي بنائي سان اها آهي تہ





اليڪٽرانڪ ميڊيا، پرنٽ ميڊيا تي تہ هي چانيل آهي ئي، پر هي سوشل ميڊيا جو راڻو آهي، سندس فيس بڪ تي بار بار پنهنجا سرڪاري توڙي پنهنجو ذاتي موبائيل نمبر ڏيڻ تہ ڪنهن کي بہ ڪو مسئلو آهي تہ مونسان ڊائريڪٽ موبائيل تي ڳالهائي. پاڻ صاحب ڪتاب آهي، سندس شخصيات جي حوالي سان سنڌ کي 3 مشهور ڪتاب سنڌ جا املهہ هيرا ڏيئي چڪو آهي ۽ شخصيات جي ئي حوالي سان شاهہ لطيف ڀٽائي (رح) بلڪل سچ چيو هو تہ:

ابڙو وڏ وڙو، سوڙو سمو، سونهن سيڻ،
تنهن در سڀ اچن، ڪنڌ نہ ڪڍي ڪچ ڏٽي.

اهڙيون شخصيتون ئي مشعل راهہ آهن مير نادر علي ابڙو هن سماج ۾ وڏو نالو ڪمايو آهي ۽ پڻ پنهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو پڻ نالو روشن ڪندو اچي.پاڻ بهترين ليکڪ طور مشهوري ماڻي چڪو آهي، سنڌ جي عوام جي مفادن وارن اشو ڪان وٺي سياسي، سماجي، عملي ادبي، صحافي ثقافتي شخصيتن جي جنم ۽ ورسين وارن ڏينهن تي سندن سوانع عمري ۽ سندن پنهنجي شعبن ۾ ڪيل خدمتن تي شاندار آرٽيڪل ڇپبا رهيا آهن، صوفانہ راڳ سان سندس حد درجي تائين دلچسپي رهي اهي، سهراب فقير، صادق فقير، عابده پروين، پٺاڻو خان وٽندڙ فنڪار آهن، هن ليول جا آفيسر دنيا جا ملڪ گهمڻ ويندا آهن پر پاڻ سڄي سنڌ گهمي آهي، سندس شادي سندس امڙ جي پاٽيجي صدرا ابڙو سان ٿي ڪيس 3 فرزند مير مهراڻ علي ابڙو، مير مدبر علي ابڙو، مير مزمل علي ابڙو آهن، شاگردي دور ڪان سياست ڪان پري رهيو آهي، ڪيس ننڍي هوندي ڪان پوپٽ گلاب جو گل ۽ سفيد ڪپڙا وٽندڙ اٿس.پاڻ منهنجو جگري يار آهي ڪيترائي ڪلاڪ ڪچهريون ڪندي خوشي ٿيندي آهي. سندس ڀيڻ زاهده ابڙو بہ وڏي ليکڪ آهي. ان جو علمي ادبي خدمتون قابل تعريف آهن.

## خوبصورت جذبن واري شاعره نسرين الطاف قريشي

بدقسمتي سان اسان وٽ شاعرن جي ڀيٽ ۾ شاعرائون تمام گهٽ آهن، شايد هتي اهڙو ماحول نہ جڙيو آهي جو مرد شاعرن وانگر وڏيڪ شاعر عورتون پيدا ٿين انهن تمام ٿورڙين شاعرائن ۾ ميڊم نسرين الطاف قريشي بہ هڪ آهي، مالڪ ڪيس وڏي ڏات ڏني آهي،

سندس شاعري ڪيترن ئي فنڪارن بہ خوبصورت انداز ۾ ڳائي آهي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، ايف ايم پٽ شاهہ نوري آباد، سانگهڙ، ٽنڊوآدم، لاڙڪاڻو، سچل ايف ايم خيرپور ۽ ٻين ريڊيو اسٽيشن ۽ تمام سنڌي چئنلن تي سندس شاعري ڪيترن ئي فنڪارن جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل هلندي رهي ٿي، جنهن ٻڌندڙن ۾ مقبوليت حاصل ڪئي آهي، سندس شاعري جو ڪتاب درد جي چانو سليٽ اشاعتي شعبو پاران ۽ سمبارا اشاعتي اداري پاران رڻ ٿو رڙيون ڪري ڇپيل آهن.هنن شاعري جي مجموعن پڙهندڙن وٽ وڏي مڃتا ماڻي آهي، سندس ڪهاڻين جو مجموعو بہ ڇپائي لاءِ تيار آهي. نسرين وٽ اڃان بہ ايتري شاعري آهي جو سندس شاعري جا 3 وڏيڪ مجموعا ڇپجي سگهن ٿا، سندس مختلف موضن تي ڪرنٽ اشو تي لاتعداد آرٽيڪل بہ شايع ٿيندا رهيا آهن، جيڪڏهن اهي گڏ ڪري ڇپائي تہ اهو بہ وڏو ڪتاب بڻجي ويندو.

نسرين کي آئون شاگردي واري دور کان سڃاڻان. سندس والد سائين الطاف حسين قريشي شهدادپور جو بهترين استاد هو، نسرين جو مامون شاهہ نواز قريشي انفارميشن کاتي جي ڊائريڪٽر ۽ سندس ماسڙ حامد علي قريشي مشهور اديب هو، سندس ادبي سفر ۾ بقول نسرين جي سندس رشتيدارن خاص طور والد جو ڀرپور سهڪار رهيو، نسرين نہ صرف بهترين شاعره پر اديب، ليکڪ بہ آهي. سندس ڪيتريون ئي ڪهاڻيون جئيرا جاڳندا ڪردار آهن. ڪاليج جي زماني ۾ نسرين ڪامريڊ جي نالي سان مشهور هئي. پاڻ ادبي سفر شاگردي واري دور کان شروع ڪيو وچ ۾ نہ ڇاڻ ڇو سندس ادبي سفر رڪجي ويو.

شهدادپور ننڍڙو شهر آهي، ماضي ۾ هتي ڪاليج ۾ شاگرد ۽ شاگردياڻين جي گڏيل تعليم هئڻ ڪري ڪيترائي والدين گڏيل تعليم جا مخالف هئڻ ڪري اهي نياڻين کي ڏهين ڪلاس کان پوءِ تعليم نہ ڏياريندا هئا پر نسرين پنهنجي ڪيترين ئي سهلين جي والدين سان ملي کين نياڻين کي وڌيڪ تعليم لاءِ آماده ڪيو، نسرين لبرل، ڪليل ذهن جي مالڪ آهي، سندس چهري تي هر وقت مُرڪ هوندي آهي. دل ۾ سوين سور سانڍڻ جي باوود مسڪرائيندي رهي ٿي.

سندس شاعري پيار ڪندڙ هر ماڻهو جي دل ۾ ٻيهي وڃي ٿي، کين نسرين جي شاعري سندس دل جو آواز لڳي ٿي.





پاڻ تعليم کاتي ۾بهترين استاد بهترين آفيسر تعليم کاتي ۾ سندس خدمتون اڻ وسرندڙ آهن . پاڻ اي ڊي او ميل سانگهڙ، شهدادپور، سنجهورو، ڪپرو، ٽنڊو آدم، ڄام نواز علي ۾ رهي آهي اتي گرلس اسڪول ۾ غير نصابي سرگرميون شروع ڪرايون ، اسڪولن ۾ ماحول جي آلودگي ختم ڪرڻ لاءِ وڻ لڳرايا جن اسڪولن ۾ نياڻيون گهٽ هيون يا جن ڳوٺن ۾ ماسترياڻيون تہ هيون پر شاگردياڻيون نہ هيون تہ پاڻ انهن علائقن ۾ علائقي جي سياسي سماجي شخصتن، والدين سان ملاقاتون ڪري کين آماده ڪيو ۽ سندس ڪوشش سان اسڪولن ۾ نياڻين جو تعداد وڌڻ لڳو. اي ڊي اي او جي حيثيت سان جتي بہ رهي اتي بند پيل اسڪول کولرايا، ماسترياڻين جي ويزا سسٽم تي ڪنٽرول ڪيو، اسڪولن ۾ تعليمي ماحول ۽ نظام سڌاريو. پا ڪستان جي قومي ڏينهن 14 آگسٽ تي جنم وٺندڙ نسرين الطاف پرائمري تعليم گورنمينٽ مين سنڌي اسڪول شهدادپور مان مڊل ڪان سيڪنڊري تائين گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول شهدادپور هاءِ سيڪنڊري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادپور بي اي ، ايم اي سنڌي ادب، ايم اي، پوليٽيڪل سائنس سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي. 85ع ۾ پرائمري ٽيچر طور تعليم کاتي ۾ آئي، بعد ۾ جي ايس ٽي ٿي، بعد ۾ اي ڊي اي او ميل مقرر ٿي مختلف اسڪولن ۾ هيڊ مسٽريس بہ رهي آهي شاعري ۾ ڪيترن ئي شاعرن سندس همٿ افزائي ۽ اصلاح ڪئي. شاعري جو شوق لطيف سائين، شيخ اياز، استاد بخاري، فيض احمد فيض جي شاعري پڙهڻ سان ٿيو. شروع ۾ ٻاراڻي شاعري شاگردي واري دور کان ڪئي بعد ۾ ٻاراڻيون ڪهاڻيون ۽ مضمون بہ لکيا. جيڪي گل ڦل، ٻارڙن جي ٻاري، گلڙن جهڙا ٻارڙا ۾ شايع ٿيا. وچ ۾ لکڻ ڇڏي ڏنو، وري 87ع کان لکڻ شروع ڪيو. هن شاعري ۾ غزل، وائي، بيت نظم، آزاد نظم، رباعي، 3 سٽا، 4 سٽا لکيا آهن. ليڪن غزل تي وڌيڪ عبور حاصل اٿس، سندس شاعري عبرت ميگزين، سنڌو ڊائجيسٽ، بختاور، سرتيون، هزار داستان، سوجهرو، ڪاوش، آفتاب، سرواڻ، سنڌ نيوز، الوحيد، تعمير سنڌ ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿي آهي، سندس ڪهاڻيون مضمون ڪرنٽ اشوز تي آرٽيڪل بہ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. نسرين بهترين ڪمپيئر بہ آهي، تقرير ۽ ڪمپيئرنگ ڪرڻ جو منجهس ڏانءُ آهي. جنهن بہ موضوع تي تقرير

ڪري ٿي تہ ٻڌندڙن ۾ جهڙو سڪتي تاري ٿي وڃي ٿي. سندس ڳالهايل هر لفظ موتين مالا هوندو آهي. لاتعداد علمي، ادبي، ثقافتي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ڪئي آهي، نسرين ڪي ٽي اين سنڌ ٽي وي، مهراڻ ٽي وي، ڌرتي ٽي وي، آواز ٽي وي، جي لاتعداد عورتن جي پروگرامن ۽ ٽاڪ شوز پروگرامن ۾ مهمان جي حيثيت سان حصو وٺندي مختلف موضوع ڪرنٽ اشو تي ڳالهائيندي رهي آهي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي 3 سال سگهڙين سٿ پروگرام جي ميزبان رهي، 2 سال ادبي پروگرام جي ميزبان رهي. سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد جي جوائنٽ سيڪريٽري بہ رهي آهي. حيدرآباد ۾ ٿيندڙ ادبي پروگرام جي ميزبان حيدرآباد ۾ ٿيندڙ ادبي پروگرامن ۾ سندس شرڪت کي يقيني بنايو ويندو آهي هر موضوع جا ڪتاب سندس مطالعي ۾ رهيا آهن. پاڻ صوفي ۽ فقير منش خاتون آهي راڳ جهڙو سندس روح جي غذا هجي. صوفياڻہ ۽ ڪلاسيڪل موسيقي شوق سان ٻڌي ٿي. عابده پروين، لتا منگيشڪر، سينگار علي سليم، سجڻ سنڌي، اميد علي خان، صادق فقير، رجب فقير، احمد مغل جيڪي سندس پسنديده فنڪارن ۾ شامل آهن. ڪيس گيتن منجهان ڪيچي قول ڪري ويا، جب سي توني مجهي ديونا بنا رکا هي وڻندڙ اٿس. نسرين جي پسند جي شاعري ۾ پٽ ڏٽي، احمد فراز، وصي شاهہ، شيخ اياز، حسن درس، روبينہ ابڙو، پروين شاڪر، استاد بخاري، فيض احمد فيض آهن.

نسرين الطاف نازڪ نفيس ۽ حساس دل عورت آهي. ڪنهن جو بہ ڏک ڏسي نہ سگهندي آهي. ڌيرج سان ڳالهائڻ واري نسرين مختصر ڳالهائي پر جيڪو ڳالهائي بهتر ڳالهائي. غريب ماڻهن ۽ غريب شاگردياڻين جي همٿ افزائي ۽ مالي مدد جهڙو سندس فرض ۾ شامل هجي. پاڻ سماجي ڪارڪن بہ آهي. سنڌ جي ثقافت سان محبت رکي ٿي شهدادپور جهڙي ننڍڙي شهر ۾ جتي سنڌ جي ٻين شهرن وانگر مرداڻو معاشرو قائم آهي. اتي هڪ عورت لاءِ علمي، ادبي، ثقافتي، سماجي سرگرميون شروع ڪرڻ ۽ حصو وٺڻ ڏاڍو مشڪل آهي. پر هن سماج جي ڪٺ ڪاڏل ريتن رسمن ۽ معاشري ۾ لڳندڙ ڪيئن من گهڙت الزامن کي هڪ پاسي رکي پنهنجو ادبي سفر جاري رکيو. ان جو ڦل اڄ ڪيس ان صورت ۾ مليو آهي تہ ادبي دنيا ۾ سندس هڪڙو نالو آهي. هن کي ڏسي ۽ هن جي همٿائڻ سان سانگهڙ ضلع جون ڪجهہ عورتن ادبي





دنيا ۾ ۾ پير پاتو آهي. نسرين سياسي دنيا ۾ ذوالفقار علي ڀٽو، شاعري ۾ شاهہ لطيف پنهنجي خاندان ۾ پنهنجي والد الطاف حسين قريشي کي آئيڊل سمجهي ٿي، زندگي جي وڏن ڏکن ۾ سندس والد الطاف قريشي ۽ جيون ساٿي مرزا شاهہ رخ جو وصال آهي، نسرين کي علمي، ادبي، سماجي خدمتن جي اعتراف طور سنڌ صحافي سنگت، ڀٽائي آرٽس ڪائونسل، مهراڻ آرٽس ڪائونسل، پهلا قدم آرگنائيزيشن، سافڪو، هينڊز، تعليم کاتو حڪومت سنڌ پاران ايوارڊ سرٽيفڪيٽ مليا آهن دعا آهي تہ نسرين جو ادبي سفر هلندو رهي. ”درد جي ڇانو ۾“ رڻ ٿو رڙيون ڪري جهڙا ٻيا بہ ڪيئن ڪتاب ادبي دنيا کي ڏي. سندس شاعري جي مجموعن ۽ سڄي سنڌ ۾ پڙهندڙن سٺي موٽ ملي آهي ڪيس پنهنجي شاعري مان هيٺيون شعر وڏيڪ وڻي ٿو.

ڇا ڪـنـدي ڌرتـتـيءَ، درد جـي ڇـانـو ۾،
رهــي زنــدگــي درد جــي ڇــانــو ۾.

ڪي ڪلڻ جون اسان سان نہ ڳالهيون ڪيو!
بــي وسـي بــي وسـي، درد جـي ڇـانـو ۾.

ڪـيـن سـنـسـار سڪ جـي جڳهہ تـو ڏنـي،
جـاءِ جــيــون وتــي، درد جــي ڇــانــو ۾.

جستجو جيءَ پنهنجي ۾ جرڪي سداءَ،
آس پـوري نـہ ٿـي، درد جـي ڇـانـو ۾.

سو خوشين جون اميدون ڪري ڪين ٿو،
جــو رهــيــو آدمــي درد جــي ڇــانــو ۾.

ديـپ دل مـنـجهہ، سـدائين ٻـرنـدو رهـي،
ٿــي اڇــي شــاعــري، درد جــي ڇــانــو ۾.

## مشهور صحافي ۽ ڊراما نويس حيات علي شاهہ بخاري

هڪ ئي وقت لاتعداد خوبين جو مالڪ سيد حيات علي شاهہ

بخاري بهترين ليکڪ، صحافي، مشهور مزاحيہ نگار،ڪالم نگار ناٽڪ نويس فلمساز اداڪار، هدايتڪار، سماجي ورڪر آهي. سندس ڏاڏو افغانستان مان سنڌ ۾ آيو ۽ هتڙي ۾ اچي آباد ٿيو ۽ اتي پنهنجو سيڏي جو دڪان کوليو ۽ لاشاري ذات مان شادي ڪيائين، سيد حيات علي شاھ بخاري 12 اپريل 1949ع تي سيد غوث علي بخاري جي گهر ۾ جنم ورتو. انٽر تائين تعليم حاصل ڪري زمين سنڀالي، پرائمري ۾ سندس استاد سيد صالح محمد شاھ جيڪو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڳوٺاڻي ڪچهري پروگرام ۾ فتح خان جي نالي سان مشهوري ماڻي، هيڊ ماستر سيد خدا ڏنو شاھ هو، جيڪو بعد ۾ پوليس ۾ آيو ۽ ايس ايس پي جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو، پنهنجي استاد سيد صالح محمد شاھ جا ريڊيو تي پروگرام ٻڌي کيس ريڊيو جي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ جو شوق ٿيو ان وقت فنڪارن ۽ اداڪارن کي ريڊيو پروگرامن ۾ اچڻ لاءِ آڊيشن پاس ڪرڻو پوندو هو. 1967ع ۾ آڊيشن پاس ڪري ريڊيو ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، سندس پهريون پروگرام مزاحيہ ڊرامو گلدستو هو. پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي 150 کان وڌيڪ ڊراما ڪيا آهن. سندس ساٿي اداڪارن ۾ هارون رند، الهہ بچايو لغاري، عبدالسلطان، ميڊم مهتاب راشدي، عبدالحق ابڙو، مشتاق مغل، جيجي زرينا بلوچ، زرينا شيخ ۽ ٻيا شامل هئا. پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد لاءِ ڊراما بہ لکيا، بعد ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچي، خيرپور ميرس لاءِ بہ ڊراما لکي رهيو آهي هن وقت تائين 250 کان وڌيڪ ريڊيو ڊراما لکيا آهن. انهن ڊرامن مان نواب سراج دولها، ٽيپو سلطان ۽ ٻيا تاريخي ڊراما ڏاڍا مقبول ٿيا، پاڻ لاتعداد مزاحيہ ڊراما بہ لکيا، هارون رند کيس فلمي دنيا ۾ وٺي ويو ۽ ڪراچي اسٽوڊيو ۾ اي ڪيو پيرزادو سان ملاقات ڪرائي ۽ ان جي فلم محبوب مٺا ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيو. بعد ۾ فلم جيجل ماءُ جي ڪهاڻي لکي ان فلم ۽ فلم رت جي راند جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پڻ ٿيو ۽ انهن فلمن ۾ اداڪاري بہ ڪئي، ان سان گڏ پاڻ پي ٽي وي تي پهرين ڊرامن ۾ ڪم ڪيو ۽ بعد ۾ ڊراما لکيا، ڪراچي مان کيس عنايت حسين لاهور فلم اسٽوڊيو وٺي ويو. اتي هن 2 سنڌي فلمون ديدار سڄڻ ، غريبن جو يار ناهڻ شروع ڪيون پر بدقسمتي سان اڌوريون رهجي ويون. ان بعد مشهور فلم دوغلا سندس ڊائريڪٽري ۾ ٺهي، جنهن ۾ سلطان راهي، آسيا، علائو الدين، افضال، عشرت چوڌري ۽





ٻين مشهور اداڪارن اداڪاري ڪئي، ان بعد هن سنڌي فلم پوتي ۽ پڳ ۽ سنڌو جو قسم فلم ٺاهي پر رليز نہ ٿي. پي ٽي وي تي سيريل خواب ۽ خواهشون، سولو پليز سنڌ ٽي وي لاءِ سريل ڊرامو چنڊ گرهڻ، آواز ٽي وي لاءِ ڪيترائي سولو پليز ڊراما لکيا آهن پاڻ 88ع ڌاري صحافت ۾ پير پاتو سنڌ نيوز، خادم وطن، ڪاوش ۾ ڪم ڪيو. ڪاوش ۾ پهريون فلمي ايڊيشن هن ڪڍيو. بعد ۾ عبرت ۾ آيو اڄ تائين اتي ڪم ڪري ٿو ۽ عبرت ۾ زرعي صفحو ۽ سندر صفحو ڪڍي ٿو. جڏهن تہ عبرت ۾ 30 سالن کان مزاحيہ ۽ سماجي قسم جا ڪالم ۽ آرٽيڪل لکندو رهي ٿو. کيس ريڊيو پاڪستان جو بهترين ڊراما ليکڪ جو ايڪسيلينس ايوارڊ ملڻ کانسواءِ سڄي سنڌ مان علمي، ادبي، ثقافتي، سماجي تنظيمن پاران ايوارڊ مليا آهن. سندس پسنديده اداڪارن ۾ دليپ ڪمار، علائو الدين فنڪارن ۾ لتا، نورجهان، عابده پروين ، سرمد سنڌي آهن. شروع ۾ پاڻ شاگرد بخاري جي نالي سان شاعري بہ شروع ڪئي، ڪجھ شعر بہ لکيا پر ان فيلڊ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو، شاگردي واري دور کان کيس ادب سان شوق رهيو آهي. تاريخي ، ادبي، اسلامي ڪتاب سندس مطالعي ۾ رهيا آهن. بانو قدسيہ جو ڪتاب راجا گدھ سراج الحق جو پڙاڏو سوئي سڏ پسنديده ڪتاب آهن. سندس ڊرامن ۾ راجڪماري جيڪا تاريخي سيريل هئي گهوٽ گهمي گهر آيو. خواب خواهشون وڌيڪ پسند آهن، سندس آئيڊل شهيد ذوالفقار علي ڀٽو آهي. حيات علي شاھ زندگي ۾ ڪيترائي عشق ڪيا پر پيار جي رڻ ۾ ۾ اڪيلو ئي رهيو آهي. اسان جو پراڻو دوست آهي سندس عبرت ۾ شايع ٿيندڙ هفتيوار مذاحيہ ڪالم خاص طور تي سنگت وارن تي چٽتي تنقيد ڪندو آهي. جنهن جو حقيقت سان ڪو واسطو ئي نہ هوندو آهي ليڪن شاھ صاحب دل جو صاف نيڪ نيت سڀ جو خير گهرڻ وارو آهي. ڪالمن ۾ جن تي ڪاوڙ هوندي اٿس ان جي بجاءِ اها ڪاوڙ دوستن مان ڪڍي ويندو آهي. سندس دوستن جو واسيع حلقو آهي.

## نرالي اسلوب وارو ليکڪ نواز ڪنڀر

نواز ڪنڀر جو شمار سنڌ جي بهترين ليکڪن ۽ محققن ۾ ٿئي ٿو. هي تاريخي ماڳ مڪانن، تاريخي واقعن تي باريڪ بينيءَ سان تحقيق ڪندو رهيو آهي. خاص طور ضلعي سانگهڙ جي تاريخي ماڳ

مڪانن، حر تحريڪ ۽ پين واقعن تي تمام سٺو لکيو آهي. پاڻ صحافي ، سماج سڌارڪ، ريڊيو ڪمپيئر بہ آهي. پاڻ 12 آگسٽ 1965ع تي ڳوٺ نواب اڪبر بگٽي ضلعي سانگھڙ ۾ محمد موسيٰ ڪنڀر جي گھر ۾ جنم ورتو، سندس خاندان جو اصل ڳوٺ تعلقہ ڇاڇرو ۾ آهي، سندس والد سندس خاندان جو پهريون لکيل پڙهيل ماڻهو هو، جيڪو ٽيليفون آپريٽر هو، بعد ۾ اتان ڇڏي ٺيڪيداري شروع ڪئي. نواز ڪنڀر جو نالو نواز علي ڪنڀر آهي، جڏهن تہ ڪيس شاعري جو جنون هو ۽ شاعري سکڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پاڻ ڪاوش تخلص اختيار ڪيو، شاعري ۾ عبور حاصل نہ ڪري سگھيو. پاڻ اخبار رسالن ۾ نواز ڪنڀر جي نالي سان لکڻ شروع ڪيو، پاڻ پرائمري ڪوٽ اڪبر بگٽي ڇهين ڪان ڏهين درجي تائين سانگھڙ هاءِ اسڪول، انٽر بي اي سانگھڙ ۾ ايم اي اڪنامڪس ۽ ايم بي رورل ڊولپمينٽ پرائيويٽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ڪئي. نواز ڪنڀر ننڍي هوندي کان ذهين، همدرد، اجاين ڪمن کان پري تعليم ڏانهن توجهہ ڏيندڙ رهيو. اسڪول ۾ ڪوئيز پروگرام ۾ شوق سان حصو وٺندو هو. ان لاءِ جڏهن ڪوئيز وارا ڪتاب پڙهيا تہ هن انهن ڪتابن ۾ پين ڪتابن جي فهرست بہ ڏٺي ۽ سندس دل اهي ڪتاب پڙهڻ لاءِ چيو ۽ سانگھڙ جي لائبريري مان ڪرائي تي ڪتاب حاصل ڪري والدين کان لکي پڙهڻ لڳو، هن جڏهن صديقي صاحب جو ناول خدا ڪي بستي جنهن تي بعد ۾ پي ٽي وي تي ڊرامو ٽيليڪاسٽ ٿيو ۽ وڏي مقبوليت ماڻي اهو ڪتاب پڙهڻ بعد سندس زندگي ۾ تبديلي آئي ۽ لکڻ جو شوق جاڳيو ۽ سندس پهرين ڪهاڻي گل ڦل رسالي ۾ شايع ٿي، ان بعد هن پيون بہ ڪيتريون ئي ٻاراڻيون ڪهاڻيون لکيون بعد ۾ جڏهن سندس والد وٽ پيل هڪ پراڻي ڪتاب تان هڪ ٻاراڻي ڪهاڻي ٿوري ڦير گهير سان اهو سوچي لکي تہ ڪتاب پراڻو آهي سندس اها ادبي چوري لکي ويندي پر سندس اهڙي ادبي چوري تي گل ڦل جي ايڊيٽر ايڊيٽوريل ۾ هن جو نالو لکڻ ڪانسواءِ اهڙي ادب چوري تي تنقيد ڪئي ۽ لکيو تہ ادبي چوري ڪندڙ لکندڙ اهڙيون حرڪتون ڪندا تہ کين بليڪ لسٽ ڪيو ويندو.نواز ڪنڀر جي گهرو حالتون سازگار نہ هيون،سندس والد ۽ والده ۾ اڪثر جهيڙا ٿيندا هئا. هن ماءُ ڪي حق تي هجڻ محسوس ڪندي ان جي سائيڊ وٺندو هو، گهر جي اهڙي ماحول ڪري ٽينشن ۾ مايوس رهڻ ڪري لکڻ وارو عمل بہ







رڪجي ويو. پاڻ 85ع ۾ سوشل ويلفيئر کاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو، بعد ۾ مارڪيٽنگ اسسٽنٽ طور ساڻس گڏ ڪم ڪندڙ هڪ ڇوڪري جنهن جا واسطا ان وقت جي وزير اعظم محمد خان جوڻيجو جي والده سان هئا ۽ ان جي معرفت ڪيس پي آءِ اي ۾ ڪارگو اسسٽنٽ جو آرڊر ٿيو اهو آرڊر ڪڻن لاءِ جڏهن اسد جوڻيجو وٽ پهتو تہ ان اٿندي هن ڪان سوال ڪيو تہ ڪنهن جا مريد آهيو. جڏهن هن ٻڌايو تہ مخدوم سرور نوح رح جو تہ هن جو نڪتل آرڊر روڪي ڇڏيو. ان بعد نواز ڪنڀر نئين روشني اسڪول جو سپروائيزر ٿيو. اهو پروگرام ختم ٿيڻ بعد هاءِ اسڪول جو ڊرائينگ ٽيچر بعد ۾ جي ايس ٽي بعد ايچ ايس ٽي ٿيو، بعد ۾ ڪميشن پاس ڪري 93ع ۾ ليڪچرار ٿيو، پهريون آرڊر شهدادپور ڪاليج ۾ ٿيو، ان بعد سانگھڙ ڪاليج ۾ وچ ۾ ڊپٽي ڊي او ڪاليجز بہ ٿيو، هن وقت سانگھڙ ڪاليج ۾ آهي. ادبي دنيا ۾ سندس ڊگهي ماٺار بعد 1995ع کان پيهر لکڻ شروع ڪيو، مختلف اشوز ، مختلف موضوع تي هن وقت تائين سندس لاتعداد مضمون ۽ تاريخي ماڳ مڪانن، شخصيتن تاريخي واقعن تي آرٽيڪل ، عبرت، ڪاوش، عبرت ميگزين، عوامي آواز، سنڌ، مهراڻ، جيجل، افيئر ميگزين ۽ پين اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. نواز ڪنڀر هر لوڪ ادب، ڏات تي بهتر انداز ۾ ڪم ڪيو آهي. جهونن ماڻهن جي سيني ۾ سانڍيل تاريخي واقعا انهن سان ڪچهريون ڪري لکيا آهن، پاڻ حر تحريڪ، ماحوليات، تبديلي ، تعليم، عورتن جي حقن، مسئلن، مختلف شهرن جي تاريخ، لطيف سائين جا سانگھڙ ضلعي ۾ پنڌ ۽ پيچرن ۽ پين موضوع تي تمام گهڻو لکيو آهي. سندس خواهش رهي آهي تہ هو افسانہ ، ڪهاڻيون، ناول بہ لکي پر سندس اهي خواهشون اڌوريون رهيون. ڪوشش جي باوجود ان ۾ ڪامياب نہ ويو. شروع کان تحقيق سان سندس دلچسپي رهي آهي. سندس چوڻ موجب سنڌ جي تاريخي ماڳن، قديم شهرن تاريخي واقعن جن تي تمام گهٽ تحقيق ٿي آهي. جيڪا تحقيق ٿي آهي اها ان ليول تي نہ ٿي آهي. جنهن ليول تي ٿيڻ گهرجي. لوڪ ڏاهپ تي عبدالقادر جوڻيجو کان متاثر ٿي لکڻ شروع ڪيو، تحقيقي ڪم اشتياق انصاري کان متاثر ٿي ڪيو ۽ انهن کان سکيو تہ تحقيقي ڪم ڪيئن ڪجن. ان لاءِ اڳواٽ تياري ڪيئن ڪجي. اڇڙي ٿر کي متعارف ڪرائڻ ۾ نواز ڪنڀر جو ڪردار رهيو آهي. اڳ اڇڙي ٿر ۽

اڇڙي ٿر جي اسرارن بابت ماڻهن کي گهڻي معلومات هئي پاڻ اڇڙي ٿر کي عام ماڻهن تائين متعارف ڪرائڻ لاءِ اڇڙي ٿر ۾ شاندار اٺ ميلو ڪرايو ۽ ميڊيا کي اتي وٺي ويو. اڇڙي ٿر ۽ اتي تاريخي ماڳ مڪانن، خوبصورت قديم ڍنڍن بابت سندس ڪافي تحقيقي آرٽيڪل مختلف اخبارن، رسالن ۾ شايع ٿيا آهن. پاڻ بهترين مقرر به آهي، ڪيترن ئي سماجي تنظيمن سان به وابسته آهي، پاڻ ايف ايم سانگهڙ جي ٻن مقبول پروگرام اهڃاڻ ڳالهائين ٿا ۽ سنڌ نامون جو ميزبان پڻ آهي، سنڌ نامون ۾ سنڌ جي تاريخي ماڳ مڪانن تاريخي واقعن تي مبني پروگرام آهي. ان ۾ تاريخ جي ڄاڻ رکندڙ شخصيتن کي گهرايو ويندو آهي. نواز ڪنڀر ماضي ۾ بهترين ڪرڪيٽر به رهيو آهي. ڪيس راڳ سکڻ جو شوق هئڻ جي باوجود نه سکي سگهيو، پاڻ مشهور بينجو نواز استاد آغا کان بينجو به سکيو پر سکيا مڪمل ٿيڻ کان اڳ استاد آغا خبر ناهي ڪيڏانهن هليو ويو. پاڻ بلوچستان ۾ استولا ٻيٽ تي به ويو، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته سورهيه بادشاهه کي ڦاهي ڏئي ڪيس اتي دفن ڪيو ويو. هن اتي وڃي تحقيق ڪئي، جتي جهونن ماڻهن سان ملاقاتون ڪيون، جن پنهنجي وڏن کان ٻڌل ڳالهيون ٻڌايون ته واقع سورهيه بادشاهه کي هتي سپرد خاڪ ڪيو ويو. پر ڪجهه ڏينهن بعد سندس ميت وارو تابوت هتان ڪڍي ڪراچي طرف ڪٺي ويا. نواز ڪنڀر حر تحريڪ تي ڪافي تحقيق ڪئي آهي، سندس چوڻ آهي ته وطن يا ڪفن واري حر تحريڪ ۾ انگريز خلاف ويڙهه ڪانسواءِ سروري جماعت ۽ ٻين ماڻهن سان به زيادتيون ٿيون آهن، انهن تي تحقيق ٿيڻ گهرجي، ان بابت ڪميشن ويهڻ گهرجي، نواز ڪنڀر کي ماڻهو روڊ طبعيت، چڙ چڙاڪ وڏائي ڪندڙ سمجهن ٿا، ليڪن اهڙن دوستن جي سمجهه جو فرق آهي. نواز ڪنڀر سنجيده، همدرد يار ويس، هر دلعزيز ڪل پوڳ ڪرڻ وارو آهي، ليڪن پاڻ اصول پرست غلط ڳالهه تي ها ۾ ها نه ملائڻ وارو، سچ کي سچ ڪوڙ کي ڪوڙ چوڻ وارو آهي، فرمائشي پروگرام وارو ليڪڪ نه آهي. مختصر ڳالهائي ٿو پر جيڪو ڳالهائي بهتر ڳالهائي ٿو. سندس ادبي، تحقيقي ڪم تي ڪافي تعداد ۾ ايوارڊ مليا آهن. پاڻ مهتاب اڪبر راشدي جي ڪمپيئرنگ کان متاثر آهي. پاڻ سنڌي ادبي سنگت سميت ڪافي ادبي ثقافتي تنظيمن ۾ر هيو آهي پر اتي به اصولن جي سودي بازي نه ڪرڻ، سچ حق جي ڳالهه ڪرڻ ڪري ڪيس انهن تنظيم





مان هٽايو ويو. علي محمد راشدي جو ڪتاب اهي ڏينهن اهي شينهن سندس پسند جو ڪتاب آهي، نصير مرزا جي نثر لکڻ جي انداز کان به متاثر آهي، سندس لکڻين جا 8 ڪتاب ڇپيل آهن جن ۾

Traditional ecological knowledge دادو ضلعي جو ماحولياتي جائزو آبهوا تبديلي جو ٿرپارڪر ضلعي تي اثر، 2010ع جي ٻوڏ جا مثبت اثر، پٽائي جا پنڌ ۽ پيچرا ماحولياتي لوڪ ڏاهپ، اڇڙو ٿر

Sabul en bahram jamali جڏهن ته 2 ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾ آهن، سندس چوڻ اهي ته سندس ادبي تحقيق ڪم ۾ سندس گهر واري ۽ سندس نياڻي دانيال جو سهڪار به شامل آهي، نواز ڪنڀر کي 2 پٽ 2 نياڻيون آهن، ، نواز ڪنڀر پي ٽي وي تي نيوز ڪاسٽر به رهيو، سندس خواهش آهي ته پاڪستان ۾ رهندي سنڌ خوشحال رهي شاهوڪار سنڌ جي عوام غريب آهي. ڪيس فنڪارن ۾ مڪيش بيحد پسند آهي، وٽس مڪيش جا ڳايل تقريبن گيتن جون ڪيسٽون موجود آهن.

## گهڻ پاسائين شخصيت سيد ذوالقرنين شاهه

سيد ذوالقرنين شاهه کي جيڪڏهن هڪ ادارو چئجي ته واڌارو نه ٿيندو. هڪ ئي وقت لاتعداد خوبين جو مالڪ آهي پٺ شاهه جي ادبي ثقافتي سياسي سماجي ۽ ريڊيو جي دنيا ۾ سندس جو هڪڙو نالو آهي پاڻ اهڙو نالو ائين نه ڪيڍرايو آهي. انهن شعبن ۽ هن پنهنجو وقت ۽ ذهن ڏنو آهي. هنن شعبن ۾ هن مسلسل جدوجهد محنت ڪئي آهي پاڻ بهترين صحافي نامور ليکڪ لطيف جي رسالي جو پارکو سماجي ڪارڪن سياستڪار موسيقي جو ڄاڻو ڪمپيئر تقرير جو ڏانءُ رکندڙ بهترين مقرر آهي جيترو سنجيده ٿڌي مزاج ۽ سهپ وارو آهي ايترو جذباتي به آهي. جڏهن ڪو غلط ڳالهه ڪندو آهي يا ڪوڙ ڳالهائيندو آهي ته جذباتي ٿي ويندو آهي پاڻ اين جي اوز جي دنيا ۾ به رهيو آهي وڏين وڏين اين جي اوز سندس خدمتون حاصل ڪنديون رهيون آهن پاڻ ننڍي هوندي کان ڪتابن جو ڪيڙو رهيو آهي هر موضوع جا ڪتاب سندس مطالعي ۾ رهيا آهن سا ڻس 1980ع کان نياز مندي رهي آهي فخر آهي ته هو منهنجو ڪافي عرصي کان بهترين دوست آهي

۽ پيج پٽائي ميگزين جي حوالي سان مواد مشورن جي حوالي سان سهڪاري رهيو آهي لطيف سائين ۽ لطيف جي نگري جي حوالي مواد جي حوالي سان سندس سهڪاررهيو آهي ڪڏهن ڪڏهن اسان جا پاڻ ۾ ننڍا ننڍا اختلاف بہ ٿيندا رهيا آهن پاڻ درياء دل آهي طبيعت جي لحاظ کان دوستن کي موڊي بہ لڳندو آهي تہ خوش مزاج بہ سنجيده بہ هيا پاڻ دنيا جي جنهن بہ موضوع تي ڳالهائي باقائده دليلن سان ۽ ڪتابن جي حوالن سان آئون ڪيس پٽ شاهہ جي انسائڪلوپيڊيا سڏيندو آهيان، پاڻ 1960ع ۾ 6 جنوري تي پٽ شاهہ جي پير محلي ۾ سيد حسين شاهہ جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ ڊبل ايم اي آهي، شاگردي واري دور کان ڪيس لکڻ پڙهڻ جو شوق رهيو.

سندس ڪرڪيٽ سان بہ ننڍي هوندي کان شوق رهيو آهي. پٽ شاهہ جي شاگردن ۾ ڪرڪيٽ ۽ ٻين راندين جو شوق پيدا ڪرڻ لاءِ پٽائي اسپورٽس ڪلب قائم ڪئي ۽ ان کي رجسٽرڊ ڪرايو. ڏهين ڪلاس جو شاگرد هو تہ اخبارن ۾ آرٽيڪل لکڻ شروع ڪيا. ايڊيٽر جي ٽپال ذريعي پٽ شاهہ جي بنيادي مسئلن کي اُجاگر ڪيو. 75ع ۾ آفتاب اخبار کان صحافت شروع ڪئي، بعد ۾ عبرت جو بہ رپورٽر ٿيو.بقول سندس تہ 1967ع ۾ پ پ جو هالا ۾ ڪنوينشن جي موقعي تي جيڪو محفل سينيما هالا ۾ ٿيو قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو سان ملاقات ڪري پ پ ۾ باقاعده شموليت اختيار ڪئي. هالا ڪنوينشن کان پهرين ڀُٽي صاحب درگاهہ پٽائي تي حاضري ڀري هئي. 73ع ۾ سپاف پٽ شاهہ جو صدر جي حيثيت سان سياست ۾ پير پاتو. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم جي حيثيت سان پٽ شاهہ ايئرپورٽ تي لٿو تہ ذوالقرنين شاهہ هيلي پيڊ تي ملاقات ڪئي ۽ ڪيس گذارش ڪئي تہ پٽ شاهہ جي مڊل اسڪول کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو وڃي، ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪم تي ان وقت جي سنڌ جي وڏي وزير ممتاز علي ڀٽو هفتي اندر نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ۽ بلڊنگ منظور ڪئي، 1976ع ۾ پ پ پٽ شاهہ جو صدر ٿيو. سپاف ۽ پ پ پٽ شاهہ جي صدر جي حيثيت سان ڪيترن ئي غريبن جي اولاد کي نوڪريون ڏياريون، عوامي سماجي ڪم ڪيا.

جڏهن ايم آر ڊي تحريڪ شروع ٿي تہ پاڻ ان تحريڪ ۾ ثابت قدم رهيو. جلسا جلوس ڪيا، 23 آگسٽ 1983ع تي 10 ساٿين سان





گڏ پٽ شاهہ مان گرفتاري ڏني، 5 مهينا سينٽرل جيل حيدرآباد رهيو، ان بعد پارٽي جي حڪم تي ضمانت ڪرائي پاڻ1985ع کان1997 تائين بي بي ايل بئنڪ ۾ آفيسر رهڻ جي باوجود سياست، ادب ۾ اهو ئي سرگرم رهيو. پاڻ ڪافي عرصي کان نواءِ وقت اخبار جو رپورٽر پڻ آهي، هڪ صحافي جي حيثيت سان هن علائقي جا مسئلا معاشرياتي مسئلن، ڪرپشن خلاف لکي پاڻ کي بهترين صحافي طور مڃايو آهي، پاڻ شاهہ لطيف تي 200 کان وڌيڪ تحقيقي مقالا، مضمون لکيا آهن. جڏهن تہ ٻين موضوع تي ۽ لاتعداد اشوز تي پڻ آرٽيڪل لکيا آهن، سندس آرٽيڪل مضمون عبرت، ڪاوش، هلال پاڪستان، عوامي آواز ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا، پاڻ سنڌي ٻولي جي خودمختيار اداري جي ان ڪميٽي جو بہ ميمبر آهي، جيڪا اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا تي سنڌي ٻولي جي غلط لفظن جي نشاندهي ڪندي غلطيون ڪڍي انهن ادارن ڏانهن موڪليندي آهي تہ سنڌي اردو يا ٻين ٻولين جا لفظ ڏنا ويا آهن. پاڻ شاهہ لطيف پٽائي ريسرچ سينٽر (سيل) جو اعزازي انچارج آهي. ڪيترن ئي ادبي، سماجي، ثقافتي تنظيمن جو اعزازي ميمبر پڻ آهي، جيڪي ماڻهو صوفين تي خاص طور لطيف سائين تي پي ايچ ڊي ۽ ايم فل ڪرڻ چاهين پيا يا اسائيمنٽ وارا آهن، انهن جي مدد ڪندو رهيو آهي. پاڻ ايف ايم پٽ شاهہ جو 2008ع کان ڪمپيئر بہ آهي ايف ايم تي ڪيترائي پروگرام ڪيا آهن ۽ ڪري رهيو آهي ايف ايم تي ، علمي، ادبي، سياسي، سماجي شخصيتن جا انٽرويو بہ ڪيا آهن. مشهور ڳوناٽو پروگرام مجلس ماروئڙن جو ميزبان بہ آهي. ڪيس موسيقي جي وڏي ڄاڻ آهي. پاڻ شوقيہ طور هر قسم جو راڳ ڳائي بہ ٿو. پاڻ شاهہ سائين جي ڪلام جو پارکو بہ آهي. ڪيس مختلف علمي، ادبي، ثقافتي تنظيمن ۽ ادارن پاران ڪيس مڃتا طور ايوارڊ بہ مليا آهن. ۽ 2005ع ۾ ثقافت کاتي پاران لطيف سائين تي ڪم ڪرڻ ئي ثقافتي مرڪز پٽ شاهہ جي گولڊن جوبلي جي موقعي تي ڪراچي ۾ ٿيل تقريب ۾ ايوارڊ ڏنو ويو. جيڪو گورنر سنڌ هٿان وصول ڪيو. شاهہ لطيف چيئر يونيورسٽي آف ڪراچي وارن 2005ع ۾ سندس خدمتون حاصل ڪندي ڪيس ريسرچر مقرر ڪيو، جتي 3 سالن تائين ڪم ڪيو، جنهن ۾ پٽ شاهہ جي تاريخ تهذيب، تمدن، جاگرافي بابت مواد ڏنو، ان مواد جي مدد شاهہ شاهہ لطيف جا ڪجهہ واليم ڇپيا آهن، ان جا ڪُل

11 واليم آهن، جن ۾ پين اديبن غلام علي الانا، ڊاڪٽر فهميده حسين، نواز علي شوق، تاج جويو ۽ پين جو بہ مواد شامل آهي.

1995 ع ۾ سندس مدد سان اڳوڻو ڊي جي ثقافت منظور قناسرو پاران شايع ڪيل ڪتاب "ڀٽائي جو ثقافتي ورثو" شايع ٿيو، ان ڪتاب تي منظور قناسرو کي ثقافت کاتي پاران هڪ لک رپيا انعام ڏنو ويو.

سندس وڏي کان وڏي خواهش اها آهي تہ ڀٽ شاهہ شهر کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جنهن انداز ۾ جديد شهر بنائڻ چاهيو پئي اهڙو ئي شهر بنايو وڃي. سندس لطيف جي نگري جي تعليمي ادارن کي مثالي بنائڻ لاءِ بہ هر طرح سان ڪوششون ڪندو رهي ٿو. سچ لکڻ جي ڪري مٿس ڏکيا ڏينهن بہ آيا آهن. سندس خواهش آهي تہ لطيف سائين جي شهر ۾ علم ادب عام ٿئي. جهالت پري ٿئي، . سندس آئيڊيل شخصيت ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد بينظير ڀٽو، ادب ۾ محمد ابراهيم جويو، پير علي محمد راشدي، جي ايم سيد، شاعرن ۾ لطيف سائين، شيخ اياز، سوز هالائي، احمد خان مدهوش، ڀٽ شاهہ جي شخصيتن ۾ سيد غلام مهدي شاهہ ولد سيد شاهہ ڏنو شاهہ، انجنيئر پير محمد ساند، محمد الياس ملاح، ڪيس فنڪارن ۾ استاد جُمن، استاد محمد ابراهيم، فقير عبدالغفور وٽندڙ آهن. ڪيس سائين جي ايم سيد جو ڪتاب جنب گذاريم جن سين حسام الدين راشدي جو اُهي ڏينهن اهي شينهن پسند اٿس. 2012ع ۾ آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ لطيف سائين جي راڳ تي پروگرام ٿيو، ان ۾ 3 مشهور راڳين حصو ورتو. اُن مقابلي ۾ ذوالقرنين شاهہ بہ حصو ورتو ۽ پاڻ نمبر ون تي آيو.

1978ع ۾ پاڻ گورنمينٽ سروري اسلاميہ ڪاليج هالا ۾ شاگرد يونين جي چونڊن ۾ اڪثريت سان جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ۽ ڪاليج جا مسئلا حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪاليج ۾ نياٽين جي پڙهڻ جو ماحول پيدا ڪيو. پاڻ صوفي يونيورسٽي ڀٽ شاهہ مان صوفي ازم ۾ ماسٽر ڊگري پڻ حاصل ڪئي آهي.

## بهترين سماج سڌارڪ شاعر ۽ تعليمدان ولي محمد دانش جتوئي

ولي محمد، جنهن کي هاڻي اسين سڀ دانش جتوئي جي نالي سان سڃاڻون ٿا. ڀٽائي جي ڀونءِ جو هي باشندو بظاهر هڪ سادو سودو پنهنجي ڪم سان ڪم رکندڙ اسانجي نظر ۾ پهنجي آفيس جي ڪمري





۾ ليپ ٽاپ تي راند ڪندي نظر ايندو آهي. پر اها پي ڳالهہ آهي تہ هن جو ڪم ڪرڻ جو طريقہ ڪار ايڪيهين صدي جي اصولن تحت آهي ۽ هي انٽرنيٽ جي وسيلي دنيا سان ڳنڍيل رهي ٿو ۽ تعليم جي ترقي لاءِ جاکوڙيندو رهي ٿو. هي اڄوڪي سنڌ جي انهن چند سڃاڻ ماڻهن مان هڪ آهي جنهن کي دنيا سڃاڻي ٿي. دانش جتوئي کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ برطانيہ جو2 ڀيرا چونڊجندڙ وزير اعظم ٽوني بليئر کيس پنهنجو دوست سمجهي ٿو ۽ مختلف موقعن تي هن سان رابطي ۾ رهندو آهي.دانش جتوئي آءِ ٽي پروفيشنل آهي، هن ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪندي، 2007 کان اڄ تائين پاڪستاني اسڪولن جي شاگردن ۽ استادن کي آمريڪا، برطانيا، آسٽريليا، انڊيا، انڊونيشيا، فلپائين، عمان، يو اي آءِ جي ٻارن کي وڊيو ڪانفرنس ذريعي ڊائيلاگ ڪرايا آهن، دانش سان منهنجي سڃاڻپ اڄ جي نہ آهي. ڪيس تڏهن کان سڃاڻان جڏهن هن کان دنيا اڃان اڻ واقف هئي. ڪجهہ ٻار ٻالڪپڻي کان ئي هوشيار ۽ ناماچار هوندا آهن ۽ شايد دانش بہ انهن خوشنصيبن مان هڪ هو جنهن تي ڏات ڏڻي پهنجي مهربانين جا پلر پلٽي ڇڏيندو آهي. دانش بہ روايتي نوجوانن وانگر مهراڻ يونيورسٽي مان انجنيئر ٿيڻ پي چاهيو پر قدرت کي ڪجهہ ٻيو ئي منظور هو ۽ دانش انجنيئر ٿيڻ بجاءِ آ ٽي پروفيشنل ٿي ويو ۽ گلوبل وليج جو باشندو بنجي ويو. دانش انهن ڏينهن ۾ ڪمپيوٽر سائنس پڙهيو جڏهن ڪمپيوٽر جي تعليم اڃان عام نہ ٿي هئي.

دانش جتوئي 4 جنوري 1973 تي نوشهري فيروز ضلعي جي درياءَ ڪناري ننڍڙي ڳوٺ بکري جي هڪ هاري محمد اسماعيل جتوئي جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس والدين 1985 ۾ ڀٽائي جي محبت ۾ ڀٽ شاهہ ۾ آباد ٿيا ۽ هاڻي ڀٽ شاهہ جا ئي ٿي رهجي ويا آهن. دانش پهنجي تعليم ڀٽ شاهہ جي هاءِ اسڪول ۽ سروري اسلاميہ ڊگري ڪاليج هالا مان حاصل ڪئي. پروفيشنل تعليم سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف مئٿميٽڪس ۽ ڪمپيوٽر سائنس مان 1997 ۾ حاصل ڪئي2005 ۾ ٿاماست يونيورسٽي بئنڪاڪ ٿائيلينڊ مان پيس ائنڊ ڪنفلڪٽ رزاليوشن جو ڪورس ڪيو ۽ 2009 ۾ نئشنل ڪاليج آف اسڪول ليڊر شپ ناٽنگهم برطانيا مان اسڪول ليڊر شپ جو ڪورس ڪيو.دانش جي ٽريننگ برٽش ڪائونسل، ٽوني بليئر فاونڊيشن، ۽

گلوبل نوميڊس گروپ آمريڪا مان هجڻ جي ڪري هن جي سوچ صاف ستري ۽ ذهن ڪليل آهي. هن جا عقيدا پختا ۽ سياسي سماجي سوچ عوامي آهي. دانش ٽيڪنالاجي جو ماڻهون هجڻ جي باوجود لطيف جذبن وارو شاعر بہ آهي سندس شاعري تي ڄامشوري جي ڇڙواڳ هوائن ۽ اتي جي اپسرائن جو وڏو هٿ آهي جن هن جي اندر جي شاعر کي جاڳائي ڇڏيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي دانش هڪ خوبصورت شاعر بڻجي ويو. دانش غزل، نظم، ۽ وائي جي صنفن تي لکيو آهي ۽ ڪجھ آزاد نظم پڻ لکيا آهن پر بنيادي طور تي ڪيس غزل پسند آهي. دانش جي شاعري تي شيخ اياز، امداد حسيني ۽ استاد بخاري جي شاعري جا پاڇا نظر اچن ٿا، جنهن جو سبب هو پاڻ ئي ڄاڻي ٿو.

دانش ايم ايس سي جي ڊگري ملڻ کان پوءِ ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ سمنڊ ڪناري آباد هن شهر جي سپين مان موتي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. 1997 ۾ ڪراچي ۾ ڪمپيوٽر جي ليڪچرار جي حيثيت سان پاڪستان ايئر فورس جي ڪاليج ۾ پڙهائڻ جو موقعو مليس، جنهن کان پوءِ بحريا ڪاليج، علي ڳڙھ انسٽيٽيوٽ، ۽ زيبسٽ ۾ پڙهايائين.دانش 1999 ۾ پاڪستان ايمبيسي ڪاليج تهران ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. تهران جي پاڪستان ايمبيسي ڪاليج ۾ پڙهائيندي دانش کي ڪوڙ ساري مڃتا ملي، ڪاليج جي شاگردن جي ڪمپيوٽر ايگزيبيشن ۾ گولڊ ميڊل کٽڻ کانپوءِ دانش ڇڻ تہ ڪمپيوٽر جو هيرو بڻجي ويو، ان اعزاز ۾ ايران جي سرڪار هنکي اعزازي طور تي تهران جي سڀني اسڪولن لاءِ آءِ ٽي ايڊوائيزر مقرر ڪيو جيڪو هڪ پاڪستاني لاءِ اعزاز کان گهٽ نہ هو.بقول دانش، تهران ۾ ڪم ڪندي مونکي ان ڳالھ جو احساس ٿيو تہ مونکي پاڪستان واپس وڃي پهنجي ڳوٺ جي تعليم جي بهتري لاءِ ڪجھ ڪرڻ گهرجي ۽ هڪ دانش مان گهڻا دانش پيدا ڪرڻ گهرجن. دانش کي ايران کان واپس موٽي اچڻ تي منسٽري آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ڪلسٽر ڪائونسل مان اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي نوڪري ملي ۽ هو اسلام آباد هليو ويو. سرڪاري ادارن جي ڪم ڪرڻ جو نرالو انداز ڏسي دانش اسلام آباد کي خير آباد چئي پٽ شاھ موٽي آيو ۽ 2004 ۾ هڪ پرائيويٽ اسڪول دي سٽيز اسڪول پٽ شاھ جو بنياد رکيو. جيڪوهن وقت انٽرنئشنل اسڪول جي حيثيت رکي ٿو. هي اسڪول برطانيا، آمريڪا،





آسٽريليا، ڪئناڊا ، انڊيا ۽ دنيا جي ٻين سڌريل ملڪن جي اسڪولن ۽ تعليمي ادارن سان لاڳاپيل آهي. دانش کي آمريڪا، انگلينڊ، اسڪاٽلينڊ، ۽ ويلس جا سڀئي نالي وارا شهر ڏسڻ جو موقعو مليو آهي جن ۾ نيويارڪ، واشنگٽن ڊي سي، نيو جرسي، لنڊن، برمنگهم، ليڊس، مانچيسٽر، اسٽيفرڊ اپان ايوان، بريڊفورڊ ، آڪسفورڊ، ڪيمبرج ۽ ٻيا ننڍا وڏا شهر شامل آهن جتي جي تعليمي ادارن مان سکيا ملڻ جو موقعو مليو اٿس.دانش جو يقين آهي تہ امن کان سوا دنيا جي سڄي ترقي ڏوڙ ۽ ڏڏڙ مثل آهي. ان ڪري هو پهنجي طور تي ڪوشش ڪندو رهي ٿو. هن هڪ ننڍڙي تنظيم پيس ايجوڪيشن جي نالي سان ان خواب جي ساڀيان لاءِ کولي آهي جيڪا پاڪستان ۽ دنيا جي مختلف ملڪن جي شاگردن کي پاڻ ۾ وڊيو ڪانفرنس ذريعي ڊائلاگ ڪرائي ٿي تہ جيئين اهي هڪٻئي جي ويجهو اچن تہ جيئين ذهنن مان نفرتون ڪڍي سگهجن دانش جو موسيقي سان گهرو لڳاءُ آهي. بهترين شوقيہ راڳي آهي. دوستن جون محفلون دانش جي ڳائڻ ڪانسواءِ اڌوريون هونديون آهن پاڻ شاھ لطيف سچل سرمست بلا شاھ، شيخ اياز، استاد بخاري مخدوم طالب المولىٰ، امداد حسيني، فيض محمد فيض، وصي شاھ، حسن درس، آڪاش انصاري ۽ ٻين شاعرن جي خوبصورت شاعري ڳائي محفل ۾ ويٺلن کي جهومائي ڇڏيندو آهي پٽ شاھ ۾ راندين جي سرگرمين کي وڌائڻ لاءِ سندس ڪوشسون قابل تعريف آهن پاڻ خود ڪرڪيٽ جو بهترين رانديگر آهي پٽ شاھ ۾ ادبي ثقافتي سرگرمين کي زور وٺرائڻ لاءِ بہ سندس ڪوششون قابل تعريف آهن، سندس ڪوشش سان پٽ شاھ ۾ ادبي ثقافتي ڏينهن بہ ملهايا ويا آهن شيخ اياز جي پٽ شاھ ۾ ملهائيندڙ ورسي جي حوالي سان سندس ساٿ ۽ ڪوششون بہ اڻ وسرندڙ آهن پاڻ پٽ شاھ ۾ سماج سڌارڪ طور بہ سڃاتو وڃي ٿو وقت بہ وقت پٽ شاھ ۾ امن امان جي خراب صورتحال سماجي برائين خلاف ۽ بنيادي مسئلا حل ڪرڻ جي حوالي سان عوامي سجاڳي جي حوالي سان عوام ۾ جاڳرتا ريليون بہ ڪيڏرائيندو رهيو آهي. پاڻ دنيا جو ادب پڙهي ٿو جن ۾ سياست سماجيات مذهب نفسيات فلسفو لسانيات آٽوبايوگرافي جا ڪتاب پڙهيا آهن وٽن ننڍڙي پر چونڊ ڪتابن جي لائبريري پڻ آهي پاڻ پٽ شاھ ۽ آسپاس جي غريب ٻارن جي والدين سان ملاقاتون ڪري ڪين ٻار پڙهائڻ جو شعور ڏيندو رهي ٿو

۽ جاڳرتا پيدا ڪندو رهي ٿو. ڪيس هڪ فرزند احسان دانش 2 نياڻيون ڪائنات دانش ۽ خوشبو دانش آهن. سندس خواهش آهي تہ سندس ٻار معاشري ۾ اهڙو ڪردار ادا ڪن جو دنيا ڪين عزت ڏي انهن جي ڪري سندس نالو بہ عزت احترام سان ورتو وڃي پاڻ شاگردن ڪان وٺي عام ماڻهن تائين انساني حقن جي ڄاڻ ڏيندو رهيو آهي پاڻ ايف ايم ڀٽ شاهہ جو شروعات ۾ مختلف پروگرامن جو انائونسر بہ رهيو آهي پاڻ ڪيترائي علمي ادبي سماجي ثقافتي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ بہ ڪندو رهيو آهي پاڻ بهترين مقرر پڻ آهي هر موضوع تي بهتر ۽ متاثر ڪندڙ انداز ۾ تقريرون ڪري ٿو.

## بهترين استاد ، شاعر، ليکڪ ۽ ڪمپيئر معشوق ڏاريجو

معشوق ڏاريجو سنڌ جي خوبصورت شهر قاضي احمد ويجهو ڳوٺ شير خان ڏاريجو ۾ 15 آڪٽوبر 1968ع تي ننڍڙي آبادگار ۽ علائقي جي مثالي هاري الهہ ڏنو ڏاريجو جي گهر ۾ جنم ورتو. هي جڏهن ڇهين درجي ۾ هو تہ اخبارن ۾ ايندڙ ٻارڙن جا صفحا وڏي شوق سان پڙهندو هو. بعد ۾ هي سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيندڙ ٻارڙن جي ماهوار رسالي گل ڦل جو مستقل خريدار ٿيو. ٻاراڻي ادب جي مطالعي ڪيس لکڻ جو اتساهہ پيدا ڪيو ۽ ڇهين درجي ۾ ئي پاڻ ٻاراڻو نظم لکيو، جنهن جا ٻول هي آهن.

گلڙن جهڙا سهڻا ٻار،
جن سان ڪري ٿو سڀ ڪو پيار،
ٻول انهن جا ٻاتا ٻاتا،
ڪلن ٽڙن جڻ ڪتڻهار.

معشوق ڏاريجي شاعري جي سکيا ۽ رهنمائي پنهنجي ڇهين درجي جي ڪلاس ٽيچر مشهور شاعر ۽ اديب تاج جويو ڪان حاصل ڪئي . معشوق ڏاريجي جو چوڻ آهي تہ هو ادبي دنيا ۾ جيڪي ڪجهہ آهي سو تاج جويي جي همٿ افزائي جي ڪري آهي. پاڻ شاعري جي سڀني ئي صنفن تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهي. ليڪن شاعري ۾ هن وڌ ڪان وڌ وايون لکيون آهن، ڪيس وائي لکڻ تي وڏو عبور حاصل آهي. پاڻ شاگردي دور ۾ ٻاراڻي ادب ۾ تمام گهڻو ۽ تمام سٺو لکيو ان زماني ۾ سندس ٻاراڻي شاعري ۽ ٻاراڻيون لکڻيون گل ڦل، آفتاب، عبرت، هلال





پاڪستان ۽ ٻين اخبارن جي ٻارن جي صفحن ۾ شايع ٿيون هن وقت وٽس واين ۽ ٻاراڻي شاعري جو مجموعو تيار آهي. جيڪو ڇپجڻ جي انتظار ۾ آهي. پاڻ بهترين شاعر سان گڏ بهترين لکيک بہ آهي. پاڻ سنڌ جي ٻرندڙ اشوز ڪانسواءِ سماج جي ڪٽ ڪاڏل ريتن رسمن ڪان وٺي سنڌي موسقي ۽ ٻاراڻي ادب تي بہ مختلف اخبارن رسالن ۾ لاتعداد مضمون لکيا آهن. ان ڪانسواءِ پاڻ اديبن جي ڪهاڻين، ناول ۽ شاعري جي مجموعن جا مهاڳ بہ لکيا آهن، سندس شاعري ڪي مشهور ۽ اڀرندڙ فنڪارن ڦوٽو زرداري ، ممتاز لاشاري، مولا بخش مري، لطيف چانڊيو، دلشير تيوڻيو، ماستر ولي ، عنايت مري، سڪندر رند، وزير عمراڻي، يوسف پنهور، اعجاز خاصخيلي، علي حسن خاصخيلي ۽ ٻين فنڪارن ڳايو آهي. هنن مان ڪافي فنڪارن ڪيسٽن ۾ سندس ڪلام رڪارڊ ڪرايو آهي. سندس ڪلام ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، خيرپور ميرس، مهراڻ ٽي وي ۽ ٻين سنڌي چئنلن تي بہ نشر ٿيندو رهيو آهي. پاڻ ٽن سالن ڪان وڌيڪ عرصو ريڊيو پاڪستان ڀٽ شاهہ تي ادبي پروگرام، موسيقي جو پروگرام ۽ هڪ فنڪار پروگرام جو ڪمپيئر بہ رهيو. مهراڻ ٽي وي تي يڪتاري ڇيڙي جي فنڪارن جي رهاڻ جو بہ ميزبان رهيو. معشوق ڏاريجي قاضي احمد سميت سنڌ اندر ٿيندڙ تقريبن چار سئو ڪان وڌيڪ علمي ادبي ، ثقافتي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ڪئي آهي. سندس ڪمپيئرنگ ڪرڻ جو انداز نرالو ۽ منفرد آهي. پاڻ علائقي جا سماج سڌارڪ بہ آهن، پاڻ گورنمينٽ هاءِ اسڪول قاضي احمد ۾ استاد آهن. پاڻ شاگردن ۾ بہ مقبول آهي. سندس پڙهائڻ جو طريقو بہ بهترين آهي. جنهن سان شاگردن ۾ اتساهہ وڌي ٿو. پاڻ ايم اي سنڌي ۽ ايم ايڊ آهن. سندس ادبي خدمتن جي مڃتا طور قاضي احمد، سڪرنڊ ۽ ٻين شهرن ۾ ساڻس چار پنج رهاڻيون ملهائجي چڪيون آهن. جڏهن تہ هن مختلف علمي، ادبي، سماجي ثقافتي تنظيمن پاران ويهارو ڪان وڌيڪ ايوارڊ ماڻيا آهن. مختلف رسالن ، اخبارن ۾ علمي ادبي شخصيتن جا لاتعداد پروفائيل لکيا آهن. پاڻ پروفائيلن تي مبني ڪتاب ڏور مَ ڏيئان ڏار، ماءُ ڪاهوڙي هليا "عثمان فقير فن ۽ شخصيت" شاهنواز خاصخيلي سان گڏ ۽ روشني جو سفر قاضي احمد جي تعليمي تاريخ تي شايع ٿيل آهن. پاڻ اديبن، شاعرن ڪي پنهنجون لکڻيون شايع ڪرڻ ۽ ساچاهہ وند ڏرين ڪي پنهنجي آٽو گرافي لکڻ لاءِ پڻ همٿائيندو رهيو آهي. پاڻ

سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي آڊيٽر ۽ خزانچي، سنڌي ادبي سنگت ضلعي نوابشاهه جو رابطه سيڪريٽري، سنڌي ادبي سنگت شاخ قاضي احمد جو ڪيترائي ڀيرا سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي. سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم کان به ڪوڙ سارا پروگرام ڪرائڻ ڪانسواءِ دستوري گڏجاڻيون ڪرايون آهن. پاڻ به سئو کان وڌيڪ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مختلف تنظيمن پاران ٿيندڙ علمي، ادبي ۽ ثقافتي پروگرامن ساجاهه وند ڏرين سان ملهائجندڙ رهاڻين ۾ محفل صدر، مک مهمان،معزز مهمان،اعزازي مهمان طور شريڪ ٿيو آهي. تقرير ڪرڻ جو معشوق ڏاريجي کي وڏو ڏانءُ آهي. پاڻ بهترين مقرر آهي. جڏهن ته پروگرامن ۾ ڳالهائيندو آهي ته پنڊال ۾ خاموشي ڇانئجي ويندي آهي. معشوق ڏاريجي جي شاعري ۾ پيار، محبت، رومانٽڪ کان وٺي معاشري جي عڪاسي، سنڌ پرستي نظر اچي ٿي.

معشوق ڏاريجي کي ٽي پٽ عاشق علي، ڪاشف علي ۽ مصور علي ۽ چار نياڻيون آهن، سنڌس شادي سنڌس سئوٽ حسينه (سهڻيءَ) سان ٿيل آهي. معشوق ڏاريجي شاعري ۽ ادب جي سفر ۾ لاتعداد نوجوانن جي رهنمائي ڪئي آهي جن ۾ عنايت بروهي، مولائي ملاح ۽ محبوب رضا راهو جا نالا قابلِ ذڪر آهن. معشوق ڏاريجي وٽ قاضي احمد ۾ معشوق ڏاريجو لائبريري قاضي احمد جي نالي سان پنهنجو شاندار ذاتي ڪتب خانو پڻ آهي .

## هڪ معتبر ۽ محبوب انسان محمد عظيم ڪنڀار

سنڌ جي تاريخي شهر عمرڪوٽ کان تقريبن 8 ڪلوميٽر پري چور روڊ ويجهو قديم زماني کان آباد ڳوٺ ڪارڙو چارڻ جيڪو هن وقت هڪ ننڍڙو شهر آهي. ڳوٺ ڪارڙو چارڻ جو تاريخي پس منظر ماضي حال خود هڪ تاريخ آهي، هن ڳوٺ وارن جو چوڻ آهي ته مارئي پالوا جي نه پر هن ڳوٺ جي هئي ۽ جنهن کوهه تان عمر هن کي کنيو هو اهو کوهه به ان ڳوٺ ۾ آهي. جڏهن مارئي کي عمر واپس موٽايو ته ان بعد مارئي جا مائٽ هتان لڏي پالوا وٽ وڃي وينا هئا. جيڪو پالوا ۾ مارئي جو کوهه ٻڌايو وڃي ٿو ممڪن آهي ته اهو مارئي سان ان حوالي سان منسوب هجي ته پالوا ۾ رهڻ دوران ان کوهه تان پاڻي ڀريندي هجي پر جنهن کوهه تان عمر کيس زوري کڻي ويو اهو کوهه ڪارڙو چارڻ ۾ ئي





آهي.

ڳوٺ ڪارڙو چارڻ ۾ ڪنڀارڪي ڏنڌي جو هڪ مشهور ڪاريگر ۽ علائقي جي ڪنڀار برادري جو پٽيل حاجي محمد بچل ڪنڀار غريب هئڻ جي باوجود علائقي جي مشهور شخصيت هو پاڻ سخي اوطاقي، مهمان نواز هو. 18 سيپٽمبر 1970ع تي کيس فرزند عطا ٿيو، جنهن جو نالو محمد عظيم ڪنڀار رکيو ويو محمد عظيم بي اي پاس ڪري پرائمري استاد ٿيو بعد ۾ سول انجنيئر ۾ ڊپلوما ڪرڻ بعد ايل بي او ڊي ۾ سرويئر رهيو. بعد ۾ بلڊنگ کاتي ۾ سرويئر ٿيو. کيس ننڍي هوندي کان ادب ۽ چترڪاري سان شوق رهيو،سنڌس ڀاءُ پروفيسر عبدالقيوم ڪنڀار ان دور ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهندو هو، جنهن جو ادب سان لڳاءُ هو هر موضوع جا ڪتاب سنڌس مطالعي ۾ رهندا هئا. عظيم ڪنڀار اهي ڪتاب پڙهندي کيس لکڻ جو شوق ٿيو، شروع ۾ ڪهاڻيون به لکيون، پاڻ بهترين شاعر به آهي. شاعري جي تقريبن صنفتن تي لکيو آهي پر غزل وڌيڪ لکيا آهن. شاعري جو شوق لطيف سائين ۽ مخدوم طالب الموليٰ جي شاعري پڙهڻ ڪري ٿيو. پاڻ بهترين چترڪار به آهي، پاڻ ڪيترن ئي شخصيتن جون تصيرون به ٺاهيون، پاڻ ڪافي عرصي کان هڪ ڪتابي سلسلو جاري رکندو اچي پاڻ ڪجهه عرصي کان حضرت مخدوم سرور نوح جي ساليانه عرس مبارڪ، حضرت مخدوم طالب الموليٰ جي ورسين تي ۽ مخدوم نويد الزمان ۽ مخدوم امين فهيم جي وصال تي خصوصي ايڊيشن شايع ڪيا، جڏهن ته پاڻ پنهنجي ڳوٺ جي تاريخي پسمنظم، ماضي حال ۽ ڳوٺ جي ساجاهه وند ڏرين تي خاڪن تي مبني ڪتاب "پرين پگهه چوڙيا" نالي سان شايع ڪيو آهي. سنڌس ڪوشش سان ڳوٺ ۾ مخدوم طالب الموليٰ لائبريري قائم ٿي آهي. جنهن جو افتتاح 2015ع ۾ مخدوم امين فهيم ڪيو، لائبريري جا 2 ڪمرا سابق ايم پي اي علي مراد راڄڙ جي اسڪيم مان تعمير ڪرايا ۽ پاڻ پنهنجي خرچ تي 500 کان وڌيڪ ڪتاب خريد ڪري ڏنا آهن، ڪجهه اخبارون به گهرائي ٿو، محمد عظيم ڪنڀار پلوڙ آرٽيڪيڊ به آهي. پاڻ دوستن کان وٺي عام ماڻهن تائين فري ۾ جڳهن جا نقشا ٺاهي ڏيندو آهي. پاڻ علائقي جو سماج سڌارڪ به آهي، علائقي جا سماجي ڪم ڪندي خوشي محسوس ڪري ٿو. کيس 4 فرزند هڪ نياڻي آهي. کيس مطالعي جو وڏو شوق رهيو آهي هر قسم جا ڪتاب مطالعي ۾ رهيا

آهن. سفر ۾ بہ پاڻ سان گڏ ڪتاب گڏ ڪٽندو آهي.

پاڻ بزم طالب المولىٰ ۾ شامل آهي. سندس ڪوشش سان عمرڪوٽ، ميرپورخاص ۽ ٻين ڪيترن ئي ضلعن ۾ بزم طالب المولىٰ جون شاخون قائم ٿيون آهن. پاڻ علائقي جي تاريخي ماڳ مڪانن تي تحقيق بہ ڪئي آهي. پاڻ مارئي کير هئي ڪتان جي هئي تي بہ تحقيق ڪئي آهي. سندس مختلف شخصيتن جي بايو گرافي تي مبني ڪتاب پڻ ڇپجڻ وارو آهي. سندس ڪوشش سان سندس ڳوٺ ۽ علائقي جي ڳوٺن جا ڪافي مسئلا حل ٿيا آهن. پاڻ سادو سٻاجهڙو ليڪن انتهائي ذهين وڏو مهمان نواز والد وانگر وڏو سخي ۽ اوطاقي پڻ آهي.

**شاعر،سماجي ڪارڪن ،صحافي ۽ هڪ کرو انسان محمد ظفر بخاري**

محمد ظفر بخاري صحافتي، ادبي دنيا جي چاتل سڃاتل شخصيت آهي پاڻ شهدادپور جا سماجي ڪارڪن بہ آهن،سندس هڪ سڃاڻپ هي بہ آهي تہ هو کرو انسان آهي، بقول هڪ دوست جي تہ ظفر بخاري ٿورو ڪٽو ٿورو مٺو ٿورو ڪڙو آهي. سندس عمل سندس ڪجھہ عادتون سندس طبعيت جهڙي طبعيت وارا تہ پسند ڪن ٿا پر ڪافي ماڻهن کي اهي پسند ناهن، هر ڳالهہ تي ليڪچر ڏيڻ، بحث ذريعي پنهنجي ڳالهہ مڃرائڻ ۽ سندس ان خواهش تہ جهڙي طرح هو زندگي گذاري ٿو سندس گهر وارا بہ ڪيس فالو ڪن وارن ڳالهين تي ڪڏهن ڪڏهن سندس گهر وارا بہ ٿورو تنگ ٿي پوندا آهن پر ڪيس ڪنهن ڳالهہ جي پرواهہ نہ هوندي آهي. مختلف ضلعن ۾ جن اخبارن جون ايجنسيون هن وٽ آهن ادارن جي گڏجاڻين ۾ انهن اخبارن جا 75 سيڪڙو رپورٽر دعا گهرندا آهن تہ ظفر بخاري انهن گڏجاڻين ۾ نہ اچي ڇاڪاڻ تہ انهن رپورٽرن پاران اخبارون جي سرڪيوليشن جي حوالي سان ڏيڻ ۾ مدد نہ ڪرڻ جون شڪايتون بہ وڏي آواز ۾ ۽ مسلسل ڪندو آهي. نيت جو صاف هر دلعزيز سچ چوڻ وارو ۽ ائين چئجي تہ پنهنجي طبعيت وارو آهي. هن جي ذات کان ڪنهن کي تڪليف نہ پهتي آهي. پاڻ ڪچهرين جو ڪوڏيو دل جو سخي مهمان نواز، دوستن جي ڏک سک ۾ شامل رهڻ پنهنجي شهر شهدادپور جي بنيادي مسئلن جي حل ۽ سماجي برائين خلاف هر طرح سان جدوجهد ڪندو رهيو آهي. ظفر بخاي 17 آگسٽ 1943ع تي ڀارت جي الهہ آباد علائقي جي ڳوٺ نرور پٽي





۾ نئيڙي زميندار عباد الله بخاي جي گهر ۾ جنم ورتو. 2 درجا اتي پڙهيو، ورهاڱي بعد انٽر تائين تعليم شهدادپور ۾ حاصل ڪئي، ننڍي هوندي کان بحث ڪرڻ بيت بازي، ماڻهن جا ڪم ڪارين ۽ مسئلن جي حل لاءِ هر طرح سان ڪوششون ڪرڻ منهن تي سچ چوڻ غلط کي غلط چوڻ سندس عادت ۾ شامل آهي. ننڍي هوندي هنر سکڻ جي شوق ۾ درزڪو ڪم سکيو پر مهيني بعد اهو سندس استاد مري ويو. ريڊيو مڪينڪ جو ڪم سکيو تہ مهيني بعد سندس استاد لڏي ويو. بعد ۾ 1958ع ۾ شهدادپور ۾ عبرت اخبار جو سول ايجنٽ ٿيو، بعد ۾ ٻين اخبار جون ايجنسيون بہ ڪنيون. 1963ع ۾ ان وقت جي صحافين عبدالرحمان امر سري، چوڌري عبدالغفور، شڪيل پناڻ، عبدالحميد مهدوي جي صحبت م رهي صحافت ۾ قدم رکيو پاڻ عبرت بعد ۾ جنگ، امن، حريت ۾ نمائندگي ڪئي. 1986ع ڪانپوءِ عملي صحافت ڇڏي ڏني ۽ اخبارن جي ايجنسي جو دائرو ٻين ضلعن تائين وڌايو.هڪ صحافي جي حيثيت سان عوام جي اهنجن تڪليفن، شهر جي مسئلن، ڪرپشن، سماجي برائين خلاف قلم جو استعمال ڪيو ۽ بيباڪي سان صحافت ڪئي. پاڻ شهدادپور انجمن صحافيان جو بنياد وڌو، شاگردي واري دور ۾ سندس اسلامي جمعيت طلبہ سان لڳاءُ رهيو. پاڻ جمعيت جي رفيق جي حيثيت سان ڪم ڪيو. جمعت پاران ٿيندڙ پروگرامن جي ڪمپيئرنگ بہ ڪئي. بيت بازي سان شوق، ڪيس شاعري ڪرڻ جو شوق جاڳايو ۽ ڏسندي ڏسندي شاعر بڻجي ويو. ان دور ۾ بزم ادب شهدادپور پاران مولوي شهاب الدين جي ميزبان ۾ دائره ۾ هر ماهہ ٿيندڙ مشاعري ۽ المشرق آرٽ اڪيڊمي جي مشاعرن ۾ جمعيت جي پروگرامن ۾ بہ شعر پڙهندو هو. سندس شاعري عبرت، جنگ، حرت، امن، عبرت ميگزين ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿي آهي. پاڻ سنڌي ۽ اردو جو شاعر آهي. شاعري جي حوالي سان ڪاليج جي پرنسپل نعيم حيدر نقوي سندس همت افزائي ۽ رهنمائي ڪئي، هي پهريون شاعر آهي، جنهن وٽ شاعري مجموعو شايع ڪرڻ واري پوزيشن هئڻ جي باوجود ڪيس اهڙو شوق نہ آهي. پروگرامن ۾ شعر پڙهڻ بعد ان کي سنڀالي بہ نہ رکندو آهي. سندس شاعري ۾ رومانٽڪ گل بلبل جو ذڪر نہ هوندو آهي. سندس شاعري ۾ معاشري جي اصلاح وارو عنصر شامل هوندو آهي. سندس شاعري بامقصد هوندي آهي. پاڻ عملي سياست 69

ع ۾ کان ان وقت کان شروع ڪئي جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو ايوب خان سان اصولي اختلاف ڪري الڳ ٿي ويو تہ هن پنهنجي دوستن کي گڏ ڪري ذوالفقار علي ڀٽو جي حمايت ۾ ريلي ڪيرائي جنهن جي اڳواٽي بشير احمد راجپوت، عمر بيگ، ظفر بخاي، قمر الدين ملڪ ڪئي. 1979 ۾ شهدادپور جي نوجوانن کي سماجي ڪمن ۽ شهر جي مسئلن جي حل لاءِ شوق جاڳائڻ لاءِ انجمن نوجوانانِ نالي تنظيم جو بنياد وڌو ۽ تنظيم پاران مير هاشم لائبريري بڪ بينڪ قائم ڪري غريب شاگردن کي مفت ۾ ڪتاب ڏنا ۽ لائبريري ذريعي نوجوانن ۾ مطالعي جو شوق جاڳايو. اها لائبريري بعد ۾ بلديہ کي ڏني وئي بعد ۾ اها تنظيم غير سرگرم ٿي وئي، پاڻ شهري ايڪشن ڪميٽي جو بہ بنياد وڌو ان کان اڳ شهر جي هڪ هزار مختلف طبقن جي معززين کان لکت ۾ راءِ ورتي تہ شهري مسئلن لاءِ اهڙي تنظيم جو بنياد وجهجي ان تنظيم جي پليٽ فارم تان بہ شهر جي مسئلن جي حل لاءِ عام ماڻهن جي مسئلن جي حل لاءِ ڪوشيون ڪيون ويون. المشرق آرٽ اڪيڊمي جي هڪ ڊرامي جي هدايتڪاري بہ ڪئي پر اهڙي جو فنڪار ٿي پڇي ويا ڪيس شاعرن ۾ غلام اقبال پسند آهي جواني ۾ فلمون بہ ڏٺيون ڪيس اداڪارن ۾ اشوڪ ڪمار مزاحيہ فنڪارن م يعقوب ذڪريا مرحوم پسند آهن، ڪيس سٺن ڊائلاگن واريون فلمون پسند هيون، سندس زندگي جو وڏي کان وڏو ڏک سندس والده جي وفات آهي. سندس چوڻ آهي تہ جيڪو ڪجھ آهيان والده جي ڪري آهيان، سندس چوڻ آهي تہ هن زندگي ۾ پاڻ کي سفارش ، قرض ۽ رشوت کان بچايو آهي. ذوالفقار علي ڀٽو جي صدر ايوب خان کان الڳ ٿيڻ وقت سندس حق ۾ ريلي ڪيرائيندڙ ظفر بخاري بعد ۾ ڀٽو کي اقتدار کان هٽائڻ لاءِ هلايل 9 ستارن واري تحريڪ ۾ شهدادپور ۾ سرگرم رهيو، سندس چوڻ آهي تہ ذوالفقار علي ڀٽو جو نعرو روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان بهترين هو پر ان تي عمل نہ ڪرائي سگهيو، ڇاڪاڻ جو سندس پارٽي ۾ جاگيردار ۽ سرمائيدار شامل ٿي چڪا هئا ۽ اگر هو ڀٽو جي گرفتاري خلاف ٻاهر نڪرن ها تہ ڀٽو کي ڦاسي نہ اچي ها. هن جو چوڻ آهي تہ ذوالفقار علي ڀٽو ۽ محترمہ بينظير ڀٽو ذهين سياستدان هئا. ساڻس گڏ سرمائيندارن جاگيردارن کي ڊپ هو تہ اگر ڀٽو ان نعري تي عمل ڪري ويو تہ سندن مستقبل اونداهو ٿي ويندو. ذوالفقار علي ڀٽو اسلامي بلاڪ ٺاهي رهيو هو ان ڪري آمريڪا





سندس خلاف هو ۽ انهن ڏرين گڏجي ڪيس ڦاهي ڏياري، ظفر بخاري جي خوبصورت شاعري جو اندازو سندس هيٺ ڏنل شعر مان لڳائي سگهجي ٿو.

پاڙ نفرت جي پٽيندا سر زمين سنڌ تان،
عهد هي دل ۾ ڪيو آهي اسان لطيف.
سنڌ جي سينگار کي مولا رکين قائم صدا،
شال هجي آباد يا رب هي گلستان ٿي لطيف،
دين اسان جو حق آهي برحق قرآن،
نبي اسان جو پاڪ محمد صہ جنهن جو اعليٰ شان،
الفت جي پرچار ڪرڻ آ مومن جو ايمان،
جيڪي نفرت ٿا ڦهلائين آهن اهي شيطان،
جئي اسان جي سنڌ سدائين جئي هي پاڪستان.

ظفر بخاري جي ويجهن دوستن جو رايو آهي تہ هو نہ سٺو صحافي ثابت ٿي سگهيو نہ سٺو سماجي ڪارڪن سندن ڪن دوستن جو چوڻ آهي تہ هو تڪراري شخصيت آهي. سچل سائين جي چوٽي "ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي، آئون جوئي آهيان سوئي آهيان، وانگر ظفر بخاري پنهنجي زندگي ۽ زندگي ۾ ڪيل ڪم ڪارين کان مطمئن آهي، ظفر بخاري لاءِ اهو بہ مشهور آهي تہ جنهن ڪم پويان پوندو آهي تہ مٿس جنون سوار هوندو آهي. ڏينهن هجي رات، گرمي هجي يا سردي برسات هجي يا طوفان جيسين ڪم مڪمل نہ ڪندو آهي . ايستائين آرام سان نہ ويهندو آهي.

## سماج سڌارڪ ، صحافي ۽ ليکڪ عبدالوهاب منشي

عبدالوهاب منشي ننڍي عمر جو مشهور ليکڪ صحافي آهي. جنهن پنهنجي ڪالمن، آرٽيڪلن جي ڪري پڙهندڙن ۾ وڏي مشهوري ماڻي آهي، هو بهترين مقرر بہ آهي، تقريرن ۾ سندس هر لفظ معنيٰ خيز هوندو آهي. عبدالوهاب منشي 2 آڪٽوبر 1980 ع ۾ حيدرآباد جي رسالہ روڊ نز د گول بلڊنگ ويجهو منشي هائوس جي تاريخي عمارت ۾ شهاب الدين منشي جي گهر ۾ جنم ورتو پاڻ گريجوئيشن سان گڏ ايل ايل بي بہ ڪئي آهي. اڃا 16 سالن جي ڄمار ۾ هو تہ لکڻ شروع ڪيو، مختلف اشوز تي ۽ مسلسل لکندو رهي ٿو، لکڻ جي شروعات روزانہ

آفتاب ڪان ڪئي، بعد ۾ عبرت، عبرت ميگزين، سنڌو، پاڪ جرات، قومي اخبار، عوامي آواز ۾ لکندو رهي ٿو. پاڻ حيدرآباد ۾ روزانه پاڪ، هڪ پرائيويٽ ٽي وي جو بيورو چيف به آهي. پاڻ سماجي ڪارڪن ۽ سنڌ پرست آهي، سندس تعلق ادبي صحافتي، سياسي حيثيت رکندڙ منشي گهراڻي سان آهي. سندس پڙ ڏاڏو خان بهادر نجم الدين منشي جو آزادي واري تحريڪ ۾ به ڪردار رهيو. 1895ع ۾ جڏهن سر شاهنواز ڀٽو سنڌ پيپلز پارٽي جو بنياد وڌو ته پاڻ سنڌ جو نائب صدر ٿيو. مسلمانن ۾ تعليم جي ڪمي ڪي محسوس ڪندي ڪراچي ۾ سنڌ مدرسته جو بنياد پيو ته هن به ان ۾ ڪردار ادا ڪيو ۽ ان لاءِ قائم ڪيل بورڊ جو وائيس چيئرمين رهيو. 1945ع ۾ هن خاندان پاران قائد اعظم جي چوڻ تي هلال پاڪستان اخبار حيدرآباد مان شايع ڪئي جنهن جو ايڊيٽر شيخ علي محمد هو. جڏهن ته مشهور صحافي، لکڪ شمشير حيدري، محمد بخش جوهر، غلام محمد ڪوکر، مجيد عباسي، محمد ابراهيم جويو، سراج الدين ميمڻ، پروانو ڀٽي ان دور ۾ هلال پاڪستان جي ٽيم جا حصو هئا. هلال پاڪستان اخبار منشي عبدالشڪور شايع ڪئي، آزادي واري تحريڪ ۾ جڏهن ريشمي رومال واري تحريڪ شروع ٿي ته موجوده منشي هائوس حيدرآباد ڪي خفيه هيڊ ڪوارٽر بنايو ويو. منشي عبدالشڪور حيدرآباد جي مشهور شخصيت حاجي امين الدين منشي جو فرزند هو، جيڪو حيدرآباد جو چونڊيل ميئر رهيو. منشي عبدالشڪور هلال پاڪستان جو مالڪ هئڻ سان گڏ حيدرآباد جو مشهور قانون داد به هو. سندس ويجهن دوستن ۾ لياقت علي خان، ذوالفقار علي ڀٽو، يوسف هارون، مير رسول بخش ٽالپر هئا، جن هن سان گڏ علي ڳڙهه ۾ ايل ايل بي ڪئي، ون يونٽ خلاف جڏهن تحريڪ شروع ٿي، جنهن جي شمشير حيدري جو شاندار ڪردار رهيو. شمشير جيڪو احتجاج وارو رستو اختيار ڪيو،ان ۾ مولانا غلام محمد گرامي سان گڏ منشي عبدالشڪور جو به ڪردار رهيو. سندس پاءُ محمد اسماعيل منشي هلال جي پرٽنگ سيڪشن جو مالڪ هو، جيڪو ايوب خان دور ۾ حيدرآباد مان بي ڊي ميمبر پڻ چونڊيو، عبدالوهاب منشي جو والد شهاب الدين منشي جو شمار شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد بينظير ڀٽو جي ويجهن ساٿين ۾ ٿئي ٿو، شمشير حيدري جڏهن جنرل ضياءُ جي آمرانه دور ۾ ان خلاف ڀرپور ڪالم لکيا ۽ جڏهن ان جي پاداش ۾ ان تي





ڏکيا ڏينهن آيا ته اهي ڏينهن هن منشي هائوس تي گذاريا ايم آر ڊي تحريڪ شروع ٿي ته ان ڪي متحرڪ ڪرڻ لاءِ شمشير حيدري منشي هائوس مان ئي هلچل رسالو شروع ڪيو ۽ فلترو جا يادگار ڪالم لکيا جن عوام ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. شهاب الدين منشي 2001ع ۾ يو سي حيدرآباد 9 جو نائب ناظم به رهيو. عبدالوهاب منشي ننڍي عمر ۾ لکڻ، تقريرين ڪرڻ ڪري جيڪا شهريت عزت ناهي آهي اها ان عمر ۾ شايد ڪنهن ناهي هجي. بنيادي طور سندس سياست سان تعلق نه آهي، ليڪن ڪيترن سياستدانن سان سندس ويجها تعلقات ضرور رهندا اچن، انهن ۾ ڀين ڪانسواءِ شاهه مردان شاهه پير پاڳارو موجوده پير پاڳارو صبغت الله شاهه راشدي، شاهه احمد نوراني، عمران خان، مخدوم امين فهيم عبدالله حسين هارون مخدوم شاهه محمود قريشي اياز لطيف پليجو، ڊاڪٽر قادر مگسي، فهميده رياض، مهتاب اڪبر راشدي،مسعود جماٽي، شيخ محمد اعجاز پير ياسر سائين به شامل آهن. جڏهن ته اڳوڻو چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ ديدار شاهه به سندس پڳ مٽ يار آهن. 2012ع ۾ جڏهن سنڌ ۾ بلدياتي نظام ذريعي سنڌ جي تقسيم لاءِ موجوده پير صاحب پاڳارو پير صبغت الله شاهه ميرپورخاص ۾ ان خلاف احتجاجي ميڙاڪو ڪوٺائڻ جو فيصلو ڪيو ليڪن عبدالوهاب منشي جي عرض ڪرڻ ڪانپوءِ اهو جلسو بعد ۾ حيدرآباد باءِ پاس تي ڪيو ويو. جڏهن سنڌ ۾ ٻوڏ آئي ليڪن ماٺهو دربدر هئا ته هن جي گذارش تي عبدالله حسين هارون، اقوام متحده جي ٽيم وٺي دورو ڪرايو. ان بعد اتان ڪان ڀرپور امداد ڪئي وئي، عبدالوهاب منشي حيدرآباد لا ڪاليج وڪرو ڪرڻ جي سازش گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي تاريخي عمارت آهي ته هن ان خلاف ميڊيا ٿرو ۽ قانوني طور مزاحمت ڪئي، جنهنڪري اهي ادارا وڪرو ٿيڻ ڪان بچي ويا. منشي هائوس جي اها تاريخ آهي ته اتي آزادي واري تحريڪ جي اڳواٽن ڪانسواءِ ذوالفقار علي ڀٽو، محترمه بينظير ڀٽو، جي ايم سيد، عبدالواحد آريسر، شيخ اياز، عمران خان، شاهه احمد نوراني ۽ ٻيون شخصيتون آيون آهن. ون يونٽ خلاف تحريڪ هجي يا ايم آر ڊي تحريڪ يا صحافين سان ٿيندڙ زيادتين خلاف تحريڪ هلي، منشي هائوس سدائين اهڙين سرگرمين جو مرڪز رهيو آهي. سنڌ صحافي سنگت جون شروعاتي گڏجاڻيون ان بعد به وقت به اچ تائين

منشي هائوس تي ٿينديون رهيون آهن. سندس والد کي اهو اعزاز به حاصل آهي ته 1995ع ۾ جڏهن سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه خلاف ٽريڪٽر ڪيس جنهن ۾ سندس گرفتاري جا وارنٽ جاري ٿيا هئا ته شهاب منشي پنهنجي پراپرٽي جا ڪاغذات سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۾ رکي ضمانت تي آزاد ڪرايو. ماضي ۾ سيد قائم علي شاهه ۽ ابو پيائي به منشي هائوس تي نظر آيا. عبدالوهاب منشي سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن ۽ ملڪ جي حساس اشوز تي دليري سان لکيو آهي. جنهن ۾ سنڌ جو ورهاڱو مهاجر صوبي خلاف، آدمشماري سنڌو درياءَ جي پاڻي ۽ سنڌ جي بنيادي اشوز توڙي صحافين جي حقن تي پڻ آواز اٿاريو آهي. سنڌ جي صحافين تي ايندڙ ڏکئي وقت ۾ به انهن جي هر طرح سان مدد ۾ سندس ڪردار رهيو آهي. جيڪو ايندڙ تاريخ جو حصو هوندو.

## شاعر ۽ سماج سڌارڪ عنايت بروهي

نوجوان شاعر ۽ سماج سڌارڪ عنايت الله بروهي ڌرتي جو اهو حساس دل ۽ خوبصورت شاعر آهي جنهن رومانٽڪ شاعري سان گڏ سنڌ ڌرتي ۽ ڌرتي وارن جي شاعري ڪئي آهي. هن شاعري ۾ سماجي ناانصافين عورت سان ناروا سلوڪ، ظلم زيادتين جي عڪاسي ڪئي آهي. عنايت الله 26 فيبروري 1981ع تي ڳوٺ حاجي خدا بخش بروهي ۾ رحمت الله بروهي عرف مالهي بروهي جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس والد بهترين مالهي هو. خوبصورت باغ لڳائڻ ۾ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مشهور هو. عنايت الله ننڍي هوندي کان حساس دل رهيو. ڇهين درجي ۾ پڙهڻ دوران هن کي ادبي ماحول ملڻ ڪري هن ڪهاڻين ۽ شاعري جا ڪتاب پڙهيا. پاڻ شاهه لطيف، شيخ اياز، استاد بخاري جي شاعري پڙهي، ڪيس به شاعري جو شوق ٿيو ۽ پاڻ پهرين پاراٽو شعر. ”دل تي چوي اسڪول وڃان. بابو چوي هل گاهه تي هل“ لکيو ان بعد شاعري جي سيني ئي صنفن تي لکيو آهي. باقاعده پختي شاعري 1997ع کان شروع ڪئي،پاڻ شاعري ۾ ، غزل، وائي، نظم، ڪافي، گيت، هائيڪا، ٽيڙو لکيا آهن. سندس شاعري ٻارن جي دنيا رسالو، عبرت ميگزين، ڪاوش، عوامي آواز ميگزين، سوجھ ميگزين، سالار، شام، هلال پاڪستان ۽ ٻين رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿي هن وقت تائين سندس شاعري جا به خوبصورت مجموعا مرڪ نه تنهنجي ميري ٿئي ۽ رُڃ جو منظر شايع ٿي





چڪا آهن سندس شاعري جو ٻهريون مجموعو محترم معشوق ڌاريجي سونهن اشاعت گھر قاضي احمد پاران ڇپرايو. سندس شاعري مشهور فنڪارن فوزيه سومرو، انور وسطڙو، رضا محمد بروهي، ساجد علي رند، خادم سيال،خادم ڪيريو، طفيل پنيرو، محبوب مگھڻهار ۽ ٻين ڳائي آهي. عنايت الله مظلوم عوام غريب عوام جي درد ، ڌرتي، قوم ۽ معاشرتي برائين، ناانصافين اقرار، پروري ميرٽ جي قتل، رشوت، تعليم جي تباهي تي تمام گھڻو لکيو آهي. سندس هڪ طويل نظم جيڪو صرف گپچاڻي واري علائقي پر سنڌ جي ڪافي شهرن ۾ ٿيندڙ قومي ادبي پروگرامن ۾ پڙهيو وڃي ٿو.

رت جا رشتا آهن بگڙيل،
هر دوست جي دل آهي اجڙيل،
ڪيئن نه پلا ڪوئي باغي بڻجي،
ڪھڙن ڪھڙن قهرن تي پلا قلم ڪٽجي.
سرڪاري اسپتالن ۾ اٽليپ دوائون،
تعليم کاتي ۾ رشوت جون هوائون،
بنا ڏوڪڙ جي نه ٿو ڪو ڪم ٿئي.
هتي رشوت جي باهه ٻري،
قانون انصاف جي هڪ ناميد،
ماڻهو ٽڪجي پيا روز دانهون ڪري،
ڪنهن ڪنهن کي وڃي گلي ونجي،
ڪھڙن ڪھڙن قهرن تي پلا قلم ڪٽجي.
روز پيا هتي سنڌي وسنديون ڊاهين،
بي گھر مسڪين، پلازه پيا ناهين،
ايرادا انهن جا باهه تا ٻارين،
مسڪينن جو ڪيئن نه پيڙو پڏندو،
جاهل قاتل تا تخت ويهارين،
جنهنڪري ڪھڙي پار وڃجي،
ڪھڙن ڪھڙن قهرن تي قلم ڪٽجي.
هتي بيلدار ٿو انجينئر سڏائي،
ٽريسنر جيان ٿو پئسو ڪمائي،
وڏن پوتارن سان ياري ملهائي،

مسڪينن جو پاڻي بند ڪرائي،
اهو وڻ رشوت جو ڪيئن وڃي،
ڪهڙن ڪهڙن قهرن تي قلم ڪڻجي.
هتي پوليس لاءِ اهو مشهور آهي،
ڏوهي ڏوڪڙن تي جان ڇڏائي،
بي ڏوهي هتي ٿو سزائي ڪائي،
تئين ٿئي هتي جيئن وڏيرو چاهي،
ڪنهن سان وجي هي سور سلجي،
ڪهڙن ڪهڙن قهرن تي قلم ڪڻجي.
مايوس عنايت پوءِ بہ نہ آهي ٿيڻو،
سنعتيون سهي پوءِ بہ آهي جئڻو،
هر برائي خلاف آهي وڙهڻو،
همٿ جرئت سان حق آهي وٺڻو،
اچ ڪان پوءِ پيرين ڪنهن ڪي نہ آهي پوڻو،
ڪنهن ڪي سائين سائين نہ آهي چوڻو،
چڙهي سولي پوءِ بہ سچ چئجي،
ڪهڙن ڪهڙن قهرن تي قلم ڪڻجي.

عنايت مٿي طويل نظم وانگر عورتن سان ٿيندڙ ناروا سلوڪ، ڪارو ڪاري،وڏيرا شاهي، تعليم جي ٻڏندڙ ٻيڙي، ڪرپشن، سنڌو درياهہ جو پاڻي بند ڪرڻ، ڪالا باغ ڊيم، ڪراچي جي حالتن، چونڊيل عوامي نمائندن پاران عوام سان ڪيل ويساهہ گهاتين سنڌ جي روڊن جي حالت ۽ ٻين اهڙن مسئلن تي بہ طويل نظم لکيا آهن. عنايت الله جي شاعري جي حوالي سان همٿ افزائي ڪندڙ ۾ معشوق ڌاريجو شامل آهن. پاڻ صحافي ۽ مضمون نگار بہ آهي، مختلف اشوز تي بهتر انداز ۾ لکيو آهي. پاڻ علائقي جو سماج سڌارڪ بہ آهي، علائقي جي عوامي مسئلن جي حل لاءِ آواز اٿاريندو رهيو آهي. ڪنهن غريب سان ڪو بااثر زيادتي ڪري ٿو تہ عنايت مظلوم جو ساٿ ڏيندي ان کي انصاف ڏيارڻ تائين جدوجهد ڪري ٿو. بيگناهہ ماڻهن کي تنگ ڪندڙ پوليس خلاف ٽڪر کاڌا آهن. غريبن مظلومن جي ساٿ ڏيڻ انهن جو پرجهلو ٿيڻ ڪري بااثر ماڻهن سان دشمنيون بہ پرايون آهن ڌڪيا ڏيئنهن بہ ڏٺا آهن پر ڪڏهن بہ انهن جي دڙڪن کان ڊڄي پوئتي نہ هٽيو آهي. غريبن





مظلومن جو ساٿ ڏيڻ خلق خدا جي خدمت ڪرڻ عين عبادت سمجهي ٿو. علائقي جا جيڪي ماڻهو ٻار نہ ٿا پڙهائين انهن وٽ وڃي کين سمجهائي ٿو منٿ ميڙ ڪندو رهيو آهي تہ پنهنجي ٻارن کي اسڪول موڪليو ان جا ڏاڍا بهتر نتيجا نڪتا آهن. علائقي جي ڪنهن بہ ماڻهو سان کهڙو بہ مسئلو هجي عنايت وٽ ايندو آهي تہ اهو مسئلو حل ڪرائڻ تائين پاڻ سک جو ساهہ نہ کڻندو آهي. سندس ڪوشش سان ڪجهہ بند پيل اسڪول بہ کليا، غريبن جي مدد ڪرڻ ڪري بااثر ماڻهن سان ٽڪر کائڻ ڪري سندس برادري هن کي برادري مان جهڙو تہ ڪڍي ڇڏيو آهي. سندس زندگي جو احوال يادگيرين جا گلاب ڇپائي جي مرحلي ۾ آهي. جنهن ۾ سندس زندگي جو سفر جو خوبصورت انداز ۾ ذڪر ڪيل آهي.

## جاکوڙي انسان گل حسن گل لاکو

گل حسن گل لاکو جو شمار بهترين شاعرن، ليکڪن، سماجي ڪارڪنن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ سنڌ جو ماضي ۾ رهندڙ راڄ ڌاني بر همڻ آباد واري علائقي ۾ ڳوٺ نيون دلور ۾ هڪ غريب هاري عبدالرؤف لاکو جي گهر ۾ 4 فيبروري 1961 ع ۾ جنم ورتو جتي پاڻ 5 درجا سنڌي پڙهيو علائقي ۾ انگريزي اسڪول نہ هئڻ ۽ والدين غريب هئڻ ڪري ٽنڊو آدم ۾ کيس وڌيڪ نہ پڙهائي سگهيا. گل حسن گل لاکو ننڍي هوندي کان ذهين هو کيس پڙهڻ جو شوق هو. سندس اهڙو شوق ڏسندي ملدسي ويجهو ڳوٺ گولو پير جو سندس هڪ مائيٽ محمد آچر ڪوري کيس پاڻ سان وٺي آيو ۽ کيس ملدسي مڊل اسڪول ۾ ڇهين ڪلاس ۾ داخلا وٺي ڏني جتي پاڻ صبح جو اسڪول ۾ بعد ۾ محمد آچر جو دڪان هلائندو هو. 8 درجي تائين ملدسي پڙهيو. 9 درجو باقر خان نظاماڻي ۾ ڏهون درجو گورنمينٽ هاءِ اسڪول شهدادپور ۾ فرسٽ ايئر، انٽر نيو علي ڳڙهہ ڪاليج ٽنڊو آدم ۾ پڙهيو ننڍي هوندي کان کيس ادب ۽ سياست سان لڳاءُ رهيو سندس ننڍي هوندي کان سنڌ ۽ سياست سان لڳاءُ رهيو آهي پاڻ ننڍي هوندي کان سنڌ پرست رهيو آهي ننڍي هوندي کان ٻار اٽا ادبي ڪتاب پڙهندو هو گل حسن لاکو ملدسي ۾ مون سان گڏ پڙهيو آهي ساڻس گهري دوستي رهي سندس صحبت ۾ رهڻ ڪري مونکي بہ ادبي شوق جاڳيو مونکي ياد آهي تہ جڏهن 7 ڪلاس ۾ هياسين تہ پهرين

دفعو ملدسي جي ديوارن تي سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي ڏيو بهاري آڻن بند ڪريو جهيڙن نعرن جي گل حسن لاڪو چاڪينگ ڪئي. شاگردي دور ۾ سياسي ميدان ۾ اچڻ جي باوجود سياست نہ ڪري سگهيو شاگردي دور ۾ درسي ڪتاب گهٽ ادبي ڪتاب وڌيڪ پڙهندو هو پاڻ ايم اي سوشالاجي سنڌ يونيورسٽي مان ايل ايل بي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ڪرڻ بعد نيو علي ڳڙهہ ڪاليج ٽنڊو آدم جي ليڪچرار سائين محسن شاهہ جي معرفت ڪيس ريلوي جي اسٽيشن ماستري جو آرڊر مليو ان ڪان اڳ نيوي ۾ بہ ڀرتي ٿيو پر اتي دل نہ لڳس ۽ اتان ڇڏي آيو سيد محسن شاهہ نہ صرف بهترين استاد هو پر بهترين اديب ۽ سماج سڌارڪ بہ هو ٽنڊو آدم جي ڪيترن ئي نوجوانن کي نوڪريون وٺرائي ڏيڻ ۾ سندس وڏو ڪردار رهيو. گل حسن لاڪو 88ع ڪان شاعري شروع ڪئي بعد ۾ مختلف موضوع تي مضمون لکڻ شروع ڪيا اڄان تائين لکندو اچي پر هن شاعري ۾ پاڻ مڃايو آهي سندس شاعري هلال ميگزين، عبرت ميگزين، جاڳو، آفتاب، الوحيد، نئين زندگي، سوجهرو ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿي آهي وٽس شاعري جي مجموعي ڪان وڌيڪ شاعري موجود آهي. شاعري جي هر صنف تي طب آزمائي ڪئي آهي. شاعري ۾ باقائده استاد نہ ڪيو ليڪن تاج جويو، وسيم سومرو سندس شاعري جي اصلاح ۽ همٿ افزائي ڪئي. ڪيس شاعري جو شوق لطيف سائين، سچل سرمست، استاد بخاري، شيخ اياز، جي شاعري پڙهڻ سان ٿيو. پاڻ 1989ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ٽنڊوآدم جو ميمبر ٿيو بعد ۾ سيڪريٽري ۽ جوائينٽ سيڪريٽري بہ رهيو آهي سندس سيڪريٽري رهڻ دوران هن ادبي ڪلاس بہ هلايا، ڪيترائي ادبي پروگرام بہ ڪرايا پاڻ ريلوي ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئشن جو مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري بہ رهيو آهي سندس ڪوشش سان 400 ڪان وڌيڪ سنڌي نوجوانن کي ريلوي ۾ نوڪريون مليون. پاڻ بهترين ڪمپئر بہ آهي. ايف ايم ٽنڊوآدم تي ڪمپئر بہ رهيو آهي. وٽس بهترين ڪتاب جي لائبريري پڻ آهي ٽنڊو آدم ۾ ٿيندڙ علمي، ادبي ثقافتي پروگرامن جو سهڪاري بہ رهيو آهي پاڻ پنهنجي ۽ ٻين شاعرن جي شاعري ترنم ۾ بہ ڳائي ٿو ڪيس بهترين ليڪ، شاعر طور مڃتا ايوارڊ بہ مليا آهن پاڻ عشقيہ قومي ۽ ظلم زيادتين خلاف شاعري ڪئي آهي گل حسن گل لاڪو جي شاعري ۾ سونهن جا رنگ ۽ مزاحمت نظر اچي ٿي. سندس هڪ شعر هيٺ ڏجي





ٿو.

ضمير بيدار گهرجي ٿو،
انسان لئہ پيار گهرجي ٿو.
جنگ گهايو جهان سارو،
امن لئہ اقرار گهرجي ٿو.
نفرتن نهوڙيو ڏيهہ سارو،
صوفين جو سنسار گهرجي ٿو.
دنيا ٻلي وچي چنڊ تي،
اسان کي سنڌ جو سنسار گهرجي ٿو.

## سچ گو صحافي ۽ ثقافت سان پيار ڪندڙ آچر خاصخيلي

محمد آچر خاصخيلي سانگهڙ ضلع جو مشهور ليکڪ صحافي ضلع جي ادب فن ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هر طرح سان ڪوششون ڪندڙ آهي پاڻ مهراڻ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي ذريعي نہ صرف سنڌ جي تاريخي ماڳن مڪانن ۽ سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪري رهيو آهي پر سماجي خدمتون بہ ڪري رهيو آهي پاڻ سينيئر صحافي ڀلوڙ ليکڪ آهي. خاص طور صوبي سنڌ جي اهم اشوز تي سوين آرٽيڪل مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ لکندو رهيو آهي. جڏهن تہ پاڻ ضلع سانگهڙ جي تاريخي ماڳن ڦٽل شهرن تي ۽ ڪيترائي علمي ادبي ثقافتي سماجي پروگرام بہ ڪرايا آهن آچر خاصخيلي 8 نومبر 1977ع تي ٽنڊو الهيار ميرپور خاص روڊ تي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ معزز شخصيت ۽ زميندار پيارو خان جي گهر ۾ جنم ورتو پرائمري تعليم ڳوٺ مان 6 ڪان انٽر ڪلاس تائين ٽنڊو آدم مان حاصل ڪئي وچ ۾ تعليم ڇڏي پنهنجي مال جو ڌنار بہ ٿيو 1995ع ۾ سوال اخبار شايع ٿي تہ حسن درس معرفت انٽرويو ڏئي ٽنڊوآدم رپورٽر مقرر ٿيو بعد ۾ پختون، هلال پاڪستان، مهراڻ، عوامي آواز سان بہ وابستہ رهيو هاڻ ڪافي وقت کان سنڌ ٽي وي سان وابستہ آهي ٽنڊو آدم ۾ بهترين شاعر اديب گل حسن ”گل“ لاڪو سان ملاقاتن ڪچهرين بعد ڪيس تاريخي ماڳ مڪانن تي تحقيق ڪرڻ ۽ ثقافتي پروگرام ڪرڻ جو شوق ٿيو ۽ ٽنڊو آدم ۾ 2010ع ۾ سنڌ ثقافت ڪانفرنس ڪرائي ان ڪانفرنس ۾ سنڌ جي ثقافت جا سڀ رنگ موجود هئا. بعد ۾ حسن درس جي مشوري سان ان پاران

تجويزڪيل مهراڻ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ويلفيئر سوسائٽي قائم ڪئي. ۽ ان پاران هن وقت تائين ٽنڊو آدم ۾ سنڌ ثقافتي ڪانفرنس جا 6 پروگرام ڪيا آهن. جڏهن ته ٽندو آدم جي تاريخ ۾ عورتاڻي ثقافتي ڪانفرنسون به ڪرايون آهن ان ۾ عورتن جي هنر جي نمائش محفل موسيقي ڳيچ ۽ عورتن جو سنڌ جي ثقافت ۾ ڪردار بابت تقريرون ٿينديون آهن حيدرآباد ۾ ليٽرسي فيسٽيول ڪان متاثر ٿي ٽنڊو آدم ۾ به لٽريسي فيسٽيول ڪرايو پاڻ تعليم جي حوالي سان به ڪافي مضمون لکيا آهن پنهنجي تنظيم پاران ادب فن ثقافت صحافت ۽ ٻين شعبن ۾ بهرين ڪردار ادا ڪندڙن کي مجتا طور ايوارڊ ڏيڻ جون تقريبون به ڪرائيندو رهيو آهي سنڌ ۾ سنت ٽئورام جي شخصيت کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ جي حوالي سان هڪ صحافي هڪ ليکڪ جي حيثيت سان سندس شاندار ڪردار رهيو آهي هڪ صحافي جي حيثيت سان علائقي ۾ بدامني عوامي مسئلن سماجي براين وڏيرن جي ظلم ڪرپشن ڪان وٺي تاريخي ماڳ مڪانن تي پنهنجي ٽي وي چينل ۽ اخبارن لاءِ بهترين اسٽوريون ڪيون آهن صحافت ۾ سندس ساک ۽ اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته ٽنڊو آدم ۾ اگر ڪو وڏو واقعو ٿئي ٿو ته بي بي سي وارا هن سان رابطو ڪري ان بابت معلومات وٺن ٿا پاڻ هڪ بهترين سماجي ڪارڪن به آهي تعلقه ٽنڊو آدم اندر بند پيل اسڪولن کي ڪولرائيڻ ننڍي عمر جي شادين کي روڪائڻ لاءِ سندس وڏو ڪردار رهيو آهي جڏهن ته بدي جي شادين خلاف به مزاحمت ڪندو رهيو آهي.سچ لکڻ سچ چوڻ ۽ اصلاحي ڪم ڪرڻ ڪري ڪيس ڌمڪيون به ملنديون رهيون آهن. حملا به ٿيا آهن پر انهن جي پرواهه نه ڪندي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي پاڻ بهترين تحقيقاتي رپورٽر طور به سڃاتو وڃي ٿو فقيراڻي طبيعت وارو آچر خاصخيلي تڏي جو مڙس ماڻهو سندس آفيس ۾ ايندڙ دوستن کي ماني ڪارائيڻ ڪانسواءِ اصل نه ڇڏي دوستن جي ڏک سک ۾ بروقت شريڪ ٿئي. عام ماڻهن جي بهتري لاءِ سندس ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن.

## جداگانه شخصيت ۽ ڪردار جو مالڪ فتح شاهه فراق

سماج ۾ زندگي گذارڻ لاءِ سوين ڍنگ ۽ طور طريقا ڪرڻا پوندا





آهن. تاريخ ۾ انسان کي مهذب، سڌريل ۽ وحشي پڻي ۾ زندگي جا ڏينهن گذاريندي ڏٺو ويو آهي. عالمي جنگيون ۽ قتل غارت ڪنهن جيوت ۽ جانورن جي وچ ۾ نه پر انسانن جي وچ ۾ ٿي لڳيون آهن. جنهن ۾ هيستائين ڪروڙين انسان رت وهائي زمين ۾ دفن ٿي چڪا آهن. اهڙي جنگ جو تسلسل اڄ به جاري آهي. حرص، لالچ ۽ غيرت جي نالي تي قتل ٿيل ماڻهن جو رڪارڊ گڏ ڪجي ته انگ اکر به کٽي پوندا. اهڙن انسانن جي هجوم ۾ ڪي انسان ماڻهن کي ڏڪائڻ ۽ ايذائڻ بدران سمورن انسانن لاءِ بنا ڪنهن رنگ، نسل ۽ مذهب جي خدمت ڪندا رهيا آهن. اهڙن ماڻهن ۾ ڪي وري امن ۽ شانتي جو پيغام کڻي انوکي خدمت ڪندا آهن، جنهن ۾ ڪين ذهني ۽ دلي سڪون نصيب ٿيندو آهي. هنن کي ڪنهن به دولت ۽ مجتا جي بک نه هوندي آهي. اهڙو ئي هڪ ڪردار فتح شاهه فراق جو به آهي، جيڪو پنهنجي اندر ۾ گهڻ رخي ڪاهوڙي شخصيت جو مالڪ آهي ۽ پڻ نالي وارو شاعر به آهي.

فتح شاهه فراق 20 جون 1962ع ۾ ڳوٺ ونجهيري شريف لڳ هالا ۾ روحاني شخصيت سائين بلند شاهه جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس نالو فتح محمد شاهه رکيو ويو. شاعري ۽ سماجي ڪمن جي نالي سان فتح شاهه فراق جي نالي سان مشهور ٿيو. والدين ۽ چار ڀائرن جي وفات ڪانپوءِ هن وقت ٽن ڀيڻن جو اڪيلو ڀاءُ آهي. خاندان ته ڪافي وڏو اٿس پر هن جڏهن ڀٽائي صاحب جي چواڻي مطابق .

لوڪ وڃي لنهوار تون اونچي ڏي اوپار

زندگي گذارڻ شروع ڪئي ته مائٽن چريو چوڻ شروع ڪيس، ان تي فتح شاهه فراق ڪين اهو جواب ڏنو ته توهان مون کي چريو چئي مون تي وڏو احسان ڪيو آهي. جو اوهان منهنجي ڪاهوڙي خيالن ۽ اٽل ارادن کي اڃان به وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو. انٽر پاس ڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن يونيورسٽي ۾ داخلا وٺڻ ويو ته سوچيائين ته ڪهڙي شعبي ۾ داخلا وٺان ۽ ڊگري وٺي ڪا وڏي نوڪري ڪريان ٿڌي ڇانوءِ ۾ ويهي سوچي غور فڪر ڪيائين ته اصل ۾ ته وڏي نوڪري حقوق العباد يعنيٰ خدمت خلق آهي. ان ڏينهن کان پوءِ طئه ڪيائين ته پنهنجي سموري زندگي خدمت خلق جي ڪمن ۾ گذاريندس. فتح شاهه فراق ننڍپڻ کان وٺي حساس طبيعت رهيو آهي. هن هميشه ٻين جي ڏکن کي پنهنجو درد محسوس ڪيو آهي ۽ پنهنجي وس ۽ وت آهر سندن زخمن تي ملم رکڻ

جي ڪوشش ڪئي آهي. ننڍپڻ ۾ سندس والد صاحب جڏهن ڪيس عيد جا ڪپڙا وٺي ڏيندو هو تہ ان مان هڪ وڳو ڳوٺ جي غريب ٻار کي ڏئي ڇڏيندو هو. پنهنجن نون ڪتابن جو پورو سيٽ قلم ۽ بيگ پڻ غريب ٻار کي ڏيڻ پسند ڪندو هو. ڪنهن بہ غريب ڳوٺاڻي کي بخار يا مٿي ۾ سور ٿيندو هو تہ پنهنجي خرچي مان هٽ تان وچي شيشهن ڇاپ گوري (پيرا سٽامول) وٺي ڪيس ڪارائي مٿي تي زور پڻ ڏيندو هو.

دنيا ۾ جنگين جا دل ڏاريندڙ احوال پنهنجي وڏي ڀاءُ علي نواز شاهہ جي بي رحماڻي قتل ۽ روز بروز ڏرتي تي ٿيندڙ قتل غارت وارن واقعن ۾ بہ سندس دل تي گهرا اثر ڇڏيا.پاڻ ڀين جي ڏکن کي پنهنجو سمجهندي همدردي جو اظهار ڪندو آهي پري هئڻ جي صورت ۾ فوتين جي وارثن کي تعزتي خط لکي عذر خواهي ڪندو آهي. فتح شاهہ فراق هيستائين دنيا ۾ هڪ لک خط لکي چڪو آهي. ڪيس دل ۾ سماجي ڪمن ڪرڻ جو جذبو جاڳيو جنهن جو مقصد فقير ڪان بادشاهہ ۽ ٺوڀي ڪان خلا باز تائين يعنيٰ هر مڪتبہ فڪر جي انسان جي ترجماني ڪري ان جي اهميت ۽ عظمت کي اجاگر ڪري انسانيت ڪردار سوچ ۽ مهذب معاشرو قائم ڪرڻ آهي.

امن ۽ سلامتي خاطر دنيا جي صدرن، وزير اعظم، بادشاهن ۽ راڻين کي خط لکندو آهي تہ دنيا ۾ ٿيندڙ جنگين ۽ قتل غارت کي روڪڻ لاءِ توهان پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪريو. جنهن تي ڪيس جوابي خطن جي صورت ۾ مانائتي موٽ ملندي آهي. پاڻ اڪثر حيدرآباد پريس ڪلب سامهون دنيا ۾ ملهائيجندڙ مختلف عالمي ڏينهن انوکي انداز ۾ ملهائي جاڳرتا ڏيندو آهي. تعليم جي ڏينهن تي اسڪول مان بينچون ڪڍائي روڊ تي ٻار پڙهائيندو آهي. علم جي جاڳرتا ڏيندي ٻارن ۾ ڪتاب، قلم ۽ اسڪولي بيگ ورهائيندو آهي. صحت جي ڏينهن تي پنج فوٽ جو ڏنڊڻ ڪڻي ۽ ان سان گڏوگڏ ڪرو، ٽوال ڪڻي ماڻهن کي تندرستي هزار نعمت جو پيغام ڏيندي هٿ منهن ڌوئاڙي آخر ۾ هڪ ڪپڙ جو ڏنڊڻ ۽ هڪ صوف ڏئي سٺي صحت سان زندگي گذارڻ جو پيغام ڏيندو آهي. تماڪ واپرائڻ خلاف عالمي ڏينهن تي ڏهہ فوٽ جو تيار ڪيل سگريٽ ڪڻي جاڳرتا ڏيندو آهي. تماڪ جي واپرائڻ سان ڪيتريون بيماريون ٿين ٿيون، جنهن پئسن جو نقصان، صحت جو نقصان، اولاد تي اثر ۽ پڻ ماحول تي خراب اثر پوندو آهي.





بهتر آهي ان پئسن مان ڪو فروٽ وٺي کائجي تہ بهتر آهي ، آخر ۾ ڪين ڪيلا کارائي سگريٽ ترڪ ڪرڻ لاءِ عرض ڪندو آهي.

دوستي جي عالمي ڏينهن تي رومالن جي ڀري ٻڌي روڊ تان هر ايندڙ ويندڙ کي رومال پيش ڪري دوستي نڀائڻ جو پيغام ڏيندو آهي. مائرن جي عالمي ڏينهن تي جهوني عورت کي امڙ ڪري وٺي کٽ تي ويهاري هٿ پير ڌئاري پيرن کي چميون ڏئي ماءُ جي قدمن ۾ رکيل جنت کي حاصل ڪرڻ لاءِ جاڳرتا ڏيندو آهي. معزورن جي عالمي ڏينهن تي ٽنگن کان جڏڙي کي ڪلهن تي کڻي معذورن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندو آهي تہ سندن سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ جا مطالبا ڪندو آهي اهو بہ مطالبو ڪندو آهي تہ. سفر دوران ڪائنن ڀاڙو نہ ورتو وڃي ۽ وڏ ۾ وڏ معذور ڪوٽا تي نوڪريون ڏنيون وڃن. نئين سال جي آمد تي ڳچيءَ ۾ وڏو ڍنگر ڇڙو ٻڌي نئين سال لاءِ امن جي دعا گهرندو آهي، ورلڊ پوسٽ ڊي تي ڪارو خطن جو ڀري مٿي تي کڻي خط جي اهميت اجاڳر ڪندو آهي. غلام جي واپار ۽ ان جي خاتمي جي عالمي ڏينهن تي ڳچيءَ ۾ زنجيرون ٻڌي تالا هڻي جاڳرتا ڏيندو آهي تہ دنيا مان غلام وارو دور ختم ٿي وڃڻ باوجود ان جو تصور سنڌ ۾ اڄ بہ موجود آهي، بانڊيڊ ليبر ان جو هڪ مثال آهي. بي گهر ۽ محروم ماڻهن جي ڏينهن جي حوالي سان قاتل ۽ گرا ڪپڙا پائي ڀڳل پيالو، ڇنل خالي ڊٻڪي اڳيان رکي هر ايندڙ ويندڙ کي نماڻو ٿي چوندو آهي تہ ادا اسان ننڌڻڪن جي بہ سار لهو.

سوڪهڙي جي عالمي ڏينهن تي ڪتر جي مشين تان هڪ مڻ ٻاجهري جا سڪل ڪانا وٺي جاڳرتا ڏيندو آهي تہ اسان جي سون ورني زمين پاڻي نہ هئڻ ڪري فصل سڪي رهيو آهي. مهرباني ڪري شاخن ۾ پاڻي ڇڏيو تہ آبادي ٿئي مال متا ، ڍور ڍڳا پڻ تازو پاڻي پيئن.

مزدورن جي عالمي ڏينهن تي پريس ڪلب سامهون روڊ تي سرون ، بجري، سيمينٽ لهرائي هڪ رازو وٺي جنهن ۾ پاڻ مزدور ٿي وچ روڊ تي عارضي ڀت اڏيندا آهن. قديمي آثارن جي عالمي ڏينهن تي موئن جي دڙي جو پورٽريٽ ٺاهي ان جي چنڊ ڦوڪ پيو ڪندو آهي. جانورن جي عالمي ڏينهن تي ڪئنگرو جو وڏو ڦوٽو کڻي جاڳرتا ڏيندو آهي تہ جانورن جو ائين تحفظ ڪرڻ گهرجي، جيئن هي ڪئنگرو پنهنجي ٻچي کي پيٽ سان ٻڌل ٿيلهي ۾ حفاظت ڪري رهيو آهي. دل جي عالمي

ڏينهن تي پلاسٽڪ جي ٿيلهي وڏي دل ڪٽي جاڳرتا ڏيندو آهي تہ دلين جي تمنا الله جي ذڪر ۾ آهي. ماحوليات جي عالمي ڏينهن تي ماڻهن ۾ ماسڪ ورهائي ماحولياتي آلودگي کان بچاءُ جا اپاءُ ٻڌائيندو آهي. عيد تي پٽنا اگهاڙا ڪري پيٽ سان اڏ مڻ جو پٿر ٻڌي غريبن سان گڏ يڪجهتي طور آواز بلند ڪندو آهي تہ پيٽ تان پٿر هٽايو. غريبن کي عيد ڪرايو. غربت جي عالمي ڏينهن تي ڳڙ جون منيون مانيون پچائي ماني ، لسي جي پري بہ ڪلو مکڻ ڪٽي هر ايندڙ ويندڙ کي کارائيندو آهي، گمشيده ٻارن جي والدين کي خط لکي آٽت ڏئي وڃائڻ ان ٻار جو فوٽو گهرائي هڪ ڪاپي ايڌي سينٽر وارن کي ۽ ٻي ڪاپي پوليس اسٽيشن تي موڪليندو آهي ۽ پاڻ بہ ان ٻار جي ڳولا جاري رکندو آهي. خودڪشي روڪڻ جي عالمي ڏينهن تي باقائده انساني شڪل جهڙو پتلو ناهي ڪفن ڍڪي ٻنهي پاسن کان منيا ٻڌي ڇهن فوٽن جي تختي تي رکي اڪيلي سر ڪلهي تي کڻي نڪري پوندو آهي. ماڻهو حيران ٿيندا آهن تہ هي هڪڙو ڇڙو لاش ڪنيو وڃي ڇا ماجرا آهي، تن کي چوندو آهيان تہ ادا هي منهنجو پراڻو دوست هو هن سان ڪيترائي مسئلا درپيش هئا، تنهنڪري هن خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. پوءِ لاش کي ڪلهي تان لاهي هيٺ پٽ تي رکي انهن ماڻهن کي چوندو آهيان تہ پڙهين تہ هن لاءِ مغفرت جي دعا گهرو تہ پوءِ توهان کي ميت جو منهن ٿو ڏيکاريان، آخر ڪار ان پتلي کي پريس ڪلب سامهون ٻير جي وڻ ۾ ٽنگي خودڪشي ڪرڻ کان روڪيندو رهندو آهي ۽ننڍڙن ننڍڙن ٻارن کي خرچي ڏئي چوندو آهي تہ جيڏي مهل آئون هن پتلي کي هٿ ٻڌي عرض ڪريان تہ خودڪشي ڪرڻ گناهہ آهي ان وقت توهان رڙيون ڪري چئجو تہ بابا اسان کي يتيم ڪري نہ وڃ تو کان سواءِ اسان جي ڪير سار لهندو. امان تہ اڳيئي گذاري وئي، باقي تون بہ ڦاهو ڪائي مرين ٿو، خدا جي واسطي ائين نہ ڪر. محبت جي عالمي ڏينهن تي گلاب جا گل ماڻهن کي ڏئي چوندو آهي تہ محبت ڪنهن هڪ سان نہ پر پوري انسان ذات سان ڪريو. ڊسمبر جي آخري تاريخ تي سڄي سال دوران فوت ٿي ويلن لاءِ پريس ڪلب سامهون روڊ تي ملان وٺي قرآن خواني ڪرائي، دعاءِ مغفرت گهرندو آهي. آخر ۾ ختمي ۾ سيون پيهون سيرو ۽ فروٽ تقسيم ڪندو آهي. پيءُ جي عالمي ڏينهن تي پوڙهي پيءُ کي وٺي ٽنگن ۽ پيرن کي ويٺو زور ڏيندو آهي ۽ سندس خدمت ۾ پيش پيش هوندو آهي. عيد الضحيٰ جي موقعي تي ٻڪر خريد ڪري





پريس ڪلب تي ڪاهي ايندو آهي ۽ اتي ئي ذبح ڪري غريبن ۾ گوشت ورهائيندو آهي ۽ پڻ عيد جا ٽئي ڏينهن گهر گهر مان گوشت وٺي مسڪين ماڻهن کي ڏئي ايندو آهي. ماڻهن جي خوشين جهڙوڪ شادين، وليمن، ٻارن جي طهرن، اولاد جي ڄمڻ، عقيقن تي مبارڪ باد پيش ڪندو آهي، گهوٽ ۽ ڪنوار کي بيت جي صورت ۾د عائي شيلڊ پيش ڪندو آهي، بيوٽي پارلر تي سينگارجڻ لاءِ آيل ڪنوارين کي حسين اخلاق جو پيغام ڏيندو آهي تہ اڄ توهان پنهنجو اباڻو گهر ڇڏي ساهراڻي گهر وڃون ٿيون، توهان پنهنجي ور سان سٺو سلوڪ ۽ ساڳي طرح شهرين سان پڻ سٺو رويو رکندا تہ توهان جي بهتر زندگي گذرندي. پاڻ جن گهرن يا ٻين جاين ۾ يا مختلف هنڌن تي ٻير ڪنڊي ڪيڙ ڇار وغيره جهڙا وڻ پوکيل هوندا آهن انهن وٽ انبن جون چڪيون ڪٽي پنهنجي هٿن سان پوکي اهو پيغام ڏيندو آهي تہ اڄ جو پوٽو صبحاڻي جو وڻ جيڪو ڇانو سان گڏ ميوو بہ ڏيندو جيڪو نسل در نسل آگاهي ۽ ثواب جو ثواب پڻ جاري رهندو. ماڻهن کي سندن جنم ڏينهن تي فون ڪري ياد ڪندو آهي ۽ سندن لاءِ سٺي صحت ۽ عمر درازي لاءِ دعا پڻ گهرندو آهي اسپتالن ۾ مريضن کي گل ڏئي ياد ڪري صحت يابي جي دعا گهرندو آهي. ديس ۽ دنيا جي سلامتي لاءِ ڪافي پيادل امن مارچ پڻ ڪيا اٿس جن ۾ قلندر لعل شهباز، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، بلڙي شاهہ ڪريم،صوفي شاهہ عنايت شهيد،سخي سرور نوح،پير بلاولي فقير نوح هوٿياڻي، سخي ابراهيم شاهہ، عبدالله شاهہ اصحابي، محمد هاشم ٺٽوي يقيق، حضرت شيخ سلامت جاتي، حسن بخش شاهہ هادي جيلاني، ۽ سنڌ جي ٻين ڪافي اوليائن تي حاضري ڀري امن جي دعا گهرندو رهندو آهي. پاڻ جڏهن بہ شاعري اسٽيج تي پڙهي آهي تہ مشاهدي سان بيان ڪندو آهي جنهن تي ڪيس گهڻو داد ملندو آهي. آمريڪا مان (دي يونائيٽيڊ انسٽيٽيوٽ آف پيس ايوارڊ کان سواءِ سڄي سنڌ مان مختلف تنظيمن جي پاران لاتعداد ايوارڊ مليا آهن. پاڻ سماجي ڪمن جي حوالي سان 2008ع ۾ پيس اينڊ ڊولپمينٽ سوسائٽي جي نالي سان تنظيم پڻ ناهي آهي پاڻ امن جي نشاني طور سڄي زندگي اڇا ڪپڙا اڇا بوٽ اڇي ٽوپي پهريندو آهي. ڪيس اڪثر ماڻهو اڇو سائين بہ سڏيندا آهن. سندس چهري تي هر وقت مسڪراهٽ هوندي آهي، اسان سندس هڪ بيت ۽ هڪ شعر هيٺ ڏيون ٿا.

## بيت

الله ڏي آدم کي، اکيون احساسن،
ميتي من مدي، اجرو کير آسن،
اٿل ڪونه اگهن تن موٽائج ماسن،
پرور ڪل پاسن فضل ڪر فتح شاهه چئي.

************

موت کان ايتري روز مهلت گهران،
شل بکئي پيٽ جوٿي گرنهه پومران،
جت نڌڪا نماڻا جڄها ٿو ڏسان،
جهور جهريل ڪکانوان اجها ٿو ڏسان،
تن يتيمن جو ٿي جلد وارث وران،
جن هٿن ۾ پنڻ جو ٿو پيالو ڏسان،
تن هٿن ۾ قلم ڏئي نرالو ڏسان،
مان سندن علم جي روشني ٿي ٻران،
لاش وارث بنا ٿو جتي مان ڏسان،
سمجهي اولاد آدم سي پنهنجا پسان،
بنجي پاڪر انهن تي ڪفن ٿي ڪران
جن غريبن کي غربت عمر قيد ڪيو،
پيو ته آمر انهن جو ٿمر قيد ڪيو،
خوب خوشيون ڪٽي تن دلين ۾ ڌران،
هي عمر پرجي خدمت جي منظور ٿي،
۽ حقوق العباد به پرپور ٿئي!
پوءِ به ڏاڍو فتح شاهه فراق ڌران.

## سنڌ جوعوامي شاعر مولا بخش ڪيريو

سنڌ ۾ معتبر، معشوق ۽ محبوب ماڻهن جي ڪا به ڪمي ڪانهي، سنڌ جي اهڙن ئي سادن، سڌن ۽ سٻاجهڙن ماڻهن منجهان مولا بخش ڪيريو به هڪ آهي . مولا بخش ڪيريو سنڌ جو انمول ڪردار آهي،نانياڻي جهڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ ادب، آرٽ ۽ موسيقيءَ جي مشن کي روشن رکندڙ مولابخش ڪيريو سنڌ جو نج ڳوڻاٽو ڪردار آهي. جنهن







جي اوطاق تي سندس محفل متل رهي ٿي.

مولا بخش ولد مقيم ڪيريو 16 فيبروري 1951ع تي ڳوٺ نانياڻي تعلقي دوڙ ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ ڄائو هو. هن ابتدائي تعليم سنڌي پنج درجا پنهنجي اباڻي ڳوٺ نانياڻي منجهان حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دوڙ ۾ ڇهين ڪلاس ۾ داخلا ورتائين پر تعليمي سفر کي اڳتي جاري نه رکي سگهيو.ساڻيهه جا سينگار جو ليکڪ خادم حسين چانديو لکي ٿو ته ”پاڻ سنڌ جو بهترين عوامي شاعر آهي. هن جي شاعري سولي ۽ سلوڻي آهي“.

مولا بخش ڪيرئي جي شاعري سنڌ جي مشهور فنڪارن ڦوٽو زرداري،جلال چانڊيو، الهداد زرداري، خورشيد علي خان،مکڻو فقير، صنم ماروئي،لطيف چانڊيو،ٻچل زرداري،علي حسن خاصخيلي، شمشير علي راهو،فقير سومر راهو ۽ ٻين فنڪارن ڳائي آهي.پاڻ پير اعجاز راشدي کي پنهنجوروحاني استاد سمجهي ٿو. هو هر سال 16 فيبروري تي پنهنجي سالگره جي موقعي تي شاندار ڪچهري ڪوٺائيندو آهي.

مولا بخش ڪيريو جي شاعري جو ڪتاب ”عشق جو آسمان“ 2015ع ۾ شايع ٿيو آهي.ڪيس تي پٽ عبدالرشيد،سڪندر علي ۽ غلام فريد آهن. غلام فريد بهترين شاعر ۽ راڳي آهي.(سندس پٽ وحيد علي تازو وفات ڪري ويو آهي). سندن پاڙيجوگلاب ڪيريو ۽ رضاڪيريو بهترين مصور ۽ آرٽسٽ آهن.مولا بخش ڪيريو کي زميندار ي ۽ مال متاع سان به گهڻو چاهه آهي سندس ادبي دوستن ۾ معشوق ڏاريجو جو نالو قابلِ ذڪر آهي.

## اعجاز ممنائي هڪ مخلص ڪردار

اسان جي سماج ۾ اهڙا ڪيترائي ڪردار اڄ به زنده آهن جيڪي پنهنجي وت ۽ وس آهر بنا لوڀ ۽ لالچ جي انسانذات جي فلاح ۽ بهبود لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا ائين زندگيءَ جي حقيقي مقصد کي ماڻڻ لاءِ ڪوشش ڪندا رهن ٿا ڇوته هن دو رنگي دنيا ۾ هر ماڻهو اندر جي اڄ اجهائڻ ۽ پنهنجي ڪردار کي زنده رکڻ لاءِ محنت ۽ جاکوڙ ڪن ٿا اهڙن املهه انسان ۾ اعجاز ممنائي جو نالو اهميت جوڳو آهي سندس اصل نالو اعجاز علي ميمڻ ولد الهڏنو ميمڻ ميمڻ آهي جڏهن ته

ادبي نالو اعجاز ممنائي سان مشهور آهي پاڻ 4 نومبر 1974ع ۾ ڳوٺ ڪاهي ممن تعلقہ ڀريا ضلعو نوشهرو فيروز ۾ پيدا ٿيو پاڻ پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري مڊل اسڪول ڪاهي راهو ۾ داخلا ورتي ان ڪان پوءِ گورنمينٽ مدرسہ هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز مان مئٽرڪ پاس ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نوشهرو فيروز مان انٽر پري انجنيئرنگ ۾ پاس ڪيائين ائين ڪاليج سائيڊ ڪان ئي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي مان بي اي سي ۽ ايم اي (انٽرنيشنل رليشنس) پاس ڪيائين ان دوران ئي سول اسپتال نوشهرو فيروز مان ڊسپينسر ڪورس ڪري پيراميڊيڪل انسٽيٽيوٽ ڄامشورو مان ڊينٽل ٽئڪنيشن جو ڪورس ڪيائين هن وقت رورل هيلٿ سينٽر پڊعيدن ۾ ڊينٽل ٽئڪنيشن جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي پاڻ ادب جي دنيا ۾ 1986ع ۾ بحيثيت شاعر داخل ٿيا پاڻ شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهيان جڏهن تہ سندس پسنديده صنف غزل آهي سندس پهريون غزل 1990ع ۾ روزانہ آفتاب حيدرآباد ۾ ڇپيو ان ڪان پوءِ ماهانہ ادب انٽرنيشنل، ريڊيو پبليڪيشن ، ماهوار ڪنول ڀان سعيد آباد، ماهوار سونهن نوشهرو فيروز ماهوار ڪاڪ ٽنڊوڄام ۽ ٻين ڪيترن ئي اخبارن ۽ رسالن ۽ مئگزين ۾ سندس شاعري وقت بوقت شايع ٿيندي رهي ٿي جڏهن تہ پاڻ نثر جو آغاز 1990ع ڪان ڪيو ۽ ننڍيون ننڍيون ڪهاڻيون لکڻ شروعات ڪيائين ، سندس پهرين ننڍڙي ڪهاڻي ”سڀ ڪان سٺي شيءِ“ 4 مارچ 1995ع ۾ روزانہ عبرت حيدرآباد ۾ شايع ٿي ان ڪان پوءِ ماهوار ذات مئگزين روزانہ آفتاب اخبار، سلسليوار جهاد نوابشاهہ، سورهيہ مئگزين سنڌ، سروري پبليڪيشن سميت سنڌ جي مڙني سنڌي علاقائي ۽ قومي اخبارن ۾ سندس مضمون شايع ٿيندا رهن ٿا جن جو خاص موضوع موجوده سياسي ، سماجي ۽ ملڪي حالات ، مذهبي ڏڻ ، لطيف شناسي، غير ملڪي مداخلت، دهشتگردي ، شخصيتن جا ڪارناما، ولين ۽ بزرگن جي سوانح عمري وغيره شامل آهن جن جو تعداد 500 ڪان مٿي آهي جڏهن تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جي سُر آسا ،سر ڪوهياري، سر پرڀاتي، سر ڪيڏارو، سر ڪاموڏ، سر ڪاهوڙي، سر ڏهر، تي تحقيقي مڪالا لکي چڪو آهي جن جو تفصيل هن ريت آهي

ثقافت ڪاتي شاهہ لطيف تي پهريون تحقيقي مڪالو سر





ڪوهياري 2007ع ۾ شايع ڪيو. ثقافت ڪاتي لطيف سرڪار تي ٻيون تحقيقي مڪالو سر آسا 2009ع ۾ شايع ڪيو, ثقافت ڪاتي لطيف سرڪار تي ٽيون تحقيقي مڪالو سر پرڀاتي 2010ع ۾ شايع ڪيو, ڀٽائيءَ جي سر ڪيڏارو جو اصلي راز ماهوار سورهيہ مئگزين نومبر 2007ع تي شايع ٿيو, شاهہ لطيف رح وٽ نفس شناسي ماهوار سورهيہ مئگزين آڪٽوبر 2008ع تي شايع ٿيو

لطيف سائين جي حوالي سان سندس مضمون روزانہ پاڪ سکر، روزانہ سنڌو حيدرآباد ، روزانہ نئون سچ ڪراچي، روزانہ هلال پاڪستان، روزانہ خبرون ڪراچي ، روزانہ جهونگار ڪراچي، روزانہ پاڪ ڪراچي،ساهتي آواز، روزانہ مهراڻ حيدرآباد، نواءِ سنڌ ڪراچي ۾ شايع ٿيا آهن.

ان ڪانسواءِ پاڻ نوشهرو فيروز جي ولين ۽ بزرگن تي پڻ ڪافي تحقيق ڪئي آهي، مختلف اخبارن ۾ 30 ڪان وڌيڪ بزرگن جا احوال وارا مضمون شايع ٿيا آهن، ان ڪانسواءِ پاڻ معاشري جي ڪيترين ئي اهم شخصيتن جن ۾ ڊاڪٽر اديب شاعر سماجي اڳواڻ شامل آهن انهن جي ڪيل خدمتن کي قلم بند ڪري چڪو آهي پاڻ زندگي جا 14 سال نوشهرو فيروز جي هڪ خانگي اسڪول ۾ استاد جي حيثيت سان ڪم ڪندا رهيا هن وقت سندس ڪيترائي شاگرد ڊاڪٽر ۽ انجنيئر پڻ بڻجي ويا آهن ۽ ڪيترائي شاگرد اڃان مختلف يونيورسٽين ۾ پڙهي رهيا آهن سندس اسڪول واري زندگيءَ جو وڏو ڪارنامو اهو هو جو پاڻ ننڍين ۽ انٽر جي شاگردن کي شاهہ لطيف جو رسالو ضرور وٺرائيندو هو ۽ کين چوندو هو تہ اسان وٽ جيڪو ڪجهہ آهي اهو لطيف سرڪار جي ڪري آهي انڪري ان کي پڙهڻ سمجهڻ ائين ضروري آهي جيئن قرآن شريف کي پڙهو ٿا ان ڪان سواءِ پاڻ سماجي ورڪز پڻ آهي سندس ڳوٺ جي تنظيم ڳوٺ سڌار سنگت ۽ صادق فائونڊيشن نالي ٻہ تنظيمون ڳوناٺي ترقي لاءِ جاکوڙي رهيون آهن پاڻ هن وقت بہ انهن سان ٻانهن ٻيلي ٿي ڪم ڪري رهيو آهي خاص طور تي ڳوٺ ۾ هلندڙ ٽي بي ڪلينڪ ۽ سالانہ اکين جي ڪئمپ ۾ سندس خدمتون ڪنهن کان بہ ڳجهيون نہ آهن ان ڪان سواءِ ڪاوش ڊولپمينٽ ۽ فافن اين جي اوز ۾ پڻ سرگرم رهيا پاڻ مذهبي تنظيم جي ضلعي رهنما جي حيثيت سان نوشهرو فيروز شهر جي مڙني سماجي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ

سياسي سماجي ۽ قومپرست جماعتن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو ۽ ڪين شهر جي مسئلن تي سياست نہ ڪرڻ جو وچن ورتو ائين پاڻ شهر ۾ گندگيءَ خلاف ، شراب نوشيءَ خلاف ، تعليم جي تباهيءَ خلاف ، اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ خلاف نہ صرف سراپا احتجاج رهيا پر انهن خلاف مسلسل ڪالم پڻ لکندا رهيا پاڻ ڪوئٽہ ۽ شڪارپور سميت پوري ملڪ ۾ ٿيل دهشتگردي جي واقعن خلاف ڀرپور ڪم ڪيو ۽ علائقي ۾ متحد ٿيڻ ۽ گڏجي دشمن تي نظر رکڻ لاءِ سجاڳيءَ جي تحريڪ شروع ڪئي هن وقت پاڻ پندره روزه اخبار پرين پچار نوشهرو فيروز جو مئنيجنگ ايڊيٽر پڻ آهي هن وقت سندس مشغلو اخبار ۽ ڪتاب پڙهڻ سان گڏ ادبي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ ،مختلف شعبہ جات ۾ سينئر شخصيات سان ملاقاتون ڪرڻ ۽ انهن جي زندگيءَ ۾ ڪيل خدمتن کي لکي تاريخ جي صفحن ۾ آڻڻ آهي، سندس ڪتاب ڇپائي لاءِ تيار آهن جن ۾ (1) رڍن اڳيان رباب (نثري ٽڪرا (2) ڪاتب لکيو جيئڻ (بيت) (3) تنهنجي وئي ڪان پوءِ (غزل) (4) جيون جرڪيا ڏينهڙا (غزل) (5) سانوڻ مند جا مينهڙا (وايون) (6) ڪير ٿو ڳولي ڳجهہ (نظم) (7) گهُلي غمن هير (چوسٽا) (8) مذڪُور محبت جو(ڪافيون) (9) ڏيئا منهنجي ذات جا (مرثيا) (10) ٿر مٿان ٿُوهر (نثري نظم) جڏهن تہ نثر ۾ منهنجي ديس جي دانهن (مضمون) نرڄو نوجوان (مضمون) لطيف سرچشمہ هدايت ( تحقيقي مضمون) تي مشتمل آهن، ليڪن سندس مالي حالتون اهڙيون نہ آهن جو اهي ڪتاب ڇپائي سگهي، سندس قلم جي رفتار ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي ٿي دعا آهي تہ شال زندگيءَ ۾ سندس قلم مان ڪڏهن بہ مس نہ کُٽي ۽ ائين ئي لکندو رهي.

## خوبصورت جذبن وارو شاعر رمضان رمزي

9 مئي 1977ع تي شهدادپور، شاهپورچاڪر روڊ تي ڳوٺ ڊاڪٽر مجيد چنو ۾ هڪ هاري محمد هارون چنو جي گهر ۾ جنم ورتندڙ محمد رمضان رمزي خوبصورت جذبن وارو شاعر آهي، شاگردي دور ۾ لطيف سائين ۽ استاد بخاري کي پڙهي شاعري جو شوق ٿيس، سيد ماڪن شاهہ رضوي ۽ حاجي خشڪ شاعري ۾ رهنمائي ڪئي، هن جي هالار، ڪوشش، شام اخبارن ۾ شاعري ڇپجي رهي آهي. سنڌي ادبي سنگت شهدادپور جو پريس سيڪريٽري بہ رهيو آهي. بهترين ڪمپيئر







بہ آهي، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڪيترن ئي پروگرامن ۾ بہ شريڪ ٿيو آهي. رمضان فضل، عاشق نظاماڻي، فوزيہ سومرو جا فنڪار، لطيف سائين، استاد بخاري، علي گل سانگي، علي گل رنگ، پسند جا شاعرسندا آئيڊل شخصيت ڊاڪٽر عبدالمجيد چنو آهي.

## ڀلوڙ شاعر، ماڊل ۽ سماجي ورڪر رشيد مگسي

رشيد مگسي ڀلوڙ شاعر، ماڊل، سماجي ورڪر ۽ ماضي ۾ سياسي اڳواڻ رهيو آهي، عبدالرشيد مگسي 13 مئي 1967ع تي شاهپور چاڪر شهدادپور روڊ تي ڳوٺ شير دل مگسي ۾ مشهور شاعر، صحافي، شهہ بيگ عرف مخمور مگسي جي گهر ۾ جنم ورتو، ڪاليج ۾ جساف يونٽ جي صدر ڪان سياست شروع ڪئي، ڪارڪردگي تي جساف ڊويزن حيدرآباد جو صدر بہ رهيو، بعد ۾ دوستن سان گڏجي جتي سنڌ ورڪرس پارٽي جو بنياد وڌو ۽ پاڻ مرڪزي چيئرمين چونڊيو ويو، ان پليٽ فارم تان ٻهارين جي آمد، ڪالاباغ ڊيم جي تعمير، نهري پاڻي جي کوٽ، ڪرپشن مهنگائي، منشيات جي ڪاروبار، وڌندڙ بدامني، تعليمي ادارن ۾ سياسي مداخلت، پوليس جي ظلم زيادتين، عورتن تي ٿيندڙ ظلم ۽ ٻين عوامي مسئلن خلاف سنڌ جي مختلف شهرن ۾ علامتي بک هڙتالون، احتجاجي مظاهرا ۽ ريليون ڪڍيون، بعد ۾ امير ڀنڀرو جي سنڌ نيشنل پارٽي ۾ پنهنجي پارٽي کي ضم ڪيو، ان پارٽي جي پليٽ فارم تان بہ عوامي مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد ڪئي بعد ۾ سياسي دنيا مان مايوس ٿي سماجي ڪمن ۽ ماڊلنگ جي طرف آيو، پاڻ مختلف گانن تي خوبصورت ماڊلنگ ڪئي. سندس ماڊلنگ جون سي ڊيز ناز پروڊيڪشن، ٿر ۽ سهائي پروڊيڪشن پاران رليز ڪيون ويون، جن کي ڏسندڙ پسند ڪيو انهن مان ڪافي ماڊلنگ وارا گيت ڌرتي ۽ مهراڻ ٽي وي تي هلندا رهن ٿا. ماڊلنگ ۾ سندس جيجل ماءُ منهنجو دوست وڃيو ٿا وڃن، پيار منهنجهان ران پينگهو لوڏي لولي تہ مٺڙي لولي ڏيان، ۽ جڏهن يارن ڪان ٿي جدائي ٿئي، ڏاڍا مقبول ويا، پاڻ مختلف سنڌي چينلن جي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ ۽ جي آر ڀنڀرو پاران حر تحريڪ تي ٺاهيل تاريخي وڊيو فلم ”وطن يا ڪفن“ ۾ اهم رول ادا ڪيو، پاڻ بهترين ڪمپيئر ۽ مقرر بہ آهي. ڪامريڊي دور ۾ لٽ ٻانٽي جو بہ مڙس ماڻهو رهيو، پاڻ ڪوشش ڪندي ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪندو

آهي، انتهائي حساس، غريبن جو همدرد، حسن پرست، اصولن تي سودي بازي نہ ڪندڙ ڪل مک انسان آهي، پاڻ ڏرتي ٿي وي جو سانگهڙ ۾ ضلع رپورٽر بہ آهي. ان جي حيثيت سان عوامي مسئلن کي دليري سان اجاگر ڪيو آهي. ننڍي هوندي کان ادبي ڪتاب پڙهڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو. شاعري سان سندس وڏو چاهہ آهي. ملڪ جي سٺن شاعرن جي شاعري پڙهندو رهيو آهي. شاگردي دور ۾ عشق جي چوٽ ڪيس شاعر بنائي ڇڏيو، آزاد نظمن کان شروعات ڪيائين ڏسندي بهترين شاعر طور پاڻ مڃايو پاڻ غزل، گيت، آزاد نظم وڏي تعداد ۾ لکيا اهن. سندس شاعري جو ڪتاب ڇپائي لاءِ ترتيب ڏئي رهيو آهي. پاڻ بهترين شاعر سان گڏ ڪهاڻيون ۽ افسانہ بہ لکيا آهن، پاڻ ڪهاڻين جو ڪتاب ۽ دوستن پاران ڪيس لکيل خطن تي مبني ڪتاب بہ ڇپائي لاءِ ترتيب ڏئي رهيو آهي. سندس شاعري هالار رسالو، آفتاب، هلال پاڪستان اخبارن ۾ بہ شايع ٿي ڦوٽو زرداري، امام بخش زرداري، شريف لاشاري، صالح خاصخيلي، محفلن ۾ ڳايون، سنڌي ادبي سنگت شهدادپور ۾ سرگرم رهيو آهي. ان ۾ عهديدار بہ رهيو آهي. پاڻ سنڌ صحافي سنگت جو ڊويزن ميرپورخاص جو نائب صدر بہ رهيو آهي، انڊس ڪيبل نيٽ ورڪ ضلع سانگهڙ جو صدر ۽ ڪيترن ئي سماجي تنظيمن جو عهديدار ۽ اعزازي ميمبر پڻ آهي. پاڻ سهڻي ڪيبل نيٽ ورڪ شهدادپور جو ايم ڊي بہ آهي. پاڻ شهدادپور ۾ ٿيندڙ علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي سرگرمين تعليمي ادارن جي سرگرمين، علائقي جي سماجي اڳواڻن، سول سوسائٽي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙن جا انٽرويو ڪرڻ کان سواءِ شهر جا عوامي مسئلا بہ ڪيبل تي هلائي حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. شهدادپور جو هڪ نوجوان نصير خاصخيلي ڪاري ڪامڻ ۾ مبتلا ٿي نازڪ حالت ۾ ٿي ويو، ڊاڪٽرن مشورو ڏنو تہ پارت مان جگر جي پيوند ڪاري فوري طور ڪرائي وڃي پاڻ ان نوجوان جي زندگي بچائڻ لاءِ ڪيبل جي ٿروءِ ذاتي ڪوششون وٺي ان لاءِ 60 لک چندو گڏ ڪيو، ۽ نصير خاصخيلي جو پارت مان جگر جي پيوند ڪاري ٿي ۽ سندس زندگي بچي وئي، ان ڪارنامي ڪيس شهريت جي بلندين تي پهچايو. يارن جو يار، هر ماڻهو ڪي منهن تي سچ چوڻ وارو فقير منش انسان آهي، ڪيبل تي سندس ماڊلنگ ۽ عوامي مسئلن ۽ مختلف سرگرمين جون سي ڊيز مسلسل ڪيبل تي هلڻ ڪري سڄو





شهدادپور ڪيس سڃاڻي، ماڻهن ۾ سندس وڏي عزت ۽ احترام آهي، جنهن گلي يا روڊ تان وڃي تہ ساڻس هٿ ملائڻ لاءِ ماڻهو گڏ ٿي وڃن ٿا، ٻار هن کان شوق سان آٽوگراف وٺن ٿا سيلفي ڪيرائين ٿا، پاڻ گهمڻ جو شوقين ملڪ جي تاريخي ماڳ مڪانن تي دوستن سان ويندو آهي ۽ اهي سفر ناما جي وڊيو ڪيبل تي هلائيندو آهي، جنهن ڪي ماڻهو شوق سان ڏسن ٿا. شاگردي دور ۾ ڪرڪيٽ جو بهترين رانديگر رهيو آهي. ضلع ڊويزن ليول تي شاهپور چاڪر هاءِ اسڪول جي ٽيم سان گڏ ڪرڪيٽ کيڏيو آهي. اسڪول ۾ ڪرڪيٽ انٽربورڊ جو چيئرمين بہ رهيو، ڪچهرين جو ڪوڏيو، وڏي سياسي بصيرت رکڻ وارو آهي، ڪرنٽ اشو تي دوستن ۾ ويهي ڪنهن دانشور وانگر بهترين تجزيا ڪندو آهي.

# باب نائون
# انتقال ڪري ويل ڪجهه مشهور ڪلاڪارن ۽ موسيقي جي ڄاڻ رکندڙ

## سنڌي موسيقي جو شهنشاهه خان صاحب استاد منظور علي خان

سنڌي راڳ جو بادشاهه ڪلاڪار خان صاحب استاد منظور علي خان جنهن کي ڪلاسيڪل موسيقي جو عالم به سڏيو ويو آهي. سندس آواز ۾ جادو هو موسيقي سان دلچسپي رکندڙ ماڻهو سندس ديوانا هوندا هئا. پاڻ سڄي ڄمار فن جي آبياري ڪئي پاڻ سنڌ جو ساڄاهه هو پنهنجي علم ۽ فن ذريعي سنڌي راڳ لاءِ نوان دڳ متعين ڪيا. پاڻ 1927ع ماضي ۾ سنڌ جو پئرس سڏجندڙ شهر شڪارپور ۾ پنهنجي وقت جو مشهور فنڪار استاد جمال خان (جمالو خان)جي گهر ۾ جنم ورتو سندس ملڪ جي مشهور گواليا خاندان سان تعلق هو پاڻ پننهنجي ننڍي عمر ۾ والد ڪانسواءِ مشهور فنڪار استاد بندو خان استاد سيندي خان ڪان فن جي سکيا ورتي پاڪستان ٺهڻ بعد سندس والد شڪارپور مان ٽنڊو آدم لڏي آيو استاد منظور علي خان ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ پنهنجي والد سان گڏ سڄي سنڌ ۾ موسيقي جي محفلن ۾ فن جو مظاهرو ڪيو. ڪيس ڏرپن جي انداز ڪانسواءِ خيال، ٺمري، دادرو، ٽپو ڳائڻ ۾ وڏي مهارت حاصل رهي. ڪيس سنڌي موسيقي جي وڏي ڄاڻ هئي. هن وٽ گائيڪي جون نراليون رمزون هيون پاڻ هر طبقي ۾ يڪسان مقبول رهيو ڪيس ڪلام ۽ ڪافي جي ڳائڻ تي ان حد تائين ڪمال حاصل هو جو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٿيندڙ ڪاڄن ثقافتي پروگرامن ميلن ۾ سندس شرڪت کي پروگرامن جي ڪاميابي لکيو ويندو هيو. سندس فني مهارت جو ڪمال ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڻ سورٺ، ڪوهياري ۽ وائي کي ڳوناٽي انداز ۽ ماحول ۾ ويهي ڳايو سندس رڳ رڳ ۾ موسيقي شامل هئي استاد لاءِ اهو مشهور هو ته هن پيسي جي ياري کان وڌيڪ فن جي آبياري ڪئي. انهي ڪري هن فقير طبيعت فنڪار جو هن خطي ۾ وڏي عزت احترام هو. پاڻ جيترو فن جو ماهر هو اوتروئي معاشي طور مستحڪم نه هو ان هوندي به شخاوت ۾ به قدم اڳتي هو. پاڻ ٽنڊو آدم جي ڪيترن ئي غريب گهراڻن جي مالي مدد ڪندو هو. پاڻ پاڪستان





ٺهڻ بعد ريڊيو پاڪستان ڪراچي سان وابسته ٿيو ترت ئي پوءِ 1955ع ۾ حيدرآباد ۾ ريڊيو پاڪستان جو قيام عمل ۾ آيو ته پاڻ ان سان وابسته ٿيو ۽ ڪيس هوائن جي دوش لکين ماڻهو ريڊيو تي ٻڌڻ لڳا، جيئن ڪراچي ۾ پي ٽي وي سينٽر قائم ٿيو ته پاڻ اتي به فن جو مظاهرو ڪيو. 1955ع ۾ مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ حيدرآباد ۾ سر غلام حسين هدايت الله هاءِ اسڪول ۾ سنڌي ڪافي ۽ پڪي راڳ جي محفل منعقد ڪئي ٻن ڏينهن واري هن پروگرام ۾ پهرين ڏينهن ڪافي ڪلامن جي محفل هئي ٻئي ڏينهن تي پڪي راڳ جي محفل هئي جنهن ۾ ملڪ جا مشهور فنڪار استاد اميد علي خان، استاد حبيب بينڪار، زاهده پروين، شمشاد بيگم، قادر فريدي، علي بخش ظهور، استاد منظور علي خان ۽ ٻيا شامل هئا ان محفل ۾ استاد منظور علي خان ڳائي تنگ توري چڏيا درپن لئي جو ڪمال ۽ ٽپو گلي ۽ سرن جو ڏکيو انگ آهي. اهو ڳائيڻ هر فنڪار جي وس جي ڳالهه ڪونهي اهي ٻئي منفرد راڳ خان صاحب پنهنجي والد استاد جمالو خان ڪان سکيا راڳ جا ماهر چون ٿا ته استاد ٻنهي ڳائڻ جي اندازن ۾ پنهنجي والد ڪان ڪجهه وکون اڳتي هو. چون ٿا ته ان پڪي راڳ ٻڌندڙن کي ته مست ڪري ڇڏيو هو. انڪري ان محفل ۾ شريڪ ملڪ جي چوٽي جا فنڪار به حيران ٿي ويا ۽ ڪيس داد ڏيڻ لڳا. پاڻ فن کي محدود رکڻ بجاءِ وڌايو، پاڻ زندگي ۾ ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيا. ان لاءِ پاڻ اوطاق ٺهرائي جيڪا موسيقي جي سکيا جو مرڪز رهي پاڻ شاگردن ڪانسواءِ ٻين ايندڙ ماڻهن کي ماني کارائيندو هو پاڻ سخي دل ۽ وڏو اوطاقي به هو پاڻ امير غريب ننڍي وڏي سان عزت ۽ احترام سان ملندو هو ڪاڏي پيتي رڌڻ جو به ماهر هو پاڻ شاگردن کي به رڌ پچاءُ سيکاريو. پاڻ تڏي جو مڙس ماڻهو هو. شاگردن کي به رڌ بچاءُ سيکاري چون ٿا ته استاد منظور علي خان کي شڪارپور ۾ رهڻ واري زماني ۾ اتر واري سائيڊ تي ڪنهن نازنين سان نيهن جو ناتو جوڙيو ان عشق ڪيس راڳ ۾ درد ڏنو. سندس شاعري جي چونڊ به معياري هوندي هئي سرندي وارن ڪيترن ئي شاعرن ڪيس سندن شاعري ڳائيڻ لاءِ وڏيون رقمون آڇيون پر پاڻ ڪڏهن به بازاري شاعري نه ڳائي ان زماني ۾ ڪيترائي فنڪار اهڙي شاعري ڪيسٽن ۾ رڪارڊ ڪرائي وڏو مال ٺاهيو پر استاد ان ڪان پري رهيو سندس سنڌ جي ولي الله صوفي شاعرن سان وڏي عقيدت هوندي

هئي انهن جي ميلن ۾ ڊيوٽي ڏيڻ جو خيال رکي محفلون مچائيندو هو. پاڻ سنڌي ڪافي کي منفرد انداز ۾ ڳايو پاڻ ڪافي جي بادشاهه شاعر ۽ ولي الله حضرت سيد مهدي شاهه شاهپور جهانيان جو طالب هو سندس شاعري به ڳائي. استاد محفل جي دعوت ڏيندڙ سان ڪڏهن به في طئه نه ڪئي جيڪو محفل ۾ ملندو هو. پاڻ شاگردن کي به حصو پتي ڏيندو هو. پاڻ وڏو راڄائتو هو. اوڙي پاڙي وارن کي ڏکئي وقت ۾ ڪم ايندو هو شهر وارن سان ڏک سک ۾ برابر جو شريڪ هوندو هو. شهر جي هر ساڃاهه وند سان نيازمندي هوندي هئي سندس شاگردن ۾ ٻين ڪانسواءِ محمد يوسف، گلزار علي خان، وحيد علي، انور حسين وسطڙو، قاسم علي شاهه، قمر سومرو، امير علي خان، وزير علي خان، محمد عرس مگڻهار، دين محمد دلنواز، عبدالحميد عباسي، انور سولنگي، ۽ ٻيا شامل هئا جن به سنڌي موسيقي ۾ وڏو نالو ڪيڙايو وحيد علي سندس پاٽيجو هو ان تي وڏو راز هئس جڏهن ايران جو اڳوڻو شهنشاهه سيد ظاهر شاهه پاڪستان ۾ آيو اهو دور صدر ايوب خان جو هو. جنهن پاران شهنشاهه جي مان ۾ ڏنل آجياڻي ۾ استاد منظور علي خان گهرايو ويو. سندس ڳائيل ڪلامن جو ترجمو راڳ جو ڄاڻو سيد جڙيل شاهه جيلاني (درگاهه حصرت حسن بخش شاهه هادي) ڪيو، استاد جي ڳائڻ جي انداز شهنشاهه ايران ۽ ساڻن آيل وزيرن ٻين مهمانن کي جهومائي ڇڏيو پاڻ ٻين صوفي شاعرن سان گڏ لطيف سائين جي شاعري کي جديد انداز ۾ ڳايو ڪيس سنڌي راڳ جي خدمت ڪرڻ وارين خدمتن جي اعتراف طور 1978 ع ۾ صدر پاڪستان پاران حسن ڪارڪردگي جو تمغو ڏنو ويو. جڏهن ته ڪيس لطيف ايوارڊ، سچل ايوارڊ، سهڻي ايوارڊ ڪانسواءِ لاتعداد ايوارڊ ڏنا ويا. استاد جا ڪيترائي راڳ سان دلچسپي رکندڙ ڪيترائي وڏا ماڻهو توڙي آفيسر سندس مداح هئا ۽ ڪيس وڏي عزت ڏيندا هئا. انهن ڪيس ڪيترائي سرڪاري نوڪرين جا آرڊر ڏنا جيڪي پاڻ ٽنڊو آدم جي ڪيترن ئي نوجوانن کي سندن گهرن تي وڃي ڏنا. ڪنهن ڪم ڪار لاءِ ڪو ماڻهو استاد کي ڪنهن وڏي ماڻهو ڪنهن آفيسر وٽ وٺي ويندو هو ته پاڻ ان ڪان ڪرايو پاڙو نه وٺندا هئا. هن سڄي ڄمار فن سان گڏ غريب ماڻهن جون خدمتون ڪيون. استاد منظور علي خان سان ڪيترين ئي ملاقاتون هيون ڪيترائي ڀيرا ٽنڊو آدم جمن شاهه جتي پاڙي ۾ سندس اوطاق جنهن





کي پاڻ مدرسو سڏيندو هو اتي وڃي ملاقاتون ڪيون ڪيس لطيف سائين سيد حسن بخش شاهه ڊنڙو شهدادپور ۾ سهڻي ميهار جي ميلي ۾ ڳائيندي ٻڌو سندس آواز ۾ جادو هو جڏهن ڳائيندو هوته ماڻهن ۾ ماتار ٿي ويندي هئي استاد منظور علي خان 9 سيپٽمبر 1980 ع تي رات جو دل جو دورو پوڻ ڪري هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو اسان سندس آخري سفر ۾ شريڪ هياسين، ٽنڊو آدم جي تاريخ ۾ ڪنهن به ماڻهو جي آخري سفر ۾ ماڻهن جي هيڏي وڏي انگ شرڪت نه ڪئي.سندس وصال جي ڏک ۾ ٽنڊو آدم شهر بند رهيو. سندس ميت کي ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪرڻ لاءِ سيد اسماعيل شاهه قبرستان ۾ نيو پئي ويو ته ڪيترين ئي عورتون درن تي بيهي سندن آخري سفر ۾ جهڙوڪ شريڪ ٿيون. سندس وصال سان سنڌي راڳ سڄو ٿي ويو فن جي علم جو دروازو جهڙوڪ بند ٿي ويو. استاد منظور علي خان جي ڳايل مشهور ڪافين ۾ آءُ راڻا ره رات تنهنجي چانگي کي چندن چاريان، بوند برهه جي بهار لڳي درد وندي جو ديس وسي پيو، ڏنو راءِ ڏياچ هي سر صاحب تان صدقي، پرچن شال پنهوار ڍولا مارو منهنجا، ويندس يار مري تنهنجڙي درد فراق ۾، رانجها تخت هزاري دا سائين، عشق شرع ڪيا لڳي لڳي وي قاضيا،ڪينجهر ڪناري طنبو تماچي ڄام جا، وئي ساوئي يارانِي يارن مان، عمر ديس پنهنجو وسارڻ ڏکيو آ، سڪ مارن جي سمهڻ نه ڏي، عشق ڪڙا ڪيا سوين لک ساز، آءُ ڪيئن آتڻ وڃان ڙي جيڏيون، ماڙيون ماتام، ڪيڙو مست پرين جي ناز مون کي ۽ ٻيا شامل آهن استاد منظور خان لطيف سائين، سچل سرمست، بلا شاهه، مخدوم طالب المولىٰ، سيد مهدي شاهه، سيد حسن بخش شاهه هادي جيلاني، سيد شاهنواز شاهه عارف المولىٰ، سيد مصري شاهه، شيخ اياز ۽ ٻين شاعرن جي چونڊ شاعري کي ڳايو استاد جي وفات بعد سندس اوطاق سندس پاءُ استاد وزير علي خان انهي انداز ۾ سنڀالي هي اوطاق فن جي سکيا جو مرڪز رهي پر ان جي وفات بعد هاڻ هي اوطاق فن جي سکيا جو مرڪز نه رهي. سندس خاندان جا ڪيترائي فرد ٽنڊو آدم مان لڏي ويا آهن ماضي ۾ بقول استاد منظور علي خان جي ته فن جو مدرسو رهندڙ سندس ان اوطاق ۾ هاڻي ڪريانه ۽ برف جو دوڪان ٺاهيا ويا آهن. هن وقت سندس پيائيٽو مختار علي ٽنڊو آدم ۾ رهي ٿو ۽ ڳائي ٿو.

## سنڌي موسيقي جو بهادر ۽ بيباڪ ڪردار فقير عبدالغفور

سنڌي راڳ ايترو قديم آهي، جيترو سنڌ قديم آهي. ماضي ڪان صوفي بزرگن جو ڪلام گهڙي ۽ يڪتاري تي خوشي جي موقعن ڪانسواءِ مزارن اوطاقن ولي الله جي تڪين تي ڳايو ويندو آهي. سنڌ ڌرتي ڪيئن اهڙا مهان ڪلاڪار پيدا ڪيا آهن، جن سنڌي فن جي خدمت ڪئي آهي. صوفيانہ راڳ نہ صرف سنڌ پر سڄي دنيا ۾ ڳايو ويو آهي. اهڙن فنڪارن ۾ فقير عبدالغفور بہ هڪ هو. پاڻ تقريبن 1910ع ۾ حيدرآباد ۾ محمد صالح لڪڻ جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ صرف سنڌي چند درجا پڙهيو، ننڍي هوندي ڪان ڪيس ڳائڻ جو شوق هو ۽ پاڻ 12 سالن جي ڄمار ۾ ان وقت جي مشهور فنڪار عيسيٰ فقير وٽ راڳ جي سکيا ورتي. فقير عبدالغفور جي فن جي دنيا ۾ مشهور ٿيڻ ڪان اڳ حيدرآباد ۾ گهوڙي گاڏي بہ هلائيندو هو ۽ پاڪستان ٺهڻ ڪان اڳ فقير صاحب حيدرآباد جي ڏاڍن مڙسن مان هڪ هو، ان دور ۾ درگاهہ سچل جو طالب سردار محمد بخش ڪوجهو جي فقير عبدالغفور سان واقفيت ٿي، جيڪو ڪيس سچل سائين جي ميلن تي تي وٺي وڃڻ لڳو. 1955ع ۾ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي قيام بعد فقير عبدالغفور اتان ڳائڻ لڳو ۽ جڏهن تہ سچل سائين لطيف سرڪار پين ولي الله جي عرس مبارڪن تي ٿيندڙ موسيقي جي محفلن ۾ ڳائڻ ڪري سندس مقبوليت وڌندي رهي، فقير صاحب مقبوليت لطيف سائين جي ڪلام عمر مون نہ وٽن تنهنجون ماڙيون اسين ماروئڙا مال چاريون الا! سان وڌي فقير صاحب ان ڪافي ڪي اهڙي خوبصورت انداز ۾ ڳايو جو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيڻ بعد هر ماڻهو وات اها ئي ڪافي هوندي هئي. ڪنهن محفل ۾ فقير صاحب جي ڳايل ٻي ڪافي ”مالڪ توبهہ تو در“ بہ منفرد انداز ۾ ڳائي فقير صاحب نہ صرف سنڌ ۾ پر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ فن جو مظاهرو ڪيو. ڪيس فن جي خدمت تي حڪومت پاڪستان 1966ع ڌاري ڪيس تمغہ امتياز ڏنو ويو. هي فقير صاحب جي مقبوليت جو اهو عالم هو جو سنڌ جي درگاهن صوفياڻہ محفلن تعليمي ادارن ۾ ٿيندڙ فنڪشن سندس شرڪت ڪي يقيني بڻايو ويندو هو. موسيقي جون محفلون سندس شرڪت ڪانسواءِ اڌوريون سمجهيون وينديون هيون، سردار محمد بخش ڪوجهو فقير صاحب تي مهربان هو، پاڻ فقير صاحب ڪي حمايت السلام ڪاليج پرسان موجوده سرفراز





ڪالوني ۾ گهر لاءِ زمين جو ٽڪر بہ ڏنو ۽ ڪاليج جي احاطي ۾ ڪيس هڪ ڪوٺي نهرائي ڏني، جتي فقير صاحب ويٺو هوندو هو، رات جو سردار محمد بخش اتي اچي فقير جو راڳ ٻڌندو هو، اتي پيا ماڻهو بہ گڏ ٿي فقير صاحب جو راڳ ٻڌندا هئا. فقير صاحب ڪي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ پاڻ سچل سرمست جي ڪلام ڪي منفرد انداز ۾ ڳايو شروع ۾ فقير صاحب ماچيس جي دٻي وڄائي ڳائيندو هو، انڪري ڪيس پهرين ريڊيو تي ڳائڻ جو موقعو نہ مليو، ڪيس صلاح ڏني وئي تہ هو يڪتارو ۽ چپڙي تي ڳائي بعد ۾ پاڻ يڪتارو ۽ چپڙي تي ڳايو فقير صاحب ڳالهائڻ جو پڙ هو پاڻ چرچائي بہ هو، ممتاز مرزا فقير عبدالعفور بابت پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ سنگ جو ڳائڻ سنڌ جي اسٽيج تي هڪ مخصوص مقبول اسم آهي. ان سنگ ڪي منهنجي نڪتہ نظر ڪان جيڪڏهن مقبول بڻايو تہ اهو فقير عبدالغفور هو. فقير صاحب جڏهن مستي وجد واري ڪيفيت اختيار ڪندو هو تہ هر ماڻهو جي نظر مٿس هوندي هئي هو نہ رڳو وجد ۾ اچي پاڻ نچندو هو پر ٻين ڪي بہ نچائيندو هو. ان زماني ۾ حيدرآباد ۾ آمريڪن تعليم جي مقبوليت وڌائڻ لاءِ اتي هڪ ثقافتي شام جو اهتمام ڪيو ويو. ان پروگرام ۾ بنگلاديش جو مشهور ڳائڻي شهناز بيگم جي وڏي مقبوليت هئي. ان پروگرام ۾ شهناز بيگم اڌ منو ڪلاڪ ڳائڻ بعد ساهي ڪٽڻ لاءِ فقير عبدالغفور ڪي وارو ڏنو ويو. جنهن سچل سائين جو ڪلام ”جنهن دل پيتا عشق دا جام، سا دل مستو مست مدام“ اهڙو تہ منفرد انداز ۾ ڳايو جو ماڻهو ڪيس بي انداز داد ڏيڻ لڳا. فقير صاحب مٿان ”گهڙولي“ ڳايو ”جهڙو فضا ۾ جادو ڪري ڇڏيو.“ ان بعد جڏهن شهناز بيگم ڳائڻ لاءِ آئي تہ هڪ تہ سندس آواز گهٽ پيو ماڻهن تي طاري ٿيل فقير جو جادو پريو آواز ان رات ان ڪي رات دير تائين ڳائڻو هو پر اهڙي صورتحال ۾ بہ ڪلام ڇئي ساڻي ٿي پئي، ائين لڳي رهيو هو تہ جهڙوڪ شهناز بيگم فقير جي آواز جي جادو پرئي آواز ۾ گم ٿي وئي آهي. اهڙيون ڪيئن محفلون ٿيون جن ۾ فقير ڪافي ڇگن پلن ڳائڻن ڪي اصل مات ڪرائي ڇڏي، شيخ اياز جي وائي سنڌڙي تي سر ڪري نہ ڏيندو سهندو ڪير ميار او يار ڳائي ون يونٽ خلاف شروع ڪيل تحريڪ ۾ جهڙوڪ فقير صاحب وڏيڪ روح ڦوڪيو هجي.

جنرل ضياءُ جي دور جتي سنڌ جو نالو وٺڻ گناهہ سمجهو ويندو

هو اهڙا ڪلام جن ۾ سنڌ جو نالو ايندو هو تہ اهڙن ڪلامن ڪي سرڪاري ايجنسيون انهن ڪي باغيانہ سمجهندا هئا ان دور ۾ فقير عبدالغفور لطيف جي ميلي ۾ اسٽيج تي، سنڌڙي تي سر ڪير نہ ڏيندو سهندو ڪير ميار اويار ڳايو تہ اتي ويٺل آرمي آفيسرن ڳائڻ بند ڪرايو ۽ فقير صاحب ڪي گرفتار ڪرڻ لاءِ ايڪشن ورتو پر فقير صاحب ڊرامائي انداز پٽ ٽپي اتان نڪري ويو. جڏهن تہ صدر ايوب جي دور ۾ اڻ سڌي طرح ان ڪلام تي بندش وڌي وئي پر فقير صاحب هر پروگرامن ۾ اها وائي ڳائيندو هو، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ ڀٽو صاحب حيدرآباد جي سرڪٽ هائوس ۾ ڪليل ڪچهري ڪري رهيو هو تہ فقير عبدالغفور پوليس ڪان پاڻ بچائي پٽ ٽپي اندر گهڙيو تہ پوليس سندس پويان لڳي ڀٽو صاحب اهو منظر ڏٺو فقير تي نظر پوندي پوليس ڪي روڪيائين پوءِ فقير ڪي پاڻ وٽ گهرايائين ۽ ڇپائين خبرون چارون پوءِ پهريون راڳو پڌاءِ فقير صاحب سازن ڪانسواءِ راڳو ڳائڻ شروع ڪيو، ڀٽو صاحب داد ڏيندي بعد ۾ خبرون ورتائين تہ فقير ڏي خبر پٽ ٽپي آيو آهين؟ خير تہ آهي؟ فقير چيو تہ سرڪار گهر ڪونہ اٿم، تڏهن پٽ ٽپي آيو آهيان. ذوالفقار علي ڀٽو ڪيس ميان غلام شاهہ درگاهہ لڳ هڪ پلاٽ ڏنو ۽ ڇپائين فقير وري راڳو پڌاءِ ۽ فقير وري راڳو ڳايو هڪ دفعي ذوالفقار علي ڀٽي، فقير عبدالغفور ڪان لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي گهر المرتضيٰ ۾ رات جو 2 وڳي گهر آڻي سج اڀري تائين ڳائڻ پڌو. ڀٽو صاحب هن ڪان راڳو ڳارايو فقير عبدالغفور لطيف سائين، سچل سرمست ، فقير محمد ڪتياڻ، شيرل فقير سميت ڪيترن ئي صوفي شاعرن جو وڏي تعداد ۾ ڪلام ڳايو ۽ انهن ۾ فقير صاحب جا جيڪي ڪلام مشهور ٿيا انهن ۾ عمر مون نہ وٽن تنهنجو ماڙيون مون ڪي ڏونگر ڏورڻ آيو ڪيچي ڪيچ وڃن مدت ٿي ميهار يار ساهڙ، مالڪ توبهہ تو در پارچا پوندي پاجهہ عاشق ڏسڻ آيو محبوب گل سناسي سنڌڙي تي سير ڪير تہ ڏيندو سهندو ڪير ميار آڻ ڪاگا ڪر ڳالهہ مون سان، سوئي ڪم ڪريجي جنهن جي وچ الله آپ ٻڌجي ڇيريان کهڙي ڇم ڇم لائي يار ويڪو رنگ لايا وي هت نهين سو ڪٽ نهين، رخ رانجهن دا ڪعبا قبلا عشق پڏا احرام، سهڻي يار دي گهڙولي پر دي، هاڻ سڪ رمز وجود وچارڻ دي ناهي، حاجت پڑهڻ پڑهاوڻ دي چلو ري سيان چرچان، وي آپ چمن ۾ آيا وي سڪ رمز ڪو وجود وچارڻ دي ناهي، هاوڻ دري





پاروچا پوندءِ پاجهہ گهوم چرڪڙا سائنيا دا، تيڏي ڪٽڻ والي جيو، ڪنيائون ڪلي نيڻ گهرا گلابي پر جام سادل، ننگڙا نماڻي دا جيوين تيوين پالٹا، جنهن دل پيتا عشق وَ جام سا دل مستو مست مدام، ڪنگلي والڙا يار سدا جڳ جيون سا ڏي ويڙهي آيا صبح شام، آءُ راڻا رهہ رات تنهنجي چانگي ڪي چندن چاريان، اهي ڪلام اڄ جا مشهور فنڪار فقير صاحب جي انداز ۾ ڳائين ٿا.

پاڻ زندگي جي آخري ڏينهن ۾ بيمار ٿي پيو. سول اسپتال حيدرآباد جي جنرل وارڊ ۾ 22 جولاءِ 1986ع تي دم ڏٽي حوالي ڪيو. سندس وصيت موجب ڪيس ميان غلام شاهہ ڪلهوڑو واري مقبري وٽ در تي مٽيءَ ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو.

## سنڌ جو امر آواز مائي ڀاڳي ۽ سندس خاندان ۾ راڳ جو تسلسل

لوڪ گيتن جي راڻي مائي ڀاڳي ٿر جي ڀٽن مان نڪري پوري سنڌ ۾ آواز جو جادو جاڳايو، پاڻ مٺي جي پرسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ هڪ غريب مگڻهار وهنيو فقير جي گهر ۾ 1920ع ڌاري جنم ورتو سندس والده جو نالو مائي ڪسي هو . بعد ۾ اتان لڏي نئون ڪوٽ ۾ اچي آباد ٿيا. ننڍي هوندي ڪان ٿر ۾ ٿيندڙ شادين مرادين ۾ والده ۽ ڀين مائين سان ڳائيندي وڏي ٿي، ڳائڻ وڄائڻ سندس خاندان جو پيشو هو.انڪري موسيقي جي باقاعده ڪا تعليم نہ ورتي پنهنجي خاندان جي عورتن ڪي ڳائيندو ڏسي اتان ڳائڻ سکيو، ويچاري شڪل جي ڪوجهي، ننڍڙو قد، سادي سپاجهڙي پر جڏهن ڪن تي هٿ رکي ڳائيندي هئي تہ سندس خوبصورت آواز ڪوئل جي ڪوڪ لڳندو هو. ٿرپارڪر ضلعي ۾ مٺي ڪان ننگرپارڪر ويندي پالوا ڳوٺ ۾ مارئي جو ميلو لڳندو آهي، جتي تقريبن 1963ع ۾ سرڪاري بنگلي تي آيل مهمانن جي دل وندرائڻ لاءِ مائي ڀاڳي ڪي ڳارايو ويو. جتي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ٽيم بہ پهتل هئي، ان محفل ۾ مائي ڀاڳي ۽ مراد فقير ڪي بيحد پسند ڪيو ويو ۽ بعد ۾ ڪيس ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي وٺي آيا، جتي غلام حسين شيخ 1966ع ڌاري ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي متعارف ڪرايو . جتي مائي ڀاڳي جو پهريون گيت "تار منجهان ترندي اچي لهرن مان لڙهندي اچي، او دل ڪوهيارل ڪوهيارل پئي ڪري" ڳايو جيڪو رڪارڊ ڪيو ويو ۽ هوائن جي دوش تي پهريون

دفعو سندس منڙو آواز ماڻهن جي ڪنن تي پيو ۽ اهو گيت بيحد مقبول ٿيو. ان بعد هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي لاتعداد لوڪ گيت رڪارڊ ڪرايا جن مان، ڪڙي نيم ڪي نيچي هو تو هيڪلي، مرلي واري من موهيو الا، سمن سائين مان گولي غلام تنهنجي در جي ، پٽ جا پٽائي پٽ تي وسي نور منهنجون تون پڇايون ۽ ٻيا لاتعداد گيت ڳايا مائي ڀاڳي سرتار واري هئي، ليڪن ريڊيو تي سندس گيت غلام حسين شيخ ۽ استاد فيروز گل محنت ۽ ترتيب سان ائين رڪارڊ ڪيا جو مشهور فنڪار سندس ڳايل گيت ٻڌي دنگ رهجي ويندا هئا ۽ ڏسندي ڏسندي مائي ڀاڳي جو سڄي سنڌ ۾ ڌاڪو ڄمي ويو. هر پروگرامن ۾ سندس شرڪت ڪي يقيني بنايو ويندو هو، ڪيترن ئي پروگرامن جن ۾ ڪيترائي نالي وار فنڪار شريڪ ٿيندا هئا پر ٻڌندڙ مائي ڀاڳي کي ڳائڻ تان اٿڻ ئي نہ ڏيندا هئا. فرمائشن مٿان فرمائش ڪئي ويندي هئي. سنڌ جي ماڻهن مائي ڀاڳي کي وڏي عزت ڏني، ماڻهن جو سندس آواز سان حد درجي جو عشق هو، مراد فقير سان گڏ ٽري لوڪ گيت چيري ميري رڪارڊ ڪرايو جنهن مقبوليت جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. سندس سنڌ جي صوفي بزرگن سان عقيدت هئي، پاڻ تقريبن سنڌ ۾ ٿيندڙ ميلن ۾ ٿيندڙ محفل موسيقي ۾ شريڪ ٿيندي هئي۽ پاڻ صوفي درويشن جي مزارن تي حاضري بہ ڀريندي رهندي هئي. ڪيس لطيف سائين ، قلندر لال شهباز، سمن سرڪار سان خاص عقيدت هئي. انهن درگاهن تي وڃي مٿيون بہ ڀريون ، ٻهارا بہ ڏنا، پاڪستان ٽيليويزن تي بہ سندس ڪلام رڪارڊ ٿيا، اها شايد گهٽ ماڻهن کي خبر هوندي تہ مائي ڀاڳي لوڪ گيتن جي بهترين، شاعره بہ هئي سندس ڳايل ڪافي لوڪ گيت سندس ئي آهن. پاڻ لطيف سائين، سچل سرمست، بلي شاهہ، حمل فقير، مصري شاهہ، شيرل فقير، عباس شاهہ، سيد عنايت رضوي ۽ ٻين صوفي شاعرن جو صوفيانہ ڪلام ڳائيندي هئي مون ڪيس پهريون ڀيرو 1981ع ۾ لطيف سائين جي مزار تي ڏٺو جتي پاڻ عقيدت وچان ٻهاري ڏني مٽي ڀري ۽ اتي پٽ جا پٽائي پٽ تي وسئي نور منهنجون تو پڇايون ڳايو سندس ڳائيڻ تي درگاهہ تي آيل زائرين مٿس نوٽن جي بارش ڪئي، اتي خوشي وچان ڪيس اکين مان ڳوڙها بہ ڳڙي آهيا، 82ع لطيف سائين جي عرس مبارڪ تي ممتاز مرزا معرفت ساڻس تعارف ٿيو، مون اتي ساڻس مختصر انٽرويو بہ ڪيو، ايتري سادي جو جڏهن هن کان





سوال ڪيو تہ ننڍڙي شهر مان نڪري سڄي سنڌ ۾ شهرت جي بلندين تي پهچندي ڇا ٿا محسوس ڪريو؟ جي جواب ۾ چيو تہ الله جا احسان آهن ولين بزرگن درويشن جون دعائون آهن نہ تہ اسين مارو ماڻهو، هن اهو بہ چيو تہ اسين مارو فقير ماڻهو ايڏي مشهوري نہ ٿا چاهيون مائي ڀاڳي جي پسند جا فنڪار استاد ابراهيم ۽ استاد جمن هئا. پاڻ زندگي ۾ ڏوڪڙن کي اهميت ڏيڻ بجاءِ دل جان سان سنڌي موسيقي جي خدمت ڪئي فن جي آبياري ڪئي ان زماني ۾ ڪيسٽي دنيا جو عروج نہ هو صرف مشهور فنڪارن جون ڪيسٽون ٺهنديون هيون مائي ڀاڳي جي ڪيسٽ مقبوليت جا رڪارڊ ٽوڙيا شروع ۾ پاڻ سندس مائٽ مراد فقير سان بعد ۾ پنهنجي پٽ ڪالو فقير ۽ نياٽي مائي سوني سان گڏ ڳائيندي رهي، زندگي جا آخري سال بيمار رهي ان جي باوجود پاڻ فن جي خدمت جاري رکي. لطيف سائين، قلندر شهباز، سچل سرمست ، سمن سائين جي عرس مبارڪن ۾ پاڻ ڪٽائي اتي وڃي عقيدت وچان فن جو مظاهرو ڪندي هئي. حميد آخوند ڪيس ڏاڍو ڀائيندو هو، بيماري واري حالت ۾ حميد آخوند خود ۽ سندس سرندي وارن دوستن کان علاج لاءِ مدد وٺرائي ڏني اها جدا ڳالهہ آهي تہ حميد آخوند ان دور ۾ سيڪريٽري ثقافت هئڻ جي باوجود مائي ڀاڳي جي علاج لاءِ اعلانيل مالي امداد سندس وفات بعد ملي اهڙو عمل يقينًا مائي ڀاڳي سان مذاق برابر هو آخري سالن ۾ ڪيس حج جي سعادت حاصل ڪرڻ جي خواهش رهي حميد آخوند ان حوالي سان ڪوششون بہ ڪيون ۽ ان وقت جي گورنر کي راضي بہ ڪيو پر سندس حياتي وفا نہ ڪئي ان کان اڳ دم ڏٽي حوالي ڪيو. هڪ دوست استاد فيروز گل جي حوالي سان ٻڌايو تہ استاد فيروز گل ڀارت ويو تہ اتي هن لتا منگيشڪر سان ملاقات ڪئي ۽ موسيقي جي حوالي سان ٿيل ڪچهري ۾ لتا جي فرمائش تي هڪ گيت ٻڌايو جيڪو مائي ڀاڳي جو ڳائيل هو، فيروز گل انهي ڌن ۾ انهي رنگ ۾ ڳايو تہ لتا معلوم ڪيو تہ اهو ڪهڙي فنڪار ڳايو آهي؟ استاد فيروز گل ٻڌايو تہ اهو مائي ڀاڳي جو ڳايل آهي، تہ لتا ان انداز کي ساراهيو ۽ چيو ڪاش مائي ڀاڳي زنده هجي ها تہ آئون ساڻس ملاقات ڪري ڪيس ساراهيان ها...! مائي ڀاڳي حڪومت پاڪستان پاران تمغہ حسن ڪارڪردگي شاهہ لطيف ايوارڊ، سچل ايوارڊ سميت لاتعداد ايوارڊ حاصل ڪيا سندس ڳائيل ڪيترائي گيت سنڌ جا مشهور فنڪار

سندس انداز ۾ ڳائين ٿا ڪيترائي ٽري گيت ملڪ جا مشهور اردو ڳائيندڙ فنڪار ڳائين پيا. مائي ڀاڳي پنهنجي گيتن جون ڌنيون پاڻ تيار ڪندي هئي.سندس گيتن ۾ ڪڙي نيم ڪي نيچي هون هيڪلي، مرلي واري من موهيو الا، سمن سائين آئون گولي غلام تنهنجي در جي، پٽ جا پٽائي پٽ تي وسئي نور منهنجون تو پڄايون، پينر منهنجو ٻارڙوچو آيو ڪوهيارو آيو الا. جيجل منهنجي قسمت ڪنڌ نوايو لکيو لوهہ قلم، ڄاريم ۾ ڄايس الا. مارا اڏڪا ڀمويا ۽ ٻين گيتن وڏي مقبوليت حاصل ڪئي، سندس ڪيترائي ڳايل گيت سڄي سنڌ ۾ شادين ۽ خوشين جي ٻين موقعن تي ڏاڍي چاهہ سان ڳايا وڃن ٿا. ممتاز مرزا کيس پي ٽي وي تي وٺي ويو جتي عبدالڪريم بلوچ کيس متعارف ڪرايو، ريڊيو پاڪستان ۽ پي ٽي وي تي لاتعداد گيت ريڪارڊ آهن جيڪي اڄ بہ اتي نشر ٿين ٿا. سندس آخري آرامگاهہ نئون ڪوٽ ۾ درگاهہ حضرت راضي شاهہ جي قبرستان ۾ آهي.

زندگي جا آخري ڏينهن بيمار رهي بيماري جي باوجود فن کي جاري رکيو، پاڻ 7 جولاءِ 1986ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي، ليڪن سندس امر گيت اڄ بہ گونجن ٿا اڄ بہ سنڌ جي عوام سندس فن جي مداح بنيل آهي سندس ڳائيل گيت عوام ۾ مقبول آهن اڄ بہ اعتبار ئي نہ ٿو اچي تہ ڪو پاڻ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي آهي. سندس وصال بعد سندس فرزند ڪالو فقير جيڪو هر پروگرام ۾ ساڻس گڏ رهيو ۽ سندس نياڻي مائي سوني سندس انداز ۾ ڳايو سندس نياڻي بہ گذاري وئي، ڪالو فقير هاڻ بيمار رهي ٿو پوءِ بہ نڀائي پيو. ميڊم سسئي پليجو جي وزير ثقافت ٿيڻ دوران مائي ڀاڳي جي نئون ڪوٽ ۾ ورسي وڏي پيماني تي ملهائي وئي هئي.سندس انتقال کي ڪيترائي سال گذري ويا آهن پر سنڌ واسي کيس وساري نہ سگهيا آهن. هن وقت سندس خاندان ۾ ڪالو فقير مائي ڀاڳي جو پوٽو برڪت فقير مائي سوني جو فرزند رستم فقير ڏوهٽي مائي حليمان حيدري، مائي جيوٽي بہ ڳائين ٿا جڏهن تہ برڪت فقير ڏاڏي جي رنگ کان هٽي ڪري الڳ رنگ ۾ ڳائي ٿو باقين سڀن جو رنگ مائي ڀاڳي وارو آهي.

**ڪالو فقير:** مائي ڀاڳي جو فرزند ڪالو فقير 1936ع ۾ جنم ورتو 21 سالن جي ڄمار ۾ شادي ڪئي، فقير عمر ڪوٽائي ۽ محمد سومار نبي سر واري کان راڳ سکيو پهريون اڪيلو ڳائيندو هو بعد ۾ پنهنجي والده





سان گڏ ڳائيندو هو اسان کي اهو ڏينهن بہ ياد آهي جڏهن استاد محمد ابراهيم سان مهراڻ آرٽ ڪائونسل ۾ ملهائيل شام ۾ برڪت فقير "مان ٿر وڃان پاڪر وڃان آئون وڃان" اهڙي تہ سوز سان ڳايو جو استاد ابراهيم روئي ڏنو ۽ پاڻ پروگرام ختم ٿيڻ بعد ڪالو فقير جي نرڙ تي چمي ڏني ان بعد استاد ابراهيم ڪالو فقير کي اڪيلو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پروگرام وٺرائي ڏنو استاد ابراهيم ۽ استاد محمد جمن جي معرفت پي ٽي وي ڪراچي جي پروڊيوسر غلام حيدر شيخ کيس ٽي وي تي پروگرام ڏنو ڪالو فقير مائي ڀاڳي سان گڏ ٽي وي ۽ ريڊيو تي تہ لاتعداد پروگرام ڪيا سندن آواز ۾ ڪيترائي لوڪ گيت رڪارڊ ٿيا، جڏهن تہ ڪالو فقير جي آواز ۾ بہ ڪافي ڪلام رڪارڊ ٿيا ڪالو فقير لطيف سائين سچل سرمست خوش خير محمد، مصري شاهہ امام عنايت شاهہ رضوي، منٺار فقير، بيدل، بيڪس جي عارفانہ ڪلامن ڪانسواءِ والده جا ڳائيل گيت بہ خوبصورت انداز ۾ ڳايا سندس عارفانہ ڪلام ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ پي ٽي وي ڪراچي تي رڪارڊ ٿيا، ڪالو فقير هار مونيم بہ بهتر انداز سان وڄائيندڙ رهيو، سندس پسند جي فنڪارن ۾ استاد منظور علي خان، استاد جمن، استاد ابراهيم سينگار علي سليم مهدي حسن آهن سندس ڳائيل گيتن ۾ لطيف سائين جو ڪلام "اڄهو سڄ لٿو ڪر ڪا ڪار ڪتڻ جي" خوش خير محمد جو ڪلام لڳو تاب حسن جو "هڪڙي گهڙي" ڏاڍا وڻن ٿا. پاڻ 2009ع ڌاري مٺي کان نئون ڪوٽ ايندي هڪ حادثي ۾ سندس دماغ تي ڌڪ لڳڻ ڪري سندس حافظو گهٽ ٿي وڃڻ جي باوجود ٻڌندڙن جي زور ڀرڻ تي ڳائي ٿو. سندس زندگي جون 2 خواهشون آهن هڪ ثقافت کاتي پاران کيس زنواري ڪرائي وڃي پيو کيس شاهہ لطيف ايوارڊ ڏنو وڃي.

**مائي سوني:** مائي ڀاڳي جي نياڻي مائي سوني جنهن مائي ڀاڳي کان راڳ جي سکيا ورتي ان سان گڏ بہ ڳايو مائي ڀاڳي جي وفات بعد والده جي انداز ۾ ڳايو سندس آواز ۾ سر ۽ سوز سمائيل هو. ننڍي هوندي ماءُ کي ڳائيندي ڏسي ڳائڻ سکيو 14 سالن جي ڄمار ۾ والده سان گڏ ۽ اڪيلي سر فنڪشنن ۾ ڳائڻ شروع ڪيو 17 سالن جي ڄمار ۾ سندس شادي ٿي وئي. پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ پي ٽي وي ڪراچي جي پروگرامن ۾ بہ والده سان گڏ ڳائڻ ڪانسواءِ الڳ بہ ڳايو پاڻ سنڌ

اندر ٿيندڙ ادبي ثقافتي پروگرامن، شادين ۾ ڳائيڻ ڪانسواءِ ثقافت کاتي پاران لطيف سائين قلندر لال شهباز، سچل سرمست جي عرس ۾ ٻين پروگرامن ۾ ڳايو جڏهن تہ پنهنجي راڄ جي شادين ۾ بہ ڳائيندي هئي نئون ڪوٽ واري علائقي ۾ ملڪاڻي شريف جتي سندن اباڻو راڄ هو اتي ٿيندڙ شادين ۾ ڳائيندي هئي زندگي جي آخري ڏينهن ۾ پاڻ مثاني ۾ پٿري، هاءِ بلڊپريشر ۽ شگر جي ڪري بيمار رهي ان هوندي بہ فن جي خدمت ڪئي بيماري جي هوندي بہ پروگرامن ۾ شريڪ ٿي ڳائيندي هئي پاڻ 72 سالن جي عمر ۾ 2014ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي.

**برڪت فقير:** برڪت فقير مائي ڀاڳي جي فرزند ۽ مشهور راڳي ڪالو فقير جي گهر ۾ 1976ع ۾ جنم ورتو، ڏاڏي ۽ والد کي ڳائيندي ڏسي ڪيس ڳائيڻ جو شوق ٿيو ۽ پاڻ پنهنجي والد ڪانسواءِ استاد جمن سينگار علي سليم، استاد حسين فقير کان راڳ جي تربيت ورتي 15 سالن جي عمر ۾ پي ٽي وي ڪراچي تي ٻارڙن جي پروگرامن روشن تارا ۾ ٻاراڻو گيت ڳايو، ڪيس ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي نصير مرزا متعارف ڪرايو ۽ اتي سندس پهرين ڪافي زمان شاهہ جي رڪارڊ ٿي. برڪت فقير جو انداز مائي ڀاڳي ۽ والد ڪالو فقير کان مختلف آهي. فن جي دنيا ۾ هن جو پنهنجو الڳ رنگ آهي. برڪت فقير مسلسل رياضت ڪرڻ ڪري اڄ فن جي بلندين تي پهتل آهي. هن جي سڃاڻپ مائي ڀاڳي يا ڪالو فقير نہ آهي، هن فن جي دنيا ۾ الڳ سڃاڻپ آهي برڪت فقير جي ڳايل گيت غزل ڪافين جي چونڊ هئڻ ڪري پاڻ هر طبقي ۾ وڏي مقبوليت رکي ٿو سندس ڳائيڻ جو انداز منفرد ۽ وڻندڙ آهي ان جو سبب شايد اهو آهي تہ سندس راڳ جا استاد راڳ جي دنيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. پاڻ غزل وڌيڪ ڳائي ٿو جڏهن غزل ڳائي ٿو تہ ٻڌندڙن ۾ خاموشي ڇانئجي وڃي ٿي. پاڻ شاهہ لطيف، سچل سرمست، استاد بخاري، شيخ اياز، پروين شاڪر، فيض احمد، بلي شاهہ، چيزل شاهہ، رکيل شاهہ، منٺار فقير، محمد فقير کٽياڻ، احمد فراز، امر ساهڙ، سائينداد رند، احمد سولنگي، نسرين الطاف قريشي، اياز گل، ادل سومرو، راشد مورائي ، معصوم بخاري ۽ ٻين لاتعداد شاعرن جي شاعري ريڊيو ٽي وي ۽ محفلن ۾ ڳائيندو رهيو آهي.سندس پي ٽي وي ڪراچي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کان وٺي تقريبًا سنڌي چينلن ۾ ايف ايم







ريڊيو تي لاتعداد گيت رڪارڊ ٿيل آهن. پي ٽي وي ڪراچي جي مشهور پروگرامن اوطاق، رس رهاڻ ۽ ٻين پروگرامن ۾ فن جو مظاهرو ڪيو آهي سنڌي ٽي وي چينلن تي ايندڙ ڪافي ڊرامن جي ٽائيٽل سانگ ۾ سندس رڪارڊ ٿيل گيت هلايا ويندا هئا. جن مان "ڏک جي نہ پڄاڻي آ هر شخص ڪهاڻي آ" وڏي مقبوليت ماڻي آهي. پاڻ مختلف سنڌي ٽي وي چينلز جي لائيو پروگرامن ۾ فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. لطيف سائين، قلندر لال شهباز، سچل سرمست ماروي جي ميلن جي محفل موسيقي ڪانسواءِ ثقافتي کاتي پاران مختلف شهرن ۾ ٿيندڙ تقريبن پروگرامن، لاهور ثقافتي ميلي ۾ فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. برڪت فقير جو ڳايل هر گيت وڏي مشهوري ماڻي آهي پر اياز گل جي گيت "تيز هوا ۾ تنهنجو آنچل ٿو اڏري" راشد مورائي جي "جنهن باغ ۾ ڪنڊا ڪين هجن گلڙن جي حفاظت ڪير ڪري" نسرين الطاف قريشي جو "انهي ويل پيارا اسان جي هجون ها تہ ڳوڙها اوهان جا اگهون ها" ڏاڍا مقبول ٿيا آهن، اهي گيت مختلف سنڌي ٽي وي چينلن ۽ ريڊيو حيدرآباد ۽ مختلف ايف ايم ريڊيو تي نشر ٿيندا رهن ٿا. برڪت فقير جي مقبوليت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌ اندر ٿيندڙ سرڪاري ۽ ادبي ثقافتي تنظيمن جي پروگرامن ۾ خوشي جي ڪاڄن ۾ سندس شرڪت کي يقيني بڻايو ويندو آهي برڪت فقير زندگي ۾ ڏوڪڙن سان ياري رکڻ بجاءِ سدائين فن جي آبياري ڪئي آهي، سندس پسند جي فنڪارن ۾ استاد جمن، استاد ابراهيم، سينگار علي سليم، لتا منگيشڪر، مهدي حسن آهن، سندس فن جو تسلسل برقرار رکڻ لاءِ سندس فرزند رحمان فقير بہ والد کان فن جي سکيا وٺي پيو سندس آواز خوبصورت آهي .

**حليمان حيدري:** حليمان حيدري مائي ڀاڳي جي نياڻي مائي رحيمان جي نياڻي آهي. پاڻ 1982ع ۾ مٺي شهر ۾ حجامڪو ڪم ڪندڙ عمر فقير جي گهر ۾ جنم ورتو. ننڍي هوندي کان پنهنجي ناني مائي ڀاڳي ماسي مائي سوني، مامي ڪالو فقير کي ڳائيندي ڏسي هن کي بہ ڳائڻ جو شوق ٿيو ۽ ننڍي ڄمار ۾ هنن کان راڳ سکيو ۽ پاڻ 2000ع کان باقائيده ڳائي ٿي. پاڻ مختلف اردو جي ڪيترن ئي نجي ٽي وي چينلن جي صبح وارن لائيو پروگرامن ۾ فن جو مظاهرو ڪري چڪي آهي. انهن چينلن پاران مائي ڀاڳي جي ورسي جي پروگرامن ۾ بہ مائي حليمان

پنهنجي ناني مائي ڀاڳي جي ڳائيل گيت انهي انداز ۾ ڳايا آهن جڏهن تہ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٿيندڙ فنڪشنز ۾ بہ مائي حليمان حيدري مائي ڀاڳي جا ڳائيل گيت ۽ ڪيترائي نوان گيت ڳائي ٻڌندڙن کان داد حاصل ڪيو آهي پاڻ عابده پروين جا ڳائيل گيت "ڏيو مبارڪ علي مرتضيٰ ڪون" ۽ ڌمالون سٺي انداز ۾ ڳايون آهن ڪيس سندس ڳائيل گيتن مان "مارا اڏڪا پموڀا" سڪ اندر ۾ هجي شال هميشہ مان اباڻن وچان" جوڳي هٽي ڏي ڍارو، تارن مان ترندي اڇي ڏاڍا وڻن ٿا. حليمان حيدري جو آواز ڏاڍو وڻندڙ دل کي موهيندڙ آهي. سندس ولين سان وڏي عقيدت آهي نئون ڪوٽ ۾ درگاهہ راضي شاهہ تي وقت بہ وقت حاضريون ڏيندي رهي آهي. سندس پسند جي فنڪارن ۾ استاد غلام علي، مهدي حسن، ميڊم نورجهان، عابده پروين، شامل آهن پاڻ مولائي بندي ۽ مشهور نوحا خوان بہ آهن ڪربلا جي شهيد جي ڏک ۾ پاڻ محرم الحرام جي ڏهن ڏينهن ڪانسواءِ بہ عام ڏينهن تي گهٽو ڪري ڪارا ڪپڙا پائيندي آهي پاڻ نئون ڪوٽ شهر ۽ ٻين شهرن جي امام بارگاهن ۾ عاشوره ۾ نوحہ خواني ڪندي آهي سندس آواز ۾ ڏاڍو درد ۽ سوز سمايل آهي سندس خواهش آهي تہ زنواري ڪري.

**رستم فقير:** مائي سوني جو فرزند ۽ حليمان حيدري جو جيون ساٿي آهي پاڻ 1971ع ۾ جنم ورتو 6 ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪري سگهيو راڳ والده کان سکيو بهترين ڍولڪ نواز بہ آهي. والده مائي سوني سان گڏ ڍولڪ وڄائيندو هو مائي سوني سان گڏ گيت بہ ڳائيندو هو سندس آواز سٺو آهي. پاڻ پنهنجي زال مائي حليمان حيدري سان گڏ ڍولڪ بہ وڄائيندو آهي تہ ڳائيندو بہ آهي. خاص طور چيري ميرو حليمان حيدري سان گڏ ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ ڳائي ٿو.

**جيوٽي مائي:** مائي سوني جي نياٽي جيوٽي مائي عارب فقير جي گهر ۾ 1968ع ۾ جنم ورتو ۽ 5 درجي تائين تعليم حاصل ڪري سگهي. 1988ع کان ڳائي ٿي ناني مائي ڀاڳي والده سوني مائي کي ڳائيندو ڏسي ڳائڻ جو شوق ٿيو راڳ ناني ۽ والده کان سکيو. ڪيترن ئي پروگرامن ۾ فن جو مظاهرو ڪيو آهي. ايف ايم ريڊيو تي بہ فن جو مظاهرو ڪيو آهي. پاڻ ناني والده جي ڳائيل گيتن ڪانسواءِ ڪيترائي نوان گيت بہ ڳايا آهن علائقي جي شادين ۾ بہ ڳائي ٿي سندس انداز ناني ۽ والده جهڙو آهي.





## سنڌي موسيقي جو موهيندڙ آواز صادق فقير

صادق فقير سنڌ جو ڀلوڙ صوفي فنڪار هو، جنهن پئسي جي ياري کي اهميت ڏيڻ بجاءِ فن جي آبياري ڪئي، فن جي دنيا جو چمڪندڙ ستارو هو. شايد هي واحد فنڪار هو جنهن هر طبقي ۾ هڪ جهڙي مقبوليت حاصل ڪئي. صادق فقير خاص طور سنجيده ماڻهن جي پسند جو فنڪار هو، پاڻ چونڊ شاعري ڳائي نہ صرف سنڌ پر سڄي دنيا ۾ رهندڙ لکين ٻڌندڙن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي. سنڌ اندر ٿيندڙ ادبي پروگرامن ۾ صادق فقير کي اهميت ڏني ويندي هئي پاڻ لطيف سائين، سچل سرمست، بلا شاهہ، وارث شاهہ، مرزا غالب، شيخ اياز، استاد بخاري، ابراهيم منشي، آڪاش انصاري سرويچ سجاولي حليم باغي، ادل سومرو، اسحاق سميجو، تاج جويو، مختيار ملڪ، زاهد شيخ، اياز گل، را شد مورائي ، حسن بخش شاهہ، هادي ، حسن درس، عبدالغفار تبسم، اقبال رند، وفا پلي، وفا ناٿن شاهي، سائين داد رند، امين لاکو ڪانسواءِ لاتعداد صوفي، ترقي پسند شاعرن جي شاعري کي منفرد انداز ۾ ڳايو صادق فقير ڳائيل شاعري جون ڌنيون خود ٺاهيندو هو. جڏهن ڪيسٽي دنيا جو عروج هو تڏهن صادق فقير جون مختلف ڪيسٽن جي ڪمپنين پاران رڪارڊ ٿيندڙ آڊيو ڪيسٽون رڪارڊ توڙ وڪرو ٿيون هر فنڪار جو هڪ دور هوندو هو، جنهن ۾ هر هنڌ ان جو بول بالا هوندو آهي. ليڪن صادق فقير هر دور جو مشهور فنڪار رهيو. هن جي مقبوليت يڪسان رهي، جڏهن يونيورسٽين ، ڪاليجن جي فنڪشن ۾ ڳائيندو هو تہ شاگرد شاگردياڻيون، پروفيسر بي اختيار ٿي نچندا هئا. جڏهن صوفيانہ محفل ڪندو هو تہ ماڻهو بي اختيار ٿي نچندا هئا. سنڌ اندر صوفي بزرگن جي عرس مبارڪن ۾ عقيدت وچان ويندو هو. هن ڪبير کي بہ ڳايو، صادق فقير سنڌي ڪانسواءِ اردو ، پنجابي، پشتو ، هندي ، بلوچي، سرائيڪي، مارواڙي ۾ بہ ڳايو. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳائي آيو صادق فقير جي مقبوليت جو سبب اهو بہ هو تہ هن چونڊ شاعري ڳائي ۽ انهن گيتن کي سٺي ڌن ۾ ٺاهي ڳايو ۽ هن محنت ڪئي، ڳائڻ کي ڌنڌو نہ پر عبادت سمجهي ڳايو، پاڻ پروگرامن ۾ وڃڻ لاءِ في اڳواٽ طئہ نہ ڪندو هو، جيڪو ڀاڙو خرچ جيڪا گهور ملي اڪين تي، جڏهن فون جي سهولت نہ هئي تہ اڻ واقف ماڻهو ڪيس خط لکي ڪاڄن جي ۽ پروگرامن جون دعوتون ڏيندا هئا پاڻ اتي پهچندو هو،

روايتي فنڪارن وانگر دعوت ڏيندڙن سان ڪابہ فرمائش نہ ڪندو هو نہ وري في پهرين وٺي پوءِ ڳائڻ لاءِ اسٽيج تي ايندو هو، جيڪو مليو بسم الله آئون سندس گيت ريڊيو پاڪستان ، پي ٽي وي تي ۽ آڊيو ڪيسٽن تي ٻڌندو هئس پر پهرين ملاقات لطيف سائين جي عرس مبارڪ ۾ 1993ع ۾ ٿي، جڏهن تہ باقاعده واقفيت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ادا ڪوثر برڙو جي آفيس ۾ ٿي، جنهن ساڻن منهنجو باقاعده تعارف ڪرايو. ان بعد سنڌ اندر ٿيندڙ مختلف پروگرامن ۾ ملاقاتن جو سلسلو جاري ٿي ويو ۽ اسان سٺا دوست بڻجي وياسين خاص طور تي لطيف سائين جي عرس مبارڪ تي باقاعده ڪچهري ٿيندي هئي. پاڻ ڀلاري ڀٽ ڌڻي جو عقيدتمند هو. ڀٽ شاهہ پهچندي پهرين درگاهہ تي پهچي چائونٺ چمندو هو. 2000ع ڌاري شيخ اياز جي ورسي سنڌ صحافي سنگت پاران ديوان گاگن داس مد ناٽي ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏيل سهڪار سان ملهائي وئي مون ۾ گاگن داس ڪيس خط ۽ بعد ۾ فون ڪري دعوت ڏني ۽ ڪيس چيو تہ اسان صرف ڪرايو ڏئي سگهون ٿا، پاڻ فون تي دعوت قبول ڪئي واپسي تي ڪرايو نہ ورتو ۽ چيو تہ شيخ اياز جو پاڻ سڀين تي قرض آهي. شابس هجي اوهان کي جو ان جي ورسي هيڏي شاندار انداز ۾ ملهائي آهي. ان پروگرام ۾ ڪيس پير بخش ڏيرو ايڊووڪيٽ هٿان شيخ اياز ايوارڊ بہ ڏنو ويو. ان تي پاڻ مائيڪ تي اچي چيو تہ زندگي ۾ لاتعداد ايوارڊ مليا آهن پر شيخ اياز جي نالي سان اهو بہ صحافين جي تنظيم سنڌ صحافي سنگت پاران منهنجي لاءِ اعزاز آهي. اسان شيخ اياز جي هر ورسي تہ نہ ملهائي سگهياسين پر هر ورسي تي اديبن، شاعرن فنڪارن مختلف تنظيمن پاران اسان بہ سنڌ صحافي سنگت پاران شيخ اياز جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهيندا هئاسين، شيخ اياز جي ورسي تي صادق فقير بہ گلن جي چادر چاڙهيندو هو ۽ ٻنا سازن جي اياز جي شاعري ڳائيندو هو. خاص طور سنڌڙي تي سر ڪير نہ ڏيندو. سکي پيا کي ملين تي چئجان چاندني تو سواءِ نہ ٿيندي، مان ڏوهي هان مان ڏوهي هان. 2011ع ۾ اسان جي ڳوٺ ملدسي ويجهو شهدادپور روڊ تي مشهور بزرگ حضرت فقير دريا خان ڪپري جي عرس مبارڪ ۾ ميلو لڳائيندڙ منير احمد ڪپري سان مشورو ٿيو تہ هن سال صادق فقير کي ٻڌجي پيا فنڪار گهٽ گهرائجن ۽ فون تي صادق فقير کي دعوت ڏني وئي هو مقرر ڏينهن تي شام 7 وڳي پريس ڪلب





شهدادپور پهتو، جتي سنڌ صحافي سنگت شهدادپور جي صدر مهدي حسن پنهور پاران سندس اعزاز ۾ آجياڻو ڏنو ويو هو. اتان کان رات 9 وڳي عرس مبارڪ ۾ پهتو جتي پرهہ ڦٽي تائين اهڙو تہ ڳايو جو بس تنگ توڙي ڇڏيائين، راڳ ختم ٿيڻ تائين سخت سيءُ هجڻ جي باوجود سڀ ماڻهو ويٺا رهيا ۽ صادق فقير تي نوٽن جو مينهن وسندو رهيو. هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي فرمائش ڪرڻ لڳو، جڏهن فرمائشون وڌي ويون تہ اسان فيصلو ڪيو تہ هاڻ صادق فقير کي ڇڏي ڏيون تہ هو پنهنجي مرضي سان گيت ٻڌائي. هن سچل سرمست جي "آيا مک ويکڻ، مان جوئي آهيان سوئي آهيان" پٺاڻو خان جو ڳايل گيت "ميڏا عشق وي تون" احمد فراز جو "سنا هي لوک اسي آنکهہ ڀر کي ديکتي هين. استاد بخاري جو گيت عشق هو چرچو نہ هو رونشو نہ هو، پيار درياءُ آ درياءُ بہ لتجي ٿو وڃي. وفا ناٿن شاهي جو گيت تو سان پل پل جو رابطو آ، اقبال رند جو گيت، شهر جو شهر دربدر نہ ڪري ڪيس چئجو هتان گذر نہ ڪري،ا ياز گل جو گيت، جيسين ڪوئي ڍوليو نہ آهي، جيوڻ گهارڻ سولو نہ آهي. حليم باغي جي اڙي شهر جانا، مخدوم طالب المولىٰ جي هڪ سانولڙي جو خواب آهيان، شيخ اياز جي سنڌڙي تي سير ڪير نہ ڏيندو، ڌرتي تو کي منهنجي چمي اڌوري رهجي وئي، سکي پيا کي ملين تہ چئجان چاندني تو سواءِ نہ ٿيندي، بلا شاهہ جي تيري عشق نچايا، سيد شاهنواز شاهہ عارف المولىٰ جي اسين پنهنجا وارا وڃائي وڃون ٿا. پروين شاڪر جي گيت ڪُو بہ ڪُو ڦهل گئي بات، فيض احمد فيض جي گليون ۾ رنگ ڀري، علي اظهار جي گيت اسان پيئڻ ڇڏي ڏنو، ابراهيم منشي جي ڪتيون ڪيئن قيد ۾ گذريون ۽ ٻين شاعرن جي چونڊ شاعري ڳائي. صادق فقير جي خواهش هئي تہ هو مٺي ۾ موسيقي جي اڪيڊمي قائم ڪري جتي سکيا وٺن لاءِ ايندڙ جي رهائش جو بہ انتظام هجي، اتي مشهور فنڪارن کان بہ موسيقي تي ليڪچر ڪرائجي ۽ هن ان مقصد لاءِ پلاٽ بہ ورتو هو، ليڪن سندس اهڙي خواهش پوري ٿيڻ کان اڳ سعودي عرب جي صحرائن ۾ گم ٿي ويو، عمري جي سعادت لاءِ سعودي وڃڻ کان اڳ پاڻ پنهنجي فيس بوڪ تي اهو آخري پيغام ڇڏيو تہ سعودي وڃي رهيو آهيان يار ۽ دوست منهنجي سلامتي سان سنڌ واپسي لاءِ دعا ڪن، صادق فقير جي آواز ۾ ٿر جي خوشبو هئي ٿر جي ڪلاڪارن مائي ڀاڳي ۽ موهن ڀڳت بہ فن جي دنيا ۾ وڏي

مجتا ماڻي، اهڙا سمورا سدا بهار فنڪار صدين ڪانپوءِ پيدا ٿيندا آهن ۽ لاڏاڻي بعد وڏو خال پيدا ڪري ويندا آهن. صادق فقير جي وڇوڙي سان سنڌي موسقي ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿي ويو آهي. جيڪو پرڄڻ مشڪل آهي. صادق فقير جهڙو خوبصورت آواز وارو فنڪار وري پيدا نہ ٿيندو. صادق فقير 20 مارچ 1964ع تي فقير فيض محمد مگڻهار جي گهر ۾ مٺي ۾ جنم ورتو، راڳ ڪيس ورثي ۾ مليو، پاڻ راڳ جي سکيا پنهنجي مامي استاد حسين فقير کان حاصل ڪئي.

پرائمري کان ايم اي تائين تعليم مٺي ۾ ورتي پاڻ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مٺي ۾ ليڪچرار ٿيو، شاگردي دور ۾ اسڪول بعد ۾ ڪاليج اندر ۽ مٺي شهر ۾ ننڍين ننڍين پروگرامن ۾ شوقيا طور ڳائيندو هو، سندس آواز ۾ سوز سمائيل هو سندس ڳائڻ جو هڪ منفرد انداز هو، تہ جي خوشبو سمايل هئي. 1982ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اياز گل جو گيت تو کان ٿيندي ڏار ڪلندي ڪلندي يار لڙڪ لڙي پيا لار ڪري رڪارڊ ٿيو، ان دور ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو عروج هو، ان دور ۾ ايف ايم ۽ نجي ٽي وي جو دور نہ هو ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڊائريڪٽ ڳائڻ ۽ ڪلام رڪارڊ ڪرائڻ ڏکيو مرحلو هو پهرين ان فنڪار کي پاس ٿيڻ لاءِ ڪيترن ئي مرحلن مان گذرڻو پوندو هو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان سندس اهو گيت اهڙو تہ مشهور ٿيو جو ان بعد سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ پروگرامن ۾ صادق فقير کي گهرائڻ جو سلسلو تيز ٿي ويو. ترت ئي پوءِ شمشير حيدري ڪيس پاڪستان ٽي وي تي متعارف ڪرايو، صادق فقير نہ صرف سنڌ پر پنجاب، بلوچستان ڪانسواءِ ٻاهرين دنيا جي ملڪن هندستان، سعودي عرب، ڪينيڊا، دبئي، اسڪاٽ لينڊ، سنگاپور، انگلينڊ ۾ بہ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو، پاڻ نہ صرف بهترين ڪلاڪار هو پر بهترين انسان بہ هو خوش اخلاق جو پينڊار هو، سچو مخلص ۽ کرو انسان هو. هو چاهي ها تہ روايتي فنڪارن وانگر بازاري شاعري ڳائي ڏوڪڙ ڪمائي ها پر هن ائين نہ ڪيو، پاڻ رومانوي قومي، مزاحمتي شاعري بہ ڳائي. جڏهن صادق فقير ، شيخ اياز جي شاعري ڳائي تہ شيخ اياز چيو تہ منهنجي شاعري کي جن فنڪارن جي ڳولا هئي اهو صادق فقير آهي. پاڻ عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ سعودي عرب ويا جتي روضي رسول پاڪ حضرت محمد صہ جي حاضري بعد مڪي شريف ويندي فيبروي 2015 تي هڪ روڊ حادثي ۾ هن فاني





دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. پهرين سندس جسد خاڪي کي اتي ئي سپردخاڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو پر بعد ۾ صادق فقير جي مداحن جي اسرار خاص طور نصير مرا، تاج جويو، اسحاق سميجو ناز سهتو ۽ ٻين جي اسرار تي سندس مائٽن فيصلو تبديل ڪري سندس مڙهہ کي پنهنجي اباڻي ڳوٺ مٺي جي قبرستان ۾ ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو . ۽ سفارتي ڪوشش بعد سندس جسد خاڪي کي هوائي جهاز ۾ ڪراچي کان ايمبولينس رستي مٺي آندو ويو. ڪيترن ئي هنڌن تي صادق فقير جي ميت تي گلن جي ورکا ڪئي وئي، جڏهن تہ سندس جسد خاڪي اباڻي شهر مٺي پهتو تہ سڄي شهر جا ماڻهو ٻاهر نڪري آيا، عورتون گهرن آڏو نڪري آيون، هر هنڌ گلن جي ورکا ڪئي وئي، ان وقت اهي منظر قيامت خيز هئا هر هنڌ روڄ راڙو هو. هر اک آلي هئي. ان موقعي تي مشهور فنڪارن صادق فقير جي ڳائيل مشهور گيتن کي ڳايو، صادق فقير جسماني طور تي اسان کان دور هليو ويو پر سندس شخصيت ڪردار هميشہ لاءِ ياد رهندو. فن جي دنيا ۾ سندس خدمتون ڪڏهن بہ نہ وسرنديون.

## ڪلاسيڪل موسيقي جو ماهرسيد جُڙيل شاهہ جيلاني

سيد پير جُڙيل شاهہ جو شمار سنڌ جي انهن چند ماڻهن ۾ ٿئي ٿو، جيڪي ڪلاسيڪل موسيقي جا وڏا ڄاڻو هئا، پاڻ بهترين شوقيہ ڳائيڪ بہ هئا. مشهور اديب، محقق، دانشور، راڳ جو ڄاڻو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ موسيقي بابت پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ راڳ بابت لکيل مضمون ۾ لکيو آهي تہ سنڌ ۾ راڳ جا چند ڄاڻو آهن. انهن ۾ مخدوم محمد الزمان طاحب المولئ، سيد غلام رسول شاهہ جيلاني ميرپورخاص وارو، ڪريم بخش نظاماڻي ۽ پير سيد جُڙيل شاهہ ڊنڙي وارو شامل آهن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مختلف ٽي وي چينلن تي راڳ بابت ٿيندڙ پروگرامن ۾ اها ڳالهہ فخر سان ڪئي تہ پاڻ راڳ بابت ڄاڻ سائين پير جُڙيل شاهہ جيلاني کان حاصل ڪندو هو. سيد جُڙيل شاهہ جيلاني سنڌ جي مشهور ولي الله ۽ ست زبانن جي شاعر حضرت حسن بخش شاهہ هادي جي سجاده نشين سيد ڏنل شاهہ جيلاني جو فرزند مشهور اديب، شاعر، دانشور، سماج سُڌارڪ شخصيت سيد شاهہ نواز شاهہ عارف المولئ جو ننڍو ڀاءُ هو.

سندس جنم 1922ع تي درگاھ حضرت حسن بخش شاھ تي ٿيو. پاڻ سنڌي فائينل، فارسي، عربي جي ابتدائي تعليم ۽ قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪئي. پاڻ هڪ اهڙي خاندان اهڙي ماحول ۾ جنم ورتو. جتي هر وقت راڳ ويراڳ جون محفلون متل هونديون هيون. ڪيس ننڍي هوندي کان راڳ ٻڌڻ، راڳ بابت معلومات حاصل ڪرڻ ۽ خود بہ شوقيہ طور ڳائڻ جو شوق رهيو، ان شوق ۾ پاڻ راڳ جو راڻو خانصاحب استاد منظور علي خان وٽ هفتي ۾ ٻہ ٽي پيرا ٽنڊو آدم ويندو هو. راڳ جي حوالي سان استاد بڙي غلام علي خان مهدي حسن ۽ ٻين ڪلاسيڪل موسيقي جي فنڪارن کان معلومات ورتي، ڪيس لطيف سائين جي راڳ سان بہ دلچسپي هئي، پاڻ لطيف سائين جي راڳ جي مشهور راڳين پير غلام حيدر، شاھ قربان فقير لنجواڻي ۽ ٻين کان ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ انهن کان راڳ بہ سکيو پاڻ لطيف جو راڳ ڳائيندو بہ هو. سندس راڳ ويراڳ سان ايترو شوق هو جو سنڌ جي انهن صوفي بزرگن جي عرس مبارڪن ۾ ويندو هو، جتي راڳ ويراڳ جون محفلون ٿينديون هيون، ڪيس انهن ولي الله جي سجاده نشين پاران باقاعده دعوتون ڏنيون وينديون هيون ۽ اگر عرس مبارڪن ۾ ڳائيندڙ فنڪارن کي ايوارڊ ڏنا ويندا هئا تہ اهو فيصلو پير جُڙيل شاھ کان ڪرايو ويندو هو. حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي تي جڏهن ادبي ڪانفرنس ۽ راڳ رهاڻ شروع ٿيو تہ شروع ۾ راڳ رهاڻ جي محفل پير جُڙيل شاھ جي حوالي هوندي هئي تہ پاڻ ڪهڙن فنڪارن کي ڪهڙي نمبر تي وارو ڏي ٿو ڪهڙي فنڪار کان ڪهڙو ڪلام ڳارائي ٿو. پاڻ ڪجھ سال فنڪارن کي ملندڙ ايوارڊ جي حوالي سان بہ ڪميٽي ۾ بہ شامل رهيو. ٻين بہ ڪيترن ئي اوليائن جي عرس مبارڪن ۾ برپا ٿيندڙ محفل موسيقي سندس نگراني ۾ ٿيندي هئي. مخدوم طالب المولىٰ بہ مختلف پروگرامن ۾ موسيقي جي حوالي سان ٿيندڙ ڪچهرين ۾ پير جُڙيل شاھ جي راڳ جي ڄاڻ جي حوالي سان تعريف ۽ اعتراف ڪندو هو ۽ پاڻ ڪيترائي ڀيرا ڪيس مخدوم هائوس تي گهرائي راڳ بابت ڪچهريون ڪندو هو.

صدر ايوب خان جي دور ۾ جڏهن ايران جو شهنشاھ رضا شاھ پهلوي سرڪاري دوري تي پاڪستان آيو تہ ڪراچي ۾ سندس اعزاز ۾ ڏنل صدارتي آجياڻي جي موقعي تي شاندار محفل موسيقي منعقد





ڪئي وئي، ان ۾ چئن صوبن جي مشهور فنڪارن کي مدعو ڪيو ويو. ان موقعي تي جڏهن استاد منظور علي خان سنڌي ۾ ڳايو تہ اهي ساڳيا ڪلام پير جُڙيل فارسي ۾ ترجمو ڪري ترنم ۾ ڳايا ۽ پاڻ ان محفل ۾ مولانا رومي، فارسي جي شاعرن خيام فردوسي ۽ ٻين شاعرن جي شاعري بہ ڳائي ان محفل ۾ پير جُڙيل شاھ جي ترجمو ڪري ترنم ۾ ڳائيل ۽ فارسي شاعرن جي ڳائيل شاعري تي شهنشاھ ايران جهومڻ لڳو ۽ تاڙيون وڄائڻ لڳو ۽ ڪيس پاڻ وٽ گهرائي اُٿي ڀاڪر پائي مليو، سندس تعريف ڪئي ۽ ڪيس نقد انعام ڏنو، ان محفل ۾ پير جُڙيل شاھ کي سرڪاري طور بہ ايوارڊ سند ڏني وئي، سنڌ جي مختلف درگاهن جي عرس مبارڪن جي محفل موسيقين ۾ اسان جو بہ وڃڻ ٿيندو هو. جتي پير جُڙيل شاھ جو فنڪارن وٽ مان مرتبو ڏسڻ وٽان هوندو هو. ناليوارا فنڪار ڳائيڻ کان اڳ ڪيس پيرن تي هٿ رکي دعا ڪرڻ لاءِ چوندا هئا، پاڻ شوقيہ طور سازن تي ڳائيندو بہ هو. اهڙو تہ بهترين ڳائيندو هو جو ٻڌندڙن تي سڪتو طاري ٿي ويندو هو، مخدوم طالب المولىٰ جن ڪيس سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٿيندڙ محفل موسيقي ۾ جن ۾ ڪين صدر محفل يا مک مهمان طور شريڪ ڪيو ويندو هو تہ گهڻو ڪري پير جُڙيل شاھ کي گڏ وٺي ويندو هو ۽ اُتي ڪيس راڻو ڳائڻ جي فرمائش ڪندو هو ۽ پير جُڙيل شاھ راڻو اهڙو تہ پر سوز آواز ۾ ڳائيندو هو جو ٻڌندڙ روئي ڏيندا هئا، سندس ادب سان پڙهڻ جي حد تائين شوق هو. سنڌ جي مشهور شاعرن سان سندس ڏيٺ ويٺ ۽ نياز مندي رهي. جنرل ضياءَ جي دور ۾ جڏهن سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ان آمريت خلاف لکڻيون پڙهجڻ ڪري ان دور ۾ سنڌي ادبي سنگت حڪمرانن ۽ اختيارين جي اک ۾ ڪنڊي برابر محسوس ٿي ۽ سنڌي ادبي سنگت جو گهيرو تنگ ڪيو ويو تہ ان وقت شهدادپور ۾ ماڻهن سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين لاءِ پنهنجي جڳھ ڏيڻ کان انڪار ڪيو تہ پير جُڙيل شاھ سندس اباڻا پاڙو شهدادپور واري اوطاق سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين لاءِ ڏني ۽ خود بہ گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ گڏجاڻين ۾ ايندڙ ن لاءِ چانھ پاڻي جو بہ انتظام ڪندو هو ۽ پاڻ خود انهن گڏجاڻين ۾ لطيف سائين ۽ ٻين شاعرن جي قومي انقلابي شاعري ڳائيندو هو، ابراهيم مُنشي سان شام بہ سندس اوطاق ۾ رچائي وئي. پاڻ سخي، مهمان نواز، ياررويس، ڪچهرين جو ڪوڏيو، هر دلعزيز شخصيت جو مالڪ هو.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ايف ايم ٽنڊو آدم ڪي ٽي اين ۾ ٻين سنڌي چينلن تي راڳ جي حوالي سان ڪيترن ئي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيو، آخري ڏينهن ۾ بيمار رهڻ لڳو. ان جي باوجود حضرت حسن بخش شاهه هادي، عارف المولىٰ جي ورسين ۾ درگاهن تي ٿيندڙ ٻين پروگرامن ۾ آخر تائين ويٺل نظر ايندو هو. حضرت حسن شاهه هادي جي عرس جي وڏائڻ ۾ اتي ادبي ثقافتي ميڙاڪا مچائڻ جي حوالي سان پنهنجي ڀاءُ سيد شاهنواز شاهه عارف المولىٰ سان ٻانهه ٻيلي بيٺل رهيو. پاڻ 2 شوال 1433هه بمطابق 12 آگسٽ 2013ع تي صبح جو 6 وڳي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، سندس آخري آرام گاهه درگاهه حضرت حسن بخش شاهه جي اڱڻ تي آهي، سندس فرزندن مان سيد غلام علي شاهه، والد وانگر راڳ جو ڄاڻو ۽ خود بهترين فنڪار آهي. ٻيو نمبر فرزند سيد غلام شاهه شاعر ۽ تعليمي شخصيت آهي.





# باب ڏهون

# سول سوسائٽي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ ڪجهه مشهور شخصيتون

## ڀٽ شاهه جو پورو پير "نازڪ سائين"

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪي اولاد نه هو، هن سدائين پنهنجي فقيرن کي اولاد سمجهيو. ڀٽ ڌڻي جي وصال بعد جڏهن سندس سجاده نشين مقرر ڪرڻ جو مرحلو آيو ته ڪيترائي سيد اُميدوار طور ميدان ۾ آيا. جڏهن ته اها ڳالهه به غور ويچار هيٺ آئي ته ڪنهن فقير کي ان منصب تي ويهاريو وڃي، پر فقيرن جي اڪثريت لطيف سائين جو ڀائيٽيو سيد جمال شاهه جيڪو روايتن موجب سندن حاضري ۾ رهندو هو، هڪ روايت موجب جنهن لاءِ لطيف سائين هڪ دفعي اهو به چيو هو ته وصال بعد هن جو آخري آرام گاهه اسان جي پرسان هوندو ۽ هڪ سفر ۾ ڪيس پنهنجي بستري تي پاڻ سان گڏ به سمهاريو هو، ان کي سجاده نشين جي منصب تي ويهاريو. لطيف سائين جا هن وقت تائين 11 سجاده نشين رهيا آهن، روايتون آهن ته لطيف سائين جي درگاهه جي توسيع، مرمت، لطيف سائين جي ميلي ملاکڙي کي وڌائڻ ۾ 7 سجاده نشين سيد علي بخش شاهه المعروف علڻ سائين جون وڏيون خدمتون آهن. لطيف سائين جي سجاده نشين توڙي سندس خاندان جو سياست سان تعلق نه رهيو آهي. هاڻ ته ڪجهه عرصي کان اهو سلسلو ختم ٿي ويو آهي. لطيف سائينءَ جي خاندان جا ڪيترائي فرد مختلف سياسي پارٽين سان وابسته آهن ۽ هاڻ ته 11 سجاده نشين سيد وقار حسين شاهه پنهنجي سياسي پارٽي ٺاهي آهي. روايتون آهن ته لطيف سائين پاران سندس خاندان وارن ۽ فقيرن کي هٿيار رکڻ، سياست ۾ حصو وٺڻ، ماڙي نهرائڻ، شڪار ڪرڻ کان منع ٿيل آهي. ان ڪري لطيف جي سجاده نشينن جو ڪنهن به سياسي پارٽي سان تعلق نه رهيو، پر سندن مشهور سياسدانن سان ذاتي طور گهرا واسطا ضرور هئا. ان وقت جا ڪيترائي سياسي خاندان لطيف سائين جا مريد به هئا. جڏهن سياسي سوچ وڌي ۽ سياست هيٺين طبقي تائين پهتي ته پوءِ به لطيف جو سجاده نشين سياست کان پري هيا پر مريدن عقيدتمندن کي به آزاد ڇڏيو ته هو جنهن کي بهتر سمجهن ان کي ووٽ ڏين ۽ سنڌ ۾ ڀٽائي جي سجاده نشين پاران ڪافي بهتر ساک رکندڙ سياستدانن کي ووٽ به ڏيارايا. علڻ سائين ڪانپوءِ اگر ڀٽ شاهه جي نگري ۾ لطيف سائين جي

درگاهہ تي وڏ کان وڏ ترقياتي ڪم ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون تہ اها شخصيت آهي سيد مظهر علي شاهہ نازڻ سائين جي...! پاڻ لطيف سائين جي نائين سجاده نشين سيد غلام شبير شاهہ جو پيو نمبر فرزند 10 سجاده نشين سيد نثار حسين شاهہ جو پاءُ ۽ موجوده سجاده نشين سيد وقار حسين شاهہ جو چاچو آهي. سيد مظهر علي شاهہ کي پيار وچان نازڻ سائين ۽ ننڍي هوندي پيار وچان پورو پير بہ سڏيندا هئا. پاڻ وڏو مهمان نواز، سخي، غريبن جو همدرد، سندس دستر خوان وسيع آهي. دوستن، غريبن کي سٺيون مانيون کارائي خوشي محسوس ڪندو آهي. وڏي شخصيت هئڻ جي باوجود عاجزي نيازمندي سان هر ماڻهو سان ملندو آهي. علائقي ۾ ڪنهن جو ڏک برداشت نہ ڪري سگهندو آهي. پاڻ ڪجهہ سالن کان حيدرآباد ۾ اولاد جي تعليم جي حوالي سان رهي ٿو. پاڻ سجاڳ ذهن آهي، غريبن جي اولاد کي تعليم ڏيارڻ لاءِ همٿائيندو رهندو آهي. خاص طور نياڻين جي تعليم تي زور ڏي ٿو. پاڻ پنهنجي نياڻي کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ جي سوچ تحت تعليم ڏياري رهيو آهي. حيدرآباد ۾ رهڻ جي باوجود ڀٽ شاهہ واسين سان رابطي ۾ رهي ٿو. ڀٽ شاهہ وارن سان ڏک سک ۾ شريڪ رهيو آهي. حيدرآباد واري رهائشگاهہ تي بہ ڪم ڪارين وارن جا ميڙا متل هوندا آهن. پاڻ جڏهن ڀٽ شاهہ ۾ رهندو هو تہ صبح کان رات تائين ڪم ڪارين وارن ۽ ملڻ وارن ماڻهن جا ميڙا متل رهيا ۽ هاڻ بہ هفتي ۾ ٻہ ٽي ڀيرا ڀٽ شاهہ اچي ٿو تہ ماڻهن جا وٿن ميڙا مچي ٿا وڃن.. سندس عوام دوستي بنا فرق جي عوام جي خدمت ڪرڻ واري جذبي کي ڏسندي ڪنهن شاعر نازڻ سائين لاءِ هيئن چيو تہ:

ان در تي هر وقت ميلو متل نازڻ جهان جو جهانگير آ.

7 ڊسمبر 1949ع ۾ جنم وٺندڙ نازڻ سائين مختلف تعليمي ادارن ۾ تعليم حاصل ڪئي، پاڻ پ پ، مسلم ليگ سميت تقريبن سمورين پارٽين پاران سندن پارٽين ۾ شامل ٿيڻ جون ٿيندڙ آڇون ٺڪرائيندو رهيو آهي. پاڻ حقوق العباد تحت حال سارو خلق خدا جي خدمت ۽ مدد ڪندو رهي ٿو. لطيف سائين فرمايو آهي تہ

روزا نمازون اي پڻ چڱو ڪم،

اهو ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسين پرين کي.

۽ يقينن اهو ٻيو فهم خلق خدا جي خدمت ڪرڻ آهي ۽ اهڙي خدمت سان بقول سندس تہ سڪون ملي ٿو. گذريل ڪيترن ئي سالن





کان لطيف جي ميلي ۾ زائرين جي حفاظت ۽ ڪين پوليس جي زيادتين کان بچائڻ لاءِ شاهہ لطيف رضاڪار فورس جي سوين رضاڪارن کي مقرر ڪندو آهي، پنهنجي بنگلي تي مانيٽرنگ سيل بہ قائم ڪندو آهي، سندس ڪوشش سان ڪيترن ئي سالن کان زائرين لاءِ اوقاف کاتي پاران سندس نگراني ۾ ميلي ۾ روزانو لنگر هلي ٿو. سندس ملڪ جي ماضي حال جي تقريبن حڪمرانن کان وٺي اعليٰ بيوروڪريٽ تائين بهترين تعلقات رهيا آهن، پر انهن ناتن کي ذاتي مفاد بجاءِ درگاهہ لطيف ۽ لطيف جي نگري جي ترقي، لطيفي جماعت ۽ علائقي جي عوام جي ڪم ڪارين، مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ استعمال ڪندي اهڙيون ڪوششون ڪندو رهيو آهي، جيڪي ڪامياب ويون آهن. سندس شخصيت مقناطيسي آهي هڪ دفعو ساڻن ملندڙ سندس مداح ٿي ويندو آهي پاڻ ننڍي هوندي کان لطيف جي درگاهہ تي خدمتون ڪندو رهيو آهي. 70ع ۾ سندس ڪوشش سان لونگ فقير لوڙهي وارو جي رازن مزدورن جي ونگار سان درگاهہ کي چوديواري ڏياري ۽ پراڻي زبون چوديواري کي 5+5 فوٽ پوئتي هٽايو. اوقاف کاتي جي اڳوڻي سيڪريٽري باز محمد جوڻيجو کي چئي ڀٽ ڏٺي جي امڙ جي مزار جو ڪم ڪرايو جڏهن تہ شاهہ حبيب ۽ لطيف سائين جي وچ وارو وراندو جڏهن زبون ٿيو تہ اوقاف کاتي وارن سان ملاقات ڪري آر سي سي وراندو ٺهرايو. درگاهہ جو مکيہ وراندو جيڪو ڪاٺ جي خوبصورت داسن ۽ پٽين تي ٺهيل هو، ان کي سرو ڪائي ويو تہ نازڻ سائين سردار غلام محمد مهر کي ٽالهين جا وڻ ڏيڻ لاءِ چيو ۽ گهوٽڪي مان ٽالهي جي ڪاٺ جي ترڪ پنهل فقير پرائي آيو ان ڪاٺ مان ساڳئي چٽ سالي سان داسا، پٽيون، ٿنڀ ٺاهي ڪاڏل پراڻا ڪڍي نوان لڳايا ويا. درگاهہ جو ڏمال خانو زبون ٿي ويو تہ نازڻ سائين جي ڪوشش سان اوقاف کاتي پاران 32 لکن جي لاڳت سان غازي عباس جي ايوان جي طرز تي خوبصورت انداز ۾ ٺهرايو ويو. نازڻ سائين اوقاف کاتي وارن کي مشورو ڏنو تہ لطيف سائين جي زبون کوهہ کي خوبصورت انداز ۾ ٺهرايو وڃي ۽ ان کوهہ تي نار لڳايو وڃي، جنهن ۾ ڍڳو جوٽيو وڃي. کوهہ کي تہ خوبصورت بنايو ويو پر نار لڳائي ڍڳو خريد ڪري جوٽڻ وارو پلان اڌ ۾ رهجي ويو.سابق صدر پرويز مشرف جڏهن ڪراچي ۾ وزير اعليٰ سنڌ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم جي دعوت تي آيو تہ نازڻ سائين بہ ان دعوت ۾

شريڪ هو جڏهن ڊاڪٽر ارباب رحيم نازڪ سائين جو پرويز مشرف سان تعارف ڪرايو ته هن صدر پاڪستان کي چيو ته ملڪ جا ڪيترائي صدر وزير اعظم ويندي جنرل ضياء الحق جهڙو آمر به لطيف سائين جي درٻار تي حاضري ڏني آهي ليڪن اوهان حاضري اڃان تائين نه ڏني آهي نه وري وزير اعظم شوڪت عزيز آيو آهي ان تي پرويز مشرف واعدو ڪيو ته ايندڙ ميلي تي هو پاڻ يا وزير اعظم شوڪت عزيز ضرور ايندو ۽ انهي سال ميلي جو افتتاح شوڪت عزيز ڪيو درگاهه جي خوبصورتي لاءِ 50 ڪروڙ ۽ سنڌ جي وڏي وزير ارباب غلام رحيم به 50 ڪروڙن جو اعلان ڪيو ليڪن سندن اهي اعلان هوا ۾ اڏامي ويا انهن تي عمل نه ٿيو ليڪن شوقت عزيز کي ان وقت جي مٽياري جي ضلعي ناظم سيد محمد علي شاهه ڄاموٽ مٽياري ۾ ايف ايم ريڊيو کولڻ جو چيو ان تي نازڪ سائين چيو ته ايف ايم ڀٽ شاهه ۾ کلڻ گهرجي، جتي لطيف سائين جون وايون هلايون وڃن ۽ سندس ڪلام پيغام کي عام ڪيو وڃي نازڪ سائين جي ڳالهين مان متاثر ٿي شوڪت عزيز ڀٽ شاهه ۾ ايف ايم ريڊيو لڳائڻ جو اعلان ڪيو، جيڪو ماشاء الله اڄ لطيف سائين جو ڪلام پيغام عام ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ڀٽ شاهه جي ترقياتي ڪمن جي ڳالهه ڪبي ته ان ۾ به نازڪ سائين جو شاندار ڪردار رهيو آهي پاڻ لطيف جي نگري جي ترقياتي ڪمن لاءِ ان وقت جي سنڌ جي وڏي وزير ارباب غلام رحيم کان 1 ڪروڙ روپيا يونين ڪائونسل کي ونرائي ڏنا ليڪن بدقسمتي سان اهو ڪم صحيح نموني سان ٿي نه سگهيو. لطيف سائين جي زبون حويلي جي مرمت لاءِ به سندس ڪردار رهيو آهي 55 لکن سان اها اوقاف کاتي ٺهرائي آهي ڀٽ شاهه جو هي پورو پير، انهن خوشنصيبن مان آهي جنهن ننڍي وهي ۾ معليٰ ڪربلا وڃي زيارتون ڪيون ۽ سندس طهر سنت اتي ٿي، ڀٽ شاهه جي ميلي کي وڌائڻ لاءِ به سندس ڪوششون رهيون آهن ميلا ڪميٽي جي گڏجاڻيڻ ۾ سندس تجويزن کي وڏي اهميت حاصل هوندي آهي چاڪاڻ ته سندس هر تجويز وزن دار هوندي آهي. پاڻ هر قسم جي موسيقي ٻڌي ٿو پاڻ استاد ٻڙي غلام علي خان. لتا منگيشڪر ، مهدي حسن، عابده پروين، زاهده پروين شوق سان ٻڌي ٿو، پاڻ وڏو عزادار پڻ آهي محرم الحرام جا 10 ئي ڏينهن ۾ وڏي پيماني جو لنگر نياز ڪندو آهي پاڻ نوحا خواني عقيدت سان ٻڌي ٿو پاڻ خود به بهترين نوحه خوان





آهي، سندس آواز ۾ وڏو سوز سمايل آهي، پاڻ ڀٽ شاهه کان حيدرآباد رهائش اختيار ڪرڻ بعد ۾ اتي ويهي عوام جي خدمت ڪري ٿو . پورو پير جي خوبين ۾ اهي به خوبيون شامل آهن ته وڏي سهپ وارو دشمن کي معاف ڪرڻ وارو ڪاوڙ ۾ به کلڻ وارو عام ماڻهن جا ڪم ڪاريون ڪندي خوشي محسوس ڪرڻ وارو، وڏو راڄائتو ۽ فيصلن ڪرڻ ۾ سٺي ساک رکندڙ آهي. سندس ڪيترائي فيصلا مثالي آهن. اوقاف کاتي جو ريسٽ هائوس پراڻو ۽ نئون ليٽرين بلاڪ به سندس ڪوشش سان ٺهيو. پاڻ ڀٽ شاهه ترقياتي منصوبي جو وائيس چيئرمين ۽ چيئرمين به رهيو آهي. سندس چوڻ آهي ته هن منصوبي ۾ رکيل رقم جي حساب سان ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيا ۽ جڏهن ڪيس چيئرميني ڏني وئي ته پگهار ڪانسواءِ کي به فنڊ نه هئا. سندس خواهش آهي ته لطيف سرڪار جي مزار حضرت قلندر لال شهباز جي مزار وانگر وسيع ٿئي، ڇاڪاڻ ته تقريبن پوڻيون 3 صديون اڳ ميان غلام شاهه ڪلهوڙو پاران ٺهرايل مزار هاڻ روزانو ايندڙ هزارين زائرين جي حساب سان گهٽ آهي پاڻ درگاهه کي وسيع ڪرڻ ۽ لطيف سائين جي وڏي اوطاق کي ساڳئي انداز ۾ تعمير ڪرائڻ يا مرمت ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي جنهن ۾ اوطاق ۾ لطيف سائين سان وابسته نادر شين لاءِ اتي ئي ميوزم، فقيرن لاءِ لانڍيون ٺهرائڻ لاءِ پڻ ڪوششون ڪري رهيو آهي. نازڪ سائين جي ڀٽ شاهه ۾ ٿيندڙ ادبي، ثقافتي، سماجي پروگرامن ۾ شرڪت کي يقيني بڻائي محفل جو مور ڪري ويهاريو ويندو آهي. سندس گفتار موتين مالها لڳندي آهي، ڪچهري جو ڪوڏيو، هر ڳالهه ۾ لطيف سائين جو بيت ته ضرور شامل ڪندو آهي. لطيف سائين جي جشن ولادت جي شروعاتي جشن کي وڏي سطح تي پهچائڻ ۾ سندس شاندار ڪردار رهيو آهي. سندس دوستن جو وسيع حلقو آهي نه صرف سنڌ ۾ پر پوري پاڪستان ۾ هر شعبي سان وابسته سندس هزارين دوست آهن ۽ انهن جي ڏک ۽ خوشين ۾ وقت تي شريڪ ٿيڻ جهڙوڪ سندس فرض ۾ شامل آهي. جڏهن سندس والد بيمار رهيو ته درگاهه جي حوالي سان ڪم ڪارين ۾ سندس ٻانهن ٻيلي رهيو. منهنجي ساڻن ڊگهي عرصي کان نيازمندي آهي پاڻ لطيف سائين جو ڪلام پيغام عام ڪرڻ لاءِ پيج پتائي مئگزين جو سرپرست، سنڌ صحافي سنگت جو اعزازي ميمبر پڻ آهي.

## خدمتِ خلق جي جذبي سان شرشار سليمان جي ابڙو

سليمان جي ابڙو جو ملڪ جي نالو سماجي دنيا ۾ روشن ستاري وانگر آهي، غريب خاندان جو هئڻ ڪري ڪيس غريب طبقي جو احساس آهي، انڪري سرڪاري نوڪري ڇڏي ڏکي عرصي کان انساني حقن، عورتن سان ناروا سلوڪ، معاشرتي نا انصافين خلاف، سماج ۾ مثبت سوچ پيدا ڪرڻ، غربت جي خاتمي، پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ، مائڪرو فنانس ذريعي غربت ختم ڪرڻ، عوام ۾ تعليم ۽ صحت جي حوالي سان جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي حوالي سان سنڌ اندر اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، سليمان جي ابڙو 1 اپريل 1954ع ۾ شهدادپور جي ابڙا پاڙو ۾ روينيو جي ڪوٽار گل محمد ابڙو جي گهر ۾ جنم ورتو، جڏهن 5 درجي ۾ هو تہ ڪتاب نہ هئڻ ڪري ڪلاس ٽيچر محمد دائود پٽو هٿان مار کاڌي ۽ مهينو ڪن اسڪول مان ڪڍيو ويو، فارغ هئڻ ڪري ٽپيدار ديرو ۾ والد کي ڪم ڪرائڻ ۾ مدد ڪندي ٽپيدارن کي هوا هڻڻ لاءِ لڳل جهلي ڪي ڇڪيندو هو، اتي علائقي جو هڪ زميندار نيڪ محمد راجپوت ڪنهن ڪم لاءِ ٽپيدار ديرو پهتو تہ هن، ننڍڙي سليمان ابڙو کي پتڪڙن هٿن سان جهلي ڇڪيندي ڏٺو ۽ سندس والد کي چيو تہ پٽ کي هتي ڇو جهلي ڇڪرائي رهيو آهين؟ هن کي اسڪول موڪل! جڏهن گل محمد ابڙو زميندار کي ٻڌايو تہ ڪتابن لاءِ ڏوڪڙ نہ هئڻ ڪري چاهيندي بہ اسڪول نہ وڃي رهيو آهي تہ ان چوڌري زميندار سليمان جي ابڙو کي ڪتابن جي دوڪان تي وٺي ويو ۽ ڪتاب، جاميٽري، پينون وٺي ڏنيون ۽ سليمان وري اسڪول وڃڻ لڳو، سليمان ابڙو ننڍي هوندي پڙهڻ ۾ ذهين، ڳالهائڻ ۾ هوشيار هو، ڪيس پينٽنگ جو بہ شوق رهيو هن جنگ اخبار ۾ شايع ٿيل سعودي عرب جو بادشاهہ شاهہ فيصل جي تصوير تي وڏو اسڪيچ ٺاهي ٽپيدار ديرو ۾ لڳايو، ان وقت جي سپر وائيزر ٽپيدار ديوان ڪشنچند اهو اسڪيچ ڏٺو تہ خوش ٿيو ۽ سليمان جي ابڙو کي ان دور ۾ 100 روپيا انعام طور ڏنا، ڇهين ڪلاس ۾ داخلا بعد ڪورس جا ڪتاب ۽ ٻين خرچن سليمان جي ابڙو کي پريشان ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ پڙهائي لاءِ ڏوڪڙ ۽ ٻين دوڪانن تي مزدوري ڪرڻ لڳو والد وٽ ٽپيدار ديرو ۾ اچڻ وڃڻ ڪري اتان ٽپيدارن کي ڏسي جمع بندي جو ڪم سکيو ۽ جمع بندي وارن ڏينهن ۾ رات جو ٽپيدارن کي لک پڙهہ واري





ڪم ۾ مدد ڪرڻ ڪري ڪيس جمع بندي واري سيزن ۾ ٻہ ٽي سو روپيا خرچي طور ملي ويندا هئا، ڪيس ننڍي هوندي کان ادب سان جنوني حد تائين شوق رهيو، موڪل واري ڏينهن ادبي، تاريخي ڪتاب وٺڻ لاءِ حيدرآباد ويندو هو، جڏهن 10 ڪلاس ۾ پهتو تہ هن جي گهر ۾ ننڍڙي لائبريري جيترا ڪتاب گڏ ٿي ويا هئا گهر ننڍڙو سندس والدين ڪيس دڙڪا بہ ڏيندا هئا تہ هنن ڪتابن تي ايترو خرچ تہ نہ ڪر ڪتاب ايترا وٺين پيو جهڙو ڪتابن جو دوڪان کولين ٿو، هاڻ تہ گهر ۾ ڪتاب رکڻ جي جاءِ بہ ڪانہ بچي آهي، ڪتابن جو وڏو ذخيرو گڏ ڪرڻ باوجود بہ سندس ادبي اڃ ختم نہ ٿي ۽ روزانو لائبريري ويندو هو، جتي اهي ڪتاب پڙهندو هو جيڪي هن وٽ نہ هئا، هن سنڌي ادب، اردو ادب سان گڏ دنيا جي ادب جي ڪتابن سان گڏ تاريخي ڪتابن جو بہ مطالعو ڪيو، انهن ڏينهن ۾ ٽنڊوآدم ۾ عبد الله ورياهہ، شاهہ اسد، موج آريسر ٻين ادارو نواءِ ادب جو جڏهن بنياد وڌو تہ سليمان جي ابڙو جي پاءُ محمد صفر ابڙو شهدادپور ۾ ان جي برانچ قائم ڪئي ۽ بخاري پاڙو ۾ ادبي ڪچهريون شروع ڪيون تہ سليمان جي ابڙو انهن ڪچهرين ۾ پنهنجون لکڻيون پيش ڪندو هو، اجان ڏهين ڪلاس جو شاگرد هو تہ شهدادپور جو استاد ۽ شاعر محمد دائود عرف دادن پٽو، صدائي ادبي فورم شهدادپور جو قيام آندو، ان اداري شهدادپور ۾ ڪيترائي شاعر اديب ادب دوست پيدا ڪيا ۽ شهدادپور ۾ ادبي سرگرميون عروج تي پهتيون، انهيءَ دور ۾ سليمان جي ابڙو روزانہ آفتاب، عبرت، سنڌ نيوز، هلال پاڪستان ۾ لکڻ شروع ڪندي ڪهاڻيون، معاشراتي مسئلا، سماج جي ڪٽ ڪاڏل ريتن رسمن تي لکيو اهو دور 1973ع جو هو، هن پهريون مضمون عبرت ۾ ماءُ جي هنج پهريون مدرسو لکيو، جڏهن گورمنٽ ڊگري ڪاليج شهدادپور پهتو تہ اتي پرنسپل پروفيسر گل محمد گلاٽي جيڪو پنهنجي دور ۾ مشهور شاعر، ليکڪ ۽ تعليمي شخصيت هو، ادب جي حوالي سان سليمان جي ابڙو جو شوق ڏسي ان حوالي سان مدد ڪئي، اصلاح ڪئي ۽ غريب هئڻ ڪري داخلا فري ۾ ڏني، سليمان جي ابڙو سياسي، سماجي، تعليم، زراعت، عوامي مسئلن تي بہ مختلف اخبارن ۾ مضمون لکڻ شروع ڪيا، لکڻ ۾ ايتري پختگي جو اخبارن ۾ ڪنهن وڏي ليکڪ جيتري ڪوريج ملڻ لڳي ۽ نہ صرف هن علائقي پر سڄي سنڌ ۾ هن جي لکڻين جي هاڪ ٿي وئي.خاص طور سنڌ

جي عوامي مسئلن، ۽ رياست جي ذميوارين تي بهترين انداز ۾ لکيو، پاڻ انگريزي ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ امريڪن سينٽر حيدرآباد ۾ شام جي ڪلاس ۾ داخلا ورتائين هو شهدادپور کان روزانو ڪلاس اٽينڊ ڪري رات جو دير سان حيدرآباد مان شهدادپور موٽندو هو، پاڻ 75ع ۾ ايل ايل بي ڪرڻ لاءِ جناح لا ڪاليج ۾ داخلا ورتي پئي سال ۾ پهتو ته حيدرآباد لساني فسادن جي ور چڙهي ويو ۽ هو چاهيندي به ان ماحول ۾ ايل ايل بي مڪمل ڪري نه سگهيو، 78ع ايم اي سنڌي جو امتحان ڏنائين جڏهن ته 85ع ۾ ايل ايل بي مڪمل ڪيائين، پاڻ سنڌي ادبي سنگت شهدادپور ۾ به سرگرم رهيو، شهدادپور ۾ سگا جو بنياد پيو ته ان ۾ به سرگرم رهيو، سگا شهدادپور جي صدر ڊاڪٽر مير بيگ، محمد خان ٻرڙو، مير محمد ملاڻو ۽ ٻين سان ٻانهه ٻيلي ٿيو ۽ سگا پاران ڳوٺن ۾ لڳندڙ مفت ميڊيڪل ڪئمپ سان گڏ سماجي ڪم ڪرڻ شروع ڪيا،جنرل ضياءَ جو دور ايندي سگا تي پابندي وڌي وئي انهن ڏينهن ۾ محمد دائود پٽو شهدادپور ۾ سماج سڌار ادبي ادارو قائم ڪيو ته سليمان جي ابڙو ان ۾ سرگرم ٿي ويو، پاڻ ان ۾ جنرل سيڪيرٽري جي عهدي تي رهيو، هن اداري شهدادپور ۾ ادبي، ثقافتي، سماجي سرگرمين سان گڏ غريب ذهين شاگردن جي مدد شروع ڪئي، هن اداري جي اهڙي مدد سان ڪيترائي غريب شاگرد ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ ٻين سرڪاري ڪاتن ۾ عهدن تي پهتا. هن اداري پاران مفت ٽيوشن ۽ ڪوچنگ سينٽر به قائم ڪيو ويو ۽ غريب ماڻهن جي مدد ڪئي وئي ان ۾ به سليمان جي ابڙو جو مثالي ڪردار رهيو، سليمان جي ابڙو کي ننڍي هوندي کان ئي انجنيئر ٿيڻ جو شوق هو، پر ان زماني ۾ انجنيئري پڙهڻ سليمان ابڙي جهڙن غريبن جي وس ۾ نه هو انڪري سندس اها خواهش اڌوري رهي، سليمان جي ابڙو ذهين شاگرد سان گڏ بهترين مقرر به هو، اسڪول، ڪاليج ۾ ٿيندڙ ڊبيٽ پروگرامن سميت مختلف پروگرامن ۾ جڏهن تقرير ڪندو هو ته پنڊال ۾ خاموشي ڇانئجي ويندي هئي هن کي تقرير ڪرڻ جو فن هو، پاڻ محمدي ڪاٽن، فيڪٽري ۾ به ڪم ڪيو، ان بعد مارڪيٽ ڪميٽي ۾ ڪلارڪ جي خالي پيل جاءِ تي انٽرويو ڏئي 74 روپيا پگهار تي مقرر ٿيو بعد ۾ سيڪريٽري مارڪيٽ ڪميٽي ٿيو ۽ شام جو اسٽيشن تي احمد ڌوٻي وٽ استري ڪرڻ لاءِ ويٺو ان دوران سندس ملاقات سک پريت تنظيم جي منير چانڊيو سان ٿي ان سان





ڪچهري ڪرڻ ڪانپوءِ سليمان جي ابڙو کي اين جي اوز جي دنيا ۾ اچڻ جو شوق ٿيو، 86ع ۾ هن سنڌ ايگريڪلچر فاريسٽ ورڪرس آرگنائيزيشن سافڪو جو بنياد وڌو ان جو مکيه مقصد زراعت کي هٿي ڏيڻ هو سافڪو پاران احمد ملاڻو ڳوٺ ۾ جڏهن فري ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي ته اتي هڪ ساچاهه وند ماڻهو ذهن ۾ هڪ خيال پيدا ڪيو ته اهڙي قسم جا فلاحي ڪم عوام کي اهو لاڀ نه ڏئي سگهندا جتي عوام بنيادي سهولتن کان محروم آهي ، اهڙا ٿيندڙ ڪم بهتر پر عوام کي فائدو نه آهي ان لاءِ اڳ ڀرو ٿي وک وڌائڻ گهرجي ۽ سليمان جي ابڙو کي ان حوالي سان سوچڻ تي مجبور ڪيو ۽ سوچ پيدا ڪئي ته هو ان ڏس ۾ سافڪو جي پليٽ فارم تان ضرور ڪوشش ڪندو ، ۽ سندس اهڙين ڪوششن رنگ لاتو ۽ عوام .کي ان جو لاڀ ملي رهيو آهي، انهن ڏينهن ۾ بنڪاڪ ۾ سوشل فاريسٽ تي ڪانفرنس ٿي ۽ کيس ان ۾ شرڪت لاءِ دعوت ڏني وئي ٻاهرين ملڪ ۾ وڃڻ جو پهريون موقعو هو ۽ ان ڪانفرنس ۾ سڄي دنيا مان اين جي اوز جي دنيا جا وڏا نالا شريڪ ٿي رهيا هئا سنڌ مان سليمان جي ابڙو نمائندگي لاءِ وڃي رهيو هو پر وٽس ڍنگ جا ڪپڙا ٻ نه هئا ۽ پاڻ لائيٽ هائوس تان ليلامي سوٽ ورتو اتي ان کي ڌوئي استري ڪيو ۽ بيئڪانگ ۾ 8 ڏينهن اهو سوٽ پاتو ، اتي سڄي دنيا جي ماڻهن سان گڏ پاڪستان سان تعلق رکندڙ اين جي اوز جي دنيا جي انيس داني ان جي گهر واري نجمه جيڪي نيپال ۾ ڪم ڪندا هئا انهن سان ملاقات ٿي ۽ انهن سان ڪچهرين سان هن ۾ وڌيڪ اتساهه پيدا ٿيو ، ۽ اڳتي هلي اهي زال مڙس گلگت ۾ هڪ ٽريننگ لاءِ پهتا ته هن کي ٻ ٽريننگ لاءِ گهرايو ويو ، اين جي اوز ۾ اچڻ بعد سلمان ابڙو سرڪاري نوڪري ڇڏي ڏني سماجي دنيا کي وقت ڏيڻ ڪري سرگرمين سان گڏ محمد علي چوهاڻ ايڊوڪيٽ سان گڏ وڪالت شروع ڪئي جيڪا 5 سال جاري رکي بعد ۾ سماجي دنيا ۾ وڌيڪ مصروف رهڻ ڪري وڪالت ڪرڻ ڇڏي ڏني ۽ سافڪو کي فل ٽائيم ڏيڻ شروع ڪيو ، ۽ هاڻ سافڪو جي حوالي سان سليمان جي ابڙو جو نالو مشهور ٿيڻ لڳو ۽ اين جي او جي ريمليٽ هيلمن سليمان ابڙو سان ملاقات ڪئي ابڙو صاحب کيس سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ، واهڻ، وستيون گهمايون، ماڻهن جي بنيادي مسئلن کان آگاهه ڪيو ريمليٽ هيلمن هن کي سڄي سنڌ مان سروي ڪرڻ جو پروجيڪٽ ڏنو ته ڪٿي

کھڙيون اين جي اوز کھڙو ڪم ڪري رهيون آهن.سروي مان سليمان
جي ابڙو کي بہ ٽي لک روپيا بچيا جيڪي هن سافڪو کي سرگرم ڪرڻ
تي خرچ ڪيا ۽ سافڪو کي وڏايو،91ع ۾. هاليڊ مان نوايب جيراڊ
سنڌ ۾ هڪ سروي لاءِ پهتو جنهن کي سليمان جي ابڙو ڪراچي کان
ريل گاڏي جي عام ڪلاس دبي ۾ شهدادپور وٺي آيو جيراڊ پاڪستان
جي ريلوي نظام کي ڏسي حيران ٿي ويو، هو وڌيڪ پريشان ان وقت ٿيو
جڏهن ريل ۾ چانهہ، بوتل، پاڻي ۾ پين شين وارن جا هوڪا ٻڌا، سليمان
جي ابڙو کان معلومات ورتي شهدادپور اسٽيشن تي لهي ان مهمان کي
ٽانگي ۾ ويهاري بابلي هائوس تي سافڪو جي آفيس ۾ آندو، جيڪا
آفيس گهٽ اوطاق وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي، سليمان جي ابڙو وٽ
ڪا اوطاق نہ هئڻ ڪري انگريز مهمانن کي سافڪو آفيس ۾ ٽڪايو،
جيراڊ اجان اتي رهي اسٽيڊي ۽ سروي ڪري رهيو هو تہ سليمان جي
ابڙو جو پاءُ صوفي محمد صفر انهن ڏينهن ۾ ڪو ڏهاڙو ملهايو ۽ سافڪو
آفيس ۾ پروگرام رکيو اتي صوفياڻہ راڳ ٻڌي جيراڊ متاثر ٿيو، جڏهن
هو واپس ويو تہ ان دور ۾ 7 لک روپيا سافڪو جي آفيس کي بهتر بنائڻ
لاءِ موڪليا ۽ ان آفيس کي ڊيڪوريٽ ڪري باقائده آفيس بڻايو ويو،
1991ع ۾ حيدرآباد ۾ سيب پاڪستان سافڪو جي تعاون سان سنڌ ۾
ڪم ڪندڙ اين جي اوز جي ڪانفرنس گهرائي ۽ ان تحت آر ڊي پي
ٽرينگ پروگرام هلايو ۽ سنڌ جي اين جي اوز کي 5 لک کان 5 ڪروڙ
تائين 25 ادارن کي ڪمن لاءِ ڏنا ويا، ان بعد سافڪو پاران پٽ شاهہ ۾
اين جي اوز جو ڪنويشن گهرائي سنڌ جي خوشحالي، ماڻهن کي غربت
مان ڪڍڻ، نوجوان نسل کي ترقي جي ڌاري ۾ داخل ڪرڻ لاءِ پٽ
شاهہ ڊڪلريشن ٺاهيو ويو.سليمان جي ابڙو هن وقت تائين دنيا جي 40
ملڪن ۾ پاڪستان ۽ سنڌ جي هم آهنگي، نفرتون گهٽائڻ، انساني حقن
جي پائمالي کي روڪڻ، عورتن سان ناروا سلوڪ، صحت، تعليم جي
مسئلن، عوام لاءِ بهتر سهولتون پيدا ڪرڻ سماجي ادائگي انسانيت
واري هجڻ، عوام جي تعمير ترقي لاءِ رياست جي ڪردار، غربت جي
خاتمي، اقتصادي ترقي لاءِ ٽيڊڙ ڪانفرنس، ڪنويشن، پيپلز سارڪ
ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو آهي، انهن ملڪن ۾ پين ڪانسواءِ ڪينيڊا،
برطانيہ، آمريڪا، فرانس، اسپين، بيلجيم، ڀارت، سريلنڪا، نيپال،
انڊونيشيا، ملائيشيا، ٿائلينڊ، جاپان، چين، سنگاپور، روم، جرمني،





لائوس، ڪميوڊيا بہ شامل آهن، جتي هن پاڪستان ۽ سنڌ جي ڀرپور
نمائندگي ڪئي. سليمان جي ابڙو جي زندگي جا ڪيترائي دلچسپ
واقعا آهن انهن ۾ انهن ۾ هڪڙو واقعو 27 ڊسمبر 87ع ۾ پيش آيو تہ
سافڪو پاران شهدادپور ۾ عورتن جي ڪانفرنس ٿي ان موقعي تي
مديحہ گوهر جي ٿيم ڀارت جي ليڪ ٻادل سرگار جي لکيل اسٽريٽ
پلي ڪيو، جنهن جو نالو رکيو ويو 3 چٽن جو ناپاڪ ٽولو ان ۾ ملٽري،
ملون جاگيردار جي ڪردار کي ڏيکاريو ويو، ان اسٽريٽ پلي جي
جڏهن لوڪل اخبارن سان گڏ قومي اخبارن ۾ تفصيل سان ڪوريج ٿي
تہ ٽرٽلو مچي ويو انفارميشن کاتي کان وٺي سي آءِ اي ادارا حرڪت ۾
اچي ويا، مديحہ گوهر ۽ سندس ساٿي تہ اسٽريٽ پلي ڪري هليا ويا پر
پوليس سليمان جي ابڙو ۽ سندس مٽ مائيٽن کي پڪڙي خطرناڪ
ڏوهارين وانگر جيل ۾ واڙيو مزي جهڙي ڳالهہ اها تہ ان ڪانفرنس ۾ تڏهو
ڪو ڪمشنر حيدرآباد علي محمد شيخ جي گهر واري بيگم خورشيد
شيخ، ڊِي آءِ جي حيدرآباد جهانگير اشرف جي گهر واري ڊِي سي
سانگهڙ محمد شريف ايس ڊي ايم شهدادپور محمد ابراهيم ميمڻ جون
گهر واريون بہ شريڪ ٿيون هيون جڏهن اها ڳالهہ انهن تائين پهتي تہ
انهن گهر وارن کان معلومات ورتي بعد ۾ ضلع انتظاميہ کان سليمان ابڙو
وارن جي حق ۾ رپورٽ ڏياري ڪيس ساٿين سميت آزاد ڪرايو ڊويزنل
۽ ضلع انتظاميہ وچ ۾ پئي سليمان جي ابڙو جي حمايت م رپورٽ ڏني
جان نہ ڇڏائين ها تہ ڪير بہ هنن کي ٽيپ ۽ ڪوڙن جي سزا کان بچائي نہ
ٿي سگهيو. سليمان جي ابڙو جي ذاتي ڪوشش سان سافڪو پاران
وقت بہ وقت مختلف شهرن ۾ صحت، تعليم، زراعت، وٽڪاري، روزگار،
ڪاروڪاري، عورتن، سان خراب سلوڪ، وڏنڊڙ سم ڪلر، هارين
آبادگارن،صحت جي بنيادي اصولن تي سوين سيمينار ڪانفرنسون
ڪرايون ويون آهن جڏهن تہ هنن مسئلن جي حل لاءِ ابڙو باقائيدگي سان
ڪم ڪري رهيو آهي غريب ماڻهن جي روزگار سان لڳائيڻ ڪين ننڍا
ننڍا ڪاروبار کولي ڏيڻ کان وٺي 2010ع واري دريائي ٻوڏ 2011ع ۾
برساتي ٻوڏن ۾ شاندار ڪردار ادا ڪيو جتي حڪومتي ادارا ٻوڏ
متاثرين جي مدد ڪرڻ لاءِ نہ پهتا اتي سليمان جي ابڙو پهتو ۽ متاثرين
جي مدد ڪئي ڪين علاج جون سهولتون ڏيڻ لاءِ گشتي اسپتالون قائم
ڪيون متاثرين کي صاف پاڻي، مڇر دانيون، بہ فراهم ڪيون.سافڪو

پاران مختلف هٿ جي هنر سيکارڻ جا ادارا ۽ سماجي ڪارڪنن کي ٽرينگون بہ ڪرايون وڃن ٿيون، اسڪولن ۾ ٻارن جي حاضري کي يقيني بنائڻ لاءِ بہ ڪم ڪري رهي آهي، ابڙو غير ملڪي ادارن بجاءِ ملڪي ادارن سان گڏجي عوام جي خدمت وارو ڪم ڪري رهيو آهي، سليمان جي ابڙو جي زندگي جي خوشين ۾ سڀ کان وڏيڪ خوشيون بيجنگ ۾ عورتن جي عالمي ڪانفرنس ۾ محترمہ بينظير ڀٽو سان ملاقات ۽ نيلسن منڊيلا جي جيون ساٿياڻي وني منڊيلا پاران کيس هٿ تي چمي ڏيڻ شامل آهي، ان ڪانفرنس ۾ دنيا جي 86 ملڪن جي سربراهن ۽ دنيا جي مشهور اين جي اوز جي هڪ لک ماڻهن شرڪت ڪئي هئي، ڪانفرنس ۾ ڊيڪليريشن تحت سليمان جي ابڙو سنڌ ۾ ڪاروڪاري ۽ عورتن سان ناروا سلوڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ هر ضلعي ۾ جاڳرتا پروگرام ڪيا، ان جا ڪنهن حد تائين بهتر نتيجا بہ نڪتا، يونيسيف جي تعاون سان قبائلي جهيڙن، عورتن سان ناروا سلوڪ ختم ڪرڻ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي.

سليمان جي ابڙو جي زندگي جي سڀ کان وڏيون خواهشون آهن نہ سانگهڙ شهدادپور روڊ تي سافڪو پاران خريد ڪيل 6 ايڪڙ زمين تي اهڙي يونيورسٽي قائم ڪرڻ آهي جنهن مان عوام جا خدمتگار پيدا ڪرڻ، اهڙا ماڻهو پيدا ڪرڻ جيڪي معاشري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن، اها يونيورسٽي عوام جي ترقي، عوام مان غربت ختم ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهي، ماڻهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ سافڪو ننڍا قرض تہ ڏي پئي پر سلمان ابڙو سنڌ سطح تي هڪ اهڙي بئنڪ قائم ڪرڻ چاهي ٿو، جيڪا ماڻهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ هزار کان ڪروڙ تائين قرض ڏي، اها بئنڪ غريب ماڻهن جا بنيادي مسئلا بيروزگاري جا مسئلا حل ڪري، اها بئنڪ ٻين بئڪن وانگر هميشہ لاءِ نسل در نسل هلي ۽ اهو ڪم جاري رکي، سليمان جي ابڙو کي مستقبل ۾ سياست ۾ اچڻ جو بہ شوق آهي، سندس چوڻ آهي تہ هو مهذب سياست ڪرڻ چاهي ٿو، اهڙي سياست جيڪا ذاتي مفادن کان بالاتر هجي، هو عوام جي حقن جو تحفظ، سندن بنيادي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سياست ڪندو، سليمان جي ابڙو شاگردي دور ۾ فٽبال جو بہ بهترين رانديگر هو، ڪيترن ئي مقابلن ۾ پنهنجي ٽيم سان گڏ مقابلن ۾ حصو ورتو، کيس ننڍي هوندي کان فلمن ڏسڻ جو بہ شوق رهيو، سندس پسند





جي فلمن ۾ سهيلي، انصاف اور آدمي، مغل اعظم ۽ تاج محل پسند جون هيون، راڳ ويراڳ سان بہ گهري دلچسپي رهي آهي پر پاڻ راڳ جو بہ ڄاڻو بہ آهي بهترين انداز ۾ ڳائي بہ وڃي ٿو، سندس پسند جي فنڪارن ۾ استاد منظور علي خان، استاد جمن، روبينہ قريشي ۽ ڊول فقير آهن، پاڻ خانصاحب استاد منظور علي خان کي راڳ جو بادشاهہ سڏيندي چوي ٿو تہ استاد منظور علي خان پيروي راڳ ۾ ٺاٺ متعارف ڪرايو، لطيف سائين جي شاعري بهترين انداز ۾ ڳائي، سرن جي سڀني ٺاٺن کان واقف هو، خانصاحب جو راڳ ٻڌڻ سان وجد طاري ٿي وڃي ٿو، استاد جمن جون ٺمريون بہ کيس وڻن ٿيون، استاد جوڳايل راڳو کيس بيحد پسند آهي، کيس پرچن شال پنهوار، روبينہ قريشي جو آئي مند ملهاري وي بہ وڻن ٿا ، سليمان جي ابڙو کي ڏک آهي تہ هاڻ نہ راڳ ٻڌڻ وارا رهيا آهن نہ راڳ ان انداز ۾ ڳائڻ وارا رهيا آهن، موجوده دور ۾ کيس عابده پروين جو ڳائڻ وڻي ٿو، کيس ان ۾ وري بہ خانصاحب منظور علي خان جو تسلسل نظر اچي ٿو.

ابڙو جي سافڪو هن وقت سنڌ جي 13 ضلعن ۾ ڪم ڪري رهي آهي ، سليمان جي ابڙو جي ذاتي ڪوشش سان سافڪو پاران وقت ٻوقت مختلف شهرن ۾ صحت ، تعليم، زراعت، وڻڪاري، روزگار، ڪاروڪاري، عورتن، سان خراب سلوڪ، وڏندڙ سم ڪلر، هارين آبادگارن،صحت جي بنيادي اصولن تي سوين سيمينار ڪانفرنسون ڪرايون ويون آهن جڏهن تہ پاڻ هنن مسئلن جي حل لاءِ باقائيدگي سان ڪم ڪري رهيو آهي غريب ماڻهن جي روزگار سان لڳائيڻ کين ننڍا ننڍا ڪاروبار کولي ڏيڻ کان وٺي 2010ع واري دريائي ٻوڏ 2011ع ۾ برساتي ٻوڏن ۾ شاندار ڪردار ادا ڪيو جتي حڪومتي ادارا ٻوڏ متاثرين جي مدد ڪرڻ لاءِ نہ پهتا اتي سليمان جي ابڙو پهتو.

سليمان جي ابڙو جي سياسي دنيا جو آئيڊل شهيد ذوالفقار علي ڀٽو نيلسن منڊيلا آهي، پاڻ شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي سياست کان بہ متاثر آهي، سماجي دنيا ۾ سندس آئيڊيل شخصيتن ۾ ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڊاڪٽر عمر اصغر خان، ڪرامت علي، محمد تحسين، عورت سماجي اڳواڻن ۾ نگار احمد، فريده ممتاز خاور، نگهت خان، ڊاڪٽر عرفانہ ملاح، امر سنڌو، مهتاب اڪبر راشدي شامل آهن، روحاني شخصيتن ۾ شهيد صبغت الله شاه راشدي سورهيہ بادشاهہ،

سيد شاهہ مردان شاهہ، ستون پير پاڳارو، مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جن آهن ادبي دنيا ۾ مولانا غلام محمد گرامي، نسيم کول، تنوير عباسي، حميد سنڌي، موجوده وقت ۾ سحر امداد، فهميدا حسين آهن، سندس سماجي زندگي ۾ اها خوشي بہ شامل آهي تہ نيپال ۾ سائوٿ ايشين واچ ڪانفرنس ۾ جنهن ۾ عورتن جي مسئلن تي ڪم ڪندڙ اين جي اوز جون عورتون شامل هيون، انهن ۾ مرد صرف سليمان جي ابڙو شامل هو،

سندس زندگي جو دلچسپ واقعو اهو تہ جڏهن سافڪو سرگرم ٿي تہ ابڙا پاڙو ۾ بابلي هائوس تي قائم آفيس ۾ ڪم ڪارين لاءِ مرد، عورتون اچڻ لڳا، ابڙا پاڙي جي سوڙهي گهٽي ۾ ماڻهن جي رش وڌڻ لڳي تہ سندس ماما ۽ پيا رشتيدار ڪاوڙ ڪرڻ لڳا ۽ رڪاوٽون وجهڻ لڳا، هن ڪم جي حوالي سان مخالفت ڪئي پر پاڻ جوش جذبي ۽ همٿ سان ڪم کي جاري رکيو، ابڙا پاڙي وارن ۽ شهدادپور واسين اهو نہ ڄاتو تہ ڪو اهڙو وقت ايندو جو سليمان جي ابڙو نہ صرف شهدادپور پر سنڌ جي سڃاڻپ ٿيندو، اڄ شهدادپور جا ماڻهو سنڌ ۾ ڪٿي بہ وڃن ٿا ۽ هو شهدادپورر جو ٻڌائين ٿا تہ هنن کي چيو وڃي ٿو تہ اڇا اوهان سليمان جي ابڙو جي شهر جا آهيو؟ اڄ سليمان جي ابڙو دنيا جي ملڪن ۾ وڃي ٿو سنڌ جي نمائندگي ڪري ٿو هنن اها شهدادپور واسي لاءِ فخر جي ڳالهہ آهي، خوشي ان ڳالهہ جي آهي تہ سليمان جي ابڙو ان منصب ان منزل تي پهچڻ جي باوجود پنهنجو ماضي نہ وساريو آهي هن ڪٿي بہ ڪڏهن بہ ڇمندي جام واري ڳالهہ نہ ڪئي آهي، هي اڪثر پروگرامن ۾ پنهنجي تقرير ۾ غربت واري زندگي جي فخر سان ڳالهہ ڪندو آهي، سليمان جي ابڙو جيڪو سافڪو جو چيف ايگزيڪٽو آهي سافڪو ۾ هزارين ماڻهو ڪم ڪن ٿا، سافڪو جون سوين آفيسون آهن، اڄ سليمان جي ابڙو جي نالي ڪان نہ صرف سنڌ نہ پر ملڪ جو هر با شعور ماڻهو واقف آهي، اڄ سليمان جي ابڙو کي ملڪ جو وزير اعظم، وفاقي وزير، سنڌ جو گورنر، وڏو وزير، وزير ۽ مشير، بااثر شخصيتون سڃاڻن ٿيون، انهن مان ڪيترن ئي سان گهرا واسطا آهن، دنيا جي تقريبن سربراهن سان ملاقاتون ڪري چڪو آهي ليڪن هن ۾ ڪا بہ وڏائي نہ آهي، اڄ بہ خاص طور پنهنجي شهر وارن لاءِ ماضي وارو سليمان جي ابڙو آهي، سڀن سان عزت احترام سان ملڻ وارو علائقي جي ماڻهن سان خوشي ۽ غم ۾





برابر جو شريڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ڳالهائڻ ملڻ جو اهو ئي پيار وارو انداز، اها ئي سادگي، اها ئي نيازمندي، اها ئي نهٺائي، اڄ جڏهن سليمان جي ابڙو ڪنهن بہ سياسي پروگرام ۾ ڳالهائي ٿو تہ سنڌ جو وڏو سياستدان لڳي ٿو، ادب تي ڳالهائي ٿو تہ وڏو اديب لڳي ٿو، زراعت جي مسئلن تي ڳالهائي تہ وڏو زرعي ماهر لڳي ٿو، صحت تي ڳالهائي تہ وڏو ڊاڪٽر لڳي ٿو، پاڻ دنيا جي هر موضوع تي اثرائتي انداز ۾ دليلن سان ڳالهائي ٻڌندڙن ساڄاهہ وند ماڻهن کي حيران ڪري ڇڏيندو آهي سليمان جي ابڙو دنيا جي يونيورسٽين ۽ اهڙن ادارن مان سماجيت، سياست، زراعت، صحت مئنجمنٽ، مائڪرو فنانس ۽ ٻين سبجيڪٽن تي ڊپلوما ڪئي آهي، ان حوالي سان لا تعداد ٽريننگن، ورڪشاپن ۾ شرڪت ڪندو رهندو رهيو آهي.

زراعت، انساني حقن، وٽڪاري، پيلن، ڪاروبار، عورتن سان ناروا سلوڪ، ننڍين ڪاروبارن ذريعي پيرن تي بيهڻ، غربت ۽ ٻين لاتعداد موضوعن تي وڏي تعداد ۾ سليمان جي ابڙو جا لکيل ڪتاب ڇپيا آهن، هيڏو مصروف رهڻ جي باوجود هر موضوع وارن ڪتابن جو باقائدا مطالعو ڪري ٿو، مسلسل جدوجهد ڪرڻ ۾ يقين رکي ٿو ۽ عوام جي مسئلن، حقن لاءِ جدوجهد ڪري ٿو، پاڻ دنيا جي ڪيترن ئي يونيورسٽين، ادارن ۾ ليڪچر بہ ڪيا آهن، سنڌ جي مسئلن تي ڊاڪيمينٽري فلمون بہ ٺاهيون آهن جيڪي عوام جي قسمت بدلائڻ، عوام کي غربت مان ڪيڻ لاءِ ڪوششون ڪندڙ ادارن کي موڪليندو رهيو آهي، پاڻ عالمي سطح تي مختلف ادارن پاران 10 ايوارڊ، لاتعداد انعامات ۽ سنڌ جي مختلف علمي، ادبي، سياسي، سماجي ادارن پاران سوين ايوارڊ حاصل ڪري چڪو آهي.....

## ميگهواڙ ڪميونٽي جو پهريون ڊاڪٽر ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ

تاريخ ۾ جيڪي بہ وڏا املهہ ماڻهو پيدا ٿيا آهن. اهي اڪثر پيڙهيل طبقي مان نروار ٿيا آهن. ٿر جي اڏول انسان ڊاڪٽر راڻا سي راٺوڙ جي جرئت کي آديش، جو هي ڪيسي خالي نڪري حيدرآباد اچي ٽيوشنون پڙهائي، اسڪالر شپون ماڻي، پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان مينگهواڙ برادري جو پهريون ڊاڪٽر ٿيو. قدر آور شخصيت جنهن جي ڪردار جي اوڪي ۾ گهرجائن جي مدد ڪندڙ 50 سالن کان مسلسل

بيمار مخلوق جو مسيحا ۽ آسرو ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جي بي لوث خدمت ۽ اتهاس سندس پٽن پوٽن توڙي سندس رهنمائي ۽ نگراني ۾ پريڪٽس ڪندڙن لاءِ شناختي ڪارڊ جي حيثيت رکي ٿي. ڊاڪٽر صاحب جو وجود ميگھواڙ خاندانن لاءِ اميدن ۽ خوشين جي رکشا ڪرڻ ۽ شيپ پاوناٺون آڇيندڙ رهيو آهي. هر وقت چست رلٽو ملٽو با اصول هن شيوڪ انسان جي مزاج ۾ ڪاوڙ ۽ اهنڪار ڪڏهن بہ ڏسڻ ۾ نہ آئي.اسپتال ۾ ايندڙ جنهن بہ اگهي سان مليو تہ ان کي پنهنجو گرويدو بنائي ڇڏيائين. پاڻ سانگهڙ ۽ ٺٽي ۾ الائي ڪڏهن سول سرجن رهيو پر اتان جا ماڻهو اڄ بہ علاج لاءِ ڊاڪٽر راڻو راڻو ڪندا وٽس ميرپور خاص پهچن ٿا. سڄو ڏينهن مريضن جي وچم رهڻ جي باوجود پاڻ سوشل سرگرمين ۾ حصو وٺڻ سارڪ ملڪن جي سيئر سفر ڪرڻ ۽ انهن يادن کي بہ ڊائري ۾ محفوظ ڪرڻ جو اعليٰ ذوق آهي ڊاڪٽر راڻا سي رانور پنهنجي ڪيريئر جو آغاز ميڊيڪل آفيسر ميرپورخاص، ٽنڊو محمد خان، ڊگهڙي، لاڙڪاڻو، بلوچستان جي شهر ٻيلا ۽ گهڻو وقت سول سرجن سانگهڙ ۽ ٺٽو رهيو ۽ آخر ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز سنڌ 20 هين گريڊ ۾ رٽائرڊ ٿيو.

ڪبيرا جب سنسار ۾ آئي، جڳ هسي تم روئي،
اپ ايسي ڪرني ڪر چلوڪ، تم هسو جڳ روئي.
(ڪبير ڀڳت)

ڊاڪٽر راڻا رانوڙ جي پڙهائي خود ٿر جي شاگردن لاءِ اتساھ جو سبب بڻي، هن پسماندھ برادرين ۾ تعليم وڌائڻ لاءِ ايجوڪيشنل سوسائٽيون ٺاهيون، ٿر ۾ دورا ڪري پرچار ڪيو هيئنر بہ 82 سالن جي ڄمار ۾ سڄاڳي جي سڏن ۾ شموليت فلاحي ڪمن ۾ سهائتا ۽ سرواڻي ڪندو رهي ٿو هن بافضيلت ۽ باڪردار انسان جو وجود هن ڌرتي تي باعث ڀلائي آهي. آرين هند ۽ سنڌ ۾ اڇڻ شرط رنگ ۽ نسل جو بنياد وڌو، پر ميگهواڙ قبيلا آرين کان اڳ سنڌو تهذيب جا رکوالا آهن. شاهان گجر ۾ ايس صادق علوي، لکيو آهي تہ هي اصل راجپوتانا جا آهن جو پوءِ گجرات ۽ ڪڇ کان ٿر تائين ۽ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويٺا هيئنر جيڪي سنڌ ۾ ميگهواڙ زاده رهن ٿا انهن جي ٽن نسلن تيزي سان علم حاصل ڪري پاڻ کي تعليم جي حسن سان قابل احترام ڪيو آهي. هن ڪميونٽي ۾ ايڏيون تہ مهان شخصيتون موجود آهن. جن کي آئيڊيل







وٺي سندن برادرين نسل سڌارڻ شروع ڪيا. جن ۾ پرائيڊ آف پرفامنس ڊاڪٽر سونو ڪنگها راڻي، استاد ساجن داس، وڪيل ارجن داس (پنو عاقل) سگالچند (ننگرپارڪر) ڀيجل مل لنجار (رڻ ڪڇ) ڊاڪٽر جوڌو مل (عمرڪوٽ) صحافت ۾ جئہ پرڪاش مورياڻي معصوم ٿري (جهڏو)، ڊاڪٽر جئہ مل ڏناڻي، سياستڪار ڊاڪٽر ڪٽومل جيوڻ سينيٽر انجنيئر گيانچند (ڏيپلو) موسيقار استاد تارا چند (پٽ شاھ) ڊاڪٽر چيلا رام (پو ٽيپيري) ڪستور چند چيلاڻي(راجوڙو) مهراڻ مل بانبنيا (عمرڪوٽ) رتنا ٻائي (حيدرآباد) ۽ ميٺارام ايڊوڪيٽ رٽائرڊ اسسٽنٽ ڪمشنر ٻيا هر فيلڊ ۾ موجود آهن جن کي ڪميونٽي جو هر فرد قدر جي نگاھ سان ڏسي ٿو. آئينہ قديم سنڌ، دائره معارف اسلام، ميگھ ونس اتهاس، هندو ڌرم جي ٻن ويدن ۾ پڻ ميگهواڙن بابت حوالا موجود آهن.

”ذاتين جي انسائيڪلوپيڊيا“ ۾ رانوڙن جي تيرهن شاخن جو شمارو راجپوتن جي ڇتيھ خاندانن ۾ ٿئي ٿو راجہ قنجہ رانوڙ جنهن ”قنوج“ جو شهر ٻڌايو هو، سورج ونسي ڪل ۽ سام بن نوح جي هڪ پٽ ”ٻڌا“ جي نک رانوڙ جيڪي اڳ هنگلاج ٻت خاني جي ديوي جا پوڄاري بہ رهيا تڏهن رانوڙن لس ٻيلي لاڙ ۽ ٿر ۾ بہ حڪومت ڪئي ۽ باقاعده رانوڙ ڊائنا ستي سڏبي هئي پراچين زماني کان رانوڙ مان ”جوڳو“ ونس آهي، ڊاڪٽر صاحب جا وڏا ڪن حالات جي ڪري اتر قنوج مان لڏ پلاڻ ڪري جيسلمير کان سنڌ ۾ داخل ٿيا ۽ عمرڪوٽ گوڙهيار تائين پهتا جتان پوءِ هريار ٿر ۾ ڪجھ وقت رهڻ لڳا ۽ هتي اڇي مالهڻ ديوي جا پوڄاري ٿيا اٽڪل 16 هي صدي ۾ جاڳن جو ڪو خون ٿيو جنهن بعد اتان لڏي عيسب فقير جي درگاھ (چور) ۾ پناھ ورتائون ۽ سندس اولاد عسب فقير جو بہ مريد ٿيو شجري ۽ نکن موجب ڪيترائي ڳوٺ ٺهيا جن ۾ ڪيمي جو پار، چاڙهيار، پاڏاسندا، پاڏاري ڪينسر، ڊڀوڙي، ڪياڙو، ڏانپاريو، پاٻو ويرو، جوڳلار ۽ ٻيا مشهور آهن ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ جو ڏاڏو هيمون ۽ پڙ ڏاڏو ڪيسو رانوڙ ڳوٺ چاڙهيار ۾ اچي آباد ٿيا ۽ ڪافي راڄ 1965ع ۽ پوءِ 1971ع جي جنگ ڪانپوءِ هندستان هليا ويا.

ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙصاحب جو جنم 10 مئي 1934ع ۾ ٿيو پاڻ 5 ڀائرن ۾ ننڍي ۾ ننڍو آهي. سندس اسڪول ۾ داخلا 1940ع ۾

تي ليڪن اسڪول پري هئڻ ڪري 2 سال پڙهائي کان محروم رهيو ۽ پيهر 1945ع ۾ ڊبل پروموشن ڪري پڙهيو ۽ ائين 27 ڪلو ميٽر پري اسڪول گڏبڙو ستي ۾ پڙهڻ لڳو ۽ مڊل چاچرو اسڪول ۾ 1950 ڌاري پاس ڪيائين، علم جو سفر جاري رکندي 1952ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ 1953ع جي بئنچ ۾ مئٽرڪ ۽ ڊي جي ڪاليج مان انٽر فرسٽ ڪلاس پاس ڪري پوءِ ايم بي بي ايس لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو مان 1961ع ڌاري پاس ڪري ملازمت ۾ آيو ۽ عمر جا 60 سال پورا ڪري 20هين گريڊ ۾ رٽائرڊ ٿيو ڊاڪٽر رانا ولد چانپيا رام رانور جنهن جي ماءُ شريمتي ٻاري ٻائي جي نسبت ذات ڪڏيجا ۽ نک پرمار آهي کيس 5 پٽ جن ۾ وڏو ڊاڪٽر سرجن جواهر لال، ڊاڪٽر گوهر رانوڙ، ڊاڪٽر سردار رانوڙ، انجنيئر نريندر رانوڙ ۽ فنانس آفيسر جئندر رانوڙ آهن. اهو به اهم نڪتو آهي ڊاڪٽر صاحب پنهنجي گهرواري جي ڏکوئيندڙ سانحي کانپوءِ ٻي شادي نه ڪئي.

پاڻ 1952ع کان خوشيرام هريجن ٽرسٽ سان به وابسته رهي سيٺ هوند راج آوتراءِ راڄپال سان سچي سنڌ ۾ خاص طور تر ۾ اسڪالر شپ ورهائي ٿو، ٽرديپ جهڙي مصروف اين جي او ۾ جنرل باڊي جو ميمبر پڻ آهي ان ڪانسواءِ نوڪري دوران 20 سال مختلف ضلعن ۾ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئشن جو صدر رهيو ۽ ڪيترين ئي ميڊيڪل ڪئمپون لڳايون هندو ميتالاجي موجب 50 کان 75 سالن تائين ماڻهوءَ کي برم هچاري تي رهڻو آهي جنهن ۾ خيراتون، ست سنگ، پوڃا پاٺ، رياضتون ڪرڻ وغيره انڪانپوءِ کيس سنياس ۾ وڃڻو آهي پر ڊاڪٽر راڻا صاحب پاڻ کي پوڙهو سمجهي ئي نٿو پاڻ خوش پوشاڪ خوش اخلاق خوش طبيعت ۽ توڪل تي پاڙيندڙ انسان آهي پنهنجي مسيحائي پيشي سان ناتو نڀائيندي اڄ به ميرپورخاص ستلائٽ ٽائون ۾ سنڌس "مومل ميڊيڪل سينٽر" غريبن لاءِ هڪ سهارو آهي.

(هن مضمون جي تياري ۾ مشهور ليکڪ قائم سولنگي جو ساٿ رهيو).

## مسيحا جهڙو ڪردار ادا ڪندڙ سيد ميران شهاب

سيد ميران شهاب، شاهه پاڪستان ۾ مهدي جماعت جا پيرو مرشد آهن. پر پاڻ روايتي پيرن کان مختلف آهن. پاڻ ڀلائي وارن ڪمن ۾ اڳتي آهن. ۽ پاڻ مهدي جماعت وارن کي به اهڙي تلقين ڪندا رهن ٿا ته هو عوام





جي خدمت کي افضل عبادت سمجهي ڪن. پاڻ شهدادپور ۾ سماجي ڪمن جي حوالي سان انتهائي سرگرم آهن. شهدادپور جي عوام جي خدمت جو جذبو رکندڙ ڪجهه اهم شخصيت جن ۾ محمد عيسيٰ وساڻ، ڊاڪٽر نياز چنڙ، يار محمد لغاري، چوڌري سرور، ديوان رام چند، سيد ميران شاهه ۽ ٻيا سرگرم آهن ان سول سوسائٽي ۾ به سيد ميران شاهه انتهائي سرگرم عمل آهي. جڏهن ته غريب شاگردن جي پڻ مدد ڪندو رهي ٿو. سيد ميران شهاب پاڪستان ۾ مهدي طريقت جي پير مرشد سيد شهاب الدين جي گهر ۾ 1963ع ۾ جنم ورتو. پرائمري کان مئٽرڪ تائين شهدادپور ۾ جڏهن ته انٽر ۽ سول انجينئرنگ ڊپلوما ڪراچي مان ڪئي. پاڻ والد وانگر سماج سڌارڪ سان گڏ بهترين ليکڪ ۽ شاعر به آهي. يقينن کيس سماجي خدمت جو جذبو ۽ ادب کيس والد کان ورثي ۾ مليو آهي. شاعري جوش ملحه آبادي، مرزا غالب، احمد فراز، منير نيازي جي شاعري کان متاثر ٿي شروع ڪئي. منهنجي خيال ۾ هي پهريون شاعر آهي. سندس شاعري ۾ رومانٽڪ، پيار عشق جو ذڪر نه آهي. پر سندس شاعري ۾ انساني جذبن جي عڪاسي هوندي آهي. سندس شاعري فڪري ۽ نظريي واري آهي. سندس شاعري معنيٰ خيز آهي. پاڻ مختلف موضوعن تي وڏي تعداد ۾ مضمون به لکيا آهن پاڻ انسانيت جي خدمت کي افضل عبادت سمجهي ڪندو رهيو آهي.

سيد ميران شهاب 19 کان وڌيڪ سماجي، ادبي، تنظيمن جو اڳواڻ پڻ آهي. پاڻ سدائين انسانيت جي عزت نفس جي پاسداري ڪندو رهيو آهي ۽ انهن جون جائز ضرورتون پوريون ڪرڻ، ماڻهن جا مسئلا حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. پاڻ غريب شاگردن کي فين، ڪاپين، پينون وٺي ڏيڻ، غريب مريضن جو علاج معالج لاءِ ڀرپور مدد ڪندو رهي ٿو. عام ماڻهو جيڪي پنهنجي اولاد کي تعليم نه ٿا ڏياري سگهن انهن سان تعليم جي فائدي بابت ڪچهريون ڪري کين اولاد کي تعليم ڏيارڻ لاءِ آماده ڪندو رهيو آهي. جڏهن ته صحت جي حوالي سان جاگرتا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيترائي پروگرام ڪرائيندو رهي ٿو. اگر اسين ائين چئون ته سيد ميران شهاب هڪ فرد نه پر هڪ تحريڪ جو نالو آهي ته ان ۾ وڌاءُ نه ٿيندو. پاڻ غريب ماڻهن جي ذهنن مان غربت ڪيڻ لاءِ انهن سان باقائده ڪچهريون ڪري ٿو. ۽ سندن اهڙي عمل جا بهتر نتيجا نڪتا آهن. غريب ماڻهن کي اهو سجهائيندو آهي ته اگر همت محنت ڪبي ته غربت نه رهندي. پاڻ غريب ماڻهن کي غربت مان ڪيڻ لاءِ پنهنجي مدد پاڻ ڪريو اصول تحت انهن کي ننڍا ننڍا ڪاروبار ڪيڏي

ڏيڻ، ڪيترن ماڻهن کي دوڪان، ننڍن ڪارخانن ۾ مزدوري وٺي ڏيڻ لاءِ پڻ ڪوششون ڪندو آهي. غريبن کي ننڍا ڪاروبار ڪري ڏيڻ لاءِ پنهنجي ڪميونٽي کان بہ ڪين مدد وٺي ڏيندو آهي. پاڻ ملڪ جي مختلف شهرن ۾ مهدوي جماعت وارن وٽ پير و مرشد جي حيثيت سان ويندا رهن ٿا ۽ سندس اهي روحاني سفر روايتي نہ هوندا آهن. پاڻ اتي گڏ ٿيل مريدن کي ليڪچر ڏيندي تلقين ڪندو آهي تہ انسانيت جي خدمت قائم رکي پين لاءِ مثال بنجو، سندس چوڻ آهي تہ سندس مريدن سان پير مرشد وارو رشتو روحاني آهي هي ڏن وٺڻ وارو مرشد نہ آهي. سيد ميران شاهہ بهترين ڪمپيئر بہ آهي. پاڻ جيڪي بہ ادبي، ثقافتي ۽ ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ ليڪچر پروگرام ڪرائيندو آهي تہ ان ۾ ڪوشش ڪري ڪمپيئرنگ پاڻ ڪندو آهي. سيد ميران شاهہ جا ليڪچر، سندس تقريرون پراثر ۽ موتين مالها هونديون آهن. سندس لفظ لفظ معنيٰ خيز آهي. ڪو زمانو هو تہ سندس شهدادپور وارو گهر سندس والد سيد شهاب الدين جي ڪوشش سان ادبي سرگرمين جو مرڪز رهيو. اسان گڏجي ميان مير سنڌي ادبي سنگت جو قيام آڻي 8 کان وڌيڪ ادبي ڪچهريون ۽ لاتعداد مشاعره ڪرايا هئا، مير سنڌي ادبي سنگت جو آئون جنرل سيڪريٽري هئس ليڪن سيد شهاب الدين کانپوءِ سندس هي گهر ماضي وانگر ادبي سرگرمين جو مرڪز نہ رهي سگهيو آهي. هن گهر ۾ هاڻ بہ ادبي پروگرام ٿين ٿا، پر سيد شهاب الدين شاهہ واري دور وارو عروج نہ رهيو آهي. سيد ميران شاهہ کي پٺاڻو خان جو ڳايل گيت "ميڏا عشق وي تو ميڏا يار وي تو"عابده پروين جو ڳايل " جب سي تو ني مجهي ديوانا بنا رکا هي" ڏاڍو وڻندا آهن. جڏهن ڪو دوست ساڻن واعدو ڪري اهو واعدو وفا نہ ڪندو آهي تہ کيس ڪاوڙ ايندي آهي. عام زندگي ۾ پاڻ خوش مزاج انسان آهن. کيس ان ڳالهہ جي خوشي آهي تہ هن پنهنجي وڏن جي روايتن کي ڪاميابي سان برقرار رکيو آهي. پاڻ نرم دل ۽ انتهائي حساس دل آهي. ڪنهن جي تڪليف جو ڏک هن کان برداشت نہ ٿي سگهندو آهي. سندس زندگي جي وڏي خوشي پهريون اولاد نياڻي ٿيڻ آهي کيس فرزند شهاب الدين ۽ 2 نياڻيون نامور شهاب، شيرين شهاب آهن. عشق بابت سندس چوڻ آهي تہ عشق پسند جو جذبو آهي. پوءِ ڪو برائي وارو ڪو پاڪ جذبو رکي ٿو ۽ هن بہ پاڪ جذبي تحت ڪئين عشق ڪيا آهن.







## غريبن جو همدرد ۽ هڏ ڏوکي طارق محمود آرائين ايڊووڪيٽ

شهدادپور جو مشهور وڪيل طارق محمود آرائين ايڊووڪيٽ "هاءِ ڪورٽ" ساڃاهہ وند حلقن ۾ مشهور آهي. پاڻ سول ۽ فيملي ڪيسن جي وڪيل طور بہ مشهوري ماڻي آهي. پاڻ سماج سڌارڪ آهي، سول سوسائٽي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ آهي، آئون کيس ان وقت کان سڃاڻان جڏهن اڃان جونيئر وڪيل هو. طارق محمود آرائين جو شروع کان معاشري ۾ هڪ ڪردار رهيو آهي. پاڻ 19-03-1961 تي سنڌ جي تاريخي شهر نوشهروفيروز ۾ فقير منش انسان محمد يوسف آرائين جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم نوشهروفيروز ۾ 6 کان 10 درجي تائين گورنمنٽ هاءِ اسڪول نوشهروفيروز، فسٽ ايئر انٽر، بي اي گورنمنٽ مهراڻ ڪاليج مورو ايل ايل بي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد ۾ ڪيو. 1985ع ۾ ايل ايل بي ڪرڻ بعد شهدادپور جي مشهور وڪيل مسٽر محمد اشرف عمراڻي صاحب سان گڏ وڪالت جي پريڪٽس ڪئي. وڪالت ڪرڻ جو کيس بہ شوق هو ۽ والدين جي خواهش هئي بہ شاگردي واري زماني ۾ جڏهن وڪيلن کي ڪارو فل سوٽ پاتل ڏسندو هو تہ هن جي دل ۾ خواهش اڀري تہ وڪيل ٿيان ۽ ماشا الله اڄ بهترين وڪيل طور سڃاتو وڃي ٿو. پاڻ وڪالت 1987ع کان شروع ڪئي. هن وقت تائين سوين ڪيس لڙيا آهن، پاڻ سول ۽ فيملي ڪيسن جو وڪيل آهي، ليڪن ذهين ۽ سٺي ساک رکڻ ڪري ڪيس ماڻهو ٻي نوعيت جا ڪيس بہ زوري هجت ڪندي ڏين ٿا. وڪالت ۾ ماهر وڪيل هئڻ جو ثبوت اهو بہ آهي تہ پاڻ 70 سيڪڙو ڪيسن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. جڏهن ڪيس کٽيندو آهي تہ کيس ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. اگر ڪيس هارائي ويهندو آهي تہ کيس ڏک ٿيندو آهي. طارق محمود آرائين فقير منش وڪيل آهي، سندس چهري تي سدائين مسڪراهٽ هوندي آهي، پاڻ ڪيترن ئي غريبن جا مفت ۾ ڪيس وڙهيا آهن، مون کي ذاتي طور تي بہ خبر آهي تہ ڪيترائي اهڙا غريب بہ هوندا آهن، جن وٽ وڪيلن جي في تہ پري پر ڪيس جي ڪاغذن لاءِ ڏوڪڙ نہ هوندا آهن، اهي ڏوڪڙ بہ پاڻ کيسي مان ڏيندو آهي. ان جي جزا کيس الله سائين ڏيندو. پاڻ شهدادپور تعلقي خاص طور شهدادپور شهر جي هر سياسي، علمي، ادبي، ثقافتي، مذهبي پروگرام ۾ نظر ايندو آهي. جڏهن تہ گهري هجت وارن کانسواءِ دعا سلام وارن ماڻهن جي غمين، خوشين ۾ ضرور شرڪت ڪندو آهي. ائين جهڙوڪ اهو ڪم سندس فرض ۾ شامل هجي. سول سوسائٽي کي وڌيڪ وقت ڏيڻ ڪري سندس وڪالت بہ ڪافي

ٻسترب ٿئي ٿي. ان جي باوجود سول سوسائٽي کي نہ ٿو ڇڏي سگهي، هو سول سوسائٽي کي بہ زندگي جو هڪ حصو سمجهي ٿو، پاڻ ڪيترن ئي ادارن جي پينل تي پڻ آهي، انهن ۾ ٻين ادارن کانسواءِ سافڪو، انجمن اتحاد تاجران شهدادپور، سول ڊفينس شهدادپور، ان کان اڳ پاڻ مارڪيٽنگ ڪميٽي شهدادپور، نيشنل بئنڪ، PICICجي پينل تي بہ رهي چڪو آهي. پاسبان ۽ يونين ڪائونسل 4 شهدادپور ۾ مصالحت انجمن جو آرگنائزر بہ رهي چڪو آهي. جڏهن تہ سماجي اداري سافڪو جو بنيادي ميمبر ۽ سول ڊفينس شهدادپور ۾ ايگزيڪيٽو ڪميٽي جو ميمبر پڻ آهي. پاڻ پيج پٽائي ميگزين، سانگهڙ لائين ميگزين جو بہ اعزازي طور ايڊوائيزر آهي. ساڻس هن وقت تائين 20 کان وڌيڪ جونيئر وڪيل پريڪٽس ڪئي آهي. جيڪي ڪامياب وڪيل آهن، منهنجي خيال ۾ طارق محمود آرائين ايڊووڪيٽ شهدادپور جو اهو واحد وڪيل آهي جيڪو وٽس ايندڙ ماڻهن کي مفت قانوني مشورا بہ ڏيندو آهي، کين چانهہ ٺڌو بہ پياريندو آهي ۽ ماضي ۾ هفتي ۾ هڪ ڏينهن شاهپور چاڪر بہ ويندو هو پر هاڻ مصروف رهڻ ڪري فلحال اتي وڃڻ ڇڏي ڏنو آهي، پاڻ اتي بہ مفت قانوني مشورا ڏيندو آهي. پاڻ اهي سڀ انساني ڀلائي وارا ڪم ڪري ٿو، جيڪي حقوق العباد ۾ اچن ٿا، جن مان غريب ماڻهن کي فائدو ٿئي ٿو. مون کي ذاتي طور ڄاڻ آهي تہ پاڻ ڪجهہ غريب خاندانن جي مستقل طور مدد ڪندو رهي ٿو، ڪجهہ غريب شاگردن جي بہ مدد ڪندو رهي ٿو، ليڪن اهڙي انداز سان جو اها خبر هڪ کيس ٻي انهن کي جن جي مدد ڪري ٿو. سماجي ڪم ڪندي کيس خوشي محسوس ٿيندي آهي، کانئس ڪا اڻ ڄاڻائي ۾ غلطي ٿي ويندي آهي تہ پيشمان ٿيندو آهي، اها هڪ سٺي انسان هئڻ جو ثبوت پڻ آهي. پاڻ پنهنجي وڏي پٽ ارسلان طارق کي وڪيل ڪرڻ جي خواهش رکي ٿو. سندس اها بہ خواهش آهي تہ سندس اولاد صالح، فرمانبردار ۽ برسر روزگار هجي. کيس اولاد ۾ 2 پٽ ارسلان طارق ۽ شاهزيب طارق، 2 نياڻيون سعيده طارق ۽ ڪنزه طارق آهن. واندڪائي ۾ ٻارن سان ٽائم گذاريندو آهي. اداس لمحن ۾ دعا گهرندو آهي تہ رب سائين اداسي دور ڪر، پاڻ پنهنجي والدين سان حد درجي جو عشق ڪيو آهي، موسيقي تمام گهٽ ٻڌي ٿو، پر ڪڏهن ڪڏهن غزل ٻڌندو آهي. سندس پسند جا فنڪار عابده پروين، جيوڻو خان، مني بيگم آهن. پاڻ صوفي بزرگن سان عقيدت ۽ محبت رکي ٿو ۽ سندن مزارن تي حاضري ڀريندو آهي. نواب شاهہ جي ٿاڌل سندس پسنديده مشروب آهي، گلاب جو





گل، اڇي ۽ ڪاري رنگ جا ڪپڙا کيس وڻندا آهن. پروين شاڪر جو شعري مجموعو بار بار پڙهندو آهي، گهر ۾ ڪڏهن ڪڏهن صبح سوير نہ اٿڻ تي گهرواري سان ناراضگي جو اظهار ڪندو آهي، سندس گهروارن کي سندس اها عادت نہ وڻندي آهي تہ پاڻ گهر وارن کي گهٽ ٽائم ۽ ڪلائنٽ ۽ آفيس ۾ وڌيڪ وقت ڏي ٿو. کيس ان وقت ڪاوڙ ايندي آهي جڏهن کيس خبر آهي پر اڳلو ساڻس ڪوڙ ڳالهائي، پراڻن دوستن سان ملاقات ڪندي خوشي محسوس ڪندو آهي. سندس پسنديده شاعرن ۾ شاهہ لطيف، پروين شاڪر، فيض احمد فيض، نديم گلاڻي آهن. مسٽر غلام رسول انڙ ايڊووڪيٽ سندس آئيڊل شخصيت آهي. طارق محمود آرائين گهٽ ڳالهائڻ وارو پر جيڪو بہ ڳالهائي بهترين ۽ هر لفظ توري تڪي ڳالهائيندو آهي. پروگرامن ۾ پراثر تقريرون ڪندو آهي، سندس هر لفظ موتي داڻو هوندو آهي. شروع ۾ پروگرامن ۾ نہ ڳالهائيندو هو، ان حوالي سان سندس چوڻ هو تہ تقريبات ۾ دوست ايترو ڳالهائي ويندا آهن جو اهي ئي ڳالهيون دهرائڻ مناسب نہ لڳندو آهي. سندس پسند جي سياستدانن ۾ مرحوم عبدالسلام ٿهيم، غلام حيدر وائين، جمشيد دستي آهن. پاڻ غريب ماڻهن جي مالي مدد ان انداز ۾ ڪندو آهي جو ڪنهن کي بہ خبر نہ پوي، وڪالت جي دنيا ۾ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ في طئہ ڪرڻ بعد جڏهن کيس خبر پوندي آهي تہ منهنجو ڪلائنٽ غريب آهي في نہ ٿو ڏئي سگهي تہ پاڻ ان کان في نہ وٺندو آهي. ڪافي اهڙا وڪيل ڏٺا ويا آهن، جيڪي ڪيس ڪن سببن ڪري اڌ ۾ ڇڏي ويندا آهن، پر هن اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ ڪيس اڌ ۾ نہ ڇڏيو آهي. اگر ڪلائنٽ ڪيس اڌ ۾ ڇڏي وڃي تہ اها انهن جي مرضي آهي. طارق محمود آرائين ايڊووڪيٽ کان هڪ دفعي پڇيم تہ اوهان پنهنجي شهر شهدادپور وارن لاءِ ڇا ڪرڻ جي خواهش رکو ٿا تہ پاڻ چيو تہ حقوق العباد پورا ڪرڻ جي خواهش آهي، دعا ڪريو الله پاڪ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق ڏي. آمين.

## انساني حقن جو علمبردار فضل قادر ميمڻ ايڊووڪيٽ

فضل قادر ميمڻ کي ان وقت کان سڃاڻان جڏهن هو آفتاب ۾ فري لانسر بعد ۾ اسپيشل رپورٽر طور ڪم ڪندو هو. 15 سالن جي ڄمار کان ادبي سماجي ثقافتي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو ۽ ڪهاڻيون مختلف موضوعن تي مضمون لکڻ شروع ڪيا، سندس شمار ذهين شاگردن ۾ هو پاڻ هالا پراڻا جي هڪ لکيل پڙهيل بااثر ۽ خوشحال خاندان سان تعلق رکي ٿو

پاڻ 1966ع تي آبپاشي ڪاتي جي مشهور انجنيئر عبدالقادر ميمڻ جي گهر ۾ جنم ورتو، سندس والد فرض شناس ايماندار شريف النفس خلق خدا جي خدمت ڪندڙ رهيو. فضل قادر ميمڻ سنڌ يونيورسٽي مان سوشيالاجي ۽ اڪنامڪس ۾ ايم اي پاس ڪئي بعد لاڪاليج مان ايل ايل بي ڪري وڪالت جي پيشي ۾ داخل ٿيو ۽ پاڻ هڪ ماهر قانوندان طور پنهنجون پيشوراڻيون خدمتون سر انجام ڏئي رهيو آهي. پاڻ ڊسٽرڪٽ بار ڪائونسل جو جوائنٽ سيڪريٽري رهيو آهي. هن وقت بار ڪائونسل سنڌ جو ميمبر، هلال احمد، سگا سنڌ صحافي سنگت سنڌ جو لائف ٽائيم ميمبر آهي، سنڌي ادبي سنگت ۾ به سرگرم رهيو آهي. عبرت ميگزين، پيچ پٽائي ميگزين جو ليگل ايڊوائيزر آهي. سنڌ لا ڪاليج جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر سان گڏ ڪيترن ئي سماجي علمي ادبي تنظيمن جو ميمبر باحيات ميمبر ۽ عهديدار پڻ رهيو آهي.

پاڻ وڪالت جهڙي پيشه ۾ مصروف رهڻ جي باوجود ادب سان واسطو ختم نه ڪيو آهي. اڄ به ادب سان لکڻ ۽ پڙهڻ حد تائين وابسته رکي ٿو. مختلف اخبارن ، رسالن ۾ آرٽيڪل لکي ٿو، انساني حقن ۽ قانون جي عام ماڻهو کي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ سندس آرٽيڪل شايع ٿيندا رهن ٿا، ماضي ۾ پڻ نه صرف ادبي دنيا سان وابسته رهيو پر حيدرآباد ۾ سگهند پبليڪشن جو بنياد وجهي ڪيترائي سال ان جا پرچا مارڪيٽ ۾ آندا ، بعد ۾ واهه سائين واهه جهڙو معياري ادبي پرچو مارڪيٽ ۾ آندو. جڏهن ادبي ثقافتي سرگرمين ۾ مانار ۾ هيون.سگهند سنگت سنڌ نالي تنظيم قائم ڪري سڄي سنڌ ۾ ادبي ثقافتي سرگرميون شروع ڪري ڏنيون ۽ ادبي ثقافتي شامون ملهائڻ جو سلسلو شروع ڪري ڏنو. جڏهن ته اديبن، شاعرن سان گڏ فنڪارن سماج سڌارڪن ،بيباڪ صحافين سان شامون ملهايون، ان تنظيم جي پليٽ فارم تان سماجي مسئلا حل ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي پاڻ ڪافي سالن کان هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان جو ميمبر پڻ آهي، ان پليٽ فارم تان مظلوم ماڻهن کي حقن جي حاصلات ، ناانصافين ، ڏاڍ خلاف سندس جاکوڙ لاڳيتي رهي آهي. پاڻ حقوق العباد تي پورو لهڻ لاءِ ڪوشان آهي، خلق خدا جي خدمت واري جذبي سان مڪمل طور سرشار آهي. خلق خدا جي خدمت ڪندي کيس خوشي ٿئي ٿي سڪون ملي ٿو، پاڻ ڪيترن ئي غريب ماڻهن جا ڪيس فري ۾ ڪٽي ٿو، ڪوشش ڪندو آهي ته هو اهڙا ڪيس ڪٽي جيڪي سچا هجن، سندس شمار سنڌ جي بهترين ۽ بااصول وڪيلن ۾ ٿئي ٿو،





فضل قادر ميمڻ جو سول سوسائٽي ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. مختلف سماجي تنظيمن پاران ٿيندڙ عوامي مسئلن ، انساني حقن وارن سيمينارن ۾ باقاعده حصو وٺندو رهيو آهي. پاڻ وڪالت ۾ ڪرمنل ۽ سول ڪيسن جو مشهور وڪيل آهي. سندس شمار انسان دوست وڪيلن ۾ ٿئي ٿو، پاڻ لاچار غريب عورتن جي ملڪيت ۾ حصي نه ملڻ عورتن ٻارن تي ٿيندڙ تشدد جا ڪيس مفت ۾ وڙهي ٿو. پاڻ حيدرآباد جي ساڃاهه وند ڊرين سان گڏ سنڌ جي اهم اشوز پاڻي جي کوٽ، بجلي جي هتر ادو لوڊ شيڊنگ، بيروزگار، عورتن ۽ ٻارن تي ٿيندڙ جنسي جسماني تشدد خلاف احتجاجي مظاهرا ڪندو رهيو آهي. بيحد مصروف رهن جي باوجود ادب سان لڳاءُ هئڻ ڪري رات جو ڪتاب پڙهڻ جهڙوڪ هن جي فرض ۾ شامل آهي.

## عوام دوست آفيسر غلام مصطفيٰ ڏاهري

غلام مصطفيٰ ڏاهري نواب شاهضلعي جي مشهور ڳوٺ حاجي شهزاد ڏاهري ۾ مشهور زميندار ۽ سياسي سماجي شخصيت حاجي شهزاد ڏاهري جي گهر ۾ 56-4-17 تي جنم ورتو. پرائمري تعليم ڳوٺ ڪريم بخش ڏاهري ۽ مئٽرڪ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو، انجنيئرنگ مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو مان حاصل ڪئي. پاڻ سياستدان يا علائقي جو وڏيرو ٿيڻ بجاءِ قوم ۽ ملڪ جي خدمت لاءِ والدين جي ئي خواهش سان ايريگيشن ۾ ايس ڊي او طور پنهنجي ذهانت سان انٽرويو پاس ڪري آرڊر ورتو. پاڻ گهڻو وقت روهڙي سرڪل ۾ ايس ڊي او ۽ انجنيئر طور رهيو آهي. اسڪارپ ايريگيشن هالا ڊويزن ۾ پڻ انجنيئر رهيو. ايس ڊي او کان انجنيئر تائين رهڻ دوران فرض شناسي جو مظاهرو ڪندي پاڻي چورن خلاف ڪارروايون ڪيون ۽ ٽيل تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو، جن ۾ ڪامياب ويو ۽ سندس ڪوشش سان بنجر ٽيل ٽيل جون زمينون آباد ٿيون، پاڻ منڙائو ڪئنال جو ڊائريڪٽر رهيو، ۽ ٻين هنڌن تي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، جتي به سندس ڪارڪردگي ۽ ڪردار مثالي رهيو. ٽيل ۾ پاڻي پهچائڻ سان کيس دلي سڪون ملي ٿو، سندس ڪوشش سان ٽيل جون بنجر پيل زمينون جڏهن سرسبز ٿين ٿيون ته پاڻ خوش ٿيندا آهن. سندس نگراني ۾ ايريگيشن جا ڪيترائي پروجيڪٽ بهترين نموني مڪمل ٿيا آهن، انهن ۾ نارا ڪئنال ۾ بدحال اسٽرڪچر نهرايا. 25 فيبروري 2005ع ۾

جڏهن پاڻ نارا ڪئنال جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو تہ پڇڙين ۾ پاڻي جي کوٽ ڪيترن ئي مائنرن جي پڇڙي ۾ پاڻي بجاءِ واري اڏامڻ جون دانهون عروج تي هيون، اخبارون اهڙين شڪايتن سان ڀريل هيون. آبادگار روزانہ مظاهره ڪري رهيا هئا، پاڻ رات ڏينهن هڪ ڪري پاڻي چورن خلاف ڪارروايون ڪري پاڻي جي چوري ختم ڪرائي ٽيل تائين پاڻي پهچايو. سندس چوڻ آهي تہ پاڻي جي کوٽ جي ڪارڻن ۾ مس مئنيجمينٽ هئي، ان جا مکيہ ڪارڻ لوئر اسٽاف، پبلڪ ۽ سياسي شخصيات، زميندار هئا. هن لوئر اسٽاف کي مناسب جڳهہ تي مقرر ڪيو، پبلڪ جي مداخلت ختم ڪئي، پاڻي جي چوري ختم ڪرائي. سندس چوڻ آهي تہ پاڻي جي مثان ڪان تہ کوٽ هوندي آهي پر جيڪو پاڻي آهي، اهو سهڻي نموني هلايون تہ پاڻي جي کوٽ ڪافي حد تائين ختم ٿي سگهي ٿي. ايريگيشن ۾ سندس استاد انجنيئر مرحوم محمد سليمان راڄپر آهي، جيڪو ايريگيشن جو باصلاحيت ۽ بهترين انجنيئر طور سڃاتو ويندو هو. سندس ڪارنامن ۾ اهو بہ شامل آهي تہ ڪافي شاخن جي پڇڙين ۾ 15 ڪان 20 سالن تائين پاڻي بجاءِ واري اڏامندي هئي، سندس ڪوشش سان جڏهن اتي پاڻي پهتو ۽ ماڻهن جي ڪومائل چهرن تي مرڪ ڏسي پاڻ انتهائي گهڻي خوشي محسوس ڪندو رهيو آهي. غلام مصطفيٰ ڏاهري صاحب صاف دل، سچ ڳالهائڻ وارن سان ملي خوشي محسوس ڪندو آهي. چاڪاڻ تہ پاڻ بہ مخلص، سچو ماڻهو آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ وارن منافق ماڻهن تي ڪيس چڙ ايندي آهي. پاڻ نيڪ نيت، ذهين، خوش مزاج، يارن جو يار، غريبن جو همدرد آهي. وڏي زميندار گهراڻي جو هئڻ جي باوجود سادگي پسند فقيراڻي طبيعت جو مالڪ آهي. منجهس وڏائي اصلِ نہ آهي. سندس چوڻ آهي تہ ايريگيشن ۾ نہ اچان ها تہ سي ايس ايس آفيسر هجان ها. سندس 2 شاديون آهن، هڪ ارينج ميرج ٻي لوَ مئريج. پاڻ ادب سان پڙهڻ جي حد تائين دلچسپي رکي ٿو. پسند جي شاعرن ۾ لطيف سائين، استاد بخاري، وڻندڙ ليکڪن ۾ الطاف شيخ، وڻندڙ اخبارن ۾ عبرت، ڪاوش، ڊان، وڻندڙ سنڌي فنڪارن ۾ مرحوم سرمد سنڌي، جلال چانڊيو، عابده پروين، وڻندڙ اداڪارن ۾ مرحوم شفيع محمد شاهه انور سولنگي، صلاح الدين تنيو. اردو اداڪارن ۾ امريش پوري، محمد علي، وحيد مراد، اردو فنڪارن ۾ مهدي حسن، ناهيد اختر، مسرت نذير، ناول نگارن ۾





نسيم حجازي پسند اٿس. وڻندڙ گيتن ۾ شام جو هي پهر ناءُ اسان جي ڪريو، چلي تو ڪٽ جائي گا سفر آهستا آهستا اٿس. فالتو ۽ ڪوڙ وارين ڳالهين تي بور ٿيندو آهي. شاگردي دور ۾ رياضي پسند جو سبجيڪٽ رهيس. پاڻ شاگردي دور ۾ شاگرد يونين جي سخت خلاف هو. جرگا سسٽم بابت سندس راءِ آهي تہ اهو سٺو نظام آهي، ان سان ماڻهو ڪيسن ۾ لوڙي ڪنگال ٿيڻ ۽ پريشان ٿيڻ بجاءِ پاڻ ۾ سرچي وڃن ٿا، ليڪن هن سسٽم کي ايمانداري سان بنا ريا جي هلائڻ گهرجي. پاڻ پريمي جوڙن واري وڌندڙ رجحان کي غلط قرار ڏي ٿو. سندس راءِ آهي تہ ان سان معاشري تي غلط اثر پون ٿا. ڪاروڪاري رسم خلاف سندس راءِ آهي تہ ان رسم جو خاتمو آڻڻ لاءِ قانون کي اڃان سخت ڪيو وڃي ۽ جوڙيل قانون تي سختي سان عمل ڪيو وڃي، تعليم کي عام ڪيو وڃي. سندس دعويٰ آهي تہ پوليس کاتي وانگر ايريگيشن کاتي ۾ بہ آفيسرن ۾ ايمانداري، فرض شناسي وارو رجحان وڌندڙ آهي. غلام مصطفيٰ ڏاهري ايريگيشن ڊولپمينٽ کاتي ۾ چيف انجنيئر بہ رهيو آهي، جتي سندس ڪارڪردگي قابل تعريف آهي. سندس ڪوشش سان کاتي ۾ سڌارا آيا، ڪافي ڪم ٿيا، خراب ٽيوب ويل ٺهرايا آهن. غلام مصطفيٰ ڏاهري بهترين آفيسر سان گڏ بهترين عوام دوست شخصيت بہ آهي. پاڻ لڪل انداز ۾ غريب ماڻهن، خاص طور غريب شاگردن جي مدد بہ ڪري ٿي. سندس ادب سان بہ گهري دلچسپي رهي آهي. هر موضوع جا ڪتاب سندس مطالعي ۾ رهيا آهن. پاڻ رحم دل ايترو جو ڪنهن جي تڪليف ڏک ڏسي نہ سهگندو آهي. وڏو راڄاڻيو آهي.

## مدن فقير جو تسلسل ديوان گاگن داس مدناڻي

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڀلاري ڀون ڀٽ شاهہ جو ڄائو ديوان گاگن داس، ادب دوست، يار ويس، مهمان نواز، ولين سان عقيت ڪندڙ، سماج سڌارڪ، عوام جي خدمت کي افضل عبادت سمجهندڙ آهي. سندس انهن ڳڻن جي خوشبوءِ هاڪ نہ صرف سنڌ پر هندستان ۾ بہ مشهور آهي، ڇاڪاڻ تہ ڀارت مان جيڪي اديب شاعر، فنڪار ياتري ڀٽ شاهہ اچن ٿا، ديوان گگن داس نہ صرف انهن جو مانائتو استقبال ڪندو آهي پر سندن اعزاز ۾ دعوتون بہ ڪندو رهيو آهي. هن نفسانفسي واري دور ۾ جتي ماڻهو پنهنجن مٽ مائٽن کي بہ ياد نہ ٿا ڪن انهن سان ميل ملاقاتن لاءِ وقت نہ آهي،

اتي ديوان گاگن داس ايندڙ دوستن لاءِ نيڻ وڇائيندو آهي، سنڌ جا اڪثر ديوان ڪاروباري آهن، اهي پاڻ کي ڪاروبار تائين محدود رکن ٿا، ليڪن ديوان گاگن داس پيٽ گذر لاءِ ڪاروبار ته ڪري ٿو پر پاڻ علمي، ادبي، سماجي ثقافتي سرگرمين لاءِ به باقائده وقت ڪڍندو رهيو آهي. ڀٽ شاهه ۾ ٿيندڙ تقريبن اهڙن تقريبات ۾ ديوان گاگن داس جي شرڪت کي اعزاز سمجهيو ويندو آهي. فقير منش انسان ديوان گاگن داس ڏيک ڏيکاءَ واري سلسلي کان پري ڀڄندڙ آهي، سندس اهو نظريو آهي ته اسان جيڪي شيوا ڪريون ٿا اهو ڪنهن تي احسان نه آهي پر اسين پنهنجو فرض نڀايون ٿا. ديوان گاگن داس کي عوامي خدمت ورثي ۾ مليل آهي، سندس ڏاڏو شري پارومل پنهنجي دور جو وڏو مهمان نواز اوطاقي ۽ سخي مرد ٿي گذريو آهي، سندس اوطاق مهمان خانو بنيل هوندي هئي، ڪيترا اڻ سڃاتل مهمان اچي وڃن ته به کين لکين عزتون ڏيندو هو. حال سارو مهمان نوازي ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏيندو هو. سندس والد شري نارائڻ داس به وڏو مهمان نواز رهيو. گاگن داس جي ڏاڏي پارومل ولد ڪشن چند ۽ سندس شريمتي لاءِ مشهور آهي ته ڪٿان جو به ڪو لطيفي پانڌيئڙو هندو هجي يا مسلمان هن وٽ ايندو هو ته ان جي خدمت ۽ مهمان نوازي ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏيندا هئا. وٽن مينهون، ڍڳيون جام هيون، انهن جو کير، لسي، مکڻ ڏهي مهمانن لاءِ هوندي هئي. اتفاق سان وٽن ڪو مهمان نه ايندو هو ته ان ڏينهن اداس هوندا هئا. ديوان گاگن داس لطيف سائين جي هم عصر هندو سنت مدن فقير جي خاندان جو فرد آهي، جڏهن ته سندس ناناٽا وري دنيا جي مشهور صوفي سنت ٽيئورام جي خاندان جا آهن، ديوان گاگن داس ننڍي هوندي کان فقير طبيعت جو مالڪ رهيو آهي، سندس ادب ۽ راڳ ويراڳ سان گهري دلچسپي رهي آهي، پاڻ بهترين شوقيه فنڪار به آهي. نجي محفلن ۾ پاڻ باقاعده سازن تي خوب ڳائنيدو آهي، ننڍي هوندي کان اڄ تائين لطيف سائين جي دربار ۾ روزانو حاضري ڏيندو آهي. سندس سنڌ جي ٻين به ڪيترن ئي اوليائن سان عقيدت آهي، جتي به پاڻ حاضريون ڏيڻ لاءِ ويندو رهي ٿو، پاڻ لطيف سائين جي مشهور راڳي يعقوب شهيد جو ڪيترن ئي سالن کان 3 روزه ميلو ڪرائيندو آهي، جتي شاندار ملاڪڙو، ادبي ڪچهري ۽ محفل موسيقي پڻ ٿيندي آهي. آخري رات تي مڃتا ايوارڊ به ڏنا ويندا آهن. ديوان گاگن داس اديب، شاعر ته نه آهي پر ادب دوست ضرور آهي، کين لطيف سائين، سچل سرمست، ڪبير ڀڳت، شيخ اياز، استاد بخاري ۽ ٻين صوفي بزرگن شاعرن





جي شاعري بيحد وڻندي آهي ۽ نجي محفلن ۾ به انهن شاعرن جي شاعري ڳائيندو به آهي. يعقوب شهيد جي عرس ۾ پاڻ عقيدت وچان ڳائيندو آهي، ان موقعي تي خيرخيراتون به ڪندو آهي، جڏهن ته شيخ اياز کي سندس وصيت موجب ڀٽ شاهه ۾ ڪراڙ ڪنڌي ڌرتي ماءُ هنج حوالي ڪيو ويو ته ديوان گاگن داس ۽ سندس دوست گل محمد شيدي سابق ڊائريڪٽر اسٽيٽ بئنڪ گڏجي شيخ اياز جو ٽيجهو وڏي سطح تي ڪيو ۽ وڏي خيرات ڪئي. قرآن خواني ڪرائي ۽ شيخ اياز جي مزار جي باقاعده سار سنڀال لهڻ لڳو ۽ شيخ اياز جي هر ورسي تي لنگر نياز جو انتظام ڪندو آهي ۽ مزار تي مشاعرو، راڳ رهاڻ، قرآن خواني ڪرائيندو آهي. سندس اهڙين خدمتن جي پيش نظر ڪيس شيخ اياز مزار ڪميٽي جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو ۽ پاڻ اياز جي مزار تي تقريبن روزانو ڦيرو ڀڄندو آهي. ۽ سندس قبر تي گل رکندو آهي ۽ شيخ اياز جي ورسي تي ايندڙ اديب شاعرن، فنڪارن اياز جي مداحن کي چانهه بسڪيٽ ۽ ماني کارائيندو آهي، ماضي ۾ سنڌ صحافي سنگت پاران ديوان گاگن داس جي مڪمل سهڪار سان اياز جي سندس مزار تي وڏي پيماني تي ڪجهه ورسيون ملهايون ويون، جنهن ۾ مشهور اديبن، شاعرن فنڪارن شيخ اياز جي گهر ڀاتين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي شيخ اياز ايوارڊ به ڏنا ويا. 2003ع ۾ شاهه لطيف جي عرس مبارڪ ۾ ٿيندڙ ادبي ڪانفرنسن ۾ ثقافت کاتي وارن وٽ شايد بجيٽ نه هئي، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي چوڻ تي ديوان گاگن داس 200 کان وڌيڪ ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙن کي وي آءِ پي ريفريشمنٽ ڪرائي. لطيف سائين جي جشن ولادت ۾ ڪافي سال ديوان گاگن داس هڪ ڏينهن جو ملاڪڙو به ڪرايو ۽ درگاهه تي شيري جو نياز ڪندو آهي ۽ به ٽي مڻ مٺائي ورهائيندو آهي. لطيف سائين جي ميلي ۾ سندس اوطاق مدناٽي هائوس تي يار دوست، واقفڪار اڻ واقف اديب، شاعر، فنڪار ادب دوست اچي نڪرندا آهن، جن جي باقاعده مهمان نوازي ڪندو آهي. لطيف جي عرس مبارڪ تي سندس اوطاق تي راڳ رهاڻ جي محفل ۽ مشاعرو ٿيندو آهي.

لطيف سائين جو ميلو جتي ايترن ماڻهن کي رڳو چانهه پاڻي پيارڻ وڏو مسئلو بنيل هوندو آهي، اتي وڏي تعداد ۾ دوستن ۽ عام ماڻهن کي ماني کارائڻ وڏو مسئلو هوندو آهي، پر ديوان گاگن داس مهمان نوازي ڪندي خوشي محسوس ڪندو آهي. پاڻ سنڌ جي صحافين جي حقن جي علمدار ۽ نمائنده تنظيم سنڌ صحافي سنگت جو تاحيات اعزازي ميمبر به آهي. ڀيڄ

پتائي ميگزين جو اعزازي ايڊيٽر پڻ آهي. ديوان گاگن داس وٽ گهر ۾ ۽ اوطاق ۾ هر قسم جي ڪتابن تي مبني هڪ ننڍڙي لائبريري پڻ آهي. هر مذهب جا ڪتاب به سنڌس مطالعي هيٺ رهيا آهن. پاڻ بيحد مصروفيتن جي باوجود دوستن جي خوشين ۽ غمگين ۾ شريڪ ٿيندو آهي. پاڻ شاهه حبيب چوڪ وٽ مدناڻي ڪافي ناهڻ لاءِ وڏو پلاٽ ورتو آهي، جتي ڪجهه اڏاوت به ڪرائي آهي، اتي ميلي ۾ اتر لاڙ جا لطيفي فقراءَ اچي رهندا آهن، جڏهن ته سنڌس گهر پرسان واري اوطاق تي به مهمان هوندا آهن. ديوان گاگن داس سماج سڌارڪ شيوا داس هيٺ ناتي ڪيترن ئي غريب ماڻهن ۽ غريب شاگردن جي مدد ڪندو رهيو آهي، ڪيترن ئي غريب بيمار ماڻهن جو اعلاج به ڪرائيندو آهي. 1996ع کان اڳ ديوان گاگن داس کي آئون روايتي ديوان سمجهندو هئس، هن وٽ پيج پتائي ميگزين جي حوالي سان وڃڻ ٿيو، اتي رستي ويندڙ هڪ واتهڙو عورت گرمي جي ڪري بي هوش ٿي وئي، ان سان گڏ ٻه ننڍڙا معصوم ٻارڙا به هئا. اهي پنهنجي ماءُ کي بي هوش ڏسي روئڻ لڳا، اتي ڪافي ماڻهو گڏ ٿي ويا پر ان غريب مائي جي مدد ڪرڻ بجاءِ تماشائي بنيل هئا، اتي ديوان گاگن داس جنهن وٽ ڪجهه خاص دوست آيل هئا، انهن کي ڇڏي ان مائي کي کڻي اسپتال پهتو جتي ان کي هوش ۾ آندو ويو بعد ۾ ان کي ضروري ميڊيسن ڏياري گهر ڇڏي آيو. سنڌس اهڙي ادا اهڙو ته مون کي متاثر ڪيو ۽ آئون سنڌس مداح بنجي ويس ۽ ساڻس ڀائرن جهڙي دوستي ٿي وئي، بعد ۾ خبر پئي ته اهڙا فلاحي ڪم پاڻ تقريبن روز ڪري ٿو. پيج پتائي ميگزين جي حوالي سان به سنڌس مون سان مڪمل ساٿ رهندو اچي، اسان سڀني دوستن کي مٿس فخر آهي، اسين سنڌس اهڙين خدمتن جو مختلف محفلن ۾ مختلف فورمن تي ذڪر ڪندا آهيون. اسان جا ڪافي ديوان دوست آهن جيڪي هجت وارا به آهن پر هو دوستن تي خرچ ڪرڻ کان اڳ سوچيندا آهن، ته هن مان اسان کي ڪهڙو فائدو پهچندو، ليڪن ديوان گاگن داس انهن ديوانن کان مختلف آهي، سنڌس دوستي لالچ کان خالي آهي، مون کي ذاتي طور خبر آهي ته ديوان گاگن داس جي اهڙي مهمان نوازي، سخاوت، يار ويسي، ادبي، ثقافتي سماجي سرگرمين ۾ اڳتي هجڻ، اتي خرچ ڪرڻ واري جذبي تي سنڌس مٽ مائٽ ڪيس ٽوڪيندا آهن ۽ ناراض به ٿيندا آهن ته فضول خرچ نه ڪر، اڪن تي اٽا نه هار، هنن ڏنن کي ايڏو مان نه ڏي پر پاڻ سنڌن اهڙيون ڳالهيون اڻ ٻڌيون ڪري انهن تي ڪوبه توجهه نه ڏيندو آهي.





ديوان گاگن داس جي شخصيت بهار جي خوشبو جهڙي آهي، ديوان گاگن داس کي اهڙين خدمتن جي اعتراف طور استاد بخاري، شيخ اياز، شاهه لطيف پتائي ايوارڊ ۽ ٻيا ايوارڊ به مليا آهن. پاڻ 13 اپريل 1969ع ۾ جنم ورتو، پرائمري کان انٽر تائين تعليم پٽ شاهه مان بي اي هالا مان ڪئي. مهمان نوازي ۾ سنڌس گهرواري جو به ساڻس مڪمل ساٿ آهي، ڪيترا به مهمان اچن ڪهڙي به وقت اچن پر ڪڏهن به ڪا شڪايت نه ڪئي، خوشي سان مهمانن لاءِ ماني تيار ڪندي آهي. ديوان گاگن داس انتهائي حساس نازڪ نفيس انسان آهي. ٻين جي ڏک درد کي پنهنجو سمجهندو آهي. سنڌس ڳالهائڻ جو انداز وڻندڙ آهي، ڪاوڙ ۾ به سنڌس چپن تي مرڪ هوندي آهي.

پاڻ 1982ع ۾ لطيف سائين جو راڳ سکيو، ڪافي سالن تند به وڄائي ۽ سر ڳايا. پاڻ عزادار به آهي، محرم ۾ نياز ڪندو آهي ۽ سبيل لڳائيندو آهي. لطيف جي راڳي يعقوب شهيد کي نروار ڪرڻ ان جو هر سال ڏهاڙو ملهائيندو رهيو آهي، پاڻ پٽ شاهه ۾ درٻار بابا گرو نانڪ جو بنياد وڌو، ڪيس فنڪارن ۾ استاد جمن، مهدي حسن، لتا وڻندڙ آهي، فلمن ۾ اوماءِ ڳاڌ، کاڌي ۾ دال چانور، رنگن ۾ سفيد رنگ، گلن ۾ ڪنول، گلاب جي خوشبو وڻندڙ آهي. 2 دفعا ڀارت ياترا لاءِ ويو آهي، سنڌس خواهش آهي ته دهشتگردي جو خاتمو اچي هر طرف امن پيار هجي. زندگي جو وڏو ڏک سنڌس معصوم پٽ جو اغوا هو، وڏي خوشي پهرين پٽ جي جمڻ تي ٿي، ڪيس اندر ۽ ٻاهر هڪجهڙا ماڻهو وڻندا آهن، انتهاپسند ماڻهو ناپسند آهن. ڪيس گيتن ۾ رسم الفت ڪو نڀائي تو نڀائي ڪيسي، سنڌيءَ ۾ "آيا ڪين مارو وساريو وطن ڪي" سينگار علي سليم جي آواز ۾ وڻندو آهي. ڪيس شاهه لطيف جو رسالو وڻندو آهي، جنهن کي روزانو پڙهندو آهي، سنڌس خواهش آهي ته مرڻ بعد سنڌس مدناڻي ڪافي يا ايئرپورٽ وٽ جيڪو پلاٽ آهي اتي دفنايو وڃي.

## يارن جو يار ۽ با وقار آفيسر شير محمد مهر

شير محمد مهر جو شمار ثقافت کاتي جي بهترين آفيسرن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ ثقافت کاتي ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آهي. سنڌس ادب، فن ۽ ثقافت سان گهري دلچسپي رهي آهي. پاڻ آدرشي، سماج سڌارڪ، همدرد انسان آهي. 1975-04-01ع تي سنڌ جي قديمي تاريخي شهر قاضي احمد ويجهو ڳوٺ

مهرو مهر ۾ زميندار ۽علائقي جي چڱي مڙس محمد موسيٰ مهر جي گهر ۾ جنم ورتو، سندس والد وڏو مهمان نواز همدرد، غريبن جي مدد ڪندڙ ڏڪئي وقت ۾ علائقي جي ماڻهن سان مدد ڪندڙ هو. شير محمد مهر پرائمري تعليم ڳوٺ مان ڇهين ڪان مئٽرڪ قاضي احمد جي گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول مان، فرسٽ ايئر انٽر گورنمينٽ سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان بي اي ايم اي سنڌ يونيورسٽي مان، ايل ايل بي سنڌ لا ڪاليج مان، پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما ان آرڪائيز مان فرسٽ ڪلاس 3 پوزيسن حاصل ڪئي. پاڻ سائوٿ ڪورس مائڪرو فلم ڪنزيويشن ۾ ڪيو. سندس خاندان وارا نيٺ مذهبي قسم جا ماڻهو آهن، ليڪن شير محمد لبرل آهي، شاگردي دور ۾ ڪرڪيٽ جو بهترين رانديگر رهيو، علائقي ۾ ڪرڪيٽ جي دنيا ۾ سندس نالو هو، ڪيس ننڍي هوندي کان ادب جو شوق رهيو. 1988ع ۾ ثقافت کاتي ۾ ٽيڪنيڪل آفيسر طور آيو، پاڻ ڪراچي ۾ آرڪائيز، انچارج لال شهباز لائبريري سيوهڻ، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سچل اڪيڊمي خيرپور ميرس رهيو آهي، هن وقت پاڻ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ثقافت کاتو ۽ انچارج بلاول انسٽيٽيوٽ نواب شاهه آهي ۽ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۾ انچارج طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

شير محمد مهر بااصول همٿ ڀريو آفيسر آهي، جنهن به اداري ۾ رهيو آهي، ان اداري کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. خاص طور تي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي حوالي سان سندس خدمتون قابل تعريف آهن. سندس ڪوششن پنهنجي آفيسرن سان مسلسل لک پڙهه جي نتيجي ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جا ڪچا ملازم ڪنفرم ٿيا، جيڪو هڪ تاريخي ڪم آهي. جڏهن ته ريسٽ هائوس کي اپ گريڊ ڪيو ويو. شاهه جي باغ، فنڪار هاسٽل، لائبريري جو توسيع جو ڪم ٿيو. ريسرچ سيل قائم ڪيو ويو. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي زمين کي لينڊ مافيه جي قبضي کان بچائڻ لاءِ چوديواري ڏياري وئي. ميوزم کي وڏايو ويو. شير محمد مهر جي ذاتي دلچسپي سان ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس مبارڪ ۾ ادبي ڪانفرنس سگهڙ ڪانفرنس ۽ 3 راتيون راڳ رهاڻ جي محفلن جي شاندار ڪاميابي جي پويان سندس محنت به شامل هوندي آهي. سندس ڪوشش سان ڪيترن ئي مقامي فنڪارن، هنرمندن اديبن، شاعرن کي وظيفا ملڻ شروع ٿيا. شاهه لطيف لائبريري جنهن جي صورتحال اها هوندي هئي جو اتي رڳو ملازم ئي ويٺل هوندا هئا. شير محمد مهر ڀٽ شاهه جي ادب دوست ماڻهن سان گڏ هڪ جاگرتا مهم هلائي نوجوانن کي لائبريري ۾ اچي اخبارون ۽ ڪتاب پڙهڻ





جو شوق جاڳايو، شير محمد مهر ڀٽ شاهه ۽ پنهنجي قاضي احمد واري علائقي ۾ ٿيندڙ علمي، ادبي، ثقافتي پروگرامن جو سهڪاري رهيو آهي. شير محمد مهر جي ڪوششن سان قاضي احمد واري علائقي ۾ به نوجوانن ۾ ادبي ذوق پيدا ڪرڻ ۾ ڪردار رهيو آهي. پاڻ غريب ماڻهن جي به مدد ڪندو رهيو آهي. ڪم ڪارين جي حوالي سان به علائقي ۾ ٻي پهچ ماڻهن جو سهڪاري رهيو آهي. پاڻ والد وانگر وڏو اوطاقي مهمان نواز آهن، يارن جو يار آهي. شير محمد مهر جي صوفيانه راڳ سان دلچسپي رهي آهي. ڪيس ڊول فقير، عابده پروين، محمد يوسف، لتامنگيشڪر، سڄڻ سنڌي وڻندڙ فنڪار آهن. شاعرن ۾ لطيف سائين، استاد بخاري وڻندڙ شاعر آهن. ڪيس ”جيئي سنڌ جيئي سنڌ وارا جئن، سنڌي ٽوپي اجرڪ وارا جيئن“ وڻندو آهي. ڪيس ڪوڙ سان نفرت سچ سان محبت آهي، منافق، ڪوڙن ماڻهن کان الرجي هوندي آهي. مخلص سچن ماڻهن سان محبت ڪندو آهي، سندس سنڌ امڙ سان عشق رهيو آهي، سندس زندگي جي وڏي کان وڏي خواهش اها آهي ته شل سنڌ آباد رهي. ترقي ڪري سنڌ کي سندس خوبصورت پرامن ڀائيچاري وارو ماضي موٽي هلي. هر طرف پيار محبت، امن شانتي ڀڏي اتحاد واري فضا قائم ٿئي. ماضي وانگر اسان هڪ ٻئي جو احساس ڪريون، محبت ڪريون، سندس اها وڏي خوبي آهي ته ڪاوڙ ۾ خاموش رهندو آهي ۽ رلي پائي سمهي پوندو آهي. پاڻ ننڍين ملازمن سان پنهنجن وارو رويو قائم رکندو آهي. سندس هجتي دوستن ۾ گلشن ڪليري، ذوالفقار پنهور، نور سنڌي، معشوق ڌاريجو رهيا آهن، اولاد لاءِ سندس خواهش آهي ته سٺا انسان بنجن، ڪيس ڀاڄين ۾ ڀينڊي، توري، موتيو گل، سفيد رنگ ارماني سينٽ وڻن ٿا. ٽي وي تي خبرون، تبصرا، حالات حاضرا وارا پروگرام وڻندا آهن. رٽائر ٿيڻ بعد وڪالت ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. بلاول انسٽيٽيوٽ ۾ به سندس خدمتون قابل تعريف آهن، سندس ڪوششن سان ڪيترائي ڪتاب ڇپيا آهن.

منهنجو ساڻن 2004ع کان ڀائرن جهڙو تعلق رهيو آهي، ڪيس ويجهو ڏسڻ ۽ پسڻ جو موقعو مليو آهي. شير محمد مهر پنهنجي انجمن ۾ هڪ منفرد ڪردار وارو سچو ۽ کرو انسان آهي. يار ويس ڀين جي بهتري واري سوچ رکندڙ آهي.

## بهار جي ٽڏڙي هير جهڙوشمن علي شاهه لطيفي

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي شجري تي نظر وجهبي ته

هڪ لائين ۾ شاهہ حبيب ڪان پوءِ سيد جمال شاهہ ان جو فرزند سيد بچل شاهہ ان جو فرزند سيد مٺل شاهہ ان جو فرزند سيد غلام حيدر شاهہ ان جو فرزند سيد شير محمد شاهہ ان جو فرزند محمد بخش عرف جڙيل شاهہ آهن ، سيد محمد بخش شاهہ عرف سيد جڙيل شاهہ پنهنجي دور جو وڏو سخي مهمان نواز ، ادب دوست موسيقي جو ڄاڻو لطيف جي رسالي جو پارکو ۽ لطيفي راڳ جو ڄاڻو هو ، سخاوت ۽ مهمان نوازي جي حوالي سان سندس نالو سڄي ملڪ ۾ مشهور هو ، ڪو بہ سوالي ڪيڏو بہ ڪهڙو بہ سوال ڪٽي اچي پر ڪڏهن بہ خالي نہ ويندو هو ،سندس سخاوت مهمان نوازي جا قصا مشهور آهن ، انهن جو ذڪر ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ ڪبو ، هتي اسين جڙيل شاهہ جي فرزندن سيد مٺل شاهہ جي فرزند سيد ميگهلڏو عرف سيد شمن علي شاهہ جو ذڪر ڪري رهيا آهيون ، سيد شمن علي شاهہ جو چاچو سيد غلام حيدر شاهہ لطيف جو وڏو راڳي مهمان نواز فقير منش شخصيت جو مالڪ هو ، شمن علي شاهہ جو والد سيد مٺل شاهہ هردلعزيز مهمان نواز شخصيت هو ، ڪلاسيڪل راڳ جو وڏو ڄاڻو هو سيد شمن علي شاهہ 05 مئي 1970 ع بمطابق 1390ھ 3 ربيع الاول آچر ڏينهن ٽِٽ شاهہ ۾ جنم ورتو ، اڏان جو نالو سندس ڏاڏو مگهلڏو شاهہ جي پويان رکيو ويو پاڻ گريجوئيشن پاس آهي ، پرائمري ۽ سيڪينڊري ٽِٽ شاهہ ۾ هائير سڪينڊري ايف جي ڪاليج مان بي اي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪئي پاڻ ڏاڏي سيد جڙيل شاهہ وانگر سخي مهمان نواز فقير منش همدرد غريبن جو هڏ ڏوکي ،يارن جو يار ڪچهرين جو ڪوڏيو آهي ، پاڻ ڪافي عرصي ڪان مئن بس اسٽاف سکر ويجهو گڙنگ بنگلو جيڪو 8 ايڪڙن ڪان وڌيڪ ايراضي ۾ پکڙيل آهي ، اهو سندس ڏاڏي سيد جڙيل شاهہ ٺهرايو هو ، پاڻ اتي رهي ٿو ،

سندس حويلي ۽ بنگلو گڙنگ بنگلي ۾ آهي ، جتي هر وقت فقير فقراءَ اپر سنڌ ۾ لطيف سائين جا مريد عقيدتمند وٽس اچي دعائون وٺن ٿا سندس بنگلي تي هر وقت چانهہ جي سبيل ۽ ماني جي وقت تي لنگر هلي ٿو ، بنگلي تي صبح ڪان رات دير تائين ڪچهري متل هوندي آهي ، اتي هر وقت پنجتن پاڪ جو ذڪر فڪر ، لطيف سائين جي شخصيت ۽ شاعري بابت ڪچهريون متل هوندي آهي ، سيد شمن علي شاهہ ، فقيراڻي رنگ ۾ رڱيل آهي ، وار وڏا ، نوراني چهرو ، سندس گفتگو لفظ لفظ موتين مالا هوندي آهي ، سندس ڪچهري ۾ ويٺلن جي دل اٿڻ تي نہ چوندي آهي ، پاڻ وقت بہ وقت ٽِٽ شاهہ ايندو رهندو آهي ، ساڻن محبت ڪندڙ اتر سنڌ وارا سندس سڪ ۾ فوري طور





ٽِٽ شاهہ پهچي ويندا آهن ، پاڻ ٽِٽ شاهہ ۾ جيترا بہ ڏينهن هوندو آهي تہ هتي بہ سندس لنگر خانو هلندو آهي ، ، هتان جا فقير سندس ٻڌي سندس خدمت ۾ حاضر ٿيندا آهن ، هتي بہ سندس صبح ڪان رات تائين فقراء جو وڏو تعداد سندس ڪچهري ۾ ويٺل هوندو آهي ، ظاهري طور تي سياست ڪان پري آهي پر سياسي ماحول سياسي صورتحال ڪان باخبر هوندو آهي، ٽِٽ شاهہ جي عوام جي خدمت ڪرڻ واري ارادي سان ٽائون ڪميٽي ٽِٽ شاهہ ۾ ڪائونسلر ۽ بعد ۾ چيئرمين ٿيا آهن پاڻ اتر سنڌ ۾ امين طور بہ فيصلن ۾ گهرايو ويندو آهي ، گڙنگ بنگلو جي اها تاريخ آهي تہ جڏهن نهيو ٿي تہ اتر سنڌ جي ڪيترن ئي بااثر ماڻهن بہ عقيدت طور چند گهڙيون مزدورن وانگر ونگار طور مزدوري ڪئي اها ڳالهہ بہ مشهور آهي تہ راڳ جي راڻي عابده پروين بہ ان مقام تي سيد جڙيل شاهہ جي دعائن سان پهتي آهي ، چون ٿا تہ عابده پروين جي والده ڪيس سيد جڙيل شاهہ جن وٽ وٺي آئي ۽ عابده پروين ڪي دعا ڪرڻ لاءِ چيو ان وقت عابده پروين جي عمر 12 سال هئي ۽ ماءُ سان گڏ ڳائيندي هئي ، سيد جڙيل شاهہ عابده ڪي دعا ڪندي چيو تہ انشاءالله هن جهڙو ڪو بيو فنڪار نہ ٿيندو ۽ شايد سيد جڙيل شاهہ جي دعائن جي ڪري عابده پروين اڄ ان منزل تي آهي ، چون ٿا تہ ان ڏينهن عابده پروين جي والده ۽ عابده پروين عقيدت وچان ٺهندڙ گڙنگ بنگلي ۾ ڪلاڪ اڌ سرون ڪٽي رازن کي ڏنيون ، سيد شمن علي شاهہ جو ڏاڏو سيد جڙيل شاهہ لاءِ مشهور آهي تہ ان 500 ايڪڙ زرعي زمين 15 هزار رپيا سال جي حساب سان چار سال مقاطي تي ڏني هئي تقريبن ساڍا 4 لک رقم صبح جو کين ملي تہ اها فقير فقراءُ ۾ ڏئي ڇڏي ۽ چيائين تہ ٿيپ ڏنيسون زمين کي اسان ٿيا سون آجا ، سندس قول هو تہ جيڪو بچت ڪري ٿو ان جو الله تي ايمان نہ آهي ، سندس سنڌ جي 4 وڏن هستين پير صاحب پاڳارو، مخدوم طالب المولي ، خانبهادر خان وساڻ ڪنڊياري وارو ۽ چام ڪانپو خان سان دوستي رهي ، سيد شمن علي شاهہ جا حال بہ سندس ڏاڏي وارا آهن ، ڪڏهن پيسو گڏ نہ ڪيو آهي ، جيڪو آيو اهو خير خيرات ڪريو ڇڏي ، فقير فقراءُ ڪي ڏيو ڇڏي ، پاڻ هن دور جو وڏو سخي سندس سخاوت ڏسي حيرت ٿيندي آهي ، سندس ايڏي سخاوت پوءِ سندس ڳاڏو ڪيئن ٿو هلي؟ سندس چوڻ آهي تہ ڏيڻ وارو مالڪ آهي انڪري سندس نالي تي خرچ ڪريون ٿا، سندس ڏاڏو والد ۽ چاچو موسيقي جا وڏا ڄاڻون هئا ، وٽن وقت جا وڏا وڏا فنڪار حاضري تي اچي فن جو مظاهرو ڪندا هئا، سيد شمن علي شاهہ کي موسيقي جي ڄاڻ آهي سندس پسند جي فنڪارن ۾ ، نورجهان ، عابده

پروين آشا بوسلي ، لتا منگيشڪر ، سينگار علي سليم آهن ، پاڻ ايڊونيچر تاريخي جادو واريون فلمون شوق سان ڏسي ٿو، ڪيس نورجهان جو ڳائيل هر ڪانٽا تيري راھ سي پلڪون سي چُنا، عابده پروين جو من ڪنت مولي ، دما دم يا علي حيدر ، آشا بوسلي جو ڳائيل گيت پيار ڪرني والي پيار ڪرتي هين شان سي جيتي هين شان سي مرتي هين، وڻن ٿا هڪ دفعي ڪچهري ۾ ڪين چيم سائين شمن اوهان زندگي ۾ ڪيترا عشق ڪيا آهن ، ان جو پاڻ مختصر جواب ڏنو تہ جنهن ڪي عشق ناهي اهو انڌو آهي، ڪيس جان رينبو جون فلمون وڻن ٿيون، رنگ ڪارو نيوي بلو پسند اٿس ، ڪاڏي ۾ پڪل گوشت مٽا چانور وڻن ٿا ، ، گلن ۾ گلاب جي گل ڪي پسند ڪن ٿا ، ڪين ان ڳالھ جو افسوس آهي تہ اسان پنهنجي ثقافت ڪي وساري ويٺا آهيون ، اڳي مچ ڪچهريون سچو سيارو هلنديون هيون ، مچ ڪچهريون لطيف سائين جي وقت ۾ بہ ٿينديون هيون ، خاص طور سهائي سومار تي ڪيس ان تي تشويش ۽ افسوس آهي تہ لطيف جا گهڻا راڳي لفظ چٽو نٿا چون ، ، لطيف جي شاعري بابت پاڻ ڪچهرين ۾ چوندا آهن تہ اها دل تي گهرو اثر ڇڏي ٿي ، لطيف سائين جي شاعري اسان لاءِ روشني واري واٽ آهي ، ، لطيف جي راڳ ٻڌڻ سان سڪون ملي ٿو، ڪيس ان ڳالھ تي بہ افسوس آهي تہ اسان پڙهائي پيرن ڪي مرشد لطيف جو رسالو ياد نہ آهي ، لطيف سائين نور آهي سندس خواهش رهي آهي تہ هر جاءِ تي مولا علي ع ۽ امام حسين ع جا جشن ولادت ڪرايون ، هر هنڌ غازي عباس جو علم نصب ڪرايون ، ڪربلا جي شهيدن جو هر هنڌ ذڪر ڪرايون ، پاڻ پنهنجي مريدن ڪي دوستن ڪي اها تلقين ڪندو نظر ايندو آهي ، تہ لطيف جي شاعري ڪي پڙهو ۽ پروڙيو ان تي عمل ڪيو پاڻ ۾ درگذر ڪرڻ جو مادو رکو، لطيف جي پر امن ڌرتيءَ تي امن قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون پيار محبت ۽ ڀڏي اتحاد سان رهو، ڏک سک ۾ هڪ ٻئي جي ڪم اچو جتي ويهو اتي فالتو ڳالهين بجاءِ ذڪر حسين ۽ لطيف سائين جي ڪلام ، پيغام بابت ڳالهايو ، سدائين، يا علي ياعلي، ياحسين ياحسين ڪري اٿو ،

ڪين 3 نياڻيون ۽ 3 فرزند سيد ولي محمد شاھ عرف ولڻ سائين ، سيد علي عباس شاھ ، سيد مٺل شاھ آهن سندس خواهش آهي تہ سندن پٽ بہ فقير منش ٿين .

## صوفي منش ۽ ادب دوست احمد خان ٽڳڙ

صوفي احمد ٽڳڙ سان منهنجو تعلق 25 سالن کان بہ پراڻو آهي.





سندس ڪردار ڪان مون سميت سڀ دوست گهڻو متاثر آهن، پاڻ ولي الله سان محبت ڪندڙ سڄي سنڌ جي صوفي بزرگن جي عرس مبارڪن ۾ ويندڙ، درگاهن تي خدمت ڪرڻ، غريب اديبن ۽ شاعرن جون لکڻيون ڇپائي ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻ، لطيف سائين جي شعر "تتي ٿڌي ڪاھ ڪانهي ويل ويهڻ" تي عمل ڪندڙ صوفي احمد خان ٽڳڙ 65-2-25ع تي نوشهروفيروز جي مشهور تاريخي ڳوٺ ابڙان ۾ هڪ هاري مزدور سائين رکيو ٽڳڙ جي گهر ۾ جنم ورتو. مسلسل محنت جدوجهد سان اعليٰ تعليم حاصل ڪئي، پرائمري کان انٽر تائين نوان جتوئي، بي ڪام سنڌ ڪامرس ڪاليج حيدرآباد مان، ايل ايل بي جناح لا ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪئي. ننڍي هوندي کان سماجي ڪم ڪرڻ پنهنجي مدد پاڻ ڪريو اصول تحت ڪم ڪرڻ، راڳ ويراڳ سان دلچسپي رکندڙ آهي. ادب سان ننڍي هوندي کان دلچسي رهي اٿس. شاگردي زماني کان وٺي تاريخي، اسلامي، فقه جا ڪتاب دلچسپي سان پڙهي ٿو. پاڻ مختلف کاتن ۾ ڪلارڪ، جونيئر ڪلارڪ، اسٽنو گرافر رهيو آهي. بعد ۾ هالا اسڪارپ ۾ اسٽينو گرافر مقرر ٿيو. هن وقت ترقي ڪندي چيف انجنيئر آفيس ۾ آفيس سپريٽنڊنٽ آهي. شاگردي واري زماني ۾ ابڙان جي صوفي منش انسان سيد لياقت علي شاھ سان دوستي هئڻ ڪري سندس صوفيت ڏانهن لاڙو رهيو. ننڍي وهي کان علائقي جي درگاهن تي صوفيانہ راڳ ٻڌڻ سان دلچسپي رکندو هو. سيد لياقت علي خان جي معرفت بزرگ سيد فضل الله شاھ، علي مردان شاھ "نوان جتوئي" سان واقفيت ٿي، ان جي معرفت مخدوم طالب المولىٰ ۽ رئيس دوست علي خان ڪتياڻ سان واقفيت ٿي ۽ پاڻ دوست علي خان جو طالب ٿيو ۽ ان وٽ رهي روحانيت، تصوف صوفي ازم، راڳ ويراڳ ۽ حڪمت جون ڳالهيون سکيو ۽ رئيس دوست علي خان ڪتياڻ سان گڏ مختلف صوفي بزرگن جي عرس مبارڪن تي باقاعده ويندو هو ۽ راتين جون راتيون ويهي راڳ ويراڳ جون محفلون ٻڌي ذهني ۽ دلي سڪون حاصل ڪندو هو. سندس حضرت محمد فقير ڪتياڻ سان وڏي عقيدت رهي آهي. 1984ع کان اڄ تائين محمد فقير ڪتياڻ جي هر مهيني ملهائيندڙ ستين نہ ڇڏي آهي. ڪٿي بہ هجي ڪهڙي بہ حال ۾ هجي پر ستين جي پروگرام ۾ هر حال ۾ شامل رهندو آهي. سنڌ جي ڪيترن ئي ولي الله جي سجاده نشينن ۽ صوفي فقيرن سان سندس ملاقاتون رهيون آهن، جن مان پاڻ سيد محمد شاھ ناصري وارو جنهن جي مزار مٽياري باءِ پاس تي آهي، ان مان ڏاڍو متاثر هو، پاڻ ماضي ۾ سنڌي ادبي سنگت هالا جو سرگرم ميمبر رهيو آهي. پاڻ ٻين بہ

ڪيترن ئي علمي، ادبي، سماجي تنظيمن جو ميمبر ۽ عهديدار رهيو آهي. پاڻ اسڪارپ ايريگيشن جي ليبر يونين ۾ مختلف اهم عهدن تي بہ رهيو آهي. صوفي احمد تگڙ يارن جو يار غريبن جو همدرد رهيو آهي. پاڻ غريب اديبن جي لکڻين، شاعرن جي شاعري جا ڪتاب هزان وڙان خرچ ڪري ڇپائيندو رهي ٿو. پاڻ درگاهن تي خدمت بہ ڪري ٿو، ڪجهہ غريب دوستن جي اولاد کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ لاءِ مدد ڪندو رهي ٿو. سندس ڪوشش سان ڪيترن ئي غريب مت مائٽن ۽ دوستن انهن جي اولاد کي نوڪرين سان لڳرايو آهي. ٻين جي خدمت ڪندي خوشي محسوس ڪري ٿو. پاڻ درگاهن تي وڃي ذڪر الاهي ڪندو رهيو آهي. زندگي ۾ هڪ عشق ڪيو جنهن ڪيس اري مان ڪيڊي ڇڏيو. هن جڏهن محسوس ڪيو تہ هاڻ هو نہ دين جو نہ دنيا جو رهندو تہ دل تي پٿر رکي پيار سان بي وفائي ڪري ويو، ليڪن اڄ بہ پنهنجي پيار کي وساري نہ سگهيو آهي. اڪيلائي ۾ راڳ ويراڳ ٻڌڻ سان بي حال ٿيڻ لڳندو آهي. ماضي جي يادن ۾ گم ٿي ويندو آهي، ان عشق ڪيس شاعري ڪرائي ۽ پاڻ بهترين شاعر طور ابريو پر ڪيس رئيس دوست علي خان منع ڪئي ان بعد شاعري ڪرڻ ڇڏي ڏني. سندس پسند جا فنڪار حسين بخش خادم، قوتو زرداري، صادق فقير آهن. ڪيس ننگڙا نماڻي داد جيوين تيوين پالٽا ڏاڍو وٽندو آهي، پاڻ خود بہ شوقيہ ڳائيندو هو. پاڻ يڪتارو، باجو بہ سکيو پر سيد فضل علي شاهہ ڪيس منع ڪئي تہ سکو نہ ٻڌو.

صوفي احمد تگڙ ڪيترن ئي بزرگن جي مزارن تي پنهنجي حيثيت مطابق ڪم بہ ڪرايا آهن. سيد لياقت علي شاهہ جي ابڙان ۾ ۽ سيد چتل شاهہ جي مزار جو ڪم ڪرايو ۽ مزار ٺهرائي آهي. خوشي جي لمحن ۾ صوفيانہ راڳ ٻڌندو آهي. ڏک واري لمحن ۾ "اي دل تجهي قسم هي، تو همت نہ هارنا" ڳانو ٻڌي همت کان ڪم وٺندو آهي. واندڪائي ۾ ذڪر الاهي ڪندو آهي. ڪيس محمد فقير ڪتياڻ جي مزار تي روحاني سڪون ملي ٿو. پاڻ ڪيترن ئي غريب فنڪارن جي بہ مالي مدد ڪندو رهيو آهي. رٽائرڊ ٿيڻ بعد مال متاع سان شوق رکڻ ۽ مختلف موضوعن جا ڪتاب لکڻ جي خواهش رکي ٿو. اسان 1993ع کان جڏهن شاهہ لطيف ڀٽائي جو ڪلام پيغام عام ڪرڻ لاءِ "ڀيج ڀٽائي ميگزين" شروع ڪيو تہ صوفي احمد خان تگڙ جو ڀرپور تعاون رهيو، سندس ڪوشش سان ڪيترن ئي صوفي بزرگن بابت ننڍڙا ڪتابچا بہ شايع ڪيا آهن ۽ شايع ٿيندا رهن ٿا. پاڻ مشهور شاعرن حافظ محمد بخش خاصخيلي، ثاقب سومرو، نواز رکڻائي جي شاعري جي ڪتابن ڇپائڻ ۾ اهڙا







ڪتاب ڇپائيندڙن جي ڀرپور مدد ڪندو رهيو آهي. صوفي احمد تگڙ بهترين ليکڪ بہ آهي، ليڪن مصروف رهڻ ڪري تمام گهٽ لکيو آهي، پر جيڪو ڪجهہ لکيو آهي، بهتر لکيو آهي، سندس صوفيت، روحانيت تي ڪيترائي مضمون مختلف ميگزين ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيا آهن. سندس خواهش آهي تہ رٽائرڊ ٿيڻ بعد هو باقاعده لکندو، پاڻ ادبي، ثقافتي پروگرامن جو بہ سهڪاري رهيو آهي.

بي پهچ غريب ماڻهن جا ڪم ڪاريون ڪرڻ ۽ ڪرائي ڏيڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهي، ڪيس 2 پٽ سائين رکيو ۽ طفيل، 2 نياڻيون ڊاڪٽر ڪنول ۽ زينب آهن.

## انساني حقن ۽ انصاف لاءِ جاکوڙيندڙ غلام مصطفيٰ سومرو ايڊوڪيٽ

شهدادپور جي سماجي دنيا ۾ غلام مصطفيٰ سومرو جو نالو اهميت رکي ٿو پاڻ امن پسند پارٽي جا چيئرمين پيشن تنظيم جا بانيڪار بہ آهن. سنڌ ۾ ٻوڏ بعد متاثرين کي امداد نہ ملندي هجي ڪراچي ۾ امن امان جون حالتون خراب . نياڻين سان ظلم ٿيندا هجن. نهري پاٽي جي ڪوٽ هجي تعليمي ادارا يا سنڌ جا ٻيا مسئلا هجن پاڻ انهن لاءِ جاکوڙيندو رهيو آهي. 5 مئي 1980ع تي نور محمد سومرو جي گهر ۾ جنم وٺندڙ غلام مصطفيٰ سومرو ايم اي سنڌي ۽ ايل ايل بي تائين تعليم حاصل ڪئي غريب عوام جي خدمت طور ڪا سرڪاري نوڪري وٺڻ بجاءِ وڪيل ٿيڻ پسند ڪيو. 2007ع ۾ مشهور وڪيل يوسف لغاري سان گڏ جونيئر جي حيثيت سان وڪالت ڪئي پاڻ هاءِ ڪورٽ جو وڪيل آهي هر قسم جا ڪيس وڙهي ٿو پر پاڻ ڪرمنل ڪيسن جو ماهر وڪيل آهي. پاڻ نہ صرف شهدادپور پر ڪراچي، حيدرآباد، خيرپورميرس ۽ ٻين شهرن ۾ بہ غريب ماڻهن جا ڪيترائي ڪيس مفت ۾ وڙهيا آهن. پاڻ سياست جي شروعات شاگردي واري دور ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي سان ڪئي پاڻ ان پارٽي جو سانگهڙ ضلع ۾ جنرل سيڪريٽري بہ رهيو بعد ۾ ڊاڪٽر دودو مهيري پاران جوڙيل سنڌ دوست ڪائونسل فورم ۾ شامل ٿي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ سنڌ ۽ سنڌ وارن جي حقن ۽ انهن جي حاصلات لاءِ منظم انداز ۾ جاڳرتا مهم هلائي، 2011ع ۾ امن پسند پارٽي جو قيام آندو ۽ پاڻ ان جو چيئرمين چونڊيو ويو. هن پارٽي جو مقصد سنڌ مان لسانيت ختم ڪري سڀ ٻوليون ڳالهائيندڙن ۾ ايڪتا پيدا ڪرڻ هو ۽ ان لاءِ.پاڻ سڄي سنڌ جا دورا ڪري تنظيم کي منظم ڪيو ۽ مختلف مڪتبہ

فڪر جي ماڻهن سان ان حوالي سان ملاقاتون ڪيون نفرتون ختم ڪرڻ ۽ ايڪتا لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ميڙاڪا ڪرايا. پاڻ پاڪستان اميد سوشل سسٽم آرگنائيزيشن پيشن جو بائيڪار بہ آهي پاڻ ان آرگنائيزيشن جي پليٽ فارم تان صحت، تعليم، انساني حقن تي ڪم ڪري پيو جاگرتا جا ڪيترائي پروگرام پڻ ڪرايا آهن ادب سان پڙهڻ جي حد تائين سنڌس دلچسپي رهي آهي شهداد پور ۾ مختلف تنظيمن، ادارن پاران ٿيندڙ شهر جي عوامي مسئلن کان وٺي مختلف اشوز تي ٿيندڙ ريلين ۾ شريڪ ٿيندو رهيو آهي. پاڻ شهر ۾ ٿيندڙ ادبي ثقافتي پروگرامن جو سهڪاري بہ رهيو آهي. ڪيترائي ماڻهو پنهنجا مسئلا کڻي هن وٽ اچن ٿا انساني همدردي تحت اهي حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. موسيقي سان دلچسپي رکي ٿو سرمد سنڌي، صادق فقير، ممتاز لاشاري ۽ شاعرن ۾ شاهہ لطيف، سچل سائين، استاد بخاري، شيخ اياز، پروين شاڪر، فيض احمد فيض ۽ ٻيا پسند اٿس ڪيس شيخ اياز جو "هي پون نہ آئي پانءِ الا مان اڏري ويندو سانءِ" پسند آهي ادبي ڪتابن ۾ طارق عالم جو رهجي ويل منظر دلچسپي سان" پڙهي ٿو. سنڌس آئيڊل مارڪس آهي. پاڻ ٻاري ڪائونسل شهدادپور جي مختلف عهدن تي رهيو آهي پاڻ ڪيترن ئي سماجي علمي ادبي ثقافتي تنظيمن جو عهديدار سرپرست اعزازي ميمبر بہ آهي. نوجوانن کي سماج ۾ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ليڪچر بہ ڪري ٿو.

## سماجي ورڪر محمد رفيق ٽالپر

محمد رفيق ٽالپر جون تعلقہ شهدادپور ۾ سماجي خدمتون قابل تعريف آهن. ننڍي هوندي کان ڪيس غريبن جي خدمت ڪرڻ جو جذبو رهيو ۽ بعد ۾ سماجي ڪمن کي منظم انداز ۾ ڪرڻ لاءِ 1993ع ۾ وليجرس ڊولپمينٽ آرگنائزيشن جي پليٽ فارم تان عوام جي خدمت ڪري ٿو پاڻ تنظيم جي پليٽ فارم تان صحت تعليم ڪمپيوٽر تعليم جي حوالي سان جاگرتا ڏي ٿو تنظيم جي پليٽ فارم تان غريبن کي ننڍا ڪاروبار بہ ڪولرائي ڏنا آهن. علائقي ۾ برسات جون تباهيون هجن يا ڪي قدرتي پيون آفتون هنگامي بنيادن تي متاثرين جي مدد ڪري ٿو ڳوٺن ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ وڏي تعداد ۾ نلڪا ڏنا آهن. ڳوٺن ۾ صفائي، صاف پاڻي، تعليم جي اهميت بابت ڪيترائي پروگرام ڪرايا آهن. جنهن جو نتيجو بهتر نڪتو آهي پاڻ علائقي ۾ جن اسڪولن ۾ ٻارن جو تعداد گهٽ آهي تہ والدين وٽ







وڃي انهن کي تعليم بابت گڏجاڻيون ڪري ڪين منٿ ميڙ ڪري ٿو جنهن جا پڻ بهتر نتيجا نڪتا آهن 2006ع ۾ پاڻ شاگردن کي انفارميشن ٽيڪنالاجي جي حوالي سان ڪمپيوٽر جي تعليم ڏيڻ لاءِ رهبر ڪمپيوٽر اڪيڊمي قائم ڪئي جتي تمام گهٽ في جنهن ۾ جاءِ مسواڙ بجلي جو بل ۽ ٽريننگ ڏيندڙ استاد جي پگهار جو مسئلو حل ٿي وڃي گهٽ في ۾ ڪمپيوٽر جي بهترين تعليم ڏيڻ جي ڪري ڪيترن ئي غريب شاگردن کي فائدو ٿيو آهي. هن اڪيڊمي مان سوين شاگرد شاگرداڻين ڪمپيوٽر جي تعليم پرائي آهي جڏهن تہ 25 سيڪڙو غريب ٻارن کي فري ۾ ڪمپيوٽر جي تعليم ڏني وڃي ٿي 2011ع واري برساتي ٻوڏ ۾ رفيق ٽالپر جو ڀرپور ڪردار رهيو. پاڻ مختلف ڊونر ادارن سان ملاقاتون ڪري متاثرين لاءِ راشن روزگار لاءِ ريڙها ڪانسواءِ سج جي روشني تي چارج ٿيندڙ ٽارچون. مزدوري جو سامان ڏنو پاڻ مختلف تنظيمن سان گڏجي شهدادپور ۽ مختلف ڳوٺن ۾ عورتن جي حقن مسئلن بابت ڪيترائي سيمينار ڪرايا آهن محمد رفيق ٽالپر غريب ماڻهن ۾ بچت ڪرڻ ۽ بچت لاءِ اڪائونٽ کولرائڻ جي سجاڳي ڏيڻ لاءِ علائقي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي جڏهن تہ ماڻهن کي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڏيڻ ماڻهن جا عام مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ بہ سنڌس شاندار ڪردار رهيو آهي ڳوٺن جي مسئلن جي حل لاءِ تنظيم توڙي ذاتي طور ڀرپور ڪوششون ڪندو رهيو آهي سنڌس اهڙي ڪوشش سان ڪيترن ئي ڳوٺن کي گئس روڊ فرش بنديون گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ ناليون مليون آهن. زبون حال اسڪولن جي بلڊنگن جي مرمت ٿي آهي نہ صرف اهو پر هن ڳوٺن جي ماڻهن کي سنڌن حقن بابت شعور ڏنو آهي. اوهان پنهنجا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ هن انداز سان ڪوششون ڪيون سنڌس ڪوشش سان ڪيترائي بند پيل اسڪول کليا آهن. ڪيترن ئي اسڪولن ۾ تعليم جو معيار بهتر ٿيو آهي محمد رفيق ٽالپر جو ادب صوفيانہ راڳ سان بہ دلچسپي رهي آهي. هر موضوع جا ڪتاب مطالعي ۾ رهيا اٿس. سنڌس آئيڊل شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو شهيد آهي پاڻ سماجي خدمتون افضل عبادت سمجهي ڪري ٿو.

## مسيحا جهڙو ڪردار ادا ڪندڙ ڊاڪٽر مريم مجيد چنو

چوندا آهن تہ مردن جي ڪاميابي ۾ سندن زالن جو وڏو ڪردار هوندو آهي، بهترين انتظامي آفيسر طور شهريت ماڻيندڙ ڊاڪٽر عبدالمجيد چنو جي ڪاميابي، صحت کاتي ۾ هڪ مثالي ڪارنامو ۽ سماجي ڪمن جي

پويان ڊاڪٽر مريم مجيد چنو جو ڪيترو هٿ آهي اها خبر ڊاڪٽر عبدالمجيد چنو کي هوندي، پر سندن ويجهن حلقن جو چوڻ آهي تہ هن جيون ساٿين جي ڪاميابي جو سهرو هڪٻئي تي آهي ۽ آئون بہ سندن ويجهن دوستن ۾ شامل آهيان ان ڪري ان لاءِ مان بہ مٿين ڳالهہ تي متفق آهيان، ڊاڪٽر مريم مجيد چنو شهدادپور ۾ مسيحا سڏجي ٿي ۽ هي جوڙو شهدادپور جا ايڌي سڏجن ٿا، ڊاڪٽر مريم مجيد چنو جون شهدادپور جي تعلقہ اسپتال کان وٺي انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائينس شهدادپور تائين هن اداري کي مثالي بڻائڻ ۾ شاندار ڪردار رهيو آهي، پاڻ هن وقت پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ميڊيڪل ڪاليج سنڌ ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي، شهدادپور ۾ پهريون ميڊيڪل سينٽر پٽائي ميڊيڪل سينٽر بہ ڊاڪٽر مجيد ۽ ڊاڪٽر مريم جو ڪارنامو آهي، ان دور ۾ هتي اهڙو ڪو خانگي ميڊيڪل سينٽر نہ هو ۽ هنن علائقي واسين جي سهولت لاءِ مناسب اگهہ تي آپريشن ويم ۽ او پي ڊي قائم ڪئي، ڊاڪٽر مريم مجيد چنو 14 نومبر 1956ع تي بدين ضلعي جي مشهور شهر ماتلي ويجهو مشهور قديمي ۽ تاريخي ڳوٺ رپ ۾ هڪ زميندار، سماجي ڪارڪن، سخي مرد عبدالستار چانگ جي گهر ۾ جنم ورتو، ڊاڪٽر مريم مجيد جو ڏاڏو مولوي تاج محمد چانگ پنهنجي وقت جو عالم ۽ وڏي مذهبي شخصيت ٿي گذريو آهي، جنهن جون وڏيون ديني خدمتون آهن، ڊاڪٽر مريم تعليم ماتلي ۽ حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي 1982ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو مان ايم بي بي ايس پاس ڪئي هائوس جاب مڪمل ڪرڻ بعد 1987ع ۾ سرڪاري جاب ۾ آئي. 1990ع ۾ ڊاڪٽر عبدالمجيد چنو سان پرڻو ڪيو، ننڍي هوندي کان ڪيس ادبي تاريخي اسلامي ڪتاب پڙهڻ جو شوق رهيو، جڏهن اڃا پرائمري ۾ هئي تہ ان دور ۾ سندس گهر ۾ تي سنڌي اخبارون اردو، سنڌي رسالا ايندا هئا جن جو شوق سان مطالعو ڪندي هئي، ڪاليج ۾ پهتي تہ پاڻ ڪهاڻيون ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيا، جيڪي مختلف رسالن ۽ ڪيترن ئي اخبارن ۾ شايع ٿيا. ڪهاڻيون علائقي ۾ ٿيندڙ واقعن تي لکيون، ڪهاڻين ۾ عورتن جي مظلوميت ۽ ڪردارن تي لکيون، مضمون معاشرتي مسئلن تي لکيا، ڪاليج جي سوينيئرن ۾ بہ مضمون لکيا، جاب ملڻ بعد مصروف رهڻ لڳي ۽ لکڻ ڇڏي ڏنو ليڪن مصروفيتن جي باوجود ڪتابن جو مطالعو جاري رکندي اچي ڪيترائي ادبي، تاريخي، اسلامي ڪتاب سندس مطالعي هيٺ رهيا آهن، سندس پسند جي ليکڪن ۾ امر جليل، الطاف شيخ، خير النساء جعفري، تنوير جوڻيجو،





نسرين جوڻيجو پسند اٿس. ڊاڪٽر مريم مجيد چنو بهترين ڊاڪٽر طور مشهور آهي، پاڻ غريبن جي هڏ ڏوکي، لڪل هٿ سان غريبن جي مدد ڪري ٿي، ڪيترن ئي غريبن جا ٻار خانگي اسڪولن ۾ سندس خرچ تي پڙهن ٿا، سخاوت ۾ ڊاڪٽر مجيد کان ڪافي قدم اڳتي ڪيترن ئي غريب عورتن کي ميڊيسن گهران وٺيو ڏي، سندس سينٽر تي ڪيترن ئي غريب ماڻهن جا آپريشن بہ فري ۾ تہ دوائون بہ فري ۾، سينٽر تي او پي ڊي ۾ غريب عورتن جي في بہ نہ وٺي ايڪسري، الٽراسائونڊ بہ مفت ۾، پر هاڻ سينٽر کي ايترو وقت نہ ڏئي رهي آهي، شهدادپور اسپتال جي حوالي سان سندس خدمتون قابل تعريف آهن، اسپتال کي مثالي بڻائڻ لاءِ اڻ ٿڪ جدوجهد ڪئي، سوين نوجوانن کي ميرٽ جي بنيادن تي نوڪريون ڏنيون، هن وقت پاڻ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ميڊيڪل ڪاليج سنڌ جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي، سندس خيال آهي تہ رٽائرڊ ٿيڻ بعد پاڻ هڪ فلاحي ادارو قائم ڪندي جنهن ذريعي هو عوام جي خدمت ڪندي، خاص طور غريب بي پهچ عورتن لاءِ ڪم ڪندي.

## سماج سڌارڪ خاتون راڌا ڀيل

سنڌ جي اقليتي عورتن ۾ چند عورتن پنهنجي شاندار ڪردار ڪري وڏو نالو ڪيرايو آهي. انهن ۾ راڌا ڀيل بہ شامل آهي. پاڻ لبرل ادب دوست ۽ سماج سڌارڪ عورت آهي. پاڻ ميرپورخاص ۾ ڪنهن بہ فورم پاران انساني حقن، عوامي مسئلن، ناانصافين خلاف ڌرڻو هجي، ريلي هجي، بک هڙتال هجي يا عوام ۾ صحت، تعليم جو شعور ڏيڻ لاءِ ريلي هجي، راڌا اهڙن احتجاجن ۽ شعور ڏيندڙ ريلين ۾ پنهنجي ساٿياڻين سان گڏ پيش پيش هوندي آهي. شاگردي واري دور ۾ ڪيس پوليس آفيسر ٿيڻ يا اهڙي سياسي ليڊر ٿيڻ جو شوق هو. جنهن سان پاڻ مثالي عورت بڻجي وڃي، پاڻ نہ پوليس آفيسر بڻجي سگهي نہ سياست ۾ نالو ڪيرائي سگهي، ڇاڪاڻ تہ هن ملڪ خاص طور سنڌ ۾ سياست خاص طور اقتداري سياست مورثي بڻجي چڪي آهي، سياست ڪاروبار بڻجي چڪي آهي، وڏيرڪو نظام غريب، مخلص نوجوان قيادت کي اڳتي اچڻ نہ ٿو ڏي. راڌا جو پوليس آفيسر وارو خواب تہ اڌرو رهيو پر سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ وارو جنون اڃا برقرار اٿس. سندس خواهش آهي تہ هو اسيمبلي جي ميمبر ٿي پنهنجي ڀيلڪي ويس ۾ اسيمبلي ۾ وڃي ۽ اتي سنڌ جي عوام سان ٿيندڙ ناانصافين ظلم زيادتين،

عورتن سان ناروا سلوڪ خلاف ۽ عورتن جي حقن لاءِ ڀرپور انداز ۾ آواز اٿاري ڪيس يقين آهي ته سندس خواهش هڪ ڏينهن ضرور پوري ٿيندي، ڇاڪاڻ ته نيڪ نيت ماڻهن جو ڀڳوان به مدد ڪندو آهي. راڏا سياسي دنيا ۾ ته اجا نالو روشن نه ڪري سگهي آهي پر سماجي دنيا ۾ سندس نالو نه صرف ميرپورخاص پر سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. پاڻ سنڌ اندر عورتن سان ٿيندڙ ظلم زيادتين خلاف نه صرف ميڊيا تي آواز اٿاريندي رهي آهي پر ان خلاف احتجاج به ڪيا آهن. ڪافي هنڌن تي پهتي به آهي ۽ اهڙين مظلوم عورتن جي قانوني مدد به ڪئي آهي. پاڻ سماج جي ڪٽ ڪاڏل ريتن رسمن، غريبن بي پهچ ماڻهن تي ٿيندڙ ظلم زيادتين خلاف نه صرف احتجاج ڪري ٿي پر عملي طور به ڪم ڪيا آهن، جن بي پهچ ماڻهن جا سرڪاري آفيسن ۾ ڪم ڦاٿل آهن ۽ ڪين بنا سبب رلايو وڃي ٿو. غريب مريضن کي سرڪاري اسپتال ۾ لاپ نه ٿو ملي ۽ جڏهن ماڻهو مدد لاءِ راڏا وٽ اچن ٿا ته پاڻ انهن غريب ماڻهن سان گڏ آفيسن ۾ وڃي انهن جا ڦاٿل ڪم ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿي، اسپتالن ۾ وڃي انتظاميا سان ملاقاتون ڪري انهن جي مالڪي ڪري ٿي. ڪيترن ئي غريب مريضن کي هڙان وڙان دوائون وٺي ڏي ٿي. ڪيترن ئي غريب شاگردياڻين جن وٽ فيون ناهن، انهن کي فين ۾ مدد ڪري ٿي. ميرپورخاص ۾ سندس عوام ۽ سماجي تنظيمن ۾ ايتري ته مقبوليت وڌي وئي آهي جو نه صرف ميرپورخاص پر ٿر، عمرڪوٽ ۽ ٻين علائقن ۾ ٿيندڙ سيمينارن، ورڪشاپ ۾ راڏا جي شرڪت کي يقيني بڻايو وڃي ٿو. 2011ع وارين برساتي ٻوڏن ۾ جڏهن بااثر ماڻهن پاران امدادي ڪارروائين ۾ اقربا پروري شروع ڪري پنهنجا نوازيو پاليسي تي عمل ڪري رهيا هئا ته راڏا ڀيل ان خلاف احتجاج ڪيو. بعد ۾ ان وقت جي ڪمشنر امدادي ڪارروائين واري ٽيم ۾ هن کي به شامل ڪيو ۽ امدادي سامان کان رهجي ويل متاثرين کي امداد ڏياري، پاڻ يونيسيف جي مدد سان متاثرين جي ڪئمپن ۾ عارضي جهوپڙي اسڪول قائم ڪرائي متاثرين جي ٻارن جي تعليم متاثر ٿيڻ نه ڏني. جڏهن اڳتي هلي يونيسيف وارن اهي اسڪول بند ڪيا ته راڏا ڀيل جي ڪوشش سان ڪجهه اسڪول پنهنجي مدد پاڻ ڪريو اصول تحت پوءِ به ڪليل رهيا. هن جي سدائين ڪوشش رهي آهي ته انهن اقليتي ماڻهن جن جو تعليم ڏانهن رجحان نه آهي، انهن سان ملاقات ڪري انهن ۾ تعليمي شعور پيدا ڪري ان ۾ ڪافي قدر ڪامياب ٿي آهي. خانه بدوش جيڪي پنن ٿا، انهن جي به ٻارن کي تعليم ڏيارڻ جو شعور پيدا ڪرڻ جي ڪامياب ڪوششون ڪيون آهن. شروع ۾





جڏهن ننڍا ٻار گهر ۾ ڇڏي سماجي ڪمن پويان ٻاهر نڪتي ته سندس گهر وارن مخالفت ڪئي، جڏهن هن مرداني معاشري ۾ جتي عورتن لاءِ مرد وانگر ٻاهر نڪري ڪم ڪرڻ مشڪل آهي، طرح طرح جون ڳالهيون الزام تراشيون راڏا به اهڙن مسئلن ۾ گهيري ۽ ماڻهن سندس مڙس کي زال جي گهر کان ٻاهر نڪرڻ ۽ پورو ڏينهن ٻاهر رهڻ خلاف ڀڙڪايو. ان تي زال مڙس ۾ جهيڙا به ٿيا. ڳالهه ذري گهٽ طلاق تي پهچڻ واري هئي پر راڏا جا حوصلا بلند رهيا، سماج ۾ پنهنجو جيڪو ڪردار ادا ڪري رهي هئي اهو جاري رکيو، هن پڪو پهه ڪيو ته هن سماج ۾ رڳو پاڻ لاءِ سوچڻ جيئڻ انسانيت نه آهي، سنڌ جي ڏاهي رسول بخش پليجو سان راڏا ڀيل جي ملاقاتن هن ۾ وڌيڪ حوصلو همٿ اتساهه پيدا ڪيو. راڏا ڀيل سماجي ناانصافين عوام سان ظلم زيادتين، عوامي مسئلن جي حل لاءِ ميڊيا بيانن ، احتجاجن، فيس بوڪ تي پوسٽ رکڻ، عملي طور ڪم ڪرڻ سان گڏ اخبارن ۾ مضمون به لکڻ شروع ڪيا، ڪاوش ۾ هائيڊ پارڪ ۾ هن ڪيترن ئي حساس مسئلن تي لکندي رهي آهي. سندس تحريرن ۾ به چاش آهي، هن ۾ لکڻ جو ڏان به آهي، شاگردي واري دور ۾ راڏا شاهه لطيف، شيخ اياز، استاد بخاري کان متاثر ٿي شاعر بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪجهه نظم به لکيا پر شاعري واري ذات هن تي مهربان نه ٿي، انڪري چاهيندي به شاعري واري ميدان ۾ نه هلي سگهي. سندس ادب سان گهري دلچسپي آهي. ڪهاڻين، ناولن، افسانن، شاعري، فلسفي، مذهب، تاريخ، دنيا جي جنگين، نفسيات کان وٺي هر موضوع جا ڪتاب پڙهي ٿي، ڪتابن جي وسيع مطالعي سان سندس ڄاڻ ۾ وڌيڪ اضافو آندو آهي. راڏا ننڍي هوندي کان ذهين مطالعي جو شوق رکندڙ اجاين ڳالهين تي وقت نه وڃائڻ، آزاد خيال، انسانيت جي خدمت ڪرڻ جو جذبو رکي ٿي. ننڍي هوندي ڀائرن ۽ ٻين گهر ڀاتين سان ونجهه وٽي راند شوق سان کيڏندي هئي، هن ٻڌايو ته سندس والدين شوق سان هن کي نه پڙهايو، ننڍي هوندي پاڙي جي ٻارن سان گڏ پاڻ مرادو اسڪول هلي ويندي هئي. سندس پڙهڻ سان لڳاءُ ڏسي بعد ۾ والدين کيس تعليم ڏياري. پاڻ اڪيلي سر ڪم ڪرڻ بعد ساٿين جي مشوري سان راڏا آرگنائيزيشن قائم ڪري ان پليٽ فارم تان ڪم ڪري ٿي ساڻس گڏ سماجي ڪمن خلق خدا جي خدمت وارو جذبو رکندڙ به رضاڪارانه طور هن سان گڏ سماجي ڪم ڪري رهيا آهن. ٽيم ورڪ جي ڪري راڏا وڌيڪ عوام جي خدمت ڪري رهي آهي. پاڻ بهترين ڪمپيئر، شوقيه فنڪار، بهترين مقرر به آهي، پاڻ خاندان ۽ سهلين جي محفل يا گهر ۾ ٿيندڙ پروگرامن ۾

بهترين انداز ۾ ڳائي ٿي جيڪڏهن موسيقي جي تعليم وٺي ته بهترين سماجي ڪارڪن سان گڏ بهترين فنڪار به ثابت ٿي سگهي ٿي. پاڻ جڏهن شيخ اياز جو گيت "سکي پيا کي ملين ته چئجان چاندني تو سواءِ نه ٿيندي" ۽ اردو ۾ "چل اڑ جا ري پنڇي تيرا ديس هُئا بيگانا" ڳائي ٿي ته وينل جهومڻ تي مجبور ٿين ٿا. راڌا ڏاڍي حساس رحم دل خاتون آهي. ڪنهن جو به ڏک درد سهي نه سگهندي آهي. ڪنهن کي ڏکارو ڏسي روئي ڏيندي آهي، ايترو حساس جو ڏک واريون فلمون، ڊراما ڏسي ٻارن وانگر اوڇنگارون ڏئي روئي ڏي ٿي. سندس خواهش آهي ته ميرپورخاص ۾ هڪ اهڙو آشرم پنهنجي خرچ تي ٺهرائي جتي ٻهراڙي جا شاگرد، خاص طور شاگردياڻيون جيڪي چاهينديون به شهر ۾ رهڻ جي سهوليت نه هئڻ سندن ڳوٺ پري هئڻ، سفري سهوليتون نه هئڻ ڪري هو اعليٰ تعليم نه ٿا حاصل ڪري سگهن، انهن کي اتي رهڻ ۽ کاڌي جي سهوليت ڏني وڃي. ان سان علائقي جا وڏي تعداد ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي خواهش رکندڙ ذهين ٻار آرام سان پڙهي ڪنهن منزل تي پهچي سگهن ٿا. سندس اها به خواهش آهي ته پاڻ پوڙهن ماڻهن لاءِ هاسٽل ٺهرائي انهن جي رهائش کاڌو، ڪپڙا ۽ ٻين سهوليتن جو اهتمام هجي. راڌا ڀيل 4 فيبروري 1978ع ۾ ميرپورخاص ضلعي جي خير محمد پرڳڙي ڳوٺ ويجهو وحيد فارم ۾ غريب هاري مولو ڀيل جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس وڏا ڇاڇرو تعلقه جي ڳوٺ ترسالو ڀيل جا رهواسي هئا ٿر ۾ ڏڪار جي ڪري روزگار سانگي هو هتي اچي رهيا ۽ هتي جا ٿي ويا. سندس والد ذهين اڻ پڙهيل ليڪن وڪيلن جهڙو ذهين هو. پاڻ نه صرف پنهنجي برادري پر ٻين برادرين جا به فيصلا ڪندو هو. غريب هئڻ جي باوجود سخي، مهمان نواز هو، بعد ۾ ڪيس علائقي جي رئيس ڪمدار ڪري رکيو ۽ پاڻ مثالي ڪمدار ثابت ٿيو. هن روايتي ڪمدارن وانگر ڪنهن به هاري تي ظلم نه ڪيو. ڪنهن جي دل نه ڏکائي، راڌا 5 ڪلاس ڳوٺ سانولو ڪمدار جي اسڪول ۾ 8 درجي تائين ڳوٺ خير محمد پرڳڙي جي اسڪول ۾ ڏهين ڪلاس ڪوٽ غلام محمد گرلس اسڪول مان ڪئي 93ع ۾ سندس شادي بلوچ آباد سنڌڙي جي ماستر سترام داس ڀيل سان ٿي، سال کن ڳوٺ ۾ رهي بعد ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ خاطر زال مڙس ميرپورخاص ۾ اچي رهيا جتي هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ پاڻ پي ٽي سي ۽ سي ٽي جا امتحان به ڏنا. کيس 4 پٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي.





## عورتن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙميڊم شهناز رانجهاڻي

شهناز رانجهاڻي نوشهروفيروز ضلعي جي مشهور سماج سڌارڪ خاتون آهي، جيڪا عورتن جي حقن، انسانيت جي ڀلائي بهتري لاءِ جدوجهد ڪندي رهي آهي. پاڻ علائقي جي عورتن ۾ اتساهه پيدا ڪيو آهي. پاڻ آل پاڪستان ليڊي هيلٿ ورڪر ويلفيئر ايسوسيئيشن جي پليٽ فارم تان ليڊي هيلٿ ورڪرن جا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ سدائين ڀرپور جدوجهد ڪئي آهي. پاڻ مومل ويلفيئر ايسوسيئيشن جي پليٽ فارم تان عورتن جي مسئلن ڪان وٺي عام ماڻهن جي ڀلائي تائين ڪم ڪري رهي آهي. پاڻ غريب نواز سماجي تنظيم ليڊيز ونگ سنڌ جي صدر آهي، شهناز 11 اپريل 1977ع ۾ ڀريا سٽي ويجهو ڳوٺ منگهو ۾ وڏي اوطاقي هر دلعزيز شخصيت علي محمد رانجهاڻي جي گهر ۾ جنم ورتو، پرائمري کان ميٽرڪ تائين ڀريا سٽي ۾ فرسٽ ايئر انٽر کان بي اي نوشهروفيروز مان تعليم حاصل ڪئي، ايم اي سوشالاجي شاهه لطيف يونيورسٽي مان حاصل ڪئي بعد ۾ انهي يونيورسٽي مان ايل بي بي ڪئي. 2004ع ۾ عورتن جي حقن، حل طلب مسئلا حل ڪرڻ عورتن سان غير امتيازي سلوڪ خلاف پنهنجي ڀيڻ شهر بانو رانجهاڻي سان گڏ مومل ويلفيئر ايسوسيئيشن جو قيام آندو، ان پليٽ فارم تان سنڌ جي عورتن خاص طور نوشهروفيروز ۾ ظلم جو شڪار عورتن جي مدد ڪندي رهي آهي. پنهنجي مدد پاڻ ڪريو اصول تحت غريب عورتن، غريب شاگردياڻين جي وس آهر مدد ڪندي رهي آهي. ڀريا سٽي ۽ آسپاس جي ڳوٺن جي والدين سان ملاقاتون ڪري نياڻين کي وڌ کان وڌ تعليم ڏيارڻ جو شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي. غريب نواز سماجي تنظيم جنهن جو روح روان عبدالحق ڀرٽ آهي. ان تنظيم پاران وقت به وقت غريب ماڻهن کي راشن، سلائي مشينون، بجلي وارا پکا ۽ ٻيو سامان ڏيڻ روڪ رقمون ڏيڻ جون تقريبون شهناز جي اڳواڻي ۾ ٿر ۾ ڏڪاريل علائقي ۾ راشن ورهائڻ ۽ ميڊيڪل ڪئمپس لڳايون ويون. شهناز رانجهاڻي نوشهروفيروز ۾ مهراڻ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج جي پرنسپال به رهي آهي، پاڻ ذاتي طور مخير حضرات جي سهڪار سان غريب شاگردياڻين جي فين ۾ مدد ڪندي رهي آهي. جڏهن ته شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو صاحبه 1996ع ۾ عورتن کي بنيادي صحت جون سهوليتون ڏيڻ لاءِ نيشنل پروگرام فار دي فيميل پلاننگ اينڊ پرائمري هيلٿ ڪيئر قائم ٿيو ته پاڻ ان ۾ عورتن جي خدمت واري جذبي تحت 96ع ۾ شامل ٿي 97ع ۾ کان ان کاتي ۾ سپروائيزر آهي. 3 سال

ان ڪاتي ۾ نوشهروفيروز ۾ اي ڊي سي به رهي، وچ ۾ هڪ وفاقي اداري پاران اسلام آباد ۾ هڪ ڪاتي ۾ 16 هين گريڊ جي نوڪري جي آفر به ٿي پر پاڻ سنڌ ۾ اهو به ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام ۾ رهي عوام جي خدمت واري جذبي تحت رهڻ پسند ڪيو. ڪيس هڪ بااثر عزيز اها به آفر ڏني ته وڪالت شروع ڪر ي جج واري امتحان ۾ ويهه تون ذهين آهين، اهو امتحان پاس ڪري ويندي پر پاڻ انڪار ڪيو، پاڻ 97ع ۾ نوشهروفيروز ضلعي ليول تي ليڊي هيلٿ ورڪرن جي مسئلن جي حل لاءِ آل سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪر ايسوسيئشن ٺاهي بعد ۾ ان تنظيم کي پاڪستان ليول تي سرگرم ڪيو ۽ کيس تنظيم جو سرپرست مقرر ڪيو ويو. اهو ڪاتو صوبن کي منتقل ڪرڻ بعد پاڻ آل پاڪستان ليڊي هيلٿ ورڪر ايوسسئيشن سنڌ جي جنرل سيڪريٽري چونڊي ۽ اڄ تائين انهي عهدي تي ڪم ڪري رهي آهي. ليڊي هيلٿ ورڪرن کي ڪنفرم ڪرڻ کان وٺي بنيادي مسئلا حل ڪرڻ تائين وقت به وقت جدوجهد ۾ سندس شاندار ڪردار رهيو آهي. شاگردي دور ۾ شهناز رانجهاڻي ڪهاڻيون به لکيون شاعري به ڪئي، مختلف اشوز تي آرٽيڪل به لکيا پاڻ بهترين ڪمپيئر به آهي، مختلف اشوز تي مختلف ٽي وي چينلن جي مارننگ شو ۾ کيس مهمان طور گهرايو ويندو آهي پاڻ بهترين مقرر به آهي، ڪمپيئرنگ ۽ تقرير ڪرڻ جو هن ۾ وڏو ڏاءُ آهي. هن وقت تائين 100 کان وڌيڪ ادبي ثقافتي، سياسي، تعليمي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ڪئي آهي، شهناز جي خاندان ۾ عورتون پردي جون پابند آهن ۽ بنا ڪم جي گهر کان نڪرڻ عيب سمجهن هو پر شهناز اهي ريتون ٽوڙي ڪٽ ڪاڏل سماج سان بغاوت ڪري سماج جي ريتن رسمن جي پرواهه نه ڪندي سماج ۾ سماج سڌارڪ خاتون طور بهترين ڪردار ادا ڪري پاڻ مڃايو آهي. پاڻ هڪ ئي وقت سماجي تنظيم ليڊي هيلٿ ورڪر تنظيم ۾ ڪم ڪري نوڪري پابندي سان ڪرڻ جي باوجود ٽڪجي ويهڻ بجاءِ عورتن جي حقن، مسئلن جي حل لاءِ سندن ڀرپور مدد ڪندي رهي آهي. پاڻ هر دلعزيز فقير منش خاتون آهي، سندس آواز مرداڻو دٻ دٻي وارو ته همٿ به مرداڻي آهي، پاڻ غريب ماڻهن جن جا ڪم ڪاريون مختلف آفيسن ۾ ڦاسن ٿا انهن سان گڏجي انهن آفيسن ۾ وڃي انهن جا مسئلا حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي، پاڻ عورتن ۾ اتساهه پيدا ڪيو آهي. پاڻ هڪ 3 ماهي ليڊي هيلٿ ورڪر پبليڪشن شايع ڪندي رهي ٿي، کيس سماجي خدمتن توڙي ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام ۾ مثالي ڪارڪردگي تي لاتعداد ايوارڊ مليا آهن.





## سماج سڌارڪ ، علمي ادبي خاتون غلام سڪينه چنا

هن مرداني سماج ۾ عورت جو گهر کان ٻاهر نڪري سماج جي سڌاري ۽ علم ادب جي حوالي سان سرگرميون جاري رکڻ ڏاڍو مشڪل آهي. وڏن شهرن ۾ ته عورتون اهڙيون سرگرميون آساني سان جاري رکي سگهن ٿيون پر اڄ 21 صدي ۾ به ننڍين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اڃا اهڙو رواج نه پيو آهي. غلام سڪينه چنا شهيد بينظير آباد ضلعي جي شهر شاهپور جهانيان کان 2 ڪلوميٽر اوڀر طرف هڪ ڳوٺ ننگر مڪان واري علائقي ۾ اهڙيون سرگرميون جاري رکي ان علائقي جي عورتن ۾ اتساهه پيدا ڪرڻ سان گڏ انهن جي ڀرجهلو بڻيل آهي. غلام سڪينه چنا5 فيبروري 1970 تي سينٽر جيل ڪالوني حيدرآباد جيل پوليس جي سپاهي حسين بخش چنا جي گهر ۾ جنم ورتو. غلام سڪينه چنا ننڍي هوندي کان ذهين، سلڇڻي ٻارڙي هئي. جڏهن 3 ڪلاس ۾ هئي ته پاڻ سنڌي ادبي بورڊ ۽ ٻين ادبي ادارن پاران ٻارن لاءِ ڪهاڻين ۽ شاعري جا ڪتاب پڙهڻ جو شوق، ڪري ملندڙ خرچي مان امڙ زبيده سان گڏ اهڙا ٻاراڻا ڪتاب وٺي ايندي هئي 6 درجي ۾ آئي ته مختلف اخبارن ۾ ٻارن جي صفحن ۾ گل ڦل ۾ ٻاراڻيون ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڪورٽ پاران ڦاسي ڏيڻ جو فيصلو آيو ته غلام سڪينه جو والد حسين بخش ڀٽو جو شيدائي هو. هن پنهنجي گهر واري ۽ ٽن ٻارن غلام سڪينه ۽ ٻن ڀٽن کي سنڌ هاءِ ڪورٽ وٺي ويو ۽ جج کي درخواست ڏني ته ڪورٽ سڳوري ذوالفقار علي ڀٽو بجاءِ کيس سندس زال ۽ 3 ٻارن کي ڦاهي ڏئي جڏهن ڪورٽ اها درخواست کيس موٽائي ڏني ته پاڻ سنڌ هاءِ ڪورٽ سامهون پنهنجي مٿان گاسليٽ هاري باهه ڏني ته اتي بيٺل پوليس کيس گرفتار ڪري جيل موڪليو، جتان ڪجهه ڏينهن بعد آزاد ٿيو پر کيس نوڪري مان برطرف ڪيو ويو. پنهنجو ۽ ٻچن جي پيٽ پالڻ لاءِ ٽنڊو آدم جي هڪ بئنڪ ۾ گارڊ ٿيو ۽ سينٽرل جيل ڪالوني واري گهر مان بيدخل ٿي ٽنڊو آدم ڪرائي جي گهر ۾ رهڻ لڳو، غلام سڪينه جي والد ڀٽن سان گڏ نياڻين کي به اعليٰ تعليم ڏيارڻ جو فيصلو ڪيو. کيس ايم اي سنڌي تائين تعليم ڏياري نيو علي ڳڙهه ڪاليج ٽنڊو آدم ۾ غلام سڪينه چنا ڪامريڊ سڏبي هئي، شاگردي دور ۾ ڪاليج اندر ٿيندڙ سپئي راندين ڪيڏيون ۽ فرسٽ ايئر دوران ڪاليج ۾ ٿيندڙ راندين جي دوران ڊوڙ، هاءِ لانگ جمپ، بيڊمنٽن، اسڪوائش ۾ پهرين نمبر تي آئي، ۽ لاتعداد ٽرافيون حاصل ڪيون. ڪاليج اندر شل نه ڪو ڇوڪرو ڪنهن ڇوڪري کي تنگ ڪري ته پوءِ هو غلام

سڪينہ هٿان مار ضرور کائيندو هو. ڪاليج ۾ ڇوڪرين جو ڪوبہ مسئلو هوندو هو تہ اهو حل لاءِ ڪوشش ڪندي هئي. جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ اسڪول ۾ پ پ جهنڊي واري 3 رنگي گندي پائي ويندي هئي. 83ع ۾ 85ع وارين ايم آر ڊي تحريڪن ۾ پ پ ڪارڪنن تي ٿيندڙ ظلم خلاف اخبارن ۾ ايڊيٽرن جي ٽپال ۾ لکيو،سندس شادي ولي محمد چنا سان ٿيڻ بعد پاڻ ٽنڊو آدم کي خير آباد چئي ڳوٺ ننگر مڪان ۾ رهڻ لڳي، شادي بعد سياسي، سماجي، ادبي سرگرميون ختم ڪري ڇڏيون پر جڏهن 92ع ۾ سندس پيڻ جي شادي بہ ان ڳوٺ ۾ ٿي ان کي عيد تي مائٽن وٽ وڃڻ جو اسرار ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ساهرن پاران ڦاهو ڏنو ويو ان ۾ سندس پيڻ مرڻ کان تہ بچي وئي پر معذور بڻجي وئي ۽ هن پنهنجي پيڻ جو ڪيس مردن وانگر وڙهيو، ان بعد ڪيس پين عورتن جو بہ احساس ٿيو ۽ هن فيصلو ڪيو تہ هن مرداڻي معاشري ۾ عورتن جي حقن لاءِ هو جدوجهد ڪندي ۽ عورتن ۾ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ ۽ مردن پاران ظلم ڪرڻ خلاف مزاحمت ڪرڻ جو شعور پيدا ڪندي ۽ ڏسندي ڏسندي هن نہ صرف علائقي جي عورتن ۾ شعور آندو، ڪين مزاحمت ڪرڻ جي جرئت پيدا ڪئي پر هن پنهنجي ۽ آسپاس جي ڳوٺن جي والدين سان ملاقاتون ڪري نياڻين کي تعليم ڏيڻ لاءِ جاڳرتا پيدا ڪئي، پاڻ 2001ع کان 2008ع تائين 2 دفعا بلدياتي چونڊن ۾ عورتن جي مخصوص سيٽ تي ضلعي ڪائونسل نوابشاهہ جي ڪائونسلر چونڊي ۽ هن ضلعي اسيمبلي اندر عورتن جي حقن، عورتن تي ٿيندڙ ظلمن خلاف آواز اٿاريو ۽ ضلعي اندر نياڻين جي بند پيل اسڪولن کي کولرايو، ٽيچرس مقرر ڪرائڻ کان وٺي ضلعي اندر عورتن جي هر مسئلي کي حل ڪرائڻ جي ڀرپور انداز ۾ ڪوشش ڪئي پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ بہ ترقياتي ڪم ڪرايا. جڏهن وومين منسٽري پاران ڪائونسلرن کي ٽريننگ ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي تہ ان لاءِ ٿيندڙ امتحان ۾ هي پاس ٿي ۽ هن نہ صرف سنڌ پر پنجاب ۽ بلوچستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ وڃي ڪائونسلرن کي تربيت ڏيڻ واري پروجيڪٽ تي ڪم ڪيو سڪينہ جون ضلعي اندر عورتن کي سياسي ڌارا ۾ آڻڻ لاءِ بہ سندس ڪوششون قابل تعريف آهن. پاڻ 2010ع ۾ ماسٽري واري امتحان ۾ پاس ٿي، سندس ڳوٺ کان 5 ڪلوميٽر پري ڳوٺ صفن ۾ پنهنجو آرڊر ڪرايو، جتي مرد ماسٽر بہ ڪچي جو پنڌ اسڪول ۾ ٻار نہ هئڻ اسڪول ۾ سهولتون نہ هئڻ جو بهانو بنائي نہ ويندا هئا. هن اتي والدين سان ملاقاتون ڪري ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ اسڪول موڪلڻ لاءِ زور





ڀريو، والدين کي منٿ ميڙ بہ ڪئي، نتيجي ۾ ان ننڍڙي ڳوٺ ۾ اڍائي سئو کان وڌيڪ ٻار پڙهن ٿا، بعد ۾ پاڻ اسڪول لاءِ ٻہ وڌيڪ ماستر بہ ورتا. پاڻ ان اسڪول جي هيڊ ماسترياڻي آهي. پاڻ هڪ سماج سڌارڪ جي حيثيت سان بيمار غريب ماڻهن کي وٺي وڃي اسپتال ۾ داخل ڪرائي ڪين اسپتال ۾ بهتر علاج جون سهوليتون وٺرائي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي. سندس ڪوشش سان وقت بہ وقت سندس ڳوٺ ۽ آسپاس جي علائقي ۾ ميڊيڪل ڪيمپ لڳن ٿيون. علائقي جي ماڻهن جو ڪهڙو بہ مسئلو هوندو آهي تہ هو هن وٽ ايندا آهن ۽ غلام سڪينہ مردن وانگر انهن مسڪين بي پهچ ماڻهن سان واسطيدار انتظاميا وٽ وڃي انهن جا مسئلا حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، علائقي ۾ پوليس يا ڪو بااثر ڪنهن غريب تي ظلم ڪري ٿو تہ ان خلاف قانوني مزاحمت ڪري ٿي. انڪري علائقي جي غريب ماڻهن وٽ سندس لاءِ وڏو عزت احترام آهي. ڳوٺ ۾ ڪنهن عورت سان غير امتيازي سلوڪ ٿيندو هجي ، مڙس زال تي تشدد ڪري ٿو، سس ننهن تي ظلم ڪندي هجي تہ هي اهو ٻڌندي بيچين ٿي ويندي آهي ۽ اتي وڃي انهن کي سمجهائيندي آهي نہ سمجهڻ جي صورت ۾ اهڙين مظلوم عورتن جي هر طرح سان مدد ڪندي آهي. علائقي ۾ ٿيندڙ علمي، ادبي، سماجي ثقافتي پروگرامن ۾ مردن وانگر شريڪ ٿئي ٿي پاڻ بهترين مقرر بہ آهي، انهن تقريبات ۾ بهتر انداز ۾ دليلن سان ڳالهائي ٿي، ڪيس ڪيتريون ئي قرآن شريف جون آيتون، حديثون، مختلف مفڪرن جا قول ۽ لطيف سائين ۽ ٻين شاعرن جي شاعري ياد آهي. تقريرن ۽ ڳالهين ۾ موضوع جي حساب سان انهن جو استعمال ڪندي رهي آهي. فارغ وقت ۾ علائقي جي ڳوٺن ۾ عورتن سان ملاقاتون ڪري ڪين اولاد جي سٺي پرورش بابت بہ سهڻيون صلاحون ڏيندي رهي ٿي، شادي کان اڳ پاڻ شاعري بہ ڪندي هڪ بهترين شاعره طور اڀري، سندس شاعري مختلف اخبارن، رسالن ۾ شايع ٿي 2011ع ۾ برساتي ٻوڏ ۾ سندس ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل شاعري لڙهي وئي. پاڻ بهترين ليکڪہ بہ آهي، ڪاوش، هلال پاڪستان، چنا سماچار ۽ ٻين اخبارن ۾ سندس مضمون شايع ٿيندا رهيا آهن، پاڻ ڪارو ڪاري سڱ چٽي، سماجي برائين، عورتن جي آزادي، عورتن جي مسئلن سنڌ م تعليم جي ٻڌندڙ ٻيڙي معاشري مان ختم ٿيندڙ اخلاقيات کان وٺي هر موضوع تي لکيو آهي. هر قسم جا ڪتاب سندس مطالعي ۾ رهيا آهن. ڪتاب هٿ ۾ ڪٽي انڪي پورو ڪري پوءِ ڇڏيندي آهي. راڳ ويراڳ سان دلچسپي رکي ٿي، عابده پروين، رونا ليليٰ، سلمان شاهہ جا ڳايل گيت ٻڌي انهن ۾ گم ٿي ويندي آهي.

صوفي ازم تي وڏي ڄاڻ رکي ٿي. صوفي ازم تي منفرد انداز ۾ ڳالهائي سگهي ٿي، کيس 6 پٽ هڪ نياڻي آهي. کيس آرمي ۾ آفيسر ٿيڻ جو شوق هو، جو شادي ٿيڻ ڪانپوءِ اها ۽ اهڙيون ڪيئن خواهشون اڌوريون رهجي ويس.پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۽ علائي ۾ انتقال ڪري ويندر عورتن کي في سبيل الله غسل به ڏياريندر آهي.

## سماج سڌارڪ شاهده سمون

شاهده سمون سنڌ جي تاريخي قديم شهر ڪنري جي نہ صرف سماج سڌارڪ خاتون آهي پر هڪ مثالي استاد بہ آهي. ڪنري جي تاريخ ۾ شايد هي پهرين عورت آهي جيڪا گهر کان ٻاهر نڪري رضاڪارانہ طور سماجي خدمت ڪري ٿي عورتن ۾ سندن حقن بابت جاگرتا پيدا ڪري ٿي. عورتن جا مسئلا حل ڪرائيڻ، عورتن کي حق ونرائي ڏيڻ عورتن تي ٿيندڙ ظلم زيادتين خلاف آواز اٿارڻ سان گڏ هر طرح سان جدوجهد ڪري ٿي. شاهده سمون ڪنري جي هڪ مذهبي خاندان ۾ هڪ مثالي استاد عبدالحق سمون جي گهر ۾ 26 سيپٽمبر 1969 ع ۾ جنم ورتو. ننڍي هوندي کان ذهين ، همدرد، حساس دل، ادب سان شوق رکندڙ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ ٿيندڙ مختلف پروگرامن خاص طور ديبيٽ مقابلن ۾ ملهائيجندڙ مختلف ڏينهن تي بہ بهترين انداز ۾ تقرير ڪندي هئي ۽ ڪنري جي هن خاندان جي شايد پهرين عورت آهي جنهن ان دور ۾ جڏهن هن سماج ۾ نياڻين جي تعليم کي سٺو نہ سمجهيو ويندو هو. پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي پوليٽيڪل سائنس پاس ڪيو. 1990 ع ڌاري پرائمري استاد ٿي ۽ هن خاندان جي ان دور ۾ هي پهرين نياڻي هئي جيڪا سرڪاري نوڪري ۾ آئي سندس شادي مشهور صحافي ليکڪ محمد هاشم عرف عاجز سمون سان ٿي. جيڪو سماجي ورڪر بہ هو ۽ عورتن جي حقن لاءِ جاکوڙيندو هو. جڏهن عورت فائونڊيشن عمر ڪوٽ ضلع ۾ ڪم شروع ڪيو تہ شاهده سمون مڙس جي تعاون سان ان تنظيم جي پليٽ فارم تان رضاڪارانہ طور ڪنري تعلقہ ۾عورتن تي ٿيندڙ ظلم زيادتين خلاف ۽ سندن مسئلن حقن لاءِ رضاڪارنہ طور ڪوششون ڪيون صبح جو اسڪول پنپهرن جو جتان موڪل بعد گهر ۾ آرام ڪرڻ بجاءِ ڪنري شهر ۽ تعلقہ جي ڳوٺن ۾ وڃي عورتن کي سندن حقن بابت شعور ڏيڻ شروع ڪيو جنهن جا بهترين نتيجا نڪتا. علائقي ۾ عورتن تي ٿيندڙ ظلم زيادتين، ناروا سلوڪ ۾ ڪمي آڻي ظلم جو شڪار عورتن جي هن قانوني مدد ڪئي بعد







۾ هن سندس مڙس جي 2001 ع ۾ ٺاهيل رورل وومين ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جي پليٽ فارم تان علائقي جي مسئلن عوام کي بنيادي سهوليتون ڏيارڻ، عورتن جي حقن عورتن جي صحت، نياڻي جي تعليم تي رضاڪارانہ طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، مختلف تنظيمن کان تعلقہ اندر پيئڻ جو صاف پاڻي لاءِ نلڪا لڳرائي ڏنا. عورتن کي صحت جون بهتر سهوليتون ڏياريون.صحت صفائي بابت جاگرتا ڏني. هن عورتن کي بلڊ گروپ چيڪ ڪرائي ڪارڊ سنڀالي رکڻ جي مهم هلائي تہ جئين هنگامي حالتن ۾ عورتن کي بروقت رت لڳائي انهن جي زندگي بچائي سگهجي. ڪنري ۽ آسپاس ۾ ڪنهن غريب خاص طور ڪنهن عورت سان ظلم ٿئي ٿو تہ شاهده سمون انهن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿي. ڪنري ۾ حولي نالي ڪولهي نياڻي سان جڏهن با اثر ماڻهن گينگ ريپ ڪري بعد ۾ ماريو ويو ۽ انهن جي مائيٽن کي خاموش ڪرائڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ سان گڏ ڏوڪڙ ڏنا ويا شاهده سمون ان خلاف ساٿين سان گڏ آواز اٿاريو جنهن بعد ڪيس بہ داخل ٿيو. جانچ بہ ٿي. شاهده سمون نہ صرف ڪنري پر عمر ڪوٽ ضلع ۾ مختلف تنظيمن پاران عوامي مسئلن عورتن تي ٿيندڙ ظلم زيادتين خلاف ٿيندڙ احتجاجن ۾ بہ شريڪ ٿيندي رهي آهي غريب ماڻهن جي لاءِ آواز اٿارڻ جي ڏوهہ ۾ مختلف دورن ۾ هن تي ڏکيا ڏينهن بہ آيا آهن کيس انتقامي ڪاروائين تحت ڏوراهين علائقن ۾ بدلي ڪيو ويو کيس ڌمڪايو ويو پر غريب عوام خاص طور عورتن جي حقن لاءِ عورتن سان ٿيندڙ ظلم زيادتين خلاف خاموش رهڻ بجاءِ پنهنجي حصي جو ڪم ڪري رهي آهي شاهده سمون مثالي استاد بہ آهي پاڻ ڳوٺ ڪنري ميمڻ جي گرلس پرائمري اسڪول ۾ هيڊ ماستراڻي طور خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي سندس اسڪول جي نياڻين جي تعليم جو معيار ڪنهن پرائيويٽ اسڪول کان گهٽ ناهي هيڊ ماستر ياڻي کان پهرين هڪ ٽيچر جي حيثيت سان بہ سندس ڪارڪردگي بهتر رهي آهي ٻارن کي پڙهائيڻ جو انداز بهترين رهيو آهي هن وقت هيڊ ماسترياڻي هئڻ جي باوجود پاڻ پهرين درجي کي خود پڙهائي ٿي. جڏهن تہ جتي بہ رهي آهي اسڪولن ۾ غير نصابي سرگرميون بہ جاري رکيون آهن ٻارن ۾ ٽيلنٽ پيدا ڪرڻ لاءِ ٻارن جا پروگرام ڪرائيندي رهي آهي عورتن جي حقن لاءِ جدوجهد جي اعتراف طور کيس هڪ اداري پاران اسلام آباد ۾ ڪيل پروگرام ۾ کيس گهراڻي سندس ڪم کي ساراهيو ويو ۽ ان پروگرام ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهہ ۽ ايم اين اي سيد نفيسہ شاهہ سان رکيل هئا پر هو پروگرام ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيا. شاهده سمون

جي سماجي خدمتن جي اعتراف طور عمرڪوٽ ۾ هڪ تنظيم پاران شهيد بختاور ايوارڊ، شاهه لطيف فائونڊيشن پاران لطيف ايوارڊ ڏنو ويو آهي. تعليم کاتي پاران به سندس خدمتن جي اعتراف طور بهترين ٽيچر ۽ بهترين هيڊ ماسترياڻي طور ڪيترائي سرٽيفڪيٽ مليا آهن. سندس جيون ساٿي جي وفات بعد گهر جو بار به هن تي آيو پر پاڻ حوصلہ همٿ سان ڪم جاري رکيو اچي، سندس خواهش آهي تہ رٽائرڊ ٿيڻ بعد پاڻ ڪل وقت سماجي ڪارڪن طور ڪم ڪندي ۽ سندس مڙس جي ٺاهيل سماجي تنظيم کي فعال ڪري عوام جي بهتري عورتن جي حقن عورتن جا مسئلا حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي. شاهده سمون جو ننڍي هوندي کان ادب سان شوق رهيو آهي شاعري سان جنون جي حد تائين دلچسپي رهي آهي هن شاهه لطيف، سچل سائين، استاد بخاري، شيخ اياز، تمام گهڻو پڙهيو آهي پاڻ لطيف سائين جي شاعري تي تحقيقي ڪم بہ ڪري رهي آهي موسيقي سان بہ سندس دلچسپي رهي آهي عابده پروين. استاد جمن، استاد ابراهيم، مائي ڀاڳي، شفيع فقير، صادق فقير، جي گيتن کي پسند ڪري ٿي پاڻ هن وقت بہ ڪيترن ئي سماجي تنظيمن ۾ اسڪول ٽائم کان پوءِ رضاڪارانہ طور ڪم ڪري ٿي.

## جاڪوڙي سماجي ورڪر خاتون مهر انساءَ ملاح

مٽياري ضلع ۾ نيشنل هاءِ وي تي قديم زماني کان آباد ڳوٺ ميمڻ ڪي وسي ۾ رهندڙ مهر انساءِ ملاح جاڪوڙي سماج سڌارڪ خاتون آهي جيڪا سماجي ڪمن جي ذريعي نہ صرف علائقي جي خدمت ڪري پئي پر ڳوٺ ۾ سماجي برائين ڪچي شراب جي ڀٽين، ميئن پڙي منشيات خلاف آواز اٿاريندي رهي آهي پر علائقي جي غريب ماڻهن خاص طور عورتن جو پير جهلو رهي آهي. پاڻ لطيف سائين چواڻي ”تتي ٿڌي ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي“ واري ڏسيل واٽ تي هلي رهي آهي. مهر انساءَ ملاح روايتي اين جي اوز ذريعي ماڻهن جي شعور ڏيڻ ۽ ٿڌين هوٽلن ۾ سيمينار ڪري مال ڪمائڻ بجاءِ ضمير مطابق علائقي جي غريب عوام جو آواز بنيل آهي پاڻ رضاڪارانہ طور ڪم ڪري ٿي علائقي ۾ عورتن تي گهريلو تشدد ظلم طلاقن ڪانپوءِ حق مهر ۽ عدت واري دورياني جو خرچ نہ ڏيڻ ننڍن ٻارن جي ڪفاليت جو خرچ نہ عورتن سان ٿيندڙ جنسي تشدد خلاف نارين جو ساٿ ڏيندي انهن جو آواز بڻجي ميڊيا ۽ قانون جو سهارو وٺي انصاف ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي.





مهر انساءَ ملاح 5 مارچ 1982ع تي حيدرآباد ۾ تعلقو ڏيٺا اسٽيشن ويجهو ڳوٺ موليڏنو ملاح ۾ هڪ غريب هاري محمد بچل ملاح جي گهر ۾ جنم ورتو. ننڍي هوندي کان ذهين رهي. اعليٰ تعليم حاصل ڪري ڪجهہ بڻجڻ جي خواهش رکڻ جي باوجود علائقي ۾ اسڪول نہ هئڻ ڪري صرف 8 درجي تائين تعليم حاصل ڪري سگهي ننڍي هوندي کان پنهنجي ڀيڻ زيب انساءَ ملاح جيڪا مشهور سماج سڌارڪ آهي ان سان سماجي پروگرامن ريلين گڏجاڻين ۾ وڃڻ ڪري هن کي بہ سماجي ڪم ڪرڻ جو جنون پيدا ٿيو. شادي بعد جڏهن ڳوٺ موليڏنو ملاح مان ڳوٺ ميمڻ ڪي وسي ۾ آئي تہ اتي ڪچي شراب جي ٻٽن منشيات جي وڪري ڀين سماجي برائين عورتن جي تزليل عورتن ساڻ ناروا سلوڪ ڏسندي ڪيس ڏک ٿيو ۽ هن عزم ڪيو تہ هوءِ ان خلاف آواز اٿاريندي ليڪن هن جو جذبو پنهنجي جاءِ تي پر هن مرداني معاشري خاص طور جتي ڀوتارڪو نظام هجي جتي عورتن جي ڪابہ اهميت نہ هجي جتي عورتن تي ظلم زيادتيون عام روايتي ڳالهہ هجي اتي ان ڪٽ ڪاڏل سماج خلاف بغاوت ڪرڻ ان معاشري جي غلط طريقن خلاف آواز اٿارڻ ايترو آسان نہ هو پر هن همٿ نہ هاري مٽ مائيٽن ساهرن جي روڪڻ جي باوجود هن اهڙي ڪٽ ڪاڏل معاشري خلاف بغاوت جو علم بلند ڪيو. جڏهن هن ڳوٺ ۽ علائقي ۾ منشيات ٺري جي ٻنين عورتن سان غلط سلوڪ خلاف آواز اٿاريو ۽ ميڊيا ۽ قانون جي مدد ورتي تہ علائقي جي ڪجهہ بااثر ماڻهن مهر انسآءَ ۽ سندس ساهرن جو گهيرو تنگ ڪيو. ڪيترائي ڀيرا هٿيار ڪڍي هن جي در تي آيا هن کي هر طرح سان ڌمڪايو پر هن پنهنجو حوصلو نہ هاريو همٿ ڪندي نہ صرف جدوجهد جاري رکي پر سندس آواز دٻائيڻ جي ڪوشش ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروايون ڪرايون جنهن سان هن سماج جي نامنهاد ٺيڪيدارن سان وڏيڪ دشمني پرائي پر پاڻ همٿ هارائيڻ بجاءِ جدوجهد جاري رکي جنهن ڪري اڄ سندس ڳوٺ ۽ آسپاس واري علائقي جا ساچاهہ وند ۽ غريب ماڻهن وٽ سندس عزت احترام ۽ ڀوتارن ۽ سماجي برائين جي سرپرستي ڪندڙن جي اک ۾ ڪنڊي مثل آهي. ڪجهہ سال پهرين سندس ڪوششن سان ڳوٺ ۾ هڪ اين جي او پاران بہ اسڪول هڪ پرائمري ڀيو نرسري ڪوليا نرسري اسڪول ۾ پاڻ رضاڪارانہ طور ٻارن کي پڙهايو ڳوٺ ۾ تعليمي بالغان جو اسڪول بہ ڪافي سال هلايو پاڻ هينڊز ، اين ايچ ڊي، سافڪو، مارئي، آباد ۽ ٻين سماجي تنظيمن کان بہ پنهنجي ڳوٺ ۽ آسپاس جي ڳوٺن لاءِ مختلف پروجيڪٽ ورتا ۽ اهي پاڻ رضاڪارانہ طور نگران طور

هلايا. 2010 ع واري سنڌو درياءَ واري ٻوڏ ۾ پاڻ متاثرين ڪي حڪومت توڙي مختلف اين جي اوز کان کاڌ خوراڪ ۽ ٻيون سامان وٺي متاثرين ۾ ورهائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آباد تنظيم جي پليٽ فارم تان پڻ ماڻهن ڪي پنهنجي حقن جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ رضا ڪارانہ طور ڪم ڪيو هن علائقي ۾ ان حوالي سان ليڪچر پروگرام بہ ڪرايا جنهن جا بهتر نتيجا نڪتا آهن جو سنڌس ڳوٺ ۽ آسپاس جي ڳوٺن جي سڀاجهڙن ماڻهن ڪي پنهنجي حقن ۽ قانون بابت ڄاڻ ۽ سجاڳي آئي آهي. علائقي ۾ ڪنهن بہ ماڻهن سان ظلم زيادتي ٿئي يا ڪنهن ماڻهو جو ڪو مسئلو آهي تہ هو هن ڪي سهارو سمجهي هن وٽ اچن ٿا خاص طور عورتن جا بنيادي مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ متعلق آفيسن ۾ وڃي ٿي. پاڻ غريب مريضن ڪي اسپتالن ۾ وٺي داخل ڪرائي ٿي ۽ ڪين اسپتال مان دوائون وٺرائي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿي پاڻ عوامي مسئلن سماجي برائين عورتن سان ٿيندڙ ظلم زيادتين خلاف احتجاج بہ ڪندي رهي آهي اگر ڪنهن سان ٿيل زيادتي جي پوليس ايف آءِ آر داخل نہ ٿي ڪري تہ ڪين انساني حقن تي ڪم ڪندڙ ادارن ۽ وڪيلن کان مفت ۾ قانوني مدد وٺي پوليس ڪي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ تي مجبور ڪندي رهي آهي، پاڻ علائقي ۾ ننڍي عمر جي شادين ۽ زوري شادين ڪرائڻ خلاف محاذ اٿڪائيندي رهي آهي سنڌس اهڙي جدوجهد جي اعتراف طور 2015 ع ۾ ڪيس اسلام آباد ۾ آسٽريليا جي هاءِ ڪميشن پاران ايوارڊ ڏنو ويو آهي ڪيس ٻين تنظيمن پاران بہ ايوارڊ ڏنا ويا آهن.

مهر النساءَ مختلف اخبارن ۾ عوامي مسئلن بابت بہ ايڊيٽر جي ٽپال ۾ لکيو ڪيس شاعري ڪرڻ جو شوق بہ رهيو آهي. پر چاهيندي بہ شاعري نہ ڪري سگهي. ڪيس ادبي شوق بہ آهي مختلف موضوع جا ڪتاب پڙهندي رهي آهي سنڌس موسيقي سان بہ گهري دلچسپي رهي آهي پاڻ بہ شوقيہ طور بهترين انداز ۾ ڳائي ٿي . رشتيدارن جي شادين ۽ ٻين خوشين جي اهڙي تقريبات ۾ ڳايو آهي.سنڌس آواز ۽ ڳائڻ جو انداز خوبصورت آهي اگر موسيقي جي سکيا وٺي تہ بهترين فنڪاره بہ بڻجي سگهي ٿي پر ڪيس صرف عوام جي خدمت ڪرڻ جو جنون آهي پاڻ ايتري حساس جو ڪنهن جو ڏک نہ ٿي ڏسي سگهي. عورتن لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. پاڻ بختاور سماج تنظيم نالي تنظيم جو بنياد بہ وڌو آهي رضاڪارانہ طور ڪم ڪرڻ جو جذبو رکندڙ علائقي جي ڪجهہ ماڻهن سان گڏ سماج جي بهتري لاءِ هٿ پير هڻي رهي آهي سماجي برائين خلاف آواز اٿارڻ مظلوم





عورتن جو پير جهلو ٿيڻ ڪري مٿس ڏڪيا ڏينهن بہ ايندا رهيا آهن، ساهرن پاران بہ مخالفت ٿيڻ جي باوجود ڪم جاري رکيو اچي، پاڻ 14 سالن جي هئي تہ سنڌس شادي ميمڻ ڪيسي جي نديم ملاح سان ٿي جنهن مان ڪيس 2 فرزند ۽ نياڻي آهن.

## خدائي خدمتگار- نازيہ آرائين

غربت جو حقيقي احساس ان ڪي ٿيندو آهي، جيڪو غربت مان گذريو هوندو ، پريشانين جو احساس ان ڪي هوندو جيڪو ان صورتحال مان گذريو هوندو. ليڪن پريشانين، غربت مان گذرندڙ اهي ماڻهو عظيم هوندا آهن. جيڪي پنهنجون پريشانيون، غم، غربت جي هوندي ٻين جي بهتري لاءِ سوچيندا آهن. اڄ اين جي اوز جو دور آهي. ملڪ ۾ لکين اين جي اوز ڪم ڪري رهيون آهن، ليڪن حقيقي ڪم تمام گهٽ اين جي اوز ڪري رهيون آهن. باقين اين جي اوز فائيلن جي پورائي ڪري اين جي اوز وارا شاهانہ زندگي گذاري رهيا آهن. ليڪن ڪي فرد اين جي اوز ڪانسواءِ اين جي اوز جيترو پاڻ ان کان وڌيڪ ڪم ڪري رهيا آهن. ڪوٽڙي جي نازيہ آرائين هڪ اهڙي خاتون آهي جيڪا خود زماني جي ستم ظريفي جي ستايل رهي، جيڪا خود غريب آهي. 3 ٻار ڄڻ جي پيدائش بعد مڙس جي بي وفائي ڪري سنڌس جيئڻ جنجال ٿي ويو پر هن همت نہ هاري هن الله سائين ۾ "همٿي بندا مددي خدا" واري چوڻي ۾ يقين رکيو تہ الله سائين سنڌس مدد ڪئي ۽ نازيہ پنهنجي همت حوصلي، جدوجهد، محنت سان نہ صرف پنهنجو ۽ ٻچڙن جو پيٽ پاليو پر انهن ڪي تعليم بہ ڏياري ۽ ڪيس اهو بہ احساس ٿيو تہ هو ڪنهن نہ ڪنهن طرح غريب، ڏتڙيل ماڻهن جي درد جو درمان بڻجي پر اهڙي سوچ، خيالات، پلاننگ پنهنجي جاءِ تي پر سنڌس اهڙيون مالي حالتون نہ هئڻ ڪري بس ڪجهہ ڪرڻ جي لاءِ سوچيندي رهي تہ سنڌس منزل خود بہ خود آسان ٿيندي وئي 2007 ع ۾ سنڌس مڙس ڪيس ڇڏي ويو تہ هن مرد وانگر پورهيو ڪيو. بعد ۾ رحم دل، خلق خدا جي خدمت واري جذبي واري حيدرآباد جي خاتون ڪلثوم ميمڻ، انسانيت جي ناتي هن جي مدد ڪئي، هن ڪي گهر ۾ دڪان ۽ بيوٽي پارلر کولي ڏنو ۽ نازيہ اهي هلائي پنهنجو ۽ اولاد جو پيٽ پاليو ۽ اولاد ڪي تعليم ڏياري ۽ پاڻ خدمت واري جذبي تحت پاڙي جي ٻارن ڪي شام جو قرآن شريف پڙهائڻ شروع ڪيو، بعد ۾ گهر ۾ علائقي جي نياڻين ڪي سلائي ڪڙهائي سيکاري هنرمند ڪرڻ لاءِ قسطن تي سلائي مشينون

خريد ڪيون ۽ سينٽر شروع ڪيو، بعد پاڻ علائقي ۽ آسپاس جي ڳوٺن ۾ ماهوار ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ شروع ڪيون. ڪجھ خدا ترس واقفڪار سماجي ڪارڪنن سهيل سومرو ۽ معين قريشي فلاحي ڪم اڪيلي سر ڪرڻ بجاءِ اهڙي سوچ رکندڙ ٽيم سان گڏ ڪرڻ ۽ ٽيم کي گڏ ڪٽي هلڻ لاءِ هڪ تنظيم ٺاهڻ جو مشوري تي عمل ڪندي پاڪستان ايجوڪيشن اينڊ هيلٿ فائونڊيشن نالي نازيہ سان گڏهڪ ٽيم شامل ٿيڻ سان هن ۾ وڏيڪ اتساهہ پيدا ٿيو ۽ هن ڄامشورو ٽيليگراف ويجهو هڪ جاءِ ڪرائي تي وٺي اتي فري او پي ڊي ۽ ويم گهر کوليو جتي صرف 10 رپيين ۾ مريضن کي دوائون بہ ملن ٿيون، هن پنهنجي مدد پاڻ ڪريو اصول تحت قائم ڪيل هن اسپتال کي بهتر انداز ۾ ڏسندي ڪجھ مخيئر حضرات بہ پاڻ مرادو هنن جي مدد ڪرڻ شروع ڪئي، نازيہ آرائين کي خيال آيو تہ ڄامشورو جي آسپاس ۾ ڪنهن ڳوٺ ۾ مفت پرائيويٽ اسڪول کوليو وڃي سروري ڪرڻ بعد هنن ڄامشورو ويجهو پاور هائوس لڳ جبلن جي وچ ۾ هڪ ڳوٺ راهو ڪوسو ۾ چپر وارو اسڪول قائم ڪري ڳوٺ ۾ ماڻهن سان ملاقاتون ڪري ڪين ٻار اسڪول ۾ چڏڻ تي آمده ڪيو. شروع ۾ هن اسڪول ۾ ڪوبہ ماستر يا ماسترياڻي پڙهائڻ تي آماده نہ ٿيون تہ نازيہ پنهنجي نياڻي سماويہ آرائين کي ٻار پڙهائڻ لاءِ موڪليو ان بعد ٻين ٽيچرس کي بہ راضي ڪيو. هن وقت اسڪول ۾ 250 کان وڌيڪ ٻار پڙهن ٿا. انهن ۾ 90 سيڪڙو اسٽريٽ چلڊرن شامل آهن، شايد هي پهريون پرائيويٽ اسڪول آهي جيڪو علائقي جي پرائيويٽ اسڪولن ۾ هڪ مثالي اسڪول آهي ۽ اسڪول ۾ نہ صرف مفت ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي پر ٻارن کي يونيفارم بہ مفت ۾ ڏنا وڃن ٿا. فيس بوڪ تي جڏهن هن اسڪول جو احوال ابوظهبي ۾ رهندڙ مخئر پاڪستاني عبدالرفيع خان ڏٺو تہ ان نازيہ آرائين سان رابطو ڪيو ۽ اتي هن اسڪول جي بلڊنگ ٺهرائي ڏني ۽ اسڪول جي ٽيچرس ٻارن جي يونيفارم کان وٺي سڀ خرچ پنهنجي ذمي ڪنيا آهن. هن اسڪول جو افتتاح پڻ عبدالرفيع خان ڪيو آهي. اسڪول لاءِ پلاٽ ڳوٺ جي معزز باقر خان ڪوسو ڏنو آهي. جڏهن تہ نازيہ آرائين جي تنظيم پاران پنهنجي مدد پاڻ ڪريو تحت ننگر پارڪر جي هڪ ڳوٺ سميت سنڌ ۾ 5 اهڙا اسڪول هلي رهيا آهن جن ۾ وڌو تعداد اسٽريٽ چلڊرن جو آهي، پاڻ پنهنجي تنظيم پاران پلائي وارا ڪم ڪري رهي آهي. انهن لاءِ نہ تہ ڪنهن ڊونر اداري پاران نہ حڪومت پاران مدد ورتي وئي آهي. اسپتال، اسڪول ۽ ٻيا ڪم مخيئر حضرات پاران ٿيندڙ مدد سان هلي رهيا آهن. نازيہ آرائين





جي ڪوشش سان ڪوٽڙي جي ڪيترن ئي غريب نياڻين جن جون شاديون ڏيج نہ هئڻ ڪري نہ ٿي رهيون هيون انهن کي پنهنجي مدد پاڻ ڪريو اصول تحت ڏيج ڏئي شاديون ڪرايون آهن، 2011ع واري برساتي ٻوڏ ۾ ڪوٽڙي ۾ ايندڙ متاثرين جي بہ نازيہ پنهنجي مدد پاڻ ڪريو تحت ڪافي مدد ڪئي. ڪوٽڙي ۽ ڄامشورو واري علائقي ۾ نازيہ غريب ماڻهن جو پرجهلو بنيل آهي. غريب مسڪين بي پهچ ماڻهن ۾ اتساهہ پيدا ڪيو آهي. ڪيترن ئي غريبن کي مخيئر حضرات جي مدد سان روزگار کولي ڏنا آهن، نازيہ جي بي لوث خدمت جي ڪري مخيئر هن تي اعتماد ڪن ٿا. ۽ هن بہ ڪڏهن بہ امانت ۾ خيانت نہ ڪئي آهي، سندس گهر اڄ بہ سندس پٽ جي پڙهائي بعد محنت مزدوري ۽ نازيہ جي بيوٽي پارلر مان هلي ٿو، جنهن ننڍڙي گهر ۾ رهي ٿو، ان گهر جو پلاٽ کان وٺي تعمير تائين هڪ خدا ترس خاتون پنهنجي خرچ تي ٺهرائي ڏنو آهي. نازيہ اها دلير جرئت مند خاتون آهي، جيڪا ڪوٽڙي ڄامشوري جي مسئلن کي نہ صرف ميڊيا تي اٿاريو آهي پر فيس بوڪ جو بہ سهارو ورتو آهي. ڪوٽڙي ۾ گندگي گندو پاڻي روڊن رستن تي وهڻ کان وٺي انيڪ مسئلن جون تصويرون ڪڍي انهن هيٺان تحرير لکي فيس بوڪ تي رکندي عوام جي ووٽن سان ڪاميابي ماڻيندڙ چونڊيل عيوضن جي ضمير کي جاڳائيندي رهي آهي. ڪنهن بيگناهہ غريب تي ڪو ماڻهو ظلم زيادتي ڪري ٿو يا پوليس بيگناهہ ماڻهن کي گرفتار ڪندي آهي تہ اهو معلوم ٿيندي نازيہ جي ننڊ، سک چين حرام ٿي وڃي ٿو پاڻ اهڙن مظلوم ماڻهن کي انصاف ڏيارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي رهي آهي علائقي جو ڪو غريب ماڻهو بيمار ٿئي ٿو تہ ڪيس اسپتالن ۾ داخل ڪرائڻ، ٻاهر جون دوائون وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪري ٿي. نازيہ آرائين ڄامشورو ڦاٽڪ وٽ جهوپڙين ۾ رهندڙ خانہ بدوشن جي بستي ۾ شام جي وقت شمانو لڳائي يا ڪليل آسمان هيٺ اسڪول کولڻ چاهي ٿي، سندس خواهش آهي تہ پاڻ سڄي سنڌ ۾ انهن ڳوٺن ۾ جتي اسپتالون اسڪول ناهن اتي پنهنجي مدد پاڻ ڪريو اصول تحت اسپتالون ۽ اسڪول کولي اهي اسپتالون ۽ اسڪول مثالي هجن، نازيہ آرائين جي آئيڊيل ڪلثوم ميمڻ آهي، جنهن نہ صرف ڪيس جيئڻ سيکاريو ۽ همت حوصلو ڏنو پر خلق خدا جي خدمت ڪرڻ جو شعور ڏنو ۽ مدد ڪئي نازيہ آرائين شاعر بہ آهي، پاڻ گل بلبل واري شاعر ڪرڻ سان گڏ شاعري ۾ غريبن جي ڏک ، درد، معاشري ناانصافين، سياستدانن جي چالاڪين، خوشحال سنڌ جي غربت ۾ ورتل عوام غريبن جي حالات، عورتن تي ٿيندڙ ظلم زيادتين، عورتن ٻارن جي

حقن، علم جي روشني جي حوالي سان ڏاڍي خوبصورت شاعري ڪئي آهي، پاڻ شاعري فيس بوڪ تي بہ شيئر ڪندي رهي ٿي، سندس ٽيم ۾ ڀين ڪانسواءِ سهيل سومرو، معين قريشي، رضيا سلطانہ، شهناز آرائين ۽ ڀيا شامل آهن. موسقي سان دلچسپي رکي ٿي پاڻ صرف قرآن شريف پڙهيل آهي پر پاڻ ڪتاب، اخبارون بہ پڙهي وجي ٿي. پنهنجي فيس بوڪ تي عوامي مسئلا، شعرو شاعري خود ٽائيپ ڪري ٿي. سندس خواهش آهي تہ سندس اولاد بہ هن وانگر خلق خدا جي خدمت ڪن، سندس ٻار نياڻي سماويہ آرائين پٽ عمر آرائين، سعاد آرائين بہ سندس فلاحي ڪمن ۾ هٿ ونڊائين ٿا. نازيہ ميرپورخاص جي شهر ڊگهڙي ۾ هڪ مزدور محمد آرائين جي گهر ۾ جنم ورتو. اعليٰ تعليم حاصل ڪري ڪجهہ بڻجڻ جي خواهش رکڻ جي باوجود والدين غريب هئڻ ڪري اها خواهش اڌوري رهي. 1997ع ۾ سندس 19 سالا عمر ۾ ڪوٽڙي ۾ شادي ٿي، سندس جنم 1978 ۾ ٿيو. پاڻ صبح کان رات دير تائين سماجي ڪمن ۾ مصروف هوندي آهي.

## سماج سڌارڪ سلميٰ قريشي

سانگهڙ جي سماجي دنيا ۾ سلميٰ قريشي جو وڏو نالو آهي. پاڻ پنهنجي ساٿي سماجي ورڪر عورتن سان گڏجي نہ صرف سماجي ڪم ڪري رهي آهي عورتن جي حقن لاءِ جدوجهد بہ ڪري رهي آهي. سانگهڙ جي ساڄاهہ وند حلقي ۾ سندس عزت احترام آهي پاڻ صبح کان شام تائين ڪم ڪارين وارن ماڻهن سان گڏ مختلف آفيسن ۾ انهن جا ڪم ڪاريون ڪرائڻ لاءِ سرگرم نظر ايندي آهي. 1970ع ۾ سانگهڙ جي هڪ آبادگار محمد يوسف جي گهر ۾ جنم وٺندڙ سلميٰ قريشي اڄان 5 درجا پاس ڪيا تہ سندس شادي سندس هڪ رشتيدار عاشق علي سان ٿي ان وقت سندس عمر 12 سال کن مس هئي جڏهن مائيٽن جي گهران پرڻجي ساهرن جي گهر وئي جتي سندس سارا هہ آزاد خيال جا نہ هئا هو پراڻي زماني جي خيالن جا هئا جن جي نظر ۾ عورتن کي تعليم ڏياري نوڪري ڪرائڻ عورتن جو ٻاهر نڪرڻ ضرورت وقت پردي سان ٻاهر نڪرڻ عورتن کي ٻار ڄڻڻ جي فيڪٽري سمجهڻ. عورت سان غلام وارو ورتاءُ ڪرڻ وارو رجحان هو سلميٰ قريشي ننڍي هوندي کان ذهين آزاد خيال ادبي ڪتاب، اخبارون، پڙهڻ سان شوق رکندڙ هئي. جنهن ڪري هن تزليل برداشت ڪرڻ بجاءِ هن انهن ريتن رسمن خلاف بغاوت ڪئي ۽ پاڻ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مڙس ۽ ان جي





والدين جي مرضي خلاف اسڪول ۾ داخلا ورتي تہ انهن مخالفت ڪئي پر هن ڪنهن جي نہ ٻڌي تہ مٿس تشدد ٿيڻ لڳو.پر هن تعليم جاري رکي ڏهہ 10 درجا پاس ڪرڻ بعد هن هم خيال عورتن سان سماج جي ڪٽ ڪاڙل ٻي سود ريتن رسمن خلاف بغاوت ڪندي عورتن تي ٿيندڙ ظلم زيادتين خلاف مهاڏو اٽڪائيڻ انهن جي قانوني مدد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان تي عمل ڪيو هن ۽ سندس ساٿ ۾ سهيلين جڏهن سماجي ڪم ڪرڻ لاءِ گهر کان ٻاهر قدم رکيو تہ انهن تي بہ گهر وارن سندن مخالفت ڪئي ۽ هنن تي گهر ۾ تشدد ڪيو ويو تہ هنن قانوني مدد ورتي ان بعد هنن تي تشدد تہ بند ٿيو پر هنن جي خاص طور سلميٰ قريشي جي گهر ۾ روزانہ جهڙا معمول بڻجي ويا. سندس اهڙي سماج سڌارڪ عمل جي مخالفت جاري رهي پر هن همٿ هارڻ بجاءِ ان ڪم کي وڌايو ۽ ٻيون هم خيال عورتون پاڻ سان شامل ڪيون. سلميٰ سماج جي ڪٽ ڪاڙل ريتن رسمن ۽ عورتن تي ٿيندڙ ظلم زيادتين خلاف نڪتي تہ اڪيلي سر ڪاروان وڌندو ويو. سلميٰ قريشي هڪ قدم اڳتي وڌي سانگهڙ ۾ هڪ ئي وقت ڪيترائي سلائي ڪڙهائي جا سينٽر کوليا جتي عورتن کي سلائي ڪڙهائي سيکارڻ سان گڏ اتي ايندڙ عورتن کي عورتن جي حقن بابت ڄاڻ لاءِ ڪلاس شروع ڪيا. ۽ ڪين ظلم زيادتين جو مقابلو ڪرڻ قانوني مدد وٺڻ لاءِ همٿايو. ان جو بهتر نتيجو نڪتو ڪافي عورتن ۾ شعور وڌيو ۽ اهي بہ سندس ڪاروان ۾ شامل ٿي ويون. بعد ۾ 2004ع ۾ سيپن جي مشوري سان هن عورتن جي ڀلائي جاگرتا آڻڻ ۽ هٿ جي هنرن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هڪ تنظيم قائم ڪئي ۽ ان پليٽ فارم تي عورتن جي حقن عورتن تي ٿيندڙ ظلم زيادتين خلاف قانوني مدد ڪرڻ بند پيل اسڪول کولرائيڻ لاءِ جدوجهد اڳ کان وڌيڪ تيز ڪئي ڪم ڪارن لاءِ ايندڙ ماڻهن خاص طور عورتن جا هن وٽ ميڙا مچڻ لڳا ۽ پاڻ سجو ڏينهن ماڻهن جي مسئلن لاءِ پيادي مختلف آفيسن ۾ نظر ايندي آهي پاڻ ڪيترن ئي غريب شاگرديائڻين جن وٽ داخلا، امتحاني فيسون نہ هونديون آهن. انهن کي مخير حضرات کان وٺرائي ڏيندي آهي يا معاف ڪرائي ڏيندي آهي. سلميٰ قريشي ننڍي عمر جي نياڻي جي شادي بدي جا سنگ واري روايت خلاف بہ جوجهد ڪندي رهي آهي. جن عورتن کي طلاقن بعد حق مهر نہ ٿو ڏنو وڃي اها وٺرائي ڏيڻ لاءِ بہ سندس شاندار جدوجهد رهي آهي. هر عيد تي بيواهہ. يتيم، معذور عورتن کي ڪپڙا عيد جي خرچي مخيئر حضرات کان وٺي ورهائيندي رهي آهي. ڪنهن غريب سان ڪو بااثر يا پوليس زيادتي ڪندا آهن تہ سلميٰ قريشي انهن مظلومن ماڻهن

ڪي انصاف ڏيارڻ لاءِ هر طرح سان ڪوشش ڪندي آهي. سندس خواهش آهي تہ سانگهڙ جي عورتن لاءِ انڊسٽريل زون قائم ٿئي. پاڻ ڪيترن ئي غريبن جي گهرن جي علائقي جي مخير حضرات جي سهڪار سان ڪفاليت ڪري ٿي سندس ساٿ ۾ پين ڪانسواءِ بختاور چانڊيو عشرت جهان گجر، نسرين راجپوت، شهناز آرائين، زبيده ملاح، ميڊم فرحت، نسرين چانڊيو. ناهيد، سيما اڪرم، نسيم قائمخاني، ۽ پيون آهن. سلميٰ قريشي ميونسپل ڪميٽي سانگهڙ ۾ عورتن جي مخصوص سيٽ تي ڪائونسلر پڻ چونڊي آهي. پاڻ سڄي حياتي سماجي ڪمن ۾ گذاري آهي سانگهڙ ضلع جا آفيسر بہ ڪيس عزت جي نگاهہ سان ڏسندا آهن.

## علم جي روشني پکيڙيندڙ غلام مصطفيٰ نظاماڻي ۽ ميڊم نورالنساءَ نظاماڻي

علم روشني آهي، علم سان سڄاڳي اچي ٿي، علم بنا انسان اکين جي هوندي بي نور "انڌي" مثل آهي. علم جي لاءِ حضرت محمد مصطفيٰ صہ جن جي حديث آهي تہ "علم حاصل ڪريو پينگهي کان قبر تائين، پوءِ ڇو نہ اوهان کي علم حاصل ڪرڻ لاءِ چين وڃڻو پوي." تاريخ گواهہ آهي تہ قومن جو عروج دارومدار تعليم تي آهي، ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ جنهن قوم کي تباهہ ڪرڻو آهي ان سان جنگ ڪرڻ بجاءِ تعليم کسيو تہ هو پاڻ تباهہ ٿي ويندا. دنيا 21 صدي ۾ هلي رهي آهي. سڌريل ملڪن ۾ تعليمي معيار ۽ نظام کي بهتر کان بهتر بنايو پيو وڃي. تعليم ۾ وقت جي حساب سان جدت آندي پئي وڃي، ليڪن ماضي ۾ سنڌ جتي تعليمي ادارا تمام گهٽ هئا، انهن مان 90 سيڪڙو کان بہ وڌيڪ تعليمي ادارا مخير حضرات پنهنجي خرچ تي هلائي رهيا هئا. سفري سهولتون نہ هئڻ ڪري شاگرد وڏا ڪشالا ڪڍي سفر ڪري اتي علم جي اڃ ختم ڪرڻ لاءِ ويندا هئا. ان وقت سنڌ ۾ تعليم جي وڏي بول بالا هئي، ماضي جا مدرسہ ۽ اهي تعليمي ادارا ان جا گواهہ آهن. ليڪن اڄ سنڌ جو تعليمي نظام ۽ معيار ڏينهون ڏينهن خراب کان خراب ٿيندو وڃي. جڏهن تہ هر ڳوٺ، واهڻ وستي ۾ پرائمري اسڪول آهن، وڏن ڳوٺن ۾ هاءِ اسڪول ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول آهن. هر شهر ۾ ڪاليج آهي، سنڌ ۾ يونيورسٽين جو تعداد وڌندو رهي ٿو. عاليشان تعليمي ادارن جون بلڊنگون جديد ليب، ليڪن تعليمي معيار ۽ نظام ڏينهون ڏينهن خراب ۽ هاڻ سرڪاري تعليمي ادارن ۾ بهترين تعليم هڪ خواب وانگر آهي، اها الڳ ڳالهہ آهي تہ سنڌ ۾ 2 سيڪڙو اچا بہ اهڙا تعليمي ادارا آهن جتي هيڊ ماستر علم دوست آهن. باقي تعليمي ادارن جو ڪم لهي ويو آهي، جنهن صوبي جي تعليمي ادارن جا استاد ويزا تي وڃن، گهر ويٺي پگهارون کڻن، هڪ تعليم جي بجيٽ نہ هئڻ برابر، پيو ان ۾ ڪرپشن، سي ايم سي فنڊن ۾ رڪارڊ ٽوڙ ڪرپشن، آفيسر ڪميشن وٺندا هجن، جنهن صوبي ۾ هر دور ۾ سنڌ جي وڏي وزير ۽ صوبائي تعليم جي تعليمي نظام بهتر بنائڻ ۽ ڪرپشن ڪندڙن خلاف ڪارروائي جا اعلان هوا ۾ اڏامي وڃن اتي بهتر تعليم جي ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي ۽ اهڙيون شڪايتون مسلسل ميڊيا تي اچڻ جي باوجود ڪابہ ڪارروائي نہ ٿي ٿئي. 30 سال اڳ پرائيويٽ تعليمي ادارن جو تصور نہ هو، پر جڏهن سرڪاري تعليمي ادارن جا حال هيٺا ٿيڻ لڳا تہ سنڌ ۾ پرائيويٽ اسڪولن جو بنياد پيو، جيڪو تيزي سان وڌندو رهي ٿو، ڪي جي کان يونيورسٽين تائين پرائيويٽ تعليمي ادارا کوليل آهن، پرائيويٽ تعليمي ادارا قائم ڪندڙن ۾ 2 الڳ خيالن وارا آهن، هڪڙا اهي علم دوست ماڻهو آهن جيڪي گذرسفر سان گڏ خدمت سمجهن، هڪ طبقو اهو جيڪو صرف ۽ صرف ڪاروبار ۽ ڪاروباري طور تعليمي ادارا هلائي رهيا آهن. گذر سفر ۽ خدمت طور تعليمي ادارا هلائيندڙ طبقو تمام گهٽ نظر اچي رهيو آهي. خدمت ۽ گذرسفر واري سوچ ۽ جذبي تحت تعليمي ادارو هلائيندڙن ۾ ماضي ۾ قوم پرست سياست جو ڳڙهہ رهندڙ ڳوٺ باقر خان نظاماڻي جي نوجوان غلام مصطفيٰ نظاماڻي ۽ سندس جيون ساٿياڻي ميڊم نورالنساءَ نظاماڻي سهڻي ميهار جي شهر شهدادپور ۾ پيراگن اسڪول جي نالي سان هلائي رهيا آهن. هي زال مڙس زميندار ۽ بااثر خاندان سان تعلق رکن ٿا، هي چاهين ها تہ وڏيون نوڪريون بہ وٺي پئي سگهيا، پر هنن خدمت ۽ گذر سفر واري جذبي تحت پيراگن اسڪول شهدادپور ۾ قائم ڪيو، بعد ۾ شاهپورچاڪر، ٽنڊو آدم ۾ بہ قائم ڪيو. سندن خواهش آهي تہ اهڙا تعليمي ادارا سنڌ جي هر شهر ۾ قائم ڪن. هنن اسڪولن ۾ فلحال ڪي جي کان وٺي ڏهين ڪلاس تائين تعليم ڏني وڃي ٿي. هنن اسڪولن ۾ پڙهائي جو طريقہ ڪار پين پرائيويٽ اسڪولن کان مختلف آهي. عام طور تي پرائيويٽ تعليمي ادارا گهٽ ۽ پوسٽ واري ماحول ۾ هلندا آهن ۽ راند روند لاءِ گرائونڊ نہ ڪلاس هوادار پر پيراگن اسڪولن جي اها خاصيت آهي تہ ڪلاس روم ويڪرا، هوادار، راند روند لاءِ ڪلاسن سامهون ننڍڙو گرائونڊ ۽ سئمنگ پول پڻ آهن. شهدادپور ۾ هي اسڪول ٽن عمارتن ۾ هلي رهيو آهي،

ٻين اسڪولن جي اها روايت رهي آهي تہ اڪثر تعليمي ادارن ۾ شاگردن کي انگريزي سبق رٽايا وڃن ٿا، پر هتي ائين نہ آهي هن اداري جو هر شاگرد هڪٻئي کان ذهين آهي، هتي هر شاگرد کي تقرير ڪرڻ جو فن سيکاريو وڃي ٿو، شاگردن کي ٻاراٽيون ڪهاڻيون لکڻ، شاعري ڪرڻ، مضمون لکڻ بہ سيکاريا وڃن ٿا ۽ اهو شايد پهريون مثال آهي. ٻارن ۾ خود اعتمادي پيدا ڪئي وڃي ٿي، 6 ڪان ڏهين ڪلاس جي شاگردن کي صحافت سيکاري وڃي ٿي، جنهن ۾ خبر لکڻ، هيڊنگون ٺاهڻ، آرٽيڪل لکڻ شامل آهن. پيراگن اسڪولن ۾ وقت بہ وقت مختلف ڏهاڙا ملهايا وڃن ٿا، ڪڏهن رنگن جو ڏينهن، ڪڏهن والدين جو ڏينهن، ڪڏهن ثقافت جو ڏينهن، ان سان گڏ عيد ميلادالنبي صہ، جشن آزادي جو ڏينهن، تعليم جو ڏينهن ۽ ٻيا ڏينهن ملهايا وڃن ٿا، جن جو مقصد ٻارن ۾ غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺرائڻ، ڪين تقريرون ڪرائڻ بہ شامل آهي. رنگن واري ڏينهن تي ٻار خود ماڊل ٺاهي اچن ٿا، جڏهن تہ هتي مختلف عنوانن تي شاگردن ۾ تحريري مقابلا بہ ڪرايا وڃن ٿا. امتحان سٺي پوزيشن ۾ حاصل ڪندڙ شاگردن کي انعام ۽ ڪپ ڏنا وڃن ٿا. هن اسڪول جو 3 ڪلاس ۽ ان کان مٿين ڪلاسن ۾ پڙهندڙ شاگرد هر موضوع تي پاڻ مرادو انگريزي، سنڌي، اردو ۾ تقريرون ڪن ٿا. جڏهن تہ هر هفتي ۾ هڪ ڏينهن ٽيچرس کي تعليمي ماهرن کان پڙهائڻ جي ٽريننگ ڏياري وڃي ٿي. ان ۾ ڪراچي، اسلام آباد، لاهور ۽ ٻين علائقن جي ناميارن ٽريننگ ڏيندڙن کي گهرايو وڃي ٿو. والدين سان وقت بہ وقت گڏجاڻيون ڪري انهن کان رايا ورتا وڃن ٿا، ٻارن کي معلوماتي دورا ڪرايا وڃن ٿا، جڏهن تہ هتي ٽيچرس کي هن علائقي جي ٻين پرائيويٽ اسڪولن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پگهارون ڏنيون وڃن ٿيون. شاگردن کان مناسب فيون ورتيون وڃن ٿيون. پيراگن اسڪولس جو اهو قانون آهي تہ ٻارن کي عام ماسترن وانگر مارڻ، دڙڪا ڏيڻ بجاءِ پيار محبت سان سمجهايو وڃي، پڙهڻ ۾ گهٽ دلچسپي رکندڙ شاگردن جي لاءِ بہ اهڙو ماحول آهي جو اهڙن شاگردن ۾ خود بہ خود پڙهڻ جو رجحان وڌي ٿو. هتي ٻارن کي ڊرائينگ بہ سيکاري وڃي ٿي، شاگردن جا نصابي ڪتاب تعليم جي جديد تقاضائن موجب تيار ڪيل آهن. ٻين اسڪولن مان جن بہ پڙهائي ۾ ڄڏا شاگرد داخل ڪيا وڃن ٿا، انهن کي شروع کان پڙهائڻ بجاءِ انهي ڪلاس ۾ پڙهايو وڃي ٿو جنهن ۾ هو ڪنهن اسڪول مان ڇڏي آيا آهن. ان لاءِ الڳ شعبو قائم ڪيل آهي، هتي والدين لاءِ جديد تعليم و تربيت جي متعلق ورڪشاپ ڪرايا وڃن ٿا. ٻارن جي نفسيات





موجب ڪلاس روم سيٽ اپ بنايو ويو آهي، پيراگن اسڪولس جو اهو نعرو آهي تہ تعليم جو مطلب صرف پڙهڻ، ياد ڪرڻ، امتحان وٺڻ نہ آهي پر سٺي تعليم جو مقصد سکڻ آهي، غلام مصطفيٰ نظاماڻي، پيراگن اسڪولس جو ڊائريڪٽر آهي، سندس وني ميڊم نور النساءَ نظاماڻي پرنسپل آهي، دعا آهي تہ غلام مصطفيٰ نظاماڻي جو پيراگن اسڪولس جا ڪيمپس اسڪول سنڌ جي هر شهر ۾ قائم ٿين. دعا آهي تہ غلام مصطفيٰ نظاماڻي جي سوچ جهڙا ٻيا بہ علم دوست ميدان ۾ اچن ۽ سڄي سنڌ ۾ پيراگن اسڪولس جهڙا اسڪول قائم ٿين، جن جو مقصد ڳڏر سفر سان گڏ خدمت بہ هجي. غلام مصطفيٰ نظاماڻي ۽ سندس وني نور النساءَ نظاماڻي ادب دوست پڻ آهن.

## ٽهڪن جو بادشاهہ ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي

شهدادپور هالا روڊ تي ڳوٺ الهہ بچايو خاصخيلي ۾ هڪ غريب هاري رحمت الله خاصخيلي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي جا ٽهڪ، مهمان نوازي، غريب دوستن سان هر طرح سان ڀلايون ڪرڻ، غريبن جي مدد ڪرڻ جي حوالي سان مشهور آهي. ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي شاگردي دور ۾ وڏو ڪامريڊ رهيو آهي. ۽ نوڪري ۾ اچڻ بعد سياست ۾ نہ هئڻ جي باوجود بہ ڪامريڊ سڏجي ٿو. پاڻ 56-01-12 تي جنم ورتو. پرائمري تعليم حاجي خاصخيلي جي ڳوٺ واري پرائمري اسڪول مان ڇهين ڪان ڏهين تائين گورنمنٽ ميونسپل هاءِ اسڪول مان، فرسٽ ايئر انٽر گورنمنٽ سچل ڪاليج نواب شاهہ مان ايم بي بي ايس لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري مان پاس ڪيو. گورنمنٽ سچل ڪاليج نواب شاهہ ۾ پهتو تہ ان وقت سپاف ضلع نواب شاهہ جو صدر علي اڪبر خاصخيلي سان سندس دوستي ٿي وئي ۽ پاڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياست ۽ شخصيت کان متاثر ٿي. سپاف ۾ شامل ٿيو. انهي سال سچل ڪاليج جي شاگرد يونين جو بنا مقابلي جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو. انهن ڏينهن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو وزير اعظم جي حيثيت سان نواب شاهہ پهتو تہ ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي کي شاگرد واري وفد ۾ شامل ڪيو ويو. اهڙي ريت سندس ذوالفقار علي ڀٽو سان پهرين ملاقات ٿي. ۽ ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي ڀٽو صاحب کي سچل ڪاليج جا مسئلا ٻڌايا. جن ۾ هاسٽل، مسجد، ڪاليج جو ڪمپائونڊ وال، شاگردن لاءِ رنگين ٽي وي، فون، پي سي او بہ شامل هئا ۽ ذوالفقار علي ڀٽو اهي مسئلا دلچسپي سان ٻڌا ۽ فوري طور حل ڪيا. ٿوري وقت بعد ان وقت جو سنڌ جو

وڏو وزير ممتاز علي ڀٽو بہ نواب شاھہ آيو تہ اھو بہ شاگرد يونين جي اڳواڻن سان مليو. ان ۾ بہ ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي باقين ڪجهہ رهيل ننڍا ننڍا مسئلا ٻڌايا. ۽ ان دور ۾ ڪاليج ۾ جيئي سنڌ جي اڳواڻن پاران ڪنهن مسئلي تي ڏنڊي جي زور تي شهر بند ڪرائڻ جي الزام ۾ 10 ڪان وڌيڪ جيئي سنڌ جا اڳواڻ جن ۾ ڏاڏو متارو بہ شامل هو. اهي جيل واڙيا ويا هئا. ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي ممتاز ڀٽو کي چئي انهن کي بہ آزاد ڪرايو.

77ع ۾ پاڻ انٽر ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن حاصل ڪري ايل ايم سي ڄامشورو ۾ ايم بي بي ايس ۾ داخلا ورتي ۽ اتي پهرين سال ڪلاس ليڊر چونڊيو ويو. 85ع ۾ ڊاڪٽر آرگنائيزيشن ايل ايم سي ڄامشورو جو بنا مقابلي نائب صدر چونڊيو. ان دوران سندس ملاقات جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي اڳواڻ سيد شاھہ محمد شاھہ سان ڏاڏو متارو ڏاهري معرفت ٿي. ڏاڏو متارو سنڌ يونيورسٽي ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو اڳواڻ هو ۽ ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي سان گڏ انٽرنيشنل هاسٽل ۾ رهندو هو. سيد شاھہ محمد شاھہ سان پهرين ملاقات بعد سندس مسلسل ملاقاتون ٿينديون رهيون. انهن ڪچهرين ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي کي قوم پرست سياست ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪيو ۽ پاڻ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شامل ٿيو. ايل ايم سي ۾ پڙهڻ دوران پاڻ باقائده جيئي سنڌ جي تمام سرگرمين ۾ حصو ورتو. 79ع ۾ جڏهن جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي وئي تہ جيئي سنڌ آرگنائيزيشن نالي نئون گروپ وجود ۾ آيو. جنهن جو چيئرمين فقير رحمت الله هيسباڻي ٿيو. ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي ۽ ڏاڏو متارو بہ ان گروپ ۾ شامل ٿيا. جيئي سنڌ جو اهو گروپ جيئي سنڌ ڪڙتالي گروپ جي نالي سان مشهور ٿيو. ڪڙتالي گروپ جو نالو پوڻ جو ڪارڻ اهو هو تہ بنا سوچ بنا سمجهہ جي فيصلا ڪري فوري عمل ڪيو ويندو هو ۽ شاگردن جا مسئلا ڳالهين ذريعي حل ڪرائڻ بجاءِ ڏنڊي جي زور تي حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي، 82ع ۾ ايم بي بي ايس فائنل ڪري هائوس جاب ڄامشورو حيدرآباد ۾ ڪيو. 90ع ۾ گورنمنٽ جاب مليس پهرين پوسٽنگ لوڻ ڪاڻ ۾ اسڪول هيلٿ ايجوڪيشن پروجيڪٽ ۾ ٿيس ان بعد مختلف اسپتالن ۾ ميڊيڪل آفيسر طور رهيو. جن ۾ معروف ڏاهري، پوليس ٽريننگ ڪاليج شهدادپور، تعلقہ اسپتال شهدادپور، سول اسپتال مٺي، انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس ۾ سينيئر ميڊيڪل آفيسر طور ڪم ڪيو آهي. سرڪاري جاب ۾ اچڻ بعد سياست ڇڏي ڏني ۽ سماجي ڪم شروع ڪيا. ايم آر ڊي





تحريڪن ۾ بہ ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي جو ڪردار رهيو. 4 اپريل تي سندس شادي هالا ۾ ٿي تہ ان ڏينهن ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهي ڏني وئي ۽ سندس شادي غمي ۾ تبديل ٿي وئي. پاڻ سياست ڇڏي سماجي خدمت ڪرڻ شروع ڪئي تہ سماج سڌارڪ طور سڃاڻپ لڳو. غريب مريضن کي هڙان وڙان دوائون وٺي ڏيڻ، ٽيسٽون ڪرائڻ، ايڪسري ڪرائڻ، غريب ماڻهن جي نياڻين جي شادين ۾ انهن جي مدد ڪرڻ، غريب شاگردن جي مدد ڪئي. دوستن جي غمين ۽ خوشين ۾ وقت تي پهچڻ وارو رهيو آهي. 77ع ۾ دادو ضلع جي ٻن واقفڪارن ماڻهن جن کي هڪ ڪيس ۾ ڦاسي جي سزا ٻڌائي وئي هن انهن جي مدد ڪندي ذوالفقار مرزا معرفت بهترين وڪيل ڪري ڪيس ٻيهر اٿلرايو ۽ انهن جي ڦاسي جي سزا ختم ٿي. سندس زندگي جو وڏو ڏک ڊاڪٽر هئڻ جي باوجود والده جو صحيح نموني علاج نہ ڪرڻ وارو آهي. پاڻ صوفيانہ راڳ جو شوقين آهي. سندس چوڻ آهي تہ راڳ ويراڳ روح جي غذا آهي. ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي جو اهو بہ ڪردار رهيو آهي تہ ڪنهن غريب تي ڪو ظلم ڪيو، ڪا ناانصافي ڪئي تہ هي پنهنجي طور ان غريب جي هر طرح سان مدد ڪئي. رٽائرڊ ٿيڻ بعد سياست ۾ حصو وٺي سياست ذريعي عوام جي خدمت ڪرڻ چاهي ٿو. سندس چوڻ آهي تہ سياسي پارٽين ۾ قيادت جي کوٽ آهي. عوام جي خدمت جي دعويٰ تہ سڀ پارٽين وارا ڪن ٿا پر حقيقت ۾ صحيح معنيٰ ۾ ڪوبہ خدمت نہ ڪري رهيو آهي. ڊاڪٽر الهڏنو خاصخيلي جي آئيڊيل شخصيت شهيد ذوالفقار علي ڀٽو آهي. سندس خواهش آهي تہ رٽائر ٿيڻ بعد پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ هڪ خيراتي اسپتال کوليان. ڪيس هڪ پٽ شهزاد خاصخيلي ۽ 5 نياڻيون آهن.

## عوام جي خدمت کي عبادت سمجهندڙ ڊاڪٽر خالد حسين فراش

هن معاشري ۾ مختلف سوچ رکندڙ ماڻهو رهن ٿا. هڪڙا ٻين جي دل آزاري ڪندي خوشي محسوس ڪندا آهن، هڪڙا دولت گڏ ڪندي خوشي محسوس ڪن ٿا تہ هڪڙا وري ٻين جا مسئلا حل ڪندي خوشي محسوس ڪن ٿا. ٻين جا مسئلا حل ڪندي خوشي محسوس ڪندڙن ۾ اهڙن جيءَ جيارن پيارن ماڻهن ۾ ڊاڪٽر خالد حسين فراش بہ هڪ آهي. هالا کان نيو سعيد آباد ويندي هالا کان 6 ڪلوميٽر پري نيشنل هاءِ وي کان ويجهو ڳوٺ سلطان فراش ۾ پنهنجي دور جي مشهور تعليمي شخصيت مثالي استاد حاجي خضر خان فراش جي گهر ۾ 22-2-1966 تي جنم ورتو، پرائمري تعليم

پنهنجي ڳوٺ ۾ ڇهين کان ڏهين ڪلاس تائين گورنمينٽ مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول مان فرسٽ ايئر انٽر گورنمينٽ اسلاميه سروري ڪاليج مان، ايم بي بي ايس، ايل ايم سي ڄامشورو مان 1992ع ۾ ميڊيسن ۽ سرجري ۾ هائوس جاب ڪيو. 2003ع ۾ جاب ملڻ ۽ پاڻ مختلف اسپتالن ۾ ڊاڪٽر رهيو آهي، هاڻ هيلٿ سينٽر جهول ۾ ڊاڪٽر آهي. پاڻ T.B ساهه جي بيمارين وارا مريض ڏسي ٿو. ڊاڪٽر خالد حسين فراش ننڍي هوندي کان سماجي ڪمن ۾ ڀين جي خدمت ڪندو رهي ٿو. پاڻ وليج ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن ڳوٺ سلطان فراش جو جنرل سيڪريٽري آهي، ان تنظيم ۾ مختلف عهدن تي رهيو آهي. پاڻ ڪافي عرصي کان هالا ۾ رهي ٿو، ليڪن پنهنجي ڳوٺ سان سندس پيار آهي، پاڻ اتي ترقياتي ڪمن لاءِ هر دور ۾ ڪوششون ڪندو رهيو آهي. سندس ڪوشش سان مخدوم امين فهيم، مخدوم رفيق الزمان، مخدوم جميل الزمان جي ڪوٽا مان مختلف دورن ۾ بجلي، روڊ، مڊل اسڪول، ناليون، نهرايون آهن، جڏهن ته سندن ڳوٺاڻي تنظيم جي معرفت واٽر سپلاءِ ۽ ناليون نهرايون آهن. ڊاڪٽر خالد حسين فراش بهترين حقيقي مسيحا جهڙو ڪردار ادا ڪري ٿو بهترين عوام دوست ڊاڪٽر سان گڏ پاڻ سماج سڌارڪ شخصيت آهي. نه صرف ڳوٺ پر علائقي جي ڪنهن به غريب ماڻهو سان، پوليس يا بااثر يا ڪولچ لوفر زيادتي ڪندو آهي ته ڊاڪٽر فراش انهن غريب ماڻهن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ هر طرح سان هر سطح تي ڪوششون ڪندو آهي. علائقي جي غريب ماڻهن جا ننڍا وڏا ذاتي نوعيت جا مسئلا به حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ خرچ پاڙو پنهنجي کيسي مان ڪندو آهي ۽ ڪيترن ئي غريب ماڻهن جا ڪم ڪاريون ڪرائي ڪين ماني به پاڻ ڪارائيندو آهي ۽ ڪنهن وٽ واپسي جو ڪرايو نه هوندو آهي ته ڪين ڪرايو به ڏيندو آهي. اڄ جي افراتفري واري دور ۾ اڄ جي ماده پرست دور ۾ هر ڪو پاڻ ٺاهڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي، اتي ڊاڪٽر خالد حسين فراش جهڙو ڪردار ادا ڪندڙ هزارن ۾ هڪ هوندو ۽ ڊاڪٽر خالد حسين فراش يقينن لطيف سائين جي ان شعر جي عڪاسي ڪري ٿو ته:

روزا نمازون اي پڻ چڱو ڪم،
اهو ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسين پرين کي.

پيو فهم يقين ماڻهن جي خدمت ڪرڻ آهي. ڊاڪٽر خالد حسين فراش جو اهو ڪردار به ساراهڻ جوڳو آهي ته علائقي اوڙي پاڙي وارا اگر ڪيس رات جو آڌي جو به ڪنهن مريض جي لاءِ اٿارين ٿا ته پاڻ بروقت اتي





انهن سان سندن گهرن تي وڃي ٿو، علائقي جي انتهائي غريب ماڻهن کان في به نه وٺندو آهي. ڪجهه غريبن کي دوائون به کيسي مان وٺي ڏيندو آهي. ڪيترن ئي غريب شاگردن جي مدد به ڪندو رهيو آهي. شاگردي دور ۾ ڪرڪيٽ، ڪٻڊي راند جو بهترين رانديگر هو، جڏهن ته گورنمينٽ غلام حيدر هاءِ اسڪول ۾ ڪٻڊي ڪلب جو ڪپتان هو. سنڌ ليول تي هاءِ اسڪول جي ڪٻڊي ٽيمن پاران ٽينڊڙ آل سنڌ ڪٻڊي ٽورناميٽ ۾ هاءِ اسڪول جي ٽيم ڪاميابي ماڻي ۽ ڪپ حاصل ڪيو.

ڊاڪٽر خالد فراش جو لطيف جي راڳ سان ننڍي هوندي کان وڏو چاهه آهي. شاگردي دؤر کان تقريباً هر جمعي تي درگاهه تي ويندو رهي ٿو ۽ لطيف سائين ۽ لطيف سائين جي راڳ بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ لطيف جي شاعري ۽ راڳ جي ڄاڻو فقير شير محمد نظاماڻي سان سندس ڳوٺ وڃي ڪچهريون ڪندو آهي. زندگي ۾ ڪيترائي عشق ڪيا، ليڪن انهن سان وفا نه ڪري سگهيو، انهن سان شادين ۾ رڪاوٽ سندس والد هو، جيڪو ڏارين ۽ پيار جي شادي ۾ راضي نه هو، ليڪن جنهن سان آخري عشق ڪيو، والد کي راضي ڪري ان سان شادي ڪئي، سندس لو ميرج ۾ والدين ان ڪري راضي نه هئا جو سندس گهر واري جا والدين غريب هئا.

کيس 3 پٽ شهريار خالد، خدايار خالد، شهزاد خالد، 4 نياڻيون سنا خالد، ماهه خالد، ماهين خالد، لاريب خالد آهن. ۽ ڊاڪٽر خالد خوش مزاج انسان آهي. وٽس ايندڙ مريض سندس خوش مزاجي جي ڪري اڌ ٺيڪ ٿي وڃن ٿا. پاڻ بهترين ڊاڪٽر آهي، سرڪاري اسپتال ۾ هجي يا پرائيويٽ ۾ هر مريض کي بهترين انداز سان چڪاس ڪري ٿو، ان ڪري وٽس مريضن جي رش هوندي آهي. پاڻ تقريباً اخبارون شوق سان پڙهي ٿو، خبرن جون رڳو سرخيون نه پر ڪالم سڀ پڙهندو آهي. 24 ڪلاڪن ۾ ڪيس ٻارن سان گڏ گذارڻ وارو وقت سٺو لڳندو آهي. ٽي وي تي به خبرون ۽ حالات حاضرا وارا پروگرام ڏسندو آهي، سندس خواهش آهي ته گهر ڀاتين سميت پهرين عمرو ڪري بعد ۾ حج جي سعادت حاصل ڪري.

سندس آئيڊيل ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان آهي. ڊاڪٽر خالد فراش جو چوڻ آهي ته ڊاڪٽر رفيق الزمان بيباڪ انسان آهي، ڪنهن کي به ڪوڙو آسرو نه ڏيندو آهي، سندس وس ۾ ڪم ڪرڻ نه هوندو ته جواب ڏيندو آهي. شايد سندس اهڙو رويو ڪنهن کي نه وڻندو هجي، پر هر بااصول انسان کي سندس اهڙو رويو پسند آهي. ڊاڪٽر خالد فراش شاگردي واري دور ۾

مختلف موضوع تي مضمون لکندو بہ هو.

سندس لکڻيون مختلف ميگزينن ۾ شايع بہ ٿيون، ڊاڪٽر خالد حسين فراش جي اها بہ روايت رهي آهي تہ مهل تي دوستن تي سر بہ ڏيڻ کان نہ کيٻائيندڙ، هڪ مخلص، سچار، ڪچهرين جو ڪوڏيو، هر موضوع تي بهترين انداز ۾ ڳالهائيندڙ، بيباڪ ڪنهن کان بہ نہ ڊڄندڙ آهي. دعا آهي سدائين خوش رهي.

## جهول جو جاکوڙي ڪردار مسڪين محمد وارث خاصخيلي

مسڪين جهان خان کوسو ٿر جي وڏي سماجي شخصيت هو، هن بنا لالچ عوام جي خدمت عبادت سمجهي ڪئي هو ننگر پارڪر مان سال ۾ ڪيترائي ڀيرا حيدرآباد، ميرپورخاص عام ماڻهن جا ڪم ڪاريون مسئلا کڻي ايندو هو هفتن جا هفتا ويهي حل ڪرائي پوءِ واپس ويندو هو، ان زماني ۾ ٿر پارڪر ۽ ميرپورخاص گڏيل ضلعو هو، هيڊ ڪوارٽر ميرپورخاص ۾ هو، مسڪين جهان خان کوسو ڪير سڏائي! اهڙو سماج سڌارڪ وري پيدا نہ ٿيندو پر ان جي ڪم کي ڀڏي سنڌ ۾ ڪيتريون سماجي شخصيتون سندس نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن، انهن ۾ جهول جو مسڪين محمد وارث خاصخيلي بہ هڪ آهي، جنهن مسڪين محمد وارث جنهن کي مسڪين جهان خان کوسو جو تسلسل سڏي سگهجي ٿو،مسڪين جهان خان کوسو کان متاثر ٿي پنهنجي نالي آڏو تخلص مسڪين لڳايو ۽ پاڻ ان نالي سان مشهور آهي.پاڻ غريب ايريگشن جي ٽنڊيل جو پٽ، خود غريب ماستر ۽ سندس پٽ بي روزگار پر پنهنجي مسئلن ڏانهن توجهہ ڏيڻ بجاءِ علائقي جي غريب ماڻهن جا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪندي نظر ايندو آهي، علائقي يا ڪٿي ضلعي ۾ ڪنهن غريب سان ڪو بااثر ماڻهو، پوليس ناجائزي ڪرڻ جو ڀڏندي متاثرين وٽ پهچي ڪين انصاف ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، باهمت جرئتمند اهڙو جو غلط ڳالهہ ڪندڙ بااثر ماڻهو هجي يا ڪو وڏو آفيسر پر چئبو سچ! ماضي ۾ جڏهن ڪمشنرن، ڊي آءِ جيز، ڊي سيز، ايس ايس پيز جون علائقي ۾ کليل ڪچهريون ٿينديون هيون تہ مقامي انتظاميہ انهن کليل ڪچهرين ۾ مسڪين محمد وارث کي ڏسي پريشان ٿي ويندي هئي ۽ ڪيس هلڪو هٿ رکڻ لاءِ منٿ ڪندا هئا پر مسڪين حرام ڪومڙي سچ چوڻ کان! علائقي ۾ ٿيندڙ ترقياتي ڪمن ۾ ڪرپشن، بدامني، سرڪاري اسپتالن مان عوام کي لاڀ نہ ملڻ ۽ ٻيون اهڙيون شڪايتون ۽ لوڪل مسئلا







دليرانہ انداز سان پيش ڪندو رهيو آهي، سچ چوڻ ڪري ڪافي ڏکيا ڏينهن بہ ڏسندو رهي ٿو پر سچ چوڻ کان مڙي اصل نہ ٿو، دوستن، مٺ مائٽن کي بہ چئبو منهن تي سچ پوءِ ڪير ڪاوڙجي يا خوش ٿئي، پاڻ ڪجهہ سال اڳ صحافت شروع ڪندي اخبار جو رپورٽر بہ ٿيو هو، پر سچ ايترو لکڻ لڳو جو اها ڳالهہ ڀين تہ ٿهيو پر ڪجهہ صحافين کي بہ نہ وڻي ان ڪري اخبار جي رپورٽري مان هٿ ڪڍيائين پاڻ علائقي جو مشهور سماج سڌارڪ، بهترين ليکڪ بہ آهي، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ صحافي سنگت سوڏو ڪيترن ئي سماجي، ثقافتي، ادبي تنظيم جو عهديدار ۽ ميمبر بہ رهيو آهي ۽ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ٻين دوستن جي شاعري کي ٻڌندي ۽ شيخ اياز، حسن بخش شاهہ هادي، ابراهيم منشي، محمد خان مجيدي جي شاعري پڙهي کيس شاعري ڪرڻ جو شوق ٿيو، پاڻ ڪافي شاعري ڪئي ۽ ان کي ڪتابي صورت ڏيڻ جو سوچيو بہ پر 2011ع وارين برساتي ٻوڏن ۾ سندس گهر ٻڏڻ ڪري وٽس وڏي تعداد ۾ ادبي، تاريخي، اسلامي ڪتاب، شاعري جي مجموعن ۽ سندس مضمون ۽ شاعري ڇپيل اخبارون رسالا اڻ ڇپيل شاعري برسات جي ور چڙهي وئي، ان جو کيس افسوس آهي، پاڻ جهول جڳن کان نالي سان هڪ ڪتاب پيج پٽائي پبليڪيشن پاران ڇپايو جنهن ۾ جهول ۽ آسپاس جي ڳوٺن جي تاريخ، ماضي، حال پرپاسي جي تاريخي هنڌن، ولي الله زنده ۽ مري ويل مشهور صحافين، اديبن، شاعرن، استادن، معززين، سياسي، سماجي شخصيتن جا پروفائيل ۽ پنهنجي شعبن ۾ ڪيل خدمتن جو احوال هلايو، ڪافي اخبارن ۾ بہ مختلف موضوع تي مضمون ڇپيا آهن. پاڻ 1962ع ايريگيشن ۾ ٽنڊيل سندس والد محمد محمد عرف ڪارو جيڪو هر دلعزيز شخصيت غريب هئڻ جي باوجود وڏو مهمان نواز هو، ان جي گهر ۾ جنم ورتو مسڪين محمد وارث خاصخلي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي خواهش رکڻ جي باوجود صرف مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪري سگهيو، 1992ع ۾ ماستر ٿيو، ڊيوٽي بہ پابندي سان ڪري ان بعد آرام ڪرڻ بجاءِ ڊائري کڻي ڪار يا موٽر سائيڪل تي چڙهي يا پيادو علائقي ۾ چڪر هڻندو دوستن ۽ عام ماڻهن سان ملندو. پاڻ اوپرا تنظيم ۾ ميمبر ۽ بعد ۾ رابطہ سيڪريٽري بعد ۾ يو ڊي سي قائم ڪري سافڪو ۾ شامل ٿيو، يو ڊي سي جو صدر بہ آهي، اوپرا جي پليٽ فارم تان بند پيل اسڪول کولرائڻ، مختلف ڳوٺن ۾ ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ، وڻ پوکڻ، سافڪو ۾ ننڍين قرضن ذريعي بي روزگارن کي روزگار سان لڳائڻ، ڳوٺن ۾ رستو، پاڻي جا نلڪا، ڪني پاڻي جي نيڪال ماڻهن کي ديسي

طريقن سان پاڻي فلٽر ڪرڻ جي سکيا ڏيڻ، اسڪولن جي مئنجمينٽ ۾ تعلقہ سنجهورو، ڄام نواز علي ۾ سماجي تنظيمون ڪولرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، غريب آبادگارن کي مفت ۾ ٻج پاڻ بہ ڏيارڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو، پاڻ پنهنجي غريباڻي اوطاق ڳوٺ ڇپرلو نزد جهول ۾ سياري ۾ مڇ ڪچهريون مچائي ٿو پر مختلف ڳوٺن ۾ وڃي اتي سنڌ جي هن قديم ثقافت روايت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪندي اتي مڇ ڪچهريون ڪرائي ٿو. علائقي ۾ قدرتي آفتن ٻوڏ، باهہ ۾ ٻين ۾ متاثرين جي امداد لاءِ آفيسرن ۾ اين جي اوز وٽ جتيون گسائي آخر انهن غريبن جي امداد ڪرائڻ ۾ ڪڏهن ڪامياب ڪڏهن ناڪام وڃي ٿو، ناڪام ٿيڻ جي صورت ۾ مايوس نہ ٿو ٿئي، علائقي جي هر دور جي اقتداري ڌرين کي بہ عوام جي خدمت نہ ڪرڻ عوام ڪان لاتعلق رهڻ تي پريل ڪچهرين، ڪاڄن، تعزيتن تي ڪين واڪا ڪري وڏي وات سچ چوڻ ڪري انهن جون ناراضگيون بہ ڪٽي ٿو جڏهن نادرا قائم ٿي تہ هن ڳوٺن ۾ وڃي ماڻهن ۾ شناختي ڪارڊ نهرائڻ لاءِ جاڳرتا پيدا ڪئي، شروع وارن ڏينهن ۾ فوٽو نادرا آفيس ۾ نہ پر ٻاهران ڪيرائي اڇٽا پوندا هئا پاڻ ڪئميرا وٺي نہ نفعو نہ نقصان جي بنيادن تي ماڻهن جا نہ صرف فوٽو ڪڍيا پر رضاڪارانہ طور فارم ڀري ڏنا، سندس اهڙي ڪوشش سان هزارين ماڻهن جا شناختي ڪارڊ نهيا، علائقي ۾ يا اخبارن ۾ ضلعي ۾ ڪٿي بہ چوپايو مال جي بيماري بابت خبر پڙهندي درخواستون لکي ڊي سي ۾ اينيمل هسبينڊري وارن کي ڏٽي ويڪسئين ڪرائيندو رهي ٿو سندس ڪوشش سان ڪافي ڳوٺن ۾ ميڊيڪل ڪئمپ بہ لڳيون آهن.

سندس ڳوٺ ۾ غريب بيمار ٿيندو تہ سندس غريباڻي ڪار تيل، سي اين جي سميت حاضر هوندي آهي نہ صرف ايترو پر انهن کي اسپتالن ۾ داخل ڪرائڻ ۾ بہ ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي، يارن جو يار اهي ولي الله سان عقيدت رکي ٿو، سچي سنڌ ۾ لڳندڙ ميلن، ملاڪڙن ۾ شريڪ ٿئي ٿو، علائقي ۾ جڏهن ڪتا وڏي ويندا آهن تہ بلديہ وارن کي درخواستون ڏئي ڪتا مار مهم هلائي ٿو، جڏهن مچر وڏي وڃن ٿا تہ ان خلاف صحت کاتي وارن وٽ شڪايتون ڪري اسپري ڪرائي ٿو، ڪنهن سان نانصافي ٿيندي ڏسي ٿو يا ٻڌي ٿو تہ انهن متاثرين جي هر طرح مدد ڪري ٿو، جڏهن ايف ايم 92 ٽنڊو آدم جو خصوصي رپورٽر هو تہ نہ صرف جهول، سنجهورو پر پوري ضلعي جي مسئلن کي اٿاريو، ماڻهن سان ٿيندڙ زيادتين تي آواز اٿاريو، پيچ پٽائي ميگزين، سروري ميگزين ۾ بہ خصوصي مددگار رهيو آهي پاڻ ڪجهہ وقت ڪان





بيمار آهي، ڊاڪٽرن پاران آرام جو مشورو ڏيڻ جي باوجود اسڪول ۾ ڊيوٽي ٽائيم ڪانپوءِ ڪار ڪيڏي دوستن وٽ ضرور ويندو. ۽ سماجي ڪم جاري رکندو اچي.

## تعليمي شخصيت عبدالغفار راجپوت

شهدادپور جي مشهور تعليمي شخصيتن ۾ عبدالغفار راجپوت بہ هڪ آهي. پاڻ فقير منش، يارن جو يار غريبن جو همدرد غريب شاگردن جي مدد ڪندڙ پنهنجي اولاد کي تعليم نہ ڏياريندڙن وٽ پهچي تعليم جي فائدن بابت آگاهہ ڪري کين پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيارڻ تي راضي ڪرڻ طور سڃاتو وڃي ٿو. سندس اهڙي عمل جي ڪري کيس ساڃاهہ وند ماڻهو سٺي نظر سان ڏسن ٿا. عبدالغفار راجپوت 9-1-1959 تي شهدادپور ويجهو يوسي ملدسي جي ڳوٺ جمان ۾ بشير احمد راجپوت جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس والد انڊيا جي ضلع ڪرنال جي ڳوٺ گوند ۾ جنم ورتو. 10 سالن جو هو تہ پاڪستان ۾ آيو ۽ ان دوران ٿيل جهيڙن جي ڪري پاڻ پنهنجي ٻين مٽ مائٽن سان گڏ پاڪستان پهتو ۽ ڳوٺ جمان ۾ اچي هارپو ڪيو ۽ هن پنهنجي پٽ عبدالغفار راجپوت کي پيٽ سان پٽر ٻڌي واري چوٽي موجب پڙهايو. عبدالغفار راجپوت ايم اي، ايم ايڊ ڪرڻ بعد 77ع ۾ پرائمري ٽيچر ٿيو ۽ مختلف اسڪولن ۾ ٽيچر طور رهيو سندس پڙهائڻ جو عمل شاگردن سان شفقت وارو رويو رکڻ جي حوالي سان مشهور ٿيو. 88ع ۾ مسجد اسڪول جو سپروائيزر ٿيو. 92ع ۾ تعليم کاتي جو سپروائيزر 97ع ۾ ايس ڊي او ٽنڊو آدم. 2000ع ۾ گورنمنٽ هاءِ اسڪول عالم زرداري ۾ هيڊ ماستر. 2003ع ۾ ڄام نواز علي خان ۾ ايس ڊي اي او. 2005ع ۾ ايس ڊي اي او سنجهورو، بعد ۾ گورنمنٽ ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادپور ۾ هيڊ ماستر. 2007ع ۾ ڊي او هائر سيڪنڊري اسڪول ٿيو. ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادپور ۾ غير نصابي سرگرمين کي زور وٺرايو ۽ عالم زرداري ۽ شهدادپور هاءِ اسڪول ۾ تعليمي معيار کي بهتر بنايو. سندس ڪوشش سان ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادپور کي ان وقت جي وزير تعليم عبدالسلام ٿهيم پاران ڪمپيوٽر ليب مليو. واسطيدار حڪام سان ۽ علائقي جي ايم پي اي سان ملاقاتون ڪري هن ئي اسڪول کي چوديواري ڏياري زبون حالي اسڪول جي عمارت جي مرمت ڪرائي. خوبصورت گيٽ ٺهرايو. پاڻ سٽي ناظم ڪراچي مصطفيٰ ڪمال کي اسڪول جو دورو ڪرايو جنهن اسڪول جي ماحول ۽ نظام تعليمي معيار ڪان متاثر ٿي اسڪول لاءِ 15

ڪمپيوٽر ڏنا. عبدالغفار راجپوت جي ڪوشش سان هن اسڪول ۾ پراڻن شاگردن جن ۾ ڪافي وڏن عهدن تي وينا آهن انهن جي اعزاز ۾ وڏي دعوت ڪئي. ڪين يادگار شيلڊون ڏنيون. مختلف سب ڊويزنن ۾ ايس ڊي او رهڻ دوران ۽ ڊي او رهندي گوسڙو استادن کي ڊيوٽي جو پابند بنايو. ٽاڪس فورس جي سربراهه جي حيثيت سان گهر ويٺي پگهار کڻندڙ ڪافي استادن ۽ پٽيوالو جن کي ڪافي دفعا وارننگ ڏيڻ جي باوجود هو ڊيوٽي نه ڪرڻ لڳا ته ڪين نوڪري مان فارغ ڪيو. ڊي او هائر سيڪنڊري سانگهڙ جي حيثيت سان گسٽا وارن سان گڏجاڻيون ڪري استادن کي ڊيوٽي جي پابند ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ان جا بهتر نتيجا به سامهون آيا. سندس ڪوشش سان اسڪولن ۾ غير نصابي سرگرميون ٿيڻ شروع ٿيون. عبدالغفار راجپوت تعليم جي ڪرندڙ معيار ۽ بگڙيل نظام جون ذميوار والدين ۽ استادن کي قرار ڏئي ٿو سندس چوڻ آهي ته جڏهن استاد ۽ والدين پنهنجو بهتر ڪردار ادا ڪندا ته تعليمي خو به خود بهتر ٿي ويندو. عبدالغفار راجپوت ڊسپينسر جو ڪورس به مشهور ڊاڪٽر فقير حسين پناڻ وٽ ڪيو. ۽ ڪافي سالن تائين بهترين پريڪٽس به ڪئي هن جي دعويٰ آهي ته هن وٽ عرق النساء، اکين جي بيمارين، قبضي ۽ پيٽ بيمارين جا ديسي نسخا آهن. ۽ سندس اهو ديسي علاج هن وقت تائين ڪامياب ويو آهي ۽ وڏي تعداد ۾ مريض صحتياب ٿيا آهن. پاڻ غريب ماڻهن جو فري ۾ علاج ڪندو رهيو، سندس استادن ۾ استاد عطا الله راجپوت، آل نبي، فدا حسين انصاري، محمد انور گجر، سندس آئيڊيل شخصيتن ۾ پير صاحب پاڳارو، شهيد راڻي بينظير ڀٽو آهن. فنڪارن ۾ عابده پروين، لتا منگيشڪر، وحيد علي پسند آهن. پسند جي گيتن ۾ "پيار ڪيا تو ڊرنا ڪيا شامل آهن سنڌي گيتن ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي ياد ۾ احمد مغل جو ڳايل "سنڌ جي نياڻي، نياڻي نماڻي سنڌ کي روئاڙي هلي وئي، فلمن ۾ اوتار فلم پسند اٿس. ننڍي هوندي ڪٻڊي، والي بال راند رهندو هو. تعليم ڪاتي ۾ پاڻ عبيدالله جتوئي سابق ڊائريڪٽر، مولا بخش قريشي سابق ڊي اي او تعليم، کي رهنمائي طور مڃي ٿو، سندس چوڻ آهي ته هن زندگي ۾ هڪڙو ئي عشق ڪيو. پر جنهن سان عشق ڪيو اها ڇوڪري سندس برادري جي نه هئڻ ڪري برادري جي ريتن رسمن ۾ جڪڙيل هئڻ ڪري ان کي جيون ساٿي نه بنائي سگهيو. سندس 2 شاديون آهن پهرين مان اولاد نه آهي، ٻي مان ڪيس اولاد آهي. چنبيلي جو گل وڻي ٿو ان جو سبب اهو ٻڌائي ٿو ته سندس گهر واري جو نالو ياسمين آهي سندس زندگي جو وڏي کان وڏو ڏک سندس والده جي وفات آهي. سندس چوڻ آهي ته والده جي دعائن







جي ڪري غريب جو ٻار هئڻ جي باوجود هن ڪرسي تي آهيان. عبدالغفار راجپوت جي شخصيت کي هر سياسي پارٽين وارو پسند ڪري ٿو. شايد ان جو ڪارڻ اهو آهي ته هي سنجيده نيت جو صاف، اصولن جو پابند ۽ پنهنجي ڊيوٽي ايمانداري سان نڀائي ٿو. پاڻ غريب شاگردن جي مدد به ڪندو رهيو آهي.

## ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ حبيب الله خاصخيلي

مشهور نوجوان سماج سڌارڪ حبيب الله خاصخيلي 29 ڊسمبر 1974ع تي شهداپور تعلقي جي تاريخي ڳوٺ ملدسي ۾ حاجي خاصخيلي جي گهر ۾ جنم ورتو، پرائمري ۽ ڇهين کان 8 ڪلاس تائين تعليم ملدسي ۾، نائين، ڏهين گورنمينٽ هاءِ اسڪول باقر خان نظاماڻي ۾، فرسٽ ايئر ۽ انٽر گورنمينٽ سروري ڪاليج هالا مان، گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي. ننڍي هوندي کان ذهين سماجي ڪمن سان دلچسپي رکندو هو، ۽ ڪيس ادب فن ثقافت سان گهري دلچسپي رهي، اسان جڏهن ملدسي ۾ نور آرٽ ڪلچرل ويلفئر اڪيڊمي پاران ثقافتي پروگرام ڪرائيندا هئاسين ته ننڍي ڄمار جو حبيب الله ئي هو جيڪو اسان سان ڪم ڪارين ۾ ڀرپور انداز ۾ مدد ڪرائيندو هو. ننڍي هوندي حساس دل رکندڙ ڪنهن جو ڏک درد ڏسي نه سگهندو هو، پاڻ سرڪاري نوڪري لاءِ ڪوشش ڪرڻ بجاءِ عوام جي خدمت ڪرڻ واري جذبي تحت اين جي اوز جي دنيا کي اهميت ڏيندي 2003ع ۾ ڊيوَ کان شهدادپور ۾ اسڪول ڊولپمينٽ ڪوآرڊينيٽر طور مقرر ڪيو ويو، بعد ۾ انڊس روس سينٽر خيرپور ميرس ۾ مانيٽرنگ آفيسر، روٽ ورڪ فائونڊيشن بلوچستان ۾ 9 ضلعن جو پروگرام ڊولپمنٽ ڪوآرڊينٽر رهيو، هي پروجيڪٽ ڇوڪرين جي تعليم جي واڌاري، عورتن تي تشدد جي خاتمي جو هو، جڏهن ته پاڻ يو ايس آءِ ڊي جي تعليم واري پروجيڪٽ جو ضلع مئنيجر به رهيو. ٽرڊيپ ۾ تعليم جي ماهر طور عمرڪوٽ، دادو، ٿرپارڪر ۾ ڪم ڪيو. ان پروجيڪٽ جو مقصد ٻارن کي جبري پورهئي متعلق سجاڳي ڏيڻ هو، هن پنهنجي ذهانت سان ان پروجيڪٽ کي بهتر انداز ۾ هلايو. ڪجهه سال پاڻ شاگردن ۾ خاص طور شاگرديائڻين ۾ راند روند جو رجحان پيدا ڪرڻ، راندين ذريعي ٻارن جي ذهني ترقي لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ بين الاقوامي اداري رائيٽ ٽو پلي لاءِ سانگهڙ ضلعي ۾ مئنيجر طور مقرر ٿيو، ڪيس جيڪي ذميواريون ڏنيون ويون، اهي نڀايون. سڄي سنڌ ۾ سندس ڪارڪردگي بهترين رهي. خيرپورميرس ۾ انڊس

ريورس ۾ تعليم تي ڪم ڪيو، ان سان ڪافي شاگردن ۾ تعليم جي حوالي سان بهتري آئي، استادن کي تربيت ڏني، رائيٽ ٽو پلي ضلعي سانگهڙ پاران هن ڇوڪرين جي 60 اسڪولن جي شاگرديائڻين ۾ زندگي گذارڻ جي مهارت خود اعتمادي وڌائڻ لاءِ پڻ ڪم ڪيو. پاڻ پنهنجي ڳوٺ ملدسي ۾ خدمت واري جذبي تحت نہ نفعو نہ نقصان جي بنياد تي پرائيوٽ اسڪول ڪافي سالن تائين هلايو، ان اسڪول تي گهران بہ خرچ ڪيو پر اسڪول مسلسل خساري ۾ وڃڻ ڪري بند ڪرڻو پيو.

حبيب الله خاصخيلي جون تعليم جي حوالي سان وڏيون خدمتون آهن، پاڻ سنڌ ۾ تعليم تباهہ ٿيڻ، تعليمي معيار ڏينهون ڏينهن ڪري پوڻ تي باقاعده ريسرچ ڪئي، تعليم تي ڪم ڪندڙ اين جي اوز جي ماڻهن کي رضاڪارانہ طور تعليم بابت تربيت ڏيندو رهيو آهي. حبيب الله خاصخيلي جو ادب سان ننڍي هوندي کان شوق رهيو آهي، پاڻ بهترين ليکڪ بہ آهي. پاڻ ننڍي هوندي کان اڄ تائين هر موضوع جي ڪتابن جو گهرائي سان مطالعو ڪندو رهي ٿو. پاڻ مختلف شخصن جون بايوگرافيز شوق سان پڙهندو آهي. اخبارن ۾ عام خبرون گهٽ سياسي، سماجي آرٽيڪل باقائدگي سان پڙهي ٿو. سندس شادي ارينج ميرج آهي، سندس گهرواري لکيل پڙهيل آهي. پاڻ پريم پرٽي کي بهتر فيصلو قرار ڏي ٿو، سندس چوڻ آهي تہ زندگي جا فيصلا ڪرڻ هر ماڻهو جو مذهبي قانوني اخلاقي حق آهي، قبائلي جهيڙن تي ڪيس تشويش آهي، سندس چوڻ آهي تہ ان سان معاشري کي پٿر جي دور ۾ وٺي وڃون پيا. ان جي سببن بابت سندس اڪثر اها راءِ آهي تہ جاگيردار، وڏيرا، سردار پنهنجي طاقت کي وڃائڻ نہ ٿا چاهين، اهي جهڳڙا، ڪاروڪاري سندن معاشي مسئلا آهن. ان جو حل صرف تعليم ئي آهي.

حبيب الله خاصخيلي کي آمريڪا جو ليکڪ اسٽيفن وڏيڪ پسند آهي، کيس ”پر اثر لوگون ڪي سات عادات“ ڪتاب پسند آهي. سندس چوڻ آهي تہ ان ڪتاب ۾ سٺي زندگي گذارڻ ۾ مدد ملي ٿي، سندس چوڻ آهي تہ هو جيڪو بہ ڪجهہ آهي سليمان صديقي ۽ عباس چن جي ڪري آهي، انهن سان ملاقاتن، ڪچهرين زندگي بدلائي ڇڏي، اهي ٻئي شخصيتون خدمت واري جذبي تحت تعليمي ادارا هلائين ٿا. حبيب الله خاصخيلي تعليم بابت دنيا جا چونڊ ڪتاب پڙهيا آهن. پاڻ پنهنجي لکڻين ۾ تعليم ۽ معاشرتي خرابين کي فوڪس ڪندو رهيو آهي، سندس سوين آرٽيڪل مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيا آهن، جن ۾ تعليم، صحت، ڪاروڪاري، جاگيردارانہ نظام، قبائلي جهيڙن کان





وٺي ملڪ جي بنيادي مسئلن تي هوندا آهن. سندس وڏيڪ آرٽيڪل ڪاوش، سنڌ ايڪسپريس، دي فنانس، عوامي آواز، دي ليڊر، ڊان، دي نيوز ۽ ٻين اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. سندس خاص طور تعليم تي لکڻيون پراثر هونديون آهن، سندس خواهش آهي ۽ ڪوشش آهي تہ تعليم جي حوالي سان اهڙا ڪتاب ڇپرائجن جيڪي هيڊ ماسترن جي رهنمائي لاءِ هجن، پاڻ ان حوالي سان هڪ ڪتاب لکي پيو. حبيب الله خاصخيلي ٽرڊيپ پاران ٻارڙن جي رسالي ڦل واڙي جو ايڊيٽر پڻ رهيو، ان ميگزين لاءِ سنڌ جي ڏاهي محمد ابراهيم جويو جو چوڻ هو تہ اڄ تائين سنڌ ۾ ٻارن لاءِ اهڙو مگزين شايع نہ ٿيو آهي. پاڻ ٽر ديپ ۾ رهڻ دوران ڪيترائي ملڪ وزٽ ڪيا، پاڻ بنگلاديش ۾ تعليمي ادارا وزٽ ڪري آيو، جنهن جو مقصد اهو هو تہ اتي گهٽ خرچ تي بهترين انداز ۾ هلندڙ تعليمي ادارن جي وزٽ ڪري اتان گهڻو ڪجهہ سکي آيو. جڏهن تہ پاڪستان جي تقريبن وڏن شهرن جا تعليمي ادارا وزٽ ڪيا آهن، سندس چوڻ آهي تہ بلوچستان جهڙي پسمانده صوبي ۾ تعليمي معيار ۽ نظام بهتر آهي، ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ بدترين تعليمي نظام ۽ معيار سنڌ ۾ آهي. هن جي ذهن ۾ سنڌ ۾ تعليمي نظام بهتر بنائڻ لاءِ هڪ جامع پلان آهي، جنهن سان تعليم تي ٿيندڙ خرچ اڌ کان بہ گهٽجي ويندو ۽ تعليمي نظام ۽ معيار بهتر ٿي ويندو. جڏهن خيرپور ۾ ڪم ڪري رهيو هو تہ پاڻ اين ايم اي سيد نفيسہ شاه سان ملاقات ڪري ڪيس پلان کان آگاهہ ڪيو ۽ ان جي معرفت سنڌ جي اڳوٽي وڏي وزير سيد قائم علي شاهہ، چيف سيڪريٽري، وزير تعليم تائين فائل پهچايو، ليڪن تعليم جي حوالي سان بهترين پلان جو فائل ٻين اهم فائلن وانگر المارين جو سينگار يا سمنڊ حوالي ٿيو، حالانڪ نفيسہ شاهہ ان پلان کي بهترين پلان قرار ڏنو. سندس چوڻ آهي تہ هڪ يا ٻن استادن وارا اسڪول بند ڪيا وڃن، هڪ يو سي ۾ پرائمري اسڪولن کي گڏي اهي هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر جي نگراني ۾ ڏنا وڃن، هر ضلعي ۾ تعليمي بورڊ جوڙيو وڃي. تعليمي يونيورسٽي ٽيچنگ جو ادارو قائم ڪيو وڃي، هر ڳوٺ واهڻ وستي ۾ اسڪول کولڻ بجاءِ هر يو سي هيڊ ڪوارٽر ۾ ايجوڪيشن ڪامپليڪس قائم ڪيو وڃي. يو سي جي ٻارن کي ٽرانسپورٽ جي مفت سهوليت ڏئي اتي پهچايو وڃي. ان سان مانيٽرنگ جو مسئلو بہ حل ٿيندو، ٻارن جي غير حاضري گهٽبي، هر ضلعي جو تعليمي بورڊ پنهنجو نصاب ناهيندو، هر ضلعي ۾ يونيورسٽي قائم ڪئي وڃي، جتي ان ضلعي جي شاگردن کي داخلا ڏني وڃي. حبيب الله خاصخيلي هن وقت ڪراچي ۾ تعليم تي ڪم ڪندڙ هڪ اداري ۾ ڪم ڪري پيو. پاڻ

هتي بہ ماضي وانگر تعليم جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي، مون کي اها خوشي آهي ۽ اهو اعزاز آهي تہ حبيب الله خاصخيلي منهنجي ڳوٺ جو آهي ۽ هڪ ننڍڙي ڳوٺ جو ۽ غريب هاري جو پٽ ٿي ڪري مسلسل جدوجهد ڪرڻ ملڪ ۽ قوم لاءِ بهترين ڪردار ادا ڪندي خاص طور تعليم جي واڌاري لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي، کيس 3 پٽ ڪميل حبيب، اذان حبيب، سبب حبيب آهن. سندس خواهش آهي تہ سندس اولاد سندس وانگر خدمت وارو جذبو رکي. کيس هالي ووڊ جون فلمون، صوفيانہ راڳ وڻندو آهي، کيس سچل سرمست جو ڪلام "جنهن دل پيتا عشق دا جام" بيحد وڻندو آهي. واندڪائي ۾ صوفيانہ موسيقي ٻڌندو آهي. سندس پسند جي فنڪارن ۾ سهراب فقير، فقير عبدالغفور، محمد جمن، استاد يوسف شامل آهن، کيس سهراب فقير جو ڳايل ڪلام "حق موجود سدا موجود" وڻندو آهي. غريب دوستن جي هر طرح سان مدد ڪندي خوشي محسوس ڪندو آهي، سندس پسند جا شاعر شاهہ لطيف، سچل سرمست، استاد بخاري، شيخ اياز، زاهد شيخ، حليم باغي آهن.

## سماج سڌارڪ ۽ مثالي شخصيت عزيز احمد ڪاڪا

تعلقو نيو سعيد آباد ضلع مٽياري جي ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا واري علائقي ۾ پرائمري استاد محمد قاسم ڪاڪا جو نالو سندس شاگرد جيڪي وڏن عهدن تي بہ پهتا عزت احترام سان وٺندا آهن، سندس پڙهائڻ جو طريقو بهترين پاڻ شفيق استاد هئا. سندس ڪوشش ۾ مدد سان ڪيترائي غريب شاگرد پڙهي سرڪاري نوڪري سان لڳا. استاد محمد قاسم ڪاڪا جي گهر ۾ 11 جولاءِ 1976ع تي عزيز احمد ڪاڪا جنم ورتو. والدين جي بهترين تربيت جي ڪري هو بہ والد وانگر اڄ مثالي استاد آهي، پاڻ نہ صرف بهترين ۽ مثالي استاد آهي پر سماج سڌارڪ بہ آهي. ٻين جي تڪليفن کي پنهنجي تڪليف سمجهي هر ممڪن انهن جي مدد ڪندو رهيو آهي. پاڻ پرائمري ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان سيڪنڊري گورنمينٽ مخدوم طالب المولىٰ هاءِ اسڪول مان فرسٽ ايئر انٽر گورنمينٽ اسلاميہ سروري ڪاليج مان ايم اي پوليٽيڪل سائينس ۾ سنڌ يونيورسٽي مان سي پي علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي مان جڏهن تہ ايل پي سي حيدرآباد مان ڊسپينسري جو ڪورس بہ ڪيو. 1998ع ۾ استاد جي انٽرويو ۾ پاس ٿي استاد ٿيا. 2008ع ۾ آئي بي ٽيسٽ ۾ پاس ٿي جي ايس ٽي طور مقرر ٿيا ۽ پاڻ گورنمينٽ مخدوم طالب المولىٰ هاءِ اسڪول پليڏنو ڪاڪا ۾ ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيا آهن، والد وانگر پاڻ بہ شفيق استاد پيرڊ ۾





اهڙي انداز سان پڙهائڻ جنهن سان شاگردن کي دلچسپي وڌي، هن اسڪول ۾ نياڻين جي ڪوايجوڪيشن تعليم آهي، پر اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي، نياڻين جي حوالي سان اهڙا پروگرام ڪرائيندو رهيو آهي، جو شاگرديائڻين جي بہ دلچسپي وڌي آهي، وڏي تعداد ۾ نياڻيون هاءِ اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪن ٿيون. عزيز احمد ڪاڪا نہ صرف بهترين استاد آهي پر سماج سڌارڪ بہ آهي، شاگردي دور کان سماجي خدمت واري جذبي سان سرشار آهي. پاڻ ڳوٺ سڌار سنگت پليڏنو ڪاڪا جي مختلف عهدن تي رهيو آهي ۽ سماجي خدمت ڪئي آهي. ليڪن 2009ع کان صدر ٿيندو آيو آهي، صدر هئڻ دوران پنهنجي تنظيمي عهديدارن ۽ ميمبر دوستن جا خاص طور محمد لقمان ڪاڪا، مدد علي ڪاڪا، حاجي محمد ڪاڪا، پلي ڏنو ڪاڪا، ارشاد علي ڪاڪا، ذوالفقار علي ڪاڪا، جاويد احمد ڪاڪا، حافظ نثار احمد ڪاڪا، وڏيرو جمال ڪاڪا، پروفيسر غلام مصطفيٰ ڪاڪا جي سهڪار سان نہ صرف پنهنجي ڳوٺ پر علائقي جي عوام جي خدمت ڪندو رهيو آهي. سروري ڪاڪا ڪوآرڊينش
ن جي پليٽ فارم تان حاجي مصري ڪاڪا جي سرپرستي ۾ ڪريم ڏنو ڪاڪا، ڊاڪٽر اي بي ڪاڪا، قادر بخش ڪاڪا، دوست علي ڪاڪا، الهہ ڏنو ڪاڪا، شان علي ڪاڪا، محمد خان ڪاڪا، علي شير ڪاڪا، محمد بخش ڪاڪا، پروفيسر غلام مصطفيٰ ڪاڪا، طارق ڪاڪا جي سهڪار سان سماجي ڪم ڪري ٿو، ايس ايس ايف ضلع مٽياري جي جنرل سيڪريٽري جي حيثيت سان غريب شاگردن جي مدد، شاگردن ۾ ڊبيٽ تقريرون ڪرڻ جو شوق جڳائيندو رهي ٿو. ليڪن ڳوٺ سڌار سنگت پلي ڏنو ڪاڪا جي پليٽ فارم تان وڏي ليول تي سماجي خدمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هر سال جشن عيدميلادالنبي ڪري سيرت نبوي بابت شاگردن کان تقريرون ۽ نعت خواني جا مقابلا بہ ڪرايا وڃن ٿا.

اسڪول جي پوزيشن هولڊر شاگردن جي همٿ افزائي لاءِ سندس اعزاز ۾ پروگرام ڪرايا وڃن ٿا. غريب شاگردن جي هر طرح مدد ڪئي وڃي ٿي. انهن جي فئن ڪاپين ۽ مالي مدد جي ڪري ڪافي غريب شاگرد پڙهن پيا. علائقي ۾ بند پيل اسڪولن کي کولائڻ لاءِ عزيز احمد ڪاڪا جو اهم ڪردار رهيو آهي. ٻار نہ پڙهائيندڙ والدين سان ملاقاتون ڪري کين ٻار پڙهائڻ لاءِ آماده ڪري ٿو، اگر غريب جي ڪري والدين ٻار نہ ٿا پڙهائين تہ انهن جي هر طرح سان تنظيم جي پليٽ فارم يا ذاتي طور تي مدد ڪري ٿو. سندس ڪوشش

سان علائقي جا بند پيل اسڪول کليا آهن، استادن جو ويزا تي وڃڻ وارو سلسلو بند ٿيو آهي. يا گهٽيو آهي. وڏيڪ تعليم حاصل ڪندڙ هن علائقي جا شاگرد جڏهن هالا يا حيدرآباد وڃن ٿا تہ اُتي رهائش جو وڏو مسئلو هوندو آهي، سندس ڪوشش سان اهي مسئلا حل ٿيا آهن، پاڻ آر ايچ سي ڪميٽي جو چيئرمين پڻ آهي، سندس ۽ سندس دوستن جي مدد سان هي اسپتال هڪ مثالي اسپتال بنيل آهي. ايمرجنسي ۾ تنظيم جي پليٽ فارم يا ذاتي طور رت جو انتظام ڪرڻ گاڏي ڪري هالا حيدرآباد جي اسپتالن ۾ مريضن کي پهچائڻ اُتي دوائون وغيره وٺي ڏيڻ غريب مريضن سان گڏ رهندڙن کي ماني وغيره لاءِ مالي مدد ڪرڻ جهڙوڪ سندس فرض ۾ شامل هجي، سندس ڪوشش سان تنظيم پاران اکين جي چڪاس ۽ آپريشن جون مُفت ڪئمپون لڳنديون رهن ٿيون. ٿيلسما جي مريضن لاءِ رت جون ڪئمپون بہ لڳرايون وڃن ٿيون. پوليو مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ بہ سندس شاندار ڪردار رهيو آهي. علائقي ۾ هيپاٽائٽس جي چڪاس ۽ علاج جون مُفت ڪئمپون مڇرمار اسپري مهم جي حوالي سان بہ ساٿين سان گڏ سندس ڪردار رهيو آهي. ڳوٺ پلي ڏنو ڪاڪا شايد سنڌ جي چند انهن ڳوٺن ۾ شامل آهي جتي مرڻي پرڻي لاءِ ڊيڪوريشن جو مُفت بندوبست ڪيو وڃي ٿو، تنظيم پاران محمد علي ڪميونٽي هال ٺهرايو ويو آهي. ڪميونٽي سينٽر کوليو ويو آهي، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران نياڻين جي تعليم لاءِ مڊل اسڪول کولرايو ويو آهي، سروري ڪاڪا ڪوآرڊينشن جي پليٽ فارم تان ماڻهن ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، چونڊيل نمائندن کان علائقي ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا وڃن ٿا، عزيز احمد ڪاڪا نظرياتي طور سنڌ پرست آهي، پر مخدوم خاندان سان روحاني لڳاءُ سروري جماعت جو هئڻ ڪري مخدوم خاندان سان هر سطح تي گڏ رهيو آهي. پاڻ بهترين مقرر بهترين اسٽيج سيڪريٽري بہ آهي. ادب سان سندس لڳاءُ رهيو آهي، پر علائقي جي شاگردن ۽ دوستن کي بہ ادب سان چاهہ وڌرائڻ ۾ سندس اهم ڪردار رهيو آهي. صوفيانہ راڳ ۽ انقلابي گيت شوق سان ٻڌندو آهي، شاهہ لطيف اُستاد بخاري، طالب المولىٰ، احمد خان مدهوش، شيخ اياز فنڪارن ۾ عابده پروين، صادق فقير، ضامن علي، سرمد سنڌي، شفيع فقير سندس پسنديده آهن. پاڻ مثالي استاد آهي، جڏهن بہ موڪل ڪندو آهي، تڏهن بہ هڪ پيرڊ وٺي پوءِ ويندو آهي. هن جون اهي بہ ڪوششون رهيون آهن تہ نيو سعيد آباد جي مختلف ڪاتن خاص طور تعليم ۾ جن آفيسرن جو بهترين ڪردار رهيو آهي. يا علائقي جي ماڻهن جي عوامي خدمتن تي سندس اعزاز ۾ تنظيم جي پليٽ





فارم تان شاندار آجياڻا ڏنا وڃن ٿا. تازو علائقي جي ٻن نوجوانن سيد منصور علي شاهہ ولد خليفو سيد علي اڪبر شاهہ جنهن زوالاجي ۾ ۽ نواب ڪاڪا جنهن سنڌي ۾ پي ايچ ڊي ڪئي، انهن جي اعزاز ۾ وڏو پروگرام ڪيو، ڪين اجرڪون ۽ شيلڊون بہ ڏنيون ويون، اهڙي عمل جو مقصد ٻين ماڻهن کي بہ همٿائڻ جي عزيز احمد ڪاڪا علائقي ۾ ڪيترو بهترين روايتون قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. لبرل سوچ رکندڙ نوجوان آهي.

## نوجوان سماجي ورڪر شهزاد خاصخيلي

شهدادپور جي چاڪي پاڙي جو شهزاد خاصخيلي جنهن کي پيار مان دلاور بہ چون پاڻ سماجي ڪمن ۾ پيش پيش نظر ايندو آهي. 16 نومبر 1976ع تي محمد حسين خاصخيلي جيڪو ادب دوست شخصيت ۽ ڊگري ڪاليج شهدادپور ۾ ڪلارڪ هو ان جي گهر ۾ جنم ورتو، شهزاد جي والده ماسي ساران شهدادپور جي سينيئر ترين، ذهين ٽيچر رهي آهي. شهزاد اڃان ننڍو هو تہ والد وفات ڪري ويو، شاگردي دور ۾ قومپرست پارٽي سان وابستہ ٿيو بعد ۾ پ پ ش پ سان مرتضىٰ ڀٽو جي شهادت بعد سياست ڇڏي سماجي ڪم شروع ڪيا، پاڻ سروري تنظيم شهدادپور سٽي جو جنرل سيڪريٽري پڻ آهي. ادب سان گهري دلچسپي رکي ٿو. اسلامي فقہ ۽ تاريخي ڪتاب دلچسپي سان پڙهي ٿو، ڪجهہ سال اڳ اخبارن ۾ آرٽيڪل بہ لکڻ شروع ڪيا پر ڪڙو سچ لکڻ ڪري اخبار وارن سندس آرٽيڪلن جو آپريشن ڪيو تہ لکڻ ڇڏي ڏنو، ڪنهن بہ ماڻهو جو ڪنهن آفيس ۾ ڪم ڦاٿل هجي پاڻ ڪوششون ڪري اهي مسئلا حل ڪرائيندو آهي. ماضي ۾ رضاڪارانہ طور بلڊ ڊونرز جي ننڍڙي سطح تي تنظيم بہ ٺاهي، هاڻ بہ پاڙي ۾ ڪنهن کي بہ مريض لاءِ رت جي ضرورت هوندي آهي ۽ رت ڪٿان نہ ملي تہ شهزاد ڪٿان نہ ڪٿان هٿ ڪري ڏيندو آهي، غريب مريضن کي اسپتالن ۾ داخل ڪرائيندو آهي، خود بي روزگار ۽ غريب هئڻ جي باوجود انهن جي مدد بہ ڪندو آهي. پاڙي جي غريب شاگردن کي ٽيوشن بہ ڏيندو آهي. شهر ۾ سماجي، علمي، ادبي، ثقافتي پروگرامن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ پروگرام ڪرڻ وارن جو ساٿ ڏيندو رهيو آهي.

# ماخذ

**هن ڪتاب جي تياري ۾ هيٺين ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن تان پڻ مدد ورتي وئي آهي .**


| | |
|---|---|
| 1. سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا جلد (1،2) اشفاق انصاري | |
| 2. سانگهڙ | محمد عثمان ڏيپلاڻي |
| 3. تاريخ ريگستان | رائچند هريحن |
| 4. ٿاڌ راجستان | لال چند هريجن |
| 5. تحفة الڪرام | مير علي شير فاتح |
| 6. منتخب التواريخ | مير علي شير فاتح |
| 7. سنڌي آيا سنڌ گهمڻ | تاج جويو |
| 8. سنڌ جون سون ورنيون دليون | پروفيسر عبدالستار بلوچ |
| 9. شير مير بحر | مولائي ملاح |
| 10.قديم سنڌ | شمس علماءِ مرزا قليچ بيگ |
| 11.سنڌي هندن جي تاريخ | پيرومل مهر چند آڏواڻي |
| 12.جنگ ناما | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ |
| 13. جهول جڳن ڪان مرتب | نور سنڌي، مسڪين محمد وارث خاصخيلي |
| 14.سنڌ جي تاريخ | ڊاڪٽر ميمڻ، عبدالحميد سنڌي |
| 15.تاريخ مٽياري | مقصود احمد قاضي |
| 16.فاني دنيا جا لافاني ماڻهو | حميد قاضي |
| 17.وياسي وينجهار | ممتاز مرزا |
| 18.انسانيت جو خدمتگار | پاويل جوڻيجو، نجم جوڻيجو |
| 19.تذڪره نفاحاڻي | پروفيسر عبدالجبار قاسم |
| 20.تاريخ سنڌ3 پاڱا، | مولوي نور محمد نضاماڻي، عبدالغني عبدالله، محمد صديق مسافر |
| 21.پارڪر پرڙو | ولي محمد ڪوسو |
| 22.پراڻو پارڪر | منگھارام |
| 23.حيدرآباد جو اڳيون اوج | حيب اا الرحمن مهراڻ (8) |
| 24.سنڌ ڪي چند قلعي | مهر ڪاڇيلوي |
| 25.ٽالپرن جي مختصر تاريخ | رحيم داد مولائي |
| 26.هسٽري آف سنڌ | مرزا قليچ بيگ |







| | |
|---|---|
| 27. تاريخ سنڌ جلد پهريون ڪلهوڙا دور غلام رسول مهر | سنڌي ادبي بورڊ |
| 28.ساڻيھ جا سينگار | خادم حسين چانڊيو |
| 29. علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي سنڌ ڪالم ۽ صحافي مرتب ڊاڪٽر قاضي خادم | |
| 30.هالا جا رنگ هزار | محمد حبيب سنائي |
| 31.لافاني جڳ لافاني ماڻهپو | حميد سبزوئي |

**رسالا:**

| | |
|---|---|
| 1. سروري مئگزين | مرتب نور سنڌي |
| 2. سرور سرهاڻ | مرتب نورسنڌي |
| 3. پيج پٽائي ميگزين | مرتب نور سنڌي |
| 4. سانگهڙ لائين مئگزين | مرتب نور سنڌي |
| 5. حضرت حسن بخش شاھ جيلاني سوينئر | مرتب نور سنڌي |
| 6. هفتوار سنڌو ڊائجيسٽ حيدرآباد | |

**اخبارون:**

| | |
|---|---|
| 1. روزانہ آفتاب حيدرآباد | شيخ علي محمد خصوصي ايڊيشن |
| 2. روزانہ اخبار عبرت حيدرآباد | |
| 3. روزانہ سنڌو اخبار حيدرآباد | |
| 4. روزانہ هلال پاڪستان، ڪراچي | |